جيجي



نصير مرزا



[مرتب]

نالو : نصير مرزا
پيدائش : 20هين جولاءِ 1955
پيدائش جو هنڌ : ٽنڊو ڏوڙهو، حيدرآباد سنڌ
ادبي ۽ فني حوالا : شاعر، نثرنگار، مرتب ۽ ڪمپيئر
موجوده منصب : پروگرام مئنيجر،
FM-101 ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد
تعليم : ايم.اي سنڌي، ايم. اي صحافت
(فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن)

ڇپيل ڪتاب:

- ڌرتيءَ جا تارا 1979ع ٻارن لاءِ شاعري
- خوشبوءِ جي سنگ سنگ 1980ع شعري مجموعو
- سفر من اندر 1985ع سفرنامو، ادبي خاڪا
- خيمي ۾ شام 2001ع مهاڳ، سفرنامو، خاڪا
- نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون 1992ع ڪهاڻيون، زندگي ۽ فن
- اڇو پکي واءُ ۾ 1997ع مرتب ڪيل
(حفيظ شيخ جون ڪهاڻيون)
- سامي سج وڙاءُ 1998ع شيخ اياز: فن ۽ شخصيت
- سُهڻو پاڻ سڏائي ويا 2005ع ممتاز مرزا: فن ۽ شخصيت
- ڇهه ڇهه پٽسا ۾ ۾ پايون 2006ع ڪشنچند بيوس جي
ٻارن لاءِ شاعري، مرتب ڪيل
- ٽي نه سگهيس شاعر 2006ع شعري مجموعو
- شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ 2006ع شخصيت ۽ خدمتون (اردوءَ ۾)
- جيجي 2006ع مرتب ڪيل،
جيجي زرينه بلوچ: فن ۽ شخصيت

اعزاز : ميمبر سنڌي ادبي بورڊ (1997-2001)
وابستگي : - جوائنٽ سيڪريٽري،
حضرت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي رحم فائونديشن، سنڌ
- جوائنٽ سيڪريٽري، شيخ اياز فائونديشن، سنڌ
- 1997ع کان پٽ شاهه ثقافتي مرڪز لاءِ
ثقافتي پروگرامن جو اسٽيج سيڪريٽري
ڏس پتو : گهر نمبر-1338، ٽنڊو ڏوڙهو، حيدرآباد

— موهن مدهوش

جيجي

[زرينہ بلوچ ۔ شخصيت ۽ فن]

مرتب

نصير مرزا

بانهن ٻيلي

اياز لطيف پليجو

جيجي زرينہ بلوچ اڪيڈمي
ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد ۔ 2006ع

كويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ـ 22

ڪتاب جو نالو : جيجي (واليوم ـ 1)
موضوع : زرينہ بلوچ ـ شخصيت ۽ فن
مرتب : نصير مرزا
ٻوليون : سنڌي، اردو ۽ انگريزي
ٻانهن ٻيلي : ©اياز لطيف پليجو
لي آئوٽ : فقير محمد ڏول
ڇاپو : ڦيرون، 2006ع
[جيجي جي ڦيرين ورسيءَ جي موقعي تي]
تعداد : 1000 (هڪ هزار)
ٽائٽل : موهن مدهوش
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ : جميل پيرزادو ۽ سعدالله پٽو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ : احمد سولنگي
پيسٽنگ : عبدالسلام پٽو
ڇپائيندڙ : اياز لطيف پليجو ۽ ياران جيجي زرينہ بلوچ اڪيڈمي
ڇپيندڙ : القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي
پبلشر : ڪويتا پبليڪيشن، 9 ـ ربي چيمبر، حيدرچوڪ، حيدرآباد
Cell: 0333-2607541
مُلهہ : 400 روپيا

JEEJEE

[Zarina Baloch: Profile & Contribution]

Compiled by:
Naseer Mirza
H.No. 1338, Mirza Paro, Tando Thoro, Hyd.
Tel: 022-3642245

Co-compiler:
Ayaz Latif Palijo
Mob: 0300-3063471, 0321-3005853

Edition: First
Year: 2006
Quantity: 1000
Title: Mohan Madhosh
Published by: Jeejee Zarina Baloch Academy
B-48, Prince Town, CA, Hyderabad. Tel: 022-2651947
Kavita Publication, Hyderchowk, Hyderabad.
Printed by: Al-Qadir Press, Karachi.

Price: Rs. 400-00

نصير مرزا

جيجي



رُجُن مِر رَژ ژِي، كرَ كوئل جي كُوكَ،
وِلوَلو ءِ وُوكَ، اِيءَ تان آهي عِشقَ جِي.

شاھ

زرينہ.... تون ئي تہ آهين، جنهن قوم کي جيئي سنڌ جهڙو لازوال گيت ڏنو. تنهنجي فن، سچ ۽ ايمان کي ئي محسوس ڪري، آمريڪا، پارت، انگلينڊ ۽ دبئي جي سنڌين توکي سنڌ جو سونو نقشو گلي ۾ ميدل طور پارايو. جو تنهنجي دل جي ڏاڪي تي لڏي رهيو آهي. جڏهن تنهنجي دل تي اهو نقشو لڏندي ڏسندي آهين، تڏهن لڳندو آهي تہ سنڌ حرڪت ۾ آهي، سنڌ برڪت ۾ آهي.

خيرالنساءِ جعفري

• ارپنا

جيجي زرينہ بلوچ جِي فڪري وارث



سائنڻ اختر بلوچ

جي نالي

مرنداسين تہ مِٽيءَ مان پنهنجي قُٽندا سُرخ گلاب.
ڪِڙندا ٽِڙندا جن ۾ پنهنجا بسنت رُت جا خواب.
ـ اياز

نصير مرزا •

[مرتب]



جوڙ ـ سجوڙ

جيڪڏهن انهن قوم دوست سنڌي ماڻهن جي ننڍڙي لست ناهجي، جن هر حال ۾ مارڳ نه مٽايو، ڪنهن ٻي طرف لوٽو ڪونه هنيو، پڇتايو ڪونه، ڏنا ڪونه، ٽڪا ڪونه، وينا ڪونه ـ انهن ۾ زرينه بلوچ جو نالو پهرين نالن ۾ شامل هوندو.

دراصل سندس نالو ويهين صديءَ جي پوئين اڌ صديءَ جي سنڌ جي قومي تحريڪ جي ثقافتي سرواٽن جي فهرست ۾ مٽان ئي مٽان نظر ايندو. زرينه جيڏي تمام مقبول ۽ نرالي سنڌي قومي ۽ انقلابي فنڪاره هئي. اهڙي ئي هڪڙي بهادر ۽ جاکوڙي قومي ڪارڪن ۽ هڪڙو پَلو، گهٽ طرفو، سچو ۽ شاندار سنڌي ماڻهو پڻ هئي، جنهن سنڌ جي هن دور جي قومي جدوجهد جي تاريخ تي نه مٽجندڙ نشان ڇڏيا آهن. پويان ايندڙن لاءِ هڪڙي چٽي، روشن واٽ گهڙي ڇڏي آهي. مون کي، سنڌي قوم کي، ۽ هن خطي جي سمورن مظلوم ماڻهن کي زرينه بلوچ تي فخر آهي.

رسول بخش پليجو

سونهن - ستاءُ

* مهاڳ I	محمد ابراهيم جويو	13
* مهاڳ II	حميد سنڌي	14
* مري وجن پر وري نہ ڇاڻن	اياز لطيف پليجو	20
* ڳائي وئي جاڳائي وئي	نصير مرزا	40

* انٽرويوز

* زرينہ بلوچ سان ڳالهيون	فهميده ميمڻ	46
* جهڙا چُني چٽَ	نثار حسيني طارق عالم ابڙو	50
* پنهنجي ڳولا [آتم - ڪتا]	زرينہ بلوچ	57
* جيجي [ڪهاڻي]	زرينہ بلوچ	65
* زرينہ جون ڪهاڻيون [آخط، مهاڳ]	خير النساءِ جعفري	80
* ڇاڻ سُجاڻ	نصير مرزا	83

* تي موڪلايان، الوداع!

* سنڌ جي عظيم تابت قدم ڏيءَ زرينہ بلوچ	رسول بخش پليجو	87
* منهنجي ماءُ	اختر بلوچ	91
* سنڌ جو ثقافتي حصو	ماهتاب محبوب	94
* اڄ نہ ڪا ڪوئل ڪوڪاري	ڊاڪٽر قمر واحد	97
* ڀاتَ واتَ ۾ لات	امداد حسيني	107
* سنڌي موسيقيءَ جو شاندار باب	مخدوم جميل الزمان	109
* بي خبر ناهي پرَ	ريٽا شهاڻي	111

* اي جيجي تو کي الوداع	آغا شهاب الدين	113
* جيجي زرينہ بلوچ	تنوير جوٹيجو	116
* زرينہ بلوچ کان پوءِ، مان اڪيلي ٿي وئي آهيان	نذير ناز	118
* سنڌ جي آتما	بدر ابڙو	125
* جيجي	محمود مغل	128
* جيجي زرينہ بلوچ جو فليش بيڪ	ايار عالم ابڙو	132
* منهنجي ادي آمنہ	امير صديقي	134
* اڌ ۾ رهجي ويل ڪچهري	عطيہ دائود	137
* جان جان هئي جيئري	ماهين هيسباڻي	141
* اُتر ڙو ٿو لڳي	سوز هالائي	144
* فاني ٿئي ٿو فوت	عمر قاضي	148
* جيجي، وطن ۽ وچوڙو	مير حسن آريسر	152
* سنڌ جي جيجي	نظير قريشي	157
* اسين جي مٿاسين سفر ۾ او ساڻي	ارشاد لغاري	160
* سنڌ جا سياسي سهرا ڳائيندڙ جيجي	انور ابڙو	165
* سنڌ جي ڪوئل جيجي	امير ابڙو	169
* اُهي جن نظام ڪي تبديل ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي	منوج ڪمار	171
* جيجيءَ جو جيون	شهر بانو	175
* سنڌ جي سُورن جو سُر	ارشاد سعيد عباسي	179
* جيجيءَ جون يادون	نصرت لاشاري	182
* رهجي ويل درد	سيد آفتاب حسين شاه	184
* جيجي: بحيثيت استاد	ڏاڏا قادر رانڻو	186
* جيجي: جيئنءَ مون ڏٺي	منظور ڪوکر	190
* جيجيءَ جو وچوڙو	رام لال اود	193
* هُوءَ امر آهي ۽ رهندي	سيد جڙيل شاه بخاري	195
* جيجي، تاريخ جو باب	پارو مل پريمي	198
* جيجيءَ جو لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ	چام صنم سنڌي	201
* يادن جا اڻ ڪٽ سلسلا	رشيد صابر	204
* سدا حيات جيجي	نثار لغاري	207
* سنڌ جي ڪوئل	مسرور ملاح	210

* جيجي ۽ لوڪ گيت	غلام حسين خاصخيلي	211
* تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون	سارنگ لطيف چانڊيو	213
* جيجيءَ جي موڪلاڻي	ديدار شام	215
* جيجيءَ جي جدائي	ناظم جامڑو	218
* جيجي تو کان پوءِ	واحد پارس هيسباڻي	221
* دل ۾ سدائين وسندڙ جيجي	جي. ايم. خاصخيلي	224
* قومي سانحو	ايم - اين چنا	226
* آمنہ کان زرينہ تائين	آزاد نهڙيو	229
* سنڌ جي عظيم جيجي	منصور جمالي	232
* سنڌ جي زينت هئي جيجي	ايياز پاتولي	235
* جيجيءَ جو وڇوڙو	امتياز دانش	237
* هڪ دؤر جي پُڃاڻي	غلام مصطفيٰ ملاح	239
* جيجيءَ جو پورٽريٽ	حفيظ قريشي	242
* جيجي زرينہ جو سڀ کان وڏو لقب: جيجي!	خادم ميراڻي	243
* جيجي زرينہ بلوچ جي شخصيت	ڪمال جامڑو	244
* جنهن ۾ سنڌ جو ساهه	زرار پيرزادو	247
* جيجيءَ جي هاريل شمع	مير نادر علي ابڑو	250
* جيجي زرينہ بلوچ	حمزو پنهور	252
* امر آواز	سڪندر سرواڻ	254
* آدرشي شخصيت	اڪرم سومرو	258
* جيجي زرينہ بلوچ	قاضي ڪليم الله سومرو	262
* سڀ جي جيجي	الهه نواز نوحاڻي	264
* اڄ سڃي سنڌ سوڳوار آهي	اظهر هانيڙ	265
* سُونهين سفر جي	وسند ٽري	269
* گيتن جي گونجار	شڪيل ڇڇڑو	272
* آه! جيجي!	لطيف ايياز پنهور	274
* اَي سنڌ تو کي الوداع!	نصير مرزا	278
* ۽ جيجي مٽيءَ ماءُ حوالي ٿي وئي	رئوف چانڊيو	282
* جيجي، تون نہ وڃ	مخمور مهيري	285
* هُوءَ ڳائي وئي	بيخود بلوچ	286
* جيجيءَ لاءِ هائيڪا	وسيم سومرو	287

* جيجيءَ جي منظوم سوانح حيات	الحاج شاهنواز مسافر	288
* جيجيءَ جو سفر	واحد ڪانڊڙو	290
* جيجي ۽ ڏرتيءَ جو درد	ايم.فاضل چنا	295
* سڃيءَ سنڌ جي جيجي	سرفراز وسطڙو	298

* صاحب! ڏيڃ شفا

جيجيءَ جي حياتيءَ ۽ بيماريءَ دوران لکيل ليک

* زرينہ بلوچ: جشن روح رهاڻ ۽ بزم صوفياءِ سنڌ	رشيد پٽي	302
* جيجيءَ جي جدوجهد	سسئي پليجو	305
* سنڌ جي اُمر ڪلثوم	حسن مجتبيٰ	307
* منهنجي ڏات امر	امر سنڌو	311
* جيجيءَ لاءِ دعا جي جهولي	علي آڪاش	315
* سنڌ جي صدا	منظور احمد قناصرو	320
* سنڌ جي ڪک ڇائي	غني پليجو	323
* جيجيءَ لاءِ دعا	عابده	325
* جيجي زرينہ بلوچ	آچار عظيم کوسو	326
* لڳو من مارن سين	عبدالرشيد سومرو	328
* جيجي سياست ۽ سرن جو سنگم	مهراڻ درس	329
* جيجي، ڏرتيءَ ڏياڻي	سارنگ منير سومرو	331
* ساه ساميئڙو	مؤلائي ملاح	334
* منڙي آواز جي مالڪ	وفا رضا بلوچ	336
* جيايي لاءِ جنگ	خطائي ٽيپو	339
* دلڙي تو کان ڌار	عثمان پنهور	341
* ڏٺيءَ در وينتي	عبدالعزيز چنا	344
* جيجيءَ لاءِ دعا	سعيده گوپانگ	345
* جيجي زرينہ بلوچ ۽ سنڌ	گل حسن لغاري	347
* جان جان هئي جيئري	محمد علي لغاري	350

* سات هلندو رهي	ضياءُ قريشي	353
* آمنہ کان زرینہ بلوچ تائین	امتياز چانديو	358
* ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا	شڪيل ڇڇرو	361
* سڃڻو سار لهو	ايس مجيد گاد	363
* جيجي قومي ڪلاڪاره	شفيق ڪانڊڙو	365
* اسپتال ۾ بہ سنڌين لاءِ بيقرار	ناظر ڇامڙو	368
* نالي ڏٺيءَ جي	سليم ڇنا	370
* جيجي: عظيم فنڪاره! [سروي]	سليم ڇنا	379
* لات امر ٿي ويندي	نصير مرزا	387

* جي مون بوليا بول

* جيجيءَ جي ڳايل اسمن جي فهرست	نصير مرزا	390
* جيجيءِ جا ريڊيو لائبريري ۾ محفوظ ڊراما	عبدالرشيد جوٽيجو	398
* هر عڪس ۾ ملندي سانءِ [البرَ]	ايازلطيف پليجو	

* ڪوڙين ڪن سلام

* جيجيءَ جي حيات ۽ وفات بابت	ايڊيٽوريلس ۽ تعزيتي خط	399
	تعزيتي ڪتاب مان	421
	خبرن جا سرا	507

* سلام عقيدت

* *امان جنيہ*	*بختاور پليجو*	551
* *زرينہ بلوچ همہ صفت فنڪاره*	*منظور احمد قناصرو*	553
* *منفرد فنڪاره زرينہ بلوچ*	*محمد قاسم فاني*	555
* *تعزيتي خطوط*	*فتخار عارف اور ديگر حضرات*	557
* *تعزيتي تقريب - رپورٽ*	*نوار احمد*	559

TRIBUTE TO JIJEE ZARINA BALOCH.

(English Portion)

Contents

* Jiji Zarina Baloch- Sindh's cultural & natural voice	Shaikh Aziz	01
* The voice of sindh	Imdad Soomro	07
* Zarina Baloch queen of qomi & folk music	Suraiya Makhdoom	09
* The Voice of Sindh	Obituary Comments	12
* Jiji Zarina laid to rest	Aziz Malik	27
* Zarina Baloch A Traditional Singer	Dodo	29
* Artison of Folk songs	Irfan Ali Ansari	33
* Telegrams	Hashim Abro Ghous Bux Mahar Shahid Iqbal Sarbaz Palijo Sahir Palijo	35

◆

مهاڳ

اسان جي وڏي پيٽ، ماءُ برابر، اسان سيني کيس "جيجي" ڪري سڏيو، سڄيءَ سنڌ کيس "جيجي" سڏيو.

سو، جيجي زرينہ بلوچ ۾ ڪو تہ ڪمال هو. جو پاڻ سنڌ ۾ سدائين "جيجي" سڏبي رهي، ۽ پٽ اسان کان خاڪي جسم ۾، وڇڙي وئي آهي، تہ بہ "جيجي" سڏبي ٿي رهي.

سنڌي قوم ۾ اولاد ماءُ کي "امي" يا "اماں" سڏيندو آهي، عام طور، "جيجي" هو خاص طور وڏيءَ ماءُ کي، جيئن ڏاڏيءَ يا پڑ ڏاڏيءَ کي، يا پيءُ جي وڏيءَ پيٽ کي "ٻڏيءَ" بدران، ۽ پٽ ڪنهن خاص سوڙيءَ، سيني تي ساهہ ٻڌڻ واري ماءُ کي پوءِ ڪٽي بہ آها هجي، ڪير بہ هجي- گهر ۾، ويڑهي ۾ يا سجي ڳوٺ ۾، تہ ان کي بہ "جيجي" سڏين، چو تہ آها کين ماءُ کان بہ ڪن حالتن ۾ ڪجهہ وڌيڪ آڇيندي آهي ۽ ڏيندي آهي ۽ آهو ڪجهہ هوءَ رڳو پنهنجي جاول اولاد کي نہ، پر سيني کي هڪ ڪرو آڇيندي ۽ ڏيندي آهي. تانجو، ان ڪري اسين پنهنجي وڏن کان وڏيءَ سنڌ امڙ کي جيجيءَ کان وڌ "جيجل سنڌ" ٿا سڏيون. منهنجي خيال ۾ سڀ لاءِ پيار ۽ سدا مهربان دل سان گڏ. آهو سندس ڪوئل جي ڪُوڪ جهڙو دل ۾ چيندڙ آواز هو ۽ سندس دلبراڻي منهي راڳ جو لطيف فن هو. جن کيس سنڌ ۾ ايتري قدر هر دلعزيز بڻايو هو ۽ انهن خوبين سان گڏ پاڻ جيڪا ڳالهہ سنڌ جي ماڻهن کي ٻڌائي ٿي ۽ جيڪو ڏس ڪين ڏنو ٿي- سندن سک ۽ سلامتيءَ سندن آجائيءَ ۽ آجپي جي ڳالهہ ۽ آن لاءِ گهربل خود قرباني‌ءَ جو ڏس- اُن سندس دل جي، دانهن ۽ اندر جي اُبڪار ئي کيس وٽن ايتري مقبوليت ڏني، جو سندس اهو درجو سنڌ جي تاريخ ۾ لوهہ جي ليکي وانگر اُکريل ۽ امر ئي رهڻو آهي.

"جيجي" لفظ مرڪب آهي، بن هر آواز ۽ هر معنيٰ لفظن جو. "جي" ۽ "جيءُ" اسم مصدر "جيئڻ" مان امر جي صيغي طور نڪتل هڪ ئي لفظ آهي، پر معنائون ان جون بہ آهن. هڪ معنيٰ لغوي ۽ بي معنيٰ اصطلاحي- "جي / جيءُ، شال جيئين، جُگ جُگ جيئين!بي معنيٰ "جي جي"، جيءُ جيءُ سڏ جي موٽ طور "هائو، هائو" "لبيڪ! لبيڪ!، حاضر حاضر! سنڌ اڄ هيٺي، غريب ۽ نڌڻڪي آهي ۽ اُن جا بي پهچ ماڻهو پنهنجي قومي خادمائن ۽ سرگهور ڪندڙ مائرن،پينرن ۽ جيون ساٿي خواتين جي اعليٰ ڪارڪردگيءَ جي مجتا طور "جيجي" ۽ "جيجل" جهڙا عقيدت پريل ۽ مان وارا لفظ ٿي پيش ڪري سگهون ٿا. وقت ايندو جڏهن سنڌي قوم جاڳندي، اٿندي، پنهنجن پيرن تي بيهندي ۽ دنيا جي قومن جي صف ۾ پنهنجي لائق جاءِ ونی بيهڻ جو درجو حاصل ڪندي ۽ پوءِ ئي ان لاءِ جيجي زرينہ بلوچ جهڙين قوم تان قربان ٿيندڙ پيڙن ۽ پائرن جي قدر افزائيءَ لاءِ عمارتون، ادارا ۽ بيا يادگار قائم ڪري سگهنداسين. في الحال تہ اڄ جي سنڌ حڪومت لاءِ بہ هڪ لوڪ سنگيت سڪيا مرڪز يا ڪاليج، جيجيءَ زرينہ بلوچ جي نالي تي قائم ڪرڻ لازم ئي ٿئي ٿو.

[14 آڪٽوبر 2006ع]

اُتر واءُ اوتي، جِتي عطر توتي

زرينہ بلوچ لاءِ ٻہ چار اکر لکڻ وينو آهيان، تہ لفظ هٿ نہ ٿا اچن. مضمون جو ڪو فريم نہ ٿو جُڙي، مان جڏهن بہ تمام ويجهن ۽ زندگي جي پل پل سان جُڙيل سڃڻن ۽ سائين لاءِ لکڻ لاءِ ويهندو آهيان، تہ ائين ٿيندو آهي. ان ويل ضرورت محسوس ڪندو آهيان، ڪنهن شاعر جي آڏمن وارن بيتن، يا شعر سان جيڪر شروع ڪيان.
شاهہ سائين جا ڪجهہ بيت، اهڙن موقعن لاءِ ڏاڍا مناسب هوندا آهن. جهڙوڪ:

"اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين...!"

يا:

"ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي."

۽ اهڙن بيتن سان شروعات ڪبي آهي تہ ان ماڻهو جي ڪا نہ ڪا خوبي يا خوشبو ڳولي وٺبي آهي، پر ڇا زرينہ بلوچ لاءِ مان گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ تعزيتي يا تعريفي دستور موجب لکي سگهان ٿو؟ جيئن سپ ڪو لکي سگهي ٿو. تہ پوءِ ڪنهن ٻئي اهڙي شاعر جا اکر چو نہ ڳوليان، جنهن جا بول خود زرينہ جي سيني ۾ وڌي وڻ ٿيا هجن ۽ اهي ٻاهر نڪرن تہ هڪاءُ ۽ خوشبو ڦهلائيندا نڪرن. ايئر ڪانسواءِ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو. سوڃير ۽ايئر مليو تہ هينئن مليو. ۽ سندس اکر اکر جي پاڻ لاءِ هو. تہ زرينہ جي وڃڻ ڪانپوءِ هوا جي ڪيفيت بہ اها ئي ٿيڻي هئي. يعني هوا هينئن بہ گهُلندي آهي.

ڪڏهن هوا دروازو کولي،
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسيءَ تي ڳولي،
مايوسيءَ مان موٽي ويندي،
منهنجيءَ ميز متان سَوَ ڪاغذ،
پکڙيل هوندا، آءٌ نہ هوندس!
گيت اڌورا آءٌ نہ هوندس!
۽ ٻيو ڇا ڇا، آءٌ نہ هوندس!

مان انهن هوائن جي جهوٽن جي پوئتي ورڻ جو انتظار ٿو ڪيان ۽ جيئن واءُ پوئتي وري ماضيءَ ۾ موٽي ٿو وڃي. مان سندس رَٿ تي سوار ٿي اڻي پهچان ٿو. جت زرينہ آهي ۽ سندس چهري تي پريشاني آهي. ادا! تون هيڏي ڪاڏي اچين ٿو. هيءُ ماضي نہ آهي. هيءُ حياتي جو سپنو نہ آهي. هيءَ موت جي وادي آهي. پوئتي موٽ. الله توکي ڏينهن ڏئي. شال وڏي حياتي ماڻين. ٻچن سان خوش هجين. ۽ مان انهيءَ ويل حال ۾ موٽي آيو هيس. زرينہ ته ڪانہ هئي. پر سندس دعائون ساڻ هيون. جيڪي منهنجي ماضيءَ جو سرمايو هيون. هن هميشہ مون کي پي دعائون ڏنيون. ڇاڪاڻ ته سندس جيڪو بہ سفر هو. ان ۾. ڏکن سکن ۾. هن سان ساڻ هيس. هوءَ اسان جي گهر جو پاتي هئي. جيجي بيگم زينت چناجو گهر هجي. جيڪو ڇڻ منهنجو گهر بہ هو. يا لطيف آباد وارو گهر هجي. هوءَ پئي پيرا پڄندي. پئي خوشيءَ غميءَ وارا پير پريندي هئي. پر مون کيس بطور حب الوطن شخصيت جي تڏهن سڃاتو. جڏهن مون کيس هٿ ڦهلائي ۽ آسمان ڏي نهاري سندن لاءِ صدائون هٿندي ٻڌو. سندن لاءِ انقلابي گيت سندس مُک تي اهڙي جوت ڦهلائي ڇڏيندا هئس. ڇڻ شعلا پڙکندا هجن. شايد سندس اندر وارو کانئس ئي ڪي سوال پيو پڇندو ۽ پيو جهوريندو هوس.

جوت ڪٿي آهي؟ جوت جڳاءِ،
باهہ برهہ سان جوت جڳاءِ
ڏک پيو تنهنجو در کڙکائي،
پرينءَ وٽان پيغام پڄائي،
هڪڙو دم پي دير نہ لائي.
[ٽئگورجو گيت]

ڪيترا دوست سڃڻ پڇندا آهن ته ڇا زرينہ بلوچ کا خاص وصفن واري عورت هئي؟ هائو. سندس وصفن جا ڪيئي. تهہ در تهہ هيا. هر تهہ هيڻان ڪونہ ڪو دُرُ (موتي) لکل هو. جي هوءَ لکيل پڙهيل عورت هئي ته ذميدار گهريتڙي عورت بہ هئي. ان سان گڏ پنهنجن ٻارن کي جنهن نموني محدود وسيلن هوندي بہ پالي وڏو ڪيو. اهو هڪ مثالي ماءُ ۽ هڪ پورهيت عورت جو مهان ڪردار ليکبو. بحيثيت وَرَ جي رسول بخش پليجو سندس اهليت لياقت جو معترف هو ۽ سندس بحيثيت استاد جي ڪردار. اڄ بہ مادل اسڪول جي ٻچي ٻچي جي وات آهي. مادل اسڪول جي انهيءَ دؤر جي پرنسپل، پرائمري سيڪشن، ڊاڪٽر قمر واحد. سندس قول فعل ۾ ڪوبہ تضاد نہ پسي. بطور

محبتي دوست جي ڪيس پنهنجي ايترو ته ويجهو ڪيو، جو هوءَ اسڪول ختم ٿيڻ کانپوءِ به وٽس ويهي جهونگاريندي ۽ ڏنون جوڙيندي هئي. سندس ڏُنون جوڙيندڙن ۾ وڏو هٿ محترم رسول بخش پليجي جو پڻ هيو.

سنڌي ادبي سنگت جي سالاڻ ميڙن ۽ ڪاليجن جي لطيفي مجلسن ۽ شامن ۾ سندس ڳايل گيتن ڪيس نانءُ بخشيو. خاص طرح ون يونٽ وارن ڏينهن ۾ ڪرايل جلسا سندس ڳايل انقلابي گيتن سبب سڃي سنڌ ۾ گونجي اٿيا. ماهوار روح رهاڻ جي هلايل جديد ادبي تحريڪ ۾ هيءَ اسان جي ست جي ساٿياڻي هئي. جشنِ روح رهاڻ سنڌيت ڦهلائڻ جو وڏو ڏڻ هو. سڃي سنڌ مـڙندي هئي. اسان جي ان دؤر جي شاعرن جو هڪ ئي پسنديده آواز هو. جيڪو ڪين ڳائي پي سگهيو ۽ سندس آواز هوائن جي جهوٽن وسيلي سنڌ جي ڳلي ڳلي گونجيو. اياز جي پڪار ۽ زرينہ جي آواز:

مان توکي گيت ڏيان اي ڏرتي!
تون مون تي زنجير وجهين.

جشنِ روح رهاڻ ۾ سندس ڳايل اياز جي لولي، عجب اثر رکندڙ هئي. اکيون آليون ۽ وار اپا ٿي ويندا هئا.

شال دولهہ ٽئين! شال دودو ٽئين!
شال سورهيہ ٽئين، سنڌ تي سر ڏئين
لوليون
او ابا!
لوليون! لوليون.

مون اڄ به ڪيترن ئي ڪهرن ۾ سنڌ تان سر جان گهورينڊڙ مائرن کي هيءُ گيت انهيءَ ڏنءِ سُرَ ۾ جهونگاريندي ٻڌو آهي.

مون سندس اندر ۾ موجود ڪيترن تهن ۾ هر تهہ هيٺان موتيءَ دُرَ جو ذڪر ڪيو آهي. سندس ڳائڻ جو هنر هڪ موتي آهي ته سنڌيت جو جولاڻي جذبو ٻيو موتي آهي.

اسان جي دوست مشهور ليکڪ مرحوم رشيد پٽي جشنِ روح رهاڻ 1968ع جو احوال "ڏيئا ڏيئا ڳاڻ اسان" جي عنوان سان لکيو ه.. هو زرينہ بلوچ جي ڳايل گيتن جو باب کولينڊي چوي ٿو: "ان بعد زرينہ بلوچ استيج تي آئي. سنڌ جي اُم ڪلثوم، جنهن جي آواز ۾ ڇيڻن ۽ جَرَ آهي، جنهن جو آواز سندس جيءَ جي جهوري ۽ زخمي روح جو ورلاپ هوندو آهي. هوءَ رڳو ڳائڻي نہ آهي پر صحيح معنيٰ ۾ هڪ وڏي فنڪاره آهي. ادب جي پارکو ۽ خود مانَ

جوگو مقام رکندڙ کھاٽيڪاره، "جيجي" جھڙي اٽمٽ افساني جي خلقيندڙ (هڪ ٻيو دُرُ، چون ٿا ته هن کھاٽيءَ تان مٿس نالو جيجي پيو. پر مان سمجھان ٿو ته سندس شفقت پريي مُکَ هردي ۽ هر وقت مادرانہ محبت جو اظهار بخشيندڙ رويي کيس جيجي بڻائي ڇڏيو هو. جو ان کان اڳ سنڌي اديبن جي جيجي بيگم زينت عبدالله چنا هئي ۽ سندس مادرانہ ۽ سنڌيت واري روش سنڌ جي پراڻن اديبن کي اڄ ٻہ ياد هوندي.

رشيد پٽي لکندو هلي ٿو ته زرينہ بلوچ جي فن آڏو پليجي جھڙو سخت جان پارکو ٻہ سِرُ جھڪائي بيٺو هوندو هو. زرينہ هن جشن ۾ اوپري کانہ هئي. ان جو هڪ ازلي ۽ ابدي حصو هئي. هن کورس ۾ اياز جي مشهور وائي: "سهندو کير ميار او يار، سنڌڙي تي سر کير نہ ڏيندو" ڳائي، جنهن جي ڏن زرينہ جي ئي نهيل هئي. هو اڳتي هلي لکي ٿو: "وري زرينہ اسٽيج تي آئي ته هن هيل حيدربخش جتوئي جو نظم:

"جيئي سنڌ! جيئي سنڌ!
جام محبت پيئي سنڌ!

ڳايو. نظم جي سُرن تي زرينہ جو آواز، اتساهہ ۽ چاهہ جو ڪم ڪري رهيا هيا. من موهيندڙ ڏن تي، ٻڌندڙ جھومڻ لڳا. هڪ هڪ تي سامعين ساٽس ساٽ ڏيڻ لڳا ۽ آخر ۾ سڄي پنڊالَ ساٽس گڏ ائي بيهي ڳائڻ ۽ جھومڻ شروع ڪيو. راڳ ۾ جادو هوندو آهي! اهو اُٽ ڏٺوسين. سڄي محفل پاڻ وساري مستي ۾ اچي چڪي هئي. مان هت ٻڌائيندو هلان ته پليجي صاحب جي رهبري هوندي ٻہ جن شخصيتن زرينہ بلوچ جي آواز کي جلا بخشي، ڪيترين ڏنون ناهيون ۽ درست ڪيون، اهي هيا ميوزڪ لوَرس ڪلب ۽ روح رهاڻ ميوزڪ سرڪل جا ساڻي ۽ اڳواڻ، محترم محمد ابراهيم جويو صاحب، مرحوم احسان علي شاهہ، مرحوم نصرالله عباسي صاحب، مرحوم عنايت الله عباسي صاحب، (ٻہ مشهور موسيقي جا ڄاڻو پاڻ جن منجهان مرحوم عنايت الله تازو گذاري ويو آهي جيڪو پڇاڙيءَ تائين ميوزڪ لورس ڪلب ۽ روح رهاڻ ميوزڪ سرڪل کي هلائيندو رهيو.) سندس هر وقت ساٽ ۾ جويو صاحب، آءٌ نذير ڪمال ميمڻ ۽ ٻيا دوست رهياسين ۽ اها هڪ الڳ تاريخ آهي. ڊاڪٽر قمر واحد ۽ سندس ٻيون ٻہ ڪيترين سرتيون هيون، جن ڪيس همٿايو ۽ سنواريو.

زرينہ بلوچ جو فورم رڳو ريڊيو يا ٽي وي نہ هو. هن جو وٽندڙ پليٽ فارم اديبن، شاگردن ۽ عوام جا جلسا هئا، جن جون رونقون رڳو سندس آواز سان نہ پر سندس دم سان هيون، سندس شرڪت، ۽ ڪاريءَ ٻاٽ رات ۾ جوش جذبي ۽ آٽت وارا ٻہ ٻول سيني

کان نعرا هڻائي ڇڏيندا هئا.

"جيئي سنڌ... جيئي سنڌ" زرينہ وٽ ڏات جا ڪيئين موتي هئا. جن جي ڪيترن کي خبر نہ ہ هجي. زرينہ بلوچ جو ريڊيو تي آواز گونجيو تہ منهنجي لکيل ڊرامي "طوفان ۽ رات" ۾ سندس ادا ڪيل ڪردار هڪ نفسياتي مونجهاري ۾ مبتلا نينگري جو هو. جيڪا شڪ جي بنياد تي گهٽو ڪجهہ وڃائي ويهي ٿي. هيءُ ريڊيائي ڊرامو ڪيترا سال ورائي ورائي هلندو رهيو. ڪيترن جو چوڻ هو تہ زرينہ بلوچ جي، ڊرامي ۾ ڊائيلاگن جي ادائگي لاجواب هئي. پلا ٿي وي ڊرامن ۽ لوڪ گيتن ۽ سهرن تي سندس پرفارمنس ڪنهن کان وسري آهي. علي بابا جي ڊرامي "دنگي منجهہ دريا" ۾ تہ زرينہ بلوچ جي پرفارمنس تاريخي آهي.

سندس وصفن جون ڳالهيون ايتريون آهن جو هيءُ صفحا ڪافي ناهن. سندس پاڻ شاعر هجڻ واري وصف بہ وڏي وصف آهي. سندس هڪ گيت روح رهاڻ آڪٽوبر 1965ع ۾ ڇپيو هو ۽ محترم عبدالله چنا جي جاري ڪيل عورت ليڪڪائن لاءِ مارئي انعام لاءِ ان کي چونڊيو ويو هو. هيءُ گيت سندس اندر جي ڪيفيتن کي ظاهر ڪري ٿو.

منهنجا نيڻ اداس تو بن،
ياد ۾ تنهنجي نير وهائن،
جڏهن اچي ٿي مون لئہ شام،
رات اڪيلي مون کي ماري،
ڏينهن ڏکن جو ڏيل ٿو ڏاري،
دل کي ناهي ڪو آرام،
من مندر ۾ توکي ويهاريان،
پڳ پڳ تو لئہ ڏيئا ٻاريان،
تن من بيڪل بي آرام،
اکڙيون تنهنجي لئہ واجهائن،
روئي روئي من پرچائن،
ڪونہ ڪڏهن ٿيون ڪن وسرام.

زرينہ بلوچ سان ذهني يا جذباتي ويجهڙائپ رکندڙ ڪيترائي عقيدت مند آهن پر ساٽس عقيدت رکندڙن پاران، هي ڪتاب واري پيٽا وڏي پيٽا آهي. توڙي جو مُئي ڪانپوءِ ڪيترائي ڪتاب لکجن پر جيئرو ماڻهو وڏي وَٽُ آهي. جنهن جي هڪ ئي

[روچوهاڻ شاهہ نمبر- مئي جون 1967ع]

صدا سڃي ساري تاريخ کي جنم ڏئي وڃي ٿي.

اڄ زرينہ بلوچ کانهي پر مون کي جشنِ روح رهاڻ ۾ سندس ڳاتل اياز جو گيت جهوري وڃي ٿو ۽ سندس صدا... تاريخ جي صدا بڻجي منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ ٿي لڳي:

نہ تڙ تي تماچي، نہ گندري گذارا،
آسارا آسارا ڪينجهر جا ڪنارا،
اُتر واءُ اوتي جتي عطر توتي،
هيا هنج تنهنجا اتان جي اُڏارا.

اسلم ۽ اياز لطيف، نندڙا هئا جو زرينہ بلوچ جي هٿن ۾. هنجَن مثل کين وڏو ٿيندي ڏٺو. اختر بلوچ جي انقلابي هجڻ جا اهجاڻ پَسيو. زرينہ بلوچ جا ڏات وارا چُڪيل موتي هنن هنجن وٽ اميد تہ محفوظ آهن، پر سڃي سنڌ، اڄ بہ ڪيس ساري ٿي، جنهن جو مظهر هيءُ ڪتاب آهي. اڏمن ۽ جذبن سان پريل هڪ اهڙو ڪتاب. جيڪو شايد زرينہ کي جيئرن وانگر ئي زندهہ رکي. پلي ڪيترا جُڳ گذري وڃن. زرينہ بلوچ جهڙيون موتين مالها هستيون، ورلي ئي پيدا ٿيندیون.

●

مري وجن پر وري نہ ڇاڻن

آئون صبح ساڻ ڇهين بجي گهر جي ڇت تي چڙهي ويهي رهيو هئس. امان جي جيئن مون تي نظر پئي، هڪل ڪيائين. "اياز! هيٺ لهي اچ! سڪول کي دير پئي ٿئي."

"آئون ڪونہ لهندس. مون کي اسڪول ڪونهي وڃڻو."

"لهي اچ نہ تہ ڏاڪڻ رکي. مٽان جهلي آڻي ڏوئيءَ سان ڪٽيندياسانءِ."

"آئون پرسان ماما عوٽو جي ڇت تي چڙهي ويندس. اتان ڪيئن جهليندينءَ امان!"

"لهي اچ نہ تہ مرچن جي ڏوٽي ڏيندياسانءِ."

"پهرين واعدو ڪر، تہ اڄ مونکي اسڪول ڪونہ وڃي ويندين."

"هل پلا رسيس ۾ موڪل لاءِ ٽيچر کي ٿي چوانءِ."

"نہ اڄ موڪل ڪپي. مون کي شلو. شوڪت ۽ سليم وارن سان بلورن راند ڪيڏڻي آهي. اهي بہ تہ گهر وينا آهن."

"چگو پلا لهي اچ."

آئون ڏهندي ڏهندي هيٺ لهي آيس. امان وعدو نپايو ۽ اسڪول ڪونہ وڃي. هفتو ڪن رکي وري ساڳيو تجربو ڏهرايو هئر. امان ها ڪري مون کي هيٺ لاٿو ۽ پوءِ ڏوئي ڪٽي مون کي دير تائين ڪٽيندي رهي. آئون سڏڪندو سڏڪندو ڪلاس ۾ پهتس تہ سائين اڪن ۽ سائين روشن جي هٿان وري ٻي ڀيهہ کاڌم. ٻن پهرن جو ايس آر ٿي سي جي بس ۾ چڙهي هيرآباد مان پنڌ ئي پنڌ گهر پهتس. امان ماني لاءِ چيو تہ آئون ٻوٽ ٻڇڙو ڪري، بنا، ماني جي ڪمري ۾ هليو ويس. ڪلاڪ ٻن ڪانپوءِ جڏهن بک گهٽو ستايم تہ رڙڻو کوليم. ماني واري ڇبي ۾ ماني ۽ ٻوڙ سان گڏ منهنجي پسنديده بيڪري وارن ڇاڪليٽن ۽ ڪٽمٽن جي وڏي ٽيلهي رکي هئي. اڃا ٽيلهي قاڙيم پي تيسين امان پويان اچي بيني. مني ڏئي وارن ۾ آگريون ڦيرائيندي چيو هئائين "توکي شلو ۽ سليم ڪونهي ٽيٽو. توکي پڙهڻو آهي...." پوءِ سنهي ڦٽي ڪٽي منهنجي مٽي مان جونءَ ڪيڙ لڳي هئي. ڪئي سالن ڪانپوءِ اها ساڳي امان جڏهن آڪٽوبر 2005ع ۾ هڏڙين

مٺ ٽي، لياقت نيشنل هاسپٽل جي وارڊ ۾ مون سان گڏ جھونگاري رهي هئي:

وني ايندو ونڻ اڄ ڊولٽو،
ڪنوار ايندو ونڻ اڄ ڊولٽو،
دل ايندو لٽڻ اڄ ڊولٽو،
هاڻي ميندي هٿن کي لائيان."

تہ پريان پردي پويان لکي سسئي، سرمد، صنم، زينا ۽ بختاور پنهنجا ڳوڙها اگهڻ ۾ پورا هئا. ادا گل جھڙي مضبوط ماڻهوءَ جي اکين ۾ پاڻي ڏسي ميرمحمد، سلام ۽ عبدالنبي ب حيران هئا. مون ساوڪ سنگيت شو مان ريڪارڊ ڪيل ڪيسيٽ ٽيپ ۾ لڳائي ۽ هل ٽاپ سينيما ۾ نسرين جوٽيجو جو آواز گونجڻ لڳو "جڏهن سنڊ، سنڊ کي سڏ ڪري ۽ سنڊ جي سڏ تي سنڊ هلي اچي تہ پوءِ اها ڪهڙي روپ ۾ ايندي، زرينہ بلوچ جي روپ ۾."

توسين منهنجا جھيڙا، توسين منهنجا ميڙا،
تو بن منهنجوڙي راڻل روحڙو نہ لڳي.

پن ڊراپ سائلنس. امان جا ڳوڙها ڏسي مون ٽيپ بند ڪيو. پر نرس روکيو. آڻون پٽ کي ٽيڪ ڏئي ماضي ۾ هليو ويو هئس. هوش سنپاليم تہ پاڻ کي حيدرآباد شهر ۾ اسي - بي لطيف آباد جي وڏي پلاٽ جي پڙپانگ چار ديواري اندر شرارتون ڪندي، بابا ۽ امان کان دڙڪا کائيندي ۽ اڪثر روئيندي ڏٺم. گهر ۾ ڪل ب ڪمرا هئا. هڪ هيٺ اسان جي استعمال ۾ ۽ هڪ گيريج مٿان، جنهن ۾ لاتعداد چاچا موجود هوندا هئا. ڪافي عرصو پوءِ خبر پيم تہ اهي مائٽاٽا نہ پر سياسي چاچا هئا. فاضل راهو، عالم شاهہ، ظفر اڄڻ، دستگير پٽي، حفيظ قريشي، سيد اڪبر شاهہ، عزيز ڪينجهرائي، رشيد پٽي پناهہ جگر سنڌي، رجب ميمڻ، پٽر سنڌي وغيره. اها بي ڳالهہ آهي تہ انهن مان ڪي اڳتي هلي سڳن چاچن کان ب ڪيئي پيرا وڌيڪ پيارا ۽ پنهنجا لڳا. ان کان ڪجهہ عرصو اڳ نوويڪس ۽ پناڻ ڪالوني ۾ ب رهيا هئاسين پر انهن جاين جون ابتدائي يادگيريون ذهن جي پردي تي هزار ڪوشش جي باوجود نٿيون اپرن. فقط پناڻ ڪالوني متعلق ايترو ياد اچيم ٿو تہ هڪ ڪمري واري نندڙي ڪچي جاءِ هوندي هئي، جنهن جي ڇت برساتن دوران نيسارا ڪري وهندي هئي ۽ ها اگڻ ۾ هڪ پيپٽي جو وڻ هو، جنهن جي ٽاري پٽي هڪ دفعو بابا مون کي ڏاڍي مار ڪيي هئي، فقط ان ڪري جو مون پاڻي پاڻ اڻي پيئڻ بدران امان کان گهريو هو. پوءِ اها ئي جاءِ هئي جتي 1971-1972 کان

1988 تائين 16 سال گذريا. لطيف آباد ۾ رهائش دوران بابا جي حالت ڪافي خراب هئي. ايتري قدر جو امان کي گهر جي خرچ لاءِ روز فقط سوا رپيو ملندو هيو. بابا شاندار وڪيل هڻڻ باوجود پنهنجي سياسي مصروفيتن سببان وڪالت کي ٽائيم ڏئي نه سگهندو هو. تنهنڪري ڪو هڪ اڌ ڪلائنٽ ڏڪا جهلي پهتو ته واهه واهه نه ته ٻيو خرچ امان جي نوڪري ۽ موسيقي جي پروگرامن مان هلندو هو پر امان ڪڏهن ب انهن ڏکين حالتن ڪري بابا يا ان جي سياست جي مخالفت نه ڪئي. بلڪ هوءَ ته هر ڳالهه ۾ ساٿس گڏ هئي. انهن ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪجهه وقت کانپوءِ ب مينهون ورتيون سين جن جو ڪير وڪٽي پورت ڪبي هئي. ڪير وڪٽڻ وارو اهو سلسلو ب ڏاڍو شانائتو هو. امان ڪير ڪيانن ۾ وجهي ڏيندي هئي. وڏا پائر اسلم ۽ مسعود ڪير جو وڏو ڪيان ڪٽي ڪٽي پويان هلندا هئا ۽ اڳيان آئون اڪثر نيلامي جڳهه ۾ هوڪا ڏيندو وتندو هئس. "ڪير ونو- ڪير وارو"! شام جو ان ڪم ۾ مزو پيو ايندو هو. پر فجر مهل ڪڏهن ڪڏهن چوٽين نمبر جا رولو ڪتا اسان کي ڪيان سميت ڊوڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا هئا. بابا جون تن ڏينهن مصروفيتون مون کي بنهه سمجهه ۾ ڪونه ايندين هيون رات جو دير تائين وڏيون وڏيون ميٽنگون. ڏينهن جا ڏينهن پري پري جا دورا. صبح جو ڇٽين وڳي اٿي باقاعدگي سان ريڊيو بڌڻ. اخبار پڙهندي ٻيون سڀ ڳالهيون وساري ڇڏڻ. غير حاضر دماغي ايتري جو هڪ دفعي بابا شيو پئي ڪئي ته امان گرم چانهه جو ڪوپ پرسان رکي ويس. سياري جا ڏينهن هئا آءٌ پنهنجي پوزن ۾ ننڍڙو گلر سوڙ ۾ لڪايو وينو هئس ڪيڏي مهل ڪٽي نهاريان ته بابا اخبار پڙهندي شيو وارو برش چانهه جي ڪوپ ۾ ٻوڙيو ڳلن تي پيو هڻي. پوءِ جڏهن ڪلندي ڪلندي بيحال ٿي ويس تڏهن وڃي بابا کي صورتحال جو احساس ٿيو. بابا ۽ امان اڪثر سارو وقت ڪجهه نه ڪجهه پيا لکندا ۽ پڙهندا هئا. تن ڏينهن شايد امان هوڃي منهه جي آتر ڪهاڻي ترجمو پئي ڪئي. جنهن جا ڪجهه ٽڪرا مون کي ب پڙهي ٻڌائيندي هئي. منهنجي مصروفيتن جو مرڪز وري موتي ڪتو هوندو هو. سهڻو. فرمانبردار ۽ شرارتي موتي. ڪڏهن ڪڏهن سامان ونڻ لاءِ آئون ۽ امان ڊبل ڊيڪر بس ۾ چڙهڻ لاءِ ويندا هئاسين ته موتي اسان کي ويهارڻ هلندو هو. بک ڏڪ تي هريل هو پر آئون اڪثر ڪيس پاڻ سان گڏ ساڳي پليٽ ۾ کارائيندو هئس پر امان روايتي ماءُ وانگر ڪڏهن ب ٽوڪيو يا روڪيو ڪونه هو. هڪ دفعي ته لڪي بابا جي ماکي چورائي ڪيس پيارڻ جي ڪوشش ب ڪئي هئر. موتي رات جو سمهندو ب مون سان گڏ هيو. ساڳي سوڙ ۾. مون کي ته منجهائس خوشبو پئي ايندي

هئي. ها باقي بابا کڏهن کڏهن ناراض ٿيندو هو. سو به تڏهن جڏهن موتي سندس بوٽ چورائي گيريج ۾ اڇلائي ايندو هو.

پوءِ هڪ ڏينهن باهران رڙين جا آواز ٻڌم. موتيءَ جون دانهون هيون. آئون ٽپ ڏئي باهر ڊوڙيو هئس، نم جي وڻ پرسان موتي پٽ تي پيو هو ۽ چوڪرن پٽر پئي هنيس. آءٌ وڏي سر کٽي چورن ڏانهن وڌيس پر هي چا؟ پٽر ته بابا جي هٿ ۾ به هو، منهنجا قدم بيهي رهيا ۽ پوءِ سڏڪا هجن جو بيهن ئي نه. موتي مري چڪو هو ۽ کيس مارينڊن ۾ بابا به شامل هيو. مون کي ڏينهن بابا سان نه ڳالهايو. امان گهٽو ئي سمجهايو ته تنهنجو موتي چريو ٿي پيو هو، توکي ٻيو گلر آٿي تا ڏيون پر رات جو ننڊ کانه ايندي هيم ۽ موتيءَ جي سمهڻ واري جاءِ تي ويهاٽو رکي ان تي هٿ پيو گهمائيندو هئس. اهو واقعو بابا کي ايڏا به ياد آهي، ڪوٽ لکپت جيل جي ڊائري ۾ لکي ٿو: "پوءِ موتي ڪتو آيو. اياز الائي ڪٽان چورائي آيو هو. موتيءَ جون کهڙيون ڳالهيون ڪجن. ساهه پساهه موتيءَ ۾. موتي ننڍڙي ٻار وانگر معصوم پر چالاڪ ذهين حرفتي باوقار ٻار. هڪڙي ڏينهن کيس چتي ڪتي کائي وڌو، سمجهيوسين موتي به چتو ٿي پيو، ٻارن جا ولر موتي کي پٽر هٽن اسين ڪجهه به نه ڪري سگهون. ڊوڙي مون وٽ آيو، منهنجي ڪچ ۾ ڪو ٻار هو ڊپ اهو ته اجهو ٿو چتو موتي ٻار کي کائي، ان ڊپ کان مون موتيءَ کي پٽر هٽي ڪڍيو. پوءِ ٻين به هنيس. اهڙي ريت اسان پنهنجي اکين اڳيان گهر جو هڪڙو پيارو، منڙو ۽ معصوم ٻار، ري گناهه قتل ڪري ڇڏيو. آءٌ اياز سان اکيون ملائي نه سگهيس، نه پاڻ سان. اڄ تائين اهو واقعو ياد ڪري تڙپي اٿندو آهيان. موتي بابا مون کي معاف ڪر، آءٌ مجبور هئس. پر موتي جيڪو مون وٽ ٻارن جي پٽرن جي دانهن ڪٽي آيو هو، تنهن جي اکين ۾ منهنجي پٽر لڳڻ کانپوءِ جيڪا حيرت، صدمي ۽ ميار جي گهائيندڙ نهار هئي سا ڪٽان ٿي معاف ڪري." ان حادثي کانپوءِ منهنجو جانورن پالڻ تان کيترو عرصو ارواح ٿي ڪڇي ويو پر ته به ٿمي آئي، ديانڪا (پڪري) آئي، نوريئڙا آيا سها آيا، ڪبوتر آيا ۽ ٻيو گهٽو ڪجهه.

لطيف آباد ۾ ڪجهه عرصي رهڻ کانپوءِ اسين وري پناڻ ڪالوني اچي رهڻ لڳاسين، خبر ناهي ڇو بابا به گهٽ اچڻ لڳو هو. آءٌ بابا کي تمام گهٽو ياد ڪندو هئس. امان کان به پيو پڇندو هئس، پر ڪوبه ڇڙو جواب نه ملندو هيو. هڪ دفعو ريڊيو تان امان جو لکيل مونو لاگ نشر ٿيڻ لڳو. عنوان هئس "بابا هاڻ آءٌ ڏاهو ٿيو آهيان" آءٌ ٻڌڻ لڳس.

"بابا وقت ڏس پاڻ ۾ ڪيڏيون نه وڇوٽيون وجهي ڇڏيون آهن. پاڻ شاهه لطيف جي سڙ

وانگرڻي پيا آهيون. "ڪي ويجها ئي ڏور ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين".
بابا ياد اٿئي هڪڙي عيد تي آءٌ تو وٽ آيو هوس تو مون لاءِ هڪڙي نئين امان آندي هئي. مون توکان پڇيو هو تہ بابا هيءَ ڪير آهي؟ تو چيو هو پٽ هيءَ تنهنجي امان آهي. مون چيو بابا منهنجي امان تہ گهر ويني آهي. پوءِ تو مون کي ڪيڪ گهرائي کارايو هو.... ڏس بابا ٻين ٻارن جا تہ ولر هوندا آهن ڏاڏا. چاچا ۽ پڦيون. آئون تہ سڃي ولر کان وڇڙيل آهيان. توئي تہ مون کي ساڻ کان چني ڏار ڪري ڇڏيو. آءٌ هڪڙو جهڙو ڪانگن ۾ چب. بابا مون کي ٻڌاءِ تون مون کي ڇو ڇڏي وئين ڇو؟ بابا جڏهن تنهنجو ايڪسيڊنٽ ٿيو هو ۽ تون اسپتال ۾ ستو پيو هئين. جتي بابا وڏو ۽ امان وڏي وينا هئا. خبر اٿئي بابا جڏهن مون توکي ڏنو هو تڏهن دل چيو هو تہ ڪيهون ڪري روئان. الا منهنجو بابا ڪيئن نہ بيوس ٿيو پٽين ۾ ٻڌو پيو آهي. بابا مون کي اڄ بہ ياد آهي تو ايڏي سور هوندي بہ پاڪر پائي مون کي چمي ڏني هئي. مون امان کي چيو هو امان ڏس بابا تہ جيئرو آهي. پوءِ مون وهاٽي جي هيٺان ڦوٽا ڪٽي چيو هو بابا توکي گهٽا سور آهن؟ تو چيو هو. الاهي سور آهي. مون توکي ڦوٽا ڏئي چيو بابا تون هي کائي ڇڏ. تنهنجا سڀ سور لهي ويندا. پوءِ تنهنجو خط آيو هو. تو لکيو هو دل چوي ٿي تہ اڏامي وڃي پنهنجي پُٽي کي ڏسان پر ٽنگن تي پٽو چڙهيو پيو آهي. بابا آئون ڪيڏو نہ چريو آهيان جو رڄ جي پنڌيان پيو ڊوڙان. بابا هاٽي آءٌ ڊوڙي ڊوڙي ٽڪجي ساڻو ٿي پيو آهيان.

"ڊوڙي ڊوڙي ٽڪجي ٽڪجي
هرڻ هنيلا ٻينا سوچن..."

مونو لاگ وڃندو رهيو ۽ آئون ٻڌندو رهيس. خاموشي سان اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي ۽ پوءِ امان جي هنج ۾ متو رکي ليٽيو هئس ۽ اتي سڏڪندي ننڊ اچي وئي ۽ امان. منهنجي امان. جنهن ساري زندگي. مائٽ. ساهيڙيون. خوشيون. جواني. پڙهائي. نوڪري ۽ فن سڀ ٻارن لاءِ داو تي لڳائي ڇڏيا هئا. سا مون کي ٽڪيون ڏئي سمهاريندي رهي. ڪجهہ عرصي کانپوءِ مون کي ٽريننگ کاليج مانٽيسوري ۾ داخل ڪرايو ويو. بابا پوڙهو. روز اسڪول ڇڏي ايندو هو. بابا پوڙهو قدآور خوبصورت ستر ڪن سالن جو صحتمند پروقار انسان بيحد پيارو. جيڪو سخت مذهبي ماڻهو هو ۽ مسجد جو پيش امام پڻ اڃي رنگ جي پريل سونهاري. چمڪندڙ وڏيون اکيون. سنهڙو ڊگهو نڪ ۽ سدا مسڪرائيندڙ. اسڪول وٽي ويندي مهل رستي تي ڪچهريون. قصا. شيون ۽ خرچيون. زينا. اسلم ۽ مون ۾ بابا پوڙهي جو ساهہ هوندو هو. امان تہ هونءَ ئي اڪيلي لاڏلي ڌيءَ

هئس. آءُ سجو ڏينهن سندس ڪمري ۾ وينو هوندو هئس. شوقيہ واڌڪي ڪر جو سامان، شاھ لطيف جو نندڙو رسالو، مذهبي ڪتاب ۽ ڪجھ ڪپڙا سندس ڪل پونجي هئا. صبح جو چئين بجي اٿي هليو ويندو هو. ناني سان بيحد پيار هوندو هئس، ڪيڏي ڪيڏي مهل هڪ ٻئي سان ڪاوڙبا هئا، پر پوءِ جلد ڪيس پرچائي وٺندو هئس. "اڙي پوڙهي، پوڙهي! هاٿي ڪاوڙ نہ. بس نهيو." هوءَ ہہ ڪيس سائينءَ ڪانسواءِ سڏيندي ڪونہ هئي. بابا پوڙهو قصن ٻڌائڻ جو شوقين هو، ڪا دلچسپ ڳالھہ ٻڌائي پوءِ پاڻ ہہ ڪلڻ شروع ڪندو هو. يڪساهي ڪل، زندگي سان پرپور جيئرا جاڳندا ٽهڪ، اکين مان پاڻي جاري، پيٽ تي هٿ، منهنجي دل چوندي هئي تہ بس بابا پوڙهو ائين ڪلندو رهي ۽ آءُ وينو هجان ۽ وقت بيهي رهي. تن ڏينهن بابا ڄامشوري جي اسپتال ۾ داخل هيو. طبيعت سخت خراب هئس. امان حسبِ دستور سپ ڪجھ ڇڏي بابا جي تيمارداري ۾ هئي. نومبر 1969ع جا ڏينهن هجن. سيءَ ہہ ڪافي هئا. گهر ۾ آءُ زينا (ادي اختر) ۽ اسلم (وڏو ڀاءُ) سان وينو هوندو هئس يا وري پيو پڪين جي ٻچن پويان ڊوڙندو هئس. هڪ ڏينهن زينا خبر ناهي ڪيڏانهن هلي ويئي. بابا پوڙهو سخت ناراض ٿي پيو. شام جو هڪ پراٹي ڄاڻ سڃاڻ واري ڇوڪري مهرالنساءِ آئي ۽ ٻڌايائين تہ زينا (ادي اختر) بک هڙتال تي ويٺي آهي. بابا پوڙهي جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون. اهو لسٽن واري تحريڪ جو دور هيو. لالا قادر، قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري ۽ ٻيا بک هڙتالي گرفتار ٿيا هئا. زينا ہہ اوچتو ئي اوچتو فيصلو ڪري ڊي سي آفيس آڏو وڃي ويٺي هئي.

سنڌو پبليڪيشن جي پرچي جنگ جاري رهي ۾ ان بک هڙتال جو ذڪر ڪندي زينا لکي ٿي، تہ "هيرآباد" مان بينر ناهڻ لاءِ پائو ۽ پينسل ونڻ مهرالنساءِ کي ساڻ کڻي 19 نومبر تي هڪ بجي ڊي سي جي بنگلي آڏو ڇبر تي بئٹر هٽي ويهي رهيس. ائين ادا حميد سنڌي لنگهيو، تنهن اچي پڇيو تہ اتي ڇو وينا آهيون. پوءِ بئٹر ڏانهن ڏنائين "مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال" ڪجھ دير ڪانپوءِ ڊي ايس پي آيو "تون منهنجي نياڻيءَ جيڏي آهين، گهر وڃ." مون چيو تہ "آءُ اٽڻ لاءِ ڪانہ آئي آهيان." پوءِ زبيده ڪاليج جي پرنسپال آپا امينہ هاليپوٽو ۽ سڀ مئجسٽريٽ مسٽر بروهي آيا ۽ سمجهائي سمجهائي ڪ٪ ٿي هليا ويا. انڪل ٽين بجي ہہ شاگرد ۽ ادا ڪامل راڇپر جن آيا، گل پارايائون، ڪن رسالا ۽ اخبارون ڏنا. سادِي چئين بجي ڪانپوءِ پاءُ يوسف تالپر، اقبال ترين، مسعود نوراني، يوسف لغاري، روشن پنهور، حسين شاھ ۽ ٻيا آيا. مبارڪون ڏنائون. دل وڏيہ

ته اکيلي کانءِ آهيان. ماڻهو گڏ ٿيندا ويا. مون کي ٿورو ٿورو سيءُ پوڻ لڳو هو. سو امان کان سوئيٽر ونڻي پاتم. پوءِ محترم حيدربخش جتوئي جا گهر وارا، دادي ليلا ءِ مير رسول بخش ٽالپر آيا. ڊي سي چيو "لسٽون سنڌي ۾ نهنديون، ڏهه ڏينهن انتظار ڪريو." مون چيو، "روز ٻا اهو چئو سرڪاري اعلان کان اڳ آءٌ کانءِ اٽندس." تيسين پاءُ امداد حسيني ءِ عبدالحئي آيا. مون کي چيائون، "پيٽ ڪنهن بہ قسم جو ڪٽڪو نہ ڪجو، توهان جي پٺيان انشاءَ الله سڄي سنڌ ايندي." مون چيو "ادا فڪر نہ ڪريو، آءٌ موت لاءِ بہ تيار آهيان. ايتري ۾ هڪ پوليس وين اچي پهتي. مون گاڏيءَ ۾ ويهڻ مهل "جيئي سنڌ" جو نعرو هنيو. پائرن زور سان چيو "سدا جيئي"، هوڏانهن اهو سلسلو پي هليو ءِ هيڏانهن گهر بابا پوڙهو سخت ناراض هجي، پر امان پنهنجي پيءُ سان بہ وڙهڻ لاءِ تيار هئي، "جيڪڏهن سنڌ جي غيرت لاءِ ٻک هڙتال ڪرڻ کي بيغيرتي ٻا چئو تہ پلي پيا چئو." ٻئي ڏينهن تي سندس ڪاوڙ ڪجهہ ڏري ٿي، پوءِ هڪ ڏينهن صبح جو بابا پوڙهو بي اختيار چوڻ لڳو:"واهہ زينا واهہ. " اسين حيران ٿي وياسين، پوءِ هلال پاڪستان اخبار مان هڪ نظر جو ٽڪرو پڙهي ٻڌايائين،

"سڄي مهراڻ اختر لاءِ آهي منتظر ٿي وئي،
جيئي سنڌو سندي تحريڪ آ پڻ تيز تر ٿي وئي،
هي آهي مارئي ثاني جا ٿي آ ڪوٽ قيدياڻي،
پلي ڄائي اسان جي ديس ۾ اختر هروڃاڻي."

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ اسين وري لطيف آباد بابا وٽ هليا وياسين، اتان هڪ ڏينهن بابا مون کي پنهنجي ٽويوٽا ڪرونا ۾ چاڑهي گاڏي ڪاتي ۾ ڪورٽ جي سامهون هڪ وڏي عمارت اندر ونڻي ويو. ماڊل اسڪول جي پرائمري حصي جي ڊگهي آفيس ۾ هيڊمسٽريس جي ڪرسيءَ تي هڪ وڇولي عمر جي خوبصورت ءِ صحتمند عورت وينل هئي. بابا سان ڳالهائيندي ڪيڏي ڪيڏي مهل سندس چپن تي انتهائي پياري مرڪ اچي ٿي وئي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ بابا مون سان پنجن منٽن ۾ موڪي اچڻ جو واعدو ڪري هليو ويو. آءٌ ڪٻٽ ۾ پيل ڪتاب ڏسي رهيو هئس، تيسين هڪ ٽلهي متاري پٽيوالي مون کي ٻانهن مان جهلي اتارڻ لڳي.

"ابا هل توکي ڪلاس ۾ ڇڏي اچان." مون فوري احتجاج ڪندي يڪساهي ڪٿي اوچنگار ڏني. هيڊ مسٽريس جي چپن تان مرڪ غائب ٿي ويئي ءِ زوردار لهجي ۾ ڏڪو مليو "ماٺ ڪري ويهہ، روئڻ بند ڪر." اها آپا قمر واحد سان منهنجي پهرين ملاقات هئي.

بابا واعدو پورو نہ ڪيو ۽ پنجن منڻن بدران ٻنيهرن جو هڪ ڏاري موڪيو. ان ڪوڙ لاءِ پوءِ آءُ هميشہ بابا تي تنقيد ڪندو رهيو هئس.

پوءِ مون ڪي زوري پر واري ڪلاس ۾ آندو ويو. جتي سانوري ۽ سنهڙي آپا زينت مون ڪي پرچايو. آپا قمر واحد، آپا زينت بروهي، آپا نجمہ شيخ، آپا خديجہ، آپا عائشہ، آپا ياسمين قاضي، آپا نسيم ٽريا ڊيپلائي، آپا شمشاد ميمڻ، آپا ارشاد، آپا نيلوفر جويو، امان جون مادل اسڪول واري زماني جون بهترين ساهيڙيون هيون. سڀو ڏينهن ڪچهريون، چانهيون، گهران ناهي آيل مانيون، رڌ پڃاڻ ۽ حڪمت ۽ هيوميوپيٿي جا مشورا امان جي لاءِ وڏي تفريح هئا. اهي سڀ ۽ انهن سان گڏ ادي بيبي امينا، آپا زيب ميمڻ، آپا افروز صديقي، آپا ممتاز پٽو، آپا زيب النساءِ، ادي نظير ناز، ادي تنوير جوٽيجو، ادي عابده پروين، آپا ثريا مخدوم، ادي خيرالنساءِ جعفري، آپا نگهت شيخ وغيره سنڌي عورتن جي ان دور واري ان نرالي قافلي جون پائڌياٽيون هيون، جن ابن ڏاڏن جي ملڪيتن يا مڙسن جي پگهارن ڪانسواءِ، بڪون ڪائي، ڪشالا ڪيي، پنڌ ڪري، ذلتون ۽ الزام سهي، پنهنجي يا پنهنجي قوم جي ڪردار تي ڪو داغ لڳائڻ ڪانسواءِ پنهنجن ٻچن، پنهنجي گهر، پنهنجي شعبي ۽ پنهنجي قوم سان اهڙو انصاف ڪيو جو ڪاش امر سنڌو، عرفانہ ملاح، سحر گل پٽي، عطيہ دائود يا سسئي، انيتا، بختاور، نصرت، نازيہ، ماهين ۽ سبين وغيره وٽ وقت ۽ وسيلا هجن. تہ انهن مان هر هڪ سينئر عورت تي هڪ ڪتاب لکجي. 71ع جي وچ ڌاري تلڪ چاڙهي پرسان جامع عربيہ اسڪول ۾ سنڌي ٻولي ڪنوينشن منعقد ٿيو. ان ڏينهن تي سنڌ جا سمورا مکيہ سياسي اڳواڻ، اديب ۽ دانشور اچي گڏ ٿيا هئا. اهو شايد پهريون فنڪشن هو. جنهن ۾ اسٽيج تي اچي مون هزارن آڏو شاهہ لطيف ۽ ايياز جا ڪجهہ بيت ٻڌايا هئا. ان مهل منهنجيون ٽنگون ستڻ جي اندر ڏڪيون پئي، پر بابا ۽ امان جي همٿائڻ تي خبر ناهي ڪيئن مائيڪ آڏو آيو هئس ۽ پوءِ تاڙين جي گونج ۾ هڪ بيت جي پوئين سٽ وسري ويم ۽ ٿاٻڙجندو هيڻ لهي آيس. رات جو دير سان آخري نشست مهل امان جڏهن حيدربخش جتوئي جو گيت "جيئي سنڌ" ڳائڻ شروع ڪيو تہ سوين اديب ۽ شاعر اٿي بيٺا. پوءِ ڪي اسٽيج تي ڪي پنڊال ۾ جهومريون هڻڻ لڳا. سندن اکيون چمڪي رهيون هيون. آءُ ہ اجرڪ ڪلهي ۾ ويڙهي اسٽيج تي اچي نچڻ لڳو هئس. پوءِ شايد حفيظ قريشي يا چاچا فاضل مان ڪنهن مون کي ڪلهي تي ويهاري رقص ڪرڻ شروع ڪيو هو. سڄ ڀڄ تہ سنڌي نظر ۽ شعر تہ شيخ ايياز، تنوير، بخاري ۽ حيدر بخش جتوئي ڏنا پر انهن کي زبان

امان ڏني. ون يونٽ سنڌ جي نالي ونڊ تي پابندي وڌي، امان للكار ڪئي "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ"، بنگلاديش ۾ قتل عام ٿيو. گيت گونجيو "پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن" وڏيرن اقتدارن ۾ اچي سنڌ وڪڻڻ شروع ڪئي، جيجيءَ هڪل ڪئي "سنڌ هاريءَ جي سنڌ مزدورجي، سنڌ ڪنهن مير يا پير جي ڪونہ آ" پٽو شهيد ٿيو. "موت نہ توکي ماري سگهندو" فاضل تي کهاڙي ڪڙڪي، "زنده آهيان زنده رهندس". نذير عباسي ماريو ويو. "او امان اوامان- مان بہ ماريو وڃان." ايئر آر ڊي جا شهيد ڪنا. "موري ميهڙ دادو ۾" ضياءالحق کوڙا ۽ جيل ڪڙڪايا. "جنگ جنگ جنگ آهہ."

هوءَ سنڌ جي ڪڏهن بہ نہ جهڪندڙ ڪڏهن بہ نہ خاموش ٿيندڙ هڪ اهڙي مسلسل انقلابي صدا هئي، جنهن وڪڙهارا ۽ امر ڪلثوم وانگر نہ صرف انقلاب ڇٽيا بلڪ ليوخولان، جميل بوپاشا، زويا آندرو وچ ۽ ليلئ خالد وانگر پهرين صف ۾ لڙيون ڪائي متا بہ قاڙايا.

جولاءِ 1972ع ۾ سنڌي هولي کي سرڪاري زبان بنائڻ جي بل ڪانپوءِ جڏهن مخالف ڇرڪي پيا ۽ سنڌين جون جانيون ۽ ملڪيتون نشانو بنائڻ لڳا، تن ڏينهن مون کي چاچا فاضل کي وڌيڪ ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. تڏهن بابا پوري طرح انقلابي سياست ۾ اچي چڪو هو. تنهنڪري سنڌ دشمن قوتن جي نظرن ۾ اسان جو گهر ڪنڊي وانگر چيڙ لڳو هو. هڪ ٻہ پيرا تہ سوين ماڻهو جلوس ڪڍي گهر جي ٻاهران نعري بازي بہ ڪري ويا، منهنجي طبيعت تڏهن سخت خراب هجي، شايد ٽائيفائيڊ هيو. هڪ پاسي بيماري ٻئي پاسي حملا، مجبورن اسين ٻہ ٽي ڏينهن گاڏي ڪاتي ۾ سائين سراج ميمڻ وارن جي گهر اچي رهياسين. ڪجهہ ڏينهن گذريا، تيسين بابا شايد گرفتار ٿي ويو ۽ اسان لطيف آباد ۾ اڪيلا ٿي پياسين. هڪ ڏينهن خبر پئي تہ اڄ مخالف گهر تي حملو ڪندا. اسان وٽ گهر ۾ هٿيار تہ نهيو پر ڪا سنئين سيبتي ڪائي بہ ڪانہ هئي، بس پوءِ چاچا فاضل کي اطلاع ڪيوسين ۽ ٻئي ڏينهن ڏهہ ٻارنهن هٿياربند ماڻهو پهچي ويا، زٽو زنگيجو هجي، شير خان لنڊ هجي، شام جو اوچتو رائيفل صاف ڪندي ادا حڪيم کان گولي هلي وئي. پاڙي ۾ ڏهڪاءُ ٿي پيو تہ هنن وٽ هٿيار آهن، تڏهن بہ ٻئي ڏينهن جلوس ڪڍي آيا پر هو اڃا ويجهو مس ٿيا تہ اسان وٽان ڪنهن چاچا فاضل راهو جي ٽوٽو واري رائيفل سان فائر ڪيو، پوءِ تہ ٽاکوڙو پئجي وين ۽ وري منهن نہ ڪيائون. تن ڏينهين مون پهريون دفعو امان کي هڪ نئين روپ ۾ ڏٺو. بندوق ڪٽي پهرو ڏيندڙ عورت جي روپ ۾، جيڪا ڏينهن جو هوڙ ڏيندي هئي ۽ رات جو بندوق سيراندي رکندي

هئي. آئون هر وقت امان سان وڙهندو رهندو هئس. ڪڏهن مانيءَ تان، ڪڏهن خرچيءَ تان، ڪڏهن پڙهائيءَ تان پر امان دڙڪا ڏيو وڙهيو ٻن منٽن کانپوءِ اهڙي جو اهڙي. بابا خلاف ڪڏهن ب منهنجي سامهون نہ ٻگالهايائين، همیشہ پئي سندس تعريفون ڪندي هئي پر ان جي بنسبت بابا جي همیشہ مٿس تنقيد جاري هوندي هئي. ها باقي ماما عوٿو (عثمان) ۽ بابا پوڙهي سان بحث جا امان جا دنگل جاري هوندا هئا. پوءِ ڪافي عرصي کانپوءِ بابا پوڙهو ب مادل اسڪول ۾ قرآن ٽيچر ٿي آيو. اهي ڏينهن ب اسان سيني لاءِ ڪيڏا نہ يادگار هئا. امان ۽ بابا پوڙهو ٽيچر، آءٔ ظفر، نورن، رشيد، سڪندر، انيتا، تانيہ سپ ساڳي اسڪول جا شاگرد. اسين پناڻ ڪالوني شفٽ ٿي چڪا هئاسين پر اسڪول مان ڪڏهن ڪڏهن آءٔ بابا وٽ لطيف آباد هليو ويندو هئس. اوڏانهن وڃڻ جو طريقہ ڪار ڏاڍو دلچسپ هو. اسين ٽئي ياٿر ظفر، نورن ۽ آئون اچي هل ٽاپ سٽيما جي پويان لطيف آباد ويندڙ رود وٽ بيهندا هئاسين ۽ جيڪا گاڏي لنگهي ان کي لفٽ جي اپيل ڪيون، اهڙي ريت جدا جدا قسطن ۾ اچي گهر پيڙو ٽبو هو. شام جو انهن پاڙي جي بچيل پئسن مان يا تہ سائيڪل ڪٽي ريس ڪندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي کي سائيڊ هٽي ڪيرائيندا هئاسين يا وري سنگيت سينما ۾ وڃي فلم ڏسبي هئي. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ بابا ۽ امان کي ان ٻگالهہ جي خبر پئجي وئي ۽ شام جو اسان جي حاضري ٿي.

"گهر لفٽ ونې ايندا آهيو؟"

"ها بابا!"

"انهن پئسن مان فلمون تا ڏسو؟"

ذري گهٽ روئٹهارکو ٿي چيم. "ها بابا."

"هوندي سوندي ائين ڪوہ ڪبو آهي. هاڻي هيئن ڪريو. گاڏي ڪاتي مان پنهنجي پريس تان روز ڪجهہ انقلابي ڪتاب ڪٽي بسن ۾ وڪڻندا ڪريو. قيمت مان ٽيٽيہ سيڪڙو اوهان کي ملندو. پورهيي جي عادت ب پوندوَ ۽ فلمون ب ڏسي سگهندو."

اسان جي پيٽ ۾ ساهہ پيو "ٹيڪ آهي بابا." بس پوءِ تہ روز مقابلو هوندو هو تہ ڏسون تہ ڪير ٿو گهٽا ڪتاب ڪپائي. نوان نوان دليل. نيون انڪلون، ماٺهو جواب ڏيو چڏين تہ منٽون. پر جي صفا ناڪامي ملي تہ پوءِ منهن پيلو. ٻين کي حسد جي نگاهہ سان ڏسندي گهر واپسي. جنوري 1977ع ۾ شير خان لنڊ جي ٻوٹ پرسان سنڌي هاري ڪميٽي جو پهريون ڪنوينشن ٿيو. پيپلز پارٽي جي ان دور ۾ بابا ۽ چاچا فاضل تڏهن جيل ۾ هئا. آئون پاڻ اسلم ۽ امان شرڪت لاءِ بنوري پهتاسين. ٻن سببن جي ڪري اهو ڪنوينشن

منهنجي زندگيءَ جي يادگار ترين ڏينهن مان هڪ ڏينهن هو. هڪ ان ڪري جو ان ڏينهن پهريون پيرو مون سنڌ جي سچن وارث هارين کي انتهائي پرجوش ۽ منظر ڏٺو هو ۽ ايرن حالن سارو جيڪو جذبو ۽ جولان ان وقت هو سو اڄ هوند ڳولي به نه لڀي. ٻيو ته ان ڏينهن پهريون پيرو مون بنا ڪنهن ٻئي جي مدد ۽ بنا تياري جي هزارن ماڻهن جي آڏو تقرير ڪئي هئي ۽ ان تقرير لاءِ مون کي همٿايو هو امان.

مون کي ياد ٿو پوي ته ان مهل اسٽيج تي ڊاڪٽر فيروز، قاضي غفار، واحد بخش بنگلاڻي، ڪوٽو رستماڻي، جمعو نوحاڻي، علي سوڍو، امين خاناڻي، گهرام ميرجت ۽ ٻيا هاري اڳواڻ وينل هئا. ڇني اندر هشام ماڻهن جا هئا. پٽ تي پڙچ وڇايل هئا. هڪ طرف عورتن لاءِ ڏار انتظام هو، جتي ڊاڪٽر فيروز جي گهر واري نادره، امان، نور خاتون ۽ شهربانو، خديجه ڪيڙانو وغيره وينل هيون. پنڊال ۾ ڪارروائي هلندي جڏهن هاري ڪميٽيءَ جو جهنڊو منظوري لاءِ پيش ڪيو ويو ته هڙ ماڻهن جي دلين ۾ جڪڙيل جذبن جون چوليون اڇلي پيون. هزارين هاري بي اختيار اٿي تاڙيون وڄائي رهيا هئا. نعرن جي ڏم هئي "هارين جو ويري ٿيندو ڏيري." "هاري جاڳيا هاري ڙي- پڇ وڏيرا پاڙي ڙي."

شير خان لُنڊ ۽ اسماعيل سوهي جي تقريرن ڏاڍو مزو ڏنو هو. شير خان چيو هو "وڏيرا ٻڌي ڇڏيو، اسين توهان کي لتون هٽي زمينن تان ڪڍي ڇڏينداسون." ڊاڪٽر فيروز چيو هو "دنيا جي گهٽن ئي ملڪن ۾ ويو آهيان، ڪانفرنسون اٽينڊ ڪيون اٿم، پر اڄ جي ڳالهه ئي ٻي آهي. ويٽنام، ڪيوبا، انگولا ۽ ٻين ملڪن ۾ به عوامي جدوجهدن جي شروعات ائين ئي ٿي هئي."

سيني مقرري پنهنجي تقريرن ۾ رسول بخش پليجي، فاضل راهو، طارق اشرف، عبدالواحد آريسر، شاهه محمد شاهه، ابو بڪر زرداري ۽ ابراهيم منشي جي آزاديءَ جو مطالبو ٿي ڪيو. ان ڏينهن شايد پهريون پيرو مون سنڌ جي مقبول عوامي شاعر محمد خان مجيدي کي گجندي ٻڌو هو:

"روپ نگر جي راڻي آهيان، منهنجو نالو آهي سنڌ، ڪيڏ پيڏ منهنجو بند، ڪيڏ پيڏ منهنجو بند، ڏاڏا هوشو تنهنجا ڏهٽا اڄ پي آهن چوٽ چرياڻ. نعرو جن جو سنڌ نه ڏيسون، پٽو جن جو پنڌ ئي پنڌ." دل چيو ٿي ته اٿي ٻيهي زور زور سان تاڙيون وڄايان ۽ پوءِ شايد ائين ڪيو به هئر. اڄ آسن امنگن جذبن ۽ جولاڻن واري ان ڏينهن جو ڪو ڏنڊلو خاڪو به ذهن ۾ اڇي ٿو ته من جهومڻ ٿو لڳي. واهه واهه ڇا نعرا هيا، ڇا نينهن

هئا ۽ آخر ۾ جڏهن امان ڳايو هو،

"سنڌ هاريءَ جي سنڌ مزدور جي،
سنڌ ڪنهن مير يا پير جي ڪونہ آ."

۽

"تون هونءَ بہ مرندين ڪاڇي ۾،
پوءِ آءُ پهاڙي پاڇي ۾."

۽

"پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنبو اپ تائين جهولينڊو،
اهڙو ڏينهن بہ ايندو، ساڻي اهڙو ڏينهن بہ ايندو."

۽

"مان باغي مان مجرم سزا وار آهيان،
جو پنهنجي وطن سان وفادار آهيان."

امان جي ڪوئل جهڙي انقلابي آواز جي هر صدا سان پنڌال ائين ٽي جهوميو جڙ ماڻهو ماڻهو نہ هجن مهراڻ جي موجن تي لهرائيندڙ هزارين ٻيڙيون هجن، فضا ۾ اڏامندڙ رنگ برنگي پکي هجن يا مورڇن مان هلندڙ استين گن جا برسٽ. مون ۾، پاڻ اسلم ۾، سسئي، بختاور، پرهہ، سرمد، اسد، سونهن، امرتا ساحر ۽ علي ۾ سيني ۾ مطالعي جو شوق بنيادي طرح امان پيدا ڪيو. پنجن ڇهن سالن جو مس هوندس جو بابا ۽ امان گورڪيءَ جو نندپڻ پڙهي ٻڌايو هو. امان تن ڏينهين ايلسا نالي هڪ ڪهاڻي بہ بادل رسالي لاءِ ترجمو ڪئي هئي، جيڪا هڪ يورپين عورت ۽ هڪ شينهڙ متعلق هئي. ياد اٿر تہ جڏهن اها ٻڌي هئر تڏهن اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا هئا. ان کان پوءِ مختلف وقتن ۾ عالمي ادب جا شاهڪار يا تہ امان پڙهي ٻڌايا يا بابا ۽ امان جي صلاح سان پاڻ پڙهيم. چراغ جلتا رها، ايڊيٽ، دارو رسن ڪي آزمائش، چيني ۽ ويٽنامي ڪهاڻيون، ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ. پوءِ وري ڪافي عرصو پئي شڪاريات پڙهيم ۽ جم ڪاربٽ منهنجو آئيڊل بنجي ويو ۽ پوءِ پاڻ اسلم ڪي ڏسي جاسوسي ادب جي چوس پئجي وئي. ابنِ صفي جا ناول، فريدي ۽ عمران جا ڪارناما، جيمس هيڊلي چيز ۽ آڳاٿا ڪرسٽي جا چرڪائيندڙ داستان، شرلاڪ هومز، پيري ميسن، نڪ ولوٽ تہ منهنجي خوابن ۾ بہ پيا ڪارناما ڪندا هئا. وچ وچ ۾ گانڌي، هٽلر، لينن، مائو، علامہ دائود

پوٽي، برٽرينڊرسل جون بائيو گرافيز ۽ آيون پر اڳتي هلي وري ڊائجسٽ مليا تہ وري ٻيون سڀ ڳالهيون چٽيون ۽ صديون کا بيٺا جو هيرو ۽ ديوتا جو فرهاد علي تيمور ۽ بازيگر جوبا برزمان خان دل ۽ دماغ تي حڪمراني ڪرڻ لڳا. اڪثر سوچيندو هئس تہ بابر وانگر چاقو هلائڻ يا فرهاد جيان آءٌ ۽ ٽيلي پيٽي سکي سگهان. هڪ دفعي ان موضوع تي بابا سان چگو خاصو بحث ۽ ڪير ۽ پوءِ ۽ ٽي راتيون ماڙيءَ تي ڪنڌ ۾ ميڙ بتي ٻاري ان جي لاٽ تي اکيون ڪپائڻ جي مشق ۽ ڪئي هئر. پر مٽي جي شديد سور ۽ اکين مان وهندڙ پاڻيءَ دل لاهي وڌي پر منهنجي انهن سمورن تجربن ۾ امان هڪ ماءُ وانگر نہ پر هڪ هر عمر دوست وانگر دلچسپي ورتي هئي. پوءِ وري امان جي ڪوششن سان سفرنامن جو آغاز ٿيو ۽ الطاف شيخ منهنجي لاءِ ڪوهہ ڪاف جو شهزادو بنجي ويو. لاس پاماس، ڪولمبو، مانچسٽر، ٽوڪيو ۽ استاڪ هوم جا رنگين ۽ سحر انگيز داستان مون کي پاڻ ڏانهن ائين چڪيندا هئا، جيئن يوناني سورمي اوڊيسس کي سمنڊ ۽ سائرنز نالي خوبصورت ڏائڻين پي چڪيو. سياحت جي ڪشش ايتري وڌي وئي جو ميرين اڪيڊمي جا ڏکا وڄي کاڌم ۽ هڪ پرائيويٽ شپنگ ڪمپنيءَ ۾ تہ ڊيڪ ڪيڊٽ ٿيڻ جو موقعو ب مليو. پر ڪن سببن جي ڪري نہ وڃي سگهيس. سچ پچ تہ الطاف شيخ جا ان لحاظ کان اسان تي وڏا احسان آهن جو هن کوهہ جي تري ۾ ٽپا ڏيندڙ ڏيڏرن کي تري تي ڪڍي آسمان تي اڏندڙ جهرڪيءَ جيان ساري دنيا جو نظارو پسرايو.

سفرنامن جو اهو سلسلو اڄ ب جاري آهي. ماهتاب محبوب، ريٽا شاهاڻي، عبدالحئي پليجو، آغا سليم، فهميده حسين، تنوير عباسي ۽ اردوءَ ۾ تارڙ، انشا، فخر زمان ۽ ممونکا جو ڪوب سفرنامو نہ ڇڏيو اٿر. ساڳي طرح افسانن ۾ وري بابا ۽ امان جو اڪثر موضوع گفتگو هوندا هئا، امر جليل، نسيم کرل، منٽو، بيدي، قرة العين، ڪرشن چندر- ان سموري عرصي ۾ نثر ۾ مختلف ذائقا بدلائڻ جي باوجود شاعري ۾ سڃي گهر جي پسند تقريبن ساڳئي رهي. لطيف ۽ ايازجي شاعريءَ جو ڪافي حصو تہ بابا، امان ۽ مون کي زباني ياد هوندو هو. ان کانسواءِ امداد حسيني جو نظر بدلو ۽ شرط، تنوير عباسي جو "خوشبو شل آزاد رهي" ۽ منشي جي "ڪونج ورني ڪامٽي" ننڍي لاڪرئي سارو ڏينهن پيار گهر ۾ ٻڌبا هئا. فيض، فراز، ساحر ۽ انشا ب گهر ۾ گونجندا هئا. شاعري جي چونڊ ۽ پسند جي حوالي سان بابا منهنجو آئيڊيل آهي. پاڻ ئي اسان کي سڻا نظمَ پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو ڏانءُ سيکاريائين. ان کانسواءِ والٽ وٽمين، شيلي، عرفي، حافظ، بلي شاهہ ۽ فريد جي ڪجهہ شاهڪارن کان ب بابا ئي واقف ڪيو. پر

نٹر جي حوالي سان مون بابا جي هدايتن تي مڪمل عمل نہ ڪيو. بابا اڪثر چوندو هو هي پڙھ. هُو پڙھ. اهي پڙھڻ سان گڏ مون اهو بہ پڙھيو جيڪو بابا جي نظرن ۾ ردي، غير انقلابي يا مدي خارج هو. بابا جاسوسي ناول ۽ آمريڪي بيسٽ سيلرز جھڙوڪ سڊني شيلڊن، جيفري آرچر، ڊان برائون، جان گرشام، فريڊرڪ فورسٽ پڙھڻ جي سخت مخالفت ڪئي پر مان سمجھان ٿو تہ اهي ئي ڪتاب مون ۾ لاڳيتي مطالعي جي عادت وڌھڻ جو سبب بڻيا. انگريزي ادب پڙھڻ لاءِ بابا پريور رهنمائي ڪندو رهيو پر ڪتاب آڻي ڏيڻ يا ان لاءِ پئسا ڏيڻ، ڪتاب سنياڻي رکڻ ۽ پڙھيل ڪتابن جو احوال ونڻ ۽ انهن تي طويل تبصرا ٻڌڻ جي صبر آزما ڪم جو بار هميشہ امان ڪنيو. اسان کي اڪثر بابا جي ڪنهن بہ شئي تي اختيار نہ رهيو پر امان جي پرس ۽ ڪٻٽ کان وٺي سندس ڪتابن، بينڪ اڪائونٽ، پگھار، تصويرن، لکڻين ۽ وقت تائين سڀ اسان ٻارن يا سندس ڏوهٽين ۽ پوٽين جي حوالي رهيا. وٽس پنهنجي ذات لاءِ تہ ڇڻ ڪجھ هو ئي ڪونہ هو. 18 مارچ 1978ع تي صبح جو اوچتو ريڊيو تان ذوالفقار علي ٻٽي کي موت جي سزا ٻڌائڻ جو اعلان ٿيو. سڀ وائڙا ۽ پريشان ٿي وياسين. ڏک بہ الاهي ٿيو، حالانڪ اليڪشن دوران هنن زيادتيون بہ الاهي ڪيون هيون. چاچا فاضل ۽ اسماعيل سوهي جي ورڪ دوران وڏيرا سڀ حدون اورانگهي ويا هئا پر قيد جي ڪوٺڙين پويان موجود مظلوم ۽ اڏول پُٽي سان ڏکين حالتن ۾ وري کڙا ليکا ۽ ڪهڙيون شڪايتون. گھر ۾ هڪدم فيصلو ٿيو تہ حيدرآباد ۾ عورتن جو وڏو جلوس ڪڍي جدوجهد جو آغاز ڪجي پر مايون ڪٽان اچن ۽ ايندين بہ يا نہ؟ بهرحال امان وارا اطلاعن ڪرڻ ۾ لڳي ويا. مريم سومرو، نسيم سنڌي، مهرالنساءِ پٺاڻ، آپا افروز، ماسي سمي، سياڻي ۽ ٻين سان رابطو رکيو ويو. ٻن ڏينهن جي لاڳيتي ڊوڙ ڊڪ کانپوءِ 22 مارچ تي سيشن ڪورٽ اندران جلوس ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

امان جيڪا ان وقت ماڊل اسڪول ۾ ٽيچر هئي سا برقعو پائي آپا زينت کي ٻڌائي لڪ ڇپ ۾ ڪورٽ اچي پهتي. اڪثر ماڻ کي يا تہ وڏيون چادرون ويڙهيل هيون يا برقعا، اسين سڀ پريان ساڻي يوسف ڪتري جي ٽائيپنگ اسٽينڊ وٽ بينل هئاسين. وقت پورو ٻُچي ٿيو ۽ سوين ماڻ نعرا هڻڻ شروع ڪيا.

"مارشل لا نامنظور" "پُٽي کي آزاد ڪريو."

اڳين صفن ۾ هلندڙ آنٽي قمر جي ڏيءَ نصرت ۽ ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪير جهڙي اچي ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ جذبات ۾ اچي پنهنجيون چوڙيون ڪورٽ جي پرسان

پڄي آس پاس گڏ ٽيندڙ وڪيلن ۽ عام ماڻهن ڏانهن اڇلايون. اڪثر ماڻهن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا، پوءِ اهو جلوس حيدر چوڪ ڏانهن وڌڻ لڳو. ماڊل اسڪول جا شاگرد ۽ ڪلاس جو بائيڪاٽ ڪري جلوس ۾ شامل ٿي ويا. جلوس ۾ شامل ڪيترين ئي پوڙهين دردناڪ آوازن ۾ پار ڪڍي رهيون هيون. لڇپت روڊ وٽ اوچتو پوليس جون ٽرڪون سائرن وڄائيندين تيزي سان مٿان اچي ڪڙڪيون. مايون منجهي پيون پر تيسين اڳواٽ رٽيل پروگرام تحت سلام ميمڻ جي اڳواڻي ۾ اسان پوليس تي پٿراءُ شروع ڪري ڏنو. سپاهي جيسين وڌن تيسين اسين آسپاس گهٽين ۾ گر، پر هڪڙو نوجوان ڇوڪرو جهلجي پيو. جنهن کي هو بيدرديءَ سان مارڻ لڳا. هڪ سپاهيءَ ڪنداڪ سان سندس مٿين ڇپ ڪاڍي وڌو. امان ۽ ٻيون مايون اهو منظر ڏسي نه سگهيون ۽ ٽرڪ جو گهيرو ڪري ڇوڪري کي زوري ڇڏايائون. راحت سينيما لڳ ڇوڙيون پڇندڙ حسين ڇوڪري هڪ بڪ اسٽال تان اخبار کڻي جنرل ضيا جو فوٽو ڪاڍڻ لڳي. جلوس اڳيان نڪري ڇڪو هو سو اسٽال جي مهاجر مالڪ اچي کيس ٻانهن مان ورتو پر اوچتو مير مظهر گهٽيءَ مان نڪتو ۽ اسٽال واري کي ڇڪڙ مان جهلي ريئي جو نوٽ مُنهن تي هڻي ڪڍيائينس. ڪجهه اڳيرو مٿان ڇتين تان غير سنڌي عورتون جلوس تي ڳاڙها مرچ ملايل پاڻي اڇلائڻ لڳيون، جنهن ڪري ڪجهه ماڻهن ڏيڻ شروع ڪيون. بهرحال تيسين اڳيان پوليس ڦري آئي ۽ جلوس کي تلڪ چاڙهي ڏانهن وڌڻ نه ڏنو ۽ زوري ڪنٽومينٽ ڏانهن ڌڪڻ لڳي. ڪجهه عورتون جامع مسجد اندر لنگهي ويون، باقي ٻين کي گرفتار ڪيو ويو. ٽن چئن ڏينهن ڪانپوءِ امان کي ان ڏوهه ۾ گرفتار ڪري سکر جيل موڪليو ويو. بابا اڳ ۾ ئي جيل ۾ هو. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ ادا گل (چاچا غلام قادر) ۽ پاءُ اسلم به گرفتار ٿي ويا. پاءُ اسلم جي طبيعت سخت خراب هئي. دم جي تڪليف هئس، کيس ڪافي ڏينهن سڌي لاڪپ ۾ رکيائون، جتي سخت گندگيءَ سبب علاج نه ملڻ ڪري بيماري وڌي وئي. آءٌ روزانو ادا گل لاءِ سامان ۽ اسلم وارن لاءِ دوائون، شام جي ماني ۽ ٻيو سامان کڻي ويندو هئس. سال کن ۾ آءٌ صفا دربدر ٿي ڇڪو هئس. اڪثر حالتن ۾ امان ۽ بابا سان ملاقات لاءِ سکر يا ڪراچي جي ياڙي جيترا پئسا به نه ٿي سگهندا هئا. اها حالت ڏسي هڪ پيرو ته چاچا فاضل پاڻ سان گڏ ڪراچي وٺي ويو، جتي هاءِ ڪورٽ جي چپر تي بابا ۽ امان شنوائين تي ايندا هئا. جنگشاهي ۾ رهڻ وارا ڏينهن ساڻ سنگت جي ڪري مزيدار به هوندا هئا ته ڪن اذيت پسند ماڻهن جي زهريلن جملن جي ڪري عذاب پڻ. هڪ پيرو ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ بابا ۽ امان جي انتظار ۾ وينو هئس. رمضان

جو مهينو هو. صبح جو ڳوٺان ايندي رکيل مڇي کاڌي هئر سو اوچتو الٽي اچي وئي. منهنجي پرسان بينچ تي هڪ بت ۾ پريل غير سنڌي پوليس انسپيڪٽر وينل هو. اڌڪا ڏينديِ مون ان اميد سان ڏانهنس نهاريو ته ڪٽان پاٽي ڏڪ آڻي ڏيندو پر هن اڳتي وڌي ٻانهن کان جهلي مون کي پٽ ڏانهن ٽيلهو ڏنو. "مرنا هي تو وهان جاکر مرو، همارا روزا مت خراب کرو." ان ڏينهن مون کي احساس ٿيو ته ڪي مذهبي ماڻهو ايڏا بيرحم، سفاڪ ۽ درنده صفت به ٿي سگهن ٿا. پوءِ پريان کنڊ ۾ ٻهارو ڏيندڙ پنگيءَ مون کي سندس گلاس ۾ پاڻي آڻي پياريو هو ۽ جڏهن سانت ۾ اچڻ کانپوءِ ڪيس ٻه ٽي روپيا ڏيڻ چاهيو ته ڪلي چيائين"ڇوڙي! بخشش صفائي کا ليتي هين پاني پلائي کا نهين."

امان ان ڏينهن شنوائي تي آئي ته ڪيس ٻه روزو هو پر مون کي ڇگي طرح ياد آهي ته روزو هوندي ٻه بابا سان ملاقات لاءِ آيل ساڻين کي، بابا کي ۽ مون کي پنهنجي هٿن سان ريلوي اسٽيشن تان آندل ٽکيون ۽ ٻوڙ کارايو هئائين. امان جو پرس ۽ ٽيلهو دراصل اهڙو خزانو هئا جتان مون کي ۽ ٻين گهر وارن کي، ساهر، سرباز ۽ جوش کي، مادل اسکول جي ٽيچرن کي هميشه کائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه پيو ملندو هو. ڪباب، ڪچوريون، نندڙي باڪس ۾ پيل منديءَ جو ٻوڙ، تريل بيدو، لائي يا ٻيو نه ته سائو مرچ ۽ بصر هر حال ۾ سيني لاءِ حاضر هونداهئا.

نومبر 80ع يا 81ع جا ڏينهن هجن. هڪ رات دير سان سکر مان موٽندي امان گهر هڪ سدا ملوڪ جواڻ جماڻ ڇوڪري پاڻ سان وٺي آئي. صبح جو اسان سيني سندس متعلق پڇيو. امان ٻڌايو، "نيشنل هاءِ وي جي هڪ شهر ۾، بس اسٽاپ پرسان هڪ مانڊٽي پرسان بينچ تي هيءَ ڇوڪري چادريءَ ۾ ويڙهي سيڙهي بيگاهه وقت تي اڪيلي وينِي هئي. پاڻيءَ لاءِ بس بيني، سو بيمار سمجهي احوال ورتومانس. ته ٻڌايائين ته گهران پڇي نڪتي آهيان، سو وٺي آئي آهيانس." ڇوڪري جڏهن صبح جو ننڊ مان اٿي ته اوچنگارن سان گڏ ڏڪڻي هجي ته بيهيس ئي نه. جڏهن سبب ٻڌايائين ته اسان سيني جا طاق لڳي ويا. ماما عوٽو (عثمان) چيو ته فورن واپس ڪيو. پاڻ اسلم ۽ مون ٻه چيو ته پوليس حوالي ڪيون. پر امان انڪار ڪري اسٽينڊ وٺي بيهي رهي.

"چو؟" جيڪڏهن عام ڇوڪري هجي ها ته پلي مدد ڪيوس ها پر ڪنهن وڏي گاديءَ، پير يا درگاهه واري گهر جي ڇوڪري جي مدد ڪرڻ حرام آهي؟"

اسان گهٽو ئي سمجهايس پر نه مڙي ۽ ٻئي ڏينهن ان ڇوڪريءَ جو بيان ميجسٽريٽ وٽ ڪرائي، ان کي اپوا جي گهر ۾ رکرايائين. هفتو گذريو ته هڪ وڏي جيپ ۾ ڪئي

گاردن سان هڪ بزرگ گهر ٻاهران آيو. "امان- چوڪريءَ کان پل ٿي هئي. اسان ۽ ناداني ڪئي. هاڻ نڪو ماريونس ٿا. نڪو حق ٿا بخشرايونس. تنهنجا هٿ نہ پڇنس ها تہ خبر ناهي ڪنهن جي حوالي ٿئي ها."

اها چوڪري پوءِ ڪئي سالن تائين ٻانهين هٿان امان کي ڪارڊ موڪليندي رهي ۽ امان نہ هن کي جواب ڏنو. نہ ڪيس ڪنهن ڪهاڻي يا ڊرامي جو عنوان بنايائين ۽ نہ ئي ڪنهن ڪالم يا تقرير جو موضوع. هي سڀون لکڻ کان ٿوري دير اڳ ٻارن سان اندين مزاحيہ فلم پي ڏٺم. جيڪڏهن سچ پچ ڪير مون کان پڇي تہ فلم ۾ ڇاٽايل "گانڌي گيري" ڪنڊ، اهنسا ۽ سچ جي رستي تي هلندڙ ڪو ماڻهو حقيقي زندگي ۾ ڏٺئي تہ آئون هڪدم جواب ڏيان "جيجي زرينہ بلوچ." هوءَ مڪمل طور لطيف سائين جي پيغام تي هلندڙ هڪڙو جسماني طرح ڪمزور پر ذهني طرح هماليہ پهاڙ هئي. سماج جا سمورا ڪمزور، ڏاريل يا بي زبان ماڻهو سندس گهر پاتي هٿا. ٽاڪ منجهند جو جڏهن گهري نند ۾ ستي در تي ڪڙڪو ٻڌي ڪاوڙ ۾ دريءَ مان جهاتي پائيندو هئس تہ امان چپن تي آڱر جو اشارو ڪندي ڪنهن گرگلياٽي يا فقيرياٽي کي در ٽپائي اندر ويهاري ان کي گهر وارن ٽانو ۾ ماني پئي ڪارائيندي ۽ سُسُ پُس ۾ ساٽس ڪڇهري ٻہ پئي ڪندي هئي. لندن ۾ پيڙ زينا، پرهہ، مظهر، سهيل ۽ سسئي ٻڌايو تہ اتي آغا خانين جي جماعت خاني ۾ ٻہ ويندي هئي. مندر ۽ گردواري جي منائي ٻہ آڻيندي هئي تہ قاديانين جي هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرن جا نسخا ٻہ. هڪ دفعو آفيس کان موٽندي برسات هلندي پاٽي ۾ ڪتيءَ جو پيل لاش ڏٺم. چوڪيدار ٻڌايو تہ تازا ٻچا ڏنا هئائين. مينهن جي ڪري بکون ڪائي ٻچن کي ڪير پيارندي مري وئي آهي. امان سان گهر ڳالهہ ڪيم. ماني کائيندي ٿي وي پي ڏٺم تہ امان ٻہ چٽيون ڪٽي اڇي بيني "ايازهل تہ هلون." آئون ڳالهہ سمجهي ويس. ماٽ ميٽ ۾ ٻئي جوين جي گهر وٽ ننڍڙي کوٽيل کڏ وٽ آياسين. پنج ننڍڙا گلر سيءَ ۾ ڏڪندي، مينهن جي ڦڙين ۾ پسندي هڪ ٻئي کي چنبڙيا وينا هئا. اکيون اڃا تائين بند هين. آئون ۽ امان انهن کي جهوليءَ ۾ ڪٽي گهر آياسين. پراٽي ٽيبل پٽ سان لڳائي ساحر ۽ سرباز جي مدد سان ان جي مٿان پراٽي پلاسٽڪ وڇائي وئي. هيٺ سرون رکي مٿان ڪپڙا رکي گهر ناهيوسين. پوءِ آئون فرج مان ڪير ڪٽي آيس. امان اهو مون کان وٺي مائڪرو ويو ۾ هلکو گرم ڪري ڪٽي آڻي ۽ ان ۾ تورو پاٽي ملائي ڇدو ڪري کيهہ سان انهن پنجن ٻچن کي پيارندي رهي. ڇٽن مهينن تائين امان انهن پنجن گلرن کي پيڙ جي گهر ڪراچي ٻہ کانہ وئي تہ پويان انهن کي وقت

تي کير ڪير ڏيندو.

ڊسپلينڊ ۾ بيخوف ايتري تہ هوندي هئي جو لائگ مارچ ۾ وڃڻو هجي يا اسپتال ۾ سڄي رات اوجاڳي جي ڊيوٽي. لائي چارج هجي يا اڪيلو لاڪپ جو قيد. بابا يا آئون يا زينا يا اسلر کا صلاح ڏيون يا پاڻ کا خبر اخبار ۾ پڙهي: پوءِ جوگي نہ ڪنهن جا متّ.

چوڏاري چڙا، هرن هيلاين جا
ستي سنپارن جو پيرُ ڪن پڙاءُ.
وهڻ مون نہ وڙاءِ سڀيو جهاڻِ جهجي هنيون.

هڪ رات نسير ڊيلڪس واري گهر ۾ آئون SAP جو تحسين (پروفيسر عزيز جو ننڍو پاءُ)، زوار نقوي ۽ مقصود ميمڻ ڪچهري پيا ڪريون تہ رات جو 11 بجي فقير رحمت الله هيسباڻي آيو "جيجي ڊاڪٽر منور هالپوٽي پاران سنڌ ڪانفرنس لاءِ موڪليل جهاز جي ٽڪيٽ هاڻي اڇي پهتي آهي. سڀاڻي صبح جو ساڍي پنجين بجي لنڊن جي فلائيٽ آهي."

امان ڪي مرڪ مرڪندي چيو. "بابا پنهنجي نصيب ۾ لنڊن نہ هو، نہ تہ ويزا بہ لڳل هو پر ٽڪيٽ وقت تي نہ پهتي. خير وري يا نصيب."

مون واڇ ڏني. چيو. "امان، جيڪڏهن 12 بجي بہ نڪرون تہ 3 بجي ڪراچي پهچي ويندا سين. تون سامان پيڪ ڪر."

"ايا ز تون چريو ٿيو آهين، نہ ڪڏهن اڳ يورپ وئي آهيان، نہ سامان پيڪ ٿيل آهي، نڪو باهر جا پئسا آهن ۽ نہ ئي هڪي تڪي گاڏي ۽ مهلت رڳو ڇهن ڪلاڪن جي. نہ بابا نہ."

"بس امان وڃڻو آهي، ڇا بہ ٿي پوي."

پوءِ جيسين فقير رحمت الله هيسباڻي تحسين کي سندس ڪوڙا لڳڻ جو احوال ٻڌايو. تيسين مون پاءُ اسلر واري ٽئو ۾ پيٽرول پرايو ۽ پوءِ آئون، زوار نقوي ۽ مقصود امان کي صبح جو پوڻين 3 بجي ڪراچي ايئرپورٽ تي پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ۽ امان، هڪ ميٽرڪ پاس، اڪيلي، اڻڄاڻ عورت ڇهن ڪلاڪن جي نوٽيس تي بنان فارين ڪرنسي ۽ ڪنهن لنڊن جي مقامي ايڊريس جي. لنڊن رواني ٿي وئي.

دراصل بابا ۽ امان هن ويهين صدي جي پنتي پيل، ڊنل ۽ هيسايل سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن لڳا ئي ڪونہ. جيڪي ڪردار ناولن بايوگرافيز ۽ فلمن ۾ ڏٺاسين، اهي تہ هنن پنهي جي روپ ۾ هر وقت اکين آڏو هوندا هئا. چراغ جلتا رها جو هيرو اليکسئي هجي

يا دارورسن کي آزمائش جو پاويل، ٽمي هجي يا ليوخولان، سن فلاور جي برف تي بيمار کي گهليندڙ عورت هجي يا سينڊز آف ٽائيمز جو جيمي. لطيف جي سسئي ۽ مارئي هجن، سائوٿ آفريڪا جو منديلا هجي يا عثمان ڏيپلائي جي سانگهڙ واريون گوريليون بصران ۽ بيگو، ڪيئن چئجي ته بابا ۽ امان ڪنهن به ٻالهه ۾، ڪنهن به امتحان ۾ انهن کان ڪي وڪون پويان آهن. دراصل هنن نه صرف هڪ بي تي اثر ڇڏيا، هڪ ٻئي جي رهنمائي ڪئي. هڪ ٻئي جي غلط روين ۽ ٻالهين تي تنقيد ڪندي به سنڌ جي قومي آڇپي ۽ طبقاتي چوٽڪاري جي رستي تي هڪ ٻئي جو پرڇلو ۽ ڏڍ ٽڙيا پر هنن اسان جي سڄي گهر، ايندڙ نسلن، سموري سنڌي قوم ۽ سڄي ملڪ بلڪ سائوٿ ايشيا جي عورتن، هارين، مظلوم ۽ پيڙهيل ماڻهن لاءِ هڪ اهڙو مثال قائم ڪيو آهي، هڪ اهڙو جادوئي حصار قائم ڪيو آهي، جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ تصور ڪندي به اسان کي، اسان جي ايندڙ نسلن کي ڏاهه ڏهه ڀيرا سوچڻو پوندو ته هي ڪم ڪريون يا نه ڪريون. هي موقعي پرستي هي ڪانئرتا يا ذلت واري وات ونون يا نه؟ ڇا اهو رسول بخش پليجي ۽ جيجي زرينه بلوچ جي ٻارن، سندن قوم ۽ قافلي جي منهن تي پوي ٿو؟ ڇا جيجي جا ساراهيل امر ڪردار نذير عباسي، ذوالفقار علي پٽو، فاضل راهو، ايازسمون، لالا اسد، مالڪ خشڪ، ذڪريا ميمڻ، يوسف جڪراڻي ممتاز نظاماڻي، مرتضيٰ پٽو، قاضي غفار، حيدربخش جتوئي، عاشق جوٽيجو، رسول بخش ڏيٽو اهڙين حالتن ۾ اها وات ونڻ ها؟ دراصل هن سماج کي اها وات، هي مثال ۽ اهڙا سوال ڏئي وڃڻ ئي سندن اهم ترين ڪنٽريبيوشن آهي. منهنجو پيءُ نج سنڌي آهي ۽ ماءُ نج بلوچ، سندن ثابت قدم زندگي دراصل مثال آهي، انهن ڪروڙين سنڌين، سرائيڪين ۽ بلوچن لاءِ ته اڻو تيار ٿيو، جدوجهد ڪريو، فاتح بنجو يا وڙهندي فنا ٿي وجو، ان پوڙهي جنگجو بلوچ قبائلي سردار وانگر جنهن جي تابوت کي به تالي ۾ رکڻو پيو هو...

ڪفن مٿي سان ٻڌي وڌن ٿا،
اهي اسان مان اهي اسان مان،
ڪندا جيئڻ لاءِ جتن وتن ٿا،
اهي اسان مان اهي اسان مان.

امان جا پٽ ۽ ڏيئون رڳو اسان نه هئاسين. نصير مرزا، ناز سهتو، نياز پنهور، علي آڪاش، عطيه، خدابخش، امر سنڌو، محمود مغل، سردار شاهه، زوار نقوي، انعام شيخ، زيب سنڌي، نزهت پٺاڻ، عرفان انصاري، اشرف بلوچ، انيس برڙو، نذير ميمڻ، نغمه ملاح، دودو چانديو، اسماعيل راهو، فضل قلباڻي، بشير قريشي، ايازعالم ابڙو، ڪوثر برڙو، تحسين، اقبال ملاح، رحمت الله هيسباڻي، غلام حسين خاصخيلي، شهاب مغل، روشن سندر، مقصود ميمڻ، محمد علي لغاري امتياز چانديو، منير پرڳڙي، مشتاق نظاماڻي، جاويد

قاضي، سليمان ڏاهري، اخلاق انصاري، سليم چنا، مارئي مظهر، سرفراز وسطڙو، رئوف چانڊيو، گل محمد جکراڻي، هزارين پٽ هئس ۽ هزارين ڏيئرون. رڳو هتي چا! لنڊن ۾، نيويارڪ ۾، شڪاگو ۾، دهليءَ ۾، دبئي ۾ اقبال ترين، خالد هاشماڻي، سيف الله نظاماڻي، رحمان سومرو، منور هاليپوٽو، گل ملاح، وينا شرنگي، حسن مجتبيٰ، سڪندر بلوچ، ثريا مخدوم، مجيب ميتلو، عمر ميمڻ، علي نواز ميمڻ، حليم پٽي، روبينہ شيخ، دوست محمد هاليپوٽو، جاويد سومرو، صفدر سرڪي ۽ شڪاگو کان آيل اسحاق تنيو، جيڪو آخري ڏينهن ۾ ويل چيئر تي وينل جيجي ۽ سندس ٻن سالن جي پوٽي جوش کي هڪ ٻئي جي پاکرن ۾ هڙڪندي ڏسي پاڻ ۾ ڏکون ڏئي رنو هو. اهي سڀ ۾ ته جيجي جا پٽ هئا، ٻچا ۽ ٻار هئا. دنيا جو کڻڙو ملڪ هو، جتي سنڌي هجن، سنڌيت هجي ۽ سنڌ جي ماڻهو نہ پهتي هجي.

جب بھی ابروئے دربار نے ارشاد کیا،
جس بیابان میں بھی ہم ہونگے چلے آئیں گے۔

امان تون هميشہ هنن ٻچن ڏانهن ويندي ٻاهر جي سفر تي رواني ٿيندي گهر جي هر ياتي کي، ادا گل کان سرمد ۽ اسد تائين پاڻ اسلر کان آزادي ۽ جوش تائين ۽ آپا قمر کان ادي نذير ناز، صنم، بابل ۽ پدوءَ تائين هٿ ملائي ٿيلهو ڳچيءَ ۾ وجهي موڪلائيندي چوندي هنئينءَ "ڳڙو هاڻي موڪلايون تا، يا نصيب! ڪير مري ڪير بچي."

اڄ هي سڀون لکندي، تنهنجي جيئري جاڳندي تصويرن کي ڏسندي، امان تنهنجون جهونگاريل سڀون تو ورجايان. جيڪي سڀ ٻچ ته شايد تو لاءِ ئي لکيل هيون:

مينهَن جڏهن مانڊاڻ ڪندا،
مان سارَي واريا سي تي وسندس،
ڪارونجهر جي ڪور متان،
مان سانوڻ جي ڪرن سان گسندس.

●

ايازلطيف پليجو
0300-3063471
0321-3005853
ayazlatif@gmail.com

ڳائي وئي، جاڳائي وئي

موتُ، جو... هر ڏيئي کي وسائي ڇڏيندو آهي، پر اي ڏاتا! تون هڪ اهڙي ڏيئي مثل آهين، جنهن کي ڪوبہ واجوڙو، ڪڏهن بہ وسائي ناهي سگهندو.

... ۽ ايا، ڪالھ ڪالھوٽي ڳالھ ئي تہ آهي، جيجي زرينہ بلوچ اسان ۽ توهان سڀني جي وچ ۾، دِيل جيان پئي ٽلندي هئي. هميشہ خوش لباس، بي حد مهربان مُرڪ سندس چپن تي ۽ بدن تي اڪثر سنڌ جو ثقافتي لباس ۽ اهو بہ ڪيڏو نہ سهڻو لڳندو ۽ ڏهندو هو، هُن کي، متي تي اجرڪ يا مونڙئي جو رئو، نڪ ۾ سُهاڳ جي قُلي، پيرن ۾ نفيس جُتي ۽ مون جڏهن بہ هن کي ڏٺو، هميشہ اڇو اجرو، پاڪ و پاڪيزه.

صحت نيڪ ۽ سندس مودِ سٺو ، تہ ڳالهائيندي، سامهون واري تان جيجي ڇڻ اول گهول پيئي ويندي هئي ۽ بلڊ شگر UP ۽ پريشر LOW تہ سخت سنجيده ۽ ماڻ ماڻ.

... ۽ زنده ۽ متحرڪ ۽ آدرشي شخصيتون ۽ هستيون تہ مون، ٻيون بہ ڪيئي ڏٺيون آهن پنهنجي زندگيءَ ۾، پر انهن ۾ سچ پچو تہ جيجيءَ جي هستي پنهنجو مٽ ئي پاڻ هئي. ۽ ڪوبہ ڪونہ هئو سندس جهڙو. ۽ جلالاٽي نڪ سان تعلق رکندڙ پنهنجي ان سدائين محبت ڏيندڙ جيجي کي، مون جلال ۾ بہ اڪثر ڏٺو هو ۽ ان وقت ڪاوڙ ۾ هُوءَ ائين نظر ايندي هئي، جڏهن سامهون ريزر بليڊ جي تيز ڌار پئي تجلا ڏئي.

تہ مون لکڻ پئي چاهيو تہ پنهنجي ادبي سائير ۾، مون کي اهڙا ڪيئي منظر، سُجهن ٿا، جڏهن جيجيءَ کي مون پُوري تحرڪ ۾ ڏٺو، ريڊيو پاڪستان جي ڪريدارس ۾ هلندي، پروڊيوسرز سان ملندي، ڪلندي، اسٽوڊيوز ۾ ريهرسل ڪندي، مائيڪ تي آواز بئلينس ڪرائيندي ۽ علاوه ازين سنڌ جي ثقافتي ميلن ۽ ادبي پروگرامن جي اسٽيج تي هزارن جي هجوم آڏو پنهنجو فن پيش ڪندي، جلسن، جلوسن جي قيادت ڪندي، نعرا هڻندي، ٻک هڙتالن تي ويهندي ۽ هر هنڌ، پوري طاقت، توانائي، جوش، جذبي ۽ سچائيءَ

سان، جڏ هوءَ جتي ڪٽي نڪشي جي "سُپرمين" وانگر ۽ برناردشا جي "سُپروومين" ڪردارن وانگر نظر ايندي هئي. الاس، اڻائي بردبار ۽ اعليٰ ڪلاڪار ۽ قلمڪار ۽ انسان توهان سيني جي وڃ ۾، زنده ماڻهن کان وڌيڪ زنده، ڇهڪندڙ ڀهڪندڙ شفيق ماءُ ۽ زنده دل، نظر ايندڙ هستي، بالآخر اکين کان اوجهل ٿي، اجهو هن تعزيتي ڪتاب جو موضوع اچي ٻڌي آهي.

عيني آپا (قرة العين حيدر) کنهن هنڌ لکيو آهي:

جو زنده ہے وہ موت کی تکلیف سے گا،
جب احمدِ مرسل نہ رہے کون رہیگا۔

ايازچيو هو، موت هَر ڏيئي کي وسائي ٿو ڇڏي ۽ اهو به چيو هو ته جيڪڏهن کنهن ماڻهوءَ ۾ واقعي کا ڏات آهي ته ان جي ڏات - ڏيئي کي ڪوئي به واڇوڙ، ڪڏهن به وسائي ناهي سگهندو ۽ ايازصاحب اهو به لکيو آهي ته، پليجي، هڪ دفعي مون کي چيو هو: ايازا! تون موت کان ايترو ڊڄين چو ٿو؟

ته وراڻيو هئم: موت کان نه ڊڄان ته، ڇا کان ڊڄان، موت هر شئي کي بي معنيٰ جو ٻڌائي ٿو ڇڏي.

(سو بهرحال.... ايازته هليو ويو، گويا بقول کنهن اردو شاعر جي: "زميں کھا گئی آسماں کیسے کیسے" يا غالب چواڻي "خاک میں کیا صورتیں ہونگیں کہ پنہاں ہو گئیں۔ پر خير.... شيخ ايازهجي يا زرينه بلوچ، فنا صرف انهن جا خاڪي وجود ئي برابر ته اڄ مٽي ڪري ڇڏيا هوندا، پر اسان سنڌ واسين جو ويساهه آهي، ته انهن جي ڏات جيئندي ۽ انهن کي پائينده رهڻو آهي ۽ رهندي، ۽ تصور وينو ٿو ڪريان، ته ڪن هستين کي، جي ڪن ڇانوَ پرين وڻڻ سان تشبيهه ڏيان، ته پڪ سان ته اهڙين هستين مان پٽائي صاحب کي ته پنهنجي وجود، بلڪ پوري هند سنڌ مٽان ڇايادار بڙ جي وڻ سان ئي تشبيهه ڏيندس. شيخ ايازکي املتاس جي وڻ سان، سياوَ جي لحاظ کان نياز همايونيءَ کي گدامڙيءَ جي وڻ سان، تنوير عباسيءَ کي رات جي راڻيءَ جي ول سان ۽ پنهنجي جيجي زرينه بلوچ کي وري، سَرينهن جي پشر پشر ۽ سڱڌيت گلن سان جهنجهيل وڻ سان. (۽ هوءَ واقعي هُئي به ته ان ئي وڻ مٿال، شفقت جي ڇانوَ سان لبريز ۽ محبت جي خوشبوءِ سان ٽمٽار ۽ هر وقت ۽ هر موسم ۾) پر شخصي لحاظ کان، جيجيءَ کي وٽن ۾ وري انبن جا وڻ مڙئي ڪجهه وڌيڪ ئي وٽندا هئا ۽ بقول سندس، ڪنهن وقت هن پنهنجي گهر اڳڻ ۾ انب جا ڪي وڻ پوکيا به هئا ۽ انبن جا اهي وڻ، سندس ڳايل لوڪ گيتن ۽ مزاحمتي گيتن مٿال، پانئيان ٿو ته اڄ هر طرف بهاري لڳايو بيٺا آهن ۽ جن جي شاخ شاخ تي اڄ ڪيئي ڪوئلون آهن.

جيڪي ڪوڪي رهيون آهن ۽ منجهائن، ثمينہ ڪنول کان شهنيلا علي، تاج مستانيءَ کان صنم مارويءَ ۽ مزاحمتي گائڪي جي حوالي سان بيدل مسرور کان وٺي سرمد سنڌيءَ، احمد مغل ۽ ويندي صادق فقير ۽ وسند ٽريءَ تائين. انهن منجهان هڪ هڪ کي، سچ ته آئون صرف ۽ صرف جيجي زرينہ بلوچ جي ئي تسلسل ۾ ڏسندو ۽ Count ڪندو آهيان ۽ سچ پچو، ته ڪنهن وٽ ڪٿي ڪهڙو بہ دليل هجي پر منهنجو ويچار ۽ ويساھ آهي ته اهنجن ۽ ڏجهن ۾ ورتل سنڌي سماج ۾ لوڪ گيتن جي رواج کي عام ڪرڻ ۽ مزاحمتي گيتن کي ٻڌائي ڦهلائڻ جي ڏس ۾ جيجي ئي اها واحد هستي آهي، جيڪا ان فن جي Pioneerسڏرائڻ جي حقدار آهي.۽ اِن ڏس ۾ قسم آهي پاڪ پروردگار جو، ته، منهنجي مشاهدي مطابق هُن پنهنجي گائيڪي (۽ قلمڪاري) جي ذات کي، هميشہ پنهنجي ضمير جي تابع رکيو ۽ گذريل پنجويهہ ڪن ورهين کان ته، ريڊيائي زندگيءَ ۾ مون هن کي بنهہ ئي ويجهو کان ڏٺو ۽ رڪارڊ ڪيو هو ۽ ان ذاتي ويجهڙائپ جي آڌار تي ويساھ سان پيو چوان ته وڏين عظمتن جي حاصلات جي باوجود، جيجي هر لحاظ کان مون کي هڪ ساده دل، ساده سياڻ ۽ ڳوناٽين مائرن وانگر لڳندي هئي. رڪارڊنگ لاءِ انهيءَ سموري عرصي دوران، هوءَ جڏهن آئي پنهنجي پرس ۾ اٽيي ماني، ان ۾ بصر جا ڪي ٽڪرا ۽ سائي مرچ جي ڪاتر، رول ڪري ضرور ڪٿي ايندي هئي ۽ اها ئي جيجي جي لنچ، برنچ ۽ بريڪفاسٽ هوندي هئي (۽ اهڙي مانيءَ جا ڪي گرھ ريهرسلس دوران، ڪڏهن ڪڏهن هوءَ اسان کي بہ چکائي وٺندي هئي) مون کي ياد آهي، آپا زيب شيخ جي لکيل ڪنهن ڊرامي جي ريهرسل هئي ۽ ڊائلاگ ڏهرائيندي، هن اوچتو اکين تان عينڪ لاهي رئي جي پلئہ سان ان جا شيشا ۽ پنهنجا لڙکن هاڻا ڳل اگهندي. چيو هو: "هنن ستن ۾ جيڪو دردُ سمايو پيو آهي، پڪ سان ته اهو ليکڪا جي پنهنجي ذاتي دکن جو اولڙو ئي هوندو، تڏهن ئي ته دل ۾ پيهي ويو اثر ۽ روئڻ ڪانسواءِ رهي نہ سگهي آهيان.

۽ ڪي ٿورا سال ٿيا هوندا جو سائين نثار حسيني (هاڻي مرحوم) فرمائش ڪئي هئر ته پٽائي صاحب جي وائي: "لڳي ڏکڻ جي هير، مارو، منهنجا مير..." سارنگيءَ جي آنس ۽ سڏڪن سان جيجيءَ جي آواز ۾ ڪنهن ٽئبلو لاءِ رڪارڊ ڪري ڏياس، تڏهن رڪارڊنگ واري وقت، (وائي) دل ۾ پڙهي، چپن ۾ ريهرسل ڪري ڳائڻ لاءِ مائيڪ تي جڏهن اچي هُوءَ بيٺي ته رڪارڊنگ دوران ڳائيندي ڳائيندي سچي پچي ۾ هُوءَ سڏڪندي رهي ۽ رئي جي پلوَ سان باربار اکيون اگهندي رهي.

۽ 1984ع کان 2003ع تائين الائي ڪيترا هن جا ڳايل گيت، لوڪ گيت ۽

سهرا آهن، جن کي "ڪنسول" تي ويهي Balance ۽ رڪارڊ ڪرڻ جي سعادت مون کي حاصل ٿي ۽ سڀ کان اول مون جيڪو هن جو گيت رڪارڊ ڪيو اهو هو "منهنجا پرين او بانورا او سانورا ۽ ان کانپوءِ، بي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ، عشق عقاب پکي پرڌيهي، لونگ ڦوٽا ٽالهيءَ ۾، لاڏل منهنجو چوڏهينءَ جو چند، ڏس بابوءَ جا پار، آيا ميهر جا سلام ۽ ان کانپوءِ شيخ ايياز جو گيت ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ ۽ بيا به الائي ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪنهن به گيت، لوڪ گيت رڪارڊ ڪرائڻ ڏوڙان، گهٽا Retack هن کڏهن به مون کي ڪونہ ڏنا. ايياز جو لکيل شاهڪار گيت: تون جو ايندين رات... ته هن بنا ڪو ري ٽيڪ ڏيڻ جي، پهرين ئي پيري ۾ رڪارڊ ڪرائي ورتو هو ۽ انهن سيني Items۾ جيجي سان هميشہ سينيئر ترين وڃتا آئون رڪارڊنگ ڏوڙان سنگت لاءِ ويهارينڊو هوس (۽ اهي سڀ سازنده ويچارا هاڻي ته خدا ڄاڻي، الائي ڪيڏانهن هليا ويا آهن ۽ اڄ ڪٽي، زندھ به آهن، يا ويا ويچارا لاڏاڻو ڪري....)

۽ مون کي ياد آهي ته 28 جون 2003ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران اسان جيجي سان هڪ شاندار شام ملهائي هئي ۽ جيجيءَ ان ۾ دل کولي ڳايو، ڳالهايو ۽ اهو اعتراف ڪيو هو ته "دادي ليلا جي تربيت هيٺ رهڻ ۽ محترم سائين رسول بخش پليجي صاحب سان پرڻجڻ بعد ئي، هُوءَ سنڌي سماج لاءِ انقلابي ڪارڪن ۽ سُڃيت گائڪا جي اعليٰ منصب تائين پهچي سگهي آهي.

چوندا آهن ته هڪ ڪامياب مرد پويان، هر حالت ۾ هڪ عورت جو هٿ هوندو آهي، پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته پلا ڪنهن ڪامياب عورت جي پويان ڇا ڪنهن مرد جو هٿ ٿي سگهي ٿو؟ ته ان حوالي سان مون کي ڪنهن بي عورت بابت ته ڄاڻ ناهي، ها جيجي زرينہ بلوچ بابت ضرور ويساھ سان چئي سگهان ٿو ته ان ڏس ۾ هن جي ڪارگر ۽ ڪامياب زندگيءَ پويان، رسول بخش پليجي صاحب جي موجودگيءَ کي هڪ لحظي لاءِ به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. (۽ سچ پچو ته آمنہ کان زرينہ ۽ زرينہ بلوچ کان جيجي جي خطاب جي حاصلات تائين، جيجي جي رهنمائي جي ڏس ۾ رسول بخش پليجي صاحب کي سلام پيش ڪرڻ ڪانسواءِ، اسين رهي ئي نٿا سگهون) ۽ جيجي پاڻ به اڪثر ويني ٻڌائيندي هئي ته عظيم ترين سنڌي لوڪ گيت "مور ٿو ٽلي" هن کي پنهنجيءَ سَس، پليجي صاحب جي والده وٽان پلئہ پيو هو ۽ حيدر بخش جتوئي صاحب جو نظر: "جيئي سنڌ... جيئي سنڌ" پليجي صاحب جي ئي مشوري سان هن ڳايو هو... ۽ اڄ اهو به طئي آهي، ته جيجي پنهنجي حياتيءَ ۾ انهن اسمن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪٽي جي نہ ٻ ڳائي ها، تڏهن به لوڪ موسيقي ۽ مزاحمتي گائيڪيءَ جي دنيا ۾، اهي ٻ

Itemsائي اهڙا آهن، جيڪي هن جي نالي کي زندهہ ۽ پائيندہ رکڻ لاءِ ڪافي هجن ها. جيجيءَ جي فني زندگي، قربين پنجيتاليهہ ورهين تي پڌل آهي ۽ 1966ع کان هن قومي انقلابي ميڙن ۾ تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ مزاحمتي گيت ڳائڻ شروع ڪيا. (۽ پانڌيان ٿو ته ان فيلڊ ۾ به، جي جيجي پير نہ رکي ها. ته مزاحمتي شاعري ڳائڻ جو جيڪو رنگ ۽ آهنگ سنڌ جي هوائن ۽ فضائن ۾ اڄ جيئن ڏسجي ۽ ٻڌجي پيو، يقين سان چئجي ٿو ته اهو شايد اهڙو نہ هجي ها.) ... ۽ ڏنو وڃي ته جيجيءَ پنهنجي خداداد صلاحيتن سان گائيڪي جي انهن ٻنهي Styles کي اهڙو ته اعليٰ معيار عطا ڪري ڇڏيو هو جو آئون سمجهان ٿو، ته ايندڙ زمانن ۾ جيڪڏهن ٻنهي انهيءَ فيلڊس ۾ ڪو نئون آواز ايري سامهون اچي ٿو ته ان کي به نہ فقط جيجي زرينہ بلوچ جي تسلسل ۾ ڏنو ويندو، پر ان جي گائيڪي جي معيار کي به خود جيجيءَ جي ئي گائيڪيءَ جي Standard کي آڏو رکي Asess ڪيو ويندو ۽ عام طرح سان ٻڌبو آهي، ته اسان جي هي سنڌ، بي قدرن جي ڌرتي آهي، (۽ حيرت آهي، اِهو الائي ڪو ڪيئن چوندو آهي) آئون ته گواهي ٿو ڏيان ته شيخ ايار هجي يا زرينہ بلوچ، انهن کي نہ فقط پنهنجي دؤر ۾ سڃاتو، مانُ ڏنو ويو، پر جيءَ ۾ لکين جايون به ڏنيون ويون ۽ جيجيءَ جي حوالي سان ان جو ٻيو ڀلا هتي وڏو ثبوت ڇا ڏجي جو سيپٽمبر 2005ع جي ٻئي هفتي ڏاري جيئن ئي جيجي جي شديد علالت ۽ ڪراچيءَ ۾ هاسپيٽلائيز ٿيڻ کانپوءِ سندس برين ٽيومر، ڊائگنوز ٿيڻ جي خبر اخبارن ۾ شايع ٿي، ته سڄي سنڌ تي ڄڻ سوگوار سناٽو ڇائنجي ويو ۽ سندس شخصي اهميت ۽ ذات- لات جي شايانِ شان هن کي Coverage ملڻ شروع ٿي وئي ۽ نہ رڳو سنڌي، پر اردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ ٻين اليڪٽرانڪ ميڊيا پڻ، هن جي ناچاڪيءَ جي، پل پل جي خبر کان، عوام کي آگاهہ ڪرڻ شروع ڪري ڏني، ۽ ائين لڳ ڀڳ ڏيڍ مهيني تائين، هوءَ جيستائين هاسپيٽلائيز رهي، هزارين مداحن، هن جي صحيابي لاءِ دعائيہ ڪالم لکي اخبارن ۾ شايع ڪرائيندا رهيا.

۽ جيجيءَ جي حياتيءَ ۽ وفات بعد، سندس همعصر ليکڪن، عالمن، دوستن، قلمڪارن، مداحن، صحافين ۽ رپورٽرن پاران لکيل اهڙن ڪالمن ۾، لڳ ڀڳ سيني، هُن کي هزارن جي هجومن ۾، بهادري سان مزاحمتي گيت ڳائيندڙ، جهومائيندڙ، دلين ۾ شعور جون مشعلون جلائيندڙ ۽ قومي ڪاڄ سنوارينڊ، ڪامياب عورت ۽ ماءُ جي لقبن سان پئي ياد ڪيو.

۽ هي ڪتاب، انهن ئي يادگار تحريرن جو مجموعو آهي، ۽ ان مجموعي جي مرتب جي حيثيت سان آئون ٿورائتو آهيان جيجيءَ جي نورچشم، پياري ۽ پياري پٽ، جيجي وانگر ئي Out-Spoken خوبصورت ۽ منهٔ مُرڪ جي مالڪ، ايار لطيف پليجي

جو، جنهن جيجي متعلق هي سڀ مضمون، ڪالم، تعزيت نامه، تاثر ۽ اخباري ڪلپنگس پاڻ وٽ سانڊي رکيا ۽ ڪتاب جي صورت ۾ انهن کي ايڊٽ ۽ مرتب ڪرڻ لاءِ مون جهڙي ناچيز کي منتخب ڪيو. (Than you Ayaz)

ظاهر آهي، جيجي جي حياتي يا وصال بعد، جن جن ليکڪن ب، متس جيڪي ڪجهه ب هي لکيو آهي. دل جي حضور ۽ محبت سان لکيو آهي ۽ توڙي جو ڪيترن ئي ڪالمن ۽ مضمونن ۾ ساڳين ساڳين ڳالهين جو ورجاءُ آهي (۽ حضرت علي فرمايو آهي، ساڳيون ساڳيون ڳالهيون هر حالت ۾ ڏهرائيبون رهڻ گهرجن ۽ جيئن ماڻهن کي اڃي هر حالت ۾ ڏهن نشين ٿي وڃن) ۽ جيتوڻيڪ ڪنهن ڪنهن ڪالم نگار جي تحرير کي مون ايڊٽ ڪرڻ چاهيو ب پئي، پر هر بار جيجي جڏ تصور ۾ اچي، مون کي ائين ڪرڻ کان منع ڪندي رهي (آخر سيني جي شفيق ۽ مشفق ماءُ جو ٿي!)

۽ وصال کان صرف ڏهه ڪن ڏينهن اڳ، جنهن وقت هن تي بيهوشي طاري ٿي رهي هئي، هڪڙو هٿ سندس پٺ اياز لطيف ۽ ٻيو، هن جي ڏوهٽي سرمد پليجي جي هٿ ۾ هئو. ۽ 25 هين آڪٽوبر 2005ع تي رات جو ڏهه لڳي ڇٽيهه منٽن تي، جنهن وقت هوءَ ڪوما جي ڪيفيت ۾ هن دنيا مان وئي پئي، پيٽ سسئي ۽ هُن جو ٻيو پورو پريوار هُن جي آس پاس موجود هو ۽ انهن سيني جي وچ ۾، پُوري سڪون سان، هن آخري ساهه ڪنيا ۽ ان وقت جڏ ائين چوندي دنيا مان رخصت پئي ٿي ته: ساڻيو!

آئون رابيل تي، ماڪَ تي مهڪنديس،
جيئءَ پرهه جا پکي، آئون تيئن چهڪنديس،
آئون رهنديس هتي زندگانيءَ جيان،
گر نه ٽينديس ڪڏهن، عمر فاني جيان.

●

(2-10-2006)

نوٽ: هن هيڏي ضخيم ڪتاب جا هزارين حرف ۽ سوين صفحا پڙهڻ ۽ انهن جي پروف ريڊنگ جي ڏس ۾ منهنجي دل گهرئي دوست فقير محمد ڍول، ابتدا کان آخر تائين منهنجي تمام گهٽي هٿ-همراهي ڪرائي، تنهن لاءِ سندس دل سان ٿورا ٿو مڃان. ڪتاب جو تائيٽل مون کي منهنجي مُرڪٽي دوست موهن مدهوش مکواڻي مهرباني ڪري ڊزائن ڪري ڏنو آهي ۽ علاوه ازين عزيزم سليم چنا، نوجوان جرنلسٽ دوست گل حسن لغاريءَ، دوست عبدالعزيز جماليءَ، علي اڪبر هنگورجيءَ نئين ٿمهيءَ جي شاعر سجاد سومري پڻ ڪن صفحن جي پروف ريڊنگ لاءِ سهڪار جو هٿ وڌايو هو، تنهن لاءِ سندن لک لاڪ، هي ڪتاب، نهايت ملنسار ۽ محبوب نوجوان جميل پيرزاديءِ سعد الله پُٽو ڪمپوز ڪيو آهي ۽ ڪتاب جي لي آئوٽ جي ڏس ۾، وري پاڻ احمد سولنگيءَ ۽ ڪتاب جي پبلشر دوست رسول بخش سولنگيءَ وک وک تي مون سان تعاون ڪيو. ان لاءِ، آئون ئي چا؟ جيجيءَ جو روح پڻ سدائين لاءِ انهن سيني جو دعاگو رهندو.

زرينہ بلوچ سان ڳالهيون

ريڊيو پاڪستان تان وڄندڙ ڳيچ " مور ٿو ٽلي راڻا" ۽ " وڻي ايندو وڻڻ اڄ ڊولٹو" هن وقت سنڌ جي شهرن ۾ ٽيندڙ شادين ۾ عام جام ڏاڍي چاهه مان ڳايا ويندا آهن. انهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي مقبول گيت زرينہ بلوچ جا ڳايل آهن. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ زرينہ بلوچ جو نالو ڪنهن بہ سنڌيءَ لاءِ نئون ۽ اوپرو ناهي.

زرينہ بلوچ نہ رڳو هڪ سڻي فنڪاره آهي، پر هوءَ هڪ تمام سڻي اديبہ ۽ شاعره پڻ آهي. هن سنڌ جي پوئتي پيل عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ، انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري اڳتي وڌائڻ لاءِ عملي ڪوششون بہ ڪيون آهن. سنڌ جي قومي ڏينهن تي ٽيندڙ جلسن ۽ ٻين گڏجاڻين ۾ قومي گيت ڳائڻ جي شروعات بہ زرينہ بلوچ ڪئي هئي. آڻ هن جي شخصيت کان متاثر تہ اڳئي هئس پر ڪانئس انٽرويو وڻڻ کان پوءِ خبر پئي تہ هن زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي آهي ۽ اوڃ ٿي هر ڪم ڪيو آهي. هر محنتي انسان لاءِ عقيدت محسوس ٿيڻ هڪ فطري جذبو آهي. منهنجو ڪانئس پهريون سوال سندس جنم ۽ شروعاتي تعليم بابت هو.

هن ٻڌايو تہ: آڻ 29 ڊسمبر 1934ع تي ڪراچيءَ جي هڪ بروچ خاندان ۾ ڄائي هئس. پر شروعاتي تعليم حيدرآباد جي قاضي عبدالقيوم اسڪول ۾ ورتم. جيتوڻيڪ اتان گهڻي تعليم وڻي ڪا نہ سگهيس. پر منهنجي شخصيت جي ٺهڻ ۾ منهنجين ٻن استادن جو گهڻو هٿ رهيو آهي. اهي هيون دادي پوپري ۽ بيبي ممون. انهيءَ اسڪول ۾ ايڊا ٻہ ٽي درجا مس پڙهيم، تہ مائٽن جي مخالفت جي ڪري گهر وارن اسڪول مان اتاري گهر ويهاري ڇڏيو. گهر ۾ ٽورو رڌڻ پچائڻ ۽ سبڻ پرڻ سيکاري، پوءِ ننڍي عمر ۾ ئي منهنجي شادي ڪري ڇڏيائون....

مون زرينہ جا ڪي معياري افسانا پڙهيا هئا. جيڪي رڳو ٻہ ٽي درجا پڙهيل ماڻهوءَ جا لکيل ٿي نٿي سگهيا. سو مون هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي پنهنجو خيال ظاهر ڪيو. چوڻ لڳي: " شروع ۾ تہ بيشڪ ڪا نہ پڙهي سگهي هئس. پر پوءِ گهرو حالتون ايتريون

تہ خراب ٿيندیون ویون، جو پنهنجو ۽ ٻارن جو پيٽ پالڻ لاءِ نوڪري ڪرڻ تمام ضروري ٿي پيو. ڇاڪاڻ تہ پڙهيل ڪا نہ هئس، سو ڪجهہ بہ ڪري ڪا نہ ٿي سگهيس. عمر بہ ڪا گهٽي ڪا نہ هئر، سو ڪن سڃڻن پرائيويٽ طور پڙهڻ جي صلاح ڏني. انسان هڪ پيرو پڪو پهہ ڪري تہ پوءِ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. مون بہ هڪ مقصد اڳيان رکي محنت ڪئي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سنڌي فائينل پاس ڪري ورتم. منهنجي هڪ ماسترياڻي ادي زينب قريشيءَ جا مون تي ڏاڍا ٿورا آهن، هن جي مدد سان ئي مان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ نوڪري ڪرڻ لائق ٿيس.

سوال: توهان ريڊيو تان ٻڌڻ ڪڏهن شروع ڪيو؟

جواب: مون 1960ع ۾ فائنل پاس ڪئي هئي، ان ئي سال ماستري ملير. گهر کان ٻاهر نڪتيس، ٻين عورتن سان مليس، تہ خبر پيم گهر ۾ قيد عورت حالتن اڳيان بيوس ۽ مجبور ٿي سگهي ٿي، پر جي هوءَ ٻاهر نڪري عزت سان نوڪري ڪري پنهنجن ٻچن کي پالڻ جو عزم ڪري ٿي، تہ دنيا هروپرو ايتري خراب بہ ڪانهي جو هن کي ڪجهہ نہ ڪرڻ ڏي. بس رڳو همت، حوصلي ۽ خود اعتمادي سان گڏ اوڀ ٿي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهي وري اهڙيون ٻگالهيون آهن جيڪي مجبور انسان کي پاڻيهي سيکاريو ڇڏين. ماستري ڪرڻ کان پوءِ ڪيتري حد تائين پريشانيون دور ٿي ويون هيون، پر تہ بہ ٻارن جي پڙهائي وغيره لاءِ هڪ پرائمري ماسترياڻي جي پگهار جو پورو پوڻ ناممڪن هو. مون سان گڏ جيڪي ٻيون ماسترياڻيون هيون تن مان ڪن مون کي ائين ئي ڪجهہ ڇهونگارينديِ ٻڌو هو، تن منهنجي آواز کي ساراهيو ۽ مون کي ريڊيو تي ٻڌڻ جي صلاح ڏني ۽ اهو بہ چيائون، تہ ريڊيو وارا ٻڌڻ جا ڇڳا پئسا ڏيندءِ. پئسي جي تہ ضرورت هئر، سو اها صلاح وٺيم. تن ڏينهن ۾ ريڊيو تان سنڌي فنڪارن جو موسيقي جو هڪ مقابلو ٿيڻو هو ان ۾ حصو ورتم ۽ ٽئين نمبر تي آيس. اهڙيءَ طرح ريڊيو تي ٻڌڻ لڳس.

سوال: توهان جي خاندان مان ڪنهن ان جي مخالفت ڪا نہ ڪئي؟ مون اهو سوال انهيءَ ڪري ڪيو جو هڪ چوڪري جنهن کي اسڪول ۾ پڙهڻ بہ نہ ڏنو ويو هجي، تنهن جو ريڊيو تي ويڻ وڏي ٻگالهہ آهي.

ان جو جواب ڏنائين: "شروع ۾ تہ گهر ۾ ڪنهن بہ وڏي کي ٻڌايو ئي ڪو نہ هئر، رڳو منهنجي هڪڙي ياءُ کي خبر هئي ان ڪري دل بہ مطمئن هئي، تہ هرڀرو ڪنهن کي بہ اهو چوڻ جي همت ڪا نہ ٿيندي، تہ سيني مائٽن کان لڪائي ڪو ڪم ڪيائين. بي

ڳالهه ته مون پنهنجو اصلي نالو آمنه ڇڏي، پنهنجي ڏيءَ جي نالي سان ڳائڻ شروع ڪيو هو. جيڪا ان وقت تمام ننڍي هئي. ان ڪري گهر جي وڏڙن کي خبر ڪا نه پئي، ته اها زرينه بلوچ آهي آهيان. نالي بدلائڻ ڪري هڪ دلچسپ واقعو به پيش آيو هو. جيڪو توهان کي ٻڌائيندي هلان. هڪ ڀيري ريڊيو تان منهنجي ڳايل هڪ ڪافي" ڏند ته موتي محبوب جا" پئي وڳي، ته منهنجو پيءُ ڏاڍي غور سان ان کي ٻڌندو رهيو ۽ جڏهن ختم ٿيڻ تي اناؤنسر منهنجو فرضي نالو ورتو، ته بابا زور زور سان ڪنڌ ڏوڻي چوڻ لڳو" واهه مائي زرينه واهه، ڪهڙو نه مٺڙو آواز اٿئي!" آءٌ پاڻ اتي وينو هئس، بابا جي ڳالهه ٻڌي ذري گهڻ ڪل ٿي آيم. دل ته ڏاڍو چيو ته ٻڌائي ڇڏيانس، پر وري سندس ناراضگيءَ جي ڊپ کان چپ رهيس.

سوال: پوءِ انهن کي ڪڏهن خبر پئي يا نه؟

جواب: ڪافي سال گذرڻ کان پوءِ منهنجي پاءُ بابا کي ٻڌايو هو. پر تيستائين وقت ايترو گذري چڪو هو جو ڪجهه ڪري نه سگهيو. هڪ ٻيو واقعو به مون کان ڪڏهن ڪو نه وسرندو، اهو هي ته جڏهن منهنجي ڳائڻ جي خبر، ان وقت جي اسڪول انسپيڪٽريس کي پئي ته هن مون کي گهرائي چيو هو، ته ڳائڻ شريعت جي خلاف آهي ان ڪري اسين قوم جي نياڻين کي پڑهائيندڙ استاد کي ان جي اجازت نٿا ڏئي سگهون، تون يا ڳائڻ ڇڏ يا نوڪري ڇڏي ڏي. آءٌ منجهي پيس، هن غير قانوني ڳالهه ڪئي هئي، پر پويان ڪا پٽ ته هٿ ڪو نه، جنهن جي زور تي هن سان بحث ڪريان ها. ٻنهي ڪمن مان هڪڙو چونڊڻو هوم، ڳائڻ مان ٽيندڙ آمدني وڌيڪ هئي، جنهن جي مدد سان آءٌ پنهنجي ٻارن کي پالي ۽ پڑهائي ٿي سگهيس، ان ڪري مون ماسٽريءَ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ ريڊيو تان مستقل طور ڳائڻ شروع ڪيم.

سوال: سنڌيءَ کان سواءِ ٻين ٻولين ۾ به ڳايو اٿو؟

جواب: پهرين ته ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان رڳو سنڌي ڳائيندي هئس، حيدرآباد واري اسٽيسن نهي ته اتان گهڻي تعداد ۾ سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڳايم. ريڊيو پاڪستان ڪوئيٽا تان بلوچي ۽ بروهڪيءَ ۾ ڳايل گانا بلوچستان ۾ گهڻا مقبول آهن. ٿي وي تان به پروگرام ڪيا اٿم.

سوال: توهان افسانه لکڻ ڪڏهن کان شروع ڪيا؟

جواب: 1964ع ۾ منهنجي مائٽن منهنجو ٻيو نڪاح ڪرايو، مالي پريشانين ختم ٿيڻ جي ڪري ذهني سکون مليم. ٻار به وڏا ٿي چڪا هئا، ان ڪري انهن جي به گهڻي

ذميداري کا نہ رهي، ان کري فرصت ۾ مطالعو کرڻ جو موقعو ملي ويو. ذهن ۾ وسعت پيدا ٿي فکر بلند ٿيو. ته منهنجي اندر جي فنڪار کي اظهار جو موقعو به ملي پيو. منهنجي گهر واري رسول بخش پليجي به مون کي همٿايو جنهن کري سپ کان پهرين ڪجهه ترجما ڪيم. تنهن کان پوءِ پاڻ افسانا وغيره لکيم. مون کي خوشي آهي، جو نه صرف عام پڙهندڙن پر ڪيترن وڏن اديبن پاڻ ذاتي طرح خط لکي منهنجي ساراهه ڪئي ۽ مون کي آئيندہ لکڻ لاءِ آماده ڪيو. ڪجهه وقت شاعري به ڪيم جنهن لاءِ "روح رهاڻ" جو " مارئي انعام" به حاصل کري چڪي آهيان.

سوال: هاڻي لکڻ ڇو ڇڏي ڏنو اٿو؟

جواب: صفا لکڻ ته ڪو نه ڇڏيو اٿم. پر ڇپائڻ سو ڇڏي ڏنو اٿم. ڇاڪاڻ جو ارادو اٿم ته انهن کي گڏي ڇپرائيندس. ننڍڙي پٽ ايياز لطيف جي کري ٿوري مصروفيت وڌي وئي آهي. ان کري انهي ڪم ۾ دير ٿي ويئي. ٻيو ته مون پرائيويٽ طور ميٽرڪ جو امتحان پاس کري فرسٽ ايئر جي تياري پئي ڪئي، سو وقت ئي ڪو نه ٿي مليو. اهو امتحان به هاڻ پاس کري چڪي آهيان. جيڪڏهن وقت ۽ موقعو مليو ته اڳتي به ضرور پڙهنديس ۽ علم حاصل ڪرڻ واري پنهنجي شوق جو پورائو ڪنديس.

سوال: توهان " سوجهرو" ۾ سوجهرو سنگت بابت پڙهيو هوندو ان جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿو؟

جواب: اهو هڪ تمام سٺو ۽ ڪارائتو خيال آهي بشرطيڪ ان ۾ سنڌ جون عورتون دلچسپي وٺن ۽ انهي ۾ شامل ٿين. گذريل ڪيترن سالن کان آءٌ ۽ منهنجي ڏيءَ اختر بلوچ سنڌي عورتن ۾ سجاڳي آڻي کين ملڪ جي خوشحالي ۾ پاڳي پائيوار ڪرڻ لاءِ ڪوششون کري رهيون آهيون. اها وقت جي تقاضا آهي، ته مردن سان گڏ زالون به پنهنجي ملڪ جي ترقي لاءِ ڪم ڪن ۽ مردن جو هٿ وندائين. ان لاءِ ضروري آهي ته سنڌي عورتن ۾ سماجي توڙي سياسي شعور ۽ تنظيم پيدا ڪجي. انهي ڪم لاءِ اسين چين جي زالن جو مثال اڳيان رکي سگهون ٿا. جي انهي ۾ ڪاميابي ٿئي ٿي، ته پوءِ سچ ته سنڌ ۾ به چين وانگر حالتون ڦري سگهن ٿيون ۽ سنڌ صحيح معنيٰ ۾ هڪ خوشحال ملڪ ٿي سگهي ٿو. اهو ملڪ ۽ اهڙوديس، جنهن ۾ پيار، امن ۽ سڪار هجي.

ماهوار سوجهرو

ڪراچي- 1973

نثار حسيني ۽ طارق عالم ابڙو

[انٽرويو]

●

جهڙا جُني جِتَ

اوهان سنڌي ڪلاڪيتر ۾ پاڻ کي ڪٿي ڏسڻ چاهيو ٿيون؟

: خود کي ته ماڻهو تمام مٿي ڏسڻ چاهيندو آهي ۽ هر هنڌ هڪ جهڙو، پر منهنجو مقصد کو وڏو فنڪار ٿيڻ ۽ مٿي پهچڻ کونهي پر آءُ چاهيان ٿي ته هيڻ بلڪل عوام سان ملي ڪر ڪريان.

اوهان کي مڙني(صداڪاري، اداڪاري، کهاڻيڪاري، شاعري ۽ ڳائڻ) مان ڪهڙو روپ وڌيڪ پسند آهي؟

: ڳائڻ جو روپ وڌيڪ پسند اٿم. ڇو جو اهو وڌيڪ اثرائتو آهي، جنهن جي وسيلي پنهنجو کو به سنيهو عوام کي سڌي نموني ڏيئي سگهجي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مون قومي ۽ لوڪ گيت ڳائڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي.

:اوهان جنهن مهل قومي گيت ڳايو ٿيون، ان وقت چا ٿيون محسوس ڪريو؟

: قومي گيت ڳائڻ مهل محسوس ٿيندو اٿم ته آءُ اڪيلي ڪا نه آهيان، پر انهن سيني ويندن سان گڏ آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ته ڳائڻ وقت روئي به ڏيندي آهيان، پر اهي لڙڪ ڏک جا نه، پر خوشيءَ جا هوندا آهن.

:اوهان جي سامهون جيڪڏهن کو ساز ۽ ڪتاب رکيو وجي ته انهن مان اوهان کنهن جي چونڊ ڪندیون؟

: ساز وڃائڻ کو نه اچيم، جڏهن ته ان سان لاڳاپيل به وڌيڪ آهيان. ۽ ساز جي چونڊ ڪري رڳو ان کي کنهن جاري ۾ سجائي رکي سگهجي ٿو. پر هڪ ڪتاب کي پڙهي، ان مان ڪا ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. تنهن ڪري آءُ ڪتاب ئي ڪٹنديس.

: سنڌي ادب ۾ اوهان جي لکيل پهرين ئي ڪهاڻي "جيجي" کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو. پر ان کان پوءِ اوهان ڪجهه نه لکيو ڇو؟

:لکڻ لاءِ مود، ماحول، حالتون ۽ وقت درڪار آهي، جو مون وٽ ناهي. جڏهن ته "جيجي" ڪانپوءِ به مون کي لکٹيون لکيون آهن، پر انهن کي سهيڙڻ ۽ ناهڻ جو وقت نه ٿو ملير.

:اوهان گهٹي ياڳي لوڪ گيت چو ٹيون ڳايو؟

:لوڪ گيت اسان عام ماڻهن جي زندگيءَ جي سچي پچي عڪاسي ڪن ٿا. انهن ۾ عام ماڻهن جي نج سرن جهڑا جذبا سمايل هوندا آهن. ان ڪري اهي عام ماڻهن تي به وڌيڪ اثر ڪن ٿا ۽ ظاهر آهي ته آءٌ به "عام" مان آهيان: مون جيڪو لوڪ گيت "چلڙو" ڳايو آهي، ان جو مون کي هڪ "لوڪ مائي" کان صرف هڪ لفظ مليو. گرگلو مون سوچيو ته اهو گرگلو ڪوهه ۾ ڪيئن ڪري پيو هوندو. گرگلا ته اهي هوند آهن، جيڪي منّيءَ جا رانديڪڙا وغيره ناهي ڳوٹن ۾ وڪٹڻ ايندا آهن. پوءِ سوچيم ته اهي لفظ هوندو گهرگهلو يعني ليڙو. ان ڪانپوءِ ڪوهه سان لاڳاپيل سيني ڳالهين کي "جوڙڻ" ۾ منهنجو هٿ آهي.

:اوهان پنهنجي گيتن مان ڪهڙي گيت کي وڌيڪ پسند ٹيون ڪريو؟

:مون کي سڀ کان وڌيڪ پسند گيت آهي، پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن، (جوڙيل خاڪي جويو). آءٌ جڏهن به ان گيت کي ڳائيندي آهيان ته پاسندو اٿم، ته اسان جون راهون منزل آڏو ٹيندين پيون وڃن ۽ ضرور ٹيندين....

:اوهان هيل تائين صرف ڪن خاص شاعرن کي ڳايو آهي، جڏهن ته اسان جي نئين ٹهيءَ به تمام سني شاعري پئي ڪري؟

:ان جو سبب اهو آهي، ته مون کي ايترو وقت ڪونهي جو آءٌ مختلف شاعرن جي شعرن کي ميڙيان ۽ چوندڙيان. ٻيو ته اهي گيت جيڪي ڳايا اٿم سي ان وقت مليا هئا، جڏهن اسان جا وات بند ڪيا ويا هئا. ظاهر آهي اهڙي وقت ۾ اهڙيون شيون ملن، جيڪي جذبن کي جاڳائين ۽ حالتن سان ٺهڪي اچن، سي وڌيڪ اهميت واريون آهن ۽ مون کي به وٹيو، انهيءَ ڪري ڳايون اٿم. تنهن کان سواءِ اهو به ضروري ڪونهي ته ڪنهن هڪ شاعرجي سموري شاعري وٹي ۽ ڳائي سگهجي ۽ اهو به ضروري ڪونهي ته جيڪا شيءَ ذاتي طرح وٹي ۽ اها ڳائي به سگهجي. مثال طور ادا امداد حسينيءَ جو هي گيت "چند نڪري نڻو، يار وسري نڻو، وقت گذري نڻو، هل ته ڪنهن مئڪدي ۾ هلون" مون کي پسند ته آهي پر ڳائي نه ٹي سگهان، ان ڪري جو آئون عورت ذات آهيان. ان ڪانسواءِ اها به ڳالهه آهي ته ڪي گيت ڳائڻ لاءِ ملندا آهن، ۽ ريڊيو يا ٹي وي تي اهي ڳائڻا پوندا آهن، جيئن شمشير جو لوڪ گيت "جبل مٹي جهڙ اوچورا، اهو ٹي وي وارن مون کي ڳائڻ لاءِ ڏنو هو.

:اوهان گيتن جون ڏنون پاڻ ناهيندیون آهيو، يا ڪنهن موسيقار جي مدد وٺندیون آهيو؟

:مون گهڻي پاڳي ڪنهن موسيقار جو سهارو ڪو نه ورتو آهي. پر تڏهن به ريڊيو يا ڪنهن گڏجاڻي ۾ ڳائڻ کان اڳ، اتي موجود ڪنهن نه ڪنهن "ڪمپوزر" کان مدد وٺبي آهي يا پڇبو آهي. مون کي هونئن ڪا سرن وغيره جي ايتري ڄاڻ ڪانهي. ۽ نه ئي مون ڪنهن اسڪول ۾ ڳائڻ جي باقاعده سکيا ورتي آهي. ظلم اهو آهي ته اسان وٽ ڪو اهڙو "سکيا گهر" به نه ڪونهي جنهن ۾ خاص ڪري عورتن کي راڳ جي سکيا ڏني وڃي. تنهن ڪانپوءِ اسان عورتن کي اسان جو سنڌي سماج اهڙي لائين (Field) ۾ سڻي نظر سان نٿو ڏسي. جڏهن ته اسان جي ڪيترين ئي عورتن کي راڳ يا ڪو ساز سکڻ جو شوق آهي ۽ سڻيون فنڪار ٿي سگهن ٿيون.

:اوهان ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي وي ناٽڪ ڪيا آهن، انهن مان اداڪاري ۽ صداڪاري جي لحاظ کان، اوهان کي ڪهڙو ناٽڪ وڌيڪ وٺيو؟

:ڪو به ناٽڪ مڪمل ناهي، ڪٿي ڪا خامي رهجي وڃي ٿي ان ۾. ڪنهن ۾ لفظن جي گهٽ وڌائي ته ڪنهن ۾ ڪو ڪردار الوٽو. هيل تائين جيڪي مون ناٽڪ ڪيا آهن، انهن سڀني مان مون کي علي بابا جو لکيل ناٽڪ "دنگي منجهه درياءَ" وڌيڪ وٺيو. ڇو ته ان جي ڪهاڻي هيئين طبقي جي هئي ۽ آءٌ پاڻ به ان ئي طبقي سان تعلق رکان ٿي.

:ٽي وي وارن جو سنڌي فنڪارن سان ڪهڙو رويو آهي؟ اوهان جي ان باري ۾ ذاتي راءِ؟

:اسين سنڌي فنڪار ٽي وي وارن جا وڌيڪ ڏکويل آهيون. سندن رويو، صرف پنهنجون ڪرسيون بچائڻ آهي. هو ڪرسين تي وهڻ کانپوءِ، اهو به نه سوچيندا آهن ته ڪائن اهي ڪرسيون هڪ ڏينهن وڃي به سگهن ٿيون. هو اسان جي فنڪارن جي فن کي هٿي ڏيڻ جي بجاءِ مايوسي ڏيندا آهن. پر انهيءَ جي پيٽ ۾ ٻين قومن جا آرٽسٽ اچن تا ۽ ڏسندي ڏسندي ڪارن ۽ بنگلن وارا ٿي وڃن تا. منهنجو اهو مقصد ڪونهي ته ڪو مون کي بنگلو ۽ ڪار هجي يا اسان جي فنڪارن کي اهي ڳالهيون نصيب ٿين پر گهٽ ۾ گهٽ پورهيي جو اجورو ته صحيح ملڻ کپي. اسان جا ويچارا لوڪ ڳائڻا ٻهراڙي کان کهي اچن تا، انهن کي نه ته اجورو پورو ملي ٿو. نه ئي کا همت افزائي ٿئي ٿي. الٽو هو پاڙي جا پئسا خرچ ڪن تا ۽ موٽ ۾ پنهنجن پڇڻ وٽ هٿين خالي وڃن تا، جڏهن ته اسان جي سنڌي پروڊيوسرن ۾ ڪي ڇگا ڇوڪرا به آهن، پر هو پنهنجن حقن گهرڻ کان

يا ته ڪيپائين ٿا. ان ڪري جو نوڪرين تي جي وڃائجڻ جو اجايو پوءُ اٿن. يا هو واقعي مجبور آهن. ان ڪانسواءِ ڪين جيڪا بجيٽ ملي ٿي، ان کي به هو صحيح نموني استعمال ڪري نه ٿا سگهن. هو سڀن سنڌي آرٽسٽن جي جاءِ تي غير سنڌي آرٽسٽن کي بڪ ڪري هڪ طرف حقدارن جو حق کسين ٿا. ته ٻئي طرف پنهنجي ٻوليءَ کي هٿ وٺي ذليل ڪن ٿا. ان جو سبب ڇا آهي؟ ۽ ائين ڇو ٿو ڪيو وڃي؟! شايد ان ڪري ته بيا آرٽسٽ اسان جي پيٽ ۾ وڌيڪ سهٽا آهن. خوبصورت آهن!! ٻي ڳالهه جا اهم آهي، سا هي ته پنهنجي سنڌي فنڪارن جي ڪا به ريهرسل وغيره ڪو نه ٿا ڪرائين، پر ان جي مقابلي ۾ غير سنڌي آرٽسٽن کي پندرهن، سورهن ڏينهن تائين ريهرسل ڪرائي وڃي ٿي، ۽ ڪين ريهرسل واري مدي جو به معاوضو ڏنو وڃي ٿو. تڏهن به ساڳيا لاٽون ساڳيا ڇڪ، هنن جي سمجهه ۾ ته اسان جا سنڌي فنڪاره ڇائي ڇر ڪان وٺي ٽريند آهن. اسان جي ٽي وي جي آفيسرن کي اها ڳالهه محسوس ڪرڻ گهرجي.

:اوهان جو پنهنجو لکيل هڪ ناٽڪ "ڪارو ڪارونيار" تازو ٽي وي تان پيش ٿيو هو. اهو پيشڪش جي لحاظ کان اوهان کي ڪيئن لڳو؟

:مجموعي طرح ناٽڪ جي پيشڪش چڱي هئي، پر ڪٽي ڪٽي جهول ڏسڻ ۾ آيا. ٻينا جو ڪردار ڏاڍو وڏيو پر شهزادي ايترو متاثر نه ڪيو، ڇو ته هوءَ پنهنجي هيروئن واري روپ مان ايان ٻاهر نه نڪتي آهي.

: پوءِ اهو رول اوهان پاڻ ڇو نه ڪيو؟

: مون کي ڇيو ويو ته اهو ناٽڪ تنهنجو لکيل آهي. ان ڪري تون ان ۾ ڪو رول نه ٽي ڪري سگهين. جڏهن ته ٽي وي تي ڪيترائي ليکڪ پنهنجي لکيل ناٽڪن ۾ رول ادا ڪري رهيا آهن.

:ڇا توهان نئين سنڌي ادب کي پڙهندیون آهيون؟ ان ۾ توهان کي ڪهڙيون ليکڪائون وڌيڪ وٽن ٽيون؟

:نئون ادب ڪڏهن ڪڏهن مون کان نظر انداز به ٽي ويندو آهي، وقت جي مصروفيتن جي ڪري، پر تنهن هوندي به آئون ان کان بلڪل ڏار ڪا نه آهيان، مون کي ثميرا زرين، ماهتاب محبوب، ليلئ بانا جون لکڻيون وٽندیون آهن.

:اوهان جي خيال ۾ سنڌي ادب ڪهڙي قسم جو پيش ٿيڻ کپي؟

:ادب، اهو صحيح ۽ ضروري آهي جيڪو اسان کي اڳتي وٺي وڃي، حالتن جي ترجماني ڪري ۽ اهو غريب پورهيتن جي نمائندگي ڪري، باقي اسان کي مايوس ادب نه کپي.

:اوهان جي ڏيءَ اختر بلوچ جيل جي ڊائري کانپوءِ لکڻ بلکل بند ڪري ڇڏيو آهي، اوهان کي ڪا ان بابت ڄاڻ؟

:ان جي شادي ڪرائي اٿر. هوءَ پنهنجي گهوٽ ۾ نوڪري ۾ ڪندي آهي ۽ گڏوگڏ پنهنجي پڑهائي جي سلسلي ۾ بي اي جي آخري سال جو امتحان ۾ ڏيندي. ان ڪري ڪيس ايترو وقت ئي ڪو نه ٿو ملي جو ڪجهه لکي سگهي، تنهن هوندي ۾ هو عملي طرح ڳوٺن ۾ عورتن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

:اوهان جي ڏيءَ جو پهرين پيري جيل ۾ وڃڻ اوهان کي ڪيئن محسوس ٿيو؟

:شروع ۾ ڪجهه ڊپ ٿيم ته متان عورتن جي حيثيت ۾ ڪا بي عزتي وغيره نه ٿئي، پر پوءِ جڏهن خبر پيم ته قانون، قانون ٿيندو آهي. ائين سنڌ گدڙن کا نه کاڏي آهي ته پوءِ آٿت آيم، ان کانپوءِ رڳو اختر ته ڪا نه هئي؟ اسان سان گڏ سنڌ جا اديب شاگرد ۽ پورهيت به ته هئا.

:توهان کي زندگي جو ڪهڙو رخ وڌيڪ پسند اچي ٿو. ڏک وارو يا خوشي وارو؟

:ڏک وارو، چو ته مون پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو ڏکن سان گذاريو آهي.

: هن وقت اوهان پنهنجي زندگي کان مطمئن آهيو؟

:منهنجو سمورو اولاد سليٽو آهي، هو نه صرف منهنجي لاءِ پر ٻين لاءِ... گهٽو ڪجهه عملي طرح ڪم ڪري رهيو آهي، منهنجي آس آهي ته اهي اڳتي هلي پنهنجي قوم لاءِ گهٽو ڪجهه ڪندا. آءُ بلڪل مطمئن آهيان.

توهان ڪلاڪيتر ۾ جيڪي رستا ورتا آهن، انهن سان ڪهڙو وڌيڪ اڙانگو ٿو لڳو؟

:مون کي لکڻ تمام گهٽو اڙانگو لڳندو آهي، چو ته لکڻ لاءِ ماڻهوءَ کي وڌيڪ پڙهڻ جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ مون کي ايترو وقت نٿو ملي، جڏهن ته ٻاهرين ٻولين جا ڪي ڪتاب اڙدو ۾پڙهيا اٿم، پر آس اٿم ته منهنجي انگريزي اهڙي سٺي ٿي وڃي جو انهن کي انگريزيءَ ۾ ٻه پڙهي سگهان.

:سنڌي ادب ۾ ليکڪ "جوڙن" لاءِ ائين چيو ويندو آهي ته ليکڪ مرد، پنهنجين زالن کي پاڻ لکي ڏيندا آهن. اوهان جو انهيءَ جي باري ۾ خيال؟

:اها ڳالهه ماڻهو غلط تا سوچين. اهو ٿي سگهي ٿو ته اهي جوڙا هڪ ٻئي جي لکڻين

جي سلسلي ۾ صلاح مشورا ضرور ڪندا هوندا. هونئن به ٻار کان به سکي سگهجي ٿو، ڪنهن کان پڇڻ عيب ته ڪونهي.

:اوهان جي زال- مڙس جي ذهني هم آهنگي بابت راءِ؟

:اسان جو گڏ رهڻ ئي هم آهنگي جو ثبوت آهي. اسان جي گهر جي هر فرد کي هڪ جهڙو حق آهي، اسان پنهنجا گهرو مسئلا سيئي گڏجي حل ڪندا آهيون.

:عورت ۽ مرد هڪ ٻئي جي ضرورت آهن. جيتوڻيڪ ان باري ۾ اسان وٽ بدنام تاريخ پئي رهي آهي. عورت کي هميشہ پيڙيو ويو آهي، عورت ۽ مرد جي رشتي کي سامهون رکندي، اوهان وٽ ڪو نئون خيال؟

:اسان جي سنڌي سماج ۾ خاص طرح عورت مظلوم رهي آهي، پر ان کي مظلوم ڪنهن رکيو آهي، اهو آهي هڪ خاص طبقو، يعني وڏيرڪو طبقو، نياڻين کي حق بخشائڻ، کين قرآن سان لاڳون ڏيارڻ، اهي سڀ گندیون روايتون اسان کي انهيءَ طبقي کان مليون آهن. اسان جي پنڌتي پوڻ جو اهو ئي سبب آهي ته اسان عورت کي چوديواري ۾ بند ڪري رکيو آهي، کيس علم جي روشنيءَ کان محروم رکيو آهي، ظاهر اهي ته هڪ اڻ پڙهيل ماڻ جو اولاد ڪهڙا اثر ڏيکارينڈو؟ عورت جي آزاديءَ جي لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اسان عورتن کي پنهنجا حق وڙهي ۽ ونڊا پوندا. آئون خاص طرح نئين نسل کي عرض ڪنديس ته اوهان پنهنجن پيٽن ۽ مائرن کي ٻيو نہ پنهنجي مصروف زندگي مان روزانو 5، 10 منٽ ڏيئي کين صحيح سوچ ڏيو ۽ کين اڳتي وڌايو. عورت کي جيترو بند ۽ گهُٽ ۾ رکبو اوترو ئي خراب ٿيندو. آئون سمجهان ٿي ته اسين کي قدر وڌون ٻيا، اڳتي وڌون ٻيا، ان جو مثال اهو آهي ته اوهان پنهنجي پرڇي جي شروعات هڪ عورت جي انٽرويو سان ڪئي آهي ۽ اڄ مون هڪ عورت کان انٽرويو ونڊ آيا آهيو.

:مئريج انسٽيٽيوشن بابت اوهان جي راءِ؟

:مان پنهنجي ساهيڙين کي به چوندي آهيان ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان اڪيلي زندگي گذارڻ چاهي ٿو ته پلي گذاري، چو ته ڪنهن جي مرضي آهي ته هو ماني کائي يا نہ کائي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪا چوڪري به چاهي، ته ڪري سگهي ٿي، پر هو عزت واري طريقي سان رهي چو ته اسان تي جيڪو سماج مڙهيو ويو آهي اهو غلط قسم جو سماج آهي.

:انسان اڪيلائپ جو ٻيٽ ناهي؟

: ڪنهن جي جيڪڏهن دل چوي ٿي تہ هو اڪيلو رهي تہ پلي رهي، اهڙي شادي بہ گهوري، جو پچاڙيءَ ۾ زندگي زهر ٿي پوي.

:شادي کانسواءِ عورت ۽ مرد جي گڏ رهڻ جي روپ ريکا بابت اوهان جو خيال؟

: چار اکر پڙهائي يا چئن ماڻهن کي گهرائي ٻالهہ کي پڌرو ڪرڻ تمام ضروري آهي، ان کان اڳ هڪ ٻئي کي پسند ڪرڻ، هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي اجازت جي حق ۾ آهيان.

:نئين ٿهيءَ بابت راءِ؟

:"نئين ٿهي" کان اڳ آئون ڏاڍي ڏنل هئس. پر هاڻي آئون پر اميد آهيان. اسان سڀني کي گڏجي ڪر ڪرڻ گهرجي.

:گڏجي ڪر ڪرڻ مان اوهان جي ڪهڙي مراد آهي؟

: اسان جي ادبي دنيا ۾ گروهہ بنديون آهن. اهي ختم ٿيڻ کپن.

:ڇا اهي گروهہ، طبقاتي بنياد تي ٻڌل ناهن؟

:اسين جنهن طبقي سان تعلق رکون ٿا ۽ جيڪو طبقو اسان سان گڏجي ڪر ڪرڻ چاهي تو ان کي ساڻ ڪٽو ۽ ٻين کي ڇڏي ڏيو. تہ پل وجي اهي پنهنجيون ڪرسيون بچائين ۽ پنهنجا دڪان سجائين.

:پر ان ڪري ٻڌل ڦٽ جي ڪري پٽي چو لاهجي؟

: اهو اوهان (نئين ٿهي) جي اختيار آهي. "نئين ٿهي" وڌيڪ سڃاڻ آهي.

●

رسالو: نئين ٿهي

[جنوري 1978ع]

[سيلف پورٽريٽ]

پنهنجي ڳولا.... زرينہ بلوچ

آءٌ اڄا مس پنجن سالن جي هيس تہ امان گذاري وئي، ۽ مهينا تہ بابا مون کي ٻڌايو ئي ڪو نہ تہ ڪو امان گذاري وئي، منهنجا ٻہ وڏا ڀائر يوسف ۽ عثمان هئا، هڪڙو اٽڪل ٻارهن سالن جو ۽ ٻيو نون سالن جو. هنن کان جڏهن ٻہ ڀاڙي واريون امان جي ڇڳيلائيءَ جو پڇندیون هيون تہ منهنجا ڀائر چوندا هئا، ماسي دعا ڪريو تہ امان ڇاڪ ٿئي. پر ڪجهہ مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن ماسي ڦاپوءَ امان جو پڇيو تہ منهنجي وڇڻ ڀاءُ عثمان جهڙ ڇئي ڏنو تہ، " ماسي امان تہ مري وئي." ماسي چيو، " ابا اسان کي تہ ڪنهن ڇاڏ ئي ڪو نہ ڪيو." تہ منهنجي ڀاءُ وڏي ڪٽي وات تي هٿ رکيس. مون تنهن تي روئي چيو تہ، " مئا مر تون"، " نہ ماسي نہ آءٌ امان وڻ وجي انگور کائيندیس، مون کي بابا سائيڪل تي چاڑهي امان وڻ وڻي ويندو." پوءِ منهنجو وڏو ڀاءُ مون کي گهر وڻي ويو ۽ وجي ڏاڏي جي ڪن ۾ ڪجهہ چيائين. پوءِ ڏاڏي نندي ڀاءُ کي الاهي دڙڪا ڏنا. اهڙيءَ ريت امان جي مرڻ جي ڳالهہ مون کان لڪائي ڇڏي هئائون. منهنجي امان ڏاڍي ملوڪ هئي، رنگ ڳورو منهن ٿورو ڊگهو قد پورو پنو اکيون ننڍيون پر ڳالهائيندڙ جيڪي منڻن ۾ وجي ڳالهہ جي تهن تائين پڇندیون يون ۽ سدائين پيون چمڪنديون هيون. امان مون کي سڄو ڏينهن پئي ويس پارائيندي هئي. ڏاڍو اسان ٻارن سان پيار هوس، امان گهر جو ڪم ڪار لاهي پوءِ پاسي واري گهر جتي ماسي عالم خاتون رهندي هئي اتي وجي ٻيڙيون ٻڌندي هئي، چو تہ امان کي خالي ويهڻ کو نہ ايندو هو، سدائين گهر جي ڪم ڪار لاهڻ کان پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندي رهندي هئي. هوءَ آر جو ڪم، پرت جو ڪم ۽ سلائي جو ڪم ٻہ ڪندي هئي ۽ بابا جي مدد ڪرڻ لاءِ ٻيڙين ٻڌڻ جو ڪم ٻہ سکيو هئائين. ماسي عالم خاتون ۽ سندس مڙس ڇاچا قاسر گهوڙن جي سنجن جا سڇي پٽ ۽ زريءَ سان گل پيا ٻڌندا هئا. جڏهن گل جهجا ٿي ويندا هئا تہ ڇاچا قاسر اهي گل بازار ۾ وڪڻي ايندو هو. ماسي عالم خاتون کي ٻار تہ هوئي ڪو نہ، سو آئون ماسي عالم خاتون وٽ وجي وهندي هيس، چو تہ مون کي سنجن جون هريڙون ٻڌڻ ۽ ڏڪٽي پٽ جون لڇيون ڏاڍيون وٽندیون هيون. منهنجا ٻئي

ٻائر تارا چند اسپتال کان ٿورو پرپرو اسکول ۾ پڙهڻ ويندا هئا. اسان جي ڳوٺ جو نالو هو الهداد چنڊ جو ڳوٺ. اسان جو گهر مٽي ماڙيءَ تي هوندو هو. اهو گهر مون کي اڃ به ياد آهي. گهر ۾ دريءَ تي موتئي جي ڪونڊي رکيل هوندي هئي. ڪنڊ ۾ منهنجي پاءُ لاءِ هڪڙي ميز ۽ ڪرسي رکيل هوندي هئي. اسان جو صفحو وڏو هوندو هو. جنهن ۾ جنڊيءَ جي چٽن تي هڪ وڏو هندورو پيو هوندو هو. اهو هندورو بابا هڪڙي سڪ وارڊي کان 22 رپين ۾ ورتو هو. جيڪو پوءِ ٽنڊي ولي محمد واري گهر (1948ع) ۾ بابا 60 رپين ۾ وڪڻي ڇڏيو ڇو ته پوءِ آهستي آهستي جايون سوڙهيون ۽ ننڍڙيون ٿيندیون پئي ويون. انهي هندوري ۾ امان مون کي، پائرن کي ۽ بابا کي ٻنهپرن جو لوڏي لوڏي سمهاريندي هئي. هڪڙي پاسي امان، ٻئي پاسي بابا وچ۾ اسين سمهندا هئاسين. امان پوءِ هڪڙي پير سان لوڏيندي به هئي ۽ ننڊ به ڪندي هئي. اسان جي گهر ۾ هڪڙو فونو گهاٽي ناسي رنگ جو، بنبوءَ سان هوندو هو. انهي ۾ جڏهن رڪارڊ وڄندو هو ته مون کي الائي ڇو ڏاڍو وٺندو هو، پوءِ جڏهن سمجهه پري ٿيس ته خبر پئي ته اهو آواز هو پڳٽ ڪنور ۽ مائي جيوٽيءَ جو. اهي آواز الستي آواز هئا جيڪي هر شئي کي مقناطيس وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪيندا هئا. شايد انهن آوازن جو اثر هو جو آءٌ فنڪار ٿيس. اڃ به مونکي اهي راڳ ياد آهن: "نالي ڏٽيءَ جي ٻيڙو تار منهنجو"، "ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرجايان ڏس کو ڏانو"، "ٻيوس آهيان ٻيوس بند ۾ قرب جو ڪڙيون قابو ڪنڊ ۾"، "آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهه مون سان، تن ماروئڙن جي". 1944ع ڌاري جيوٽي ڏني هئر. اُها ڪاسائين جي ميندیءَ تي ٽنڊي ولي محمد ۾ آئي هئي. رنگ بنهه ککو ڪارو هوس، مٽي تي سونو جهومر هوس، ڳائڻ سان اصل دنگ ڪري ڇڏيائين. آءٌ راڳ ٻڌڻ جي ننڍپڻ کان ئي شوقين هيس. بابا هر سال اسان کي ميمڻ محلي ۾ مولودن تي وٺي ويندو هو جتي مولودن جون ڪئين پارٽيون ڳائڻ ايندیون هيون. تن مان موڪي جسڪاٽي ۽ مڱٽهار جو آواز وٺندو هو. سندن آوازن ۾ ڇڻ ته ڪي جنجهٽا پيل هجن سي ڇڻ ته پيا ڇٽڪندا هئا.

امان ڪان پوءِ بابا اڪثر سندس ڳالهيون ڪندو هو. چوندو هو ته امان! تنهنجي ماءُ ڏاڍي دلير هئي، مون تمام گهٽ مايون اهڙيون دلير ڏٺيون. جڏهن مون 1924ع ۾ ڪراچيءَ مان شادي ڪئي ته تنهنجي ماءُ جي ان وقت عمر هئي 15 سال، پر هو عقل ۾ ڇڻ ته 25 جي لڳندي هئي، ذهن تمام تيز هوندو هئس، جيڪو به ڪم هڪ ڀيرو ڏسندي هئي ته سکي ويندي هئي، امان عقلمندي ڪري منهنجي وڏي ٻاءُ کان لکڻ پڙهڻ سکي ويندي هئي.

چا ڪندي هئي جو منهنجي پاڻ ڪي ماستر گهر جو ڪم ڏيندو هو. سو امان شام جو پڪو ڪرائيندي پاڻ پڙهي ياد ڪري ڇڏيندي هئي ۽ پاڻ جي اسڪول وڃڻ کان پوءِ. هونئن نه ته بروچن ۾ نياڻين کي پڙهائڻ جو رواج ئي ڪونه هو. بابا کان وري قرآن شريف پڙهي وئي. جڏهن به امان ۽ بابا پاڻ ۾ ڪاوڙيا هئا ته هڪ ٻئي کي مهڻا ڏيندا هئا. بابا چوندو هو ته مون توکي پٽاڻن جو ٻوڙ رڌڻ سيکاريو. آمان چوندي هئي ته مون توکي واڃ ۾ ٽائيم ڏسڻ ۽ بوٽ جا ڪشا ٻڌڻ سيکاريا، ٻيو ته تون بوش هئين، تنهنجا مٽي جا وار اسان ماين وانگر هئا، اهي به مون ڪٽارايا. پوءِ بابا هار مڃي ڪلي چوندو هو، برابر پر اسان بروچن ۾ وڏا وار رکائڻ جو رواج هو. امان بابا جي وارن مان پاڻ لاءِ تمام سهڻيون سڳيون نهرايون، امان کي تن سال کان پوءِ منهنجو پاءُ محمد يوسف ڇائو. بابا هڪڙو واقعو ڏاڍو وٽندڙ ٻڌايو ته جڏهن آءُ شادي ڪريو ڪنوار کي ڇهن ماين سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ حيدرآباد وٺيو پي آيس ته زناني گاڏي ۾ هڪڙي مائي اڇي برقعي سان چڙهي ۽ امان جي پاسي ۾ اڇي ويٺي. امان به اڇي برقعي ۾ ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي. امان جي اک وڃي مائي جي پيرن ۾ پئي. تڏهن امان آهستي ڪري بابا جي پڇيءَ کي ڪن ۾ چيو ته پڇي هيءَ مائي ڪانهي پائي آهي. پر بابا جي پڇي مڃي ئي نه. ڇو ته اهي مايون بنهه سادیون هيون ۽ هنن جو زندگيءَ ۾ ريل گاڏيءَ جو پهريون سفر هو. امان چپ ڪري ويٺي پر پوءِ اوچتو برقعو مٽي ڪري مائيءَ کي ڪٽي سوگهو جهليو ۽ پنهنجي ماءُ کي بلوچي ۾ چيائين ته ريل جي زنجير ڇڪ، منهنجي نانيءَ به تيزيءَ سان زنجير ڇڪي. مائي گهٽو ڦٽڪي پر امان نه ڇڏيس ۽ پوليس ۽ مرد ماڻهو اچي ويا، مائيءَ چا ڪيو جو آمان جي ست سري سوني دهري ڪي ڇڪي لاهڻ جي ڪئي ته دهري ڇڇي پيئي ۽ داڻا ريل ۾ پکڙجي ويا. تڏهن به امان مائي کي نه ڇڏيو. ٻيون ڇاجاڻيون چوڻ لڳيون مائي ڪنوار کي ته ڏسو. نه حيا نه شرم اڻندي ئي ريل ۾ ويٺي جهيڑا ڪري. ساهرن ۾ ته الهائجي ڪهڙا ممڻ مچائيندي. پوءِ خبر تڏهن پئي جڏهن پوليس وارن مائي کي جهلي ڪٽي برقعو لاٿو ته پائي نڪري پيو. بابا جي پڇي امان تان ڪلي پئي تنهن چيو، " ائي منيس هي ته ڏاڙهيءَ ڪوڙيو چور هو"، امان جي دهري جا داڻا ڪجهه مليا ڪجهه ماين چورايا، پر امان ڪنوار هوندي به چور جهلي ورتو.

بابا ميونسپل ۾ نوڪري ڪندو هو. تن ڏينهن بابا جو پگهار هو 25 رپيا، تنهن مان مسواڙ به ڏيندا هئا ۽ سنو ڪائيندا به هئا. اسان جي ماڙيءَ کي ڏاڪڻ واري گهٽيءَ ۾

هينئين جاءِ لاءِ منگهه هوندو هو جتي منگهه جي متان ويهي آءُ گڏين راند ڪندي هيس، چو ته اهو منگهه سدائين بند هوندو هو. جڏهن ڪو مسواڑي اچي ويهندو هو ته 10 - 15 ڏينهن کان پوءِ تکڙو ئي اٿي ويندو هو. ماڻهو چوندا هئا ته هينئين جاءِ ۾ جن رهندا هئا. هڪڙي پيري چا ٿيو جو جاءِ ۾ هڪڙو شاهه چهه ست مهينا اچي رهيو. پوءِ اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ مري ويو. ماڻهن جو چوڻ هو ته، جنن شاهه جو ڀاڻو پيڇي چڏيو هو. پر منهنجو وڇڻ پاءُ عثمان ته چا ڪندو هو جو انهي جاءِ ۾ ڇت ٺهي وڃي مسواڑين جون رليون ۽ فراسيون ڪلهي تي رکي ايندو هو. پر انهي کي ته جنن ڪجهه به نه چيو. امان انهي عادت جي ڪري پاءُ کي ماريندي هئي. بابا ڀگالهه ڪئي ته 1935ع ۾ ڪوئيٽا ۾ زلزلو آيو. ڪيترائي ويچارا ماڻهو مري ويا ۽ ڪيترائي بي گهر ٿي بلوچسان مان لڏي اچي سنڌ پهتا. انهن ۾ هڪ مائي مريم نالي ڏٽڙجي اچي امان وٽ نوڪرياڻي بيني. هڪڙي ڏينهن هن جهولڻ شروع ڪيو. امان کي متس ڏاڍاخار آيا. بابا کي چيائين ته رن مڪر ٿي ڪري، سو امان چا ڪيو جو ڪلڪتي جو ڪارو سپاٽو ڪٽي اچي ڪٽيائينس پر مائي جو متو ائين ٿي ڦريو جيئن ڪا ڦرموٽي ڦرندي هجي. امان جي مار جو متس ڪو به اثر نه ٿيو ۽ پوءِ امان بابا کي چيو ته بيهه ته هن کي شربت ٿي پياريان سو چا ڪيائين جو ڪنجهي جو وڏو وٽو پاٽيءَ سان پري منجهس ڦلهيار ملائي ڪٽي مائي کي ڏنائين، هوءَ سڃو وٽو پي وئي ۽ پوءِ جهولي جهولي بيهوش ٿي وئي. امان چيو ڏنئي يوسف جا پيءَ جن ڦلهيارجو وڏو وٽو پي پڇي ويو. اها مائي پوءِ به ڪيترائي مهينا اسان وٽ ڪم ڪندي رهي. پر ڪيس وري ڪڏهن به جن نه پيو. هڪڙي پيري چا ٿيو جو مون کي چينيءَ جي پوري (گڏي) ونٽي هئي سو امان کي پئي جاچيم ته امان ڪٽي ڪسڪي ته آءُ پوري ونٽي اچان. تن تڏهين پئسي ۾ اچي ڪير جهڙي پوري ملندي هئي. سو ڏاڏي کان پئسو ورتر. مون کي ڏاڏو گهٽو پائيندو هو. بابا چوندو هو ته جڏهن مون کي به پٽ ڄاوا ته منهنجي پيءُ کي ايتري خوشي نه ٿي پر جڏهن تون ڄائين ته ڏاڏو خوش ٿيو ۽ چيائين ته ابا نياٽيون پاڳن واري گهر ۾ ڇمنديون آهن ۽ مون تي نالو بابا پنهنجي ماءُ جو رکيو"آمنہ". ڀگالهه پي ڪير پوري ونڻ جي.امان ڪم ڪار لاهي وجي پينگهي ۾ ليٽي پئي، اک لڳي ويس، بس مون کي وجهه ملي ويو سو چا ڪير جو کسڪي ڇاچي "پئني مل" جي هٽ تان وجي پوري ورتر ۽ لڏندي لمندي پوريءَ کي چميون ڏيندي پئي آيس ته ماڙيءَ جو در ٻکڙيل ڏٺر ۽ انهي در جي سير مان به اکيون چمڪنديون ڏٺم. بس پوءِ ته سڃي ڏکي ويس. سمجهيم ته جن آهي. پر ته امان ته مون ستل چڏي هئي. جن جي

ڊپ کان اڇي ڏکٽيءَ ورتم. ڪِرڻ تي هئس تہ امان در کولي ڪٽي پاکر ۾ پريو ۽ پوءِ مون کي مٿي وڌي وئي. ان مهل تہ امان ڪجهہ ڪو نہ چيو پر پوءِ شام جو مون کي ڏاڍا دڙڪا ڏنائين. آءُ پوءِ ڪڏهن بہ امان جي موڪلائڻ سواءِ ڪيڏانهن بہ ڪو نہ نڪرندي هيس. مون کي اڄ بہ جڏهن اها ڳالهہ ياد ايندي آهي تہ سياڻو وڌي ويندو اٿم.

ناني جيڪا اڪثر اسان وٽ ايندي رهندي هئي. تنهن اوچتو ئي اوچتو الهائجي ڇو اڇڻ ڇڏي ڏنو. خبر ناهي ڪيڏانهن گم ٿي وئي، گهٽن ڏينهن کان پوءِ خبر پيم تہ ناني مري وئي. هڪڙي ڏينهن امان بابا جو الهائجي ڪهڙي ڳالهہ تان جهيڙو ٿيو. بابا پينگهي ۾ ويني لڏيو تہ امان رڌڻي مان اوچتو نڪري امالڪ پينگهي کي اهڙو جهوبو ڏنو جو بابا پينگهي جي پٽيان سڌجي وڃي ڪريو. مون وڌي رئڻ شروع ڪيو تہ بابا مري ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ امان بابا سان ڪاوڙجي اسان ٽنهي ٻارن کي ساڻ ڪري ڪراچيءَ وئي هلي ۽ وڃي پنهنجي ماسيءَ جي ڏيءَ وٽ رهي. منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي پرائي گهر ۾ اصل دل ٿي نہ لڳي. پيا واجهائيندا هئاسين تہ امان اسان کي بابا وٽ پنهنجي گهر وڃي هلي پر امان سدائين نٽائي ڇڏيندي هئي. يا وري دڙڪا ڏئي چپ ڪرائيندي هئي. ڪجهہ مهينن کان پوءِ امان اتي بيمار ٿي پئي. هڪ ڏينهن منهنجا ڀائر لکي بابا سان گڏجي حيدرآباد هليا ويا. امان ڏاڍي پريشان ٿي ۽ تمام گهٽو ڳوليائين. ڪنهن پاڙي جي هوٽل واري ٻڌايو تہ سندن پيءُ ڪين حيدرآباد وڃي ويو. امان ڪاوڙ جي ڏاڍي تکي هئي. وري ڪڏهن پٽن کي ياد نہ ڪيائين. پوءِ اوچتو ئي اوچتو امان سنهڙي ٿيندي وئي ۽ وڃي ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ داخل ٿي. جڏهن ڏٺائين تہ بچڻ جو آسرو ڪونهي تہ بابا کي چوائي موڪليائين تہ آءُ مري ويندیس. تون ڏيءَ کي اچي وڃ. بابا آيو ۽ اچي امان کي زوريءَ کڻائي ويو. جڏهن آءُ پنهنجي ماڙيءَ تي وڏي خوشيءَ مان مٿي چڙهي ويس تہ منهنجو وڃڻ پاءُ عثمان چوڻ لڳو. اڙي پاءُ فقيرياڻي چوريءَ کي تہ ڏس مٿي چڙهي آئي آهي ۽ پوءِ مونکي دڙڪو ڏيئي در بند ٿي ڪيائين تہ مون روئي چيو. ادا آءُ توهان جي پيڙ آمنہ آهيان. منهنجو وڏو پاءُ ڊوڙي آيو ۽ اچي مون کي پاکر پائي چميون ڏيڻ لڳو. تيسين بابا امان کي ٽيڪ ڏئي مٿي وڌي آيو. پر امان بي ڏينهن تي بابا کي چيو مون کي پير پٽي تي نٽي وڌي هل چو جو اهو امان جو مرشد هو. بابا بي ڏينهن وڏي گهوڙي گاڏي گهرائي اسان کي وهاري وڌي ويو ۽ آءُ وڏا رانيات ڪري گاڏيءَ جي پٽيان رئندي ويس تہ آءُ بہ امان سان وڃان. منهنجي ڏاڏي مون کي ڇڪي ڪٽي ڇاتيءَ سان لڳايو. اڄ بہ اهو منظر ياد ايندو آهي تہ دل پرچي ايندي اٿم. هاڻي

منهنجا پائر وڏا ۽ سمجهو ٿي ويا هئا. ڏاڏو کين تيار ڪري اسڪول اماڻيندو هو. مون کي وري چاچي جمعي ماهيڙ جي گهر ڏاڏي رحمت وٽ ڇڏي ايندو هو ۽ پوءِ پاڻ وڃي ماني پچائيندو هو. اصل ۾ چا هو جو امان جي جيڪا ماسات هئي تنهن اسان جي گهر کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. انهي امان کي چوري گهر ڦڙايو ۽ سيني کي دربدر ڪيو. منهنجو ڏاڏو تن ڏينهن ۾ اڃي سونهاريءَ سان هو. قد آور ۽ پٺاڻن جهڙو لڳندو هو. مون اهڙو پوڙهو ۽ سهڻو ماڻهو نه ڏٺو. ڏاڏو مون کي پيار مان سڏيندو هو "گاگي" يا "هوري" يا "جلوان" منهنجي ڏاڏي 1958ع ۾ وفات ڪئي. وقت واريءَ جيان آگرين جي وٽين مان ترڪي وهي ويو. امان کي نٽي مان هڪڙي مائي ڪٽائي آئي پر اها امان الهائجي ڪهڙي پار گهر ٿي وئي، جيڪا هلندي هئي ته زمين پئي سندس پيرن جي دب کان ڏکندي هئي. امان جنهن جو نالو ئي هو "گل روز" اهو گلاب جو گل سڪي ڪنڊا ٿي ويو. مائي جڏهن امان کي اجرڪ جي جهول ۾ ماڻهن کان ڪٽائي مٽي وٺي آئي ته ڏاڏي کان اوچنگار نڪري وئي. آءٌ لڪي وڃي منگهه ۾ روئڻ ويٺيس، الهائجي منهنجي ماءُ کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي. الهائجي مريم وارو جن لڳس. ٻن ڏينهن کانپوءِ بابا امان کي سول اسپتال ۾ داخل ڪرايو. سامهون نور محمد هاءِ اسڪول هو. جتي منهنجو وڏو ڀاءُ يوسف پڙهندو هو ۽ امان وٽ هر روز ويندو هو ۽ امان لاءِ انگور وٺي ويندو هو. بابا اهي سڀ ڪشالا سائيڪل تي سر ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن امان بابا کي چيو ته آمنه کي وٺي اچ ته ڏسان. سو بابا مون کي تيار ڪري امان وٽ وٺي ويو. آءٌ جڏهن امان وٽ ويس ته امان مون کي سيني سان لائي ڏاڍو پيار ڪيو ۽ پنهنجي هٿ سان انگور کارائڻ لڳي. بس پوءِ ته آءٌ روز بابا کي چوندي هيس ته بابا مون کي امان وٽ وٺي هل ته هلي انگور کان. پر بابا نٽائي ڇڏيندو هو. ڪجهه مهينن کانپوءِ هڪڙي ڏينهن بابا اسان ٽنهي ٻارن کي راڻي باغ گهمائڻ سائيڪل تي چاڙهي وٺي ويو. اهو باغ اسٽيشن جي پرسان پڪي قلعي وٽ هو. پائرن بال راند پئي ڪئي ۽ مون هڪڙي نوريئڙي جا ڪرتب پئي ڏٺا ته ڪيئن بڙ جي وڻ مان ڪريل ننڍڙا انجيرا اڃين چنبن ۾ جهلي پئي کاڌائين. اوچتو مون بابا کي چيو ته مون کي امان وٽ وٺي هل ته هلي انگور کان- تنهن تي بابا چيو امان! تنهنجي ماءُ الله سائين وٽ ويئي آهي. جتان کو به موٽي نه ايندو آهي. بابا جو اهو سچ ٻڌي آءٌ يڪدم وڏي ٿي ويس. مون يڪ ٽڪ نوريئڙي کي ويٺي ڏٺو ۽ آگرين سان آلي مٽيءَ واري زمين کي پئي کرڙيو جو خبر ئي نه پئي ته ڪيئن سڄ ٽهي هٽڻ لڳو. بابا چيو امان اٽ ته گهر هلون. بس آءٌ مائڙي ڪري گهر آيس ۽ پوءِ ڪڏهن به بابا کي نه

چيم ته امان وٽ وڃي هل. پوءِ مون انگور کائڻ ۾ ڇڏي ڏنا. پوءِ الهائجي ڪٽان چاچو رمضان نوحاڻي جيڪو درزڪو ڪم ڪندو هو سو اچي اسان جي گهر رهيو. هڪ پيري چاچي رمضان جو هڪ دوست بمبئي کان اچي اسان وٽ رهيو چو ته گهر ۾ زال ته هئي ڪا نه جا پردو ڪري ۽ اهو چاچي رمضان جو دوست هڪ باجو جنهن کي هارمونيم چوندا آهن. سو وڃائيندو هو. اسين ٻار مڙي اچي وهندا هئاسين. چاچو رمضان مٺو پيو ڏوڙيندو هو ۽ واهه واهه پيو ڪندو هو. پوءِ خبر پئي ته انهي رمضان جي دوست جو نالو گلشن صوفي هو ۽ چاچي رمضان جو فلمي نالو سڪندر هو. جن ايڪتا فلم پئي ٺاهي ۽ ڪريم بخش نظاماڻيءَ هيرو جو پارٽ پئي ڪيو. بابا مون کي ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي گهر وڃي ويو. ياد نه ٿو اچيم ته اهو گهر گاڏي ڪاتي ۾ هو يا ٻي هنڌ پر گهر ۾ هڪڙي مائي تمام سهڻي سدا ملوڪ پري چهره نسيرجهڙي ويٺي هئي. تنهن مونکي ڏاڍو پانيو. شايد خبر هئس ته منهنجي ماءُ مري وئي آهي. سندس گهر جي درين دروازن تي وڏا وڏا اڇا ڇارين جا پردا لڳل هئا، گهر جهڙو راڻين جو محلات هو. مون اتي پُڳل وڏيون سوباريون ڏٺيون ۽ ڪاڏيون. جڏهن ڪجهه سال اڳ هل ٽاپ سئنيما ۾ ساوڪ شو ٿيو هو ته اتي ڪريم بخش نظاماڻي به آيو هو. آءُ ساٺس مليس ۽ ڪيس چيم ته سائين توهان مون کي "ڪيئي ڪتاب" ڏيو. ته پاڻ مون کي جويو صاحب جي هٿان ڪتاب اماٽيائون پر اها خبر نه پيس ته آءُ اها ساڳي نندڙي آمنه آهيان. جيڪا سندس گهر واريءَ وٽان گهمي ڦري آئي هئي. جيڪا اڄ زرينه بلوچ آهي. بابا اسان تنهي ٻارن کي اها ايڪتا فلم ڏيکاري. سئنيما ته الهائجي کهڙي هئي پر فلم واهه جي هئي. بابا کان ٻڌو هوم ته شايد اهو واقعو 1940ع جو آهي، چو ته امان 1940ع ۾ گذاري وئي هئي. فلم جا به گانا ته مون کي اڃ به ياد آهن. به نندڙا ٻار چوڪروءِ چوڪري ڳائين ٿا ته "مون کي منڙو پاءُ ڪپي ۽ منڙي پيٽ ڪپي" ۽ چاچا گلشن صوفي کي قبر تي ڳائيندو ڏٺم ته: اي دلارا چا تو سان محبت نه رهي". وڌيڪ ياد نه ٿو اچي. پوءِ بابا اسان کي سلاوٽن جي پاڙي ۾ مسواڙ جي جاءِ وڃي اچي رهايو. چا ٿيو جو بابا سال کانپوءِ ٻي شادي ڪئي. انهيءَ مون کي ڏاڍو پانيو مون جيئن پهرين ڏينهن کان ڪيس امان چيو تيئن چوندي آيس. منهنجا ٻئي پائر ڪيس ماسي سڏيندا هئا پر آهستي آهستي اهي به امان چوڻ لڳا. هُوءَ مائيجي ماءُ ٿي ڪري، ڏٺم ته نيڪ هئي جو آئون سندس ٿورا ساري زندگي نه لاهي سگهندس. مون کي کڏهن به ماءُ جي ڪمي محسوس نه ٿي. منهنجي ماءُ گهٽ ۽ دوست گهٽ هئي. مون کي پاليائين. منهنجي تنهي ٻارن کي پاليائين ۽ منهنجي ڏيءَ

جي ہارن کي پاليائين، 1982ع ۾ گذاري وئي.
اوچتو هڪڙي ڳالھ دل تي تري آئي اٿم تہ ميڈم نورجهان کا بمبئي کان حيدرآباد سنڌ ۾ آئي هئي. تڏهن اسين سلاوٽن جي پاڙي ۾ 1941ع ۾ رهندا هئاسين. منهنجو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر يوسف سندس پنيان پنيان وجي ٽنڊي محمد خان کان نڪتو. بابا ڳولي ڳولي ٽڪجي پيو ۽ مارڪيٽ ٽاڻي تي وجي رپورٽ لکرايائين تہ بمبئي کان کا ڳائٽي آئي آهي سا منهنجي پٽ کي کڻي ويئي آهي. بابا پوليس جي اٽالي سان وجي منهنجي ڀاءُ کي ونئي آيو.
بابا ٻڌائيندو هو تہ مائي ڏاڏي سهٽي هئي. چيائين تہ چوکرو اسان جي پنيان آيو ۽ چيائين تہ مون کي بمبئي ونئي هلو. شايد چاچي گلشن صوفي،چاچي سڪندر عرف رمضان نوحاڻيءَ جي سڪ لڳي هيس. ڳالهيون تہ هزارين آهن. پر هاڻ هر ڳالھ کي ڳولڻ لاءِ ذهن جي سمنڊ ۾ بار بار ٽٻيون ڏيڻ، ڏاڏو ڏکيو ٿي پيو آهي.



جيجي زرينہ بلوچ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پاران پاڻ سان ملهايل شام ۾ ڳالهائيندي

جيجي

"جيجي، او جيجي، گُڏين لاءِ ٻہ ٽي اڳڙيون تہ ڏينم." پر جيجيءَ جو جواب ڪو نہ آيو. وري وڏي واڪي چيومانس: "ائي جيجي، چا وينءِ ڪرين؟ ٻڌين ڪو نہ ٽي چا؟ ٽي اڳڙيون تہ ڏينم." پر جواب ڪو نہ مليو. جان ڪٽي منگھ مان هيٺ نهاريان تہ جيجي نماز پڙهي، هاڻ سلام پئي ورايو. مون کي ڏسي مرکي چيائين: "ممڙي، نماز ٻہ پڙهڻ نڪي ڏين. هتان نڪي ڦريو اچين؟ اس ۾ پير سڙي ويندئي."

"نہ، جيجي، پير ڪو نہ ٿا سڙن، هيءَ نوڙي اماڻيانءِ ٽي، ان ۾ ٻڌي اڳڙيون ٻڌي موڪل."

"پٽ، اجان تہ ڪَتر ڪا نہ ڪئي آهي. ڪپڙا ڪتريان تہ پوءِ توکي ڏيندیس."

"جيجي، تون تہ روز پئي بهانا ڪرين. ڪلهہ ٻہ چيئي تہ سياڻي ڏيندیس. اڄ منهنجي گُڏيءَ جي شادي آهي، مون اجان ڏاج ڪو نہ ناهيو آهي" مون روئڻهارکي ٽيڻ جو ارادو ڏيکاريندي چيو.

"چگو، ممڙي، پيتيءَ ۾ ڏسان ٽي." ائين چئي جيجي کوڻيءَ ۾ گهڙي وئي ۽ ٻڌي ڪاترون ڳولي ڪٽي آڻي، نوڙيءَ ۾ ٻڌي ڏنائينم. آءٌ اڳڙيون ڪٽي وڃي کوڻيءَ ۾ گُڏين جو ڏاج سڀڻ ويٺس.

جيجي ۽ اسان جا گهر گڏيا پيا هئا. وچان رڳي پت هئي. سندس اگڻ ٻيءَ گهڻيءَ ۾ هو. صُفو ۽ ڪوني اسان جي اگڻ سان گڏيل هئا. اسان کي جڏهن ٻہ ڪا شئي شڪل ڪپندي هئي، تہ آءٌ رڌڻي جي پت تي ڏاکڻ رکي، رڌڻي جو ڪڏ ٽپي، جيجيءَ جي صفي واري ڪڏ تي چڙهي، وڃي منگھ مان ٻيهندي هيس ۽ نوڙي هيٺ اماڻي، جيجيءَ کان شئي ونندي هيس.

جيجي ڪپڙا سستي اگهہ ۾ سبندي هئي، تنهن ڪري اوڙي پاڙي جون زالون، ڪانئس ڪپڙا سبائيندیون هيون. خاص ڪري برقعا تہ لاجواب سبندي هئي. سبراڻي وري ڪيتري؟ پنج يا ڇهہ رپيا. مهانگي ۾ مهانگو برقعو ڏهہ رپيا ڇيهہ ٽيو، تنهن ۾ ڏيڍ رپئو اکين واري کي، ۽ اٺ آنا رومالي ۽ ٽوپي ليکاڻي، باقي ڪيس وڃي چار يا پنج

رپيا بچندا هئا. مرداڻي قميص جي سبراڻي اڻ آنا ۽ سٹڻ جا ٻارنهن آنا. زناني چولي سٹڻ جو رپيو.

جيجيءَ وٽ سدائين ماين جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا، جيڪي سڄي شهر جون گلائون، جهيڙا جهٽا، شادي غميءَ جا نبيرا اتي اچي ڪندیون هيون. جيجي ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان سندن ڳالهيون ٻڌندي هئي ۽ سندن فيصلا ٻه ڪندي هئي. سندس پوڙهي ماءُ، نانی ڪريمان، جيڪا اڻڪل ستر ورهين جي هئي، سا ننڍي منجيءَ تي ليٹي پيئي هوندي هئي. ڪيس دم جي بيماري هئي. ڪڏهن رڙهي اچي ٻاهر اڱڻ ۾ وهندي هئي، جتي جيجي پٽ جي پاڇولي ۾ مشين پئي هلائيندي هئي. سندس آڏو تڏي تي ٻه ٽي زالون هميشه وينل هونديون هيون، جن مان ڪا نانيءَ لاءِ چلر تازي ڪندي هئي: ته ڪا وري چُلهه مان پوريل ٽانڊو ڪڍي ٽوپيءَ ۾ چاڙهيندي هئي. ڪنهن مهل نانی رڙ ڪري چوندي هئي: " عاشو، مون کي ناس جي سونگي ته ڪٽ تان ڪٽي ڏي." آءٌ ڊوڙ پائي سونگي ڪٽي اچي نانيءَ کي ڏيندي هيس. سڀ زالون جيجيءَ ۽ نانيءَ جو ڪم خوشيءَ سان ڪندیون هيون، ڇو جو ڪنهن کي پٽ جي قميص جلدي ڪپندي هئي ته ڪنهن کي برقعي جي تڪڙ هوندي هئي. ٻارن کي وري گُڏين لاءِ اڇڙيون ڪپنديون هيون. انهيءَ لالچ ۾ ٻار سندن ڪيترائي ڪم ڪندا هئا. ڪو هٽ تان اٹو گيهه ونڊي ڏيندو هون، ته ڪو وري پاٽيءَ جو ڏول وهنجڻ لاءِ يا وضو لاءِ پري ڏيندو هون.

جيجيءَ جو پاءُ ماما پير بخش، واڌڪي ڪم جو بادشاهه ڪاريگر هو. جي ڪم لڳندو هوس ته مهينن جا مهينا پيو هلندو هو. جي نه ته مهينن جا مهينا گهر ۾ ويٹو هوندو هو. ماما پير بخش سڄ لٹي مهل سخي بادشاهه جي سلامي پرڻ ويندو هو، ۽ جمعي رات سائين شهيد سرفراز جي زيارت تي ويندو هو، نه ته سڄو ڏينهن وڏي صفي ۾ منگهه هينان ڪٹ تي ستو پيو هوندو هو. ڪَنن کان ڳرو هو، جنهن ڪري آئي وئي جي گوڙ گهمسان جي پرواهه ئي ڪا نه هوندي هيس.

جيجي صبح جو سويل اٹي، وضو ڪري نماز پڙهي، دور ڪري، پوءِ وڃي چلهه ٻاريندي هئي. ماني پچائي، ڪارائي پياري هوديءَ ۾ ويهي ٽانوَ ملیندي هئي، جا وڏي صفي جي ڪنڊ تي ۽ نانيءَ جي ڪٽ جي پيراندیءَ کان هئي. اتيئي پٽ ۾ جارو نهيل هوندو هو، جنهن ۾ ٽانوَ ڏوئيندي رکندي ويندي هئي ۽ پوءِ چنڊ ڦوڪ ڪري هٹ منهن ڏوئي، ڦٹي ڏيئي، وڃي مشن تي ويهندي هئي. انهيءَ وچ ۾ وٹس ڪيترين ئي زالون ايندیون ويندیون هيون، جن سان ڳالهائيندي ٻه ويندي هئي، ته سبندي ٻه ويندي هئي.

وڏي صفحي جي سامهون ۾ ڪوٽيون هونديون هيون. جن مان ننڍي ڪوٽيءَ ۾ ماما جا وڏڪي جا اوزار، پراٽيون ڪانيون، دٻا وغيره پيا هوندا هئا ۽ در لڳ جيجيءَ جون چار پنج پيتيون هڪ ٻئي مٿان رکيون هونديون هيون. انهن ۾ اڃ سبيل ۽ سبيل ڪپڙا، برقعا وغيره هوندا هئا. ڪاٺ جي وڏيءَ پيتيءَ ۾ سندس ڪپڙا، زيور ۽ ٻيون پاڙي پتيءَ جون امانتون رکيون هونديون هيون. غريب مايون چوريءَ جي ڊپ کان يا وري مڙسن کان لڪايل ميڙاچوندي وٽس آڻي رکنديون هيون. جيجي اهي بنا ڳڻڻ جي ويڙهيل سيڙهيل جيئن هوندا هئا، تيئن پيتيءَ ۾ بند ڪري ڪلف ڏيئي ڇڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته اها سادگي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي هيس. زالون کانئس قدو ڪري وڌيڪ پئسا يا زيور پرائي ونڊيون هيون.

جيجيءَ ڪڏهن ۾ نماز، روزو نه ڇڏيو. گرميون هجن توڙي سرديون، کانئس نه ڪڏهن نماز قضا ٿي، نه وري ڪڏهن روزو ڇڏيائين. رمضان شريف کان سواءِ ۾ جمعي رات نفلي روزا رکندي هئي. سندس منهن هميشه چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پيو چمڪندو هو. اوڙي پاڙي ۾ شاديءَ برادريءَ ۾ پاڙي جي زالن سان گڏجي ويندي هئي. امان کي ۽ مون کي، بابا جيجيءَ کان سواءِ ڪڏهن ۾ شادي وغيره تي اڪيلو ڪو نه ڇڏيندو هو. جيجيءَ جي هلڻ جو بڏندو هو. ته پوءِ موڪل ڏيندو هو.

مون کي هڪڙي ته گڏين جي ڪپڙن گڏ ڪرڻ جي جُوس ۽ ٻيو وري مشن هلائڻ جو شوق. تنهن ڪري سڄو سڄو ڏينهن جيجيءَ وٽ ويٺي هوندي هيس. جيجيءَ کي برقعو سبڻو هوندو هو ته مون کي مشن هلائڻ لاءِ چوندي هئي ۽ پاڻ برقعي جون پليٽون سڌيون جهلي سبندي ويندي هئي. ڇو جو گهٽي مشين هلائڻ ڪري کيس رات جو ٻانهن ۾ سخت سور پوندو هو. آءٌ دعائون پيئي گهرندي هيس، ته الله ڪري پاڳل شيدياڻي سگهي سگهي اچي. ڇو ته پوءِ جيجي مشين منهنجي حوالي ڪري، بن ٽن ستڻن جا ڏر سبڻ لاءِ ڏيئي پاڻ وڃي پينگهي ۾ پاڳل سان رهاٽيون ڪندي هئي. ماما ڪم تي هوندو هو. نانبي ستي پيئي هوندي هئي. جيجي ۽ پاڳل پاڻ ۾ پيون ڳالهائيندیون هيون. ڳالهين ڪندي جيجي اوچتو سڏ ڪري چوندي هئي، " عاشو ٻاهرين در کي ڪڙو ته ڏيئي ڇڏ، متان ڪا فقيرياڻي ڪو ٽپڙ ٽاڙي ڪٽي وڃي." جيجيءَ وٽ فقيرياڻيون گهٽيون ايندیون هيون. پاڻ ڪڏهن ۾ ڪين هٽين خالي نه موڪلائيندي هئي. ڪين اٽي لپ، مانيءَ پور يا پراٽو سراٽو ڪپڙو ڏيندي هئي. پوءِ ۾ فقيرياڻيون وڃه وٽي ڪو نه ڪو ٽپڙ تڪائي ويندیون هيون. آءٌ اٽي وڃي در بند ڪندي هيس ۽ اڃان مشين تي وهڻ جي

كندي هيس تہ چوندي هئي. " منا پٽ هي در ۾ ورائي ڇڏ. مكيون ٽيون پٽين." ڪوئيءَ جو در جيڪو اگڻ ۾ ڪلندو هو، سو هميشہ بند هوندو هو. وڃان در بند ٽيڻ تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي. آءٌ وجهہ وئي پنهنجي گڏين جا چولا سبي ونندي هئس.

منهنجون اٽڪل ويهارو ڪن گڏيون هوندیون هيون، جن جا وري ٻار ٻچا ۾ هوندا هئا. انهن سيني گڏين مان مون کي هڪڙي گڏي ڏاڍي وٺندي هئي، جا امان هڪ رپئي ۾ صفوران ساٽياڻيءَ جي سؤٽ کان نهرائي ڏني هئي. سندس وڏيون اکيون، ڏگها وار، ننڍڙا سهٽا هٿ ۽ پير اهڙا هوندا هئا، جهڙي ڪر پدمڻي! مون کي ايڏي تہ وٺندي هئي، جو مون ڪٽي جيجيءَ جو نالو رکيس ۽ سيني گڏين جي پٽ راڻي ڪيومانس. ٻي گڏي جا مون کي زبيءَ ناهي ڏني هئي، تنهن جون اکيون چنجهيون هيون، ٽلهي، ٻي ڏولي وري اهڙي هئي، جهڙو ڪر پاڳل. مون ۾ ڪٽي پاڳل نالو رکيس ۽ سيني گڏين جي نوڪرياڻي ڪيومانس. سڄو ڏينهن پيئي ٻين گڏين جي آڳي پيڇي ڪندي هئي.

پاڳل کي سدائين پئسن جي ڪوٽ هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن آءٌ امان جي ڪر سان جيجيءَ وٽ ويس تہ پاڳل چلم پيئي پيتي ۽ جيجيءَ مشين پئي هلائي. ناني ٻاهر اُس ۾ منجيءَ تي ستي پيئي هئي. پاڳل مون کي ڏسي جيجيءَ کي چيو، "اجها عاشو آئي اٿئي، ڪٽي انهيءَ کي اماڻ" . جيجيءَ مون کي ڏسي آهستي چيو، "عاشو ڇگو ٽيو جو آئينءِ. ٻيني پير حليمان کان ويهہ رپيا آڻي ڏينم."

آءٌ حليمان کان ويهہ رپيا وئي اڃان گهٽيءَ جي در وٽ پهتس تہ پاڳل سامهون پئي آئي ۽ ستّ ڏيئي منهنجي هٿن مان ويهہ ئي رپيا کسي ورتائين.

مون چيو. "ماسي، اهي پئسا جيجيءَ جا آهن."

"ماڻهين جيجهين جا ڪو نہ آهن، منهنجا آهن،" مون کي تڙي ڏيئي چيائين.

مون روئي اڇي جيجيءَ کي دانهن ڏني. جيجي چيو: "ممڙي، اهي پئسا مون پاڳل لاءِ گهرايا هئا."

مون چيو:" جيجي، مون کي ڇڙپ ڇو ڏنائين؟ آءٌ ڪو پئسا ڪٽي ٽي ويس چا؟"

نانيءَ اها ڳالهہ ٻڌي، جيجيءَ کي چيو: " اها رن ڦري فقير ڪري ڇڏيندئي. جيڪو ٽي ڪمائين، سو ٽي انهيءَ کي کارائين."

پوءِ تہ جيجي ۽ نانيءَ پئي پاڻ ۾ وڙهيون. آءٌ امان جو چولو ڪٽي گهر هلي آيس. امان منهنجي منهن ۾ ڏسي چيو: " ڇو، رني آهين چا؟

مون پاڻ واري ڳالهه ڪري ٻڌائي. امان کي خار وڻي ويئي ۽ پنهنجي منهن چوڻ لڳي: "انهيءَ ڪميڻيءَ رن ملڪ تپائي ڏنو آهي! ڇڪو اڇي ڪزوءَ کي پٽي آهي: اڄ سؤ گهرجير، شاديءَ تي وڃڻي آهيان! اڄ جمعي جي پيٽ گذاري ويئي آهي، تنهن لاءِ چار ڏيڻي آهي! اڄ امڪي لاءِ پئسا ڪپن، اڄ ڏمڪي لاءِ ڪپن."

ڳچ ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن امان رلين جون ٽڪريون پئي ڳنڍيون مون ۾ ڪيس ٽوپي ۾ همراهي پئي ڪرائي ته ڪنهن مهل ماسي جانل لنگهي آئي. ڳالهين تان ڳالهيون ڪندي، جيجيءَ جي ڳالهه نڪتي.

"ڪزوءَ ويچاريءَ سان ناحق ٿي ويو!" ماسي جانل چيو.

چو؟ چو؟ ڇا ٿيو؟" امان پڇيو.

"ادي، انهيءَ پاڻ ڪسبياڻيءَ جو اڇي خرچ ڪٽو. سو منهن پيلڙو ڪري، ڳوڙها ڳاڙي ڪزوءَ وٽ اڇي ويهي رهي. چي: " مون کي پنج سؤ رپيا گهرجن، منهنجُو پاڻ چوري ۾ جهلجي پيو آهي، تنهن لاءِ وڪيل ڪرٽو آهي." ڪزوءَ ويچاريءَ وٽ هڪيا پئسا ڪو نه هئا، تنهن ڇا ڪيو جو ساران شوريءَ جي دهري ڪٽي ڏنس، ته اها ڪٽي گروي رکي پئسا ڪر ۾ آڻ."

"ائي، منيس! هاڻ دهري ته ڇڻي!" امان دانهن ڪندي چيو.

"ها، ادي، اها ته ڳالهه ڪريان پئي. اڄ اوچتو ڦاٽ ڦاٽو ته دهري ته پاڻ مرگو وڪٽي ڇڏي آهي."

"ائي گهوڙا"

"ساران جي مائٽن جي ڪا اتر ۾ شادي آهي، تنهن لاءِ پنهنجا ڳهه ڪزوءَ کان وٺڻ آئي، تڏهن دهريءَ جي ڳالهه ڦاڻي پيئي. پوءِ ته اڳيان ساران آهي، تنهن نه ڇڏيو ڪزوءَ کي، نه پاڻ کي. هاڻ ته ڪزوءَ کي سر سان اڇي لڳي آهي ته متان پاڻ جي ڪن ڳالهه پوي. پر ادي، اها ڳالهه ڪا لکڻ جي آهي؟"

"ڪزوءَ جا به انصاف آهن! رن اصل اهڙو ته انڌو ڪري ڇڏيو آهيس، جو پنهنجي عزت جو خيال نٿو ڪئيس"

"ها ادي، هاڻ ته ويچاري منجهي پئي آهي، ڇا ڪري؟ ساران سان ٽن ڏينهن جو واعدو ڪيو اٿس. اڄ ته ويئي آهي پيٽ وٽ، ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي. مون تي به ڪر رکيو آهيس ته وڏيرن وٽ مندبيون رکي پئسا آڻي ڏي. سو اوڏانهن ٿي ويس ته چيم ته تو وٽان به ٿيندي وجان."

ٻئي ڏينهن امان ۽ آءٌ جيجيءَ جي گهر ويونسين تہ جيجيءَ وٽ زبي ۽ زبيءَ جي ماءُ وينيون هيون. زبيءَ جي ماءُ جيجيءَ سان ٻئي ٻالهيون ڪيون ۽ زبي مشين ٻئي هلائي. آءٌ زبيءَ وٽ ويهي رهيس. ناني اندر ليٽي پئي هئي. ٻالهين ڪندي زبيءَ جي ماءُ چيو: "پاڪل تہ اڄ ڪلهہ شهربانو وٽ سڄو ڏينهن وينِي هوندي آهي."

"ڪهڙي شهربانو؟" جيجيءَ چيو.

"اها، امان، ٻهرياٽيءَ جي ڏيءَ ڪانهي، جيڪا اڳي ڪهنياڻيءَ سان ڪَنل هئي؟"

"ائي، ها ها، اها ٻچائيءَ جي ڏيءَ نہ؟، "امان چيو.

"ها، ادي، اها ٻچائيءَ جي ڏيءَ! انهيءَ کي گهٽ ڪري نہ سمجهہ. انهيءَ رن ماڻهن جا پُنگا پينگ ڪري چڏيا آهن. جيڪو انهيءَ جي ور چڙهيو، سو چٽو!" زبيءَ جي ماءُ چيو.

"آءٌ بہ چوان تہ پاڪل روز روز اديءَ ڪزوءَ وٽان پئسا وٺيو وڃي، سو انهيءَ کي پيئي ڪارائي." امان چيو.

جيجي اها ٻالهہ ٻڌي ڪُڃي ڪا نہ، پر مون ڏٺو تہ سڄي هيدي ٽي ويئي.

ڪيترا ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن مون جيجيءَ جي مٽي مان جُون وينِي ڪڍيون. ماسي جانل ۽ امان بہ وينيون هيون تہ اوچتي پاڪل اچي نڪتي. جيجيءَ پاڪل کي ڏسي چرڪ پري، منهن ڪٽي پاسي ڪيو. پاڪل جيجيءَ ڏانهن منهن ڪري چيو:

"ايتري ڪاوڙ؟"

جيجيءَ کو بہ جواب کو نہ ڏنو. اتي جانل پاڪل کي نوڪو ڏيئي چيو. "پاڪل ڪر خبر؟ ڪيئن نڪري پئينءَ؟ شهروءَ مان پيٽ پرجي ويوئي چا؟ يا وري ڪا ٻي ڏهري ٻهري ڪپئي؟

"ائي هاڻي گهٽو ڪيئي، اجايو وات نہ هڻ. تو کي بہ سجاڻان ٽي." پاڪل ٽپ ڏيئي اتي چيو.

ماسي جانل چيوس: "ائي، تہ پوءِ وري ڪهڙو منهن ڪٽي آئي آهين؟ وڃي پنهنجي انهيءَ چهڪوٽيءَ وٽ ويهہ."

"چو نہ ويهندیس؟ چو نہ ويهندیس؟ اوهين سڙو، کامو، پچو! رن پڙوي! پڙوتون پاڻ ڪري ۽ چوي وري ٻين کي!" ائين چئي، گاريون ڏيندي، پاڪل پچ چندي اتي هلي.

ڪيترن ڏينهن کان وٽي، جيجي اجهاميل اجهاميل پئي لڳي. اهڙي تہ ماڻ اچي ويس، جڏ ڪيس ڪلڻ ٻالهائڻ وسري ويو هو. اڳي نانيءَ سان ٻالهہ ٻالهہ تي چڙيو پوندي هئي.

هاڻ ناني کيترو، کاوڑبي هئي ته بہ کو جواب کو نہ ڏيندي هئي. سيبو کندي کپڑو ابتو سبتو سبيو وجهندي هئي. جنهن کي وري وري اديڙي سبڻو پوندو هوس. سبندي سبندي کو پور پئجيو ويندو هوس، ته مشين چڏي منهن ويڙهي وجي پينگهي ۾ پوندي هئي.

امان چوندي هيس: "چو، کزو، اڄ مشين کو نہ کڍي اٽيئي؟"

جيجي چوندي هئي: "ادي هاڻ ته کم بہ نٽو اُجهي. الائي چو، من موگو پيو لڳي! پانيان ته هي گهر چڏي، اڏامي کنهن اهڙي پاسي وڃان، جتي کير نہ هجي."

اها ڳالهہ ٻڌي. آءٌ چوندي هيس: "جيجي، تون جي اڏامي ٻئي پاسي ويندينءَ، ته پوءِ ماما کي ماني کير پچائي کارائيندو؟"

"امان، پوءِ ڪٽي سندن قسمت، مون کو سندن سڃي عمر جو ٽيڪو ته کو نہ کنيو آهي."

جنهن تي ناني چيو: "امان، هينئر اسين بي پهچ ٿي پيا آهيون، تڏهن روز روز کاڏي جا مهٽا پئي ڏي."

اسين منهنجي ماساتن جي شاديءَ تي کراچي هليا وياسين ۽ پندرهن ڏينهن اتي رهي پياسين. جنهن رات موٽياسين، تنهن جي ٻئي ڏينهن امان ۽ آءٌ جيجيءَ لاءِ مٺائي کڻي وياسين. جيجي کٽ تي ستي پئي هئي. ناني منجيءَ تي ويٺي هئي ۽ جانل مانيون پئي پچايون.

امان جانل کان پڇيو: "چو ، ادي، خير ته آهي؟ کزو ستي پئي آهي."

جانل ماني اٽلائيندي چيو: "کزوءَ ويچاريءَ کي ته الله بچايو آهي. مري بچي آهي."

امان پڇيو" چا ٿيس؟"

ماسي جانل چيو: اوچتو ويٺي ويٺي دورو اچي پيس. ويچارا ٻئي ماءُ پٽ پريشان ٿي پيا. مون کي کٽي سڏيائون. ڊاکٽر گهرايوسين. ڪئين علاج کياسين، پر فائدو ئي کو نہ ٿيو. جيئن پوءِ تيئن پٽ پوندي ويئي. پوءِ ته ادا وجي مولوي عبدالله کي ونئي آيو، جنهن سڃيون سڃيون راتيون پڙهي دم کيس، تڏهن هاڻ ۾ س ٿيو ڏينهن کان ونئي آرام آيو اٿس. ويچاري مولويءَ کي آفرين آهي، نہ ته شئي ڏٽين کي پهتي پيئي هئي."

جيجي سڃو مهينو کٽ تي پيئي هئي. خدا خدا ڪري مهيني کان پوءِ مس کنڊ کنيائين. پوءِ بہ ماما سڃو مهينو پئي مولويءَ کان چندا ڦيٽا ڪرايس، تڏهن وجي ڪا هلڻ چلڻ جهڙي ٿي.

چاچو مولوي عبدالله اسان جي پاڙي جي مسجد ۾ پيش امام هو. اڳي جيڪو مولوي

هو. سو اسان کي اصل کو نہ وٹندو هو. سدائين منهن ۾ سوند پيو هوندو هوس. آڻ ۽ زبي کڏهن کٽي مسجد جي درين مان اندر جهاتي پائيندين هيونسين، تہ وٹي رانپاڙ کندو هو، "چوريون، مرداريون، وجو نٹيون!" تنهن ڪري اسين گسان پنڌان ڪيس ڏسندين هيون سين، تہ وٹي سندس اهلون ڪندين هيونسين، ۽ آواز بچڑو ڪري چوندين هيون سين: "چوريون، مرداريون، وجو نٹيون!" هُو وٹي اسان جي پٹيان پوندو هو، پر اسين پڇي ويندين هيون سين. چاچو عبدالله ڪنهن سان بہ ڪو نہ وڙهندو هو. مون کي گسان پنڌان گڏبو هو تہ چوندو هو. " ناني، پٹهين کي چئو تہ سانجهيءَ ڪراچي مان عالم سڳورا ايندا، نماز تي سويل اچجو" يا وري چوندو هو: "ناني، فجر جو پٹهين نماز تي ڪو نہ آيو، چاڪ تہ آهي نہ؟" اسين گڏيون پرٹائڻ ويندين هيون سين تہ مرکي چوندو هو: " ناني، گڏين جي نڪاح تي ملان ڪو نہ وٹي هلنديون!"

سندس زال بچڑي ۽ جهيڑاڪ هئي. ماسي جانل کڏهن کڏهن چوندي هئي:" خدا جي قدرت! مولوي کهڑو مور جهڑو سدا سهٹو مڙس ۽ زال وري کهڑي بچڑي بدشڪلي مٹي ۾ لڳي آهيس. سڄو ڏينهن گهر مٹي تي ڪٹيو وينٽي آهي. مولوي ويچارو وينو ٻڌي، ڪچي ئي ڪو نہ، ٻيو ڪو مڙس هجي ها تہ ٹڪ مان ور لاهي چڏيس ها."

ہن پهرن جو امان جي ستڻ ڪٹي آڻ ۽ امان، جيجيءَ جي گهر ويون سين. گهٹيءَ وارو گهر ڪليو پيو هو. جيجي ڪوٹيءَ جي در وٹ بينٽي هئي ۽ چاچي عبدالله سان پئي ڳالهايائين. اسان کي ڏسي ڪجهه هبڪي، پوءِ امان کي چيائين: "ادي، آءُ پلي ڪري آئينءَ"

امان مرکي اندر وڏي صُفي ۾ وجي وينٽي. جيجي مشين تي اچي وينٽي، ناني‌ءَ ستي پئي پڻ پڻ ڪئي.

مون جيومانس: ناني، پاٹي کپئي چا؟، " نہ نہ " ڪيائين.

مون پڇيو: "جيجي، ناني چا ٹي چوي؟"

جيجيءَ چيو: " انهيءَ جي تہ اچي مت کسي آهي. سڄو ڏينهن پُڻ پُڻ ڪري رت پي وئي آهي. نڪا ٹي مري، نہ ڪا ٹي منجو چڏي"

اتي امان جيجيءَ کي چيو: "ڪزو ادي، مائٹ جي دل نہ ڏکوئبي آهي! چري، مائٹ وري بہ مائٹ آهي. چوندو، پر چورائيندو ڪو نہ!"

جيجيءَ وراٹيو: "پر، ادي ڏسين ٹي! ڪو ماٹهو چيٹو سلائيءَ لاءِ اچي ٹو تہ وٹيو باھ ٻاري! هڪڑو پورهيو ڪريو کارايان ۽ ٻيو وري سڄو ڏينهن ڪُر ڪُر سهان. وڏي ڏيٹس ڏ ڏمان سان پرٹائي چڏيائين. باقي مون کي پنهنجي ۽ پٹس جي گيس ماري ۽

ڏٽ لعنت لاءِ ويهاري ڇڏيائين! ائين چئي جيجي اچي اوچنگارن ۾ چُنڪي. امان اتي ڳرائڙي پائي پرجايس.

مون گهر اچي امان کان پڇيو: "امان پوءِ ماما جيجيءَ جي شادي ڇو نٿو ڪرائي؟

امان چيو: "پٽ مامهين جي به شادي ٿيل آهي ۽ جيجهين جي به شادي ٿيل آهي."

" ته پوءِ جيجي پنهنجي گهر نٿي وڃي ڇو؟"

"نه، پٽ هي بدن جا سگ آهن. جيئن تون ڪو نه گڏين جون ڏي وٺ تي شاديون ڪري، پوءِ اهاڻي بهاڻي ڪاوڙائي وهاري ڇڏيندي آهين، تيئن هنن پاءُ پيٽ جو ليکو به ائين آهي."

"امان، منهنجون گڏيون ته وري به پنهنجي مڙسن سان پرچي موٽي ويندیون آهن."

"امان مامهين ڇٽ ٻوڙو، جوٽس آ سدا ملوڪ، هٿين پيرين سهٽي، سا وٽس نه ويني. مامهين وري خار ۾ جيجهين کي ويهاري ڇڏيو. سال ٿي ويا آهن. ويچاري ويهي سڙي ڪامي ويئي آهي."

"پوءِ مڙسس وڃي نٿو وجيس؟" مون وري اعتراض ڪيو.

"چري مڙسس ته گهٽو وڃي وجيس، پر مامهين به ڇڏي نه!"

هڪڙي ڏينهن پاڙي ۾ وڏيرن سچيءَ جي ڪندوري ڪئي. اسان کي ۽ جيجيءَ کي به ڪوٺ هئي. رات جو اٽين بجي امان ۽ آءٌ، جيجيءَ سان گڏجي ڪندوري ڪائڻ ويون سين. ڪلاڪ ڪن ويهي جيجي، امان کي اشارو ڏيئي اٿي. اسين زالن جي وڃان گهُٽ ڏيئي نڪري آيوسين. جڏهن گهٽيءَ جي ويجهو ٽيون سين، تڏهن جيجيءَ، امان کي چيو: " توهين هلو ته آءٌ مولويءَ جي زال وٽان ٽيو ٿي اچان."

گهر اچي مون امان کي چيو: "امان، جيجي مولويءَ جي زال جي گهر اڳي ته ڪڏهن به ڪا نه وجي."

امان چيو: "امان، ڪو ضروري ڪر هوندس، تڏهن ته ويئي آهي."

پر، امان، مون ڪا ڳالهه ياد ڪري چيو. "امان، سچي، مولويءَ جي زال نه، اڄ گهر آهي ئي ڪا نه، ڪالهه مائٽن ۾ ويئي آهي."

امان خفي ٿي چيو: "چوري، تو کي ته ڪا اجائي بڪ بڪ جي عادت پئجي وئي آهي."

ان کان پوءِ مولويءَ جي زال ۽ جيجي هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ لڳيون، جيجي کانئس ڪپڙن جي سبراٽي به ڪا نه ونندي هئي. چوندي هيس. ادي، توهان جا مون تي بيماريءَ ۾ ئي گهٽا احسان آهن. ڪڏهن ڪو سنو ڪاڏو رڌيندي هئي ته جهڙو اسان کي موڪليندي هئي، تهڙو مولويءَ جي زال کي.

نيٺ هڪڙي رات ناني گذاري وئي. پوءِ ته گهر ۾ واويلا مچي وئي. جيجيءَ جي پيٺ ۾ اوري پري جون منّياٽيون اچي گڏ ٿيون. صبح جو ٻيون به ڪيتريون مايون هٿ فاتحہ لاءِ اچي گڏ ٿيون. ڪيترا ڏينهن پئي مايون آيون ويون. اسين سڄو ڏينهن جيجيءَ وٽ وينيون هوندیون هيون سين. جيجي سڄو ڏينهن ناني ءَ کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. چاچي عبدالله کي به گهٽو ڏک ٿيو. هو صبح شام جيجيءَ کي دلداري ڏيڻ لاءِ در تي اچي بيهندو هو.

هڪڙي ڏينهن آءٔ ۽ امان گڏجي جيجيءَ جي گهر آيون سين، ته جيجيءَ وڏي ڪوٺيءَ جي پٽ کي پئي ڪوٺيو. امان پڇيس، "ڇو پئي ڪوٺين؟" ته چيائين، ادي اڪيلائيءَ ڪري روح منجهيو پوي. اڄ ڪلهه ادا به خيرن سان ڪر کي لڳو آهي. مولويءَ عبدالله جي زال چيو. "آءٔ به اڪيلي آهيان، وڃان ڪوٺيءَ مان دري ناهيون ته هڪ ٻئي کي سڏ صلح ڏيڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سوليون ٿيون."

امان چيو: "پاٽين کان پڇيو ائين؟ متان اهو ڳالهائڻ نه ڏيئي."

چيائين: "پهريائين انهيءَ کان موڪل ورتي اٿر، نه ته ٿي آءٔائين پنهنجي هلايان."

مون کي دريءَ جي ڳٽتيءَ ۾ رات جو نند ئي ڪا نه آئي. صبح جو بابا جي وڃڻ کان پوءِ ڪڏ تي چڙهي، منگهه مان جيجيءَ کان پڇيم: "جيجي دري ٺهي ويئي؟"

چيائين: "ها، ممڙي. رات ئي ڪوٺي لنبي به ڇڏيم."

مون ڏوڙي اچي امان سان ڳالهه ڪئي، "امان جيجيءَ دري ڪوٺي لنبي به ڇڏي."

امان چيو: "ها، امان هاٿي جيجهين جو روح ڪو نه منجهندو."

پوءِ زبي آئي. چيائين، ادي تنهنجن گڏين کي منهنجون گڏيون سڏ ڏيڻ آيون آهن. سياڻي مڱڻو، پرهينءَ وناهه، پندرهينءَ جي رات ميندي ۽ سورهينءَ جي شادي آهي."

آءٔ پنهنجي گڏين جي تياريءَ ۾ لڳي ويس.

جيجيءَ جو آواز ڏاڍو سٺو هوندو هو. ڪيس شاهه جون ڪيتريون ڪافيون ياد هوندیون هيون ۽ پنهنجي منهن وينيءَ جهونگاريندي هئي. آءٔ وينيءَ ٻڌندي هيس. ڪيس اهڙيون ڪافيون وٺندیون هيون، جن ۾ ڏک هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي به چوندي هئي ته فلاڻي ڪافي ڳائي ٻڌائي. خاص ڪري ڪيس " قابو ڪرڻ ۾ آهيان بند ڙي ادیون" واري ڪافي ڏاڍي وٺندي هئي.

هڪڙي ڏينهن شام جو ڦڙ ڦڙ پئي پيئي. ڏڏڙي هوا پئي لڳي. جيجي اسان جي گهر وينيءَ هئي. اسين ٽيئي اڳڻ ۾ وينيون هيون سين ۽ جهڙ جو نظارو پئي ڏٺوسين، ڪنهن

مهل جيجيءَ چيو: "عاشو، هوءَ ڪافي ته ٻڌائي: "قابو ڪوتن ۾."
مون چيو: "نه اڄ ڪا بي ٿي ٻڌايان."
"چگو پلا بيهه ته پهريائين آءٌ ٿي ٻڌايان. ائين چئي هڪڙي ڪافي ڪنيائين: "آئي مند ملهار، آءٌ ڪهنبا ڪنديس ڪيڙا."
مون اها ڪافي ڪانئس اڳ ڪڏهن ڪا نه ٻڌي هئي. ان ڏينهن جيجيءَ اهڙي مٺي سُر سان، اهڙيءَ موج ۾ اچي ڳايو، جهڙي مون اڳي منجهس ڪڏهن به ڪا نه ڏٺي. مون چيو زبي هجي ته ان سان گڏ اٿي قيريون پايان. سندس اکيون پئي چمڪيون. منهن تي اهڙي پياري، اهڙي وٽندڙ مرڪ هيس، جو ماٺهو پانئي ته الائي چا ڪٽي ڪريان، پر جڏهن ڪافي ڳائي پوري ڪيائين، تڏهن سندس ڳلن تي به لڙڪ پئي جرڪيا! پوءِ وري هن بي ڪافي ڪنئي: "منهنجي سيد سار لهندو، مون کي آهي اميد الله ۾" سندس منهن نندڙي معصوم ٻار وانگر ٿي ويو، چڻ ته ليلايائين پيئي. مون کي حياتيءَ ۾ ڪنهن ماٺهوءَ تي ايڏو قياس نه آيو. الائي چو منهنجي دل ۾رجي آئي مون پٽ ورائي لڙڪ اگهي چڏيا.
پندرهن، ويهه ڏينهن آءٌ ۽ امان جيجيءَ وٽ ڪو نه ويون سين، چو جو امان ۽ بابا گهر جي لنب کي لڳا پيا هئا. آءٌ ۽ منهنجا ٻئي پائر سجو ڏينهن مٺيءَ جا ڪڙا پيا ڪٽيندا هئاسين. هڪڙي ڏينهن امان جيئن چيٽو ۽ مٺي گڏيو پئي، ته ماسي رحيمان چاڪياٽي در مان منهن ڪڍيو ۽ امان کي سڏ ڪري چيائين: بچو، هيڏانهن ته اچ."
امان مٺيءَ مان هٿ ڪڍي، وڃي ماسي رحيمان سان ڳالهائڻ لڳي. مون سندن ڦس ڦس ڪا نه سمجهي، رڳو امان کي ايترو چوندي ٻڌم: "چگو، تون هل ته آءٌ اچان ٿي."
ماسي رحيمان هلي وئي. امان اچي بابا کي چيو: "جاني، ادي ڪزوءَ جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي. آءٌ ڪيس ڏسيو ٿي اچان." ائين چئي، امان مٺيءَ وارا هٿ ڏوئي، مون کي ساڻ ڪري جيجيءَ جي گهر آئي. جيجيءَ صفي واري هوديءَ ۾ ٽيون پئي ڪيون. امان اچي پڻن تي هٿ هنيس. ماسي رحيمان به بيٺي هئي.
امان چيو: "اوچتو چا ٿي ويس؟"
ماسي رحيمان چيو: ادي، چئن ڏينهن کان پئي چوندي هئي، ته هينئون ٿو ڪچو ٿئي. مون سمجهيو، شايد چڪي پئي اٿس. گهٽيئي هٿ هنيامانس، پر فائدو ڪونه ٿيس. ڪالهه ستي ڪاڙهيو پئي پيتائين. زليخا چانگهڙ کي ڏس ڏنو هوس ته "اها ستي پيءُ ته هنئين جي مونجهه لهي ويندئي" پر ان مان کو فرق کو نه ٿيس. رات وري جمال گهوٽي جو جلاب ورتو اٿس. هاڻ ته اجهو صبح کان وٺي ٽيون پئي ڪري."

امان جو جمال گھوٹي جو ٻڌو تنهن يڪدم ماسي رحيمان کي پنهنجي هڙان ڏيڍو رپيو ڏيئي سڏي گيهه گهرائڻ لاءِ موڪليو. ماسي رحيمان جي وڃڻ کان پوءِ امان جيجيءَ کي ڪٽي ڪٽ تي سمهاريو ۽ چيائينس، ڪارو منهن ٿيئي، مون توکي اڳيئي ٻڌي چيو، ته سڀالي پير ڪڍ. هاڻي پيئي لوڙ." جيجيءَ کي به جواب ڪو نه ڏنو.

مولويءَ کي ٻڌايو اٿيئي؟ امان پڇيس.

"انهيءَ ته وڃي آڻي ڏنم. ستين ڦڪين مان ڪجهه به ڪو نه ٿيو."

امان چيو: "پلا جمال گھوٽي مان ڪو فائدو ٿيو آهي؟"

جيجيءَ چيو: ها، ڦوٽي جو ڦوٽو اسر مهل الٽين ڪندي ڪري پيو. هاڻ ته هينئون پيو پڇيبر."

ايتريءَ ۾ ماسي رحيمان گيهه وڃي آئي ۽ جيجيءَ کي ڏڪ پرايائون. گيهه پيئڻ کان پوءِ جيجي کي ڪجهه فرحت آئي. امان به به ٽي ڏينهن لاڳيتو جيجيءَ کي پڇڻ ويئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جيجي ساهه پٽيو. مهيني کن ۾ وري به اڳي وانگر نو بني ٽي پيئي.

جيجيءَ جي طبيعت هاڻي اڳي جهڙي ڪا نه هئي. اڳي هوءَ جهڙي ويچاري پئي لڳندي هئي. ڪا چار اکر چئي چڏيندي هيس، ته ڪچندي ڪا نه هئي. اڳي دايون ڪپڙن سبڻ لاءِ اچيو تنگ ڪنديون هيس، ته رڳو پئي" هاها" ڪندي هئي. هاڻ ڪيس ڪا جلدي سبڻ لاءِ چوندي هئي ته ڪاوڙجي چوندي هئي. " آءٌ ڪا مشن ته ڪا نه آهيان، توهان کي به واري واري تي سبجي ملندا. اڳي ڪا چرچي جهڙي ڳالهه نڪرندي هئي ته رڳو مرڪيو ڏيندي هئي. پر هاڻ ڪيس چرچي پوڳ مان ڏاڍو مزو ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به ڪو چرچو ڪري وڌندي هئي:۽ ٿهڪ ڏيندي اکين مان پاڻي اڇي ويندو هوس. امان هوندي هئي ته چوندي هئي، "ڪزو چوري، ايترو گھٽو نه ڪل، جيڪي گھٽو ڪلن، سي وري مُيون گھٽو روئن."

جيجي نڪ کي موڙو ڏيئي چوندي هئي، "هينئر ته ڪلي ونون. روئڻ جا ڏينهن گھٽائي پيا آهن."

هڪڙي ڏينهن آءٌ ۽ امان جيجيءَ وٽ وياسين. جيجي وهنجي سهنجي ڪپڙا متائي، آرسي هٿ ۾ جهليو. ڏندن کي مُساڳ پئي هنيو. امان ويندي ئي چرچي مان ڪنگهڪار ڪئي. جيجيءَ وڃي چرڪ پريو. امان کي ڏسي مرڪي ڏنائين. مون امان کي چيو: "امان اڄ ته جيجي جهڙي ڪر ڪنوار."

امان‌چيو:" ها امان، جيجهين آهي ٻه ڪنوار."
مون‌چيو: "جيجي تنهنجي ڪيتري عمر هوندي؟"
جيجيءَ مرڪي چيو:"ممڙي، سڌ ستر ته ضرور ٿيندي."
ماسي جانل جنهن چلر پئي پيتي، تنهن امان کي چيو، ويچاري ڏکن ماري آهي. نه ته کالهوکي ٻار آهي. چوڙڻ ماڻڻ جي وهي آهيس. 24 - 25 سالن جي ٻه مشڪل ٿيندي. جڏهن منهنجي شادي ٿي هئي، تڏهن پانيان ٿي ته 9 -10 سالن جي مس هئي.
هڪڙي ڏينهن جيجي اسان جي گهر آئي ۽ امان کي اچي چيائين. " انهيءَ عبدالله جي ڪميٽي رن ماڳهين ملڪ تپائي ڪنيو آهي. سڄو ڏينهن برقعو وجهيو. گهر گهر جهوتون ڏيندي چوندي وتي ته " آءُ پاڻس کي چوندس. "ڪميٽي پاڻ کي ڏاڍو اشراف پئي سمجهي! سڄو ڏينهن سالو مگريي جي گهر ۾ پوري پيئي آهي، سو ته نه."
امان چيو." تو ٻه رن سان ڪٿي ويرِ پاتو آهي. مون ٻڌو آهي ته تو ٽيو ڏينهن ٻه مار ڪيرائي هيس."
جيجيءَ چيو، "منهنجي ته ملاٽڪن کي ٻه خبر ڪانهي."
سڄو ڏينهن گهر ۾ جهيڙومچايو ويني هوندي ته پوءِ پادر ته ڪائيندي نه. ٻيو چا ڪندي."
هڪڙي رات بابا نماز تي ويو. آءُ ٻه ڪير پٽ ڪائي وجي ٿي ستيس، ته ڪنهن مهل دانهن جو آواز ٻڌم.
امان‌چيو: "چوري، اٿي ڪڏ تان ڏس ته چا آهي؟
ڊوڙ پائي ڪڏ تي چڙهي، منگهه مان ڏنم ته ماما جي هڪ هٿ ۾ ڦوڙاڻي ۽ ٻيو هٿ جيجيءَ جي چوٽيءَ ۾ هو. مون ونني اتان ئي رڙ ڪري چيو: "امان جيجي مري ويئي!"
امان ڊوڙ ڪري، برقعو پائي ڦري ويئي، پر در اندران بند هو. امان ڦري جانل جي گهر وئي. جانل ٻه رڙين تي ڏاڪڻ رکي پٽ ٽپي، امان ٻه امالڪ ڏاڪڻ تان چڙهي جانل جي پنيان ويئي. پوءِ ته امان وچ ۾ پئي ماما کي سمجهائڻ لڳي ته ادا، ڏاهو ٿي، پاڻ تان ماٺهو نه ڪلائي. نيٺ ماما ٻاهر نڪري ويو ۽ امان ۽ ماسي پوءِ وينيون جيجيءَ کي هيڊ ۽ تيل گرم ڪري مکڻ، جيجيءَ رکي رکي سڏڪا پئي پريا. آءُ ٻه ماڻ ڪري لهي وجي ڪونيءَ ۾ روئڻ لڳس.
امان، جيجيءَ جي مار جي ٻگالهه بابا سان ڪا نه ڪئي ۽ مون کي ٻه جهلي چڏيائين. مون کي ڪيترا ڏينهن جيجي جي مار جي ٻگالهه جو ڏاڍو ڏک هو. اڳي آءُ گڏين جي اڳڙين لاءِ جيجيءَ کي ڏاڍو ستائيندي هيس. پر هاڻي ته مون کي گڏيون ڏنيون ڪو نه ٿي وٽيون.

مون اڳڙيون وڌڻ ۽ گڏين راند ڪرڻ ڇڏي ڏني. جيڪا مولويءَ جي زال جهڙي گڏي هئي تنهن کي ڪينچيءَ سان ڪتري ٽڪريون ٽڪريون ڪري ڇڏيم ۽ ٻيون گڏيون پيتيءَ ۾ بند ڪري ڏڇنيءَ تي رکي ڇڏيم.

ڪيترا ڏينهن ائين گذري ويا. جيجي چگي پلي ٿي اٿي، وري اڳي وانگر ڪپڙا سبڻ لڳي، پر ماما سان ڪو نہ ڳالهائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن بابا امان سان ڳالهه ڪئي ته " ڪلهه رات پاڙي جي ماڻهن مولوي عبدالله کي مسجد مان جواب ڏيئي ڇڏيو آهي. مولوي لڏي ٻئي پاسي هليو ويو آهي"

جلد ئي بابا جي بدلي ميرپورخاص ٿي ۽ اسين لڏي اوڏانهن وياسين. آءٌ جيجي کي ڏاڍو ياد ڪندي هيس. ٿي چار ڏينهن ته گراهه ئي نہ لهيم ۽ گهر ڪائڻ پيو ايندو هو. سڄو ڏينهن جيجيءَ جون اداس اکيون اکين آڏو پيون ڦرنديون هيون. جيجي جي مار جي جڏهن به يادگيري ايندي هيم ته لڳ ڪاندراجي ويندا هيم. امان به ڏينهن ۾ به ٿي پيرا جيجي جي ڪا نہ ڪا ڳالهه ڪندي هئي. بابا منهنجي وندر لاءِ مشين آڻي ڏني. آءٌ پنهنجا ۽ امان جا چولا سٽڻون پاڻ سبندي هيس. مون کي ائين لڳندو هو، جڻ هي جيجيءَ جي مشن آهي.

ہن سالن کان پوءِ بابا چئو چاءِ ڪرائي، پنهنجي بدلي وري حيدرآباد ڪرائي. بدليءَ جي ڳالهه ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. خوشيءَ ۾ سڄي رات ننڊ نہ آيم. ٻئي ڏينهن صبح جو اسين حيدرآباد لڏي وياسين. آءٌ ته لهڻ شرط بابا کان موڪلائي جيجيءَ جي گهر ويس. جيجي نماز پئي پڙهي. ٽن چوڪرين آهستي آهستي دور پي ڪيو . ٿوريءَ دير کان پوءِ جيجي به سلام ورائي، مون ڏانهن نهاري مرڪي ڏنو ۽ پوءِ دعا گهري، مون کي ڪٽي پاکر وڏائين. پنهنجي ڳلن تي پاٽي جا ڦڙا محسوس ڪيم. منهن مٿي ڪٽي ڏنم جيجي مرڪي اکيون اگهندي چيو: "ممڙي هاڻ ته وڏي ٿي ويئي آهين."

پوءِ مون کان ميرپورخاص جون سرپستيون خبرون پڇيائين. مون به ڏريون پرزيون ڳالهيون ڪري ٻڌايس. ڪجھ دير ٿي وئي ته مون چيو:" هاڻ هلان ٿي، پوءِ وري ايندیس." جيجي چيو." چانهه نهي پيئي، پي وڃ."

آءٌ ويهي رهيس ۽ وري ڳالهيون ڪرڻ لڳيون سين. پنيان ڪنهن زال اچي چانهه جو ڪوپ ڏنم. لوٽو هٿي ڏنم ته پاڳل شيدياٽيءَ کي بينل ڏنم.

"ٽينگري، سنيال چانهه ٿي هارين" پاڳل رکائيءَ سان چيو.

مون کي الائي ڇو ڪراهت وٺيئي. ائين لڳم، جڻ سپ ڪِنا آهن. پاڳل، جيجيءَ جو گهر، خود جيجي به.

آءُ چانهه جا بہ ٿي ڏِک پري. ڪوپ رکي ٽپ ڏيئي اٿي بينس. جيجيءَ بيحد پيار ۽ محبت مان چيو: "ائي، ممڙي هاڻ ويهه ته سهي. ڏاڍا ڏينهن وجي لاٿا ٿئي، ويهه ته..." جيجي چوندي چپ ٿي وئي. هڪ پل لاءِ منهنجي منهن ۾ يڪ ٽڪ نهاري چيائين: "ممڙي تون بہ!"

سندس ڏکويل دانهن جهڙو آوازبڌي. آءُ ڏکي ويس. مون لجي ٿي سندس منهن ۾ نهاريو. سندس چنڊ جهڙي منهن تي چڙ اوندهه اوندهه ٿي وئي. هوءَ رني کانه. ته بہ هڪڙو لڙڪ الائي ڪيئن آهستي آهستي ڳڙندو سندس چولي ۾ جذب ٿي ويو. پر مون جڏهن ڪيس پاکر وڌو، تڏهن منهنجا لڙڪ روڪجي نہ سگهيا.

مون سوچيو ته چوانس، جيجي مون کي معاف ڪر! آءُ تنهنجي ممڙي تو کي ڪڏهن بہ ڪا نہ چڏيندیس. تو کان نفرت نہ ڪندیس. ڪٽي چا بہ ٿئي. تو لاءِ منهنجو پيار تر جيترو بہ نہ گهٽبو. جيجي...

پر آءُ ڪجهه بہ چئي ڪا نہ سگهيس. رڳو سڏڪا پئي پريم.

(1966-67ع)



جيجي زرينہ بلوچ پنهنجن پوٽن سان گڏ

خير النساءِ جعفري
[زرينہ بلوچ: بحيثيت ڪهاڻيڪار]

هڪ خط... هڪ مهاڳ

پياري زرينہ....

رات اياز لطيف فون تي حڪر صادر ڪيو تہ آئون تنهنجي ڪتاب جو مهاڳ سپاڻي پنيجن بجي لکي پورو ڪري فيروز احمد کي ڏيان... الائي ڇو اياز جي ان حڪر مون کي ذهني طور تذبذب ۾ آڻي ڇڏيو. تنهنجو اڌ ڇپيل ڪتاب رات يارهين وڳي ڪنيرتہ سهي. پر راڻي، ڪتاب جا تہ صفحا اخبار جي صفحي جيترا ويڪرا ۽ ڦهليل هئا. ڪاغذ جي ڪٽائي ٽيل ڪو نہ هئي. مٽان وري صفحا مون رکيا ڪجهہ ائين جو انهن جي ترتيب ئي ڦٽي وئي هئي، چئن چئن صفحن جو هڪ هڪ حصو. هڪ Pageپڙهي وري جي ٻيو Page اٽلايان تہ سڄو ڇٻوٽو ڪاغذ اخبار جي صفحي جيان اٽلائٽو پويم. جملو جملي سان ۽ پڃائي پڙهڻ ۾ مزو ايندو آهي پر آئون جيسين صفحو صفحي سان ملايان تيسين پڙهڻ مان رواني ائين نڪريو وجي جيئن تڙ تڪڙ مان ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪپڙا بدل ۽ اوجتو ستڻ مان اڳڻ نڪري وجي. اهو مثال غلط سهي پر هتي سؤ فيصد ٺهڪي تو. هونئن ب لڳي ائين تو تہ اڄ ڪلهہ هر شريف شخص بنا اڳڻ جي ئي گذارو ڪري رهيو آهي. ۽ هميشہ ان ڊپ ۾ آهي تہ " اجها لٿي کي لٿي." باقي لاهي پائي ٻيهڻ وارن کي نہ ڪو لهر نہ لوڏو.

ڏک! اهو آهي جو اسين لهرن ۾ ب آهيون، لوڏن ۾ ب آهيون. جو اسين لاهي پائي ٻيهڻ بدران بيمار بنجي ڪندون وسائي ويٺا آهيون. رات کان وٺي هينئر تائين تنهنجي رڳو هڪ ڪردار "جيجي" کي پڙهي سگهي آهيان، اهو ڪردار اڄ کان 15 - 20 سال پهرين ب پڙهيو هوم. رات ب پڙهيم. ۽ سپاڻ ب پڙهنديس. ذهني دنيا ۾ کي کي ڪردار. کي کي ڳالهيون. کي کي ماڻهو هميشہ ساوڻي جي رت ۾ روح کي آبر ڪرم جيان ريجهائيندا رهندا آهن. ۽ روح انهن لاءِ هميشہ واجهائيندو آهي. منهنجو روح ب نہ رڳو تنهنجي ڪردار "جيجي" کي پڙهڻ لاءِ پر سڄ پچين تہ خود تنهنجي لاءِ واجهائيندو آيو آهي، تنهنجي لاءِ... تنهنجي ڪمپنيءَ لاءِ، ڳالهين جي خوشبو لاءِ. ب ٽي دفعا قمر جي گهر، هڪ دفعو ماڊل اسڪول جي لان تي، تنهنجي هٿن جي نيرن ڪندي، هڪ دفعو

منهنجي گهر، تنهنجي اسڪول جي ڪنهن ٽيچر جي گلا ڪندي، هڪ دفعو تنهنجي گهر، تنهنجا گيت ٻڌندي.

انيڪ دفعا ٽي وي۽ تي ڊرامي " دنگي منجهه درياءُ" ۾ ساماٹا ساماٹا ڪندي ۽ " راڻيءَ جي کهاڻي" ۽ " جنگل" ۾ شاندار پرفارمنس ڏيندي، تنهنجو هر ڪمال، تنهنجو هر ثواب، فن جي منزل تي نه رڳو تڪميل جو حسن رکي ٿو، پر پنهنجي وقت جو هڪ مڪمل سچ! ڪاغذ تي، ٽي وي۽ جي ڊرامي ۾، مائيڪ اڳيان ڳائڻ تي، هر سچ جي انتها! زرينہ بلوچ جو وجود، سيني سچن، سيني ثوابن، سيني فنن کان اهم ۽ آسائتو.

زرينہ جو پنهنجو وجود! جو بقول ڪنهن جي " جلي جلي به جلڻ کان بچيو رهيو..." دنيا جي بني۽ ۾ جلندي، بجاءِ داغن جي زرينہ تي قول وسندا رهيا. سڃي سنڌي قوم پاران " جيجي" جي لقب جا قول، تاڙين جا قول ۽ ساراهن جا قول.

"نينڊ اچي پهچڻ" وارو جملو الائي ڇو ڏکيو ئي سهي پر اهو جملو تنهنجو نه منهنجي حصي جو آهي، تنهنجي پيرن هيٺان پنڌ ڪنهن ڪمال جي اوڇي هنڌ تي اچي رسي ٿو، تون زندگي ۾ گسي گسي به گسجي نه سگهين. (اهو تنهنجي شڪتيءَ جو ڪمال آهي) ۽ هميشہ مرڪندي ڪلندي دل کولي ڪچهري ڪرڻ جي موڊ ۾ گذاريندي آهين. تنهنجو جهونگارڻ، تنهنجو اسر ويل پنهنجن ٻچن لاءِ ننڊڙا قلڪا جوڙڻ، نوڪري ڪرڻ، نوڪريءَ کي منهن ڏيڻ ۽ الائي ڪهڙين ڪهڙين زندگيءَ جي ڳالهين کي منهن ڏيڻ ۽ مرڪڻ وڏيءَ دل سان، وڏيءَ خوشيءَ سان مون کي عبادت لڳندا آهن، ۽ زندگي جو ويساهہ ڏياريندڙ لڳندا آهن. ان جي مقابلي ۾ روزا نمازون ڪڏهن ڪڏهن ٽڪائيندڙ لڳندا آهن. جڏهن ته تو کي Dionalجي گوري به مون مرڪندي ڳڙڪائيندي ڏٺي آهي، مون هميشہ تو سان ملي زندگيءَ جي ڏکن کي، ايذائن کي، بخش ڪيو آهي، ۽ هر مثبت ڳالهہ جا ٿورا مڃيا آهن. تون سبق سيکارڻ وارن مان آهين، ۽ سٹي ٽيچر آهين، آئون سمجهان ٿي ته تون ڪڏهن به هڪ لمحي لاءِ به ان ڪري اهم نه آهين ته تون رسول بخش پليجي جي گهر واري آهين يا اياز لطيف يا اختر بلوچ جي ماءُ آهين.

تون ان ڪري اهم آهين جو تو ۾ Completionجو ڪمال آهي، سچ جو ثمر آهي، سموري سنڌ تنهنجي ساهن ۾. تنهنجي گلي ۾ پاتل آهي، تون ئي ته آهين جنهن قوم کي " جيئي سنڌ" جهڙو لازوال گيت ڏنو. تنهنجي فن، سچ ۽ ايمان کي ئي محسوس ڪري آمريڪا، پارت، انگلينڊ ۽ دبئي جي سنڌين توکي سنڌ جو سونو نقشو گلي ۾ ميڊل طور پارايو هو. جو اڄ به تنهنجي دل جي ڏڑڪي تي لڏي رهيو آهي، جڏهن تنهنجي

دل تي اهو نقشو لڏندي ڏسندي آهيان. تڏهن لڳندو آهي، ته سندّ حرڪت ۾ آهي، سندّ برڪت ۾ آهي. باقي هونئن ته سموري سندّ الائي ڪهڙن ڪهڙن ۽ ڪيترن سيلابن ۾ ٻڏي رهي آهي. ڪاش هر دل وسيع زرينہ جيئن هجي.....! جا انيڪ سيلابن کي ساهن ۾ سانڊي پنهنجي وجود، پنهنجي شڪتي ۽ فن کي سرسبز رکي سگهي. ڪاش هر دل تي پنهنجي ڏرتي جا اهڙا نقشا اپريل هجن.

جيجيءَ کي جئن تئن ڪري صفحا صفحن سان ملائي، پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ، اوچتو هڪ صفحو ساوتريءَ واري ڪهاڻيءَ جو آڏو آيو. رات دير ٻہ پئي ٿي، ته صفحا صفحن سان ٽهڪائڻ تي تڪليف ٻہ پئي ٿيئر. پر اها ڪهاڻي ائين هئي جو ڪٽ ٻہ اڌ ۾ ڇڏڻ تي منهنجي دل نہ پئي چوي..سو ان وڏي ڪهاڻي کي ٻہ صفحا صفحن سان ملائي ائين نيٽ اچي پورو ڪيم. جيئن آخوندن جي ٻنيءَ تي نيٽ اچي مهمان پڳا.... چام شوري جي رستي تان انيڪ دفعا لنگهندي هڪ وسيع ٻني جي مهاڳي تي گيٽ مٽان لکيل آهي" آخوندن جي ٻني - پوکي راهي رک..." حميد منهنجي مامي ٻڌايو ته هڪ دفعو ان ٻنيءَ اندر وياسين ته ڪافي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ لکيل نظر آيو. " هليا اچو. بس باقي ڪجھ پنڌ ڪٻي پاسي." ميل ڈيڍ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ تڪجي هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪئيسين ته هڪ طرف بوردِ لڳل هو" هاٿي ٽورو ساڃي موڙ تي، بس منزل قريب آهي..." ساڃو موڙ ڪٽڻ جي نہ ڪري، هلندي هلندي آخر ۾ هڪ وڏو بوردِ ڪتل نظر آيو. حميد ٻڌايو ته اسين خوش ٿياسين ته منزل اچي وئي. سو بوردِ ڏي ڏنوسين، بوردِ تي لکيل هو" ٽُڪ ٽَوَ دلا نيٽ اچي پهتا!" (حميد اهو مذاق شايد پنهنجو جوڙيو هو)

رينگهندي رينگهندي نيٽ اچي پهچڻ جي ڪيفيت منهنجي هوندي آهي، جو پهرين ئي چيو ٿر ته اهو جملو منهنجي حصي جو آهي. سو صفحا صفحن سان ملائي نيٽ ڪهاڻي جا ڪجھ پيج اڳيان ته ڪجھ پيج پويان ڪري ڪهاڻي پوري ڪيم... اها ڪهاڻي Original تنهنجي لکيل هجي ها ته آئون پنهنجو قلم ڪڏهوڪو پڇي ڇڏيان ها. پر آئون تڏهن ٻہ شڪر گذار آهيان هن ڪتاب جي، تنهنجي، جنهن ايڏو سٺو ترجمو ڪري مون کي مور محسوس ٿيڻ نہ ڏنو ته ڪو آئون ترجمو ٿي پڙهان. باقي ڪهاڻيون ٻہ پڙهڻ تي دل ته چوي ٿي پر رات ٻہ گذري وئي آهي. بات ٻہ گذري وئي آهي، هي ڪهاڻيون آئون آهستہ آهستہ پڙهندس ۽ آهستہ آهستہ آئون پنهنجي منهن تو کي سلام ٻہ موڪلينديس.

●

(جيجيءَ جي ڪهاڻي ڪتاب: تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون جو مهاڳ)

چاڻ سجاڻ

نالو: آمنہ بلوچ.
ادبي ۽ فني نالو: زرينہ بلوچ.
جنم جو سال: 29 هين ڊسمبر 1934ع
جنم جو هنڌ: الهداد چنڊ جو گوٺ - حيدرآباد
والد صاحب جو نالو: محمد موسيٰ جلالاڻي.
والده جو نالو: گل روز صاحبہ.
پاڻ: ڊاڪٽر محمد يوسف ۽ محمد عثمان بلوچ.
گهر وارو: جناب رسول بخش پليجو.
اولاد: اختر بلوچ (ذيءُ) ڊاڪٽر اسلم پرويز (پٽ) ۽ ايڊووڪيٽ اياز لطيف پليجو (معروف ليکڪ ۽ سياستڪار)
بهترين استاد: دادي ليلا، استاد محمد جمن، دادي پوپري ۽ دادي ممون.
بهترين رهنما: جناب رسول بخش پليجو.
بهترين پسنديده سياسي شخصيتون: رسول بخش پليجو، ذوالفقار علي ڀٽو، سائين جي ايم سيد، مهاتما گانڌي، لينن، مائوزي تنگ ۽ هوچي منهہ
بهترين دوست: ڊاڪٽر قمر واحد، زينت بروهي، شمير اين ڊي خان، تاجدار صديقي، امينہ صادق، ثريا سوز ڊيپلائي، گل بانو، زينت صديقي، افروز صديقي، نگهت شيخ، نيلوفر جويو، نذير ناز ۽ خيرالنساءِ جعفري.
نوڪري: 1960ع ۾ فائنل پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿي. 1963ع ڏاري غلام علي نانا اسڪول ۾ ٽيچر رهي. بعد ۾ ماڊل اسڪول اولڊ ڪئمپس ۾ به پڙهايائين ۽ 36 ورهيہ پڙهائڻ ڪانپوءِ 1996ع ڏاري، ماڊل اسڪول مان رٽائر ڪيائين.
موسيقيءَ سان دلچسپي: ننڍپڻ کان ئي.
ريڊيو تي ابتدا: 1962ع ڏاري ريڊيو تي، نون فنڪارن جي آڊيشن ۾، پاس ٿي ۽ بحيثيت فنڪاره هزارين گيت، غزل، ڪافيون، نظم ۽ مزاحمتي نغمہ ڳايائين. ڪوما ۾ وڃڻ کان اڳ KTN ۽ سنڌ ٽي وي لاءِ آخري گيت جهونگاريائين:

پئي ياد آيا، فسانا اوهان جا،
نگاهون اوهان جون، نشانا اوهان جا.

جيجي جي ڳايل ڪلامن ۾ سنڌس سڀاڻپ وارا لوڪ گيت ۽ گيت:

جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ، مور ٿو تلي، او امان او امان، هيرا لعل جواهر، عمر آهيان آکندي، ڪانگ لنوين چلڙو ڪري پيو ڪوهه ۾، منهنجي بارڙي ڪي، منهنجاپرين اوبانورا او سانورا، وني ايندو ونڻ اڄ ڊولڙو ۽ بيا ٻه ڪيترائي: (وڌيڪ تفصيل اندر موجود آهي.)

ساڻي صداڪار ۽ اداڪار، ڳلوڪار جن سان گڏجي ريڊيو، ٽي وي ڊرامن ۽ فلمن ۾ هن حصو ورتو:

سيد صالح محمد شاهه، نسيم مغل، مصطفيٰ قريشي، مشتاق مغل، عبدالڪريم بلوچ، عبدالحق ابڙو، قربان جيلاڻي، اي آر بلوچ، قيصر نقوي ،نورمحمد لاشاري ،مهتاب چنا(مهتاب اڪبر راشدي)، سڪينه چنا، نزهت ،نگهت ،زيب ميمڻ، قمر ميمڻ، قاسم فاني، اقبال ترين، غزالا رفيق، منظوري قريشي، شهناز سومرو، عثمان پيرزاده،نواب مهدي، محمد حسين قادري،سيما پنهور،شميرپانيڙ، مجيدعابد، الطاف سومرو، پير ضياءالدين سرهندي، يعقوب ذڪريا، حيات علي شاهه بخاري، محمد بخش دائود، مشتاق چنگيزي، سڪندر بلوچ،عبدالستار مگسي، نندڪمار (همايون گل)زاهد مرزا، عزيز گويانگ، روشن سندر چانڊيو، عمران سمون،انور سولنگي،منصور بلوچ، شهزادي،روشن عطا،نواب مهدي،منظور مراد،اياز لطيف پليجو، اياز عالم ابڙو، قمر شيخ، شهباز درائي،بينا بيدل، ممتاز ڪنول، شفيع محمد شاهه، سڪينه سمون، ساقي عالم ابڙو، روبينه، سشيلا مهتاڻي، ثريا حيدرآبادي، عابده پروين زيب النساءِ، امينه صادق،صادق علي، فوزيه سومرو، ثمينه ڪنول، ثمينه گل،ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، محمد يوسف،قمر سومرو، ظهير احمد وارثي، فقير عبدالغفور، ڊول فقير، حسين بخش خادم، علڻ فقير، وحيد علي، ذوالفقار علي، مظهر حسين، گل بانو، تاج مستاني، عزيزه سومرو، زينت صديقي، حور النساءِ پليجو، غلام فاطمه پليجو، سورج پليجو ۽ امير مهڪ وغيره.

موسيقار، جن سان گڏجي، جيجي ڪم ڪيو:

غلام نبي، عبداللطيف، استاد محمد جمن، استاد نياز حسين، فيروز گل، غلام علي، نذر حسين، استاد مجيد خان، محمد حسن، فيروز درين، ماسٽر محمد ابراهيم، رجب علي رضا، امانت گل ۽ بيا.

جيجي جا مشهور ساڻي وڄتا:

لونگ فقير (ڊولڪ نواز) احمد نواز (ڊولڪ نواز) احمد ماچي (گهڙه نواز) مٺا خان زرداري (گهڙه نواز) علي محمد (سرنده، بانسري ۽ دنبوري نواز) غلام محمد (طبلا نواز) عبداللطيف (اڪارڊين) منير حسين (مينڊولين نواز) استاد امير خان، استاد مجيد خان (سارنگي نواز) فياض خان، جمال خان (طبله نواز) بلاول بيلجيم، رحمت الله خاصخيلي (بينجو نواز) استاد نياز حسين (وائلين ۽ هارمونيم تي.)

پاڪستان کان ٻاهر جتي هن پروگرام ڪيو:

پارت، آمريڪا، انگلينڊ، جرمني، دبئي، گيانا.

اهم هنڌ ۽ موقعا جتي هن ڪاپيو: ميلو قلندر لعل شهباز، ميڑو شاهه لطيف، سچل سرمست، ريڊيو پاڪستان جون سالگرائون، جشنِ روح رهاڻ، سنڌ جون سڀ يونيورسٽيون، عوامي تحريڪ جا ميڙ، سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ، راهوڪيءَ ۾ فاضل راهو جي شهادت ۽ ڳڙهي خدا بخش ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ورسيءَ جا موقعا وغيره.

لانگ مارچ 2001ع ۽ لانگ مارچ 2005ع پوئاڻو ۽ ڏهڪاڻو اولاد: هن باوجود علالت جي پٽ شاهه کان ڪراچي تائين عوامي تحريڪ پاران ڪالاباغ ڊيم خلاف لانگ مارچ ۾ حصو ورتو.
سسئي،بختاور، پرهه، سونهن، امرتا، سرمد، ذوالفقار، اسد، ميرمحمد، شاهنواز، سائره، حير، سارنگ، ساجده، آزادي، ساحر، سرباز ۽ جوش.

ٻيا ويجها مائٽ: غلام قادر پليجو(پٽن جهڙو نائي)، سهيل ڪلهوڙو، مظهر ڪبير، شهريار(ڏهٽين جا گهر وارا)، شهناز پليجو،صنم نوراني(ننهون)،ليل،ڪلثوم،عائشه،رزاق بابل، بيبي زوبه(پاءُ جو اولاد) ظفر اقبال، فاخرا، نور نبي، سليم، جميل، مسعود ۽ حيدر.

حج: جيجيءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ حج جي سعادت به حاصل ڪئي هئي.

ريڊيو جا اهي پروگرام جن ۾ ڪمپيئرنگ ڪيائين: سگهڙين ست ۽ صبح مهراڻ (پروڊيوسر شيخ سليم الحق ۽ ڪوثر برڙو)

چونڊ ريڊيو ڊراما جن ۾ صداڪاري ڪيائين: طارق بن زياد، بلو ڪوڪر، گامونءَ جا گفتا، زهر آس ۽ اوسيئڙا، پڇتاءُ ۽ ٻيا (وڌيڪ تفصيل اندر ڏسندا)

جيجيءَ جا مقبول ترين ٽي وي ڊراما: زينت، گلن واري ڇوڪري (مرزا قليچ بيگ، ٻالپاشاهي، دنگي منجهه دريا، (علي بابا) انا (فاطمه ثريا بجيا) جنگل (نورالهدي شاهه) راڻي جي ڪهاڻي، ديوارين (عبدالقادر جوڻيجو) علاج (شمشيرالحيدري) ڪوئيٽه ٽي وي ٽي ٻن بلوچي ڊرامن ۾ به ڪم ڪيائين.

جيجيءَ جو شايع ٿيل ڪهاڻي ڪتاب: تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون 1992ع.

ذاتي لکيل ڊراما: ڪيڏو ڪارونيار ۽ ٻيا.

ريڊيو ۽ ٽي ٽي هن جي پروگرامن جا پروڊيوسر: ايم. بي انصاري، خواجه امداد علي، اي بي بخاري، سڪندر بلوچ، غلام حسين شيخ، شيخ سليم الحق، عبدالڪريم بلوچ، ممتاز مرزا، هارون رند، شيخ ابراهيم، محمد انور بلوچ، نثار ميمڻ، زاهد قلباڻي، مراد علي مرزا، ڪامران ٽي، محمد انور هڪرو، گل حسن قريشي، الاهي بخش بانيڙ، اقبال انصاري، بيدل مسرور، سلطانه صديقي، محمد بخش سميجو، گلزار احمد ملاح، نصير مرزا ۽ ٻيا.

جيجيءَ جا گهايل مقبول ترين ريڊيو آئيٽم: آيل ڪريان ڪيئن منهنجو (شاهه) گدّ علڻ فقير ۽ زيب النساءِ، امينہ صادق. جوگي ڏاڍي ذات (شاهه) گدّ محمد جمن. ٽڙي پوندا تارئين (شيخ اياز) گدّ علڻ فقير. چڏ پراوا سونا ڪنگڻ (سهرو) شل بوند وسئي لاڙل (سهرو) پروڊيوسر: محمد انور بلوچ. عمر آهيان اڪنديءِ (زمان شاهه) پروڊيوسر خواجہ امداد علي. ڪانگ لنوين (شيخ اياز) بادل ڙي بادل (شيخ اياز) پروڊيوسر غلام حسين شيخ. وني ايندو ونڻ اڄ ڊولٽو (سهرو) پروڊيوسر: خواجہ امداد علي. پيچ پنهل مون سان (سچل سرمست) گدّ استاد محمد جمن. آهي ارمان عجيبن جو مون کي نال نہ نيائون (شاهه) گدّ فقير امير بخش. پروڊيوسر: قادر بخش ملاح. لڳي ڏکڻ جي هير (شاهه) منهنجا پرين او بانورا. بي خبر ناهي پر. عشق عقاب پکي پرڏيهي. تون جو ايندين رات. (شاعر: شيخ اياز) لونگ ڦوتا ٽالهيءَ ۾. لاڙل منهنجو چوڏهينءَ جو چند. آيل ڙي آمان هيڏي راڄ مان (گدّ فوزيہ سومرو) ڏس بابوءَ جا پار (لوڪ گيت) گدّ (نٿان ميمي پليجو) آيا ميهر جا سلام دلا هل وي (گدّ ميمي پليجو) چڪني جي چادر. ليلي او ليلي. آءُ تہ ڳايون پرين (دوگانو: ذوالفقار سيال) گدّ: ذوالفقار علي. ڳاءِ وري ڪجهہ ڳاءِ بانورا (شيخ اياز) ۽ اها ئي سندس ريڊيو ۾ آخري رڪارڊنگ هئي. ان کانپوءِ گهٽو ڪري هن Live ڳايو.

قيد و بند: 1979ع ڌاري جيجي ٻہ سال قيد جون عقوبتون سٺيون.

علالت: جيجي گذريل 35 -30 هن ورهين کان شگر ۽ بلڊ پريشر جي مريض هئي. سيپٽمبر 2005ع ۾ گهٽو ناڇاڪ ٿي. 14 هين سيپٽمبر تي ڪيس حيدرآباد کان آغا خان اسپتال ڪراچي چيڪ اپ لاءِ نيو ويو. جتي ڊاڪٽرن ٽيسٽن ڪانپوءِ، هن جو برين ٽيومر ڊڪلئر ڪيو. بعد ۾ ڪيس ڪراچيءَ جي نيشنل لياقت هاسپيٽل ۾ ايڊمٽ ڪيو ويو. جتي قريبن ڏهہ ڏينهن ڪوما ۾ رهڻ بعد. 25 هين آڪٽوبر 2005ع تي رات جو 10 هين ۽ يارهين بجي جي وچ ۾ پساهہ پورا ڪيائين.

حاصل ڪيل ايوارڊ: لطيف ايوارڊ. پرائيڊ آف پرفارمنس (95-1994ع) سچل سرمست ايوارڊ. قلندر لعل شهباز ايوارڊ. سگا ايوارڊ. وحيد مراد ايوارڊ. رام پنجواڻي ايوارڊ ۽ ٻيا ٻہ لاتعداد.

ريڊيو ريوارڊ: ريڊيو پاڪستان. پنهنجي گولڊن جوبليءَ جي موقعي تي هڪ CD خزينہ جي نالي سان رليز ڪئي. ان ۾ جيجيءَ جو آئيٽم شامل هو. مور مڇي ادا مون کي آڻي ڏي.

وفات وقت جمار: قريبن 71-70 ورهيہ. وقت وفات: رات جا 36-10 منٽ. هنڌ: لياقت نيشنل هاسپٽل ڪراچي.

تدفين جو هنڌ: لڳ علمدار چوڪ. قاسم آباد وارو قبرستان - حيدرآباد

جيجيءَ جي وصيت: بابا! پاڻ ۾ ٻڌي ڪيو - سنڌ جي پارٽ اڦ.

سنڌ جي عظيم ثابت قدم ڌيءَ، زرينہ بلوچ

زرينہ بلوچ، هڪڙي ٽوري پڙهيل غريب گهر جي ڌيءَ هئي. سندس ناناڻا ڪراچيءَ جا بلوچ هئا. سندس زندگيءَ تي جيترا سندس ورثي ۾ ماحول جا اثر هئا، اوترائي سندس ذاتي سوچن، همتن، ڪوششن ۽ جاکوڙن جا اثر هئا.

جنهن زماني ۾ 1964ع ڌاري اسان جي ملاقات ٿي، تڏهن هوءَ پرائمري استاد ۽ هئي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ميوزڪ ۽ ڊراما، جي ان دؤر جي مزاج ۽ معيار مطابق فنڪاره ۽ هئي.

ان وقت ون يونٽ لڳي چڪو هو ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم جو وجود سخت خطري ۾ پيل هو. ڪن ون يونٽ جي مخالفن طرفان، اوطاقن ۾ ڪچهريون ۽ اسيمبلي ۾ تقريرون ٿينديون هيون. ترقي پسند تحريڪ جديد ۽ روشن خيال ادب جي ۽ فن جي بچاءَ جي جدوجهد جاري هئي. ادبي نشستون ٿينديون هيون، انقلابي ادب زور شور سان پڙهيو ۽ پڙهايو ويندو هو. هڪ بن رسالن ۾ انقلابي، وطن دوست شاعري، مضمون، مقالا ۽ افسانا وغيره ڇپيا هئا. ادبي، فڪري ۽ فني تنقيدون ٿينديون هيون. مخالف ڌريون ۽ زور شور سان سرگرم هيون ۽ اسان وطن دوست اديبن کي، ڪافر سڏيندیون ۽ لکندیون هيون. ڏينهون ڏينهن شاگرد ۽ اديب سجاڳ ٿيندا رهندا هئا.

آئون انهن ڏينهن ۾ نئين ۾ وڪالت ڪندو هئس ۽ پوءِ اتان لڏي حيدرآباد آيس، جتي ڪورٽ جو ڪم لاهي اڪثر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ وڃي ويهندو هئس. آئون ان وقت ڌاري، ان پختي راءِ وارو ٿي ويو هئس تہ هڪ اڌ وطن دوست وڏيري جي اوطاق ۽ ادبي سنگت جي ميڙاکن ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ادبي رسالي ۽ ڪچهري تائين محدود جدوجهد، تيزي سان بگڙجندڙ حالتن کي منهن ڏئي نہ سگهندي. ان لاءِ آهستي آهستي عام ماڻهن جي وڏن ٿولن کي شريڪ ڪرڻ جي ضرورت پوندي. ان لاءِ مالي وسيلا ڪونهن تہ فڪر ڪونهي، جي رڪابندي سان

کوشش ڪري، ڪي عوام ۾ مقبول فنڪار، نئين فني سکيا ۽ نئون قومي شعور ڏيئي اهڙا تيار ڪري سگهجن، جي قوم خاطر پنهنجي سمجهه. فن ۽ لياقت جي سطح وڌائين ۽ بنا معاوضي جي قومي عوامي جلسن ۾ وقت جي ضرورت مطابق نوان انقلابي وطن دوست ڪلام ڳائي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪن، ته عوام کي گڏ ۽ منظم ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻي ۽ ثابت قدمي سان ڏاکي ۾ ڏاکي ڪاميابي جي درجي تي کين پهچائي سگهجي ٿو. دوستن سان صلاحون ٿيون. ها ها ٿي، پر معاملو چڙهيو ڪونہ. ڪلامن جي باري ۾ عام خيال اهو رهيو ته فن جو معراج آهي ئي شاهہ. سچل ۽ بين صوفي شاعرن جو مقبول عام ڪلام. مثلاً پيرين پوندي سان چوندي سان، رهي وچ راتَ پنيور ۾. استاد منظور علي خان ۽ محمد جمن جي بهترين طرزن مطابق ڳائي زبردست داد حاصل ڪرڻ. آخر هٿي هٿي ان دؤر جي هڪڙي باهمت ۽ مقبول فنڪاره زرينہ بلوچ ان ڳالهہ تي هائوڪار ڪئي. ۽ اسان بنهي، ڇڻ ته اها بن ڇٽن تي بڏل انقلابي ثقافتي ڪميٽي ناهي، ۽ سنڌ ۾ انقلابي ثقافتي ساڃاهہ آڻڻ جو پروگرام شروع ڪيو. شروعات ۾ ماڻهن کي اسان جي ڳالهہ بنهہ سمجهہ ۾ نٿي آئي. مون کي ياد آهي ته پبلڪ اسکول حيدرآباد ۾ جڏهن پهريون پيرو شاهہ ۽ سچل جي روايتي مقبول عام ڪلامن بدران زرينہ، شاهہ جا چوند انقلابي بيت ۽ ايياز جا نئين قسم جا انقلابي گيت ڳايا، ته بڏندڙ منجهي پيا ته هي ڇا آهي؟ ڪا هڪڙي بہ تاڙي بڏڻ ۾ نہ آئي. موٽندي زرينہ روئڻ هارکي ٿي ويئي. مون ڇيس ته پرواهہ نہ ڪر، اڳتي ڏسج ته ڇا ٿو ٿئي. مون اها ڳالهہ نوٽ ڪري ڇڏي هئي، ته ڪيترا انقلابي معنيٰ ۽ مقصد وارا عاليشان ڪلام ڪنهن روايتي ڏن جي قالب ۾ پئجي پنهنجو اعليٰ تاثير وڃائي ڇڏن ٿا. ان ڪري آئون ڪلام جي صحيح ترجماني ڪرڻ لاءِ صحيح ڏن ناهڻ ۽ نهرائڻ کي بنيادي اهميت ڏيندو آهيان.

زرينہ راڳ جي تربيت ريڊيو تي ورتي. ڪلام کهڙا ڳائجن ۽ انهن جون ڏنون ڪهڙيون هجن، سا سڪت هن گهر ۾ ڪئي- ڪي ڪيترا سال اسان جو گهر فنڪارن جو مرڪز ۽ هڪڙي نندڙي ميوزڪ اڪيڈمي بنيو پيو هو. استاد جمن، استاد ابراهيم، زيب النساءِ، مائي پاڳي، عابده پروين ۽ ٻيا راڄ فنڪار پير پيا گهمائيندا هئا. انقلابي ڏنون پيون ٺهنديون هيون، قوم ۽ وطن دوستي جا آلاپ پيا ٻُرندا هئا. مطلب ته اسان سنڌي عوام کي هڪ نئين ثقافت ڏيڻ جي جدوجهد جو ڪم پوري

عزم، همت، محنت ۽ خود اعتمادي سان شروع ڪري ڇڏيو. آئون جلسن ۾ لطيف جي عوامي انقلابي شاعريءَ بابت تقريرون ڪرڻ لڳس ۽ زرينہ، لطيف، سچل، ايار، تنوير، سرويچ، منشي، مجيدي ۽ ٻين انقلابي عوامي شاعرن جا نت نوان ڪلام ڳائي سندن جي ثقافتي زندگي ۾ ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين زبردست هلچل مچائي. ون يونٽ خلاف قومي تحريڪ جو پيغام ڇڻ ته گهر گهر پهچائي ان کي هڪڙي بلڪل نئين ڏاڪي تي رسائي ڇڏيو.

زرينہ هڪ طرف ماڻهن جهڙو ماڻهو، منجهس اُهي سمورا گڻ ۽ اوگڻ هئا، جيڪي اسان جهڙن عام ماڻهن ۾ هوندا آهن. جهيڙي جو موقعو هوندو ته اجايو گهٽو پوئتي نہ پئبو. ڪاوڙ بہ خيرن سان نڪ تي رکيل هوندي هئس. هڪڙي پيري 1971ع جي شروعات ۾ ته مون سان جهيڙو ڪري مات، منهنجي ۾ اسلم، ايار ۽ مسعود کي وٺي وڃي مشرقي پاڪستان (بنگلاديش) کان نڪتي ۽ ڪيترا ڏينهن ڊاڪا جي محمدپور علاقي (جتي هاڻ بهاري رهن ٿا) ۾ منزل انداز ٿيو ويٺي هئي. ٻئي طرف جنهن چگي ڪم ۾ هٿ وجهندي هئي، تنهن ۾ سمجهي سوچي اڳ پوءِ جاچي پوءِ هٿ وجهندي هئي ۽ ان تي ثابت قدمي سان اڳتي وڌندي رهندي هئي ۽ پوئتي ورڻ جي وائي نہ ڪندي هئي. مجموعي طور جيڪا ذميواري کڻندي هئي، تنهن کي هميشہ پورو ڪندي هئي. لاٿي چارج هجي، يا ڪا بي ڪنهن گهڙي هر ڪارائتي پر خطرناڪ ڳالهہ سکڻ ۽ ڪرڻ لاءِ هميشہ هڙئون وڙئون ذهني ۽ جذباتي طرح سان تيار هوندي هئي. هوءَ هميشہ ماضي کي چهٽڻ بدران نت نيون ڳالهيون ۽ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ ذهني طور تي تيار هوندي هئي. هن چگي موچاري حد تائين انقلابي ادب ۽ شاعري پڙهي هئي. ابتدائي انقلابي عوامي نظريي ۽ واٽ کان بنيادي طرح باخبر هئي. قوم دوستي ۽ قومي فرض شناسي جو احساس ۽ عزم هن ۾ سدائين موجود رهندو آيو هو. روس جي زوال ۽ ان کانپوءِ جي عالمي سامراجي چاڙهہ ۽ ذري گهٽ مڪمل سامراجي بالادستيءَ جي ڏماڪن، سڄي دنيا ۾ ترقي پسنديءَ جا وڏا وڏا آسمان سان، سسيون گسائيندڙ ڪوٽ ڪيرائي پڄي پور پور ڪري ڇڏيا.

وڏا وڏا فيل مست مها انقلابي مڙس توبهہ تائب ٿي پُڇ پائي ڪوئن جي ٻرن ۾ گهڙي ويا ۽ ڪي يار علي الاعلان جڙتو نظريا ناهي وڃي وقت جي ارغونن، ترخانن جا وفادار ۽ ٽاپرو بنيا، پر زرينہ، جيڪا پائيندي هئي ته گهرو خرچ ۾ پائي پائي جي

ڪفايت ڪريان ۽ ڪالهوڪي اڻي لڀ ۽ ماني جو ٽڪر بہ زبان ٽيڙ نہ ڏيان، تنهن کي اهڙي خطرناڪ عالمي بحران ۾ نہ غربت، جيل ۽ جبر جهڪايو ۽ نہ نالي ناموس، شهرت ۽ مال جي لالچ هرڪايو. هوءَ بنيادي طرح جهڙي ويڙهو، ثابت قدم ۽ وطن سان وفادار هئي، تهڙي رهي. مون کي منهنجي گهر واري زرينہ بلوچ جي ذاتي ۽ قومي خودداري، وفاداري ۽ ايمان ۾ ڪنهن بہ قسم جي بنيادي ڪوٽ ڪڍهن بہ نظر نہ ايندي هئي.

مُنڊ نہ منجهان تن، پسي لڪ لُڏن جي،
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سِکي سسئي.

جيڪڏهن انهن قوم دوست سنڌي ماڻهن جي ننڍڙي لسٽ ناهجي، جن هر حال ۾ مارڪ نہ مڙايو، ڪنهن بي طرف لوٽو ڪونہ هنيو، پڇتايو ڪونہ، ڏنا ڪونہ، ٽڪا ڪونہ، وينا ڪونہ، انهن ۾ زرينہ بلوچ جو نالو پهرين نالن ۾ شامل هوندو. دراصل سندس نالو ويهين صدي جي پوئين اڌ صدي جي سنڌ جي قومي تحريڪ جي ثقافتي سرواٽن جي فهرست ۾ مڙان ئي مڙان نظر ايندو. زرينہ، جيڏي تمام مقبول ۽ نرالي سنڌي قومي ۽ انقلابي فنڪاره هئي، اهڙي ئي هڪڙي بهادر ۽ جاکوڙي قومي ڪارڪن ۽ هڪڙو پلو، گهڻ طرفو، سچو ۽ شاندار سنڌي ماڻهو هئي، جنهن سنڌ جي هن دؤر جي قومي جدوجهد جي تاريخ تي، نہ مٽجندڙ نشان ڇڏيا آهن. پويان ايندڙن لاءِ هڪڙي چٽي ۽ روشن واٽ گهڙي ڇڏي آهي. مون کي، سنڌي قوم کي ۽ هن خطي جي سمورن مظلوم ماڻهن کي، زرينہ بلوچ تي فخر آهي.

منهنجي ماءُ

انسان تمام وڏي شيءَ آهي. هر انسان ۾ تمام گهڻيون مختلف قسمن جون صلاحيتون آهن. رڳو پنهنجو ذهن استعمال ڪرڻ شروع ڪري ۽ جنهن به ڪم ۾ هٿ وجهي، جلدي همت هاري اڌ ۾ ڇڏي نه ڏي. مون پنهنجي زندگي ۾ ڏٺو آهي ته عورت مرد کان وڌيڪ مضبوط آهي. هوءَ جيڪڏهن ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪري ٿي ته ضرور ڪامياب ٿئي ٿي. منهنجي اڳيان امان (جيجي زرينہ) جو مثال آهي. امان کي ڏيءُ هجڻ ڪري منهنجي نانيءَ کڏهن به اسڪول ڪو نہ موڪليو هو. گهر ۾ منهنجي مامن کان سندن ڪتابن تي سنڌي لکڻ پڙهڻ سکي. هوءَ هر ڪم ڪري سگهندي هئي. ڪٽون واڻڻ، اڳڻ ٺاهڻ، سلائي، هر قسم جو پرت، سوئٽر اڻڻ، ويندي بجلي جون شيون مسئلن ريڊيو، استري ٺاهڻ تائين سڀ ڪم ايندو هئس. مون کي ياد آهي ته آئون ننڍڙي هيس ته ان زماني جي فيشن جي حساب سان مون کي ٽاڪن وارا فراڪ سبي پارائيندي هئي ۽ هر عيد تي چلهه ۾ شيخون تپائي منهنجا وار گهندي ڪندي هئي. مون کي هڪڙو ڏينهن به اسڪول مان گسائڻ کا نہ ڏيندي هئي. آئون 12 سالن ڪن جي هوندیس ته امان منهنجي نانيءَ سان وڃي مسافر خانہ اسڪول مان فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرائمري اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. پوءِ جڏهن ٽريننگ ڪاليج مان ٽيچر ٽريننگ لاءِ داخلا ورتائين ته اتي صبح جو اسيمبلي ۾ دادي ليلا باجو وڄائيندي هئي ۽ امان جو آواز ٻڌو هو. سو اسيمبلي ۾ سر سان دعا "جڳ جا مالڪ، جڳ جا والي ،آهيون تنهنجا سوالي" ڳائيندي هئي. دادي ليلا هميشہ امان جي آواز جي تعريف ڪندي هئي ۽ چوندي هيس تہ خدا تو کي هي ڏات ڏني آهي. تون ريڊيو تي پروگرام ڪر. پر منهنو نانو تمام مذهبي ماڻهو ۽ سخت طبيعت جو هو. ڏڃندي هئي ته ڪيس ڪڏهن به ڳائڻ جي اجازت ڪا نہ ملندي. امان تي اسان ٻن ٻارن کي پالڻ جي ذميواري به هئي ۽ ڳائڻ جو شوق به هيس، سو لکي نالو بدلائي منهنجي نالي جو اڌ "زرينہ" پاڻ تي رکي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آڊيشن ڏني ۽ ڳائڻ شروع ڪيائين. ان وقت سڃو پروگرام

لائيو آن ايئر ٿيندو هو. گهر ۾ ريڊيو تان کو به ليٽر وغيره ايندو هو ته امان منهنجي نالي چوندي هئي ته ان لاءِ آيو آهي. چو ته انهن ڏينهن ۾ آئون ٻارن جي پروگرام "ٻارن جي ٻاري" ۾ ويندي هيس. اهو پروگرام ادا مصطفيٰ قريشي کندو هو. مون کي ياد آهي ته هڪڙي ڏينهن شام جو گهر ۾ ريڊيو پئي وڄو ۽ امان لائيو ڪافي پي ڳائي "ڏند ته موتي محبوب جا، هيرا لال جواهر هئا، ماڻهو شهر مديني جا آدمي اسرار هئا" منهنجي ناني کي خبر ئي ڪا نه هئي ته سندس ڏيءُ پئي ڳائي، آواز ٻڌي چوڻ لڳو سبحان الله. سبحان الله ڇا ته مائي جو آواز آهي. جڏهن پوءِ هن کي خبر پئي ته گهر ۾ ڏاڍو جهيڑو ٿيو، پر امان کا نه مڙي، چيائين آئون کو گناهه کو نه ٿي ڪريان، مون کي شوق آهي ۽ منهنجي مٽان ٻارن کي پالڻ جي ذميواري به آهي. منهنجي ننڍي مامي امان جو سات ڏنو. منهنجي ناني ڪٿي پوءِ مات ڪئي، پر ڪيترن سالن تائين امان جو ڳائڻ کو نه ٻڌندو هو. امان ريڊيو، ٽي وي ۽ اسڪول ۾ پڙهائڻ سان گڏ سڄي گهر جو ڪم به ڪندي هئي، تمام سخت جان عورت هئي. هن جڏهن ون يونٽ واري ڏکي دور ۾ صدر ايوب جي حڪومت ۾ قومي گيت ڳائڻ شروع ڪيا، تڏهن شيخ اياز جي ڪتابن تي بندش پيل هئي. جشن روح رهاڻ ۾ امان جڏهن شيخ اياز جو بندش پيل گيت "مان تو کي گيت ڏيان، اي ڌرتي! ۽ تون مون تي زنجير وجهين" ۽ حيدر بخش جتوئي جو "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ" ڳائيندي هئي ته ماڻهو چوندا هئس ته "زرينه ٻڌجي نه وڃين" ته چوندي هئي، "پلي ٻڌجان، پر ڳالهه حق جي ڪبي" ضياءَ جي دور ۾ جڏهن پٽي صاحب تي ڪيس پئي هليو ته امان پي پي وارن سان جدوجهد ۾ گڏ هئي ۽ جڏهن پٽي صاحب جي قاسي جو آرڊر ٿيو ۽ گرفتاريون شروع ٿيون ته امان کي به گرفتار ڪيو ويو ۽ سکر جيل اماڻيو ويو ۽ پوءِ لاڙڪي جيل ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ جڏهن پٽي صاحب کي قاسي چاڑهيو ويو ته پوءِ امان ۽ ٻيون عورتون آزاد ٿيون. امان آخر تائين سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ سان ڪميٽيد رهي. بيمار هوندي به ڪالاباغ ڊيم خلاف ٽنهي لانگ مارچن ۾ پريس ڪلب ڪراچي تائين سخت گرميءَ ۾ پنڌ ڪيائين. ننڍي ۾ جلوسن ۾ پوليس مٿي ۾ ڏنڊا هنيس پر ميدان ڇڏي ڪا نه ويئي ۽ آخر تائين موجود رهي. 1971ع ۾ آئون جڏهن بک هڙتال ڪري ٻين شاگردن سان گڏ جيل ۾ هيس، مون سان گڏ نسيم سنڌي به هئي، ان وقت آئون فقط 19 سالن جي هيس، مون کي جيڪي خط لکندي هئي ته انهن ۾ ڪڏهن ڪو نه چيائين ته معافي وٺي نڪري اچ يا حوصلو هار. هميشه خطن ۾ اسان کي همت

ڏياريندي هئي. حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ جڏهن بک هڙتال تي هيوسين تہ هڪڙي خط ۾ لکيو هئائين: منهنجي مارل ڏيءِ! جيئي سنڌ!

جا لکن لوساڻي، سا سيج چڙهدي سسئي

اميد تہ توهان پنهنجي قول تي مستحکم هوندیون. زندگي نالو ئي تکليف جو آهي، انهن ڏکن سختين مان پار پوندیون. تڏهن توهان کي انسانن جو قدر پوندو تہ ويچارا انسان کيترا نہ ڏک ۽ تکليفون سهن ٿا. توهان اهي ڏک پنهنجي قوم لاءِ پنهنجي ملک لاءِ خوشي سان ورتا آهن. تنهن ڪري کلندي ڪڏندي وڃي پار پئجو" جڏهن ملٽري ڪورٽ اسان کي سال جي سزا ڏني ۽ اسان کي سکر جيل اماڻيو ويو تہ هڪڙي خط ۾ لکيو هئائين "سيني جي وات تي تنهنجو نالو آهي تہ ويچاري ماڻهن غريبن کي اها ڇڻ نئين ڳالهہ پئي لڳي. کين خبر ئي ڪا نہ آهي تہ آئون انهن مائرن مان ڪو نہ آهيان" ويٺنام جون مائرون پنهنجن ٻارن کي چوندیون آهن تہ "پٽ سمهي رهہ! هينئر ننڊ ڪرڻ جو وقت اٿئي. ڇو جو تو کي وڏو ٿي ڏاڍا اوجاڳا ڪرڻا آهن" پنهنجي وطن لاءِ جنگ ڪرڻي آهي. امان جا قومي گيت ڪنهن هڪڙي پارٽي يا گروپ لاءِ ڪو نہ هئا. هن سڃي سنڌي قوم ۽ شاگردن لاءِ گيت ڳايا. شاگردن جي سڌ تي ڪهڙي بہ حالت ۾ انهن جي پروگرام ۾ ويندي هئي. انهي ڪري امان نہ فقط سنڌ جي ماڻهن جي بلڪ سڃي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن جي جيجي آهي.

اڄ منهنجا ٻار بہ امان جي همت ۽ سنڌ سان پيار جي ڪري ٻاهران لنڊن ۽ آمريڪا مان پڙهڻ جي باوجود پنهنجي ٻولي، پنهنجن ماڻهن ۽ پنهنجي قوم سان ٻڌل آهن ۽ وقت اچڻ تي ڪنهن بہ قرباني کان ڪو نہ ڪيبائيندا. منهنجي ڏيءَ سسئي، ان جو مثال آهي.

روزانہ عبرت

●

سنڌ جي ثقافت جو حصو

جيجي زرينہ بلوچ کي آئون جڏهن بہ ڪٽي ڏسندي هئس تہ سندس مٽيادار مهاندن ۾، پنهنجي جيجل ماءُ جي جَهلڪ ذري پَسي، روحاني سکون ملندو هو، تڏهن دل چوندي هئي تہ اهو چهرو اکين کان پري ٽيڻ ئي نہ ڏيان ۽ بس ڏسندي رهان... ڏسندي رهان!

پر رڳو اِن هڪ سبب جي ڪري نہ، هوءَ تہ مون کي پنهنجي لاڏاڻي لوڪ گيتن جي حوالي سان پڻ بيحد پياري هئي، ويتر جو سندس انٽرويوءَ ۾ پڙهيم تہ مان سندس پسنديده رائٽر آهيان، تہ وڌيڪ خوشي ٿي.

مون وٽ اڄ بہ اهو چُنيءَ جو رئو محفوظ آهي، جيڪو هن انديا مان اڇڻ کانپوءِ مون ڏانهن پنهنجي ڪتاب سان گڏ سوڪڙي ڪري اماڻيو هو، جنهن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي تہ ڪيئن نہ هُن سِڪ مان ياد ڪيو ۽ ياد رکيو...! مُون پاران ٿورا مڃڻ تي پيارن مان چيو هٽائين، "منهنجي لاءِ جهڙي اختر، تهڙي تون، هُن لاءِ بہ تہ ونڍي آئي آهيان!"

ڪِن ماڻهن ۾ الائي ڪيئن خدا محبت جو سڃو سارو سمنڊ سمايو ڇڏي، جو جيڪو بہ سندن آڏو ايندو، سو پائيندو تہ هي سارو سمنڊ... هي سمورو قرب جو جهان... شايد رڳو هُن جو ئي پاڪ آهي! جيجي زرينہ بلوچ جي شخصيت بہ انهن خوبين سان ٽمٽار هئي، شايد تڏهن ئي نندي وڏي توڙي پکي پوڙهي، هر ڪنهن لاءِ هوءَ جيجي هئي...

لوڪ گيتن کان قومي گيتن، قومي تحريڪن، ڪهاڻيون لکڻ ۽ علم جي روشني پکيڙڻ تائين واري طويل سفر ۾، هن پنهنجي هر ڪردار سان پاڻ نپايو ۽ پاڻ ئي ڳُن ڏنا. خاص ڪري هن جيڪي بہ لوڪ گيت ڳايا آهن، انهن کي ٻُڌي ائين پيو لڳندو، ڄڻ هوءَ سنڌي موسيقيءَ جو ئي نہ، پر سنڌي ثقافت جو بہ ڪو اڻ مِٽ حصو هجي.

قوم کي جنجهوڑي جاڳائڻ ۽ حقن جي حاصلات جو درس ڏيڻ، هِن جاکوڑي عورت جي زندگيءَ جو ڄڻ تہ هڪ مِشن هو. هن جا قومي جدوجهد جي حوالي سان ڳايل مختلف شاعرن جا ڪلام ماڻهن ۾ نئون جوش ۽ جذبو پيدا ڪرڻ وارو لاڏاني ڪردار رکن ٿا

توڙي جو اِڇكلهه Tri Bute جي نالي تي هن جي ڳايل گيتن کي وري نئين انداز سان نون فنڪارن ڳاتو آهي ۽ جديد موسيقي جي ساڻ سهڪار سان اُهي گيت ٻه نئين ٽهي لاءِ ڪشش رکندڙ آهن. پر اِهو ڪنهن ٻه طور ممڪن ناهي، ته جيجي جي منفرد آواز ۾ ڳاتل اصلوڪا گيت دلين تان ميسارجي سگهجن... اُهي ته سدا امر آهن، جنهن سان زماني جي ڪنهن ٻه نئين ساز... نئين انداز جي پُڄڻ جي جاءِ ناهي! سندس آواز مون کي اڪثر بَرِصغير جي جهوني ۽ عظيم گلوڪاره شمشاد بيگم جي ياد ڏياريندو رهندو آهي...

جيجي زرينه بلوچ جون لکيل ڪهاڻيون پڙهي سوچيو هئم ته ڪاش جيڪر هو لڳاتار لکندي رهي... چو ته وٽس لکڻ جو پڻ سٹو ڏاڻ هو. ڪنهن مٺگزين ۾ هُن جي ڏهٽي، "پرهه پليجي" ڏانهن لکيل سندس ڪو خط پڙهيو هئم، جنهن منجهه ڪيتريون ئي چڱيون ڳالهيون هيون، جن کي مون ٻه ٽي ڀيرا رڳو ان ڪري پڙهيو، جو انهن ۾ دل ڇهندڙ گهرائي هئي، نظر نه ايندڙ لڙڪ هئا ته گڏوگڏ صبر ۽ برداشت ٻه هئي...

قدرت ڪيس تمام منڍو ۽ سهڻو ڳالهائڻ جي ڏات ٻه ته ڏني هئي... اِهو گڻ گهڻو ڪري انهن جي حصي ۾ ايندو آهي، جن جي دل جي ڪشادي پڏر تي پيار ۽ پنهنجائپ جا گل پوکيل هجن. ساڙ حسد جي زهر يا بغض جي باهه کان اندر آجو هجين. جيجي جهڙي سڀاجهي فنڪاره جي سوچ ۾ وسعتون هيون، تنگ نظري واري ڪابه ڳالهه سندس شخصيت ۾ ئي ڪانه هئي، فن جي ميدان ۾ هن ڪڏهن ٻه ڪنهن سان ڪا ريس نه ڪئي، جڏهن ته شهرت اهڙي بُک آهي، جنهن جي حاصلات، ڪيترن ئي نامر نهاد فنڪارن کان "پهاج خاطر وهِ پيئڻ" جهڙا مثال قائم ڪرايا آهن، پر شاباس آهي جيجي زرينه بلوچ ۽ سندس جِگر کي، جنهن نه رڳو "وڻ وڻ جي ڪاڻي" مِثل اصلي پهاڇون برداشت ڪيون پر پنهنجي زندگي کي هڪ چيلينج ۽ قوم جي امانت سمجهي، سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ هر جدوجهد ۾ پرپور حصو ورتو ۽ اها جيجي ئي هئي، جنهن پنهنجي حياتي جي پچاڙڪن پلن ۾ ٻه سنڌي قوم جي "ايڪي ۽ بڌي" جي خواهش ڏيکاري... اُون رکي!

سدا حيات شاعر شيخ ايار کي ان ڳالهه تي فخر هو ته پاڻ هر پيري موت سان مقابلو ڪري کيس پڇايو ڇڏي، جڏهن ته جيجي زرينه ٻه ڪو يڪدم همت جا هٿيار ڪو نه ڦٽا ڪيا هئا.....هن ٻه موت کي ڏِڪي پري ڪرڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪئي هئي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جيجي زرينه کي پنهنجي زندگي ۾ وڏيون عزتون ۽ مانَ مليا.

جن سندس زندگي جي پڃاڻي تائين ڇيهه ڪري ڇڏيا! پر اِهي عزتون ۽ مان ڪيس رڳو ان لاءِ نه مليا ته هوءَ نامياري فنڪاره يا رسول بخش پليجي جهڙي اڪابر ۽ اڏول سياستدان جي ونيءَ، ايياز لطيف جهڙي برڪ وڪيل ۽ اختر جهڙي سياڻي ڏيءَ جي امڙ، يا سسئي جهڙي ڏاهي ڏُهٽيءَ جي نانيءَ هئي، پر ڪيس اها عزت صرف ان ڪري ملي، جو اهو سندس نصيب هو... هن نِماڻي نار جو پنهنجو پاڻ ۽ سپاڻ ئي ته هو، جو سندس ناچاڪيءَ جو ٻڌي، عيادت لاءِ انبوهه ماڻهن جا اسپتال ۾ اچي ڳاهٽ ٽيا!

ڪيترن ته هن تي تڏهن ڪان ئي لکڻ شروع ڪري ڏنو، جڏهن هن اڃا موت سان مقابلو ٿي ڪيو ۽ وري ڪمال ته اهو جو وچ وچ ۾ ساهي ڪٿي پنهنجي پيارن ڪان اهي اخباري ڪالم به ٿي ٻڌا جن ۾ هن لاءِ محبتن جي ورڪا ۽ دعائن جي پالوٽ هئي يا ڇڻ موت جي بي رحم چنبي ڪان بچي اچڻ جي منٽ هئي... بي وسيءَ اداسي هئي... ته شفقتون ڏيندڙ، مهربان جيجي ڪٿي سچ پچ هلي وئي ته...؟؟ ته ڇا؟ ته ڇا! ڪجهه به نه...! بس، بي وسي مان رڳو هڪ ٻئي کي آڻت ئي ڏنا ڏيندا ٿي ويا، ٻيو ڪري به ڇا ٿي سگهيا... ڪوئي موٽيو آهي اتان جو جيجيءَ کي به اسان موٽائي سگهون ها... بهرحال هوءَ سنڌي ثقافت ۽ موسقي کي پنهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو ارپڻ ڪري، پنهنجو وارو وڃائي وڃي سڪي ٿي... پر هن جون ڳالهيون، جيستائين سنڌ ۽ سنڌي رهندا تيستائين پيون ڳائبيون.

(28-9-2006)

●

●

اڄ نہ کا ڪوئل ڪُوڪاري

اڄ جڏهن آئون هٽ ۾ پنا ۽ پين کٹي ۽ اکين ۾ لُڙڪ پري اياز لطيف جي بار بار اصرار تي پنهنجي وڇڙيل ساٿ زرينہ بلوچ بابت ڪجهہ لکڻ لڳي آهيان تہ لڳير ٿو تہ هُوءَ اوچتو ئي اوجتو هٽ ۾ ڪاريءَ چانهہ جو ڪوپ ۽ ڊبل روٽيءَ جو سلائيس کٹي اچي منهنجي اڳيان رکندي ۽ چوندي، "آپا تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها نهن ئي ڪونہ تا، مون لاءِ تا روئو، اڙي آئون تہ تو اڳيان بيٺي آهيان" ۽ آئون چرڪي چونديس "اڙي منهنجي پوپٽي توکي اُڏامندي تہ دير ئي ڪونہ ٿي لڳي، اجهو ٿي غائب ٿين."

سچ تہ اهو آهي تہ زرينہ مون کان جدا ٿي ڪونهي. هر پل هر گهڙي سندس يادگيريون مون کي وکوڙيو بيٺيون آهن. هر جڳهہ هوءَ منهنجي خيالن ۾ آهي ۽ هر ماڻهو، هر شئي، هر گيت ۽ هر جڳهہ سندس يادن جو من اندر مچ ٻاريو چڏي. سندس وفات کانپوءِ جڏهن آمريڪا واپس ويس ۽ منهنجي پوٽي جنهن زرينہ کي 2003ع ۾ ڏٺو هو ۽ ساڻس گڏ هڪ مهيني تائين مسلسل ملندي رهي، سندس آر مان ناهيل فراڪ کٹي آئي. اهو فراڪ زرينہ ٽن ڏينهن ۾ Indigoلاءِ ناهيو هو. چوڻ لڳي

Grand ma Aunty Zareena made this for me and I am going to keep it even when I con't wear it.

منهنجي زرينہ جي ياد هڪ نندڙي آمريڪي ڇوڪريءَ لاءِ ٻہ ايترياهم آهي جو اُن جو ناهيل چولو سانڍي رکڻ جو فيصلو ٿي ڪري تہ پلا زرينہ سان گهاريل ٽيهن سالن کان وڌيڪ جو عرصو جنهن ۾ پنهنجائپ ۽ ڏک سک جا هزارين داستان شامل آهن، کيئن ٿو منهنجي پچر چڏي.

منهنجي زرينہ سان پهرين ملاقات فيبروري 1961ع ۾ ٿي هئي. منهنجو وڏو ڪکو زبير ڄائو هو ۽ حمايت الاسلام هاءِ اسکول جون ڪئين ماسترياڻيون مون کي مبارکباد ڏيڻ لاءِ آيون هُيون. انهن ۾ پوپٽيءَ جهڙي سهڻي، سنهڙي وار ڪٽيل زرينہ ٻہ شامل هُئي. پتو پيو تہ نگهت انور شيخ جي ساهيڙي آهي ۽ ڪوئل جهڙو آ ٻ آهيس.

آئون چانهه ناهڻ لاءِ اڻيس تہ مون کي زوريءَ ويهاري پاڻ رڌڻي ۾ گهڙي ويئي ۽ سڀي چانهه ناهي آڻي سيني اڳيان رکيائين. انهيءَ پهرئين سجاڻپ اسان کي تسبيح جي بن داڻن وانگر هڪ ڏاڪي ۾ پُوئي ڇڏيو. جتي به ملندا هئاسين، لڳندو هو هڪ ٻئي کان جدا ٿيا ئي ڪونہ آهيون. زرينہ جا ڳايل ريڊيو تي جيڪي به گيت هوندا هئا، اُهي سندس آواز ۾ بنا سازن جي، سامهون ويهي ٻڌڻ منهنجي هڪ وڏي عياشي هئي. ساڻس گڏجي دنيا جي صورتحال تي بحث ڪرڻ، ننڍپڻ جون ڳالهيون ٻڌائڻ ۽ پراڻين سُٽين ڦڪين کي ياد ڪرڻ، مليل وقت گذارڻ جا ذريعا هوندا هئا.

1970ع کان اسان جي دوستي وڌيڪ مضبوط ۽ شعوري بنيادن تي اُسرجي آئي. زرينہ جي وسيلي رسول بخش پليجي سان ملڻ لڳيس ۽ پهريون دفعو حاڪميت ۽ محڪوميت، ظالم ۽ مظلوم، غربت ۽ بدافعاليءَ جو چٽو ۽ واضح فرق مون سڃاتو. زرينہ رسول بخش جي ڪتابن واري ذخيري مان، جنهن کي هُو زالن ۽ اولاد کان وڌيڪ سنڀالينڊو هو، اهڙا اهڙا ڪتاب لڪائي ڪڍي ايندي هئي، جن جي پڙهڻ سان چوڌهن طبق روشن ٿي ويندا هئا، سياسي شعور سان گڏوگڏ مون ۾ Socio Political Analysis جي قوت پيدا ٿي، جيڪا اڄ تائين ڪنهن به معاشرتي ڇڄ ڏاهه يا اوسر بابت اڳڪٿي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

1970ع ۾ جڏهن سنڌ جي ڏاهي اُستاد ۽ رهبر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هدايتن مطابق ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ جو ٻاراٽو ۽ پرائمري سيڪشن کولي ان ۾ هيڊ مسٽريس طور ڪم شروع ڪيم تہ اها ئي خواهش ۽ ڪوشش هئي، تہ اتي بهترين شخصيت ۽ ذات جي مالڪ ماسترياڻين جي پرتي ڪريان. زرينہ انهن ڏينهن ۾ شايد (پورو ياد ڪونهي) نانا گرلز اسڪول ۾ پڙهائيندي هئي. مون ڏاڍين منٽن سان ڪيس ماڊل اسڪول ۾ اچي نوڪري ڪرڻ تي راضي ڪيو ۽ ائين اسان جو روزاني جو ساٿ شروع ٿيو. زرينہ نہ صرف هڪ شفيق، بهترين ۽ قابل استاد جو ڪردار نياهيو پر منهنجو به ساڃو هٽ ٿي بيٺي. اسڪول جو ڪو اهڙو بار نہ هو جو ڪيس پيار نہ ڪندو هجي. جڏهن به ڪا ٽيچر غير حاضر هوندي هئي، تہ بار مون کي اچي منٽون ڪندا هئا تہ آپا زرينہ کي اسان جي ڪلاس ۾ موڪليو.

ماڊل اسڪول واري دور ۾ زرينہ مون کي قمر مان بدلائي آپا ڪري ڇڏيو. چوڻ لڳي، "هتي توهان جي سربراهہ جي حيثيت سان جيڪا اتارٿي آهي ۽ توهان کي سپ آپا ٿا چون، اُتي مون کي پنهنجي ذات مان نڪتل ٻلهو قمر جو اکر نٿو وٺي" اهڙي

طرح آئون نہ صرف زرينہ پر پوري پليجي خاندان بشمول رسول بخش پليجي جي پٽن، نهرن، پائرن ۽ پينرن، پاڃاين، پائيٽن پائٽين، پُـوٽن ۽ ڏوهٽن جي آپا قمر بنجي ويس. منهنجي زرينہ هڪ پيار ۽ عزت جو اڪر اُجاري، مون کي هيڏي وڏي خاندان سان هڪ اهڙي پياري مائٽيءَ ۾ ڳنڍيو ڇڏيو آهي، جيڪا آئون سمجهان ٿي منهنجي مرڻ کانپوءِ بہ قائم رهندي.

مادل اسڪول ۾ گڏ گذاريل ڇهہ ڪن سال منهنجي زندگيءَ جي هر رخ کان پرپور سال رهيا آهن، ڇاڪاڻ جو زرينہ جهڙي سهڻي دل جي مالڪ سهڻي پوپٽي مون سان گڏ هوندي هئي. مون اولد ڪيمپس ۾ اسڪول سان ڪمپائونڊ وسيلي ڳنڍيل هڪ ننڍڙو ڪوارٽر ورتو، ان کي پنهنجي گهر ۾ تبديل ڪيو هو. سڄو اسڪول جو گرائونڊ ڇڻ تہ منهنجو اڳڻ هو. زرينہ جو اياز لطيف ۽ منهنجا زبير ۽ سهيل مادل اسڪول ۾ پڙهندا هئا ۽ اسين ڪين اتي هڪ خاص عياشي ڪرائيندا هئاسين. اها عياشي هئي رسيس مهل منهنجي آفيس ۾ گڏ ٿي ماني ڪائڻ. زرينہ ڪڏهن رات جي بچيل ماني تہ ڪڏهن صبح جي تازي ماني، سادا مرچ ڏاڍا ۽ ڦودنو. ڪڏهن ننڍي جي ديا ميچي مصالحي ۾ تريل تہ ڪڏهن رات جي بچيل دال يا ٻوڙ ڪٽي ايندي هئي. آئون وري مادل اسڪول پرسان نهيل هوٽل مان قيمي جو ٻوڙ ۽ ماني يا ڊبل روٽي گهرائيندي هيس. ان هوٽل جي بيري کي اسين خبر ناهي ڇو ڇُـوهو چوندا هئاسين ۽ ٻار گهٽو ضد ڪندا هئا تہ امان گهران ڪجهہ ناهي ڪٽي نہ هل پر ڇُـوهي جي هوٽل تان قيمو گهرائي ڏج. ان آفيس ۾ اسين سڀ گڏجي انهيءَ پسند جي طعام تي اڌ ڏينهن جون خبرون چارون بہ هڪ ٻئي کي ڏيندا هئاسين، تہ گڏجي ڪائڻ ۾ جيڪا روحاني لذت محسوس ٿيندي هئي، ان مان بہ مالامال ٿيندا هئاسين. ٻار تہ جلديءَ ۾ ماني ڪائي، اڌ رسيس ۾ راندين ڪرڻ لاءِ ڀڄي ويندا هئا، منهنجي ۽ زرينہ جي آخري گـرهن تي ڪَرهَ مچندي هئي. زرينہ ڪاڏي مان هٿ ڪيي ونڊندي هئي ۽ چوندي هئي توهان جو حصو آهي ۽ آئون چوندي هيس هي تنهنجو حصو رهيل آهي. تون ڪاءِ چوندا آهن تہ مائرون آخر جا ڪجهہ گرهہ ڏسي ڪاڏي مان هٿ ڪيي ونڊيون آهن ۽ ٻچن کي ڪائڻ ڏينديون آهن. آئون زرينہ جي اولاد مان ڪونہ هيس پر دوستيءَ سان گڏوگڏ هُـن جي دل ۾ مون لاءِ ممتا جو جذبو هو ۽ هوءَ مون کي وڏ ۾ وڏ ڪارائڻ ڇاهيندي هئي، ڇاهي ڪيس اجا پلي بُـڪ رهيل هجي.

منهنجي مادل اسڪول واري انهيءَ آفيس ۾ رسول بخش پليجي سان بہ وڏا بحث ٿيندا هئا. اهڙو اڏول ماڻهو ۽ خيالن جو پڪو آهي جو، هميشہ پنهنجو نظريو مون

تي ۽ زرينہ تي مسلط ڪري اٿي ڪڙو ٽيندو هو. تنقيد کان نہ پاڻ ڏڇندو هو ۽ نہ وري ٻين تي ڪندي، رک رکاءُ کان ڪم وٺندو هو. همیشہ مون کي ۽ زرينہ کي بحث ۾ شڪست ڏئي اسان ٻنهي جا ٻوٽ ٻيلا ڪري ڇڏيندو هو. پر اٿن مهل چوندو هو: "توهان جا دليل بہ ڪجهہ ڪجهہ وزنائتا آهن پر اڄا خيالن جي پختگي ۽ مطالعي جي ضرورت اٿو." آئون اها شڪست قبول ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ راضي نہ ٿيس. سندس وڃڻ کانپوءِ اچي زرينہ کي وٺندي هيس. کوٽي کوٽي رسول بخش پليجي جون ڪوتاهيون زرينہ جي اڳيان رکندي هُيس. هڪ دفعي زرينہ کي چيم:"تون جو اڄان تائين مٽس اکن ڇڪن آهين، توکي کهڙو سُک ڏنو اٿس. چونڊيءَ جو وڪيل آهي، کهڙو توکي ڳڻي نوٽ ٿو هٿ ۾ ڏي يا بنگلو جوڙائي ڏنو اٿس. اڄان تائين پناڻ ڪالونيءَ جي ڪوارٽر جهڙي گهر ۾ وينِي آهين." زرينہ جي منهن تي رسول بخش جو نالو ٻڌندي جيڪا منهنجي ڇاتل سڄاتل مُشڪ ايرندي هئي، اها وري اچي حاضر ٿي چوڻ لڳي: "آپا وري ائين نہ چئجو. رسول بخش مون کي اياز جهڙو پٽ ڏنو. مون کي قومي مقصدن ۽ تحريڪ کان روشناس ڪرايو. مون کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لطيف ۽ شيخ اياز جي شاعري سمجهائي مون کي پنهنجي ملڪيت بدران ڪئين صلاحيتن جو مالڪ، هڪ آزاد انسان ڪري ليکيو آهي. آئون ڇا ڪنديس محل ۽ ماڙيون. صرف رسول بخش جو ڪير نالو ٿو مون اڳيان وٺي، تہ بہ منهنجي دل خوش ٿيو وڃي. سندس اهي ڳالهيون ٻڌي مون کي فخر ٿيو تہ منهنجي هيءَ پوپٽيءَ جهڙي نازڪ ۽ سهڻي دوست جي سوچ جو انداز عام عورتن جي سوچ کان گهڻو مٿانهون آهي ۽ اهڙي طرح اسان جي دوستيءَ ۾ ڪيئن اهڙا بنيادي ستون ايري آيا، جن انهيءَ رشتي کي مضبوط ۽ پائيدار بڻائي ڇڏيو.

زرينہ جو ساڻ ۽ قوت نہ مليم ها تہ آئون آمريڪا وڃي پي ايڇ ڊي نہ ڪري سگهان ها. جتي بہ آئون ڪنهن ارادي ۾ ڪمزور ٿي ويهي رهڻ جو سوچيندي هيس تہ پاڻ اڏول ٿي مون کي سمجهائڻ بيهي رهندي هئي. سندس همیشہ جا اکر هوندا هئا:"آپا اڳتي وڌو، توهان روايتي عورت ناهيو. توهان ۾ گهڻيون ئي دماغي صلاحيتون آهن، انهن کان پربور ڪم وٺو ۽ هزارين دفعا آئون کيس پاڪر پائي رني هوندیس ۽ نئين ارادي سان اٿي ڪڙي ٿيندي هيس. آئون اسڪالرشپ وٺيو آمريڪا پئي ويس. ويزا لاءِ 15 ربين جي ٽڪيٽ واري بس ۾ آئون ۽ زرينہ ڪراچي پئي وياسين. جُهڙالي موسم ۾ ڪارن ڪڪرن هيڻان، بس سپر هاءِ وي تي ڪراچي ڏانهن ڊوڙندي رهي ۽ آئون ۽ زرينہ اچن پنن تي خبر ناهي ڇا ڇا لکڻ ۾ مشغول هيونسين. اتي ئي مون نظر ڪيو:

آئون بہ اونچي ڳالھ وارو ڪو وڏ آهيان
جنهن جو ڪنڌ ڪپڙ لاءِ ڪهاڙيون تيز ڪبيون آهن،
ننڍن پٽ تي ڪريل ٻوٽن کي جيئدان ملندو آهي،
ڪين صرف ٻوٽن هيڻان لتاڙي مٽان هليو وڃبو آهي.

نظر پورو ڪري زرينہ جي هٿ ۾ ڏنم تہ 15 منٽن اندر هٿ جي تاڙي تي مون کي ڳائي ٻڌايائين ۽ ايتري تہ تعريف ڪيائين جو سفر جو ٿڪ محسوس ئي ڪونہ ٿيو.

آمريڪا روانگي واري رات ايئرپورٽ تي روانگي لاڳونچ ۾ گھڙڻ کان اڳ مون هڪ دفعو وري پنڌتي مڙي نهاريو. اياز لطيف، زبير ۽ سهيل هڪ ٻئي جا هٿ جهليو بيٺا هئا ۽ هڪ ٽڪ مون طرف ڏسي رهيا هئا. منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. زندگيءَ ۾ پهريون پيرو پنهنجا موتيءَ جهڙا ٻچا پنڌيان ڇڏي، هيڏو پري پئي ويس. زرينہ جيڪا منهنجي پيتيءَ ۾ هٿ وجهيو مون سان اڳتي وڌي آئي هئي. منهنجي منهن ۾ نهاريندي سمجهي ويئي، تہ اجهو ئي برڙاٽ ڪري روئان. يڪدم پيتي رکي، منهنجا ٻئي هٿ جهلي ڪڙڪو ڪري چوڻ لڳي:"متان رُني آهين، ٻارن جا هينئانءَ ڦاٽي پوندا." آئون ڳوڙها پي، هٿ لوڏي اندر هلي ويس. جهاز هلڻ شروع ڪيو تہ مون روئڻ شروع ڪيو ۽ استمبول تائين روئندي رهيس. پنڌيان زرينہ ٻارن کي ايترا تہ ٽهڪ ڏياريا ۽ آکاڻيون ٻڌايون،جو کلندا ڪڏندا حيدرآباد گھر پهتا.

منهنجي غير حاضريءَ ۾ زرينہ منهنجي ٻچن سان ملندي رهي. مون کي مسلسل خط لکندي رهي. سياسي احوال ۽ هر هڪ جي باري ۾ معلومات لکندي رهي. پنڌيان سندس پٽ اسلم پرويز جي شادي ٿي، تہ گھوٽ ڪنوار جو هڪ وڏو فوٽو ۽ شاديءَ جو پورو احوال لکي موڪليائين. آئون پاڪستان آيس تہ لڳم تہ 5 سال ٻاهر رهيس ئي ڪونہ. مون کي گاڏيءَ جي ٽيڪس لاءِ پئسن جي ضرورت پئي. زرينہ کان گھريم تہ خالي چيڪ تي صحيح ڪري آڻي هٿ ۾ ڏنائين، چوڻ لڳي بينڪ ۾ 6 هزارن جي قريب پئسا آهن، توهان کي جيترا کپن ڪڍائي وڃو.

وقت سان گڏوگڏ زرينہ جي ۽ منهنجي سوچن گڏوگڏ سفر شروع ڪيو هو ۽ اڳتي وڌندیون آيون هيون. ڪٽي بہ کي اهر ويڇا نہ رهيا هئا، ڪٽي بہ کي خاص اختلاف نہ هئا. لڳو جاڙيون پينرون آهيون جن جون خواهشون بين لاءِ قربانيون، خوشي ۽ غم جا ڪارڻ ڇڻ تہ ساڳيا هئا. جهنگ جي ٻکرين وانگر ڪچيون پاڇيون ڪائڻ، هڪ ٻئي جي دشمن سان مهاڏو اٽڪائڻ، هڪ ٻئي تي ڪُلي تنقيد ڪرڻ ۽ ان کي برداشت

ڪرڻ اسان ٻنهي جون گڏيل خوبيون ۽ خاميون هيون. مون کي ياد ڪونهي ته مون ڪنهن کُٽي يا ٻلي کي تڪليف ۾ ڏسي ان جي مدد کان منهن موڙيو هجي ۽ زرينہ جي ٻہ ساڻئي حالت هئي. گهر وارن جي مخالفت باوجود مون ٻلين جا ڏڻ پاليا ۽ زرينہ ٻہ اوڙي پاڙي جي ٻلين ۽ ڪُتن جي مخلص دوست هئي. جنهن ٻہ هنڌ رهياسين، اوڙي پاڙي جا ڪُتا هميشہ سرگس ڪري مون ۽ زرينہ پٽيان هلڻ لاءِ تيار هوندا هئا. زرينہ هڪ اها سچي ۽ مخلص دوست هئي، جنهن جي پيار کي وقت ۽ حالتون ڪڏهن ٻہ شڪست ڏئي نہ سگهيا، جن سان ٻہ پيار ڪيائين، مخلص رهي، جن کي پسند نہ ڪندي هئي، انهن کي ٻہ پنهنجيءَ "ناپسنديدگيءَ جو پتو لڳڻ نہ ڏنائين ۽ اهڙي نموني سندس هٿان ڪوبہ ماٺو ڇاڻي واڻي ڏڪ جو شڪار نہ ٿيو هوندو.

جڏهن ماٺهن زرينہ کي جيجي ڪري سڏڻ شروع ڪيو، تہ هڪ ڏينهن هڪ ماٺوءَ ڪيس جيجي چوندو ٻڌي مون چيو هيءُ لڳي ٿو تنهنجي پيءُ جي عمر جو آهي ۽ سڏي پيو توکي جيجي ڪري. چوڻ لڳي آپا عمر کي ڇڏيو. هن انسان جي خيالن جي عظمت ڏسو، جو مون جيڏيءَ کي ٻہ جيجي ڪري ٿو سڏي. پلا ان کان وڌيڪ ڪو سنگ سياپو. قومي گيت زرينہ جي اندر جو آواز هئا، جنهن نموني ڳائيندي هئي، سندس آواز ۾ ڏک، سڪ، همت، عزم ۽ ڏوراپا سڀ شامل ٿي ويندا هئا. آئون يقين سان چئي ٿي سگهان تہ شيخ ايياز جي مقبوليت جو هڪ وڏو حصو زرينہ جي آواز ۾ ڳايل گيت ٻہ آهن، جن عام ماٺهن کي شيخ ايياز جي شاعري سمجهڻ جو موقعو ڏنو.

زرينہ ۽ منهنجو ساٿ لڳي ٿو، تہ ازل کان قائم هو. اسين ڪڏهن ڪڏهن گڏجي ويهي دليل ڏيندیون هيونسين تہ آواگان يعني ٻيهر جنم ممڪن آهي، ڇاڪاڻ جو اسين ڪئين ماٺهن سان ملون ٿا تہ يڪدم ان سان پنهنجائپ ٿي محسوس ٿئي ۽ ڪي وري سالن کان اسان سان گڏ آهن تہ ٻہ جهڙا ڏارين جا ڏاريان. مون کي پڪ آهي تہ اڳئين جنم ۾ آئون ۽ زرينہ ضرور ڪنهن پياري ۽ خوبصورت رشتي ۾ ڳنڍيل هئاسين. آئون چوندي هيس، تہ شايد ماءُ ڌيءَ يا پينرن وارو ڳانڍاپو هو، جيڪو هلندو اچي.

منهنجو آمريڪا وڃي رهڻ، اسان ٻنهي جي جسماني دوريءَ جو ڪارڻ تہ ٻٽيو، پر ذهني طرح اسان هڪ ٻئي سان گڏ هئاسين. مون کي هميشہ پنهنجي ڇر جي تاريخ وسري ويندي آهي. پاڪستان ۾ هجان يا آمريڪا ۾، چوٿين مارچ تي ٽيليفون جي گهنٽي ننڊ مان اڌارينديءَ هئي ۽ زرينہ جو منڙو آواز چوندو هو:"تنهنجا لک احسان جو هن دنيا ۾ اچي منهنجي پياري دوست ٿئينءَ. پيدائش مبارڪ هجئي" ۽ آئون ڪِلي چوندي

هيس "شڪر جو تو ياد ڏياريو. چاڪاڻ جو زبير ۽ سهيل صبح جو فون ڪندا ۽ پوءِ 12 بجي تائين يا تہ پاڻ پهچي ويندا يا سندن موڪليل گلن جا پارسل. جڏهن هن سال زرينہ هن دنيا ۾ حيات نہ هئي ۽ زبير کي خبر هئي تہ هُن اهو فرض ادا ڪيو ۽ صبح جو ننڍ مان اٺاري چيائين تہ Mam Happy Birth Day تہ چيومانس: مون سان هاڻ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڪر جو آئون انهن ماڻهن کي ياد ڪري روئان ٿي. جيڪي مون سان فون تي هميشہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا هئا.

2003ع ۾ زرينہ کي SANA پنهنجي سالانہ ڪنونشن ۾ گهرايو. جيڪو New jersey ۾ ٿيو هو. زرينہ لنڊن کان فلاڊيلفيا پهتي ۽ آئون Amtrak ريل ذريعي Pittsburgh کان فلاڊيلفيا پهتيس. زبير جو اسرار هو تہ آئون ۽ زرينہ هڪ ڏينهن فلاڊيلفيا ۾ سندس گهر رهي، پوءِ نيو جرسي وڃون. جيڪو صرف اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي هو. آئون ريل پُليٽ فارم تان مٿي لائونج ۾ آيس، تہ زرينہ سراج صديقيءَ سان گڏ بيٺي هئي. مون کي ڏسي ڊوڙندي آئي، اهڙو تہ پاڪر پاتائين، جو پاسي وارا آمريڪي بہ مُشڪي پيا. هڪ مائي جيڪا اسان ڏانهن مسلسل ڏسي رهي هئي، ان کي چيو: We are meeting after a year (اسين هڪ سال کانپوءِ مليا آهيون) چوڻ لڳي: What a friendship ميوزڪ نائيٽ تي سڀ مايون زرينہ کي اچي لڳيون. ايڏيون تہ فرمائشون هيون، جو مظهر نياز حسين کي وارو ئي نہ پيو ملي. هڪ ادي اٿي مون وٽ آئي، چيائين: "تنهنجي دوست آهي، تنهنجي ڳالهہ مجيندي، منهنجي پٽ جي هٿي شادي ٿيٽي آهي. زرينہ جي لاڏا نہ ڳايا، تہ منهنجي دل کي شاديءَ جو مزو نہ ايندو. پلي شادي ڪٽي ۽ ڪڏهن ٿئي، هينئر ادي زرينہ کي چئہ تہ لاڏا ڳائي. آئون اکيون بند ڪري تصور ڪنديس، تہ راڄ وچ ۾ آهيان ۽ اڳڻ پريو پيو آهي. ۽ مايون لاڏا پيون ڳائين." مون زرينہ کي اٿي وڃي چيو ۽ زرينہ اڌ ڪلاڪ تائين لاڏا ڳائيندي رهي ۽ تاڙيون وڄنديون رهيون.

SANA Convention ختم ٿيو. تہ مون زرينہ کي پٽسبرگ اچي مهينو رهڻ تي راضي ڪيو. زبير بہ خاص زرينہ جي پروگرام ڏسڻ لاءِ نيوجرسي آيو. ان کان اڳ وٽس هڪ ڏينهن رهي چڪا هئاسين ۽ قريبن اڌ رات تائين محفل ڄمايو وينا هئاسين. پراڻا گانا، چرچا، پراڻيون ڳالهيون. هڪ رات هڪ ڏينهن جلد ئي گذري ويو ۽ زبير جو چوڻ هو، تہ زرينہ وٽس هڪ هفتو رهي پئي، پر مون کي پنهنجي "نوڪري" تي پهچڻو هو. هونئن تہ آئون هفتو موڪل وٺي پئي سگهيس، پر منهنجي گروپ جو هڪ Project پيش ٿيڻو هو ۽ مون ان کي Devlop پئي ڪيو ۽ منهنجو هٿ تمام ضروري هو. اسين

11 بجي صبح جو نيوجرسيءَ مان، Amtrak Railway Station تي پهتيوسين. تہ زبير اڳ ۾ ئي اتي بينو هو. مون کي چيائين: امان آنٽي زرينہ کي ريل ڪار جو ڪاڏو ڪونہ وٺندو انهيءَ ڪري رات پنهنجي بريڊ ناهي سينڊوچ ناهي ڪٽي آيو آهيان. رستي تي اهي کائجو. مون چيو بابا تون Call تي آهين. اسپتال ڇڏي ڇو آئين. چيائين اسپتال پڄي ڪونہ ويندي. آنٽي زرينہ پڄيو پئي وڃي، ان سان وقت گذارڻ ضروري آهي. عمر جي وڏي فرق باوجود زرينہ، تہ صرف منهنجي پر منهنجي پڇن جي بہ دوست هئي ۽ خاص ڪري زبير سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪچهريون ڪندي، تہ پاڻ تنگ ٿيندي هئي ۽ تہ وري زبير کو منجهانس ڪَڪ ٿيندو هو.

پيٽسبرگ ۾ زرينہ سان گڏ گذاريل هڪ مهينو منهنجيءَ زندگي جو اهو حصو آهي، جيڪو مون کي گهڻيون خوشيون ۽ حوصلا ڏيندو رهندو. اسين دل کولي گهمياسين. اٽالين مارڪيٽ مان وڃي مڇي ۽ ڪليل پاڇيون وڻندا هٿاسين. مون چيو: "زرينہ اڳئين جنم ۾ پاڻ پڪ جهنگ جون ٻڪريون هيونسين." زرينہ چيو: "تہ آپا پاڻ ٻئي مهاڻيون هيون سين" مون چيو "ڪيئن ٿي چوين؟" چوڻ لڳي هتي بہ ۽ پاڪستان ۾ بہ پاڻ کي مڇي مڇيءَ جي ذات جي خبر پوي ٿي، ڪهڙي مڇي تازي آهي ۽ ڪهڙي پاروٽي آهي، جنهن نموني ۾ پاڻ بيان ڪندا آهيون. ڪا مهاڻي مهاڻي جي ذات بہ بيان نہ ڪري سگهندي. آئون بہ سندس دليلن کان متاثر ٿي چوندي هيس: "شايد تون سچ ٿي چوين."

پيٽسبرگ ۾ منهنجيءَ دوست شاهين اختر جي ماڻ جي ورسي هئي. زرينہ جي آواز ۾ حمد ۽ نعت ٻڌي مائي چري ٿي پئي. زرينہ کي منٽون ڪيائون تہ قرآن شريف جي ختم ڪانپوءِ فاتحہ زرينہ ڏي. زرينہ دعا لاءِ گنج العرش پڙهيو تہ ماين تي ڇڻ وجد طاري ٿي ويو. متان وري منڙي آواز ۾ منا مرسل مديني وارا جي نعت پڙهيائين. ختم ڪانپوءِ ٻن ٽن عورتن تہ ماڳهين اچي هٿ چميس ۽ چيائون تہ اسان کي دعا ڪر. پاسو ونيو چيومانس، هتي ڏاڏي جا امڪان سڀ آهن. تون نعتون پڙهي ماٺهن جي متي تي هٿ ڦيرائج ۽ آئون تعويذ لکي ڏيندياسانءِ. ڪوڙ ڊالر ويهي ڪمائينداسين. تون چري نہ ٿي گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ مهينا هتي رهي پئہ ۽ ڇهہ مهينا وڃي پاڪستان گهمي اچج. هونئن بہ پاڪستان ۾ عامل ۽ پير آمريڪا، لنڊن ۽ آفريڪا ۾ مريدن جو هڪ وڏو تعداد پيدا ڪيو وينا آهن. مڃيائين ڪونہ ۽ مهيني ڪانپوءِ لنڊن هلي ويئي.

منهنجي نندڙي پوٽي Indigo. زرينہ کي ايڏو تہ پائنٽ لڳي جو اچڻ کان اڳ ۾

فون ڪري پڇندي هئي: Is Aunty Zareena Home? .Phipp conservatory ۾ گلن جي نمائش ڏسڻ وياسين تہ Indigo مون کي ۽ پٽس کي ڇڏي زرينہ سان گڏ پئي گهمي. جڏهن زرينہ واپس لندن هلي ويئي تہ Indigo جڏهن بہ ايندي هئي تہ چوندي هئي. Grand ma Aunty Zareena gone مون اسڪول واري زماني ۾ بہ ڏٺو هو تہ زرينہ ٻارن لاءِ ڇڻ تہ هڪ نعمت هئي. اهي ٻار جيڪي ٻين ماسترياڻين هٿان مارون ۽ ٻيون سزائون کائي بہ ڪونہ پڙهي سگهيا، اهي جڏهن زرينہ حوالي ڪندي هيس تہ مهيني ٻن اندر انهن ۾ پڙهائيءَ جو چاهہ پيدا ڪري ڇڏيندي هئي.

هڪ دفعي ڪنهن ماسترياڻي دانهن ڏني تہ آپا اسين ٻارن کي سزا تا ڏيون، تہ زرينہ اسان جي ڪلاس ۾ گهڙيو اچيو ٿي دخل اندازي ڪري. مون زرينہ کي گهرائي چيو تہ هن جي شڪايت ٻڌ، جڏهن انهيءَ ٽيچر غصي ۾ وري پنهنجا اکر ورجائي بند ڪيا تہ زرينہ جو سهڻن ۽ پيارن اکرن ۾ ليڪچر شروع ٿيو. چوڻ لڳي اسين جنهن مهل ٻار کي سزا تا ڏيون تہ هن جي دل ۾ نفرت ۽ ڪاوڙ ٿي پيدا ٿئي، جيڪا هن کي کڏهن بہ سکڻ نہ ڏيندي. توهين ٻارن کي بينچ تي سڄو پيرڊ بيهاري ڇئو ٿيون تہ ڪن پکڙي بيهي رهہ. اهو ظلم آهي، جسماني ۽ ذهني اذيت آهي، اهي سڀ ٻار ٿوري پيار ۽ محبت سان سُڌري تا سگهن، توهين انهن مان ڪ آهيو تہ مون ڏانهن موڪلي ڇڏيو. آئون پاڻهي پڙهائيندیسان. سنڌي فائنل ۽ پي ٽي سي پاس زرينہ اهڙا تہ علمي مفڪرن ۽ ماهرن جهڙا دليل ڏنا جو سڀ دنگ ٿي ويون.

هينئر زرينہ کي گذرئي پورو هڪ سال ٿيو آهي. هينئر آئون پاڪستان آيس تہ ايئرپورٽ تي منهنجي پياري زرينہ منهنجي انتظار ۾ ٻاهر بينل ڪونہ هئي. آئون هينئر انهيءَ مرڪ ۽ پيار کان محروم ٿي چڪي آهيان، جيڪو منهنجي لاڇڻ کان ٻاهر اچڻ تي منهنجو استقبال ڪندو هو. آئون هن دفعي پاڪستان آيس تہ سڌو حيدرآباد هلي آيس. مون کي خبر هئي تہ آئون اختر بلوچ ۽ غلام قادر پليجي جي گهر ويس تہ منهنجون اکيون هر ڪمري ۾ زرينہ کي ڳوليندیون. منهنجا ڪن انهيءَ آواز ٻڌڻ لاءِ ترسندا رهندا جيڪو منهنجي گهر ۾ گهڙڻ شرط اختر بلوچ جي بورچين کي چوندو. "حمزہ ۽ خميسا بابا آپا کي چا تا کارايو؟" ڪير ڪونہ چوندو تہ:"آپا مون ڪمري ۾ فنس جو اسپري ڪرائي ڇڏيو آهي، توهين بي فڪر ٿي سمهي رهو. سڀ ميٽر پچي ويا آهن." پنهنجي گهر ۾ آهيان تہ بہ هر جمعي تي انتظار ٿي ڪريان تہ زرينہ قاسر آباد

کان ڄامشوري تائين ڪار نہ ملي تہ رکشا ۾ چڙهي بہ مون وٽ ايندي ۽ آڇر جي شام تائين اسين ڳالهائڻ، ڳائڻ، ٻلين کي پيار ڪرڻ ۽ مختلف ڪاڏا پچائي کائڻ جي عياشي ڪنداسين. پوءِ گهڙي ڪن ۾ ياد ٿو اچيم تہ منهنجي پوٽيءَ جي پرن جهڙي هلڪي ڦلڪي، سهڻي زرينہ تہ هڪ مهيني جي بيماريءَ جو شڪار ٿي، اسان سڀني کي روئيندو ڇڏي وڃي نُور شاهہ جي قبرستان ۾ سُتي آهي.

جنهن زرينہ کي آئون سالن کان سڃاڻان اُها زرينہ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڪونہ سهي سگهندي هئي. اياز اُداس هوندو هو تہ ڦٽڪي پوندي هئي. سسئي، بختاور، پرهہ، اسد ۽ سرمد وارن سان بہ ڏينهن بہ ڳالهائڻ نہ ٿيندو هوس تہ فڪر ونڊي ويندا هئس ۽ تيستائين فون ڪندي رهندي هئي، جيستائين سيني سان نہ ڳالهائي ونڊي. اختر بلوچ جي طبيعت خراب ٿيندي هئي تہ زرينہ کان سَڻو نہ ٿيندو هو ۽ مون کان هزارين سُتين ڦڪين ۽ دوائن جا ڏس پڇندي هئي. ساحر، سرباز ۽ جوش جهڙن پوٽن ۾ تہ سندس ساهہ هوندو هو. رسول بخش پليجي سان گڏ ڪونہ رهندي هئي، پر سندس باري ۾ سڀ معلومات رکندي ايندي هئي. مجال جو ڪير پليجي خلاف تکو منو ڳالهائي وڃي. زرينہ انهيءَ انسان جو هر دليل بي وزن ڪرڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪرڻ لاءِ تيار هوندي هئي. نُنهَرِن جي هر پچايل ڪاڏي جون هزارين تعريفون ڪرڻ ۾ زرينہ سڀ کان اڳتي وڌيل هئي، پر اڄ آئون ان زرينہ لاءِ هيءُ سڀ ڪجهہ لکي رهي آهيان، جيڪا وقت اسان کان ڪسي ورتي آهي. اسان تي هينئر ڇا بہ وهي واپري، منهنجي اکين ۾ ڪيترا بہ ڳوڙها تري اچن، زرينہ جا پٽ پوٽيون، ڏيءَ ۽ ڏوهٽاڻ ڪيترو بہ زرينہ لاءِ ٻاڏائين جسماني طرح هوءَ اسان کان جدا ٿي چڪي آهي پر باوجود ان جي هن جو روح ضرور اسان جي چوڌاري اڄ بہ گهمندو هوندوءِ اسان کي ڏسندو هوندو. اسين روحن جا عادي انسان ڪونہ آهيون، اسين سڀ ڏکويل آهيون ۽ زباني تسلين سان پرچي نٿا سگهون. اسان سڀني جي زندگين ۾ زرينہ جو وڇوڙو هڪ خال وجهي ويو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ پرچي نہ سگهبو.

●

ٻاڻ واڻ ۾ لاڻ!

- منهنجي زرينہ بلوچ سان ڄاڻ سجاڻ ڪيترن حوالن سان آهي.
هوءَ ڪهاڻيڪار آهي. "جيجي" ڪهاڻيءَ جي ڪري ڪيس هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ سڏائين ياد رکيو ويندو. ان ڪهاڻيءَ جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ان ڪهاڻيءَ کانپوءِ هوءَ زرينہ بلوچ مان "جيجي زرينہ" ٻڌجي وئي.
زرينہ بلوچ، اختر بلوچ ۽ ايار لطيف پليجي جي ماءُ آهي. اهو ٻہ هڪ حوالو آهي. اختر بلوچ ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ جيل ۾ وئي ۽ "قيدياڻيءَ جي ڊائري" جهڙو ڪتاب ڏنائين سنڌي ادب کي. ايار لطيف سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙ جاري رکيو اڄي.
زرينہ بلوچ، رسول بخش پليجي جي گهر واري آهي ۽ پهرئين ڏينهن کان سنڌ جي کسيل حقن جي بحاليءَ جي ويڑهاند ۾ پنهنجي وَرَ سان ٻيلياڻي ٿي پڙ رهي. جلسن ۾، جلوسن ۾ جشنِ روح رهاڻ ۾، لطيف جي ڊِهاڙن، سنڌي سورمن جي شامن ۾- زرينہ ۽ رسول بخش پليجي جي پرپور شرڪت اسان لاءِ سڏائين اتساهہ جو ڪارڻ رهي. حيدربخش جتوئي، گدائي، ايار، تنوير، شمشير، نياز... جي شاعري، رسول بخش پليجي جون تقريرون ۽ زرينہ بلوچ جا سُر- هڪ اعليٰ مقصد ماڻڻ لاءِ ٻاڻ واڻ ۾ لاڻ جيان روشن رهيا. زرينہ بلوچ اها آرٽسٽ هئي، جنهن سڀ کان پهرين قومي گيت ڳايا.
زرينہ بلوچ جي سڃاڻپ جو مکيہ حوالو خود زرينہ بلوچ آهي. هُن جي هڪ حيثيت سُڻي انسان واري آهي. ان ڪري ئي هوءَ هڪ سڻي آرٽسٽ آهي. سُريلي ۽ زبردست پرفارمر. زرينہ بلوچ لوڪ، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعري هڪجهڙي ڪمال سان ڳائي. هن پاڻ گيت ٻہ رچيا ۽ ڏنون ٻہ ناهيون. گيت، بيت، وائي، ڪافي ۽ نظر هن ساڳي سهجتا سان ڳايا. زرينہ بلوچ ڳائڻ ۾ پنهنجو هڪ گروپ ٻہ ناهيو. جنهن ۾ امينہ شاهہ ۽ پليجو سسٽرز شامل آهن. ائين هن پنهنجو فن نئين نسل ۾ منتقل ڪيو.
زرينہ بلوچ ريڊيو ۽ ٽي وي جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پڻ يادگار پرفارمنس ڏنو. مون کي اها خوشي آهي تہ هن منهنجا گيت/ نظر ڳايا ۽ منهنجي لکيل ڊرامن ۾ ڪم ڪيو.

مون کي ياد آهي ته جڏهن ون يونٽي جبري دور ۾. قبل طالب المولیٰ جي 3 سول لائينز واري بنگلي تي سياستدانن، شاگردن ۽ اديبن جو هڪ اهم اجلاس ٿيو هو. ان ڏينهن جي شام جو راڳ رنگ جي محفل ۾ زرينہ بلوچ به گايو هو. اُن تي هڪ هروچ نوجوان اڳي ٻيهو هو ۽ زرينہ بلوچ کي مخاطب ٿي چيو هئائين "هڪ هروچياڻي ٿي ڪري تون ڪيئن ٿي ڳائين؟" تنهن تي زرينہ بلوچ اُن کي چيو هو ته "آءٌ هڪ هروچ سنڌياڻي آهيان. آءٌ ڪنهن شاديءَ مراديءَ ۾ نٽي ڳايان پر سنڌ لاءِ ٿي ڳايان!" ۽ اُن هروچ نوجوان زرينہ کان معافي ورتي هئي ۽ هُن کيس معاف ڪري ڇڏيو هو.

زرينہ بلوچ انيڪ اَمُلهہ ۽ الپ لوڪ گيتن کي، پنهنجي سُرن جو ساهہ ٿوڪي، عدم مان وجود ۾ آندو. اهو هن جو سنڌي سنگيت تي اهڙو ٿورو آهي، جيڪو اسين ساري سپ ڇمار ڳائيندا رهنداسين.

جڏهن روح خلقيا ويا، تڏهن زرينہ بلوچ جي روح به پنهنجن ويڑهيچن سان هڪ وڃن ڪيو هو، جنهن کي هوءَ ساري سپ ڇمار پارينديِ رهي ۽ چون ٿا ته روح ڪڏهن به نٿا مرن. سو زرينہ جو روح به هتي ئي ڪٿي- اسان جي آسپاس آهي ۽ اسان کي به ويڑهيچن سان کيل پنهنجو وڃن ياد ڏياري رهيو آهي!



جيئي سنڌ جيئي سنڌ ± جيجي زرينہ بلوچ ۽ ساٿي سازندا

●

سنڌي لوڪ موسيقيءَ جو شاندار باب

جيجي زرينہ بلوچ صاحبہ سنڌي موسيقيءَ ۽ نج سنڌي گيتن جي جياپي ۽ بقا جو شاندار باب آهي. سنڌي موسيقيءَ ۽ فن جي تاريخ جڏهن بہ لکي ويندي تہ ان ۾ جيجيءَ جو ذڪر ۽ خدمتون نمايان ڏسڻ ۾ ايندیون. پاڻ سان گڏ رهندڙ، اڻندڙ، ويهندڙ ماڻهو اڪيلي اڪيلي ماڻ منوڙيءَ ۾ وڏن وڏن ادارن کان وڏيڪ ڪارنامہ انجام ڏئي ويندا آهن ۽ انهن عاليشان حاصلات تي ڪڏهن هڻ ۽ وڏائي نہ ڪندا آهن. پوءِ اهي ئي ماڻهو پنهنجي قوم، ديس ۽ ديس واسين جي سجاڻپ بڻجي ويندا آهن.

مائرن :- هڙي شفقت رکندڙ هن شخصيت سان منهنجي پهرين ملاقات ڪراچيءَ ۾ ٿي. انتهائي مختصر ملاقات هئي ۽ تمام ٿوري گفتگو ٿي، جيجي زرينہ بلوچ جي ملڻ ۽ ڳالهائڻ واري انداز هڪ لمحي لاءِ بہ اهو محسوس ٿيڻ نہ ڏنو تہ ڪو اسين پهريون پيرو ملي رهيا هجون. ائين لڳو تہ جڻ اها محبت ۽ اهو پيار هميشہ کان آهي. حضرت مخدوم طالب المولیٰ سائين جن کي سندن والد حضرت غلام محمد سائينرح جن چيو هو تہ:" ماڻهن کي پڙهو." جڏهن اهو واقعو حضرت مخدوم طالب المولیٰ سائينرح جن مون کي ٻڌايو هو تہ مون بہ ان کي هدايت سمجهي " ماڻهن کي پڙهڻ" شروع ڪيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هاڻي هڪڙو پيرو ڏسڻ سان ئي معلوم ٿيو وڃي تہ سامهون واري شخص جو "معيار" ڇا آهي.

موسيقي کان علاوہ جيجي زرينہ بلوچ جو سرتاج الشعراءُ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح سان عشق هو ۽ ان کي هوءَ پنهنجو مرشد سڏيندي هئي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح جي مزار تي جنهن عقيدت ۽ احترام سان دعائون پئي گهرياٸين يا جنهن پاڻهہ سان ڪيس محبت ۾ مجو ڏنم، اهو سندس سچي پيار جو ثبوت هو. جيجي جي حياتي ۾ ٻيا بہ گهڻا ئي فڪر ۽ فلسفا آيا هوندا، ڪيئين مشاهدہ ۽ تجربا ٿيا هوندا پر سندس شخصيت ۽ گهر تي جيڏو اثر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيرح سوچ ۽ تهذيب جو آهي، اهو سيني کان مٿي رهيو. مون کي يقين آهي تہ اهي

دعائون جيڪي هن حضرت شاھ عبداللطيف ٻٽائيرھ جي آستاني تي گھريون ھيون، اھي يقينن سڀ جو سڀ پوريون ٿيون ھونديون.

وقت ڪيڏي نہ تيزي سان ٿو گذري! اڄ ھي سڀون لکندي احساس ٿيو تہ جيجي زرينہ بلوچ سان ٿيل پھرين مختصر ملاقات، حقيقت ۾ بہ ڏاڍي "مختصر ملاقات" ثابت ٿي، پر ان جو رنگ ۽ خوشبوءِ اڃا بہ ساڳيو پيو محسوس ٿئي.

شايد اھو جيجي زرينہ بلوچ جي سنجيدگي ۽ زندگي ڏانھن سنجيده ۽ صاف روين جو ڪارڻ ھو يا پنھنجي سڀاجھي سنڌي "ماءُ" وارو عڪس ھو جو ھر ماڻھوءَ کي ڪيس "جيجيءِ سڏيندي ڏٺم. اگرچہ گھڻو وقت تہ ملي نہ سگھيو پر ٿوري ۾ ئي لڳو تہ اھا جيجي جي ذاتي ڪمائي آھي جو ڪيس انھي لقب سان سڏيو ويندو ھو ۽ اڄ بہ انھي نالي سان مشھور آھي.

سنڌي ۽ خاص طرح سان منھنجي لاڙ واري سنڌ کي جيجيءَ پنھنجي گيتن ۾ ڳائي امر ڪري ڇڏيو آھي. لاڙ واري بولي ۽ لھجي، اٽڪي ويھڻيءَ کي ھن اجاگر ڪري ڇڏيو. جيڪو سندس وڏو ٿورو آھي. سنڌ ۾ لاڙ جا ماڻھو وڌيڪ احساسِ محرومي جو شڪار آھن. جيڪو بہ ماڻھو سندن ڳالھ ٿو ڪري تہ ھو سڄي عمر لاءِ سندن قرضي ٿيو وڃن. بيماريءَ جا سيئي ڏينھن آغا خان اسپتال کان وٺي لياقت نيشنل اسپتال تائين جيجي زرينہ بلوچ وڏي بھادريءَ ۽ بي خوفيءَ سان گذاريا. حضرت شاھ عبداللطيف ٻٽائيرھ جي بيت ٻڌائيندي، روزا رکڻ لاءِ ضد ڪندي، سنڌي ڪلام جھونگارينديِ، ڪلندي ڳالھائيندي ھوءَ سنڌ جي ھڻن مان وئي ھلي.

سسئي پليجي جو ٿورائتو آھيان جنھن منھنجي ملاقات جيجي زرينہ بلوچ سان ڪرائي ۽ ملڻ جا موقعا ڏنا.

27-09-2006

●

بي خبر ناهي... جيجي زرينہ بلوچ جي ياد ۾!

"... مرڻ کانپوءِ... حسرتون رهنديون؟" (شيخ ايار)
ڪيئن خبر پوندي؟ حسرتون رهنديون يا نہ رهنديون؟
مرڻ کانپوءِ ئي تہ خبر پئجي سگهندي نہ؟
"بي خبر ناهي تہ مرڻ کانپوءِ
توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون!"

ائين لکيو آهي شيخ ايار ۽ انهن لفظن کي ڳايو آهي زرينہ بلوچ. مگر جنهن انداز سان زرينہ پنهنجي سُرن ۾ ڳاتو آهي، اهڙي ادائگيءَ سان جو ائين ٿو لڳي تہ هوءَ پاڻ اهو سوال پڇي رهي آهي! اظهار ۾ آهي درد ۽ لفظن جي ادائگيءَ ۾ سمايل آهي سوز ۽ سوال!

شاعر، ليکڪ ۽ فنڪار، کنهن بہ ديش ۽ جاتيءَ جو سرمايو ٿيندا آهن ۽ اسين ناز ڪرڻ لڳندا آهيون، ان سرمائي تي. اسان وٽ تمام ٿوريون آگرين تي ڳٽڻ جهڙيون سنڌ ڄايون فنڪارائون آهن. مرد ڳائڻن جي پيٽ ۾. مگر جن ڳايو آهي، يا ڳائي رهيون آهن، انهن جو معيار بهتر کان بهترين آهي. هڪ عابده پروين آهي، جنهن پنهنجي ڪلاسيڪي موسيقي سان سنڌ... ڇا سموري سنسار ۾ نالو ڪيو آهي ۽ سنڌي بولي ۽ سنگيت جو نالو روشن ڪيو آهي ۽ بي آهي جيجي زرينہ بلوچ. هن سنڌي لوڪ گيتن جي پرمپرا کي قائم رکندي پنهنجو الڳ مقام جوڙيو آهي. نہ رڳو هن جي سريلي گائڪي مگر سندس سياڻ جي نِهنائي، نمرتا ۽ نوڙت، سنڌ جي عوام ۾ هن کي لوڪ پريہ بڻايو آهي ۽ هن کي "جيجي" جو درجو عطا ڪيو آهي. زرينہ جي گيتن ۾ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ جي مٽيءَ جو هڪاڻ سنڌ جي آتما جو واس آهي.

منهنجون هُن سان بہ مختصر ملاقاتون ٿيون هيون. پهريون پيرو بمبئيءَ ۾ "سيتا سنڌو يونٰ" ۾ جڏهن هوءَ ڪنهن سنگيت پارٽيءَ سان گڏ آئي هئي ۽ ٻيو پيرو 2001ع ۾

منهنجي سنڌ ياترا دوران غلام قادر پليجو جي قيامگاھ تي سندس/ ڏوھٽيءَ جي شاديءَ جي سنگيت پارٽيءَ تي. ٻنهي هنڌن تي بيحد حليمائي ۽ نھنائي وچان پيش آئي هئي. هن جي وهنوار مان ائين اصل ۾ ڪونہ لڳي رهيو هو تہ هوءَ اهڙي وڏي ڪلاڪار هئي. اهڙا گڻ وڏن ڪلاڪارن ۾ ورلي ملندا آهن.

هند جي ڊرائنگ ۾ ويٺي، جڏهن اسين پنهنجي DVD Plyer ذريعي زرينہ کي ٻڌون ٿا، اسڪرين تي ڏسون ٿا تہ ان آواز جو جادو اسان کي سنڌ جي ڳوناٽي ماحول ۾ پهچائي ٿو ڇڏي. سنڌ جا نظارا اکين آڏو ڦرڻ لڳن ٿا. انهن سنگيت جي لرزش کي محسوس ڪري. اسين سنڌ جي ساروٽين ۾ ٽٻيون ڏيڻ لڳون ٿا ۽ اسان جون اکيون آليون ٿي وڃن ٿيون.

1-ڪري پيو منهنجو ڇلڙو پاڻيءَ ۾.

2- اسين ماڻهو لاڙ جا، دريا جي پچاڙ جا.

3- مور ٿو ٽلي، راڻا!

وغيره وغيره اهڙو آهي زرينہ جي گائڪي جو تاثر!

۽ وري

4- توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.

۽

5- مون کي ساري وائڙا، ڏاڍو ياد ڪندين.

ٻڌي ائين پاسجڻ ٿو لڳي تہ هوءَ پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪري رهي آهي، جڻ تہ هُن کي پروڙ پئجي چُڪي هئي تہ هوءَ اسان کان وڇڙجڻ واري هئي ۽ اسان کي روئاري ٿي ڇڏي ۽ اسين هن کي "ڏاڍو ياد" ڪرڻ ٿا لڳون.

[پونا، هندستان مان نيٽ تي موڪليل]

●

●

اي جيجي تو کي الوداع!

جيجي زرينہ بلوچ عرصي کان زندگي ۾ موت جي جنگ ۾ خوب ويڙهه ڪئي. در حقيقت سازو آواز جي راڻي، نہ صرف سگهڙ سنڌي عورت هئي، پر وڏي قومپرست سنڌياڻي هئي. بذات خود هڪ انجمن هئي. حسن اتفاق اهو جو سندس مجازي خدا جناب رسول بخش پليجو جنهن لاءِ هر خاص و عام چوندو ٿو رهي تہ " سنڌ پليجو آهي ۽ پليجو سنڌ آهي" اهڙي طرح سندس پٽ بہ سنڌ جي نئين ڪيپ جو بي مثال چشمو و چراغ آهي، جنهن جو نالو ئي اياز ۽ لطيف جو سنگم آهي. قوميت، ڪردار، قول ۽ فعل ۾ هڪ بي مثال ڏرتيءَ جي انمول نياڻي جي رخصت صرف هڪ ڪٽنب جو نقصان ڪونهي، پر سڄي قوم جو نقصان آهي.فن جو لٽجڻ آهي. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جون ٽي ڪيپون تہ سندس آواز، پيغام ۽ فن کان آشنا ۽ مستفيض ٿيندیون رهيون آهن. مرحوم جي ڪو بہ جاءِ والاري نہ سگهندو. سندس آواز ۾ اهڙو تہ سوز هو.اهڙو تہ جوش ۽ جذبو هو جو پٽائي بزرگ هجي، سچل، سامي ۽ قلندر شهباز هجي. اياز يا استاد بخاري سندس پيشڪش حاضرين تي هميشہ حاوي ٿي ويندي هئي. مرحوم سڄي زندگي سنڌ جي اهڙي خدمت ڪئي، جنهن کي عبادت چوڻ غلط نہ ٿيندو. اچار بہ سنڌي، لباس بہ سنڌي ۽ اجرڪ اوڍي، جڏهن بہ اسٽيج تي ايندي هئي تہ آغاز کان انجام تائين پن ڊراپ سائلينس هوندو هو ۽ آخر ۾ اڪثر ڪري حاضرين مجلس اٿي بيهي تاڙيون وڄائي کيس داد ڏيندا هئا. سندس ڪيئي پوئلڳ آرٽسٽ پيدا ٿيا آهن. پر وجايل موتي داڻو نہ ڏرتيءَ ڏاڍين کي واپس ملندو نہ رفيق حيات کي نہ وري باصلاحيت اولاد کي سندس رخصتي بعد. سوال ٿو اٿي تہ هاڻي ان امنگ ۽ ان جذبي سان قوم کي ڪير آٽت ڏيندو تہ ساڻ هلندور رهي، لاڻ ٻرندي رهي ۽

ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين
لوڻو مون کي آڻي ڏي
اديون منهنجو ڇلڙو
ڏيگو پير پيران

هٿين گل ميندي،
جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ
جنگ آ جنگ آ تو سان منهنجي جنگ آ
هو جمالو وغيره

سنڌي لوڪ گيتن جي پٽ راڻي، زرينہ وري بي کا بہ پيدا نہ ٿيندي. جنهن جو نصب العين ئي، اهو هو تہ"سنڌ سجاڳ ٿئي ۽ ماروئڙا مانُ ماڻين" مون کي اهي ڏينهن ياد آهن، جڏهن سندس نياڻي اختر بلوچ ون يونٽ جي خلاف، جدوجهد ۾ واحد نوجوان سنڌي نياڻي هئي، جنهن کي جيل اماڻيو ويو هو. جيجي زرينہ جو هن فاني دنيا مان رخصت ٿيڻ هڪ انجمن جو رخصت ٿيڻ آهي، هڪ فنڪاره ۽ هڪ شاعره جو، هڪ سياسي ۽ قومي کارڪن جو، هڪ قومپرست سنڌياڻي جو، هڪ ڊرامي جي عظيم ڪردار جو لاڏاڻو آهي. مرحومہ مون کان عمر ۾ غالبن پنج سال وڏي هئي. سندس استاد بہ شايد ڪيپريڪان هو. خدا نہ ڪلاڻي تہ سندس اصل نالو آمنہ هو ۽ سندس اصل ڳوٺ جو نالو هو. الهداد چنڊ جو ڳوٺ. سندس کهاڻيءَ جو مجموعو" تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" صبح شام لئبريرين جي زينت بنيو ۽ پي ٽي وي تي نور الهدي شاهہ جو مقبول ترين ڊرامو جنگل جيجي زرينہ جي مرهون منت هو. "دنگي منجهہ درياهہ" تہ ميونخ جرمني ۾ انٽرنيشنل فيسٽيول ۾ انعام ڪنيو هو. لاهور هاءِ ڪورٽ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي خلاف فيصلو ڏنو تہ ماڊل اسڪول جي استاد هوندي بہ مرحومہ جلوس جي قيادت ڪئي ۽ پوليس ڏانهن پنهنجون پاتل ڪنڪٽيون اڇلايون هيون. ان وقت جا قومپرست شاگرد رهنما در حقيقت مختلف فنڪشنس ۾ جيجيءَ کي ڪلاشنڪوف سان سلامي ڏيندا هئا. جيجي زرينہ کي 1995ع ۾ "پرائيڊ آف پرفارمنس" جو ايوارڊ ڏنو ويو ۽ 1975ع ۾ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي " بيحد اسرار تي "مور تو ٽلي راڻا" ڳايو هيائين. ڪيس پيا بہ ڪيترا ايوارڊ مليا هئا. لنڊن ۽ آمريڪا، پرڏيهي سنڌين جي دعوت تي بہ وئي هئي. البتہ مون کي سندس ڳايل فيض احمد فيض جو ڪلام " هم ديکين گي" ڏاڍو وٽندو آهي. ان سلسلي ۾ ياد اٿر تہ 1987ع ۾ حاڪر علي خان زرداريءَ جي بيحد اسرار تي جيجي زرينہ بلوچ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي افتتاحي گڏجاڻيءَ ۾ فيض احمد فيض جو ڪلام "هم ديکين گي لازم هي ڪي هم پي ديکين گي" اهڙي جوش ۾ پيش ڪيو جو سڄي پاڪستان کان آيل مندوبين سڀ ڪرسين تان اٿي بيهي پنج منٽ تاڙيون وڄائي ڪيس داد پيش ڪندا رهيا.

عظيم عورت! نہ طمع نہ ڳلا غيبت. بلڪ سنڌ ۽ سنڌ واسي ئي سندس دين، ايمان هئا. سنڌ تہ نهيو، ايشيا ۾ اهڙي قومپرست عورت سگهڙ سنڌياڻي، لاجواب ماءُ، بي

مثال رفيق ۽ قابل استاد وري پيدا نہ ٿيندي. سندس اولاد مان اياز لطيف پليجي ۾ اهي سڀ خاصيتون آهن، سڀ گڻ آهن ۽ سڀ علامتون آهن. جو هو سنڌي قوم جي قيادت ڪري سگهي ٿو. ناچيز نہ صرف جيجي سان مانوس هو پر اياز لطيف پليجي ۽ سندس پيءُ جو بہ وڏو مداح آهي خدا ڪري لاڙ ٻرندي رهي. سنڌ سلامت رهي، ساڻ سلامتيءَ سان هلندو رهي. جدوجهد جاري رهي ۽ ڪشمڪش قائم رهي.

سدوري ۽ سهڻي سنڌ جي سگهڙ ۽ سليڻي فن جي ملڪ، جيجي زرينہ 21 هين رمضان 25 هين آڪٽوبر حضرت علي عليہ السلام جي شهادت جي رات سادي ڏهين بجي سنڌ واسين کان هميشہ هميشہ لاءِ وڇڙجي وئي. ڪيس آخري دم تائين سنڌ ۽ سنڌ واسي ياد هئا ۽ ڪيس يقين هو تہ سنڌ ۽ سنڌ جا قديمي وارث ڪڏهن بہ لاوارث نہ ٿيندا. صرف اتفاق ۽ ذات ڏٺين جي عاقلائہ قيادت جي ضرورت آهي. مرحومہ کي ڪلام تي قدرت هئي. قوميت جو باصلاحيت ڪردار هئي ۽ هر انقلابي تحريڪن جو آواز هئي. سچ چيو اٿن تہ جيئن سنڌ ۽ جيئي سنڌ جو پڙاڏو هڪ ٻئي کان ڏار نہ ٿي سگهندا. تئين سنڌ جا سور ۽ مرحومہ جو آواز هڪ ئي رڏم ۾ وڃندو رهندو، هن فاني دنيا مان هر هڪ کي لڏڻو آهي. هر فرد کي ڪوچ ڪرڻو آهي، پر مرحومہ جهڙا فرد جيڪي انجمن هئا، ان جون علامتون ڪڏهن بہ دفن نہ ٿيندیون، عجيب اتفاق آهي جو مرحومہ جي اسپتال آمد سان نہ صرف سنڌي ٻوليءَ جو مسئلو ڪڙو ٿيو آهي، پر پاڪستان سنگين ترين زلزلي ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. سنڌ جي بدقسمتي آهي، جو املهہ ماڻڪ رخصت ٿيندا پيا وڃن. سنڌ واسي منجهيل آهن تہ سندن مسئلن جي تحريڪن جي قاتلن جي هاڻي ڪهڙي عورت سرواڻي ڪندي. در حقيقت مردن ۾ بہ قحط آهي، پر عورتن ۾ تہ بنهہ پينگ آهي. چاڪاڻ تہ اهڙا انسان ڏگرين سان يا هڪ ڏينهن ۾ تہ نڪري نروار نٿا ٿين، ڪين وڏا ڪشالا ڪيڏا ٿا پون، جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن جيجي جهڙن بيشمار ڪردارن جي ضرورت پوندي، چاڪاڻ تہ سنڌ واسين کي لاڇعداد مسئلا واڇوڙي وانگر وکوڙي ويا آهن، بهرحال نااميدي ڪفر آهي، اميد تہ سپاڻي ڏرتيءَ جا خال پريا ۽ نوجوان نسل مان نوان سلا نسرندا.

If you only had the true conception of what would happen after death, you would have screamed with horror and trembled with and would have readily obeyed the commandments

(S.A)Hazarat Ali

روزانہ عبرت
30-10-2005

●

جيجي زرينہ بلوچ

زرينہ بلوچ، محبت، نوڙت ۽ پنهنجائپ جو پيڪر، جي ها... سندس پنهنجائپ پريو سلوڪ ئي تہ آهي، جنهن باعث هو "جيجي" جهڙي پياري لقب سان نوازي وئي. "جيجي" جو رشتو، جنهن ۾ خلوص بہ آهي تہ رت جي رشتي جهڙي گرمي بہ ۽ ڏک سک وندڻ جي ساجاهہ بہ "امڙ جيجل" ساهہ کان بہ ويجهو رشتو. اهو رشتو ڪيس سرڪار پاران يا ڪنهن اداري پاران ڪو نہ مليو. هوءَ جيجان ئي تہ عوام جي، مزدورن پورهيتن، نوجوانن، نياڻين، امڙين جي جنهن جو سبب سندس محبتون، خلوص ۽ پنهنجائپ وارو رويو آهي ۽ سچائي آهي. ملندي ياڪر پائي، ڳالهائيندي پيار سان، احوال اورينديحجتن سان. سچي ۽ ڪري عورت، جنهن ۾ بناوٽ ۽ منافقي نہ آهي. زرينہ بلوچ سان روبرو ملاقات کان اڳ، تصويري شناسائي هئي، ذڪر جو رشتو هو. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو اسان ڪنهن جو ذڪر نهايت پياري انداز ۾ ٻڌندا آهيون ۽ سو بہ پنهنجن پيارن جي واتان ۽ اهو ذڪر، محبتن سان پرپور اسان جي جيءَ ۾ جڙجي ويندو آهي ۽ اهو ذڪر هيٺ آيل فرد جهڙوڪر اسان جو محبوب ٻڌجي ويندو آهي. ائين ادي زرينہ سان منهنجو تعلق جڙيو هو. وڏي ياءُ غياث جي معرفت، ان وقت خيرپور جي ممتاز ڪاليج ۾ ليڪچرر طور پرتي ٿيو هو. جتي انهن هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي هئي ۽ ميوزڪ پروگرام لاءِ هنن جيجي زرينہ بلوچ کي ڪوٺايو هو ۽ ائين جيجي پنهنجن تصويرن سوڌو اسان جي گهر ۾ عزت ۽ احترام سان داخل ٿي هئي. سندس ذڪر نهايت احترام سان اسان تائين رسيو هو.

ادي زرينہ بلوچ (آءُ هميشہ اديءَ کي ادي ڪوٺيندي آهيان) اديءَ سان روبرو ملاقات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ٿي هئي ۽ مون کيس پنهنجو تعارف پڻ ڪرايو هو ۽ جنهن اڪير ۽ حب سان هوءَ ملي، اڄ سوڌو اهو تسلسل قائم ۽ دائم رهيو. ادي زرينہ محبتن ۾ پنهنجو مٺ پاڻ، مٺان وري ادي خيروءَ جو ساڻ، ٻنهي جي گفتگو ٻڌڻ وٽان هوندي هئي. ادي خيرو پيار وڃان ادي زرينہ کي "پورهيت عورت" ڪوٺيندي هئي. هڪ واري ادي زرينہ چاڪ ڪا نہ هئي. ادي خيرو ۽ مان سندس گهر ويا هئاسين. ادي زرينہ جا هٿ

جهلي، ادي خيرو انهن کي ڏسڻ لڳي، هي ڏس، هي هڻ هڪ پورهيت خاتون جا ته آهن، جيڪا زندگي، جفاڪشيءَ سان گذاري ٿي. محنت ڪري ٿي ۽ محنت جي عظمت ۾ يقين رکي ٿي. خيروءَ سان گڏوگڏ، آپا قمر واحد سندس بهترين دوست رهي. گذريل سال آپا قمر آمريڪا کان آئي هئي ۽ واپس به هلي وئي. وڃڻ کانپوءِ سندس اخبار ۾ انٽرويو چپيو. جنهن ۾ سوال اهو به ڪيو ويو هو ته اوهان جون سرتيون ڪهڙيون آهن؟ جنهن جو جواب ڏنو هئائين، نور الهدي شاهه، زرينه بلوچ ۽ تنوير.

انهيءَ انٽرويو جي شايع ٿيڻ کانپوءِ ادي زرينه سان ملاقات ٿي ۽ پاڻ ڏوراپو ڏيندي چيائين، "قمر ته چوي ٿي منهنجون ڪوڙ سرتيون آهن، پر آءٌ ٿي چوانس ته نه تنهنجي سرتي فقط آءٌ آهيان. تو وٽ اچان، رهان. تنهنجو خيال ڪيان. مون پنهنجي ڪوتاهيءَ جو اعتراف ڪيو ۽ مڃيو ته اسان کي هڪ ٻئي جو خيال ڪرڻ گهرجي، جيڪو الائي چو ڪري نه ٿا سگهون. ادي زرينه سان ريڊيو تي ڪيترائي پروگرام ڪيم. "سگهڑين ست" لاءِ انٽرويو پڻ ڪيم. هڪ پيري ڪانفرنس روم ۾ ڪجهه ماڻهو وينل هئا، پروڊيوسر انور بلوچ هڪ ڊرامو رکارڊ ڪيو هو ۽ انهيءَ ڊرامي ڪانپوءِ ان تي ٽيڪا ٽپڻي هلي رهي هئي ۽ هڪ ماڻهو ڏاڍي هوشياريءَ سان انهيءَ ڊرامي بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري رهيو هو. آءٌ ادي زرينه جي پرسان وينو هيس، سرڀاٽ ڪري اديءَ کان پڇيم، "ادي هي ڪير آهي؟" "ڪو نه ٿي سگهڻينس چا؟" "نه" مون جواب ڏنو. "رسول بخش پليجو آهي." اديءَ جواب ڏنو هو. ۽ رسول بخش پليجو سان پهرين گڏجاڻي ٿي هئي. اديءَ سان جيئن ته ڪيترا پيرا انٽرويو به ڪيم. انهيءَ جا به ڪي ٽڪر ذهن ۾ محفوظ اٿم. "اديءَ جو جنم 29 ڊسمبر 1935ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو هو. وڌيڪ ادي زرينه ٻڌايو هو ته سندس اصلي نالو آمنه هو ۽ "زرينه" سندس ڏيءُ "اختر" جو نالو هو. پاڻ فائنل پاس ڪرڻ کانپوءِ ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ نوڪري ڪئي ۽ دادي ليلا معرفت ريڊيو پاڪستان پهتي، اتي هن لوڪ گيت رکارڊ ڪرايا ۽ "زرينه" جي نالي سان. چاڪاڻ ته ان دور ۾ ريڊيو تي اچڻ، ڪلام ڳائڻ، معيوب سمجهيو ويندو هو. ۽ پوءِ وڌيڪ اديءَ هڪ دلچسپ واقعو ٻڌايو ته:" هڪ وار منهنجو ئي ڳايل ڪلام ريڊيو تي اچي رهيو هو. "ڏند تي موتي محبوب جا، هيرو لعل جواهر." جيڪو هڪ عارفاڻو ڪلام هو. منهنجي والد صاحب کي اهو ڪلام ڏاڍو وٺيو. بي اختيار داد ڏنائين واهه مائي واهه! چا ته ڪلام ڳايو اٿئي، ۽ مان اتي بيني دل ۾ مرڪي رهي هيس ته مائي ته اوهان اڳيان بيني آهي."

●

ادي زرينہ بلوچ کان پوءِ مان اڪيلي ٿي وئي آهيان

هن فاني دنيا مان جڏهن کان ادي زرينہ ماڳ مٽايو آهي. هن جي ويجوڙي سبب منهنجي جيڪا حالت آهي، مان بيان ڪرڻ کان قاصر آهيان. بس ائين محسوس ٿي رهيو آهي، مان بلڪل اڪيلي ٿي وئي آهيان.

هن دنيا ۾ سچو وفادار دوست ملڻ مشڪل آهي، بلڪ منهنجو ذاتي زندگي جو تجربو آهي، تہ بلڪل ناممڪن آهي.

انهيءَ لحاظ کان مان خوش نصيب هيس جو مون کي خيرالنساءِ جعفري ۽ ادي زرينہ جهڙيون مخلص دوست مليون. اگر اهي نہ هجن ها تہ مان هنن کان اڳ مري وڃان ها. پر انهن ٻنهي جي ڏڍ سان هلي رهي هيس، پر هاڻي هن جي ويجوڙي مون کي جهوري ڇڏيو آهي.

خيرالنساءِ جعفري جي لاڏاڻي مون کي تمام گهڻو صدمو ڏنو. گهڻو رلايو. پر ادي زرينہ جو ساٿ حاصل هو. هن مون کي سنيالي ورتو. خيرو ياد ايندي هئي تہ هن جي وجود جي ڪمي محسوس ٿيندي هئي. پر ادي زرينہ جو ساٿ هو. انهيءَ ڪري مون پاڻ کي اڪيلو محسوس نہ ڪيو پر هاڻي جيئن ڪو ٻار ماءُ پيءُ ٻنان يتيم ٿي ويندو آهي، تيئن دوستي جي لحاظ کان مان يتيم ٿي وئي آهيان.

رب پاڪ جو شڪر آهي. هن دنيا ۾ مون کي هر نعمت سان نوازيو آهي، نوڪري، پنهنجو گهر، فرمانبردار اولاد، پر، "اڄ نہ پسان سي جن کي ڏسندي روح ۾ ولولو اچي ويندو هو." جن کي ڏسندي هي دنيا خوبصورت لڳندي هئي. حقيقت ۾ تہ پرخلوص سچو دوست انسان لاءِ رب پاڪ طرفان مليل هڪ نعمت آهي، جنهن جو ڪو سچو دوست ناهي، اهو خدا جي ڏنل نعمت کان محروم انسان آهي، بي سهارو ۽ نڌڻڪو آهي.

هڪ آواره بادل وانگر ڦرندو رهندو. واجوڙي وانگر گهمريون کائيندو وتندو. بي سڪون حيران پريشان رهندو. جڏهن کان ادي زرينہ موڪلايو آهي، منهنجو سڪون ئي موڪلائي

ويو آهي. انهيءَ وڏ وانگر ڪنهن رڍ پٽ تي بيٺي آهيان، جنهن جي اوسي پاسي نڪي ڪو آهي، نڪي ڪو ٻوٽو، بس اڪيلي تن تنها اُس جي تپش ۽ طوفان ۾ ڇڻ ٽيڙ ڪائيندي هجان پر ڪٽان ۽ ڪو هوا جو ڏڙو جهونڪو، نه ڪا روشني جي ڪا جهلڪ نه پيار جي خوشبو ايندي ٿي محسوس ٿئيم.

اڄ ۽ ڪيتريون دوست اٿم. سڀ ڪجهه اٿم، پر انهن ۾ خيروءَ جهڙي سڃائي خلوص ناهي، ادي زرينه واري پيار جي خوشبو، خلوص ۽ وفاداري وارو جذبو ناهي. ادي زرينه منهنجي لاءِ ائين هئي، جيئن اُس ۾ چانوَ. اجايل لاءِ پاڻيءَ جو چشمو. جڏهن ادي زرينه مون سان گڏ هوندي هئي ته ائين محسوس ٿيندو هو ڇڻ سڃي دنيا منهنجي آهي. اعتماد اڃي ويندو هو، زندگيءَ جي رنگينين ۾ دلچسپي وڌي ويندي هئي.

اديءَ سان ڪيتريون گهڙيون گهاريون اٿم. رات ڏينهن ڪيترين ٿيندڙ هيون پر اڄ اهي يادگيريون بس يادگيريون ئي رهجي ويون آهن، جيڪي اٿندي ويهندي مون کي ستائين ٿيون، رلائن ٿيون. ادي زرينه حوصلو ڏيندڙ، منڙيون ڳالهيون ڪندڙ، جيڪي وسارڙ ڇاهيان وساري نٿي سگهان. ان ڳالهه جو فخر اٿم ته ايڏي وڏي فنڪاره منهنجي دوست هئي. هوءَ منهنجي دوست هئي ۽ پنهنجي دوستيءَ جو ناتو آخر دم تائين نڀايو. ادي زرينه کي مون ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. هوءَ وطن پرست هئي، هن ۾ روايتي سڏي رواداري، رکُ رکاءُ، محبت، خلوص ۽ سڃائي هئي. محبت ۽ شفقت جو مجسمو هئي. هن جو هڪ هڪ دم هڪ هڪ پساهه سڏ ڏرتيءَ جي ورهين جي محنت سان پريو پيو هو. ڳالهائڻ ۾ تمام وڏي فنڪاره هئي، ادي زرينه تمام سٺي شاعره به هئي، ڪهاڻيڪاره به هئي. منهنجي شاعريءَ کي تمام گهٽو پسند ڪندي هئي. ڪيترن ئي گيتن جون ڏنون ناهيون اٿس، منهنجي گيت "آيو آهه بهار تون موٽي آ" جي ڏن به هن ناهي، ان مطابق مون اهو گيت پاڻ ڳايو به آهي، ٻيو غزل تمام سهڻي نموني هن ڳايو ۽ مون کي ٻڌايو. منهنجو اهو غزل هو، هر صبح روئي ڏنو هر شام روئي ڏنو، سار تنهنجي ۾ پرين دل بارها روئي ڏنو. ٻيو هن غزل جي ڏن ناهي:

ڏهاڙا انتظار ۾ راتيون بيقراريءَ ۾،
ڦٽائن نند تا منهنجي ستارن کي به سمجهايو.

چيائين ته نذير! ريڊيو تي تنهنجا ٻه غزل ڳائيندیس، پر شايد هن کي اهو موقعو نه مليو. ادب جي ايڊيٽر، منهنجي نالي کارنر شايع ڪيو پئي ته انهيءَ لاءِ اديءَ کي چيم ڪجهه لکي ڏي. چيائين نذير طبيعت ٺيڪ ناهي. ذهن ڪم نٿو ڪري. پر پوءِ اسرار تي لکي

ڏئي وئي. جڏهن اهو ڪارنر ڇڏيو تہ مان ڪراچي نيشنل اسپمخدوم جميل الزمان تڏهن طبيعت نيڪ هيس. هوءوڏي چاهه سان ملي پئيسيني جا تاترات پڙهيا. اها منهنجي باري ۾ لکيل ادي جي آخري لکڻي هئي، جيڪا هن منهنجي لاءِ لکي. اسپتال ۾ هن پنهنجي هوش و حواس سان پڙهي، هوءَ جتي به هجي، مون سان رابطي ۾ رهندي هئي، منهنجي ڏک سور جي ساڻي هئي.

منهنجي پٽ عرفان لنڊن پي ايڇ ڊي ڪرڻ ويو. انهيءَ سلسلي ۾ ادي زرينہ عرفان جي پرپور مدد ڪئي. رابطي لاءِ فون نمبر ڏنا. عرفان لنڊن وڃي سيٽ ٿيو، پوءِ مون کي چيائين تہ منهنجي زال روزينہ ۽ پٽ کي بہ لنڊن اماڻ. جيڇي زرينہ بلوچ جڏهن اچي تہ هن سان گڏ ئي ڪيس موڪلي ڏجان.

مون ادي کي چئي ڇڏيو هو، هُوءَ جڏهن بہ وڃي تہ روزينہ کي ونئي وڃي. تيسين مون روزينہ جي ويزا جي ڪوشش ڪئي، ويزا ملي ويو، پوءِ ادي لنڊن پئي وئي تہ هن مون کي ڪراچيءَ مان فون ڪيو تہ نذير اربع تي پي آءِ اي ۾ فلائيٽ اٿم. مان ۽ سسئي لنڊن وڃون ٿا. اگر روزينہ کي موڪلڻو اٿئي تہ ٽڪيٽ انهيءفلائيٽ جي ونڻ. ڏينهن فقط ٽي يا چار هئا. مون وري پيڇ ڊوڙ شروع ڪئي. ادي جي دعا ۽ سچائيءَ سان ساڳئي فلائيٽ ۾ ٽڪيٽ ملي وئي، انهيءَ ٽڪيٽ ونڻ جي ڪوشش ۾ هن ڪراچي مان بار بار فون ڪري معلومات ورتي ۽ جڏهن ٽڪيٽ ملي وئي تہ ڏاڍي خوش ٿي.

مون چيومانس تہ روزينہ صبح 9 وڳي توهان کي ايئرپورٽ تي ملندي، پوءِ مان روزينہ ۽ پنهنجي پوٽي کي انهيءَ جي حوالي ڪيو ۽ عرفان کي فون ڪري ڇڏيو تہ اڄ جهاز پهچندو. روزينہ سان گڏ ادي زرينہ ۽ سسئي ٻئي گڏ آهن. تون فڪر نہ ڪجانءِ. هيٿرو ايئرپورٽ تي انتظار ڪجانءِ. فون ڪندي هئي، دلداري ڏيندي هئي، ڪم ڪار بابت پڇا ڪندي هئي، ڪو ڪم هجي ڪا ضرورت هجي، هر حالت ۾ خيال ڪندي هئي. ادي۽ سان ڪوڙ ساريون يادگيريون وابستہ اٿم. هوءَ اڪثر لنڊن ويندي هئي، جڏهن ويندي هئي، موڪلائي ويندي هئي، چوندي هئي، نذير زندگيءَ جو ڪو پروسو ناهي، سوچيم تہ نذيم سان ملي وڃان.

لنڊن پهچي فون ڪندي هئي. منهنجو حال احوال پڇندي هئي، گهر جو، خاص طور عربيہ جو. عربيہ سان تمام گهڻي دل هوندي هيس، چوندي هئي منهنجي سسئي جهڙي آهي. هڪ دفعي سرديءَ جا ڏينهن هئا، مون کي لنڊن مان فون ڪري چيائين تہ هي فون ٻاهر اچي ڪيو اٿم. هت سيءُ گهڻو آهي ۽ برف باري بہ آهي. مون وري تڪڙو ڳالهائي

چيومانس، ادي ڇگو مان فون بند ڪري ڇڏيو. ڇوڻ لڳي خير آهي، پر ايڏي تڪڙ اٿئي. تنهنجي خاطر تنهنجي لاءِ پنج پائونڊ جو ڪارڊ ورتو اٿم. فقط توسان ڳالهائڻ لاءِ. ڳالهيون تا ڪيون، جيئن ڪارڊ ختم ٿي وڃي. مون چيومانس: ادي مون کي ڪابه تڪڙ ناهي، مان فقط تنهنجي ڪري تڪڙ پئي ڪئي ته اوهان کي سردي نه لڳي. بهرحال هوءَ لنڊن مان آمريڪا مان. مون سان فون تي دل کولي ڪچهريون ڪندي هئي. لنڊن جي فضائن ۾ ڏينهن رات ۾ هنن مون کي ياد رکيو. جڏهن ايندي هئي ته ڪونه ڪو خوبصورت گفٽ وٺي ايندي هئي. مون کي چوندي هئي: هاڻي وڃان ته نذير مون سان گڏ هل، توکي لنڊن گهمايان. اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت ۽ اتي جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. اڪثر ائين چوندي هئي ته مون سان گڏ هل، ڇاڪاڻ ته نذير توکانسواءِ مون کي مزو نٿو اچي. مان چوندي هئي مانس:پوءِ ڇو ٿي وڃي‌جو مزو نٿو اچئي؟ چوندي هئي ڇا ڪريان؟ وڃڻو پوي ٿو. ڪڏهن سسئيءَ لاءِ، ڪڏهن بختاور لاءِ، ڪڏهن سرمد لاءِ، ڪڏهن پرهه لاءِ. انهن جي رهائش لاءِ هوءَ سفر ڪندي هئي.

جڏهن هاڻي 2006ع ۾، مان پنهنجي پٽ سان ملڻ لنڊن ويس ته سچ پچو، جهاز جي سفر ۾ مان اڪيلي هيس ۽ شدت سان سڃي سفر ۾ ادي زرينه بلوچ جي ڪمي محسوس ڪئي. تمام گهڻو پڇتائيم ته اهو سفر آڻون ادي زرينه سان گڏ ڪريان ها. لنڊن ۾ جت به گهمڻ ويندي هيس ته اهو خيال ايندو هو، ڪاش ادي گڏ هجي ها. هن سان گڏجي گهمان ها، ڪيترن سڏين سان ملان ها.

ڊاڪٽر منور سان فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي. هن وڏي ڇاهه سان چيو ته ادي ڪجهه ڏينهن اسان وٽ اچي رهو پر اتي به نه وڃي سگهيس. هو لنڊن کان پري رهندو آهي، جتي به ويندي هئس ته ائين لڳندو هو ته ادي زرينه ضرور هت آئي هوندي. پورو مهينو رهيس پر ادي کي وساري نه سگهيس، هو پل پل ياد ايندي هئي. آڻون خدمتن هوندي به خوش نه هيس، عجيب قسم جي اداسي طاري هئي مون تي، هڪ محروميءَ جو احساس هو جو وک وک تي مون کي ڏنگيندو رهيو. بس ذهن ۾ اهو خيال ته ادي مون سان گڏ هجي ها. ادي زرينه سان کوڙ سارا سفر گڏ ڪيم، چوٽي آهي ته ڪنهن جي دوستي پرکڻي هجي ته ان سان سفر ڪجي. ادي ۽ مون لاهور جو سفر ڪيو.

اثر تنظيم وارن جو پنج ڏينهن وارو پروگرام هو "اثر" جي چيئرپرسن نگهت سعيد اسان جي ناري سنگت جي ميمبرن کي به دعوت ڏني. انهيءَ پروگرام ۾ رهائش سان گڏ ريل جو ڪرايو به شامل هو.

عربيہ، نسرين، ادي زرينہ بلوچ، اسان جي ميمبر شاھ بيبي پنھنجن ڏيئرن سان گڏ ھئي. اسان سليپر بڪ ڪرايو، پر جيئن سليپر ۾ ويناسين تہ شاھ بيبي جي ڏيئرن کي گرمي محسوس ٿي، انھن ايئرڪنڈيشن جا ٽڪيٽ نھرايا ۽ ادي زرينہ جي بہ ٽڪيٽ ورتي. ادي زرينہ بلوچ اھڙي شخصيت ھئي جو ھر ڪو ھن کان متاثر ھو. پوءِ شاھ بيبي اديءَ وٽ آئي تہ ھلي ايئرڪنڈيشن ۾ ويھو پر جس ھجي ادي زرينہ کي، چيائين جتي نڊير، عربيہ ھوندیون تہ مان بہ گرمي ھجي يا سردي ھنن سان گڏ ھوندیس. مون ڏاڍو سمجھايو تہ ادي توھان وڃي آرام ڪريو. پر ادي چيو تہ توکان سواءِ مون کي آرام بہ نہ ايندو. اھو آھي اصلي جوھر ۽ گڻ جو سون تي سيٽ نٽا متائين. لاھور ۾ منھنجي روم ۾ رھي. نگھت سعيد ادي زرينہ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. بلڪ جڏھن صبح جو الحمرا ھال ۾ پروگرام جو افتتاح ادي زرينہ ھٿان ڪرايو ويو. فوٽو نڪتا. اڄا ڪبوتر پنھنجن ھٿن سان اڏاريائين.

حالانڪ پاڪستان جي چئن صوبن جا ميمبرز آيا ھئا، بلوچستان، سرحد، پنجاب پر ان شام جون خوشيون سنڌ جي حصي ۾ آيون. فقط ادي زرينہ بلوچ جي ڪري. نگھت سعيد چيس تہ "ڪوئي ايسا گيت سنائين جس سي ھر پروگرام کي شروعات ڪرين."

ادي سوچ ۾ پئجي وئي، پوءِ ڪنڌ ۾ مون سانويھي صلاح ڪيائين، ڪھڙو گيت ڳايون، مون چيومانس: چئن صوبن جا ماڻھو گڏ آھن، اھڙو ھجي جو دلين ۾ جوش پيدا ڪري، پوءِ سوچ ويچار کانپوءِ ادي ڏن ناھي ورتي. اھوگيت ھو:

ہم آگئے ہم آگئے امن کا گیت سنانے

سڄ ڀڄ ماڻھن ۾ جوش اڇي ويو. سيني صوبن جي عورتن ۽ مردن گڏجي ڳايو ۽ بيخودي ۾ نچڻ لڳا ۽ جھومندا رھيا. ڪيترائي انگريزي اخبارن جا رپورٽر فوٽو ڪڍندا رھيا. اسان جي ناري سنگت جو گروپ سڀ کان نمايان، سھڻو الڳ تلڳ نظر آيو. ڇاڪاڻ تہ ھتان جيجي ۽ ٻيون ڇوڪريون بہ ھليون ھيون، جن کي‌سنڌي گھاگھارا گج، نٿ، بہ چوٽيون، سنڌي زيور پاتلئا، پيرن ۾ پازيب، سنڌ جي گروپ جي ناري سنگت کي وڏو مانُ ڏنو ويو. فوٽو ڪڍيا ويا ۽ انٽرويوز ورتا ويا.

اڄ بہ اثر جي آفيس جي گيلري ۾ ادي زرينہ بلوچ جو وڏو فوٽو ديوار تي آويزان آھي. فقط ادي زرينہ بلوچ جي شخصيت جي سبب ناري سنگت ھلي. لاھور جي سفر ۾ ادي ھر ھنڌ گڏ، شاپنگ لاءِ گڏاريخي عمارت، داتا دربار، مطلب تہ جتي ڪٽي وياسون. گڏ

رهي‌هوءَ هڪ پل بہ جدا نہ رهي، واپسيءَ جي سفر ۾ گڏ هئي. اهو سفر منهنجي ۽ عربيہ لاءِ يادگار سفر رهيو.

عربيہ اڄ بہ ادي زرينہ بلوچ سان گذاريل گهڙيون ياد ڪندي روئي ڏيندي آهي. مون کان وڌيڪ عربيہ ادي کي ياد ڪندي آهي. جو ادي، عربيہ کي دل جي گهرائين سان هوءَ چاهيندي هئي. هڪ دفعو ڪوئٽا ويئي، اتان عربيہ لاءِ لان جو وڏو بهترين بلو رنگ جو رئو ونڻي آئي، جهڙو گهٽو ڪري بلوچي عورتون ويڑهيندیون آهن. عربيہ کي چيائين، تون نمازپڑهندي آهين، هي رئو پائي، توکي سهڻو لڳندو. تون ان ۾ سڄي ويڑهجي ويندئينءَ.

اڄ عربيہ نماز مهل اهو ئي رئو پائيندي آهي، چوندي آهي، امان جنهن مهل نماز پڑهندي آهيان، جيجي شدت سان ياد اچي ٿي. عربيہ کي شايد رئو ياد ڏيارينداو آهي،پر مونکي ادي هر وقيلد ايندي آهي، مون کي چوندي هئي نماز پڙهان ٿي پر تو وانگر پابنديءَ سان نٿي پڙهان، دعا ڪر ۽ نماز ۾ دعا گهرندي ڪر. هڪ ڀَالهہ مون نوٽ ڪئي تہ هوءَ اڪثر منهنجي منهن کي غور سان ڏسندي هئي. منهنجي گهٽي پڇڻ تي بڌائيندي هئي، تنهنجي چهري تي چمڪ آهي جيڪامان ڏسي سگهان ٿي، ٻين کي شايد نظر نہ اچي. مون چيومانس تہ ساون کے اندھے کو سب ہرا ہرا نظر آتا ہے۽ چمڪ وغيره ڪجهہ ڪانهي، اها فقط تنهنجي دل جي سچائي جي چاهت آهي،جيڪا منهنجي چهري ۾ نظر اچي ٿي. جڏهن کان لاڏاٽو ڪيو اٿس، انهيءَ ڏينهن فجر جي نماز کانپوءِ پابنديءَ سان جيئن پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ فاتحہ پڙهندي آهيان، تيئن ئي ادي زرينہ لاءِ پڙهندي آهيان. ادي لاءِ نماز پڙهي دعا گهرندي آهيان، رب وڏو آهي. هو هُن جهان ۾ مون لاءِ دعاگو آهي. مان هُن فاني جهان ۾ هن لاءِ دعاگو آهيان. اهي فاصلا اهي دوريون اسان کي جدا نٿا ڪري سگهن. ادي جا فقط اسان بہ دوست هئاسين، هڪ مان، پي ڊاڪٽر قمر واحد، ڊاڪٽر قمر واحد سان بہ تمام گهٽو پيار هوس آمريڪا فقط قمر واحد سان ملڻ لاءِ ئي وئي هئي. اتان هن مون کي فون ڪيو تہ قمر چوي ٿي‌تہ نذير، تون بہ زرينہ سان اچين ها تہ ڪيڏو نہ مزو اچي ها. بهرحال قمر واحد جڏهن آمريڪا مان ايندي هئي تہ ادي زرينہ وڃي هن وٽ بہ ٽي ڏينهن گڏ گذاري هئي. مان وري چوندي هئي مانس تہ ڪيترو ٿي‌چوانءِ تہ مون وٽ رات رهہ، ان مهل توکي ايازُ، صنم ۽ ساحر ياد اچن ٿا، ڇامشوري ۾ ياد نٿا اچن. چوندي هئي ڇا ڪريان آپا قمر سان واعدو ڪيو هئم تہ تون سنڌ اڄ مان توسان گڏ اچي رهندیس. ادي قمر واحد کي اڪثر ڪري آپا قمر چوندي هئي، قمر، ادي زرينہ کي

زرينہ چوندي هئي. مون چيومانس توهان آپا قمرڪري سڏيو ٿا، حالانڪ توهان ۾ ته ايڏي دوستي آهي. چوندي هئي آپا منهنجي اسڪول ۾ منهنجي هيڊ مسٽريس هئي، انهيءَ ڪري احترام ۾ ائين چوانس ٿي. هڪ دفعي قمر واحد مون کي فون ڪيو ته نذير اڄ هينئر، ڄامشوري منهنجي، گهر اڄ، زرينہ اڳ ئي مون وٽ رهيل آهي. ايڏي سڪ چاهہ مان دعوت ملي ته مان بس ۾ چڙهي پوءِ رڪشا ۾ ويهي ڄامشوري قمر واحد جي بنگلي تي وڃي پهتس. قمر واحد جي هٿن سان رڌل پلو ءِ چانورن جي ماني گڏجي هڪ ڪٽ تي ويهي کاڌي سين. انهيءَ پلي جو ذائقو اڄ بہ نٿو وسري ءِ ادي زرينہ جو چاهہ سان چوڻ، نذير هيءُ کاءُ، وري هي کاءُ ءِ پاڻهہ سان سندس ائين کارائڻوسري ئي نٿو. بس ڪيتريون ئي اهڙيون گڏجاڻيون، ملاقاتون، رهاڻيون رهجي ويون آهن، ۽ دل ۾، جن کي ياد ڪري ءِ انهن يادن جي سهاري هلي رهي آهيان. ادي زرينہ جو پنهنجي سيني اولاد سان تمام گهڻو پيار هو، پر جيڪو منهنجو اندازو هو ته هوءَ ايازکي گهڻو چاهيندي هئي. انهيءَ جو هر وقت فڪر رهندو هوس. مون وٽ ايندي هئي ته اڇڻ کان اڳ اياز لاءِ فرائي پاڄي ءِ ڪريلا رڌي ايندي هئي. سچ پچو هن فنڪاره جو سڄو سرير پنهنجي ٻچن جي محبت سان پريو پيو هو، ڏينهن رات ٻچن جو فڪر، اڻ تڻ رهندي هئس. سگا خواتين برانچ نهي ته چيومانس توهان صدر جو فارم پرايو، چيائين نہ نذير تون صدر ٿي مان نائب صدر ٿيندیس، چاکاڻ ته مان ڪڏهن لنڊن ته ڪڏهن آمريڪا. تون ڪر ڪر، توسان سهڪار رهندو. اهڙي ريت ناري سنگت ۾ بہ وڏي عهدي تي رهي. ڪر ڪندي هئي، جڏهن ڪا ميٽنگ ٿيندي هئي اسان احترام سان انهيءَ جي صدارت ادي زرينہ کان ڪرائيندا هئاسين. مان صدر هوندي بہ ڪڏهن بہ هن جي موجودگيءَ ۾ صدارت نہ ڪئي. منهنجي ڪتاب "غزل چو نہ ڳچوان" ڇپيو ته هن پيسا ڏئي ورتو. مون انڪار ڪيو. چيائين ته نذير ائين ڪتاب مفت ڏيندينءَ ته تنهنجو ادارو ڪيئن هلندو. مون کي ٻڌائيندي هئي ته نذير تنهنجو ڪتاب ڪٽ جي سيراندي پيو اٿر، جڏهن نظر پوندي اٿر تڏهن چوندي آهيان پلي غزل ڇڻو پلي غزل ڇڻو. الله ڪندو، ته غزل چوندي رهندين. سندس اهي دعائون آهن جو نذير ناز ايان تائين هلي رهي آهي.

●

●

سنڌ جي آتما

هيءَ ڏات ۽ ڏاڻءُ جي ڳالهه نه آهي دوستو!
پيار جي ڪا پوک آهي، روح جو رشتو وڏو،
هن وڏي درگاهه تي،
جنهن پاڻ کي عشق ۾ اربي ڇڏيو،
محبتون ميڙي ويو!
آئون مجان ئي ڪو نه ٿو، ته ڪو پاڻ کان وڇڙي ويو!
هو هتي ئي آهي دوستو!
هن ميڙ ۾ هيو ڪير آهي؟ تون ئي چئو!
هي بربليون ٽارين تي ڇا ٿيون چون؟
هو هتي آئي آهي دوستو!
آئون مجان ئي ڪو نه ٿو ڪو پاڻ کان وڇڙي ويو!
چون ٿا ته جيجي زرينه لاڏاڻو ڪري وئي! ڇا سچ پچ؟ آئون ڪنهن جسم جي خاموشيءَ کي موت ڪو نه سمجهندو آهيان. آئون موت کي تڏهن مجان، جڏهن اسان جي اندر مان ساروڻيون ختم ٿي وڃن يا جڏهن ان آتما جو پورهيو اثر وڃائي ڇڏي. جيجي زرينه جو روح جسم مان ضرور اڏامي ويو آهي پر آئون ايترو ناستڪ ۽ "خيال" جو انڪاري به ڪو نه آهيان جو چوان ته مئدم زرينه بلوچ اڄ اسان جي وچ ۾ ڪو نه آهي. "خيال" ته اڳ ۾ ئي "خيال" جو حصو هوندو آهي. مئدم به پنهنجي روح ۽ جذبن سميت "خلق جي خيال" سان جڙيل هئي. خيال، خالق، خلق ۽ تخليق جدا شيون ته ناهن! ها! ايترو ضرور آهي ته هاڻ هوءِ کو نئون گيت ڳائي نه سگهندي، پر هن جو ڳايل هر هڪ گيت ۽ ڳيچ هر محفل ۾ توڙي اڪيلائيءَ ۾ اسان سان هوندو.
خوشقسمتيءَ سان جيجي زرينه جا ڳايل سڀ گيت محفوظ آهن. اوهان کي به رڪارڊ وڃايو ۽ اکيون پوري ٻڌو! جيجي زرينه اوهان کي پنهنجي اندر ۾ ويهي ڳائيندي نظر ايندي:

"او امان! او امان!... جيڪڏهن آئون ماريو وڃان!"

"اسين ماٺهو لاڙ جا، درياهه جي پاڃاڙ جا... اترڙو تو لڳي!"

"ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل... تڏهن ملنداسين!"

سنڌ جي ماٺهن جون اهي درد پريون آهون ايتري طاقت سان ڪڏهن به ڪو نه ايرن ها جيڪڏهن جيجي زرينه انهن کي روح سان نه آلاپي ها. سنڌ جا سور گهٽن ئي فنڪارن آلاپيا ۽ ڪن ته وار ڪانداري چڏيا پر جيجي زرينه جي آواز ۾ اها دانهن ڏرتي ڏٺين کان واڳ ڏٺين تائين پهتي، بلڪ ستين آسمان تائين ضرور پهتي هوندي، جيڪو آواز ڏرتيءَ کان آسمان تائين گونجي، اهو مري نه ٿو سگهي. جڏهن آواز نه ٿو مري ته پوءِ ان جو روح ڪيئن ٿو مري سگهي! مون کي پڪ آهي هت جيسيتائين هڪ به سنڌي ماٺهو ڏرتي تي موجود آهي جيجي زرينه جا آلاپ روح جهومائيندا ۽ چيرپندا رهندا!

منهنجو جيجي زرينه سان ادب، احترام ۽ سنڌ جو رشتو آهي ۽ ذاتي قربت کان محروم رهيو آهيان. پر هوءَ هميشه قريب ئي محسوس ٿي آهي. آئون اڃان اسڪول ۾ ئي پڙهندو هئس جڏهن ريڊيو حيدرآباد تان زرينه ۽ روبينه واري جوڙيءَ جا گيت ٻڌبا هئا. اهي لوڪ گيت ڳائيندڙ هيون ۽ اسان کي جهومائي چڏيندڙ هيون. اڃتي هلي جيجي جي آواز قومي جدوجهد ۽ انسانن سان درد جي رشتي نيائڻ جي واٽ ورتي. پوءِ، عورتن جا جلسا جلوس ڪڍيائين ۽ ان ريت سنڌ جي قومي سياست ۾ نيون روايتون آندائون. ان سڃي عرصي ۾ اڄ تائين جيجيءَ سان منهنجي فقط هڪ ملاقات ٿي، سا به ان وقت جڏهن هوءَ 15 ڊسمبر 1998ع تي لوڪ گيتن جي رڪارڊنگ لاءِ زيب النساءِ ۽ عذرا شيخ سان گڏ ڪراچيءَ جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ آئي هئي. جيجيءَ ان وقت "اسين ماٺهو لاڙ جا"! ڳايو ته ماحول تي سحر طاري ٿي ويو ۽ اهو اسر پورو ٿيو ته بابا سائين (جمال ابڙو) جيڪو سندس وڏو مداح هو، اٿي بيٺو ۽ ڏاڍي ادب سان فرمائش ڪئي هئي، مئبر! "ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل!" مئبر به بابا سائين جي ڏاڍي عزت ڪندي هئي. ان ڏينهن هن اها وائي ايترو ته روح سان ڳائي هئي، جو بابا سائين ان گيت دوران سڄو وقت هٿ ٻڌي بيٺو رهيو هو. اهي گهڙيون اڄ تائين نه ٿيون وسرن!

سنڌ لاءِ جيجي جو سڀ کان پيارو Contribution لوڪ گيتن تائين محدود نه آهي پر هن نئين سنڌ جي تعمير لاءِ شيخ ايياز جي شاعريءَ کي جنهن ريت آواز ڏنو، اهڙو

ڪمال شايد مئڊم نورجهان، فيض احمد "فيض" جي شاعري ڀائيندي ڪري سگهي هجي! جيجي جو آواز شيخ ايار جي ڪلام سان ائين نهڪي آيو جو ان کان بهتر ڪو ٻيو ٿي نه پيو سگهي. هن ايار جي "ڪلهي پاتم ڪيترو"، "پوئر پري آڪاس"، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" کان وٺي "وڃون وسڻ آيون" ۽ "راڄ گهاٽ تي چنڊ" جو ڪافي چونڊ ڪلام ڳايو.

"ساوڪ رت ۾ سانورا، هيل نه آئين تون!"

"ٻي خبر ناهه پر مرڻ ڪانپوءِ، تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون!"

"پونءِ نه آئي پانءِ، الا مان اڏري ويندو سانءِ"

"ڪيئن ڪريان مان، ڪنهن به ريت، منهنجي من ڪي چين ناهي!"

"سکي پيا ڪي ملين ته ڇڪجان!"

شيخ ايار جي رهيل شاعري ڪي وري اهڙو آواز ڪو نه ملندو، نه ئي سنڌ جي ڏکن سورن ۽ نفيس جذبن کي منڍن سرن ۾ جهونگارينڌڙ اهڙو آواز ٻيهر جنم وٺندو! سنڌ جي ثقافت ڪاتي مئڊم زرينه جي آواز ۾ جيڪي گيت رڪارڊ ڪيا، سي ضرور محفوظ هوندا. هاڻ انهن کي عام ڪرڻ ۽ نهايت چگهي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪيترو نه چگو ٿئي ها جيڪڏهن ثقافت کاتو پاڻ وٽ جمع ڪيل اهي گيت اڳ ئي عوام آڏو پڌرا ڪري چڏي ها. ان سان جيجي ۽ سندس مداح به مطمئن هجن ها! ايجان به وقت نه ويو آهي. ماڻهو ثقافت کاتي تي اڪثر ناراض ڏسبا آهن پر اهو به سچ آهي ته ان کاتي ۾ ڊاڪيومينٽيشن سائيڊ تي ڪافي ڪجهه گڏ ڪيو ويو آهي، ڪاش! اسلام آباد واري "لوڪ ورثي" وانگر سنڌ "لوڪ ورثو" جي نالي سان هڪ مڪمل ادارو پنهنجن لاڏاني ورثي ۽ فنڪارن کي ڪيسٽن، سي ڊيز ۽ دستاويزي فلمن ذريعي گهر گهر پهچائي سگهي! يقينن، ثقافت کاتو ڪنهن واحد ماڻهو تي ٻڌل ڪمپنيءَ کان وڌيڪ بهتر ۽ گهٽي خدمت ڪري سگهي ٿو.

●

●

جيجي!

جيجي، پيرن تي هٿ قبول ڪجوَ.

ٽيون ڏينهن نيٺ اوهان هن جهان کان موڪلايو. ۽ اُها ئي راهه ورتي، جيڪا اسان سڀني جو مقدر آهي. ٽيهتر سالن جي حياتيءَ جو سفر پنهنجي انت کي پهتو ۽ اجهو اوهان جي قبر جي گلابن ۾، خوشبوءِ جي واپسي شروع ٿي آهي، پنهنجي من پسند، محبوب شهر حيدرآباد سان ساٺ اوهان آخر تائين نه ٽوڙيو ۽ ابدي آرام لاءِ به هن ئي شهر جي چونڊ ڪيوَ.اسان جي اها سادي سودي امڙ، جنهن کي اسين سڀ "جيجي" سڏيندا هئاسين ۽ جنهن کي نالو"زرينہ" جو مليل هيو،هن نئين جاءِ تي به يقينن آسودي ئي هوندي. هوءَ جيڪا هر حال ۾ راضي رهڻ ئي پنهنجي حياتيءَ جو مرڪ پائيندي هئي، هتي به ڪا شڪايت ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟ اوهان جو نئون اوڙو پاڙو، اوهان جي اچڻ ساڻ وڌيڪ پرسڪون ٿي ويو هوندو.

۽ اهو ائين ٿئي به ڇو نه؟سڄي حياتيءَ ۾ اوهان جي آواز جي گونج،عام حياتيءَ ۾ ڪڏهن به بڏڻ ۾ نه آئي، ماسواءِ مائڪروفون جي سامهون انهن گهڙين ۾، جڏهن اهو آواز للڪار جو روپ ڌاريندو هيو، عام زندگيءَ ۾ اوهان بيحد نوڙت، پاڇه محبت سان گفتگو ڪندا هئا. پنهنجي نانءَ جو پرم رکڻ ۽ ان نالي جي سليقي کي سامهون رکڻ اوهان لاءِ سدائين اهم رهيو. جنهن ڏينهن کان اوهان امڙ جو روپ ڌاريو، لڳو ٿي ته عورت جا ٻيا سڀ روپ اوهان کان وسري ويا. مٽان وري جڏهن هر ڪو اُچار"جيجيءَ" سان شروع ٿيڻ لڳو ته وارن ۾ چانديءَ جي تارن جي ضرورت ئي نه رهي. قدآور وڻ هڪدم گهاٽو ٿي ويو هيو. اوهان ته بڙ جي ڇانو جيان سڪون ڏيندڙ بڻجي ويا.

ڪجهه پوئتي موٽون تا جيجي.... اٽڪل ٽيهن سالن کان مٿي، پوئتي نهاريون تا، حيدرآباد جي ماڊل اسڪول ۾ اوهان پرائمري سيڪشن ۾ هئا. ستر جو ڏهاڪو هيو، توهان جي شهرتن جو عروج هيو ۽ سنڌي لاڏا،سهرا ۽ لوڪ گيت،زينت آپا،زيب النساءِ،امينہ ۽ اوهان جي آوازن جو ويس ڏڪي،سينہ به سينہ منتقليءَ جا ڏاڪا لتاڙي

رهيا هئا. اسين سيڪنڊري سيڪشن جا شاگرد، جيڪي اڄا ڇهين ڪلاس ۾ مس داخل ٿيا هئاسين، اوهان کي حيرت سان ڏسندا هئاسين،ايڏي مشهور شخصيت ۽ اسان جي اسڪول ۾ ٽيچر! تنهن زماني ۾ ڪو ايجوڪيشن هوندي هئي، ڇوڪرا ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئاسين. سونهن جي ان کاروهنوار ۾، اسان کجھ ڇوڪرن کي توهان سيني کان حسين لڳندا هئا. توهان جو هلڻ، چلڻ، بيهي، گالھ ڏيان سان ٻڌڻ،مسئلو حل ڪرڻ ۽ اڳتي وڌي وڃڻ، اسان کي ڇڻ ته ازبر ياد هوندو هيو"ٻچا..." ڇئي شروع ٿيندڙ جملي جي ٻڌڻ ۾ لطف ئي پنهنجو هوندو هئو.ڏيان جو سفر پختو هجي ته دعويٰ سان ڇئي سگھجي ٿو ته اسان جي سيڪشن جو ڪو به ڪر، اوهان سان لاڳاپيل نه به هوندو هيو، پر ته به، اسين اوهان وٽ ئي ايندا هئاسين.جيڪو سرور ان آواز ۾ "ٻچا..." ٻڌڻ سان ملندو هيو، اهو شايد ڪنهن ٻئي ٽيچر وٽ نه هيو.

۽ پوءِ زندگيءَ مٽاڇرا لتاڙيا ته توهان سان گھرائپ وڌيڪ ٿي. اوڇتو اهو دروازو به ڪلي ويو هيو ته ادا عبدالرحمان مرحوم ۽ ادا خليل مرحوم سان اوهان جي پينرن جيان ويجھڙائپ هئي ۽ توهان گھر ۾ اچڻ وڃڻ شروع ڪيو هيو. خاص طور تي اهر موقعن تي، اوهان جي موجودگي بنھ ضروري سمجھي ويندي هئي. اوهان ڪنهن به سلسلي جي شروع ڪرڻ کان وٺي ان جي توڙ تائين نيائڻ ۾ پنهنجو مٺ پاڻ هئا،جيجي.... اسان تي جڏهن اداسين جا پاڇا گھرا ٿي ويا هئا ته اوهان هر عذر خواهيءَ ۾، حوصلو ڏيڻ ۾، اسان جي همٿ وڌائڻ ۾ سدائين اڳ اڳرا رهيا، گھر جا پاتي، هڪ هڪ ٿي رخصت ٿيندا رهيا ۽ اوهان هر واري پُـنيءَ تي هٿ رکيل نظر آيا، پوءِ پلي توهان ٻاهر ڇو نه ويل هجو، واپسي ٽئي ته به ياد رهندو هيو ته محمود، وٽ ضرور وڃڻو آهي. توهان جي ذاتي ڪردار ۾ به جيجي،عجيب وقار هوندو هيو،محفلن ۾ هزارن جي وچ ۾ اوهان يگانو انداز رکندڙ وجود هئيو، عام ڳالھين وارو ڪو به انداز اوهان ۾ نظر نه ايندو هيو، پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ، هڪ باوقار وجود،محفل ۾ پنهنجي واري جو منتظر هوندو هيو،برادڪاسٽنگ جي حوالي سان اوهان ڏاڍو محتاط هوندا هئا.ياد اڇي ٿو ته جنهن به محفل جي ميزباني منهنجي حوالي هوندي هئي ته توهان اهڙا واحد فنڪار هوندا هئو، جيڪي پڇي وڃندا هئيو ته مون وٽ پرفارمنس لاءِ ڪيترو وقت آهي. ائين ڪڏهن به نه ٿيو ته، توهان پنهنجي پرفارمنس کي اينگھايو هجي يا ڪنهن ٻئي فنڪار جو وقت ڪاڏو،هجي. پنهنجي واري ۽ پنهنجي وقت جو اوهان هميشہ خيال رکيو. جيڪو فني سفر جي اناويهن سالن ۾، مون کي اوهان کان سواءِ ڪنهن ۾

بہ نظر نہ آیو آهي.

صداڪاري ۽ گلوڪاريءَ کان سواءِ، اداڪاريءَ جي ميدان ۾ بہ اوهان ذري پرزي لاءِ پريشان رهندا هئا. مون کي ياد آهي، پنهنجي سيريل" عشق آتش" لاءِ ڪردار نگاريءَ جي هر رخ لاءِ، مون کي الاءِ ڪيترائي ڪلاڪ اوهان کي بريف ڪرڻو پيو هيو. اوهان عجيب عجيب سوال پڇيا هئا ۽ جيستائين مطمئن نہ ٿيا هئيو. ايستائين ها نہ ڪئي هيو. اها بي ڳالهہ آهي جو اوڇتو لندن وڃڻ جي ڪري، اهو ڪردار عظميٰ گيلانيءَ کان ڪرايو ويو. پر اوهان جو هوم ورڪ، سوچ ۽ فڪر، ڇڻ ان ڪردار کي اوهان لاءِ ئي رکيو هيو. ڪالهوڪا نوجوان " سُپراسٽار" جيڪو ڪم اڌ ڪلاڪ ۾ ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ اوهان الائي ڪيترا مهينا سوچ ڪئي هئي.

اوهان جو ملڻ ڪيترو نہ سنو هوندو هيو. جيجي... اها وسيع مرڪ، اهو نرم ڇهاءُ، اهو مامتا پريل لهجو..سچي ٿو چوان، اياز تہ نالي ۾ اوهان جو پٽ آهي، اسان کي نہ ٿو لڳي تہ اوهان هن سان ڳالهائڻ ۾، يا اسان سان ڳالهائڻ ۾ڪڏهن بہ ڪو بہ فرق رکيو هجي، سڀني ٻچن سان محبت جو اهو سلوڪ اوهان کي الاءِ ڪهڙي جاءِ تي ويهاري ويو آهي.

اوهان کان جيترا پيرا بہ انٽرويو ڪيم، ڪو نہ ڪو نئون رخ ضرور هٿ آيو. انسانيت، محبت، جفاڪشي، محنت ۽ مستقل اعتبار اوهان جي حياتيءَ جا اصول هيا، جن تي اوهان ڪڏهن بہ ڪو بہ ڪمپرومائيز ڪو نہ ڪيو، ائين بہ ٿيو تہ ڪيترن موقعن تي لڙڪ اسان ٻنهي جي اکين مان بي اختيار نڪري آيا هوندا، پر تڏهن بہ اهو فخر ئي رهيو تہ ڪا بہ ويساهہ گهاتي، ڪو ڏوڪو، دولاب، ڇاڪاڻ واڻي ڪنهن جي بہ نصيب ۾ اوهان جي ڪري ڪو نہ آيو هوندو.

اڄ، موڪلائڻ جي هن سمئي ۾ امڙ، رڳو ائين ناهي تہ، ماڻهو ڪو خوبين ئي خوبين جو مجموعو آهي، پر ڳالهہ اها اهي تہ جنهن جو نالو ئي جيجل هجي، ان ۾ ڪهڙو نقص نظر اچي سگهي ٿو. جنهن جي پيار کي ايتري طاقت هجي جو حياتيءَ جا زخم پري ڇڏي، جنهن جو پاڇو سراپا شفقت هجي ۽ نگاهہ مهر، ان ۾ ڇا غلط نظر ايندو! هڪ ماءُ، ليکڪا، شاعره، فنڪاره، سماجي ڪارڪن ۽ سرواڻ. زندگي ۾ يقينن ڪنهن موڙ تي ڪي غلطيون بہ ڪيون هونديون، پر جي دل تي هٿ رکي ڏسجي، تہ ڪنهن کي پنهنجي ماءُ، پياري نہ هوندي آهي. اسان جي ٻاجهہ پريل جيجي بہ اسان لاءِ ائين ئي هئي ۽ آهي. 1426 هجري، جي رمضان جي ايڪيهين ڏينهن اسان جيجيءَ کي سڏ جي سر

زمين جي حوالي کيو آهي، خوشبوءِ، خوشبوءِ کي پاکر پاتو آهي. محبتن جي وڻ جا ڏار ڪجهه دير لاءِ چوڙيون پجائي ويندا آهن، پر يقين آهي ته ڪٽي به ڪڏهن به جڏهن ان آواز جي صدا گونجندي ته انهن ڏاردن ۾ اُهي گئونچ موٽي ايندا.

اوهان کي هڪ نئين سفر شروع ڪرڻ تي هي نالائق،شاگرد،اوهان جا "بچا"، سلام عقيدت پيش ڪن ٿا جيجي..! ۽ يقين ڇاڻو، هاڻي شايد پنهنجي حياتين جي آخري گهڙين تائين، کين ڪنهن کي به جيجي چوڻ جو اُهو" ساءُ" نصيب نه ٿيندو، جيڪو توهان کي سڏڻ سان ملندو هيو. مولاءِ ڪُل جل شانه، اوهان جي مرقد کي آسودو رکي. آمين.

روزانه ڪاوش

27-10-2005

●



جيجي زرينه بلوچ، ڊاڪٽر قمر واحد، مظهر حسين(فنڪار) ۽ هڪ دوست

●

جيجي زرينہ جو فليش بيڪ

ڄامشورو ڦاٽڪ تي جتي مان رهان ٿو. اهو ماڳ ائين آهي. جيئن حيدرآباد مارڪيٽ کان هلجي ۽ سڄي شاهي بازار لتاڙي پڪي قلعي جي مين گيٽ تي پهچي. بلڪل اهڙي طرح ڄامشورو ڦاٽڪ ويجهو مين بازار کان هلي سڄي بازار اڪري اسٽيشن ويجهو منهنجو گهر آهي (جيڪو منهنجي ناهي) اتي سڌ سماءُ ۽ ميڊيا جون ڪي بہ سهولتون ميسر ناهن. نہ ريڊيو نہ ٽي وي نہ اخبار. دنيا جهان ۾ ڇاڻو وهي واپري. ڪير ڪٽي آهي. ڪير بيمار آهي. زلزلو آيو! ڪا شادي ڪا غمي (خدا خير ڪري) ڪا خبر نہ آهي. دنيا جهان کان ڪٽجي رهڻ سبب اوجتو ڪا خبر پريشان ڪري ڇڏيندي آهي. جيجي زرينہ جي بيماري وارين خبرن بہ ڏوڏي ڇڏيو هو. ان جيجل سان گهاريل ساروٽيون، پيار پاڻهه ۽ لک ٿورا مون کي ور ور ڪري ياد اچڻ لڳا آهن. ان باهمت خاتون حياتيءَ ۾ جيڪي ڏک ڏٺا سي تہ لکيل ڪتاب آهن. سندس ڏک شاهہ سائين جي هنن بن سٽن ۾ سمايل آهن.

ڏک، سکن جي سونهن
گهوريان سک ڏکن ري

جن ڏينهن ۾ مون ريڊيو حيدرآباد تي لکڻ شروع ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ جيجي جي ويجهو رهڻ جو موقعو مليو. پريشان ڏسندي هئي تہ آڻت ڏيندي هئي. چوندي هئي: "بابا ڏکن کي پوڳجي نہ پر انهن مان مزو ونجي، اندر پروڻ هجي پر منهن تي مرڪ هجي. ڪنهن کي انت ئي نہ ڏجي. دنيا ۾ هلڻ ڏاڍو ڏکيرو آهي". اياز لطيف نديڙو هوندو هو. جيجي جي آگر پڪڙي ريڊيو تي ايندو هو. اوجتو ڪيس سڌ ڪندي هئي تہ مان جواب ۾: جي امان!!... چوندو هئس تہ مخصوص انداز ۾ ٽهڪ ڏئي ڪلي خوش ٿي مون کي ڳرانڙي پائي پيار ۽ پاڻهه مان چوندي هئي...." تون بہ منهنجو ڀچو آهين. هاڻي جي منهنجي پيٽ مان جنم نہ ورتئي تہ ان ۾ پنهنجو ڪهڙو ڏوهہ آ..." علي بابا جي ڊرامي "رج ۽ پاڻي" دوران معدي ۽ السر سبب اوجتو مون کي رت جون الٽيون ٿي ڪيون. جيجي

ريڪارڊنگ ڇڏي منهنجي پرگهور ۾ لڳي وئي. انور بلوچ (مرحوم) ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪري سرائڪي ۾ چوڻ لڳو ٽيپ رولنگ آهي. ٽائيم ناهي مون کي ايڊيٽنگ ۾ ڪرڻي آهي. الياس رضا ڀچي ويندو پوءِ سائونڊ افيڪٽ وري ملائڻ اچي ڏيندا چا؟ چڏينس ڪري.تڏهن جيجيءَ چيس: "بابا! ڊراما پيا ٿيندا... پرچي ويندو تنهنجو ڊرامو. منهنجو ڀچو رت ٿو اوگاڇي. تو کي ڊرامي جي لڳي پئي آهي. پهريائين هن جو بندوبست ڪر پوءِ ريڪارڊنگ ٿيندي..." گاڏي جو بندوبست ڪري مون کي هاسپيٽل موڪليو ويو.

"پڙاڏو سوئي سڏ" ڊرامي جي ريڪارڊنگ دوران ذوالفقار سيال (هاڻي ڪراچي ۾ ڊاڪٽر) ريڊيو تي آيو. مون کي چيائين: جيجي کان انٽرويو ونڻو آهي. گڏجي هلي ٽائيم ونڻونس... وڪڻي دوران جيجي چيو" اڙي بابا! فقيرن جا ڪهڙا انٽرويو... سڄي عمر ڏٺها ڪاڌا. ڪهڙا ويهي ڦٽ اوريون. ڳالهين دوران خبر پئي ته زرينہ سندس ڏيءَ جو نالو آهي. نالو مٽائي ريڊيو تي آئي. بلوچ فيملي هٿ ناتي ان سالن جي عمر ۾ ڪيس گهر ويهاريو ويو. پائر پڙهندا هئا. پر سندس پڙهائي تي پابندي هئي. ان دوران پراڻا قصا. گل بڪاولي. ممتاز دمساز. جنن ۽ پرين ۽ ديون جون آڪاٽيون پڙهندي هئي. شاهه سائين جو رسالو به انهن ڏينهن ۾ پڙهيائين. ڪنهن طرح سندس پڙهائي جو گس نڪري آيو. آواز سٺو هوس. ته ماسترياڻيءَ ڪيس صبح جي اسيمبلي ۾ دعا ڳائڻ لاءِ منتخب ڪيو.

1955ع ۾ ريڊيو حيدرآباد جي نشريات شروع ٿي. سندس گهڻ گهرن ريڊيو تي ڳائڻ جي صلاح ڏني. پر گهريلو پابنديون اجان تائين حاوي هيون. پر پوءِ پنهنجو اصلي نالو مٽائي زرينہ رکيائين. ان آڊيشن ۾ چار پنج سئو اميدوارن ٽيسٽ ڏني. پر زرينہ چا ڪاڻ ته هڪ گهريلو چوڪري هئي ۽ همت ڪري ريڊيو تي آئي هئي.ان ڪري ڪامياب اميدوارن مان هڪ نالو زرينہ بلوچ جو به هو. اهڙي طرح ريڊيو تي باقاعدي ڳائڻ شروع ڪيائين. گهريلو ماحول سخت هٿ سبب باقاعدي ڳائڻ جي سڪيا نہ وڻي سگهي. البت ريڊيو تي اچڻ کانپوءِ استاد محمد جمن کان ڳچ رهنمائي حاصل ڪيائين.

ريڊيو تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح. شيخ اياز ۽ ٻين شاعرن کي پنهنجي مخصوص لئي تال ۾ ڳايائين. ريڊيو ۽ تي وي جا ڪيترائي اهڙا پروگرام آهن. جيڪي سندس نالي ۽ حوالي سان اڄ به سندس سجاٽ آهن.

منهنجي ادي آمنہ بلوچ

ادي آمنہ بلوچ هڪ مذهبي گهراڻي ۾ جنم ورتو. سندس والد مذهبي ماڻهو هو. ادي ننڍي عمر ۾ ريتن جي ور چڙهي وئي، پر هو محنتي جدوجهد ڪندڙ حوصلي واري ناري هئي. هُن وقت جي قهري ڪوٽن کي ڌاهي، تنگين جي آڙاهه کي پاڻ لاءِ هٿ ڪرڻ سمجهي نہ پاتو. هن جي اندر جي عورت سجاڳ ۽ مضبوط عزم ۽ حوصلي واري هئي. هن محنت ۽ همت سان وقت ۽ سماج جي سرڪش ديو سان مقابلو ڪيو. هن هر اهو ڪم ڪيو جيڪو هن نازڪ ناري جي لاءِ امتحان هو. پر هن رڪ جي جڙيل راڻي اهو ڏونگر ڪيئن لتاڙيو ۽ هن کي خبر هئي تہ انهن سيني کان انمول شيءَ جيڪا هن پاڻ اونداهيءَ مان پار اڪاريندي... اهو آهي علم.

ادي آمنہ بلوچ هر مشڪلات ۽ رڪاوٽ هوندي بہ علم جو ڏيو باريو ۽ پڙهي بہ تہ ڪڙهي بہ. علم جي لاٽ من ۾ باري سماج جي بڏل ديوارن کي ٽوڙي پنهنجي عزم سان معلم بڻجي علم سان ٽريننگ ڪاليج ۾ تدريسي عمل شروع ڪيو. سندس اندر ۾ هڪ فنڪاره گلوڪار جنم ورتو ۽ اندر جي سورن سرن جو سهار و ونڊ ٻوليءَ جي ٻولن ۾. ڌرتي ماءُ کي پيٽا ڏيڻ جو سلسلو ريڊيو پاڪستان کان شروع ڪيو.

شروعات ۾ 1962ع ۾ جڏهن هو ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهائيندي هئي. تڏهن آئون ٽريننگ ڪندي هيس. اتي منهنجي ادي سان روح رهاڻ ٿي. هن جي چپن تي هڪ مخصوص مرڪ هوندي هئي. جڏهن رسيس ۾ پنهنجي سکين سان ميز وڃائي گيت جهونگاريندي هئي. تڏهن اسين بہ اتي بيهي ٻڌندا هئاسين. جڏهن ملاقاتون وڌيون. تڏهن ڪيس زور پريندا هئاسين تہ ڪي لوڪ گيت اسان کي ٻڌائي. پاڻ ڪڏهن انڪار نہ ڪيو ۽ ادي جي اهڙي خلوص پيار ۽ نماڻائي جو ڪو مثال نہ آهي. مون هن کي غمگين نہ ڏٺو. نراسائي کي ڪڏهن پاڻ تي غالب نہ ٿيڻ ڏنائين. اندر ۾ متل اڌمن کي خبر نہ آهي ڪيئن سميٽي ڇڏيندي هئي. جو هن جي مُک تي ان جو اولڙو بہ نہ

پوندو هو. همیشہ کلندي رهندي هئي.

1963ع ۾ ادي ۽ آئون، غلام علي نانا اسڪول ۾ گڏ ٽيچر رهياسين، ان ڪري گڏ گهارڻ جو وقت وڌيڪ مليو. ڪلاس گڏ هوندا هئا، گڏ ويهڻ اٺڻ ۽ ڪچهريون هوندیون هیون، اسان جي روح رهاڻ اسڪول کان گهر تائين هوندي هئي. جيڪو به ٻڌائيندي هئي، اهو سڀ سچ هوندو هو. هن کڏهن به ڪا ڪمزوري يا پنهنجي ڪوتاهي بدلائي نہ ٻڌائي هئي، هو دلير، باضمير هئي، هر ڳالهه دو ٽوڪ چئي ڇڏيندي هئي ۽ حقيقت سندس چهري مان عيان هوندي هئي، تلخ ۽ شيرين حقيقتون جڏ هن جي هانوَ جا گهاڻ هوندا هئا، جن کي ٻڌائيندي ڪو قير قارنہ ڪندي هئي.

ادي آمنہ بلوچ اڏول، دلير، محنتي، جفا ڪش عورت هئي. هو کڏهن به ڪنهن ڳالهه کي يا پيڙا کي لڪائڻ يا ٻڌائڻ ۾ آر نہ محسوس ڪندي هئي. تنگي، مفلسيءَ سان وڙي جنگ جوٽي، وڙي فخر سان چوندي هئي، مون پنهنجي لاءِ، ٻارن لاءِ ڪٽون واٽيون، ڪپڙا سبيا، هٿ جو هر هنر ڪيو. جڏهن اهڙن پيڙائن کي سليندي منهنجي نگاهه سندس چهري تي پوندي هئي تہ هو لالي۽ ۾ سميٽيل مرڪ سان ڳاٽ اوجو ڪري چوندي هئي تہ، مون کي فخر آهي. مون سماج جي نهوڙيل عورت جيان نہ گهاريو پر ماکوڙي جيان محنت ڪري اونداهيءَ ۾ علم ۽ ڏات جي ڏاڻءَ سان ڏاڍ جي ڏونگر کي ڌاهيو آهي.

ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊنگ ڪرائڻ لاءِ شام جو ويندي هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ آئون به ريڊيو تي گيتن پريون ڪهاڻيون ۽ "غنائيہ" عورتن لاءِ ڊرامہ، ٻارن لاءِ ڊرامہ فيچر لکندي هيس. ادي ريڊيو جو به اکين ڏٺو احوال ۽ مزيدار ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. ادي جا ان وقت ۾ پار هئا. هن جي جيون جا جواهر، اسلم پرويز ۽ اختر بلوچ(زينہ) جن مان اختر سان تہ اڪثر ملاقات ٿيندي هئي. وڏين اکين واري مانيٽي سلڇٽي، اختر ۾ ادي جو ساهہ هو ۽ ادي جو عڪس به ڇُلندو نظر ايندو هو. اهي ٻئي پار ادي جي هن قافلي جا ساٿي هئا، جيڪو ريگستان ۾ بنا ڪنهن سواري ۽ همراهي جي منزل ڏانهن راهي هو. ادي جو ٻيو پيار، پٽ ڏٽي ۽ پنهنجي سنڌي ڏرتي هئي. لطيف سائين سان پيار جو اظهار ئي ڏرتيءَ ماءُ سان پيار آهي. ادي آمنہ بلوچ به هن ڏرتي جي سورمي هئي. هڪ عظيم ماءُ، ڏيءَ، زال، محب وطن ڏرتي جي ڏياڻي، گيتن جي راڻي، فنڪاره، اداکاره، صداکاره، خالق، اڄ به سنڌ جي ثقافت رنگين آهي، ۽ هن ڏرتيءَ

جي ڏيءَ ۾ بہ اهي‌سڀ رنگ سمايل هئا. من موهڻي صورت، ديل جيان ٽلندڙ، خالق جي اهڙي تصوير، جنهن جو هر رنگ پياروهو، ڇڻ هر شيءَ اضافي مليل هيس. سادگي جو پيڪر، سوسيءَ جي سلوار پاتل اجرڪ ڍڪيل، جهڙي مارئي. سادگي ۽ نهٺائي ڏسجي تہ سراپا نوري، ڏکن جي ڏونگرن ۾ ڏورينديِ جهڙي سسئي، ۽ ادي مون کي هر سراپي ۾ سونهن جي راڻي لڳندي هئي.

جنهن جي آواز جا پڙلاءَ هن وادي‌ءَ جي هر سماعت ۾ اڄ بہ سمايل هئا. جڏهن مندن ايندي انب ٻور جهلينداِ، تڏهن ڪويل جيان تنهنجي آواز ۾ اهو ئي نياپو ڏيندا. تہ

ڦٽڻ لڳي آ ميندي منڙا، نمن جهليو آ ٻور

ڪيسين رهندين دور

ناريون چوڙي واريون ٻانهون ايبون ڪنديون تہ انهن جي ئي ڇڻ ڇڻ ۾ تنهنجا ئي آلاپ هوندا. "منهنجون چوڙيون، ڇڻ ڇڻ چمڪن ٿيون" يا بهار جي مند ۾ ٽارين تي ٽڙيل گلن وٽ اهو آواز هوندو.

ٽڙي پوندا ٽارئين،

جڏهن ٻاڙها گل،

تڏهن ملنداسين.

تڏهن سنڌ جي جوڌن جوانن، هن ڌرتي جي ڌڻين کي رهبري جذبي ۽ ولولي جي جوت جو فضا مان تنهنجي ئي آواز ذريعي ملندي. منهنجي ادي آمنہ! واقعي تو کي هي سڀ جيجي، يعني امڙ چون ٿا. تون امر ٿي وئينءَ آهين، واقعي قوم جو املهہ سرمايو آهين. جيڪو اسان ڌرتي ماءُ کي ارپيو آهي.

اي ڌرتي امڙ! منهنجي نازڪ ۽ ڏکويل ادي جي پارت اٽئي! اسان هن قوم جي ماءُ کي تنهجي هنج ۾ آرامي ٽيڻ لاءِ ڏنو آهي. ڇو جو هيءَ هڪ ستل قوم جي جاڳيل ڏيءَ آهي. ماءُ، اسين واجهائيندا سين. تہ تون وري اهڙي ٻي عظيم هستي ڪڏهن ٿي هن قوم کي ارپين. بيشڪ تون جيجي زرينہ بلوچ هئينءَ ۽ آهين. ادي تون امر ٿي وئينءَ.

روزاني "عبرت"حيدرآباد:

13-11-2005

●

اڏ ۾ رهجي ويل ڪچهري!

جنهن ڏينهن، پُٽي صاحب کي قاسي جي سزا ملڻ جو اعلان ٿيو هو، تہ پل کن ۾ اها خبر ڄڻ تہ طوفان جيان ڇانئجي وئي هئي. عام ماڻهو ۾ روڊن رستن تي نڪري آيا هئا. ان زماني ۾ مان حيدرآباد ۾ زبيده ڪاليج ۾ پڙهندي هئس. ڇوڪريون روئندي روئندي ڪلاسن مان نڪري آيون هيون. مون کي ڪا ۾ ڄاڻ نہ هئي تہ اهڙن موقعن تي ڇا ڪبو آهي. ڪتاب ڪلاس ۾ ئي رهجي ويا. سفيد يونيفارم پاتل اٺ آنا مُنڌ ۾ پکوڙي ڇوڪيدار کان نظر بچائي مان اڪيلي در جي وٽي۽ مان نڪري روڊ تي آيس. سامهون ڇوڪ تي مون کي هڪ جلوس نظر آيو، جنهن ۾مرد ۽ عورتون شامل هئا. نوجوانن جن ۾ڇوڪرين جو تعداد وڌيڪ هو. مان ۾ وڃي ان مجموعي سان گڏيس. جيڏانهن هلڻ لڳا. مان ۾ هلڻ لڳيس. مجموعي ۾ اچي برقعي ۾ويڙهيل هڪ عورت، جنهن جا پير ئي فقط ظاهر هئا جن ۾ اڏوراٽي ڪاتل جتي پاتل هئي. سا سيني کي هدايتون ڏئي رهي هئي. جيترا ماڻهو جلوس ۾ هئا، ان کان وڌيڪ پوليس جون گاڏيون هيون. سپاهين جي هٿن ۾ لٺيون هيون. ۽ مان بي خياليءَ ۾ پوليس جي گاڏيءَ ڏانهن ئي وڌڻ لڳيس تہ ان برقعي واري مائيءَ جو هٿ منهنجي ڏوري ۾ مضبوطيءَ سان پيو ۽ هن مون کي پوئتي گهليو. پوليس سيني کي پکڙي گاڏي ۾ وجهندي پئي وئي، هوءَ مون کي ۽ ڪجهہ ٻين ڇوڪرين کي پکڙي هڪ گهٽيءَ ڏانهن مڙي تہ ان سوڙهي گهٽي ۾ مون هن جو چهرو ڏٺو. هوءَ زرينہ بلوچ هئي.

پوءِ خبر پئي تہ اها جُتي ۽ برقعو هن ڇو پاتو هو. اسين وري ان سان گڏ رستي تي آياسين ۽ پوءِ برقعي مان نڪتل ان پانهن کي مون کيترن ئي ٻارن کي پوليس جي بي رحم هٿن مان ڇڏائيندي ڏٺو. اسين سپ ٻيهر ان پوليس جي ور چڙهياسين ۽ ٽاٽي تي شام تائين بند ڪيا وياسين. مون اتي پهريون پيرو ئي، جيجي زرينہ کي پرپور مزاحمت ڪندڙ عورت جي روپ ۾ ڏٺو. هوءَ ان وقت نہ تہ سياسي ليڈر هئي ۽ نہ سياسي ورڪر.

پر هڪ فنڪار ۽ اديبا هئي. جيڪا ڪنهن به صورت ۾ ظلم خلاف مزاحمت کان پاڻ کي روڪي نه پئي سگهي. توڻي جو هوءَ سرڪاري ملازم هئي، اسڪول ٽيچر هئي، پر باوجود ان جي هن سان آخري ملاقات تائين سندس اکين ۾ مون اها ئي مزاحمت، جوش ۽ جذبو ڏٺو. فنڪار يا اديب جو ڪردار فقط اسٽيج تائين يا ڪاغذ تي قلم وهائڻ تائين محدود نه هوندو آهي، اهو ئي جيجي پنهنجي عملي زندگي ۾ هر پل ثابت ڪيو. امر سنڌو ۽ عرفانہ ملاح سان گڏ سنڌ جي نامور فنڪار عورتن جا تفصيلي انٽرويو ونڻ دوران توڻي جو جيجي جو انٽرويو سندس مصروفيتن ۽ ناچاڪيءَ سبب رهجي ويو، پر انهن سڀني فنڪار عورتن جي انٽرويوز ۾ جيجي لاءِ خراج تحسين پيش ڪيو ٿي ويو. ان دؤر ۾ جڏهن ريڊيو تي سندس آواز جو راڄ هو، مقبوليت جي ان عروج واري دؤر ۾ به هن وٽ نه ته غرور هو ۽ نه وري سندس دل ۾ ڪو خوف هو ته متان ڪا بي فنڪاره اچي سندس راڄ ۾ سندس ئي جاءِ وٺي. جڏهن ته اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته شهرت انسان کي نهايت بي رحم ۽ دڃڻو بڻائي ڇڏيندي آهي.

پاڪ ۽ هند جون به وڏيون ڳائڻيون ان باري ۾ مشهور آهن ته هو پنهنجي آڏو ڪو به اهڙو آواز ايرڻ ئي نه ڏيندیون هيون. جيڪو اڳتي هلي سندن مقابلو ڪري سگهي، پر اسان جي هيءَ سادي ۽ نيڪ دل فنڪاره پاڻ وجي اهڙين عورتن کي منڻون ڪري ڳائڻ لاءِ همٿائيندي هئي. مشهور فنڪاره امينا ٻڌايو ته اسڪول ۾ جيجي سندس استاد هئي. هن جڏهن اسڪول جي اسيمبلي ۾ منهنجو آواز ٻڌو ته ڏاڍو خوش ٿي، منهنجي گهر اچي گهر وارن کي منٿ ميڙ ڪري راضي ڪيائين ته مان ريڊيو تي ڳائي سگهان. امينا ۽ زينت صديقي، جيجيءَ جي باري ۾ اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون ٻڌايون، جن جو مثال گهٽ ۾ گهٽ فن ۽ شهرت جي دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي. ان ڪري جو جيجي لاءِ ڳائڻ پيشو نه، پر جدوجهد هئي، مقصد لاءِ. جنهن سان ڏرتي، ٻولي ۽ قوم جي ثقافت کي وڌائي ۽ زندهه رکي سگهجي، شهرت جي ظالم دنيا ۾ ماڻ ڏيڻ جي ساڙ ۽ پيڙ، پيڙ جي حسد جون ڳالهيون ته ٻڌيون آهن، پر هڪ استاد، شاگرديائي جي گهر وڃي مائٽن کان ان شرط تي ريڊيو تي ڳائڻ لاءِ اجازت وٺي، ته هو خود ان کي وٺي به ويندي ته ڇڏڻ به ايندي. 28 ڊسمبر 1997ع جو اهو ڏينهن وسرڻ جو نه آهي، جڏهن حيدرآباد ۾ سنڌ ميوزيم جي هال ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ڪانفرنس لاءِ ميڙ گڏ ٿيل هو ۽ اوچتو شيخ ايياز جي وفات جي خبر ٻڌڻ تي ڪانفرنس کي تعزيتي گڏجاڻي ۾ بدلايو ويو، سڀ

ماڻهو ڏک ۾ غر ۾ ڳوڙها ڳاڙهي رهيا هئا. ادل سومرو منجهيو ويٺو هو جو هن تعزيتي گڏجاڻي جو اعلان ته ڪيو پر هاڻي اتي ان استيج تي ڪجي ڇا؟ ڪير ان مهل لفظن جو سهارو وٺي. تعزيتي لفظ ڳالهائي، جنهن کي به نالو وٺي سڏيو ٿي ويو، اهو استيج تي مائيڪ اڳيان پيو ڳوڙها ڳاڙهي. تڏهن ان مجموعي جي وچ ۾ ڪٿي پوئين سيٽ تان وينل زرينہ بلوچ جو سريلو آواز گونجيو. "ٿڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين" ان آواز ۾ اهڙي ته اميد هئي جو وڇوڙي جو درد هڻ ته عارضي ٿي ويو. پوءِ سيني جي اصرار تي جيجي استيج تي اچي بيٺي ۽ ڪيتري دير تائين مسلسل هوءَ ايازجا گيت ڳائيندي رهي ۽ هال ۾ وينل سپ ماڻهو اوچنگاريون ڏئي روئڻ لڳا هئا. جيجي جي آواز ماءُ جي مامتا ٻڌجي اسان سيني کي سهارو ڏنو هو. ايتري نماڻي ۽ ايڏي سادگي هن ۾ هئي، جو هن کي پنهنجي پاڻ، پنهنجي اڳيان ٻڙي کان به نندڙو ڪو نقطو لڳندو هو. عورتن جي لاءِ ڪنهن ادبي گڏجاڻي ۾ جنهن ۾ پلي ڇهه ست عورتون ئي ايندیون هجن. ان ۾ حجت ڪري جيجي کي مون جڏهن به حيدرآباد فون ڪري دعوت ڏني، ته هو بس ۾ ويهي به اچي ويندي هئي. ان جهڙيون ئي ٻاجهاريون ٻيون عورتون به ڪجهه آهن، جن ۾ ادي درشهوار سيد، تنوير جوٽيجو ۽ زينت صديقي به آهن. جيجي زرينہ وري اهڙين نندڙين ۽ سادين محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ مون کي چوندي هئي ته " اها تنهنجي مهرباني آهي، جو مون کي ياد ٿي ڪرين، اصل ۾ نوجوان ۽ محنتي ڇوڪرين سان ملي منهنجي رت ۾ به گرمجوشي اچي ويندي آهي. مان پاڻ کي به جوان پئي سمجهندي آهيان." جيجيءَ جو جيترو پنهنجي ڪيل جدوجهد تي يقين هو، ان کان به وڌيڪ هوءَ نوجوان نسل مان اميدون رکندي هئي.

مايوسي هن جي اکين ۽ ڳالهين ۾، مون ته ڪڏهن به نه ڏني. سندس بيماريءَ جون خبرون پڙهي اکيلائي ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي مون کيترا ڀيرا سوچيو هو، ته انهن اکين جن ۾ مون اميد ۽ آس جا ڏيئا ٻرندي سدائين ڏٺا آهن. ڇا موت جي ايتري ويجهي سرپاٽ؟ ڪٿي هن ۾ مايوسي ته نه پري ڇڏي هوندي؟ هڪ پيري رازداريءَ سان ٻڌايائين ته بختاور هڪ نظر لکيو پر اڃا فيئر نه ڪيو آٿائين. ٽيندي ته ناراض، پر مان تو کي ٻڌايائين ٿي. انهن ڏينهن ۾، جيجي سان جلدي جلدي ملڻ ٽيندو هو، اهو نظر، اصل ۾ نئين نسل جي عورت جو خواب هو ۽ جيجي ان اٽاهه خوشيءَ کي دل ۾ سانڊي نه پئي

سگهي، جنهن کي مون سان وندياٿين. جڏهن ملندي هئي تہ تاکيد ڪندي هئي تہ " سهائيءَ جي ڪلاسيڪل ڊانس، ان کان ڇڏرائجانءِ نہ."سهائي جي ڪلاسيڪل ڊانس سان وابستگي جي مون کان وڌيڪ جيجيءَ کي خوشي هئي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ ان کي پنهنجي قومي نظريي سان ڏسندي ۽ ان تي پنهنجو حق سمجهندي هئي. هڪ ڀيري، جڏهن شيما ڪراچي ۾ صوفي ازم جي حوالي سان ڪو ٽيڙ ڪري رهي هئي ۽ ان کي اهڙي صوفي آواز جي تلاش هئي تہ ان جي سامهون فقط هڪ ئي نالو هو، زرينہ بلوچ! تڏهن شيما پريشانيءَ مان پڇيو تہ، اسان وٽ ڪا بجيٽ بہ نہ آهي ۽ بہ ٿي ڏينهن لاڳيتا ٽيڙ هلندو، ريهرسل الڳ ٿيندي! تہ انهيءَ تي جيجي ڪيئن راضي ٿيندي؟ تڏهن خدا بخش ۽ مون نهايت اعتماد سان چيو هو تہ جيڪڏهن انهن ڏينهن لاءِ هن جي اڳواٽ ڪا ڪمٽمينٽ نہ هوندي تہ هوءَ ٻيو ڪجهہ بہ نہ پڇندي ۽ نہ ڪو سوال ڪندي. پنهنجي خرچ سان بلڪل ٽائيم تي اچي پهچندي ۽ ائين ئي ٿيو. جڏهن اتي هال ۾ هوءَ گيت ڳائيندي هئي تہ خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. خالد احمد ۽ خدا بخش، جيجي سان گڏ گيت جا سر الاپيندا هئا. جوش، جذبو، همٽ، عزم، ڪمٽمينٽ، مقصد لاءِ جدوجهد، نماڻائي ۽ نهنائي، فن جي عزت، زندگي سان پيار، نئين نسل مان تمام گهڻي اميد ۽ ظلم خلاف مزاحمت، مان تہ فقط اهي ئي خوبيون جيجي زرينہ ۾ ڏسي گهيس.

اڪثر مختصر ملاقاتن کان پوءِ چوندي هئي، اڃا گهڻي ڪچهري ڪرڻي هئي، پر پوءِ ٻئي ڀيري. مان شڪايت ڪندي چوندي هئس تہ جيجي توهان بس مون کي ائين ئي دلاسا ڏيندیون آهيو، ڪراچي ۾ چوندیون آهيو تہ حيدرآباد ۾ ۽ اتي وري ڇئو ٽيون تہ ڪراچي ۾. تڏهن پهريون ڀيرو سنجيدگيءَ سان ڇيائون تہ، الائي ڇو همٽ گهٽ ٿي وئي آهي، ننڊ اچي ٿي وڃي. وري ان ساڳي اميد سان ڇيائين، پنهنجي ڪچهري ضرور ٽيندي، هاڻي تہ جيجي ان اميد کي بہ پاڻ سان کڻي وئي ۽ منهنجي ڪچهري اڌ ۾ رهجي وئي.

روزانہ خادم وطن

●

جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويئي

انساني ذڪر جي آبياري ڪندڙ جتي عظيم فيلسوف، سائنسدان، سياستدان، ليکڪ، اديب، شاعر، دانشور، تاريخدان، جنگي سورما، لطيف فن جا استاد ۽ سماجي خدمتگار هوندا آهن، اتي عظيم راڳي پڻ اهڙا املهه تخليقڪار هوندا آهن، جيڪي شديد سياسي ۽ فڪري مونجهارن گهُٽ ۽ هوست واري صورتحال ۾ مايوسين کان مٿاهان ٿي پنهنجي قوم جي فڪري سجاڳيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

سنڌ جي تخليقي راڳ ۽ موسيقيءَ جو ذڪر جڏهن بہ ٿيندو تہ سنڌ جي سريلي ۽ پلوڙ گلوڪاره جيجي زرينہ بلوچ جو نالو انهن فنڪارن ۾ مٿاهون نظر ايندو، جن لاءِ گيت صرف لطف جو باعث ناهن پر هڪ اهڙو آدرش آهن جنهن ۾ نہ آرام جو سوال آهي ۽ نہ ساهہ پٽڻ جي وٿي. تڏهن تہ شاهہ عبداللطيف پٽائيءَ چيو آهي تہ سُرَ جو سفر جڙ تہ رڙ جو سفر آهي. ان ۾ منزل ڪانہ ملندي آهي. پر پوءِ بہ چارڻ ڪلهن تي ڪينرا رکي رڄن ۾ راهہ پچندا آهن، سندن اندر جي اڻ تڻ ڪين سک سان ويهڻ ڪانہ ڏيندي آهي.

جنين سک ناهي ڪو، چارڻ سي چئجن،
رڄن راهہ پچن، مٿي ڪلهن ڪينرا.
(شاهہ)

جيجي پنهنجي شخصي حوالي فني خوبين، سياسي، سماجي ۽ فڪري حيثيت سان سنڌ جي انهن ڪردارن مان هڪ آهي، جنهن تي سنڌ ڪي فخر آهي. هوءَ جڏهن "جامِ محبت پيئي سنڌ" ڳائيندي هئي تہ سندرتا سان پرپور سندس پُرسوز آواز ۾ اظهار آبشارن جيان پنهنجا گس ناهيندو پنهنجون پنهنجون راهون پاڻ ئي تلاش ڪري وٺندو هو. تڏهن ئي سندس ڳايل، ڪيچ، سهرا، لولين، وايون، گيت ۽ غزل سندس سُرن جي فن سان گڏ روح جي سچائيءَ جو عڪس بڻجي پوندا هئا.

جيجي جڏهن "مورٽو تلي راڻا" ڳائيندي هئي تہ ائين لڳندو هو جڙ تہ ديس جا سڀ ماڳ، وڻ، ٽڻ، ڏنڏون، ڏورا، ريتون، رسمون، ڏندڪٿائون، لڳ لاڳاپا، داستان، پير فقير، لوڪ گيت سندس روح ۾ رڄي ويا هجن ۽ پائيندا هئا. سندن هانوءَ سچا ٿي پوندا هئا. ائين سجي سنڌ مُرڪي پوندي هئي.

جيجي زرينہ انقلابي گيتن ذريعي عوام جي حقيقي دشمنن کي وائکو ڪري سماجي ۽ قومي جبر خلاف آواز اٽاري عوام جي دلين ۾ جڳ ٽ نئون روح ڦوڪيو ۽ اها ڳالھ سئو سيڪڙو سچ ثابت ڪري ڏيکاري ٽ جيڪي اديب، سياستدان ۽ فنڪار عوام سان سلھاڙيل ھوندا آھن، پنھنجي قوم جي ڏک سک ۽ ديس جي نجات کان واقف ھوندا آھن، اھي ئي تاريخ جو اٽٽ حصو بڻجي ويندا آھن.

ھڪ مسجد جي پيش امام محمد موسيٰ بلوچ جي گھر ۾ 29 ڊسمبر 1934ع تي اڪ کولينڈ ننڊڙي آمنہ لاءِ ڪڏھن ڪنھن سوچيو ہ نہ ھوندو ٽ ويھين صديءَ جي سنڌ جو اڏ ھن چوڪريءَ جي گيتن جي گونجار سان ائين گونجي پوندو، خانداني ريتن رسمن ۽ پابندين ۾ رھڻ واري پھراڙيءَ جي ھڪ عام چوڪري ايتري امرتا ماٿيندي، جيڪا دنيا ۾ تمام گھٽ ماڻھن کي نصيب ٿيندي آھي. جيجي زرينہ بلوچ پنھنجي مزاج ۾ اصلي ۽ نج ڳوٺاڻي عورت ھئي پر ھن جي دل ساڃاھ جي سوجھري سان ٻَرندي ھئي، ھن جي سادگيءَ ۾ غضب جي ڪشش سمايل ھئي. ھوءَ انھن ڪيترن ئي نام نھاد شھري ۽ باشعور عورتن جي پيٽ ۾ وڌيڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند فڪر جي حامي ھئي، جن وٽ رواجي معنائن وارو ۽ آسائش زندگيءَ جو اصل مقصد ھوندا آھن.

ھن بھادر ۽ اڙي عورت جي زندگي درياھ جيان متحرڪ ھئي، ھٿ ٻڌي ويھي رھڻ سندس دين ۾ ڪفر ھو. ڪڏھن جلسا جلوس ٽ ڪڏھن ادبي محفلون، ڪڏھن راڳ رنگ ٽ ڪڏھن سياسي لاڱ مارچ. ڪڏھن اداڪاريءَ جي اسٽيج تي رونما ٿيندي ھئي ٽ ڪڏھن ريڊيو جي لھرن ذريعي سندس آواز جون لھرون اسان جي سماعتن تائين پھچي اھڙي ٽ دنيا ۾ ونڊي ويندين ھيون، جتي سڪون ئي سڪون ۽ قرار ئي قرار ھو پر جڏھن سياسي لاڱ مارچ دوران لکين ماڻھن جي جلوس ۾ روڊن تي ٻيھي حاڪمن کي للڪارينديءَ ھئي ٽ "جنگ جنگ جنگ آ، منھنجي توسان جنگ آ." تڏھن سندس آواز تلوار جي تيز ڌار جيان ھينئن جي آرپار لھي ويندو ھو. اھڙي طرح پنھنجي ديس جي غلامي، عدم سلامتي، بدحالي، اھنجن ۽ ايذائن خلاف ڳوڙھا ڳاڙڻ بجاءِ مزاحمتي شاعريءَ کي پرجوش انداز سان ڳائي. ھڪ شاندار ۽ گھڻ رخي جدوجھد ڪري پنھنجي قومي سڳھ جو ھن ھڪ اعليٰ مثال قائم ڪيو. جيجي رڳو گلوڪاره نہ ھئي، سندس زندگيءَ جا ڪيترائي رخ ھيا پر ايترن ڪمن ۽ ذميدارين کي نيائڻ صرف سندس ئي شخصيت جو ڪمال ھو. ھوءَ ھڪ ئي وقت، گلوڪاره، ليکڪا، اداڪاره، ترجما نگار، ڊرامہ نويس، سماجي ۽ سياسي ورکر ھئي، پنھنجي ڳايل ڪيترن ئي لوڪ گيتن جي شاعره پڻ ھوءَ پاڻ ھئي. جڏھن جيجيءَ ادبي دنيا ۾ ھڪ ڪھاڻيڪاره جي حيثيت سان حصو ورتو، تڏھن سنڌي ڪھاڻيءَ جي افق تي ماھتاب محبوب ۽ ثميره زرين جا نالا

چانيل هيا. اهڙي دوڙ ۾ هن "جيجي"، "ليلا مليس ڪنوار"، "هاٿي آءٌ ڏاهو ٿيو آهيان" جهڙيون ڪهاڻيون لکي پاڻ کي هڪ بهترين ڪهاڻيڪاره طور منوايو. اڄتي هلي سندس ڪهاڻين جو مجموعو "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" ڇپجي پڌرو ٿيو. ڪهاڻين ۾ "جيجي" سندس مقبول ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ پختگيءَ سان گڏ بيباڪي نظر اچي ٿي. اسان جي پنٽي پيل سماج ۾ هر جنس پرستيءَ جهڙي موضوع تي لکي جرئت ۽ هن سنڌي عورت جي شخصي جرئت ۽ بهادريءَ سان گڏ اظهار جي آزاديءَ جا نوان گس ڳولي لڌا هئا. سو به اهڙي ذاتي ملڪيت واري بنياد رکندڙ سماج ۾ جتي عورت جو تعليم پرائمري نوڪري ڪرڻ، ووٽ ڏيڻ، شوبز ۽ صحافت جهڙن شعبن ۾ ڪم ڪرڻ کي عيب سمجهيو ويندو هجي، اتي اهڙي حوصلي ۽ دليريءَ کي داد ڏي کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. جيجيءَ کجهه ترجما به ڪيا آهن جن ۾ سارتر جو "ديوار" ٽالسٽاءِ جو "ناچ" ۽ جيلاني بانوءَ جو "سلامتي" سندس ترجمن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن نه صرف ڏيهي پر پرڏيهي ادب پڙهيو ۽ پروڙيو هو. ان کانسواءِ کجهه ڊراما لکيا ۽ تشڪيل ڪيا هئا. اداكاريءَ جي ميدان ۾ جيجيءَ علي بابا جي لکيل هڪ مشهور ڊرامي "دنگي منجهه درياهه" ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ ياد رهي ته هن ڊرامي کي جرمنيءَ جي شهر ميونخ ۾ منعقد ٿيل عالمي فيسٽيول ۾ ايوارڊ پڻ ڏنو ويو هو. ستن درجن تي ٻڌل فائنل جو امتحان پاس ڪندڙ جيجي زرينه بلوچ هڪ استاد جي حيثيت سان مادل اسڪول حيدرآباد مان رٽائر ٿيڻ تائين واڳيل رهي. شفقت سان ڀرپور سندس رويا هميشه سندس شاگردن لاءِ اتساهه جو سبب رهيا آهن. ڇو ته هوءَ مڪمل طور اهڙي استاد هئي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته "بهترين استاد اهو ئي ثابت ٿيندو آهي، جيڪو پنهنجي وجود ۾ مڪمل فنڪار ۽ ڪلاڪار هوندو آهي، جنهن کي لازمي طور پنهنجي پيشي سان بيحد چاهه هجي. هوائن جيان آزاديءَ سان پيار ڪندڙ اسان جي جيجي هڪ سياسي ورڪر جي حيثيت سان ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران جيل ۾ پوڳيو ۽ اتان به سلاخن پٺيان هوءَ مايوس سياسي ڪارڪنن کي همت ڏيارينديءَ چوندي هئي:

ڇو پير پساري وينو آن، اٺ ڏونگر ڏاري ويندا سين.

ڪيس يقين هو ته اهڙو وقت ضرور ايندو جو سڀ درد مسرت ۾ بدلجي ويندا ۽ ان پختي ايمان کيس اهڙي طاقت ۽ سگهه عطا ڪئي جو هن غم کي به شادمانيءَ جيان ملهائڻ جو فن سکي ورتو هو. ائين ئي سندس زندگيءَ جا زبردست ڏکن ۽ سکن سان ڀرپور ڏينهن پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهتا ۽ سندس ساهه جو پکي جسم جي پنجري مان اوچتو اڏامي سيني سندرتائن ۾ گم ٿي ويو.

●

●

اُترڙو ٿو لڳي

اڄ وري سنگيت کان هڪ سدا بهار سُر وڇڙي ويو آهي.
ساز سڏڪي پيا آهن.
لوڪ گيت نوحا اوساري ٽڪجي پيا آهن.
سهرا ۽ ڳيچ ماتم ڪري رهيا آهن.
ڪافيون ڪيڏارو ٻڌجي پيون آهن.
۽..... هجر جا گهوڙي سوار، جيجي زرينہ کي الائي ته ڪيڏانهن وٺيو پيا وڃن.
اُف خدايا!..... سنڌي لوڪ گيتن جي مهاراڻي، پنهنجي ايام ڪاري جا پويان ڏينهن لياقت نيشنل اسپتال ۾ گذاريا هئا. سيني پئي چيو ته "سڃڻ سفر سنيرڻ وارا آهن." اجهو کي اجهو! ۽ لاتعداد هٿ دعائن ۾ مصروف ۽ ڪيترائي قلم ڪار الوداعي نوحن لکڻ جا منتظر هئا، پر هو وڃڻا ها، سو نيٺ ويا هليا. ڪنهن جهل پل ساڻ نہ جهليا هئا ۽ ڪين نصير مرزا جا شاندار ۽ شاهڪار ڪلمات بہ ترسائي نہ سگهيا. پلا وڃڻ وارن کي بہ ڪوئي روڪي سگهيو آهي؟!! جيجي زرينہ پنهنجي جيوَن جا پويان پساهہ آڪسيجن تي ڪٽي رهي هئي. ملڪ الموت سندس گهڙيون، پل ۽ لمحا ڳڻي، آڪسيجن جي نلي نڪرڻ جي انتظار ۾ هو ته ڪاتبِ تقدير وري سندس ساروڻين کي سميٽڻ ۾ مصروف ٿي ويو هو. اها آڪٽوبر 2005ع جي 25 تاريخ ۽ رات ويل هئي، جو درياهہ جي ڏُنگي جو "پٽڻ" پورو ٿيو. اُونهي ۾ اوهري وڃڻ جو سفر شروع ٿي چڪو هو ۽ وٽجارن وڃڻ جون وايون ڪيون هيون. اوچتو ئي اوچتو رڻ گجيو ۽ راڙو ٿيو هو ۽ شاهہ لطيف جو بيت هوائن ۾ گونجڻ لڳو:

جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

..... ۽ پس منظر ۾ ڇڻ جيجي جو گيت پئي هليو. الوداع او الوداع او الوداع!
هي جهان مانجهاندي جو ماڳ آهي. هتي جو بہ آيو آهي. تنهن کي "اڳي يا پوءِ لالڻ

لوءِ" ضرور وڃڻو آهي، سو جيجي ب جيوَن جوڳ ڏيئي ماڳ ڏي موڪي ويئي. پنهنجي پويان انيڪ يادون ڇڏي. پياري نصير مرزا سان گڏجي جيجي جي تڏي تي ويس ته ايئن لڳو ڄڻ ماڻهن جو سمونڊ اتلي، سوڳوار ست ۾ شامل ٿي ويو آهي. پانت پانت جا ماڻهو جن ۾ سياستدان، شاعر، اديب، فنڪار، صحافي، ميڊيا وارا، الائي ته ڪٿان ڪٿان ڪهي جيجي کي خراج پيش ڪرڻ آيا هئا ۽ اهو سندس وڏي مانَ ۽ منصب جو ثبوت هو. جيجي جي پٽر تي سوڳوار ساڻين ۾ ويهي، آس پاس جو جائزو وٺندي، سندس ساروڻين کي اجهو هيئن ياد ڪيو هوم.

ماضي جا ورق ورائيندي ياد آيو ته 1962ع ۾ هڪ جواڻ جماڻ فنڪاره ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي موسيقي جي مقابلي ۾ حصو ونڻ آئي هئي ۽ شاھ لطيف جي ڪافي "جو ٽيون ڏيو مون کي متيون متيون" ڳائي ٽيون نمبر انعام حاصل ڪري. ريڊيو جي ريگيولر فنڪارن جي صف ۾ شامل ٿي وئي هئي. اها غير معروف فنڪاره زرينہ بلوچ هئي، جيڪا بعد ۾ جيجي زرينہ بڻجي وئي. زرينہ کي راڳ سان دلي لڳاءُ هو. هن اُن لاءِ سخت محنت ڪئي. استاد جمن کان سُر لڳائڻ سکيو ته وڏا ڪشالا ڪري سنڌ جي ڳوٺن، واهڻن، وستين مان لوڪ گيت تلاش ڪري، اڇا اجرا بنائي، طرزن ۽ لفظن ۾ سڌارو آڻي، وراڻيون وجهي، نہ رڳو ٻڌڻ سٽڻ جهڙو ڪيو پر لوڪ گيتن جي مزاج، سادگي، شائستگي، معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي ڳايو ۽ خوب ڳايو. ته لوڪ گيت ب سندس سجاڻپ بنجي ويا ۽ اهو ب ثابت ٿي ويو ته لوڪ گيتن جهڙي سادي سودي صنف کي بي تڪي شاعري، بي معنيٰ لفظن ۽ بي ترتيب گائڪي جي رحم ڪرم تي ڇڏي نٿو سگهجي. جيجي زرينہ جي، ڳائڻ جهڙو ڳڻ هتي اهو ب آهي جو، هن لوڪ گيتن کي اهو لهجو ڏنو، جنهن علاقي جا اهي گيت هئا، مثال طور: "جبل مٿي جهڙ" واري ڪوهستاني گيت کي ڪوهستاني لهجو، لاڙ ۽ دريا پڇاڙ واري گيتن کي لاڙي مهاڻن وارو لهجو، ته نج سماڻکن ڳيچن ۽ سهرن کي، وچولي سنڌ واري بولي جو لهجو عطا ڪيو، سو اهي هيرن موتين جهڙا ڳيچ، لونگن ڦوٽن، پستن بادامن جهڙا سرها سهرا، سنڌي ثقافت جي سونهن ۽ سينگار بنجي ويا. نہ صرف اهو، پر سنڌ جي رنگ ۾ رتل قومي گيتن کي جڏهن نعري بازي کان بچائي، صاف ستڙو ڪري عوام آڏو پيش ڪيائين، ته اصل واهه واهه ٿي ويئي. اچو ته ڪجهه اهڙن هيرن جواهرن جهڙن لوڪ گيتن جو لطف ماڻيون.

"هٽين گل ميندي پيرين گل ميندي"، "بوند وسئي "شل بوڇڻ تي"، "لوڏي لونگي پاند"، "وني ايندو ونڻ اڄ ڊولٽو"، "آئي منهنجو ڇلڙو ڙي ڪري پيو ڪوهه ۾ ڙي"،

"مور تو ٽلي"، "لونگ قوتا ٽالهيءَ ۾" وغيره وغيره (اهي سهرا ۽ ڳيچ سنڌي ٻولي جا سدا بهار سُر آهن. ياد آيو آهي ته 1964ع ڌاري زرينہ بلوچ، شاهہ لطيف جي استيج تي، وقت جي صدر، محمد ايوب خان جي موجودگي ۾ شاهہ عبداللطيف جي وائي "لڳڙي آهي لغار، لونءَ لونءَ ۾ لالڻ جي" ڳائي، ته حاضرين سان گڏ صدر محمد ايوب به جهومي پيو هو. لطيف سائين جي ان وائي ۾ الائي ته ڪهڙو اسرار هو جو سپني ويندن کي اهو يقين ٿي ويو ته سنڌ جي سنگيت ۾ هڪ رسيلي ۽ سريلي آواز جو اضافو ٿي رهيو آهي. ان لطيفي لات جو سندس ڌات تي اهو اثر پيو جو هوءَ سدائين لاءِ لطيفي رنگ ۾ رنگجي ريٽو ٿي وئي ۽ ان استيج تان ئي سندس سُر جو ستارو روشن ۽ نمايان ٿيو ۽ اتان ئي هي آواز ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجڻ لڳو ۽ گونجندو ئي رهيو ۽ ميڊيا جي مختلف چينلز کان استيج، قومي ۽ عوامي محفلن تائين، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کان سنڌ جي لاءِ "پاڻي تحريڪ" جي فورمن تائين، سندس موجودگي ۽ پرفارمنس کي بيحد ضروري سمجهيو ويو.

جيجي زرينہ رڳو نوجوانن ۽ استوڊنٽس جي پسنديده گائڪا کانہ هئي، رڳو لوڪ گيت ڪونہ ڳائيائين، پر مرداني انگ ۾ ڏوهيڙن سان ڪافي ڪلام ڳائڻ واري لهجي کي به برقرار رکيائين. نيم ڪلاسيڪل رنگ ۾ رتل غزل گيت به ڳائيائين، ته محمد جمن جي ڏوهيڙن ۾ "پيچ پنهل مون سان پائي" ۽ "جوڳي ڏاڍي ذات" جهڙا عارفاڻا ڪلام پڻ ڳائي اصل وڻ وڃائي ڇڏيائين.

جيجي زرينہ پڑهيل ڳڑهيل ليکڪا ۽ ڊرامہ آرٽسٽ پڻ هئي، سندس لکيل شاهڪار ڪهاڻي "جيجي" اهڙي ته اثرائتي انداز ۾ لکيائين جو پاڻ ئي جيجي بڻجي وئي ۽ ڪانئس سينئرس به ڪيس جيجي سڏڻ لڳا. (سواءِ رسول بخش پليجي صاحب جي) مهان ليکڪ علي بابا جي ڊرامي "دنگي منجهہ درياءُ"، جنهن بين الاقوامي ڊراما فيسٽيول ۾ انعام کٽيو، اهو به صرف جيجي جي ڪردار ۽ گيت "اترڙو تو لڳي" جي مرهون منت کٽيو هو.

جيجي، لطيف سائين، سچل سرمست، قلندر لال شهباز ايوارڊ حاصل ڪرڻ کانسواءِ صدارتي ايوارڊ، تمغہ ۽ حسن ڪارڪردگي ۽ عوامي محبتن جا الائي ته ڪيترا ايوارڊ حاصل ڪيا. اهڙي هڪڙي ايوارڊ جي ياد منهنجي ذهن ۾ به موجود آهي.

18 مئي 1998ع تي ريڊيو پاڪستان جي گولڊن جوبلي جي موقعي تي ريڊيو پاڪستان اسلام آباد (هيڊ ڪوارٽر) طرفان ملڪ جي مشهور ۽ مڪيہ آوازن بابت هڪ يادگار آڊيو البم "خزينہ" جي عنوان سان جاري ڪيو ويو هو، جنهن ۾ ريڊيو جي

اوائلي دور کان گولڊن جوبلي تائين مشهور ۽ اهر آوازن اندازن کي ريکارڊ ڪيو ويو هو ۽ گولڊن جوبلي جي ڪل پاڪستان اردو مشاعري جي هر شاعر کي ٻين تحفن سان گڏ "خزينہ" جو تحفو بہ عطا ڪيو ويو هو. (اهو ڪل پاڪستان اردو مشاعرو جيڪو الحمراءِ آڊيٽوريم لاهور ۾ منعقد ٿيو هو، ان ۾ مون کي بہ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو هو) "خزينہ" جي آوازن کي، مشهور قارين، نعت خوانن، گائڪن، گوين ۽ موسيقارن کي عظيم سرمائي طور ريکارڊ ڪيو ويو هو. خوشي جي ڳالھ اها آهي تہ ان اهر البم ۾ امداد حسيني جو لکيل ۽ جيجي جو ڳايل "مور مچي ادا مون کي آڻي ڏي، پائو مون کي آڻي ڏي، لاڙ واري مچي" بہ شامل آهي. بهرحال! ريڊيو پاڪستان جو اهو گولڊن جوبلي تحفو جيجي لاءِ ڪنهن بہ اعزاز کان گهٽ ناهي.

جيجي جي ايام ڪاري، مُني صدي تي مشتمل آهي، جنهن مان اڌ صدي تہ فن کي ارپي ڇڏيائين ۽ ايترو تہ مصروف رهي، جو ڪيس مٿي ڪنهڻ جيتري بہ فرصت نہ ملي ۽ جي ملي، تہ فقط هجر جي ويل ۽ هجرت جي وقت!!

اِهي آڪٽوبر مهيني ۽ پن ڇڻ رت جا پويان ڏينهن هئا، ايا اترڻا ڪونہ لڳا هئا، سر لوهيڑا بہ ڪونہ ڳڀيا هئا ۽ نہ وري "ڪسُر" نسريا هئا، تہ سڏ ٿيو سرڪار جو "ماڙيون محل چڙي ويا، هُين نہ ويل وڃ جي."

جيجي زرينہ هر زاويي ۽ نقطءِ نظر کان ويهين صدي جي اها مانَ مرتبي واري شخصيت هئي، جنهن زندگيءَ ۾ محبتون ماٹيون تہ لاڏاٹي تي بہ انيڪ محبتون ۽ عقيدتمنديون ماٹيون. سندس وڇوڙي سان جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، اهو الائي تہ پُر ٿيندو بہ يا نہ؟!!

جيجيءَ جو گيت "اُترڻو ٿو لڳي" وري هوائن ۾ گونجيو آهي، ڪافين، ڪلامن، گيتن، لوڪ گيتن جون صدائون هر طرف فضائن ۾ پکڙي پيون آهن، سو آئون بہ پنهنجا ٻاڙا ڪسارا ٻول انهن ٻولن ۾ شامل ڪري ٿو ڇڏيان.

اسين ماڙهو لاڙ جا،
درياءَ جي پچاڙ جا،
اُترڻو ٿو لڳي،
واءُ سرو ٿو لڳي الا،
اترڻو ٿو لڳي.

●

فاني ٿئي ٿو فوت

جيڪو درد لوڪ گيت ۾ هوندو آهي، سو ڪنهن ٻئي گيت ۾ ڳولڻ تمام گهٽو مشڪل آهي. ڇو ته لوڪ گيت ۾ هڪ فرد جو نہ پر سڄي لوڪ جو درد هوندو آهي. هونئن ته سڄي دنيا جا لوڪ گيت پنهنجي پنهنجي ديسن جي دردن جا ترجمان رهيا آهن، پر سنڌ جي لوڪ گيتن ۾ خاص طور تي جيڪو پيڙا جو پڙلاءُ آهي، سو دنيا جي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ شايد ورلي ملي. ڇو ته سنڌ جو لوڪ، صدين کان ونيِ جن عذابن ۽ اذيتن جو شڪار رهيو آهي. تنهن جي گونج يا سنڌ جي صوفي شاعري ۾ موجود آهي، يا انهن لوڪ گيتن ۾، جن جا شاعر هن وقت تائين اسان جي معلومات جو حصو ٿي نہ سگهيا آهن ۽ انهن جي خوبصورتي به انهيءَ ۾ آهي ته هو سڃاڻپ ۾ نہ ٿا اچي سگهن.

اهڙن لوڪ گيتن کي جيڪڏهن ڪو درد پريو آواز ملي ويندو آهي ته پوءِ ائين لڳندو آهي، ڄڻ هڪ خوبصورت ۽ اداس روح کي ڪو حسين ۽ غمزده حسن پريو وجود حاصل ٿي وڃي. هونئن ته ٻهراڙيءَ جون عورتون به جڏهن خاص ڪيفيت ۾ اچي لوڪ گيت آلاپيندیون آهن، تڏهن آسمان جا تارا اکيون ڇنيي ماڪ جا لڙڪ وسائيندا آهن، پر اسان هن اليڪٽرانڪ ميڊيا جي دور ۾ جنهن آواز جي معرفت سنڌ جي سورن پريل صدائن کي ٻڌو آهي. اهو آواز ان زرينہ بلوچ جو آهي، جنهن کي سنڌ جي نوجوانن پنهنجي قومي سڃاڻپ جي حوالي سان "جيجي" جو خطاب ڏنو. هوءَ سنڌ جي جيجي آهي ۽ سنڌ هن جي جيجي آهي، اڄ سنڌ جي جيجي پنهنجي جيجيءَ جي آغوش ۾ وڃڻ جون تياريون ڪري رهي آهي ۽ سنڌ جي انهن ماٺهن جون اکيون آليون آهن، جن سدائين هڪ معصوم مڪ واري ناريءَ کي دل جي اٿاهہ گهرائين سان پنهنجي امڙ سمجهيو ۽ سڏيو آهي. اخبارن ۾ روزانو هن جي ابدي وڇوڙي جون قسطوار خبرون شايع ٿي رهيون آهن، ۽ اهو ڏينهن هاڻي ڪنهن وقت به اچي سگهي ٿو. جڏهن اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا سنڌ کي اها سورن پري خبر ٻڌائي، ته ديس جي درد کي سُرن ۾ سمائي ڳائيندڙ فنڪاره منّيءَ ماءُ جي هنج ۾ هلي وئي.

زرينہ بلوچ صرف لوڪ گيت تہ نہ ڳايا آهن، پر هن ڪيُ اهو اعزاز بہ حاصل آهي، تہ هوءِ سنڌ جي اها پهرين فنڪاره آهي، جنهن ايار جي شعلن جهڙي شاعريءَ کي پنهنجي آواز جي سهاري سان سڃيءَ سنڌ ۾ ائين ڦهلايو جيئن، هوا ۾ خوشبوءِ ڦهلجي ويندي آهي، اها مهڪ جيڪا هن وقت سنڌ جي سماعتن ۾ موجود آهي، سا امر آهي. سا هميشہ موجود رهندي. انسان تہ بقول شيخ ايار جي هڪ پل جو پکيڙو آهي. هو ڪنهن بہ وقت پنهنجا پر ساهي اڏامي وڃي ٿو، پر هن جون ٻولڙيون انهن وٽن جي پنن ۾ موجود رهن ٿيون، جن وٽن جي ٽارين تي هو لڏيو آهي، تيئن ئي جيجي زرينہ بلوچ بہ انهيءَ راهہ تي هلي ويندي، جنهن راهہ تان هن کان اڳ ايار هليو ويو ۽ سڀ انسان وڃڻا آهن، پر جيئن ايار پڃاڻان ايار جا گيت اڄ بہ سنڌ جي سارن ۾ موجود آهن، تيئن جيجي زرينہ بلوچ کانپوءِ بہ هن جو سنگيت موجود رهندو. موت انسان کي فنا ڪري سگهي ٿو، پر فنڪار موت کي مات ڏين ٿا. ان ڪري ايار لکيو هيو تہ: جيڪو انسان فنڪار ٿيڻ جي حيثيت ماڻي پنهنجي فاني وجود کي امر آواز ۾ تبديل ڪري ٿو، موت تنهن جي وجود کي تہ پنهنجي مٺ ۾ پکڙي سگهي ٿو، پر هو تہ خوشبوءِ جيان سڃي جڳ جهان ۾ ڦهلجي وڃي ٿو. ڇا اڄ تائين ڪا مٺ اهڙي آهي، جنهن خوشبوءِ کي پکڙيو هجي؟ جيڪڏهن موت هڪ ظالم مُنآهي تہ پوءِ اها خبر موت کي هوندي تہ فنڪار هڪ اهڙي مهڪ جو نالو آهي، جنهن کي موت پنهنجو قيدي بڻائي نہ ٿو سگهي. جيجي زرينہ بلوچ بہ اهڙي خوشبوءِ آهي، هن سنڌ جي لوڪ گيتن کان وٺي قومي گيتن تائين ۽ قومي گيتن کان وٺي ايار جي رومانوي آلاپن تائين ايترو گهڻو آوازن ۾ پنهنجو پاڻ سمايو آهي، جو بقول هڪ ايراني فنڪاره " موت آوازن آڏو بيوس ۽ مجبور آهي". تيئن جيجي زرينہ بلوچ جي حيثيت کي سنڌ جي تاريخ ۾ موت جو هٿ ڇُهي بہ نہ ٿو سگهي."

هوءِ اسان وٽ نہ رهندي، پر ان جا اهي ٻول سدائين اسان جي ڪنن ۾ گونجندا رهندا تہ":

پي خبر ناهي، پر مرڻ ڪانپوءِ،
تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.

اسان جيجي کانپوءِ جيجي جو شفيق مک ڏسڻ جي لاءِ ضرور بيچين ۽ بيقرار رهنداسين، پر هن جو آواز هڪ آئيني وانگر سدائين ،هن جي معصوم صورت اسان جي آڏو آڻيندو رهندو. اسان سدائين هن جي سنگيت ۾ هن جي اها تصوير ڏسندا رهنداسين. جيڪا سياڻي سنڌ جي تقدير کي اجاريندي.

مون کي سنڌ واسين سان تمام گهڻي محبت آهي، ان ڪري مان انهن تي هُجت جي

حوالي سان ڪجھ سرسي ڪاوڙ ڪندو آهيان. جيجي زرينہ بلوچ جڏهن ڪان اسپتال ۾ داخل ٿي آهي، تڏهن ڪان ان متعلق جيڪي لفظ لکيا ويا آهن، ۽ جيڪي خبرون اخبارن ۾ شايع ٿين ٿيون. يا اليڪٽرانڪ ميڊيا تان پيش ٿي رهيون آهن، تن ۾ هڪ روايتي روڄ آهي. آخر اسان ڇو نہ تا سمجھون، تہ موت هڪ ازلي حقيقت آهي.

ايياز ڪيترو نہ خوبصورت انداز مان لکيو آهي تہ:


ڇا ڪو ان کان آجوآهي؟
هي ماٺھو هڪ باجو آهي،
جنھن جي سُر ۾ موت پريل آ،
هر پل من تي مُگ ڏريل آ.

سو موت تہ هڪ حقيقت آهي، پر هر انسان جو موت هڪ جھڙو نہ هوندو آهي. فنڪار جو موت قوم جي احساسن جون تارون ڇيڙيندي قوم کي ابدي الوداع چوڻ وارو اهو عمل آهي، جنھن کي روايتي انداز سان پيش ڪرڻ نہ گھرجي. هاڻ جڏهن اليڪٽرانڪ ميڊيا نهايت عام ٿي، سڏ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وئي آهي، ۽ ڪيترائي ڀاڻ سڃاڻ وارا نوجوان انهيءَ ميڊيا سان منسلڪ ٿي چڪا آهن، تڏهن روزانو اهي خبرون اڇي رهيون آهن، تہ جيجي زرينہ بلوچ اڃ هلڻ واري آهي، يا سياڻي جو ڏينهن ان لاءِ سپ ڪان وڌيڪ تشويش پريو هوندو. ڇا اسان پنهنجي ميڊيا معرفت فقط ان قسم جون خبرون جاري ڪنداسين؟ اسان جي ميڊيا کي گھرجي تہ هڪ فنڪار جي ابدي الوداع جي موقعي تي اهڙيون خبرون نشر ڪرڻ سان گڏ ان فنڪار جي فن جي سڃي اپٽار ڪري ۽ ڇا اهو ممڪن ناهي، تہ اسان جي نجي چئنلن سان روزانو اڌ ڪلاڪ جي لاءِ جيجي زرينہ بلوچ جا امر گيت پيش ڪيا وڃن ۽ نوجوان فنڪارن کي خاص طور تي گھرائي، انهن ڪان جيجيءَ جا گيت ڳارايا وڃن، ڇو تہ هڪ فنڪار جي آخري سفر کي اهو سنگيت ئي سولو ڪري سگھي ٿو. جنھن سان هن پنهنجي ساھ کي سلھاڙيو آهي. جيڪڏهن منهنجي وس ۾ هجي تہ مان هن جي لاءِ روڄ راڄن بدران موسيقيءَ جون اهي محفلون منعقد ڪريان، جنھن جي آوازن کان هوءَ اڃ بہ آشنا آهي، توڙي جو ڊاڪٽر ان متعلق ٻڌائين پيا تہ هوءَ گھري ڪوما ۾ آهي، ان ڪوما ۾ هوءِ پلي ٻيا آواز نہ ٻڌي سگھي، پر سنگيت جا آواز هوءَ ان ڪيفيت ۾ بہ ٻڌي سگھي ٿي ۽ انهن آوازن جي مڏرتا پڻ ماڻي سگھي ٿي.

جيجي زرينہ جي متعلق صحيح انداز سان صرف اهي شاعر لکي سگھن ٿا، جن جي گيتن کي هن پنهنجو امر آواز ڏنو آهي، ڇو تہ فنڪار ۽ شاعر هڪ ئي سڪي جا بہ رخ

هوندا آهن. هو هڪ ٻئي کي پرکي ۽ پروڙي سگهن ٿا. مان شاعر ناهيان، پر منهنجي دل ۾ شاعرن جي لاءِ بي انتها محبت آهي، ان ڪري مان فنڪارن جي اعليٰ حيثيت جو تعين ڪري سگهان ٿو. جيئن شاعر صدين جي سينن ۾ ائين موجود رهندا آهن، جيئن سپين ۾ موتي، تيئن فنڪار به تيستائين فنا کان بچيل رهن ٿا، جيستائين دنيا ۾ ڪو ماڻهو کنهن خاص ڪيفيت ۾ اچي! ڪجهه جهونگارڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اسان جڏهن به کنهن گيت کي جهونگارينداسين تہ ان جي بولن ۾ ان ٻاجهاري ناريءَ جي آواز جا پاڇا ايندا، جيڪا اڄ اسان کان روايتي حوالي سان تہ پري ٿي رهي آهي، پر هوءَ مٽيءَ ماءُ جي معرفت اسان جي وجودن ۾ ائين واسو ڪرڻ واري آهي، جيئن سڏ ۽ پڙاڏو هڪ ٻئي کان ڌار نہ ٿي سگهندا آهن، تيئن اسان سڏ جي سور ۽ جيجي زرينہ جو آواز هڪ رڌم ۾ وڄندو رهندو ۽ اهو ترنم سدائين موجود رهندو. موت انهيءَ ترنم کي کڏهن به ختم ڪري نہ ٿو سگهي، فنڪار وڇڙي، موت جي مات ائين ثابت ڪري ٿو، جيئن جيجي زرينہ ثابت ڪري رهي آهي!

روزانہ عبرت



مور ٿو ٽلي ± جيجي زرينہ، علڻ فقير ۽ ساٿي

جيجي، وطن ۽ ويجوڙو

پنهنجي زبان مان نڪتل آخري لفظن تائين سنڌ لاءِ فڪرمند رهندڙ جيجي زرينہ بلوچ جي سڃاڻپ جا حوالا هڪ ڪان وڌيڪ آهن. لاڙ جي ڪا پوڙهي عورت ڪيس " اسين ماڻهو لاڙ جا..... " جي ڏن سان سڃاڻي ٿي. ڪهاڻين جي ڪتابن جا ورق ورائيندي ڪنهن نوجوان نينگري جي اکين ۾ "تنهنجي ڳولا تنهنجيون ڳالهيون" ڪتاب زرينہ بلوچ جي سڃاڻپ آهي، پنهنجي وطن لاءِ ويڙهہ ۾ رڌل ڪنهن قومي ڪارڪن لاءِ " جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ" جهڙا قومي گيت جيجي جي سڃاڻپ آهن ۽ ڏاڏا قادر رانڻو ان جيجي کي سڃاڻي جيڪا ننڍي جي چوواڻي تي پنهنجي ساهہ جهڙي درياهہ کي بچائڻ لاءِ ڏکهو پنڌ ڪندي قافلي جي هڪ مسافر وانگر سفر ڪندڙ لهو - لهان هستي هئي. ان لانگ مارچ جو منظرنامو جڏهن سنڌ جي هڪ فقير صفت شاعر جي اکين ڏٺوهو. تڏهن سندس تخليق جو درياهہ هيئن پالوٽ ۾ آيو هو تہ:

درياهہ لاءِ جيجيون جيڏيون
حيدرآباد کان ننڍو-ڪراچي
لانگ مارچ ۾ لنيون ڪائين
رستن تي ٽيون ريت نباهين
جيجي زرينہ رت ۾ رينڍي
هوڏانهن عظمت هالييپوٽي
سنڌ-سنڌ ساڻي حور پليجي
هاءِ پليجا! تنهنجو پورهيو
جيڏيون جيل ڪمائي آيون
درياهہ شاهہ بچائي آيون

درياهہ شاهہ لاءِ اها ويڙهہ اڃا جاري ئي آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ ان وطن کان وڇڙي

وئي، جنهن وطن لاءِ سندس اعلان هو تہ:

سامراجي ڪتا پوڪندا پل رهن

پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن.

اخبارن ۾ چپچندڙ روايتي پروفائيل منهنجي لاءِ ان ڪري وڏي معنيٰ نٿا رکن جو منهنجي لاءِ اها يادگيري ئي سڀ ڪجهہ آهي، جڏهن مون "جيجيءَ" کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو. منهنجي شهر جي ڪنهن سماجي تنظيم جو ميوزيڪل پروگرام هو.علڻ فقير کان قمر سومري ۽ فيروز گل کان عابده پروين تائين ڪيترائي سنڌ جا نالیوارا ڳائڻا ۽ ڳائڻيون اسٽيج جي زينت بڻيل هيون.ڊسمبر جي سرد رات جو اڌ گذري چڪو هو تہ "جيجي" اسٽيج تي جلوه گر ٿي. حسب معمول ٻيڙي اجرڪ پاتل، زرينہ بلوچ سازيندن جي وچان اجا ويٺي ئي مس هئي تہ ان سماجي تنظيم جي اڳواڻ محسوس ڪري ورتو تہ هاڻ پنيور کي باهہ لڳندي ۽ سياڻي سنگت پوندي کاڻ ۾، تنهن ڪري پاڻ اسٽيج تي وڃي ڪا پرچي"جيجي" کي پڪڑائي آيو"جيجي" پرچي پڙهي وڏي بهادريءَ سان نہ رڳو مرڪي ٻئي پر اصل مسئلي جي تهہ تائين بہ پهچي وئي. پنڊال ۾ وينل هزارين ماڻهن سان مخاطب ٿيندي چيائين، اجا مون ڳائڻ ئي شروع ناهي ڪيو تہ مون کي هي پرچي ملي آهي، جنهن ۾ "اترڙو ٿو لڳي" لوڪ گيت ٻڌائڻ جي فرمائش ٿيل آهي. سو آئون نٿي چاهيان تہ هن زوردار سيءَ جي وقت بہ اوهان کي "اترڙو ٿو لڳي...." ٻڌائجي، جنهن ٻاءُ کي اهو لوڪ گيت ٻڌڻو آهي، سو سياڻي ريڊيو تان ٻڌي ونئي، باقي مون کي وٽي ٿو هي، نظر، سو حاضر آهي ۽ ڳائڻ شروع ڪيائين.

دودل تو سان گڏجي سڏجي

سوديل تو سان گڏجي سڏجي

مان بہ گولين هلايان راڻا - مان بہ گولين هلايان.....

سوويت يونين جي ٽٽڻ کان اڳ وارو اهو زمانو چاکاڻ تہ انقلاب جي رومانس وارو زمانو هو تنهن ڪري ان گيت جي گرمي ماڻهن جي دلين ۾ اهڙي حرارت پيدا ڪئي جو جستائين جيجي ڳايو تيستائين لڳاتار تاڙيون وڄنديون رهيُون. ساڳي جيجي زرينہ بلوچ کي مون آخري ڀيرو عوامي تحريڪ جي هڪ جنرل ڪائونسل ۾ ڏٺو.هو پنهنجي وڙائتي ور جي پاسي ۾ وينل ڪا اهڙي شخصيت محسوس ٿي رهي هئي جيڪا قومي ڪارڪنن لاءِ جيجل ماءُ جهڙي مامتا ۽ ڏيءِ بڻجي سگهندي آهي. پهرين ۽ آخري ملاقات دوران گذريل ڏهن سالن ۾ جيجي کي مون ائين ويجهڙائي کان بہ ڏٺو جيئن ڪو فرمانبردار پٽ

پنهنجي ماءُ کي ڏسندو آهي. لاڳ مارچ جي دوران "عبرت" ۾ ڇپيل منهنجي هڪ ڪالم "وطن سان اسان جون وفائون نہ روڪيو" پڙهي "جيجيٰ" مون کي جيڪا ڳراٽڙي پاتي هئي اها منهنجي زندگي جو سڀ کان وڏو انعام ان ڪري به آهي جو "جيجي" جي آلاپن ۾ اهڙي باجهه ۽ سگهه موجود هئي، جيڪا قاسيٰ گهاٽ ڏي ويندڙ پيچري کي به قلن سان چانيل واٽ بڻائي سگهندي آهي،جيجي زرينہ بلوچ هڪ فرد جي حيثيت ۾ سنڌ جي ان نسل جي ماءُ هئي، جنهن جي علامت اهو ايياز لطيف پليجو آهي جنهن ڪري سنڌ جي هڪ پيڙهي کي" وڳ ڪيئن وسرياءِ" جهڙو خط مليو. بينظير پٽو ۽ اندرا گانڌي ڏانهن لکيل پنهنجي پيئرن جا خط پڙهندڙ خلق کي خبر هوندي تہ ذوالفقار علي پٽي ۽ جواهر لعل نهرو پنهنجين ڏيئرن کي ڪهڙي واٽ جو ڏس ڏني.ساڳي ريت ايياز لطيف کي خط لکي، سندس پيءُ رسول بخش پليجي ڪهڙي رستي جي نشاندهي ڪئي هئي؟ اُن سوال کي سمجهندڙ جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي پوري ڄمار ۾ ان واٽ تان هڪ وک به نہ ٽڙي، جنهن واٽ جو ڏس ان ڏاهي ڏنو هو. جيڪو آخر وقت تائين "جيجي" جي جيءَ ۾ جلوه گر رهيو. تازو اسپتال ۾ داخل ٽيڻ کان هڪ ڏينهن پوءِ هڪڙي اخبار ۾ اها خبر پڙهي وفا جي معنيٰ ڪهڙي نادان کي سمجهه ۾ نہ آئي هوندي؟ جنهن مطابق،جيجي پنهنجي "راڻل" سان نيم خوابيءَ واري حالت ۾ ڳالهائيندي چيو.هيل ڏاڍا سيءَ پيا آهن. تون سنڌ جي دوري تي آهين صحت جو ذرو به خيال نٿو رکين.آئون ماکي موڪليانءِ تي اها روز کائيندو ڪر"

"جيجي" جي اها خود ڪلامي ۾ ڪيل ڳالهه ممڪن آهي تہ پليجي صاحب به اخبارن ۾ پڙهي هجي پر اهو يقين سان چئي ٿو سگهجي تہ "جيجي" کي پنهنجي وطن وانگر اهو "ور" به آخر تائين نہ وسريو هو. جيڪو صوفياڻي اصطلاح مطابق، فنافي الوطن آهي، جنهن جي لاءِ شيخ ايياز لکيو هو تہ: رسول بخش پليجو عظيم انقلابي ٽيوريٽيشن آهي، جنهن سنڌي عورت کي شعور ۽ ساڃاهه جي سونهن بخشي، سنڌي عورت جي آزادي، سنڌ جي ايندڙ آزادي جي علامت آهي.ان ۾ پليجي جي ماٽيلي ڏيءُ اختر بلوچ(مشهور فنڪاره زرينہ بلوچ جي ڏيءَ، جنهن منهنجا ڪيئي گيت، نظر ۽ وايون ڳاتيون آهن،جن جي هڪ ڪيسٽ تہ سنڌ الاجي وارن پري هئي ۽ ڪافي وڪاڻي هئي) جو وڏو هٿ آهي.هونئن تہ ان ڳالهه لاءِ به ڪيرون پليجو لهڻي، جنهن جو ذهن ان تحريڪ جي پٺيان آهي.هن جي وڏي ڳالهه اها آهي تہ، هن نہ رڳو پنهنجي پر پنهنجن پٽن، پيئرن، پائرن، زال ۽ ،ماري خاندان جو سنڌ لاءِ بک ڏنو آهي.جنهن جو

مثال سنڌ ۾ نهيو. پر ساري برصغير ۾ ورلي آهي.هن سان ماڻهو اختلاف ۾ رکي سگهن ٿا. پر هن جي يگانگت سان انکار فقط هن سان ضد جي علامت آهي.

مطلب ۾ "جيجي" جي ادا کيل گهڻ - طرفي عظيم ڪردار کي پليجي صاحب جي تاريخ ساز ڪردار کان ڌار ڪري ئي نٿو سگهجي.پليجي صاحب جنهن قومي قافلي جي صف بندي ڪئي. زرينہ بلوچ ان قافلي جي اڳئين صف جون اڳيون سپاهي هئي.60ع وارو ڏهاڪو سنڌ جي قومي تحريڪ کي تيز ڪرڻ ۽ ترتيب ۾ آڻڻ جو ڏهاڪو هو ۽ پليجي صاحب اڄ جيان تڏهن بہ اهو ئي چيوتہ "جنهن تحريڪ، تنظيم ۽ هلچل ۾ آرٽ جي خوشبو ناهي ان ۾ ماڻهو پتنگ وانگر پيڇڙ لاءِ نہ ايندا."اهو ئي ڪارڻ هو جو ون يونٽ جو زمانو انهن قومي گيتن جي گونجار جو زمانو ثابت ٿيو. جن جي سليڪشن ۽ ڪمپوزيشن پليجي صاحب جي اگڻ تي ٿي.فقير عبدالغفور کان علاوہ فقير تائين ڪيترائي فنڪار مختلف قومي شاعرن جي قومي شاعري ياد ڪرڻ لاءِ گهر جي الڳ ڪُنڊ ۾ ويهل هوندا هئا. تہ محمد جمن،فيروز گل ۽ بيا ڏنون ترتيب ڏيڻ جي ڪرت ۾ لاڳ ڪُن وسائي ويهل هئا. هڪڙي روايت مطابق شيخ ايار جي وائي "سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو...." کي ڳارائڻ لاءِ پليجي صاحب مختلف دوستن جي ڊيوٽي لڳائي تہ. ان وائي جي مزاج مطابق کو موزون آواز ڳوليو - آخرڪار سڃي سنگت فقير عبدالغفور جو آلاپ ٻڌجي سنڌ جي سماعتن سان ٽڪرائي. تڏهن سنڌ جي در و ديوار مان اها صدا اڇڻ لڳي تہ:

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو
سهندو ڪير ميار او يار

اهڙي زماني جو ذڪر ڪندي پليجو صاحب پاڻ چوندو آهي تہ. ون يونٽ ۽ آمريت خلاف رڳو اسان جون بک هڙتالون ۽ مظاهرا ئي نہ وڙهيا. بلڪ اسان جون تقريرون وڙهيون. اسان جا ڊراما، ٽيبلوز، گيت، موسيقي، راڳ شاعري، افسانا ۽ ناول بہ وڙهيا.

ان سڃي ويڑهہ ۾ جيجي زرينہ بلوچ ڪهڙي مورچي ۾ ڪهڙو قومي ڪردار ادا ڪري رهي هئي؟ ان سوال جي خوشبوءَ ونڊ لاءِ پاڻ کي ان زماني ڏانهن موٽڻو پوندو. جنهن جي هڪ تقريب جو ذڪر ڪندي تڏهوڪو شاگرد اڳواڻ مسعود نوراني لکي ٿو تہ. زرينہ بلوچ اسان جي سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ڪردار آهي. جنهن تي ڪڏهن موقعو مليو تہ تفصيل سان لکندس. بهرحال زرينہ بلوچ کي فنڪشن ۾ گيت پيش ڪرڻ بابت پليجو صاحب ڪيئي هدايتون ڏيئي رهيو هو ۽ زرينہ اثباب ۾ ڪنڊ لوڏي

اکين ئي اکين ۾ ڪيس جواب ڏنو. جنهن جو مطلب هي ٿي نڪتو ته "منهنجو" فڪر نہ ڪر"تون" وڃي پنهنجو مورچو سنڀال !! آئون هتي وارا وڃائي چڏيندس" مون پليجي صاحب کي چيو ته. اوهان جو وارو اڇو آهي. هلو تقرير ڪريو"

مسعود جي ان اقتباس مان معلوم ٿي رهيو آهي ته. ان وقت زرينہ بلوچ ڪهڙي مورچي ۾ وينل قومي سپاهي هئي ۽ ڪيس هدايتون ڏيندڙ سپهہ سالار ڪير هو؟

اها چوٽي ته. شخصيتون تاريخ جا پر هونديون آهن. کي سندّ جي قومي تحريڪ واري تاريخ سئو سيڪڙو صحيح ثابت ٿي ڪري. سندّ جي قومي تحريڪ جي تاريخ مان رڳو فنڪارن ۽ فنڪارائن جا نالا کڄي چڏجن. تڏهن بہ سندّ جي آڪاش جي نيرين وسعتن ۾ پرواز ڪندڙ تاريخ جو عقاب پر ڪٽيل پکي وانگر زمين تي ڦهڪو اڇي ڪندو. تاريخ کي ڪنهن منصف جي اک سان ڏسندڙ ماڻهو اها راءِ رکڻ ۾ بہ حق بجانب آهي ته. جيجي زرينہ بلوچ جي گلي مان ڦوهاري وانگر ڦٽي نڪتل لاڙا. سهرا. لوڪ گيت ۽ رومينٽڪ شاعري بہ ان وطن جي زخمي سڌ جو پڙاڏو آهي. جيڪو وطن صدين کان وٺي جبر جي جوت ۾ جلي - جلي خاڪ ٿي ويو آهي. جنهن وطن جو پندّ "سسئي" جي پندّ جيان اڃا تائين لاحاصل رهيو آهي ۽ جنهن وطن جو وجود بہ هاڻي"سهڻي" جي پاڳا- پاڳا ٿيل وجود وانگر آهي.

جيجي زرينہ بلوچ ان وطن جي هڪ اهڙي سليڇڻي ڏيءَ هئي. جيڪا چوٽون ۽ جيل ڪاٽڻ وقت "ٻاگهل ٻائي" هئي. پاري برجن سان گيت ٽڪرائڻ وقت "مر کان شيخڻ" هئي ۽ مورچي ۾ ويهي قومي قافلي سان گفتگوڪرڻ وقت ساڳي"جيجي" پرمل ديوي هئي. ان "جيجيءَ" لاءِ آئون چوان ٿو ته. جيجي جانبدار هئي پنهنجي "وڙائتي ور"جي واٽ ڏانهن ۽ هو جانبدار هئي پنهنجي ذات ڏانهن

۽ پنهنجي اهڙي گهڻ رخيءَ گهڻ طرفي ڏيءَ جي وچوڙي تي. هي وطن. وقت جي ڪانگن کي رڳو ايترو چئي پنهنجا ساٽا نيڻ واريو ٿو چڏي ته:

ڪانگا! سب تن ڪائيو. چُن چُن ڪائيو ماس.
دو نينان مَت ڪائيو. جن مين پيا ملن کي آس.

روزانہ "عبرت"

23-11-2005

سنڌ جي جيجي

جكرو جس كرو، بيا مڙيئي مير،
منّي ان خمير، اصلئون هئي ايتري.
شاهه

جيجي زرينہ بلوچ سان ملڻ كان اڳ آئون سمجهندو هيس تہ زرينہ بلوچ فقط هك فنكاره ۽ رسول بخش پليجي صاحب جي گهر واري آهي.
پر جڏهن جيجيءَ كي ويجهڙائيءَ كان پروڙيو تہ خبر پئي تہ هن عظيم عورت جا تہ هزارين روپ آهن، جنهن جي سموري زندگي غريب ۽ پيڙهيل پورهيت طبقن لاءِ وقف ٿيل آهي.
مارشلائن جي دورن وارين جدوجهدن ۾ پنهنجين ساٿياڻين سان گڏجي جيكو رياستي ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف سينو تاڻي مقابلو كيائين، اهو سڄي سنڌ ڏرتيءَ جي تاريخ جو هك يادگار باب رهيو آهي.
سندس انهيءَ جاكوڙي ۽ جدوجهد جو ثمر آهي جو اڄ جون سنڌياڻيون بہ پنهنجين نسلن جي بقا ۽ بنيادي حقن جي حاصلات خاطر سامراجي قوتن كي للكاري رهيون آهن.
جيجي تمام گهڻين صلاحيتن جي مالك هئي.
جيئن باضمير ماڻهو پنهنجين منزلن جو تعين پاڻ كندا آهن، تيئن جيجيءَ بہ پنهنجيءَ ملڻسار ۽ سڀاجهي كردار وسيلي پنهنجي زندگيءَ جو اعليٰ مقام حاصل كيو.
پاڻ هك مهربان استاد كان وڌي، سياسي تحريكن ۾ بہ سڀ كان مٿاهون درجو ماڻيائين. وري فن جي دنيا ۾ بہ بلندين تائين پهتي. ادب، فكر، نظريا، كلچر، ثقافت مطلب تہ هر انداز ۾ كيس ڏنو ۽ اسان پركيو. هر منافقي كان بالاتر، نہ كنهن جي گلا نہ غيبت، نہ ساڙ نہ حسد، اهو ڏينهن ياد اٿم جڏهن جيجيءَ سان پهريون پيرو ملي هيس. پليجي صاحب ۽ فاضل صاحب جو دور هو. هر سنڌي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ فقط انقلاب جي خواهش اڏما ڏئي رهي هئي.
انهن ئي ڏينهن ۾ عوامي تحريك پاران كراچيءَ ۾ ملهائجندڙ جشنِ لطيف ۾ شركت جي حوالي سان اسان وحدت كالونيءَ مان شانو راهو جي اڳواڻيءَ ۾ پناڻكالونيءَ ۾ جيجي

واري گهر ۾ سيئي پينرون اچي گڏ ٿيون هيونسين، اٽي جڏهن جيجيءَ جو باوقار ۽ قرب پريو استائل ڏٺم تہ سچ پچ مون کي تمام گهٽو رشڪ ٿيو هو ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو هئم تہ ڪاش! اهڙيون جرئتون اسان جهڙين عورتن ۾ بہ هجن، جو انهن مهان هستين سان گڏجي پنهنجي وطن ۽ سنڌ ڏرتيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري سگهون. اهڙن ئي خيالن جي ڪشمڪش ذهن ۾ گردش ڪري رهي هئي تہ هڪڙي ڏينهن پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل ڪنهن عورت مون کي چيو تہ جهڙي مجاهد ماڻ ڪري گهر ۾ ويهي رهي، اهو ڪنهن بہ طرح سونهين ئي ڪونہ ٿو، جو اسان جو ساڻ ڏي تہ گڏجي ڪم ڪريون. جڏهن مون انهيءَ عورت کي چيو تہ منهنجي ذهن ۾ ڪجهہ آئيڊيل شخصيتون آهن، جيڪي سنڌياڻي تحريڪ سان لاڳاپيل آهن، جن جا سرواڻ تمام ڪاهوڙي انسان آهن، جتي فاضل راهو صاحب ۽ رسول بخش پليجي صاحب جهڙا ڪنڌار اسان جي سامهون هجن ۽ انهن جي ساڻ ۾ جيجي زرينہ پٽ سموري ساڻ سميت جدوجهد جي ميدان ۾ هجي. اهڙي وقت ۾ منهنجو ضمير بي ڪنهن پاسي سوچڻ کان قاصر آهي. يقين ڪريو تہ ان ٻيڙ موڻ ۾ اکر بہ ڪونہ چيو.

حالاتڪ انهن ڏينهن ۾ منهنجو عوامي تحريڪ سان يا سنڌياڻي تحريڪ سان ڪو اهڙو گهرو تعلق بہ ڪونہ هو پر تنهن هوندي بہ فقط جيجي زرينہ سان روح جي ڳانڍاپي کي شدت سان محسوس ڪندي هيس، جڏهن سنڌ ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي شروعات ٿي تہ اسان سپ کان پهرين بجلي تي وڃڻ وارو ريڊيو خريد ڪيو. سپ گهر پاتي ڪمن ڪارين کان فارغ ٿي، جڏهن رات جو ويهي، سڄي ڏينهن جا حوال احوال اورينڊا هئاسين تہ ريڊيو تان هلندڙ پروگرامن لاءِ بہ پسند جي ڳالهہ سرفهرست هوندي هئي پر سيني جي پسند جا ووٽ جيجي لاءِ هوندا هئا.

ڪڏهن وهر گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ ڪو اهڙي راحت بخشيندڙ آواز واري فنڪاره سان منهنجا ڪي روحن جا رشتا بہ جڙندا ۽ ڪچهريون بہ ٿيندیون. هميشہ هڪڙو نندڙو لنچ باڪس ۽ پاڻيءَ جو ٿرماس پاڻ سان ڪٽندي هئي، ان ۾ موجود جيڪا بہ شيءِ هئي تہ ورهائي وندي ڪائيندي هئي، سندس اهڙا قرب ڏسي اسان ۾ بہ بين لاءِ جيئڻ جو ڏان ۽ اتساهہ پيدا ٿيندو هو. جڏهن بہ مون سان ملندي هئي تہ ائين لڳندو هو ڇڻ سالن ڪانپوءِ مليا آهيون ۽ ڳالهيون جو نہ ختم ٿيڻ وارو دور شروع ٿي ويندو هو. انهن ڳالهين جو رخ جڏهن پليجي صاحب ڏانهن مڙندو هو تہ هڪدم چوندي هئي تہ آئون خوشنصيب آهيان جو رسول بخش جهڙو ڏاهو انسان منهنجو جيون ساڻي آهي. پر مون بہ ڪيس اڪيلو ڪونہ ڇڏيو آهي. اياز لطيف جهڙو دانشور ۽ بهادر ڀانهن ٻيلي پٽ نپائي تيار ڪري ڏنو اٽمانس، جيڪو پوري دنيا ۾ سندس ساڻي رهندو ۽ فخريہ انداز ۾ ٻڌائيندي هئي تہ

پليجي صاحب سڀائين مون کي پاڻ سان گڏ اسٽيج تي ويهاري منهنجو ڀاڳ اوچو ڪندو آهي. عوام جي جيجي آئون تڏهن بٽيس جڏهن رسول بخش سان گڏجي مظلوم ماروئڙن سان نينهن جو ناتو جوڙيم. عوامي تحريڪ پاران ٽيندڙ هر پروگرام جي دعوت وڏي فراخدلي ۽ جذبي سان قبول ڪرڻ ڪانپوءِ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته هي پروگرام ته منهنجا پنهنجا آهن. ان لاءِ مون کي چوڻ جي کڻڙي ضرورت آهي. پر تڏهن به منهنجي اچڻ جو ڇڻ انتظار ڪندي هجي ته نظير ضرور ايندي. الاهي ته کڻڙي ڇڪ مون کي به ٽيندي هئي جو وٺائنس پيرو ضرور ڪندي هيس.

ريليون هجن، جلسا ۽ جلوس هجن، اسٽيج فنڪشن هجن يا ڪٽي لائگ مارچون هجن، سڀائين مجاهدن وارين صفن ۾ شامل ٿي پنهنجو قومي فرض پوري ڪرڻ ۾ وسان ڪونه گهٽائيندي هئي. سندس حياتيءَ جو مقصد جيڪو مون محسوس ڪيو ان ۾ صوفياڻي ازم جي جهلڪ نظر آيم. هر ڪنهن جي همدرد، سڀ ڪنهن جا ڏک سک ونڊڻ واري اها ته ڇڻ سندس فطرت هئي. ڪڏهن ته مون کي اوچتو اچي حيران ڪري ڇڏيندي هئي. شام جو پنڌ ڪندي منهنجي گهر اچي نڪرندي هئي. ماءُ جيئن پنهنجن ٻچن جي سار سنيال لهڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهندي آهي، تيئن جيجي به اچڻ ساڻ مون کان هر ماٺهوءَ جي باري ۾ خبر چار ونڻ ڇڻ پنهنجو بنيادي فرض سمجهي پورو ڪندي هئي سمورو حال احوال ونڻ ڪانپوءِ سندس چهري مان خوشي ۽ اطمينان جو احساس جهلڪندو هو. 2001ع ۾ ٽيندڙ منهنجي رودِ حادثي جي خبر ٻڌائين ته هڪدم پنهنجين سرتين ثريا سوز ڊيپلائي ۽ نذير ناز سان گڏ اچي مون تائين پهتي. پهريان لفظ سندس جيڪي مون ٻڌا اهي هئا ته:"تنهنجي ڳولا، تنهنجيون ڳالهيون، صبح و شام." مون چيس جيجي اهو ته تنهنجي لکيل ڪتاب جو نالو آهي ۽ اهو مون وٽ موجود آهي. خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ جو سندس عجيب طريقو هوندو هو. بيمار هجي يا سيمار، ڪڏهن به مايوس ٽيڻ ته سکي ڪانه هئي. جڏهن به چوندا هئاسينس ته جيجي اڄ اسان کي ڪو سٺو گيت اسٽيج تان ضرور ٻڌائجو ته هڪ خاص انداز سان چوندي هئي ته "پليجي صاحب جو اگر حڪم ٽيو ته انڪار ڪيئن ڪبو." اڄ جيجي کي اسان کان وڇڙندي هڪ سال پورو ٽيو آهي، پر آئون سمجهان ٿي ته جيجي ڪڏهن به اسان کان ڌار ٿي ڪونهي.

اهڙا ماٺهو مرڻا ناهن،
ويس مٽائي ورڻا آهن.

آڪٽوبر 2006ع

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساڻي...!!

سنڌ ۾ اهڙا ڪيترا ڪردار آهن، جن جي نانءُ ڪٽڻ سان بنا ڪنهن ذاتي ۽ سياسي وابستگي جي فقط مٽيءَ واري ناتي احترام سان اکيون جهڪيو وڃن ۽ ذهن توڙي ضمير حوصلي جي آهني احساس سان ٽُٻ ٽي ٽو وڃي. پوري ويساهه سان چوان ٽو ته جيجي زرينہ بلوچ انهن تمام ٿورڙن جاودان ڪردارن مان آهي جن جو تصور هڪ پوري دلبر ديس جهڙو هجي ٽو. آئون جيجي لاءِ "هُـئي" ان ڪري نٿو لکان جو ڪي ڪردار ڪڏهن بہ زمان ماضيءَ جي صيغي ۾ نہ اچي سگهندا آهن. هونئن ته انساني حياتي مرشد جي دستور موجب جَر تي ڦوٽي مثال آهي ۽ اک چنبي ۾ ماڻهو اچي ٽو ۽ وري پنهنجي دائمي آکيري ڏانهن اڏامي وڃي ٽو پر دنيا ۾ ڪنهن ڏينهڙي لاءِ آيل ڪو انسان جڏهن پنهنجو جيون آفاقي قدرن ۽ عظيم مقصدن کي اربي ٽو ته پوءِ موت ان لاءِ ڪابہ شئي نہ هوندوآهي.جو ته موت ته فقط ماس ۽ هڏن جي بوتي تائين محدود آهي.تڏهن ته لطيف فرمايو هو ته:

"مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٽيا نہ مات"

ها،اهي فرد جيڪي موت کان اڳ ئي پنهنجن ذاتي خواهشن ۽ ڪمزورين تي فتح حاصل ڪري عظيم فڪر جو فانوس هٿ ۾ ڪٽي رام ڪليءَ جي ڪردارن جهڙين راهن ۾ ڏورياندا آهن تن لاءِ موت جي ڪابہ حيثيت ناهي. اهي پنهنجي جيون جي هر وک ان عزم سان اڳتي وڌائيندا ويندا آهن ته:

"مرڻ مون سين آءُ، پڻيءَ تو پنڌ ڪيان"

۽ ان ۾ ڪو بہ گمان ناهي ته جيجي اهڙن ڪاهوڙي ڪردارن جي مُـهڙ ۾ هلندڙ وجود هئي ۽ اها زندگيءَ جنهن جي لاءِ مون ڪي اياز جا اهي لفظ بي انتها پيارا لڳندا آهن ۽ سنڌ جي هر سورهيہ وجود جي وڇوڙي تي انهن لاءِ پيڏا طور ضرور ورجائيندو آهيان ته:

زندگي آزاد پل جو نانءُ آ
نہ آهي هن ۾ ماهه و سال جي ڳڻپ
موت تہ ڪائي شئي نہ آ.

سو جيجي پنهنجي سموري حياتي ان سفر ۾ گذاري جنهن جي هر وک خوف، خطرن ۽ وهمن کان تمام گهٽو متاثر هيو ۽ آزاد گهڙين لاءِ هجي ٿي، جنهن سفر جي منزل جو خواب اسين نسلن کان سپ ڏسندا پيا اچون. جيجي زرينہ بلوچ هڪ جيجل جيان هئي ۽ هن سدائين پنهنجي فن وسيلي سنڌ جي نوجوانن کي لطيف ۽ ايياز جي شاعريءَ مان اهي راهون ڏسيون جن تي هلندي ماڻهوءَ کي پنهنجو من ڏويڃندو محسوس ٿيندو آهي. هوءَ جڏهن ب استيج تي ايندي هئي تہ هزارين نوجوانن جا هجوم سندس آڏر پاءُ لاءِ ڪنڌ جهڪائي، ائين اٿي بيهندا هئا، جيئن پنهنجي جيجل لاءِ اٿي بيهبو آهي ۽ جن ب سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جيجي جا پروگرام اٽينڊ ڪيا هوندا سي ان ڳالهہ جي گواهي ڏيندا تہ سياسي تقريرن دوران چُڙ پُـڙ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ضابطي مان نڪري ويل پندال ب جيجي جي اچڻ سان ڪيئن نہ خاموش ٿي ويندا هئا ۽ نوجوان پنهنجي متان ڪئين نہ رضاڪاراڻو ضابطو لاڳو ڪندا هئا. اها جيجي جنهن کي سدائين گگهو ۽ ٻيڙي اجرڪ پوشاڪ طور وٺندي هئي، تنهن جو هڪ پروگرام تہ مون کي ب چگي طرح ياد آهي، جنهن ۾ اسان جون اکيون ب سانوڻ جيان وسيون هيون. اها ڪافي پراڻي ڳالهہ آهي. زرعي يونيورسٽي ۾ اسان جي محبوب دوست ممتاز پنڌ وارن جشن لطيف منعقد ڪيو هو. ان انتهائي شاندار پروگرام ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو شامل هئا. پراڊڪشن فيڪلٽي جي سامهون وارو وڏو پارڪ ان ڏينهن ڪنهن ميلي جيان هو. سموريون شاگرد سياسي تنظيمون ان ۾ وڏي چاهہ سان شريڪ ٿيون هيون. تقريرون هلي رهيون هيون تہ بدقسمي سان، اسان ۾ تنقيد برداشت نہ ڪرڻ واري رويي سبب ڪنهن ڏر کي ڪنهن ڳالهہ تان منيان لڳي هئي ۽ پوءِ معمول موجب نعريبازي شروع ٿي ويئي هئي ۽ ڳالهہ وڃي فائرنگ تائين پهتي. سڄو پندال پريشاني واري عالم ۾ چڙ وچڙ ٿيڻ لڳو هو. فقط اهي وينا رهيا جن جي دلين ۾ لطيف ۽ پنهنجي ديس جو فقط ڏيکاءُ وارو نہ بلڪ حقيقي ديرو هو. بهرحال قصو ڪوتاهہ. تقريرون پوريون ٿيون هيون ۽ جڏهن راڳ جي محفل ۾ جيجي آئي هئي تہ سمورو پندال اٿي بيٺو هو ۽ جڏهن جيجيءَ:

"پنهنجي رت ۾ رينڊ جهنڊو اپ تائين جهولينڊو
اهڙو ڏينهن ب ايندو ساڻي، اهڙو ڏينهن ب ايندو"

جهڑو اميدن جو امين گيت ڳاتو هو. تڏهن اسين دل کولي رُنا هئاسين ۽ ميري من وضوع کيو هو. اهي لڙڪ ڪنهن خوف يا پڇتاءُ جا نہ بلڪ عزم پريل خوشيءَ جا هئا تہ اُوس اسين اهو ڏينهن ڏسنداسين جڏهن اسان جي محرومين ۽ غلامين جا ڪوٽ ڍهندا. ڇو تہ هڪ جيجل جنهن انداز ۾ اسان کي ويساهہ پئي ڏياريو. اهو بي معنيٰ نٿي سگهي. ٻيو تہ جيجي جي گيتن رڳو اسان جون اکيون تہ آليون ڪو نہ ڪيون هيون؟ سندس آڏو تہ اياز جهڙوڪيهر شينهن ٻہ تہ دل کولي رُنو هو. جڏهن جيجي، اياز کي سندس اها وائي سامهون جهونگاري ٻڌائي هئي تہ:

"ويندوسانءِ تہ وائڙا
ڏاڍو ياد ڪندين

اڄ اسان وٽ اياز ٻہ ناهي تہ جيجي ٻہ ناهي، تڏهن اهي سڀ ماڻهو، جيڪي ذاتي ۽ رت جي رشتن کان وڌيڪ فڪري لاڳاپن کي اهر سمجهن ٿا تن آڏو اهو سوال ضرور ايريو هوندو تہ ڇا اسين واقعي اهو پنڌ ڪري رهيا آهيون جن جو ڏس اسان کي پنهنجا عظيم ساٿي ڳائي وڄائي ڏيندا ويا آهن ۽ انهن ڪڏهن انهي پنڌ ۾ پنهنجا پير پوئتي نہ ڪيا.

ڇا ان ڳالهہ کان ڪوئي انڪار ڪري سگهندو تہ ڪنهن ٻہ عظيم ڪردار کي پيٽا ڏيڻ جو حقيقي معيار فقط سندس مٿان قصيدا چوڻ يا ٻہ لڙڪ هارڻ نہ بلڪ دراصل ان جي ڪنيل مشعل کي روشن رکڻ ۽ ان منزل ڏانهن ڪاهڻ آهي جيڪا هن ڇاهي ٿي. ڇو تہ اهڙي طريقي ٿي اسين پنهنجي وڇڙي ويل ساٿين ۽ خود پاڻ سان انصاف ڪري سگهون ٿا. جيئن ڪنهن چيو آهي تہ:

هو جيڪي اسان جا ساٿي
اسان کان وڇڙي ويا آهن
اسين سندن هر قدم جي نشان تي
پنهنجي رت جو ڏيئو ٻارينداسين
اسين انهن نعرن کي
وري وري جيارينداسين
جن جا آخري لفظ
سندن زبانن تي آخري پيرو
ڇڇريل صورت ۾ آيا هئا

اسين انهن چچريل نعرن کي
پنهنجي پختي عزم ۽ ايمان سان
وري وري واضح ڪنداسين
جيئن اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ
اهو دستور قائم رهي سگهي ته
هي سفر رکڻو ناهي
۽ ڪنڌ اسان جو
جهڪڻو ناهي

بلڪل اهڙي ريت اڄوڪي سنڌ کي پنهنجن انهن پيارن ماڻهن جا نعرا ياد ڪري نئين عزم ۽ حوصلي سان اڳيان وڌڻو آهي. ان ۾ ئي انهن کي راحت ايندي، جيڪي اڄ نيري آسمان جي دريءَ مان اسان ڏي نهاري رهيا آهن ته اسين سپ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ ۽ ان سفر ۾ ڳالهه ڪاميابي يا ناڪامي جي ناهي، ڳالهه اها آهي ته اسين پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتري سچائي سان جاکوڙي رهيا آهيون. اڄ جڏهن سنڌ هر حوالي کان چوڪنيي ۾ڏل نظر اچي ٿي. اسان جا وسيلا ڌارين جي هٿن ۾ آهن. ڪڏهن اسان جي درياهه تي ڏاڙا لڳن ٿا. ڪڏهن اسان جي ان ۾ولي‌ءَ کي سوڙهو ڪرڻ جا سانباها ٿين ٿا، جنهن ۾ولي‌ءَ ۾ اسان جي ميراث جيجي جا گيت ب آهن، ڪڏهن اسان کي نااهل ڪونيو ٿو وڃي ته ڪڏهن اسان جي مٽان دهريت ۽ غدارين جا الزام لڳن ٿا، تڏهن اسان لاءِ پنهنجن ساٿين جي سُرهي ياد ۽ انهن جي رت ريٽي راهه ئي آڇيي جو سامان مهيا ڪري سگهي ٿي. هو جيڪي ويندي ويندي ان اميد سان ويا ته:

"اسان جي مٽاسين، سفر ۾ او ساٿي
ته ماڻيندا منزل، پنهنجا ڍول ڍاڻي"

ها بلڪل ان ۾ ڪو ب شڪ ناهي ته جي اسين پنهنجن ساٿين جي سورهيائي واري سفر تي ايمانداريءَ سان هلندا رهياسين ته هڪ ڏينهن اها منزل ضرور اسان جي قدمن هيٺان هوندي جيڪا اسان چاهي آهي. هي وقت اسان کي اها ئي صدا ڏيئي رهيو آهي ته تبديلي جي گيت کي جهونگارينداً رهو، هلندا رهو، ويهو متان، جيستائين زمين ۽ آسمان جي زبان جو تالو نٽو کلي ۽ اهي اوهان سان همڪلام ٿي ڏڻ جهونگارين ٿا. اهو سبق جيڪو ايا‌ز جي شاعريءَ کي آلاپ ڏيئي جيجي اسان کي ياد ڪرايو هو ته:

ڳاءِ انقلاب ڳاءِ
جيئن زمين آسمان
جي کلي پوي زبان
کنڊ کنڊ، چوڪ چوڪ
شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ
جيئن اڻي ڏيئي جواب
انقلاب.....انقلاب
ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

سو اڄو ته جيجيءَ کي پيٽا ڏيڻ لاءِ تبديلي ۽ آڇپي جو گيت گڏجي جهونگاريون ان پختي يقين ۽ ويساهه سان ته:

نيٺ ته ڪرندي، ڪيسين رهندي
دوکي جي ديوار او يار
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو
سهندو ڪير ميار او يار

اهو ئي جيجي جو خواب هو ۽ اهو ئي سفر، ۽ اسان کي اهو يقين ڪرڻ گهرجي ته ان راهه ۾ جڏهن رُڪ جي رُت ايندي ۽ هن ديس جي وٽن جي تارين تي ڳاڙها گل ٽڙي پوندا، تڏهن جيجي اسان سان گڏ هوندي، بلڪل ائين جيئن ڪالهه به هئي ۽ اڄ به آهي. بس رڳو اسان کي اکين کولڻ جي ضرورت آهي.

روزانه عبرت
27-10-2005

سنڌ جا سياسي سهرا ڳائيندڙ جيجيءَ جو ويجوڙو

زرينہ بلوچ کي سڃي سنڌ جيجي چوي ٿي ۽ جڏهن هوءَ "جام محبت پئي سنڌ" ڳائيندي هئي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي اندر ۾ وطن دوستيءَ جو خمار محسوس ڪندا هئا. هوءَ سنڌ جا گيت ڳائي پاڻ هڪ امر گيت بڻجي ويئي. جنهن جي گونجار صدين تائين سنڌو ماڙيءَ ۾ گونجندي رهندي ۽ هوءَ جيئندي رهندي. هر ان آواز ۾ جنهن جي آلاپ ۾ هن ديس جو نانءُ شامل هوندو."

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جا سياسي سهرا ڳائيندڙ فنڪاره هئي. هن سنڌ جي سياسي سجاڳيءَ ۾ پنهنجا اوجاڳا سيڙايا ۽ هر انسان کي پنهنجو پاڻ چيو. هوءَ سين جي جيجي، سنڌ کي امڙ سمجهي ان جي لاءِ جيڪي ترانا ڳائيندي هئي. انهن جي هڪ هڪ لفظ ۾ اتساهہ هوندو هيو. جوش هوندو هيو. جنون هوندو هيو. جاڳ هوندي هئي. جستجو هوندي هئي ۽ هڪ خاص خواب کي مليل تعظيم جو اظهار هوندو هيو. جيجي زرينہ بلوچ جو پر سوز ڳلو سنڌ جون ڳليون سجاڻن ٽيون ۽ هوءَ چاهيندي هئي تہ سنڌ جا ڳوٺ ۽ شهر سنڌ جا ٽي پون. "پيرين پونديسان چونديسان. رهي وچ رات پنپور ۾" ڳائي ليلايو ہ.

جيجي زرينہ بلوچ کي ڏسڻ سان ذهن تي ڪنهن ديوءَ جو تصور اپري ايندو هيو ۽ هن جون لوليون ٻڌي نند ڪرڻ تي دل نہ چوندي هئي ۽ سنڌ جون مائرون جيجيءَ جا لاڏا ٻڌي پنهنجن ٻارڙن کي پنهنجين جهولين ۾ ڪٽي سنڌ ڏيکارينديون هيون. جيجي زرينہ لوليون ڳائي ماڻهن کي نند سمهارڻ نہ چاهيندي هئي ۽ سهرا ڳائي رڳو خوش ڪرڻ نہ چاهيندي هئي. پر هوءَ چاهيندي هئي تہ صدين جي اداس ڇهرن تي گهڙي پل جي لاءِ ڪا بهار اچي. گهڙي پل جي لاءِ اهي مرڪن. گهڙي پل جي لاءِ انهن جون اکيون ڪلن تہ جيئن هو جيئرا رهي سگهن. ڇاڪاڻ تہ هن ديس کي جيئرا ماڻهو گهرجن ٿا.

جيجي زرينہ بلوچ ان دور ۾ پنهنجي آواز کي سنڌ جي فضا ۾ آزاد پکيڙڻ جيان اڏاريو هيو. جڏهن هتي سخت پجرا موجود هيا ۽ امڙ جي رئي جي ڇانو رڳو لاش مٽان ٽيندي هئي. پر پوءِ ہ هوءَ ڳائيندي ويئي. تتيءَ ٽڏي جي پرواهہ ڪرڻ ڪانسواءِ. هن جون اکيون اوجاڳن جو آڏر پاءُ ڪنديون هيون ۽ هن جي دل درد پالينديون هئي ۽ سندس ڳلو ڪنهن

بند ڳلي۽ ۾ ڦاسي پيل ٻارڙي وانگر دانهون ڪندو رهندو هيو. هن اڌ صدي تائين آواز ڏنو. پنهنجن ٻارن کي، کين ڪنهن لزلي کان بچائڻ لاءِ ڏونڏاڙيندي، دانهون ڪندي رهي. هن جيجيءَ پنهنجن نيڻن کي نند تي نه هيريو هيو. هوءَ هر طبقي جي هر سياسي فڪر رکندڙ جي جيجي بٽجي هر دل ۾ انتهائي احترام واري جاءِ ناهي ويئي.

جيجي زرينہ بلوچ هر گيت ۽ هر لاڏي جي چونڊ خاص مقصد تحت ڪندي هئي، ڇاڪاڻ ته هوءَ ان مقصد کي سڃي سنڌ جو مقصد سمجهندي هئي.

سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي دور آيا، جن ۾ جيجي زرينہ سياسي جلسن جو جنون هوندي هئي، ادبي محفلن جو وقار هوندي هئي ۽ سياسي لاڪ مارچن جو گيت هوندي هئي. تڏهن ته پير پٽون ٽيل ٻار، ٻيا، عورتون توڙي جوان ڊگهي پنڌ جا ايذاءُ وساري پنهنجن منزل ڏانهن وڌندا رهندا هئا. ويهين صدي جي سنڌ جو اڌ جيجي زرينہ جي گيتن سان گونجي پيو. هن جو فني سفر ڏاڍو سنجيدگي ۽ وقار وارو هيو. سنڌ جا ڪيئي سنڌيجيجي زرينہ جا گيت ٻڌي پاڻ سڃاڻي ويا ۽ پوءِ پاڻ سڃائي ويا. اهي واڻون، جن تي ڪو ڪو هلندو آهي. جيجي زرينہ بلوچ رڳو فنڪاره نه هئي، هوءَ ته پرفارمر به هئي. جڏهن سنڌ نجات ماڻيندي تڏهن ائين جاڳي پوندي جئين جمال ابڙي صاحب چيو ته هوءَ ايڪٽوسٽ هئي، سياسي ورڪر هئي، سيني کان وڌ ته هوءَ پنهنجي ديس سان پيار ڪندڙ هڪ آئيڊيل انسان هئي. جيجي زرينہ بلوچ جا وڏا ايراني بلوچ هئا، جيڪي اول ڪراچي ۽ ان کانپوءِ حيدرآباد پرسان الهداد چنڊ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. سندس والد صاحب جو نالو محمد موسيٰ بلوچ هيو. جيڪو هڪ مسجد جو پيش امام هيو. جڏهن ته سندس امڙ جو نالو گل روز هيو. جيڪا جيجي زرينہ جڏهن ڇهن سالن جي عمر جي هئي ته، لاڏاڻو ڪري ويئي هئي، پوءِ سرجيس تان سور، سامايس ته سڪ ويا، جيجي زرينہ جو نصيب ٿيا، پر هن کي ان وقت شايد اها خبر نه هئي، ته ايندڙ وقت ۾ ڪهڙا ڪهڙا اعزاز سندس انتظار ۾ آهن. بعد ۾ ڪيس ڏيهه توڙي پرڏيهه مان ڪيترائي اعزاز مليا، جن ۾ صدارتي ايوارڊ پرائيڊ آف پرفارمنس به شامل آهي.

جيجي زرينہ بلوچ، علي بابا جي مشهور ڊرامي "دنگي منجهه درياءَ" ۾ مرحوم نور محمد لاشاريءَ سان گڏ هڪ اهم ڪردار به ادا ڪيو هيو، جنهن کي جرمنيءَ جي شهر ميونخ ۾ منعقد ٿيل عالمي فيسٽيول ۾ ايوارڊ پڻ مليو هيو. جيجي زرينہ بلوچ جو اصل نالو آمنہ هو. پر جڏهن ڪيس حيدرآباد جي مشهور تعليمي ماهر دادي ليلا حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي وڃي ويئي، ته جيجي زرينہ اتي پنهنجين خانداني ريتن رسمن ۽

پابندين کي ڏسندي پنهنجو نالو زرينہ رکيو هيو. چون ٿا تہ جڏهن جيجي زرينہ جو آواز ريڊيو جي لهرن وسيلي سندس گهر تائين پهتو هيو، تہ سندس والد صاحب سندس آواز سڃاڻڻ کانسواءِ سندس آواز جي تمام گهڻي تعريف ڪئي هئي. پوءِ گهر وارن تي اهو راز کليو هيو تہ، زرينہ جي نانڻ سان جا نينگري ڳائي ٿي، سا بي کا نہ پر سندن نندڙي آمنہ ئي آهي. پوءِ ڏسندي ڏسندي هوءَ زرينہ بلوچ سان گڏ جيجيءَ جي نانو سان بہ شهرت حاصل ڪري ويئي. جيجي زرينہ بلوچ، ممتاز مرزا صاحب جي رهنمائي ۾ ريڊيو حيدرآباد تي جيڪو ڪم ڪيو، اهو بہ يادگار ليکجي ٿو.

جيجي زرينہ بلوچ کي ان وقت جو فائنل جو امتحان، جيڪو ستن درجن تي مشتمل هوندو هيو، اهو بہ دادي ليلا ڏياريو هيو ۽ ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ ماستريءَ جي نوڪري بہ دادي ليلا ڪيس ونڊي ڏني هئي. جتان هن 1996ع ۾ رٽائر ڪيو.

جيجي زرينہ بلوچ جي چوڏهن سالن جي عمر ۾ شادي ٿي ۽ پندرهن سالن جي عمر ۾ هوءَ هڪ نياڻيءَ جي ماءُ بڻي هئي، جنهن کي اڄ ساري سنڌ اختر بلوچ جي نانڻ سان سڃاڻي ٿي. اها پهرين سنڌي نياڻي هئي، جنهن چيو تہ، "جڏهن سنڌ آجپو حاصل ڪندي تڏهن مان جاڳي پوندس." هوءَ سنڌ جو وڻ هئي، هوءَ سياسي چوڪري هئي، جنهن جيل پوڳيو هيو ۽ "قيدياڻي جي ڊائري" جهڙو هڪ شاهڪار ڪتاب لکيو. جيل ۾ تہ جيجي زرينہ بلوچ بہ رهي هئي، هن ايمرجنسي دوران لڳ ڀڳ ٻہ سال جيل ڪاٽيو هيو. ويهن سالن جي عمر ۾ هن جو گهر ٽٽي ويو ۽ تيرهن سالن ڪانپوءِ 1964ع ۾ سندس شادي رسول بخش پليجي صاحب سان ٿي هئي. اڄ جي ويڑهاڪ سياسي چوڪري سسئي سندس ڏوهٽي ٿئي ۽ نوجوان دانشور ايياز لطيف پليجو ۽ اسلم پرويز سندس پٽ ٿين.

جيجي زرينہ بلوچ کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي سرن سان سڃاڻ سندن والد صاحب ڪرائي هئي ۽ پوءِ هن ڀٽائي، شيخ ايياز، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، خاڪي جويو ۽ ٻين ڪيترن ئي نامور سنڌي شاعرن کي ڳائي پنهنجي ڏرتيءَ جو قرض لاهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

جيجي زرينہ جي زندگي ڏکن جو هڪ مجموعي هئي، پر هن وٽ سندس ذاتي ڏک سندس قومي ڏکن کان مٿانهان نہ هئا. جيجي زرينہ بلوچ جڏهن "پيرين پوندي سانِ"، رهي وڃ رات پنيور ۾" ڳائيندي هئي تہ دل جو سمنڊ بي قابو ٿي ويندو هيو ۽ رات کي ساري سسئيءَ جا ڏک ڏسي ڪيچ مڪران تي ڪاوڙ ايندي هئي. تہ ڪاش! ڪنهن کان شل پرين نہ ڪسجي، هوءَ پيرين پوندي هئي، ليلائي چوندي هئي تہ سنڌ کي سمجهو، سنڌ اسان جو پنيور آ، اتي اڇي رات رهو.

جيجي زرينہ بلوچ کي يقين هيو، تہ تبديلي ضرور ايندي، هوءَ سمجهندي هئي تہ ضرور ناهي تہ تبديلي چند سالن جي اندر ئي اچي، تبديلي تہ صدين جي مهلت بہ گهرندي آهي، جيجي زرينہ بلوچ جون ڪيتريون ئي حسرتون هيون، سنڌ هن لاءِ سڀ ڪجهہ هئي، هن مرڻ کانپوءِ ان سان ملڻ جي حسرت ڏيکاري هئي، هو تہ چئي ويئي آهي تہ:

"پي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ،
تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون"

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جو هڪ اهڙو اڪيلو آواز هئي، جنهن روئندڙ مائرن جي چهرن تي "مور ٿو ٽلي راڻا" ڳائي خوشيون آندیون، مايوس سياسي ڪارڪنن کي "چو پير پساري وينو آن، اٺ ڏونگر ڏاري ويندا سين" ڳائي همت پئي ڏياري ۽ سنڌ سان ايتري محبت ڪئي جو مرڻ کانپوءِ بہ ان سان گڏجڻ جي حسرت ظاهر ڪري وئي، جيجي زرينہ بلوچ 25 آڪٽوبر تي رات جو ڏهہ لڳي سورنهن منٽن تي هيءَ ديس ڇڏي هلي ويئي، پر جڏهن سنڌ جون اکيون آليون ٿيندیون، جيجي انهن کي پنهنجن گيتن جو پاند آڇيندي، جڏهن جڏهن سنڌ جي چپن تي چيغ ايندي، هوءَ روحاني طرح سان اچي ان جي وراڻي ۾ پنهنجي حصي جو آواز ملائي ويندي اي ڪاش! سنڌ لاءِ ائين ئي اسان جو هر ماڻهو پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهي.

روزانہ عوامي آواز
27-10-200

سنڌ جي ڪوئل جيجي

موسيقي جڏهن روح جي بينل پاڻيءَ ۾ سازن ۽ آوازن سان هلچل پيدا ڪندي آهي. تڏهن اهو بينل پاڻي چوليون هڻڻ لڳندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته بي معنيٰ لفظن کي به معنيٰ ملي ويندي آهي. دنيا ۾ ڪيئي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي موسيقيءَ جي تارن ذريعي زنده رهندا آهن. سندن ڪاڏو، رومانس، سندن مائٽ، سندن زالون ۽ نوڪر چاڪر توڙي پار سڀ ڪجهه موسيقي آهي، جڏهن ڪو منو آواز ڳائيندو آهي، ته مون کي لڳندو آهي جڻ ٽٽل تارو من ۾ پيهي رهيو آهي، مون پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ موسقيءَ ٻڌڻ لاءِ هڪ ننڍڙو ڪمروڻاهيو آهي، جتي رات جو ڏهين ڪانپوءِ وجي ويهندو آهيان، درياهه بادشاهه جو احساس ونڊڻ لاءِ، هلڪي هلڪي، چولين جي اچل ڪنهن ڪئسيٽ ۾ پريل آهي، اها ته ضرور شروع ۽ آخر ۾ ٻڌندو آهيان ۽ وچ ۾ ڪجهه پسنديده گيت ٻڌندو آهيان، جنهن به رات ڪنهن مصروفيت جي ڪري انهيءَ ڪمري ۾ نه وجي سگهندو آهيان، تنهن رات ڏينهن جو ڪڪ نه لهندو آهي ۽ لڳندو آهي جڻ ماڻهن جا طعنا ۽ مهڻا روح جي ڪلهي تي ڪنيو پيو هلان.

جيجي زرينه بلوچ جڏهن ڪان اسپتال ۾ داخل آهي، تڏهن ڪان سندس ڪئسيٽ "پڪيءَ گهايل پر" جا ڪجهه گيت روز ٻڌندو آهيان، ڪوئل جهڙي آواز ۾ جڏهن هوءَ ڳائي ٿي.

"بي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ
تو سانگڏجڻ جون حسرتون رهنديون"

تڏهن ائين لڳي ٿو جڻ شيخ ايياز دنيا جي عشق پرست ماڻهن کي زبان ڏيئي چڏي آهي ۽ مون جهڙو وياڪل شخص جنهن کي موت ڪانپوءِ جي زندگيءَ تي سئو سيڪڙو يقين آهي، سندس ڪلام ٻڌي سندس ناچاڪ طبيعت کي اکيون پوري سارڻ لڳندو آهيان.

اڄ جڏهن اخبار ۾ سندس وصال جي خبر پڙهي اٿم، تڏهن اها ڪئسيٽ گاڏيءَ ۾ وجهي اهي گهڙيون ياد ڪندو آيو آهيان، جڏهن هڪ دفعي ڪنهن فنڪشن مان موٽندي جيجيءَ کي مون سندن ڊفينس واري گهر تي ڊراپ ڪيو هو، ڪار ۾ ويهندي ئي مون

ڪيس فرمائش ڪئي هئي ۽ جيجي بنا هيڪ جي بغير سازن جي ڪلام ٻڌايو هو.

"ساوڪ رت ۾ سانورا، هيل نہ آئين تون"

۽ وقت منهنجي اکين آڏو موٽ کائي ٿو. اهو دور جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ شاگردیءَ جي زماني ۾ جيجي زرينہ راتين جون راتيون گيت ٻڌائيندي هئي، تڏهن ڦوهہ جواني ۾ بغير سُئيٽرجي کليل ميدان ۾ ويهي جيجيءَ کي وينا ٻڌندا هئاسين ۽ صرف موسيقي ئي اسان جو هيٽر هوندي هئي.

ضرورت اڄ ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان پنهنجي لوڪ فنڪارن کي صحيح طرح پيٺا ڏيون ۽ انهن جي جيئري ئي سندن قدر ڪريون. ان سلسلي ۾ ثقافت کاتي کي پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪرڻ گهرجي.

روزانہ عوامي آواز

27-10-200

●

هي جن نظام کي تبديل ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي

انهن ٽن عورتن ۾ بظاهر ته ڪجهه به ساڳيو نه هو. نه هنن جو مذهب ساڳيو هو. ۽ نه ئي انهن جو ديس هڪڙو. نه ئي سندن نظريا هڪجهڙا هئا. ٻولي ۽ ثقافت جي هزارن سالن جي دوري جي باوجود اهي ٽي عورتون جيڪي ٽوري ٽوري عرصي جي وٽي ۾ اسان جي هن دنيا ڪي الوداع چئي ڪنهن ٻئي جهان ڏانهن روانيون ٿيون. انهن ٽن عورتن ۾ هيترن سارن فرقن جي باوجود ڪافي هڪجهڙايون به هيون. انهن ٽنهي پنهنجي پوري حياتي هن دنيا کي بهتر ۽ خوبصورت ڪرڻ لاءِ وقف ڪئي. انهن ٽن عورتن سيني ڏکيائن جي باوجود پنهنجي جدوجهد جاري رکي ۽ شڪست قبول نه ڪئي ۽ انهن ٽنهي عورتن پنهنجن پنهنجن فيلڊز ۾ ايتري مجتا ماڻي جو اڄ سموري دنيا انهن کي سلامي آهي. اهي ٽي عورتن هيو زرينہ بلوچ، امرتا پريتم ۽ روزا پارڪ. توهان شايد انهن ٽنهي کان واقف هجو يا انهن ۾ ڪنهن هڪ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻندا هجو ۽ ٻين جي باري ۾ گهٽ. پر اهي بظاهر ٽي مختلف نالا، ٽن خوبصورت موتين جيان هڪڙي ئي مالها ۾ پويل آهن. سڀ کان پهرين زرينہ بلوچ، جيڪا اسان سيني پاران هڪ منڙي نالي جيجي سان سڏي ويندي هئي. سا اسان جي مٽي جي هئي. جيجي زرينہ بلوچ تي مختلف ماڻهن پنهنجي عقيدت جي پيٽا جي طور ڪافي ڪجهه لکيو آهي. جنهن کي آئون ڏهرائڻ نه چاهيندس.

شيخ ايياز جي شاعري، جو جائزو ۽ڏنداسين ته سندس شاعري جا مکيہ ڪارج نظر ايندا. پهريون ته هن عروضي شاعري جي چڪر مان ڪڍي شاعريءَ کي ندي جي وهڪري جي جهڙي رواني، تازگي ۽ مدرتا ڏني. ٻيو ته شيخ ايياز انهن نج سنڌي صنفن جهڙوڪ وائي . بيت کي وري رائج ڪرايو، جيڪي غزل ۽ قطعن جهڙن غير سنڌي صنفن جي ميڙ ۾ گم ٿي ويون هيون ۽ ٽيون ته شيخ ايياز شاعري کي سماج ۾ هلندڙ تحريڪن سان جوڙي شاعري جي ڪارج کي واضح ڪري عوام ۽ خواص ٻنهي وٽ قبوليت ڏياري ساڳيءَ طرح پڪي ۽ ڪلاسيڪل راڳ ۾ پختگي حاصل ڪرڻ واري جستو ۾ وڃائجي ويل آواز جي مدرتا کي هڪ دفعو وري جيجي زرينہ بلوچ واپس آندو. جتي مردن ۾ محمد يوسف ۽ محمد ابراهيم موسيقي جي سريلائپ پڻ کي واپس وڙايو ته اتي عورتن ۾ اها کوٽ زرينہ بلوچ پوري ڪئي. ساڳي طريقي سان جيجي زرينہ بلوچ انهن سهرن، لاڏن ۽ لوڪ گيتن، نج

سنڌي صنفن کي وري رائج ڪرايو. جيڪي گهر ٽي رهگو ڪن گهرن تائين محدود ٽي ويون هيون، جيجي زرينہ بلوچ جي انهيءِ عمل سان انهن صنفن کي وري مجتا ملي ۽ جيجي زرينہ بلوچ موسقي کي رهگو تفريح تائين محدود نہ ڪيو پر انهيءِ کي سماجي تبديلي لاءِ هڪ طاقتور ذريعي طور پيش ڪيو. اها جيجي زرينہ بلوچ ئي هئي. جنهن هڪ پاسي چلڙي جهڙو لوڪ گيت عوام جي چپن تي ٻيهر آندو تہ شيخ ايازجي وائي هي تنهنجي ياري ڪنڊي ڪاپري ڳائي عوام ۽ خواص جي مزامن جي وچ ۾ حائل انهيءِ کاهي تي پل جو ڪو ڪردار ڪيو.بي عورت جيتوڻيڪ اسان جي ڏرتي سان تعلق نہ رکندي هئي.پر انهي سان خبر ناهي چو هڪڙو عجيب پنهنجائپ وارو رشتو هو.امرتا پريتم ۽ اها پلي گهڻ رانو الا ۾ ڇائي هجي. پر هوءَ اسان وٽ ٻہ ايتري ئي مشهور ۽ مقبو هئي.جيتري سنڌ واسي کا ٻہ ليکڪا. سندس محبتن جا قصا ٻہ ايتري چاهہ سان ٻڌايا ۽ ٻڌا ويندا هئا. پوءِ ڪٿي اسان وٽ سندس شهرت جو سبب امروز سان گهاريل پل هجن (۽ ها امروز سندس ئي مذهب سان تعلق رکندڙ ڪلين شيون سڪ آهي.جنهن سان سندس ڪو ٻہ مذهبي فرق نہ هو ۽ نہ ئي سندس ٿانو امرتا جي گهر ۾ الڳ رکيا ويندا آهن.) پر امرتا پنجابي زبان جي تمام وڏي ليکڪا هئي. سندس هڪ سئو کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.جن مان ڪافي اردو ۽ سنڌي ۾ ٻہ ترجما ٿي چڪا آهن. امرتا شايد پهرين پنجابي ليکڪا هئي.جنهن پنهنجي جڳهہ ناهي ۽ پنهنجي انتهائي خوبصورت ڊڪشن ۽ حساسيت سان پنجابي ادب کي هڪ بلڪل نئون لهجو ڏنو. انهيءِ ڳالهہ کان بلڪل قطع نظر ٽي ڪري تہ پنجابي هوليءَ جا انتهائي ٿورا پڙهندڙ هئا ۽ گرمکي لپي ۾ سندس لکڻين جا پڙهندڙ اڄان ٻہ ٿورا هئا، پر ان باوجود هوءَ پنهنجي هوليءَ سان ايترو ئي وفاداري سان رشتو برقرار رکندي آئي. جهڙو رشتو پنهنجي زندگي ۾ آيل هنن ٻن مردن سان رکيو. هن پنجابي زبان ۾ ادبي رسالن جي اٽاڪ ۾ ناڳ مني نالي رسالو ڪڍيو ۽ جيتوڻيڪ انهيءِ جي سرڪيوليشن بلڪل ٿوري هئي.پر تقريبن چئن ڏهاڪن تائين انهيءِ کي سڀني مشڪلاتن باوجود ڪڍندي آئي. امرتا پريتم هڪ آزاد زندگيءِ جو استعارو ٻہ هئي.هن سڀني ڪهيل اڳرين. الزامن. طعنن جي باوجود ڪڍهن ٻہ حالتن سان سمجهوتو نہ ڪيو ۽ هميشہ پنهنجي مرضيءَ واري زندگي گذاري.

ٽئين عورت کان اسان مان گهڻا شايد واقف نہ هجن. پر انهيءِ پنهنجي جدوجهد ۽ ثابت قدمي سان آمريڪا جي تاريخ تبديل ڪري ڇڏي. اها هئي روزا پارڪ. جنهن 24 آڪٽوبر تي 92 سالن ۾ ساهہ ڏنو. آفريڪي نسل جي هن لمريڪي عورت آمريڪا جي صدين جي نسلي فرق جي قانون ۽ روين کي جيڪر ختم نہ ٻہ ڪيو. پر تبديل ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. روزا پارڪ انهي آمريڪا ۾ 1913ع ۾ ڇائي جتي نسلي فرق زندگي جو معمول

هو. جتي ڪاري رنگ جي نسل جي ماڻهن لاءِ نوڪرين جا دروازا بند هئا، جتي سندن هوٽلن، پارڪن ۽ بين جڳهين تي اڇڻ تي پابندي هئي. جتي گوري چمڙي جي نسل جي ماڻهن کي اهو اختيار هو ته اهي معمولي ڏوهن تي کين ماري ڇڏين. جتي هر روز ۽ هر پل کين ذلت مان گذرڻو پوندو هو. 1 ڊسمبر 1955ع واري هڪ ڏينهن جڏهن کيس بس ۾ ڪاري رنگ هئڻ ڪري چيو ويو. تون هن جاءِ تان اٿي ته جيئن هڪ سفيد رنگ جي ماڻهو کي جڳهه ملي سگهي ته هن اٿڻ کان انڪار ڪيو. مان ڇو پنهنجي سيٽ ڏيان، جڏهن مون هن لاءِ ٽڪيٽ ورتي آهي؟.....رڳو انهيءِ ڪري جو منهنجو رنگ ڪارو آهي ؟ ۽ پلا منهنجي رنگ تي منهنجو ڪهڙو اختيار آهي؟ هن چيوهو. ڪيس انهيءِ نافرماني تي گرفتار ڪيو ويو ۽ انهيءِ تي سڄي آمريڪا ۾ بحث شروع ٿي ويو. ۽ بسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. جتي نسلي بنيادن تي فرق ڪيو ويو هو. نسلي فرق جي قانون کي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو. جتي ڪورٽ نسلي فرق واري نظام کي غير قانوني قرار ڏنو. اهڙي طرح روزا پارڪ شهري حقن جي جدوجهد جي علامت ٿي ايري. انهيءِ لاءِ ڪيس ۽ سندس مڙس کي سخت تڪليفون ۽ ڏسٽيون پيون، ڪين نوڪرين مان ڪڍيو ويو. جيلن ۾ ۽ وڇٽو پيو. پنهنجا گهر ڇڏڻا پيا پر روزا پارڪ پنهنجي انهيءِ جدوجهد کي قائم رکيو. 1987ع ۾ پنهنجي مڙس ريماند جي ياد ۾ هن هڪ انسٽيٽوٽ جو بنياد وڌو. جنهن جو مقصد نئين نسل کي انهيءِ جدوجهد جي ڪري آفريڪي نسل جي طور تي هڪ جهڙائي ملي، جنهن جو نتيجو اڄ ڪولن پاول يا ڪونڊا ليزا رائيس جي صورت ۾ ملي ٿو. جيڪي آمريڪا جي پرڏيهي وزيرن جي عهدن تائين پهتا آهن ۽ هاڻي ته اها ۽ ڳالهه گردش ۾ آهي ته ڪونڊا ليزا رائيس کي ريپبلڪن پارٽي پاران هيلري ڪلنٽن جي مقابلي ۾ صدارتي اميدوار طور بهاريو وڃي. سوچيو هڪ ڪاري رنگ جي نسل جي عورت آمريڪي صدر جي عهدي تي ۽ اچي سگهي ٿي. جيڪا ڳالهه اڄ کان پنجاهه سال اڳ ڪير سوچي ۽ نه پيو سگهي ۽ انهيءِ تبديلي لاءِ ڪوششون ڪندڙن ۾ هڪ وڏو نالو روزا پارڪ جو ۽ آهي.

انهن ٽنهي عورتن جي پنهنجي سماجن ۾ تبديليءِ ۽ انهن کي بهتر ۽ خوبصورت ۽ انصاف پريو ناهڻ ۾ وڏو ڪردار آهي. پر سندن عظمتن جو هڪ وڏو سبب اهو ۽ آهي ته هنن پنهنجي جدوجهد جي حاصلات کي عورتن جي حقن تائين محدود نه رکيو. پر هنن پنهنجي جدوجهد کي وسيع فريم ورڪ ۾ رکيو. هنن چاتو ٿي ته سندن جنگ مخالف جنس سان نه آهي، پر سندن ويڑهه انهيءِ نظام خلاف آهي. جنهن نظام جي گهاٽي ۾سپ پلجن ٿا، پر پلي اهو مرد هجي يا عورت، زندگي جو وڏو حصو تڪليف ۾ پوڳڻو پوي ٿو. پر ذميوار مرد کان وڌيڪ اهو نظام آهي. انهن ٽنهي عورتن پاڻ کي رڳو عورتن

تائين محدود نہ ڪيو. پرسپني سان گڏجي ملي سموري سماج لاءِ ڪر ڪيو ۽ پيار ۽ عزت تہ ڏسو انهن ٽن عورتن کي هڪ جيتري ملي. زرينہ بلوچ سڄي قوم جي جيجي جو رتبو پاتو ۽ سندس وڇوڙي تي هزارين اکيون اشڪبار هيون. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي بہ سنڌي هئا. انهن جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي جي درد کي محسوس ڪيو. ڇو تہ سيني کي خبر هئي تہ هاڻي بي جيجي زرينہ بلوچ نہ ٽيٽي آهي. ساڳيو شان ۽ عزت امرتا پريتم کي بہ مليو. جنهن جي پڙهندڙن ۽ پسند ڪندڙن ۾ هندستان جو موجوده وزير اعظم من موهن سنگھ بہ آهي. ڪيس جتي اڻ ڳڻيا ايوارڊ مليا، اتي مختلف قومن جي ماڻهن جو اڻ ميو پيار بہ مليو ۽ روزا پارڪ جي عزت جو اهو مقام آهي تہ سندس تدفين انهيءِ اعزاز سان ڪئي وئي. جهڙي ڪنهن آمريڪي صدر جي ڪئي ويندي آهي. ڪجھ سال اڳ ڇڏهن ٽائيم رسالي هن صدي جي هڪ سئو عظيم انقلابي ماڻهن جي فهرست ناهي تہ انهي ۾ روزا پارڪ بہ چي گويرا ۽ نيلسن منديلا سان گڏ هئي. خود نيلسن منديلا جڏهن آمريڪا آيو تہ، ڪيس هڪڙي وڏي خواهش هئي تہ هو روزا پارڪ سان ملي.

پيار ڪڏهن بہ اڻ موٽيو نہ هوندو آهي. پيار جي موٽ تہ هميشہ ملندي پر اڄ اسان وٽ سنڌ ۾ عورت تي ٽيندڙ ظلم کي مردن پاران ظلم ڏيکاري عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ڏار پيدا ڪيا پيا وڃن تہ ڇا نام نهاد فيمنسٽ نہ ٽيون ڇاڻين تہ سنڌ ۾ عورت تي ظلم هن نظام جي بيماري آهي. نڪي ان جو بنياد بائلا جيڪل فرق آهي. اڄ يورپ ۾ تہ ڪٽي عورت ڪاري ڪري نٽي ماري وجي، يا انهن تي تشدد نٽو ڪيو وجي، انهيءِ جو سبب اهو نہ آهي تہ اتي مرد نہ آهن، پر اهو انهيءِ ڪري تہ اتي جاگيرادر نظام نہ آهي. جنهن نظام عورت کي مجبور ڪيو . اڄ جون فيمنسٽ جڏهن ورجاءُ ڏئي چون ٽيون تہ، سندن لکٽين جي ڪري جاگيرداري ۽ وڏيرا نٽا ردعمل ڏيکارن. تہ اهي فيمنسٽ بلڪل صحيح آهن، ڇاڪاڻ تہ سندن لکٽين مان جاگيردارن يا هن نظام کي ڪو بہ خطرو نہ آهي. سندن لکٽيون هن سماج ۽ نظام جي خلاف نہ آهن. اهي خوش آهن تہ اها جنگ هاڻ نظام جي خلاف جنگ آهي. پر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو سمجهن ٿا تہ ذات، قبيلن ، برادرين ۽ طبقن ۾ ورهايل سنڌ هاڻ جنس ۾ ورهائجڻ لائق نہ آهي. جن ورهائڻ بدران جوڙڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ جنهن نظام کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

13-11-2005

جيجيءَ جو جيون

حيدرآباد جي جهوني وسندي ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ جنم ونڌڻ جيجي زرينہ 25 آڪٽوبر 2005ع تي هن دنيا مان هلي وئي. هن جي زندگيءَ جي 70 سالن ۾ گهٽي ياگي انهن گيتن جا پاڇا آهن، جيڪي هن تمام پيار سان ڳايا. هوءَ هن دنيا مان هلي وئي، پر هن جا گيت اڄ بہ هن جي وجود جا گواهہ ٿي گونجندا رهن ٿا. هڪ فنڪار جو موت، فن جو موت ناهي. بلڪ فن هڪ اهڙي امرتا آهي، جيڪا فنڪار کي پنهنجي حوالي سان وڏي وقت تائين حيات رکي ٿي. (جيڪڏهن مان موت جي اها وصف مڃان تہ موت ماڻهن جي ذهن ۾ ڪنهن انسان جي ويسر آهي)، تہ هڪ فنڪار پنهنجي طبعي انت کانپوءِ بہ موجود رهي ٿو. هن جو وجود پهرئين هڏ ءِ ماس جي صورت ۾ ءِ پوءِ هن جي فن جي صدا بڻجي گونجندو رهي ٿو. ان ڪري شايد موت جي خلاف هن وقت تائين، جيڪي بہ ڪوششون ٿيون آهن، تن ۾ ڪامياب ڪوشش اها ئي قرار ڏني وڃي ٿي، تہ جيڪو انسان پنهنجي فاني حياتيءَ کي ڪنهن لاڳاپي مقصد سان ڳنڍي ٿو، سو جڳان جڳ جيئي ٿو.

جيڪڏهن جيجي زرينہ بلوچ سوين سهاڻا ءِ سريلا گيت نہ ڳائي ها، تڏهن بہ هن جو نالو صرف انهيءَ گيت جي ڪري سدا حيات حوالو بڻجي رهي ها، جيڪو گيت سنڌ جو قومي ترانو آهي. اهو گيت جڏهن بہ ڪائي نينگري استيج تي اچي جهونگاري ها تہ:

جيئي سنڌ، جيئي سنڌ،
جامِ محبت، پيئي سنڌ.
جيئي هاري ءِ مزدور
جيئي هارياڻي پرنور
پورهئي اندر صبح شام
جيئي سنڌ جيئي سنڌ.

سنڌ تہ سدائين جيئڻي آهي، پر سنڌ جي جيئڻ جي صدا کي پنهنجي سُر ۾ سمائيندڙ فنڪار بہ هميشہ موجوده رهندو. اها سنڌ جي دعا آهي ۽ اها دعا هوءَ جيجيءَ زرينہ کي اربي چڪي آهي.

جيجي زرينہ بلوچ ڪيتري وقت کان وڃي ڪراچيءَ جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل هئي. سنڌ جي تقريبن سمورن سڃاڻ ماڻهن هن سان عيادت ڪرڻ جي حوالي سان ڇڻ تہ هن کان قومي سطح تي موڪلايو. انهن سمورن کي خبر هئي تہ جيجي وڏي پنڌ تي وڃي رهي آهي. هوءَ آخر ۾ صرف پنهنجي گهر پاتين کي دعائون ۽ پيار ڏيندي نہ وئي آهي، پر هن سڃي سنڌ سان پنهنجي دل جي محبت وندبي ۽ ورڇي. ان حوالي سان هن حقيقي طور تي پنهنجي نالي جي پت رکي، ڇو تہ سڃي سنڌ هن کي جيجي جي نالي سان پڪاريندي هئي. جيجي زرينہ جيترو وقت اسپتال ۾ رهي، اخبارن ۾ هن جي حوالي سان مختلف مضمون ۽ ڪالم شايع ٿيندا رهيا. هن جي زندگيءَ ۽ شخصيت جا مختلف پهلو ۽ پاسا ذڪر هيٺ ايندا رهيا. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هوءَ لوڪ گيتن جي حوالي سان سنڌ جي راڻي هئي. اها بہ حقيقت آهي تہ هوءَ سنڌ جي ڏاهي ۽ سنڌ جي قومي حقن جي لاءِ جهيڙو جوڻي رکندڙ رسول بخش پليجي جي گهر واري هئي. سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر سسئي پليجو جو اهو اعزاز بہ هڪ سچ آهي تہ هوءَ ان عظيم عورت جي ڏوهٽي آهي، پر اهي سڀ حوالا هن جي سڃي شخصيت جي عڪاسي ڪندي بہ ان وقت اڌورا محسوس ٿين ٿا، جڏهن ڪوئي هن جي زندگيءَ جي ادبي پهلوءَ کي فراموش ڪري ٿو.

مون کي موسيقيءَ سان تمام گهڻو چاهہ آهي. اها واحد شيءَ آهي، جيڪا احساسن جي گهنگهور گهڙين جي دوران مون کي وڏو سهارو ڏئي ٿي. پر پنهنجي مخصوص مزاج جي حوالي سان مون محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي موسيقي جو ذريعو صرف سازن ۽ آوازن تائين محدود ڪونهي، پر مون اڪثر ادب جي نثري ڪتابن توڙي شاعريءَ جي مجموعي مان سُر ڦٽندي محسوس ڪيا آهن. ڪتاب، هڪ اهڙو خاموش ساز آهي، جنهن جي پني کي اڌلائڻ سان ڪيترائي آواز اپري اچن ٿا.

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي ستر سالا زندگيءَ ۾ ڪيترائي ذاتي ۽ فني ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. پر سنڌ واسين کي هن جي شخصيت جو اهو اهم پهلو نہ وسارڻ گهرجي، تہ هوءَ هڪ ماءُ، هڪ زال ۽ هڪ قومي فنڪاره هجڻ سان گڏوگڏ هڪ اديبا

هئي. جڏهن به سنڌ جي ادب ۾ عورتن جي ڪردار بابت ڪا تحقيق ٿيندي، تڏهن اهو محقق ان زرينہ بلوچ کي نظرانداز نہ ڪري سگهندو، جنهن کي جيجي نہ صرف سنڌ جي معصوم ماڻهن جي زندگين ۽ انهن جي ڏکن سکن کي پنهنجن لفظن جي لوئي اوڍائي، پر هن سنڌي ادب کي اڃتي جون منزلون ڏيکارڻ جي لاءِ پرڏيهي ادب جا سڀ ترجما به ڪيا.

مون کي اڄ به چڻيءَ طرح ياد آهي، ته فرانس جي وجوديت پرست اديب ژان پال سارتر کي مان انگريزيءَ ۾ شوق سان شايد نہ پڙهي سگهان، جيڪڏهن مان هن جي هڪ مشهور ڪهاڻي "ديوار" جو سنڌي ترجمو نہ پڙهان، اها هڪ عاليشان ڪهاڻي هئي. اها ڪهاڻي انهن انقلابين متعلق هئي، جيڪي ٽارچر سيل ۾ پنهنجي انقلابي ساٿين جا نالا ٻڌائڻ کان انڪاري هئا. جيل جا ڪارندا انهن جي انقلابي عزم کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. انسان ڪهڙيءَ ريت پنهنجي انقلابي جذبي جو تحفظ ڪري ٿو، ۽ پنهنجي انقلابي انا کي قائم رکڻ جي لاءِ آخر تائين پتوڙي ٿو. اهي احساس مون نندپڻ ۾ ان ڪهاڻي ذريعي محسوس ڪيا. ۽ اها ڪهاڻي هڪ سنڌي رسالي ۾ شايع ٿي نہ سگهي ها، جيڪڏهن زرينہ بلوچ ان جو سنڌي ترجمو نہ ڪري ها. ان ڪري هوءَ صرف انهن ٻارڙن جي استاد نہ هئي، جن کي هن اسڪولن ۾ پڙهايو، پر هوءَ سنڌ جي اديب ۽ ادب دوستن جي استاد به هئي. مون کي يقين آهي ته هن پنهنجن احساسن ۽ جذبن کي پنهنجي نوٽ بوڪن ۽ ڊائرين ۾ لکيو هوندو. پر مون کي ان جي پڪ کو نہ ٿئي، ته هن جا لکيل لفظ ڪڏهن منظر عام تي اچي سگهندا. جڏهن ته اچڻ گهرجن. اهو سنڌ جو قيمتي اثاثو آهن.

اسان وٽ ته چڱا پلا اديب به پنهنجي زندگيءَ جون وارتائون قلمبند ڪرڻ کانسواءِ هن دنيا مان هليا وڃن ٿا ۽ اهي ماڻهو جيڪي وڏي پئماني تي معاشري جي وڃين ڏارا ۾ رهن ٿا، انهن تي نہ ڪائي تحقيق ٿئي ٿي ۽ نہ ڪوئي انهن تي ڪتاب لکي ٿو. پر الائي ڇو منهنجي خواهش آهي ته جيڪڏهن زندگيءَ جيجي زرينہ کي اها فرصت نہ ڏني ته هوءَ پنهنجي جيون جي گذري ويل پلن ۽ حياتيءَ توڙي حالتن جي مختلف موڙن کي قلمبند ڪري ته اهو فرض سنڌ جي ڪنهن سڃاڻ قلمڪار کي ادا ڪرڻ گهرجي. ڇو ته تاريخ صرف حوالن تائين محدود رهي ٿي. جڏهن ته نئين نسل جي صحيح رهنمائي اهي تفصيل ڪن ٿا، جيڪي صرف ڪتابن ۾ ئي سمائجي سگهن ٿا.

جڏهن ڪجهه وقت اڳ مرحوم ممتاز مرزا جو لکيل ڪتاب "سدا سوئيتا ڪاپڙي" منهنجي نظر مان گذريو تہ مون کي ائين محسوس ٿيو تہ ڇڻ الڻ فقير جي حوالي سان ممتاز مرزا پنهنجو پاڻ کي بہ امر ڪري ڇڏيو آهي. الڻ فقير ڪوئي اديب نہ هيو ۽ هو چاهڻ جي باوجود ڪوئي ڪتاب نہ لکي سگهي ها. ممتاز مرزا اهو فرض ادا ڪيو. هاڻي زرينہ بلوچ جي حوالي سان بہ اهو فرض سنڌ جي ڪنهن اديب کي هر حال ۾ نيائڻ گهرجي. ڇو تہ ان ڪتاب کي پڙهي اسان نہ رڳو جيجيءَ جي جيون جي جدوجهد مان انسپائريشن حاصل ڪنداسين، پر ڪتاب تہ هڪ اهڙي شيءَ آهي، جيڪا ڪڏهن ۽ ڪٿي بہ پهچي سگهي ٿي.ڪهڙي خبر تہ اهو ڪتاب حالتن جي حوالي سان پابندين جي ديوارن پويان قيد، ڪنهن سنڌي نياڻيءَ جي نظر مان گذري ۽ هوءَ جيجي زرينہ جي پرعزم ڪردار مان اتساهہ حاصل ڪري. پاڻ هن جو تسلسل بڻائڻ جي لاءِ اڳتي اچي ۽ پنهنجي صلاحيتن کي منظر عام تي آڻن جي ڪوشش ڪري ۽ اهڙي طرح جيجي زرينہ جي هڪ فني ۽ فڪري ڏيءَ جنم وٺي. جيڪڏهن اهو ڪتاب صرف هڪ سنڌياڻي کي جيجي زرينہ جي روحاني اولاد بڻائڻ جو ڪردار بہ ادا ڪري ٿو تہ اها هڪ وڏي ڪاميابي هوندي. اسان پنهنجي قوم ۽ ماڻهن مان تمام گهٽيون مايوسيون ملڻ جي باوجود اميدن جو دامن اڃان تائين نہ ڇڏيو آهي، ان اميد جي ناتي سان هڪ اپيل ٿي ڪجي تہ جيجي زرينہ جي ادبي ڪردار کي اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ هن جي زندگي تي هڪ عدد شاندار ڪتاب جي تياري ڪئي وڃي.

●

روزانہ عبرت
آڪٽوبر-2005

سنڌ جي سورن جو سُر! زرينہ بلوچ

سُر زندگي جو ساز آهي،سوز آهي،سُر روح جي غذا آهي،سر انسان جي روح کي تراوت ٿو ڏئي. سڀ کان سٺو سُر جنهن ۾ انسان قرآن جي تلاوت ٻڌون ٿا .اهو قرآئت ڪرڻ جو آواز ٻڌي روح کي ڪيڏي نہ طاقت ملندي آهي،سر ڏک جو جمود ختم ڪندو آهي،سر هڪ وڏي ڪهاڻي آهي،سر کان سواءِ زندگي اداس آهي،سُر سان انسان ۾ جياپو ٿو اچي،پر اُهي سر جيڪي مظلوم قومن کي هڪ زندگي بخشين ٿا، انهن جي ڏکن جي زندگي ۾ بهار آڻين ٿا سي آهن قومي گيت ۽ انقلابي گيت.

انسان وٽ سنڌ ۾ افسوس هر طرف افراتفري جمود ڪاهلي ڪمزوري ۽ سور آهن، جيڪي اسين محسوس ته ڪريون ٿا پر انهن مان نجات نہ ٿا حاصل ڪري سگهون. انسان وٽ قومي گيت انقلابي گيت ڳائڻ کي ڏوهہ ۾ شمار ڪيو وجي ٿو.

اهو ڏوهہ ادي زرينہ ورجائي ورجائي ڪندي هئي. اڄ هو انسان کان موڪلائي هلي وئي آهي پر هن جا ڪيل ڏوهہ سنڌ جا ساز ٿي ويا آهن. هي اهي ساز آهن جنهن کي ڪو ئي باهہ نہ ٿو ڏئي سگهي. هي دلين ۾ پيوست ٿيل ساز انسان جو سوز آهن. انسان جو ڏک آهن. انسان درد جي پيڙا ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهيون. هي دردُ وڌيڪ اجاگر تڏهن ٿئي ٿو جڏهن انسان هي املهہ ماڻڪن جهڙا گيت ٻڌون ٿا. ڪاش انسان جا ٻئي سنڌي چينل ڪجهہ عرصي لاءِ اهي ئي گيت ٽيليڪاسٽ ڪن. جيئن انسان هن ڏوهہ ڪندڙ انسان کي وري ٻڌون ته هن جا ڏوهہ ڪيترا نہ مڏر ۽ مانيڻا ڏوهہ آهن.هي ڏوهہ سڀ گڏجي ڪيون، جيون ۾ نئين جوت جاڳايون. وطن وطن ڪندي هو ته هلي وئي. پر انسان لاءِ هڪ نئون ڏيئو ٻاري وئي. ها مجان ٿي مرڻو ته سڀني کي آهي. موت مهڻو به ته نہ آهي پر جستجو ۽ تلاش ڪندڙ هڪ انسان انسان کان موڪلائي هليو ويو. ڪو بيجل هو ڪو ساز هو. ڪو آواز هو. ڪو رنگ هو. ڪو ڍنگ هو. ڪو درياهہ هو. ڪو سمنڊ هو. يعني هو جو ئي هو. سو ئي هو. سنڌ جا سور آلاپيندو هليو ويو. دور دور ڏاڍو دور. اچو ته گڏجي رب کي عرض ڪريون ته هو تنهنجي هئي. تو واپس ونئي ڇڏي ۽

اهو آواز جيڪو سنڌ جا سور جهونگاريندو هيو. ان جي جاءِ تي هاڻي اسان کي اهڙا ڪئين ٻيا سوز ۽ سر وارا آواز ڏي، جيڪي هن ڌرتي تي سجاڳي آڻڻ وارا گيت ۽ انقلابي گيت ڳائي، نسلن کي جاڳائيندا رهن.

موت هڪ اٽل حقيقت آهي پر موت هڪ انسان لاءِ وڏو پرڏو آهي. هو انسان جا عيب ثواب ڏيکي ٿو. اگر موت نہ هجي ته انسان ڏاڍو خراب ٿئي. هن نفسا نفسي جي عالم ۾ ڪريل جو ڪو ئي ڪو نہ آهي. انسان فنا آهي. هو فنا ٿيڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي. بيمار ڪمزور نبل ماڻهو لاءِ هن پردي ۾ سڪ ۽ شانتي آهي. هو رحم رڳ وارو آهي ۽ پنهنجي جوار رحمت ۾ انسان کي وٺي ٿو ڇڏي، پر ان جي پويان انسان ضرور روئن ٿا. رڙن ٿا، هو بہ ڇا ڪن جو زندگين جو ساٿ ڇڄي ٿو جيڪو ويو سو وريو ڪونهي، ڪيترن ڏينهن کان سوچيم پئي ته ادي زرينہ کي ڏسي اچان پر وقت پر ڪري اڏامندو رهيو ۽ دل ۾ اها آس رهي ته ايڏي باهمت ۽ بهادر عورت اڄا ڪا نہ ويندي، ٽيڪ ٿئي ته پوءِ اختر جي گهر وڃي ساٿس ملي ايندس.

آخر ڇنڇر 22 آڪٽوبر تي آفيس مان سڌو لياقت هاسپيٽل ويس، اختر سان مليس، حال احوال ٿيو. تڏهن بہ دل ڪو نہ مڃيو ته هو هلي ويندي، جو مون ادي زرينہ کي ڏٺو ڪو نہ. بس اختر سان ملي موٽي آيس، آڇر 23 تي جاويد فون ڪئي ته هلون ادي زرينہ کي ڏسڻ. خير آڇر تي جاويد سان گڏجي ويس. اتي، سسئي ملي، جنهن کي ڇيوسين ته ادي زرينہ کي ڏسٽو آهي.هن اسان کي ادي زرينہ جو آخري ديدار ڪرايو. بس ادي کي ڏسي دل ۾ اهو خيال پڪو ٿيو ته هي جستجو ۽ جيئڻ جو درمان ڪندڙ انسان وجي پيو ٿو. هي ساهہ بس هڪ تند آهي جيڪا ٽٽڻ واري آهي.

رات 25 آڪٽوبر 11 بجي جي خبرن ۾ خبر ٻڌي پڪ ٿي ته هو هاڻي همیشہ لاءِ هلي وئي. متل ميڙا ڇڏي راهہ عدم ڏي هلي ويئي. ها هن کي وڃڻو هيو. هن جي تياري هئي.خدا هن کي اتي بہ سرخرو ڪري، اصل منزل اها ئي ته آهي. هيءَ سڀ خواب آهن، پر هو هتي بہ هنن خوابن ۾ زندگي جا گيت ڳائيندي هئي، محنت، محبت، سچائي، جستجو سڀ طرف پاڻ سان کڻي هو رمندي رهي. هلي وئي. آڪاش جي پولار ۾ گم ٿيڻ لاءِ هلي وئي.

ڏک سڪ انسان جو ڏاج آهن، هو زندگي ۾ هي سڀ سور ۽ سڪ سهندي هئي، پر همت سان انهن کي منهن بہ ڏيندي هئي. هو ڏکن کي سکن ۾ بدلائي زندگي گهاريندي هئي.

سڀ کان وڏو سور هن جو سنڌ جا درد ها. هو ان درد کي سُرجو لباس پهرائي ٻين تائين پهچائيندي هئي. اهو ڏوهه اگر وري وري ٿي وي تي ڏيکاريو وڃي تہ جيڪر ڪنڌ ڪڙڇ تائين سجاڳي اچي.

سنڌ جا سور ڪڏهن ختم ٿيندا؟ سور سهندي سهندي انسان ختم ٿي وڃن ٿا؟ پر سور ختم ڪو نہ ٿا ٿين. خدايا اهڙا ڪي اپاءَ وٺ جو سنڌ جا سور ختم ٿين. سڀ پئمانا تو وٽ آهن. اسان تہ ڪمزور ۽ ناتوان آهيون. سور ۽ سُر گڏجي هلي هلي ٽڪجي پيا آهن. هنِ جو ٽڪ ختم ڪري. اهڙو ڪو رنگ پئدا ڪر جتي سنڌ جي ٻولي جا سور، سنڌ جي پاڻي جا سور سنڌ سان ويساهه گهاتين جا سور، سنڌ جي زمين جا سور، سنڌ جي ٻڇن جا سور، سڀ ختم ٿين.

وري ڪو سهڻو رنگ پئداڪر. جيئن هي نور واري جيجل ماءُ پرنور ٿئي. اختر جي جيجل تہ تو وٽ آئي آهي، هاڻي اها بہ تو وٽ دعاگو ٿيندي. منهنجي جيجل ماءُ جنهن ٻاجهه جي ٻولي ڏني، اها جيجل جيار. ڪو رنگ محبت جو رچاءُ. ڪو نئون سرواڻ ڏي. جيڪو سنڌ جا سور ختم ڪرائي. سنڌ منهنجي منڙي امڙ، تنهن کي دنيا جي نقشي تي اوجو مقام ڏيار. تون ئي آهين، سر ۾ ساز پئدا ڪرڻ وارو. ها، تون ئي منهنجي جيجل ماءُ کي ضرور ڪنهن منزل تي پهچائيندين.

"گهڙو ڀڳو مُنڌ مُئي، وسيلا ويا،
تِنهان پوءِ سُڻا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا!

شاهہ

روزانہ عبرت

30 - 10 - 2005

●

جيجيءَ جون يادون

هوءَ وڙهندي رهي، موت سان، ان ڪري جو هوءَ سڄي عمر ظلم، ڏاڍ ۽ جبر خلاف هر ويڑهه ۾ اڳيان اڳيان نظر ايندي هئي. هن گندلي(سسئي) کي آگر کان جهلي پنڌ ڪرڻ سيکاريو، ڪيس نندپڻ ۾ پرين جون ڪهاڻيون نہ، پر بهادري جا قصا، تاريخي واقعا ٻڌايا ۽ سنڌ سان پيار جو سبق ڏنو. سندس جهولي پريت کان ڪڏهن بہ خالي نہ رهي، اهي پياريا موتي، هن ڪڏهن استاد جي روپ ۾، تہ ڪڏهن وري لوڪ فنڪاره جي روپ ۾، تہ ڪڏهن اداڪاري ڪندي سنڌ جي گهر گهر پهچايا ۽ هوءَ سنڌين جي جيجي بڻجي وئي. هونئن تہ جيجيءَ کي ٽي ٻار، اختر بلوچ، اسلم پرويز ۽ اياز لطيف پليجو آهن، پر هن سنڌ جي هر ٻار کي پنهنجو ٻچو سمجهي کين پيار ڏنو.

جيجي زرينہ گهڻ پاسائين شخصيت هئي، هن جي زندگيءَ جي ڪهڙي پاسي تي لکجي؟!! هن جي لکڻين تي هن جي فنڪاره هجڻ تي، هڪ شفيق استاد هجڻ تي؟ باهمت ماءُ هجڻ تي، پيار ڪرڻ واري نانيءَ هجڻ تي، يا سڪ ۾ پريل ڏاڏي هجڻ تي. ماءُ جهڙي سس هجڻ تي، يا ايم آر ڊي تحريڪ دروان سين کان پهرين جيل وينڊڻ بهادر عورت هئڻ تي؟ هوءَ "شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو بچايو تحريڪ" جي عورتن جي اڳواڻ رهي، قوم پرست هئي. ڏرتيءَ جا گيت شيخ اياز لکيا ۽ جيجي ڳايا. هر طرف سندس منڻو آواز گونجڻ لڳو. عوامي تحريڪ جي هر ميڙ، جلسي ، جلوس ۾ ڳائيندي، نعرا هڻندي ڪالا باغ ڊيم کان وٺي سپني سنڌ دشمن منصوبن لاءِ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي رهي.

جيجي اڃان پنجن سالن جي هئي جو سندس امڙ وقت کان اڳ ڪيس ڇڏي هن جهان مان هلي وئي. اهو پيار جيڪو ڪيس والدين وٽان ملي ها، اهو اٽيورو رهجي ويو. ان محروميءَ کي هن انتهائي مثبت انداز سان قبول ڪيو. شايد اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي ٻارن، ڏوهٽين پوٽين کي بي انتها توجهہ ۽ پيار ڏنو. ٽي سال سسئي پليجو ۽ ان جي جيون ساڻي سهيل احمد ڪلهوڙي سان، لنڊن ۾ رهي. سسئيءَ جي سماجي پڑهائي دوران ڪيس اتساهيندي رهي. جيجي بختاورجي شاديءَ کان پوءِ مظهر ۽ بختاورسان گڏ لنڊن ۾ رهي.

کيس پنهنجي محبت ارپيندي رهي. سرمد، پرهه، اسد، توڙي ادا اسلم جي ٻارن کي پيار ڏنائين. سندس سالگرهن تي سرپرائيز پارٽيون تحفا ڏيندي خوشيءَ مان نه ماڻيندي هئي. بيماريءَ کان اڳ، سسئي جي گهر، اسان کڇهري وينو کئي، باغ ۾ اتي هلکو پلڪ کندي ڇيائين ته انديا مان دعوت آئي آهي. مون ڇيو مانس، امان جي توهان هلو ته مان به هلنديس، ان تي مرکي ڇيائين ته تو سان گڏ هلڻ تي ڏاڍي دل ٿي چويم پر "امان منهنجو جوش" ان کي کيئن ڇڏي سگهندس. مون وراٽيو، امان ان کي سنيالڻ لاءِ ادا اياز ۽ صنم آهن. ڇيائين "پر هاڻي دل تي ڇوي ته ٻچن کان هڪ پل به پري نه ٿيان"

ان ملاقات جي هفتي کان پوءِ سسئيءَ ٻڌايو ته امان زرينه جي طبيعت خراب آهي، سيٽي کيس اسپتال ۾ داخل کيو. اهڙو کهڙو مسئلو آهي جو داخل ٿيڻ جي ضرورت پئي ڇيائين امان زرينه کي برين ٽيومر آهي. اهو ٻڌي ڏاڍو صدمو ٿيو. آغا خان کان پوءِ کيس لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل کيو ويو، اتي به هوءَ اسپتال جي عملي جي دوست ٻڌجي وئي. سرمد ۽ سسئي هر وقت ساٿس گڏ رهيا. بيماريءَ ۾ هڪ لمحي به هوءَ لاءِ مايوس نظر نه آئي، گانا ڳائيندي رهي. زنده دليءَ سان جيئندي ۽ مرکندي رهي.(پر سندس نيٽ نه ڇاڻ نه ڇو هر وقت آلا هئيس) هن کي هميشه هلندي قرندي ڏٺو هيوسين. شايد هوءَ اسپتال جي بستري کان بيزار هئي. سيني ٻچن جا منهن هٿن ۾ ونڻي شايد هوءَ آسيس ونندي هجي ۽ کين بنان ٻڌائڻ جي موکلائيندي هجي. ڏهه ڏينهن کوما ۾ هئي. آءِ سي يو جي بيڊ نمبر ون تان کوڙ پيرا موت مايوس ٿي موٽي ويو. هوءَ وڙهندي رهي، کيس وڙهڻ جي عادت جو هئي، پر کڏهن کنهن جو دل نه رنجايائين.

شيخ اياز هڪ پيري کيس ڇيو ته ادي زرينه تو منهنجي شاعريءَ کي ايڏو سهڻو آواز ۽ جذبو ڏئي امر کري ڇڏيو آهي، سنڌ جي جيجي زرينه بلوچ جنهن هارائڻ سکيو ئي نه هو، نيٽ 21 رمضان المبارک جي رات، سڄو ڏينهن پنهنجي مٽان بينل سسئي جو هٿ ڇڏيو، اڇو پشم جهڙو هٿ جنهن کيس بانبڙا پائڻ کان پوءِ هلڻ ۽ بامقصد زندگي جيئڻ جو سبق ڏنو، پنهنجي ئي گيت جيان ڇئي رهي هئي."الوداع ، الوداع، اي سنڌ تو کي الوداع"

منهنجي ڪنن تي اسپتال ۾ جهونگاريل سندس آخري گيت جا بول پيا،

"ويندي سانءِ وائڙا ته ڏاڍو ياد ڪندين، ڏاڍو ياد ڪندين."

روزانه عوامي آواز

10 - 11 - 2005

رھجي ويل درد

جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي وارو غم سنڌ اڃان وساري ناھي سگھي. پوري سنڌ جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي سوگوار آھي. جتي ڪٿي تعزيتي ميڙاڪا ٿيا ٿين تہ ڪٿي وري اخبارن وسيلي تعزيتي بيان ڏيئي جيجي زرينہ بلوچ جي پونئيرن سان ڏک ورڇايو. تہ ڪي وري تڏي تي وڃي تعزيت ڪري رھيا آھن. انھن تعزيتن پويان ھڪ وڏي درد جي ڪھاڻي آھي. جيڪو درد جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي بعد اسان وٽ رھجي ويو آھي. ھوءَ سنڌ جي عظيم ناري ھئي. جنھن ھر روپ ۾ سنڌ ساڻ وفا ڪئي. سنڌي ماڻھن جي حقن لاءِ ساھ جي آخري ويڙھاند تائين جنگ ڪندي رھي. ڪڏھن ڪنھن آڏو نہ مڙي. نہ وڪاڻي. ھن ھميشہ سنڌ جي ويرين ساڻ جنگ جاري رکي. موت جي بستر تي بہ نصيحتون ڪندي رھي. تہ سنڌ جي پارت ھجيو.

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جو اڻميو سرمايو ھئي. سندس جي آواز ۾ سمايل پيڙا. درد ۾ سنڌ جي ڏکن ۽ سورن جي تصوير سمايل ھوندي ھئي. ھو جي ناھي رھي تہ ھڪ وڏو خال ٿو محسوس ٿئي. جنھن کي ڀرڻ ۽ وري بہ جيجي زرينہ بلوچ جي ڀگولا ۾ شايد ڪيئي عمريون لنگھي ويندیون. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ماتا جي ڪک مان جنم ونڊڻ ھڪ انمول ھيرو ھئي. جنھن جي لک ڪوششن باوجود بہ جيڪا اسان کي رکوالي ڪرڻ ڪپي ھا. اھا نہ ڪري سگھياسين. اڄ اھو اڻميو سرمايو اسان کان گم ٿي پردو ڪري ويو آھي. تہ اسان روئي پٽي رھيا آھيون. پر اھو ھاڻ اسان کي خزانو ناھي ملڻو ۽ نہ وري انھيءَ کي ڪنھن ماڳ تي پسي ٿو سگھجي. اھو ھاڻ سنڌ جي ماضي جو حصو بڻجي رھجي ويو آھي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌي عوام جي حقن جي حاصلات واري جنگ ھر طور ۽ طريقي سان وڙھي. ھن پنھنجي آواز وسيلي سنڌي ماڻھن کي اھو احساس ڏياري انھن جي اندر ۾ ويڙل ماڻھو کي سجاڳ ڪيو. تہ اوھان خاموش ڇو آھيو؟ اوھان لاءِ راھون تنگ ڪيون ويون. جيجيءَ جي آواز سنڌ ھڪ وڏي تبديلي آندي تہ گڏوگڏ وري جيجي زرينہ بلوچ پنھنجي آواز وسيلي سنڌ جي ثقافت ۽ ڪلچر کي بہ زنده رکندي

آئي ۽ دنيا آڏو سنڌ جي ريتن ۽ رسمن کي سهڻي ٻولي وسيلي دنيا آڏو آندو. نہ صرف اهو جن گهڙين ۾ سنڌ تي حالات سوڙها ٿيا تہ جيجي زرينہ کان برداشت نہ ٿيو ۽ هن جي اندر ۾ ويڙل اديب ٻہ قلم جي زبان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ هن قلمي جهاد ڪندي يادگار تحريرون تحرير ڪيون. جيڪي اڄ ٻہ سنڌي ادب جو نايابخزانو آهن پر تنهن جي باوجود ٻہ اسان سنڌ جي ايڏي وڏي نالي، جيجي زرينہ بلوچ کي اهوخراج تحسين پيش ناهيون ڪري سگهيا. جنهن جي هوءَ لائق هئي. تنهن پڃاڻان اڄ جڏهن هو اسان کان ڪنهن خواب وانگي الڳ ٿي هڪ خال ڇڏي وئي آهي تہ اسان کي انهي جي ضرورت محسوس ٿيڻ شروع ٿي آهي. انهيءَ لاءِ اهو هاڻ لازمي آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ جو نانءُ کي زنده رکڻ لاءِ سنڌ جي سلجهيل طبقن ۽ سنڌ جو درد رکندڙ ساڃاهہ وند دوستن کي اڳتي اچڻ ڪپي. جيجي جي نانءُ تي سنڌ جي اندر لوڪ گيتن جي سڪيا جا مرڪز قائم ڪيا وڃن. جتي سنڌ جي لوڪ فن جي حوالي سان سڪيا ڏني وڃي. اهڙن قدمن کڻڻ سان جي جيجي جي فن جي رکوالي ٿي سگهندي تہ اتي انهيءَ فن کي بچائڻ ۽ زنده رکڻ ۾ ٻہ سوپارا ٿيندا سين. تہ اتي وري اڇوکي جيجي جي نانءُ کي امر رکڻ لاءِ سنڌ جي نندن توڙي وڏن شهرن ۾ ادبي لائبريريون قائم ڪيون وڃن. جتي علاقائي ماڻهو ادبي دنيا سان واقف ٿي سگهن. ائين ٿيڻ سان جيجي زرينہ بلوچ جي اڌ ۾ ڇڏيل سفر کي سهڻي سليقي سان پار ڪري سگهنداسين. تہ اتي وري سنڌ ۾ نوان لاڙا آڻڻ ۾ سوپارا ٿيندا سين. جنهن بعد سنڌ جي هر ڳوٺ، شهر ۽ وسندي ۾ سجاڳي جي هڪ نئين دنيا شروع ٿيندي. اها دنيا جنهن جون پارتون ۽ سجاڳي جو درس ڏيندي، سنڌ جي هيءَ مهان راڳ راڻي جيجي زرينہ بلوچ، اسان کان هوا جي جهوٽي جيان الڳ ٿي وئي آهي.

روزانہ هلچل

10 - 11 - 2005

جيجي بحيثيت استاد ۽ کارکن

چانور چوندبيندي مون کي آئي هڏکي،
پرت پريندي مون کي آئي هڏکي،
مان ٽي پانيان منهنجا مارو ايندا.

جيجي زرينہ استاد هئي، فنڪاره هئي، صداڪاره هئي، اداڪاره هئي، اديبہ هئي ۽ سرگرم سياسي کارکن بہ هئي، توهان کي سندس انهن پاسن مان ڳرو پاسو ڪهڙو ٿو محسوس ٿئي؟ هي سوال بي بي سي جي رپورٽر علي حسن جو جيجيءَ جي پٽار سول بخش پليجي کان هو. جيڪو بي بي سي لاءِ رسول بخش پليجي کان انٽرويو ڪري رهيو هو. رسول بخش پليجي خاموشيءَ سان هڪڙو لمحو سوچڻ بعد چيو تہ زرينہ اهڙو ماڻهو نہ هئي، جنهن جا ڪي پاسا پرپور ۽ ڪي پاسا ڪٽل نظر اچن، زرينہ لاءِ اهو سوچڻ ئي غلط ٿيندو. زرينہ جي اظهار جا سمورا رخ پرپور هئا. انهن سمورن پرپور رخن جو نالو زرينہ آهي. پنهنجو جواب جاري رکندي رسول بخش پليجي چيو، تہ جيتوڻيڪ منجهس ڪوڙ انساني ڪمزوريون بہ هيون، پر مجموعي طرح زرينہ انتهائي محنتي، اڻ ورڻ، بهادر، خود اعتماد، هوشيار، سمجهو، داناءُ، پاڻ اربيندڙ، صبر ڪندڙ، شفيق روشن خيال ۽ ثابت قدم طور پنهنجو پاڻ ڪي ثابت ڪيو.

سندس ڳايل ڪهڙا گيت يا نغما توهان وڏ ۾ وڏ پسند ڪريو ٿا؟ علي حسن ٻيو سوال ڪيو. ياد ڪرڻ لاءِ ذهن تي زور ڏيندي رسول بخش پليجو چوي ٿو تہ "منهنجا پرين، او بانورا او سانورا، يا "جنگ آ جنگ آ منهنجي تو سان جنگ آ" يا استاد بخاريءَ جو "ڪفن متي سان بڌي وڃن ٿا، اهي اسان مان، اهي اسان مان، سندا جيئڻ لئہ جتن وڻن ٿا اهي اسان مان اهي اسان مان" يا گدائيءَ جو نظم "سات هلندو رهي، لات برندي رهي، نوجوان ساڻيو، سنڌ جا وارثو "

اڄا تہ اسين سنڀرياسين پئي ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪئي هئي سون تہ جلدي پاڻ ۾ ويهي، جويي صاحب سان گڏجي ڪي نيون ڏنون تيار ڪري سنڌ ۾ نئون ڪلچر اپاريندا سين، بلڪ سيلاب آڻيندا سين. پليجي صاحب چيو پئي.

ان انٽرويو دوران آئون موجود هئس ۽ مون چيڪ پئي ڪيو ته علي حسن جي سوالن جي جواب ۾ جڏهن رسول بخش پليجي جيجي زرينہ متعلق ڳالهايو ٿي. تڏهن بلڪل ڪيس وسريو ٿي ويو ته ڪا هوءَ هاڻ هن دنيا ۾ موجود ناهي. جيجيءَ بابت ڳالهائڻ وقت سندس چهري تي عجيب قسم جي سُرخي اچي ٿي ويئي. آئون خيالن ۾ گم سم سوچڻ لڳس، رسول بخش پليجو، جيجي زرينہ، ايياز لطيف، ادي اختر، غلام قادر، سسئي، ڇا ته خاندان آهي، اهڙو خاندان جنهن کي فخر سان اسان دنيا اڳيان پيش ڪري سگهون ٿا.

اڄ جڏهن جيجي زرينہ جي تڏي تي وينو آهيان. دل ۾ اوجتو خيال اچيم ٿو، ته جيجيءَ تي ڪجهہ لکان، اهو خيال اچڻ شرط جهٽڪي سان اڻي وينس، ڪيسي ۾ هٿ هنيم پر پين نہ هئي. نہ وري پنا هئا. اهي گهرايم، جيستائين پنا پين اچن، تيستائين منهنجي ذهن ۾ خيالن ۽ ڪيترن ئي سوالن جون ويرون چڙهڻ ۽ لهڻ لڳيون. آئون سوچي رهيو آهيان، لکت جي ڪتان شروعات ڪريان، ڪٿي ختم ڪريان، لکت جو پلاٽ ۽ نقشو ڪهڙو هوندو گهرجي؟ اهي خيال سوچيندي حيرت انگيز خيال منهنجي ذهن ۾ گردش ڪرڻ لڳا ۽ سوالن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو ۽ منهنجي ذهن ۾ هڪ خودڪار انٽرويو شروع ٿي ويو. سوال اپريو ته جيجي زرينہ بابت چند صفحن تي لکي ساڻس ڪو بہ قلم يا قلمڪار ڇا انصاف ڪري سگهي ٿو؟ منهنجي ذهن فوري جواب ڏنو بلڪل نہ. وري بہ سوال پيدا ٿيو ته جيجيءَ جي زندگيءَ تي مڪمل ۽ مفصل لکڻ ممڪن آهي؟ جواب آيو تمام گهڻو مشڪل، ان ڪم لاءِ سال گهرجن. وري هڪڙو عجيب سوال اپريو ته غلط ته نہ سوچي رهيو آهيان؟ هڪ ٽڪ جواب آيو. تون بلڪل درست سوچي رهيو آهين. ائين سوالن جوابن جو سلسلو جاري رهندي ڪنهن مهل سوال ڪندڙ ذهن جي حصي کي جواب ڏيندڙ دماغ جي حصي جو تفصيلي جواب ڏيڻ شروع ڪيو. ته ڪيئن جيجيءَ تي مڪمل ۽ مفصل لکڻ، نہ فقط مشڪل پر ذري گهٽ ناممڪن آهي. جيجي زرينہ جنهن زندگيءَ جا لڳ ڀڳ 70 سال ڀرپور نموني سان هن دنيا ۾ گذاريا ۽ پنهنجي ور رسول بخش پليجي سان جوانيءَ کان پيريءَ تائين گذاريل زندگيءَ تي لکڻ ممڪن آهي؟ ادي اختر بلوچ، اسلم پرويز ۽ ايياز لطيف کان ويندي، انهن جي اولاد جي پيدائش، پرورش کان اڄ تائين جي تڪليفن توڙي خوشين جي لمحن کي مڪمل طرح قلمبند ڪري سگهجي ٿو؟ سندس انڊلني شخصيت جي هر رنگ تي لکي ان سان انصاف ڪرڻ ممڪن آهي؟ هڪ استاد، هڪ

فنڪاره، هڪ اديبا، هڪ صداڪاره، هڪ اداڪاره ۽ سڀ ڪان وڌي ڳالهه ته هڪ قومي ڪارڪن، سا به اهڙي قومي ڪارڪن! جنهن جي گهر جا ننڍا وڏا پاڻي قومي، عوامي، انقلابي ڪارڪن ۽ اڳواڻ هجڻ ناتي، سرگرم سياست ڪندا هجن، انهن جي ڏکن، سکن، ڪاميابين ۽ مشڪلاڻن جي جيجيءَ تي پوندڙ اثرن سميت سندس ور رسول بخش پليجي جنهن جيڪي 12 سال جيل اندر بيماريءَ ۾ گذاريا. انهن 12 سالن جي وڇوڙي وارين مختلف ڪيفيتن کي لکڻ ممڪن آهي؟ جڏهن ون يونٽ خلاف هلندڙ بک هڙتال تي حڪومتي اشاري تي حملو ڪري غلام محمد لغاريءَ سميت بک هڙتالي قومي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري بک هڙتالي ڪئمپ پٽي ڇڏي. ان ڏکل جدوجهد جي ديوار کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ادي اختر بلوچ بک هڙتال تي ويٺي ۽ گرفتار ٿي جيل ويئي. سندس نوجوان ڪنواري نياڻيءَ جي گرفتار ٿيڻ ۽ جيل وڃڻ تي، ڪيس سزا ملڻ تي پيدا ٿيل ڪيفيت ۽ ڪهڙو اندازو لڳائي سگهجي ٿو؟ اسلم پرويز گرفتار ٿئي ٿو. سندس ننڍڙو پٽ ايار لطيف (ان وقت ننڍڙو) گرفتار ٿي جيل وڃي ٿو. سندس نياڻو غلام قادر گرفتار ٿئي ٿو ۽ جيل ڪاٽي ٿو. پاڻ گرفتار ٿي جيل وڃي ٿي، انهن جذبن، اڏمن ۽ ڪيفيتن تي مڪمل لکي سگهڻ ممڪن آهي؟ پاڻ جڏهن سنڌ يونيورسٽي، ايل ايم سي، زرعي يونيورسٽي يا سنڌ جي ڪنهن به شهر ۾ ٿيندڙ قومي ڪاڇن ۾ ڳاڙهي اجرڪ اوڍي مرڪندڙ چهري سان اسٽيج تي اچي "ڊولڻ سائين تو سان گڏجي، سهڻل سائين توسان گڏجي مان به گوليون هلايان جاني، مان به گوليون هلايان" ڳائيندي هئي يا وڏي ڳڻپيرتا سان ۽ ڊار ڏيئي، سنڌ هاريءَ جي، سنڌ مزدور جي، سنڌ ڪنهن مير يا پير جي ڪين آ، ڳائيندي هئي يا جڏهن جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ، جيئي سنڌ جيئي سنڌ، ڳائي نوجوانن کي ڊانسون ڪرڻ تي مجبور ڪندي هئي يا جڏهن بلوچ شاگردن جي فرمائش تي بلوچي نغمو ما حاڪر ملڪان ني ڳائيندي هئي ۽ سندس چهري تي خوشي اهڙي چمڪ جي صورت ۾ نظر ايندي هئي جو پانئبو هو ته اجهو جيجي ڪنهن آتشبازيءَ جي گولي وانگر ڏماڪي سان روشنيءَ جي ننڍڙين ننڍڙين لکين ذرڙين ۾ تبديل ٿي سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي ويندي، ان وقت واري خوشي ۽ سندس جذبي بابت لکي ڇا هن سان انصاف ڪري سگهجي ٿو؟ اهڙا بيا لاتعداد دليل منهنجي ذهن تي ايري اچي اهو ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. جيڪي ظاهر دنيا وارن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو. اهو ته لکي

سگھجي ٿو. پر اندر ۾ سانڍيل احوال کير لکندو.

ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڃ ٿيون،
پر سين مون نہ ڪيون، گوشي پرين نہ ڳڏيا.
(شاھ)

اھو ممڪن ئي ناھي، تہ امان جيجيءَ بابت پيرائتي ڳالھ ڪري سگھون، سچ پچو تہ جڏھن آئون جيجيءَ بابت لکڻ وينو آھيان تہ مون پاڻ کي ڪنھن گھاٽي ٻيلي جي جھنگ ۾ وڃايل ننڍڙي ٻار وانگر محسوس ڪيو آھي، جڏ تہ آئون جيجيءَ جي گھڻ پاسائين شخصيت جي جھنگ ۾ وڃائجي ويو آھيان، جتان مون کي ٻاھر نڪرڻ جو ڪو بہ رستو، وات، گس يا پيچرو نظر نہ ٿو اچي، يا وري پنھنجو پاڻ کي ڪنھن بي ڪناره سمنڊ ۾ تاڦوڙا ھڻي تري ٻاھر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ ٿو محسوس ڪريان، جو ترندو ترندو اڃتي ڏسان ٿو تہ پري پري تائين ڏرتيءَ جو وجود نظر نہ ٿو اچيہ ۽ وري بہ واپس ٿيان ٿو ۽ پنھنجو پاڻ کي ٻڏندو محسوس ڪريان ٿو، تنھن ڪري جيجيءَ تي لکڻ جي خواھش مھانگي ڳالھ آھي، باقي چند عقيدت جا اکر سندس لاءِ پيش ڪريان ٿو، مون کي خبر ناھي تہ اھي آڏا ڦڏا اکر سندس شايانِ شان آھن، الائي نہ، پر ھنن لفظن ذريعي آئون فقط پنھنجي عقيدت جو اظھار ڪريان ٿو، شل جيجي ۽ سندس ڪروڙين ڇڙن وٽ ھيءَ سعادت قبول پوي.

●

جيجي، جيئنءَ مون ڏني

اها 2003ع جي آخري مهينن جي ڳالهه آهي، آئون تازو ئي شاديءَ جي بندڻن ۾ بڌو هئس. حيدرآباد جي اخبار ۾ ڪم ڪندو هئس ۽ نسيم نگر ۾ رهائش هئي. سنڌياڻي تحريڪ جي صدر نذير قريشي منهنجي پاڙي ۾ ئي رهائش پذير هئي. ساٿس منهنجي واقفيت پاڻ شفيق ڪانڊڙي ڪرائي. ادي نذير اسان جي گهر ۽ اسان هن ڏانهن ايندا ويندا رهندا هئاسين. هڪ ڏهاڙي نذير اسان جي گهر آئي ته ساٿس جيجي زرينہ بلوچ بہ گڏ هئي. آئون، منهنجي وني ۽ والده سنڌ جي پلوڙ ڪلاڪاره کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي گهڻا سرها ٿياسين ۽ سندس دل جي گهرائين سان آجيان ڪئيسين. نهايت سادي طبيعت رکندڙ جيجي زرينہ ڪجهه ئي گهڙين ۾ اسان سان ائين هڪ ٿي وئي، جڻ ساٿس ڪجهه گهڙين نہ پر سالن ۽ صدين جي شناسائي هجي. مون کيس ٻڌايو ته اوهان جا لوڪ، رومانوي توڙي انقلابي گيت مون کي سدائين گهڻو پسند رهيا آهن، اسان جي برادري جي شادين مرادرين ۾ اوهان جا ڳايل سهرا ۽ لوڪ گيت ڳايا ويندا آهن ۽ اهو ته سنڌ جي ساڃاهه وند طبقي جو هڪ ادنيٰ فرد هئڻ ناتي اوهان جا انقلابي ڪلام سدائين اتساهه جو سبب بڻجندا آهن. قومي جذبي سان سرشار جيجي زرينہ جيڪا مون کي هر هر پٺ ڇئي مخاطب ٿئي ٿي، اسان کي پنهنجي لنڊن ۾ قيام، اتان جي ماحول ۽ پيش ايندڙ واقعن بابت دلچسپ ساروٽيون ٻڌايون، هوءَ پنهنجي ڏوهٽيءَ سسئي پليجو جو بار بار ذڪر ڪري رهي هئي، جنهن مان مون اندازو لڳايو ته شايد خاندان جي سڀني پاتين ۾ ڪيس ساٿس وڌيڪ پيار آهي. هن جيترا پيرا بہ پنهنجي ور عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجي جو ذڪر ڪيو ته نهايت احترام سان ڪيو، سندس سئو سيڪڙو خيال هو ته پليجو ئي سنڌ جو هڪ سچو، مخلص، داناءِ ۽ بهادر قومپرست ۽ ترقي پسند اڳواڻ آهي، سنڌي قوم کي سندس اڳواڻيءَ ۾ متحد ٿي پنهنجن قومي حقن لاءِ جنگ جوڙڻ گهرجي، هن پنهنجي رسول بخش پليجي سان ازدواجي زندگي کي نهايت ڪامياب ڪونيو. انهي

سوال تي ته "فن کي گهڻ وقت پيون ڏيو؟" جي جواب ۾ جيجيءَ چيو ته مون فن کي ڪڏهن به معاش جو وسيلو ناهي بڻايو. پر فن مون لاءِ سڄ جي لوڪ گيتن کي زنده رکڻ ۽ قوم کي سجاڳ رکڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو هڪ ذريعو رهيو آهي.

جيجي زرينه سنڌين جي متحد نه ٿيڻ تي مايوس نه هئي. ڪيس اميد هئي ته سنڌ واسي پنهنجا حق ونڻ لاءِ ضرور متحد ٿيندا. هن جو چوڻ هو ته سماج ۾ تبديلي هوريان هوريان ايندي آهي ۽ اها ئي جنڊار هوندي آهي. تڙ تڪڙ ۾ ايندڙ تبديلين جا اثر پائيدار نه هوندا آهن. هن جو خيال هو ته سنڌ جي شهري آبادي ان ڪري جلد متحد ٿي آهي جو اها وڏن شهرن ڪراچي ۽ حيدرآباد تائين محدود آهي. سندن روزانو پاڻ ۾ واسطو رهي ٿو. جلسو ٿئي ٿو ته ڪين پهچڻ ۾ دير نه ٿي لڳي. لوڪل ڪال ۾ هڪ ٻئي سان ٽيليفون تي حال اورين ٿا. ڪو واقعو ٿئي ٿو ته گڏجي منهن ڏين ٿا. منجهن تعليم جي شرح به وڌيڪ آهي. مالي لحاظ کان به خوشحال آهن. بيروزگاري نه هڻڻ برابر اٿن. ان جي پيٽ ۾ ڳوڻن ۾ سنڌي ٽڙيل پکڙيل آهن. محدود آبادي شهرن ۾ رهي ٿي. گهٽي پاڳي ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا. اهي ڳوٺ ٽر ۾ به آهن. ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ به، ته ڪچي ۾ به، جتي مواصلاتي سهولتيون اٽلي آهن. ساڻن رابطو محال ۽ سندن ڪنهن ڪال تي شهر ڏانهن پهچڻ به ولايت وڃڻ برابر آهي. منجهن تعليم جي شرح گهڻ ۽ بيروزگاري جي شرح نهايت گهٽي بلڪ چرڪائيندڙ حد کي وڃي پهتي آهي. ان کان علاوه سندن اڌ آبادي يعني عورتون گهرن تائين محدود آهن. سندن سياست ۾ حصو رڳو ووٽ ڏيڻ جي حد تائين آهي. سو به ان اميدوار کي ڏيندیون جنهن لاءِ کين مردن جو حڪم مليل هوندو. اهڙي صورت ۾ هڪ چڙوچڙ، گهڻ پڙهيل ۽ گهڻ ساڃاهه رکندڙ قوم کي شعور ڏئي پنهنجن حقن لاءِ متحد ڪرڻ ۾ وقت لڳندو. سندس چوڻ هو ته نه رڳو سياستدانن پر دانشورن، قلمڪارن، صحافين ۽ فنڪارن سميت سنڌ جي هر باشعور ماڻهوءَ مٿان اها تاريخي ذميواري آهي ته هو ڌرتي ماءُ ۽ ان جي رهواسين سان مذهب توڙي ٻين نالن تي ٿيندڙ ڏاڍاين خلاف نه رڳو آواز اٺاري پر ان ڏس ۾ عملي طور ڪردار به ادا ڪري. قوم کي سجاڳ بڻائڻ سان ئي مقصد جلد کان جلد حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيجي زرينه سنڌ ۾ عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍاين تي گهڻو خفا هئي ۽ کيس اهڙن ماڻهن تي خاص ڪاوڙ هئي. جيڪي بقول سندس: "اسٽيجن تي بيهي ته عورتن جي حقن تي ڳالهائين ٿا پر گهرن ۾ سندن پنهنجون عورتون قيديءَ مثل هجن ٿيون ۽ انهن جي حيثيت هڪ ٻار ڇٽڻ واري مشين کان وڌيڪ ناهي هوندي". هن اهڙن ٻهروپي ماڻهن تي سخت چوهه چنديا ۽ چيو ته کين اهي ٻٽا معيار ختر ڪري پنهنجين عورتن کي اهي سمورا حق ڏيڻ کپن. جيڪي کين مذهب توڙي گڏيل قومن جي چارٽر ۾ڏنا ويا

آهن. جيجي زرينہ بلوچ سنڌي ميڊيا جي ترقي مان گهڻو خوش هئي. پر هن کي شڪايت هئي تہ ڪجهہ اخبارون رڳو ڪمرشل بنيادن تي هلي رهيون آهن. پروفيشنلزم جي گهرجن تي بہ پوريون نہ ٿيون لهن. جڏهن تہ آمريڪا، برطانيا ۽ ٻين اُسريل توڙي اُسرندڙ ملڪن ۾ ميڊيا هاڻ رڳو خبرون پهچائڻ تائين محدود نہ رهي آهي پر اها ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ بہ وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. انهن ملڪن ۾ اخبارون صدر کان ويندي بادشاهہ ۽ وزيراعظر کي بہ سچ چئي ڏين ٿيون ۽ سندن ڪرتوت عوام آڏو پڌرا ڪن ٿيون. جڏهن تہ اسان وٽ رپورٽر ٽاٽي جي صوبيدار خلاف خبر ڏيندي بہ ڏڃن ٿا. اسان جيجي کان سندس گهر ۽ ٻارن بابت پڇيوتہ هن ٻڌايو تہ هوءَ تازو ئي لنڊن مان موٽي آئي آهي. هڪ تہ ڄمار وڌڻ ۽ ٻيو شگر ۽ ٻين مرضن سبب سندن گهڻو وقت گهر ۽ ٻين سماجي سرگرمين ۾ گذري ٿو ۽ پنهنجي پٽ ايياز لطيف پليجي سان گڏ رهي ٿي. جتي سپ سندس گهڻو خيال رکن ٿا. هن ٻڌايو تہ خاص طور تي ٻارن جو منجهس ۽ سندس ٻارن ۾ ساهہ آهي. ان دوران مون جيجي کان سندس شيخ ايياز جو ڳايل مشهور غزل "ٻي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون"، ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي. جيجي پنهنجي ڪويل جهڙي سريلي آواز ۾ ايياز جي دل جو درد ڳائي منهنجو هنياءُ جهوري وڏو. جيجي کي سڀ مودِ ۾ڏسي مون کانئس پليجي صحب جو گيت، نون سرن ۾ زندگي جا گيت ڳائيندا اچون، "جهان کي ڏيو مبارڪون اسين پيا ڪاهيندا اچون" ٻڌائڻ جي بہ فرمائش ڪئي. جيجي طبيعت جي ناسازيءَ باوجود انڪار نہ ڪيو ۽ انقلابي گيت ٻڌايو. جنهن سان جذبا ڇڻ ٻيهر جوان ٿي ويا. ادي نذير ڪيس ٻڌايو تہ منصور تازو ئي وهاڻ ڪيو آهي. جنهن تي جيجي ڪجهہ سهرا ۽ لوڪ گيت بہ ٻڌايا. جيجي ڪجهہ ڪلاڪ اسان جي گهر ۾ رهي ۽ پنهنجي گهر اچڻ جي ڪوڻ ڏئي هلي وئي پر پنهنجائپ جو اهڙو احساس ڇڏي وئي، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اکين تي نظر وارو چشمو ۽ سادا ڪپڑا پهريندڙ جيجي زرينہ نہ رڳو لوڪ گيتن جي راڻي، بهترين استاد ۽ سياسي سماجي ورڪر هئي پر هن جي باوقار شخصيت جي سادگي ۾ پراون کي پنهنجو بڻائڻ جو جادو بہ رکيل هو. هن جون ڳالهيون اهڙيون هيون جو هر ڪو چوندو هو، ماڻ ڪري جيجي جون ڳالهيون ويهي ٻڌجن، ڇاڪاڻ تہ هن جي زبان مان نڪتل هر لفظ ۽ جملو سڀ سوچ ۽ سمجهہ جي عڪاسي ڪندو هو. جيجي زرينہ عام راڳين جيان جيتري حساس اوتري بهادر هئي، سنڌ کي پنهنجي اهڙي ڏيءُ تي سدائين ناز رهندو.

●

جيجي جو ويجوڙو

سنڌ ميوزم جي ممتاز مرزا آديٽوريم ۾ پارت کان کهي آيل آشا چاند ۽ سندس ٽيم جي تيار ڪيل سي ڊي" اچو ته سنڌي سکون" ۽ ڊاڪٽر تنوير جوٽيجو جي ڪتاب" عورت، سماج ۽ ڏاڍ" جي مهورتي تقريب ۾ جيجي پنهنجي شگر جي مرض ۾ مبتلا هئڻ جي شڪايت ڪئي هئي. پنڊال ۾ موجود ماٺهن جي پربور اصرار تي هن پنهنجي ٻڌايل ڪلام "سات هلندو رهي، لاٽ برندي رهي" ٻڌائي، ماحول کي ويتر گرمائي وڏو هو. محمد موسيٰ بلوچ جي هيءُ ڏيءَ آمنہ عرف زرينہ بلوچ 29 ڊسمبر 1934ع تي ٻوٽ الهداد چنڊ(حيدرآباد) ۾ پيدا ٿي. ابتدائي تعليم قاضي عبدالقيوم اسڪول ۾ 1960ع ۾ سنڌي فائنل ۽ بعد ۾ مئٽرڪ ۽ عالم فاضل جا امتحان پاس ڪيائين. درس و تدريس جي انس سان سرشار هن پروچن جي ٻارڙيءَ 20 سالن تائين ماڊل اسڪول ۾ ٻارن کي علم جي روشني سان نوازيو ۽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ ٻہ پڙهايو. استاد محمد جمن کان راڳ جي سکيا ونندڙ زرينہ بلوچ 9602ع ۾ زمان شاھ جي ڪا في"عمر آهيان اڪنڊي ويڙهيچن وڃ لاءِ..... ذريعي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ٻڌائڻ جي شروعات ڪئي.سنڌ ۾ مارشل لا جو دور هجي يا ضياءَ دور ۾ "پٽو بچايو تحريڪ"، ون يونٽ خلاف تحريڪون هجن يا ايم. آر. ڊي جو زمانو، ڪالا باغ ڊيم جو اِشو هجي يا ٽل ڪنال جي ناپاڪ رڪابندي، مطلب ته انقلاب جي علمبردار هن عورت جو ڪردار ڪڏهن مظاهرن، ڌرٽن، ته ڪڏهن هڙتالن ۽ تحريڪن جي صورت ۾ مڪمل طور باغي عورت وارو رهيو. ٻالهہ اڃا روڊن ۽ رستن تي نڪرڻ تائين بس نٽي ٽئي پر هوءَ قدرت جي عطا ڪيل مڌر آواز کي ٻہ مزاحمتي ميدان ۾ آڻي ٿي، پاڻ آڪاش انصاري جو نظر" اومان، او امان "حيدر بخش جتوئي جو گيت، "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ" تنوير عباسي جو " سنڌ هاري جي، سنڌ مزدور جي" شيخ ايياز جو گيت" سنڌ ديس جي ڌرتي تو تي پنهنجي سيس نمايان، مٽي ماڻي لايان" موري ميهڙ دادو ۾ "ڊاٽيئڙا پٽ ڊول ڪُنا جنگ آ، جنگ آ" جهڙا ڪيترائي نغما ٻڌائي، سنڌين جي ذهن ۾ انقلاب جي آبياري ڪئي ۽ سجاڳي جي لاٽ ٻاريندي رهي. قومي نغمن کان سواءِ موسيقي جي محاذ تي لوڪ گيتن ۽ سهرن ۾ سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ کان علاوہ هن باصلاحيت عورت اردو، بلوچي ۽ سرائڪي

هولين ۾ بہ ڪيئي گيت ڳايا، زرينہ بلوچ بهترين اداڪاره ۽ صداڪاره پڻ هئي. ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي مختلف ڊرامن ۾ هن ڪيترائي سدا حيات ڪردار ادا ڪيا، ٽي وي تي 1974ع کان هن ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سندس پهريون ڊرامو " زينت" هو. علي بابا جو لکيل مشهور ڊرامو " دنگي منجهہ درياهہ" جيڪو ميونخ فيسٽيول ۾ سڄي دنيا ۾ ٽيون نمبر آيو، تنهن ۾ جيجي زرينہ جو رول مرڪزي هو. ان کان سواءِ هن "انا"، "جنگل"، "ڪاروان"، "علاج"، "راندیکو" ۽ "راڻي جي ڪهاڻي" جهڙن ڪلاسيڪل ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪيو. سندس تشڪيل ڏنل ڊرامو "ڪيڏو ڪارونيار" (1976)ع بہ آهي. جڏهن ته صداڪاريءَ جي ميدان ۾ ريڊيو پاڪستان جا ڪيترائي ڊراما سندس آواز جي صدا سان سينگاريل آهن. پاڻ 1975ع کان 1977ع تائين ريڊيو پاڪستان تان عورتن لاءِ "سگهڙين سٽ" پروگرام پڻ ڪري چڪي آهي. جيجي زرينہ ادبي دنيا ۾ 1964ع ڌاري شرون ڪمار ورما جي افساني" بوند بوند لئہ پٽڪي پٽڪي" جي ترجمي سان داخل ٿي. اهو افسانو مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو هو ۽ پاڻ زان پال سارتر جو ڪتاب"ديوار" بہ ترجمو ڪيو هئائين. ان کان پوءِ سندس پهرين ڪهاڻي "جيجي" 1966ع ڌاري روح رهاڻ ۾، پي ڪهاڻي"ليلا مليس ڪنوار" 1967ع ۾ سهڻي رسالي ۾ ڇپي ۽ سندس ڪهاڻين جو مجموعو" تنهنجي ڳولا، تنهنجيون ڳالهيون" جي نالي سان ڇپيل آهي. سنڌ جي هن سدا بهار شخصيت کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترائي ايوارڊ مليا، جن ۾ جيون رنگ ايوارڊ،سچل ايوارڊ، ماروي انعام (1973ع)، سگا ايوارڊ (1980)، فلسطين ايوارڊ (جيڪو 1984ع ۾ فلسطين جي شاگردن طرفان سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪرايل پروگرام تي عربي ۾ گيت ڳائڻ تي ڏنو ويو) شهباز ايوارڊ 1984ع، وحيد مراد ايوارڊ 1986ع ۽ شاهہ لطيف ايوارڊ 1984ع کان علاوه انديا جي سنڌين پاران دادا رام پنجواڻي ايوارڊ، جڏهن ته پ پ دور ۾ صدر فاروق لغاري کيس پرائيڊ آف پرفارمنس ايوارڊ ڏنو. سنڌ جي قومپرست ليڊر رسول بخش پليجي جي ونيءِ، ايازلطيف پليجو ۽ اختر بلوچ جي ماءُ، سسئي پليجو جي نانيءِ سموري سنڌ جي "جيجي" جي وڇوڙي تي اڄ سڄي سنڌ واسي سوگوار آهيون. توڻي جو موت هڪ اٽل حقيقت آهي، پر ڪن ماڻهن جو موت سچ ته وڏو خال ڇڏي ويندو آهي، جنهن کي پرڻ لاءِ وقت جي وڏي درڪار هوندي آهي.

چني گل گلاب جا، ڪيئي ڏارو ڏار،
اڙي موت ميار، ايڏو ساڙ سڳنڌ سان
(ايا)

روزانہ ڪاوش
27-10 -2005

سنڌ کان وڇڙي ويل جيجي

مايا کو وسڪي جيڪو انقلابي شاعري جو خوبصورت سرجٹھار ھو. پوري جوپن ۾ ڪنھن روسي نوجوان جڏھن کانئس رومانوي شاعري بابت سوال پڇيو تہ مايا کو چيو" چنڊ، گلن ۽ محبوب جي سونھن تي ٻہ لکندس پر جيستائين منھنجي ڏرتي غلامي جي زنجيرن مان آزاد نہ ٿيندي، تيستائين اھڙي (رومانوي) شاعري پاڻ تي حرام سمجھان ٿو." جيجي زرينہ بلوچ انقلابي شاعري ۽ سنڌ جي سدا حيات ثقافت کي اجاگر ڪندڙ گيتن جي چونڊ ڪري سنڌي سماج جي ڇڙ وڇڙ قومي شعور کي سميٽڻ جي جيڪا جدوجھد ڪئي. انھي جي بدولت سنڌ جا نوجوان اگھور ننڊ مان جاڳي مادر وطن جي آڇپي لاءِ اٿي پيا. جڏھن قومي سياست جي دعويدارن سر جون سٽون ڏيندڙ بھادر نوجوانن کي آدرشن جي رڄ ۾ اکيلو ڇڏي رياستي عتاب ۽ عذاب کان ڊڄي پارٽين جا نعرا ۽ نالا بدلائڻ جھڙا پاپ کيا. تڏھن ٻہ ھڪ بي ڊپو، ساڃھ وند ۽ بي لوٽ آواز سنڌ جي فضائن ۾ ٻرندي نظر ايندو ھو. جنھن آواز جي خوبصورتي ۾ مادر وطن جي عشق جي چمڪي پريل ھوندي ھئي ۽ ان آواز جي آڌار تي مايوس نوجوان پنھنجي ٽڪل ذھنن ۾ توانائي محسوس ڪندي پنھنجي مُنھنِ جيجي زرينہ جي طرز تي جھومي ڳائيندا ھئا.

تون ھونئن ٻہ مرندين کاڃي ۾

مايوسي جي سيني ۾ خنجر ٿي چيندڙ جيجي زرينہ جا گيت آدرشوادي نوجوانن ۾ روح ڦوڪي. حالتن اڳيان گوڏا کوڙڻ کان روڪيندا رھيا. جيجي زرينہ پنھنجي گيتن جو رخ سنڌ جي ھر ان جدوجھد واري مورچي تي اڻ موٽ سپاھي وانگر قائم رکيو. جيڪو موٽڻ کي ميھڻو سمجھي آخري ھڏڪي تائين قرباني ڏيڻ پسند ڪندو آھي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ سان ٿيندڙ سيني ناانصافين خلاف رڳو پنھنجا گيت ڍال طور سنڀالي سنڌ جي ڇڙ وڇڙ ٿيندر قومي شعور جو دفاع نہ ڪيو پر جيجي تہ گيت ٻہ

ڳايا ته دنيا جي انقلابي عورتن وانگر سنڌ جي دفاع ۾ ٽيندڙ هر هلچل ۾ قومي ڪارڪن وانگر قربانيون ٻه ڏنيون. ان ڪري جنرل ضياءَ جي مارشلائي دؤر ۾ جڏهن جيجي زرينہ پنهنجي انقلابي آواز ۾ گيتن کي بارود بڻائي آمريت سان مهاڏو اٽڪايو ته ڪيس جيل جي ديوارن ۾ سوگهو ڪيو ويو. پر سلاخن پٺيان جيجي جي اپرندڙ قومي گيتن جا پڙاڏا سنڌ جي نوجوانن کي گرمائيندا رهيا. ۽ جيجي ڪڏهن ٻه هيٽي نه ٿي ۽ آمر ضياءَ جي طرفان مليل ايوارڊ کي ٻه ٽڏي ڇڏيائين. ذوالفقار علي ٻٽي جي موت کان پوءِ جنرل ضيا جي حڪومت کي جيجي زرينہ جي آواز ۾ ڳايل گيتن مان بغاوت جي اهڙي بوءِ ايندي هئي جو جنهن ٻه قومي محفل ۾ جيجي جي آواز ۾ ابراهيم منشي جو گيت

پليت پير ڪر پري، هي ڌرتي منهنجو ننگ آ
جنگ آ جنگ آ، منهنجي تو سان جنگ آ

۽ اهڙو گيت جڏهن بڏڻ ۾ ايندو هو ته آمريتي ڏاڍ ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيندا هئا. جيجي زرينہ جيڪا جبر جي سامهون ٻه اڏول بينل هوندي هئي. جنهن جي گيتن جي سرن ۾ مدهوش ٿي سنڌ واسي هار ۽ جيت کي نظر انداز ڪري سِرن سان ڪفن بڏڻ لاءِ تيار هوندا هئا.

جيجي جي گيتن ۾ هڪڙي انقلابي ڪاز جي اپيل هوندي هئي ۽ ان ڪاز جي حاصلات واري پنڌ ۾ نوجوانن، ٻڍن، ٻارن جي سرواٽي ڪندي، پنهنجا پير ٽٻيل ڏسي ٻه ڪڏهن ڪمزور نه ٿي. درٻاريت واري ماحول ۾ جتي عوام جو رت چوسيندڙ حڪمرانن جي ٽنا ۾ ڏات کي لوئيو ويندو هو.اتي جيجي زرينہ جا گيت اهڙن درٻاري ماٺهن لاءِ زوردار ٽڪ ٻڌجي گونجندا هئا. جيجي جي گيتن سان مخمور دليون، محبوبائن جا انتظار ڇڏي آزادي جي مشڪل رستي تي هلڻ لاءِ هڪ ٻئي کان گوءِ ڪٽڻ لڳيون. زندگي جي خوبصورتين کي جيئڻ جي نئين معنيٰ سان مانوس ڪرائيندڙ جيجي زرينہ پنهنجي انقلابي ڪردار ۾ سنڌ جي عوام کي همٿ جدوجهد ۽ آڇپي جي راهہ تي مضبوطي سان بيهڻ جو گس ڏسيو. جنهن ۾ مسلسل جدوجهد ۽ نہ جهڪڻ جو عزم هو. دنيا جي تاريخ ساز عورتن جيان جيجي زرينہ سنڌ جي سينڌ اجارڻ ۾ تڏهن ٻه همٿ نہ هاري. جڏهن هڪ مهيني کان لاڳيتو برين ٽيومر جي پيانڪ بيماري کيس هيٺو بڻائي ڇڏيو. پر بيماري جي بستري تي ٻه جيجي جي روح ۾ سنڌ جي

محبت ۽ ڏرتي جي آچپي واري سوچ ۾ خلل نہ پيو. مزاج پرسي لاءِ ويندڙ سنڌ جي ماٺهن کي ڏسي جيجي جي اکين ۾ حياتي جي چمڪ ليا پائيندي نظر ايندي هئي ۽ بيماري جي چنبي ۾ ڦٽڪندڙ جيجي جي نٽين ۾ سنڌ واسين کي ڏسي جيڪو رنگ نظر ايندو هو، اهو ڇڻ ڇپن کي هي گيت جهونگارڻ کي اتساهيندو هو.

جيئي سنڌ جيئي سنڌ جا ۾ محبت پيئي سنڌ
جيئي هاري ۽ مزدور جيئي پورهياڻي پرنور

جيجي زرينہ بلوچ ظلمن جي سيني دؤرن ۾ هڪ انقلابي عورت جو مثال بڻجي ويساھ نہ وجايو. موت جي خوني چنبي جيجي جو روح جهنڊ بعد سنڌ جي اندر سوڳ جي پٽ تي هزارين نوجوانن کي وقتي صدمو تہ ضرور ڏنو آهي پر جيجي زرينہ جا گيت سوڳ جي چادر ۾ ويڑهيل سنڌ واسين کي جرئت ۽ بهادري جو سڏ ڏيندي ڇڻ ڇئي رهيا آهن تہ جيجي کڏهن بہ مرڻي نہ آهي، جو هن جا گيت سندس امر هئڻ جي گواهي بڻجي هر دؤر جي ظلم کي للڪاريندا۽ ساڻس مهاڏو اٽکائيندا رهندا.

روزانہ هلالِ پاڪستان
30-10-2005

جيجي تاريخ جو باب

زرينہ بلوچ بہ لاڏاٽو ڪري ويئي. سندس واسين کي ڏک انهي ڪري بہ وڌيڪ ٿيو. جو هو راڄيندڙ سان گڏ قومي جدوجهد ۾ ذهني طور گهڻتار سان اظهار سان سندين جي جيئاپي جي جنگ وڙهندڙن سان شامل هئي. استاد جمن جون شاگرد. عورت فنڪارائون زيب النساءِ (نوابشاهہ) زينت سولنگي (ماتلي) نور بانو گوپانگ ۽ ٻيون هيون پر اهي خالص راڄيندڙ هيون. جيجي زرينہ بلوچ ڳائڻ سان گڏوگڏ سياست ۾ بہ بهرو ورتو ۽ بولي بہ جيڪا جهونگاريائين اها شعور ڏيندڙ جذبو جاڳائيندڙ خالص ڳوٺاڻي زبان ۽ لهجو بہ لاڙ ۽ ڪوهستان وارن جو ۽ وري اهي ڳيچ ۽ لاڏا جيڪي اڪثر شادين تي ٻهراڙين ۾ هميشہ ڳائبا اچن پيا. زرينہ بلوچ انهن کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي ڳائي عام ڪيو.

زرينہ بلوچ جي شخصيت ان ڪري بہ گهڻ پاسائي آهي تہ هن ٽيليويزن جي مشهور ڊرامن "جنگل"، "انا"، "ڪاروان"، "راڻي جي ڪهاڻي"، "گلن واري چوڪري"، "اترڙو ٿو لڳي"، ٻاليشاهي (جن جا ليکڪ نور الهدي شاهہ. فاطمہ ثريا بجيا. عبدالقادر جوٽيجو ۽ علي بابا جهڙا اعليٰ پايي جا ليکڪ هئا) ۾ بطور اداڪاره ڪم ڪري بين الاقوامي مجتا ماڻي. جڏهن تہ بطور ليکڪا "ڪيڏو ڪارونيار" ڊرامن جو ڪهاڻيون لکيون ۽ "او امان او امان سات هلندو رهي"، "جيئي سندڙ جيئي سندڙ جام محبت پيئي‌سندڙ"، " اسين مارو لاڙ جا درياهہ جي پاڇاڙجا" جهڙا قومي گيت ڳايا سندس شادي کانپوءِ سياسي سفر شروع ٿيو تہ ويتر ڪير ۾ ڪنڊ ثابت ٿيو. هر تحريڪ سانگهڙ يا هر هلچل ۾ جن عورتن جي بهادري ۽ دليري جو ذڪر ٿئي ٿو. اهي هينئر تاريخ جو حصو آهن. جيتوٽيڪ اهي نهايت سادين ڳوٺاڻيون عورتون هيون. شاهہ عنايت شهيد جهوڪ واري جي نظرياتي ۽ خيالي نمائندگي ڪندڙ هارياڻي مائي بختاور بہ نبي سر لڳ غريب پورهيت عورت هئي.. ليڪن سندس مقام هاري

تحريڪ جي مهندارن ۾ هظيم آهي، اهڙي طرح جيجي زرينہ بلوچ بحيثيت سياسي ڪارڪن جڏهن سنڌي عورتن ۽ سنڌ جي قومپرست ڌرين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جدوجهد ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو تہ زرينہ بلوچ ان جٿي ۾ شامل رهي، ساڳي طرح جن عورتن قلم ذريعي سنڌي ماڻهن جا خيال يڪجا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ناري تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي نالي سان هلچل هلائي، انهن ۾ بہ زرينہ بلوچ نمايان ڏسڻ ۾ آئي، پڪو قلعو آپريشن دوران لساني جهيڙن ۾ سنڌي نياڻين سان ٿيل زيادتين خلاف سرڪٽ هائوس ۾ ڪرفيو هڻڻ جي باوجود جلوس ڪڍيائين ۽ پيپلز پارٽي جي ويجهو هڻڻ ڪري 1978ع ۾ جيل ڪاٽيائين پر آمرن آڏو سندس سر نہ جهڪيو. سندس ڪردار هميشہ جٽادار رهيو. اخلاق، ڪردار ۽ شرافت اهي سڀئي ڳالهيون ميرٽ ٿيون ناهين. سڀ کان وڌيڪ ساڻس هڪ قدآور سياسي شخصيت ۽ قومپرست اڳواڻ عوامي تحريڪ جي سربراهہ جناب رسول بخش پليجي جي تہ خاص نسبت بہ هن سان شامل هئي ۽ سندس قد علم ۽ ادب جي ميدان ۾ ان ڪري بہ نشانبر هو جو مئبر مهتاب اڪبر راشدي ، خير النساءِ جفري، سلطانہ صديقي، ڊاڪٽر قمر واحد ۽ شميم اين ڊي خان، تاجدار صديقي ۽ نورجهان سومرو جهڙيون بيباڪ ۽ بردبار شخصيتون سندس سهيليون هيون، مڙني حيثيتن جي باوجود نوڪري دوران پاڻ گوسڙو ٽيچر نہ هئي اڪثر اولد ڪئمپس ۾ قائم سنڌي پرائمري اسڪول ۾ پڙهائيندي ڏٺي ويندي هئي، سندس لڪيل ڪهاڻي، جيجي ،سندس نالي ۾ واڌارو ڪري جيجي جو لقب ڏيارڻ چڏيو هوس.

جيجي زرينہ بلوچ ملڪ جو وڏو اعزاز صدارتي ايوارڊ، شهباز ايوارڊ، شاهہ لطيف ايوارڊ، سامي ايوارڊ، سگا ايوارڊ، پنجواڻي ايوارڊ ڪان علاوه پارت پاران دهلي ۾ شاهہ سچل سامي ايوارڊ، دبئي ۾ سانا ايوارڊ ۽ لطيف گنج جهڙا اعزاز ماڻيا، ڏسبو تہ اڪثر فنڪار جڏهن مشهوري ماڻيندا آهن تہ منجهن غرور ۽ تڪبر اچي ويندو آهي پر زرينہ بلوچ جيئن جيئن عظمت جا ڏاڪا چڙهيا تيئن تيئن نهنائي نماڻائي سادگي ۽ سلوڻائي سندس پوشاڪ ٽيندي ٽي ويئي، پٽ شاهہ جو ميلو يا سچل سرمست تي چوياري محفل، پاڻ ڪن سيڪڙاڻ فنڪارائن سان گڏجي ڪورسن جي انداز ۾ بہ گيت ڳائيندي نظر ايندي هئي. جيجي زرينہ بلوچ جي گائڪي ۾ نہ سرگم نہ مينڊ نہ وري خيال ۽ ٺمري، تنهن جي باوجود لس ڳايل گيتن تي ٻڌندڙ ايترا موهت انهي ڪري هئا

ته سامهون ڳائيندڙ شخصيت اعتبار جوڳي هئي هو مصلحت پسند ۽ جي حضوري ڪندڙ ٽولي ۾ شامل نه هئي. هن جي ڳايل ٻولن ۾ سنڌ مٽي جي سرنهن، وونئڻ، مڪئي، ٻاجهر جي ٻور جي هلڪي خوشبو ايندي هئي ڇو ته اها ئي ٻولي ماسي جنو ۽ ڪتو ٻائي ڦاپل ۽ رتنا ٻائي توڙي سڦوران مائي به ڳالهائين ٿيون. هن مئدم چمپا نيلوفر ناز عذرا جبين وارو لهجو نه پئي ڳايو جن ٻولن ۾ چار انگريزي به ايراني هڪ پشتو ۽ ٽي لفظ لکنئو ۽ يوپي وارن جي لهجي جا هوندا آهن. مائي پاڳي، عابده پروين جي عزت به انهي سبب آهي، ته اهي پٽائي ۽ سچل جي ٻولي، احمد ملاح ۽ ايار جي ٻولي ڳائيندين رهيون.

ريڊيو پاڪستان تي جيجي زرينہ بلوچ ان وقت آئي جڏهن سنڌي عورتون ان ڳالهہ کي معيوب سمجهنديون هيون، ڇو ته ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم گهٽو عرصو ميراثين جي ميراث رهي آهي، پر جڏهن روبينہ قريشي اچو برقعو پائي ريڊيو تي اهو ڪلام رڪارڊ ڪرايو ته "پيرين پونديسان چونديسان" ان کانپوءِ اقبال بانو، جيوٽي ٻائي، رونا ليلي، گل بانو، امينہ، زيب النساءِ، قزبانو ۽ زرينہ بلوچ، اهي اهڙا نالا هئا جنهن جا ڳايل گيت ماڻهن کي برزبان ياد هوندا هئا.

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي اها وڏي لوڪ فنڪاره هئي، جنهن جي گيتن ۾ عوامي رنگ سمايل هو، هن پنهنجي آواز جي مٺاس سان لکين ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو. جيجي زرينہ برين ٽيومر سبب لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ موت سان جهيڙيندي رهي ۽ نَـوَ ڏينهن ڪوما ۾ رهڻ بعد جانبر نہ ٿي سگهڻ ڪري دارالبقا جي راهي ٻڌجي ويئي. سندس موت سنڌ واسين لاءِ وڏو سانحو آهي. زرينہ بلوچ سنڌي ثقافت جو سرمايو آهي، هوءَ پنهنجن لازوال گيتن قومي جدوجهد جي ساٿياڻي ۽ هڪ استاد جي حيثيت ۾ هميشہ ياد رهندي.

●

"جيجيءَ" جو لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحـ جو ھي خوبصورت شعر

"ماڻھو سيپ نہ سھڻا، پکي سيپ نہ ھنج،

ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھہ، اچي ٻوءِ ٻھار جي"..... مان اڪثر سوچيندي آھيان تہ اھي سھڻا ماڻھو جن ۾ ٻھار جي ٻوءِ سمايل ھوندي آھي، اھي ڪيڏا املھ ٽيندا آھن، جو ھزارن جي دل ۾ ڏڙڪن ٻڌجي جيئندا ۽ پنھنجي جنم کي ھميشہ ھميشہ لاءِ جلال بخشي ويندا آھن. شاھہ سچل ۽ سامیءَ جي ھيءَ سھڻي ۽ سڀاجھڙي سنڌ ڏرتي پاڻ واري آھي، جو ھتي ڀٽائيءَ جي بيتن جھڙا ماڻھو جنم وٺندا ۽ سونھن بخشيندا رھيا آھن، اھا سونھن ۽ سندرتا جيڪا ھڪ انسان جي عظمت جو احساس ڏيارينديِ سندس ڏرتيءَ کي مھمان بنائي ڇڏيندي آھي. جيڪڏھن سنڌ ۾ اھڙن سدا حيات ڪردارن کي ياد ڪنداسين تہ انھن نالن کي نروار ڪرڻ ۾ چند عظيم عورتن جي عظمت پڻ نمايان نظر ايندي ڇو تہ عورت کي اللہ، رسول، سنت ۽ قرآن جنھن ڪمال درجن ۽ منصبن سان نوازيو آھي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آ. اھڙيون ئي ڪمالينون ۽ صلاحيتون رکندڙ امڙ سنڌ جي سڀاجھڙي نياڻي آمنہ جيڪا دنيا جي ذھن تي زرينہ بلوچ ٻڌجي وئي، مون اڪثر ٻڌو ھئو تہ ڏرتي ماءُ پاڻ سان پيار ڪندڙن جو قرض ضرور لاھيندي آھي ۽ کين اھو دان ڏيندي آھي جو دنيا کين ڪڏھن بہ وساري ناھي سگھندي ۽ واقعي بہ جڏھن زرينہ بلوچ بيباڪ ٿي سنڌ جي سونھن کي سرگم جي روپ ڏئي ھر واھڻ، وستي ۾ وھندڙ پاڻي جيان پھچايو تہ عورت ذات جي انھيءَ ارڏائپ واري بي خوف انقلابي عشق جي بدلي زرينہ بلوچ کي سنڌ جيجي جو لائيف ٽائم اچيومينٽ ايوارڊ ڏئي ھميشہ لاءِ امرتا بخشي ڇڏي، جيجي زرينہ بلوچ! جنھن کي صلاحيتن ۽ سياڻپ جو، سمنڊ چئجي يا انقلاب، آدرش، اخلاق، احساس، انسانيت، عظمت، ايڪتا، امھلتا ۽ الفت جو آڪاش چئجي تہ بہ غلط نہ ٿيندو. جيڪڏھن کا غير تکراري شخصيت ناھڻ لاءِ گلوڪاريءَ، صداکاريءَ، شاعريءَ، اداکاريءَ، سماجي ۽ قومي کارڪن، ليکڪا،

قيدياٽي ۽ قومي گيتن جي راڻيءَ جهڙن لفظن جي جوڙ کيبي ته ذهن ۾ هڪ لفظ جڙي ايندو ۽ اهو آهي "جيجي"!!! جيجيءَ جتي قوم لاءِ سپهه سالار ٻڌجي قومي قافلن جي سرواٽي پئي ڪئي اتي عورت ٻڌي بيبي مريم عـ جيان ماءُ جي مقدس منصب سان ٻه پاڻ ملهائيندي هن قوم ۽ ڌرتيءَ کي داناءُ ۽ دليرِ اولاد ڏئي ايندڙ نسلن ۾ نئين اتساهه جو اڻ کٽ سلسلو جاري ڪري ڇڏيو. جنهن کي سندس ٻچڙا ڪڏهن ٻه رکجڻ نه ڏيندا. ڪنهن قوم يا ملڪ ۾ مردن جو اڻتي نڪري ناءُ پيدا ڪرڻ ڪڏهن ٻه مشڪل ناهي رهيو. پر جڏهن اهڙو ڪم ڪا عورت ڪري ته تاريخ جي ورقن ۾ وري وري بيبي زينب رضہ. بيبي رابعہ بصري رضہ. رضيہ سلطانہ. مادام ڪيوري. فلورنس نائيٽنگل يا مدر ٽريسا جو ورجاءُ ٽيڻ لڳندو آهي ۽ جيجيءَ جي جيون جي سڪلتا سان هڪ پيرو ٻيهر وري اهي تاريخي ورق ورجائڻ تي هر ماڻهو کي ائين مجبور ڪيو آهي ته جيئن خوشبو پنهنجي چوگرد هر هڪ کي معطر ٽيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي. پر خوشبوءَ کي ڪڏهن ٻه قيد ڪري نه ٿو سگهجي. ڇو ته ان جو ڪم ئي ٻين کي مهڪائڻ ڪانپوءِ موڪلاڻ هوندو آهي. جيتوڻيڪ اڄ جيجي زرينہ بلوچ جهڙي عظيم عورت اسان ۾ موجود ناهي پر سندس کيل نہ ورڻ جهڙا ڪم دل ۾ لهي وڃڻ جهڙا چيل گيت اڄ ٻه هر ڪن ۾ گونجي رهيا آهن. جيجيءَ جي گيتن جي امرتا ۽ سندس جيون جي سڪلتا کيس هر دل ۾ ائين زنده رکندي جيئن سر سازن ۾ جئندا آهن. جيجي جي جوشيلي ڪردار کي ڏسي مون کي پنهنجو شعر ٿو ياد اچي ته..... "جئو اس طرح کي دنيا احترام کريي. مرو اس طرح کيِ دنيا سلام ڪري"

واقعي ٻه جيجيڙو جيئڻ جي وئي جو زندگي ۾ هر ڪنهن سندس نہ فقط احترام پي ڪيو پر سندن سان محبت ٻه هر ڪنهن پي ڪئي پر سندن وفات ٻه نہ وسرڻ جهڙي آهي. جو کين هر نديو وڏو قوم جي جيجي چئي سلام پيش ڪندو رهيو. جيجيءَ جي انسيت همیشہ دل ۾ رهي هئي. پر سندن وفات کانپوءِ هڪ رات جڏهن خواب ڏٺم ته " مان جيجي جي تڏي تي وئي آهيان پر مون جنهن سان جيجيءَ جي تعزيت پئي ڪئي حيرت لڳم ته اها خود جيجي هئي. مون هرو پرو ڪڏهن ڪوڙا خواب ناهن ڏٺا. پر هن خواب تي ڏاڍي حيرت ۽ تعجب ٿيم پر وڏڙا سچ چوندا آهن ته ماڻهن کي منزل نيت آهر ملي ٿي. جيجي جهري نيڪ نيت عورت لاءِ واقعي خدا طرفان ٻه ايتري رعايت ضرور ٿي هوندي ته هوءَ پنهنجي انهن چاهيندڙن جون تعزيتون وصول ڪري جيڪي سندس تڏي تي پهچي نہ سگهيا. هو نئين ٻه منهنجي خيال ۾ جنهن انسان پنهنجي ڌرتيءَ کي خوش

ڪيو، ان ڇڻ خدا کي خوش ڪيو، ڇو تہ هو پيدا ڪندڙ آهي ۽ هوءَ پرورش ڪندڙ، اسين سنڌي ڪيڏي نہ پاڳن واري قوم آهيون، جو اسان وٽ اهڙين نياڻين جنم ورتو، جيڪي هن پوڻءَ جي پاڳن ۾ اضافي جو سبب بڻجنديون رهيون آهن، جن ڏرتيءَ کي دل ۾ سمائي سندس سمان کي سڀائين اوڇو رکيو آهي، منهنجي رب پاڪ کان اهائي دعا آهي تہ شل اهڙيون نياڻيون ۽ ڇيڇيون هن ڏرتيءَ جي جهوليءَ ۾ سدائين جنم ونڊيون رهن (آمين)!!!

●

يادن جا اڻ کٽ سلسلا

جيجي زرينہ اڄ اسان ۾ ڪونهي، موت برحق آهي. جيڪو دنيا ۾ آيو آهي تنهن کي آخري ماڳ ڏانهن موٽڻو آهي. زندگيءَ جي ليکي جي هڪ ڇيڙي تي پيدائش ته ٻي تي موت آهي. ٻانگ آئي نماز ٽيڻ واري آهي، ٻانگ ۽ نماز جو وچ وارو حصو زندگي آهي. ان کانپوءِ مٽين مٽي آهي. پياري ۾ پيارا عزيز قريب، مٽ مائٽ، جگر جا ٽڪرا مٽيءَ جا ٻڪ قبر تي وجهي هنجون هاري موٽي ٿا اچن. قبر جو حال مردو ڄاڻي. ڪجهہ ڏينهن جو سوڳ، افسوس ۽ ارمان، "مرڻ وارن سان گڏ ماڻهو مري ته ڪو نہ ويندو آهي پر جي ٻہ ته ڪو نہ سگهندو آهي." هر طرف جن جون يادون پکڙيل هجن تن کي ماڻهو ڪيئن ٿو وساري سگهي!!

انسان فاني آهي پر سندس فڪر ۽ فن لافاني آهي. جيجي زرينہ بظاهر اسان ۾ موجود نہ آهي پر پنهنجي ذات ۽ امر آواز جي ڪري سدائين جيئري رهندي. هيتري گهڻ رخي شخصيت هيترو جلد اسان کان موڪلائي ويندي اهو ته سوچي ٻہ نہ ٿو سگهجي.

سوچجي ٿو ته سوچ جا سلسلا ئي ٽٽيو وڃن، ذهن منجهيل آهي، هٿ ڏڪن ٿا. سالن تي پکڙيل واقفيت ۽ نيازمنديءَ کي ڪٽان جوڙي ڪٽان جوڙيان.

اديءَ سان نياز منديءَ جي شروعات ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ٿي، جو ريڊيو سان تعلق منهنجو ٻہ هو ته ادي زرينہ جو ڪافي پراڻي ڳالهہ آهي مون ريڊيو جي لاءِ هڪ تاريخي ڊرامو "طارق بن زياد" لکيو هو جيڪو محترم سڪندر بلوچ اڳوڻي اسٽيشن ڊائريڪٽر پيش ڪيو، جيڪو ان وقت پروڊيوسر هو. ڪاسٽ ۾ ادي زرينہ بلوچ جو ٻہ نالو هو. مون چيو ته ادي ته گلوڪاره آهي توهان ڪيس ڊرامي ۾ رکيو آهي؟ چيائين ادي تمام سڻي ڊراما آرٽسٽ ٻہ آهي. ڊرامي ۾ ادي زرينہ سان گڏ سيما، نزهت ۽ ٻيا آرٽسٽ ٻہ هئا. اديءَ جو ان ۾ مرڪزي ڪردار هو جيڪو تمام خوبصورت نموني سان ادا ڪيائين. اهو ڊرامو شايد ايازعالم ابڙي وٽ محفوظ آهي، جو ايازعالم جو ٻہ اهو شروعاتي ڊرامو هو.

آئون ان زماني ۾ پناڻ کالونيءَ ۾ رهندو هوس ۽ ادي بہ اتي رهندي هئي. سندس والد محمد موسيٰ سان منهنجي واقفيت اتي ٿي جو پاڙي جي مسجد ۾ نماز گڏ پڙهندا هئاسين. محمد موسيٰ نهايت حليم بردبار نيڪ باشرم صوم ۽ صلوات جو پابند هو. تہ رڳو پاڻ پر بين کي بہ نهايت دانائيءَ ۽ حڪمت سان نماز جي صلاح ڪندوهو. "سائين نماز جو وقت ٿي ويو آهي، پوءِ نماز تي هلون؟" اهڙي نموني سان ڪيترن ئي ماڻهن کي نماز لاءِ آماده ڪندو هو ۽ انهن کي نماز جو عادي بڻايائين. اتي ئي ادي‌ءَ جو پاءُ عثمان بہ رهندو هو ان سان بہ ڪچهري ٿيندي هئي.

انهيءَ زماني ۾ ريڊيو سان گڏ آئون نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر هئس. جيجي زرينہ جا فرزند سليم اختر، مسعود ۽ بيا ادڙا مون وٽ اسڪول ۾ پڙهندا هئا. انهيءَ زماني ۾ ريڊيو پاڪستان تي هارڙن جو پروگرام مرحوم سرور بلوچ ڪندو هو. آئون ان سلسليوار ڪهاڻيون "پارو ٻڌو آکاڻيون" لکندو هوس جيڪي هوءَ پڙهندي هئي، انهن جي باري ۾ بہ ادي زرينہ چوندي هئي، ڪهاڻيون اهڙيون لکو جن مان هارن ۾ همت ۽ بهادري پيدا ٿئي. انهن ۾ سجاڳي اچي، نانيءَ جي آکاڻيءَ تہ اهي گهرن ۾ بہ ٻڌن ٿا. ان قسم جي علمي ادبي گفتگو ٿيندي رهندي هئي.

ذهن جي دريءَ تي هڪ ٻي ياد بہ تري آئي آهي. 1969ع يا ستر ڏاري سائين جي ايم سيد "بزمِ صوفياءِ سنڌ" نالي تصوف جي ترويج لاءِ هڪ جماعت ٺاهي جنهن جو مقصد هو بزرگانِ دين جي عرسن ۽ ڏهاڙن تي اتي وڃي تصوف جي تبليغ ڪجي ۽ درس ڏجي. انهيءَ سلسلي ۾ انڙپور جي پرسان "حضرت داد شهيد" جي ميلي جي موقعي تي بزم صوفياءِ سنڌ جي سلسلي جي محفل رکي ويئي. حيدرآباد مان سائين غلام محمد گرامي سائين ڊاڪٽر غلام علي الانہ، سائين فاضل راهو، محترم نفيس شيخ، سائين رسول بخش پليجو، ادي زرينہ بلوچ، هي راقم ۽ ڪجهہ بيا مهربان وڃي داد شهيد جي ميلي تي پهتاسون. سائين جي ايم سيد جن اڳي ئي پهتل هئا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ سائين جي ايم سيد تصوف تي درس ڏنو. انهيءَ وچ ۾ هڪ چاپئين ڏاڙهيءَ وارو همراهہ بيچينيءَ مان ڪڏهن هت تہ ڪڏهن هت اٿندو ويهندو رهيو. پوءِ خبر پئي تہ اهو علڻ فقير آهي. ڪيس پهريون وارو ڏنو ويو بہ ڪلام چيائين ان ڪانپوءِ جيجي زرينہ اچي سر وکيريا. هلکو هلکو سيءَ بہ هو پر مجال آهي جو ڪو ماڻهو اٿيو هجي. جيجي جا سر هرندا رهيا ۽ ٻڌندڙ لطف اندوز ٿيندا رهيا. سيني تي سحر طاري هو جڏ تہ پنڌ پهڻ ٿي وياهجن. اهو سحر تڏهن ختم ٿيو جڏهن فجر جي بانگ آئي.

1978ع جي آخر ۾ آئون ڪراچي هليو آيس. جيجي ٽي وي تي ايندي هئي تہ ملاقات ٿيندي هئي. سندس پهريون جملو اهو هوندو هو تہ "ادا صابر حيدرآباد کي وساري ڇڏيو اٿئي چا؟" آئون چوندو هوس تہ "نہ حيدرآباد مون کي وساري ڇڏيو آهي." انهيءَ وچ ۾ ادي جي لکيل ڪهاڻي "جيجي" جي هر هنڌ هاڪ ٿيڻ لڳي.

سالن کان اڳ سائين منظور قريشي جيڪو ان وقت پي ايم هو. هن جي آفيس ۾ ويندي ادي زرينہ ۽ ساٿس گڏ هڪ بي ادي بہ ويني هئي. ذڪر پي هليو سندن ڪهاڻي "جيجي" جو. منظور قريشيءَ چيو تہ ڊراما ٽائيز ڪري ڏيو تہ ٽي ويءَ تان هلايون. چوڻ لڳي "ڪو ٻيو ڊراما ٽائيز ڪري" وري اطمينان سان چوڻ لڳي "ادا صابر ڪندو." مون چيو "منهنجي لاءِ اها خوشي جي ڳالهہ ٿيندي." نهايت پنهنجائپ مان وراڻيائين تہ جڏهن بہ حيدرآباد اچو تہ اها ڪهاڻي ڪٿي وڃجو.

سوچيان ٿو هاڻ ڪنهن وٽان وڃي اها ڪهاڻي ونان تہ جيئن ادي جو اهو قرض لاهي سگهان. شايد اياز لطيف وٽ هجي سو مون کي ڏي تہ اديءَ سان ڪيل واعدو پورو ڪري سگهان.

يادن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي، جڙي ٿو وري ٽٽي ٿو وڃي. دعا ڪانسواءِ ٻيو چا ٿو ڪري سگهجي. الله اسان جي اديءَ ، اسان جي جيجيءَ کي جنت ۾ جايون ڏي ۽ پوين کي صبر جي توفيق ڏي.

ايتري گهڻ رخي شخصيت ۽ اسان جي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ هستيءَ جي لاءِ اسين ايترو بہ نہ ٿا ڪري سگهون تہ جنهن تعليمي اداري کي جيجي زندگي جا اڻ ڳڻيا سال ارپي ڇڏيا ان اداري کي جيجي زرينہ جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي. حيدرآباد جي ڪنهن رستي تي سندس نالو رکيو وڃي يا ڪنهن اڪيڈمي يا ٻئي ڪنهن مشهور ۽ يادگار ماڳ کي جيجي زرينہ جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان نہ رڳو جيجي زرينہ جي خدمتن جو حق ادا ٿيندو پر جيجيءَ جي نالي سان منسوب ٿيڻ ڪري ان اداري ۽ يادگار جو بہ مان مٿانهون ٿيندو. جيڪڏهن اسان پنهنجي بيحسيءَ ۽ روايتي ڪاهليءَ جي ڪري ائين نہ ڪري سگهياسين پر ان جي باوجود جڏهن ڪانگ لوندو، مور ٽلندو، ڳاڙهو گل ٽارين تي ٽڙندا ۽ گلن جي ورکا ٿيندي، تڏهن اسين جيجيءَ کي‌بلڪل نہ وساري‌سگهنداسين.

●

●

سداحيات جيجي

اڄوڪي ڏڪئي دور ۾ سنڌ پنهنجي هڪ عظيم محسن کان جدا ٿي وئي آهي، ۽ سندس ڳايل لوڪ گيت ۽ انقلابي صدائون هميشہ سنڌ جي عوام کي جاڳائيندیون رهنديون. اهو عظيم ڪردار جيجي زرينہ کي سنڌ جي غير معمولي حالتن سونپيو هو. جيڪو پوءِ هن تمام گهٽي خوش اسلوبي ۽ جرئت سان نپايو هو. سنڌ جي هي واحد عورت هئي، جنهن جهر جهنگ ۾ وڃي سنڌ جي عوام ۾ پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ بابت شعور پيدا ڪيو ۽ کين اتساھ ڏنو تہ اهي پنهنجي حقن لاءِ وڙهہ ڪن. جيجي زرينہ جهر جهنگ شيخ اياز جي انقلابي گيتن کي ڳائي هڪ اهڙو انقلابي ماحول پيدا ڪيو، جڙ کا نئين سنڌ تخليق ٿيندي هجي. هڪ نئين سنڌ جنم وٺي رهي هجي. سنڌ جي انقلابي صدا جيجي زرينہ جي صورت ۾ سنڌ جي سماج ۾ ڦهلجي چڪي هئي. جنهن هڪ نئين عزم ۽ ولولي کي جنم ڏنو. هي عزم ۽ ولولو اهڙي سگهہ ۾ منڊجي چڪو هو جو سنڌ جا هاري پورهيت ۽ مظلوم ماڻهو پنهنجي قومي تشخص کي بحال ڪرائڻ ۽ پنهنجي طبقاتي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ روڊن ۽ رستن تي نڪري آيا هئا. هنن جي اها ڪوشش هئي تہ مظلوم ۽ محڪوم طبقي کي بہ اهو مقام ملي جيڪو فقط چند وڏيرن کي حاصل آهي. جيجي زرينہ بلوچ نہ فقط هڪ لوڪ فنڪاره هئي پر مظلوم طبقن جي طبقاتي تحريڪ ۾ پڻ سندس وڏو ڪردار هو. جنهن جي ڪري جيجي کي مظلوم طبقن جي تحريڪ جي هڪ رهنما چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

سنڌ ۾ هڪ انقلابي فنڪاره طور جيجي جو اظهار بہ ان وقت ٿيو. جڏهن سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي تحريڪ تي عالمي ترقي پسند ادبي هلچل ۽ ڪميونسٽ تحريڪ جو اثر

نمايان هو. رسول بخش پليجي جي قيادت ۾ عوامي تحريڪ سنڌ جي ڪنڌ ڪڙيچ ۾ هارين ۽ بين مظلوم حصن کي ڳنڍي هڪ ڪري رهي هئي. مارڪس، اينگلس، لينن ۽ مائوذيتنگ جي تعليمات کي هتي ايتري پذيرائي ملي چڪي هئي، جو اڪثر سياسي ڪارڪنن وٽ ڳاڙهو انقلابي ڪتاب هئا. نوجوانن کي هن تحريڪ تمام گهڻو متاثر ڪيو هو. هي اهو ئي دور هو جنهن ۾ جيجي زرينہ اهو گيت ڳايو هو تہ "آئون بہ گوليون هلايان ڏي جاني، آئون بہ گوليون هلايان... يا جنگ جنگ جنگ جنگ آ... پليت پير ڪر پري هي ڏرتي منهنجو ننگ آ، هي ڏرتي منهنجو ننگ آ جنگ.... جنگ آ"، هزارين پوڙها ۽ پڪا سندس انهيءَ گونجار تي جهومي اٿندا هئا.

سنڌي بولي کي انهيءَ دور ۾ تعليمي ۽ سرڪاري ميڊيائي ادارن مان نيڪالي ڏني وئي هئي. هر جاءِ تي سنڌي بولي خلاف سازشون عروج تي هيون. انهيءَ دور ۾ سنڌ اندر هڪ تحريڪ هلي تہ ووٽر لسٽون سنڌي بولي ۾ ڇپرايو!! پوءِ سموري سنڌ جا باشعور فرد هن تحريڪ جو حصو بڻجي ويا. جيجي زرينہ بلوچ جو بہ هن تحريڪ ۾ وڏو ڪردار رهيو. هڪ استاد طور هن وڏي پئماني تي سنڌي شاگردن کي منظم ڪيو تہ هن تحريڪ ۾ شامل ٿي وجو. خاص طرح جيجي جي نياڻي اختر بلوچ بک هڙتال ڪري سنڌ ۾ پهرين بک هڙتال ڪندڙ عورت جو اعزاز حاصل ڪري ورتو. هن تحريڪ جو پڻ ايترو وڏو اثر پيو جو فوجي حڪمران مجبور ٿيا تہ اهي سنڌي بولي ڏانهن پنهنجي دشمني وارو رويو ترڪ ڪن. هنن کي مجبورن سنڌي بولي جي وجود کي تسليم ڪرڻو پيو هن تحريڪ ۾ عوامي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت ۽ پابندي پيل ڪميونسٽ پارٽي جو پڻ وڏو ڪردار هو.

جيجي زرينہ بلوچ جي ڪهاڻين جو هڪڙو مجموعو پڻ پڌرو ٿيو. جنهن ۾ عورتن جي ڏک ۽ درد کي تمام بهترين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" نالي هن ڪتاب ۾ جيجي سنڌي سماج جي مسئلن، وڏيرن ۽ سموري هن سسٽم مٿان عورت جي استحصال کي ڇگي طريقي وائکو ڪيو ويو آهي. جيجي زرينہ بلوچ کي سنڌي عورتن جي حقن لاءِ پڻ وڏي تحريڪ هلائي ۽ انقلابي عورتن جي صف ۾ پنهنجو نالو لکرايو. عوامي تحريڪ جي عورتاڻي ونگ سنڌياڻي تحريڪ

منظم ڪرڻ، ان ۾ نوجوان ڇوڪرين کي راڳ رنگ جي تربيت ڏيڻ ۾ پڻ سندس وڏو ڪردار هو. مون خود هڪ دفعو ڏٺو ته نسيم نگر ۾ جيجي مختلف هنڌن تان آيل عورتن کي تربيت ڏئي رهي هئي ۽ کين پنهنجي قومي ذميداريون ادا ڪرڻ لاءِ اتساهي رهي هئي. تازو جڏهن ڪالاباغ ڊئم خلاف سنڌياٽيون لاڳ مارچ لاءِ سکر کان ڪراچي تائين پيرين پنڌ نڪتيون، ته جيجي زرينہ پڻ هن تحريڪ ۾ شامل هئي. هن مارچ ۾ هٿڙي ٽاٽي جي حد ۾ جيجي زرينہ بلوچ مٽان پوليس تشدد ڪري سندس بانهن ته ڇيڻي ڇڏي هئي، پر سندس عزم کي لوڏي نہ سگهي هئي. ساڳي تحريڪ ۾ جسقم طرفان جڏهن مرڻ گهڙي تائين ڪراچي پريس ڪلب اڳيان بک هڙتال شروع ڪئي وئي ته جيجي زرينہ سنڌي نوجوانن کي اتساهہ ڏيارڻ لاءِ وٽن پهتي هئي. بهرحال اها حقيقت آهي ته جيجي جي وڇوڙي سان نہ فقط هڪ قومي لوڪ گيتن جو خال پيدا ٿيو آهي، پر سنڌ جي قومي هلچل توڙي سنڌي عوام کي وڏو نقصان پهتو آهي.

سنڌ جي ڪوئل

جيجي زرينہ، واقعي بہ قومي گيتن جي ڪوئل هئي، هونئن بہ ڪيس سموري سنڌ جي عوام طرفان ان ڪري وڏ ڪان وڏ عزت جي نگاھ سان ڏٺو ۽ متعارف ڪرايو ويندو هو يا وڃي پيو تہ هن جھڙي طرح سان پنھنجي ڳايل گيتن ۾ قومہ ۽ سنڌ جي دردن کي شامل ڪيو. اھا اجتماعي طور تي تمام وڏي فخر جي ڳالھ آھي پر قومي گيتن جي ڪوئل جيجي زرينہ ھاڻي اسان جي وچ ۾ ناھي رھي، يعني تہ ھوءَ ھاڻي جسماني طور تي اسان کان جدا ٿي سنڌ ڌرتيءَ جي چيڪي مٽيءَ جي چادر ۾ ويڙھجي چڪي آھي.

بحران تہ اصل ۾ ھي بہ آھي تہ اڄوڪي سنڌ ۾ اسان کان پراڻي سنڌ جون ڪيتريون ئي نشانيون گم ٿي ويون آھن، ڇوڻ جو مطلب تہ جن بہ قومي راڳين، شاعرن، سڳھڻن يا ڏاھن انسانن جي وفات ٿي آھي، انھن مان ڪيترن ئي قومي سرماين جو فورن ۽ باھرين دنيا ۾ جديد طرز وارو ڪو بہ علاج سرڪاري سطح تي نہ ڪرايو ويو. جنھن ڪارڻ وقت کان اڳ ئي ھو اسان کان جسماني طور وڇڙي ويا.

جيجي ۽ لوڪ گيت

سنڌ جا لوڪ گيت سنڌي موسيقيءَ جي جان آهن. اهي لوڪ گيت سنڌ ۽ هند ۾ وڏي اڪير ۽ چاهت سان ٻڌجن ٿا. سنڌ جي مهان لوڪ گيتنجي راڻي جيجي زرينہ بلوچ سنڌ کي الوداع چوندي، اهڙي ماڳ ڏانهن هلي وئي آهي، جتان هاڻي جيجي زرينہ بلوچ واپس اسان ڏي ڪڏهن بہ نہ ايندي. جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي سبب سڄي سنڌ سوگوار آهي، جيجي زرينہ جي وڇوڙي سبب هر ماڻهوءَ جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا آهن. جيجي زرينہ بلوچ صرف ايازلطيف پليجو جي جيجي نہ هئي، پر اها سنڌ جي هر مرد، عورت ۽ ٻار جي جيجي هئي. هر ڪو کيس جيجي جي نالي سان پڪاريندو هو. جيجي زرينہ بلوچ بہ هر ماڻهو سان پنهنجي پڻن ۽ ڏيءَ وانگر پيار ڪندي. اهو چوندي هئي تہ سمورا ماڻهو مون لاءِ ايازلطيف ۽ اختر بلوچ آهن. جهڙو پيار انهن سان ڪريان ٿي اهڙو پيار سمورن لاءِ آهي. منهنجي جيجي زرينہ بلوچ سان مختلف ادبي پروگرامن ۾ ملاقات ٿيندي رهندي هئي. پاڻ هميشہ پيار مانڀچندي هئي. پٽ نيڪ آهيو. سندس اهڙي جملي تي منهنجي دل هميشہ خوش ٿي ويندي هئي ۽ آئون جيجي زرينہ بلوچ کي بہ پنهنجي ماءُ جيترو پيار ڪندو هئس. جيجي زرينہ بلوچ جي لوڪ گيت کي ٻڌندي اڄ بہ جيجي جو پيار ملندو رهي ٿو. پر هاڻي جيجي زرينہ بلوچ اسان کي ڪڏهن بہ ڪنهن ادبي پروگرام ۾ ملي نہ سگهندي. هاڻي جيجي زرينہ جا لوڪ گيت هميشہ سندس يادن کي تازو ڪندا رهندا. روزاني عبرت ۾ نيوز ايڊيٽر جڏ پرڪاش موراڻي طرفان فيملي انٽرويو جو هڪ سلسلو شروع ڪيو ويو. جڏ پرڪاش موراڻي مون کي جيجي زرينہ بلوچ جو فيملي انٽرويو ڪرڻ لاءِ چيو، پر جيجي زرينہ بلوچ جي اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب کيس ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اسان سندس فيملي انٽرويو نہ ڪري سگهياسين. جيجي زرينہ بلوچ لوڪ گيت وسيلي سنڌ جي سڃاڻپ موسيقي دنيا ۾ ڪرائي ڇڏي ۽ سنڌ جي هر ماڻهو کيس، جيجي، جو لقب ڏئي ڇڏيو. لوڪ گيت جي موسيقي ۾ مائي ڀاڳي، خورشيد بيگم پٽ شاهہ واري ڪان وڻي امينہ ۽ زرينہ بلوچ تائين پرپور نموني سان پاڻ ملهايو. جيجي زرينہ بلوچ لوڪ گيت سهرن وسيلي سنڌ جي

اندر هر ڪاڇ جي ميزبان هوندي هئي. سندس لوڪ گيت هر شادي جي ڪاڇ ۾ وڃندا رهندا هئا. جيجي زرينہ بلوچ جا ڳايل لوڪ گيت " مور ٿو ٽلي" جڏهن بہ وڃندو آهي تہ مور جو پس منظر سامهون اچي ويندو آهي. "هٿين گل ميندي پيرين گل ميندي"، "چلڙو ڪري پيو ڪوهہ ۾"، هڏڪي مٽان مون کي آئي هڏڪي، مان ٽي پانيان منهنجا مارو ايندا مون کي ونڊي ويندا"، جهڙا لوڪ گيت سنڌ جي جان آهن. سندس ڳايل لوڪ گيت اسان وٽ هميشہ امر رهندا. جيستائين هيءَ ڪائنات موجود آهي، جيجي زرينہ بلوچ جا ڳايل لوڪ گيت وڃندا رهندا ۽ آواز وسيلي جيجي اسان سان گڏ هوندي. لوڪ گيت جي موسيقيءَ واري دنيا ۾ موسيقي سان واسطو رکندڙ سازندا پنهنجي راءِ بعد اظهار ڪندي ٻڌائين‌ٿا، تہ جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي سان لوڪ گيت جي موسيقي واري دنيا ۾ تمام وڏو خال پيدا ٿيو آهي. اهو خال صدين تائين پرڇي نہ سگهندو. جيجي زرينہ بلوچ جنهن انداز ۽ اڪير مان لوڪ گيت ڳائيندي هئي. اهڙي انداز ۾ لوڪ گيت ڳائڻ واري فنڪاره في الحال نظر نہ ٿي اچي، ان ڪري لوڪ گيت سهرن. ڳيچن جي لوڪ موسيقي جي ميدان ۾ تمام وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي جيجي زرينہ بلوچ جا ڳايل لوڪ گيت تہ وڃندا رهندا، پر هاڻي نوان لوڪ گيت في الحال. اسان سڀني کي ٻڌڻ لاءِ نہ ملي سگهندا. جيجي زرينہ بلوچ جتي لوڪ گيت، سهرن، ڳيچن ۾ پاڻ ڳائيندي لوڪ گيتن جي راڻي ٻڌجي وڃي، اتي جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي بهادر عورت وارو ڪردار ادا ڪندي وقت جي آمرن سان مهاڏو اٽڪائيندي، جيل جي قيد و بند وارا ڏاهڙا ٻہ گذاريا، هن سنڌ جيجل جي حقن لاءِ پرپور نموني سان جدوجهد ڪئي. سندس اهڙي جدوجهد جي عيوض سنڌ جو هر ماڻهو کيس سلام پيش ڪري رهيو آهي. جيجي زرينہ بلوچ فن ۽ سياست جي ميدان ۾ پاڻ ملهائڻ سان گڏوگڏ ادب جي ميدان ۾ بہ پنهنجو نالو پيدا ڪيو. سندس ڪهاڻي ڪتاب "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" سڄي سنڌ ۾ تمام وڏي مجتا حاصل ڪئي. جيجي زرينہ بلوچ جون يادون اسان وٽ موجود آهن. پر هاڻي جيجي زرينہ بلوچ اسان وٽ موجود ناهي. سندس وڇوڙي سبب اسان سڀ سوگوار آهيون. جيجي زرينہ بلوچ ۽ علڻ فقير گڏيل طور سنڌ جي مهان ڪوي شاعر شيخ اياز جي وائي ڳائي اسان سڀني کي اهو اتساہ ڏنو آهي تہ "ٽڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين." جيجي زرينہ بلوچ، علڻ فقير، شيخ اياز هاڻي اسان وٽ موجود نہ آهن، پر سندن يادون اسان وٽ هميشہ موجود رهنديون.

توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون....!!

الله.....! هي چا ٿي ويو. اسان کان سپ ڪجهه کسجي ويو. جيجي گذاري وئي.
"انا الله و انا اليه راجعون"
ذهن هن ڀالهه تي اعتبار ئي نه ٿو ڪري ته جيجي مري وئي. نه هرگز... نه...
جيجي ته امر آ. شهيد آ. هڪ سچي مسلمان هوندي پنهنجو ايمان آهي ته جيڪو 21 رمضان جي رات فوت ٿيندو. اهو شهيد آ. هاڻي شهيد به مرندا آهن چا؟ اهي زنده هوندا آهن هميشه.
ها بلڪل جيجي اسان سان گڏ آهي ۽ هوندي سندس امر گيتن جي صورت ۾. سندس ڪردار ۽ يادن جي صورت ۾. گلن جي صورت ۾. رهنما جي صورت ۾.
جيجي جي پيار پريل هٽڻ جو ڇهاءُ مان اڄ به محسوس ڪيان ٿو. جيڪو ساڻس ملاقات ڪانپوءِ مليو هو.
جيجي سان منهنجي پهرين ۽ آخري ملاقات تنوير جوڻيجو جي ڪتاب "عورت. ڏاڍ ۽ سماج" جي مهورتي تقريب دوران ٿي. پروگرام ۾ جڏهن ڪيس ڏنو هير ته روئڻ کي روڪي نه سگهيو هوس ۽ سڏو وجي سندس پيرن کي چميو هير. جيجي پاڪر ۾ پري منهنجي ڳلن تي چمي چيو هيو ته پٽ. ٻڌڻ جي جاءِ پيرن ۾ نه پر دل ۾ آهي. ۽ ان وقت مون پاڻ ۾ ايترو حوصلو ۽ طاقت محسوس ڪئي هئي. جو جيڪڏهن مون کي دنيا جو ڪو به مشڪل ترين ڪم ڏنو وجي ها. ته مان اهو به آساني سان ڪري وجان ها.
سوچيو ته گهٽو هير ڀالهائڻ لاءِ پر جڏهن جيجي سان مليس ته لفظ نه پئي مليم. جيڪي جيجي سان ڀالهايان. زبان ساڻ ڇڏي ڏنو هيو. بس اکيون ڪيس تڪي رهيون هيون. ٻيو ڪجهه نه سمجهي. ڪتاب اڳيان وڌائي صرف اهو چئي سگهيو هوس ته!.... آٽو گراف ۽ هنن لفظن سان آٽو گراف ڏنو هئائين:
هڪڙي ڪاڻي سپ ڪو پجندو. پجي نه ڪوئي ڊير او ساڻي ۽ پوءِ جڏهن جيجي نوجوان ساڻيو. سنڌ جا وارثو لاڻ ٻرندي... ڳايو هيو ته سڄو هال جهومي اٿيو هو.

پر هينئر ته سندس گيت "تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون".
وانگي بس يادگيريون ۽ حسرتون ئي رهجي ويون آهن.
بس هڪ اداسي ئي ڇائنجي وئي آهي. مان ڏسان ٿو ته آسمان روئي رهيو آهي ۽ ستارا اداس آهن. اداس ته مون کي ماڊل اسکول به لڳو. جنهن جو گهڙيال ٽڪ ٽڪ ڪرڻ بدران سڏڪي رهيو آهي. اداس ته ريڊيو پاڪستان جي عمارت به آهي. ته لطيف آباد. هير آباد ۽ نسيم ڊيلڪس وارو گهر ۽ گهٽي نمبر هڪ به. هي اهي جايون آهن جتي هن پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي ڏينهن گذاريا ها.
ها اڄ پرنس ٽائون جا وڻ، ٻوٽا ۽ گل به اداس آهن ته ڪراچي جو ڊفينس کهڪشان 5 ۽ محمد علي سوسائٽي به. اڄ لنڊن برج به روئي پئي ته لنڊن جو ارلس ڪورٽ به لڙڪ پيو لاڙي!
حيدرآباد جون شامون اداس آهن. هر شيءَ اداس پئي نظر اچي. ان اداسي پٺيان ڇا آهي؟ شايد جيجي جو اهو پيار ۽ شفقت ۽ ان ڪري ئي اهي شيون اداس آهن. بلڪل اياز جي هنن سٽن وانگي ته....

ڪٿن ڪو ڪُوڪاري، مڙني ماڻ اچي وئي

روزانہ عبرت

جيجيءَ جي موڪلاڻي

"نوجوان ساڻيو سنڌ جا وارثو"، "جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت جيئي سنڌ"، "بي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون"، "لوٽو مون کي آڻي ڏي"، "جيجل منهنجو چلڙو پاڻيءَ ۾" ۽ ان جهڙا ٻيا ڪيترائي خوبصورت گيت ۽ لاڏا ڳائيندڙ سنڌ جي قومي فنڪاره جيجي زرينہ نيٺ سنڌ کان موڪلائي وئي. جيجيءَ جي سنڌ کان موڪلائي وڃڻ تي سڄي سنڌ سوڳوار آهي هر ماڻهوءَ جي اک ۾ جيجي جي وچوڑي جا ڳوڙها آهن. هر دل ۾ جيجيءَ جي وچوڑي جو تڏو وچايل آهي. جيجي ڏاڍي بهادر ۽ همت واري عورت هئي. بيماريءَ جي بستري تي هجڻ جي باوجود عيادت لاءِ ايندڙ قومي تحريڪ جي هر ڪارڪن توڙي اڳواڻن کي سنڌ ڏرتي کي بچائڻ لاءِ هر قسم جي جدوجهد جاري رکڻ لاءِ پئي چيو. ڪنهن ڪنهن مهل تہ نوجوانن کي اتساهڻ لاءِ قومي گيتن "نوجوان ساڻيو سنڌ جا وارثو لاٽ ٻرندي رهي ساٽ هلندو رهي" جهونگاريندي رهي. ان گهڙي مون کي ائين پئي محسوس ٿيو جڻ سنڌ جيجل جيجيءَ جو روپ ڌاري آئي هجي ۽ نوجوانن کي پنهنجي آڃپائي لاءِ اتساهيندي هجي. جيجي قومي قافلي جي سپاهين کي پنهنجي اولاد جيان پائيندي هئي اهو ئي سبب هو جو جڏهن هوءَ اسپتال ۾ بيماري جي بستري تي هئي تہ سندس عيادت لاءِ اسپتال ۾ هر وقت وڏي رش موجود هئي. انهيءَ رش ۾ اڪثريت قومي قافلي جي سپاهين جي هوندي هئي. ان دوران جڏهن جسقم چيئرمين بشير خان قريشي سندس عيادت ڪرڻ لاءِ اسپتال پهتو. تہ جيجي بشير خان قريشي کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ کيس چيائين تہ "پٽ اکيلو آيو آهين. پنهنجي ونيءَ ۾ ٻار مون کي نہ ڏيکارينديں". جيجي جي ان خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ بشير قريشي جيئن اٿيو تہ پٽيان جيجي سڏ ڪري چيو "پٽ بشير مان تنهنجي ونيءَ جي هٿن جو تيار ڪيل ساڳ ۽ ماني بہ کائيندس" پوءِ بشير قريشي پنهنجي ونيءَ ۾ ٻار ونيءَ اسپتال پهتو. جيجي

اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ پوءِ هنن سيني گڏجي ساڳ ۽ مانيءَ سان ڏنر ڪئي. جيجي نہ رڳو قومي فنڪاره هئي پر هوءَ هڪ سٺي ليکڪا هجڻ سان گڏ پاڻ هڪ سٺي اداڪاره پڻ هئي. سندس قومي گيتن جي تہ هاڪ آهي ئي آهي، پر سندس ڪهاڻين جي ڪتاب "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون، سٺڙي ادب ۾ سٺو مقام رکي ٿو. پر ڊراما "ٻانهي" ۽ "ڪيڏو ڪارونيار" سندس. سٺي ليکڪا جو ثبوت آهن. علي بابا جي "ٻاليشاهي"، "عبدالقادر جوٽيجو جي"ڪاروان"، نور الهدي شاهہ جي "جنگل" فاطمہ ثريا جي لکيل ڊرامي "انا" سميت "گلن واري ڇوڪري"، "اترڙو ٿو لڳي"، "راڻي جي ڪهاڻي" ۽ ٻين اهڙن ڊرامن ۾ سندس ڪيل پرفارمنس ڪڏهن بہ وسري نہ ٿي سگهي ۽ جڏهن وري جيجي زرينہ پروگرامن ۾ قومي گيت ڳائيندي هئي، تہ نوجوان تہ نوجوان پر وڏا بہ جهومي پوندا هئا. 1975ع ۾ سنڌ صدين کان سيمينار جي موقعي تي جيجي زرينہ جڏهن "مور ٿو ٽلي" ڳايو تہ ان پروگرام ۾ موجود ذوالفقار علي ڀٽو، غلام مصطفيٰ کر، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ ممتاز ڀٽو پاڻ کي روڪي نہ سگهيا ۽ مٿي اسٽيج تي چڙهي جهومڻ تي مجبور ٿي پيا. ان موقعي تي پنڊال ۾ وينل سيئي ماٺهو جهومڻ لڳا. جيجي زرينہ سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل ڪاليج جيڪو هن وقت يونيورسٽي جي حيثيت ۾ آهي ۽ چانڊڪا ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ ڪيترائي يادگار پروگرام ڪيا، انهن پروگرامن ۾ ڳايل گيت "هن جنم هن جنم لئہ وڃن ٿو ڪريان" يا "جنگ آ جنگ منهنجي تو سان جنگ آ" جهڙا ٻيا گيت ڳائي شاگردن کي جهومائي ڇڏيندي هئي، جساف جا اڳواڻ گل محمد جکراڻي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ستار موريو تہ سندس پروگرامن ۾ سڄي سڄي رات ويهي ڏينهن ڪري ڇڏيندا هئا. جيجي زرينہ نہ رڳو فنڪشن ۾ پر جلسن جلوسن ۾ بہ نوجوانن لاءِ اتساهہ جو سبب بڻيل هئي. جيجي زرينہ بلوچ تہ اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ موڪلائي هلي وئي، پر سندس يادون اڄ بہ اسان سان گڏ آهن. سندس ڳايل گيت اڄ بہ گونجي رهيا آهن.

جيجي جيئندي رهندي

قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ 39 ڏهاڙن تائين زندگي جي جنگ وڙهندي لاڏاڻو ڪري ويئي. جيجي زرينہ بلوچ جو لاڏاڻو ويجهي ماضي ۾ سڀ کان وڏو قومي سانحو آهي. جيجي لوڪ ۽ قومي گيتن ذريعي سنڌ جي ثقافت کي جياري ڇڏيو. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي تہ جيجي گهڻ رخي شخصيت جي مالڪ هئي. هن قومي گيتن ذريعي نوجوانن ۾ جذبو جاڳايو. ون يونٽ ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سندس ادا ڪيل ڪردار سياسي سجاڳي ۾ اهم باب واري تو. هڪ طرف جڏهن اڄ سنڌ ۾ فنڪار، اديب ۽ شاعر حڪومت جي ثنا خواني کي لڳي ويا آهن. قومي راڳ ۽ ڪلاسيڪل موسيقي بجاءِ نہ سُر نہ تال جهڙا ڪلام ڳائي شهرت ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اهڙي دور ۾ جڏهن هر ماڻهو پئسو ڪمائڻ کي ئي زندگي سمجهي. ان وقت جيجي زرينہ بلوچ جهڙي قومي فنڪاره ڪارڪن ۽ اديبا جو لاڏاڻو وڏو نقصان آهي. سنڌ جيجي زرينہ بلوچ کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي. بقول حسن مجتبيٰ جي تہ خراج تحسين تہ ان شخص کي ٻہ پيش ڪرڻ گهرجي. جنهن هڪ سهرا ڳائيندڙ فنڪاره کي وطن ۽ قوم لاءِ زندگي وقف ڪرڻ جو درس ڏنو. اهو اعزاز جيجي جي ور رسول بخش پليجو ڏي وڃي تو. جيجي زرينہ بلوچ پاڻ کي هڪ کهاڙيڪاره جي روپ ۾ ٻہ مڃائي ورتو. اڄ سندس قلم مان سرجيل کهاڙيون سنڌي ادب ۾ وڏو مقام رکن ٿيون. جيجي جي وارثي رڳو اياز لطيف، اسلم پرويز ۽ اختر بلوچ نہ ٿا ڪن. پر ان جا سياسي وارث اهي قومي ڪارڪن آهن. جن سنڌ ۾ علم جي تحريڪ ذريعي دشمن کي منهن ڏنو آهي ۽ عوامي جمهوري جدوجهد ذريعي، سنڌ جي حقن جي حاصلات جي جنگ وڙهي رهيا آهن. جيجي زرينہ بلوچ جون خدمتون ۽ ڪاوشون سنڌ ڪڏهن ٻہ وساري نہ سگهندي.

جيجيءَ جي جدائي

سنڌ ڏرتي ڪيترن ئي عظيم بزرگن شاعرن، اديبن، دانشورن، ڏاهن، فنڪارن، ڪلاڪارن، اداڪارن، صداڪارن ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ انمول هيرن سان مالا مال آهي. انهن ئي هيرن منجهان سنڌ ڏرتيءَ جي ڪُک مان جنم وٺندڙ جيجي زرينہ بلوچ بہ هڪ آهي. جيجي زرينہ بلوچ ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي، پو تہ جيجيءَ کي سنڌ جو ٻچو ٻچو سڃاڻي ٿو. جيجي زرينہ بلوچ جو اصل نالوآمنا آهي. هوءَ ڳوٺ الهداد چنڊ لڳ حيدرآباد ۾ ڄائي. کي کي ماٺهو موتيءَ داڻا هوندا آهن،

سوجيجي زرينہ بہ ننڍپڻ کان ئي سلڇڻي رهي آهي. جيجي زرينہ بلوچ زندگيءَ جي مختلف مرحلن تي سنڌ جي سورميءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. هوءَ ليکڪا، شاعره، گلوڪاره، آرٽسٽ، پوليٽيڪل اسٽگلر، سماجي خدمتگار، بهترين ٽيچر وغيره اهي سيئي ڳالهيون هن جي شخصيت ۾ شامل آهن. ٽيهن سالن جي عرصي تائين جيجي اسڪول ۾ پڙهائيندي رهي، ان کان علاوه عورتن جي حقن لاءِ بہ جدوجهد ڪندي رهي. ون يونٽ واري وقت ۾ 2 سال قيد بہ ڪاٽيو اٽائين. جڏهن تہ سکر کان ڪراچيءَ تائين جيجيءَ بہ ٽي پيرا لانگ مارچ بہ ڪيو آهي. سنڌي عورتن جي لاءِ جيجي پاڻ پتوڙيندي رهي آهي. اڄ بہ هن کي سنڌ ۽ سنڌي عورتن جو ڏاڍو فڪر آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ بيمار ٿيڻ سبب اسپتال داخل ٿي. جڏهن اها خبر پئي تہ مون کان رهيو ڪين ٿيو ۽ دل ۾ اهائي اڻ تڻ رهي تہ جيجيءَ سان وڃي ملاقات ڪجي. جڏهن ڪراچيءَ جي خانگي اسپتال آغا خان جي پرائيويٽ ونگ جي روم نمبر 202 ۾ علاج واسطي داخل جيجيءَ کان پڇڻ لاءِ ويس تہ: سپ کان پهرين جيجيءَ کي سلام ڪندي مون کانئس سندس طبيعت جي باري ۾ حال احوال پڇيو تہ جيجيءَ وراڻيو تہ منهنجي طبيعت ۽ حال احوال کي ڇڏ، تون اهو ٻڌاءِ تہ سنڌي عورتون ڪٿين آهن؟ چا پيون ڪن ۽ منهنجي منڍي پياري

جيجل سنڌ ڪيئن آهي؟ هن اهو به چيو ته منهنجي چاهيندڙن کي هلال-پاڪستان اخبار ذريعي اهو ٻڌائجانءِ ته آءٌ ٺيڪ آهيان. بس ڏٺيءَ در دعا ڪن ته جلد صحتياب ٿي وڃان. جيجي زرينہ بلوچ اهو به چيو ته سنڌين کي گهرجي ته هو سنڌ جي لاءِ پنهنجا ويڇا وساري متحد ٿين. چو ته اتحاد ۾ ئي طاقت آهي. جيجي زرينہ بلوچ وري وري سنڌي عورتن جي ڀالهہ ڪري رهي هئي. ان ڀالهہ منجهان اهو واضح ٿئي ٿو ته جيجيءَ کي سنڌي عورتن جو ڏاڍو فڪر آهي.

نامياري سنڌي گلوڪاره جيجي زرينہ بلوچ کي شگر هجڻ سبب سندس دماغ ۾ جگر تي گهري اثر ٿيڻ ڪري کيس ڪٿتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد مان ڪراچي آڻي آغا خان ۾ داخل ڪرايو ويو. جتي سندس MRI Scan ٽيسٽن ٿيڻ کانپوءِ ڊاڪٽر خالد چشتي جيجيءَ جو علاج ڪري رهيو هو. دماغ جي ٽيل ٽيسٽن کانپوءِ آيل رزلٽ مان واضح ٿيو آهي ته جيجيءَ کي برين ٽيومر آهي پر ڪنفرميشن لاءِ واسطيدار سرجن جي ڏسڻ کانپوءِ ئي خبر پوندي ته جيجيءَ کي ڪيتري قدر اها بيماري آهي ۽ ان جو علاج ڪيستائين هلندو. جيجيءَ جي ڏوهٽي ٻڌايو ته جيجيءَ کي 20 يا 25 سالن کان شگر ۽ بلڊ پريشر به هيو. شگر شوٽ ٿيڻ جي ڪري جيجيءَ کي اسپتال ۾ وڃي آياسين. جنهن کانپوءِ خبر پئي ته جيجيءَ کي ڪهڙي بيماري آهي.

جيجي زرينہ بلوچ ڪجهہ ڏينهن اڳ مٿي ذڪر ڪيل خانگي اسپتال ۾ علاج هيٺ رهي پر جيجيءَ کي شايد ان خانگي اسپتال ۾ مزو نہ آيو جو هن ڊاڪٽرن کي گذارش ڪئي ته مون کي هتان ڊسچارج ڪريو. جيجيءَ جي چوڻ تي ڊاڪٽرن سومر ڏينهن صبح جي پهر ۾ ڪيس اسپتال مان ڊسچارج ڪري ڇڏيو. ساڳئي ئي ڏينهن شام جي پهر ۾ جڏهن هي ناچيز خاڪسار قلمڪار ۽ فلم، ٽي وي ۽ ريڊيو جو مقبول فنڪار انور سولنگي گڏجي ان خانگي اسپتال ۾ وياسين ته اتي خبر پئي ته جيجي اڄ صبح جو ڊسچارج ٿي وئي. ان ڀالهہ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر اسما سان رابطو ڪيم ته هن ٻڌايو ته جيجيءَ کي صبح جي پهر ۾ ئي سندس چوڻ تي هتان ڊسچارج ڪيو ويو آهي.

اسپتال مان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ فون ذريعي معلوم ڪيوسين ته خبر پئي ته جيجيءَ کي لياقت نيشنل اسپتال ۾ بهتر علاج واسطي داخل ڪرايو ويو آهي. جتي پڻ ڊاڪٽرن پاران جيجيءَ جون ٽيسٽون ڪرڻ شروع ڪيون ويون. برين ٽيومر جي ٽيسٽ لاءِ گذريل اڳاري ڏينهن ٻنهڙن کان رات تائين لڳاتار ڇهہ ڪلاڪ آپريشن جاري رهيو. اهو

آپريشن لياقت نيشنل اسپتال جي ڊاڪٽر، ڊاڪٽر سلمان شريف ڪيو. آپريشن ڪانپوءِ جيجي زرينہ بلوچ نيم بيهوشي واري حالت ۾ رهي. ان ڪانپوءِ هن جي طبيعت ويتر خراب ٿي وئي. چيائون تہ اڳاري ڏينهن ڪيل ٽيسٽ جي رپورٽ ايندڙ ٻن ٽن ڏينهن ۾ اچي ويندي، جنهن ڪانپوءِ خبر پوندي تہ ٽيومر ڪهڙي قسم جو آهي؟ جڏهن تہ ڊاڪٽرن جو اندازو آهي تہ اهو ٽئين يا چوٿين مرحلي ۾ آهي. تنهن ڪري اها صورتحال ڏاڍي حساس ڇئي سگهجي ٿي. هوڏانهن عمران خان جي اماٽيل ٽيم پڻ ساڻس ڏينهن پهچي جيجيءَ جي طبيعت ڏسي ۽ رپورٽون حاصل ڪيون آهن.

جيجي زرينہ بلوچ کي گائڪي جي دنيا ۾ سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي ۽ سڏيو ويندو آهي. هن جون ڪيترين ئي ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ اچي چڪيون آهن. جيجي زرينہ بلوچ سنڌي، بلوچي، سرائڪي، اردو ۽ پنجابيءَ کان علاوہ عربيءَ ۾ ڳايو آهي. جيجي زرينہ بلوچ لوڪ گيت، قومي گيت کان علاوہ مختلف صوفي بزرگن توڙي جديد شاعرن جا ڪلام پڻ ڳايا آهن پر سيني کان وڌيڪ هن شيخ اياز کي ڳايو آهي. جيجيءَ اسپتال ۾ ڳالهہ ٻولهہ دوران ريڊيو ۽ ٽي وي جي ڪيترن ئي فنڪارن، اداڪارن، انائونسرن ۽ پروڊيوسرن کي سارينديِ پچيو تہ اهي ڪٿي آهن. جيجيءَ کان خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ وڌي تعداد ۾ سندس ڇاهيندڙ اسپتال ۾ اچي رهيا آهن. ان کان علاوہ ڏورانهن علاقن کان بہ جيجيءَ جي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ فون ۽ اي ميل اچي رهيا آهن. جيجيءَ جي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ پرڏيهي ملڪن جن ۾ سعودي عرب، دبئي، انڊيا، امريڪا، ڪينيڊا، آسٽريليا، برطانيہ، سنگاپور کان علاوہ ٻين ملڪن مان بہ پيغام پهچي رهيا آهن.

جيجي زرينہ بلوچ کي اولاد ۾ 3 ٻار آهن، جن مان بہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ اٿس. ڏوهٽا ۽ ٽي ڏوهٽيون آهن. ڇهہ مهينا کن اڳ جيجي زرينہ بلوچ پڙناني بہ ٽي آهي.

سنڌي عورتن جي لاءِ ڪيل خدمتن جي مجتا طور جيجيءَ کي جرمن انٽرنيشنل ايوارڊ بہ مليو آهي. ان کان علاوہ برائيڊ آف پرفارمنس ايوارڊ، شاهہ لطيف ايوارڊ، قلندر لعل شهباز ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڈ بہ ماڻيا آهن.

●

جيجي توڪانپوءِ

نَوَ ڏينهن جي ڪوما ڪانپوءِ سنڌ جي امر ڪلاڪار، استاد، شاعره، ڪهاڻيڪاره جيجي زرينہ بلوچ هزارين اکين کي آلو ڪري ڏرتي ماءُ جي هنج ۾ سمهي پئي آهي. سنڌ جي اهم سياسي گهراڻي سان واسطو رکڻ باوجود جيجي زرينہ بلوچ جي شخصيت ڪنهن بہ ڏر وٺ تڪراري نہ هئي. هوءَ سڀ ڪنهن وٽ قابل قبول هئي. سنڌ سان انتها درجي جو عشق ڪندڙ هيءَ عظيم عورت حامي ۽ مخالف جي ڇڪر کان بالاتر ٿي سنڌ جي ساڃاهہ وندن جي هر علمي ادبي ۽ سياسي پروگرامن ۾ قومي گيت ڳائيندي نظر ايندي هئي. انتهائي ڪمسپرسي واري حالت ۾ بہ سنڌ جي ڳٽتي ڪندڙ ۽ پنهنجي اولاد کي ڏرتي ۽ ڏرتي واسين جي پارت ڪندڙ هن سدا حيات فنڪاره جي وفات تي هر ماڻهو سوڳ ۾ ورتل آهي. اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن. جيڪي پنهنجي فن کي مقصد سمجهي اڳتي وڌن تا ۽ ڪنهن بہ لوڀ لالچ اڳيان پنهنجو ڪنڌ نہ ٿا جهڪائين. جيجي زرينہ بلوچ بہ انهن ماڻهن مان هڪ هئي. جنهن پنهنجي ذات ۽ ڏات کي سنڌ ڏرتيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ حالتون ڪهڙيون بہ هجن هوءَ سنڌ جو آواز بڻجي گونجندي رهي. اهو دور ون يونٽ جو هجي يا ايم آر ڊي جي هلچل وارو، جيجي زرينہ بلوچ هر موقعي تي ۽ هر احتجاج ۾ اڳيان اڳيان نظر آئي. هن جو ڪردار يقينن هڪ عام فنڪار کان ڪافي مٿانهون هو. هوءَ عملي طور تي بہ ميدان ۾ سرگرم نظر آئي. جيجي زرينہ بلوچ جي آواز ۾ هڪ اهڙو سحر ۽ درد آهي جيڪو ٻڌندڙ کي جڪڑي ڇڏي ٿو. سندس علاڻ فقير سان گڏ ڳايل وائي:

ٽڙي پوند ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل، تڏهن ملنداسين

هجي يا سندس ڳايل هي غزل :

"ٻي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون"

سدا بهار آئٽم آهن. جيڪي جڏهن بہ ٻڌجن ٿا تہ دل ۾ لهي وڃن ٿا. جيجي زرينہ بلوچ جي موسيقي سان محبت جي تشريح ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو جڏهن

بيهوشي واري حالت مان کيس کجهہ وقت نڪرڻ جو موقعو ملي تو تہ سندس چپن تي "پئي ياد آيا فسانا اوهان جا، نگاهون اوهان جون نشانا اوهان جا "جهڙو گيت ٻُڌي اچي ٿو. برين ٽيومر، هيپاٽائيٽس سي، شگر ۽ هاءِ بلڊ پريشر جي تڪليف سبب ڪراچيءَ جي نيشنل اسپتال ۾ هڪ مهيني تائين موت سان جهيڙيندڙ جيجي زرينہ بلوچ زندگيءَ جي راند هارائي چڪي آهي، پر اها حقيقت آهي تہ موت سندس نالي کي ختم نہ ٿو ڪري سگهي. اڄ، سياٽي جڏهن بہ جتي بہ قومي، ادبي، سياسي محفلون مڇندیون تہ جيجي جي کوٽ شدت سان محسوس ڪئي ويندي ۽ سندس ڳايل گيت سندس زندهہ هجڻ جو ثبوت پيش ڪندا. جيجي زرينہ بلوچ جي ڏرتي ۽ ڏرتي واسين سان ڪمٽمينٽ هجڻ لاءِ ڪنهن بہ ثبوت جي ضرورت ناهي. هوءَ بيماري جي بستري تي بہ پنهنجي ماڻهن لاءِ لچندي نظر آئي. ان سلسلي ۾ جڏهن هن کي اها خبر پئي تہ بي ايس او جو امداد بلوچ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويٺل آهي تہ هن پنهنجي ڏوهٽي سسئي پليجو کي چيو تہ "جلدي وڃ ۽ امداد کي چئو تہ اسان تو سان گڏ آهيون." سسئي پليجو ٻڌائي ٿي تہ: " جيجي گهٽو پريشان پاڻي واري مسئلي تي رهندي هئي ۽ وري وري اها پارت ڪندي هئي تہ پاڻي جي مسئلي مان پلي سڀ هٽ ڪڍي وڃن پر توهين هٽ نہ ڪيجو. پاڻي لاءِ توهان کي زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين جدوجهد جاري رکڻي آهي. رڳو ايترو ئي نہ پر جيجي زرينہ بلوچ پاڻي لاءِ نڪتل هر ريلي ۽ جلوس ۾ اڳيان اڳيان نظر ايندي هئي. هن جا گيت جوش ۽ جذبي ۾ نئون روح ڦوڪيندا هئا. حقيقت ۾ اياز جي شعلن جهڙي شاعريءَ کي ساڳي ئي انداز ۾ ڳائڻ جو ڪريدٽ جيجي زرينہ ڏانهن ئي وڃي ٿو.هن قومي گيتن کي زبان سان نہ پر دل سان ڳايو آهي، جنهن کي ٻڌڻ ڪانپوءِ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي. هوءَ زندگيءَ جي آخري موڙ تائين مايوس نظر نہ آئي. هن کي پنهنجي ڏرتي واسين ۾ اميد رهي تہ اهي ڪڏهن بہ پنهنجي ڏرتيءَ کي اڪيلو نہ ڇڏيندا. نفرتن جي هن جهان ۾ جيجي زرينہ بلوچ محبتون ورڇيندي نظر آئي. هن وٽ هر ماڻهوءَ لاءِ عزت هئي. سندس وجود جي مٽي محبت جي پاڻيءَ سان ڳوهيل هئي. هن جو اهو عقيدو هو تہ جيڪڏهن هٽ سان هٽ ملي ۽ قطار ٺهي تہ ڪير بہ ڏرتيءَ ڏانهن ميري اک ڪٿي نہ ٿو ڏسي سگهي. تعليم کاتي ۾ عمر جو وڏو حصو ڏيندڙ جيجي زرينہ بلوچ هن ڏرتيءَ جي هر ٻار جي هٿن ۾ قلم ۽ ڪتاب ڏسڻ جي خواهشمند هئي. هن اهڙي قسم جو اظهار ڪيترن ئي موقعن تي ڪيو، جنهن ۾ سندس چوڻ هو تہ جيستائين اسان جو هر ماڻهو پڙهيل لکيل نہ ٿو ٿئي، تيستائين سجاڳي نہ ٿي اچي

سگهي. جيجي زرينہ بلوچ جون ڪيتريون ئي سجاڻپون آهن. هوءَ فنڪاره به هئي، قومي ڪارڪن به هئي، شاعره به هئي ۽ ڪهاڻيڪاره به هئي. سندس لکيل افساني "جيجي" کيس سڀني جي "جيجي" بڻائي ڇڏيو. هوءَ ريڊيو جي ڪمپيئر به رهي ۽ سندس ڪمپيئرنگ جو انداز انتهائي نرالو هو. صدارتي ايوارڊ ماڻيندڙ جيجي زرينہ بلوچ لاءِ سڀ کان وڏو ايوارڊ پنهنجي ديس جي ماڻهن جون محبتون ئي هيون ۽ هوءَ پنهنجي ڏرتي واسين وٽان محبتون ماڻڻ لاءِ شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ محفلون مچائيندي رهي. حقيقت ۾ اهڙا امر آواز صدين کانپوءِ پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن جي وچوڙي کانپوءِ جيڪو خال پيدا ٿيندو آهي ان جي پرڻ لاءِ به صديون گهرجن ٿيون. جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڙي سبب جيڪو خال پيدا ٿيو آهي اهو ايندڙ ڪيترين ئي صدين تائين پرجي نہ سگهندو. سنڌي قومي گيتن کي جيڪو انداز جيجي زرينہ وٽان مليو ان جو ڪو بہ نعم البدل نہ ٿو ٿي سگهي. هن وقت سنڌ هڪ عظيم فنڪاره کان محروم ٿي وئي آهي، جنهن جي ڪوٽ سدائين محسوس ٿيندي رهندي. جيجي زرينہ بلوچ جو شهيد نذير عباسي جي شهادت تي ڳايل گيت "او امان، او امان" هجي يا حيدر بخش جتوئي جو ڳايل "جيئي سنڌ جيئي سنڌ" يا خاڪي جويو "جو نظر پاڻ کي هاڻي آزاد گهرجي وطن" يا تنوير عباسي جي "سنڌ هاري جي سنڌ مزدور جي" ۽ "موري مهيڙ دادو ۾ ڏاڍيڙا پٽ ڏول ڪنا" اهي گيت سدائين امر رهڻا آهن ۽ انهن کي وقت جي ڪا بہ ويرِ ميساري نہ ٿي سگهي. ڪالاباغ ڏيمر جي حوالي سان جيجي زرينہ بلوچ جي جدوجهد واري تاريخ کي پڙهجي ٿو تہ سندس جدوجهد ڪمال درجي تي پهتل نظر اچي ٿي. هوءَ نہ رڳو ڏيمر خلاف لانگ مارچ جي اڳين قطار ۾ نظر اچي ٿي پر هوءَ ان جرئت جي بدلي ۾ لڏيون کائڻ کي بہ سعادت سمجهي ٿي. جيجي زرينہ بلوچ سچ جي سفر ۾ جيل پڻ ڪاٽيو ۽ اهي سموريون سختيون سندس مقصد اڳيان رڪاوٽ نہ بڻيون. هوءَ سدائين اڳ کان اڳري رهي. جيجي زرينہ بلوچ هن وقت جڏهن اسان جي وچ ۾ نہ رهي آهي تہ هڪڙو وڏو خال محسوس ٿئي ٿو. جيجي زرينہ بلوچ جي وفات رڳو سنڌي موسيقي لاءِ ئي نقصان جو سبب ناهي پر هن جي وچوڙي جا اثر، ادب، سياست تي پڻ پيا آهن. گهڻ رخي شخصيت جي مالڪ جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي پٽيان لڙڪن جا انبار ڇڏي وئي آهي.

wahidparas@yahoo.com

دل ۾ سدائين وسندڙ جيجي

سنڌ قومي ۽ لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي "ساھ جا ساز" تہ ھميشہ لاءِ خاموش ٿي ويا آھن. پر ھو سنڌ واسين جي دلين سميت ساز و آواز ۽ موسيقيءَ جي دنيا ۾ ھميشہ زندھ رھندي. سندس سنڌ ڏرتي جي حقن لاءِ ڪيل جاکوڙ ۽ جدوجھد کي سنڌ ڏرتي جا سپوت ۽ ڇاوا ڪڏھن بہ وساري نہ سگھندا ۽ جڏھن کو تاريخدان سنڌ جي جدوجھد واري تحريڪ جي تاريخ لکندو، ان ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو نالو سونھري لفظن ۾ لکيو ويندو. جيجي ھڪ طرف سنڌي لوڪ گيتن کي پنھنجي منڌي آواز ۾ نرالو ۽ دل کي ڇھندڙ موسيقي جي سرن جو ھڪ ثقافتي انداز ڏنو، تہ ٻئي طرف سنڌي قومي گيتن ذريعي سنڌ جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ سياسي ۽ قومپرست ڪارڪنن کي حق ۽ سچ جو پيغام ڏنو.

جيجي قومي ۽ لوڪ گيتن جي راڻي ھئڻ سان گڏوگڏ، ھڪ سياسي ڪارڪن، ٿي وي اداڪاره، ريڊيو صداڪاره، ڪھاڻيڪاره، ميوزڪ ڪمپوزر ۽ شاعره سميت کوڙ سارين خاصيتن جي مالڪ ھئي ۽ ڪيس " جيجي" جو خطاب تڏھن مليو، جڏھن سندس لکيل افسانو "جيجي" ڇپيو. جڏھن تہ ان افساني کي متاز مرزا ڊرامائي تشڪيل ڏني، جيڪ پروڊيوسر ذوالفقار نقوي ڊرامي جي صورت ۾ پي ٽي وي تان پيش ڪيو. ان ڪانسواءِ جيجي زرينہ، علي بابا جي لکيل ڊرامي "ڏنگي منجھ درياءَ" ۾ مرحوم نور محمد لاشاري جي سامھون اھم ڪردار ادا ڪيو ۽ پي ٽي وي جي ان ڊرامي جرمني جي شھر "ميونخ" ۾ بين الاقوامي فيسٽيول ۾ ٽيون انعام حاصل ڪيو. جيجي پنھنجي فني ڪيريئر جي شروعات ريڊيو حيدرآباد کان ڪئي ۽ ريڊيو لاءِ سندس پھريون ڪلام "ھيرا لعل جواھر، ڏند تہ موتي محبوب جا" ھو. جڏھن تہ موسيقي جي سکيا استاد محمد جمن کان حاصل ڪيائين. ڳائڻ ڪانسواءِ سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌ جي حقن جي ھلچل ۾ تمام گھڻي سرگرم رھي ۽ ون يونٽ جي زماني ۾ "جشنِ روح رھاڻ" جي نالي سان جيڪي تقريبون ٿيندیون ھيون. انھن جيجي زرينہ بلوچ جي ڳايل شيخ اياز جي قومي گيت "سنڌ ديس جي ڏرتي تو تي پنھنجو سيس نوايان مٽي ماڻي لايان" سنڌي نوجوانن ۾ سنڌ ڏرتي جي آزادي جي تحريڪ لاءِ نئون ولولو قومي گيتن لاءِ لازم ۽ ملزوم بڻجي ويو ۽ جيستائين جيجي ڪنھن جلسي يا تقريب ۾ قومي گيت نہ ڳائيندي ھئي، تيستائين

سياسي ورڪرن ۾ بيچيني چانيل رهندي هئي ۽ جڏهن قومي گيت ڳائيندي هئي تہ هر طرف آزادي جي خوشبو جو احساس ٿيڻ لڳندو هو. جيجي جي جيستائين لوڪ گيتن جو تعلق آهي تہ، اها هڪ سندن الڳ سجاٽپ هوندي هئي ۽ انهن ڳايل لوڪ گيتن کي اڪثر ٻيا ڳائڻ وارا جيجي زرينہ جي انداز ۾ ڳائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيجي جي مشهور لوڪ گيتن ۾ "مور ٿو ٽلي راڻا، منهنجي ٻارڙي کي لوڏو ڏيو، پيڙ منهنجو چلڙو پاڻيءَ ۾" سميت ڪوڙ سارا اهڙا لوڪ گيت آهن جن جو تعداد سَوَن ۾ آهي، جڏهن تہ جيجي کي شاهہ سائين جي وائي ڳائڻ جو بہ وڏو ڏانءُ هو ۽ پٽائي گهوٽ جو هيءَ ڪلام "پيرين پوندیسان چوندیسان، رهي وچ رات پنيور ۾" ۽ فقير امير بخش ۽ زيب ميمڻ سان ڳايل ڪلام "آهي ارمان عجيبن جو، مون کي نال نہ نيائون" ۽ علڻ فقير سان گڏ ڳايل وائي "ٽڙي پوندا ٽارين جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين" اڄ بہ ماڻهن جي دلين ۽ ذهنن تي نقش ٿيل آهن. ڊراما سيريل "ديوارين" ۾ پلي بيڪ سنگر طور شامل گيت "اسين ماڻهو لاڙ جا درياءَ جا پچاڙ جا " اترڙو ٿو لڳي" پي ٽي وي جي سنڌي ڪلچر جي حوالي سان اردو ڊرامن ۾ نئون لاڙو پيدا ڪيو.

قومي گيتن سميت ڪهاڻيڪاره طور هڪ ڪتاب "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" لکڻ سان گڏوگڏ "ڪيڏو ڪارونيار" سميت ٽي ڊراما بہ لکيا. جيجي سنڌي کان علاوہ بلوچي، سرائيڪي، اردو ۽ پنجابيءَ ۾ بہ گيت ڳايا. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شيخ اياز، ابراهيم منشي، استاد بخاري، تنوير عباسي کي تمام گهڻو ڳائڻ سان گڏوگڏ فلسطين جي محمود درويش، سنڌي ۽ بلوچي ترانا، بلوچ شاعر گل خان نصير، اردو ۾ فيض احمد فيض جي بہ شاعري ڳائي چڪي آهي. جڏهن تہ هن "ژان پال سارتر" جو ڪتاب "ديوار" بہ ترجمو ڪيو. جيجي زرينہ بلوچ ڪيترائي ايوارڊ بہ حاصل ڪيا. جيجي زرينہ بلوچ حيدرآباد جي ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ محمد موسيٰ جلالاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو ۽ سندس اصل نالو آمنہ هو. جيجي زرينہ بلوچ جي پونئرن ۾ هڪ ڏيءَ اختر بلوچ، بہ پٽ اياز لطيف پليجو، ڊاڪٽر اسلم پرويز، ٽي ڏوهٽيون ايم پي اي سسئي پليجو، پرهہ بختاور، ڏوهٽا سرمد ۽ اسد، چار پوٽا ذوالفقار، ساحر، سرباز ۽ جوش ۽ پوٽين ۾ سونهن، امرتا ۽ آزادي شامل آهن.

●

●

قومي سانحو

جيجي زرينہ بلوچ جي سڄي زندگي متحرڪ ۽ تحريڪ ۾ گذري. هوءَ سنڌ جي سڄاڻپ هئي. قومي تحريڪن ۾ هن جي آواز کي سياسي ڪارڪن واري حيثيت حاصل هئي. هن سنڌ جي مزاحمتي شاعرن کي ڳايو. خاص طور تي ون يونٽ دوران سنڌي بولي سان اٽوٽائي، ناانصافي ان کان علاوه سنڌ جي حقن لاءِ سنڌ دشمن منصوبن کالاباغ ڊئم، گريٽر ٿل ڪئنال لاڳ مارجن ۾ هن پنهنجي سريلي سُرن جي آواز ذريعي قومي ڪارڪنن توڙي قومي اڳواڻن ۽ تحريڪن کي اپاريو. جيجي زرينہ بلوچ، جا ڳايل قومي گيت سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن ۾ اتساھ، جوش جذبو ۽ ولولو هميشہ پيدا ڪندا رهندا. هن جو آواز هميشہ سموري سنڌ ساڻ ڪٽي هلندو هو ۽ هميشہ جوڌن جا جذبا بلند ڪندو رهندو. جيجي زرينہ بلوچ پهريون پيرو 1967ع ۾ ٿيل "جشن روح رهاڻ" ۾ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جو مشهور قومي گيت "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" ڳايو تہ سنڌ جي قومي ڪارڪنن، قومي اڳواڻن ۽ سنڌ جي هر ماڻهو ان گيت کي ٻڌي واھ واھ ٿي ڪئي ۽ هرڪنهن کي دعا وانگر ياد ٿي ويو هو ۽ هروقت سڀ ان کي جهونگارينداهئا. جنهن کانپوءِ زرينہ بلوچ قومي ڪارڪنن جي جيجي ٿي وئي. جيجي زرينہ بلوچ حيدرآباد جي هڪ ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو آمنہ هو. هن پهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ الهداد چنڊ مان ئي حاصل ڪئي. جڏهن تہ جيجي 1962ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ پير پاتو، اهو ئي دور هو، جنهن ۾ آمنہ مان هوءَ زرينہ بٽجي وئي. آمنہ مان زرينہ بٽجڻ ۾ هن کي وڏي محنت ڪرڻي پئي هئي ۽ هو باهمت ۽ حوصلو رکندڙ عورت هئي. جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي زندگي ۾ استاد پڻ رهي. ان سان گڏوگڏ ڏاتار ڪيس آواز جي ڏات سان بہ نوازيو هو. ڪوئل کان وڌيڪ منڙو آواز رکندڙ جيجي سنڌ جي پلوڙ راڳين کان سکيا ورتي هئي. سکيا ڏيندڙ استادن ۾استاد محمد جمن، ماسٽر محمد ابراهيم سميت بين استادن کان راڳ جي سکيا ورتي. جن کيس اهڙو راڳ سيکاريو جو جيجي ملڪان ملڪ مشهور ٿي وئي.

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي سريلي ۽ من موهيندڙ ۽ دل کي ڇوهيندڙ آواز ۾ جيڪو ڪلام ڳايو اهو "ڏند ته موتي محبوب جا" جنهن وڏي مقبوليت ماڻي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري وئي. هر هنڌ سندس ڳايل گيت ماڻهن جي چپن تي هئا. 1964ع واري ڏهاڪي ۾ جيجي سنڌ جي نالياري دانشور ۽ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجو سان شادي جي بندڻن ۾ بڌجي وئي. جيجي جي 75 سيڪڙو شخصيت پليجي خاندان جي گهر مان سنوري ۽ بلندين کي پهتي. ڪيس رسول بخش پليجي انقلاب جي راهہ ڏسي، انهيءَ جي تربيت هيٺ جيجي افسانا لکڻ شروع ڪيا ۽ اردو ۾ ترجما ڪيا. انهيءَ تربيت دوران جيجي جا لکيل افسانا ۽ ڪهاڻيون بہ سندس آواز جيان ماڻهن پسند ڪيا. جنکي ڪجهہ سال اڳ ڪتابي شڪل ۾ آڻي، هڪ ڪهاڻين جو مجموعو پڻ شايع ڪيوويو آهي. جنهن جو نالو "تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون" آهي.
جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي ڪيترن ئي ڪلاسيڪل ۽ انقلابي شاعرن جي شاعري کي وڏي جوش، ولولي ۽ دلي امنگ سان ڳايو آهي، جن شاعرن جي شاعري کي ڳايو اٿس، انهن ۾ محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، شيخ اياز، تنوير عباسي، امداد حسيني، استاد بخاريءَ، حسن درس، سميت ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا نالا شامل آهن.

جيجي ته شاعرن جي سرموڙ بادشاهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي بہ پنهنجي انداز ۾ خوب ڳايوآهي. سنڌ ۾ لوڪ گيتن جي حوالي سان جيجي زرينہ جو نالو سيني کان مٿانهون ۽ اهم رهيو آهي. اها بہ حقيقت آهي، ته جيڪڏهن جيجي جا ڳايل لوڪ گيت، وايون، قومي گيت ۽ ڪلام هٽائي يا ڪڍي ڇڏجن ته سڄي سنڌ سندس ڳايل گيتن کانسواءِ بي سري ٿي ويندي. ان ڪري ته جيجي زرينہ بلوچ سنڌي موسيقي جي تاريخ ۾ هڪ وڏو سرمايو آهي، سندس عظمت تي تاريخ سدائين سلام پيش ڪندي رهندي.
جيجي زرينہ بلوچ کي شاهہ لطيف ايوارڊ، سچل سرمست ايوارڊ ۽ قلندر لال شهباز ايوارڊ سان بہ نوازيو ويو. زرينہ بلوچ سنڌ جي اها مهان فنڪاره هئي، جنهن کي پاڪستان جو سپ ڪان وڏو سول اعزاز "پرائيڊ آف پرفارمنس" 1995ع ۾ مليو. ان کانسواءِ بہ هوءَ ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪري چڪي آهي.
جيجي زرينہ بلوچ حيدرآباد ريڊيو تي آڊيشن ڏيڻ کان پهرين دادي ليلا جي شاگردي هيٺ تياري ڪري پرائمري استاد طور مقرر ٿي، ادبي سفر جي شروعات ۾ هن پهريون افسانو "حميد سنڌي" جي ادارت هيٺ نڪرندڙ رسالي "روح رهاڻ" ۾ شايع ڪرايو، جنهن جو

عنوان ۾ "جيجي" هو. جنهن بعد قومي ڪارڪنن ۽ سندس مداحن ڪيس ۾ جيجي جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو.

جيجي زرينہ بلوچ سنڌيءَ ۾ ايم اي ڪئي. جڏهن ته جيجي ڳائڻ سان گڏوگڏ ٽي وي تي اداڪاري ۾ ڪئي ۽ ريڊيو تي صداڪاري ۾ . هن سون جي تعداد ۾ ڊراما ڪيا، جن وڏي مقبوليت ماڻي. ان کان علاوه هن ڪيترائي سال ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ پروگرام صبح مهراڻ ۾ ڪمپيئرنگ پڻ ڪئي هئي.

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي پهرين فنڪاره آهي، جنهن لوڪ موسيقي ۾ لوڪ گيتن جو بنياد وڌو، سندس نالي کانسواءِ سنڌ جي لوڪ گيت جو تصور ۾ نٿو ڪري سگهجي. هن جي سڄي دنيا ۾ مجتا ماڻڻ ۽ مشهوري ماڻيندڙ لوڪ گيت " مور تو ٽلي راڻا" جي ڏن کي مختلف ملکن ۾ ڪاپي ڪيو ويو. اهو گيت رسول بخش پليجي جي امڙ ۽ سندس سس اڪثر گهر ۾ جهونگاريندي رهندي هئي. جنهن وٽان سکي زرينہ بلوچ پهريون پيرو ان لوڪ گيت کي ريڊيو تي رڪارڊ ڪرايو. جيجي زرينہ بلوچ نہ رڳو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ فن جو مظاهرو ڪري مجتا ماڻي، پر پاڻ پارت ۾ سنڌ کان وڇڙيل سنڌين کي پنهنجي سندر ۽ منڌڑي آواز جي منڊ سان پڻ مندي ڇڏيو هو. هن اندبيا سميت دنيا جي مختلف ملکن ۾ ۽ ڪيترائي پروگرام ڪيا، جڏهن هن آمريڪا، برطانيا، جرمني، فرانس، لندن ۽ ٻين ملکن جي مشهور شهرن ۾ پڻ فن جو مظاهرو ڪيو.

جيجي زرينہ بلوچ جتي فنڪاره طور پوري دنيا ۾ مجتا ماڻي اتي هن اداڪاره طور ۽ ريڊيو جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا، جڏهن ته هن جا ڊراما اڄ ۽ ماڻهن کي ياد آهن، علي بابا جي لکيل ڊرامي "ڏُنگي منجهه درياهہ" ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو هو، جنهن کي جرمنيءَ جي ڊراما فيسٽيول ۾ خصوصي ايوارڊ مليو هو. جيجي زرينہ بلوچ کي ۽ پٽ اياز لطيف پليجو ۽ اسلم پرويز ۽ هڪ نياڻي اختر بلوچ آهن.

●

آمنہ کان جيجي زرينہ بلوچ تائين

زندگيءَ جي سفر ۾ انسان کيتريون ئي حسرتون من ۾ سانڍيو هلندو آهي، پر سنڌ ڏرتي تي کي اهڙا بہ انسان پيدا ٿيا جن پنهنجي جوين جواني ۽ پيري واري زندگي بہ سنڌ ڏرتي ۽ سنڌي قوم جي لاءِ وقف کري ڇڏي ۽ هميشہ جي لاءِ انهن جو کيل وڃن ۽ جذبو جاڳايل رهيو. اهڙن جذبن ۽ ولولن ۾ سنڌي لوڪ گيتن ۽ سنڌي قومي گيتن کي منفرد انداز ۾ ڳائي پوري جڳ ۾ مشهوري ماڻيندڙ جيجي زرينہ بلوچ جنهن جي مرڻ ڪنڊي تائين بہ چيل انهن جملن کي اڄ بہ ورجايو پيو وڃي، ساڻ هلندو رهي. لاڙ ٻرندي رهي، قدرت پوري سنڌ ڏرتي جي ماروئڙن ۽ جهانگيئڙن جي دلين تي راڄ ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ کان اڄ کين محروم کري ڇڏيو آهي، جيجي جيڪا گذريل تقريبن ٻن مهينن کان سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ برين ٽيومر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ سبب زير علاج هئي، جتي زندگي جي لاهن ۽ چاڑهن جيئان هو ڪڏهن هوش ۾ هئي تہ ڪڏهن بيهوشي واري حالت ۾. پر انساني زندگي ۾ موت تہ هونئن ئي اڇٽو آهي. انهي موت جي راکاس ۾ جيجي گذريل پنج ڏينهن کان ڪوما واري حالت ۾ هئي ۽ ڊاڪٽرن پڻ علاج ڪرڻ کان انکار کري ڇڏيو هو. ۽ هن کي مصنوعي طور تي ساهہ کڻايو پئي ويو. پر جڏهن اڳاري جي شام سج جي ڪرڻن سمنڊ جو رخ پئي ڪيو تہ جيجي جي حالت ويتر خراب ٿي پئي ۽ نيٺ هو پنهنجي جياپي جي جنگ هارائي ويني ۽ دم ڏٽي حوالي ڪيو. جيجي جو وڇوڙو رڳو جيجي جي خاندان جي لاءِ نہ هو، پر هوءَ پوري سنڌ کي سوگوار ٻڌائي وئي. ڇڻ ٻي خبر نہ آهي پر مرڻ ڪانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون. اڄ جيجي جي وڇوڙي تي پوري سنڌ سڳوار آهي. جيجي زرينہ بلوچ آخري پساهن تائين بہ اهو چوندي رهي تہ ويس تہ اوهان سڀني سنڌ واسين کي موڪلائي ويندیس. هوءَ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي پارت بہ هميشہ لاءِ ڪري ويئي. جيجي جا چيل اهي لفظ اڄ انساني جيءَ کي جهوري وجهن ٿا. هن چيو هو تہ جيڪو بہ ڪم شروع ڪريو تہ مايوس ٿيڻ بجاءِ ائين سمجهيو تہ اڃهو منزل اوهان جي

اڳيان آهي، جيجي زرينہ بلوچ هڪ لوڪ ۽ قومي فنڪاره هئڻ سان گڏ ڪهاڻيڪار، ڪمپوزر، شاعره، اداڪاره، سياسي ڪارڪن، ڊراما اداڪاره سميت گهڻين خاصيت جي مالڪياڻي هئي. جيجي ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ پيش امام استاد محمد موسيٰ جي گهر ۾ اڪيون ڪوليون، جڏهن هو پنج سالن جي ٻالڪپڻ ۾ هئي تہ سندس جيجل امڙ گل روز، سندس ساڻ ڇڏي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي، ان يتيمي ۽ لاوارثي واري دور ۾ جيجي اڪيلائي محسوس نہ ڪئي ۽ سندس پرورش ماڻيجي ماءُ مريم حقيقي ماءُ وانگر ڪئي... هوءَ ٻن ڀائرن جي اڪيلي پيٽ هئي، جڏهن تہ هن فائنل جو امتحان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان دادي ليلا جي نگهباني هيٺ پاس ڪيو. هن ڪهاڻين جو مجموعو "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" ۽ ٻہ ڊراما "ڪيڏو ڪارونيار" ۽ " ٻانهي" لکيا، هن نور الهدي شاهہ جي "جنگل" فاطمہ ثريا بجيا جي "انا"، عبدالقادر جوٽيجي جي "ڪاروان" ۽ ٻئي ڊرامي راڻي جي ڪهاڻي "گلن واري ڇوڪري"، "اترڙو تو لڳي" علي بابا جي ٻالپاهي ۾ ٻہ پرفارم ڪيو. جيجي جي سنڌو درياهہ ۾ فلمايل "دنگي منجهہ درياءَ" ڊرامي جرمني جي ميونخ شهر ۾ هڪ عالمي فيسٽيول جي موقعي تي ٽيون نمبر انعام حاصل ڪيو. جڏهن تہ فن کان وڌي سياسي تحريڪن ۾ شموليت ڪري هن هر هنڌ پاڻ ملهايو. ڪيس فني خدمتن جي عيوض صدارتي تمغي سان پڻ نوازيو ويو. ان کانسواءِ قلندر لعل شهباز، سچل، سامي سنڌ گريجوئيٽ ايسوسئيشن ايوارڊ، سامي ايوارڊ، پارت جي شهر دهلي ۾ ۽ "سنڌ سدائين گڏ" ڊبئي ۾ حاصل ڪيا. آمريڪا ۾ ٻہ ڀيرا ورلڊ ڪانگريس ۽ لطيف گنج ايوارڊ پڻ حاصل ڪيائين. جڏهن تہ لوڪ گيتن جي نئين انداز رنگ ۽ ڍنگ ۾، جيجل منهنجو چلڙو پاٽي ۾، منهنجي ٻارڙي کي لوڏو، هٿين گل ميندي، لوٽو مون کي آڻي ڏي، ڳايو ۽ شيخ ايار جي انقلابي شاعري کي ٻہ جيجي زرينہ ڳايو ۽ سندس رومانٽڪ شاعري کي متعارف ڪرايو. تاريخ جا ڄاڻو چون تہ تہ جيجي زرينہ بلوچ واحد بلوچ عورت هئي، جنهن قومي تحريڪ ۾ حصو ورتو، ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌين تي ڇانيل مايوسي کي گيت ذريعي ٽوڙيو. ان دوران ڪجهہ قومي اڳواڻن کي جيلن ۾ قيد ڪيو ويو ۽ ڪيترن کي روپوش قرار ڏنو ويو، انهن گهڙين ۾ جيجي گيت ڳائي "دادو موري، ميهڙ ۾ ڊاٽيئڙا پٽ ڊول ڪنا" جهڙا گيت ڳائي سنڌي ماڻهن تي ڇانيل مايوسي ختم ڪيائين. 8 فيبروري 1998ع تي سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي حيدرآباد ۾ سول اسپتال کان سينٽ بونا وينچرز تائين ريليءَ ۾"جنگ آ جنگ آ، تو سان منهنجي جنگ آ" ڳايائين، جنهن تي مداحن رقص ڪيو.

2001ع ۾ لنڊن ۾ پاڪستان هاءِ ڪميشن آڏو ڪالاباغ ڊيم خلاف مظاهري ۾ پاڻي بابت گيت ڳايائين. 4 اپريل 1979ع ۾ جڏهن لاهور هاءِ ڪورٽ ٻاهران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن کانپوءِ جلد سڄي ملڪ ۾ جلوسن جو اٽڪل سلسلو شروع ٿيو. تنهن وقت جيجي ماڊل اسڪول ۾ اولد ڪئمپس حيدرآباد وٽ عورتن جي تاريخي جلوس جي قيادت ڪئي ۽ مٿس تشدد پڻ ڪيو ويو. انهيءَ وقت ۾ جيجي پنهنجون چوڙيون، لاهي سنڌي پوليس اهلڪارن آڏو اڇلايون. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد شهر ۾ عورتن جا پهريان جلوس ڪڍيائين. جڏهن1970ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ صدين کان سيمينار جي موقعي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي فرمائش تي "مور ٿو تلي راڻا"ڳايو جنهن تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، ممتاز ڀٽو، حفيظ پيرزادو، غلام مصطفيٰ کر ۽ ٻيا اسٽيج تي جهمريون پائڻ لڳا. آمنہ کان جيجي زرينہ بلوچ تائين جي، سفر ۾ هن جي پهرين شادي ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ٿي. هن 1962ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڳائڻ جي شروعات ڪئي ۽ هو پرائمري استاد پڻ رهي. راڳ جي سکيا استاد محمد جمن، ماسٽر محمد ابراهيم کان حاصل ڪئي. هوءَ هن وقت ٻن پٽن هڪ نياڻي، ڇهن پوٽن ۽ ٽن ڏوهٽين کي خاندان ۾ سوڳوار ٻڌائي ويئي آهي.

روزانہ خبرون

27-10-2005

●

سنڌ جي عظيم جيجي

هڪ عورت جيڪا 20 سالن جي هئي تہ فارمل تعليم حاصل ڪئي. جيڪا صرف هڪ سياسي ڪارڪن نہ پر، هڪ سڄي ليکڪا ۽ عظيم لوڪ فنڪاره بہ هئي. جڏهن هن پهرين ڪهاڻي لکي تہ ماڻهن سمجهيو اها ڪهاڻي سندس پنهنجي نہ پر سندس ور رسول بخش پليجي جي لکيل آهي. ڪانئس جڏهن پڇيو ويو تہ هڪڙي رات ۾ هوءَ ڪيئن ايڏي وڏي ليکڪا بڻجي وئي تہ چيائين" مان هڪ آرٽسٽ آهيان. جڏهن آئون ڳائي سگهان ٿي، پڙهائي سگهان ٿي تہ لکي چو نہ ٿي سگهان"

جيجي زرينہ بلوچ ۾ هڪ ڏميوار عورت جون سڀ خوبيون موجود آهن. هن پنهنجي زندگي کي گهر تائين محدود نہ ڪيو. پر زندگيءَ ۾ آيل چئلينجن کي منهن ڏنو. هن پنهنجي زندگي ۾ هڪ ماڻ کان وٺي هڪ سپاهيءَ تائين جا سڀ ڪردار نڀايا. ڪجهہ ڏينهن پهرين هڪ انٽرويو ۾ چيو هئائين تہ"مان پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن آهيان." جهڙي نموني هوءَ ڳائيندي آهي. انهيءَ رڏم سان هن ادب لاءِ بہ ڪم ڪيو. ڪنهن ڪيڏو نہ خوبصورت چيو آهي تہ "هند ۾ عصمت چغتائي ۽ جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ۾" هن سال جي شروعات ۾ هن ڪراچيءَ ۾ هڪ ڊرامي" روشني ڪي دريچي" ۾ صوفياڻي وائي ڳائي. ماڻهن کي جهومايو هو. پر اتي هن وٽ ڪي بہ ڳائڻ وارا ساز نہ هئا. جتي هن چيو تہ " منهنجي آواز راڳ جي سازن جي محتاج نہ آهي. مون کي هڪ پليٽ ڏيو. مان ان تي ڳائيندیس. اهو آواز رب پاڪ طرفان منهنجي لاءِ نعمت آهي.

جيجي جڏهن ستين ڪلاس جو امتحان ڏنو هو تہ هن دادي ليلا کي چيو هو تہ هاڻ هو ڪم ڪرڻ چاهي ٿي. دادي ليلا کيس حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن موڪليو. هڪ دفعو عبادت دوران منهنجي دعا گهرڻ واري منهنجي آواز کي سجاڻي هن مون کي آڊيشن لاءِ ريڊيو اسٽيشن وڃڻ جو چيو. جيجي چيو تہ بابا ٻڌندو تہ مون کي ماري ڇڏيندو پر دادي

جي زور پرڻ تي آڊيشن لاءِ ويس، روبينا قريشي مون کان هڪ سال پهرين اتي موجود هئي. اها حقيقت آهي ته جيجيءَ جي کاميابين پٺيان دادي ليلا جو وڏو هٿ آهي. دادیءَ هن کي پڙهڻ لاءِ ٽريننگ کاليج ۾ داخل کرايو. پر اتي به جيجي اعتراض واريو ۽ دادي ليلا چيس ته زندگي ۾ کڏهن اصول به ٽوڙيا ويندا آهن. جيجي چوي ٿي ته ريڊيو ۾ هڪ ڏينهن پهرين طرزون سکي ويندا هئاسين ۽ ايئن 6 ايٽم شام جو ۽ 4 آئٽم صبح جو سکندا هئاسين. اهو کم ڏاڍو ڏکيو هو. پر مقصد جي حاصلات لاءِ ائين کرڻ ضروري هو. جڏهن اسان کا غلطي کندا هئاسين ته سڀ کجهه وري وري کندا هئاسين. جڏهن کانئس کلاسيکل موسيقي بابت پڇيو ويو ته هن چيو ته جڏهن توهان کلاسيکل راڳ سکي ويا ته توهان گهٽو کجهه حاصل کيو. استاد شاگرد جي گهر هلي ويندو هو. پر اڄ هڪ غريب شاگرد پئسا ادا کري سکيا ونندو آهي. اڄ جي دور ۾ اسان کي اهڙي اميد نه رکڻ گهرجي ته کير پنهنجي گهران پئسا پري کلاسيکل راڳ سکڻ جي کوشش کندو. ريڊيو تي ان وقت جي راڳ جي استادن محمد جمن، ابراهيم، نياز حسين پنهنجي ذهانت سان اهڙا جوهر پيدا کيا، جيکي اڄ به ماڻهن کي ياد آهن. جيجي مسکرائيندي چوي ٿي، کجهه اهڙا گيت جيکي حقيقت ۾ هولين جي لوڪ ادب ۾ موجود آهن، پر اهي سيني جي جذبن جي ترجماني کندا آهن. جيئن:

مور ٿو ٽلي راٽا،
دانہ پہ دانہ،

جڏهن آئون اهي گيت ٻڌندي آهيان، منهنجي سامهون استاد منظور علي خان، محمد جمن، شيخ اياز، امداد حسيني، تنوير عباسي ۽ استاد بخاري جون تصويرون سامهون اچي ويندیون آهن. انهن گيتن کي نور جهان کان وٺي شازيا خشک تائين سيني ڳايو. پر جڏهن تاريخ لکي ويندي، ته اتي اتي حقيقي کمپوزرن جو نالو هوندو. پر مان پنهنجون ڏنون پاڻ ترتيب ڏيندي آهيان. جيجي چوي ٿي ته مون ۽ رسول بخش پليجي، حميد آخوند، آغا سليم، امر جليل، غلام حسين شيخ، امداد خواجا ۽ ٻين سنڌ جي لوڪ گيت ۽ لوڪ صنفن کي بچائڻ لاءِ تمام گهٽو کم کيو.

جيجي هڪ منفرد عورت آهي. جنهن هر شعبي ۾ پاڻ مڃايو. جيجي علي بابا جي ڊرامي "دنگي منجهه درياهه" ۾ به کم کيو. جنهن ڊرامي کيترائي ايوارڊ حاصل کيا. ميونخ فيسٽيول ۾ انهيءَ ڊرامي ٽئين پوزيشن حاصل کئي هئي. هن 50 کان مٿي ڊرامن ۾ به کم کيو. جن پروڊيوسرن سان جيجي کم کيو انهن ۾ ممتاز مرزا،

عبدالڪريم بلوچ، هارون رند، سلطانا صديقي، اقبال انصاري اهم آهن. جيجي پنهنجي زندگي مان تمام گهٽي مطمئن آهي، ڪيس ۾ پٽ اسلم ۽ اياز ۽ هڪ ڌيءَ اختر بلوچ، پارنهن پوٽا ۽ پوٽيون آهن، سندس ڌي اختر بلوچ ۽ پٽ اياز لطيف پليجو مشهور ليکڪ آهن، جيجي سياسي ورڪر به آهي، هن ڪيترن ئي پارٽين سان ڪم ڪيو ۽ سيني تحريڪن ۾ سندس وڏو هٿ رهيو، هن ڪيترائي ايوارڊ به حاصل ڪيا. جن ۾ پرائيڊ آف پرفارمنس، لطيف ايوارڊ، شهباز ايوارڊ، رام پنجواڻي ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا. سنڌ جي موسيقي بابت هو تمام گهڻو فڪرمند آهي، هن وقت سنڌ ۾ ڪيترائي فنڪار آهن، جن ۾ سرمد سنڌي، منظور سخيراڻي، شازيه خشڪ، ثمينه ڪنول، تاج مستاني، بيدل مسرور، فوزيه سومرو، صادق فقير ۽ شفيع فقير موجود آهن. هوءَ عابده پروين لاءِ چوي ٿي ته ان جي برابر ڪير به نه آهي عابده تمام اوچي مقام تي پهتل آهي. انهيءَ ۾ هن جي گهر واري غلام حسين شيخ جو وڏو ڪردار آهي، سندس آرٽ قوم لاءِ وڏو خزانو آهي. هوءَ پيغام ڏيندي چوي ٿي، ته، نوجوان سنڌي شاعري ڳائين ۽ هو پنهنجون ڌنون ترتيب ڏين.

روزانه تعميرِ سنڌ

25-9-2005

سنڌڙيءَ جي زينت هئي زرينہ

سوڪيءَ سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ "ذات تي ڏات نہ آهي، فن ڪنهن جي ميراث نہ آهي، جيڪو لٽي سو ڪٽي."

اسان جي سرهي زمين سنڌ ۾ ڪيئن ڏات جا ڏيئا پيدا ٿيا، جن پنهنجي غير معمولي جوت سان هن سر زمين کي روشن رکيو. انهن ڏات جي ڏيئن مان محترمہ زرينہ بلوچ بہ هڪ هئي، جنهن پنهنجي منفرد آواز سان جادو جاڳائي انساني دليون اثر انداز ڪيون. اهڙا فنڪار مري ڪڏهن بہ مات نہ ٿا ٿين، پر هو پنهنجي فني صلاحيتن جي حوالي سان اڄ بہ زنده جاويد آهن. بقول لطيف سائين جي:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مر ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.

گائڪ اهو جيڪو شاعر جي نظريہ کي پرکي، انهيءَ انداز سان پنهنجا سر وکيري اڳلي کي متاثر ڪري. اهڙن جذبن جي عڪاسي ڪرڻ جي صلاحيت بيشڪ زرينہ بلوچ ۾ هئي. هن کي جيڪڏهن لوڪ گيتن جي راڻي چئجي تہ وڌاءُ هر گز نہ ٿيندو. هوءَ سنڌي لوڪ گيتاهڙي انداز سان گالهائيندي هئي، جهڙوڪر هوءَ سڳهڙين جي سٽ جي سندري هجي. سندس هر لفظ نيٺ سنڌيءَ جو اڻ ڪٽ خزانو هو. انهيءَ اڻ ڪٽ خزاني جي ڪيس ڇڳي پرک هئي، سندس منفرد آواز سنڌ جي واهڻ ۾ وسندين ۾ خوب گونجي هر ڪنهن کي متاثر ڪري اصل جهومائي وجهندو هو!

جڏهن سندس مشهور گيت:" لونگ ڦوٽا ٽالهيءَ ۾ ائون ڪٽيو پئي اچان." هڪ مخصوص آواز ۾ الاپيندي هئي تڏهن بار تہ بار پر وڌا بہ جذبات ۾ اڇي جهومندا ۽ نچندا هئا، ڇٽ شاديءَ واريون تقريبون سامهون اڇي ويون هجن. انهيءَ کان علاوہ سندس ٻيو مشهور گيت "مور ٿو ٽلي" پنهنجي مخصوص انداز سان گائيندي هئي تہ مون پنهنجين اکين سان ڏٺو تہ نندڙا بار واقعي مور جيان ٽلندا هئا ۽ مذڪوره گيت ڏهرائي خوشي حاصل ڪندا هئا ۽ ڪافي فنڪشن ۾ ٽيبلوز وغيره بہ زرينہ جي آواز ۾ ترتيب ڏنا ويندا هئا.

سندس آواز نہ صرف سنڌ تائين محدود هو، پر ڏوراهين ملڪن ۾ بہ جتي هوءَ ويئي اتي

ڪيس سڻي موٽ ملي. مون هڪ دفعي ٽي وي تي ڏٺئي واري سنڌي شو ۾ زرينہ ڪي سر وکيريندي ڏٺو. ڪافي فنڪارن پنهنجا جوهر ڏيکاريا پر جڏهن زرينہ بلوچ اسٽيج تي آئي تڏهن وايو مندل ئي بدلجي ويو. جهڙو تارن ۾ هڪ چنڊ وارد ٿيو هجي.

اڄ زرينہ بلوچ اسان جي ست ۾ موجود ناهي پر سندس گاهڪي جو انداز ۽ جذبن جا جواهر اسان وٽ موجود آهن. جيڪي اسين سانڍي ۽ روشن رکي هيءَ مانائتي مٽي مزيد مٽياڊار ٻٽائيناسون. جيستائين وادي مهراڻ جون لهرون. موجون ۽ وهڪرا موجود آهن. تيستائين زرينہ بلوچ زنده جاويد آهي. چو تہ انهن وهڪرن ۽ موجن ۾ بہ زرينہ جي آواز جا آلاپ موجود آهن. جيڪي زور سان ڪنارن سان ٽڪرائجي هڪ سهڻو ساز پيدا ڪندا رهن ٿا.

راڻي جي رهاڻ مان. ڪو آديسي آيو.
چوڏهين ماهہ چنڊ جي ڪيو سامي سهائو.
لڏو اونداهو. جوڳي سنڌيءَ جوت سان.
(لطيف)

●

جيجي ۽ سنڌ جون سوڀگوار اکيون

گهٽا ڏينهن علالت ۾ رهڻ بعد نيٺ فلسطينين پاران سنڌ جي امِ ڪلثوم سڏجندڙ جيجي زرينہ بلوچ هميشہ لاءِ هن جهان کي الوداع ڪري ڏرتي جي هنج ۾ سمهي پئي. بقول مير تقي مير

الٹی ہو گئیں سب تدبیریں، کچھ نہ دوا نے کام کیا،
دیکھا اس بیمارے دل نے آخر کام تمام کیا۔

سندس ايترو عرصو علالت ۾ رهڻ سان سڌ پئي ٿي تہ هن سان موت جو بي لوٽ چاهہ هو. زندگي پٽ ڇڏيو نہ ٿي. جيجي زرينہ کي سندس زندگي جي تناضر ۾ ڏٺو وجي تہ سندس زندگي جو هڪ نہ پر انيڪ پهلو هئا. هوءَ استاد، اديبہ، ترجمہ نگار، گلوڪاره، اداڪاره، سميت بهترين سياسي ورڪر پڻ هئي.

وري ڪيس انهن پهلوئن جي ۾ تناضر ۾ ڏٺو وجي تہ هن سڀني پهوئن سان ايمانداري ۽ سچائي سان زندگي جي آخري سرگرمي تائين توڙ نيايو. هن کي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن ۾ احترام واري نظر سان ڏٺو ويندو هو. گهران آمنہ نالي واري برقعو پائي حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن ايندڙ زرينہ بلوچ جدوجهد، ادب ۽ گائڪيءَ ۾ پنهنجي زندگي گولهي. جيجي جي ذاتي شخصيت سميت سندس فن. جيڪو ماڻهن تي اثر پيدا ڪيو. اهو ماڻهن سان ملي هڪ ٿي ويو. جيجي جي نيت ۽ فن عوام جي خدمت ڪرڻ وارو هو. اهو ئي سبب هو جو ماڻهن کي سندس گيت پسند اچڻ لڳا. هن جي گائڪي، فن ۽ جدوجهد جيڪو ماڻهن جي ذهنن تي عڪس ڇڏيو. ان مان انقلاب جنم ورتو. هن جي مزاحمتي ۽ انقلابي معياري گائڪيءَ کي ماڻهن جلد ۽ آسانيءَ سان قبول ڪيو. جنهن سبب هن جي گائڪي ٻين فنڪارن جي پيٽ ۾ انتهائي نازڪ ۽ نفيس هئي.

جيجي سنڌ جي واحد عورت آهي. جنهن جي زندگي جا انيڪ پهلو آهن ۽ زندگي جي هر پهلوءَ ۽ هر موڙ تي هوءَ سرگرم ۽ سچار رهي. سندس زندگيءَ ۾ ڪيترائي طوفان کڙا ٿيا پر هن انهن سمورن طوفانن سان مهاڏو اٽڪائي بهادر عورت هجڻ جو ثبوت ڏنو.

سنڌ دشمن منصوبن خلاف بک هڙتال تي ويئل جسقر ڪارڪنن کان وٺي جام ساقي تائين "جيئي سنڌ جيئي سنڌ" کان "سنڌ هاري جي سنڌ مزدور جي" تائين مزاحمتي ۽ انقلابي گيت ٻڌائي کين آڻت ۽ حوصلو ڏيندڙ. جيجي زرينہ جي مرتئي تي سنڌ جو هر چهرو ۽ اکيون اداس آهن. هن جي مرتئي تي نہ رڳو سندس ڏيءَ اختر بلوچ ۽ پٽ ايياز لطيف پليجو ۽ اسلم پرويز غمگين ۽ اداس آهن، پر هنن سميت پوري سنڌ جيجي جي مرتئي تي غمگين ۽ اداس آهي. نہ صرف اختر بلوچ، ايياز لطيف ۽ اسلم پرويز هڪ سلجهڻي ماءُ جي شفقت، آڻت ۽ محبت کان محروم ٿي ويا پر هنن جا همعصر ڪيرو ۽ ناريون جيجي جا مداح هڪ بڙ جي ڇانو کان محروم ٿي ويا. جيجي بيماري دوران بہ پنهنجي صحت ۽ ڪهول بدران سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ فڪر مند هئي. جيجي کي بيماري دوران ساهہ وڃڻ نہ پر اجان سنڌ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جي ڳڻتي هئي. جيجي پٽائي ۽ سائين جي ايم سيد جي فلسفي، "جيها جي تيها مارو مون مجيا" تي عمل پيرا هئي. جيجي جي نس نس ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماروئڙا سمايل هئا. هن جي سنڌ ۽ سنڌي ماروئڙن سان انتهائي محبت هئي ۽ سنڌ ۽ سنڌي ماروئڙن جي پڻ هن سان انتهائي محبت هئي. جيجي سان ملندي سنڌ ڏرتي جي خوشبوءَ ايندي هئي. هن سان ملڻ دوران هن پاران "تتي ڏڏي ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي" جا اتساهہ جهڙا درس ملڻ سبب دل مانڌار جا ڪوٽ ڇڪي، سنڌ ۽ سنڌي ماروئڙن لاءِ جدوجهد ڪرڻ تي مجبور هئي. سچ تہ جيجي، مارئي جو ٻيو جنم هئي. جيئن شيخ ايياز سنڌ جو مهان شاعر آهي تيئن جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي مهان فنڪاره آهي. جنهن سنڌي عوام جي آڇپي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجي ڪوئل جهڙي من موهيندڙ آواز ذريعي جدوجهد ڪئي. هن عوام جي خواهش کي مد نظر رکندي "ٽڙي پوندا ٽارئين" کان "بي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ" تائين جهڙا سنجيده ۽ معياري گيت ڳايا، هن جو فن ماڻهن جي ذهنن ۾ گهر ڪري ويو آهي. آڪاش انصاري جي چواڻي اهڙن سماج لاءِ پتوڙيندڙ ۽ سماج لاءِ جيئندڙن کي موت ناهي مارينڊو. جيجي پڻ اهڙن سماج جي جاکوڙيندڙن مان هڪ هئي، جنهن جي جسم کي موت اسان کان ڏار تہ ڪري سگهي ٿو، پر سندس ياد، جدوجهد ۽ فن کي هزارين ڪوششن باوجود اسان کان نہ ٿو ڪسي سگهي. هوءَ پنهنجي املهہ جدوجهد ۽ فن سميت امر آهي ۽ امر رهندي. جڏهن بہ سنڌ لاءِ جاکوڙيندڙن جو سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ قافلو، ڪنڌ راهن تي نڪرندو، تہ جيجي کين پنهنجي جدوجهد ۽ فن ذريعي اتساهيندي رهندي .

●

لوڪ گيتن جي هڪ دور جي پڇاڻي

قومي ۽ انقلابي گيتن ذريعي شهرت ماڻيندڙ جيجي زرينہ بلوچ کي بيماريءَ سبب 14 سيپٽمبر تي ڪراچي جي هڪ خانگي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. جتي ڊاڪٽر چيڪ اپ دوران جيجي کي السر، شگر ۽ بلڊ پريشر جهڙن موذي مريضن جي هجڻ جي تصديق ڪئي. مارشلا واري دور ۾ پابندي باوجود، انقلابي گيت ڳائي سنڌ جي نوجوانن کي سجاڳ ڪندڙ جيجي زرينہ جي حالت ۾ ڪو بہ سڌارو نہ اچي رهيو هو ۽ ڪيس وقفي وقفي سان بيهوشيءَ جا دورا پئجي رهيا هئا. بيماريءَ جي بستري تي جيجي اخبار وارن کي انٽرويو دوران ٻڌايو تہ بيماري باوجود بہ مايوس نہ آهيان. سنڌ لاءِ جيڪو ڪيو اٿم ان تي فخر آهي. منهنجي ٻارن بہ جيل ڪاٽيو. اسان پنهنجو وارو وڃائي چڪا آهيون. جيجي ٽٽل لفظن ۾ "ساڻ هلندو رهي لاڻ ٻرندي رهي" بہ جهونگاريو. جيجي جي طبيعت پڇاڻ لاءِ ڪيترين ئي نالياريون شخصيتون اسپتال پهتيون ۽ فون تي بہ طبيعت معلوم ڪئي. 17 سيپٽمبر تي جيجي زرينہ بلوچ جي طبيعت ۾ معمولي بهتري آئي ۽ ساڳئي ڏينهن رسول بخش پليجو 2 ڪلاڪ هن سان گڏ رهيو. 18 سيپٽمبر تي جيجي جي حالت ٻيهر خراب ٿي وئي. ڪيس الٽيون پڻ شروع ٿي ويو. 20 سيپٽمبر تي جيجي جي برين ٽيومر جي ٽيسٽ لاءِ 6 ڪلاڪ ڊگهو آپريشن ڪيو ويو، پر پوءِ بہ سندس طبيعت ۾ ڪا خاص بهتري نہ آئي. ان دوران ايمرجنسي پليجو سنڌ واسين کي اپيل ڪئي تہ سندس جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪن ۽ عمران خان پڻ ساڻس ملڻ لاءِ ڪهي آيو. 22 سيپٽمبر تي جيجي کي آءِ سي يو ۾ داخل ڪيو ويو. جتي سندس خاندان جي ياتين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن اسپتال پهچي طبيعت پڇي. 24 سيپٽمبر تي جيجي کي آڪسيجن وسيلي ساهہ ڪٹايو ويو. برين ٽيومر جي ٽيسٽ کان پوءِ جيجي جي وڌيڪ حالت خراب ٿي وئي. نالياري اداڪار ساقي عالم ابڙي حيدرآباد کان پنڌ ڪراچي اچي جيجي زرينہ بلوچ جي عيادت ڪئي. 25 سيپٽمبر تي جيجي جي طبيعت ۾ ٿورڙو سڌارو آيو تہ هن اکيون کولي گهر ياتين سان ڳالهايو. هوڏانهن پاڪ ڪتاب جي تلاوت ۽ صحتيابي لاءِ دعائون گهرڻ جو سلسلو جاري رهيو. دنيا جي نامياري برين سرجن سعيد باجوه جو چوڻ

آهي ته برين ٽيومر جي سائيز 5 ملي ميٽر تائين پکڙجي چڪي آهي ۽ اهو چوٿين مرحلي ۾ هجڻ ڪري خطرناڪ صورتحال ۾ آهي. 27 سيپٽمبر تي هن گهر پاتين کي سڃاڻي، ساٽن ڪجهه ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي. جيجي چيو ته مون کي سنڌ جي ماٺهن جون دعائون لڳيون آهن. هاڻي پهريان کان طبيعت بهتر آهي. 28 سيپٽمبر تي عمران خان فون ڪري، رسول بخش پليجي کي جيجي کي شوڪت خانم اسپتال آٽڻ جي آڇ ڪئي. 29 سيپٽمبر تي اسپتال ۾ بيماري دوران پهريون پيرو پنل اکين سان "ڪئين ڪريان مان ڪنهن بہ ريت منهنجي من کي چيو ناهي" گيت ٻڌايو. شوڪت خانم اسپتال ڈانهن جيجي جون رپورٽون موڪليون ويون. سندس چاهيندڙن جو اسپتال ۾ اچڻ وارو سلسلو بہ جاري رهيو. 5 آڪٽوبر تي ڊاڪٽرن جيجي کي باهرين ملڪ وڃڻ جي اجازت نہ ڏني. جيجي ايندڙ چاهيندڙن کي چيو ته سنڌ لاءِ پاڻي جو مسئلو اهر آهي. سنڌي ماٺهو ڪالاباغ ڊيم خلاف گڏ ٿين. 17 آڪٽوبر تي جيجي زرينہ جي طبيعت اوچتو خراب ٿي وئي. جيجي کي بيهر آءِ سي يو ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽرن موجب جيجي جي جسم مان لوڻيات ختم ٿيندي پئي وڃي ۽ سندس شگر ۽ بلڊ پريشر ۾ بہ وڏي حد تائين گهٽتائي اچي وئي هئي. ڊاڪٽرن آڪسيجن هٽائي ڇڏي. 18 آڪٽوبر تي جيجي زرينہ بلوچ جي زندگي بابت ڊاڪٽرن مايوسي ظاهر ڪئي ته چاهيندڙن ۽ گهر پاتين ۾ پڻ مايوسي چانڀجي وئي. 20 آڪٽوبر تي جيجي زرينہ بلوچ ڪوما ۾ هلي وئي. سندس دل ۽ دماغ سميت پوري جسم ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. 25 آڪٽوبر تي رات 10:35 تي جيجي زرينہ بلوچ دم ڏٽي حوالي ڪيو. ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال مان 26 آڪٽوبر تي جيجي جي مڙهه کي حيدرآباد جي قاسم آباد واري علاقي ۾ سوين ماٺهن جي موجودگيءَ ۾ آلين اکين سان صبح جو يارهين وڳي دفنايو ويو. جيجي زرينہ بلوچ سان لاڳيتو اسپتال ۾ ايم پي اي سسئي پليجو گڏ رهي. جيجي مارشل لا ۽ ايم آر ڊي تحريڪ دوران بہ سال جيل ڪاٽيو. ڪيس آخر تائين سندس بيماري متعلق اڻ ڄاڻ رکيو ويو. جيجي آخري پيرو اسپتال ۾ هوش اچڻ کانپوءِ گيت جهونگاريو. پئي ياد آيا افسانہ اوهان جا" جيجي زرينہ بلوچ تي جيجي نالو هڪ ڪهاڻي، جيجي جي نالي سان لکڻ کانپوءِ پئجي ويو ۽ عوام پاران جيجي سڏجڻ لڳي. سائين جي ايم سيد، بينظير ٻٽو، شيخ اياز ۽ بيا ڪيترائي نالياورا ماٺهو ڪيس جيجي ڪري سڏيندا هئا. جيجي زرينہ بلوچ هڪ ئي وقت گهڻ رخي شخصيت جي مالڪ هئي. هو هڪ اداڪاره، گلوڪاره، استاد، قومي ڪارڪن، اديبہ، ترجمہ نگار پڻ هئي. جيجي زرينہ بلوچ جا ڳايل قومي گيت ۽ سهرا اڄ بہ ماٺهو شوق سان ٻڌن. جيجي انٽر تائين تعليم پرائي. ان کانپوءِ هن تقريبن ويهن سالن تائين مدبل اسکول ۾ پڙهايو. انهي

دوران جيجي کي راڳ جو شوق جاڳيو ۽ اهڙو شوق جيجي جو نالي واري شخصيت دادي ليلا ڏسي ورتو ۽ پوءِ راڳ جي دنيا ۾ وٺي آيس. جيجي راڳ جي باقاعده سکيا استاد محمد جمن کان ورتي. اهڙي طرح هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آڊيشن ڏنو ۽ ان آڊيشن ۾ جيجي پاس ٿي ۽ ريڊيو تي پهريون دفعو شاهه جو ڪلام ڳايائين. جيجي زرينہ بلوچ جا ڪيترائي ريڊيو ذريعي گيت جهر جهنگ مشهور ٿيا، جن ۾ "پينر منهنجو چلڙو پاٽي ۾"، "ليلا او ليلا بيا تران سيلان"، "سات هلندو رهي لات برندي رهي"، "او امان او امان"، گهڻي مقبوليت ماڻي. جيجي کيترائي ايوارڊ ب ماڻيا. انهن ۾ شاهه لطيف ايوارڊ، قلندر لعل شهباز ايوارڊ ۽ ٻيا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ايوارڊ شامل آهن. جيجي شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير عباسي، گل خان نصير، احمد فراز، فيض احمد فيض، جي شاعري کي گيتن جو روپ ڏنو. سندس چٽيهه ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آنديون ويون. جيجيءَ پاڪستان کانسواءِ، آمريڪا، برطانيا، دبئي، هندوستان ۽ ڪئنيڊا ۾ ب فن جو مظاهرو ڪري مجتا ماڻي. جيجي کي پي ٽي وي تي پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ متعارف ڪرايو. ٽي وي تي جيجي جن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو، انهن ۾ "دنگي منجهه درياهه"، "انا"، "جهنگل"، "ڪاروان"، "راڻي جي کهاڻي"، "زينت"، "روپ بهروپ"، "گلن واري چوڪري"، "ڪيڏو ڪارونيار" شامل آهن. جيجيءَ کي پرائيڊ آف پرفارمنس ايوارڊ سان گڏوگڏ سانا ايوارڊ، پي ٽي وي ايوارڊ ۽ سچل ايوارڊ ب ملیا. جيجي سنڌي، بلوچي، اردو، سرائيڪي، پنجاب، عربي ۽ ٻين ٻولين ۾ پڻ ڳائي شهرت ماڻي. جيجي زرينہ بلوچ 1964ع ۾ عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجي سان شادي ڪرڻ بعد سياسي زندگي جي ابتدا ڪئي. هن 1979ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي خاطر جيل ڪاٽيو. 2001ع ۾ پٽ شاهه کان ڪراچي تائين عوامي تحريڪ پاران ڪالاباغ ڊيم خلاف لانگ مارچ ڪيو. ڪامريڊ چامر ساقي جي حمايت ۾ بک هڙتال ڪئي. اختر بلوچ، اسلم پرويز ۽ اياز لطيف پليجو جهڙن پٽن جي ماءُ زرينہ بلوچ هڪ بهترين کهاڻيڪاره ۽ ترجمہ نگار پڻ آهي. سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل کهاڻين جو ڪتاب "تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون"" شايع ٿيل آهي رسالي روح رهاڻ ۾ ۽ سهڻيءَ ۾ ڪيترين ئي سندس کهاڻيون ڇپيون. هن "ڪيڏو ڪارونيار" سوڏو ٽي ڊراما ب لکيا. جيجي زرينہ بلوچ انديا جو سنڌي ٻولي جو وڏي ۾ وڏو ايوارڊ، بابا رام پنجواڻي ب حاصل ڪيو.

جيجيءَ جو پورٽريٽ



جيجي زرينہ بلوچ

خادم ميراڻي

زرينہ بلوچ لاءِ سپ کان وڏو لقب "جيجي" هو

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي واحد لوڪ فنڪاره هئي، جنهن سنڌي لوڪ گيتن کي هڪ نئون رنگ ڏنو ۽ هن ئي سنڌ جي وسري ويل ثقافت کي لوڪ گيتن ذريعي دنيا جهان آڏو اجاگر ڪيو. ۽ هي منڙو آواز سنڌ جي سجاڻپ بڻجي ويو ۽ سنڌ جي وستي واهڻ، شهر ۽ ڳوٺ جهر جهنگ ۾ سندس ڪوئل جي منڙي ٻوليءَ جهڙو مڌر آواز ورجائڻ لڳو. جڏهن ته انهيءَ جي عيوض سنڌين به ڪيس بي پناهه محبتون ۽ پيار ڏيندي ڪيس "جيجي" جو لقب ڏنو ۽ اڄ به ماڻهو ڪيس صرف زرينہ بلوچ بدران ادب ۽ احترام وچان جيجي زرينہ بلوچ ڪري سڏيندا آهن. هونئن جيجي زرينہ بلوچ کي صدارتي ايوارڊ کان سواءِ ڪافي سارا ٻيا به ايوارڊ مليا آهن پر ڪيس عوام پاران جيجي جو ڏنل لقب سندس لاءِ وڏي ۾ وڏو ايوارڊ آهي ۽ فن جي دنيا جي تاريخ ۾ هو جيجي جي لقب سان سجاتي ويئي.جيتوڻيڪ جيجي زرينہ بلوچ جي سڄي زندگي دردن جي ڪٿا آهي، پر ان هوندي به هن پنهنجن چپن تي مرڪ آڻي، پنهنجا درد لڪائي هميشہ سنڌ واسين کي جيئڻ جو اتساهہ ڏنو. جيجي زرينہ بلوچ هڪ ئي وقت فنڪاره ۽ ليکڪا پڻ آهي ۽ سندس سنڌ جي آڇپي واري سفر، توڙي 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي جنهن سان نوجوانن ۾ جذبو، همت ۽ حوصلو پيدا ٿيو.

روزانہ عوامي آواز
27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ کي پيٽا

جيجي زرينہ بلوچ جو اصل نالو آمنہ آهي. هوءَ ڳوٺ الهداد چنڊ لڳ حيدرآباد ۾ ڄائي. سندس والد صاحب محمد موسيٰ جلالاڻي سرڪاري ملازم هو. هن ميونسپالٽيءَ ۾ تعليم ڪاتي ۾ ڪم ڪيو. سندن خاندان ۾ ڳائڻ وڄائڻ کي ڪو نہ سمجهيو ويندو هو. جلالاڻي صاحب هڪ باشعور ماڻهو هو. سو پنهنجيءَ نياڻيءَ کي تعليم ڏياريائين. زرينہ بلوچ اديب. اديب فاضل ۽ انٽر آرٽس تائين پڙهي. پڙهڻ جي دوران هن جو راڳ سان نينهن لڳو. اسڪول ۾ سنڌ جي نالي واري شخصيت دادي ليلا کي ڳائيندي ٻڌي زرينہ بلوچ راڳ جي ميدان ۾ لٿي. تنهن کانسواءِ مشهور لوڪ فنڪار نارو ڀڳت ۽ 1962ع ۾ استاد محمد جمن جي باقاعدي شاگرديائي ٿي. ريڊيو حيدرآباد تي پهرين آڊيشن ڏنائين تہ ناپاس ٿي وئي. سندس اها آڊيشن ذڪاءَ دراني صاحب ورتي. هن اها آڊيشن برقعو پائي ڏني. مطلب تہ ان زماني ۾ جيجيءَ لاءِ ماحول پابندي وارو هو. هن اهي پابنديون آهستي آهستي ٽوڙي ڇڏيون.

ڪجهہ عرصي کانپوءِ 1962ع ۾ ريڊيو حيدرآباد پاران ڳائڻ جو هڪ مقابلو ٿيو. جنهن ۾ ڇهہ سئو نون ڳائڻن حصو ورتو. انهن ۾ زرينہ بلوچ ٽيون نمبر آئي. جڏهن تہ پهريون نمبر الهڏنو شيدي ۽ ٻيو نمبر دين محمد عرف دينو ميرپورخاص وارو آيو. زرينہ بلوچ ان موقعي تي نارو ڀڳت جو ڳايل شاهہ سائينءَ جو ڪلام "ڇو ٽيون ڏيو مون کي متيون. وس تہ پنهنجي ۾ ناهيان" ڳايو. اهو ئي ڪلام سندس مقبوليت جو سبب بڻيو.

هوءَ 1960ع ۾ ئي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار وومين حيدرآباد ۾ ماسترياٽي مقرر ٿي. سنڌ يونيورسٽي ماڊل اسڪول ۾ پڙهيائين. 36 سال تعليمي خدمت ڪري 1996ع ۾ رٽائر ٿي. سندس اها خدمت بہ واکاڻ لائق آهي.

سياسي حوالي سان بہ سندس خدمتون ساراهڻ جوڳيون هيون. هوءَ سنڌ جي نالي وارِي سياسي اڳواڻ محترمہ رسول بخش پليجي جي گهر واري هئي. هوءَ گهر داريءَ سان گڏ مڙس سان سياست ۾ پانهن ٻيلي رهي. سنڌياٽي تحريڪ ۾ سرگرم رهي. هن سياست ۾ جيل بہ ڪاٽيو. 1979ع ۾ ذوالفقار علي ٻٽي خاطر جيل وئي. شاگردن توڙي عام

ماٺهن ۾ قومي شعور جاڳائڻ لاءِ قومي شاعريءَ کي جهر جهنگ ڀايو اٽائين. قومي گيتن سان گڏ نامياري سياسي اڳواڻ شهيد فاضل راهوءَ جي شان ۾ به ڳايائين.

قومي گيتن کان علاوه هو لوڪ گيتن جي ڪري به مشهور هئي، ڪيس لوڪ گيتن جي راڳي به سڏيو وڃي ٿو. هن ڳوٺ ۾ ڳائجندڙ لوڪ گيتن کي گڏ ڪري انهن جي شاعزي ۽ ڏنون سنواري ڳائي، نهايت مثالي ڪم ڪيو آهي، مثال طور: لوڪ گيت "پيٽ منهنجو چلڙو پاڻيءَ ۾" هن منظر عام تي آندو. جيڪو ريڊيو تي راڳ جي راڳي عابده پروين جي مڙس ۽ مشهور پروڊيوسر شيخ غلام حسين رکارڊ ڪيو. اهو لوڪ گيت جيجيءَ وٽ هڪ شاگرديائيءَ آندو. جيڪا حيدرآباد جي پر ۾ زنئورن جي ڳوٺ جي رهواسڻ هئي، هن جيڪي بول جيجيءَ کي ٻڌايا سي هئا.

اري ماريو چلو تي پيو گهر گهلو

ڪري پيو ڪوهه ۾.....

انهن بولن کي سڌاري ۽ واڌارو ڪري جيجيءَ ڳاهيو ته:

پينر منهنجو چلڙو پاڻي ۾

تي پيو گهر گهلو ڙي

ڪري پيو ڪوهه ۾ ڙي

ڪوهه جي نار ۾ ڙي

نار جي نيسر ۾ ڙي

پينر منهنجو چلڙو پاڻي ۾.

جيجي هڪ لوڪ گيت ڳائيندي هئي ته:

چڏ پراوا سونا ڪنگڻ چڏ پرائو هار،

اهو لوڪ گيت جيجيءَ کي هينئين صورت ۾ مليو:

چڏ پرائي سرميداٽي، چڏ پرائو هار،

مون کي مينا تي ونگان چاڙهائي ڏي چار

اهڙيءَ ريت ڪيترائي لوڪ گيت زرينہ بلوچ نہ رڳو محفوظ ڪيا آهن، پر انهن جون ڏنون به سانڍيون اٽائين. جيڪو سنڌي موسيقيءَ جو هڪ خزانو آهي، ڪجهه لوڪ گيتن جون وري هن ڏنون پاڻ به ڳاهيون، مثال طور هن هينئين لوڪ گيتن جي ڏن پاڻ ڳاهي.

شل بوند وسئي لاڏل بوڇڻ تي

جيجيءَ جو چوڻ هو ته مون جڏهن اها ڏن ڳاهي ته خبر نہ هيم ته ڪهڙي سر ۾ ڳاهي اٽم.

جڏهن استاد محمد جمن کي ٻڌايم تہ چيائين تہ تلنگ ۾ آهي پوءِ ريڊيو حيدرآباد تي پروڊيوسر انور بلوچ اهو سهرو رکارڊ ڪيو. لوڪ گيتن کانسواءِ هن مختلف صوفي توڙي جديد شاعرن جا ڪلام ب ڳايا آهن. سيني کان وڌيڪ شيخ اياز کان ڳايائين.

ريڊيي تي هن ڳائڻ کان علاوه ڊرما، فيچر ۽ ڪمپيئرنگ بہ ڪئي. ريڊيي کانپوءِ 1969ع ۾ پي ٽي وي ڪراچيءَ جي شروعات ڏينهن ۾ ئي زرينہ بلوچ ڳائڻ آئي. جتي ڪيس پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ متعارف ڪرايو هو. هن ٽي ويءَ تي سڀ کان اڳ ۾ بلوچي نغمو ڳايو. جنهن جا بول آهن.

ليلا او ليلا، بيا تران سيلان

هن بلوچيءَ ۽ سنڌي کانسواءِ اردو، سرائيڪي ۽ پنجابيءَ ۾ بہ ڳايو. سنڌ يونيورسٽيءَ حيدرآباد ۾ فلسطينين پاران ٽيل هڪ تقريب ۾ هن عربيءَ ۾ ڳايو. جنهن تي ڪيس فلسطيني ايوارڊ مليو. جيجيءَ ٻڌايو تہ آذان پيرويءَ ۾ ڏني/ڳائي ويندي آهي. سنڌي کانسواءِ مصريءَ ۾ بہ پيروي ٿئي. ان ڳالهہ کي ذهن ۾ رکي مون عربيءَ ۾ ڳايو ۽ ان جي ڏن پاڻ ناهي.

زرينہ بلوچ جون ڪيئي ڪيسيٽون بہ مارڪيٽ ۾ اچي چڪيون آهن. پاڪستان کان ٻاهر آمريڪا، برطانيا، دبئي، هندستان، ڪئناڊا ۾ بہ فن جو مظاهرو ڪيو اٿائين. هوءَ بهترين ڳائڻيءَ، ماسترياڻي، قومي ڪارڪن ۽ ڪمپيئر هجڻ سان گڏ سٺي ڪهاڻيڪاره بہ هئي. سندس پهرين ڪهاڻي ماهوار روح رهاڻ ۾ ڇپي. جنهن جو موضوع هو "مان تو کي گيت ڏيان او ڏرتي" سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو ڪتاب، "تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون" بہ ڇپجي چڪو آهي.

جيجي زرينہ بلوچ کي هونئن تہ مجتا ۾ ڪيترائي ايوارڊ مليا پر سنڌ جا ماڻهو ساڻس ايتري محبت ڪن ٿا جو احترام ۽ عزت سان کيس جيجي يعني ماءُ ڪوٺين ٿا. اهو اعزاز سنڌ جي ٻئي ڪنهن بہ ڳائڻي کي ناهي مليو. ٻين ايوارڊن ۾ شاهہ لطيف ايوارڊ ۽ قلندر لعل شهباز ايوارڊ بہ حاصل ڪيائين.

جيجي 25 هين آڪٽوبر تي رات جو ڊگهي بيماريءَ کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويئي.

روزانہ عوامي آواز

27-10-2005

●

جنهن ۾ سنڌ جو ساهه

باوجود ان جي ته زرينہ بلوچ برين ٽيومر واري بيماريءَ ۾ جڏهن اسپتال داخل ڪرائي وئي هئي ته هيءَ تڏهن ئي گهٽي ناچاڪ هئي ۽ پوءِ هوءَ ڪافي ڏينهن تائين ڪوما ۾ رهي پر پوءِ ٻه ، جنهن ٻه جيجي زرينہ جي لاڏاڻي جي خبر ٻڌي ته ڪانئس دانهن نڪري وئي. انهيءَ ڪيفت کي آخر ڇا سمجهجي؟ ها، اها عوام جي ڪا محبت ئي هئي ڪا عقيدت ئي هئي، ان عورت سان، جنهن کي اهي پيار مان "جيجي" چوندا هيا، جيجي زرينہ جي ٻه عوام سان ايڏي ئي انسيت هئي، اسپتال ۾ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ٻه ڪيس عوام جو ئي اونو هو، پاڻ سنياليندي دلجاءِ ڏيندي رهي ته "پريشان نہ ٿجو، مان ائين نہ ويندس، پر موڪلائي ويندس."

هاڻي ٽي خبر پئي ته اصل ۾ عوام کان واعدي موجب هن باقاعدي موڪلائڻ پئي چاهيو هاڻي هوءَ اوچتو "اي سنڌ تو کي الوداع اي هند تو کي الوداع" چئي ناهي وئي پر هن سڄي سنڌ کي اڳوات ئي وڃڻ جو اطلاع ڏئي ڇڏيو هُو، هوءَ ته موت جي بستري تان ٻه عوام لاءِ اهو پيغام ڏئي وئي ته "پاڻ ۾ ٻڌيءَ کي قائم رکجو."

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته زرينہ بلوچ ڪا عام نہ پر غير معمولي عورت هئي، هوءَ گهڻ صلاحيتي عورت هئي، استادياڻي هئي، سياسي ورکر هئي، سنڌي لوڪ گيتن جي سرواڻ ۽ قومي گيتن جي سورمي هئي، اداکاره ٻه هئي ته صداکاره ٻه هئي، اداڪاري ۽ صداڪاري ۾ هن ٽي وي، ريڊيو ۾ جڻ ته اڪيلي سر عورتن جي نمائندگي پئي ڪئي. ان حوالي سان هن جي باني واري حيثيت رهي، هيءَ ڪهاڻيڪاره ٻه هئي ته شاعره ٻه. هوءَ رسول بخش پليجي جهڙي قد آور شخصيت جي همسفر ٻه هئي، ته ايياز لطيف پليجي جي عظيم ماءُ ٻه هئي، هيءَ سسئي پليجو جي ناني ٻه هئي، ۽ هن جا جيڪي ٻي حوالا آهن سي سڀ سنڌ جا سڀتگار ٻڌجن ٿا. هن جي زندگيءَ جو منشور سنڌ ۽ سنڌي عوام جي خدمت ڪرڻ هو، هڪ خدمت ته هن سنڌين جي ڪيترن ئي نسلن کي تعليم سان مسلح ڪندي انجام ڏني، ٻي خدمت سنڌ جي

لوڪ گيتن جي سرواڻي ڪندي ٻوليءَ کي هٿي وٺائڻ لاءِ سرانجام ڏني. ٽين خدمت قومي گيتن ذريعي سنڌي قوم اندر قومي جذبو پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ سرانجام ڏني ، جوٽين خدمت اها ته هن پنهنجين تحريرن وسيلي عوام جي احساسن جي ٻ ترجماني ڪئي.

سنڌ کي ٻيو سڀ کجھ ملي سگھي ٿو پر هن جھڙو آواز ۽ ٽيڪ سنڌي لهجو وري نہ ملي سگھندو. اهڙا ماڻھو روز روز ناهن پيدا ٿيندا ۽ هاڻي ته اسان اهو ٻ محسوس ڪرڻ لڳا آهيون ته هتي اهڙا ماڻھو رڳو مرن تا پر پيدا نہ تا ٿين. هيءَ ڪا صرف شخصيت نہ هئي پر هڪ ثقافت هئي. جنهن جو نالو ٻڌندي ۽ جنهن کي ڏسندي "سنڌ" جو چهرو آڏو اچي ويندو آهي. اها تمام وڏي خوبي آهي ته ڪو ماڻھو پنهنجي رنگ. ڍنگ ۽ لهجي ۾ سنڌي ثقافت جو تصور ٻڌجي نظر اچي. هنجي ڪايل لوڪ گيتن ۽ قومي گيتن سنڌي ٻولي. سنڌي ثقافت کي ان تي ٽيل سمورن حملن کي پئي ٻچايو آهي. سو هيءَ هڪ سورمي ٻ آهي. هڪ پيري ڪنهن پڇيل سوال جي جواب ۾ شيخ اياز چيو هو ته سندس شاعري کي سڀ کان اثرائتي انداز سان جيکڏهن کنهن راڳيءَ ڳايو آهي ته اها زرينہ بلوچ ئي آهي. زرينہ اکثر ڪري اياز جي ئي شاعريءَ ڳائي ۽ ان کي عوام جي زبان ڏني.


ٽڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين....
ڪانگ لنوين. ڪانگ لنوين. ڪانگ لنوين ٿو....
مان تو کي گيت ڏيان اي ڏرتي تون مون تي زنجير وجهين...
اي سنڌ تو کي الوداع اي هند تو کي الوداع.....

۽ اهي سڀ ڪيترائي يادگار لوڪ ۽ قومي گيت سنڌ جو ترانو ٻڌيل آهن. هن پاڻ کي هڪ خاص پروفيشن تائين محدود نہ رکيو. پر سنڌ جي قومي حقن لاءِ ٻ هن هڪ ڍگهي جاکوڙ ڪئي. قومي جدوجهد جو هن ڪو موقعو نہ وڃايو. خاص ڪري لاڳ مارجن ۾ هن جا پولارن تائين پڙلاءُ ڪندڙ قومي گيت زمين تي موجود ماڻھن جي حوصلن کي ٻ آسمان جيڏو اوجو ٻڌائي ڇڏيندا هئا. هن جنهن ٻ لاڳ مارچ ۾ حصو ورتو ته ماڻھن جي اتساھ. جوش ۽ جذبي ۾ ساھ پئجي ويندو هو ۽ سمورا ٽڪ وساري پانڊيڙا سندس سريلي آواز جي سحر ۾ محو ٿي نچڻ لڳندا هيا ته ائين پائنبو هو جڻ زندگي ڇيريون پائي نچڻ لڳي آهي. اڄ پنهنجي ستّ ۾ اهو اتساهيندڙ ڪردار ناهي رهيو. اڄ سنڌ لوڪ گيتن جي سجاڻپ ناهي رهي. اڄ سنڌ جو آواز سنڌ جو

لهجو تاريخ بڻجي ويو آهي، قومي گيتن مان ساھ نڪري ويو آهي، اسان کي بيشڪ مايوس ٿيڻ گھرجي ۽ ٻين تاريخي ڪردارن جيان ان مان به اتساھ ونڊڻ گھرجي، پر اھا حقيقت بھرحال ھڪ حقيقت آھي تہ جيجي زرينہ سنڌين جي ثقافت جي ھڪ ٽوٽي ھئي، جيڪا ڪري پئي آھي ۽ اھا به حقيقت آھي تہ، سندس مرڻ پڇاڻان، سندس وڏيڪ شدت سان ڪمي محسوس ٿي رھي آھي.

روزانہ عوامي آواز

27-10-2005



روزانہ "ڊان" ڪراچي پاران جيجي جي ياد ۾ جاري ڪيل ميگزين جو ٽائيٽل

●

جيجيءَ جي ٻاريل شمع سدائين روشن رهندي

ڪراچي جي گهميل ساموندي هوائن ۾ جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي واري خبر مون تي ٻاهہ جي شعلي جيان برسي. سمجهہ ۾ نہ آيو تہ سندّ جي جيجي اسان کي اڪيلو ڪري اسان کان منهن موڙي وئي آهي. ڪجهہ گهڙين لاءِ جيون تمام گهٽو تنگ نظر آيو. سمورو ماحول سوڳوار محسوس ٿيو. دل بيچين ٿي وئي. هڪ آهہ اندر مان نڪري وئي تہ سندّ جون پارتون ڪندڙ جيجي اڄ هلي وئي ۽ هاڻ وري ڪڏهن بہ ناهي ورڻي پر پنهنجي جيءَ کي جهل ڏيڻ لاءِ جيجي جي ڳايل گيت جو سهارو ورتم تہ " ٻي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون" الائجي پوريون ٿي سگهنديون يا نہ! پر هوءَ هڪ خيال ۽ خواب ۽ آواز جي روپ ۾ اسان سان اڄ بہ هوندي ۽ سياڻي بہ رهندي. منهنجو بابا ڪامريڊ تاج محمد ابڑو مون کي ياد آهي تہ جڏهن ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج لاڑڪاڻو طور مقرر هو ٿہ ان وقت پاڻ جيجي زرينہ جي آواز ۽ انهن سمايل درد جا عاشق هوندا هئا ۽ مونکي چوندا هئا تہ سندّ جي دردن جو حقيقي آواز، مون کي جيجي زرينہ جي آواز ۾ محسوس ٿئي ٿو. افسوس جو اڄ نہ بابا حيات رهيو آهي ۽ نہ جيجي زرينہ! جيجي زرينہ بلوچ جون يادون ۽ هن جون اسان کي اڻپيل بي پناهہ محبتون ۽ هن جو اسان لاءِ ڇڏيل پيغام ۽ نصيحتون اڄ بہ مون کي تمام گهٽيون ويجهيون ۽ اثرائتيون محسوس ٿين ٿيون. هوءَ زندگي سان وڙهاند دوران آخري گهڙين تائين سندّ جي پارت ڪندي رهي. جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي بعد سندّ جي اندر لوڪ گيتن جي دنيا ويرانين جي نگر جي مسافر ٿي چڪي آهي. هاڻ ڪو بہ لوليون ڏيڻ وارو ناهي بچيو. سموريون دليون جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي بي قرار آهن. هر چهرو اداس ۽ ڪومل نيٺ لڙڪ هاڻا آهن. مون کي وري بہ انهي ڳالهہ جو شديد افسوس ٿئي ٿو تہ اسان هيڏا سارا، جيجي زرينہ بلوچ جا همدرد هجڻ باوجود، جيجي لاءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهياسين.اڄ جيجي کي جنهن ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي، ان مٽي جي هوءَ ازل کان عاشق رهي هئي ۽ هن مٽي لاءِ هن پنهنجو سمورو جيون ارپي ڇڏيو ۽ ڪڏهن بہ اهو پنڌ ڦري نہ ڏنائين تہ ان جي بدلي ۾ ڪيس ڇا مليو آهي.جيجي زرينہ بلوچ جو سندّ سان عشق انتها تي رهيو ۽ هوءَ انهي خاطر ڳائيندي جهونگاريندي ۽ ماٺهن کي پارتون

کندي رهي. جيجي نہ صرف لوڪ فنڪارا هئي پر سنڌ جي قلمي پورهئي ۾ بہ هوءَ هڪ وڏو نانءُ آهي. سندس تحريرون اڄ بہ زندھ آهن. پاڻ ڪڏهن بہ سنڌ لاءِ ڪنهن بہ قرباني ڏيڻ کان پٺتي نہ رهي. سنڌ جي جيجي زرينہ بلوچ جنهن جو مائٽاڻو نالو آمنا هو ۽ پاڻ 1934ع ڌاري حيدرآباد جي ڳوٺ الهداد ۾ جنم ورتو ۽ 1962ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پنهنجي فن جي شروعات ڪئي ۽ پاڻ ان دور ۾ استاد محمد جمن، ماسٽر ابراهيم ۽ بين کان فن جي سکيا ورتي. جيجي زرينہ بلوچ کي شاھ لطيف، سچل، قلندر ۽ پاڪستان جو سپ کان وڏو سول ايوارڊ پرائيڊ آف پرفارمنس پڻ مليو. شيخ اياز، حيدر بخش جتوئي، مجيدي، تنوير عباسي ۽ بين جي شاعري جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي منڌي آواز ۾ انتهائي سهڻي نموني ڳائي پر اڄ اسان جي وچ ۾ جيجي ناهي رهي. سموري سنڌ هن جي لاڏاڻي تي سوڳوار بٽيل آهي تہ اتي وري اهو سوال بہ پنهنجي جاءِ والاري ٿو تہ ڇا سنڌ ۾ بي کا جيجي جنم ونڻي سگهندي؟ ۽ لوڪ گيتن جو فن جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي بعد اڳتي سفر ڪري سگهندو؟ اهو ڪنهن جو بہ ذهن مڃڻ لاءِ تيار ناهي تہ جيجي زرينہ جي لاڏاڻي کان پوءِ لوڪ گيتن جي دنيا نئين سر ٻيهر آباد ٿي سگهندي. جڏهن تہ هن وقت ماضي جي پيٽ ۾ گهڻا سنڌي ٻي وي چئنل ۽ ريڊيو اسٽيشنون ڪلي چڪيون آهن. جن تي سنڌي نشريات جو سلسلو هلي ٿو. پر جي اهي سپ گڏجي بہ پون تہ بہ جيجي زرينہ بلوچ جهڙو آواز پيدا نٿا ڪري سگهن. هاڻ ضرورت انهي ڳالهہ جي آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي کان پوءِ هن جي نانءُ کي زندھ رکڻ لاءِ هن جي ڳايل گيتن جو جديد البم تيار ڪري مارڪيٽ ۾ آندو وڃي. جيجي زرينہ بلوچ جي يادگار لکڻين کي ڪتابي صورت ڏياري وڃي تہ جيئن اسان جا ايندڙ نسل انهن مان فيضياب ٿي سگهن ۽ سنڌ ۾ لوڪ گيتن جي فن کي بچائڻ لاءِ جيجي زرينہ بلوچ جي نانءُ تي لوڪ گيتن جي سکيا جومرڪز قائم ڪيو وڃي. ائين ڪرڻ سان گهٽ ۾ گهٽ اسان جيڪا عزت ۽ مرتبو جيجي زرينہ بلوچ کي هن جي حياتي ۾ نہ ڏئي سگهياسين اهو مرڻ کانپوءِ ڏيڻ ۾ سوپارا ٽينداسين. گڏوگڏ جيجي زرينہ بلوچ جي روح کي بہ سکون ملندو دل کي آڇت رهندو تہ هن جي ٻاريل شمع اڃا روشن آهي ۽ اڃا سندس فن جا ڪيترائي عاشق موجود آهن جيڪي سندس ٻاريل شمع کي وسامڻ ڪين ڏيندا.

روزانہ خبرون

27-10-2005

تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون

مارشل لا جو دور هو، سڄي سنڌ تي آمر ضياءَ جي ظلم، ڏاڍ ۽ وحشت جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا، نڪي جي سرد راتين ۾ ٽوڙهي قائد جي شهيدن جو ڏاڙو ملهايو پيو ويو. آڏيءَ رات جو جڏهن "جيجي" جو درد ناڪ اهو آواز گونجيو ته "امان او امان جي مان مري وڃان ته متان روئين" ان وقت شهيدن جي ورسي ۾ شريڪ سمورن ماڻهن جي اکين مان اڻ مندائتي مينهن وانگر ڳوڙهڻ جون قطارون وسڻ لڳيون. مان به ڳوڙهڻ کي روڪي نه سگهيس. گهڻي عرصي کانپوءِ اڄ جڏهن اها خبر پڙهيم ته قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينه بلوچ جي ساهه جي تند ٽٽي پئي ۽ ان خبر جي مٺان سندس چيل اهو گيت ته "بي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون" تڏهن پڻ لڙڪن جون لارون روڪي نه سگهيس. جيجي زرينه بلوچ سنڌ جي گهڻ رخي شخصيت ۽ سورمي هئي. جيتوڻيڪ اڄ هوءَ اسان وٽ موجود نه آهي پر سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ سندس بهادري، سچائي ۽ سورمي وارو شاندار ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو. جڏهن ايم آر ڊي واري دور ۾ ڪاريهر جو قهر سڄي سنڌ مٺان ڦڻ ڪيو سنڌ واسين جي رت جو پياسي بڻيو ٻيٺو هو، سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين مٺان موت جهڙي وحشت ڇانيل هئي ۽ جنهن به ڪجهه سوڪي ڪنو. اهڙي ڪاريهر جهڙي قهر واري دور ۾ به "جيجي" خاموش نه رهي، گيتن ۾ گوليون پري، ڏرتي جي دشمنن کي للڪاري جهر جهنگ ۽ واهڻن ۽ وستين ۾ ڪاهي پيئي ۽ سنڌ واسين کي نند مان جنجهوڙي سجاڳ ڪيائين ته دادو، موري، ميهڙ ۾ ڏاتيئڙا پٽ ڍول ڪنا يا وري پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو اپ تائين جهولينڊو، اهڙو ڏينهن به اينڊو ساڻي، اهڙو ڏينهن ه اينڊو، جهڙن قومي گيتن سنڌ واسين ۾ جذبو بيدار ڪيو. جيجي زرينه بلوچ جي سڄي زندگي قومي تحريڪ سان واڳيل رهي. جنهن ڪري هوءَ نه رڳو سنڌ واسين جي دلين جي ڏڙڪن پر سنڌ جي سچاڻپ بڻجي ويئي. سنڌي بولي واري تحريڪ هجي يا ون يونٽ خلاف جدوجهد هجي. ايم آر ڊي واري تحريڪ هجي يا وري ڪالاباغ

ڊيمر يا سنڌ دشمن منصوبن خلاف ناڳ مارچ هجن. انهن ۾ "جيجي" جي عملي طور تي شرڪت ۽ مزاحمتي قومي گيتن سنڌي ماڻهن ۾ قومي جذبي جو روح ڦوڪيو پئي. جيجي زرينہ بلوچ جي سموري جدوجهد، سمورا گيت، سموريون لکڻيون سنڌ ڏرتيءَ ۽ سنڌ واسين جي جذبي ۽ محبت سان سرشار هيون ۽ هن جي هر عمل مان لطيف جي ڏرتي جي مٽي جي محبت جو هڳاءُ ايندو هو.

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي اولاد کي ب سنڌ ڏرتي جي مٽيءَ جي محبت جي ستي پياري هئي، جڏهن سنڌيءَ ۾ لسٽون ڇپائڻ واري تحريڪ شڙوع ٿي ته جيجي زرينہ بلوچ جي برادري ڏيءَ اختر بلوچ پهريون سنڌي عورت هئي. جيڪا سنڌي ٻولي کي ڇپائڻ واري ويڙهہ ۾ جيل ويئي ۽ هوءَ جيل ۾ ب خاموش نہ رهي ۽ هن جيل ۾ "قيدياڻي جي ڊائري" ڪتاب لکيو.

جيجي زرينہ بلوچ ڪڏهن ب خاموش نہ رهي نہ وري ٿڪي، آخري ڏينهن ۾ جڏهن سکر کان ڪراچي تائين ڪالاباغ ڊئم خلاف لکين سنڌي ماڻهن احتجاجي لانگ مارچ ڪيو ته انتهائي ڪمزور هجڻ جي باوجود ڪراچي جي رستن تي لانگ مارچ جي اڳين صفن ۾ قومي گيت ڳائيندي ڪراچي پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي ڪيس سهارو ڏيئي ٽرڪ تي چاڙهيو ويو. انهي موقعي تي جيجيءَ، "پنهنجي رت ۾ رينٽو جهنبو اپ تائين جهولينڊو" ۽ ٻيا قومي گيت ڳائي سڄي ماحول کي جذباتي ڪري ڇڏيو.

آخري وقت تي جڏهن جيجي بيماري جي بستري تي اسپتال ۾ داخل ٿي ۽ جيستائين آواز سندس ساٿ ڏنو. هوءَ ههڙا گيت جهونگاريندي رهي ته "ساٿ هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي،" يا وري" پئي ياد آيا فسانہ اوهان جا، نگاهون اوهان جون، نشانا اوهان جا" جيجي، جا هڪ نجي سنڌي ٽي وي چينل کي آخري انٽرويو دوران چيل هي لفظ جيءُ جهوري ٿا وجهن ته "منهنجيءَ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي پارت اٿو، ڪڏهن ب همت نہ هارجو." اڄ جيجي زرينہ بلوچ اسان سنڌ واسين وٽ جسماني طور تي موجود نہ آهي پر مون کي پڪ آهي ته سنڌ جي حقن لاءِ سندس جاکوڙي ڪردار سنڌ جي تاريخ جو اٽ وسرندڙ باب بڻجي سنڌ واسين جي لاءِ مشعلِ راهہ ثابت ٿيندو.

جان جان هئي جيئري، ورجي نہ ويئي،
وجي پوءِ پيئي، ساريندي کي سڃٽين.
شاهہ سائين

روزانہ هلال پاڪستان

27-10-2005

●

امر آواز

آواز هڪ قدرتي ذات آهي، جنهن سان جڏهن انساني ڏانوءَ گڏبو آهي تہ پوءِ اهو آواز لکين دلين جو آواز ۽ ڏڙڪن بڻجي پوندو آهي. هونءَ آواز تہ قادر طرفان هر هڪ جي حصي ۾ آيو آهي، سواءِ پيدائشي گونگن جي پر چوندا آهن تہ ڪنهن جو ڪلڻ خواري تہ ڪنهن جو روئڻ بہ راحت، آواز رڳو ڳالهائڻ جي ڪر نہ ايندو آهي پر پکي پکڻ بہ جهونگارڻ لڳندا آهن، هونءَ آواز جانورن ۽ پکين جي حصي ۾ بہ آيو آهي. انهن ۾ بہ قدرت جي ذات سمايل هجي ٿي، ڪوئل، ڪبوتر، ڪيري ۽ تتر جي آوازن ۾ موسيقي سمايل هوندي آهي. برحال آوازن جي اثر کان ڪنهن بہ طرح انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي، تڏهن تہ چوڻ وارا چئي ويا آهن تہ آوازن کي امرت تڏهن حاصل ٿيندي آهي، جڏهن هڪڙي آواز ۾ ڳالهائيبو آهي ۽ وقت جي پڙاڏي کي دل جي ڪنن سان ٻڌبو آهي، تڏهن واڪا وزن وٺندا آهن ۽ نہ ڪچڻ وارن کي هميشہ پوئين قطار ملندي آهي. ايتري تائين جو ننڍڙي ٻار کي بہ پنهنجي ماءُ تڏهن تڄ پياريندي آهي، جڏهن هو روئندو يعني آواز سان پڪاريندو آهي. ان معاملي ۾ قومي حوالي سان پنهنجو گراف ڪٿي ٻيهر آهي. اها ڳالهہ هر ڪو پاڻ سوچي سگهجي ٿو تہ قومي معاملن ۾ ڪنهن جو ڪيترو آواز شامل هجي ٿو. بهرحال اسان ڳالهہ تا ڪيون موسيقيءَ واري آواز جي، جيڪو شاعر جي نهيل لفظن واري خوبصورت مورتي ۾ جان وجهندو آهي. جنهن سان دليون، دلين جا نہ رڳو لکل راز سمجهنديون آهن پر هڪ ٻئي جي ويجهو اچي صدين جا فاصلا مٽائي ڇڏينديون آهن، جنهن سان قومي جذبن ۾ تازو روح ڦوڪبو آهي. ديس ۽ ڌرتي ڏانهن ڪهيل ميريون اڪيون ڪيڏيون ويندیون آهن. اهڙا آواز پنهنجي دور، ٻولي ۽ تهذيب جي سڃاڻپ ڪرائيندا آهن، هونءَ پلئون پل جي ڇيهہ تہ آهي ڪا نہ، ان ميدان ۾ هر ڪو ڪڏي پوڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پوءِ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ جو پيڙو دال کي سيرو بہ بڻائي وجهندو آهي. ليڪن اهو ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ اهڙن پاڻن جي عمر ڏگهي هوندي بہ ڇڻ ننڍي هوندي آهي. امرتا فقط اهي ماڻيندا آهن جن ۾ سچائي سمايل هوندي آهي ۽ اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو سچ آهي تہ زرينہ بلوچ جهڙو امر آواز ڪنهن جي

بہ حصي ۾ ناهي آيو. پوءِ پل هوءَ جلال چانڊئي. شمن علي ميرالي يا فرزانہ پروين وانگر ڪيسٽن جي مالڪ نہ رهي آهي. ليڪن هن جو آواز هر حالت ۾ هر دل جي ڌڙڪن رهيو آهي. لوڪ گيتن کان وٺي قومي گيتن تائين. حمد نعت کان وٺي عشقيہ ڪلامن تائين زرينہ بلوچ جو آواز پکڙيو پيو آهي. ٻاراڻي وهي کان وٺي نئين ٽهي تائين. جوانن کان وٺي نوجوانن تائين. عورتن کان وٺي پوڙهن تائين زرينہ جي آواز جي گونج محسوس ڪئي وجي ٿي. تڏهن تہ سڀني جو احترام گڏجي پيو ۽ زرينہ بلوچ سڀ جي جيجي بڻجي پئي. اهڙو عوام طرفان خطاب/لقب ڪنهن بہ فنڪار جي حصي ۽ نصيب ۾ نہ آيو آه. زرينہ بلوچ پنهنجي زماني جي هر شعبي جي سجاڻپ. ساکي ۽ تاريخ آهي پوءِ ادب هجي يا سياست. تعليم هجي يا موسيقي هر جاءِ تي زرينہ بلوچ جو نالو تارن ۾ چند جيان پيو چمڪي. ائين ڪٽي چئجي تہ هن جي ساري ڄمار اهڙين ڳالهين لاءِ وقف ٿيل هئي. اسان هت اهو ذڪر هر گز نہ ڪنداسين تہ زرينہ بلوچ ڪير هئي. ڪٿي ڄائي. ڪنهن سان شادي ڪيائين. ڪيترو ۽ ڪٽ پڙهي. ڪيترو اولاد اٽس وغيره ڇو تہ اهي سڀ روائتي ۽ اجايا سوال آهن ۽ سيڪو ڄاڻي ٿو تہ زرينہ ڪير هئي. بس مان تہ ايترو چوندس تہ زرينہ بلوچ سنڌ ڌرتي جي اها نياڻي هئي. جنهن سڄي جو سڄو پنهنجي پاڻ ڌرتي ۽ بولي کي ارپي ڇڏيو. زرينہ بلوچ جو هر ڪردار پنهنجي شعبي جي سجاڻپ ۽ ساکي آهي. جيڪڏهن هوءَ تعليم جي ميدان ۾ هڪ ٽيچر هئي تہ بهترين استاد جون خوبيون هن ۾ سمايل هيون. ان ڳالهہ جي شاهدي هن جا شاگرد ڏيئي سگهن ٿا. جيڪڏهن زرينہ بلوچ هڪ ادیب آهي تہ هن جون لکڻيون ادبي ڪيتر ۾ الڳ ٽلڳ مقام ماڻي ويهن ٿيون. دنيا جي بهترين ڪهاڻين ۾ هن جي لکيل ڪهاڻين جو شمار ٿئي ٿو. جيڪڏهن زرينہ بلوچ هڪ اداڪاره جي روپ ۾ سامهون اچي ٿي تہ علي بابا جي لکيل ٿي وي ڊرامي "دنگي منجهہ درياءُ" زرينہ بلوچ جي صداڪاري ڪري ئي عالمي شهرت ماڻي ٿو. جيڪڏهن زرينہ هڪ ڪمپيئر آهي تہ ريڊيو حيدرآباد جا پروگرام لسنرن جي مجبوري بڻجن ٿا. جڏهن زرينہ بلوچ هڪ ماءُ آهي تہ اختر بلوچ جهڙيون نياڻيون جنم ونن ٿيون. جنهن کي زرينہ جي گود واري تربيت ڏرتي ڄائي بڻائي ٿي. نتيجي ۾ سنڌي ادب ۾ قيادياڻي جي ڊائري نالي ڪتاب جو واڌارو ٿئي ٿو. نہ رڳو ايترو پر زرينہ ڄائي اختر بلوچ خود هڪ نياڻي کي جنم ڏيئي ٿي. جيڪا موجوده دو. جي عورت ايم پي اي سسئي پليجو بڻجي سامهون اچي ٿي ۽ جڏهن زرينہ بلوچ سياست ۾ قدم رکي رسول بخش پليجي جي زندگي ۾ اچي ٿي تہ هڪ مزاحمتي اديب ۽ وڪيل رسول بخش پليجو پبلڪ ۾ مشهور ٿئي ٿو ۽ سنڌياڻي تحريڪ سنڌ جي شهر سان گڏ ٻهراڙي جي عورتن ۾ سجاڳي جا رستا صاف ڪري ٿي ۽ لوڪ کي حيرت وٺي ٿي تہ رسول بخش پليجي جي

جلسن ۾ ايترين عورتون ڪيئن ٿيون شامل ٿين ۽ پوءِ زرينہ بلوچ پنهنجي اصل شعبي موسيقيءَ جي ميدان ۾ قدم رکي ٿي. تڏهن موسيقي جا پارکو خود حيران ٿي وڃن ٿا ته هي جادو ڪنهن ۽ ڪيئن ڪيو. ساري گاما پاڏاني سا جا ڏکيا سر ماڻهن کي سمجهه ۾ اچي وڃن ٿا. لوڪ گيتن ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو. قومي جذبا ايري پون ٿا. شاعرن جا عشقيہ تخيل ماڻهن کي هلندي قرندي نظر اچن ٿا. ۽ هر ڪو پٽر پرائو سور پنهنجا سمجهي سيني ۾ سمائي ٿو. قومي شاعر شيخ اياز جا ستل ڪردار ڪموڙي جاڳي پون ٿا. جيڪي ڳاڙهن گهوٽن کان وٺي سندن نارين جي ماناري ۽ بيوس جذبن ۾ جان وجهي ولولو پيدا ڪن ٿا۔ هر ڪو هر انياءُ جي مزاحمت ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيهي رهي ٿو. موسيقيءَ جا سر خود پنهنجي لاءِ زرينہ جي آواز کي نعمت سمجهن ٿا ۽ فخر محسوس ڪندي پولار ۾ پکڙجن ٿا. تڏهن سنڌ جا بي ترتيب لوڪ گيت رڌم جي سڌي واٽ وٺي ماڻهن جي من کي موهڻ لڳن ٿا. هوءَ ٽيڪ سنڌي ٻهراڙي جي سهرن کي گائڪي جو خوبصورت انداز ڏيئي ٿي. خود شاعره هئڻ ڪري سهرن واري شاعري کي وزن ۾ بيهاري ڳايو اٿس ۽ هر موقعي ۽ مناسبت وارا شادي ۽ پٽ جي جنمڻ جا سهرا زرينہ ڳايا آهن. جڏهن چلڙي کي ڳائي ٿي ته پوري ڪائنات جهومڻ لڳي ٿي. جنهن ۾ چلڙو نشاني ملڻ کان وٺي وجائجي وڃڻ. ڳولڻ ۽ لهڻ جي پرڪشش وارتا سمايل هجي ٿي ته ڪيئن نہ چلڙو ڪوهه ۾ ڪريو. وري نار جي لوٽن مان ٿي نيسر مان نڪتو يا وري جڏهن جنم ونندڙ نندڙي جي خوشين جو ذڪر مور ٿو ٽلي ۾ ڳائي ٿي مور ٿو ٽلي گيت ته غير سنڌين جا من ۾ موهي وڌا. هٽين گل مينڊي لوڪ گيت ۾ ڪنوار جي سينگار ۽ گهوٽ جي اچڻ واري انتظار جي ڪيفيت زرينہ جو ئي ڪمال آهي. جو آڏيو ۾ ۽ خيالن جي وڏيو سيڙي منظر ڏسي وٺي ٿي. يا وري ڪنوار جي نڪيڻي جو قصو. "مون کي ايندو ونڊ ڏولڻو" يا وري سهريچن ۾ نياڻي جي مائٽن لاءِ اڪير. گيت "هڏڪي مٽان مون کي آئي هڏڪي.... ڪمال جي منظر نگاري زرينہ جي آواز سمائي آهي. ان جو اهو مطلب هر ڪونهي ته ڪو زرينہ جي ڳائڻ واري حصي ۾ فقط سهرا ۽ لوڪ گيت آيا آهن. ليڪن زرينہ جڏهن سنڌي قوم جا گيت ڳائي ٿي ته ڏرتي خود جهومڻ لڳي ٿي. حيدر بخش جتوئي جي قومي گيت جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌ سنڌين جي هي امان سنڌي، جڏهن زرينہ جي آواز ۾ گونجي ٿو، تڏهن جو ش ۽ جذبا انتها کي چهي وڃن ٿا ته ساڳي وقت دبئي ۾ ٽيل هڪ شو ۾ جڏهن زرينہ بلوچ پٺائي کي پيٽا ڏيندي جيئي لطيف منهنجو سهڻو لطيف ڳايو ته سنڌين سان گڏ غير ملڪين کان ۽ دانهن نڪري ويئي. ايتري تائين جو پروگرام جي ڪمپيئر ناري ۽ رهي نہ سگهي ۽ خود جهومر پائيندي استيج تي اچي ويئي. شيخ اياز جي وائي سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو. هجي يا ڳاءِ انقلاب ڳاءِ، هجي

يا وري استاد بخاري جو تخيل جيئي انسان، هجي يا محمد خان مجيدي جو گيت مٽي منهنجي مٽي آهي، زرينہ ڳائڻ ۾ ڪمال جي ڪاريگيري ڏيکاري آهي. سنڌياٽي تحريڪ لاءِ خاص اياز لطيف پليجي جو لکيل گيت سنڌياٽي سنڌ جي ڇائي آ، هن لوئي لڄ بچائي آ...

سنڌي عورت جي همت ۽ بهادري جي مڪمل ترجماني پيو ڪري، جنهن کي زرينہ پنهنجي آواز ۾ امر بڻائي ڇڏيو. نہ رڳو ايترو پر عظيم شاعرن جي عظيم عشقيہ شاعري ۾ زرينہ جي آواز اها جان وڌي آهي جو مجڻو پوي تو تہ شاعري نہ رڳو پڙهي لکي ۽ بڌي ويندي آهي. پر شاعري کي واقعي ڇهي ٻہ سگهيو آهي، جڏهن زرينہ ڳائي ٿي ساوڪ رت ۾ سانورا هيل نہ ائين تون...

تڏهن ٻني تي اوسيئڙي ۾ بينل ڪنهن ناريءَ جو اندر نڪري نروار ٿئي ٿو ۽ سڄي سڪ آڏو سيس جهڪي ٿو. يا وري ڇارين ۾ ڇائي جو ذڪر ڳائيندي هجي يا ڪانگ جي لنوڻ جي ڳالهہ ڳائيندي هجي يا مورڳو تو جي ايندي رات ۽ گذري ويئي برسات.... جا سر وکيريندي هجي هر ڏسا ماحول واسجي ويندو آهي. 1980ع ڏاري هل ٽاپ سئنيما ۾ ساوڪ سنگيت شو ۾ جڏهن زيب النساءِ سان گڏجي زرينہ بلوچ اهو گيت ڳايو جنهن جا بول هيا، ڏاڳهن ڏيرن سان ڪرهن ڪيڇن سان، متان ڪا لئون لاهي، جنهن کي بڌي سڄي هال دلين جا دروازا کولي ڇڏيا. تنهن کانپوءِ ساڳي جوڙيءَ جو هڪ ٻيو گيت ٻہ مشهرو ٿيو. يعني سوال جواب وانگر "اسلام عليڪم جانيئڙا" مطلب تہ زرينہ اها فنڪاره آي، جنهن ادب، سياست، تعليم، ڳائڻ ۽ شوبز ۾ پاڻ ملهايو آهي. اهڙا فنڪار صدين کانپوءِ پيدا ٿيندا آهن، جن جي جاءِ ڪو ٻہ پري نہ سگهندو آهي. جيجي زرينہ بلوچ امر آواز ۽ سوچ جي مالڪ هئي. هن کي وقت جو ڪو ٻہ طوفان ميساري ۽ مٽائي نہ ٿو سگهي، هر دور ۾ ياد ڪئي ويندي ۽ ايندڙ دور هن جي ئي ڳايل نغمي جيئان هن کي ياد ڪندي اهو ئي چوندو تہ:

بي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ
تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.

●

ماڇڪ آن بلوچاني

اڻ تڪراري آدرشي شخصيت جيجي زرينہ بلوچ

موت کي شڪست آدرش ئي ڏيندا آهن. سنڌين جي ڊوڙندڙ رت ۾ جيڪا قومي جوت جاڳائي وئي آهي، ان ۾ استاد منظور علي کان عابده پروين، بيدل مسرور، سرمد سنڌي، سڃڻ سنڌي، پيجل سنڌي، ڪنور پڳٽ، رونا ليلي، علڻ فقير، منظور سخيراڻي، وحيد علي ۽ احمد مغل وغيره جا وڏا ۽ اهم ڪردار آهن پر جيجي زرينہ بلوچ جو ان کان بہ انتهائي مٿانهون ۽ طاقتور ڪردار ان ڪري آهي جو هن فن موسيقي کان علاوه ناٽڪ، ادب، شاعري ۽ ٻيندي افسانہ نگاري تائين بہ عوام ۾ پنهنجن حقن جي سجاڻپ، ڏرتي جو فرض ۽ ڪلچر جاڳائڻ ۾ وسان ناهي گهڻايو.

شاهہ لطيف، ملا بالاچ، شيخ اياز، محمود درويش، گل خان نصير، فيض احمد فيض، احمد فراز ۽ ٻين جي شاعري ۾ قومي تصور ڳولينڊڙ آمنہ بلوچ جي سڃي حياتي انسانيت ۽ قوم دوستيءَ لاءِ جاکوڙيندي گذري. هن جي سنڌ سان بي انتها محبت، ڏرتي واسين سان بي پناهہ پيار ۽ ثقافت سان بي حد لڳاءُ مان پتو پوي تہ هوءِ مڪمل آدرشي عورت هئي، جنهن پوري حياتي، اجتماعي شعور جي ڦهلاءَ لاءِ وقف ڪئي. ادب هجي يا شاعري، افسانہ نگاري هجي توڙي اپ ڊاريندڙ آلاپ، اداڪاري هجي توڙي صداڪاري، هن جو هر عمل جوت جاڳائڻ وارو عمل هو. سهرا، ڳيچ ۽ قومي گيت هجن توڙي جدوجهد جو ميدان. هر واٽ تي هي بيباڪ ۽ بهادر ماءُ سڃي قوم سان ٻچن جيان پيار ڪندي ۽ اڏوهي کاڏل سماج کي ڌاهڻ لاءِ چومکي ويڑهہ وڙهندي گذاري پر ادبي ڪيتر ڪيس اهو مان بخشيو جنهن آمنہ کي "جيجي" بنائي ڇڏيو. جڏهن هن افسانو "جيجي تخليق ڪيو تہ اها تخليق حقيقت جو روپ اختيار ڪري وئي ۽ آمنہ بلوچ مان هوءِ جيجي زرينہ بڻجي وئي. ان ڏينهن کان جيجي گهرو ذميوارين بجاءِ قومي ڏارا جي هڪ وڏي ذميواري پنهنجي ڪلهن تي ڪنئي ۽ها ذميواري هئي ڏرتي ماتا تي رهندڙ سيني جي ماءُ وارو ڪردار "جيجي زرينہ" ان ڏينهن کانپوءِ اوهان نہ رڳو پنهنجي نالي جو

پرمر رکيو پر ان نالي جي سليقي کي سامهون رکندي اوهان هر ہار. ہڊي، پوڙهي پکي کي جيجي وارڻي ڇانوءَ ڏني ۽ ساٹس امڙ وارو ورتاءِ ڪيو. شايد اهو قومي درد اوهان ۾ هڪ وڏي ڪيفيتي تبديلي ڪٹي آيو. ۽ اوهان کي هڙئي عورت وارا روپ موڪلائي ويا ۽ اوهان امڙ جي روپ ۾ سنڌ ۽ انهن جي ٻچن جي آئيندي لاءِ پريشان رهڻ لڳا. شايد اهو ئي سبب آهي جو اوهان بيماري ۽ بيهوشيءَ واري ڪيفيت ۾ ٻه "ساڻ هلندو رهي لاڻ ٻرندي رهي" جهڙا آلاپ جهونگاري ثابت ڪيو ته اوهين حقيقي آدرش انسان آهيو. آئون سمجهان ٿو ته جيجي موت کي شڪست ڏني آهي ۽ جيجي پاڻ امرتا وارو روپ اختيار ڪري هميشہ امر ٻڌجي وئي آهي. آدرش ڪڏهن ٻه مرڻا ناهن. ڪوڙ، دوکي ۽ فريب تي ٻڌل بيمقصد پروگرامن سان واڳيل ماڻهو ڏرتي تان ميسارجي ويندا آهن پر جيجي سنڌ جي ڳوهيل متيءَ ۾ امر ٻڌجي وئي آهي.

ان ۾ ڪو ٻه شڪ ناهي ته جيجي جي لاڏائي جسماني طرح هڪ اهڙي آدرشي ماءُ جيڪا سڄي قوم کي هنج ۾سمهاري ڏرتي جي آزادي ۽ سماج جي تبديلي جا ٻول ٻڌائيندي هئي. سا جدا ڳي وئي. پر سندس لکيل افسانہ، ڪهاڻيون، ڳايل گيت ۽ غزل، ڪيل تقريرون ۽ تحريرون سنڌي قوم کي دڳ ڏسڻ ۾ تبديلي آڻيندڙ سگهہ جي واڌ ويجهہ جو تمام وڏو سبب ٻڌبيون. جيجي هميشہ مستقبل تيءاعتبار ڪندڙ اهڙي شفيق ماءُ هئي، جيڪا ڏنگن ٻارن سان حد کان متي پيار ڪندي هئي، جفا ڪشي ۽ محبت جي ته ڪيس ٻاروٹڻي کان ستي پيل هئي. شفقت ۽ پيار جي طاقتور جوهر هميشہ سنڌين ۽ قومي انقلابي جذبو جاڳايو. دنيا جا غم، ڏک ۽ درد وساري زيادتين ۽ ناانصافين خلاف ويڙهہ لاءِ نوجوان اپڙڪا ڪائي اٹڻ لڳا. آرٹ فکري بنيادن کي سگهارو ڪرڻ جو هڪ اهڙو هٹيار آهي، جيڪو سياسي، ثقافتي ۽ روحاني طور انسان جي رت ۾ ڊوڙڻ لڳي ٿو. فن جا سپ گر ڪيس ائين ٿي آيا جهڙوڪر هن کي ورثي ۾ مليا هجن پر جيجي جو شوق دلچسپي، محنت ۽ روز جو رياض ئي هو جنهن سندس فن کي بلندين سان ڇهڻ وارو رستو اختيار ڪرايو. ڊسمبر 1935ع ۾ حيدرآباد ۾ جنم وٺندڙ آمنہ بلوچ سنڌي فائنل، ميٹرڪ ۽ پوءِ عالم فاضل جا امتحان پاس ڪري سنڌ جي پلوڙ راڳي استاد محمد جمن کان راڳ جي باقاعده سکيا ورتي. ريڊيو پاڪستان تان ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ ادب جي ڪيتر ۾ ٻه جيجي تمام وڏو اهم ڪم ڪيو آهي.

1960ع ۾ جڏهن زمان شاهہ جي ڪافي "عمر آهيان آکنبي ويڙهيچن وڃڻ لاءِ" جا آلاپ جهونگاريا ته ريڊيو پاڪستان معرفت هن ماروي کي ماڻهو روح جي سچاين سان ٻڌڻ

لڳا ۽ سنڌس سهرا ۽ گيت اڃڻ جو انتظار ڪندا رهيا. جڏهن ڪيس "جيجي" افساني لکڻ کانپوءِ جيجي سڏيو ويو ته هن آڪاش انصاري جو اهم نظم "او امان او امان" ڳائي ٻڌائجي عزت ۽ مرتبي کي تمام عظيم بڻائي ڇڏيو. نه صرف اهو پر هن حيدر بخش جتوئي جو "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" وارو قومي گيت ڳايو ته هن جي سڃاڻپ ئي ڊڪ بي باڪ قومي ڪارڪن واري ٿي وئي.

هن وڏيڪ محنت ۽ ڪميٽمينٽ سان ڪم ڪندي سنڌ جي هر قومي ۽ جمهوري تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ شروع ڪيو. تنوير عباسي جو گيت "سنڌ هاري جي، سنڌ مزدور جي" جڏهن هن ڏن ڏاهي ڳايو ته سنڌ جي جهر جهنگ ۽ ڳوٺن ۾ جيجي کي انتهائي عزت جو مقام مليو. وري جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ کانپوءِ هن "موري ميهڙ دادو ۾ ڊاٽيئڙا پٽ ڊول ڪنا" ڪلام ڳايو ته جيجي مارشلائي قوتن ۽ فسطائي فوجي حڪمران جنرل ضياءُ خلاف للڪار بڻجي وئي. گيتن وسيلي سنڌين جي ذهن جي انقلابي آبياري جيڪا جيجي زرينہ ڪئي. ان سان شايد ئي ڪنهن کي پيٽي سگهجي. صداڪاري ۽ اداڪاري وقت وري ائين لڳندو هو ته هي جيجي جو ڪو ٻيو روپ آهي. هوءَ ڪردار جي تهہ کي وڃي چهندي هئي. علي بابا جي لکيل ڊرامي "دنگي منجهہ درياءَ" جيڪو ميونخ فيسٽيول ۾ سڃي دنيا ۾ ٽيون نمبر آيو. ان ۾ سنڌس مرڪزي رول هو. جيجي جهنگل، ڪاروان، انا، علاج، راندڪو، راڻي جي ڪهاڻي جهڙن ڪلاسيڪل ڊرامن ۾ ڪم ڪيو "ڪيڏو ڪارونيار" ته سنڌس صداڪاري جي مجتا جو اهم اهڃاڻ ثابت ٿيو.

بلوچ گهراڻي سان وابستگي سنڌس بلوچ ڪلچر سان فطري لڳاءَ کي ظاهر ڪري نه رڳو بلوچ قومي ترانو ۽ بلوچن جا لاڏا ۽ لي لڙي جهونگاري ۾ هن خير بخش مري، شير محمد مري ۽ مينگل جي هلندڙ رياستي قوتن سان ڍڪجي ويڙهہ جي پٺ اخلاقي مدد ۽ حمايت جاري رکي. ڪالاباغ ڊيم ۽ چانوڻين جي تعمير کان 4 مارچ ۽ بولي جي تحريڪن ۾ توڙي بلوچ قومي جدوجهد ۾ جيجي جو واضح. صاف ۽ چٽو ڪردار ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. سنڌس سڃي حياتي جي جاکوڙ ڏانهن جيڪڏهن نهار ڪبي ته پتو پوي ٿو ته هوءَ سنڌين، بلوچن ۽ فلسطينين جي تحريڪن مان ايندڙ تبديلي کي اميد پرستي واري طور طريقي سان ڏسي رهي هئي. عربي، بلوچي، اردو، سرائڪي، براهوي، سنڌي ۽ ٻين زبانن ۾ سنڌس گايل گيت، غزل ۽ نظم ثابت ڪن ٿا ته هوءَ رنگ، نسل، مذهب ۽ متييد جي سمورن طور طريقن کان بنهہ مٿانهين سوچ جي مالڪ هئي. سنڌ سميت عالم جي آزادي جي خواهشمند جيجي موت جي بستري تان بہ سنڌ جي حقن لاءِ

ويڙهه جاري رکڻ جون ڳالهيون ڪندي رهي.
لائگ مارجن کان احتجاجي جلسن ۽ جلوسن ۾ گيت چئي مائي ميڙاکي کي سمنڊ جيان چوليون هڻندڙ اجتماع ۾ تبديل ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ هٿياربند ويڙهه وقت بہ بلوچ قوم جي حمايت تان هٿ نہ کنيو. مطلب تہ سندس سياست، ادب، فن ٿيٽر سميت سماج اندر هر قسم جي هلچل ۾ ڪيس ڏرتي ۽ ڏرتي وارن سان حب ۽ وطن دوستي جي جذبي سان سدائين سرشار ڏٺو ويو. جيجي جي موت سان اها تحريڪ مائي ٿيڻ بجاءِ تيز ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ هن قومي المئي تي هر اشڪبار اک واري انسان تي اهو قومي فرض عائد ٿئي ٿو تہ هاڻي سستي ۽ لاپرواهي وساري سنڌ هن انتهائي نازڪ صورتحال تي ڪجهہ سوچ ويچار ڪري جيجي زرينہ جي انهيءَ امنگ ۽ تمنا جي پورائي لاءِ سنڌ جي قومي جدوجهد کي سگهارو ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ جدوجهد کي منظم ڪيو وڃي.
منهنجي خيال ۾ جيجي زرينہ کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ انهيءَ دڳ کان سڀ وات بي ناهي. جنهن جي جيجي جا ٻچا چوندِ ڪري سگهن، انهيءَ ڪري اچو تہ سنڌ کي مرڪزي نقطو سمجهي سنڌ جي دشمن کي پنهنجو دشمن ڄاڻي سنڌ جي آڇپي ۽ آزادي واري ويڙهه کي تيز ڪرڻ لاءِ سيئي سنڌ واسي مڙي مُٺ ٿيون. اسين جيئن جيجي جي تڏي تي سڀ سياستدان، اديب، دانشور، سماجي ڪارڪن، صحافي ۽ بيرورو ڪريٽ ويهنل هئا، ان لاءِ سمورا ويچا وساري سنڌين جي سگهہ کي وڌايون.
مختلف ماڻهو جي زندگي جي لکيل "آتم ڪٿا" جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيم. جيئن جيئن آئون انهن ڪتابن جو مطالعو ڪندو ويس تہ منهنجي سوچن، نظريين خيالن ۾ جيجي جو مان مرتبو وڌندو ويو. سوچيم تہ شيخ ايياز هينيون سٽون واقعي اهڙن ئي مهان ڪردارن جي لاءِ چيون هونديون.

جنهن تي بہ ٿيو، جنهن وقت ٿيو، جنهن جاءِ ٿيو
سو مون تي ظلم ٿيو آهي
ڪا ٻانهن وڌي مون دانهن ڪئي، جو ڪانهن ڪيو
سو منهنجي ڪنڌيءَ جو آهي
ڪوئي بہ ڪنو، جنهن جو بہ ڳلو
سو منهنجو رت رتو آهي
جنهن وقت بہ ڪو، مون گيت چيو مون ائين سمجهو
ڏرتيءَ جو قرض چڪو آهي

جيجي زرينہ بلوچ

زرينہ بلوچ، جنهن کي سنڌ جا نوجوان پيار ۾ محبت مان جيجي زرينہ چوندا آهن ۽ کيس سنڌي زبان جي لوڪ گيتن ۽ قومي شاعري ڳائڻ تي کيس لوڪ گيتن جي راڻي ب چوندا آهن. جڏهن ب ڪنهن جلسي يا محفل ۾ قومي شاعري ۽ لوڪ گيت، جنهن درد ۽ فراق سان ڳائيندي هئي ته پوري محفل ۾ هڪ قسم جو سناٽو ڇائنجي ويندو هو ۽ نوجوان جذبات ۾ اچي رقص ڪندا هئا. جنهن ڪري پوري محفل ۾ خوشي جي لهر پيدا ٿي ويندي هئي ۽ نوجوانن، مردن ۽ عورتن ۾ سندس تمام گهڻي عزت هوندي هئي. جڏهن ب پنهنجي ڪويل جي ڪو ڪو جهڙي، مٺي آواز سان سنڌي ڪلام ۽ لوڪ گيت جون وايون سر راڻي يا ڪوهياري ۾ ڳائيندي هئي ته هر ٻڌندڙ جي دل محو، ۽ رقصان ٻڌجي ويندي هئي ۽ کيس قومپرست اڳواڻ تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا. سنڌ ۽ هند ۾ سندس تمام گهڻي مجتا هوندي هئي. هن لوڪ گيت کي پنهنجي منڙي آواز سان وڌو مان ڏياريو. جنهن سنڌ ڏرتي جي دامن مٿان هميشہ پنهنجون وکون پيار، محبت ۽ پاڻپوهہ سان کنيون. ساري حياتي سنڌ ڏرتي جي محبت ۾ گذاريائين ۽ سسئيءَ وارا سور جيجي پنهنجي ڏرتي مٿان ٻالڪ پڻ کان ونيِ ڏسندي رهي. جيئن شاهہ صاحب فرمايو:

ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو پوري پائئيو.
پنڌ ۾ ڪر پهاڙ ڏي، وجود ئي وڻڪار،
ڏاريان پائنج ڏار، پچ پزيان ڪر پاڻ تون.

اهڙا هزارين سور جيجي جي اندر جي ضمير کي ولوڙي رهيا هئا. جنهن کي نہ برداشت ڪندي سموري سنڌ جي واهڻ، وستين ۽ گهٽي گهٽي وجي غلامي کان نجات ڏيارڻ لاءِ هن ماڻهن کي سجاڳ ڪيو ۽ ڪندي رهي. سڄي حياتي اهو ئي پنهنجو مشغلو بنائي ڇڏيائين.

جيجي زرينہ، مارئي جي لڄ کي برقرار رکڻ لاءِ سامراجيت سان منهن اٽکائڻ ۾ ڪيئن لانگ مارچ ڪيا ۽ آخري دم تائين ڪندي رهي ۽ وڏي واکي منشي جو هي شعر

پنهنجي ساڻ آواز سان مارو ماٺهن کي ٻڌائيندي رهي.

جنگ جنگ جنگ آ ۽ منهنجي تو سان جنگ آ،

پليت پير ڪر پري، هي ڌرتي منهنجو ننگ آ.

سوين، اهڙا انقلابي شعر پڙهي سنڌ جي نوجوانن ۾ انقلابي روح ڦوڪيو ۽ انقلاب جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. جيجي هميشہ سنڌوءَ سان سچو نينهن نيائي تحريڪ جي اڳواڻ بڻجي وئي، اڄ بہ جيجي جا ڳايل لوڪ گيت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين ٻڌڻ ۾ اچن پيا ۽ ماٺهو لطف اندوز ٿي رهيا آهن. منشي جي هن ست وانگر، ڌرتي دين ڌرم، ڌرتي ڪعبو، ڌرتي ڪاشي ڌرتي ديرو حرم. جيجي بہ هميشہ ڌرتي کي انهيءَ مقام تي سمجهيو ۽ ڌرتيءَ تي رهندڙ هر انسان سان بي انتها محبت ڪندي هئي، ڇاڪاڻ تہ ماءُ جي محبت هڪ فطري عمل آهي ۽ انهيءَ محبت جو رنگ نہ هوندو آهي. سنڌ واسيو! اڄ اسان کان اهڙي ماءُ وڇڙي وئي آهي، جنهن تي سموري سنڌ لڙکن جي برسات ڇا ڪري وسائي پنبڙين کي سڪائي ڇڏيو آهي. جيجي جهڙي شخصيت اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي وڃوڙي جو درد ڏيئي هلي وئي آهي. هاڻي هاڙيون مائرون صدين ۾ پيدا ٿيندیون، جيڪا جيجي زرينہ جو خال پري سنڌ واسين کي اڳتي وڌي هلي سگهندیون. اسان کي آخر ۾ جيجي، شاهہ جي هڪ ست تحفي ۾ ڏيئي وئي، اهڙيون هستيون مرڻيون ناهن، ويس مٽائي ورٽا ورڻيون آهن. جيجي اڄ بہ هزارين دلين ۾ زنده آهي ۽ رهندي.

تتيءَ ٽڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،

●

سپ جي جيجي

موت برحق آهي ۽ هر ساهہ واري لاءِ موت اٽل آهي. پر ڪو ڪو موت جيءُ جهوري وڃهندو آهي... ها! اهڙو ئي موت سنڌ واسين لاءِ سراپا درد بڻجي ويو. جنهن پل موسيقيءَ جو هڪ خوبصورت نانءُ ۽ سپني سنڌ واسين جي جيجي، جيجي زرينہ بلوچ جي موت جي خبر ملي...!!

جيجي زرينہ جي مرتئي تي هن وقت هر اک آلي آهي. هر دل اداس آهي. لڙکن سان ڀنل آهي ۽ هزارين اکيون سوڳوار آهن...

سنڌ جي سونهن جيجي زرينہ جي وڇوڙي جو خال شايد ئي پرجي سگهي... سچ! جيجي زرينہ بلوچ تاريخ جو هڪ مڪمل باب هئي. جيجي دنيا جي اسٽيج تي مليل سپني ڪردارن سان خوب نياڻو ۽ سچائي، ايمانداري، ايثار واري جذبي سان پاڻ نياڻي مانُ ۽ مرتبو ماڻيو. سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جي سفر ۾. موسيقيءَ جي سفر ۾. آرٽسٽ جي سفر ۾. ممتا جي سفر ۾. پر سپني پهلوئن سان، ڪردارن سان. همٿ ۽ حوصلي سان هر سفر ۾ جيجي سرخروهي پر خاص ڪري موسيقيءَ جي پنڌ ۾ جيجيءَ جو نانءُ ستارن ۾ چنڊ جيان نمايان رهيو.

موسيقيءَ سان چاهہ رکندڙ سنڌ جي هر طبقي جيجيءَ جي ڪلام کي ذوق سان ٻڌو ۽ پسند ڪيو ۽ اڄ جيجي هن فاني دنيا مان پنهنجي سپني پيار ڪندڙن کان هميشہ لاءِ موڪلائي چڪي آهي تہ سپني سوڳوارن جي اکين ۾ ڳوڙهن سان گڏوگڏ دلين ۾ هڪ ڪمي رهجي وئي آهي.

ها...! جيجي زرينہ جي ڪمي... جا شايد صدين تائين پوري ٿي نہ سگهي...!! ۽ صدين تائين سُر ۽ ساز جي ورلاپ ۾ سنڌ سموري هڪ مڏر ورلاپ ڳولينديِ رهي.

ماهوار ادب

نومبر 2005ع

●

اڄ سڃي سنڌ سوڳوار آهي

سنڌي موسيقي جي پوري ڪائنات تڏهن لڙڪ لڙڪ ٿمي پئي هئي، جڏهن سنڌ جي ڪلاسيڪل موسيقي جو سرتاج استاد منظور علي خان، زندگي جي اُجرن صبحن ۾ سرخ شامن کي موت جي اماوس رات جي هنج ۾ اڇلائي ڇڏيو هو. تڏهن ڪلاسيڪل راڳ جي راڳڻين، نمرين،تالن ۽ مرڪن ۾ ڇا پر پوري سنڌي موسيقي جي ديس ۾ درد جي برسات برسي هئي ۽ سنڌي ڪلاسيڪل موسيقي جي ڪهڪشان ڇڻ ۾ ڏڏلائجي رهجي وئي هئي. سنڌي موسيقي ۾ سينگار علي سليم جي مرتئي تي ۽ پنهنجا زلف پريشان ڪيا هئا ۽ استاد محمد ابراهيم جي وڇوڙي تي ۽ سماعتن ۾ سوڳواري جو عالم آشڪار ٿيو هو.استاد گلزار علي ۽ جڏهن پنهنجي ساهه جي آخري تند کي ٽوڙي، موت جي وسرام وادي ڏانهن اسهيو هو. تڏهن ۽ سڏڪن جا قافلا سنڌ جي موسيقي ۽ موسيقي جي گهٽگهرن جي چپن تي ماتمي بڻيا هئا ۽ جڏهن علڻ فقير پنهنجي الوميان جي آلاپ جو سمورو دور ويڑهي ڇڏيو هو، تڏهن ۽ الياتي رنگ پکڙجي ويو هو. پڳٽ ڪنور جي آواز تي، جڏهن وار ڪيو ويو تڏهن ان پڳٽي پائيندڙ ساڏوءَ کي سرد لاش بڻايو ويو. جڏهن مائي پاڳي، ٿر جي ڪوئلن ۾ پنهنجي آواز جون ڪوڪون وڃايون، جڏهن استاد محمد يوسف پنهجي انفرادي موسيقيت واري رنگ مان پاڻ کي پري ڪيو، جڏهن وحيد علي پنهنجي آواز جا سمورا پکي بي پر بڻائي، پاڻ ۽ ساهه سڳي کان ڏور ٿيو، جڏهن عبدالله ڪچي، مٺو ڪچي، سليمان شاهه ۽ ٻين ڪيترن سنڌ جي سريلن راڳين دمُ ڏڻيءَ حوالي ڪيو، تڏهن سڄ پڄ ۾ سنڌ جي موسيقي تي ڇڻ ۾ لمحي لمحي ۾ ريتا، ڪترينا ۽ سونامي طوفان ايندا رهيا، جن سان سنڌ جي موسيقي اڃا انهي دؤر جي شدت ۾ تڙپندي رهي ۽ مٽان سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي لوڪ موسيقي جي جيجي، جيجي زرينہ، زندگي جي ڪينواس کي ٽوڙي راڳڻين جي رنگ کي رولي ڇڏيو. جيجي "ماءُ" جنهن جي عزت ۽ مجتا سنڌ واسين وٽ اها هئي جو ڪيس "ماءُ" جي رشتي

واري عظمت سان پڪاريندا هئا. نہ فقط چين جي رياستن تي جيجي چئي ڪيس احترام ۽ عزت ڏني ويندي هئي، پر سنڌ واسين پنهنجي جيجي کي جيئن پنهنجي جيجل سمجهيو ائين موٽ ۾ جيجل ۾ ممتا جو راڄ نچاور ڪندي رهي. جيجي جنهن جو جنم رت ۾ ٿ نالو آمنا رکيو ويو پر هوءَ اڳتي هلي مٽيءَ جي محبت ۾ مدهوش ٿي وئي. ٻولي، ادب ۽ راڳ جي دنيا ۾ املهه موتي وکيرڻ ۽ پل پل ۾ پيار ۽ پاڻهه جي ورڪا سبب. ڪيس جيجي جو درجو ملي ويو. جيجي جنهن ڪچي ۽ پڪي قلعي واري شهر حيدرآباد جي ويجهو ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ جنم جي خواب کي 1935ع ڏاري ساڃيان جو روپ ڏنو. جنم ڏينهن تي سندس نالو آمنا رکيو ويو ۽ ٻالڪپڻي جي ٻالڪ موسم ۾ ڳوٺ جي گهٽين ۾ هن ٻاتڙين ٻولن ۽ راند روند سميت ٻاراڻي شرارتي لمحن جون يادون پوئيون ۽ ابتدائي تعليم اباڻي ڳوٺ ۾ اکر اکر پڙهيائين.

1962ع ۾ هي پهريون پيرو پنهنجي ڪلا جي جلا جو جلوو پسائڻ ريڊيو حيدرآباد پهتي ۽ پنهنجو نالو آمنا مان "زرينہ" سڏايو ۽ "هيرا لعل جواهر، ڏند ٿ موتي محبوب جا " گيت پنهنجي مڌر آواز ۾ رڪارڊ ڪرايو ۽ ريڊيو تان ان آلاپ واري گونج جيجي جي والد جي ڪنن سان ٽڪرائي ٿ سندس شفقت ۽ بزرگي داد ڏيڻ کان رهي نہ سگهي،بلڪ جيجي کي سرن جي ورڪا ڪرڻ لاءِ سپ کو همٿائڻ لڳو. تڏهن جيجي ۾ وڌيڪ همٿ ۽ حوصلو پيدا ٿيو ۽ ريڊيو تي موسيقي جي مقابلي ۾ ڪاميابي جو تاج پهريو ۽ پهرين صف جي ڳائڻي بڻجي وئي. جيجي 36 سالن تائين ماڊل اسڪول ۾ پڙهائڻ کان پوءِ رٽائرڊ ٿي ۽ آخر سماجي قدرن ۽ روايتن موجب هن 1964ع ڏاري عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجو سان لائڻ لڏيون ۽ هڪ نئين زندگي جي شروعات ڪئي پر هن جي موسيقي سان ۽ سنڌ توڙي سنڌيت سان محبت اڄا بہ اٽاهين ٿي وئي. جيجي سنڌ جي نوجوان نذير عباسي جي ڪمهلي شهادت تي"او امان او امان" جهڙو گيت چئي ماحول ۾ سڪتي جا منظر چٽي ڇڏيا. حيدربخش جتوئي جي "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ" خاڪي جويو جي "پاڻ کي هاڻ آزاد ڪهرجي وطن" جهڙا انقلابي مزاحمتي ۽ ولولو پيدا ڪندڙ گيت چئي. سنڌ جي ستل ڌهنن ۾ جنبش پيدا ڪئي. تنوير عباسي جي "سنڌ هاري جي، سنڌ مزدور جي" ۽ " موري ميهڙ دادو ۾ ڏاٽيڙا پٽ ڍول ڪنا" پنهنجي مامتا جي پويتر پيار ۾ پنل آواز سان آلاپي ٿر بر جي سانگيڙن کي هٿن ۾ ڏاتا ۽ ڪلهن تي کهاڙيون کڻڻ تي مجبور ڪيو.

جيجي فلسطين جي محمود درويش، شيخ اياز، استاد بخاري کان سواءِ بلوچي ترانا ۽

بلوچ شاعر گل خان نصير. اردو جي فيض احمد فيض ۽ احمد فراز جهڙن مشهور ۽ خوبصورت ڪويتائون رچيندڙن کي. پنهنجن سرن جي سونهن بخشي. جيجي جي ڳايل گيتن جون ڪيتريون ئي آڊيو ڪئسٽون مارڪيٽ ۾ پيار ۽ سڪ سان خريديون وڃن پيون. جيجي ريڊيو لسنرز لاءِ به سڪ جو سامان مهيا ڪيو. ڇو ته هوءَ صبح. مهراڻ جي لاءِ ريڊيو تي ڪمپيئرنگ به ڪندي رهي. جڏهن سندس " جيجي" جي نالي سان افسانو ڇپيو. تڏهن اهو افسانو حقيقت بڻجي ويو ۽ ان افساني جي ڇپجڻ تائين جيجي واقعي به سيني لاءِ جيجي بڻجي وئي. ميونخ فيسٽيول ۾ سندس سنڌي ڊراموَ" دنگي منجهه درياهه" سڄي دنيا ۾ ٽئين نمبر تي رهيو ۽ سڄي دنيا مان 97 ملڪن مان ان ڊرامي کي ايوارڊ مليو. انهي دنيا ۾ ٽئين نمبر تي ايندڙ ڊرامي جو تخليقڪار علي بابا به غير معمولي ليڪڪ آهي. جيجي"راڻي جي کهاڻي. جهنگل ۽ ڪاروان" جهڙن ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو. پ پ پ واري دور ۾ سنڌ جي جيجي کي فاروق لغاري هٿان پرائيڊ آف پرفارمنس جو ايوارڊ ڏنو ويو. پي ٽي وي ايوارڊ. لطيف. سچل. سائن. شهباز کان سواءِ ٻيا به ڪوڙ سارا ايوارڊ سندس مڃتا لاءِ گواهه بڻيا. سنڌ جي مٽيءَ تان شان مان ماٽڻ کان پوءِ ڪيس هند جي مٽيءَ ۾ به پيار جي هٽن جي ڇانو ملي ۽ ڪيس پارت ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ايوارڊ " رام پنجواڻي" ايوارڊ ڏنو ويو. جيجي هڪ ڪتاب "تنهنجي ڳولا. تنهنجيون ڳالهيون" کان سواءِ" ڪيڏو ڪارونيار" سميت 3 ڊراما به لکيا جڏهن ته زانپال سارتر جو ڪتاب " ديوار" جو ترجمو پڻ ڪيائين. جيجي پنهنجي جيون ياترا دوران دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ گهمندي هر ڪنڊ ۾ پير پاتا. آمر ضياءَ جي دور ۾ " پٽو بچايو تحريڪ" ۾ جيجي ڪراچي. حيدرآباد ۽ سکر ۾ 2 سالن تائين جيل جي پوڳنا به سٹي. ون يونٽ ۽ 4 مارچ واري تحريڪ ۾ بک هڙتال تي ويٺي 2 سال اڳ حيدرآباد ۽ نٽي ۾ جوان حوصلي ۽ سنڌ جي محبت سبب مٹس لنبازي به ڪئي وئي. جيجي جيئن ته هر سنڌيءَ جي جيجي هئي. ان ڪري هوءَ غير تڪراري شخصيت رهي. جيڪا " پٽو بچايو تحريڪ" عوامي تحريڪ ۽ جسقم جي بهارين خلاف ايئربورٽ تي ڌرٽي ۾ پڻ شامل ٿي. ڪامريڊ ڄام ساقي جي حمايت ۾ پڻ بک هڙتال ڪئي ۽ آخر زندگي جي جدوجهد کيس شگر ۽ السر جي شڪايت تائين پهچائي ڇڏيو. هوءَ ملڪ جون سرحدون اورانگهي لنڊن علاج لاءِ به وئي. ڪجهه هفتا پهريان جيجي بيماري ۾ وکوڙجي وئي. جنهن ڪري کيس 4 سيپٽمبر تي آغا خان اسپتال ۾ برين ٽيومر

سبب داخل ڪيو ويو. سنڌ جي جيجي ۽ سنڌي گيتن جي راڻي هڪ ئي وقت برين ٽيومر ۽ دل جي تڪليف ۾ مبتلا رهي ۽ گذريل 10 ڏينهن کان ڪوما سبب سانت جي پرگٽن ۾ پئي گهمي ۽ نيٺ اڳاري جي رات 10 لڳي36 منٽن تي لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. اهڙي سوگوار موسم ۾ ڪير ڪنهن سان تعزيت ڪري؟ جيجي جي ڏيءُ اختر بلوچ سان يا سندس پٽن اسلم پرويز يا ايياز لطيف سان؟ سندس ڏوهٽين بختاور، پرهه سان يا سسئي پليجو سان؟ جيڪا آخري گهڙي تائين اسپتال ۾ جيجي جي پاسي ۾ ويهي سندس هٿ هٿ ۾ جهلي ڪيس آڻت ڏيندي رهي. اڪين جي هن پار لڙڪن کي لڪائي جيجي سان پيار جون ڳالهيون ڪندي اوجاڳا ڪاٽيندي رهي. بهرحال جيجيءَ جي وڇوڙي تي سڄي سنڌ سوگوار آهي ۽ تعزيت ڪري ٿي.

روزانہ خبرون

27-10-2005

سونهين سفر جي جيجي

هر قوم جي عظيم ۽ بي مثال انقلابي جدوجهد جي سفر کي منزل تائين پهچائڻ ۾ ادب، فن ۽ آرٽ جو مک ڪردار هوندو آهي. ڇو ته ماڻهن جي پنهنجي لوڪ موسيقي، ادب، فن ۽ آرٽ جو هزارن سالن کان هلندو رهڻ ۽ عوام جي اندر ۾ پيهي وڃڻ جي ڪري ان سان محبت جو ناتو هوندي آهي. ڳائڻ، ناچ، استيج ادائيگي ماڻهن جي دلين ۾ گهر ناهيندي آهي. ڪڏهن انهن تي ڇڻ ته مانار وارو منتر ڦوڪي ڇڏيندي آهي ۽ ڪڏهن انهن جي جذبن کي گرمائيندي آهي. سنڌي عوام جي عظيم سونهين سفر جي جڏهن باقاعده تنظيمي شڪل ۾ شروعات ٿي، تڏهن ثقافتي مورچي کي عوام جي مفادن لاءِ ڪم آڻڻ جا بنياد عوامي تحريڪ رکيا. تڏهن اکثر ماڻهو قومي انقلابي گيتن کي موسيقي جي دائري ۾ به نه سمجهندا هئا. اهو مورچو مڪمل طرح مدي خارج، صدين جي پراڻي رائج جاگيردار، وڏيرڪي ۽ سرمائيداري قدرن تي ڪم ڪندڙن جي هٿ ۾ هو. هر ڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ انهن ڪمن کان لکيو پيو هلندو هو. انهيءَ مانار واري دور ۾ جيجي زرينه بلوچ پنهنجي ور ۽ پاڻ سڃي سات سان گڏ سنڌ جي قومي عوامي جدوجهد جي عظيم قافلي ۾ ثقافت جي مورچي تيءَ هڪ نئين سفر ۾ مجاهدانه ڪردار ادا ڪيو. پوءِ هن سفر ۾ ڪيئي سنڌ جا نوجوان پٽ ۽ ڌيئرون اڻيون، جن پنهنجو پاڻ ملهايو. هن سونهين سفر جي جيجي، انقلابي قومي گيتن جي جيجي، سنڌي موسيقيءَ ۾ هڪ جديد انقلابي لاڙي جي خالق جيجيءَ کي سڃي سنڌ هن عظيم لقب "جيجي" سان نوازيو ۽ هوءَ سڃي قوم جي جيجي بڻجي ويئي. پر ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هوءَ مظلوم قومن ۽ طبقن جي چوٽڪاري واري جدوجهد ۾ شامل سڀني ماڻهن جي به جيجي ٿي ويئي. آڻون خوش نصيب آهيان، جو آڻون هن سفر ۾ جيجيءَ سان ويجهو رهيو آهيان. منهنجي زندگي جون اهي سڀ گهڙيون املهه آهن، جن ۾ اياز لطيف صاحب جي گهر سنڌ جي ڏاهي محترم رسول بخش پليجي صاحب جي روبرو مون به ڳايو آهي، ته جيجي کان به ٻڌو آهي. جيجي مون کي همٿائيندي هئي. پليجو صاحب ۽ جيجي ماضيءَ

۾ انهن ورقن کي ورائيندا هئا. جڏهن نج قومي انقلابي گيت تہ ڇا پر ايار جي شاندار شاعري کي ڳائڻ ۾ ڇڻ تہ حرام سمجهيو ويندو هو. آڻون اڄ ۾ سوچيندو آهيان، اها ڏري گهڻ ناممڪن شيءَ هيڏي سولي ڪيئن ٿي پيئي آهي! انهي عظيم ڪر ۾ جيجي پاڻ ملهايو. جو اڄ هر ڪو قومي انقلابي راڳي هڻڻ جو نئپو لڳرائڻ ۾ ڪو ۾ خرج محسوس نہ ٿو ڪري.

منهنجو انديا جو پروگرام ٿيو. مون وٽ ڪرايو نہ هجي، انهيءَ لاءِ ايار لطيف سان ملڻ ويس. ايار صاحب ننڊ ۾ هو، مون جيجيءَ کي سڄي حقيقت ٻڌائي. جيجيءَ بنا ڪجهہ سوچڻ جي جلدي ۾ 3000 روپيا ڏنا ۽ چيائين تہ اهي منهنجا پئسا آهن. ايار کي نہ ٻڌائجان ۽ نہ ئي پليجي صاحب کي. جڏهن واپس اچين تڏهن موٽائي ڏجان. آڻون انديا ويس، واپس وريس تہ جيجي سخت بيماري واري حالت ڪوما ۾ هئي، هڪ رات جڏهن جيجي کي هوش آيو تہ ايار لطيف کيس منهنجي اڇڻ ۽ پئسن جي واپسي جو ٻڌايو. سنڌ جهڙي پوئتي پيل سماج ۾ سنڌي عوام جن اعليٰ مقدس قدرن سان جيجي کي نوازيو هو. اهڙن قدرن جي ڪري سڄي سنڌي قوم سندس اولاد وانگر هئي. ڇا جا فرق بس اهو ڈسٹو آهي تہ اسان جو ڪر عوام جي فائدي وٹان آهي تہ پوءِڪٹائي ۽ پڇبو ۽ پنهنجو پاڻ ملهائبو. جيجيءَ ان قسر جي قدرن کي سنڌي سماج ۾ رائج ڪيو.

ون يونٽ جي دور کان وٹي سنڌ جي مٹان هٹرادو مڙهجندڙ ڪارن دورن ۾ سنڌ جي جيجي عوامي سياسي فڪري واڌ تي هلندڙ پٹن ۽ ڏيڑن کي همٹائيندي رهي. "ساڻ هلندو رهي- لاڻ ٻرندي رهي" ڳائيندي رهي. پوءِ انهيءَ واڌ تي سرمد سنڌي، بيدل مسرور، پيجل، زاهد شيخ، حنيف سارنگ، آفتاب ڪلوئي ۽ مون جهڙن انيڪ سنڌي نوجوانن ۽ سنڌياڻين هلڻ شروع ڪيو جو اڄ ٻچو ٻچو "جيئي سنڌ" تي جهمريون هڻي ٿو. نہ تہ ڪنهن دور ۾ تمام تورڙن ماڻهن کي ڇڏي عوام جي اڪثريت اهڙن عملن کان لاتعلق هوندي هئي.

جڏهن ۾ هن سونهين سفر جي تاريخ لکي ويندي، تڏهن جيجي جو نالو ثقافتي مورچي تي پهرين صف ۾ ۽ مهندار وڻ هوندو. جيجيءَ سڄي وطن ۽ عوام جي حقن لاءِ سر ڏڙ جي بازي لڳائي پاڻ پتوڙيندڙ قافلي کي همٹائي ٿي، جاڳائي ٿي، جيجيءَ ۽ سندس ساڻ جو انقلابي پورهيو سنڌي قوم جي انقلابيَ سفر ۾ نہ وسرندڙ تاريخ جو املهہ خزانو آهي. سندس ڳايل گيت "جيئي سنڌ جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ" جهان کي ڈيو مبارڪون، او امان، اوا مان" جنگ جنگ جنگ آ، انسان جيئي، هڙڪ هلو- ڈيما هلو،

ساڻ هلندو رهي لاڻ ٻرندي رهي، ڳاڙهو جهنبو مستي ۾ ۽ ٻيا اهڙا انيڪ گيت اسان جي سفر جا سونهاڻآهن ۽ اسان ماڻهن تي سنڌي عوام جي عظيم مفادن وڻان اهو فرض ٿو ٿئي تہ پاڻ ٻہ هن عظيم واڻ تي هلون، پنهنجي ٻولي لولي، موسيقي، رقص،اداڪاري ۽ فن جي مدد سان عوام جي مفادن وڻان ڪم ڪري، عوام کي سجاڳ ڪريون، منجهن نوان ولولا ۽ جوش جذبا پيدا ڪريون تہ جيئن اهي هن عظيم سفر ۾ اسان سان گڏجي سونهين سفر کي پاڻ تڪميل تائين پهچائين.

●

گيتن جي گونجار

صبح جو اپرندڙ سج جهڙي سونهاري جيجي زرينہ بلوچ جسماني طور هن ڌرتي تان اسان کان موڪلائي وئي آهي. جيجي جي شخصيت هڪ گهڻي رخي ۽ شاندار خاصيتن سان ٽمر ٽمار آهي. چاڪاڻ تہ جيجي زرينہ نہ صرف فن جي دنيا ۾ پاڻ ملهايو پر ادب، سياست ۽ علم جي ميدان ۾ بہ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو. هن سنڌ جي تاريخ ۾ شاندار روايتن کي جنم ڏنو. عملي جدوجهد ۾ جيجي زرينہ بلوچ هميشہ ٻين کان اڳيري رهي آهي. لانگ مارچون هجن يا بک هڙتالون، مظاهرا هجن يا جيلن ۾ وڃڻو هجي پر جيجي زرينہ بلوچ هميشہ سنڌوءَ جي ڇڇ جي لڇ رکي. اهڙيون انقلابي عورتون تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندیون آهن ۽ سنڌ کي جيجي زرينہ بلوچ تي ناز هيو ۽ اهو ناز هميشہ رهندو. هن بيماري جي بستري تي بہ زندگي جي جنگ بهادري ۽ سورهائي سان وڙهي. اهڙي ئي سورهيائي ۽ بردباري سان هن سنڌ دشمن منصوبن خلاف جنگ جوئي ۽ پنهنجي سموري حياتي جدوجهد جي ناڻ ڪري ڇڏي. سنڌ جي واهڻن، وستين ۽ ڳوٺن ۾ سندس ڳايل سندر لوڪ گيتن ۽ انمول گيتن جي گونجار گونجندي رهندي. جيجي زرينہ جي ممتا ۽ پاڻپوهہ پري جذبي کان عارضي طور سنڌ جو عوام محروم ٿي ويو آهي پر هو هميشہ پنهنجي گيتن وسيلي سنڌ جي عوام جي دلين تي راڄ ڪندي رهندي. سنڌ ڌرتي طويل عرصي کان پوڳيندي اچي پئي. سنڌ کي غلام بنائي ڪيترن ئي حاڪمن هتي معصوم ڳلن جهڙن ماڻهن کي لتاڙي سندن جوانن کي قتل عام ڪري سندن ونين سان ويڙن ڪيا پر اها سنڌ اڄ بہ اها ئي آهي جيڪا ڪالهہ هئي. هن ڌرتي جي فرزندن ڪيئي سختون سٺيون. پنهنجي سرن جا نذرانا ڏنا پر سنڌ جي سينڌ، عزت، لڇ ۽ لوئي بچائي. جيجي زرينہ بہ ديس جي انهن درد وندن مان هڪ هئي. جنهن جي اندر ۾ ڌرتي جو درد هيو. جيجي زرينہ کي ننڍپڻ کان ئي ڳائڻ جو شوق هوندو هو.

گهر ۾ سرتين اڳيان ويهي گيت جهونگارڻ ۽ سندن پاران همٿائڻ سندس جذبي‌کي رنگ ڏئي ڇڏيا.جو هن انقلابي گيتن جي سڃڻ سان ڏرتي کي واسي ڇڏيو جنهن سبب هوءَ تاريخ جي ورقن جي زينت بنجي پئي آهي ۽ جيجي زرينہ جي گيتن واقعي انقلاب آڻي ڏرتي کي بدلائي ڇڏيو. هن پنهنجي درد واري لهجي ۾ امر گيت آلاپي امر سنڌ ڏرتي جو قرض لاٿو. رسول بخش پليجي سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هن شيخ ايار جي شاعري تي دسترس پڻ حاصل ڪئي ۽ سندس ڪلاڪاري جي احساس کيس امر بنائي ڇڏيو. جيجي زرينہ ڪلاڪاري جي درد رکڻ سان گڏ هڪ ڪهاڻيڪار ۽ اديب به پڻ هئي. جنهن ڪافي انقلابي ليک لکي ڏرتي جي جوانن ۾ نوان جذبا اُپاريا. ڪهاڻين جي ڪتاب جي لکڻ ۽ ڇپجڻ کان پوءِ هن ڏرتي جا ماڻهو کيس جيجي جي نالي سان سڏڻ لڳا. سندس امر گيتن کي ڪيئن وساري سگهجي ٿو. جيڪي خلوص جزبي سان هر هنڌ موجود آهن. هن ڏرتي لاءِ ڪيڏو پيار رکيو. ان جو مثال هي گيت آهي.

اسين ماڻهو لاڙ جا، درياهه جي پاڇاڙ جا،
ڪڪرڙو ٿووسي ڏي الا اترڙو ٿو لڳي.

جهڙا گيت ڳايا ۽ ان سان گڏ انقلابي موڙ تي سندس ڳايل گيت دشمنن تي تلوار جو وار بنيل رهيا. پاڻ چيائين.

جهان کي ڏيو مبارڪون
اسين پيا ڪاهيندا اچون.

جهڙا انقلابي گيت ڳائي هن ماڻهن جي اندر انقلاب جي جذبي ۽ احساس ۾ واڌارو ڪيو. هو اڄ اسان کان جسماني طرح سان موڪلائي وئي آهي، پر هميشہ پنهنجي گيتن ۾ مسڪرائيندي رهندي.

روزانہ هلچل حيدرآباد
27-10-2005

●

●

آه جيجي ....!

عظيم فنڪار پنهنجي وقت تي ان سڃي دور ۽ ان دور جي همعصرن تي پنهنجي وجوديت جي انفراديپڻي جي ڇاپ ڇڏي ويندا آهن.اهو ته ٿيو ذات جي تڪميل جو مسئلو پر ان کان ٻه اڳتي اياز چواٽيءَ: عظيم بغاوت ئي عظيم فن ڄڻيندي آهي! يعني ذات جي (Masses) تائين پکيڙ پنهنجي لوڪ جي جيءَ ۾ لهي وڃڻ،جز جي ڪل تي دسترس! "جيها جي تيها،مون مارو مجيا ...! " واري سٽ جي فهم سان آهنگ ڏاريل شعوري سٽ ٻڌڻ:

الست بربڪم! ، جڏهن ڪن پيوم
قالو بليٰ! قلب سين،تڏهن تت ڇيوم
تنهين ويل ڪيوم،وڃن ويڙهيڇن سين

جڏهن شعوري آفاقيت جا سمورا لنگهه ۽ پيچرا "تر جي ڳٽي..." بجاءِ، زميني حقيقتن سان دوچار ٿين ۽ اهائي ڳالهه ڳرين! جنهن محبتي ميڙيا!

سو بيشڪ، جيجيءَ زرينه بلوچ سان، سائي ڪا ڳري ڳالهه لاحق ٿيو بيني هئي،جنهن ڪيس ڏرتيءَ ماءُ جو سواس ارپيو: "جيجي"

گڏيل پورهئي پويان موجود اجتماعي جذبي سان ئي فن جي سادي سطح تي گڏيل شعور جي تخليقي آفاقيت جا سلا ڦٽندا آهن ۽ ڏرتي گلن ڦلن جا ويس ڍڪيندي آهي. بوليءَ جي هڪ وراٽيءَ، هڪ نعري، هڪ هڪل ڏهن مڙسن جي طاقت کي ايڪي ۾ ڳنڍيو ڇڏي! اهو سپ ڇا آهي؟ آواز جي ڪرشميسازي! ۽ بولي؟ ان جي اعليٰ سطح! ۽ گائيڪي ان جو معراج!

ڪڏهن ڪڏهن،حالتن جي رڄ،پنهنجي سوين سرابن يا سڄ منجهان سڄ ڇڻيندي آهي. حالتن جي ساڳي رڄ سان ساڳي تشنگيءَ، سرابن جي ست جي اپت، جيجيءَ زرينه جي درد کي ٻه پلئه پئي،سهرن،لاڏن ۽ لوڪ ڳيچن کان اياز جي جديد شاعريءَ تائين. اهو ئي

دور هو جڏهن سنڌي شاعري جي جدت پسندي يا ترقي پذيريءَ تي ڪفر ۽ الحاد جون يلغارون ٿي رهيون هيون ۽ سنڌي شاعري جي ان مانائتي معراج "پوئٽر پري آڪاس" تي بندش پئي. آفاقي اڏمن ۽ اڇائن پورن ۽ پچارن کي ڪفر ۽ الحاد جي نعري ۾ واڙيو وڃڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، پر ارادي جي ڪامل سگهه، اڇا، اڏمي يا جذبي جي آفاقيت ماڻيل ڪلا لفظن ۾ بارود پريو هو. سچ وڏي شيءَ هو جنهن راڳ جي رڳن ۾ آتشڪدا تخليق ڪيا هئا ۽ جڏهن جيجيءَ جي آواز منجهان اهو بارود،اهي آتشڪدا وسيا،جو،لفظ بيهڻا نه هئا،وسڻا هئا، سو جهر جهنگ وسي پيا،ٻولي جيڪا اسان ڇورن ڇنن لئه صدين جي لولي هئي،سا جيجيءَ جي آواز جي پرولیءَ منجهان دشمن لئه گولي ٻڌجي،اسان نڏڻکن جي هٿن جو هٿيار ٻڌجي آئي، ايازِ سياسي پير هو يا نه، پر انهن هٿيار وندن پڙ ڪيس سياست جي آسمان جي چَنڊ ڏانهن اڏايو هو. تاريخ جي ان ڇور ڇڇور منجهان آمنه عرف زرينه بلوچ سدا لاءِ سڃي سنڌ جي واسين لئه "جيجي" ٻڌجي اپري آئي.پليجي صاحب جي اک بہ اک هئي. هي ذاتي تجربو آهي،پنجن ڏهن هزارن ماڻهن مان ڪنهن هڪ تي نهار ڪري سو ڳالهائي ونڻ جو ڳالهائڻو هو. بنهه جادوگر ماڻهو،ڏنون تربيت ماڻڻ لڳيون،بارڻ ٻري پيو هو،حيات جي نسلي بقاءَ جو قافلو هلي پيو هو، محمد ابراهيم جويو، ابن حيات پنهور، رشيد پٽي،سراج انهن ان لاوي جا رخ تعين ڪيا هئا ۽ انهن رخن جي نشاني تي هئي،فوجي آمريت! جيڪا اڄ تائين جاري آهي، اهو وڏو بار هو پر هو بہ ڪي مڙس مڙيا هئا ۽ نيٺ حيات جي قافلي في الوقت اهو بار ڪٽي پٽ لاتو. ڇڻ صورقوڪجي ويئي:

اجهو هو نڪتو ٻهڪندڙ جلوس آفتاب جو
پيو آ ليڙون ليڙون ٽيو ڪُن انڌيري رات جو
ٻوڏ وچ جيان وڏي پيو قافلو حيات جو
قيامتون قيامتن پٺيان اٽارندا اچون
جهان کي ڏيو مبارڪون، اسين پيا ڪاهيندا اچون!

حد هئي! اڏيتن اجيارا آندا هئا. هيل، هر ڏس ماڻهن هڪاليو هو، ڪو هڪ ڏنار نه هو، سڃو ڏڻ هو جو پنهنجن پيرن ڪڙو هلي رهيو هو ۽ جيجيءَ جون واڏايون هيون، نئين جهان لاءِ، جي چوڏس ٻرندين رهيون!

جهان کي ڏيو مبارڪون
اسين پيا ڪاهيندا اچون!

نون سُرن ۾ زندگي جا،
گيت ڳائيندا اچون،
نئين زمين تي هڪ نئون
جهان ٻڌائيندا اچون
اسين پيا ڪاهيندا اچون

زمين، سنئين ٽي چڪي هئي، ميدان ۾ مڙس لٽا هئا. چوٽين مارچ سنڌي شاگردن جي ڏينهن کان 1984ع تائين " او امان! او امان! موري ميهڙ دادوءَ ۾، ڊاٽيڙا پٽ ڊول ڪنا! رڳن ۾ رچيل رت تائين ،سڌ سڌ تي هر تند تڻي ٽي پئي ۽ نيٺ سنڌ جي آسمان تان ون يونٽ جو بت ڊٺو هو، هي زمانو هو جنهن جولان پاليا هئا. ماٺهو ميڙيا هئا ۽ جيجيءَ جا لوڪ گيچ ۽ سهرا هاڻ ترانا ٻڌجي چڪا هئا. آديسين لئه "مرڻ" جو مامرو متو هو:

تون هونئن بہ مرندين ڪاڇي ۾
پر آءٌ پهاڙيءَ پاڇي ۾
ڪنهن ناهر وانگر ڇال ڏيئي
تون گوليون يار هلائي ڏس
هن ڌرتي کي ڏڏڪائي ڏس
جي تنهنجو ڦرندي لاش ڪري
نئن گاڇ مٽان پرواهہ ناهي
ڇڻ ڌرتي تي آڪاش ڪري!..

لاڙ ڏي لڙي، ڇڻ اندر منجهان اهاڻ ٿيو. جيجيءَ جي لولي گولي ٽي ۽ لاڙ ٻري پيو:

اسين ماٺهو لاڙ جا
دريا جي پڇاڙ جا
اترڙو ٽو لڳي

هيل پاڪستاني تاريخ جي سنگين آپيشاهي، ضياءَ شاهي سامهون هئي. ماٺهن پيٽن سان بہ ٻڌا. ڌرتي تپيءَ تاءُ ڪيو.

هي گيت گلابي جهڙ ڦڙ جا
هي گيت شرابي جهڙ ڦڙ جا
هي سانوڻ جا من پانوڻ جا
۽ آگر آگر آنوڻ جا

ضياءَ شاهي رهتون رهائي ويئي، روس ٽٽو. ڪابل ۾ قندار اچي ڪنڌ تي پڳو، ماڻ مڙهيءَ ۾ پٽڪ نہ هئي ڪنجهڪار نہ هئي، ڪا ڪٽڪ نہ هئي، حيات جي ڪينجهر جا سدا ساوا ڪنارا آسار اسارا هئا، زماني سچي پئي رت رنو ۾ موت جي چور دروازي منجهان جيڪا چٽنگ سانيچي چڪي هئي. تنهن "زلزلا ايندا زمين، سرخ ٽيندو هي جهان!" (ابن حيات پنهور) تي آڏاريو ۾ جيجي موت جي بستري تي بہ زندگي جو اتحاد ۾ ويچا وسارڻ جو اعلان ڪندي چٽڪ وري پٽ سنئين ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي، جيجيءَ واتان موت، زندگي جي ڪيتي ڪيڙڻ جو پرچار ڪيو. ڏرتي ڏنوٽجي دونهائي اردو جي آڙ ۾ رجعت پسند طبقي جي ڳيجهو، سفاڪ ۾ انسانيت لئہ خطرناڪ حد تائين تڏهن ٻيهر ٻولي معاملو اپاريو چڙ ون يونٽ جو ڏنل بت، نهايت حرفت سان پنهنجي تاريخي ورجاءَ ۾ ٻيهر سرايت ڪندي اوبر ڪاڏي ۾ جيجي جي ان پيغام جيڪو هن موت جي بستري تان ڏنو تہ لڳو موت فنا ٿي ويو. زندگيءَ جي صور ڦوڪجي ويئي، جيڪا نيٺ سنڌي عوام ۾ اڳواڻڻ جي اجتماعي شعور جي صورت لاءِ سدائين پنهنجن سُرن سان اسان جي ساهن ڪي اتساهيندي رهندي: هڪ نئين جهان لئہ، زندگي جي چاره گري. ڪندي، سدا حيات رهندي:

درياه جي دڳ مٽان جوئر جا ڪانا
جيسين نہ ڏسان منهنجا نيٺ نيرانا
چورا لولي‌ءَ ڏيان
لو بگا، لولي‌ءَ ڏيان‌۾ - لو!

روزانہ سنڌو
31-10-2005

اي سنڌ تو کي الوداع!

پندرهن ڪن سال اڳ جي ڳالهه آهي، مون هن کي فون ڪيو هو.

جيجي!

جي پٽ!

جيجي هڪڙو غريب مسڪين شاعر آهي، رانجهن ڪولاچي! ويچارو پٽيوالو آهي، مادل اسڪول ۾....

جي بابا!!

جيجي چوي ٿو، منهنجي زندگيءَ جي آخري حسرت آهي، ته منهنجو لکيل ڪلام، جيجي زرينہ بلوچ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿئي.

ايا پٽ! ائين ٿو چوي؟

جيجي، ڪلام سرائيڪيءَ ۾ آهي ۽ بول اٿس،

"مرشد لطيف تيڈي سنڌ جيئي"

۽ هن پار کان، نهايت شفقت سان هوءَ وراڻي ٿي، ڇگو پٽ! تون سازنده هٿيڪا ڪر، آئون اجهو ٿي اچيو پهچان، ۽ اڄ 26هين آڪٽوبر تي پندرهن سالن کان پوءِ... جيجيءَ جي ڏولیءَ جي پرسان بيهي، سڪون سان ستل، سندس مهان ۽ مهربان مُک ڏانهن نهاريم پئي ته لڳم، چويم پئي، پانئيان ٿي، اڄ به ڪنهن مسڪين شاعر جي ڪلام جي رڪارڊنگ لاءِ، مون کان وقت ونڻ آيو آهين، ڇئه، ائين آهي نه نصير!؟ ۽ جيجيءَ جي بي پناهه حسين ۽ شانت چهري تي، آخري نگاهه وجهندي ۽ تصور ۾ ساڻس اهڙي گفتگو ڪندي، آئون اوچتو ماڻ ٿو ٿيو وڃان ۽ بي اختيار منهنجون اکيون لڙڪن سان ڪناتار پرجيو ٿيون اچن، ۽ ڪي سال ٿيا، جو هڪڙي ڏينهن جيجيءَ تشويش سان ٻڌايو هئم، ويڻي ويڻي منهنجي شگر تمام وڌي ويندي آهي پٽ ۽ اهڙي حالت ۾ ڏاڍي بي قراري محسوس ڪندي آهيان، وراڻيومانس: جيجي، منهنجي امڙ ڪي به شديد شگر آهي ۽ اهڙي حالت ۾، آئون جڏهن به هن کي گهٽو بي آرام ڏسندو آهيان ته ڪيس ڏسي نه سگهندو آهيان ۽ بي وسيءَ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ زارو قطار ويڻو روئيندو آهيان ۽ ان ڏينهن جيجي زرينہ ڪي، مون پنهنجي ڪيفيت ۽ امان جي شگر بابت، اها خبر ڇا

ٻڌائي؟ پوءِ تہ هوءَ جڏهن ٻہ ۽ جتي ٻہ ملندي هئي، اتندي ئي، دل وٹ واري انداز سان پڇڻ لڳندي هئي، "ماءُ تنهنجي ڪئين آهي بابا"..... شگر جو ڪهڙو حال اٿس!؟ مون کي ياد آهي، جيجيءَ کي آڻون امان جي "شگر" هن جي اٽڪ ويهڻ ۽ چاکيءَ ناچاکيءَ جي باري ۾ جڏهن تفصيل سان سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لڳندو هئس، تڏهن هوءَ پوري دلچسپيءَ سان منهنجي ماءُ جي ڳالهين کي، ائين ٻڌڻ لڳندي هئي، ڄڻ هوءَ مون کان منهنجي نہ... پنهنجي سڳيءَ امڙ جون ڳالهيون وينِي ٻڌي.

..... ۽ 5 مئي 2001ع تي منهنجي ان پياري امڙ، شديد شگر سبب ڪوما ۾ جڏهن هي جهان ڇڏيو، تہ مون پنهنجي اکثر ملڻ وارن کي، هن جي وصال جو ڄاڻ ڏنو ۽ نہ ڏنو تہ صرف جيجي زرينہ بلوچ کي، ۽ اهو ڇو؟ ۽ اهو رڳو ان ڪري، تہ هُن کي منهنجي امان جي ڌائٽڪ ڪوما ۾ دنيا مان هليو وڃڻ جو ٻڌي، ڪو ڏڃڪو نہ رسي.

جيجيءَ سان ڪجهہ وقت اڳ، جيڪا منهنجي آخري ملاقات ٿي هئي، ان ۾ ٻہ هن اتندي ئي، دستور موجب مون کان سوال ڪيو هو، ماءُ! ڪيئن آهي، تنهنجي!؟ .... ۽ تڏهن ڪوڙي مرڪ مرڪي، دل تي پٿر رکي اکيون جهڪائي، ڪيس ٻڌايو هئم.... جيجي... امان!.... امان تہ هاٿي بلڪل فرسٹ ڪلاس... نہ شگر... نہ بلڊ پريشر، صفا فٽ فاٽ.... بلڪل ٹيڪ ٹاڪ.... ۽ امان بابت منهنجي واتان اها ڳالهہ ٻڌڻ کانپوءِ، جيجيءَ جي پياري چهري تي، خوشي ۽ سڪون پريو جيڪو اطمينان مون ڏٺو. ان کي پَسي. امان جي وڇوڙي جو غم، جهٽ گهڙيءَ جي لاءِ تہ مون کان ڄڻ وسري ئي ويو هو. ۽ اها ٻہ ايان ڪالهہ ڪالهوٽي ڳالهہ ئي تہ آهي، جيجيءَ جي شديد ناچاکيءَ جون خبرون، اخبارن ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿي ويون هيون، تڏهن جيجي جي ٻين مداحن وانگر، مون ٻہ سندس کي ڳالهيون، ڪالم جي صورت ۾ لکي. 23هين سيپٽمبر واري ڪاوش ۾ ڇپرايون هيون، شايد هڪ اڌ ڏينهن رکي، ايازِ لطيف ريڊيو تي مون وٽ لڙي آيو هئو. چيائين پئي! جنهن ڏينهن تنهنجو ڪالم ڇپيو هو، نصير... جيجي ان ڏينهن ڪجهہ سجاڳ هئي، تنهنجي ڪالم مان کي سٽون پڙهي ٻڌايون مانس تہ مرکي پئي هئي... ڏيرج سان چيائين، نصير پٽ آهي منهنجو... ان تحرير جي لاءِ، منهنجي پاران ٿورا مجي ڇڏجوس.

۽ اهي شايد شروع سيپٽمبر وارا کي ڏينهن هٿا جو، طبيعت ۾ بگاڙ سبب، هن کي غالبن پهرين آغا خان ۽ بعد ۾ لياقت نيشنل هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ ايدمٽ ڪيو ويو، جتان جلد ئي "ڪوما" جهڙي ڪيفيت ۾ هن کي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو. ان وچ ۾ ڪئي پيرا هن جي روح پکيڙي اڏامڻ ۽ ساهہ جي لاٽ پڙڪو ڏيئي اجهامڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پر اُجهامندي اُجهامندي اوچتو اها لاٽ وري روشن

ٽيو ٿي وئي.

الاس! 25هين آڪٽوبر تي! جڏهن ڪراچيءَ جا ٽڪل پڪيئڙا واهيرن ڏانهن موٽي رهيا هئا. جيجي زرينہ بلوچ جي ڪويل جهڙي ڪنڌ ۾ خاموشي ڇائنجي ويئي ۽ رات جو يارهين ڏاري جيجي جي لاڏاڻي جو اعلان ڪي تي اين جي خبرن ۾ ٻڌم. تہ يڪدم لڳم سنڌ جي ثقافتي رنگن ۽ سُورن جي لوڪ گيتن ۽ مزاحمتي گيتن جي گائيڪيءَ جو هڪڙو پورو دور ختم ٿيو. پاسيم ڇڻ سنڌي جي لوڪ موسيقيءَ جي سِر تان ڪلڙيون ڪلڙيون ڇُنري سرڪي ڇڪي... حيدر بخش جتوئي ۽ شيخ اياز جي مزاحمتي شاعريءَ جو مٺو اڇ اُگهاڙو تي ويو ۽ سنڌ پرهہ ڦٽيءَ جهڙي پاڪ ۽ سنڌو جل جهڙي اجري ۽ معصوم آواز کان سدائين لاءِ محروم ٿي وئي... ۽ هن وقت جڏهن ٽئبل ڪرسيءَ تي ويهي، جيجيءَ جي ياد ۾ هي ڪجهہ تعزيتي سٽون لکي رهيو آهيان، تڏهن سنڌ جي آسمان جي وسعتن مان جتان ڪٽان، هن جي آواز جا سُريلا پڙلاءَ ڪنن ۾ گونجڻ لڳا ٿم. ڪنهن وقت پاسيم ٿو، هن جو آواز پٽائيءَ جي استيج تان ايندي پيو ٻڌان.... "جيئي لطيف منهنجو، جيئي لطيف".... ڪنهن وقت پانئيان پيو، هو دور درازا جي ڏرتي تي، تنوير عباسي جاپول پئي ڳائي. "هير هڳاءُ پرينءَ جو، مان قابو منجهہ ڪڙن... ڳوڙها ڪيئن نہ ڳڙن..." ۽ ڪنهن وقت لڳيم ٿو... بيسنت هال حيدرآباد جي ايوان ۾ جشنِ روح رهاڻ جي محفل ۾ هوءَ موجود آهي ۽ هزارين سنڌ پرست جيالن سان گڏجي ڳائي پئي، "جيئي سنڌ... جيئي سنڌ... جام محبت پيئي سنڌ"... (۽ جيئي سنڌ ڪي، جيئي سنڌ جي تحريڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندڙ لوڪ مغنيہ جيجي زرينہ بلوچ جي ان قومي ڪردار کي ڇا ڪڏهن نظر انداز ڪري سگهجي ٿو؟ شايد ڪڏهن بہ نہ.)

انهن امر گيتن کان سواءِ لوڪ موسيقيءَ جي ڪمال جو اهم ترين لوڪ گيت، "مور ٿو ٽلي"، سڀ کان پهرين جيجي زرينہ بلوچ ئي ريڊيو حيدرآباد تان متعارف ڪرايو هو ۽ ان کانسواءِ هن جي ڳايل لوڪ گيت، چلڙو... سنڌ جي ڪيرو ڪهوٽ لاءِ ڳايل... "لاڏو"... لوڏي لونگيءَ پاند، لاڏل آيو... لوڏي لونگيءَ پاند"... يا ڪوهياري مان لطيف سائين جي وائي، "پيرين پوندي سان، چوندي سانُ"... شمشير الحيدري جو لکيل گيت "جبل متي جهڙ ڙي ڇورا"... يا شيخ اياز جا گيت... "منهنجا پرين او بانورا... او سانورا"... "سنڌ ديس جي ڏرتي تو تي پنهنجو سيس نمايان، متي ماڻي لاٽيان"... يا "مان تو کي گيت ڏيان اي ڏرتي، تون مون تي زنجير وجهين" ۽ اهي سڀ جيجي جا ڳايل گيت، نظر... ترانا... صرف ڪالهہ... اڄ ۽ سياڻي جا گيت نظم ڪو نہ آهن. اهي ايندڙ هزارين سالن جي لاءِ آهن ۽ انهن جي حياتي، سنڌ جي حياتي جيتري طويل ۽ اڻ کٽ آهي.

جيجي...پهريون پيرو لوڪ گيت "مور ٿو ٽلي" سنڌ جي محفلن ۾ متعارف ڪرايو، تہ ان جي ڳائڻ سان هن جو نالو ڪارونجهر جبل جي چوٽيءَ جيان اوچو نظر اچڻ لڳو. هن

"جيجيءَ" جي عنوان سان پهريون افسانو لکي شايع کرايو. ته ان افساني جي شهرت سبب، هوءَ سڄي سنڌ جي ماڻهن جي "جيجي" بڻجي وئي هئي. ۽ هزارين سنڌي ماڻهن جي هجوم ۾ اڄ کان ٽيهه سال اڳ جڏهن هن "جيئي سنڌ... جيئي سنڌ" ڳايو هئو ته صدين کان ستل سنڌ سجاڳ ٿي. اٿي کڙي ٿي هئي ۽ هن جي اهڙي آواز جي لهر ۾ کڏهن ون يونٽ لڙهي ويو هو. ته کڏهن سنڌي بولي بچائڻ واري تحريڪ ۾ پورو پورو تحرڪ اچي ويو هو.

26 آڪٽوبر تي پنهنجي محبوب ماءُ ۽ پنهنجي محترم جيجي جي قبر کان موڪلائي قبرستان مان آئون باهر پئي نڪتس. ته تصور ۾ ڊسمبر 1997ع جي شام ياد اچي وئي هئم. جڏهن ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ شيخ ايياز صاحب جي تازي وصال کان پوءِ. اتي تعزيتي اجلاس سبب. سڄي هال ۾ غمناڪ سناٽو ڇانيل هو ۽ سڏڪندڙ آواز ۾ جيجي زرينہ بلوچ. مائيڪ تي شيخ صاحب جو هي نظم ڳائي رهي هئي... الوداع... الوداع....!!

۽ جيجي کي لحد ۾ لاهڻ کان پوءِ ۽ ڪانڌين سان گڏ. سندس تڏي تي ويندي مهل. اوچتو لڳو. جڻ فضائن ۾ اهو ئي غمناڪ آوا ز هر طرف کان ٻُري رهيو هجي.

ٽي موڪلايان الوداع
۽ سازکي
مضراب کي
سيني لڳايان الوداع
مان آخري شعلي جيان
ٽي گيت ڳايان الوداع
ٽي دُورجا سانجهي سڏي
اُن ۾ سمايان الوداع
اي سنڌ توکي الوداع
اي هند توکي الوداع
تو ۾ هيو سارو سارو جڳت
اي جند توکي
الوداع الوداع

روزانہ ڪاوش
26-10-2005

... ۽ جيجي مٽيءَ ماءُ حوالي ٿي وئي

هوءَ جيڪا موت کي پاڪر پائي"سنڌ، سنڌ ۽ سنڌ" آلاپيندي رهي ۽ چوندي رهي ته "سنڌ جو ياٽي بچايو" تنهن کي جڏهن قاسم آباد جي قبرستان ۾ هزارين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ته هر طرف سناٽو چانئجي ويو. سنڌ جي وڏن وڏن اديبن، دانشورن،ليکڪن،سماجي شخصيتن ۽ سياسي اڳواڻن جا لڙڪ بيهڻ جو نانءُ ئي نه وٺي رهيا هئا. چاڪاڻ ته هوءَ صرف شاهه لطيف،شيخ اياز، استاد بخاري، محمود درويش ۽ ٻين جا قومي گيت ڳائي جوش ۽ ولولو پيدا ڪندڙ فنڪارائي نه هئي ۽ نه ئي هوءَ رڳو هڪ ليکڪا هئي، جنهن کي "جيجي" واري افساني"آمنا" مان سنڌ جي جيجي ٻڌائي ڇڏيو هو، پر هر هنڌ جيجي ۽ رڳو جيجي هئي. ۽ سنڌ سان عشق ڪندڙ اهڙي قومپرست عورت اڳواڻ هئي، جنهن جي نس نس ۾ رڳو سنڌ ئي سمايل هئي. شايد ان جو ثبوت اهو آهي ته جڏهن کيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو پئي ويو ته هر طرف ماٺهن جا انبوهه هئا ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته جيجي جي لاڏاڻي تي رڳو نٿي جو پليجو خاندان سوڳوار نه آهي ۽ نه ئي سنڌ جي قومي تحريڪ سان لاڳاپيل ڪارڪن ۽ شخصيتون غمزده آهن پر هتي ته سڄي سنڌ سوڳوار نظر اچي رهي آهي. شايد تڏهن ئي ته سنڌ جي مختلف شعبن ۾ سرواڻي ڪندڙ شخصيتون لاڏاڻي جي خبر ٻڌندي ئي سندس تڏي تي پهتيون هيون، جن ۾ پونم جو اڳواڻ سيد جلال محمود شاهه، جسقم چيئرمين بشير خان قريشي، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پ پ اڳواڻ شاهه محمد شاهه، مولا بخش چانڊيو، سنڌ نيشنل ڪائونسل جا اڳواڻ ڊاڪٽر دودو مهيري، پنهل ساريو، عوامي تحريڪ جا اڳواڻ ابرار قاضي، وشنو مل، عالم شاهه، ڊاڪٽر نظير شيخ، سنڌ هاري ڪميٽي جو صدر اظهر خان جتوئي، ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي جو سربراهه يوسف لغاري وڪيل، ايس ٽي پي اڳواڻ نند لال مالهي، نواز ليگ اڳواڻ افضل گجر، ايس اين پي اڳواڻ دلشاد پٽو، شاد ڪوسو، سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مظهر الحق صديقي، سيڪريٽري ثقافت مهتاب اڪبر

راشدي، نالياواري ليکڪا نور الهدي شاھ، محمد ابراهيم جويو، اداڪار يار محمد شاھ، نثار حسيني، امداد حسيني، انعام شيخ، جاويد جوٽيجو، ڊاڪٽر رجب ميمڻ، غلام نبي مغل، پروفيسر اعجاز قريشي، محبوب ابڙو، خالق چانڊيو، يامين سومرو، مظهر علي، نور محمد بجير، قاضي منظر حيات، حميد سنڌي، جي اين مغل، روشن سندر چانڊيو، چام ساقي، سجاد يوسف، زاهد ڪلباٽي، آڪاش ملاح، ساقي عالم ابڙو، علي نواز خاصخيلي، فخر بلوچ، نصير مرزا، رزاق چانڊيو ۽ ٻيون مختلف طبقن ۽ فڪرن سان تعلق رکندڙ شخصيتون جيجي زرينہ بلوچ جي آخري رسمن ۾ سڀ کان اڳ شريڪ ٿيون. سوين ماڻهو سندس پٽ اياز لطيف پليجو جي گهر ٻاهران وڃايل تڏي تي جيجي زرينہ بلوچ جون ساروٽيون سارينديا رهيا. ڇاڪاڻ تہ جيجي زرينہ بلوچ رڳو ڪنهن هڪ فرد، هڪ پارٽي، هڪ طبقي سان سلهاڙيل نہ هئي پر هوءَ هڪ اهڙي شخصيت هئي جنهن لاءِ سنڌ نہ پر پوري ملڪ جي هر شخص وٽ عزت ۽ احترام آهي. ان جو ڪارڻ،جيجي زرينہ بلوچ جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ ادا ڪيل ڪردار ئي هو. جنهن کيس هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو.

جيجيءَ جي تڏي تي وينل سنڌ جا وڏا دانشور ۽ اهل علم ماڻهو بہ تاثر ڏيڻ وقت لفظن جي ڳولا ۾ هئا تہ سنڌ جي قومي گيتن جي راڻي کي کهڙا لفظ ارپجن؟ ڇاڪاڻ تہ جيجي زرينہ بلوچ جي شخصيت اهڙي هئي جنهن جي سڃي ڄمار تحريڪ ۾ گذري ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ هوءَ سنڌ جي سڃاڻپ هئي. شايد تڏهن ئي هن ضياءُ الحق جي دور ۾ صدارتي ايوارڊ ونڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو پر سنڌ جي قومي هيرن شاھ لطيف، سچل سرمست ۽ قلندر شهباز جي ايواردن تي خوشي محسوس ڪئي. ايم آر ڊي تحريڪ دوران سنڌين تي ڇانيل مايوسي، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ واري ماحول ۾ جيجيءَ پنهنجن گيتن ذريعي هڪ اتساھ پيدا ڪيو. سندس گيتن ۽ قومي جدوجهد سبب جيجي زرينہ بلوچ 1978ع ڌاري جيل ڪاٽيو. شهيد ذوالفقار علي ٻٽي جي شهادت تي احتجاج ڪندڙ اها پهرين عورت هئي جنهن جيل ۾ گيت ڳايا. ڪراچي سينٽرل جيل، سکر سينٽرل جيل ۽ نارا جيل جون ڪوليون اڄ بہ جيجيءَ جي ڳايل گيتن جي شاندار تاريخ رکن ٿيون. 1964ع ۾ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ رسول بخش پليجو سان لاڳون لهندڙ جيجي زرينہ 1967ع ۽ 1968ع ۾ جشن روح رهاڻ ۾ پهريون پيرو جڏهن"جيئي سنڌ جيئي سنڌ" ڳايو تہ سڃي سنڌ جهومي اٿي هئي. جيجي کي قومي گيتن جو خزانو پليجي خاندان وٽان مليو."مور ٿو تلي راڻا" گيت پڻ

رسول بخش پليجي جي امڙ ڪيس ياد ڪرايو هو جنهن سنڌ جي هر عورت جي زبان تي ان گيت جو اثر چڏيو ۽ ڳوڻن، واهڻن ۽ وستين ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو نالو گونجڻ لڳو. شايد تڏهن ئي سنڌ جي برڪ ليڪا نورالهدئ شاھ چيو هو تہ "جيجي پنهنجي دور ۾ سنڌ سان ڪمٽمينٽ رکندڙ اها عورت هئي جنهن کي آخري سفر تي روانو ڪندي فخر ٿئي ٿو ۽ سنڌ جون ٻيون عورتون پڻ جيجي واري راھ تي هلن."

ڪالهہ سڃي سنڌ جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي سوگوار هئي، جيتوڻيڪ قاسم آباد ۾ وچايل تڏي تي سندس ور رسول بخش پليجو پڻ اياز لطيف ۽ اسلم پرويز، ڏئ اختر بلوچ، ڏير غلام قادر پليجو، ڏوهٽيون سسئي پليجو، بختاور پليجو ۽ پرهہ پليجو سميت ٻيا مائٽ عذر خواهيون وصول ڪندا رهيا، پر حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي ثقافت، ادب، فن ۽ موسيقي سميت سنڌ جي هر شئي سان عشق ڪندڙن جي دل ۾، جيجي جو تڏو وڃائجي ڇڪو هو. ڇاڪاڻ تہ سيني کان سندن "اڪيلي جيجي" وڃڻي منٿئ ماڻ حوالي تي وئي. جنهن جو خال پورو ٿيڻ ۾ سال نہ، پر صديون لڳنديون.

روزانہ خبرون

27-10-2005



جهان کي ڏيو مُبارڪون اسين پيا ڪاهيندا اچون ± جيجي زرينہ بلوچ

جيجي زرينہ تون نہ وڃ!

قلندر، پٽائي جي پانڊياٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
سوڍي سياٽي، راڄ راٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
پيٽ، پائڻ جي پاڳياٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
سنڌ ڏرتي جي ڏياٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
منڙي آواز جي مالڪياٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
لوڪ گيتن، قرب کهاٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
وانگين جي وانگياٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
جُوءِ ڇڏي هيءَ جهانگياٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
سهڻي سنڌ جي سانگياٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
رشتا سنڌ سان توڙي نماٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
پياري ڏرتي ڇڏي اباٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
درياءَ ۾ ناهي پورو پاٽي - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
پليجي سان ڪري پيار پچاٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
سنڌ اکين مان نند اڏاٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
پريت پنهوارن تو سان پراٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
ڪير ڪندو عورتن اڳواٽي؟ - جيجي زرينہ تون نہ وڃ!
"مخمور" ٻولي ڇڏي منڙي ٻاٻاٽي- جيجي زرينہ تون نہ وڃ!

ڳائي وئي جاڳائي وئي

جا آئي هئي آواز ڪٽي،
تند تار ڪٽي، سُر ساز ڪٽي،
جا سنڌ جي سچي ڇائي هئي،
جا سنڌ جي خاطر آئي هئي،
جنهن سنڌ سڄي جهومائي هئي،
آلاپ سان آڳ لڳائي هئي،
هوءَ راڳ رمز سان ڳائي ويئي،
هوءَ پنهنجو پاڻ ملهائي ويئي،
هوءَ سازن ۾ سمجهائي ويئي،
هوءَ پريت جا گيت ٻڌائي ويئي،
هڪ محفل جهٽ ۾ اجڙي ويئي،
ڪا ڪويل باغ کان وڇڙي ويئي،
اڄ لوڪ گيتن ۾ ماتم آ،
اڄ "بيخود" هر اک پرنم آ،
هوءَ ڳائي ويئي، جاڳائي ويئي،
هوءَ پنهنجو وارو وڃائي ويئي.

آرٽ گئلري

جيجي زرينہ ،
ڳائي پئي يا پٽ تي،
وڃي پئي وِينا.

جيجي زرينہ ،
سر هئس يا پي اڏي،
ڪوئل ۽ مينا.

جيجي زرينہ ،
ساڻس زيب النساءِ ۽
امڙ امينہ.

جيجي زرينہ ،
سُرن سان ڏوئي ڇڏيا
ڏرتيءَ جا سينا.

جيجي زرينہ
گيت ڏئي هن ڏيهہ جا،
ڪوريا سپ ڪينا.

جيجي زرينہ ،
جيئن سوچيم! آيا تري
اُجرا آئينہ.

جيجي زرينہ ،
رهنديون سندس راهہ ۾،
اکيون ۽ نگينہ.

جيجي زرينہ ،
سارينڈا پيا سال جا،
سيئي مهينا.

جيجي زرينہ ،
رهندا هاڻ اُکير ۾،
اُن لئہ سازينہ.

روزانہ عبرت
27-10-2005

جيجي
منظوم سوانح حيات

ڊسمبر جو مهينو سالُ چوٽيهون جنم وارو
خدا طرفان جلالٽي قبيلي تي ڪرم وارو
اهو احسان مولئ جو اسان تي آ رحم وارو
خدا جيجي زرينہ ۾ وڏو ڪو ساهہ ڪم وارو

وڏي پاڳن پري ڇائي سموري سنڌ جرڪائي
اسان جي لاءِ خوشين جون وڏيون جهوليون پري آئي

علم سنڌي پڙهي جيجي وتو استاد جو منصب
ڇڳائي جو هجي هٿ ۾ پلو هڪڙو بہ ڪو ڪرتب
ڏسي ٿو دل سچي آ جي تڏهن راضي ٿئي ٿو رب
جهان جي پاڳ وارا در خطا کولي ڇڏي ٿو سپ
ڊرامن سان گڏوگڏ ساز ۽ هو راڳ ڏي لاڙو
خدا طرفان ائين سمجهو تہ عزت پاڳ ڏي لاڙو

هيو سو سال چوهٽ جو ضيا جي دؤر وارو هو
لڳل ڏهڪاءُ ون يونٽ وڏي هڪ زور وارو هو
ڪيڏ اواز سنڌي ۾ وڏي تڪ تور وارو هو
تڏهن سنڌي سڏائن پي وڏي هڪ غور وارو هو

اتي جيجي زرينہ انقلابي گيت ڳايا ٿي
ستل سنڌي هيا جيڪي سمورا ئي جڳايا ٿي

مجيديءَ کي بہ منشي، ايازتنوير کي ڳايو
سچل سائين، پٽائي شاهہ هر مهمير کي ڳايو
مقدر جي ڪلڻ خاطر قلندر پير کي ڳايو
هٽي نعرا علي وارا، محمد مير کي ڳايو

صداقت سان ساڻ گهر گهر ۾ وجي پيغام پهچايو
اڏو سنڌي وڏو اڳتي جوان آهيو نہ گهبرايو

سموري سنڌ ۾ تحريڪ سنڌياڻي جو وڏو پايو
مخالف ڊيم ڪالاباغ جي نعرو ب لڳرايو
نياڻين جي زبانن مان ٻڏو ڇا ڇا ت چورايو
ادب اخلاق سان ڪيڏو مخالف ڪي ب شرمايو

سکر کان رُخُ ڪراچيءَ ڏانهن پيدل ٿي ڪري هليون
اهي سڀ مانَ واريون سُسُتُ مردن کان ڇوان پليون

ميڻ ٽا سنڌ وارا سڀُ ت گيتن جي هئي راڻي
وئي جا ٿي سدائين سوڀ ۽ عزت وڏي ماڻي
وڏائين بت وڏا ڊاهي نہ اهڙي ڪا ب ساماڻي
ائين ڪا بي ب جابر ساڻ پاڻيءَ تي ڪري پاڻي

بلند بالا ت جيجي آ ڪيو قومي تراني ڪي
ڪيو شاداب ۽ آباد سنڌي آشياني ڪي

سپاهين لاڳ مارچ ۾ پڳي هڪ ٻانهن جيجي جي
انهي هوندي ب نہ نڪتي وات مان دانهن جيجي جي
سچي ثابت ٿئي ٿي سنڌ لاءِ ساڃاهه جيجي جي
زبان مان خود ب خود تعريف نڪري واهه جيجي جي

سچائيءَ سان رکو دل تي اهي نيشان جيجي جا
وساري ڪين سگهبا سي وڏا احسان جيجي جا

ٿئي مظلوم سان ڇا ٿو اهي ڏک درد ڄاتائين
جنون ۽ جوش جذبي ساڻ قومي هار پاتائين
مٺي آواز پنهنجي ساڻ نوان نت رنگ لاٿائين
وڏن ماڻهن هتان ڪيئي وڏا انعام ورتائين

وڃڻ جي رات جيجي جي هئي رمضان ايڪيهين
علي سائينءَ ڪري وڏيو "مسافر" شانُ ايڪيهين

●

جيجي زرينہ جو سفر، حد ڪان لاحد ڏانهن

سنڌ جي هڪ فنڪاره ۽ قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي موت تي مان اندر جي احساس ۾ هڪ ماڻار محسوس ڪريان ٿو. پر اها ماڻار ٻن لڙکن جي اڇڻ تائين بہ نہ ٿي رهي ۽ فضا ۾ مون کي سندس ڳايل گيتن جي گونجار اڌامندي محسوس ٿئي ٿي.سنڌ جا اهي سپ قومي ڏاهاڙا ۽ قومي مزاحمت جا ڏيک منهنجي اکين جي اڳيان تري اچن ٿا ۽ ڏسان ٿو تہ سامهون ڪا وڏي استيج نهيل آهي، جتي سنڌ جي هيءَ امر گائيڪا هزارين ماڻهن جي موجودگي ۾ قومي شاعر شيخ اياز جو ڪو قومي گيت ڳائي رهي آهي ۽ اسان جي جسم ۾ اجهاڻل ڏاندن کي ڇڻ ٻيهر ڦوڪي ٻارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي هڪ روايتي فنڪاره ئي نہ پر هڪ بي حد منفرد قومي ڪلاڪار هئي.جيڪا ان لاءِ نہ ڳائيندي هئي تہ مٿس نوٽ گهورجن. پر ان لاءِ تہ هن ڏرتيءَ جي غلاميءَ جون زنجيرون ڪڙي ڪڙي ٿي ٽٽڻ شروع ٿين.

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي زندگي جي شروعات هڪ استاد هجڻ سان شروع ڪئي. هن جي استاد هجڻ جون يادگيريون سنڌ جي انهن هزارين نوجوانن ۽ هاڻ پوڙها ٿي ويلن جي ذهنن ۾ موجود هونديون.1962ع وارو دؤر هو جو جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي راڳ جي شروعات حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تان ڪئي. هن راڳ جي مڪمل سکيا جيتوڻيڪ استاد جمن، ماسٽر ابراهيم ۽ ٻين کان ورتي ، پر هن پاڻ بہ خود هڪ استاد جي حيثيت سان ڪيترين ئي عورتن کي راڳ جي راهہ تي آندو.

جيجي زرينہ مختلف راڳڻين ۾ لوڪ گيت ۽ قومي گيتن جا آلاپ چيڑي چڏيا،جنهن جو درد سموري سنڌ محسوس ڪيو. جيجي جهر جهنگ وچي ماڻهن کي پنهنجي خوبصورت آواز ذريعي قومي شعور ڏنو. جتي راڳ جي دنيا ۾ جيجي زرينہ جوهڪ اهم ڪردار آهي، اتي هن جي گهر ياتين سنڌ جي سياسي هلچل ۾ وڏو ڪردار آهي. خاص طرح اختر بلوچ جنهن جي قيد ڀائري اڄ بہ جڏهن ڪو پڙهندو تہ ان ۾

اختر بلوچ جي سياسي پسمنظر جي پڻيان جيجي زرينہ جي تربيت ۽ ان کي ياد ايندي. جنهن هڪ طرف قومي گيت ٻڌي ڳاتا ۽ ٻئي طرف سياسي سجاڳي آڻڻ لاءِ پنهنجي اولاد جي ۽ سياسي تربيت ٻڌي ڪئي، جيجي زرينہ عورت فنڪارائن ۾ واحد ڳائيڪا هئي، جنهن کي تمام گهڻي پذيرائي ملي. ان جو وڏو سبب هن جي ڏرتيءَ سان ڪيل ڪميٽمينٽ هئي. هن جي ڳلي ۾ ڏرتيءَ جي درد جي جهونگار انهن ديس واسين محسوس ڪئي، جن ۽ پنهنجي قومي سياست ذريعي ڏرتي جي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ حيات جا ڏينهن جيلن ۾ گهاريا ۽ انهن کي جيجي جو هي گيت ضرور ياد ايندو. 1967ع ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو گيت:

جيئي سنڌ جيئي سنڌ

جام محبت پيئي سنڌ

جڏهن جيجي گيت ڳايو ۽ ان وقت جيجي هڪ فنڪاره جي روپ ۾ هڪ اڳواڻ هئي جنهن سرن جي تند تپائي هزارين نوجوانن جي ذهن ۾ قومي شعور ۽ سجاڳي جو ولولو پيدا ڪيو.جڏهن ون يونٽ جي تحريڪ هلي ۽ سنڌ جا سياسي اڳواڻ جيل پيڙا ڪيا ويا ۽ جيجي جهر جهنگ وجي قومي سپاهي جي روپ ۾ ڏرتيءَ لاءِ گيت ڳايا. جيجي جي گيتن قومي تحريڪ ۾ هڪ جذبو ۽ ولولو پيدا ڪيو. هن جي محبت جو محور صرف سنڌ هئي، اها سنڌ جنهن جيجي کي پنهنجي ئي حياتي ۾ بي پناهہ محبتون ڏنيون پر جيجي ڏرتيءَ جي خوشحالي وارن گيتن کي جهڪو نہ ڪيو. هن ايتري تائين پنهنجي ڳلي کان لوڪ گيتن جو ڪم ورتو جيستائين هن جي ڳلي هن جو ساڻ ڏنو.

هن کي سڀني سياسي پارٽين جي استيجن تي سنڌ نظر ايندي هئي، جڏهن هن سن جي استيج تي قومي گيت ڳاتا ۽ ڪيس سنڌ غلامي مان آجي ٿيندي نظر آئي ۽ جيجي کي قومي سچائي ۽ رواداري جو سبق ۽ سن مان مليو. جڏهن هڪ صحافي پنهنجي انٽرويوءَ ۾ جيجي کان سوال ڪيو هو ۽ سائين جي ايم سيد کي اوهان ڪيئن تا ڏسو ۽ "جيجي زرينہ ڏڏو ساهہ ڪڍي! ڪلي چيو ۽ بيشڪ پليجو ب، پليجو آهي پر سن جو سيد ب عظيم آهي. جيجي کي ۽ سن جي استيج تي ب سنڌ نظر آئي ۽ اها جديد سنڌ جنهن جي بقا جو وکر سن جي سائين جي ايم سيد ڏنو.

جڏهن هارين جي حقن لاءِ سنڌ جو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي اڻي ڪڙيو ٿيو هو ۽ هن سنڌي ماڻهن جي سجاڳي لاءِ گيت لکيا جن کي جيجي زرينہ ڳايو ۽ سندس ئي

جدوجهد ۾ جڻ ساهه ڦوڪي ڇڏيو ۽ ڪامريڊ ڪي پنهنجي ئي گيتن تي هزارين نوجوانن کي رقص ڪرائي ڏيکاريو. اهو جيجي جي قومي فن جو اعليٰ ڪمال هو.

ايمرآر ڊي واري دور ۾ جڏهن پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن سنڌي ماڻهن مٿان سرِعام گوليون هلايون ۽ حق ۽ سچ جي ٻالهه ڪندڙن جي جسمن تي ڦٽڪا هنيا ويا تہ ان دور ۾ ٻہ هڪ مزاحمتي شاعري ايري جنهن ۾ ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي ۽ ٻين قومي گيت لکي نوجوانن ۾ رياست سان اکيون اکين ۾ ملائي ٻالهائڻ جي سگهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان دور ۾ ٻہ جيجي زرينہ پنهنجو پاڻ نپايو ۽ هن گيت جي گونجار سان سڄي سنڌ ٻري اٿي ۽ نتيجي ۾ ڪيس جيل جون سختيون ٻہ سهڻيون پيون. پر هن پنهنجو پاڻ نپايو ۽ گيتن جي گونجار سان سڄي سنڌ ٻري اٿي ۽ نتيجي ۾ ڪيس جيل جون سختيون ٻہ سهڻيون پيون. پر هن ڪنهن ٻہ سزا آڏو پنهنجي مقصد ۾ لچڪ نہ آندي ۽ ڏينهون ڏينهن پنهنجي منزل طرف اڳتي وڌندي رهي. جڏهن ريڊيو کي سنڌي عورت جي ڪمپيئرنگ جي ضرورت پئي تڏهن ٻہ هن هڪ ڪمپيئر جي صورت ۾ پنهنجي ماڻهن سان مخاطب ٿيندي رهي. هن سنڌي ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪيو. ان کان سواءِ هن عورتن ۾ شعور بيدار ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون. هن پنهنجو وطن دوستي وارو پيغام پنهنجي عوام ڏانهن موڪلڻ جو هڪ انوکو انداز هٿ ڪري ورتو هو. مطلب تہ مٿي ڄاڻايل اِهي سموريون خوبيون هڪ قومي انقلابي عورت ۾ هجن ٿيون. اهڙين ئي خوبين جي مالڪ جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي جي خبر جڏهن جهر جهنگ پهچي ٿي تہ سڄي سنڌ ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وڃي ٿي.

اڄ جڏهن جيجي اسان کان موڪلائي وئي آهي ۽ ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ جڻ اسان انهن گيتن کان سواءِ ڇورا ڇنا ٿي ويا آهيون. اسان جي نوجوانن کي جدوجهد جي راهه ۾ اهو کهڙو ٻگلو هوندو جيڪو گيت ٻڌائي کين اتساهيندو رهندو. هاڻي ان کهڙي ٻگلي جو نانءُ ونون جنهن مان سنڌ جي حقن لاءِ ويڙهه وڙهندڙ ڏرتي جي ممتا جو پيار محسوس ڪندا. سنڌ جي نوجوانن لاءِ اهو ٻگلو ڪٽان آٿيون جيڪو ظالمن جي ظلم کان بچاءَ لاءِ ڏرتيءَ واسين جي دلين کي تپائي جدوجهد جي ان راهه تي آڻي جتان سنڌ کي آڇپي جي شانتي ملي، جنهن ايماز جي گيتن کي ٻہ هڪ نئون رنگ ڏئي ڇڏيو ۽ جڻ ايماز اهي گيت سرجيا ئي جيجي لاءِ هئا.

"ٻگاءِ ٻگاءِ انقلاب ٻگاءِ انقلاب

جيئن زمين آسمان جي ڪُلي پوي زبان"
"بي خبر ناهه پر مرڻ کان پوءِ
توسان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون.
"تون مُون کي ٿي زنجير وجهين
مان تو کي گيت ڏيان ڏرتي"

ان کان سواءِ جيجي ابراهيم منشي جي گيتن کي بہ ائين ئي ڪڏي ڳايو جيئن ڪا باغي عورت جنگ جي ميدان ۾ دشمنن سان ويڙهه وڙهندي هجي.

جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي تو سان جنگ آ،
پليت پير ڪر پري، هي ڏرتي منهنجو ننگ آ.

جيجي زرينہ جي آلاپن سان سنڌ هندورو ٿي ويندي هئي، جنهن تي سموري سنڌ جا اهي خوبصورت منظر فضائن ۾ رقص ڪندا هئا جن تي لطيف، ايياز، استاد، سچل، سامي، نارائڻ ۽ بين گيت لکيا، خاص طور تي جيجي جي ان لوڪ گيت تي سڄي سنڌ هندورو ٿي ويندي هئي.

اسين ماڻهو لاڙ جا، درياءَ جي پاڇاڙ جا،
اترڙو ٿو لڳي، اسين ماڻهو لاڙ جا.
تو سين منهنجو ميڙو، تو سين منهنجو جهيڙو
تو بن منهنجو راڙل، هينڙو نہ لڳي،
اترڙو ٿو لڳي، اسين ماڻهو لاڙ جا.

سندس ئي ڳلي مان نڪتل هڪ بيو گيت:

جيئي لطيف سائين جيئي لطيف،
سنڌ جو لطيف پٽ جو لطيف.

جيجي زرينہ! جيڪا بہ شاعري ڳائي ان جو محور صرف ۽ صرف سنڌ هئي. هن جو سنڌ سان پيار آفاقي پيار هو، جنهن کي سنڌ جي ثورڙن ماڻهن سمجهيو آهي. جيتوڻيڪ جيجي زرينہ! ان سياسي گهراڻي سان وابستہ هوندي بہ، هڪ غير تڪراري سياسي ڪردار رهي، هوءَ سنڌ جي جيجي هئي. سنڌ ۽ جيجي ماڻهن جي دلين ۾ ائين ئي رلي ملي ويا هئا جيئن کير ۽ کنڊ. جنهن جو ذائقو سنڌ جي هر ماڻهوءَ محسوس ڪيو آهي. اڄ جڏهن جيجي جسماني طور تي اسان کان جدا آهي پر هن جا اهي گيت سنڌ جي هر کنڊ ڪڙ ۾ موجود آهن جن کي ڪيترائي نوجوان ڳائي

پنهنجي قومي جدوجهد جو سفر ڪندا رهندا. اسان کان هڪ قومي گائيڪا ۽ جدا ڪي سگهي ٿي پر سنڌ جا اهي سُرفنا ڪي نه ٿا سگهن، جنهن جو درد سنڌ سان پيار ڪندڙ ماڻهن جي ضمير ۾ شامل ڪي ويو آهي. جيجي زرينہ جو آواز زلزلو آهي ۽ زندہ قوم کيس سدائين لاءِ هڪ قومي گائيڪا ۽ هڪ قومي سياسي سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان صدين تائين ياد ڪندي رهندي.

روزانہ تعميرِ سنڌ

27-10-2005

جيجي ۽ ڏرتي جو درد

جيجي زرينہ بلوچ جي سڄي زندگي متحرڪ ۽ تحرڪ ۾ گذري. هوءَ سنڌ جي سڄاڻپ هئي. قومي تحريڪن ۾ هن جي آواز کي سياسي ڪارڪن واري حيثيت حاصل هئي. هن سنڌ جي مزاحمتي شاعر کي ڳايو هو. خاص طور تي ون يونٽ دوران سنڌي پولي سان ناانصافي. لاڳ مارڇن ۾ هن پنهنجي سريلن سرن ۽ آوازن ذريعي قومي ڪارڪنن توڙي قومي اڳواڻن ۽ تحريڪن کي اپاريو. جيجي زرينہ بلوچ جا ڳايل قومي گيت سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن ۾ همیشہ اتساھ،جوش،جذبو ۽ ولولو پيدا ڪندا رهندا. هن جو آواز همیشہ سموري سنڌ کي ساڻ ڪٽي هلندو رهيو ۽ همیشہ جوڌن جا جذبا بلند ڪندو رهيو. جيجي زرينہ بلوچ پهريون پيرو 1967ع ۾ ٿيل "جشن روح رهاڻ" ۾ باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جو مشهور گيت،" جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" ڳايو. تہ سنڌ جي قومي ڪارڪنن، قومي اڳواڻن ۽ سنڌ جي هر ماڻهو ان گيت کي ٻڌي واھ واھ ٿي ڪئي ۽ انهن جي زبان تي ڪلمي وانگر ياد ٿي ويو هوءِ اهو هرهر پيا جهونگارينداهئا،جنهن کان پوءِ زرينہ بلوچ قومي ڪارڪنن جي جيجي ٿي وئي.

جيجي زرينہ بلوچ 1934ع ۾ حيدرآباد جي هڪ ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو آمنہ هو. هن پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ الهداد چنڊ مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ جيجي 1962ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ پير پاتو. اهو ئي دور هو جنهن ۾ آمنہ مان زرينہ بڻجي وئي. آمنہ مان زرينہ بڻجڻ ۾ هن کي وڏي محنت ڪرڻي پئي هئي. ۽ هو باهمت ۽ حوصلو رکندڙ عورت هئي. جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي زندگي ۾ استاد ٿڻ رهي. ان سان گڏ ڏاتار ڪيس آواز جي ڏات سان بہ نوازيو هو. ڪوئل کان وڌيڪ منڇو آواز رکندڙ جيجي سنڌ جي پلوڙ راڳين کان سکيا ورتي هئي. سکيا ڏيندڙ استادن ۾ استاد محمد جمن، ماسٽر محمد ابراهيم سميت ٻيا شامل آهن. جن کيس اهڙو راڳ سيکاريو جو جيجي ڏيهان ڌيهہ مشهور ٿي وئي.

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي سريلي، من موهيندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ آواز ۾ جيڪو ٻه ڪلام ڳايو "ڏند تہ موتي محبوب جا" تہ خاص ڪري وڏي مقبوليت ماڻي ۽ سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري وئي. انهن ڳايل گيتن جي گونجار کان پوءِ 1964ع ۾ جيجي سنڌ جي نالیواري دانشور ۽ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي سان شادي جي بندڻن ۾ بڌجي وئي. جيجي جي سياسي تربيت پليجي خاندان جي گهر مان ٿي ۽ بلندين تي پهتي. ڪيس رسول بخش پليجي انقلاب جي راهہ ڏسي. پليجي جي تربيت هيٺ جيجي افسانا لکڻ شروع ڪيا ۽ اهي اردو ۾ پڻ ترجمو ٿيا. ان دوران هن جي افسانن وانگيان هن جي ڳايل انقلابي ڪلامن جو آواز پڻ جهر جهنگ تائين پهتو. ڪجهہ سال اڳ سندس ڪهاڻين جو هڪ مجموعو پڻ ڇپيو. جنهن جو عنوان هو"تنهنجي ڳولا تنهنجيون ڳالهيون".

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي ڪيترن ئي ڪلاسيڪل ۽ انقلابي شاعرن جي شاعري کي وڏي جوش، ولولي سان ڳايو. شيخ اياز، محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، امداد حسيني، تنوير عباسي ۽ استاد بخاري سميت ڪيترن ئي مشهور شاعرن جي شاعري کي هن ڳايو آهي.

جيجيءَ شاعرن جي سرموڙ شاعر، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي ٻہ ڏاڍي دلڪش انداز ۾ ڳايو هو. سنڌ ۾ لوڪ گيتن جي حوالي سان جيڪڏهن ڪو نالو ڳڻائي سگهجي ٿو تہ اهو ٻہ جيجي زرينہ جو ئي آهي. اها ٻہ هڪ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن جيجي جي ڳايل لوڪ گيتن، واين ۽ قومي گيتن کي لوڪ موسيقي مان ڪڍي ڇڏجي تہ سڄي سنڌ ڇڻ تہ وانجهجي ويندي. جيجي زرينہ سنڌي موسيقي جو امر نالو هو. جنهن جي عظمت تي سنڌ سدائين ناز ڪندي.

جيجي زرينہ بلوچ کي پنهنجي حياتي ۾ سوين ايوارڊ مليا. جن ۾ شاهہ لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ قلندر لال شهباز ايوارڊ شامل آهن. جيجي زرينہ بلوچ سنڌجي اها مهان فنڪاره هئي جنهن کي پاڪستان جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو سول اعزاز" پرائيڊ آف پرفارمنس" پڻ مليو. ان کان سواءِ ٻہ ڪيترائي ايوارڊ هن حاصل ڪيا. جيجي زرينہ بلوچ ريڊيو حيدرآباد تي آڊيشن ڏيڻ کان پهرين دادي ليلان جي شاگردي ۽هيٺ تياري ڪري پرائمري استاد طور مقرر ٿي. ادبي سفر جي شروعات ۾ هن پهريون افسانو حميد سنڌي جي ادارت هيٺ نڪرندڙ رسالي روح رهاڻ ۾ شايع ڪرايو. جنهن جو

عنوان "جيجي" هو. جنهن بعد قومي ڪارڪنن ۽ سندس مداحن ڪيس ۾ جيجي جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو. جيجي زرينہ بلوچ سنڌي ۾ ايم. اي ڪئي. جڏهن ته جيجي ڀائڻ سان گڏوگڏ ٽي وي تي اداڪاري ۾ ڪئي ۽ ريڊيو تي صداڪاري ۾ ڪئي، جيجي سون جي تعداد ۾ ڊراما ڪري مقبوليت ماڻي. ان کان علاوه هن ڪيترائي سال ريڊيو حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ پروگرام صبح مهراڻ جي ڪمپيئرنگ پڻ ڪئي، جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي پهرين فنڪاره هئي جنهن لوڪ موسيقي ۽ لوڪ گيتن جو بنياد وڌو. سندس نالي کان سواءِ سنڌ جي لوڪ گيت جو تصور ۾ نٿو ڪري سگهجي. سڄي دنيا ۾ هن جي ڳايل ۽ مڃتا ماٽيندڙ لوڪ گيت"مور ٿو ٽلي راڻا" جي ڏن کي مختلف ملڪن ۾ ڪاپي ڪيو ويو. اهو گيت رسول بخش پليجي جي امڙ يعني سندس سس اڪثر گهر ۾ جهونگاريندي رهندي هئي. جنهن وٽان سکي جيجي زرينہ بلوچ پهريون پيرو ريڊيو تي رڪارڊ ڪرايو. جيجي زرينہ بلوچ نہ رڳو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ فن جو مظاهرو ڪري مڃتا ماڻي، پر پاڻ پارٽ ۾ ۽ سنڌ کان ويڙيل سنڌين کي پنهنجي سندر ۽ منڊي آواز سان مندي ڇڏيو. جڏهن ته جيجي آمريڪا، جرمن، فرانس، لنڊن ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ فن جو مظاهرو ڪيو. جيجي زرينہ بلوچ جتي فنڪاره طور پوري دنيا ۾ مڃتا ماڻي. اتي هن اداڪاره طور ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا. جڏهن ته جيجي جا اهي ڊراما اڄ ۾ ماڻهن کي ياد آهن، علي بابا جي لکيل ڊرامي "دنگي منجهه درياهه" ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن کي جرمني جي ڊراما فيسٽيول ۾ خصوصي ايوارڊ مليو، جيجي زرينہ کي ۾ پٽ ايياز لطيف پليجو ۽ اسلم پرويز ۽ هڪ نياڻي اختر بلوچ آهن.

روزانہ تعميرِ سنڌ

26-10-2005

سڃيءَ سنڌ جي جيجي

پنهنجي ڪهاڻي "جيجي" جي پويان سموري سنڌ جي جيجي سڏجندڙ سنڌ جي نامياري لوڪ فنڪاره ۽ سنڌ جي نامياري سياستدان رسول بخش پليجيجي گهر واريءَ ۽ نوجوان وڪيل اياز لطيف پليجي جي امڙ ڈيڊ مهيني کان وڌيڪ عرصي تائين ڪراچي جي نيشنل اسپتال ۾ موت سان جنگ جوٽڻ کان پوءِ موت آڏو جنگ هارائي ويئي. جيجي زرينہ بلوچ جيڪا هونئن ظاهري طور تہ سنڌ جي اهڙي سياسي گهراڻي سان تعلق رکندڙ هئي. جنهن متعلق اهو مشهور هو تہ اهو گهر قومپرست گهراڻو هئڻ سان گڏوگڏ وڪالت جي شعبي، ادب، علم، شاعري سان گهرو تعلق رکي ٿو ۽ ساڳئي وقت انهي گهر جي وڏي فرد هئڻ جي ناتي رسول بخش پليجو هڪ سياسي جماعت عوامي تحريڪ ۽ سنڌي اتحاد جي سرواڻي ڪري ٿو ،پر جڏهن انهي گهر ۾ جيجي زرينہ جو ذڪر ٿيو ٿو تہ جيجي زرينہ متعلق سڃي سنڌ پاڪستان توڙي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن وٽ اها سوچ موجود هئي تہ جيجي انهي گهراڻي سان تعلق ضرور رکندي هئي پر سندس سياست هڪ فرد،هڪ پارٽي کان مٿانهين هئي ۽ هن جي لاءِ سياست صرف ۽ صرف سنڌ هئي.اهو ئي سبب هو تہ جيجي سنڌ نالو کڻڻ کان اڳ ۾ هر هنڌ، جيئي سنڌ جو نعرو فخر سان هڻندي هئي.جيجي زرينہ بلوچ جنهن نہ صرف جيل جون سختيون پوڳيون بلڪ سنڌ لاءِ ڪيترن ئي تڪليفن،مشڪلاتن کي منهن ڏيندي پاڻ ملهايو.جيجي زرينہ بلوچ جنهن جو جيجي نالو ڪيئن پيو ان متعلق هونئن تہ ڪوڙ سارا رايا ٿي سگهن ٿا پر جيجي جي تدفين وارن رسمن تي موجود سنڌي لوڪ گيتن کي نئين جديد انداز ۾ پيش ڪندڙ محمد قاسم ماکا جي دعويٰ آهي تہ جيجي کي جيجي جي نالي سان متعارف ڪرائڻ جي ابتدا هن ڪئي هئي.جيجي زرينہ بلوچ جيڪا هونئن تہ ظاهري طور شايد سندس مٽن مائٽن جي فردن لاءِ رشتي جي ناتي ۾ جيجي طور سڏبي هوندي پر حقيقت اها آهي تہ جيجي پنهنجي خاندان جي انهن فردن جي ئي نہ پر سڃي سنڌ جي نوجوانن جي جيجي

هئي. وفا رضا چانديي سميت اسان ڪيترائي ساڻي جن جو تعلق جيئي سنڌ لڏي سان رهيو آهي، تن جو چوڻ آهي ته جيجي زرينہ بلوچ جيتوڻيڪ هڪ اهڙي گهراڻي سان تعلق رکي ٿي جيڪو گهراڻو قومپرست سياست ۾ يقين رکي ٿو ۽ ان لاءِ جدوجهد پڻ ڪري ٿو پر حقيقت ۾ اهو گهراڻو جيئي سنڌ جي ڪجهہ ڏڻن جي سرگرمين ۽ پاليسين تي ڪجهہ اعتراض وارينديِ مخالف ضرور رهيو آهي پر جيجي زرينہ انهن سڀني اعتراضن جي باوجود جيئي سنڌ جي ڪيترن ئي ڏڻن طرفان ٿيندڙ پروگرامن کي سنڌ جو پروگرام سمجهي هڪ سنڌ ڄائي هڻڻ ناتي پنهنجو پروگرام سمجهي شريڪ ٿيندي هئي ۽ انهن جيئي سنڌ جي پروگرامن ۾ جيجيءَ جي ڳائڻ وقت جيئن، جيئي سنڌ جا ڪارڪن نعرا هڻندا هئا ائين ئي جيجي زرينہ بلوچ سندن نعرن جو وڏي همت، حوصلي ۽ بهادري سان جواب ڏيندي هئي. اهو ئي سبب آهي ته جيجي جي تدفين وارين رسمن ۾ ابتدائي طور جيڪي شخصيتون تڏي تي پهتيون انهن شخصيتن ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جو چيئرمين بشير قريشي پڻ شامل هو ۽ بشير قريشي ايترو ئي ڏکايل نظر اچي رهيو هو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو ته بشير قريشي ۽ جيجي جي وچوڙي تي ايتري صدمي ۾ هو جڏ سندس سڳي امڙ لاڏاڻو ڪري وئي هجي.

جيجي زرينہ بلوچ جيڪا نہ صرف اياز لطيف پليجي پر سنڌ جي هر نوجوان کي پنهنجن سڳن پٽن وانگر پائيندي هئي. تنهن سان هونئن ته ملاقاتون الاهي گهٽ هيون پر پاڙيسري هڻڻ جي ناتي ۽ صحافتي حوالي سان انٽرويوءَ ڀهاني هڪ ٻ پيرا جڏهن ٻ ساڻس ملاقات ٿي، تڏهن محسوس ٿيو ته واقعي ئي، جيجي ايازِ لطيف پليجي جيان سنڌ جي هر نوجوان کي پنهنجو پٽ سمجهي انهن کي نيڪ صلاحون ڏيندي رهي ٿي. جيجي زرينہ بلوچ جيڪا ڪنهن بڪ هڙتالي ڪئمپ تي هجي، ڪنهن اسٽيج تي هجي يا ڪنهن جلسي ۾ هجي اتي ساڻس گڏ هلندڙ هر نوجوان اهو چاهي ان جو تعلق ڪهڙي ٻ جماعت سان ڇو نہ هجي، ان کي هو منهنجا ٻچڙا ۽ سنڌ جا ٻچڙا، سنڌ جي پارت هجي جهڙا جملا چئي جڏهن مخاطب ٿيندي هئي تڏهن هو انهن نوجوانن جون دليون خريد ڪري ونندي هئي ۽ جيجي جو سنڌ جي نوجوانن ڏانهن اهڙو پنهنجائپ وارو رويو سندس تڏي تي ان وقت شريڪ نوجوانن جي انداز کي ڏسي شاهدي ڏئي رهيو هو ته واقعي جيجي زرينہ بلوچ صرف ايازِ لطيف پليجي کي نہ پر سنڌ جي هر نوجوان کي چورو ڇنو ڪري هلي وئي آهي. زندگيءَ جي

سمورن شعبن سان تعلق رکندڙ نوجوانن کان ويندي هر سياسي، قومپرست ۽ مذهبي جماعت پوءِ چاهي اها جماعت جيجي جي سياسي گهراٽي جي مخالف جماعت سان ئي ڇو نہ تعلق رکندي هجي. جيجي جي تڏي تي ائين شرکت ڪئي، جيئن هو جڏ ڪنهن پنهنجي فرد جي تڏي تي شريک ٿي ڏکويل خاندان جي فردن جيان مغموم نظر اچي رهي هئي.

جيجي زرينہ بلوچ جيڪا گذريل ڏيڍ مهيني کان وڌيڪ عرصي تائين ڪراچي جي نيشنل اسپتال ۾ زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش مان گذرندي موت سان سڌي جنگ جوٽيو ويٺي هئي سا سڄڻ جي اهڙي لوڪ فنڪاره هئي. جنهن پنهنجي راڳ ذريعي نہ صرف سڄڻ ۾ شعور ۽ جاڳرتا پيدا ڪئي بلڪ سڄڻ جي هڪ وڏي خدمت ڪئي ان ناتي توڙي جو سڄڻ جي ثقافت ڪاتي بلڪ ائين ڪٿي ڇڪجي تہ مجموعي طور سڄڻ حڪومت ۽ وفاقي وزارت جي اها ذميواري ٿئي ٿي تہ هو جيجي زرينہ بلوچ کي سڄڻ جو هڪ سرمايو سمجهندي ان جو ڏيهہ تہ ڇا پر پرڏيهہ مان علاج ڪرائڻ جا انتظام ڪن ها. توڙي جو جيجي جي خاندان کي انهي سرڪاري مدد يا پرگهور جي ڪا پرواهہ نہ هئي پر انسانيت جي بنياد تي ۽ جيجي جي ڪيل خدمتن جي عيوض حڪومت جي ان حوالي سان ڪجهہ ذميواري ضرور هئي پر افسوس تہ جيجي جي ڏيڍ مهيني جي اسپتال واري سفر دوران وفاقي توڙي صوبائي حڪومت جي ڪنهن بہ ذميوار فرد جيجي جي خاندان کان اهو نہ پڇيو تہ هن سلسلي ۾ حڪومت کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

جيجي زرينہ بلوچ جيڪا ڏيڍ مهيني تائين لاڳيتو اسپتال ۾ بيماري کي منهن ڏئي رهي هئي، تنهن کي آخري ڏينهن تہ مصنوعي طريقي سان ساهہ کڻايو پئي ويو. پر سندس اها سگهہ بہ اهڙي ڏينهن تي ختم ٿي وئي جنهن ڏينهن لاءِ سمورا مسلمان روزي رکڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا. هونئن تہ ڪيترن ئي ڏينهن کي دنيا جا مسلمان مختلف طريقن سان پلارا ڏينهن سڏيندا رهيا آهن پر انهن ڏينهن مان 21 رمضان المبارڪ بہ مسلمانن لاءِ هڪ پلارو ڏينهن ليکيو وڃي ٿو ۽ انهي پلاري ڏينهن تي جيجي زرينہ بلوچ جو مڙهہ مٽي ماءُ حوالي ٿيڻ کي پڻ جيجي جي تڏي تي موجود مختلف ماڻهن ڇيو پئي تہ جيجي زرينہ بلوچ خوشنصيب ۽ پاڪن واري عورت هئي جنهن جو لاڏاڻو ۽ تدفين انهي پلاري رات يعني 21 رمضان المبارڪ تي ٿي آهي.

جيجي زرينہ بلوچ جنهن سنڌ جي لوڪ راڳ ذريعي سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي مسئلن، ڪالا باغ ڊيم، پاڻي جي ڪوٽ، اين ايف سي ايوارڊ سميت ڪيترن ئي منسئلن تي احتجاجي مظاهرن، احتجاجي ريلين، جلسن جلوسن، بک هڙتالن ۾ شريڪ هئڻ سان گڏوگڏ انهن ريلين، جلسن جلوسن ۾ قومي گيت ڳائيندي سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪيترين ئي يادگيرين ڇڏيون آهن. جن کي سنڌ جو ايندڙ نسل صدين تائين ياد رکندو. بهرحال سنڌ جو هر ماڻهو اها ڳالهہ شدت سان محسوس ڪري ٿو تہ سنڌ کي ڪيترين ئي جيجي زرينہ بلوچ جهڙين بهادر،مخلص ۽ همت پرين عورتن جي ضرورت آهي.

جيجي زرينہ بلوچ جيڪا بيماري ڪري ڊاڪٽرن طرفان نہ ڳالهائڻ جي پابندي لڳائڻ باوجود بيماري جي بستري تي سندس عيادت لاءِ ايندڙ پنهنجي خاندان جي ڪنهن فرد يا سنڌ جي ڪنهن جوان کي ڏسندي ئي، نہ فقط خوشي جو اظهار ڪندي هئي بلڪ انهن کي پار جيان سنڌ جا قومي گيت جهونگارڻ واري انداز ۾ ٻڌائي پنهنجن يادن کي تازو ڪندي رهي ۽ انهن نوجوانن کي نہ صرف راڳ ذريعي بلڪ زباني جملن ذريعي سنڌ لاءِ هر وقت اهو پيغام ڏيندي رهي تہ ٻچڙا سنڌ جي پارت هجيوَ ۽ جيترو بہ تي سگهي، سنڌ جي خدمت ڪندا رهجو. جيجي جا اهي جملا سنڌ جي هر نوجوانن تي وڏو اثر ڇڏي ويا آهن. هاڻي اهو جيجي سان آخري گهڙين ۾ گڏ رهندڙ ۽ ملاقات ڪندڙ انهن نوجوانن تي لازم آهي تہ جيجي ويندي ويندي کين سنڌ جي جيڪا پارت ڪري وئي آهي اهي نوجوان جيجي جي انهي پيغام کي سنڌ جي هر نوجوان تائين پهچائين ۽ سنڌ جي خدمت ڪن.

روزانہ "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

●

زرينہ: جشنِ روح رهاڻ ۾ بزمِ صوفياءِ سنڌ

سياسي دانشورن جي سياسي ادب ۽ ترقي پسند اديبن جي تخليقي ادب جو سنڌ جي ذهن ۾، ٿوري عرصي ۾ انقلاب، سجاڳي ۽ ساڃهه آندي، تنهن جو مثال دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. ان ساري عمل ۾ "روح رهاڻ" جو ڪردار نيارو، نمايان ۽ نه مٽجندڙ آهي. ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي پرپور اظهار جو وسيلو رڳو "روح رهاڻ" ئي وڃي بچيو هيو. مارشل لا سبب انساني بنيادي حق (جنهن ۾ تقرير ۽ تحرير جي آزادي به آهي) معطل ڪيا ويا هيا... بدنام پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس سبب پريس پر ڪٽيل پکي ٽي پئي هئي، ان ڪري "مهراڻ" ٽه ماهي، "نئين زندگي" ۽ ترقي پسندن جون حمايتي روزانيون اخبارون پوءِ، احتياط ۽ پابندين هيٺ اچي ويون. "ادا" ۽ "تقاضا" نڪرڻ بند ٿي چڪا هيا. اُن گهُٽ واري ماحول ۾ هڪ سر ڦرئي نوجوان چئن ٻارن سان گڏجي حيدرآباد ۾ زندگي پبليڪيشن جو بنياد رکيو ۽ ان جي سهاري هيٺ ماهوار ادبي رسالي "روح رهاڻ" جو 1960ع ۾ اجراءُ ڪيو. اهو سر ڦريو، جوشيلو جوان هيو حميد سنڌي، اڄ جي سنڌيءَ جو مشهور ۽ نامور ڪهاڻيڪار ۽ سندس ساٿ ڏيڻ وارا هيا غياث جوٽيجو، جمال رند، ناصر مورائي، قاضي اشفاق ۽ خواجه سليم، جن ڏکيا سکيا ڏينهن ڪٽي، پيٽ تي پٽيون ٻڌي، هن ترقي پسند ادبي رسالي کي مثالي انداز ۽ نموني هلايو. سندن اخلاقي ۽ ڪي قدر مالي معاون هئي مرحوم بيگم زينت، عبدالله چنا. ستت ئي هيءُ رسالو سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست اديبن جو اڪيلو ۽ بي باڪ ترجمان ٿي پيو. رسالو نه رڳو سنڌي ادب ۾ نمايان ۽ اهم موڙ جي علامت ٿي پيو، پر پنهنجي جاءِ تي هڪ ادارو ۽ تحريڪ ٿي پيو. ترقي پسند تحريڪ ۽ روح رهاڻ هڪ شيءِ جا ٻه نالا هيا. هي رسالو اپريل مهيني ۾ شروع ٿيو.جلد ئي هر سال ان مهيني (اپريل) ۾ حيدرآباد ۾ رسالي جو سالياڻو "جشنِ روح رهاڻ" ملهائجڻ لڳو. هي جشن سنڌ ۾ قومي ميلي جي حيثيت وٺي ويو. سڄي سنڌ جا ترقي پسند ۽ وطن دوست انقلابي اديب، شاعر ۽ دانشور حيدرآباد اچي ميڙ ڪندا هيا. شاگرد ۽ وچولو طبقو ٻارين

پچين جشن ۾ ائين اچي شريڪ ٿيندو هيو. جڏ تہ ڪو الاهي فرض بجا آڻيندا هجن. صبح جو 9 بجي شروع ٿيندڙ هي جشن. سواءِ منجهند جي ماني. شام جو چانهہ ۽ رات جي مانيءَ جي وقفي (جن جو بہ پنڌال يا ميڙي جي جڳهہ تي بندوبست هوندو هيو) صبح جو باک ڦٽيءَ تائين هلندو هيو. مقالن، تقريرن، ڪهاڻي جي نشستن کانسواءِ، هن جشن جا دلچسپ ۽ روح پرور ۽ ايمان پختو ڪندڙ پروگرام هوندا هيا. مشاعرو ۽ راڳ رنگ جي محفل. شاعري ترقي پسند لاڙن، وطن دوست انقلابي هلچل ۽ قوم پرستيءَ جي خيالن ۽ جذبن سان ايترو تہ سرشار هوندي هئي جو مشاعري جو هال ۽ پوءِ حيدرآباد شهر ۽ ساري سنڌ ۾ ان جي گونج ٻڌبي هئي. انهن مشاعرن ۽ جشن ۾ "جيئي سنڌ" ۽ "سنڌ جو آواز- شيخ اياز" جا نعرا اڇا ۽ پکڙيا. راڳ ۾راڪٽر، نوي سيکڙو جديد شاعرن جو قومي جدوجهد جي موضوع وارو شعر ڳايو ويندو هيو. انهن جي ڏُنن تيار ڪرڻ ۾ حيدرآباد جي ميوزيڪل ڪلب جي ماهرن عباسي برادران (نصرالله ۽ عنايت الله) جون خدمتون ۽ ڪاوشون نہ وساريڙ جوڳيون آهن. قومي ڪلام جي ڳائڻ ۾ مادام زرينہ بلوچ جنهن جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪندي هئي، تنهن کيس اُن وقت سنڌ جو اُمرِ ڪلثوم جو لقب ڏئي ڇڏيو هيو.جديد ۽ قومي شاعريءَ جي ڳائڻ جي شروعات بہ ان جشنِ روح رهاڻ کان ئي ٿي. فقير عبدالغفور ۽ الڻ فقير بہ قومي جديد شاعري ڳائڻ ۾ حصو ورتو. ان روح رهاڻ ۽ سندس ساليانن جشنن ئي سنڌ جي قومي سگهہ شاگرد ۽ پڑهيل ڳڑهيل وڃولي طبقي کي تعليم ۽ تربيت ڏئي قوم پرست وطن دوست انقلابي تنظيم لاءِ همٿايو ۽ اتاري هڪ تحريڪ ۽ هلچل ٻڌائي ڇڏيو. شاگردن کانسواءِ شاگردياڻيون بہ پٺتي نہ هيون. ان اوائلي دور ۾ اختر بلوچ، رياض ميمڻ، سحر بلوچ، (هاڻي سحر امداد) رياض ميمڻ ۽ نسيم ٽيبو ڪافي سرگرم هيون. عورتن ۾ بيگم زينت چنا سجاڳ عورتن جي قافلي جي سرواڻ هئي. زرينہ بلوچ، قمر تنوير عباسي، عملي طرح هلچل ۾ سرگرم حصيدار رهيون. ڪافي عورتن ۾ سجاڳي ۽ بيداري آڻي. انهن کي باعمل ۽ فعال ٻڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيون.

حڪومت سنڌ ۾ جاڳرتا ۽ سجاڳيءَ جي وڏندڙ سيلاب کان خائف ٿي وئي. سياسي گڏجاڻين تي تہ هونءَ ئي سنڌ ۾ بندش هئي، هينئر ضلعي اختيارين کي هدايتون آيون تہ سماجي، ادبي ۽ ثقافتي ميڙن جي موڪل بہ نہ ڏني وجي. جهوني سياستدان ۽ نيون حڪمت عمليون متعين ڪندڙ سياسي دانشور سائين جي ايم سيد هڪ نئين تنظيم بزم صوفيائيءَ سنڌ جو بنياد وڌو. هيءَ مختلف مڪتبہ خيال (سياسي) رکندڙ قوم پرست اديبن، شاعرن ۽ دانشورن، جو اتحاد هيو. جنهن جو صدر

جي ايم سيد ۽ سيڪريٽري رسول بخش پليجو هيو. هن تنظيم جو مقصد ۽ متو ته هيو سنڌ جي صوفين جي درگاهن تي ورسين وغيره تي ميڙاڪا ڪرڻ. پر اهڙن ميڙن ۽ ميلن تي (جي منهنجي خيال ۾ ڇهه ڪن ٿيا) جن کي بزمِ صوفائي سنڌ ڪانفرنس سڏبو هيو. اديبن ۽ سياسي مفڪرن اهو ڪجهه ڪيو جو سياسي پليٽ فارم تان بين ادبي ثقافتي ميڙن ۾ ڪيو ويندو هيو. اها ئي ون يونٽ خلاف گونج. سنڌي زبان لاءِ صدا ۽ سنڌي قوميت جو نعرو انهن ڪانفرنسن ۾ ٻڌبو هيو. سنڌ جي ذهن کي سجاڳ ڪرڻ ۾ سنڌي اديبن جي ڪاوش. سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي. جشنِ روح رهاڻ. هوشوءَ جي ورسين. لطيف ڏينهن ۽ سنڌي شامن جو حصو يا ڪردار ادا ڪيو. اوترو ئي بزمِ صوفيا جي ڪانفرنسن ۾ ڪيو. هن ڪانفرنسن جي خوبي اها هئي جو نئين سنڌ جو سنيهو ۽ سوچ ننڍن وڏن شهرن کان ٻاهرين ڳوٺن تائين ۾ پهتي. قوميت ۽ قوم پرستيءجي مسئلي ايتري اهميت ورتي هئي جو مختلف خيالن جا انتها پسند ۽ ان سوال تي بزمِ صوفيا ۾ اچي ڪٺا ٿيا. انهن ڪانفرنسن ۾ خاص ڳالهه اها ۽ ٿي جو نون شاعرن جو قومي ڪلام ڳائڻ رستي. جهنگ جهر تائين وڃي پهتو. اجتماعن ۾ نياز همايونيءَ جو پنهنجو ڪلام ترنم سان پڙهڻ. ۽ زرينه بلوچ جو اياز کي ڳائڻ. خاص فيچر هوندا هيا. سڃي رات گذري ويندي هئي. باک ڦٽندي هئي. پر مجال جو ماڻهن جي فرمائش پوري ٿئي. ايازجي ته اها حالت هوندي هئي جو. ٻيهي پڙهي پڙهي شعر ٻڌائي ٽڪبو هيو ته ۽ جان نه ڇڏندي هيس. ڪرسيءَ تي ويهاري ۽ ڪائنس سڃي سڃي رات شعر ٻڌو ويندو هيو. جن انهن جشنن ۾ شرڪت ڪئي هوندي. تن کي خبر هوندي ته ڪيئن رات ڪٽندي ويرم ئي ڪانه ڪندي هئي. هر ڪو ڇڻ ڪرسيءَ سان جڪڙجي ويندو هيو. ميڙي ختم ٿيڻ جو اعلان ٿيندو هو ته چرڪ پري اٿي. نراس. اداس ۽ اجايو ئي پنڊال ڇڏيندو هيو. ان جذبي ۽ ساڃهه ئي ون يونٽ جهڙي لعنت کان سنڌ جي جان ڇڏائي.

(مهاڳ: خط: انٽرويو ۽ تصويرون 1987ع)

صفحه 67-68

92-93

●

جيجيءَ جي جدوجهد

ملڪ جي عظيم ۽ نالیواري فنڪاره، ليکڪا، انقلابي شاعره ۽ استادياڻي جيجي زرينہ بلوچ ڪافي ڏينهن کان زندگي ۽ موت جي ۾ واڙي تي ويٺل آهي. اها زرينہ بلوچ جنهن ڪڏهن ملڪ اندر ايوبي آمريت، ون يونٽ ۽ ضيائي مارشل لا سان پنهنجن ڪلامن، ڪهاڻين ۽ شاعري ذريعي ويڑهاند ڪندي رهي، سا اڄ موت سان مهاڏو اٽڪائي رهي آهي.عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، پيپلز پارٽي ۽ عوامي نيشنل پارٽي ذريعي جدوجهد ڪندڙ آمريت کي پهنجن گيتن سان للڪاريندڙ ، عملي جدوجهد ذريعي مهاڏو اٽڪائيندڙ ۽ سنڌ جي عظيم لوڪ ورثي ۽ ثقافت کي پنهنجي آواز ذريعي دنيا تائين پهچائيندڙ هيءَ فنڪاره آخري وقت تائين قوم جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي رهي. ان بزرگي واري عمر ۾ ۽ ان عظيم شخصيت کالاباغ ڊيم، تل ڪٽنال ۽ ٻين عوام دشمن منصوبن خلاف ڪيترن ئي ميلن تائين پنڌ مارچ ڪيو ۽ احتجاج ڪيو. پنهنجي سڄي چمار ڪڏهن ڪراچي ۾ تل ڪٽنال خلاف نڪتل ريلي ۾ ڪارڪنن جي اڳيان ڳائيندي نظر آئي، ته ڪڏهن عاصمہ جهانگير ۽ جام ساقي جي گرفتاريءَ جي احتجاجي ڊرٽن ۾ شامل رهي ته وري ذوالفقار علي ڀٽي جي لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان ڏنل سزا خلاف سنڌ ۾ عورتن جي مظاهرن ۾ ۽ شامل رهي. انهن سموري مامرن ۾ هوءَ غير تڪراري شخصيت طور شامل رهي.

زرينہ بلوچ ملڪ جي انتهائي نالیواري، لبرل سياستدان، دانشور ۽ اديب رسول بخش پليجي جي گهر واريءَ ۽ منهنجي ناني ۽ نالیواري وڪيل ايار لطيف پليجو جي والده آهي، جنهن کي سڄي سنڌ جا ماڻهو سندس پنهنجي ڪردار، جدوجهد ۽ حوصلي سبب انتهائي احترام ۽ پيار مان جيجي (ماءُ) چوندا آهن. هوءَ پنهنجي ذات ۾ پاڻ هڪ وڏو تعارف آهي. ملڪ اندر جڏهن مظلوم قومن کي ون يونٽ ذريعي غلام بنائڻ جي سازش ڪئي وئي ته جيجي سنڌ جي وڏي شاعر شيخ ايار سميت ٻين عوامي انقلابي شاعرن جي شاعري کي پيغام بنائي پنهنجي مدر ۽ پرجوش آواز ۾ سمائي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ، گهٽين ۽ بهراڙين ۾ پهچايو. ان کان علاوه ضيائي مارشل لا خلاف ۽

جيجي پنهنجن فنڪارائين صلاحيتن ۽ آواز کي مارشل لا ۽ ان جي ظلمن خلاف استعمال ڪيو. ضيائيٰ آمريت ۾ ٻه سال قيد ٻ ڪاٽيو. جيجي زرينہ انهيءَ دور ۾ مارشل لا عملدارن طرفان رائيٽر فورم ۽ ٽي وي ايوارڊ جيڪو ڪيس ضياءَ الحق هٽان ملٹو هو. سو ٻ ونڊ ڪان جواب ڏيئي ڇڏيو.

جيجي زرينہ جا ڳايل سنڌي، بلوچي قومي گيت ايس ايس ٽي، سپاف، جساف، بي ايس او ۽ جمهوريت لاءِ جاکوڙيندڙ ڪارڪنن ۽ سنڌ جي عوام لاءِ اتساهہ جو ڪارڊ ٻڌيا ۽ اهي قومي گيت انهن ڪارڪنن اندر هڪ نئون جوش ۽ ولولو پري ڇڏيندا هئا. سندس ڪجهہ ڳايل قومي گيتن کي ٽ ترانن جي حيثيت حاصل آهي. هُن فاضل راهو، نذير عباسي، مرتضيٰ پٽي، لالا اسد ۽ احسان ميمڻ جي شهادتن تي انقلابي گيت ڳائي کين زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو.

عوامي نيشنل پارٽي، عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت ۽ سگا جي ٻ باني ڪارڪن رهي آهي. هن وقت تائين ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ٻ ڪري چڪي آهي ۽ اتي جي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي پروگرامن ۾ حصو ٻ ورتو اٿئين.

محترمہ بينظير پٽو کان وٺي سائين جي ايم سيد ۽ ابراهيم جويي کان وٺي انور مقصود، نور الهدیٰ شاهہ، معين اختر، شفيع محمد شاهہ، نصير مرزا، قيصر نظاماڻي تائين سڀ ڪيس "جيجي" چئي ڪري، ان جي ڪردار ۽ تقدس جو احترام ڪندا رهيا آهن.

جيجي زرينہ بلوچ کي صدارتي تمغہءِ حسنِ ڪارڪردگي تڏهوڪي صدر فاروق لغاري ۽ وزيراعظر محترمہ بينظير پٽو هٽان مليو. ان کان علاوہ ڪيس شهباز، سچل، لطيف ۽ وحيد مراد ايوارڊ ملي چڪا آهن. ان کان سواءِ انگلينڊ، آمريڪا، هندستان ۽ دبئي ۾ پڻ ڪيس ايوارڊ ملي چڪا آهن. ۽ سندس تاجپوشي پڻ ڪئي وئي آهي.

جيجي زرينہ سوين ٽي وي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي، جن ۾ نور الهدیٰ شاهہ جي "جنگل" فاطمہ ثريا بجيا جي "انا" ۽ عبدالقادر جوٽيجو جي "ڪاروان" ۽ "ديوارين" شامل آهن، جن ۾ هن جي پرفارمنس نهايت يادگار رهي آهي.

روزاني هلچل

26-9-2005

●

سنڌ جي اُمِ ڪلثوم

هن ڪي مون پهريون پيرو حيدرآباد جي ڏيئلداس ڪلب ۾ ٿيندڙ فلسطينين جي ڏينهن تي محمود درويش جو نظر ڳائيندي ڏٺو. جنهن تي فلسطيني چوڪرا، چوڪريون ۽ ڪجهه پارڙا ۽ پارڙيون هڪ ٻئي جي فلسطيني نقشي وارا رومال رکيل ڪلهن ۾ ٻانهون وجهيو. هن جي چوڌاري هڪ دائري ۾ نچي رهيا هئا ۽ هنن زرينہ بلوچ کي "سنڌ جي اُمِ ڪلثوم" سڏيو هو.اهي پاڪستان ۾ ضياءُ الحق جا ڏينهن هئا. ۽ آئون اتي پنهنجي دوست ۽ سنڌ جي هڪ "سهڻي" آغا سعيد سان گڏ ويو هوس. جيڪو هاڻي صوفي ٿي چڪو آهي. ٻيو نظر جيڪو هن اتي ڳايو هو. سو هو فيض احمد فيض جو" هم جو تاريڪ راهون مين ماري گئي" هڪ پيرو هو بلوچ قوم پرستن جي ميڙ ۾ گل خان نصير جو مشهور نظر "ماڇڪ بلوچاني" ڳائي رهي هئي ۽ بروچاٽا ٻار ان جي موت "دوچاپي" (دائري ۾ بلوچي رقص جنهن ۾ بن بن تاڙين جي تال تي نچبو آهي) ۽ "آزاد ڪنان آزاد ڪنان" جي نعرن سان ڏيئي رهياهئا.

آخري پيرو! مون هن ڪي شيخ اياز جي لاڏاڻي واري ڏينهن ڏٺو. جڏهن هوءَ ويهين ۽ هيل تائين هن اڇوڪي صدي جي سڀ کان وڏي سنڌي شاعر جي تعزيتي ميڙ ۾ هن جا الوداعي گيت ڳائي رهي هئي، جن جو آخري شعر هو" اي سنڌ تو ڪي الوداع، اي هند تو ڪي الوداع" اڄ جڏهن هوءَ ڪراچي جي لياقت نيشنل ميموريل اسپتال جي، آءِ سي يو ۾ داخل آهي تہ مون ڪي پڪ آهي تہ سموري سنڌ پنهجي ٻڌندڙ نبض سان ساهہ روڪيو هن لاءِ خير جي خبر ٻڌڻ لاءِ آتي هوندي. هي اهي گهڙيون هوندیون آهن جڏهن مون جهڙا بي يقين ماڻهو بہ مقدس ڪتابن جي پڙهڻي تي يقين ڪري ونندا آهن.

سنڌ جيڪا اڄايل مورن جي گيتن جي ڌرتي رهي آهي، اتي هن جي هڪ ڪوئل جي ڳلي ۾ گيتن جي ڪنڪ مالها اٽڪي پيئي آهي(ڪنهن چيو چا هن جي ڳلي ۾ سنڌ اٽڪي پيئي آهي؟) گيت جيڪي بهرحال موت مٽان فتح پائيندا آهن.

جيڪڏهن ڪشمور کان وٺي ڪراچيءَ تائين سمورا سنڌي لوڪ گيت گڏ ڪجن ۽ اهي ازل جي مصور کي ڏيئي ڪيس ڪنهن انساني روپ ناهڻ جو چئجي تہ پوءِ اها تصوير

زرينہ بلوچ جي هوندي، زرينہ بلوچ کان سواءِ سنڌ ائين آهي، جيئن دبي ۾ نڪريون، جيئن نان الکوحلڪ بيئر، هن کان سواءِ سنڌ ائين آهي، جيئن وڪٽر هارا کان سواءِ چلي، هي ٻہ هڪ عجيب ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تحريڪن مان شعر ۽ موسيقي نڪري وڃي تہ پوءِ سنڌ نهايت ئي بيسري ٿي پوندي. سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تحريڪ جي شروعات ۽ عروج وارن ڏينهن ۾ شيخ ايياز جي شاعري ۽ زرينہ بلوچ جي ڳاتل گيتن‌سميت جديد شاعري ڳائڻ سان سنڌ هڪ جوار پاٽا جيان اٿي هئي، حيدر بخش جتوئي جو اعليٰ شاهڪار نظر" جيئي سنڌ" ڳائي زرينہ بلوچ سنڌ جي هر ماڻهو جي چپن تائين اهو نظر پهچائي ڇڏيو، حيدر بخش جتوئي، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو "باباءِ سنڌ" جي نانءَ سان ياد ڪن ٿا، تنهنجي اهڙي ئي نظر جو عنوان"جيئي سنڌ" سنڌي قوم پرستن ۽ پوءِ گهڻن سنڌي ماڻهن جو نعرو بڻيو. ڪالهہ مون بي بي سي تان لاهور ۾ ڇوڪرين جي فوٽ بال ٽورنامينٽ ۾ سنڌ جي ٽيم وارين کي ٻہ "جيئي سنڌ" جا نعرا هڻندي ٻڌو، جيئي سنڌ تحريڪ جو نانءُ پڻ جتوئي جي ان نظر تان پيو:

جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
جيئي ڪاڇو، جيئي ٺر
جيئي لاڙ، جيئي ڪينجهر
جيئي هاري ۽ مزدور
جيئي هارياڻي پرنور
پورهئي اندر صبح شام
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
جام محبت پيئي سنڌ
سڻ هي حيدر جو آواز
آواز آهي يا الهام
جيئي سنڌ، جيئي سنڌ

پر زرينہ بلوچ جڏهن حيدر بخش جتوئي جو اهو نظر ڳاتو هو، تڏهن ون يونٽ هو. اهي اهڙا ئي خراب ڏينهن هئا، جن لاءِ شيخ ايياز چيو هو، "سنڌڙي تنهنجو نانءُ وتو، ڇڻ ڪاريهر تي پير پيو" جڏهن پوسٽ جي لفافي تي سنڌ يا هاڻوڪي پاڪستان جي باقي ٽنهي صوبن مان ڪنهن جو ٻہ ايڊريس تي نالو لکڻ سزا جوگو ڏوهہ هو. جڏهن" غلط طور" سي آئي ڊي وارا پنهنجي رپورٽن ۾ "جيئي سنڌ" جو مطلب "مٽين " کي ڪڍي موڪليندا هئا. "پاڪستان دشمني" بلڪل ائين جيئن جنرل پرويز مشرف پاڪستان ۾ عورتن مٿان تشدد خلاف ڪم ڪندڙن کي "پاڪستان مخالف سڏي ٿو."

سنڌ ۾ ون يونٽ مخالف ڏينهن ۾ "سنڌي شامون" ۽ " جشنِ روح رهاڻ" واريون راتيون

هيون، جن جي ميڙن ۾ شريڪ ٿيندڙ هن کي "جيجي" سڏي کانئس پنهنجي پسند جي "قومي گيتن" جي فرمائش ڪندا هئا. منهنجي بن دوستن اسلم پرويز ۽ ايار لطيف جي امڙ کي سموري سنڌ جا سياسي ڪارڪن ۽ شاعر اديب "جيجي" شايد هن جي حميد سنڌي جي رسالي روح رهاڻ ۾ ڪهاڻي "جيجي" ڇپجڻ کان پوءِ سڏڻ لڳا.

گاڏي ڪاتي ۾ گل شاهه بخاري روڊ تي منهنجو دوست پپو شاهه عرف ذوالفقار علي شاهه انهن ڏينهن جي يادگيرين مان گاڏي ڪاتي ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ وارن ڏينهن بابت ٻڌائيندو هو، جڏهن سنڌي شاگردن سان ۽ سياسي ڪارڪنن سان گڏ بک هڙتال تي سنڌي عورتون پڻ شامل هيون، جن ۾ اختر بلوچ، رياض ميمڻ، نسيم ٽيبو ۽ زرينه بلوچ به شامل هوندیون هيون. هاري حقدار واري آفيس ۾ بلڊنگ ۾ هو ٽلهن شهپرن وارو اهو جاهه ۽ جلال وارو پريو مڙس موجود هوندو هو، جنهن کي سمورا سنڌي "باباءِ سنڌ" جي نانءَ سان سڏيندا هئا، پر جنهن کي گاڏي ڪاتي ۽ ڪوڪر پاڙي ۾ پپو شاهه جي عمر جا ٻار "اظهر جتوئي جو ڏاڏو" ڪري سڃاڻيندا هئا. گاڏي ڪاتي جا ڏينهن ۽ شامريس هوٽل جون شامون، چام ساقي، اقبال ترين، مهر حسين شاهه، مير ٽيبو گاڏي ڪاتي ۾ رسول بخش پليجو جو شايد گهر ۽ آفيس، گل شاه جي پڙ پرسان تڏهوڪي نعپ جي آفيس، جنهن ۾ رهندڙ تڏهوڪو ڪل وقتي سيد باقر شاهه ۽ هن سان وڏن بحثن ۾ جٽيل حفيظ قريشي (جنهن جي گارين ۽ گفتن جي اڄ به سنڌ کي کالهه جيتري ئي ضرورت آهي) گاڏي ڪاتي ۾ ڪلو پکوڙائي، مولانا گرامي، آگهر پبلشرس ۽ عبرت پريس واري بخش علي گهٽي ۾ غفران عاقلاڻي جي گهر جي سامهون دڪان واري(مُلي) کي گڏجي تنگ ڪندڙ گاڏي ڪاتي جا هر نسل ۾ ڪي "نڙ" شرارتي ٻار، پشاوري چپل ۽ جناح ڪٽ ۾ ماٿهو پنيان سندس پاڇي وانگر سندس ڪيڙ هلندڙ سي آئي ڊي وارا !

مارشل لا ملڪ جو دستور ٿيو،
هڪ سپاهي گهر جو مالڪ مور ٿيو،
سڀ زبانون بند ٿيون اعلان ٿيو،
آدمي انسان مان حيوان ٿيو،

حيدر بخش جتوئي تڏهن لکيو هو. اهڙي هڪڙي رات گاڏي ڪاتي ۾ "ووٽر لسٽون سنڌي ۾" وارو مطالبو مجرائڻ لاءِ بک هڙتال تي، سنڌياڻين سميت ويهڻن جي ڪيمپ تي پوليس راتاهو هنيو. اها ملڪ مٽان يحيٰ خان جي مارشل لا واري پهرين رات هئي. انهن جيل وڃڻ وارين سنڌياڻين ۾ شايد زرينه بلوچ ۽ ان جي ڏيءُ اختر بلوچ پڻ هئي، جنهن قيدياڻي جي ڊائري جهڙو شاهڪار ڪتاب لکيو، جيڪو سنڌي ۽ اردو سميت ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌي شاگردن ۽ اديبن جي ميڙاڪن

۾ زرينہ بلوچ کي جيئي سنڌ سميت ٻين قومي گيتن جي فرمائش ڪيئي ويندي هئي. اڄ مون کان سڀ اهي نعرا ۽ پيارا ائين وسري ۽ گر ٿي ڇڪا. جيئن ماڻهو جي هٿن تان طوطا اڏامي وڃن، پر دل تي وراکي وانگر زرينہ بلوچ جا لوڪ گيت ياد رهجي ويا آهن. اهي ڏينهن جيڪي مون ڪجهہ ڏيهاڙا اڳي رحمان ڪاڪيپوٽي سان پيئي ساريا.

عجيب هي آگريون هيون جو لهو لهو ٿي ويون تنبي تي،
عجيب هي ولولا هيا، جي نہ تند ۾ ها، نہ تار ۾ ها.

پر سنڌين کي ٽورائتو دادي ليلا جو ٽيڻ گهرجي، جنهن سنڌ جي هن اُس ڪلٹور کي سندس ڏک پرين ڏينهن ۾ ڏيہ يہ ڏنو تہ انهن کي گذارڻ جو ڏاڻ ٻڌايو. "ڏک جا ڏينهڙا ڏوري وجبا" ٻين لفظن ۾ مون کي ڊپ آهي تہ جي زرينہ بلوچ کي دادي ليلا نہ ملي ها تہ شايد سنڌ کي زرينہ بلوچ نہ ملي سگهي ها.

ڪن ريڊيو سان لڳايو پنهنجي رڌڻي ۾ مصروف گهريتڙي عورت هجي، يا سئي سان رنگا رنگ ڪپڙن جي رلهي ٽاڪيندڙ (جنهن کي حسن درس هنڙ جو اوجاڳا ٽانڪڻ سڏيو هو) سگهڙ سنڌياڻيون دور ديس ۾ پرڻجي ويل نينگريون هجن يا جلاوطن، جيل ڪاٽيندڙ قيدي هجن يا مال جي ووڙ تي ويندڙ پيري ۽ پاڳيا يا پريمي جوڙا، تن اهڙن انسانن منجهہ زرينہ پنهنجن لوڪ گيتن سبب مقبول ترين رهي آهي. هو سنڌي لوڪ گيتن جي راڄ راڻي آهي. سنڌ جي اها لوڪ مغنيہ هڪ اهڙي ندي وانگر آهي جنهن جي جل مان زيب النساءِ، امينہ، زينت صديقي ۽ گل بانو جهڙيون فنڪارائون نڪرن ٿيون.

اسين ماڻهو لاڙ جا، درياءَ جي پاڃاڙ جا، اترڙو تو لڳي

سنڌ جي لوڪ گيتن جي هن فنڪاره کي قومي گيتن جي فنڪاره ۾ بدلائڻ رسول بخش پليجي جو ڪمال آهي. اهو ائين آهي جيئن شبنم کي شعلي ۾ بدلائڻ، سنڌ ۾ هزارين ماڻهن جا رسول بخش پليجي سان لکين اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر مون کنهن بہ ماڻهو کي زرينہ خلاف ڳالهائيندي کو نہ ٻڌو آهي. ائين، جيئن اوهان نندي کند ۾ ماڻهن کي ٻنهي ملکن جي اڳواڻن خلاف ڳالهائيندي تہ ٻڌو هوندو پر لتا منگيشڪر ۽ نورجهان خلاف ڳائيندي کنهن کي ورلي ئي ٻڌو هوندو. زرينہ هڪ نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن ۾ يقين نہ رکندڙ فنڪاره آهي. "مولسري جي خوشبوءَ کي ديوار نہ ڪائي روڪي ٿي."

روزانہ ڪاوش

8-10-2005

منهنجي ذات امر ٿي ويندي!

پئي ياد آيا فسانہ اوهان جا،
نگاهون اوهان جون، نشانہ اوهان جا...

پنهنجي ديٽ بيد تي جيڪڏهن ڪو ماٺهو پنهنجي سموري روح جي سچائي سان، رومانويت جي ان ست کي جهونگارڻ جي سگهہ رکي، موت تنهن جو فقط جسم ٿ ماري سگهي ٿو. ان روح جي آزاديءَ جو قيد مٽيءَ جي ڪنهن لحد ۾ ممڪن ئي ناهي. جيتوڻيڪ سندس جسم خاڪي"خاڪ ۾ خاڪ هوئي" جيان هڪ اجاتل سفر جي مسافري تي وڃي ٻ چڪو، پر جڏهن ٽي وي اسڪرين ان بستري تان، جيڪو بسترو نيٺ سندس موت جو بسترو ثابت ٿيو ۽ ان بستري تان ڪيس مٽيون گيت جهونگاريندي ڏيکاريو ٿ دل بي اختيار چيو... اهڙي آزاد، بي باڪ وجود لاءِ موت ممڪن ناهي. ان وقت الائي ٻ چو مون کي پنهنجي "پين ۽ لفظن" سان فلسطين جي ويڑهہ وڙهندڙ جلاوطن ليکڪ ايدورڊ سعيد جي موت جي بستري تي گهاريل سندس آخري پل ياد آيا.... رت جي ڪينسر جي آخري ويڑهہ وڙهندڙ ايدورڊ سعيد آخري وقت تي ٻ لکڻ لاءِ پين گهري هئي ۽ سندس زال جڏهن ڏٺو ٿ هو ڏکندڙ هٿن ۾ پين نٿو جهلي سگهي ٿ. هن کيس چيو هو ٿ"تون فقط لکرائيندو هل... باقي مان پاڻ لکنديس...." ۽ جڏهن هو ڪوما ۾ ويو ، تڏهن ٻ هن پنهنجو اڌ ۾ رهيل مضمون پئي لکرايو....

هوءَ.... زرينہ بلوچ، جنهن جي آتم ڪٿائي سفر کي لکندي منجهي ٿو پئجي ٿ سندس سجاٽپ جي خاني ۾ نيٺ ٻ چا لکجي؟

راڳ جي راڻي، قومي ڪارڪن، ليکڪا... اڻ ٽڪ ڪاهوڙي ڪردار.... پل ٿ سندس ڪن ۾ ڏنل ٻانگ وقت سندس نالو آمنہ پکاريو ويو هجي، پل ٿ سندس پيدائشي سرٽيفڪيٽ ۾ آمنہ بلوچ تحرير ٿيو هجي..... پر زرينہ سندس سجاٽپ بڻي. ائين ئي پل ٿ هن پنهنجي ڪک مان ڪٿي ٽي ٻار اختر بلوچ، اسلم پرويز ۽ ايار لطيف ئي ڇٽيا پر هوءَ ماءُ هئي سڃي سنڌ جي، هوءَ پاڻ ڪان ننڍن ٿ ننڍن، پر پاڻ ڪان وهي ڪاڏل جهور پوڙهي نسل جي ٻ جيجي بڻي... جيئن هوءَ سڃي سنڌ جي جيجي هئي.

تيئن اڄ سڄي سنڌ ۾ جيجي جي لاڏاڻي تي عجيب سوڳواري ڇانيل آهي.هن جي ڳائڻ جي شروعات پلي ته ريڊيو تي ڳائڻ سان ٿي هجي، پر اهو سندس قومي ۽ سياسي شعور هو، جنهن کيس ثقافتي ميڙ ميڙاکن کان گهڻو اڳتي ڪٿي احتجاجي جلسن جلوسن جي ڊڪ تي بيهاري کيس ويتر عوامي بنائي ڇڏيو"بيشڪ ته راڳ" ئي سندس اهو فن ثابت ٿيو، جنهن سان هن سنڌ جي دل ڪڍڻ جي شروعات ڪئي ڪئي.

استالن جي ڏهاڙن ۾ ميڪسيڪو جلاوطن ٿي ويندڙ ڪامريڊ لينن جي ساٿي ٽراٽسڪي جڏهن ميڪسيڪو جي فنڪارن سان گڏجي انقلابي فنڪارن جي جماعت ٿي ناهي،جنهن ۾ ميڪسيڪو جو انقلابي آرٽسٽ ڊيگوويرا ۽ فريده ڪوهلو پڻ شامل هئا،ان جي پڌرنامي ۾ واضح طور لکيو هئائين ته، آرٽ انقلاب جو بهترين ساٿي آهي، بيشرطيڪ ان کي آزاد ڇڏيو وڃي.

ائين ئي شايد جيجي جي ڏات ڪنهن سياسي پارٽي جي منشور ۽ پڌرنامي جي محتاج کا نه ٿي،جيتوڻيڪ عوامي تحريڪ سندس پنهنجي ئي گهر، ور جي پارٽي هئي، پر جيجي جي ڏات غير مشروط طور تي سڄي سنڌ جي سياست سان سلهاڙيل هئي. "جيئي سنڌ،جيئي سنڌ" حيدر بخش جتوئي جي شاعري سنڌ ۾ جڏهن گيت جي صورت ۾ جهونگاري ويئي، ته اها به جيجي ئي هئي ۽ جڏهن به، جنهن عوامي پارٽي گيت ۽ سنگيت جي صورت ۾ پنهنجو اظهار چاهيو ته وٽن جيجي زرينه بلوچ کان سواءِ ٻيو ڪير به نه هو،جيڪو ان کي امرتا جي آخري حد تائين پهچائي."نيٺ ته اتندا،سڀ لک ڏاتا...." عوامي تحريڪ جي روح جو اظهار ٿي اپريو ته " پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن..." کي آزادي پسند تحريڪن پنهنجو اظهار ٿي سمجهيو.

ون يونٽ جي بک هڙتالي ڪيمپ کان جيل جي ديوارن ٻوڙيان پهچڻ واري" اختر بلوچ" جيجي جي ان سياسي تربيت جو مثال ٿي ايري هئي،جنهن جو پنڌ اتان شروع ٿيو ته سويت يونين ويندڙ پهرين سنڌياٽيءَ جو اعزاز به سندس ئي حصي ۾ آيو.اخبارون ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا پل ته ڪيس راڳ جي راڻي چوندي رهي،پر مان ڪيس سنڌ جي قومي حقن وارين تحريڪن جي راڻي سڏيان ته ان کي وڏاءُ نه سمجهجي،ون يونٽ تحريڪ،سنڌي ٻولي واري تحريڪ، ووٽرلسٽون سنڌيءَ ۾ ناهڻ،سنڌ ۾ ايم آر ڊي جو پهريون عورتن جو جلوس،جيڪو حيدرآباد اسٽيشن کان حيدرآباد مارڪيٽ تائين دنگ ٿيو، ان جي اڳواڻي ڪرڻ ان ئي تحريڪ دوران به سال رياستي قيدڪاٽڻ ۽ پوءِ لانگ مارچن ۾ لئيون کائڻ، پر جيجي جو ڪٿي نه حوصلو نه ڪنڌ جهڪيو ۽ نه ئي سندس پير

اڏ مسافري تان ڪڍهن واپس موٽيا.

لوڪ گيتن جون راڳ راڻيون ته گهٽيون ئي،.... پر اها عورت، جيڪا جهدِ مسلسل جيان هر وقت هڪ نئين جنگ ۾ رڌل، ان جي ظاهري شخصيت ته هر خاص وعام آڏو پڌرو ٿيل.... پر اها جيڪي جا هجومن ۾ ڳائي ته سندس گيت جي رڌم تي سوين دليون ڌڙڪن، سا پلا ڪڍهن پاڻ ۾ اڪيلي ٿي....؟ جڏهن پهريون گيت سندس چپن تي آيو، تڏهن سندس دل جي دنيا ۾ ڪهڙا ساز ٿي وڄا؟ ۽ لوڪ گيتن کان قومي تحريڪ تائين ۽ قومي تحريڪن کان گهرو ڏميوارين تائين جيڪي جي جيءَ ۾ ڪيترا ٽهڪ، ڪيترا لڙڪ، ڪيترين پوڳنائون رهيون هونديون، اهو ڄاڻڻ لاءِ جڏهن عورت آزاد پاران مان، عطيه ۽ عرفانه سندس گهر جو در کڙڪائي، ڪي روح رڃندیون ڪرڻ چاهيون ته جيڪي وڻ هر وقت بيماري بهانو ٻڌيل هئي، ها، آف دي ريڪارڊ پوءِ ٻه هن ڪيترين ئي ڳالهيون پنهنجي يادگيريءَ جي آڌار تي ضرور ڪيون.... ساهيڙين، هڪ جيڏين جي ست مان سندس اڪيلي ساهيڙي آپا ڪمرواحد جي سفارش ٻه جڏهن ڪم نه ڪيو، تڏهن سچ ٻه ائين لڳو هو، ته شايد سندس زندگيءَ جي ڪليل ڪتاب جا ڪي پنا شايد اڻ پڙهيا ئي رهجي ويندا. پر.... اسان ته جنهن جنهن وٽ ٿي وياسين، تنهن سندس نانءُ ٿي ڪنيو. اهو سنڌي لوڪ ڳائڻين جي ٽولي هئي، امينه صادق، زينت صديقي، گل بانو..... وغيره. جنهن ۾ امينه صادق ته ايترو ٻه چيو ته زرينه جو ساڻ فنڪارن جي ساڻ ڪان وڌ جيڏل جي ساڻ جيان هو ۽ تڏهن جڏهن ڪنهن ريڊيو جي پروگرام لاءِ گيت ڳائڻا هئا ۽ آخر ۾ نڪيڻيءَ جي گيت ۾ روڻڻو ٻه هو، پر امينه چواڻي ته اسان سڀ ٽهه ٽهه ڪري ويٺيون ڪلون ۽ ريڪارڊنگ ٿئي نه، نه ڪو نڪيڻي جو گيت ريڪارڊ ٿئي، گل بانو ساڻ ٻه سندس ساڻ ڪو آخر دم تائين رهيو، توڻي جو ريڊيو جو راڳ ٻڌهي ڪي ڇڏائي ڪي جُڳ گذريا.

نذير عباسي تي سندس نوحو جيڪو پوءِ سنڌ جي قومي گيتن جي ڪيسيٽن ۾ ضروري ائٽم طور لازمن شامل هوندو هو. او امان..... او امان...." دادو موري ميهڙ جي شهيدن کي سندس پيٽا موري ميهڙ دادو ۾... ڏاتيئڙا پٽ ڏول ڪنا...توڻي جو ڪٿي قومي تحريڪ لاءِ ٽريڊ مارڪ ٻڌيا پر....

تون جي ايندين رات الا اورات،
ته منهنجي رات امر ٿي ويندي
ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ڳاڙها گل...
بي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ،

تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون

واري اياز جي رومانوي شاعري کي موسيقيت ۾ جيجي زرينہ جو آواز نہ ملي ها تہ چا پوءِ بہ اها ائين ئي دل جي تارن کي ڇهي ها؟ اياز کي اياز بنائڻ ۾ تہ بيشڪ اياز جي ذات هئي، پر اياز کيَ عام تائين پهچائڻ ۾ يقينن جيجي زرينہ جي سر جي ڪماليت شامل رهي هئي.

پلا رڳو اياز چا، جيجي زرينہ تہ استاد بخاري، امداد حسيني ۽ تنوير عباسي سميت ٻين شاعرن کي بہ ڳاتو، رڳو سنڌي ئي ڪٽي.... هن تہ بلوچ گيتن تي پڻ قومي جلسا جهومائي ڇڏيا، رڳو فيض ۽ فراز نہ، پر هن تہ دنيا جي ٻي ڪنڊ ۾ هلندڙ فلسطيني آزادي واري قومي تحريڪ جي قومي شاعر محمود درويش کي بہ ڳائي، عرب چوڪرن/ چوڪرين کي رقص ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. ائين جيجي زرينہ پنهنجي سنگيت ۾ قومي رنگ پريندڙ فنڪاره هئي.

"اسين ٻيا ڪاهيندا اچون... اسين ٻيا، ڪاهيندا اچون..."جڏهن جيجي ڳايو، تڏهن سڄ ڇڄ ائين لڳو، جڻ انقلابي قافلي کي سلامي اچي رهي هجي... اهڙي "چوڏهن تويں" واري سلامي نہ، جيڪا هڪ آزاد رياست جا سربراھ ٻي آزاد رياست جي سربراهن کي ڏيندا آهن، پر اهڙي سلامي، جهڙي انقلاب جا فاتح ڪارڪن، پنهنجي فتح جي نويد کي ڏيندا آهن.

روزانہ ڪاوش

27-10 -2005

[خط]

جيجيءَ لاءِ دعا جي جهولي!

جيجي! اسان تو لاءِ آسمانن ڏانهن جهولي جهلي آهي
جيجي آئون توتان گهوريس...!!!

تون سنڌ جو امر آواز آهين. تون دردوندي ديس جو سپاڳو ۽ سدورو اهجاڻ آهين. تون ڇا آهين؟ ان بابت سنڌ جا ماڻهو ڄاڻن ٿا. سرڪار وارا ته انڌا، گونگا ۽ ٻوڑا آهن. اهي تنهنجي سار ڇو لهندا؟ تون ته سنڌ ڄائي آهين نه. ان ڪري هر سنڌ ڄائي کي سنڌي هڻڻ جي قيمت ڏيڻي آهي. تون ته ڏاڍي سٻاجهي ۽ سياڻي آهين. تو ته ان سڄي سياسي خواب کي اکين سان ڏٺو آهي. جيڪو سنڌ جي آبروءَ جو ساکي هو. جيڪو سنڌ جي ماڻي تي سيندور موٽائڻ جي اجهل تمنا هو. پر اهو ساڻپائن جي ڳولا ۾ ڪيئن ڳڻائن ۾ لهي ويو. اهو به تو اکين سان ڏٺو. ان وچ ۾ تو کي اها به خبر پئجي ويئي هوندي ته هيءُ اهو ديس آهي. جتي سرخ گلابن جي موسم ۾ گلن جو رنگ ڪارو ٿيندو آهي. ان ۾ ڪو به اچرج ناهي ته تنهنجي سار سنڀال لهڻ وارو ڪو به ناهي. اڄ به ائين ٿيندو رهيو آهي. پر سچ پچين جڏهن کان تنهنجي رت جي دوري بدمست هاڻيءَ وانگر ڊوڙڻ شروع ڪيو آهي ۽ جڏهن کان تنهنجي سرير اندر مناڻ مانڊاڻ مچايو آهي ۽ جڏهن اخبارن ۾ تنهنجي بيمار هڻڻ جون خبرون ۽ تصويرون ڇپيون آهن، تڏهن کان دل ۾ درد واچوڙن جيان ڦري رهيو آهي. آئون هڪ شاعر آهيان ۽ نديڙو اخباري ڪارڪن آهيان. آئون تو کي لفظن جي پيٽا ڏيئي سگهان ٿو ۽ هن وقت تون انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ آهين. ته تو ڏانهن لڙکن جا به ڪبوتر اڏائي سگهان ٿو ۽ تو لاءِ آسمانن ڏانهن جهولي به کڻي سگهان ٿو. اڄ جڏهن تون روگ جي وڃاڻي تي آهين ته مون کي محسوس ٿي رهيو آهي ته سنڌ جي نقشي تي اداس ناسي ۽ پن ڇڻ رت جا پيلا رنگ ڇڙهي رهيا آهن ۽ اهو به تو کي ٻڌايان ته آئون تنهنجي اکين ۾ ڏسي نٿو سگهان. جتي مون کي جيئڻ جي تڙپ نظر اچي ٿي ۽ ائين ٿي پاسيرو ته تون اجا گهٽو وقت ساهه ۽

سرير جي سئي ڏاڪي ۾ رهڻ گهرين ٿي ۽ تنهنجو چهرو ان لوڪ گيت وانگي تو لڳيم. جيڪو پيڪن جي سار ۾ ڏورانهين ماڳ پرٽايل ناري ڳائيندي آهي. هونءَ ته جنڊڙي جر جو ڦوٽو آهي. هيءَ جهان هڪ سراءِ آهي ۽ انسان سڀ مسافر آهن. پر ان سفر دوران ڪي ڪي ماڻهو ايترا ته ساهه ۽ سرير ۾ رلمل ٿي ويندا آهن، جو انهن جي وڇوڙي جو سوچي زندگي پنهجي معنيٰ وجائي ويهي رهندي آهي. ان ڪيفيت ۾ لطيف چيو هو ته:

اسان ۽ پرين، شل هون برابر ڈينهڙا.

جيڄي! اسين تو ڪي وجائڻ نٿا گهرون، تون آهين ئي پورڻتا جو احساس اسان لاءِ، جيئن سنڌ آهي، جيئن سنڌو درياهه آهي جيئن لطيف آهي، جيئن موهن جو ڏڙو آهي. مون لاءِ اهي سڀ شيون وڏي وٽ آهن. منهنجي هئڻ جي بگڙي جي ڪل ميڙيل بکيا آهن. تون ته اها ڪلاڪار آهين جنهن رڳو درد ڳاتو آهي. تو انتظار جا گيت ڳاتا آهن. آئون سدائين تنهنجي چوند تي حيران رهيو آهيان:

ٽڙي پوندا تارئين،
جڏهن ڳاڙها گل
تڏهن ملنداسين!
ساوڪ رت ۾ سانورا،
هيل نه آئين تون
آيا سرءُ ڈينهڙا

تون جي ايندي رات الا او رات
ته منهنجي رات امر ٿي ويندي

هيءُ هيترو ڏک تو ڪٿان آندو؟ شايد ان جو سبب هن ڏکي ماڻريءَ ۾ تنهنجو جنم آهي. تنهنجي لاشعور ۾ سنڌ جي صدا جي غلاميءَ جا زنجير ڇڪن ٿا ۽ يگن دائرن ۾ پٽکندڙ سنڌ جي اداسيءَ جي پنڇي اچي تنهنجي من ۾ آکيرو اڏيو آهي.

سنڌ جتي اڄ لاوارثي ننڊڪائپ جي رات ديرو ڇمايو آهي، هتان جا ماڻهو غلاميءَ جي گار تي جيڪڏهن هري نه ويا آهن ته انهن پنهنجي آجپي ۽ آزادي وارن ڈينهن کي وساريو ضرور آهي، پر ڪير ٿو وساري سگهي. تنهنجي ان باغي آواز کي، جنهن ون يونٽ واري دور ۾ للڪار ٻڌجي هڪ نئون وايو منڊل تخليق ڪيو هو ۽ واقعي به اهو دور جيڪڏهن تنهنجي آواز کان محروم هجي ها ته شيخ اياز جي گيتن کي معنيٰ ڪيئن ملي ها؟ ۽ ان دور جا باغي جوان جن، تنهنجي سُر ۽ آواز تي پنهنجا روح سيکيا هئا، اهي

ڪيئن وقت جي واڳن جي وات ۾ هٿ وجهن ها. هيءُ اهو دور آهي، جڏهن سنڌجي سجاڻپ پٽين تي ٽيل چاڪنگ وانگي ڌاهي ويئي هئي ۽ هن ديس جو روپ سروپ ائين لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي، جيئن ڪنهن زماني ۾ ڪنهن ڏوهيءَ کي پيٽ سان پٽر ٻڌي درياهه يا ساموند ۾ لوڙهيو ويندو هو.

جيجي! اهي قومون جيڪي سدائين ڌارين جي نشاني تي رهيون هجن ۽ جن کي اتهاس جي هر دور ۾ ڪڙن ۽ اڙانگن امتحانن مان گذرڻو پيو هجي، انهن لاءِ اتساهه جو ذريعو سندن من هوندو آهي، جتي جذبا، امنگون ۽ احساس گلن ڦلن جيان ٽڙندا آهن ۽ انهن تي ڪڏهن به پن ڇڻ جو پاڇو نه پوندو آهي. قومون جيڪي ٻاهرين حڪمرانن کي صدين تائين پوڳنديون آهن، اهي هورڙيان پنهنجي تاريخ تهذيب، ٻولي ۽ ثقافتي ورثي کان پري ٿي ويندیون آهن، پر سنڌ جي معاملي ۾ اها وارتا سچ نٿي سجهي، ڇو ته هي ماڻهو جسماني طرح پلي زنجيرن ۽ زندانن جي ٻاٽ اوناهين ۾ رهيا هجن، پر انهن جي من جو ديپ ڪڏهن به اجهاڻو ناهي، انهن جو روح اجا تائين قيد ناهي. ان ڪري سنڌي ماڻهن کي غلام نٿو چئي سگهجي. چاڪاڻ ته غلامي جسم نه پر روح جي مات جو نالو آهي، صدين کان وٺي ڪنهن نه ڪنهن طرح اسين جيئندا آيا آهيون، پنهنجي تهذيب، ٻولي، تاريخ ۽ ثقافتي ورثي کي ساڏيندا آيا آهيون. اهو ڪم ايتري ماڻ ڪري سنڌي ماڻهو پاڻ سان ڪڏ. سنڌ جي سلامتيءَ جي ساڪ ۽ نشانين کي به سدائين ساڏيندا آيا آهن، جتي سنڌ جي سڪ لاءِ ڪم مائ ميڙ ۾ ٽيو آهي، اتي ظاهري جاکوڙ به گهٽي ڏني ويئي آهي. اروڙ جو دنگل هجي يا مياڻيءَ جو ميدان لڳاتار ويڙهه جاري رهي آهي.

پر ورهاگي کان پوءِ سنڌ سان جيڪي ڪجهه ٽيو. اهو اڳ ڪڏهن به نه ٽيو هو. سنڌ کان ان جا وسيلا کسيا ويا، ان کان زمينون کسيون ويون، وڏا وڏا شهر والارجي ويا، پر سنڌ کان ان جي صدين جي شناخت به کسي ويئي. اهو اهڙو معاملو هو، جنهن تي سنڌ جا سپ ساجهه وند ماڻهواحتجاج جا نعرا بلند ڪندي ٻاهر نڪري آيا ۽ ون يونٽ جهڙي قهري ڪات اڳيان پنهنجا سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

چون ٿا ته 1965ع واري پاڪ - پارت ويڙهه ۾ پاڪستاني جوانن ۾ اتساهه پرڻ واري ملڪا ترنم نورجهان هئي، جنهن وطن جا گيت ڳائي، ويڙهه وڙهندڙن ۾ نئون روح ڦوڪيو، اهو به چيو وڃي ٿو ته 1965ع واري جنگ ۾ پاڪستاني سپاهه ۾ نه موٽڻ ۽ مڙي نه ڏسڻ جو اتساهه نورجهان جي گيتن جو جاڳايل هو.

ها جيجي! ون يونٽ واري زماني ۾ تو به اهو ئي ڪردار ادا ڪيو. تو اهي آڳ لڳائيندڙ

۽ ممڻ مڃائيندر گيت پنهنجي امر آواز ۾ ڳايا جو قومي تحريڪ ون يونٽ جا ڪوٽ ۽ ڪنگر اکيرائڻ ۾ ڪامياب ويئي. تون ئي ته آهين جنهن اجايل مورن جا گيت ڳايا. لاريب! تنهنجو قومي ڪردار بي مثال آهي. تو وطن لاءِ جيڪا گيتانجلي پيش ڪئي، دعا اٿا قبول پئي سڏ ڪٽيو ۽ تو به ڪٽيو.

جيجي! ون يونٽ کان پوءِ ايم آر ڊي وارو زمانو آيو. وري هڪ ڀيرو ٻيهر سڏ خلاف کات کهڙا اڀا ٿيا ۽ تو به ٻيهر پاڻ ملهايو. سرويچ، منشي ۽ نياز جا گيت ڳائي. تو سڏ واسين جا لڳ لوهه ٻڌائي ڇڏيا، هيءَ تاريخ ۾ امن پسند، مهمان نواز ۽ ماڪي لار جهڙا سمجهيا ويندڙ ماڻهو وهه جا ڊڪ تي پيا. انهن ۾ سنڌي ماڻهو سڏيءَ ريت شريڪ نه ٿيو. سنڌي ماڻهن لاءِ ته ڏيهي ۽ پرڏيهي حڪمرانن ۾ ڪو به فرق نه هو. ٻئي انهن لاءِ تارن تي لٽڪندڙ تلوار وانگي هوندا هئا. ان ڪري اهي چپ چاپ عذاب سهندا رهندا هئا ۽ ڪنهن به باهرين حڪمرانن سان ويڙهه ڪرڻ لاءِ دنگ تي نه ويندا هئا پر ايم آر ڊي تحريڪ واري ويڙهه سنڌ جي صدين جي اتهاس جي تسلسل ۾ هڪ انوکي جنگ آهي. جيڪا سنڌي ماڻهن پاڻ وڙهي ۽ ان ۾ انهن نه هارايو. تاريخ شاهد آهي ته سنڌي ماڻهو رضاڪاراڻي نموني پاڻ کي جيلن لاءِ پيش ڪيو ۽ پهريون پيرو سنڌ ۾ جيل ۽ زندان جون ديوارون پنهنجي اهميت وڃائي ويٺيون. سنڌي ماڻهن ان ويڙهه ۾ پنن تي ڏڪ نه سٽا. پرانهن سينن تي گوليون کاڌيون پر ڪو به پاڙيو ٽي ڪو نه پڳو. توڙي جو اهي بي هٿيار هئا، پر انهن ۾ هڪ نئين تمنا، نئون جذبو هئو ۽ سنڌ جو ماڻهو. جنهن اڏولتا سان وڙهيو ۽ ان پاڻ ملهايو. ان ۾ تنهنجي گيتن جو به وڏو ڪردار هو. تنهنجي آواز به وڏو جادو جاڳايو هو.

وقت جي واءَ ۾ گهٽو قيرو آهي. چوڌاري گهٽ ٻوسٽ وارو ماحول آهي. ڏور ڏور ڏسائن ۾ انڌيارو آهي ۽ پرهه جو پار ڪنهن وڇڙيل يار وانگي آهي پر ايا تنهنجي اسان کي گهرج آهي. اسين سنڌي ماڻهو تنهنجي آدرشن جا شاهد آهيون. تنهنجي قومي ۽ سياسي ڪردار جا معترف آهيون پر اسان جي دل چاهي ٽي ته تون جلد صحتياب ٽي آءُ جيجيٰ! ۽ اسان کي ٻڌائي گيت:

اترڻو ٿو لڳي،
واءَ سروٽو لڳي،
اسين ماڻهو لاڙ جا.

درياهه جي پاڇاڙ جا.

۽ ايار جو هيءُ امر گيت بہ تنهنجي آواز ۾ سونهين:

عشق عقاب پکي پرڏيهي،
جهڙپ ڏئي ٿو جهٽي جهٽي،
ڏاڍو ڏور اڏاري ماري،
پر پر ويهي پٽي پٽي،
ڪير انهيءَ کان ڪٽي!

جيجي! جيتوڻيڪ ڊاڪٽرتنهنجي حالت نازڪ ٻڌائي رهيا آهن، پر سنڌ جون دعائون توسان گڏ آهن. اهي تو کي ضرور بچائڻ ۾ ڪامياب ويندیون، تون وري بيماريءَ جي بستري تان لهي سنڌ جي سدوري ڌرتيءَ تي پير پسارڪندينءَ ۽ اسان کي ڇوري ٿيڻ کان بچائيندينءَ!

اسان تہ هر دور ۾ هارائيندا آيا آهيون نہ. ان ڪري هاڻ وڌيڪ هارائڻ نٿا چاهيون. عرب، ارغون، ترخان ۽ مغل ۽ پوءِ انگريز سڀ اسان جا حڪمران ٻڌيا. ان ڪري جو اسان جي مقامي بادشاهن ۽ ان جي لشڪر ۾ ايترو دم نہ هو، جو اهي ڌارين جي يلغار سامهون ديوار ٿي بيهن ۽ انهن کي کيڏاري ۾ مات ڏين. ها جيجي! اسين ان هارايل قوم جا فرد هاڻي بي ڪنهن بہ مات جو الماياتي منظر ڏسڻ نٿا چاهيون. ان ڪري چاهيون ٿا تہ تون چاق چگي ٿي اچين. اها سان جي جيت آهي ۽ من اها ئي ثابتي ٿو ڏئي تہ هن پيري جيت اسان جي پاڳي ۾ ايندي. اسين تنهنجي آواز کان محروم نہ ٿينداسين. تنهنجي گيتن جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي پرينءَ جي پار وينداسين. جتي لونگن جا ٻوٽا مهڪن ٿا ۽ هوائون توت چاٽين ٿيون. تنهنجي سر ۾ ڳايل ٻولن ۾ منهن تي ڪائو ڏيئي لهي وينداسين ۽ انهن جي جر پاتار مان ديس جي درد جا نوان ۽ املهہ موتي ڪٽي ساحل ڏانهن واپس اينداسين ۽ ديس واسين کي آڇيندا سين.

روزانہ تعميرِ سنڌ

24-9-2005

●

سنڌ جي صدا : جيجي زرينہ

جيجي زرينہ جي زندگي جي ڪٿ ڪرڻ نهايت ڏکي ڳالهہ آهي! ڇا هوءَ صرف هڪ فنڪاره آهي، جنهن عام ڳوٺن ۾ ڳائجندڙ لوڪ گيتن جي اصلاح ڪري. انهن کي عوامي گيت بڻايو ۽ انهن گيتن سان پنهنجو ڪي باهيون ڏنيون؟ ڇا جيجي هڪ استاد هئي، جنهن هزارين ڇوڪرين کي زندگيءَ جو مقصد سيکاريو. حالتن سان ٽڪر کائڻ جو حوصلو ڏنو؟ ڇا هوءَ هڪ قومي هيروئن آهي، جنهن سنڌ سان ٿيندڙ ڏاڍاين خلاف مورچابند ويڙهہ ڪئي. قومي حقن لاءِ جلسن جلوسن جي اڳواڻي ڪئي.ان لاءِ قيد کاڌيا! ڇا جيجي هڪ سجاڳ ماڻ آهي. جنهن اختر بلوچ جهڙيون ڏيئر ڌيئرون، جن جوانيءَ ۾ ماڻ سان گڏ تنها جيل کاڌيا ۽ جيل ۾ رهي قيدياڻيءَ جي اهڙي ڏائري لکي، جيڪا تخليقي ادب ۾ سڃي ننديِ کنڊ ۾ شاهڪار ليکي وئي،جنهن ڏائريءَ جا ڏيهہ پرڏيهہ ۾ ستن ستن ٻولين ۾ ترجما ٿيا؛ ڇا هوءَ ليکڪا آهي، جنهن اهڙيون ڪهاڻيون لکيون، جن جي هڪ هڪ سٽ قومي درد، سماجي شعور ۽ ساڃاهہ سان ڀري پئي آهي، جيجي جا ڪيئي روپ آهن. هر روپ ۾ هوءَ هڪ اعليٰ سروپ آهي. سندس زندگيءَ جو هر پل جدوجهد ۽ قومي سفر ۾ گذريو آهي.

سندس ڪهاڻين جي ڪتاب "تنهنجي ڳولا، تنهنجيون ڳالهيون" جي مها ڳ ۾ سنڌ جي بيباڪ ڪهاڻيڪاره خير النساءِ جعفري لکي ٿي تہ "تون انڪري اهم آهين جو تو ۾ تڪميل جو ڪمال آهي... سچ جو ٿمر آهي.... سموري سنڌ تنهنجي ساهن ۾ تنهنجي ڳلي ۾ پاتل آهي... تون ئي تہ آهين جنهن قوم کي "جيئي سنڌ" جهڙو لازوال گيت ڏنو. تنهنجي فن، سچ ۽ ايمان کي ئي محسوس ڪري آمريڪا، پارت، انگلينڊ ۽ دبئي جي سنڌين، تو کي سنڌ جو سڃو نقشو ڳلي ۾ ميڊل طور پارايو هو.. جو اڄ بہ تنهنجي دل ڏڙڪي تي لڏي رهي آهي. جڏهن تنهنجي دل تي اهو نقشو لڏندي ڏسندي آهيان، تڏهن لڳندو آهي تہ سنڌ حرڪت ۾ آهي، سنڌ برڪت ۾ آهي، باقي هونئن تہ... سموري سنڌ الائي ڪهڙن ڪهڙن ۽ ڪيترن سيلابن ۾ ڪڏي رهي آهي. ڪاش! هر دل

وسيع زرين جيئن هجي....! جا انيڪ سيلاب ساهه ۾ سانديي پنهنجي وجود، پنهنجي شڪتي ۽ فن کي سرسبز رکي سگهي. ڪاش هر دل تي پنهنجي ڏرتيءَ جا اهڙا نقشا اپريل هجن"

جيجيءَ ڊرامن ۾ بہ ڪم ڪيو. اهڙا ڪردار ادا ڪيا، جو انهن ڊرامن کي" ورلڊ ڊراما فيسٽيول" ۾ انعام مليو. ڊرامو هو "دنگي منجهه درياءَ" ان کان علاوه "راڻيءَ جي ڪهاڻي"، "جهنگل"، "ڪاروان"، "ديوارين"، "انا" ۽ بين ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. جيڪي ملکي سطح تي مقبول ٿيا، اهي سڀ صورتون سبحان! پر مون کي اڄ جيجيءَ جي Un-mathable Characterجي باري ۾ ڪجهه عرض ڪرڻو آهي. اهو آهي جيجيءَ جو قومي ڪارڪنن ۽ نوجوانن ۾ همٿ ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ: جيجي زرين ون يونٽ واري دور ۾ شاهه سائين جي جديد سورميءَ جو هڪ املهه ڪردار ٿي ڏيکاريو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شهر بر ۾ اهو ڪهڙو جلسو هوندو هو، جتي جيجي زرين قومي گيت ڳائي مجلس ۾ ماتام پيدا نہ ڪيو! مون پنهنجين اکين سان ڏٺو هو تہ جيجي جي قومي گيتن تي نوجوان ايترا تہ مست ٿي ويندا هئا جو سوليءَ سينگارڻ تائين تيار هوندا هئا. ڪي ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيندا هئا، ڪي بيحال ٿي ويندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن تہ ڏاهه، پندرهن ويهه منٽ بہ نعرا ۽ تاڙيون وڄائيندا رهندا هئا. انهن جي خون ۾ جنبش اچي ويندي هئي، هو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا، انهن ۾ قومي غيرت جو احساس اتم ٿي ويندو هو. انهن نوجوانن کي جيجي تي پختو ويساهه هو، جيجي جيڪي لفظ چوندي هئي، ان ۾ سوز ۽ ساهه هوندو هو. ٻڌڻ سان لڳ ڪاندارجي ويندا هئا، دلين جي ڌڙڪن تيز ٿي ويندي هئي. جڏهن چوندي هئي تہ "جبل مٿي جهڙ او ڇورا جبل مٿي جهڙ يا ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين يا هيرا لعل جواهر ڏند تہ موتي محبوب جا يا منهنجا پرين! او بانورا، او سانورا يا عشق عقاب پکي پرڏيهي يا بي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ جهڙن گيتن سميت جڏهن باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو نظم"جام محبت پيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جيئي سنڌ" چوندي هئي تہ شاگرد بي قابو ٿي ويندا هئا. جيجي، جيڪا عملي سياست ۾ بہ رهي. سنڌياڻي تحريڪ کان وٺي عوامي تحريڪ توڙي عوامي نيشنل پارٽي تائين قومي قافلن ۾ سرواٽي جو ڪردار ادا ڪيائين. ڏاڍ، ڏمر ۽ جيلن کان بہ نہ ڊٻي، هر موڙ تي ثابت قدم رهي، قوم سان ڪنهن سطح تي دغا نہ ڪئي. پنهنجي اولاد جي بہ اهڙي تربيت ڪئي جو هو بہ اڏول رهيا. قيد ڪٽن کان ڪين ڊنا. اهڙي امر ڪردار جو هر قول ۽ فعل امر ٿئي ٿو. مون کي ياد پئي ٿو تہ سائين نصير مرزا

بڌايو ته هڪ محفل ۾ جڏهن مهتاب راشدي منهنجو نالو ورتو ته پنهنجو نالو ان جي واتان ٻڌي مون کي پنهنجي نالي سان پيار ٿي ويو! سو اسان کي به جيجيءَ جي هر ڪردار سان پيار آهي ۽ اهڙو پيار جيڪو جيجيءَ اسان سان ڪيو آهي، جيجي سنڌ جي سچاڻپ ۽ امر گيتن جي صدا آهي. خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏئي، هوءَ جنهن آس هيٺ زندگي گذاري ٿي اها سندس آس پوري ٿئي، پنهنجي من جون اميدون پسي.

شاهه صاحب پنهنجي ذهني صلاحيت سان جيڪي ڪردار تخليق ڪيا تن ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جو جذبو به پيدا ڪيو. مارئي کي آس ڏياري ته عمر جو ڪوٽ ڪرندو ۽ تون جلد مارن سان ملندينءَ. دل نه لاهه، مارئي آزادي جي آسري تي قيد ڪاٽي وئي. ان احساس پٽاندڙ هن چيو،"سيئي سکر ڏينهن جي من گهاريا بند ۾" قيد ڪاٽيا، ڪنهن کي ڏوراپو نه ڏنو، پر هر دم سندس مهڙ مليڙ ڏي هئي. اتي مليڙ مان مراد، منزل آهي، جنهن ڏانهن ديد کپائي رکڻي آهي. منزل ۽ مقصد خاطر سسئي جبل سان جهيڙا ڪيا. هن ۾ ايتري هشمت اچي وئي، جو هن ڏونگر کي دڙڪا ڏيندي چيو ته "آڏو ٽکر نه، متان روهه رتيون ٽئين" اهڙا ڪوڙ مثال آهن، جو شاهه صاحب عام انسان ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪري ڏمر ۽ ڏاڍ سان مهاڏو اٽڪائڻ جي سگهه ڏني، بي صورت ۾ عام عورت درياهه جي دهشت آڏو ڇا آهي؟ پر شاهه صاحب سهڻيءَ کي پار اُڪاري ڏيکاريو. هر ڪردار کي آخري دم تائين ڪميٽڊ رکيو،"ملي ته ملندياس نه ته گهوري جان جتن تان" پرينءَ سان پيوند اهڙو جو سڪرات ۾ به سڏ ڪري چئي ٿو ته"مون کي جيئاريو، سپرياڻ جي ڀالهه ڪري" اهڙن ئي ڪردارن مان جيجي زرينه به هڪ آهي.

روزانه خبرون

29-9-2005

سنڌ جي ڪڪ ڀائي سورمي، جيجي زرينہ بلوچ

سنڌ امڙ پنهنجي ڪڪ مان هزارين سورمين کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجون حياتيون موٽ منجهہ سنڌ امڙ کي اڳين پاڻ کي جيئري ڇڻ فنا ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن بي مثال ڪردارن مان هڪ ڪردار سنڌ جي سورمي جيجي زرينہ بلوچ جو پڻ آهي. ورهاڱي کان اڳ جنم ونڊڻ هيءَ جذباتي سورمي اڄ دنيا جي ڳاڻ ڳڻين عورتن مان هڪ آهي، جيڪا ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. هوءَ سنڌ جي واحد انقلابي عورت آهي، جيڪا ڪنهن لالچ لوڀ ڪانسواءِ، سمورن سنڌ واسين سان ايترو تہ پيار ۽ محبت ڪري ٿي، جيترو پنهنجي پٽ ايياز لطيف سان ۽ سنڌ جي سورمي پيٽ، اختر بلوچ سان، سنڌ جو شايد ڪو اهڙو قومي ڪاڄ هجي جنهن منجهہ هن مردن کان وڌ بهادر عورتن کي پيرين پر بيهاري نہ نچايو هجي، بهارين جي لوڌ کان وٺي پاڻي لاءِ ٽينڊڻ لاڱ مارڻ منجهہ جيجي جو هڄڻ آسان سمورن لاءِ اتساهہ ڏيندڙ رهيو آهي، جڏهن بہ سنڌ منجهہ سياسي مانڌاڻ ڏسڻ ۾ آئي آهي، تڏهن، جيجي زرينہ بلوچ، رسول بخش پليجو لاءِ پرجهلو ٻڌجي اٿي، جڏهن بہ سنڌ دشمنن جي سنڌ جي شهرن تي موت مار ڪاهہ ٿي، تڏهن هنن سورمين کي پهريون نشانو بنايو ويو. دهشتگردن جي اک جو ڪنڍو ٻڌجندڙ هن بهادر عورت جي گهر کي مال غنيمت سمجهي لٽيو ويو. پناڻ ڪالوني کان ويندي لطيف آباد واري گهر کي بہ نہ صرف لٽيو ويو بر هن علمي ادبي گهر کي باهہ جي شعلن مان پڻ گذرڻو پيو آهي. اڄ جڏهن اسان چوطرف نگاهہ تا ڦيريون تڏهن اسان کي هن گهر جي انقلابي ماڻهن منجهہ ويساهہ ٿو نظر اچي تہ اڄان بہ ڪي ماڻهو آهن، جن جو هئڻ، نہ صرف اسان سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ سوچيندڙ ماڻهن لاءِ گهٽو ڪجهہ آهي، بلڪ هنن جو اهو عزم سمورن نيڪ نيت ماڻهن لاءِ نهايت ضروري آهي، اڄ جڏهن هوءَ بيماري جي بستري تي آهي، تڏهن پہ هوش منجهہ اچڻ تي سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ پيغام ٿي ڏي، گڏيل حقن جي حاصلات جو، گڏيل جدوجهد جو.

مون کي پل پل پور تنهنجي پيار جا.
تنهنجي ڳولها تنهنجون ڳالهيون صبح شام

مونکي انهن سڀن منجهه عشقيه عزم کان وڌ، سنڌ جي حقن جي ڳولها نظر ۾ اچي.
جيڪا هن سورميءَ، واين، بيتن ۽ گيتن منجهه سنڌ جي شعور کي بخشي آهي، اسان
جي دعا آهي ته شال هي سنڌ جو بي مثال ڪردار، صحتياب ٿي هڪ پيرو بيهر شيخ اياز
جي وائي جو ورلاپ بڻجي

تڙي پوندا تارئين، جڏهن ڳاڙها گل، تڏهن ملنداسين.

جيجيءَ لاءِ دعا

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي انهن عورتن مان آهي، جن کي جيڪڏهن هن قوم جو سرمايو چئجي، تہ غلط نہ هوندو. سندس گهڻ پاسائين شخصيت ۾ هڪ پاسي هڪ سريلي فنڪاره تہ ٻئي پاسي هڪ عظيم انقلابي پڻ لکل آهي. جيڪا سندس سدا بهار گيتن ۾ نظر ايندي آهي، "پليت پير ڪري پري هيءَ ڏرتي منهنجو ننگ آ"، واري جنگ ۾ جڏهن هن ڏرتيءَ جي نياڻين کي بي موت مرندي ڏسي ٿي تہ سندس آواز سنڌ جي هر هڪ درد مند نياڻيءَ جي اندر مان ايندي محسوس ٿئي ٿو. جڏهن سندس ڳايل گيت "امان، هي ماڻهو من جا ڪارا ٿئي، هي مون کي ڪاري ڪري مارينداَ. "ڀريو تہ، وڏو هل هلاجو ٿي ويو،

پنهنجي آواز سان روحن کي جهنجهوريندڙ هيءَ عظيم فنڪاره اڄ لياقت نيشنل اسپتال ۾ مختلف بيمارين سان جنگ جوٽي رهي آهي، باجهارو ڏٽي شال کيس صحت ۽ تندرستي عطا فرمائي، جيئن هوءَ مڪمل صحتياب ٿي وري کي انقلابي سُر وکيري، سنڌ جي عوام ۽ عورتن کي خاص طور تي گهرجي تہ هو هن املهہ فنڪاره جي صحتيابيءَ لاءِ ڏٽي در دعاگو ٿين.

روزانہ هلچل

جيجي زرينہ بلوچ، سنڌ جي صدا!

هوءَ جڏهن ب کو گيت آلاپيندي آهي ت ائين محسوس ٿيندو آهي. جڻ ت کنهن رنگين گلشن ۾ پرهہ ڦٽي ويل کا کوئل مڌر سرآلاپي رهي هجي. سندس مڌر آواز اڄ ب جڏهن فضا ۾ گونجي ٿو ت ماحول ۾ عجيب قسم جي خاموشي طاري ٿي وجي ٿي ۽ کنهن باغ ۾هولينڈ ڪوئل کان ب پنهنجا سر وسري وڃن ٿا ۽ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وساري چڏين ٿا. جن جي اندر ۾ فقط هک آواز ۽ هک نانءُ مرڪز پيدا ڪري ٿو ۽ اهو نانءُ سنڌ جي ڄائي جيجي زرينہ بلوچ جو آهي.جيڪو هن وقت ڪراچي جي هک اسپتال ۾ بيماري جي بستري تي زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي.

جيجي زرينہ بلوچ، ڪجهہ ڏينهن پهرين ڏنل هک انٽرويو ۾ انهن خيالن جو اظهار ڪيو هو ت هو سنڌ جي آئيندي مان مطمئن آهي ۽ سنڌ جو مستقبل روشن آهي. هن چيو هو ت هو ايا ب انهي اميد تي پنهنجا پساهہ ڪڍي رهي آهي ت سنڌ ۽ سنڌين جو آڃيو پنهنجين اکين سان ڏسان ۽ سنڌي پنهنجي ڌرتي تي آزادي جا گيت آلاپين. هن انٽرويو دوران ڪنهن سان ب کا شڪايت نہ ڪئي ۽ چيو ت هو پنهنجي گذاريل زندگي مان مطمئن آهي. ڪنهن سان ب کا شڪايت نہ ڪندڙ. پنهنجي گذاريل زندگي مان مطمئن جيجي زرينہ بلوچ، پنهنجن سنڌي فرزندن جي جيجي ماءُ آهي. ان ڪري پلي هو کا ب شڪايت نہ ڪري، پر اتي اسان جي سامهون هڪڙو سوال ضرور ڪر ڪنيو ٻينو آهي ت هن وقت بيماري جي بستري تي داخل جيجي زرينہ بلوچ سان اسان ڪهڙو سات ڏيئي رهيا آهيون؟

جيجي زرينہ بلوچ سنڌي ٻولي ۽ راڳ جي واحد لوڪ فنڪارہ آهي. جنهن سنڌي لوڪ گيتن کي هک نئون رنگ ڏنو ۽ هن ئي سنڌ جي وسري ويل ثقافت کي لوڪ گيتن ذريعي دنيا جهان آڏو اجاگر ڪيو. ٿورڙي عرصي ۾ سندس منڙو آواز سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي ويو ۽ سنڌ جي هر وستي، واهڻ، شهر ڳوٺ ۽ جهر جهنگ ۾ سندس ڪوئل جي منڙي ٻولي جهڙو مڌر آواز ورنائجڻ لڳو. جڏهن ت انهي جي عيوض سنڌي قوم ب کيس بي پناهہ محبتون ۽ پيار ڏيندي کيس جيجي جو لقب ڏنو ۽ اڄ ب ماڻهو کيس صرف

زرينہ بلوچ بدران ادب ۽ احترام وچان جيجي زرينہ بلوچ ڪري سڏيندا آهن. هونئن جيجي زرينہ بلوچ کي صدارتي ايوارڊ تائين ڪافي سارا ايوارڊ مليا آهن. پر منهنجي خيال ۾ ڪيس سنڌين پاران جيجي جو ڏنل لقب. سندس لاءِ وڏي ۾ وڏو ايوارڊ آهي ۽ فن جي دنيا جي تاريخ ۾ هو جيجي جي لقب(ايوارڊ) سان سجاتي ويندي.

جيتوڻيڪ جيجي زرينہ بلوچ جي سڄي زندگي دردن جي ڪٿا آهي، پر ان هوندي بہ هن پنهنجن چپن تي مرڪ آڻي. پنهنجا درد لڪائي هميشہ سنڌ واسين کي جيئڻ جو انساھ ڏنو آهي. جيجي زرينہ بلوچ هڪ ئي وقت فنڪاره ۽ ليکڪا آهي ۽ سندس سنڌ جي سرهائيءَ جي تحريڪ توڙي 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ بہ هن جو اهم ڪردار رهيو آهي. هن انهن تحريڪن دوران قومي گيت آلاپي آزادي جي تحريڪن ۾ نئين جان پيدا ڪئي ۽ نوجوانن ۾ نئون جذبو. همت ۽ ولولو وڌو. اها ئي سنڌ جي ڄائي سنڌ جي جيجي. اڄ بيماري جي بستري تي داخل آهي ۽ ڪيس دعائن جي شديد ضرورت آهي.

روزانہ هلال پاڪستان

29-9-2005

لڳو من مارن سان

جيجي زرينہ بلوچ جنهن پنهنجي پوري حياتي کي سنڌ لاءِ ارپي ڇڏيو. جنهن حياتي جو وڏو حصو قومي جاڳرتا اجاگر ڪرڻ لاءِ عملي قومي سياست ۾ پير پائي. سنڌ جي قومي ۽ مزاحمتي سياست ۾ عورت جي ڪردار کي عظمت بخشي. پنهنجي منڙي آواز سان هڪ طرف هن ديس جي درد وارن جي دلين ۾ قومي گيت ڳائي. جلا بخشي. تہ ٻئي طرف آواز سان گڏ عملي سياست ۾ حصو وٺي قومي تحريڪ ۾ هڪ سورمي جو ڪردار ادا ڪيو. اها جيجي اڄ زندگي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي آهي پر سنڌ خاموش آهي. جنهن جي ڳايل گيتن سان. جن سياسي اڳواڻن کي سياسي آڪسيجن مليو. سي ٻہ اڄ هن جي پيراندي وٽان بيهڻ لاءِ تيار نہ آهن. جيجي جي جهور پوڙهي جسم جي قومي قربانين اڳيان هوءَ پاڻ کي شايد آٽڻ نٽا چاهين. شايد کين خوف هجي تہ متان سهڪندڙ سڏڪن وارن چپڙن ۾ آخري پيرو ٻہ اها صدان گونجي پوي"مور ڙي الالا.لڳو من مارن عظيم استاد هڻڻ سان گڏ جيجي سنڌ جو درد رکندڙ قومي اڳواڻ هئي ۽ هن جا ڳايل گيت اڄ سنڌ واسين جي دل ۽ دماغ ۾ محفوظ آهن ۽ هميشہ محفوظ رهندا. جن جو قومي ڪم تاريخ جو اٽمٽ ورق آهي. جنهن کي ڪوبہ وساري نٿو سگهي. شايد ان کي ڪري اسان جو حڪمران بظاهر هن جي ويجهو وڃڻ نہ ٿو چاهي تہ جيجي جي حب الوطني ۽ عوام دوستي جو ليبل متان هن مٿان لڳي وڃي ۽ هوءَ جنهن بازار جو هن وقت قيمتي سڪو آهي ان کي گرهڻ نہ لڳي وڃي. جيجي اڄ ٻہ هر وطن واسيءَسان ايترو پيار ڪري ٿي جيترو هڪ ماءُ پنهنجي اولاد سان پيار ڪندي آهي. سنڌ جو هر فرد اوهان تي آيل هن تڪليف جي گهڙي ۾ گڏ آهي. هنن جي دلين ۾ اوهان اڄ ٻہ اها جيجي آهيو جيڪا ون يونٽ ۾ هئي. اوهان جو ڪردار عملي جدوجهد.سُر ۽ سنگيت. اسان کي هميشہ اتساهہ بخشيندا. اوهان سان هن ڌرتيءَ جي غريب مظلوم ۽ مسڪين ماڻهن جون محبتون ڪلهہ ٻہ هيون. اڄ ٻہ آهن ۽ سڀاڻي ٻہ رهنديون. اي جيجي! مظلومن جي دعائن ۾ اثر هوندو تہ اوهان اسان کان جدا نہ ٿيندیون. ڇو تہ جنهن انسان سان پوري قوم بي لوث محبت ڪري. اهو ڪڏهن ٻہ مري نہ ٿو سگهي.

روزانہ عبرت

25-09-2005

جيجي سياست ۽ سُرن جو سنگم

سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي تاريخ ۾ جتي ريتون رسمون، رواج ۽ رواداريون، عقيدا ۽ اعتبار، پاڻ ۽ پروسا، چلولايون ۽ چاڻ، رسڻ ۽ پرچڻ، محبتون ۽ هجتون، سنڌين جي رت ۾ رچيل هيون، اتي محفلون ۽ موسيقي به سندن سجاڻپ هئي، جيئن سائنسي کيتر ۾ ڦيٽو تمام پراڻي ايجاد آهي، جنهن جو تخليقڪار موهن جي دڙي ۾ دفن ٿيل اهو سنڌي آهي، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ مهذب ماڻهو ليکيو وجي ٿو، تيئن موسيقيءَ جهڙي روح جي غزا کي سُرن ۽ تالُن جي ترازوءَ ۾ تورڻ ۽ سازن جي سريلن آوازن سان مڌر بڻائيندڙ به پهريون سنڌي ماڻهو ئي آهي، جنهن لطيف جي روپ ۾ انساني عضون کي خوبصورت سازن سان تشبيهه ڏيندي چيو ته:

تن تسبيح، من مڻيو، دل دنبورو جن.

سازن جي سرن ۾ جڏهن خوبصورت گلي مان نڪرندڙ ڪوڪ سمائجي، ٻڌندڙ جي سماعتن تائين پهچي ٿي ته هو موسيقيءَ جي مستيءَ ۾ سرور پائيندو آهي ۽ دنيا جي خفن مان بيزار ٿيل بندو گهڙي کن لاءِ سکون ونندو آهي ۽ سڀ ٽڪ لاهي ونندو آهي. سنڌي راڳڻين ۽ سُرن ۾ جيڪو سُرور آهي، اهو جڏهن کنهن مڌر آواز وسيلي ماڻهن جي سماعتن کي ڇهندو آهي ته بهار جي صبح وانگر معطر لڳندو آهي، انهيءَ سرور ۽ سکون جي مالهائن کي پوئيندڙ، اڄ جا سنڌي راڳي، هن وقت ڪيترا نڌڻڪا ۽ مايوس آهن؟ ان جو اندازو هن وقت سنڌ جي بيمار راڳين جي بيچين زندگين مان لڳائي سگهجي ٿو! ماضي قريب ۾جيڪي راڳي بيماريءَ سان جهيڙيندي هن جهان کي الوداع چئي چڪا آهن، انهن مان سنڌ جا پلوڙ راڳي استاد محمد يوسف، استاد فيروز گل ۽ سينگار علي سليم قابلِ ذڪر آهن. اهي راڳي سنڌ جي ثقافتي ڪاتي تي ڏوراپا ۽ ميارون ڪندا هليا ويا. محمد يوسف جو، حميد آخوندَ سيڪريٽري جي حيثيت ۾ علاج ڪرايو باقي فيروز گل ته ملڪ کان ٻاهر عابده سان گڏ پرفارم ڪرڻ ويل هو جو اوچتو اتي گذاري ويو. هن وقت سنڌ جي اها فنڪاره بيماريءَ جي بستري تي دخل آهي، جنهن لاءِ هڪ ئي وقت زندگيءَ جا ڪيترا روپ محتاج آهن. هوءَ سنڌ

جي جيجي چئي ويندڙ فنڪاره ٻه آهي، استاد ٻه آهي، عورت ليڊر ٻه آهي، قومپرست ٻه آهي، ڪهاڻيڪاره ٻه آهي. جهڙي طرح علڻ فقير هڪ منفرد فنڪار هو. اهڙي طرح جيجي سنڌ جي قومي گيتن ۽ لوڪ گيتن جي ڪوئل آهي. سندس هي گيت جڏهن سماعتن سان ٽڪرائجي ٿو ته علائقائي خوشبوءِ ويڑها واسيو ڇڏي. اسين ماٺهو لاڙ جا، درياجي پچاڙ جا، اترڙو ٿو لڳي. يا لوڪ گيت جڏهن ٻهراڙي جي اها نينگري لوڏ ۾ ٻار لوڏيندي جيجيءَ جي منڙي آواز ۾ ٻڌي ٿي ته بي اختيار چئي ويهي ٿي ته اها آهي آواز جي ڪوئل جيجي زرينہ بلوچ. منهنجي ٻارڙي کي لوڏو ڏيو. مان پاڻيءَ تي ٿي وڃان. ۽ جڏهن وري قومي گيت جيجي ڪنهن پروگرام ۾ اچي جهونگاريندي آهي ته قومي ڪارڪن سندس آواز جي رڌم تي پيا نچندا آهن. جيجيءَ جو جهڙو سريلو آواز تهڙا وري قومي گيت! جڏهن گڏجن ته ڪرنٽ ٻڌجو رت کي گرمايو ڇڏين. مثلن " جنگ، جنگ، جنگ آ" جڏهن جيجي ڳائيندي آهي ته ائين محسوس ٿيندو آهي، ته هڻ سچي پچي جنگ جي ميدان ۾ بينا هجون يا ڏرتيءَ سان عشق جو اظهار جڏهن "جيئي سنڌ، جيئي سنڌ جامِ محبت پيئي سنڌ" جهڙي گيت ۾ چوندي آهي، تڏهن سنڌ جا سپوت پٽ پنهنجي ڏرتيءَ ماءُ تي سر گهور ڪرڻ لاءِ ميدان عملِ ۾ ڪڏي پوندا آهن. جيجي فقط فنڪاره ناهي، پر هوءَ سياست ۽ سرن جو سنگم آهي. جيجي زرينہ بيماريءَ جي بستري تي ٻه جيجل سنڌ لاءِ فڪرمند آهي، نير بيهوشيءَ جي حالت ۾ ٻه ساڻ هلندو رهي لاڻ ٻرندي رهي، جهونگاريندي سنڌ واسين کي سنڌ جي پارت ڪري رهي آهي، پنهنجي گڏريل زندگيءَ مان مطمئن آهي، سنڌ ۾ فنڪار ته ٻيا ٻه ڪافي آهن، پر جيجيءَ جي سوچ ۾ اهو فرق آهي ته هوءَ انهيءَ ڳالهه تي تمام گهڻو خوش ۽ مطمئن آهي ته سندس حياتيءَ ۾ سندس ٽئين پيڑهيءَ جا فرد سنڌ لاءِ سوچين ٿا ۽ لوچين ٿا. جيجي سنڌ جي ثقافت کاتي تي انهيءَ لاءِ ناراض ناهي، ته ڪيس علاج جو خرچ نہ ٿو ڏنو وڃي پر پاڻ ناراض انهيءَ تي آهي ته سنڌ جي ثقافتي کاتي کي ڏارين کي ڏيئي، سنڌ جي ثقافت کي نڏڪو ڪيو ويو آهي. سنڌ جو ثقافت کاتو ڪيترن بيمار فنڪارن جي مالي سهائتا ڪري سگهيو آهي يا ڪيترن ئي فنڪارن کي وظيفو ڏيئي رهيو آهي؟ ان لاءِ سنڌ جي انهن فنڪارن جون دانهون اخبارن ۾ چپيل ڏسڻ گهرجن. اها صورتحال انتهائي افسوسناڪ آهي، جنهن جي ذميواري فقط ئي فقط حڪومت تي آهي، حڪومت کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ ڏانهن گهٽ-۾ گهٽ هاڻي ضرور ڏيان ڏيڻ گهرجي.

جيجي: ڏرتيءَ ڏياڻي

سڪ، ساڻ ۽ پيار جون ڳالهيون ڪير ٿو ڪري سگهي ۽ انهن سان ساهه ڏيندي تائين ڪير ٿو نياڻ ڪري سگهي؟ منهنجي نظر ۾ انهي جو ٺالو فنڪار هوندو يا ڏرتي جو يار هوندو. ٻي صورت ۾ مڪمل انسان هوندو پر مون سوچيندي سوچيندي هي سڏون لکيون ته اهو ڪيڏو نه عظيم انسان هوندو، جنهن ۾ اهي سڀ خوبيون سلهاڙيل هونديون، جنهن جو ڏرتي سان ايڏو پيار هوندو جو هو سڙو بيمارين جي وچ ۾ هوندي به ٽٽل قٽل لفظن ۾ "ساڻ هلندو رهي، لاڻ ٻرندي رهي"، جهونگاري انهي ڳالهه جو ثبوت ڏيندو ته ڪيس ساهه وڇڻ جي ڳڻتي نه، پر اجان به ڪجهه ڏرتي لاءِ ڪرڻ جي ڳڻتي آهي. توڙي جو هن ڏرتي لاءِ ڪجهه ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪين رهائي ۽ زندگي جا سڀ رنگ، جوانيءَ جون سڀ ادائون ۽ خواهشن جي هر جوش کي نڙيءَ تي ننهن ڏئي چڏيو ۽ جيون ۾ هڪ ئي ڏرتيءَ لاءِ پيار جو خواب سانڊيندي آمنا جي روپ ۾ گهر جا ڪر ڪار ڪندي رهي پر جڏهن هن جيجي زرينه جو روپ ورتو ته سندس دل ۾ ديس جي محبت، عوام لاءِ تڙپ ۽ سياسي جدوجهد سان گڏ آواز جو انمول خزانو هن جي زندگي ۾ چوليون هڻندي پرجي ويو.

1934ع ڏاري ڳوٺ الله داد لڱ حيدرآباد ۾ محمد موسيٰ جي گهر ۾ اکيون کولينڊڙ جيجي زرينه بلوچ جي گهر ۾ راڳ کي ٻڏڻ سڻو ڪو نه سمجهيو ويندو هو، پر هن جي وجود ۾ راڳ جو شوق باقاعده شامل ٿي چڪو هو. جنهن سبب هوءَ لکي ڇپي ۽ راڳ جي ٻڌڻ ۾ ٻڏجي وئي. جيجي ابتدائي راڳ جي تربيت دادي ليلا کان ورتي، جيڪا پڻ مشهور شخصيت آهي. بعد ۾ استاد محمد جمن جي باقاعده شاگرديائي ٿي، جيجي زرينه جي ڳائڻ جي شوق کان گهر وارا به لاتعلق رهيا. جڏهن هوءَ پهريون آڊيشن حيدرآباد ريڊيو تي ڏيڻ وئي ته هوءَ برقعي ۾ويڙهجي پهتي هئي ۽ پهرين آڊيشن ۾ ناڪام وئي، پر هن اندر جو اندر ۾ محنت جو جذبو پاليو ۽ تمام گهڻي محنت ڪئي. جنهن جي محنت اهو مثال قائم ڪيو، ته جڏهن هوءَ ٻيو آڊيشن ڏيڻ وئي ته ڪيترن ئي فنڪارن مان هن ٽيون نمبر حاصل ڪيو. جنهن بعد هوءَ باقاعده ريڊيو تي اچڻ لڳي ۽ هن جا گيت:

پينر منهنجو چلڙو پاڻيءَ ۾، ٿي پيو گهرگلو ڙي،
ڪوهه جي نار ۾ ڙي، نار جي نيسر ۾ ڙي.

۽ ٻيا گيت پوري سنڌ ۾ گجگوڙ ڪرڻ لڳا. ابتدائي طور هن متان خانداني پابندين

پريشانين جو باعث بڻجنديون رهيون، پر ڪاميابيءَ ڪانپوءِ اهي پابنديون، پنهنجو موت پاڻ مري ويون ۽ جيجي زرينئون ميدان جوڙيندي اڳتي وڌڻ لڳي. جتي پوري سنڌ ۾ چورايل ڏنون ۽ پراين ڏنن تي ڳائڻ واري وبا وڌندي وئي، اتي جيجي زرينہ انهن ڳالهين جي رڳو مخالفت نہ ڪئي پر مقابلو ڪيو. هوءَ پنهنجا گيت ۽ پنهنجون ڏنون ناهي ڳائڻ کي ترجيح ڏيندي هئي. سنڌ جي مشهور شاعرن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري، سميت ڪيترن ئي مشهور شاعرن جي شاعري ۾ پنهنجي آواز جا رنگ ڀري انهن جي شاعري کي وڌيڪ مانائتو بڻايو. جيجي زرينہ ڳائڻ کانسواءِ ريڊيو تي ڊراما لکيا ۽ ڪمپيئرنگ پڻ ڪئي پر جيجي زرينہ جي دلچسپي جو مرڪز وري بہ راڳ ئي رهيو. راڳ جي حوالي سان هن سنڌي گيتن کي آمريڪا، برطانيا ڪئناڈا ۽ دبئي ۾ ڳايو ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ شهرت ماڻي. سندس ڪيئي ڪئسٽون مارڪيٽ ۾ آيل آهن.

ڪئناڈا جي هڪ ليکڪ چواڻي تہ "ڪئناڈا ۾ جڏهن صبح جو سهڻا ۽ مٺا سُر وڃن ٿا تہ اتي صبح جو مينهون ڪير گهٽو ڏين ٿيون." انهي ليکڪ جي لکڻي کانپوءِ فنڪار جي اهميت ۽ عظمت سمجهڻ گهرجي تہ واقعي فنڪار انقلاب آڻي سگهي ٿو. هو اخلاقي طور پاڻ جيان معاشرو جوڙي سگهن ٿا. هو هن معاشري ۾ ڏرتي لاءِ محبت ۽ ماڻهن لاءِ پيار جا مثال جوڙي سگهن ٿا پر تنهن صورت ۾، جڏهن جيجي زرينہ جهڙا آواز هجن. جيجي زرينہ جهڙا ڪردار هجن ۽ جيجي زرينہ جهڙا انمول هيرا هجن ۽ منهنجين اکين اڃان جيجي زرينکي ڏسڻ جي حسرت پوري ڪو نہ ڪئي آهي پر مون جيان پوري سنڌ سندس تصوير ڏسي، ڪردار ڏسي ۽ آواز ٻڌي اها فتويٰ جاري ڪري سگهي ٿي تہ هوءَ امر آهي، عظيم آهي ۽ مهان آهي.

جيجي زرينہ بلوچستڌي گيتن کانسواءِ ٻين ٻولين ۾ بہ ڳائي پاڻ مڃايو. اها ڪيڏي نہ اهم ڳالهہ ڇئبي جو هن عربيءَ ۾ بہ ڳايو ۽ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ۾ فلسطينين پاران ڪرايل پروگرام ۾ عربي ۾ ڳايائين. جنهن تي فلسطينين پاران سنڌ جي امر ڪلثوم قرار ڏيڻ سميت ڪيس ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. جيجي زرينہ بلوچ ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا. جيڪي فن سان سچائي جو ثبوت آهن. جيجي زرينہ بلوچ کي شاهہ لطيف ايوارڊ، قلندر شهباز ايوارڊ کانسواءِ هڪ اهو ايوارڊ مليو آهي، جنهن جي ڪري هن تي جيجيءَ جو نالو پيو. جيجي معنيٰ ماءُ، واقعي هن معاشري جي هر فرد کي پنهنجي پٽ اياز لطيف وانگر پٽ ڪري ڏٺو. تڏهن تہ سندس جذبا سچا، پيار سچو ۽ آواز ۾ پڻ سچائي آهي. جنهن ذريعي هوءَ واقعي ماءُ هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿي. جهڙي طرح جيجي زرينبلوچ آواز جي دنيا ۾ پنهنجا پر پکيڙيا اهڙي طرح هن جي من اندر ۾ تحريڪن

سان بہ سندس چاھ ھو. سياسي حوالي سان تمام وڏي سياسي خاندان سان واسطو رکڻ سان گڏ ھن جا عوامي تحريڪ جي سربراھ رسول بخش پليجي سان زندگي جا ٻنڊڻ ٻڌل آھن. ھوءَ نہ رڳو رسول بخش پليجي جي زندگيءَ جي ھمسفر آھي پر ھوءَ ھن سان سياسي زندگي ۾ ھٿ ۾ ھٿ ڏئي ھلي آھي. جيجي زرينہ سياسي جدوجھد ۾ ھميشہ تمام گھٹو سرگرم رھي ۽ ھوءَ سياسي حوالي سان ڪڏھن بہ پٺتي کو نہ ھٽي. ايم آر ڊي تحريڪ ھجي يا ون يونٽ خلاف جدوجھد، جيجي ھميشہ ھمت ۽ حوصلي سان مقابلو ڪيو. زندگي جا ڏينھن ڪيترا بہ پوئتي ٽيندا وڃن، پر جيجي زرينہ ڪي ھميشہ سياسي جدوجھد اڳتي ڏٺو ويو. تازو ھن عوامي تحريڪ پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف شروع ڪيل جدوجھد دوران سکر کان ڪراچي تائين لانگ مارچ ۾ شرڪت ڪري اھو چٽو ڪيو تہ اجان بہ ھوءَ سياسي جدوجھد ۾ اڳتي آھي. پر عوامي تحريڪ جي لانگ مارچ ۾ ھن جا ڪلام ھڪ اھڙي ھلچل ۽ جدوجھد جو رستو اختيار ڪري ويا ۽ عوام ۾ ھڪ اھڙو جذبو اپاري ويا جيڪو جذبو سنڌ دوستي لاءِ ضرور رنگ لاٽيندو.

جتي سنڌ ۾ رنگين شيشن جا گھر ناھڻ ۽ لينڊ ڪروزر در تي بيھارڻ واري سياسي ۽ سوديبازي جو دونھون وڻندو پيو وڃي، اتي سنڌ اندر اھڙي سياست جو اداروايان بہ مضبوطي جي حوالي ٽيندو پيو وڃي، جنھن سياست ۾ پنھنجو گھر ڏنو، سر ڏنو، بدلي ۾ جيل ڪاٽيا، تڪليفن مٿان تڪليفن کي پنھنجو مقدر سمجھيو، انھي سياست مان جيڪڏھن چند مثال ڪيبا تہ جيجي زرينجو نالو چمڪندڙ چند جيان ملندو. ڀل ھن سياست گھٽ ڪئي، پر اھڙي ڪئي جيڪا اڄ جي سنڌ لاءِ اھميت اختيار ڪري سگھي ٿي. جيجي زرينہ سياسي تڪليفن ۾ نظر ايندي رھي پر ھوءَ تڪليفن سان گڏ حوصلي ۽ ھمت ۾ نظر آئي. ھن 1979ع ڌاري ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ جيل جون سختيون سٺيون ۽ وري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ بہ سال جيل پڻ ڪاٽيو، پر پوءِ بہ ھن تحريڪن جي سرواٽي ڪئي ۽ اھڙي سرواٽي ڪئي جنھن تي سنڌ جي عوام کي فخر آھي. ھوءَ سياسي زندگيءَ ۾ ھميشہ اڳيري رھي. ھن جي پسند جا سياستدان سائين جي ايم سيد، ذوالفقار علي ڀٽو، حيدر بخش جتوئي ۽ بيا آھن. جن جي محبت کيس ھڪ بھادر قومي ڪارڪن جو تاج پارايو.

sarangsoomro@yahoo.com

روزانہ خبرون 12 آڪٽوبر2005ع

ساهه ساميئڙو مڙئي مهمان آ

سنڌي گيتن ۾ راڳ جي راڻي عابده پروين جي ڳايل سنڌي گيت جا هي بول اڇلهه بي ساخته زبان تي تري اچن تا ۽ دل کن پل لاءِ ڏکي وڃي ٿي.

جهولي جيجل ڪڏهن، تنهنجي خالي نه ٿئي،
ڪيئي باگهيون ڇميون، ڪي ئي دودا ڇميا.

اڄ سنڌ جي ون يونٽ تحريڪ جو هڪ مزاحمتي ڪردار، سنڌ جي باگهل ٻائي، سنڌين جي جوڌي پيٽ ۽ جوڌن جي ماءُ جيجي زرينہ بلوچ بيماريءَ جي بستري تي زندگي ڪارڻ موت سان جنگ جوٽيو بيٺي آهي. سنڌ جو روح سندس لاءِ بيچين ٿي پيو آهي. سندس هيٺي جسم ۾ ڪيڏي نہ سچائيءَ جي سگهہ آهي، هوءَ اڄ بہ شڪست کائڻ نہ ٿي چاهي، سندس پختو عزم اڄ بہ سندس چهري جي ريکائن مان جهلڪي رهيو آهي. هن جو آواز جيڪو هر دور جي جابر لاءِ للڪار بڻيل آهي. ان وقت جڏهن سندس انٽرويو لاءِ ڪجهہ صحافي ساٿس مليا تہ هن انهن جي موجودگيءَ ۾ سسئي پليجو جو هٿ هٿ ۾ ڏيئي جهيڻي آواز ۾ چيو هو: "ساڻ هلندو رهي، لاڻ ٻرندي رهي" ان ويل محسوس ٿيو تہ جيجيءَ کي ساڻ جي سلامتيءَ جو ڪيڏو نہ الڪو آهي. جيجي زرينہ بلوچ ان وقت قوم کي پيغام ڏيئي رهي هئي ۽ سسئي پليجو جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ڇڻ تہ پنهنجي مزاحمتي سگهہ وارو حصو بہ سسئي پليجو کي سنيالي ڏيئي رهي هئي، ڇڻ تہ اهو چوندي هجيس تہ ٻڇڙا! هيءَ جدوجهد جيڪا مون ڪئي آهي، تو کي بہ جاري رکڻي آهي. اها قوم جي امانت ۽ تاريخ جو باب اٿئي. جيجي پهاڙن جيان مضبوط ۽ ننڍڙي ٻار جيان مسڪرائي رهي هئي. هن مزاحمتي گيت ڳائي نوجوانن ۾ جدوجهد لاءِ روح ڦوڪيو. هن هر ڏکئي دور ۾ پوءِ اها ايوب جي مارشل لا هجي يا جنرل ضياءَ جي يا سنڌين جي هلايل ايم آر ڊي تحريڪ هجي، ان ۾ سنڌ جو ڪيڏارو ڳايو. مزاحمت ڪئي، جنگجوئن کي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جي سگهہ بخشي. خاص ڪري منشي ابراهيم جو هي گيت تہ ڇڻ ترانو هو. جنهن کي جنهن وقت بہ پنهنجي آواز ۾ ڳائيندي هئي تہ جسم جا وار ڪانڊارجي ويندا هئا:

"جنگ جنگ جنگ آ، منهنجي تو سان جنگ آ،
پليت پير ڪر پري، هيءَ ڏرتي منهنجو ننگ آ."

سنڌ جي جيجي هاڻي ڪراچي جي اسپتال جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ آهي. اهڙي مشڪل وقت ۾ جيجيءَ لاءِ سواءِ دعا لاءِ هٿ آسمان ڏانهن کڻڻ جي ٻيو ڪوئي چارو ناهي، جيجيءَ جيترو ڪجھ سنڌ کي ڏنو آهي، اوترو ڪيس سنڌ واسي دعائون ته ڏيئي سگھن تا، اچو ته رب پاڪ کي جيجيءَ جي جلدي صحتيابيءَ لاءِ اسر ويل پکين سان گڏجي ڏٽيءَ در دعائون گھرون : يا رب! اسان کي اسان جي جيجي جلدي صحتياب ڪري ڏئي، ته جيئن هن دور جو نوجوان نسل سندس ٻاجھ پري لولي ٻيھر سندس منڌي آواز ۾ ٻڌي سگھي.

"اسين ماٹھو لاڙ جا، درياھ جي پاڇاڙ جا، اترڙو ٿو لڳي."

جيجيءَ جا نماٹا نيٹ پيارن جو پچندا رھن تا. ھوءَ چئي رھي آھي ته بيماريءَ جي وڌندڙ دباءُ سبب متان وقت مھلت نہ ڏئي. تنھن کان اڳ اچو ته جيجي جيڪا ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي گيت ۾ اسان کي سڏي رھي آھي اِھو ٻڌون:

وقت جي چيچ ۾ زندگيءَ جو ڇلو،
ٻيو ٽئي گھر گھلو، يار جلدي ملو.

●

هي منڙو آواز

تنهن ڏينهن ٿي وي تي جيجي زرينہ بلوچ جنهن مهل اسان کي آڻت ڏيندي ڏرتي ۽ ڏرتي وارن جي پارت ڪئي تہ ان لمحي مون کي استاد بخاري جون هي ڪجھ ياد ۽ ڪجھ پلجي ويل سڻون: ذهن تي تري آيون.

چيائين سنڌ ۽ سنڌين جي ڇو تسبيح پيو سورين،

ڇيم هاٿي پچاڙي آ عبادت جي ضرورت آ

جيجي زرينہ بلوچ جيڪا هڪ ئي وقت سياسي ڪارڪن ب رهي تہ آرٽسٽ ۽ ليکڪا ب، استاد ب تہ بهترين راڳيندڙ پڻ، تنهنجا ڳيچ گيت ۽ ڪلام تہ ننڍي لاکون ٻڌڻ لاءِ مليا پر ساٺس روبرو ملاقات ان زماني ۾ ٿي جڏهن سنڌ ۾ قومي ڪاڄ جهجي انداز ۾ ٿيندا هيا. جشنِ لطيف ۽ 4 مارچ جا ڏاهاڙا، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ الوداعي ۽ آجيان وارا ميڙاڪا. تڏهن انهن تقريبن ۾ جيجي زرينہ جي شرڪت لازمي هوندي هئي. ڪيترن پروگرامن جي ڪوٺ ڪٽي آئون جڏهن حيدرآباد جي پناڻ ڪالوني "جنهن جو ب تنهن زماني ۾ عروج هو" جيجي زرينہ جو گهر ب اتي ئي تہ هوندو هو. سڌ جي موٽ ۾ جنهن مهل ب سندس سامهون ٿيندو هوس تہ هوءَ سپ کان پهرئين دعائون ڏيندي ۽ پوءِ احوال ونندي هئي. ان زماني ۾ اياز لطيف ب اڃان ننڍڙو هو. سدائين اجرڪ اوڍي استيج تي ايندڙ زرينہ بلوچ سان ڪيترين ئي گهڙيون گڏ گذريون. حليم باغي جي نظم" اڙي شهر جانان" يا ڄامشوري جي پٽريلي ڏرتي تي واقع مادر علمي سنڌ يونيورسٽي جي ڪشادي آڊيٽوريم هال ۾ جڏهن سنڌ جي نوجوانن آڏو پنهنجي مڏر ۽ منڙي آواز ۾ جيجي زرينہ "سات هلندو رهي لاٽ برندي رهي" وارو گيت آلاپيندي هئي تہ هال ۾ ويٺل پاران تاڙيون وڄنديون هيون تہ لگّ ڪاندارجي ويندا هئا ۽ پوءِ پنج، ست ڪلام جنهن ۾ لوليون هوندين هيون تہ گيت ۽ وايون ب ڳائيندي خبر ئي نہ پوندي تہ جيجي زرينہ بلوچ ايترو ڳائي چڪي آهي. نہ رڳو ڄامشوري پر ڪالهہ جي

مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه ۽ هاڻ يونيورسٽي توڙي لاڙڪاڻي جي چانڊڪا يا سنڌي زرعي يونيورسٽي شاهه لطيف ڪئمپس ۽ ڪراچي جي اسٽيل مل ڪان ويندي حيدرآباد جي سچل ۽ مسلم ڪاليج ڪان وڃي جيڪب آباد جي نل ۽ استاد بخاري جي شهر دادو تائين جيجي زرينہ ڪي مون ڳائيندو ٻڌو.ان زماني ۾ جيڪي فنڪار انهن فنڪشنن ۾ شامل هوندا هيا تن ۾ علڻ فقير،قمر سومرو،وحيد علي ۽ جيجي زرينہ بلوچ جو سنگر هوندو هو. ياد ٿو پوي ته هڪ پيرو دادوءَ جي ڪاليج ۾ شاگردن جي آجيان وارو فنڪشن هيو، قمر سومري چيو ته دادو منهنجو گهر آهي ۽ اڄ راڳ جي محفل جي ڪارروائي هو پاڻ سنڀالينڊو ۽ پوءِ جڏهن قمر سومري جيجي زرينہ ڪي اسٽيج تي سڏيو ته سچو پنڊال ادب وچان آجيان ۾ اٿي بيهي ڪيتري وقت تائين تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ پوءِ جيجي اسٽيج تي ڪن پل لاءِ پنڊال سان مخاطب ٿي ته سڄي هال ۾ ماڻ ٿي وئي.

مان ٻه گوليون هلايان جاني، مان ٻه گوليون هلايان
جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ

وارا گيت چئي جڏهن علڻ فقير سان گڏ شيخ ايياز جي وائي. "ٽڙي پوندا تارئين، جڏهن ڳاڙها گل، تڏهن ملنداسين" ڳائي، ته هر پاسي واهه واهه ٿي وئي.وطن ۽ وطن واسين جي آجپي لاءِ سڄي ڄمار جاکوڙيندي اسپتال جي بستري تان ٻ،نينهن نيائڻ جو درس ڏيندڙ زرينہ بلوچ سنڌ جو سرمايو آهي،سنڌ جي وارثن کي جاڳڻ جي هدايت ڪندڙ جيجي جڏهن" او امان او امان" جو گيت جهونگارينديءِ هئي ته دل چوندي هئي ته جيڪرهوءَ سڄي رات ڳائيندي رهي. پرهه ڦٽي تائين موري، دادو، ميهڙ ۾ "ڀائيئڙا پٽ ڊول ڪنا" ۽ هو جمالو ڳائيندي ساڻ سلامت چئي دعائون ڪري موڪلائڻ واري جيجي زرينہ بابت جيترو لکجي، گهٽ آهي.

لالچ ۽ لوڀ ڪان پري رهندڙ جيجي زرينہ ان وقت منهنجي ذهن تي آيل بار هلڪو ڪري ڇڏيو، جڏهن هڪ دفعي نوابشاهه جي ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ ڪو فنڪشن هو، جو تقرير جي پڇاڻي ڪان ڪجهه گهڙيون اڳ، جڏهن اهو اطلاع مليو ته فنڪشن جي ميزبانن وٽ فنڪارن جي فيءَ جا پيسا ناهن ڇو جو ڪم جي وٽ ونان ۾ هو اهو وساري وينا ته فنڪارن کي ڳائڻ ڪان اڳ في ڏيڻي هوندي آهي.

ڪاڇ ڏڻي منجهي پيا ته هاڻ ڇا ٿيندو.راڳ جو اعلان ٻه ٿي چڪو ۽ ماڻهو هاڻي

موسيقي ٻڌڻ لاءِ وينا هئا. اهڙي ماجرا ۾ آئون وڏي وجي وٽن پهتس. جيجي زرينہ ، قمر سومرو، علڻ فقير موجود هيا. مون کي پريشان ڏسندي جيجي چيو: پٽ ڇا آهي. کيس ٻڌايم. دوست هن وقت اوهان جي في ڏيڻ جهڙا ناهن. سياڻي آڇر آهي اوهان جي امانت توهان کي سومر تي حيدرآباد پهچائيندا. جنهن تي جيجي زرينہ چيو تہ اها بہ کا ڳالهہ آهي، سڀ کجهہ پيسو ناهي هوندو. هونئن بہ پاڻ ماڻهو پيسي جي چکر ۾ اچڻ وارا ناهيون. پٽن جي دعوت تي سنڌ جو پيغام کڻي آيا آهيون، سو ضرور ٻڌائبو. ائين چئي جيجي زرينہ ، قمر سومري ۽ علڻ فقير کي چيو تہ هلو تہ پندال ۾ هلون پنهنجن سان کهڙا ليکا ۽ پوءِ ان رات جيجي زرينہ دل کولي ڳايو.

ورندي ڏينهن تي جڏهن في کڻي دوستن سان گڏ آئون ان ساڳي پناڻ کالوني ۾ واقع جيجي زرينہ جي گهر پهتس تہ اسان کي ڏسندي چيائين، جيئن واعدي جا پڪا آهيو، تيئن پنهنجي ڏرتي ۽ ڏرتي وارن سان بہ سچا رهجو. اوهان کي اها منهنجي نصيحت آهي. پوءِ چانهہ جي کوپ کان اڳ اسان دوستن کي مٺائي آڇيندي جيجي زرينہ کامريد حيدر بخش جتوئي جون سٽون:

کينو فتنو ٿئي برباد
قرب محبت زندهہ آباد
پنهنجو آهي هي پيغام
جيئي سنڌ جيئي سنڌ

ٻڌائي، موڪلاڻي مهل دعائون کندي چيو تہ پڙڻا پڙهو ۽ پنهنجي اولاد خاص ڪري نياڻين کي تعليم ڏياريو، جو جو اهي اوهان جون سڃائي واري سفر ۾ بانهن ٻيلي ٿيڻيون آهن. ٿي وي تي تنهن ڏينهن جيجي زرينہ بلوچ کي ڏسندي کوڙ ساريون يادون ورائي ويون ۽ جيجي زرينہ جي همت ۽ حوصلي کي ڏسندي، مون کي تنوير عباسي جون هي سٽون ياد آيون تہ:

هونئن تہ هر ماڻهو ۾، مهڪي ٻئي مڻيا
پر جي سنڌ ڇڻيا، تن جو مٽ کو کينکي

(روزاني عبرت جي ٿورن سان)

●

جياپي لاءِ جنگ

جيجي زرينہ بلوچ سان منهنجي ملاقات ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي، منهنجي سانپر ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ گيتن ۾ جيڪو مون کي پسند آيو هو، اهو هو شيخ ايياز جو: "هي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون" ۽ انهي کان علاوه عبدالڪريم گدائي جي ڪلام "ساڻ هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي" ۽ آڪاش انصاري جيءغزل: جڏهن ڪنهن بہ بادل ولهاريون وساريون، کي سنڌ ۾ وڏي موٽ ملي آهي. 1934ع ۾ ڳوٺ الله داد چنڊ ۾ محمد موسيٰ بلوچ ۽ گل روز بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتائين. جيجي جو ڇني وارو نالو آمنا رکيو ويو. هن کي بہ پائر هئا. هيءَ اڪيلي هئي، تنهن ڪري ننڍ پڻ ۾ چوڪرو ٻڌجي جيجيءَ مڙئي ٻاراٽيون راندين کيڏيون هيون، هوءَ اجان الف ب بہ نہ پڙهي هئي، ڪتابن جي گاڏي تي رکيل مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب عجيب جواهر خريد ڪرڻ لاءِ پيءُ سان هُج ڪئي هيائين. جيڪو سندس پيءُ محمد موسيٰ بلوچ ڪيس پڙهي ٻڌايو هو. آمنا جيجيءَ دادي پوپريءَ ڪان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. جن ڪيس قرآن شريف، نورنامو، عهد نامو ۽ شاهہ جو رسالو پڙهايو هو. گل روز بيبي جي وڇوڙي ڪانپوءِ آمنا جي اندر ۾ جيجي زرينہ بلوچ اچي ديرو ڇمايو. هوءَ هاڻ سوز ۽ فراق جي پانڌياڻي ٻڌجي چڪي هئي. سنڌ جي مشهور مولودين جسڪاٽين ۽ مگٽهارن جي هارين جي شغل کي ٻڌي روحاني ڪلام جهونگارڻ لڳي. ان کان علاوه پڳت ڪنور ۽ جيوٽي ٻائي جا الهامي آلاپ ڪيس ٻڌڻ ۾ آيا. ائين آمنہ گائڪيءَ جي دنيا ۾ پير پاتو. دادي ليلا جي ٿورن سان هن قاضي قيوم اسڪول حيدرآباد مان ڊائريڪٽ فائنل جو امتحان ڏئي ڪيترن ئي ريگيولر چوڪرين کان گوءِ ڪٽي پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. 1960ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ ماسٽري واري نوڪري ڪرڻ لڳي. جيجي اتي هارن کي دعا ۽ بيت سُر سان پڙهائيندي هئي. سندس ساڻي استادياڻين جيجيءَ کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڳائڻ لاءِ همٿايو. ائين 1962ع ڌاري ريڊيو پاڪستان تان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيائين. جيجي زرينہ بلوچ جي نالي

سان سنڌي سرائيڪي ۾ ڪلام ڳائي وڏي ميڙ ماڻي. 1964ع ۾ شرون ڪمار ورما جي افساني "بوند بوند لاءِ پٽڪي" جي ترجمي سان پنهنجي ادبي دنيا ۾ آئي. 1966ع ڌاري حميد سنڌي جي رسالي روح رهاڻ ۾ "جيجي" ۽ 1970ع ڌاري طارق اشرف جي رسالي سهڻي ۾ "ليلئ مليس ڪنوار" ۽ ٻيون پنهنجيون ذاتي ڪهاڻيون ڇپرايون. ان کان علاوه بادل، تحريڪ ۽ ٻين رسالن ۾ به جيجي زرينہ بلوچ جون ڪهاڻيون ڇپيون آهن. جيجي زرينہ بلوچ جي ذاتي ڪهاڻين جو ڪتاب "تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون" ڇپيل آهي. زينت، دنگي منجهہ درياهہ، جنگل، راڻي جي ڪهاڻي، روپ ٻهروپ، گلن واري ڇوڪري، ڪاروان ۽ سندس ئي ڊرامي "ڪيڏو ڪارونيار" ۾ اداڪاري ڪري ٻين الاقومي ميڙ ماڻي آهي. جيجي رسول بخش پليجي جي ونيءَ آهي، رسول بخش پليجو. جنهن جي سنڌ جي حقن لاءِ ڪيل جدوجهد وساري نہ ٿي سگهجي. جيجي قيدياڻي جي ڊائريءَ جي بهادر ليڪڪا اختر بلوچ، اسلم پرويز ۽ ايار لطيف پليجو جهڙن پٽن جي ماءُ آهي. هن ايم آر ڊي تحريڪ ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي گرفتاري خلاف سنڌ ڪي جاڳايو هو. جيجي زرينہ بلوچ جي شخصيت گهڻ رخي آهي. هوءَ سنڌ جي ڪلچر، ٻولي ۽ حقن جي محافظ عورت آهي. هوءَ هن وقت ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ برين ٽيومر جهڙيءَ بيماريءَ ۾ مبتلا آهي. سندس لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو دعاگو آهي. شال هوءَ تندرستي ماڻي ۽ سندس گيت سدائين امرتائون ماڻيندا رهن.

●

دلڙي تو کان ڏار نہ آهي.....

هڪڙو ماڻهو لک ٿئي ٿو. اهو ڪيئن؟ انهيءَ جو احساس مون کي تڏهن ٿيو. جڏهن ڪجهه ڏينهن جي بيهوشي کان پوءِ هوش ۾ اچڻ وقت جيجي زرينہ بلوچ سنڌ سرڪار جي هڪ عورت عيوضي پاران سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ واري آڇ کي رد ڪندي چيو تہ مون کي سرڪاري خرچ تي علاج قبول ناهي! اخبار ۾ ان ضعيف العمر عورت جا اهي لفظ پڙهي مون کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي هن بيت انهيءَ عشق جا سبب سمجهائڻ شروع ڪيا تہ جيستائين عاشق جي جسم ۾ رت ۽ ست آهي، تيستائين عشق جي دعويٰ نہ ڪري، پر اهي جواني جا جوش جلوا جذبا سڀ ختم ٿي وڃن، پوءِ بہ پنهنجي اصل ارادن ۾ اٽل هجي، تہ اهو عاشق آهي. اهو ئي سر جو سوداگر آهي.

جان عاشق مٿي رت، تان دعويٰ ڪر م نينهن جي
سائو منهن سونهن گئي، سڪڻ ايءُ شرط،
ٻڌي گوڏ گرت، ساڻو ڪجي سور جو
(شاهہ)

ان عورت کي سنڌ ۾ گهٽي پاڳي لوڪ گيتن جي راڻي چيو وڃي ٿو. پر جڏهن سن جي سفر تي نڪرندڙ قافلن ۾ سندس آواز ۾ گونجندڙ اهي گيت "مان بہ گوليون هلايان" ياد ٿا اچن، تہ ان عورت جو قومي ڪردار اهو ثابت ٿو ڪري تہ هوءَ باغي گيتن جي راڻي بہ آهي تہ باغي بہ آهي تہ اڳواڻ بہ. جنهن زندگيءَ جي آخري سفر تائين حريت ۽ جرئت وارو جذبو پنهنجي ساهہ کان مٿانهون ۽ مقدس ڪري اکين، دل، دماغ، ٻجاءِ روح ۾ سانڍي رکيو. نہ تہ سنڌ ۾ فنڪار، ڪلاڪار، اديب، صحافي عمر جي آخري حصي ۾ يا اوکي مهل وظيفا ۽ امداد ونڊ لاءِ پيا ٻاڌائيندا آهن. پر باغي ائين نہ ڪندا آهن، اهي حق پني ونڊ ٻجاءِ چني ونڊ وارو رستو اختيار ڪندا ۽ ٻين کي اهو ئي درس ڏيندا آهن:

ملهہ مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو
(شاهہ)

انهيءَ ڪري فنڪار شاعر، صحافي، ليکڪ عرس چانڊئي، ايوب گل ۽ مون وانگر ڪيترائي ٿي سگھن ٿا. پر باغي ڪي ڪي ٿيندا آھن، تڏھن ئي ته شيخ ايياز چيو آھي ته:

ڪنھن ۾ بغاوت کان، باغي گيت برو آھي،
اونداھي جي رکوالن جي، ڇاتيءَ منجھ ڇرو آھي.

انهيءَ عورت سڀائين ظلم ۽ اونداھي جي راتين جي ڇاتين ۾ باغي گيتن جا ڇرا ٺوڪيا ۽ سمجھ سندس آواز ۾ گونجندڙ گيتن ذريعي وستين واھڻ ۾ پھتي، ھن سنڌوءَ سوڪ ۽ پنھنجي پيغام سنڌ تي پير کوڙي بيھندڙ پُٽن جي پيڙھجڻ توڙي فوزيا سھارڻ، شازيا سومرو، صائمہ پٽو سميت سنڌ جي نياڻين جي درد کي روح جي گھراين سان محسوس ڪرڻ کان پوءِ ئي علاج جي آڇ ڪرائيندي چيو ھوندو ته نٿي ڪپي ھيءَ ڪفن ۾ ويڙھيل بيڪ ۾ بخشيل بھار مون کي. نئون ڪو اتساھ ڏي ٿي، انهيءَ خزان سان آ پيار مون کي! ھوءَ برطانيا سرڪار جي اڳيان ھٿيار ڦٽا ڪندڙ اتر آئرليند جي باغين توڙي تامل باغين کان مٿانھن آھي، عمر جي آخري حد تي وڃڻ وقت ۾ ھن اھا وصيت ورجائي ته باغي ڪڏھن ۾ ھٿيار ڦٽا ناھن ڪندا ۽ نه ئي سمجھوتو ڪري رعايتون ونندا آھن. اصولن تي اٽل ۽ سر ڏيئي سرھا ٿيندا آھن ۽ مرڻ کان پوءِ ۾ سندن حسرتون ساڻين سان گڏ اڇٽي وڃڻ لاءِ کين اتساھيندیون رھنديون.

سڏائتي سپ کا، بَک نہ باسي کا
جيھي تيھي ذات جي، جُنبش کانھي جاءِ
مون سين ھلي ساءِ، جا جيءَ مٿو نہ ڪري
(شاھ)

ھن جي پوري زندگي عملي جدوجھد ۾ گذري، مون ھن کي باغي گيتن جي راڻي ان ڪري لکيو آھي ته ھن انھن گيتن ۾ سمايل عزت ۽ آجپي واري پيغام کي سنڌ جي عام لوڪن تائين پھچايو . ھوءَ جيڪڏھن اھي گيت پنھنجي امر آواز ۾ نہ آلاپي ھا، ته اھي عام لوڪ انھن شاعرن جون اھي انقلابي ڪويتائون پڙھڻ، سمجھڻ لاءِ ڪتابن تائين ڪو نہ پھچن ھا. ھن پنھنجو پيغام نہ رڳو راڳ ويراڳ ذريعي ڏنو پر ھن سادي عورت ڪارڪن بڻجي اڳواڻي وارو ڪردار ۾ ادا ڪيو. انهيءَ ڪري ئي آئون ان سنڌين جي جيجيءَ کي نہ رڳو باغي گيتن جي راڻي پر باغي ۽ اڳواڻ ۾ قرار ڏيان ٿو. سنڌ جي سياسي ڏرين ۾ سطحي اختلاف گھٽ وڌ يا عروج تي ھوندي ۾ ھوءَ سيني لاءِ

هڪجهڙي قابل قبول هوندي هئي. اها ئي سندس ڏاهپ ۽ اخلاقي وڏائي هئي، جنهن کي هن مرڻ گهڙيءَ تائين برقرار رکيو. اهو انهيءَ جهور جيجي جي ئي سيني جو ٿمر آهي جو سسئي جو سياسي نظر شاعراڻو نہ هوندي بہ پنهنجي آخري سٽن ۾ بينظير کان مطالبو ٿو ڪري تہ اڄ تہ ماضيءَ جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ ويڑهہ وڙهون. ايم. آر. ڊي جهڙي ، سسئي جو اهو آزاد نظر بينظير کي مفاهمت جي سياست مان ڪڍي مزاحمت واري سياست طرف آڻيندو بہ الائي نہ! پر جيجيءَ جي جوت جهڙي ڪردار جي تقاضا تہ اسين صرف سسئي جهڙين اجرڪ جي اوڍڻ وارين سڏ ڇائين مان ئي رکون ٿا جيڪي جيجيءَ جيان سيني لاءِ هڪجهڙو قابل قبول ۽ قابلِ احترام هجن. انسان جي طبعي زندگي جيتوڻيڪ تاحيات نہ آهي پر ان جو پنهنجي وطن ۽ قوم جي عزت ۽ آزادي لاءِ جدوجهد ڪندي مرڻ ئي ڪيس امر ڪري ڇڏيندو آهي ۽ وطن جا وڻ اهڙن امر ڪردار کي ماڪ ڦڙن جي صورت ۾ لڙڪن جي پيٽا ڏيئي سارياندا رهندا آهن ۽ انهن جو ديرو هميشہ ديس واسين جي دلين ۾ ئي هوندو آهي. هو رهن نہ رهن پر سندن بغاوت جا علم اوچا رهندا آهن ۽ نيٺ وجي منزل پيڙا ٿيندا آهن. ڪلا جي ڪاليءَ کي پيٽا طور جڳ جا پاپ ڏوئي پنهنجو رت ست ڏيئي ويندڙن لاءِ ئي اياز چيو آهي تہ:

سنڌڙي تو کي ساري تي ۽ تو کي سنڌڙي سار
دلڙي تو کان ڌار نہ آهي، ڌار نہ ٿي سگهندي.

روزانہ ڪوشش
27-10-2005

ڪير وساري سگھندو توکي!

اهي ڏينهن ياد آهن، جڏهن سنڌ ۾ مارشلا جو دور هو. هر طرف سنڌين متان ڪاري رات ڇانيل هئي. سنڌين جي متان ڪات ڪهاڙا اپا هوندا هئا. تنهن وقت جيجي زرينہ بلوچ جا قومي گيت ٻڌي، دلين ۾ بهادري جو طوفان برپا ٿيندو هو. هر نوجوان جي وات تي جيجي زرينہ بلوچ جا گيت هوندا هئا. "سات هلندو رهي لاٽ برندي رهي"، " جنگ آ جنگ آ منهنجي تو سان جنگ آ" انهن انقلابي گيتن کي ٻڌي، سنڌ جي نوجوانن جا سر فخر سان اوچا ٿي ويندا هئا ۽ هر طرف نينهن جا نعرا گونجندا رهندا هئا. اڄ جيجي زرينہ بلوچ بيماري جي بستري تي آهي ۽ موت سان جنگ وڙهي رهي آهي. سڄي سنڌ سندس صحتيابيءَ لاءِ دعاگو آهي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌي ثقافت جو سرمايو هئي. جنهن جهر جهنگ کي لوڪ گيتن سان شاداب ڪيو. جنهن ڪاري دور ۾ بہ گيت ڳائي. اسان جي دلين ۾ سنڌ سان عشق ڪرڻ ۽ سنڌ متان گهور ٿيڻ جو سبق ڏنو. جيجي زرينہ بلوچ مختلف بولين ۾ ڳائي وڏي مجتا ماڻي. 1966ع کان وٺي جيجي مختلف رسالن ۾ پنهنجون ذاتي ڪهاڻيون ڇپرايون ۽ ڊرامن ۾ ڪم ڪري بين الاقوامي مجتا ماڻي. جيجي زرينہ بلوچ رسول بخش پليجو جي وني ۽ ايياز لطيف پليجو جي ماءُ هئي ۽ گهڻ رخي شخصيت هئي، هوءَ تقريبن مهينو کن موت سان جنگ وڙهندي رهي. جيجي آخري وقت تائين ڪنهن کي بہ ڪا بہ معيار نہ ڏني. ۽ نہ چيوتہ ڪير آيو ڪير نہ آيو.

روزاني عوامي آواز

27-10-2005

●

جيجيءَ لاءِ دعا

سج نيزي پاند اچي بينو هو. ڏامر جا تتل رستا باهه اوڳاڇي رهيا هئا. هوا بند. گهٽ ۾ گرمي ۽ چوٽ تي هئي. نٽي جا رستا سنسان هئا. خاموشي ۾ ماڻ جو راڪاس ڇانيل هو. ارغونن ۾ ترخانن طرفان نٽي تي کيل ڪاهن. ظلم ۾ بربريت جي ماريل نٽي جي ماٺهن ۾ خوف. ڊپ ۾ بزدلي اڄ ۽ موجود هئي. پوليس رينجرز ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا لڻيون ۾ بندوقون کڻي رستن تي مارچ ڪري رهيا هئا. ايتري ۾ نٽي شهر کان ٽورو پريان قومي ڪارڪنن جو قافلو سنڌي عورتن. ننڍڙين ٻارڙين ۾ پوڙهين عورتن جي اڳواڻي ۾ سنڌ تان سر گهورڻ. پاڻي ڏيڻ. ڊيرو نه ناهڻ جا اپ ڏارينڊڙ نعرا هٺندو نٽي شهر ڏانهن وڌي رهيو هو. قافلي جي اڳين صف ۾ مون هڪ پوڙهي کي ڏٺو جنهن جي مٿي تي اجرڪ اوڍيل هو. سندس چهري تي گهنج هئا. هوءِ ڪمزور ۽ بيمار لڳي رهي هئي. پر سندس همت. عزم ۽ نعرن ۾ حصو ونڊي ڏسي عجب پئي لڳو. ڇاتل سڃاتل هيءَ پوڙهي قافلي جي جان هئي. دل چيو ته اڳتي وڌي کيس پيرين پوان ۽ سلام ڪريان. پر قافلو نٽي ۾ داخل ٿي چڪو هو. قافلي کي پوليس ۽ رينجرس گهيري ۾ آڻيندي لاني ڇارج شروع ڪري ڏني. مون ڏٺو ته ان مارا ماريءَ ۾ ان پوڙهي کي هڪ زوردار لٽ اچي لڳي. سندس مٿو ڦاٽي پيو. رت ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو. ان وقت رت روڪڻ جو ڪو به بندوبست نه هو. قافلي ۾ موجود ڪارڪن پوليس سان اٽڪي پيا. نٽي جي هن تاريخي شهر ۾ رڻ پئي گجيو ۽ راڙو متل هو. پوڙهي ٻنهنجي اجرڪ جي پلاند مان هڪ ٽڪر ڦاڙي ٻنهنجي مٿي سان ٻڌو ۽ تيز تيز وکون کڻندي جاري آهي. جاري رهندي. جنگ اسان جي جاري رهندي. جهڙا نعرا هٺندي قافلي سان گڏ هلندي رهي.

ميڪسم گورڪي جي ناول "ماءُ" واري اها ماءُ هئي. جيڪا قافلي ۾ شامل عورتن ۽ مردن کي تسلي. همت ۽ هدايتون ڏيندي هلندي رهي. جيجي جي ان بهادري عظمت ۽ جذبي کي ڏسي صحافي ڦري آيا. لڻين جي وسڪاري ۽ پوليس جي انبوهه ۾ مٿي مان وهندڙ رت ۾ به جيجي پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري مٿي ۾ لڳل ڏاڪ هڪ صحافين کي

ڏيڪاريندي چوڻ لڳي ته "جيڪڏهن هن ويڙهه ۾ اڄ آءُ مري به وڃان ها ، ته به ڪا پرواهه ناهي. پر هن تشدد ۽ لڻين کان ڊڄي يا خوفزنده ٿي پوئتي هٽڻ مون سکيو ئي ناهي." "فخر وڃان منهنجو ڳاڻ اڄ اوڇو آهي. آءُ پنهنجي قوم کي ڪنڌ مٿي ڪٿي ٻڌائي سگهان ٿي ته مان سنڌ جي اها ڄائي آهيان جيڪا مري ته سگهي ٿي پر جهڪي نه ٿي سگهي." ان تاريخي جدوجهد ۾ جيجي جو شاندار ڪردار ڏسي مان دنگ رهجي ويس. واقعي به جيجي کي لک شابسون هجن ۽ ان جي عظمت کي سلام هجي جيڪا بيمار هجڻ جي باوجود هن عمر ۾ به پنهنجي مقصد تي اٽل بيٺل هئي ۽ ان کان علاوه ويجهڙائي ۾ به هو جلسن جلوسن، بک هڙتالن ۽ احتجاجن ۾ پنهنجو ڪردار نيائيندي رهي. سندس چپن تي درد جي دانهن بدران "لاٽ برندي رهي" جهڙن گيتن جو آواز بلند ٿي رهيو آهي. "جان جان هئي جيئري. ورچي نه ويئي" وانگر لطيف جي حقيقي سورمي جو ڪردار نيائيندڙ اسان جي هن جيجي جي حياتي، انتهائي سياويڪ رهي.

جيجي زرينہ بلوچ ۽ سنڌ

سنڌ سدائين ثقافتي طور شاهوڪار رهي آهي. هيءَ ڌرتي علم، ادب ۽ دانش سان گڏوگڏ فن ۽ فنڪارن توڙي ان جي قدردانن جي ڌرتي رهي آهي. هن ڌرتي تي رهندڙ هر اهو ماڻهو قدر ڪندڙ آهي جيڪو پنهنجي ثقافت سان پيار ڪري ٿو ۽ انهن ماڻهن سان پيار ڪري ٿو جيڪي هن ڌرتي جي خدمت ڪندا آهن. هن ڌرتي جي ڌيهان ڌيهہ ثقافت کي اجاگر ڪندا آهن. سنڌي ماڻهو ان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن. ان سان ايڏي تہ محبت ڪندا آهن. جنهن جو ڪو بہ مثال ناهي. اهي ڌرتي جا رهاڪو ان ماڻهو جي ڏسڻ لاءِ سڪندا آهن جيڪو هن ڌرتي جي ثقافت کي اجاگر ڪندو آهي ۽ سڄي زندگي هن ڌرتي جا گيت آلاپيندو آهي ان ماڻهو لاءِ هي ڌرتي ڇاوا ان جو ڪٿي بہ اڇڻ جو ٻڌندا آهن تہ رستا پيا ٻهاريندا آهن. جڏهن اهو ماڻهو انهن جي سامهون هوندو آهي تہ اهي ان شخصيت کي ڏسڻ مان ئي نہ پيا ڏاپندا آهن. ان کي ايترو تہ پيار ڏيندا آهن جو اهو شخص سندن پيار کي سڄي زندگي وساري نہ سگهندو آهي ۽ آخري وقت ۾ بہ ائين پيو چوندو آهي تہ مونکي انهن سنڌ جي منڌن ماروئڙن جون دعائون آهن جيئن هن وقت اسان جي ڌرتي جي اها پياري فنڪاره اسپتال جي بستري تي بيماري جي حالت ۾ تڪليف ۾ آهي ۽ پلا اها ڪير آهي؟ اها آهي جيجي زرينہ بلوچ! جنهن جي حوالي سان جڏهن اخبارن ۾ اها خبر شايع ٿي هئي تہ جيجي زرينہ بلوچ بيمار ٿي پيئي آهي ۽ سندس حالت تمام نازڪ آهي. اهي خبرون پڙهي هر ننڍو وڏو سنڌي پنهنجا هٿ اڀا ڪري پروردگار کي ٻاڏائڻ شروع ڪيو تہ يا خدا! هن سنڌ جي اربيلي فنڪاره کي اڃا سئو سال عمر ڏي، جيڪا سدائين اسان جي ڌرتي تي موجود هجي ۽ هن ڌرتي جي ثقافت کي اجا وڌيڪ اجاري ۽ اسان جي ايندڙ نسل کي پنهنجي ڌرتي جي اوائلي دور جا گيت ٻڌائي تہ سنڌ ڌرتي ڪيڏي قديم آهي ۽ اهي ماڻهو پنهنجي ثقافت کي اجاگر ڪندڙ فنڪاره سان ڪيتري نہ محبت ۽ چاهہ رکن ٿا. جو شل نہ ڪو فنڪار بيمار ٿئي يا انهن سان ڪو مسئلو پيش اچي، تہ اهي خدا جي در سجده ريزڻيندا آهن تہ انهي کي وڏي ڄمار ڏي جنهن

سالن کان وڌي اسان جي ڌرتي جي ثقافت کي پنهنجي آواز جي آذار دنيا کي ٻڌايو آهي ته سنڌ هڪ الڳ ڌرتي آهي جنهن جو سڄي دنيا ۾ ڪو به مثال ناهي. هن جي هر ڳالهه نرالي آهي. هي سيني کان الڳ ٽلڳ آهي. مون جيجي زرينہ بلوچ کي تڏهن سجاڻڻ شروع ڪيو جڏهن مان انٽين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس. انهن ڏهاڙن ۾ استادن اسان کي چيو ته اسڪول ۾پروگرام آهي ان لاءِ پروگرام ۾ هڪ سيڪشن اهو آهي جنهن ۾ علڻ فقير ۽ جيجي زرينہ بلوچ جو ڪردا ڪرڻو آهي. تڏهن مون کي علڻ فقير جو ڪردار ڏنو ويو ۽ اها وائي ٽيپ تي ٻڌرائي ويئي جيڪا هئي "ٽڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل تڏهن ملنداسين" ان وائي جي ڪردار لاءِ مون کي چونڊيو ويو ته توهان علڻ فقير جو ڪردار ڪريو باقي زرينہ بلوچ جو ڪردار پنهنجي ئي ڪلاس جي هڪ دوست جنهن جو نالو خادم هو ان کي اهو رول ڏنو ويو. اهو رول ايترو ته سنو ٽي ويو جو جنهن کري مان جڏهن به هاءِ اسڪول ۾ ويندو آهيان ته منهنجا اهي استاد اهو پراڻو نالو وڌي ملندا آهن. علڻ فقير خوش آهيو مقصد ته مون جيجي کي تڏهن کان سجاڻڻ شروع ڪيو ۽ ان کان پوءِ جيجي جا ڪوڙ سارا ڪلام گيت ريڊيو ۽ ٽي وي تي ٻڌندا هئاسون ۽ ٻڌون پيا، پر مون کي اهو شرف اڃا حاصل نہ ٿيو آهي ته جيجي کي ڪٽي سامهون ٻڌان ها. ان کي سلام ڪريان ها. سنڌ ڌرتي تي رهندڙ ماڻهو فنڪار کي تمام گهڻي عزت ڏيندا آهن ۽ ان سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن. انهن جي ٿورڙو به جهري پوڻ ڪري اهي به جهري پوندا آهن. اهي ماڻهو محسوس ڪندا آهن ڇڻ سندن جان جو ٽڪرو سندن جسم کان جدا ٿي رهيو آهي. جيجي زرينہ سان محبت جو اندازو اهي ڪالم آهن. اهي مختلف شهرن ۾ ميڙاکا آهن جن ۾ خصوصي طور تي جيجي لاءِ دعائون گهريون ويون ۽ گهرجن پيون. هونئن به اسان جي سنڌڙي ۾ باقي بچيائي ڪيترا فنڪار آهن جو جن تي ناز ڪريون فنڪار ته گهٽائي آهن ۽ تمام سٺا آهن ۽ سنو ڳائي رهيا آهن ۽ پنهنجي ڌرتي جي ثقافت جي سٹي خدمت ڪري رهيا آهن پر استاد منظور علي خان، استاد محمد يوسف، استاد وحيد علي، استاد جمن ۽ ٻيا اهڙا فنڪار جن جي وڇڻ کانپوءِ انهن جو ڪنهن به خال ناهي پريو. هونئن به ڪو ڪيڏو به سريلو ڇو نہ هجي پر اهو انهن جهڙو ٽي نہ سگهندو. ڇو جو ائين ڪڏهن ٿيو ئي ناهي جيڪڏهن ٿيندو به آهي ته تمام گهٽ ۽ نہ ٿيڻ جهڙو فن جي دنيا تمام گهٹي وسيع آهي هن جو ڪو به ڪاٽو ناهي نہ ڪو وري انهي ڪاٽي کي ڪو سمجهي سگهندو پر اسان خدا

باري تعاليٰ کان دعاگو آهيون تہ اسان جي ڌرتي تي ايا بہ سڀني کان سڀا ڪلاڪار پيدا ٿين جيڪي هن ڌرتي جي ثقافت کي اجاگر ڪري پوري دنيا ۾ روشناس ڪرائين. جهڙي طرح جيجي زرينہ پنهنجي مخصوص انداز ۽ مخصوص لهجي ۾ پنهنجي هڪ الڳ جاءِ جوڙي پنهنجو نالو ڪمايو ۽ ڌرتي جو قرض لاٿو آهي. جيجي جا اهڙا امر ٿيل گيت. سهرا. وايون جيڪي ڪڏهن بہ سڀڪ سان پيار ڪندڙن جي دلين مان مٽجي نٿا سگهن جيڪي هن ڌرتي جي سيني مان ڦٽا آهن اهي ايندڙ پنهنجي نسل کي بہ اهو ضرور ٻڌائيندا تہ پنهنجي ڌرتي سان پيار ڪندڙ ۽ ان کي پوري دنيا ۾ روشناس ڪندڙ کي ڪڏهن بہ نہ وسارين ڇو جو اهي ئي اسان جي سڃاڻپ آهن مان پوري سڀڪ جي ماروئڙن طرفان جيجي لاءِ بارگاهہ الاهي ۾ سڪ ۽ اکير مان هٿ کڻي اها دعا گهران ٿو تہ اي خدا اسان جي هن جيجي کي ايڏي تہ وڏي حياتي ڏي جو هيءُ هميشہ اسان جي اکين جو نور هجي ۽ اسان هميشہ سندس شفقت جي ڇانو ۾ هجون. آمين ثم آمين.

روزانہ شام

5-10 -2005

جيجي زرينہ بلوچ گيتن ۾ زندھ رھندي

"بي خبر ناھي پر مرڻ کان پوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رھنديون" جھڙو لازوال گيت ڳائيندڙ ملڪ جي عظيم ۽ نالياري فنڪاره، ليکڪا، انقلابي شاعره ۽ استاد جيجي زرينہ بلوچ کافي ڏينھن کان زندگي ۽ موت جي ۽ واڙي تي بيٺل ھئي جيڪا اڄ اسان کان موڪلائي وئي آھي پر پنھنجن گيتن جي ذريعي ھميشہ زندھ رھندي. جيجي زرينہ بلوچ 1934ع ۾ حيدرآباد جي علاقي غوث الھداد چنڊ ۾ جنم ورتو ۽ 1964ع ۾ ھن عوامي تحريڪ جي سربراھ رسول بخش پليجو سان شادي ڪئي. جيجي زرينہ بلوچ 41 ڏينھن جي ڊگھي علالت کان پوءِ جسماني طور تي اسان کان موڪلائي وئي. جيجي 1962ع کان ريڊيو پاڪستان تان فني شروعات ڪئي ۽ ان دوران ئي ھن موسيقي متعلق استاد محمد جمن کان باقاعده سکيا ورتي. اھا زرينہ بلوچ جنھن کڏھن ملڪ اندر ايوبي آمريت، ون يونٽ ۽ ضيائي مارشل لا سان پنھنجن ڪلامن، ڪھاڻين ۽ شاعري ذريعي ويڑھاند ڪري رھي ھئي سا اڄ موت سان مھاڏو اٽڪائيندي اسان کان جسماني بنياد تي ٽ الڳ ٿي وئي آھي. پر پنھنجي عملي جدوجھد ۽ ماضي جي لازوال انقلابي تحريڪن ۽ جدوجھد وسيلي ھوءَ ھينئر ب اسان جي رھنما آھي. جيجي زرينہ بلوچ ھڪ ئي وقت لوڪ فنڪاره، سياستدان، ڪھاڻيڪار ۽ استاد ھئي. ھن 1978ع جي دوران ذوالفقار علي ڀٽو جي آزادي لاءِ ھلايل تحريڪ دوران 3 سال قيد پڻ ڪاٽيو ھو. عوامي تحريڪ سنڌياڻي تحريڪ ۽ عوامي نيشنل پارٽي ذريعي جدوجھد ڪندڙ آمريت کي پنھنجن گيتن سان للڪاريندڙ، عملي جدوجھد ذريعي مھاڏو اٽڪائيندڙ ۽ سنڌ جي عظيم لوڪ ورثي ۽ ثقافت کي پنھنجي آواز ذريعي دنيا تائين پھچائيندڙ ھن عظيم فنڪاره آخري وقت تائين قوم جي حقن لاءِ جدوجھد ڪئي. ان بزرگي واري عمر ۾ ب ان عظيم شخصيت کالا باغ ڊيم، ٿل ڪئنال ۽ بين عوام دشمن منصوبن خلاف ڪيترن ئي ميلن تائين

پنڌ مارچ ڪيو ۽ احتجاج ڪيو ۽ آخري وقت ۾ ب هو ڪڏهن ڪراچي ۾ ٽل ڪٽنال خلاف نڪتل ريلي ۾ ڪارڪنن جي اڳيان ڳائيندي نظر آئي ته ڪڏهن عاصمہ جهانگير ۽ ڄام ساقي جي گرفتاريءَ خلاف پريس ڪلب حيدرآباد ٻاهران ننڍڙ اس ۾ آمريتي حڪومت خلاف سخت لهجي ۾ تقرير ڪندي مون کي نظر آئي ۽ ان وقت مون کي اهو شعر ياد آيو ته:

هو جي پوڙهو، جهور وڙهندي ٽيو ويڙهہ ۾،
اڃان ب ڏمري ڏاڍ تي آڻ نہ مڃي مور.

انهي بيت جي سڻن وانگر هو پنهنجي زندگي جي آخري گهڙين ۾ ب احتجاجن ۽ ڏرٽن ۾ شامل رهي. سندس شخصيت سدائين غير تڪراري رهي. هن پنهنجي موسيقي جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن ۾ انقلابي جذبو ۽ جنون پيدا ڪيو. زرينہ بلوچ ملڪ جي انتهائي نالياري، سياستدان، دانشور ۽ اديب رسول بخش پليجو جي گهر واريءَ ۽ نالياري وڪيل اياز لطيف پليجو جي والده آهي جنهن کي سڃي سنڌ جا ماڻهو سندس پنهنجي ڪردار، جدوجهد ۽ حوصلي سبب انتهائي احترام ۽ پيار مان"جيجي" (ماءُ) چوندا آهن. هيءَ پنهنجي ذات ۾ پاڻ هڪ وڏو تعارف آهي. ملڪ اندر جڏهن مظلوم قومن کي ون يونٽ ذريعي غلام بنائڻ جي سازش ڪئي وئي ته "جيجي" سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز سميت ٻين عوامي ۽ انقلابي شاعرن جي شاعري کي پيغام بنائي پنهنجي پرجوش آواز ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ، گهٽين ۽ ٻهراڙين ۾ پهچايو. ان کان علاوه ضيائي مارشل لا خلاف ب جيجي پنهنجن فنڪاراڻين صلاحيتن ۽ آواز کي مارشل لاءِ ۽ ان جي ظلمن خلاف استعمال ڪيو.ضيائي آمريت ۾ ب هن ب سال قيد ڪاٽيو. جيجي زرينہ انهيءَ دور ۾ مارشل لا عملدار طرفان رائيٽر فورم ۽ ٽي وي ايوارڊ جيڪو ڪيس ضياءُ الحق هٽان ملٽو هو. سو ب ونڊ ڪان جواب ڏئي ڇڏيو هو.

جيجي زرينہ جا ڳاتل سنڌي، بلوچي قومي گيت ايس ايس ٽي، سپاف، جساف، بي ايس او ۽ جمهوريت لاءِ جاکوڙيندڙ ڪارڪنن ۽ سنڌ جي عوام لاءِ اتساهہ جو ڪارڊ بڻيا ۽ اهي قومي گيت انهن ڪارڪنن اندر هڪ نئون جوش ۽ ولولو پري ڇڏيندا هئا. سندس ڪجهہ ڳاتل قومي گيتن کي ته "ترانن" جي حيثيت حاصل آهي. فاضل راهو، نذير عباسي، مرتضيٰ پٺو، لالا اسد ۽ احسان ميمڻ جي شهادتن تي انقلابي گيت ڳائي کين زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو.

عوامي نيشنل پارٽي، عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت ۽ سگا جي بہ باني ڪارڪن رهي آهي. هن ڪيترن ئي ملڪن جا دورا پڻ ڪيا ۽ اتي جي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي پروگرامن ۾ حصو ورتو. بينظير پٽو کان وٺي، سائين جي ايم سيد ۽ ابراهيم جويي کان وٺي انور مقصود،نور الهدي شاهہ ۽ سنڌ جا سڀئي ماڻهو ڪيس" جيجي" چئي چوڻ جي ڪردار ۽ تقدس جو احترام ڪندا رهيا. جيجي زرينہ بلوچ کي صدارتي تمغئہ حسن ڪارڪردگي ايوارڊ تڏهوڪي صدر فاروق لغاري ۽ وزيراعظم بينظير پٽو هٿان مليو. ان کان علاوہ ڪيس شهباز، سچل، لطيف ۽ وحيد مراد ايوارڊ ملي چڪا آهن. ان کي انگلينڊ، آمريڪا، هندستان ۽ دبئي ۾ پڻ ايوارڊ مليا آهن ۽ سندس تاجپوشي پڻ ڪئي وئي.

جيجي زرينہ سوين ريڊيو ، ٽي وي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي، جن ۾ نور الهدي شاهہ جي "جنگل" فاطمہ ثريا بجيا جي "آن" ۽ عبدالقادر جوٽيجو جي ڪاروان ۽ ديوارين جهڙا ڊراما شامل آهن. جن ۾ هن جي پرفارمنس بہ يادگار رهي آهي. سنڌ جي عوام جيجي زرينہ جي ممتا ۽ پاڻپوهہ پري جذبي کان ڪڏهن بہ محروم نہ رهي. هو هميشہ پنهنجن امر گيتن وسيلي سنڌ جي عوام جي دلين تي راڄ ڪندي رهندي ۽ جيجي زرينہ بلوچ جو وجود ائين هميشہ سنڌ جي ڌرتي تي سلامت رهندو. ۽ هو پنهنجي ڳايل قومي ۽ لوڪ گيتن جي ذريعي هميشہ زندهہ رهندي.

روزانہ هلچل
27-10-2005

سات هلندو رهي، لاٽ برندي رهي

سنڌي لوڪ گيتن ۾ قومي نغمن جي راڻي جيجي زرينہ جنهن، قومي گيت ڳائي ماروئڙن ۾ جهانگيئڙن کي جاڳايو. سندس منڌي آواز تي سنڌ جا نوجوان توڙي پڪا پوڙها ۽ عورتون جهومي پوندا آهن. جيجي زرينہ جي رڳ رڳ مان سنڌ جو نينهن نروار آهي. اڄ بہ هي سڻون لکڻ وقت جيجي کي مان ڏسان پيو تہ هوءَ چئي رهي آهي تہ "سات هلندو رهي لاٽ برندي رهي..." جنهن وقت مون جيجي زرينہ بلوچ کي آغا خان اسپتال ۾ ان کان پوءِ لياقت نيشنل اسپتال ۾ بيماري جي بستري تي ڏٺو تہ هن ۾ هڪ اميد نظر اچي رهي هئي، هوءَ چئي رهي هئي تہ "دريءَ مان نظر ايندڙ ساوڪ ۾ ٻيو سڀ ڪجهہ منهنجو ماضي آهي، مستقبل ۾ زندگي، ڪيڏا نہ خوبصورت لڳي رهيا آهن. ان دوران هوءَ پنهنجي ان اڪيلي ڏيءَ سان بہ ڳالهائيندي رهي جنهن ون يونٽ تحريڪ خلاف هلايل جدوجهد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ اها اختر بلوچ پهرين سنڌي عورت هئي، جيڪا سنڌ جي عورت جي حقن خاطر ۽ ون يونٽ خلاف جدوجهد جي ڏوهہ ۾ جيل وئي. ان موقعي تي جيجي پنهنجي ڏوهٽي سسئي پليجو ۽ ڏهٽي سرمد پليجي سان بہ ڪچهري ڪندي رهي. جيجي زرينہ وٽ سپاف، جيئي سنڌ، ايس ايس ٽي، ايس اين پي سان واڳيل شاگرد ۽ ٻيا ڪيترائي پرستار پڇڻ لاءِ ايندا رهيا، هوءَ غشي جي حالت ۾ بہ کين چوندي رهي، ڪم اڌ ۾ نہ ڇڏجو. سنڌ جو مستقبل سنوارجو!! جڏهن سندس پٽ ايياز لطيف پليجو پهچي ٿو تہ ڪائنس ساحر، جوش، سرباز جيڪي سندس پوتا آهن انهن جي خيريت بابت پڇي رهي هئي. هوءَ حيدرآباد ۾ پنهنجي هٽن سان پالين ڪبوترن ۽ سهن کي گاهہ ۽ باجهري ڏيندا آهن؟ هوءَ انهن بابت بہ ڪائن پڇي رهي هئي.

جيجي جيڪا هڪ قومي فنڪاره هئڻ سان گڏ ڪمپوزر ڪهاڻيڪار، شاعره، اداڪاره، سياسي ڪارڪن، ڊراما اداڪاره سميت گهڻين خاصيتن جي مالڪياڻي آهي ۽ مان ان جوذڪر ڪرڻ بہ ضروري سمجهان ٿو. جيجي جنهن جو اصل نالو آمنہ آهي، تنهن جو 29

ڊسمبر 1934ع ۾ ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ پيش امام ۽ استاد محمد موسيٰ جي گهر ۾ اکيون کوليون. سندس ماءُ گل فيروز عرف روزان جيجيءَ جو 5 سالن کان وڌيڪ سات نہ ڏٺي سگهي، جنهن کانپوءِ سندس پرورش ماٽيجي ماءُ مريم حقيقي ماءُ وانگي ڪئي. جيجي بن پائرن جي اڪيلي پيٽ هئي. هن وقت سندس ڪٽنب ۾ 4 پوٽا ذوالفقار، ساحر، سرباز ۽ جوش جڏهن تہ ڏوهٽا سرمد ۽ اسد، پوٽيون سونهن، امرتا، آزادي ۽ 3 ڏوهٽيون سسئي، پرهہ، بختاور شامل آهن. ذڪر ڪيل ڪٽنب جي فردن جا نالا جيجي جي مرضي سان رکيل آهن. جيجي ماضي جي فائينل جو امتحان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان دادي ليلا جي نظرداري هيٺ پاس ڪيو. جيجي جي ڪهاڻي جو مجموعو"تنهنجي ڳولا، تنهنجيون ڳالهيون" ۽ ٻہ ڊراما "ڪيڏو ڪارونيار" ۽ "پانهي" لکيا جڏهن تہ اردو سيريل ڊرامن ۾ نور الهدیٰ شاهہ جي "جنگل" فاطمہ ثريا بجيا جي "انا" ۽ عبدالقادر جوٽيجو جي "ڪاروان" ۽ ٻئي ڊرامي" راڻي جي ڪهاڻي،"گلن واري چوڪري"، "اترڙو ٿو لڳي" علي بابا جي "ٻاليشاهي" ۽ دنگي منجهہ دريا ۾ ٻہ پرفارم ڪيو. جيجي زرينہ جي، سنڌو درياءَ ۾ فلمايل"دنگي منجهہ درياءَ" ڊرامو جرمني جي شهر"ميونخ" ۾ عالمي فيسٽيول جي موقعي تي ٽيون نمبر انعام حاصل ڪيو. جيجي جا ڳايل ڪلام لوڪ گيت بڌجي ويا جن ۾ جيئي وينگس منهنجي سنڌياڻي تحريڪ، جيجل منهنجو ڇلڙو پاڻي ۾ پاڻ ڪمپوز ڪيا. لوٽو مون کي آڻي ڏي، شيخ ايار جي انقلابي شاعري کي ٻہ جيجي زرينہ بلوچ ڳايو پر سندس رومانٽڪ شاعري کي ٻہ متعارف ڪرايو، جنهن ۾ "ٻي خبر ناهي، پرمرڻ ڪانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون" ۽ ٻيا مشهور قومي گيت جن نوجوانن جا ذهن کولي ڇڏيا " جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ" " سنڌ هاري جي، سنڌ مزدور جي" "نوجوان سائيو سنڌ جا وارثو"(تنوير عباسي) پاڻ کي هاڻي آزاد گهرجي وطن(خاڪي جويو)" جيئي سنڌ جو ترانو" سنڌو ديش جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان" سپ کان پهريائين جيجي زرينہ بلوچ ڳايو." هن جنم، هن جنم ۾ وڃن ٿو ڪريان" شڪاگو ۾ جيجي زرينہ ڳايو. 8 فيبروري 1988ع تي سنڌي عوام جي قومي اتحاد جي حيدرآباد ۾ سول اسپتال کان سينٽ بونا وينچر تائين " جنگ آ، جنگ آ منهنجي تو سان جنگ "آ جنهن تي عوام رقص ڪيو. بي ايس او جو قومي ترانو جنهن جي شاعري گل خان نصير ڪئي. من يا گهان، آئون سجاڳ آهيان ۽ ٻيو گيت، رقص بلوچستان مان چڪ آن بلوچاني يعني مان بلوچن جو اولاد آهيان. 2001ع ۾ لنڊن ۾ پاڪستان هاءِ ڪميشن آڏو ڪالا باغ ڊيم خلاف مظاهري ۾

پاڻي بابت گيت ڳايائين.

4 اپريل 1979ع تي جڏهن لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي قاهي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن کان پوءِ جلد سڄي ملڪ ۾ جلوسن جو اٿڻ سلسلو شروع ٿيو. تنهن وقت جيجي مادل اسڪول ۽ اولڊ ڪيمپس حيدرآباد وٽ عورتن جي پهرين جلوس جي قيادت ڪئي. جيجي سميت عورتن تي تشدد ٿيو. ان دوران جيجيءَ پنهنجون چوڑيون لاهي سنڌي پوليس آفيسرن آڏو اڇليون. ان وقت هوءَ مادل اسڪول ۾ استاد هئي. ساٿس گڏ نصرت، ممتاز پنهور، نسيم سنڌي ۽ ٻيون ساهيڙيون گڏ هيون. جڏهن ته جيجي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڑڪاڻو، زرعي يونيورسٽي ٽنڈو جام ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ قومي گيت ڳائبندي هئي ته قوم پرست شاگرد علي حيدر شاهه، گل محمد جڪراڻي، ستار موريو، ذوالفقار منگي، قادر بخش جتوئي ۽ ٻيا ڪيس اسٽينگن ۽ ڪلاشنڪوف جي سلامي ڏيندا هئا. آڪسفورڊ لائبريري جرمني جي ڇپيل ڪتاب" مزاحمتي ادب جي باري ۾" شهيد ٻٽو جي تقرير جو ٽڪرو ۽ جيجي جي ڏيءَ اختر بلوچ جي لکيل ڪتاب " قيدياڻي جي ڊائري" ۾ لکيل جيجي جو خط"ليلا خالد جي به ته ماءُ هئي" جو ذڪر آهي. جنهن ۾ جيجي ڇيو آهي ته ان وانگر مان به ماءُ ٿيان ٿي پلي تڪليفون ڪاٽي" سائين جي ايم سيد، محمد ابراهيم جويو، سيد غلام مصطفيٰ شاهه جيڪي جيجي کان عمر ۾ ڪافي وڏا هئا سي به ڪيس جيجي ڪري سڏيندا هئا. جيجي جون بهترين ساهيڙين ۾ ڊاڪٽر قمر واحد، نظير ناز، گل بانو، زينت بروهي، نگهت شيخ، مهتاب اڪبر راشدي، عزيزه سومرو، امينه بيبي، تاجدار صديق، شميم اين ڊي خان، افروز صديقي، زينب نيلوفر جويو، خيرالنساءِ جعفري ۽ سلطانه صديقي شامل آهن. محترمه بينظير ٻٽو ذاتي طور تي سندس نالو "پرائيڊ آف پرفارمنس " لاءِ چونڊيو ۽ اهو ايوارڊ ڪيس 1995ع ۾ بيگم ٻٽو ۽ ان وقت پاڪستان جي صدر فاروق لغاري ڏنو هو. ذوالفقار علي ٻٽو جي شهادت تي جيجي گيت ڳايا"پيل تو کي پٽا جاني گلي ۾ گل رتا هوندا" ۽ رسول بخش پليجو جو لکيل " قول پاڙي تو ملهايون پنهنجون سئو پيڙهيون" شهيد نظير عباسي جي شهادت تي آڪاش جو لکيل" او امان او امان جيڪڏهن رات جي رهزن جي هٿان/ مان به ماريو وڃان، ڪين تون روئجان".

1975ع ۾سنڌ صدين کان سيمينار جي موقعي تي شهيد ذوالفقار علي ٻٽو جي فرمائش تي جيجي" مور ٿو ٽلي راڻا" ڳايو.جنهن تي شهيد ٻٽو، ممتاز ٻٽو، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ غلام مصطفيٰ ڪر اسٽيج تي چڙهي جهمر پائي اتي ويندل ماٺهن کي به جهمر پائڻ تي

مجبور ڪري ڇڏيو هو. شهيد پٽو جڏهن به "مور ٽو ٽلي" جي جيجي کي فرمائش ڪندو هو ته ڪيس چوندو هو ته "راڻو ٻڌايو". جيجي فاضل راهو جي ورسي تي "تون ڪهڙو فاضل مارين دين" ۽ " زنده آهيان زنده رهندس، مون کي ڪو به نه ماري سگهندو" ڳايا. ان کان سواءِ جيجي لاڙ جا ڪيترائي وساريل گيت پنهنجي ٻن ٽاڻن حوز النساءَ پليجو ۽ غلام فاطمه پليجو سان گڏجي ٽي وي تي پيش ڪيا. جن ۾ "آيم رات وريم ڪالهه هيل ڪو وريو ڪانگڙو"، "ننگر جي شهر جي نٽ موجاري"، "ڪونج ڪاڏهون آئي ڏي ڪونج ولر واري"شيخ اياز جو گيت"مان تو کي گيت ڏيان اي ڏرتي تون مون تي زنجير وجهين" شامل آهن. جيجي هڪ اپاهج ليڪڪا جبين ڪاڪيپوٽو جي ڏکئي وقت ۾ سار سنڀال لهڻ سان گڏ هن جون لکيل ڪهاڻيون ڪتابن ۾ ڇپرايون. جيجي کي قلندر لال شهباز ايوارڊ، سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن ايوارڊ، سچل، شاهه لطيف، سامي ايوارڊ، وحيد مراد، دادا رام پنجواڻي ايوارڊ پڻ مليا. جڏهن ته شاهه، سچل، سامي ايوارڊ پارٽ جي شهر دهلي ۾ ۽ "سنڌي سدائين گڏ" ايوارڊ دبئي ۾ "سانا ايوارڊ" آمريڪا ۾ ۽ ورلڊ سنڌي ڪانگريس پاران به پيرا لندن ۾ ۽ لطيف جو گنج وارو رسالو پڻ ايوارڊ طور مليا. جيجي جي ڪهاڻي جو نالو"جيجي" آهي. جيڪا نسيم ڪرل، امر جليل، جمال ابڙو، عبدالقادر جوٽيجو ۽ ٻين جي ڏهن" بيسٽ" ڪهاڻين مان هڪ آهي. جيجي شهيد پٽو جي قاسي ڪانپوءِ سڪر سينٽرل جيل ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ هائوس اريسٽ رهي. جيجي جي وڏور ڏيءُ ايشيا جي واحد جيل جي ڊائري" قيدياڻي جي ڊائري" لکي جيڪا رسالن شي ورڊ ۽ ريس اينڊ ڪلاس ۽ برطانيا جي اخبار "گارجن" ۾ قسطيوار ڇپي. اختر بلوچ 1987ع ۾ ڪاروڪاري بابت پهريون دفعو ماسڪو ڪانفرنس ۾ بلوچ قبيلي جي عورت هوندي به شرڪت ڪئي. جنهن جي صدارت گورباڇوف ڪئي. جيجي پاڙي ۾ رهندڙ ڪولهين جي ٻارن کي سڌي پڙهائيندي هئي. 2003ع ۾ پٽ شاهه کان ٽيل لائٽ مارچ ۾ پوليس جي لٺبازي ۽ تشدد جو شڪار ٿي. سنڌي ادبي سنگت جي تاحيات ميمبر رهي ۽ گريجوئيٽ نه هئڻ جي باوجود"سگا" سنڌ گريجوئيٽ جي تاحيات ميمبر رهي.سنڌياڻي تحريڪ جي باني هئڻ سان گڏ پ پ عورت ونگ جو فارم پريائين. ۽ سنڌ ناري تحريڪ جي اعزازي ميمبر رهي. هوءَ عوامي تحريڪ جي بانيڪارن ۾ پڻ شامل آهي. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد شهر ۾ عورتن جا پهريان جلوس ڪڍيائين.جنهن ۾ زينت عبدالله چنا ۽ بيگم قمر تنوير عباسي ساٿس گڏ هيون. جيجي سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا ۽ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي اعزازي ميمبر پڻ

رهي. جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ٻين قوم پرست تنظيمن جي جلسن جلوسن ۾ شرڪت ڪندي هئي. حاڪم علي زرداري جي گهر عوامي نيشنل پارٽي جي 1987ع واري جلسي ۾ "هر ديکهين گي لازم هي، ڪي هر ديکهين گي" جڏهن پيش ڪيو تہ ولي خان، بيگم نسيم ولي خان ۽ ٻين دل کولي داد ڏنو. جيجي ان وقت سخت ناراض ٿيندي هئي. جڏهن ڪير سندس ڪمري ۾ پيل ڪتابن کي هيڻ مٽي ڪندو هو. جيجي جڏهن پرڏيهہ ويندي هئي، سختي سان هدايت ڪندي هئي تہ منهنجي ڪمري ۾ ڪو نہ وجي، چاهي پلي مينهن وسي ۽ ڪتاب پسي وجن. جيجي جي حيدرآباد واري گهر جي ڪمري ۾ رڳو سندس ڏوهٽين سسئي، بختاور، پرهہ پنهنجي والد، سائين جي ايم سيد، شهيد پٽو، لينن، مائوزي تنگ، رسول بخش پليجو ۽ شهيد فاضل راهو جون تصويرون هيون، جيجي هڪ دفعو حج ۽ هڪ پيرو عمري جي سعادت پڻ حاصل ڪري چڪي هئي. جيجي جي سموري ڪتب مان پاڻ ئي رڳو مذهب ڏانهن گهٽو لاڙو رکندڙ آهي ۽ جيجي ۽ سندس ور رسول بخش پليجو جن گهرن ۾ گڏ رهيا، انهن ۾ گهر نمبر بي 80 لطيف آباد پوٽا پنج، گهٽي نمبر هڪ پناڻ ڪالوني، نو ويڪس هيرآباد، نسيم ڊيلڪس، پرنس ٽائون، ڪراچي ۾ ڪهڪشان ڊفينس فيز پنج، محمد علي سوسائٽي ۽ لندن ۾ ارلس ڪورٽ، پسنديده رهائشگاهون هيون. جيجي گهر ۾ گاڏين جي سهوليت هوندي بہ بس، رڪشا ۽ ٽيڪسي ۾ سفر ڪرڻ پسند ڪندي هئي. ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي۽ ۽ مجيدي۽ کي ڀائڻ جي شروعات جيجي ڪئي. استاد بخاري۽ کي گهٽو ڀائڻ وارن فنڪارن ۾ پڻ جيجي جو نالو آهي. جيجي حيدرآباد جي لطيف آباد واري گهر ۾ شوق سان انبن جا وڻ پوکيا. هو۽ اهو ذڪر ڪري ماڻهن کي انب کارائيندي رهي تہ هي وڻ منهنجي هٿن جو پوکيل آهي. جنهن جا هي انب آهن، جيجي زرينہ جو پٽو خاندان سان دلي لڳاءُ رهيو. جنهن ڪري هن پنهنجي ڪتب تي پٽو ڪتب جي فردن جا نالا رکيا. جن ۾ سندس پٽ اسلم پرويز جي پارن جا نالا ذوالفقار علي، بينظير، صنم، آزادي، شاهنواز شامل آهن. جڏهن تہ پنهنجي ڏوهٽي سسئي پليجو ايم پي اي تي پنهنجي ماءُ جو نالو گل فروز رکيو. ۽ ڏوهٽن ۽ پوٽن تي تصوف ۽ شاعري۽ سان لاڳاپيل نالا، ساحر، سرمد، اسد، جوش ۽ سرباز رکيا.

روزانہ عبرت

24-9-2005

●

آمنہ کان جيجي زرينہ تائين جو سفر

شايد اهو 1962ع جو زمانو ئي هو. جڏهن حيدر آباد جي ڳوٺ الهداد چنڊ جي نوجوان ناري آمنہ جلالاڻي پنهنجي گهر وارن جي مرضي کان سواءِ ئي لڪي ڇپي ريڊيو پاڪستان جي چائنڊ تي پهتي هئي. برقعو پاتل ۽ بلوچ روايتن جي پهري ۾ پليل آمنہ کي ريڊيو جي ان مقابلي ۾ حصو ونڊو هو.جنهن ۾ ڪيئي نوان ڳائڻا مقابلي ۾ هئا. پر ان ڇڻا ڀيٽيءَ ۾ ميرپورخاص جو دين محمد پهريون نمبر اچي ويو ۽ آمنہ کي ٽيون نمبر اچڻ ڪري تانپوروانعام طور ڏنو ويو هو. اهي ماضي جا قصا اڄ اڳوڻي آمنہ جلالاڻي ۽ هاڻوکي جيجي زرينہ بلوچ کي بيماريءَ جي هنن ڏينهن ۾ ڪنهن آرٽ مووي وانگر ضرور ذهن تي ڦري آيا هوندا. شايد بيماريءَ جي بستري تي جيجيءَ کي اهو ڏينهن ب ياد ايندو هجي. جڏهن هن پنهنجي والد محمد موسيٰ جلالاڻي کي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي ريڊيو تي اچي اهو ڪلام "هيرالعل جواهر. ڏند تہ موتي محبوب جا" رڪارڊ ڪرايو هو ۽ جڏهن رات جو ريڊيو پاڪستان طرفان اهو ڪلام نشر ٿيو تہ اناؤنسر گائيڪا جو نالو زرينہ بلوچ اناؤنس ڪيو. تڏهن گهر ۾ ويٺل سندس پيءُ، داد ڏيندي چيو تہ "واهہ زرينہ واهہ" تنهنجو آواز ڪيڏو نہ سٺو آهي" تڏهن سندس پاسي ۾ ويٺل ان آمنہ جي دل پرجي آئي ۽ هن پنهنجي والد جي واتان تعريف ٻڌي نيٺ ڪيس حقيقت ٻڌائي ۽ جنهن کان پوءِ هميشہ هميشہ اجازت حاصل ڪري ورتائين. انهي عرصي دوران زرينہ بلوچ، استاد محمد جمن جي شاگردي حاصل ڪري راڳ جي باقائدي سکيا ونڊ شروع ڪئي. سٺو آواز رکندڙ ۽ لوڪ گيت ڳائيندڙ زرينہ بلوچ تن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ ٽيچر ب مقرر ٿي ۽ 36 سالن کان وڌيڪ عرصو پڙهائي 1996ع ۾ نوڪري تان رٽائر ٿي. ۽ ائين هن پنهنجي فني سفر کي آواز جي جهيڙائي تائين جاري رکيو.

ريڊيو تان ڳائڻ واري شروعاتي زماني ۾چون ٿا تہ جڏهن جيجي جي ملاقات رسول بخش پليجي سان ٿي. ان جي ٿوري عرصي کان پوءِ جيجي جي زندگي ۾ ب تبديليون اچڻ

شروع ٿي ويون. ڇو ته صرف لوڪ گيت ڳائيندڙ ۽ عام ٽيچر واري زندگي گذارينڊ زرينہ بلوچ جو ڏهني طرح لاڙو نہ رڳو ادب ڏانهن مائل ٿيو پر هن سنڌ جي قومي گيتن کي ڳائڻ ۾ شروع ڪيو. هوءَ ريڊيو پاڪستان تي صبح مهراڻ پروگرام جي ڪيترائي سال ڪمپيئر ۾ رهي. ان کان اڳ ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ ڳائڻ سان گڏ جيجي زرينہ سنڌ جي حقن لاءِ هليل هلچل ۾ شامل رهي آهي. جنهن ۾ هن عورتن کي ۾ جدوجهد ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. جڏهن ون يونٽ جي زماني ۾ "جشنِ روح رهاڻ" جي نالي ۾ تقريبون ٿينديون هيون. تڏهن زرينہ بلوچ کي ان وقت شهرت شيخ ايار جي گيت " سنڌو ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نوايان. مٽي ماڻي لايان مان.." ۽ حيدر بخش جتوئي جي گيت " جيئي سنڌ. جيئي سنڌ. جام محبت پيئي سنڌ" ڏياري. حيدرآباد بيسنت هال جي خوبصورت "شامن" توڙي جدوجهدن ۾ ساهه وجهندڙ زرينہ بلوچ جي گيتن جي ايتري پذيرائي ٿي. جو سنڌ اندر اهڙو ڪو به سياسي پروگرام نہ هو. جنهن ۾ سندس آواز ۾ ڳايل انقلابي گيت انقلابين کي جهومائي نہ ڇڏيندا هجن.

چون ٿا ته زرينہ بلوچ کي"جيجي" تڏهن کان سڏيو ويو.جڏهن سندس لکيل افسانو "جيجي" ڇپيو هو. جنهن ۾ هن گهرن ۾ قرآن شريف پڙهائيندڙ عورتن جي زندگي تي لکيو هو.

جيجي زرينہ روسي ادب مان ڪيترائي افسانہ پڻ ترجما ڪيا ۽ هوءَ ڪتاب پڙهڻ سان گڏ لکندي به رهي. اهو ضرور مڃڻ گهرجي ته جيجي زرينہ ادب ۾ ٿورو ئي سهي پر سٺو ڪم ڪيو آهي. جنهن ۾ سندس هڪ ڪتاب " تنهنجي ڳولا. تنهنجون ڳالهيون " شايع ٿيو. ون يونٽ ۽ ايمر. آر. ڊي جي زماني ۾ جڏهن سنڌ سياسي جدوجهد ۾ اڳ پري ٿي ۽ سنڌ جا قومي ڪارڪن جيلن ۾ هئا تڏهن هوءَ. قومي جدوجهد جي سرواٽي ڪرڻ جي "ڏوهہ" ۾ جيل وئي. جنهن ۾ هن لڳ پڳ ٻن سالن تائين جيل ۾ ڪاٽيو. پر هوءَ پوئتي هٽڻ بدران اڳتي وڌندي رهي. وڏي ڳالهہ اها آهي ته هوءَ سنڌ ۾ شايد پهرين غير تقراري شخصيت آهي جنهن سان ڪوبہ اختلاف نٿو ڪري سگهجي. ڇوتہ هوءَ نہ رڳو پنهجي ور جي سياسي جدوجهد ۾ هر وک تي ساٿس گڏ رهي پر هن سنڌ جي هر ان سياسي پارٽي جي جدوجهد ۾ شرڪت ڪئي. جنهن جي جدوجهد جو محور سنڌ هئي. ۽ شايد ان ڪري هوءَ ذوالفقار علي ڀٽو اڳيان به قومي گيت ڳائي چڪي. سائين جي ايم سيد جي اڳيان به سرن جي ورڪا ڪئي. پرائيڊ آف پرفارمنس جهڙي صدارتي ايوارڊ. شاهہ لطيف ۽ شهباز ايوارڊ سميت ڪيترائي ايوارڊ ڪيس مليا. پر سنڌ ۾ جيتري مڃتا هن کي سنڌ واسين

کان ملي ان محبت جي ايوارڊ کان وڌيڪ هن لاءِ ڪو به اهميت وارو ايوارڊ ڪو نه هو.
حيدرآباد جي پناڻ ڪالوني واري ننڍڙي گهر ۾ اياز لطيف سان گڏ رهڻ کان ويندي، حيدرآباد، ڪراچي، آمريڪا، انگلينڊ ، ڪينيڊا، فرانس، انڊيا، دبئي ۽ جرمني جي شاندار بنگلن ۾ شاهاڻي زندگي گهارڻ باوجود، هوءَ هڪ قومي ڪارڪن طور وقت به وقت روڊن رستن تي ايندي رهي. هن جي ڪمٽمنٽ سڪي. زندگي سان نه پر سنڌ سان آهي، بنا ڪنهن وڏاءَ جي اهو چئي سگهجي ٿو ته هو سنڌ ۾ لوڪ گيتن جي راڻي آهي. جيجي پنهنجي زندگي ۾ رڳو سنڌي نه پر اردو سرائڪي، پنجابي گيت پڻ ڳايا. سنڌ يونيورسٽي جي فلسطيني شاگردن پاران ڪرايل پروگرام ۾ عربي گيت ڳائڻ تي ڪيس فلسطيني ايوارڊ به ڏنو ويو. به مهينا اڳ هوءَ ضعيف ۽ بيمار هوندي به حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سنڌو درياءَ جي مٽان لڳندڙ ڏاڻن خلاف اعلانيل احتجاجن ۾ شريڪ ٿي. اتي به قومي گيت ڳائي قومي ڪارڪنن کي همٿائيندي رهي ۽ ڪجهه مهينا اڳ هوءَ حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان ڪيل احتجاج ۾ شريڪ ٿي. ننڍڻ اُس ۾ بن ڪلاڪن تائين ڏرٽو هڻي ويني رهي، ۽ جيئي سنڌ جيئي سنڌ جا نعرا هڻندي رهي. حقن جي جدوجهد ۾ شامل رهي. نه رڳو حيدرآباد پر ڪراچي ۾ عوامي تحريڪ پاران ڪجهه وقت اڳ ڪيل لانگ مارچ جي پڇاڻي تي به سکر کان پيادل هلي هلي ٽڪجي پيل ڪارڪنن ۾ قومي گيت ڳائي سندن جذبا جوان ڪري ڇڏيا هئائين.
1935ع تي جنم ونندڙ جيجي زرينه هڪ قوم پرست عورت اڳواڻ آهي جنهن جي اکين ۾ اڃا تائين خوبصورت ۽ خود مختيار سنڌ جو خواب سجيل آهي. جيجي سنڌ جي روايتن کي ڪڍهن به نه وساريو. هوءَ مٿي تي اجرڪ اوڍڻ سان گڏ روايتي ڪپڙا پائيندي آهي چو ته مادرن رڳو ڪپڙن سان نه، پر سڀي سوچ سان ٿي سگهجي ٿو.

روزانه ڪاوش
24-9-2005

●

ڪي ماڻهو تاريخ ٽين ٽا

يقيناً موت هر ڪنهن جو مقدر آهي پر ڪجهه شخصيتن جي لاڏاڻي سان سڄي قوم سوڳوار بنجي ويندي آهي. زندگي کان موت تائين جي انهيءَ سفر ۾ ڪي انسان ۽ ڪي هستيون اهڙيون ضرور هونديون آهن جيڪي سماج تي اڻ مٽ نقش ڇڏيندیون آهن. جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڑي سنڌ کي هڪ درد ڏنو آهي. سندس وچڙ سان هڪ خال پيدا ٿي پيو آهي جنهن جو پرڇڻ ايندڙ ڪيتري عرصي تائين هڪ خواب رهندو. صبح جي اپرندڙ سڄ جهڙي سونهاري جيجي زرينہ بلوچ جسماني طور هن ڌرتي تان اسان کان موڪلائي وئي آهي. جيجي جي شخصيت گهڻ رخي ۽ شاندار خاصيتن سان ٽمٽار هئي، چاڪاڻ ته جيجي زرينہ نہ صرف فن جي دنيا ۾ پاڻ ملهايو پر ادب، سياست ۽ علم جي ميدان ۾ بہ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو. هن سنڌ جي تاريخ ۾ شاندار روايتن کي جنم ڏنو. جيجي سنڌ واسين کي آخري پساهن تائين بہ اهو چوندي رهي ته ويس ته اوهان سڀني سنڌ واسين کان موڪلائي ويندیس. هوءَ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي پارت بہ هميشہ لاءِ ڪري وئي. جيجي جا چيل اهي لفظ اڄ اسان جي جيءَ کي جهوري وجهن ٿا. تاريخ جا جيڪڏهن ورق اٽلائي ڏسنداسين ته جيڪي بہ وڏيون شخصيتون پنهنجو ڪردار نيائي ويون آهن انهن جي صف ۾ جيجي جو نالو نمايان آهي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي لوڪ راڄڻ ذريعي سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي. سنڌ جي ڪيترن ئي مسئلن کالاباغ ڊيم، پاڻي جي ڪوٽ، اين ايف سي ايوارڊ ۽ بين مسئلن تي احتجاجي مظاهرن، ريلين، جلسن ۽ بک هڙتالن ۾ شريڪ هئڻ سان گڏوگڏ اتي قومي گيت ڳائيندي سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪيترين ئي يادون ڇڏيون آهن. جن کي سنڌ جو ايندڙ نسل بہ ياد رکندو. اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ محفوظ هن جا گيت اڄ بہ آمرن خلاف للڪار آهن. سنڌ کي موجوده دور ۾ جيجي زرينہ بلوچ ڇهڙي باهمت ۽ انقلابي ڪارڪن عورتن جي ضرورت آهي، جيڪي سنڌ جي خلاف ٿيندڙ ڏاڍاين خلاف اتي ڪڙيون ٿي سگهن. سنڌي سماج جنهن ۾ جاگيرداري جون جڙون اڃان مضبوط آهن، اتي سنڌ جي عورتن متان ڪيس، ظلم ۽ جبر جو نہ ڪٽندڙ داستان جاري آهي. انهن حالتن ۾ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي، جيڪو جيجي زرينہ بلوچ جو همسفر رهيو، ان سان گڏ جيجي زرينہ بلوچ

عوامي تحريڪ جي عورتاڻي ونگ سنڌياڻي تحريڪ کي منظم ڪيو ۽ سنڌ جي عورتن کي دنيا جي ٻين عورتن وانگر اڳتي آڻيندي، پنهنجي حقن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جو سبق ڏنو. تاريخ ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو ڪردار آئون سمجهان ٿو تہ رڳو هڪ فنڪاره وارو نہ پر هڪڙي باغي انقلابي عورت وارو آهي جيڪو هميشہ ياد رکيو ويندو. سنڌ جي جاگيرداراڻي ڪلچر ۽ سماج هئڻ جي باوجود، سنڌياڻي تحريڪ جنهن انداز سان هن حڪمرانن، انهن جي ڏاڍ، جبر ۽ استحصالي قوتن خلاف احتجاج ڪيو، اهو تاريخ جو هڪڙو نہ وسرندڙ باب آهي. عزوجل جي اندر هينئر ٻہ سپ کان وڌيڪ منظم عورتن جي تنظيم صرف سنڌياڻي تحريڪ آهي. جيجي زرينہ بلوچ روس جي انقلابي ليکڪ ميڪسم گورڪي جهڙو سنڌ جو ڪردار آهي. جيجي پنهنجي انقلابي گيتن، انقلابي ڪهاڻين ۽ حق جي حاصلات لاءِ ٿيندڙ جدوجهدن جي دوران ڪيترين ئي سختيون برداشت ڪيون، پر ان جي باوجود هن ڪڏهن ٻہ آمر حڪمرانن اڳيان آڻ نہ مڃي. هوءَ جڏهن پنهنجي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندي ٻن سال لاءِ جيل وئي تہ جيل جي سيخن هن کي اڃان وڌيڪ وڙهڻ جو حوصلو ڏنو. هوءَ جڏهن جيل مان آزاد ٿي ٻاهر نڪتي تہ سنڌ جي واهڻ واهڻ ۽ وستي وستي ۾ انقلابي گيتن جي ذريعي سنڌ جي عوام ۾ ضياءَ جي آمريت خلاف ويڑهہ جو جذبو پيدا ڪيو ۽ سنڌ جي عوام ڪيس بهتر موٽ ڏني. جيجي زرينہ بلوچ جهڙا تاريخي ڪردار هر وقت پيدا نہ ٿيندا آهن پر اهي ڪڏهن ڪڏهن جنم ونندا آهن. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ واسين لاءِ جدوجهد جو پيغام ڇڏيو آهي. اڄ سنڌ جون حالتون گذريل 20 سالن جي پيٽ ۾ اڃان وڌيڪ خراب ٿيون آهن، پر ان باوجود اڄ ايم آر ڊي جهڙي تحريڪ ناهي. سنڌ جي سياسي پارٽين وٽ اهو پراڻو ڪلچر جنهن ۾ علم، ادب، فڪر ۽ انقلابن تي بحث ٿيندا هئا، اهي هاڻي ختم ٿي چڪا آهن. جيجي زرينہ بلوچ جا قومي گيت اڄ ب اسان کي اهو ياد ڏيارين ٿا تہ اسان کي هن وقت ب انهن انقلابي ڳاڑهن ڪتابن. "ڳاءِ ڳاءِ انقلاب" جهڙن گيتن ۽ ايم آر ڊي جهڙين جدوجهدن جي ضرورت آهي. اسان جيجي جي وڇوڙي تي کيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا.

کي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا
گهايل ڏرتي جي سيني جي
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي
دنيا کي بدلائي ٿي.

روزانہ هلچل
28 آڪٽوبر 2005ع

سڃٽو سار لهو

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جو اُهو آواز آهي جنهن کي جيڪڏهن هڪ قومي آواز چئجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. هن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سميت سنڌ ۽ سنڌ جي ٻهراڙين وارن علاقن ۾ پنهنجي ڪوئل واري آواز ۾ قومي گيت ڳائي سنڌ جي ماڻهن ۾ جيڪا جاڳرتا پيدا ڪئي، اها ڪنهن کان ب لڪل نہ آهي. جيجي زرينہ بلوچ قومي گيتن کانسواءِ ڪافي لوڪ گيت ب ڳايا آهن. اڄ جيجي زرينہ بلوچ بيماريءَ جي بستري تي زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي. ڪيس دوا سان گڏ دعا جي ب ضرورت آهي. اسان جي سنڌ جا فنڪار بنا ڪنهن سار سنڀال لهڻ جي ائين موت جو ڪاڇ ٿي وڃن تا. ڇڻ هنن جو ڪو وارث نہ آهي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ۽ سنڌي قوم جو سرمايو آهي. جيجي زرينہ فنڪاره کانسواءِ هڪ جدوجهد جو نالو پڻ آهي. جنهن ون يونٽ خلاف، ضياءَ جي مارشلا خلاف، ڪالاباغ ڊيم، ٽل ڪئنال، بهارين خلاف ۽ ٻين سنڌ جي اهم مسئلن خلاف آواز اٺارڻ لاءِ سنڌ جي نالي واري وڪيل، سياستدان ۽ پنهنجي ور رسول بخش پليجي سان گڏ تحريڪ ۾ حصو ونڊي جدوجهد ڪئي. ان کان سواءِ ڪيترن ئي لانگ مارچن ۾ پڻ شامل ٿي. لانگ مارچ دوران ماڻهن کي قومي گيت ٻڌائي. هنن ۾ قومي جذبو پيدا ڪري اڳتي وڌندي رهي. پاڻ ڪڏهن ب پوئتي پير نہ ڪيائين. جيجي پنهنجي سنڌ ڏرتي جا حق حاصل ڪرڻ لاءِ قومي گيت ڳائي سنڌي قوم ۽ عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ پاڻ هٿن ۾ جهنڊو کڻي لانگ مارچن ۾ حصو ورتو. اهو جيجي جي سنڌ سان محبت ۽ بي انتها پيار جو ثبوت آهي. شايد سنڌ جي سر موڙ شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ٻڌائي جيجي زرينہ بلوچ جهڙين ارڏين ڏرتي جاين لاءِ ئي چيو آهي تہ:

ڪندا مون پيرين، توڙي لک لڳن،
آگر آگوڻي نہ مڙي، ڇپون پير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نہ پائيان.
(شاهہ)

شاهہ صاحب جي هن شعر مان اها ئي معنيٰ ملي ٿي، تہ جيجي زرينہ بلوچ هن وقت ب

سنڌ لاءِ پئي سوچي تہ ڇا ٿيندو منهنجي ماروئڙن جو؟ منهنجي سنڌ وارن جو؟ جيجيءَ جي سنڌ لاءِ ڪيل قومي جدوجهد ۽ ڳايل قومي گيت، ۽ لوڪ گيت ڪو بہ سنڌ جو ماڻهو وساري نہ ٿو سگهي. ايم پي اي سسئي پليجو جي ڪالم سان متفق ٿيندي جيجي زرينہ بلوچ کي سائين جي ايم سيد کان محترمہ بينظير پٽو تائين، ابراهيم جويو کان انور مقصود، نور الهدیٰ شاهہ کان نصير مرزا، قيصر نظاماڻي، سردار علي گل سانگي، منظور سخيراڻي، ۽ مون سميت سڄي سنڌ جا ماڻهو عزت، پيار مان "جيجي" چوندا آهن ۽ سندس احترام بہ ڪندا آهن. سنڌ جي عوام کي اپيل ٿا ڪريون تہ "جيجي" جي صحتيابي ۽ وڏي ڄمار لاءِ دعائون گهريون وڃن. جيئن جيجي نيڪ ٿي پنهنجي گهر اچي ۽ پنهنجي قوم کي سهارو ڏئي.

●

●

جيجي: قومي ڪلاڪار

سنڌ جي قومي فنڪاره، استاد ۽ ڪارڪن جيجي زرينہ بلوچ برين ٽيومر سبب ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ داخل آهي. زرينہ بلوچ جي سجاٽپ رڳو فنڪاره يا نوجوان مقرر اياز لطيف پليجي ۽ ڊاڪٽر اسلم پرويز جي ماءُ طور ناهي پر جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي اها قومي ڪارڪن آهي، جنهن ان دور ۾ قومي سياست ۾ شامل ٿي جدوجهد شروع ڪئي، جڏهن سنڌ جا ڪيترائي اديب، دانشور ۽ قومپرست نياڻين کي پڙهائڻ تہ ڇا پر پرٽائڻ جي حق کان بہ محروم ڪيو ويندا هئا، قومپرستي، وطن دوستي، ترقي پسندي ۽ سجاڳيءَ جي دعويٰ ڪندڙ اهڙن ڪيترن ئي ڪردارن ۽ نالن جي گهر جي حالت ڪهڙي هئي؟ اتي عورت کي ڪهڙي نظر سان ڏٺو ويندو هو؟ اهو هاڻي ڪنهن کان لڪل ناهي تہ ڪيئن نہ نياڻين کي قيد ڪري قرآن پاڪ سان پرٽا ڪرايا ويا، نياڻين جون زندگيون تباهہ ڪيون ويون. اهڙي دور ۾ جيجي زرينہ بلوچ قومي جدوجهد ۾ نہ صرف راڳ ذريعي قوم کي اتساهہ بخشيو پر جدوجهد جي هر موڙ تي قدم قدم ۾ ملائي هلندي رهي، چوٽين مارچ جا جوڙا ۽ ون يونٽ تحريڪ کي هر ڪو چاٽي پر سنڌ ۾ آگرين تي ڳٽڻ جيترن ماٺهن کي ئي رڳو اها خبر آهي تہ ون يونٽ دوران 4 مارچ جو مچ مچائيندڙ عورت اختر بلوچ بہ جيجي زرينہ بلوچ جي ڌيءَ آهي. اختر بلوچ سنڌ سان ون يونٽ جي آڙ ۾ ٽيندڙ قهرن کي ڏسي حيدرآباد پريس ڪلب آڏو بک هڙتال بعد گرفتاري پيش ڪئي. گرفتاريءَ کان اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن ڏانهن سندس موڪليل چوڙين جيڪو مچ مچايو، ان کي چوٽين مارچ جي ڏهاڙي جي نالي سان سجاتو وڃي ٿو. اختر بلوچ جي نياڻي يعني جيجي زرينہ بلوچ جي ڏوهٽي سسئي پليجو سنڌ اسيمبلي ۾ سنڌ جي حقن تي لڳندڙ ڏاڙي خلاف سراپا احتجاج آهي.

جيجي زرينہ بلوچ جا گيت تہ اڄ بہ سنڌ ۾ گونجن ٿا، پر ڪيترائي ماڻهو اڄ ان زرينہ

بلوچ کي شايد وساري وينا آهن، جنهن جي ٽي وي ناٽڪ دنگي منجهه درياءَ عالمي ڊراما فيسٽيول ميونخ ۾ پي ٽي وي لاءِ پهريون ايوارڊ ماڻيو هو. زرينہ بلوچ هڪ استاد جي حيثيت ۾ هزارين نياڻين کي تعليم جي زيور سان روشناس ڪرايو. نہ صرف اهو پر سندس ڪهاڻيون قومي سجاڳي، طبقاتي جدوجهد ۽ شعور جون لاٽون روشن ڪن ٿيون، هوءَ جيڪا اسپتال جي بستري تي ڪڻتي جوگي حالت ۾ هوندي بہ سنڌ جي ٻڌي ۽ سجاڳيءَ جي فڪر کان غافل ناهي، سندس چوڻ آهي تہ سنڌ وٽ سڀ ڪجهہ آهي. جيڪڏهن ٻڌي ڪريون تہ پنهنجن وسيلن جا مالڪ ٻڌجي سگهون ٿا.

قومي فنڪاره هئڻ ڪري سنڌ کيس جيجي جو لقب ڏنو. صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ تي 2001ع ۾ عوامي تحريڪ جي پٽ شاهہ کان ڪراچي تائين ڪيل لانگ مارچ دوران نٿو پوليس شيلنگ ڪئي، کيس مٿي ۾ ڏنڊا هٿي سخت زخمي ڪيو ويو. پوءِ هن مڪلي جي تاريخي قبرستان جي پر ۾ بيهي اهو نعرو بلند ڪيو تہ ڪالاباغ ڊئم "نامنظور"، "مرسون مرسون پر سنڌ نہ ڏيسون". پاٽي تي ڏاڙي خلاف پيرين پنڌ ڪري مارچ ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ حقيقي طرح سنڌ ڄائيءَ جو ثبوت ڏيندي پاڻ ملهايو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ قومي ميڙاڪو سن ۾ ٽئي يا جنگشاهي ۾ هن بنا ڪنهن نظرياتي اختلاف جي هڪ فنڪاره ۽ ڏرتيءَ جو درد رکندڙ عورت جي روپ ۾ شرڪت ڪري جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ جي جهونگار ڪئي آهي. هڪ پيري ساٽس ادي نظير قريشي جي گهر تي ملاقات ٿي تہ هن ٻڌايو تہ اڇڪلهہ جا خانگي اسڪول سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪري رهيا آهن. پارڙن کان سندن ٻولي ڦري پئي وڃي. اڳ پار ماءُ سان وڌيڪ ويجها هوندا هئا تہ سندن ٻوليءَ سان رشتو مضبوط هو. هاڻي مائرون پارڙن کي ٽچ پيارڻ بجاءِ ڊبي جو ڪير پيارين ٿيون، ڊبي جي ڪير ۽ خانگي اسڪولن ۾ پڙهائي ويندڙ انگريزي ٻولي سنڌي ٻوليءَ کي وڏو نقصان رسايو آهي.

عمر جي آخري حصي ۾ بہ ٻولي ۽ ڏرتيءَ سان محبت ڪندڙ فنڪاره، قومي ڪارڪن ۽ استاد جيجي زرينہ بلوچ کي ثقافت ڪاتي سميت سنڌ جي سڃاڻ ڏرين وساري ڇڏيو آهي. اڄ ان جي ويجهو رڳو سندس خاندان جا فرد آهن. جيجي زرينہ بلوچ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي جي گهر واري ۽ اياز لطيف جي ماءُ ناهي پر جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي عاشق آهي. هن جي رڳن ۾ سنڌوءَ جو پاڻي

ڊوڙي رهيو آهي، عام عورتن جيان ظاهري ڏيکاءُ کان پاڪ جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي ماروي، سسئي ۽ بختاور جيان اها اڏول عورت آهي. جنهن سون تي کڏهن بہ سيڙ نہ مڙيا پر "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو. سهندو ڪير ميار او يار" جي شعر وانگر هر وقت سنڌ امڙ جي سڏ تي لبيڪ ڪيو آهي. سندس بيماريءَ تي سنڌ کي ڳڻتي آهي. دعا آهي تہ جيجي کي الله وڏي همار عطا ڪري، باقي رهيو ثقافت کاتو تہ ان جي لاپرواهي ۽ بي ڌيانيءَ تي سنڌ کي ڪو بہ اعتراض ناهي ڇو تہ ثقافت کاتي جي وزير کان ويندي سنڌ حڪومت کالاباغ ڊيم جي حمايتي ۽ جيجي زرينہ کالاباغ ڊئر جي حمايتي ۽ جيجي زرينہ کالاباغ ڊئر جهڙي کاريهر نانگ جي مخالفت ڪندڙ سنڌياڻي آهي. جيجي زرينہ جون نگاهون سنڌ ڏي آهن، جنهن کان هوءَ رڳو دعا جي طلبگار آهي.

اسپتال ۾ بہ سنڌين لاءِ بيقرار

سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي ۽ سنڌ جي جيجي، جيجي زرينہ بلوچ گذريل مهيني کان برين ٽيومر جهڙي خطرناڪ مرض جو شڪار ٿي جيمريءَ جي بستري تي اسپتال ۾ داخل آهي. جيجيءَ جي بيماريءَ جي خبر ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ رهندڙ سندس چاهيندڙن کي ائين پئجي وئي جيئن جهنگ ۾ باهہ پکڙبي آهي. جيجيءَ جي اهڙي خبر ٻڌڻ يا پڙهڻ کان پوءِ هر هڪ ماڻهوءَ، جيجيءَ جي صحتيابيءَ لاءِ ڏٺيءَ در دعائون گهريون. شايد انهن دعائن جي اثر ڪري ئي اڄ جيجي زرينہ لياقت نيشنل اسپتال جي ايگزيڪيوٽو وارڊ جي روم نمبر 6 ۾ ڳالهائي ٻولهائي رهي آهي. جنهن ڪري ائين ڇئي سگهجي ٿو تہ سندس طبيعت ۾ ڪجهہ بهتري آئي آهي، پر مذڪوره مرض پنهنجي جڳهہ تي برقرار آهي جيجي زرينہ بلوچ کي حيدرآباد مان بهتر علاج واسطي ڪراچيءَ جي خانگي اسپتال آغا خان ۾ داخل ڪرايو ويو هو پر شايد اتي هن موذي مرض جي علاج لاءِ بهتر سهولتون نہ آهن جنهن ڪري جيجيءَ کي سندس چوڻ تي اتان ڊسچارج ڪيو ويو ۽ ساڻئي ئي ڏينهن ڪيس انهيءَ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. مذڪوره اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ جيجيءَ جي بائيوپسي ڪئي وئي. هتي وضاحت ڪندو هلان تہ بائيوپسيءَ بن قسمن جي ٿيندي آهي.(1) اوپن بائيوپسي جنهن ۾ ڊيميج ٿيڻ جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي ۽ ماڻهو پيرالائز ٿيندو آهي.(2) امبج گائيڊڊ بائيوپسي هيءَ ڪمپيوٽرائيزڊ بائيوپسي آهي جيجيءَ کي برين ٽيومر چوٽين گريڊ جو آهي اها تصديق مذڪوره اسپتال جي ڊاڪٽر سلمان شريف ڪئي آهي ۽ ان کان علاوه نيويارڪ ۾ موجود ڊاڪٽر سعيد پڻ اهڙي تصديق ڪئي آهي جنهن سان لاڳاتار رابطو ڪيو پيو وڃي. ياد رهي تہ ٽيومر جي حوالي سان هو بيسٽ ڊاڪٽر آهي. موذي مرض کي پرکڻ لاءِ جڏهن جيجيءَ جي برين جي ٽيسٽ ڪئي وئي تہ ان کان پوءِ هوءَ نيم بيهوشيءَ واري حالت ۾ هئي. جنهن کان پوءِ آهستي آهستي هن جي طبيعت ۾ سڌارو پيو اچي.

جيجي زرينہ بلوچ سان ملڻ ۽ سندس طبيعت معلوم ڪرڻ ڪالهہ جڏهن مذڪوره

اسپتال ۾ ملیس ته اتان خبر پئي ته صبح جو سویر جیجيءَ جو ڏوهٽو سرمد جیجيءَ جي رپورٽ لاهور عمران جي اسپتال ۾ کڻي ويو آهي. چو ته کجهه ڏينهن اڳ عمران خان پڻ جیجيءَ جو علاج پنهنجي اسپتال مان کرائڻ لاءِ چيو هو. جیجيءَ سان ملڻ لاءِ جڏهن روم ۾ داخل ٿيس ته جیجي زرينہ بلوچ ٿي وي ڏسي رهي هئي ۽ مون کي ڏسندي ئي پچيائين ته پٽ تون کير آهين؟ جنهن کان پوءِ مون کيس پنهنجو تعارف کريو ته جیجيءَ کي ڏاڍي سرهائي ٿي. جیجي ڳالهه ٻولهه دوران سنڌ ۽ سنڌين جي بہ خبر ورتي. ان کان علاوه جیجيءَ چيو ته صدر مشرف عورتن متعلق جيکا ڳالهه کئي آهي اها اصل کا نہ وٽي. اسان جون عورتون ته هونئن بہ آمريکا يا لنڊن ويندیون آهن انهن کي کهڙي روک توک آهي. ان کان علاوه جیجيءَ پٽائي جا شعر بہ ٻڌايا. خاص کري شاهہ سائين جو شعر:

سُتا اڻي جاڳ، ننڊ نہ کجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون کندي نہ ملي.

جیجيءَ چيو ته سلطاني سهاڳ ان کي ئي ملندو آهي جيکو فجر مهل اڻي الله جي عبادت کندو آهي. کم کار کندو آهي ۽ تر مان پاڻي پرڻ جي لاءِ جيکي ناريون ويندیون آهن، اهي ئي سلطاني سهاڳ ماڻيندیون آهن. جیجيءَ پنهنجي چاهيندڙن لاءِ پيغام ڏيندي چيو ته ٻڌيءَ سان هلو ۽ امن سان رهو. ٻڌيءَ ۾ ئي طاقت آهي. جیجيءَ پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو ته سنڌي اخبارون ۽ رسالا خوب پڙهو ۽ لکو. وڌ ۾ وڌ سنڌي اخبارون ۽ رسالا ڇپجڻ گهرجن. سنڌي ٻوليءَ سان بي انتها محبت کريو.

روزانہ هلالِ پاڪستان

6-10-2005

[پروفائيل]

●

نالي ڏٽيءَ جي ٻيڙو تار منهنجو

جڏهن سهڻا سهڻا جنديءَ جي چٽن وارا وڏا وڏا هندورا ويهن ٻاويهن رُپين ۾ ملندا هُئا. جڏهن ويهه پنجويهه روپيا ماهوار پگهار ڪٽندڙ ڪامورن جا ٻار خرچي گهرندا هئا هڪ پائي يا هڪ پئسو. جڏهن ڏاڙهين وارا سڪ پوڳڙي هڪ پائي يا هڪ پئسي ۾ ٻُڪ پري ڏيندا هئا بارڙن کي پڳڙن جا، پَڪوڙن جا، ڳڙڏانين ۽ تر ٻُورينڊن جا. جڏهن هڪ پئسي ۾ پستن واري آئسڪريم، نيپالي پيپاپير جي پني تي رکي ڏيندا هئا، جيڪي اصل ۾ اٽهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي هندن لاءِ رسوئي يا بورچي جو ڪم ڪندا هئا. ۽ هندن جي وڏين جاين جي ٻُورن ۾ رهندا هئا، اٽهن ڏينهن ۾ جڏهن ٻارن جا هٿ ۽ هانءَ انهيءَ تڏي آئسڪريم ۾ ٿري ويندا هئا. جڏهن پستا، کير-مناڻ جا هيڏا ڏائقا ٻار هڪ پئسي ۾ حاصل ڪندا هئا. جڏهن سنڌ جي ڪنڊ ڪڇ ۾ ماستر چندر جو منڙو آلاپ ڪوئل جي ڪوڪ بنجي سنگيت جا سُر وکيري رهيو هو. جڏهن ايا رُڪ جي اسٽيشن تي امر آواز جي مالڪ صوفي منش انسان ڪنور پڳٽ کي گولي ڪونہ لڳي هئي، ۽ سندس امر آواز سنڌ جي هوائن ۾ ٻُري رهيو هو. جڏهن الله داد چنڊ جي ڳوٺ جي ميدان تي بيهندي- ريل جي پٽڑين تي ڊوڙندڙ سيئي گاڏا چما ڏسڻ ۾ ايندا هُئا ۽ ٻار انهن کي ڳٽي انگن جو سبق ياد ڪندا هُئا ۽ ريل جي ڪُوڪ هُنن جي هانءَ ۾ هُري ويندي هُئي. جڏهن منگهنَ واري هِن هوائن جي شهر ۾ ماٺهو ڪوئيٽا جي هوائن جون سڪُون لاهڻ ايندا هُئا. جڏهن شاهه لطيف آباد جي نمبر نائين ۽ چوٽين ۾ ميراٿي مجلس جا اهجاڻ نظر ايندا هُئا. جڏهن صبح ساجهر جو تازي ميچي، ڪُرڙي جي ميچي، تازي آنياري ۽ کيري پلي جا هوڪا عام جام هُوندا هُئا. جڏهن هيرآباد جي هندو عاملن جا گهر شيش محلن جو ڏيک ڏيندا هُئا ۽ ميرن جي قبن ۽ قبرن تي ايڏي ويراني ۽ خاموشي نہ هوندي هُئي. ڪڏهن ڪڏهن کي ميرن جي صاحبي جا ۽ مِٽي مائٽي، رکندڙ کي جهونا جوڳي، هٽن سان وڃايل سنڌ جي حاڪمن لاءِ ٻہ، ٻہ قُل دعا جا پڙهي ونندا هُئا. "هاٿي تہ ميرن جي مزارن مان پاريهل ٻہ اڏامي ويا آهن." جڏهن ڪُتي ڇاپ

گرامون فون تي رکاردِ چاڙهي. وڏي بنبوءَ ۾ نهاري ٻار توڙي وڏا تجسس، حيرانگيءَ ۽ دلچسپي سان ڪنور پگٽ ۽ مائي جيوٽي جو ازلي الاپ ٻڌندا هئا. جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿي چڪي هُئي. جڏهن هِن جبل جي چوٽين تي ٽهيل شهر ۾ ڪامورا ۽ سائيڪلون هلائيندا هئا ۽ ڪاري ڏامر جي وشال رستن تي، ڏڏي سڙڪ تي، اسٽيشن روڊ تي،پير جي وڏن وڏن وڻڻ جي ڇانوَ ۾ پَکَن گهوڙن سان خوبصورت ٽانگا ڊوڙون پائيندا هئا ۽ ٻن گهوڙن واري وڪٽوريا گاڏي سواريءَ جون مڪمل سِڪُون لاهيندي هئي. جڏهن آسمان تي شام جو سِرٽين ۽ رات جو ستارن جو راڄ چٽو نظر ايندو هو ۽ ٽاڪ منجهند جو ڦليليءَ جي پاڻي منجهه وڏن وڏن وڻن جا پاڇا پوندا هُئا. جڏهن نينگريون هن حيدرآباد شهر منجهه به ڪلام الله، عهدنامو، نورنامو ۽ شاهه جو رسالو پڙهي مائٽن جي حڪم موجب گهرن ۾ ويهاريون ويندیون هيون. جڏهن هِن شهر جي ڪيترن ئي گهرن ۾ رات جو گهٽو روئيندڙ ٻار کي هلڪو آفيم ڏيئي سمهاريو ويندو هو، جنهن کي "دڪُي" جي ننڊ سڏيو ويندو هو. جڏهن ته ٻارڻن کي ڏڏ ڪان بچائڻ لاءِ رات جو ماکي يا براندي پياري ويندي هُئي. جڏهن مسجدن ۾ سُر سان پڙهجندڙ سنڌي خطبي جو خالق غلام رسول جتوئي اجا حال حيات هو. "جڏهن سنڌ جو اڌ حصو گهرندڙ غدارِ وطن پنهنجي تخر، مادر ۾ به ايان‌جنم نه ورتو هو. جڏهن حيدرآباد جي ڪچي قلعي تي جيئي شاهه جي عرس جي موقعي تي حج جي نائين تاريخ جو هر سال شيدي ۽ مڪراني گڏجي مغرمانن دهلن ۽ شرنائين تي ناچ ڪري خوشي مان همبوچيون هڻندا هئا. جڏهن حيدرآباد شهر ۾ تفريح جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن پتلين وارن کي گهرائي ناٽڪ ڪرايا ويندا هئا ۽ ڪپڙي جي گڏين ۽ گڏن جا راجا مهاراجا، بادشاهه ۽ راڻين جا کيل ڪيڏيا ويندا هئا. جڏهن عام پکن گهرن کي سرن، گاردرن ۽ ٽيئرن سان نهرائي، نيروَ سان پتين ۽ چتين کي لنبيو ويندو هو. جڏهن ڊسمبر ۾ ناتال جون موڪلون ٿيندیون هيون. ڦليلي ۽ سنڌونديءَ جي وچ منجهه ٽڪري تي اڏيل هن شهر ۾ ڪوئيٽا ۽ قندار جون ڏيون هوائون لڳنديون هيون. جڏهن ٻار رات جو ڪُڏن تي ٽالين ۽ وٽين ۾ پاڻي پري رکندا هئا ۽ صبح جو ڇميل برف منجهه کنڊ- ڳڙ يا مُستي ٻُرکي شوق سان کائيندا هئا. جڏهن حيدرآباد ريلوي اسٽيشن جي پوتر پليٽ فارمن تي ڏرتي ۽ وطن جي دشمنن پنهنجا پير نه رکيا هئا. جڏهن سنڌ ۾ ڪارو ڪاري خلاف چارلس نيپيئر جو اهو فرمان اجا جاري هو ته "خبردار! جيڪڏهن اڄ ڪانپوءِ اوهان مان ڪنهن به سنڌي عورت تي هٿ ڪنيو، ته مان اهو هٿ ڪلهي کان ڪپي ڇڏيندس." جڏهن گورا حڪمران، سنڌي ٻولي لازمي طور سکندا

هئا.

تڏهن 29 ڊسمبر 1934ع جو 9 بجي الله داد چنڊ جي ڳوٺ ۾ ڪراچيءَ جي گلُ روز بلوچ جي ڪوسي ڪُک مان سياري جي سرد رات جو ڪپهه جهڙي ملائم ۽ ڪير جهڙي اڇي اُجري نينگريَ جنم ورتو ۽ سندس ٻانگ جو نالو آمنہ رکيو ويو. ميونسپالٽي جي سينيٽري انسپيڪٽر محمد موسيٰ حبلوچ جي گهر ۾ ٻن پٽن کانپوءِ ڇاول هن ٻارڙي آمنہ، پنهنجو بخت ۽ پاڻ سان گڏ آندو. آمنہ جي ماءُ اها بهادر گل روز بلوچ هُئي جنهن پنهنجي شاديءَ جي پهرئين ڏينهن ڪنوار واري ويس ۾ هلندي ريل گاڏيءَ ۾ سفيد برقعو پاتل اوپري عورت کي ڏسي شڪ ڪيو هو ۽ بلوچي ۾ پنهنجي ماءُ کي زنجير چڪڻ جو چئي اُن برقعي پاتل مائيءَ ۾ اهڙا تہ سوگها هٿ وڌا جو هُوءَ ڇڏائي نہ سگهي هُئي، ڪنوار گل روز جي دُهري جا داڻا ڇڄي هيٺ ڪري پيا، پر هن ان برقعي واري مان هٿ نہ ڪڍيا ۽ جڏهن پوليس ۽ ٻيا مرد پهتا تہ اها اڇي برقعي واري، مائيءَ بجاءِ مرد نڪتو. جنهن جا پير گل روز کي مرداڻا لڳا هئا. ننڍڙي آمنہ جڏهن ذهن ۾ يادن کي محفوظ ڪرڻ جو ڏاڻو سکيو، تڏهن سندس يادن جي محل ۾ جيڪي پهريان منظر محفوظ ٿيا، اهي هئا "جنديءَ جي چٽن جو وڏو هندورو، دريءَ تي رکيل موتئي جي ڪُونڊي، گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ميز ۽ ڪرسي، وڏو ڪشادو صفحو، ٻاهر رڌڻو ۽ ڪوئلي." اڻا جاءِ شهر جي قاضي غلام مصطفيٰ جي ماڙيءَ جو مسواڙي حصو هو، جنهن ۾ آمنہ ۽ اُن جي ٻن ڀائرن کي منجهند جو ننڊ ڪرائڻ لاءِ هنن جو پيءُ پينگهي ۾ لوڏيو ويندو هو. آمنہ ٿوري وڏي ٿي تہ 1940ع ۾ والده گذاري ويس، سندس پيءُ ۽ ڏاڏو ڪيس سائيڪل تي گهمائڻ وڃي ويندا هئا، هڪ پيري اسٽيشن جي پر واري راڻي باغ ۾ پيءُ سان گڏ گهمڻ ويئي تہ اتي هڪ ديوان کي سائيڪل تي ڪتاب وڪرو ڪندي ڏسي، پيءُ کي چيائين ڪيس ڪتاب وڃي ڏي، جڏهن تہ پاڻ اڃا اسڪول ۾ "الف-ب" ۾ ڪونہ پڙهي هُئي، هِن جو پيءُ اهو ڪتاب "عجيب جواهر" وڃي، هن کي ۽ هن جي ڀائرن کي پڙهي ٻڌايو هو. آمنہ جي ذهن تي اڃان بہ ڊي جي نيشنل ڪاليج قليلي ڏانهن پيءُ يا ڏاڏي سان گهمڻ وڃڻ ياد بيٺو آهي. قليلي جي ڪناري تي پاڻيءَ جو منظر ۽ اُن ۾ ترندڙ وٽن جا پاڇولا ڏاڍو وٺندا هئس ۽ پريم پارڪ جي سيمينٽ جي بينچن ۽ قدآور وٽن جي هِن کي اڄ بہ چِٽي ياد آهي. لائون هلائڻ- (هوءَ اڄ بہ لائون هلائي تريءَ تي ڪٽندي آهي.(بلور راند، لغڙ اڏائڻ، اِٽي ڏکر کيڏڻ، ونجهه وڃي کيڏڻ ۽ سائيڪل هلائڻ مطلب تہ ڀائرن سان گڏ ڇوڪرو ٻڌجي هُن سڀ ٻاراڻيون راندين کيون، جنهن ۾ گڏين ۽ ڪوڏين جي

راند ۾ اچي وڃي ٿي. هِن جي ساروڻين جي سانجهه ۾ گهاٽي ناسي رنگ جو بنبوءَ سان ڪتي ڇاپ فونو ۾ هن کي ياد آهي، جنهن ۾ جڏهن رڪارڊ وڄندو هو تہ آلاپ هِن جي اندر ۾ اوتبو ويندو هو ۽ هيءَ دل ۽ دماغ لڳائي، ڪنن جي قوت سان اهي سڀ ٻڌندي هُئي.

- "نالي ڏٺيءَ جي ٻيڙو تار منهنجو."
- "ڪيئن ريجهائيان توکي، ڪيئن پرچايان- ڏس کو ڏانڀ."
- "ٻيوس آهيان بند ۾ ٻيوس- قرب جون ڪڙيون قابو ڪنڌ ۾."
- "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مون سان تن ماروئڙن جي."

اهڙي ريت جيجي زرينہ بلوچ کي پاروتڙ ۾ ٿي راڳ جي لوري، الستي آوازن يعني پڳت ڪنور رام ۽ مائي جيوٽي ڏني. انهن ٿي ڏينهن ۾ رمضان نوحاٽي درزي جنهن جو قلمي نانءُ سڪندر هو. هنن وٽ اچي رهيو ۽ پوءِ بمبئيءَ کان اچي رهيو گلشن صوفي. جيڪو هارمونيم وڄائيندو هو ۽ هيءَ ويهي ان جا سُر ۽ آلاپ جهٽيندي هُئي. گلشن صوفي وارن پوءِ هندن ۽ مسلمانن جي ٻڌيءَ تي فلم ناهي هُئي. "ايڪتا" جنهن جو هيرو رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي هو. هن پيءُ سان آها فلم بہ ڏٺي هُئي. ۽ هيءَ پيءُ سان گڏ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي جي گهر ۾ بہ ويئي هُئي، جتي تمام سهڻي سدا ملوڪ پري چهره نسيم جهڙي سونهن بہ اتي ڏٺي هئائين.. هن کي ايڪتا جا گانا اڃ بہ ياد آهن.

"مون کي منڙو پاءُ ڪپي- ۽ منڙي پيٽ ڪپي." ۽ گلشن صوفي جو قبر تي ويهي ڳائڻ "اي دلارا ڇا توسان محبت نہ رهي. "انهن ٿي ڏينهن ۾ جڏهن هڪ دفعي سندس پيءُ ڪيس ۽ سندس پائرن کي سائيڪل تي ويهاري اسٽيشن جي پرسان راٽي باغ ۾ وٺي آيو ۽ هِن جا پائر بال سان راند ڪرڻ لڳا ۽ هيءَ هڪ نوريڙي کي بڙ جا گول انجير جهڙا ميوا کائيندي ڏسڻ ٽپا ڏيندي ڏسندي رهي تہ ڪيس ماءُ جي ياد ستايو ٿي "جنهن سان جڏهن آخري پيرو اسپتال ۾ ملي هُئي تہ ماءُ، انگور کارايا هُئس ۽ هن کي اهو ٻڌايو ويو هو تہ تنهنجي ماءُ اسپتال ۾ آهي. ڇاڪ ڇڳي پلي ٿيندي تہ پوءِ گهر ايندي." سو هن بہ ان مهل پيءُ کي زور پري ڇيو تہ "مون کي امان وٽ وٺي هل تہ هلي انگور کاوان." تنهن تي پيءُ چيس "امان! تنهنجي ماءُ الله سائين وٽ ويئي آهي، جتان ڪوبہ موٽي واپس نہ ايندو آهي." پيءُ جو اهو سچ ٻڌي يڪدم هوءَ وڏي ٿي ويئي ۽ يڪ ٽڪ نوريڙي کي ڏسندي رهي ۽ آگر سان مِٽي واري زمين کي کوٽيندي رهي. ڪيتري دير کانپوءِ پيءُ چيس تہ

"امان اٽ تہ گهر هلون- هيءَ مائڻي ڪري گهر هلي آئي ۽ پوءِ وري ڪڏهن بہ پيءُ کي نہ چيائين تہ "امان وٽ وڃي هل." ۽ انگور کائڻ بہ ڇڏي ڏنائين.

منهنجي خيال موجب اهو ئي آهو ڏينهن هو جڏهن آمنہ جي اندر ۾ جيجي زرينہ بلوچ اچي پاڻ ولاريو هو ۽ هُن دک، درد، پيڙا، جستجو، ماءُ جي پيار ۽ انگور کائڻ جي خواهش کي اندر ئي اندر ۾ املهہ شيءِ سمجهي لکائي رکي ڇڏيو هو ۽ مان اختيار ڪري ورتي هُئائين. ها، اوستائين، جيستائين ڪچي ۽ پڪي جي ڪلاس ۾ پهچي پنهنجين بن استادن آپائن بيبي ممو ڏيءَ ابراهيم شاهہ ۽ دادي پوپري کيس بي انتها پيار ۽ پنهنجائپ ڏيکاري هُئي. هنن کيس ڏاڍو پانيو. ۽ اتي ئي بيت ۽ دعا لاءِ سندس چپ چُريا تہ منڙو آلاپ بنجي ويا. پر پوءِ ستت ئي مائڻ وڌيڪ پڙهائڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ گهر ۾ ئي هن کي پڙهايائون. قرآن شريف، نورنامو، عهدنامو ۽ شاهہ جو رسالو. هاڻي سنڌي بولي پختي ۽ پڪي ٿي پيس.

ان وقت ننڍڙي آمنہ زرينہ بلوچ ڏهني زيور پائڻ لاءِ پيءُ سان ميمڻ محلي ۾ مولود ٻڌڻ وڃڻ لڳي هُئي. جتي هوءَ جسڪاٽي ۽ مڱٽهار مولودين جي آوازن ۾ گم سم رهندي هُئي. هِن کي لڳندو هو تہ سندن آوازن ۾ ڇڻ تہ ڪي جنجهٽا پيا ڇٽڪن. ننڍي لاڪڻ راڳ جي لات سان لوڻ لاٿيندڙ- آمنہ ستن سالن جي عمر ۾ جيوڻي کي ڪاسائين جي مينديءَ تي ٽنڊي ولي محمد ۾ ڏٺو ۽ روبرو سندس ڪوئل جهڙو منو آلاپ ٻڌي دنگ رهجي ويئي. هاڻي پنهنجي ڏاڏي جي پياري "گاگي" يا "هوري" يا "جلوان" (سندس ننڍي هوندي جا ڪوڏاڻي وارا نالا) انگور کائڻ بہ ڇڏي چڪي هُئي. ماءُ جي بہ خبر پئجي چڪي هئس تہ نوريڙي ۽ بڙ جي وڻ جي ميوي لاءِ ڪشش بہ گهٽجي ويئي هئس ۽ هندوري سان بہ هاڻي هاڻ نہ هيرائي سگهندي هئي، جو تہ انهيءَ کي پير سان لوڏيندڙ لاڏي يعني هن جي جيجل ئي نہ رهي هئي. هاڻي تہ هن جي هردي ۾ هارمونيم جا آواز اوتبا پئي ويا. سُر، ساز ۽ سنگيت جا ڇاڻو هن جي گهر جا مهمان رهي چڪا هئا تہ علم جون بہ جوتون هن جي جيءَ ۾ جڳهہ والاري چڪيون هيون. پنهنجي علم جي انهيءَ جوت کيس، ٽيٽ 1960ع ۾ بنا اسڪول ۾ پڙهڻ جي، دادي ليلا جي مهرباني‌ءَ سان ساڳي مسافرخاني اسڪول قاضي قيوم، ڊاريڪٽ فائينل جو امتحان ڏنائين ۽ پهريون نمبر آئي. جڏهن تہ ميمڻن جون ۽ ٻيون ريگيولر ڏهہ ڇوڪريون بہ هيون، جيڪي اُن امتحان ۾ فيل ٿي پيون. 1960ع ۾ جيجي ٽريننگ ڪاليج فار وومين ۾ ماسٽري جي شروعات ڪئي. جيجي آتي رسيس ۾ جهونگاريندي رهندي هُئي ۽ بيت بہ سُر سان

ٻارن کي پڑهائيندي هئي. سندس همعصر ٽيچرس کيس صلاح ڏني ريڊيو تي ڳائڻ جي. عجيب اتفاق انهن ڏينهن ۾ ريڊيو حيدرآباد تي ڳائڻ جو مقابلو هو. اُن ۾ هوءَ شريڪ ٿي ۽ ٽيون نمبر آئي. اتان ئي پوءِ 1962ع ۾ فرضي نالي سان ڳائڻ جي شروعات ڪيائين. سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلامن ۾ مشهوري ماڻي. پوءِ ته جيجي ريڊيو تي مستقل ڳائيندي ۽ رهي. صداڪاري ۽ ڪندي رهي ته اسڪول ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ ٻارڙن کي پڑهائيندي ۽ رهي.

1964ع ۾ شرون ڪمار ورما جي افساني "بوند بوند لاءِ پنڪي" جي ترجمي سان پنهنجي ادبي سفر جي شروعات ۽ ڪري ڇڏيائين. پهرئين اصلوڪي ڪهاڻي "جيجي" 1966ع ۾ روح رهاڻ ۽ ٻي اصلوڪي ڪهاڻي "ليلئ مليس ڪنوار" سهڻي ۾ 1970ع ڏاري ڇپي. اهڙي ريت جيجي جون ٻيون ڪهاڻيون "بادل" رسالي ۽ اُن وقت جي تحريڪ ۽ ٻين رسالن ۾ پڻ ڇپيون. سندس ترجمو ٿيل ۽ اصلوڪي ڪهاڻين کي گڏي، "تنهنجي ڳولا، تنهنجيون ڳالهيون" ۾ ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي. ڪيس روح رهاڻ ٻاران بهترين شاعري جو مارئي انعام پڻ ملي چڪو آهي. سندس اداڪاري جي حوالي سان هن جي جن ڊرامن انتهائي مقبوليت ماڻي، اهي آهن. ڊرامو زينت، دنگي منجهه درياهه، جنگل، راڻيءَ جي ڪهاڻي، روپ ٻهروپ، علاج، گلن واري ڇوڪري، ڪاروان ۽ سندس ئي لکيل ٽي وي ڊرامو ڪيڏو ڪارونيار آهي. پوڙهي بابا محمد موسيٰ جي لاڏ ڪوڏ پيار ۽ پاڻهه سان پاليل زرينه بلوچ پنهنجي جيون ساڻي محترمه رسول بخش پليجي جي ذات، ڏاهپ، ڏاڻ جي ڏور ۾ لاٽوءَ جيان ويڙهجي ويئي هئي ۽ پوءِ رنگ برنگي ڦرندڙ گهرندڙ لاٽون جيان، جُهومندي ۽ جرڪندي، سنڌ جي ساري اتهاس نگر تي اندلڪ ريکا ٿي پئي هُئي.

60 جي ڏهاڪي کان سنڌ يونيورسٽي ۾ آيل ڳيرو- ڳيرو- ڪنڌار- ڪنڌار، جوشيلا ۽ جذباتي- سگها ۽ سُٻر، سهڻا سيبتا- عاقل- بالغ- ڏاها، ڏاڍا، آدرشي ۽ اڙڏا پنهنجي زور خطابت سان- جوش ۽ ولولي سان- سچائي ۽ سياڻپ سان- لفظن جي هٿيارن کان وٺي- پستول- بندوق- رائيفل ۽ ڪلاشنڪوف جي گرجدار آوازن سان لفظ "جيئي سنڌ" ٻيلائي شينهن جي گجگوڙ جيان ورجائيندا رهيا. وريامن پنيان وريام ايندا رهيا. نعرا لڳندا رهيا پر انهن سيني سُڌيرن جي آپ ڏارينڊڙ آوازن کي جيڪڏهن حيات جاودان بخشي آهي ته اها هڪ تسلسل سان، تدبر سان آواز جي ميناج ۽ اندر جي گهرائي سان جيڪڏهن قائم رکي آهي ته اها جيجي زرينه بلوچ جي ڳايل "جيئي سنڌ" جي ڪلام جي

کيمياگري آهي. سڻ جي ڏاهڪي کان وٺي، هيستائين سنڌ يونيورسٽي جي پٽين تي لکيل جيئي سنڌ جا لفظ الائي کيترا پيرا لکبا ۽ مٽبا رهيا آهن پر جيجي زرينہ کي جنهن بہ "جيئي سنڌ" ٻڌائيندي هڪ پيرو بہ ٻڌو، ان پلي دنيا جي ڪهڙي بہ شاندار ۽ عاليشان ڪنڊ وجي وسائي هجي پر دل ۽ ذهن تان "جيئي سنڌ" جو اهو مٺڙو آلاپ ميساري نہ سگهيو. اهو انهيءَ ڪري جو جيجي نہ رڳو مٺڙي آلاپ واري بلبل آهي. پر هُوءَ هن ڌرتيءَ جي انقلابي ماءُ بہ آهي. اها انقلابي ماءُ جنهن اسان کي اختر بلوچ جهڙي سُورمي ڏني، جنهن ڏانهن سندس لکيل بهادرانہ، عزم استقلال ۽ جرعت جا خط، قوم پرستيءَ جي تاريخ جا اهم دستاويز آهن. ۽ سندس سورمي ڏيءَ اختر بلوچ جو ڪتاب "قيدياٽي جي ڊائري" دنيا جي اهم انقلابي ڪتاب جو حصو بنجي وپو آهي. جيجي جو هڪڙو سهٽو، سيبتو پٽ اسلم پرويز سنڌي شاگرد تحريڪ جو باني ۽ پهريون سيڪريٽري جنرل ٿيو تہ ٻيو گڏي جهڙو ٻاڙهو گول مٽول ايياز لطيف پليجو سجاڳ ٻار تحريڪ جو باني ۽ پهريون سيڪريٽري جنرل ٿيو. اها جيجيءَ جي جرئت همت ۽ هوشياري هئي جو هُن پنهنجن ٻارن کي سچ چوڻ جي ساڃاهہ بہ سيکاري تہ علم جي اهميت بہ ڏيکاري، جنهن جي ڪري سندس ٽئي ٻار پنهنجي تعليمي ڏميدارين ۾ بہ پنهنجو پاڻ ملهائي ويا . هيءَ اها ساڳي انقلابي جيجي زرينہ بلوچ آهي، جنهن شهيد پٽو جي گرفتاري کانپوءِ ضياءَ آمر خلاف اسکول مان ٻاهر نڪري عورتن جي احتجاجي جلوس جي اڳواڻي ڪئي ۽ گرفتار ٿي سکر جيل اماڻي ويئي. هيءُ اهو نازڪ وقت هو جڏهن سندس مڙس- سندس پٽ ۽ سندس نائي ضياءَ آمر جي حڪم تحت اڳيئي جيل ۾ هئا. جيجي سنڌ جي جياپي جي جنگ وڙهندڙ هر قافلي جي ڪوڻ ٿي ڪاروان ۾ شامل ٿي. قيادت بہ ڪئي تہ انقلابي گيت ڳائي منزل جي مسافرن جا حوصلا بلند رکيا. جيجي اهڙن سيني قومي ڪمن ۾ ڪٿي ڪارڪن ٿي تہ ڪٿي سالار!

جيجي سنڌ جي لوڪ ادب ۽ لوڪ ورثي کي- لوڪ گيتن جي حوالي سان جيئن ۽ جهڙي طرح ڳايو آهي، اها هڪ عليحده ۽ جامع تاريخ آهي. هڪ استاد جي حيثيت ۾ هِن پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪندي استاد جي عظمت جو مڪمل تقدس رکندي ڏهن-ڏهن ويهن- ويهن هزارن جي رقم کي بہ فقط انهيءَ ڪري نڪرايو تہ هوءَ هڪ ڏميدار استاد آهي. محفلن، مجلسن، شادين، مرادين ۾ پئسن تي ڳائڻ واري پروفيشنل فنڪاره نہ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هُن سنڌ جي تمام وڏن گڙنگ خاندانن- سيدن- ميرن- پيرن ۽ وڏيرن جي درن- گهرن ۽ اوطاقن ۾ سندن پٽن جي ڀرهن ۽ شادين

تي ڳائڻ کي سڀي معاوضي ۾ سڀن تعلقاتن هوندي به ٺڪرايو آهي. پر جتي به هارين-مزدورن- شاگردن قوم پرستن ۽ انقلابين کيس سندن ننڍين توري وڏن ميڙن ۾ سڏ ڪيو آهي، اتي جيجي پنهنجي آواز کي آلاپڻ پنهنجو قومي فرض سمجهيو آهي ۽ پرپور انداز سان ڳائي سڃي سنڌ جي جهرجهنگ کي جُهومائي ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ شيخ ايياز کي سپ کان پهرئين جيجي ان وقت ڳايو. جڏهن سندس ڪلامن تي بندش پيل هئي. جيجي، مرحوم حيدر بخش جتوئي جي ڪلام "جيئي سنڌ- جيئي سنڌ" ۽ مرحوم گدائي جي ڪلام "لاٽ ٻرندي رهي" کي امر بڻائي ڇڏيو آهي. سنڌ جي مهان دانشور ۽ ڏاهي رشيد پٽي شيخ ايياز جي ڪتاب "خط- انٽرويو- تقريرون جي طويل مهاڳ ۾ جشنِ روح رهان جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته "قومي ڪلام جي ڳائڻ ۾ مادام زرينہ بلوچ جنهن جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪندي هئي، تنهن کيس ان وقت سنڌ جي اُمر ڪلثوم جو لقب ڏيئي ڇڏيو. هو وڏيڪ لکي ٿو ته جنوري 1969ع ۾ جڏهن سنڌ جي اديبن "جي ايم سيد، شيخ ايياز، حيدربخش جتوئي، رسول بخش پليجو ۽ غلام محمد لغاري کي گرفتار ڪيو ويو هو ته انهن جي آزاديءَ لاءِ ڪوڪر محلي ۾ قلم 144 جي پيڇڪڙي ڪندي اديبن ۽ اديبائن جو هڪ وڏو احتجاجي جلوس نڪتو هو. جنهن جي قيادت بيگم زينت چنا، زرينہ بلوچ ۽ ڊاڪٽر قمر تنوير عباسي ڪئي.

جيجي جتي به ويئي آهي، اتي پنهنجي سنڌي ڪلچر ۽ ثقافت جي اهجاڻ جي سفير بنجي وئي. آمريڪا، انگلينڊ، انديا، سعودي عرب ۽ دبئي ۾ هُن نہ فقط پنهنجي فن جا مظاهرا ڪيا پر هِن سنڌ جي سفير جي حيثيت ۾ هر اها ڪوشش عمل ۾ آندي، جنهن سان سنڌ جو شاندار ۽ مانائتو مُستقبل وابستہ آهي. جيجي سنڌي، سرائڪي، بلوچي، فارسي ۽ عربي ۾ ڳايو آهي. ايياز، سرويچ، منشي، مجيدي، آڪاش، جيم.ع. منگهاڻي، مرير مجيدي، ڊاڪٽر ثريا سنڌي ۽ ٻين ڪيترن شاعرن توڙي شاعرائن کي پهريون پيرو ڳايو آهي. سنڌ ۾ سپ کان پهرئين آزاد نظمن کي ڳائي موسيقي جي ڏنن ۾ سموئي به جيجي ئي آندو. جن مان شيخ ايياز، امداد حسيني، خاڪي جويو ۽ آڪاش انصاري جي نظمن کي تمام گهٽي مقبوليت ملي. هاڻي سوال ٿو اٿي ته جيجيءَ کي سڃي سنڌ جيجي ڇو ٿي چئي، اهو انهيءَ ڪري جو هيءَ ٻين ڪيترن فنڪارن جيان رڳو فنڪاره نہ آهي پر هوءَ پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل انجمن آهي. ڪاهوڙي ۽ جاکوڙي جوگيئڙن جي تحريڪ آهي. اها تحريڪ جيڪا قومن جي وجود لاءِ هر موڙ تي پهريون محاذ ثابت ٿيندي آهي. جيجي سڃي سنڌ لاءِ جيجي انهيءَ ڪري آهي جو جڏهن جيئي

سنڌ محاذ ۾هارين جي مسئلي تي ڪراچي ايئرپورٽ تي جلسو ٿو ڪري تہ جيجي قيادت ڪندي اتي زبردستي تقرير ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽو کي گرفتار ڪيو ويو تہ جيجي احتجاجي جلوس جي قيادت ڪئي ۽ گرفتار ٿي جيل ويئي. ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي احتجاجي جلوسن جي قيادت، ۽ ويجهڑائي ۾ ڪالاباغ ڊئم جي مسئلي تي، عوامي تحريڪ جي لانگ مارچ ۾ جُون جي سخت گرمي هوندي، حيدرآباد کان ڪراچي تائين هن پيريءَ ۾ بلڊ پريشر، شگر، السر ۽ دل جي تڪليف جي باوجود ب پنڌ ڪيو. مطلب تہ جيجي هڪ گهريلو عورت کان وڌي استاد، سياستڪار، سماجي ورڪر، لوڪ ورثي جي جاڻ رکندڙ انقلاب جي آدرشي اصولن جي پابندي ڪندڙ، جيل جون سختيون پوڳيندڙ، حساس دل رکندڙ تخليقڪاره تہ ٻئي پاسي جديد اليڪٽرانڪ ميڊيا جي صداڪاره ۽ اداڪاره ب آهي. اُها اداڪاره جنهن "دنگي منجهه درياهه" جو ڪردار نيائڻ لاءِ مهاڻن جي ڪڪائن گهرن ۾ ٻيڙين ۾ رهي انهن جي هلت چلت کي درياهه ۾ مڇي قاسائڻ کي انهن جي عورتن جي وچ ۾ ويهي. نہ فقط کين ڏٺو پر انهن سان باقاعده مَهاڻي ٿي ڪم ب ڪيو ۽ درياهه بادشاهه جي مَهاڻيءَ کي پنهنجي پرپور ڪردار نگاريءَ سان امر بڻائي ڇڏيو. جيجي کي مجتا طور مليل ايوارڊن مان ڪي اهم ايوارڊ هي آهن. سنڌ گريجويٽ گولڊ ميڊل ايوارڊ، شاهه لطيف ايوارڊ (ب دفعا) قلندر شهباز ايوارڊ (ب دفعا) وحيد مراد گولڊ ميڊل ايوارڊ، ڊبئي جي سنڌين پاران "سنڌي سدائين گڏ" انٽرنيشنل لطيف ايوارڊ، بمبئي جو دادا رام پنجواڻي ايوارڊ، آمريڪا جي سنڌين پاران "سانا" ايوارڊ، انگلينڊ جي سنڌين پاران ورلڊ سنڌي ڪانگريس ايوارڊ، انقلابي عربي نغمي ڳائڻ تي فلسطيني ايوارڊ، "سانا" ۽ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي تاحيات ميمبر شپ ڪيس حاصل رهي.

اڄ هڪ پيرو وري اڌ صدي پوئتي حيدرآباد موٽي ٿا هلون. جتي الله داد چنڊ جي ڳوٺ جي گهر منجهه جيجي زرينہ بلوچ ننڍڙي آمنہ عرف "گاگي" "هوري" يا "جلوان" جي روپ ۾ گراموفون جي رڪارڊ تي منڙو الستي آلاپ ٻڌي رهي آهي.

نالي ڏٺيءَ جي ٻيڙو تار منهنجو.

●

●

ڪهاڻيڪاره عظيم فنڪاره ۽ قومي سورمي

جيجي زرينہ بلوچ

[اديبن، فنڪارن ۽ عالمن جي نظر ۾، جنهن وقت جيجي شديد بيمار هئي.]

نومبر 1997ع

خير النساء جعفري (ليکڪا): جيجي زرينہ بلوچ جي چهري تي مون ڪڏهن بہ غمگيني ۽ مايوسي نہ ڏني آهي. هوءَ ليکڪا ۽ صاحبِ ڪتاب آهي. سندس ڊرامو "دنگي منجهہ درياءَ" هڪ يادگار ڊرامو آهي. جيجي جا قومي گيت ۽ تحريرون هن جي پختگي جي مثال آهن. هوءِ گهڻ روپي بہ آهي تہ سون روپي بہ. سندس مڪ ۽ اهر خوبي تہ هميشہ پئي مرڪندي آهي.

محمد ابراهيم جويو (ليکڪ، دانشور): محترم زرينہ بلوچ جي شخصيت انسان لاءِ وڏو درجو رکي ٿي؟ ۽ اديب ۽ موسيقار جي حيثيت ۾ سندس حاصلاتون ۽ خدمتون وڏي اهميت رکن ٿيون. پاڻ پنهنجون صلاحيتون سنڌ جي انسان دوست سياست جي فروغ لاءِ پوري جذبي ۽ خلوص سان ڪم آندیون اٿن. سندس پنهنجي اولاد جي تربيت ۾ هڪ مثالي ڪردار آهي. اختر بلوچ جهڙي ڏاهي، بهادر ۽ صالح ڏيءَ ۽ ايياز لطيف جهڙو باشعور، محنتي، پاڻ اربيندڙ قومي خادم پٽ، سنڌي قوم کي ڏنا اٿن. پنهنجي شاهڪار افساني "جيجي" ۾ شيخ ايياز جي املهہ ۽ جيءَ جيار گيت، ٽڙي پوندا ٽارئين جي امر پيشڪش سان جيجي زرينہ بلوچ سنڌي ادب، فن ۽ قومي ڪلچر جي جيڪا خدمت ڪئي آهي سا بي مثال آهي.

نواز علي شوق(استاد، ليکڪ): پيڙ زرينہ بلوچ کي جڏهن بہ مون ٻڌو آهي تہ هن سچ پچ موهي ڇڏيو آهي. هن سنڌي گيتن کي وڏي سونهن ۽ مقبوليت بخشي آهي. سندس طبيعت ۽ فن ۾ سڀاجهائي ۽ ميناڻ آهي.

رسول بخش پليجو(مفڪر، دانشور، اديب): زرينہ جي سڄي ڪردار پويان هڪ فڪري

تاريخ آهي. هن جي گيتن قومي جدوجهد جي قافلي ۾ جرئتون ۽ محبتون پيدا ڪيون. زرينہ ون يونٽ واري دور جي جدوجهد جي هڪ حقيقي سورمي آهي. زرينہ جي ذات مان اسان سڀني کي سکي پنهنجي شعبي ۾ تمام گهڻي محنت ذريعي مهارت حاصل ڪرڻ گهرجي. زرينہ ۽ اسان گڏجي سنڌ جي انقلابي جدوجهد، ثقافت کي نئون رنگ ڏنو ۽ هزارين ۽ لکين ماڻهو گڏ ڪيا ۽ اهو ان ڪري ٿيو جو اسان جي پويان نظريو هو. اڄوڪي سنڌ کي لپسٽڪ باز عورتن جي نہ پر زرينہ جهڙي ويٺنامي مزاج جي عورتن جي ضرورت آهي.

عبدالواحد آريسر (اديب): سنڌ جي جديد انقلابي ۽ قومي شاعري کي سڀ کان پهرين نروار ڪندڙ فنڪاره زرينہ بلوچ آهي. ماضيءَ ۾ هوءَ اسان وٽ واحد قومي فنڪاره هئي. جيڪا قومي جلسن ۾ قومي انقلابي گيت ٻڌائي روح قوڪي ڇڏيندي هئي. هي اهو دور هو جڏهن اسين سڀ زاهد پريس تان اوڏر تي پمفليٽ ڇپرائيندا هئاسين. ان وقت زرينہ بلوچ رضاڪارانہ طور بنا ڪنهن معاوضي جي قومي گيتن ۽ ثقافت جو جهنڊو بلند ڪيو. هي اهو دور اهو جو جڏهن آغا سليم "دريا خان" ۽ شيخ ايياز "دودي سومري" جهڙا ڊراما لکيا.

نور الهدي شاهہ (ڊرامہ نگار، ليکڪا): جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي ڏرتيءَ سان سچي ۽ ڪميٽيڊ فنڪار آهي. ڪيس شهرت ۽ گليمر ڪڏهن بہ قومي فرض کان غافل نہ ڪري سگهيا. جيجي، گورڪيءَ جي ماءُ جيان سنڌ جو امر ڪردار آهي. هوءَ هارنهن سالن جي عمر کان جنگ ۾ آهي، مون سميت ٻيون عورتون ٽڪجنديون رهن ٿيون، پر جيجي زرينہ ڪڏهن ناهي ٽڪي. جڏهن سنڌ جا سياستدان خاموش هئا، تڏهن هن "جيئي سنڌ" جو آواز بلند ڪيو هو.

نصير مرزا (شاعر): مان سنڌ جي انهن خوشنصيب ماڻهن مان آهيان جن کي جيجي زرينہ بلوچ جي شفقت نصيب آهي. مون سندن مقبول ترين گيت ريڪارڊ ڪيا آهن ۽ اهو مون لاءِ اعزاز آهي. سندس شفقت پريي هٿ ۽ چانو پريي وجود تي مونکي سدائين ناز رهندو.

عبدالحق ابڙو (فنڪار): جيجي زرينہ بلوچ جي فن، شخصيت ۽ ڪردار ۾ سنڌ جي سادگي، سونهن ۽ سپاجهائي سمايل آهي. اها ئي سندس سچائپ آهي.

ذوالفقار علي ۽ مظهر حسين (فنڪار): جيجي جهڙا محنتي انسان سنڌ ۾ تمام گهٽ آهن.

امير علي (گلوڪار): جيجي فنڪار بہ آهي ۽ استاد بہ سندس موجودگي اسان لاءِ اعزاز آهي.

طارق قريشي (ڪهاڻيڪار): جيجي سنڌ جي ملٽي ڊائيمينشنل پرسنلٽي آهي.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي (ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ هڪ اعليٰ ادیب،اعليٰ استاد

۽ عظيم ڪلاڪار آهي. سندس فني شعور، ورهاگي کان اڳ جي سنڌي تعليم سماج ۽ قدرن جو نتيجو آهي.

تاج جويو: (ليکڪ، استاد):جيجي زرينہ قومي حوالي سان وڏو اتساهہ ڏيندڙ نالو آهي، جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس تہ ائنٽي ون يونٽ تحريڪ دوران سندس گيت "لاٽ برندي رهي ساٽ هلندو رهي" ۽ لوليون لوليون او ابا" دل ۾ پيهي ويندا هئا. جيجيءَ سنڌي لوڪ گيتن کي قومي رنگ سان ملائي عجيب سنگم پيدا ڪيو آهي، سندس خدمتون سنڌ جي قومي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهنديون.

ڊاڪٽر آڪاش انصاري(شاعر): آمريت جي ڏهڪاءُ وارو دور ۾ جڏهن ڇڳا پلا فنڪار شادين ۽ ڪاڇن جي پٽن ۾ لاڏا پيا ڳائيندا هئا، ان وقت ڄامشورو جي مڈمست هوائن کي بغاوت جي بارودي سرن ۾ اوتڻ وارو آواز صرف ۽ صرف جيجي زرينہ بلوچ جو هو. سندس ڏڪندڙ عوام دوست دل ئي سندس گلي ۾ لاڙ جي لاکهاٽين شامن جهڙو سوز پريو آواز سمايو آهي. سندس سادگي ۽ سچائي کيس هزارين فنڪارن ۾ منفرد رکيو آهي.

سرور سهتو(وڪيل): جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي فن، فڪر ۽ قومي گيتن ذريعي سنڌ جي قومي هلچل ۾ اهڙو تہ ڪردار ادا ڪيوآهي جو سنڌ واسي کيس هميشہ دلين ۾ جايون ڏيندا رهندا.

سهڻي پارس(ليکڪا): جيجي جو آواز ٻڌي ماڻهو ٻنهي جهانن کان گم ٿي اکيون پوري وجد ۾ هليو ويندو آهي. جيجي شايد پنهنجي لاءِ ئي چيو آهي تہ "بي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ، تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون"

مظهر لغاري(شاعر، ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ جو من مارن سين لڳل آهي پر مارن جي من جو اهو الميو آهي تہ خبر ناهي تہ سندن من ڪنهن سان لڳل آهي، مون سندس ڪهاڻي ديوار پڙهي تہ ترجمي جي خوبين ۽ ذهني ايپروچ کان گهڻو متاثر ٿيو هئس، آئون جيجي جي هڪ گيت جوئي قتيل آهيان تہ "لڳو من مارن سين". سندس شخصيت جي جڳمڳاهٽ اسان جو سرمايو آهي.

طارق عالم ابڙو(ليکڪ): جيجي سان منهنجو احترام جو رشتو ۽ عقيدت جو ناتو ماڊل اسڪول جي شاگردي واري زماني کان آهي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ هزارين سنڌي، جيجي زرينہ جي منڙي ۽ پاڻهہ پريل لهجي کي ٻڌي شفيق ماءُ جو وجود محسوس ڪندا آهن. هوءَ هڪ محترم شخصيت، شفيق ماءُ، بهترين ڪهاڻيڪار ۽ مقدس آواز آهي.

اڪبر سومرو(ڪهاڻيڪار): مارشلا جي دور ۾ هوءَ اسان سان گڏ ظلم ۽ بربريت

خلاف بانهن ٻيلي ٿي ٻيني. مون کي لڳندو آهي ته هوءَ رڳو اسلم پرويز، اختر بلوچ ۽ ايار لطيف جي نه پر منهنجي به ماءُ آهي.

نصير سارنگ(ليکڪ): جيجي زرينہ سچ پچ جيجي آهي. جذباتي رنگ ۾ قومي گيت ڳائي روحن کي جدوجهد لاءِ گرمائيندڙ ۽ لوڪ گيتن جي جهونگار سان ڪلچر لاءِ محبت جو سمند موجزن ڪندڙ جيجي.

اظهار سومرو(ليکڪ): جيجي معنيٰ ماءُ ۽ ماءُ لاءِ ماٺهو چا ڳالهائي، سندس آواز ساوڪ رت ۾ سانورا" ۽ ڪهاڻيڪار وارو روپ ٻئي لاجواب آهن. جيجي زرينہ جو آواز ڇن منهنجي ديس جو آواز آهي. جيڪو ماٺهوءَ کي لفظن ۽ معنائن جي روح تائين آڻي ٿو.

امداد سومرو(ليکڪ): هو اسان جي نسل جو آواز آهي. اسين هن کي ڪيئن ٿا وساري سگهون.

جبار ٻيلائي(فنڪار): جيجي هڪ جدوجهد جو نالو آهي، جيڪا بحيثيت هڪ ماءُ اسان سيني لاءِ هڪ درسگاهہ آهي. سندس سايو شل سنڌ تي سدائين قائم رهي.

ستار وسطڑو(ليکڪ): جيجي زرينہ هر دور ۾ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جيڪا جنگ لڙي آهي سا تاريخ ۾ سنهري اکرن ۾ لکڻ جهڙي آهي. هوءَ غير متنازعہ شخصيت آهي.

مظهر سولنگي(ڪلاڪار): جيجي تنهنجي جهوليءَ ۾ ڪاش اکيون مان کوليان ها. جيجي جو ڳايل. "سنڌياڻي سنڌ جي ڇائي آ، جنهن لوئي لڄ بچائي آ." ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي.

عبدالغفار تبسم(شاعر): جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي انقلابي ڪلامن سان ڏرتي جي ماٺهن کي جاڳرتا جو درس ڏنو آهي.

ايار گل(شاعر): جيجي زرينہ بلوچ جو شفيق آواز جهرڻي وانگي جيءَ مان ڪڍي نڪرندڙ، مڏر جذبا ۽ جرئتون جا ڳائيندڙ، انوکو آواز آهي. اسان کي مٿس فخر آهي.

رکيل مورائي(شاعر): شيخ ايار جي شاعري کي سنڌ ۾ متعارف ڪرائڻ جو ڪريڊٽ فقط جيجي زرينہ بلوچ کي آهي. قومي گيت متعارف ڪرائڻ جو ڪارنامو ڪيس صدين تائين امر رکندو.

ساحر ٻرڙو(شاعر): هن جڏهن ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ ۽ مارشلا مخالف جدوجهد ۾ "آئون به گوليون هلايان" ۽ "جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" ڳايو ته سنڌين جي جيجي بنجي وئي.اسين جيجي بلوچ جو قرض لاهي نه سگهيا آهيون.

مدد علي سنڌي(ليکڪ): جيجي سنڌ جي قومي هلچل جي اها جهونجهار خاتون

آهي، جنهن ون يونٽ مخالف، لسٽن واري تحريڪ ۽ قومي جدوجهدن ۾ منفرد ۽ بي مثال ڪردار ادا ڪيو. ائٽي ون يونٽ ڪانفرنس 1968ع ۾ ٿي هئي، جنهن ۾ مخدوم طالب المولي، عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد، غلام مصطفيٰ جتوئي، غلام محمد وساڻ ۽ بيا موجود هئا. جيجي اتي "جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" جو آواز بلند ڪري قومي تحريڪ کي نئون رخ ڏنو هو.

رابيل شر(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ جو فڪر ۽ فن هجي تہ ذهن ۽ جذبا تخليق ۽ تعمير جو سوچ لڳن ٿا.

جامي چانڊيو(ليکڪ): جيجي سنڌ جو وڏو ڪردار آهي، هن جي موجودگيءَ جو احساس ئي اسان لاءِ وڏو آڌت آهي.

فتاح دائود پوٽو(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ جي آواز ۾ خدائي رهندي آهي.

سليم چنا(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ جو آواز ۽ شخصيت سڃي دنيا جي سنڌين توڙي راڄ ۽ آواز ۽ دلين کي پنهنجي فڪر، فن ۽ مامتا جي رشتي ذريعي هيڪارون ڏيندا رهندا، هوءَ قومي جدوجهد ۾ مختلف فرض نپائيندي رهي آهي. جلوس ڪڍي جيلن ۾ وئي، ادبي و سياسي تحريڪن جي اڳواڻي ڪيائين، آڪاش انصاري، امداد حسيني ۽ خاڪي جويي جي آزاد نظمن تي تجربا ڪيا ۽ ون يونٽ توڙيو ۽ ايم آر ڊي تحريڪن ۾ نئون جوش ۽ ولولو پيدا ڪيو، هن کي مليل شهباز ايوارڊ، لطيف ايوارڊ، سانا ايوارڊ، شاهہ سچل سامي ايوارڊ، سنڌي سدائين گڏ ايوارڊ، رام پنجواڻي ايوارڊ ۽ پرائيڊ آف پرفارمنس سندس فني خدمتن جو ثبوت آهن. جيجي مان انڊلڪ جي رنگن، چيڪيءَ مٽي، روشنيءَ جي ترورن، آبشار جي شفاف پاڻي، چانڊوڪيءَ ۾ سمندجي چولين ۽ ممتا جي شفقت جو تاثر ملندو آهي.

مسعود لوهار(ليکڪ): ممتا جو عملي روپ، گورڪي جي ماءُ جو عڪس ۽ مروت ۽ مهرباني جي سراپا تصوير جيجي زرينہ مون کي اياز لطيف جي ماءُ سان گڏ پنهنجي ۽ ماءُ لڳندي آهي.

عزيز گوپانگ(ليکڪ): مون کان ڪير مثالي ماءُ جو پڇي تہ آئون بنا دير جيجي زرينہ بلوچ جو نانءُ پيش ڪندس.

زيب سنڌي(ليکڪ): اسان جي معاشري جي عورت لاءِ جيجي زرينہ اونداهي ۾ روشن لاٽ آهي. هن مان مون کي ماءُ جي خوشبو ايندي آهي.

علي نواز خاصخيلي(پروڊيوسر): جيجي جهڙي شخصيت کي سنڌي قوم کي راٽيءَ جو تاج پارائڻ ڪپي پر اسان مرده پرست قوم آهيون.

عارف جوٽيجو(مزدور اڳواڻ): جيجي پنهنجي فن ۽ بهادري ذريعي سنڌ جي نوجوان توڙي بزرگ نسلن جي امڙ ٻڌجي ويئي آهي.

باري ابڙو(فنڪار): جيجيءَ لتا مگيشڪر جيان هر گيت کي مقبول گيت بنايو آهي.

گل حسن گل(گلوڪار) جيجي جي آواز ۾ سنڌ جو، هن قوم جو درد پريل آهي.

دلدار جانوري(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ جي ڪردار تي اسان کي ڪتاب لکڻ گهرجن.

ماڪن شاهہ رضوي(ڊرامہ نگار): جيجي زرينہ سنڌ لاءِ ٿڌي ڇانو آهي، مون کي سندس آواز سنڌ جي نقشي مان ايندي لڳندو آهي، ساڻس ملي لڳندو اٿم جڏ ڪنهن ممتا جي جهوليءَ ۾ ڪو ٻار سکون پيو ماڻي.

امين ارباب (ليکڪ): سارجي سير ۾ ريهون ڪندڙ منهنجي ويران دل جيجي زرينہ بلوچ جو آواز ٻڌي جڏ پلر پسندي آهي ۽ منهنجون يادون انگل ڪرڻ لڳنديون آهن.

روشن سندر چانڊيو(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ هميشہ مون کي ٻچن وانگر سمجهيو آهي، ان وقت کان جڏهن آئون ۽ اياز لطيف ريڊيو حيدرآباد ۾ پارڙن جي ٻاري ۾ فيچر ڪندا هُئاسين. جيجي سان ملي حوصلي، جذبي ۽ ممتا جو احساس ٿيندو اٿم.

الطاف ملڪاڻي(ليکڪ): جيجي سنڌ جي گهڻ رخي شخصيت آهي، سندس قومي ڪلامن نئين نسل کي بيحد متاثر ڪيو آهي.

نثار حسيني(ليکڪ): جيجي جو نالو کڻڻ سان ان جا گيت خوشبو ٻڌجي من کي واسي ڇڏين ٿا.

پروانو پٽي(ليکڪ): مون کي ٽيهن سالن اندر کا بہ اهڙي تحريڪ نہ ٿي سجهي جنهن ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو ساراهڻ جو ڳو ڪردار نہ هجي، هوءَ متحرڪ شخصيت بہ آهي ۽ هڪ تحريڪ پڻ، هوءَ هڪ اهڙي بيدار ذهن خاتون آهي، جنهن "سنڌي کي قومي ٻولي بنايو تحريڪ" هجي يا "ووٽر لسٽن واري جدوجهد" هميشہ سنڌي سماج ۾ عورتن لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي.

سرفراز وسطڙو(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ جو تصور سان مون کي ٿر ياد اچي ويندو آهي، جيڪڏهن اسين جيجي جي گيتن جي صحيح مفهوم کي ڇاڻي وٺون تہ سنڌ جي مارن جا مسئلا ڪافي حد تائين حل ٿي سگهن ٿا.

جعفر ميمڻ(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ڏرتيءَ جو اهو گلاب آهي، جنهن جي

خوشبو حريت پسند سنڌين کي مجاهديءَ جي آخري موڙ تائين اتساهيندي رهندي، سندس ڳايل گيت ايندڙ هڪ هزار سالن تائين سنڌ ۾ آزاديءَ جا سلا اپاريندا رهندا.

ايار لطيف پليجو(ليکڪ): جيڪڏهن سنڌ ۾ جيجي زرينہ بلوچ جهڙيون بهادر، مستقل مزاج ۽ ڪميٽيڊ سو عورتون بہ هجن ها، تہ گذريل پنجاهہ سالن جي تاريخ مختلف هجي ها، مون کي مٿس فخر آهي.

محمد خان سولنگي(ليکڪ): جيجي زرينہ هڪ سڃاڻ ۽ ذميدار فرد جيان اسان جي سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي پوٽڪاري ۽ ترقي لاءِ جيڪي محنتون ڪيون آهن، ان تي اسان کي بي انتها فخر آهي، هوءَ سنڌ جو عظيم سرمايو ۽ اسان جو شان آهي.

حفيظ ڪنيئر(ڊرامہ نگار): جيجي زرينہ بلوچ دلين ۾ گونجندڙ آواز ۽ روح ۾ لهي ويندڙ شخصيت آهي.

يوسف سنڌي(ليکڪ): جيجي زرينہ بلوچ سنڌي قومي شاعري ذريعي سجاڳي ڦهلائي سنڌ جي سورمي بڻجي وئي آهي.

سائينداد سانڊ(ليکڪ): جيجي بحيثيت کهاڙيڪار ۽ بحيثيت فنڪار منهنجي پسنديده ترين شخصيت آهي.

فدا حسين شاهہ(ليکڪ): جيجيءَ جو ڊرامو دنگي منجهہ دريا ڏسي ستيہ جيت ري ۽ شيام بينيگل جي فلمن جون عظيم عورتون ياد اچيو وجن سندس "اسين ماڻهو لاڙ جا" ٻڌي پنهنجي پاڻ تي فخر ٿيندو آهي.

الله بخش ڪنيئر(صحافي): جيجي سنڌي قوم ۽ سنڌي عورت کي انقلاب جو درس ڏنو آهي.

وشنو مل(هاري اڳواڻ): جيجي جڏهن قومي گيتن جي شروعات ڪئي تڏهن فنڪار تہ ڇا پر ٻڌندڙ بہ پيا ڏڃندا هئا تہ متان پوليس نہ اچي وجي، جيجي اونداهي ۽ قهري دورن ۾ جوش، جذبو ۽ ولولو پيدا ڪيو. سندس فن پٽر ۾ جان وجهندڙ ۽ مئلن کي جياريندڙ فن آهي.

عزيز ڪنگراڻي(شاعر): جيجي کهاڻي کيتر ۾ لازوال اثر ڇڏيا آهن.

اشوڻاما(ليکڪ): جيجي جي سامهون هر ليکڪ ۽ فنڪار پاڻ کي شاگرد سمجهندو آهي.

نور محمد عباسي(ايڊيٽر شهباز): جيجي منهنجي شهيد پٽ ڊاڪٽر ظهور جي استاد رهي چڪي آهي، هوءَ مون لاءِ انتهائي قابل احترام آهي.

آزاد انور ڪانڊڙو(ليکڪ): جيجي زرينہ پنهنجي سڃي زندگي سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪندي گذاري آهي. شل اڃان هن غلام قوم لاءِ اهو ڪردار ادا ڪندي

رهي.

سرور نواز بگهيو (**شاعر**) کجهہ ڏينهن اڳ ڪوئٽي ۾ مون، علي بابا ۽ اختر رند ڪچهري پي ڪئي. اسان ان ڳالهہ تي متفق هئاسين تہ سنڌيت ۽ سنڌ جي بچاءَ لاءِ ايياز ۽ استاد جي شاعري کانپوءِ اهم ترين عنصر جيجي زرينہ بلوچ جو آواز آهي.

نذير قريشي(عورت اڳواڻ): جيجي زرينہ پنهنجي سڄي حياتي سنڌ ۽ سياست کي ارپي ڇڏي آهي. هن سدائين سنڌي عورتن جي اڳواڻي ڪئي آهي.

سکينہ ميرجت(شاعره) جيجي سان ملي کيس ٻڌي سدائين سنڌ تي ناز ٿيندو آهي.

جبار ساقي ناريجو(ايڊيٽر جُنگ): بيشڪ جيجي سنڌ جي ڄڃ جو حق ادا ڪيو آهي.

منصور سوراڻ(ليکڪ): "جيئي سنڌ" جي للڪار بلند ڪري هزارين انقلابي شاگردن کي جهومائيندڙ، بي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ ۽ اُترڙو ذريعي درد جا سيلاب آڻيندڙ جيجي کي سنڌي صدين کان پوءِ بہ ڪيئن وساري سگهندا!

بلاول پرديسي(شاعر): جيجي پنهنجي جيون جي جوت ڏئي جڳ کي جرکايو آهي.

انيتا شاهہ(ليکڪا): امان زرينہ کي 1991ع کان سجاڻان، هوءَ مضبوط انسان آهي، ناني جي روپ ۾ ماءُ، زال، استاد ۽ فنڪار جي روپ ۾.

فقير نظير لغاري(صحافي): جيجي قومي شاعري جهونگاري ڏي تہ مهراڻ جي روپ ۾ موجن وانگر اسان جا حوصلا ڪر ڪٽن ٿا. هوءَ سنڌي عورتن جي سرواڻ آهي. هن ڪڏهن بہ سون تي سيڻ ناهن مڙايا هوءَ اسان جي حقيقي سورمي آهي.

عارب ملاح(ملاح اڳواڻ): جيجي جو سمورن سنڌين، اديبن، دانشورن ۽ فنڪارن تي قرض آهي جيڪو لهي نہ سگهيو آهي.

مقصود ميمڻ(ليکڪ): جيجي زرينہ سنڌ جي تاريخ جو اهو عظيم ڪردار آهي. جنهن هر ڏکئي وقت سڌ تي سڌ ڏني آهي. مرحوم رشيد پٽي "خط، انٽرويو ۽ تقريرون ۾ لکيو آهي تہ "نہ صرف قومي ڪلامن ڪري ڪيس سنڌ جي ام ڪلثوم سڏيو ويندوهو بلڪ 1968ع ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ زينت چنا، زرينہ بلوچ ۽ قمر تنوير عباسي سان يادگار جلوس جي قيادت ڪئي هئي. دراصل جيجي زرينہ اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي هرقومي مسئلي تي پنهنجو ڪردار نيايو آهي. هن مارچ 1978ع ۾ پٽي جي قاسي خلاف حيدرآباد ۾ تاريخي مظاهرو ڪرايو ۽ جيل ۾ وئي، جيئي سنڌ محاذ پاران بهارين خلاف احتجاج ۾ شريڪ ٿي ۽ عوامي تحريڪ جي جدوجهدن ۽ مارچن ۾ پرپور حصو ورتو. جيجي سنڌ جي غير متنازعہ قومي هيروئن آهي.

●

●

لات امر ٿي ويندي !

محبوب، مشفق ۽ مهربان "ماءُ" جو چهرو ڪهڙو ٿيندو آهي؟ جيڪڏهن ڪو مون کان اهو سوال ڪري ته هوند فورن ڇوان، " هوبهو اسان جي احترام لائق ماءُ، جيجي زرينہ بلوچ ڇهڙو! " الاس! جانُ وانگر عزيز هستي ۽ اسان جي مشفق ماءُ، جيجي زرينہ بلوچ، اڇڪلهہ نہ فقط عليل آهي، پر شديد عليل!

سنڌ جون اخبارون، ڏينهن بہ ڏينهن جيئن پوءِ تيئنءَ، سندس صحت بابت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري رهيون آهن ۽ مون وٽ جيڪا "دل" آهي، سا اُهي خبرون پڙهي، ڪنهن اڃاتل خوف وڃان تيزيءَ سان ڏڙڪڻ لڳي آهي. " بارالاها! اسان جي مهربان، معصوم ماءُ ۽ سنڌ جي هن عظيم اثاثي کي پنهنجي حفظ ۽ امان ۾ رک ۽ يا مولیٰ سندس سايو. اسان جي ڏکويل پاءُ، ايازُ لطيف پليجي ۽ اسان سيڀي سنڌ واسين جي سرن تي سدائين قائم ۽ دائم رک ..... ۽ جيجي زرينہ بلوچ کي جلد صحتياب ڪر.

اردوءَ جي وڏي افسانہ نگار، حجاب امتياز علي چوندي هئي، موٽرڪار ۾ ڪا خرابي ٿيندي آهي، تہ موٽر ميڪنيڪ حيلا هلائي ڪار جا اهي ڪل پُرزا فورن ٺيڪ ڪري ونندو آهي. ۽ هيڏانهن، اسان انسانن جو جوڙيندڙ ڏاڍي تعاليٰ خود آهي. ۽ جيڪڏهن ڏاڍيءَ پاران ناهيل اسان جي وجود ۾ اتفاق سان ڪا خرابي پيدا ٿي پوي ٿي ،تہ ان کي دور ڪري ڇڏڻ، سندس ئي ذميواري آهي. جيجيءَ لاءِ پنهنجي انهيءَ رحيم و ڪريم ڏاڍي تعاليٰ آڏو، اسين سڀ سنڌ واسي، سربسجود آهيون تہ هر حالت ۾ هو ڪيس صحتياب ڪري، ۽ اهو، ان ڪري جو سنڌ ۾ جيجي زرينہ بلوچ بہ ڪونہ آهن، صرف هڪڙي آهي. جنهن سڀ کان پهرين سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ پهچي، پنهنجي ممتا پرئي آواز ۾ صدا بلند ڪئي هئي " جيئي سنڌ .... جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ!" ۽ محفل محفل ۾ سنڌيت جو پرچار ڪندي هن ڳايو، "سنڌ ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان، منڊي ماڻي لائيان، " جيجيءَ کي، سدائين آڻون هجت پائي چوندو هئس، تہ اوهين‌اسان لاءِ " ميران ٻائيءَ" جهڙو درجو رکو ٿيون ۽ جوابن جيجي سدائين مسڪرائي پچندي هئي، " ۽ اهو پلا ڪيئن نصير!؟ ۽ آڻون ڪين چوڻ لڳندو هئس، تہ

هند ۾" ميران ٻائيءَ" مرلي منوهر ڪرشن جا گيت ڳائيندي هئي ۽ هيڏانهن اوهان وري سنڌ ڏرتي جي سورن جا ههڙا سُر جو ٽيون چيڙيو ته. "مان توکي گيت ڏيان اي ڏرتي، تون مون تي زنجير وجهين"

۽ ستر جي ڏهاڪي وارا اهي عجيب عذابن پريا ڏينهن هئا (۽ اڄا به مسلسل آهن) جڏهن سڄي سنڌ، جيجيءَ جي ڳايل اهڙن انقلابي گيتن سان گونجي رهي هئي ۽ جيلن ۾ سلاخن پويان سنڌ جي سورمن جا حوصلا جيجيءَ جي ڳايل انهن گيتن سان بلند ٿي رهيا هئا.

۽ ون يونٽ جو ڳٽ سنڌ جي ڳچيءَ مان جنهن وقت لٿو هو. آئون ڪاليج جو شاگرد هئس ۽ ان وقت جنهن جنهن محفل ۾، جيجيءَ کي ڳائيندو ڏسندو هئس. فوري طور ڇت تي به اکر لکي، سندس آڏو اسٽيج تي رکي ايندو هئس. " جيجي، جبل مٿي جهڙ ڙي چورا .... پليز ضرور ڳائجو." ۽ ستر کان اسي تائين اهڙيون ڪيئي محفلون هونديون، جن مان هر محفل ۾ مون هن سان هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ ان ئي لوڪ گيت جي ڳائڻ جي فرمائش ڪئي هوندي ۽ موٽ ۾ ڪڏهن هن اها فرمائش پوري ڪئي ٿئي ۽ ڪڏهن نه ۽ بعد ۾ 1984ع ڌاري، آئون جڏهن ريڊيو حيدرآباد جي موسيقي واري شعبي جو پروڊيوسر مقرر ٿيس ته پهريون دفعو مون سان ملڻ جي لاءِ، جيجي جڏهن منهنجي ٽئبل جي هن پار اچي ويٺي ته يڪدم پنهنجي پراڻي عادت مطابق، هجت منجهان پني تي لکيم، "جيجي آپا .... هن پهرين ملاقات کي يادگار بنائڻ چاهيو ٿا ته مون کي" جبل مٿي جُهڙ"..... لوڪ گيت ضرور جهونگاري ٻڌايو ته منهنجا اکر پڙهي اوجتو گهور وجهي، جيجيءَ مسڪرائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ مون کي سجاڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين " آئي بابا.... تون اهو ئي ته ناهين، جيڪو هر محفل ۾ ان لوڪ گيت ٻڌائڻ جي فرمائش اچي ڪندو هو مون سان." ۽ ان ڏينهن کان پوءِ، آئون پانڌيان ٿو ته جيجيءَ لاءِ آئون به ائين ئي هئس، جيئن سندس پيارا، پٽڙا، پرويز ۽ اياز لطيف پليجو.

پروڊيوسر ٿيڻ کان اڳ، هونئن ته ريڊيو ٻڌندڙ جي حيثيت ۾ جيجيءَ جا ڳايل ڪيئي گيت، لوڪ گيت مون ٻڌا هئا. پر جيڪي منهنجي روح کي لڳا ۽ وڌيڪ وٽيا، اهي هئا،"هيرا لعل جواهر، ڏندَ ته موتي محبوب جا" ...."سهڻيون اکيون تنهنجون سانورين، سرمي بنان وتن بانورين ...." " پيچ پنهل مون سان پائي جي هليو ويو ... الاکنهن کي ٻڌايان" ... ۽ ان کان سواءِ شيخ اياز جا گيت .... تون جو ايندين رات..... " ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين ...." " منهنجا پرين اوبانورا اوسانورا ...."عشق عقاب پکي پرڏيهي"" بي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ ۽" ڪيڏو نه پاڳوند آهيان آئون، جنهن کي انهن مقبول معروف ڪلامن مان اڪثر ڪلامن کي ٽيپن ٿُتي وڃڻ سبب هڪ دفعو، ٻيهر رڪارڊ ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ هڪ دفعو ٻيهر رڪارڊ ٿيل آهي ڪلام اڄ به نه فقط

وڃي رهيا آهن پر محفوظ به آهن.

پانڌيان ٿو 1991ع جو سال هو. ڪچڙي منجهند ڏاري جيجي، ماڊل اسڪول مان (جتي هوءَ پڙهائيندي هئي) پگهر ۾ شل..... تکڙو تکڙو منهنجي آفيس ۾ آئي هئي. سندس سڄو بدن ٽڙڪيو پئي. چيائين، "نصير... پٽ ... آئون وڃڻ واري آهيان، منهنجي شگر تمام وڌي وئي آهي. صبح تائين کانه بچي سگهندي سانءِ، سو چاهيان ٿي اڄ تو وٽ پنهنجو آخري ڪلام رڪارڊ ڪرايان. تون جهٽ ۾ موسيقار استاد نياز حسين کي سڏاءِ، کو گيت ڳولهي وٺ ۽ طرز ٺهرائي، مون کي هلي رڪارڊ ڪر." مون سندس حڪم جي تعميل ڪئي. شيخ ايياز صاحب جي تازو شايع ٿيل مجموعي " برڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" ڪتاب مان مختصر بحر وارو هڪڙو گيت ڪڍيو ۽ نياز حسين صاحب جي حوالي ڪيو. جنهن جا بول هئا. "**ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ بانورا، ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ.**" توٽي جو نه سازنده پورا هئا، ۽ نه استوڊيو جي صورتحال بهتر هئي، ان جي باوجود به جيجيءَ جي خواهش تي گيت بهرحال رڪارڊ ٿي ويو. ويندي ويندي جيجي چوندي وئي..." اهو گيت صبح جو پروگرام "صبح مهراڻ" ۾ منهنجي وصال جي خبر سان گڏ اڇوڪي هن پوري صورتحال سميت نشر ڪجانءِ پٽ ! ائين چئي جيجي گهر رواني ٿي وئي ... ٻئي ڏينهن صبح سان آفيس پهچي پروگرام ڪرڻ کان پهرين، جيجيءَ کي فون ڪيم.... سبحان الله!.. هن پار کان صبح جو سڀاڃهي هير جهڙو، پنهنجي آيل، پنهنجي جيجيءَ ۽ مهربان ماءُ زرينه بلوچ جو آواز ٻڌم... مبارڪ هجي نصير ... ٻچا .... جيئري آهيان ... بچي وئي آهيان آئون .... تو گيت رڪارڊ ڪري مون کي زندگي ڏيئي ڇڏي آهي. ڏٺي توکي ڏينهن ڏي بابا ... خوش هجين آباد هجين ٻچن سان ۽ اها 1991ع جي ڳالهه آهي، اڄ ٽيويهين سيپٽمبر آهي2005ع ۽ آئون ريڊيو حيدرآباد تي پنهنجي آفيس ۾ ويٺو آهيان ۽ منهنجي جيجي زرينه بلوچ هن وقت ڪراچي جي هڪ معروف اسپتال ۾، شديد علالت باعث بيڊ تي، ستي پئي آهي ۽ منهنجو هٿ هرهر فون ڏي وڌي ٿو ..

سوچيان ٿو موبائل فون تي آئون هن کي طويل زندگيءَ جون، جلد صحتياب ٿيڻ جون هزارين، لکين دعائون ڏيان، پر سوچيان ٿو. مسلسل بيهوشيءَ باعث هُن پار کان جيڪڏهن موٽ ۾ هن جي آواز بدران، صرف سندس خاموش ۽ ٻڌندڙ ساهن جو آواز ٻڌندس، ته جهُري پوندس .... شايد حوصلو هاري وجهندس... ۽ سڏڪا پري روئي پوڻ کان، رهي نه سگهندس.

روزانه ڪاوش

23-9-2005

جي مون پوليا پول

جيجيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل اسمن جي فهرست

نمبر	صنف	پول	شاعر	ساڻي فنڪار
1	حمد	اي خداوند جهان	احمد خان اختر	
2	حمد	شفيع المذنبين	سرويچ سجاولي	
3	حمد	خالق ارض و سما	سرور علي سرور	
4	حمد	آهيان منجهه غير	منشار فقير	
5	نعت	بناءِ عرش آهين	زيب عاقلي	
6	نعت	اجهو آهين اُمت جو	احسن ڪربلائي	
7	نعت	محمد مصطفيٰ محبوب	محمد خان عيسيٰ	
8	نعت	هي ساهه تو مٿان	امام بخش خادم	
9	نعت	منا مرسل مديني جا	بلاول پرديسي	
10	نعت	ثنا پوري نه ٿي	انجم هالائي	
11	نعت	اکين کي وٺي ٿو	سعيد ٽڪڙائي	
12	نعت	عاجز جا تون اجها	آخوند فضل متياروي	
13	نعت	منا محبوب مولا	واقف	
14	نعت	اي عرب و عجم	ذوالفقار هيسباڻي	
15	نعت	اکين ۾ هر گهڙي	طالب المولىٰ	
16	بيت	سُر ڪيڏارو	شاهه عبداللطيف ڀٽائي	
17	منقبت	عشق جي احوال سان	محمد فقير	
18	منقبت	واهه واهه علي جي اولاد	رڪيل شاهه	
20	منقبت	حسين ابن علي	مظفر حسين جوش	
21	منقبت	آفتاب حريت	مظفر حسين جوش	
22	منقبت	صاحب جود وسخا	احمد خان اختر	
23	منقبت	محبوب ڪردگار جو	احسن ڪربلائي	
24	سلام	اي صبر تون مصطفيٰ کي	ثابت علي شاهه	

25	سوز	رڻ ۾ قاسم کي	مرزا قاسم علي بيگ	
26	سلام	صاحب صبر و رضا	زيب عاقلي	
27	سلام	اي نبي جا لاڏلا	سيد منظور نقوي	

زرينہ بلوچ جا گايل گيت، لوڪ گيت ۽ ڪافيون

نمبر	ٻول	شاعر	ساڻي آواز
1	ڏس بابوءَ جا پار	لوڪ گيت	ميمي پليجو
2	آيا اگڙ تي يار	=	ڪورس
3	منوئڙا من ماندو	=	=
4	اڄ ڪا چنڙي	سهرو	=
5	سانوڻ آيو ٽيون سرهائيون	سوز هالائي	=
6	ڏسو سهٽا سنڌ جا	=	=
7	لوڻو مون کي آڻي ڏي	=	=
8	چڏ پروا سونا ڪنگڻ	سهرو	=
9	اوبنا اوبنا	=	=
10	پرين سان پت	سچل	=
11	دولهہ دريا وهہ	لوڪ گيت	=
12	مالڪ ڏنو مون کي	=	=
13	حاڪم تنهنجا سهرا	سهرو	=
14	ڍڪو پير پيران	لوڪ گيت	=
15	آيا ميهر جا سلام	=	ميمي پليجو
16	اهي اگڙ منهنجي لاڏل	سهرو	=
17	چيرين ڪئي چمڪار	=	=
18	مور مچي آڻي ڏي	لوڪ گيت	=
19	آئي باغن منجهہ بهار	ذوالفقار هيساڻي	دوگانہ
20	لاڏو بنجي آيو	سهرو	ڪورس
21	راڻل گهوت گهورئين نوت	=	ڪورس
22	ڪونج ڪاڏئون آئي	لوڪ گيت	=

23	اسلام عليڪم جانيئڙا	=	=
24	لونگ ڦوٽا ٽالهيءَ ۾	=	فوزيه سومرو
25	تڙ نهاريان ٿي	شاهه	امير علي
26	بسم الله ڪري ڇائو	لوڪ گيت	ڪورس
27	ويندي آءُ هوتن	شاهه	=
28	هڻ نعرو پيج پٽائي	سيد منظور سنڌي	ڪورس
29	توکي سارين او ساڻي	رشيد احمد لاشاري	=
30	تڙي پوندا تارئين	شيخ اياز	=
31	لوتو	لوڪ گيت	ڪورس
32	هلوڙي پينر ننگر بازار	=	=
33	موڙ ٻڌي گهر آئين	سهرو	=
34	سهري ديان لڙيان	زيب نظاماڻي	=
35	تون لطيفي لات جو	سوز هالائي	ڪورس
36	رهي شاد آباد	احمد خان مدهوش	=
37	چمن ۾ رونق جا	نصير مرزا	=
38	ٿي خودي زنده	ڪلام اقبال	ڪورس
39	راڻل تنهنجي چنڙي اڇيان	لوڪ گيت	=
40	پلي مليس ڪنوار	مظفر حسين جوش	زيب النساءِ
41	ٻيڙي وارا ادا	لوڪ گيت	امينه
42	نند نه ڪر تون نماڻي	شاهه	ڪورس
43	راڻا جي رجپوت	شاهه	ڪورس
44	اٽئون ساهه سرڪان ۾	بلاول پرديسي	ڪورس
45	آباد خون دل سان	=	=
46	ويئي خزان چمن مان	مظفر حسين جوش	=
47	دائم ۽ قائم هجين	سوز هالائي	=
48	سونهن جا رنگ جيترا	=	=

49	آيم رات	لوڪ گيت	=
50	پائي ڪمايان	=	=
51	چلو ڏي نشاني	سيد منظور نقوي	ڪورس
52	لاڏا منهنجو....	=	=
53	ڪنوڻ ڪوندي رات	=	=
54	منهنجو جندا لڙو	لوڪ گيت	=
55	رقص ۾ آگلزار	بلاول پرديسي	دوگانہ
56	ڪان ڏي ڪان	لوڪ گيت	ڪورس
57	تون ننگي ننگ سجاڻ	پيرل پياسي	
58	ڏند ته موتي محبوب جا	سچل	
59	مورٽو ٽلي	لوڪ گيت	
60	هي خبر ناهي پر مرڻ	شيخ اياز	
61	اترڙو ٽو لڳي	علي بابا	
62	تون جي ايندين رات	شيخ اياز	
63	ٻاٻاڻن جي ٻولي	ذوالفقار هيسباڻي	
64	منا مارو موت	خليفو نبي بخش	
65	سهڻيون آکيون	پيرل فقير	
66	عمر آهيان اکندي	زمان شاهہ	
67	ڪيچ اچڻ ٽيو ضرور	حسين بخش خادم	
68	ساوڪ رت ۾ سانورا	شيخ اياز	
69	پيچ پنهل مون سان	سچل	
70	تنهنجي برهہ ڪئي دل	سليم هالائي	
71	اجهو آرياڻي ايندو	حسن بخش شاهہ	
72	مرشد لطيف تيڏي	رانجهن ڪولاچي	
73	او ڪانگ لنوين	شيخ اياز	
74	منهنجي ڪانہ لڏائون	رکيل شاهہ	

75	مون سين هوت نہ ڪنڌڙا	شاھ	
76	ڦٽڻ لڳي آ ميندي	شيخ اياز	
77	پئي روز ساريان	ذوالفقار هيسباڻي	
78	ڪنگلي وا لڙايار	سچل	
79	ڳائي وري ڪجھ ڳاءِ	شيخ اياز	
80	جوڳي والي ويس ۾	بيدل	
81	مونکي پل پل پور	شيخ اياز	
82	سل سوداگر يار	سچل	
83	گيت غمن جا ڳايا	عبدالڪريم پلي	
84	ڪو خوابن ۾ پرچائي	سيد منظور نقوي	
86	پريت نياري پرديسي جي	=	
86	سوڻن سانون سيالیان	روشن علي شاھ	
87	جبل مٿي جھڙ	شميرالحيدري	
88	تنھنجي سنڌي ٽوپي	قادر بخش ملاح	
89	تون پلي دور سھي	اياز لطيف پليجو	
90	جي تون ٽاري تي	شيخ اياز	
91	ڪيچ وڃڻ ٽيو ضرور	=	
92	توکان دوري دل ٽي	اياز لطيف پليجو	
93	مينھڙو ٽو اچي	امين اربارب	
94	او ڪانگ لنوي	شيخ اياز	
95	بادل ڙي بادل	=	
96	دل تيز پرندي	شيخ اياز	
97	منھنجا پرين او بانورا	=	
98	ويندم ويسري	شاھ	
99	ھت آيا اسان ڏي ويڙھي	ولي محمد فقير	
100	عشق بنان انسان	طالب المولیٰ	
101	سانگيئڻن جي سار	شيخ اياز	

102	عشق عقاب پکي	شيخ ايار	
103	تون جو ايندين رات	شيخ ايار	
104	اکين جي سيج تي	بلاول پرديسي	
105	مان پاٽي تي ٽي وڃان	لوڪ گيت	
106	اچين واڪ واري ولهيءَ جي	مظفر حسين جوش	
107	ڳوڙها ڪيئن نہ ڳڙن	تنوير عباسي	
108	اٿر اڄ آس من ۾	انجم هالاڻي	
109	جوڳي ڏاڍي ذات	شاهه	محمدجمن
110	سهڻا سانولا تو ۾	سهرو	ڪورس
111	لڏي لڏي ٿو...	سهرو	ڪورس
112	تون قوم جي دلين ۾	مظفر حسين جوش	ڪورس
113	قائداعظم حقيقي قوم جو	نظامي	ڪورس
114	اي امير ملڪ و ملت	احمد خان مدهوش	
115	نينهن تہ اولڙا اوکها	خواجہ غلام فريد	
116	ڪيسين رهندين ڏور	شيخ ايار	
117	آ تون سادي ڪول	بيدل	
118	ٽري پوندا تائين	شيخ ايار	زيب النساءِ ۽ علڻ فقير
119	روئندي رات گذاري	شيخ ايار	
120	الله مون کي ڇلڙو	لوڪ گيت	
121	ڙي پيڙ منهنجو ڇلڙو	لوڪ گيت	
122	پيرين پوندي سانِ	شاهه	
123	لالڻ آيو پيهي	شاهه	
124	لڳڙي آهي لغار	شاهه	
125	ڪو خوابن ۾ پرچائي ويو	سيد منظور نقوي	
126	جوڳيڙا جڙ لائي	شاهه لطيف	
127	جيجل لولي	امين ارباب	
128	آيل ڙي امان	زرينہ بلوچ	زرينہ بلوچ ۽ فوزيہ سومرو
129	ڪيئن ڪريان مان ڪنهن بہ ريت	شيخ ايار	

جيجيءَ جا ڳايل چوند مقبول ترين انقلابي گيت

نمبر	بول	شاعر
1	جيئي سنڌ جيئي سنڌ	حيد بخش جتوئي
2	مان توکي گيت ڏيان	شيخ اياز
3	سنڌ ديس جي ڏ رتي	شيخ اياز
4	پنهنجي رت ۾ ريتو جهنڊو	شيخ اياز
5	چو پير پساري ويٺو آن	شيخ اياز
6	ڳاءِ انقلاب ڳاءِ	شيخ اياز
7	جي تون وڙهندي ماريو	شيخ اياز
8	مان ڏوهي هان مان ڏوهي	شيخ اياز
9	سنڌ هاريءَ جي سنڌ مزدور جي	تنوير عباسي
10	جهان کي ڏيو مبارکون	رسول بخش پليجو
11	قول پاري تو ملهايو	رسول بخش پليجو
12	سنڌ سان اهڙي جند	استاد بخاري
13	جيئي انسان	استاد بخاري
14	کفن مٿي سان	استاد بخاري
15	اوکاڪ ڏٽي اوکاڪ ڏٽي	فتاح ملڪ
16	کتيون کئي قيد ۾	ابراهيم منشي
17	مون کوبہ نہ کنهن سان	ابراهيم منشي
18	جنگ آ جنگ آ	ابراهيم منشي
19	پلاري پونءِ جي مٽان	ابراهيم منشي
20	مان باغي مان مجرم	ابراهيم منشي
21	مان غدار آهيان مان غدار	ابراهيم منشي
22	نيٺ تہ انڈا سڪ لک ڏاڍا	ابراهيم منشي
23	ٻاڙي ٻاڙي مشعل	ابراهيم منشي

24	هي منهنجو شهر آيا	امداد حسيني
25	پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن	خاڪي جويو
26	او امان او امان	آڪاش انصاري
27	موت نہ توکي ماري سگهندو	آڪاش انصاري
28	سانگين تي هاٿي ستم	محمد خان مجيدي
29	مٽي منهنجي مٽي	محمد خان مجيدي
30	وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان	سرويچ سجاولي
31	نہ للڪاريو نہ للڪاريو	سرويچ سجاولي
32	پيل توکي پُڌا جاني	سرويچ سجاولي
33	سنڌياڻي سنڌ جي جائي	اياز لطيف پليجو
34	اي جنرل توسان جهيڙو آ	نور نبي راهوجو
35	تون منهنجي دل جي ديوي	فاطمہ سرويچ سجاولي
36	موري ميهڑ داو ہر	اسماعيل اداسي
37	لاٽ ہرندي رهي	عبدالڪريم گدائي
38	منهنجا پاءُ بائڪا	عوامي گيت

اردو

1	ہم جو تاریک راہوں میں مارے گئے	فیض احمد فیض
2	چند روز اور میری جان	فیض احمد فیض
3	جنگ ہے آخری ہوگا فیصلا	بين الاقوامي گيت
4	جب تک چند لٹیرے	حبیب جالب

بلوچي

1	مان چک بلوچاني	لوڪ گيت
2	من ياگهان	گل خان نصير
4	ماهہ رنگي پري ليليٰ	لوڪ گيت
5	ليليٰ او ليليٰ	لوڪ گيت

[ان کانسواءِ جيجي جا ڳايل پيا بہ ڪئي ڪلام آهن، جيڪي مرتب ڪيا پيا وڃن.]

جيجيءَ جا ريڊيو لائبريريءَ ۾ محفوظ ڊراما

ڊرامي جو نالو	ليکڪ	پروڊيوسر
1-گوندر وڏا گهاءَ	ماڪن شاهه رضوي	سڪندر بلوچ
2- پنهنجي کيڏ	رضا بلوچ	شيخ ابراهيم
3- اڳتي قدم	قاضي خادم	شيخ ابراهيم
4- محمود خان	ابن اثر تجلي	شيخ ابراهيم
5-بدلو	گل زمان قاضي	شيخ ابراهيم
6- آس	امداد حسيني	شيخ ابراهيم
7- پرهه ڪانپوءِ	محمد انور بلوچ	شيخ ابراهيم
8- تعبير	قاضي خادم	گل حسن قريشي
9- سڃڻ جنين ساڻ	زيب شيخ	گل حسن قريشي
10-چوليون	فيروز الدين احساس	گل حسن قريشي
11- درد ٽيا دارون	ماڪن شاهه رضوي	گل حسن قريشي
12- لوچ	فيروزالدين احساس	گل حسن قريشي
13- برسات ڪانپوءِ	عزيز ڪنگراڻي	ڪامران پٽي
14- رڄ ۽ پاڻي	امر جليل	انور بلوچ
15- زنجير	امر جليل	سڪندر بلوچ
16-گامون جا گفتا	قاسم فاني	محمد انور بلوچ
17- پڇتاءُ	سليم قريشي	محمد انور هڪڙو
18- تقدير	ماڪن شاه رضوي	محمد انور هڪڙو
19- آس ۽ اوسيئڙا	اعجاز ميمڻ	محمد انور هڪڙو
20- زهر	ماڪن شاه رضوي	محمد انور هڪڙو

(جيجيءَ ان کان سواءِ ٻ سوين ڊرامن ۽ فيچرس ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا، جن جي رڪارڊنگ، ممڪن آهي، ڊرامن جي انهن متعلقہ پروڊيوسرن وٽ محفوظ هجي.)

ڪوڙين کي سلام

[اخبارن جا ايڊيٽوريل]

سنڌ راڻي جيجي زرينہ بلوچ جو ڏکوئيندڙ وڇوڙو

سنڌ راڻي ۽ سنڌي قوم جي روحاني امڙ جيجي زرينہ بلوچ گذريل ڏينهن اسان کي وڇوڙو ڏيئي فاني دنيا ڇڏي پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن هلي ويئي. انا الله وا انا عليہ راجعون. جيجي زرينہ بلوچ جي سڄ کان اتر سجاٽ هن جي پنهنجي وطن، پنهنجي ماڻهن سان سمنڊن جي پکيڙ کان بہ وڌيڪ محبت هئي ۽ هن پنهنجي انهن جذبن جو اظهار قومي گيتن ۽ سهرن کي ڳائي ڪيو. هن جي قومي گيتن ۾ پنهنجي قوم سان محبت جو اظهار سمنڊ وانگر چوليون هڻندي محسوس ٿيندو آهي ۽ هن جا سهرا نوجوانن لاءِ لکين جوانيون ماڻڻ ۽ سهاڳڻين جي سدا گهر آباد رهڻ ۽ انهن جي هنجن ۾ گل ٽڙڻ جي دعائن تي ٻڌل رهيا آهن. مطلب تہ ڪنهن جي زندگي جي نئين شروعات هجي يا ڪنهن جي هنج ۾ ڪنهن گل ٽڙڻ جي خوشي، امڙ وانگر جيجي زرينہ جون دعائون هر ڪنهن سان گڏ رهنديون آيون آهن. اهڙي ريت، هو غير محسوس طريقي سان ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري وئي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ۽ پسگردائي وارن ٻين علاقن کان سواءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پنهنجي گيتن ۽ فن جي ذريعي تمام گهڻو مانُ ۽ مڃتا پڻ حاصل ڪئي.

بيشڪ هر حيات جي زندگي جون گهڙيون مقرر آهن ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن موٽي وڃڻو آهي، پر جيجي جي وڇوڙي جو خال صدين تائين پرجڻ مشڪل آهي. خدا سندس مغفرت ڪري ۽ هن جي قبر کي پنهنجي رحمت سان منور ڪري. (آمين!)

روزانہ سچ
28-10-2005

... ۽ سنڌ کان گيت رسي ويا

سنڌي قومي گيتن جي راڻي، سنڌ خاطر قيد ڪاٽيندڙ قومي ڪارڪن، ليکڪا ۽ غير تڪراري شخصيت جيجي زرينہ بلوچ سوا مهيني تائين حياتيءَ لاءِ جدوجهد کان پوءِ دمر ڏٺيءَ حوالي ڪري ڇڏيا. ڇئن ڏاهڪن تائين جبر کي للڪاريندڙ آواز، دلين ۾ يادون ۽ اکين ۾ لڙڪ ڏيئي هميشہ هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو. سندس وڇوڙو سنڌ جي ساڃهہ، موسيقي ۽ مزاحمتي جدوجهد جو وڏو نقصان آهي.

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي مزاحمتي جدوجهد کي پنهنجي گيتن سان سگهہ ڏني، جيجي زرينہ جا ڳايل قومي گيت"انقلاب جي الف ب" جو درجو رکن ٿا. سياسي ساڃهہ جو پهريون سبق انهن ئي گيتن رستي عوام تائين پهتو. سندس محبت جو مرڪز سنڌ هئي، هوءَ هڪ ليکڪا، استاد، گائيڪا هجڻ سان گڏوگڏ اهڙي قومي ڪارڪن هئي، جنهن سنڌ خاطر قيد ڪاٽيا، عوام جي طرفداري ڪندي گيتن ۾ آمرن کي للڪاريو.

هو سنڌ جي غير تڪراري شخصيت هئي، هر سياسي ڪارڪن، پنهنجي سياسي وابستگين کان قطع نظر، جيجي جي بي انتها عزت ڪندو آهي. ڪيس آخر تائين اها ئي خواهش رهي تہ سنڌ جون سياسي ڌريون سنڌ جي مفادن خاطر گڏ ٿين. سنڌ سندس محبت جو مرڪز هئي، ان ڪري هن ڪنهن بہ نظرئي کي سنڌ کان مٿانهون نہ سمجهيو.

آڇپي جي سهائي سڄ جي خواهش ڪٽي سنڌ جي قومي گيتن جي راڻي، هاڻي هميشہ لاءِ خاموش ٿي وئي آهي. ڪيس بهترين خراجِ تحسين ائين ئي پيش ڪري سگهجي ٿو، تہ سندس خواهش تي سنڌ جون سياسي ڌريون متحد ٿي سنڌ خاطر گڏ هلن.

روزانہ ڪاوش

27-10-2005

هر عکس ۾ ملندي سانءِ

البم



جيجي، ضياالحق خلاف پهرين هاري ڪنوينشن ۾ ڳائيندي
1979ع راهوڪي




محمد موسيٰ
جيجيءَ جو والد




ڊاڪٽر محمد يوسف
جيجيءَ جو وڏو پاءُ




محمد عثمان بلوچ
جيجيءَ جو پاءُ



جيجي زرينہ، پنهنجي ٻارن اختر ۽ اسلم سان



زرينہ بلوچ ۽ رسول بخش پليجو ـ ميو هاسپيٽل لاهور ۾



زرينہ بلوچ، رسول بخش پليجو ڪوٽ لکپت جيل ۾ اسيريءَ دوران
ميو هاسپيٽل لاهور ۾




جيجي زرينہ بلوچ ۽ انيس هرڙو



جيجي ۽ سندس پياري دوست ڊاڪٽر قمر واحد ـ ڪراچي



خيرالنساءِ جعفري، جيجي زرينہ، نورالهدیٰ شاهہ، ماهتاب محبوب،
امبرين هيسباڻي، نسرين هيسباڻي ۽ ارم محبوب



جيجي، سسئي پليجو، بختاور، ڪلثوم، پرهہ، زويا، سرمد ۽ اسد



جيجي، سسئي، بختاور، ساحر ۽ سرباز سان گڏ



جيجي، شاڪرا، ساحر، سرباز، صنم ۽ پيا



جيجي- نذير ناز، خيرالنساءِ جعفري، نورالهدي شاهه، ماهتاب محبوب
۽ ارم محبوب سان گڏ



جيجي، پنهنجي ۽ پنهنجي پاءِ جي ٻارن سان گڏ



جيجي، زيب النساء، ريحانہ ۽ فيروز گل




جيجي زرينہ بلوچ
20-04-93




جيجي، ياسمين قاضي، زينت بروهي، زيب نظاماڻي، نائلا قاضي ۽ نازيہ شاھ



جيجي زرينہ، پرھ، بختاور ۽ سرمد پليجو ـ لنڊن



جيجي زرينہ،
محمد عثمان بلوچ،
اياز لطيف، بختاور،
عائشہ ۽ سرمد



جيجي،
اياز لطيف،
ساحر، سرباز ۽
صنم سان
گڏ لنڊن ۾



جيجي،
اختر بلوچ،
غلام فاطمہ پليجو،
حورالنساء پليجو،
ظفر اقبال پليجو ۽
امان لاڏي ٻائي
سان گڏ



جيجي زرينہ، تاجل بيوس، شيخ اياز، زرينہ شيخ اياز، پوپٽي هيرانانداڻي
۽ پروفيسر ايشوري جوتواڻي - بمبئي



جيجي، دهلي ۾ سنڌياڻين سان



جيجي ۽ن مهان استادن، دادي ليلا ۽ آپا شمس عباسيءَ سان گڏ



جيجي ماڊل اسڪول ۾ پڙهائيندي



طارق عالم جي ڊرامي: چند رهين ٿو دور جو سيٽ.
جيجي، عبدالغار تبسم ۽ سليم کيڙو



جيجي، يعقوب ذکريا ۽ زيب سنڌي- ريڊيو حيدرآباد



جيجي ٽرافلگر اسڪوائر لنڊن وٽ
ساحر ۽ سرباز سان




جيجي پنهنجي پرنس ٽائون واري گهر ۾



جيجي، زينت بروهي، ڊاڪٽر قمرجهان مرزا،
مهاتما گانڌي جي مزار وٽ- دهلي



جيجي، فيروز گل، ڪاجل ۽ ٻيا- بمبئي



ناڪر چاولا، آشا چاند، پوپٽي هيرانندائي ۽ فيروز گل- شاهه سچل سامي سيمينار- انڊيا



جيجي، شيخ اياز، موهن ڪلپنا، ريٽا شهاڻي، ارجن سڪايل، نارائڻ پارتي ۽ ٻيا- بمبئي



جيجي ٻن مهان سنڌي ليڪڪائن، سندري اتمچنداڻي ۽ پوپٽي هيراننداڻي سان گڏ بمبئي ۾



جيجي، گل محمد جکراڻي، ڊاڪٽر منور هالیپوٽو، فقير رحمت الله هيسباڻي.
برطانوي وزيراعظم جي گهر آڏو لنڊن ۾ سنڌين جو ياداشتنامو پيش ڪرڻ کانپوءِ



جيجي، ايار لطيف ۽ وينا شرنگي- واشنگٽن



امينہ صادق، جيجي زرينہ، زينت بروهي ۽ ڊاڪٽر قمر واحد




جيجي ۽ زينب- پنهنجي هڪ سَرتي سان



جيجي مادل اسڪول ۾



جيجي زرينہ، علڻ فقير، احمد نواز، عابد حسين ۽ استاد مجيد خان- ساوڪ سنگيت شو




جيجي زرينہ،
فلسطينين جي فنڪشن ۾ ڳائيندي




جيجي زرينہ، سائين اختر، روبينہ مصطفيٰ قريشي ۽ بيا
ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سالگرهہ



جيجي زرينہ بلوچ، نسيم شاهين، روبينہ، آستاد محمد جمن ۽ حسين بخش خادم.



جيجي زرينہ، اياز لطيف، سرمد، پدو ۽ علي



جيجي زرينہ، نويد، ڊورا، آصف ۽ اياز- ڪارل مارڪس جي مزار آڏو ـ لنڊن



جيجي زرينہ، ڈاڪٽر نرنجڻ دوداٹي، آفتاب قاضي، جاويد لغاري،
اياز لطيف ۽ بيا آمريڪا ۾



جيجي زرينہ، خالد هاشماٹي، بدرالدين شيخ، اقبال ترين- سانا ڪانفرنس واشنگٽن 1990



جيجي زرينہ، نجمہ شيخ، زينت بروهي، ثريا سوز ڈيپلائي



ماسٹر محمد ابراهيم، S.D چاگلہ صاحب، محمد جمن، خميسو خان، زرينہ بلوچ،
روبينہ، سائين اختر ءِ بيا- ريڈيو حيدرآباد




جيجي، عبدالله شاهه، الطاف ميمڻ ۽ اياز لطيف- واشنگٽن



جيجي، بختاور، ساحر، سرباز ۽ مظهر ـ لنڊن



جيجي، ساحر ۽ سرباز لنڊن جي
اندرگرائونڊ ٽيوب ۾



جيجي، عابده پروين ۽ سندن هڪ سرتي ـ لنڊن ۾




جيجي، لينن، ڊينگ زيائو پينگ، سرمد ۽ اسد سان



جيجي، شاھ لطيفؒ ۽ قلندر لعل شهبازؒ ايواردن سان



جيجي، سسئي، بختاور، پرھ، سرمد ۽ اسد



جيجي، ڪوثر پرڙو، ڊاڪٽر خير، نغمہ ملاح، سلمہ ملاح ۽ زاهد حسين جتوئي



جيجي، سسئي، پرهہ، بختاور، اسد، اختر بلوچ ۽ ٻين سان آمريڪا ۾

جيجي زرينہ بلوچ جو ويجوڙو

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويني

سنڌ جي گيتن جي سدا ملوڪ ۽ سدا سهڻي گيتن جي امر شهزادي سائٹ جيجي زرينہ بلوچ 39 ڏينهن جي ڊگهي وقت تائين موت ۽ زندگي سان ويڑهه وڙهڻ کان پوءِ اسان کان سدائين لاءِ موڪلائي ويئي آهي:

چني گل گلاب جا، ڪيئ ڏارون ڏار

اڙي موت ميار، ايڏو ساڙ سڳنڌ سان؟

هيءُ لمحو اسان سيني لاءِ انتهائي ڏک ۽ صدمي جو آهي. جيجي زرينہ بلوچ جو ويجوڙو ڪو عام رواجي واقعو ناهي، پر هيءُ هڪ قومي سانحو آهي، سندس آواز، جيڪو سنڌ ۾ جادو جاڳايو، ان جون شاهد اهي لکين اکيون آهن، جيڪي سندس لاڏاڻي جو ٻڌي، لڙکن کي بند ٻڌي ناهن سگهيون. جيتوڻيڪ جسماني طرح هوءَ اسان کان ڏور ڪنهن اٽڇاڻي ۽ ڏورانهين هنڌ ڏانهن اسهي ويئي آهي، پر هن سان روح جو رشتو ڪڏهن بہ نہ ٽٽندو. هوءَ سنڌ واسين جي دلين ۾ امر اهجاڻ طور سدائين ياد رکي ويندي، هن جا گيت، هن جا سهرا اسان سان گڏ هوندا هر سفر ۾، هر ڪيفيت ۾ ۽ هر موڙ تي. جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي هڪ رواجي عورت هئي، پر هن پورهيو ڪيو ۽ پنهنجي جيءَ ۾ ديس جي درد جي ڏياڻي ٻاري، هوءَ غير رواجي ۽ غير معمولي ٻڌجي ويئي. هن هڪ عورت هوندي بہ، جنهن لاءِ سنڌي سماج ۾ ڪا گهٽي گنجائش موجود ناهي، پنهنجو ڪردار نپايو. نہ فقط پاڻ علمي، ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ سرگرم رهي پر ان سان گڏ هن پاڻ جهڙين ٻين عورتن ۽ پاڻ کان ننڍين چوڪرين کي اتساهيو ۽ انهن ۾ حالتن سان مزاحمت ڪرڻ ۽ حق لاءِ آواز بلند ڪرڻ جو ايمان جاڳايو. هونءَ تہ هوءَ سڄي سنڌ لاءِ هڪ سدا بهار اتساهہ جو جيئرو مثال آهي، خاص طور تي سنڌ جي عورتن لاءِ سدائين رول ماڊل طور رهي. هڪ راڳي طور بہ ۽ هڪ استادياڻي جي حيثيت سان بہ پنهنجو فرض نپايو. هن لاءِ سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ انهن جي تهذيب هڪ ازلي سرمايو هئي. هن جيئن سنڌ کي ڏنو، اهڙيون

اکيون تمام ٹورڑيون آهن ۽ جيئن هن سنڌ کي سجاتو. اهڙيون دليون بنهه ٹورڑيون آهن. جيجيءَ 1934ع ۾ حيدرآباد جي ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو آمنا بلوچ هو ۽ سندس پيءُ جو نالو محمد موسيٰ بلوچ هو. 1962ع ۾ جيجي زرينہ بلوچ کي دادي ليلا ريڊيو تي ونڊي آئي.ان کان پوءِ اها دادي ليلا ئي هئي، جنهن هن کي پرائمري ماستري ونرائي ڏني. ريڊيو تان سندس پهريون ڪلام " ڏند تہ موتي محبوب جا" آن ايئر ڪيو ويو. 1964ع ۾ هن ناميارو اديب ۽ سياستدان رسول بخش پليجي سان لاٿون لڏيون. سندس پهريون مقبول گيت "مور ٿو ٽلي راٽا" چيو وجي ٿو، جنهن کان پوءِ جيجي ون يونٽ واري دور ۾ "جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" نظر ڳايو. اهو ڏڳهو نظر ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو ڪيل آهي ۽ ان تي ان وقت پابندي وڌي ويئي هئي. انکان سواءِ سنڌ جي ان اهم سياسي اٽل پٽل واري دور ۾ جيجي زرينہ بلوچ اياز جي باغي شاعري کي جلا بخشي. هن "هي گيت اجايل مورن جا"،"سنڌ ديس جي ڏرتي تو تي پنهنجو سيس نمايان" ۽ بيا گيت بہ ڳايا، جن ۾ "عشق عقاب پکي پرڏيهي"،"ساوڪ رت ۾ سانورا هيل نہ آئين تون، آيا سرءُ ڏينهڙا"،" منهنجا پرين بانورا او سانورا" وغيره شامل آهن.،جيجي زرينہ قومي ڪلامن، سهرن ۽ لوڪ گيتن سان گڏ ڪيترين ئي ڪهاڻيون بہ لکيون، جن کي "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" جي نالي ۾ ڪتابي صورت مليل آهي، ڪيس لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ لال قلندر ايوارڊ ڪان سواءِ ملڪ جو وڏو سول ايوارڊ پرائيڊ آف پرفارمنس مليو.

سنڌ جي عظيم ۽ قديم ڏرتيءَ پنهنجي صدين جي لڳاتار سفر ۾ ڪيترائي املهہ موتي پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي جوت ۽ جوهر سان، هن ڏرتيءَ جي انڌيرن کي روشن رکيو آهي. انهن ۾ وڏا سورما بہ آهن، سپاهہ سالار بہ آهن، ڪي ٿورا عوام دوست حاڪم بہ آهن، شاعر،اديب، صوفي، ڏاها، استاد ۽ علم جا اڪابر بہ آهن، جن مختلف وقتن تي پنهنجي ديس جي سينڌ سوار ڪئي، پاڻ ووڙيو، ولوڙيو ۽ جاکوڙيو، سنڌ جي صدين جي تاريخ ۾ ويهين صديءَ جو پنجون ڏهاڪو تمام اهم آهي،جڏهن ننڍي ڪنڊ ۾ سياسي اٽل پٽل جي نتيجي ۾ گڏيل هندستان جو ورهاگو ٿيو ۽ پاڪستان جي نالي سان نئين رياست قيام ۾ آئي، سنڌ بہ هڪ صوبي طور،ان ۾ شموليت اختيار ڪئي پر تاريخ جو رکاربہ ٻڌائي ٿو تہ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ وحدتن/ اڪائين سان جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا، اهي پورا نہ ڪيا ويا ۽ نتيجو اهو

نڪتو ته ملڪ بيراهرويءَ جي دڳ تي هلي نڪتو. سياست ۾ توازن قائم نه رهي سگهيو ۽ عهدن ۽ اقتداري مسندن تان جيڪو جهيڙو ٿيو. ان ٻوڏ ۾ ملڪ اندر جمهوريت جي ٻيڙي گهٽو ڏور لڙهي وئي ۽ ملڪ تي فوج ڪنٽرول ڪري ورتو.ملڪ تي جڏهن مارشل لا لاڳو ٿيو ته اها جمهوريت جي ناڪامي ۽ سياستدانن جي ناداني ته ليکي ويئي پر ان کي سپ کان وڌيڪ صوبن پوڳيو. سنڌ جو نالو ان ڏس ۾ خاص طرح ونيو سگهجي ٿو. ڪراچيءَ جي عليحدگي ۽ سنڌ جي زمينن جي بين صوبن وٽ پڳڙن مٽ تي نيلاميءَ کان شروع ٿيندڙ اهو سياسي ٽڪراءُ ان وقت شديد صورتحال اختيار ڪري ويو ۽ ملڪ تي ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو. يعني اولهه پاڪستان جي مڙني صوبن کي ملائي هڪ صوبو بڻايو ويو ۽ صوبن جي اصلوڪي ۽ تاريخي حيثيت ختم ڪئي ويئي. هيءُ اهو دور آهي. جڏهن سنڌ احتجاج طور جاڳي اٿي. ان تحريڪ ۾سپ ڪنهن پنهنجون ذميواريون ۽ وطن دوست ڪردار ادا ڪيو. جيجي زرينه به 1964ع واري زماني ۾ قومي قافلي ۾ شريڪ ٿي. خاص طور رسول بخش پليجي سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هن جي سياست سان وابستگي پختي ٿي وئي. اهو دور ايوب خان جي آمريت جو هو. جڏهن سنڌ جو نالو ونڍ ڪاريهر تي پير پوڻ برابر هو. پر سنڌ جي جدوجهد سوياري ٿي ۽ ون يونٽ ٽٽي ويو. هڪ راڳي ۽ قومي ڪارڪن جي حيثيت ۾ جيجي زرينه جو ڪردار وسارڻ جوگو ناهي. پوءِ اهو ايوب جو آمراڻو دور هجي يا ضياءَ شاهي خلاف ايم آر ڊي تحريڪ هجي.اسين اڃوڪي ڏينهن تي سڃي سنڌ جي سوگوار دلين سان تعزيت ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ ته زرينه بلوچ سڃي سنڌ جي جيجي هئي ۽ 25 آڪٽوبر کي قومي الميي جو ڏينهن قرار ڏيون ٿا. جنهن ڏينهن تي جيجي سنڌ کان جسماني طرح هميشه لاءِ وڇڙي ويئي:

جان جان هئي جيئري، ورجي نه ويئي،
وجي ٻون پيئي، سڪندي کي سڃٽين.
(شاهه)

روزانه تعميرِ سنڌ
27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جو لاڏاٽو

لوڪ گيتن جي راڻي، ليڪڪا ۽ قوم پرست اڳواڻ جيجي زرينہ بلوچ اڳاري ڏينهن 25 آڪٽوبر تي هن فاني جهان مان لاڏاٽو ڪري وئي. زرينہ بلوچ برين ٽيومر جي عارضي ۾ مبتلا هئي ۽ ڪجهہ ڏينهن کان ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ سندس علاج هلندڙ هو، پر ان سان ڪو بہ فائدو نہ پهتو. سندس صحت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي پئي وئي ۽ گذريل ٽن چئن ڏينهن کان ڪيس آءِ سي يو وارڊ ۾ وينٽيليٽر تي رکيو ويو هو ۽ هيءَ بگالهہ محسوس ڪئي پئي وئي تہ هوءَ آخري سفر تي اسهڻ واري آهي. زندگيءَ جي ڏکن، ڏاکڻن ۽ آزمائشن کي همت سان منهن ڏيندڙ زرينہ بلوچ نيٺ زندگي جي جنگ هارائي ۽ اڳاري جي شام راهِ عدم تي رواني ٿي وئي. "تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪرين ان کي" جيجي زرينہ بلوچ جي زندگي مسلسل جدوجهد جي علامت آهي. هو ٽيچر بہ رهي، ريڊيو ٽي ويءَ تي ڪمپيئر ۽ ڊرامہ آرٽسٽ طور ڪم ڪيو. ڪيس سنو آواز ۽ گائڻ جي ڏات قدرت کان مليل هئي. نامياري ۽ شعلا بيان قومپرست رهنما رسول بخش پليجيجي رفيق حيات هجڻ جي ناتي ڪيس سنڌ جي ڏکن سورن جو شعور بہ مليو ۽ هوءَ قوم پرست تحريڪ جي هر دلعزيز اڳواڻ بڻجي وئي. سندس ئي رهنمائي ۾ سنڌياڻي تحريڪ زور ورتو ۽ سنڌي نياڻين ۾ سياسي شعور موجزن ٿيو. اهڙي طرح زرينہ بلوچ پنهنجي اولاد ۽ ڪٽنب کان علاوہ هر سياسي ڪارڪن جي جيجي بڻجي وئي. اهڙي باهمت ۽ باعزم شخصيت جو لاڏاٽو سنڌ واسين خاص ڪري سياسي ڪارڪنن لاءِ صدمي جو باعث آهي. جيجي زرينہ جو لاڏاٽو سنڌ لاءِ وڏو نقصان آهي. چاڪاڻ تہ اهڙا ماڻهو جنهن ۾ هڪ ئي وقت ايترين خوبين ۽ صلاحيتون هجن ورهين کان پوءِ جنم وٺندا آهن. اسين هن موقعي تي جيجي زرينہ جي مداحن، سياسي ڪارڪنن ۽ ڏکويل خاندان جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ دعاگو آهيون تہ اللہ تعاليٰ مرحومہ کي جوارِ رحمت ۾ جڳهہ ڏئي۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

روزانہ هلالِ پاڪستان

27-10-2005

زرينہ بلوچ سنڌ جو اثاثو هئي

۽ نيٺ جيجي زرينہ بلوچ ہ موڪلائي وئي. هوءَ"جيڪي وڃڻ وايون ڪن، سي رهي رهندا ڪيترو"جي مصداق، نيٺ ان سفر جي راهي ٿڄجي وئي آهي، جنهن ڏانهن هر ڪنهن کي وڃڻو آهي. زرينہ بلوچ سوا مهيني کان زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾رهئي. هفتي کان مڪمل طور تي ڪوما ۾ هلي وئي هئي.

برين ٽيومر کان پوءِ جيتوڻيڪ سندس بچڻ جو ڪو امڪان نہ هو پر پوءِ ہ سندس زندگي بچائڻ جون ڪوششون آخري وقت تائين جاري هيون. ڊاڪٽرن ڪيس لا علاج ہ قرار ڏنو. ڪا اميد ہ نہ ڏيکاري پر سندس وارثن پوءِ ہ ڪنهن معجزي جو پئي انتظار ڪيو. سندس وارث برابر ان حساب سان مطمئن هوندا تہ گهربل حالتن وسيلن ۽ ذريعن تحت انهن پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي.

اها ڪوشش يعني آخري دم تائين موت سان وڙهڻ ضروري ہ هو. ڇاڪاڻ تہ زرينہ بلوچ وري سنڌ کي ناهي ملڻي، اهڙيون شخصيتون روز روز ناهن پيدا ٿيندیون. انهن جو قومن کي ملڻ انهن جي خوشنصيبي هوندي آهي. زرينہ بلوچ جو ان کان وڏو ڀلا ڪهڙو ٿو ڪمال ٿي سگهي تہ ان کي ڏسندي سنڌي ثقافت جو چهرو اکين آڏو اچي ويندو هو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌ سندس وجود جو رنگ ۽ ڍنگ ٻڌجي ويو هو. هوءَ سنڌ لاءِ هئي ۽ سنڌ لاءِ ئي رهي. هن پنهنجي سڄي زندگي سنڌ کيارپي ڇڏي هئي.

هن سنڌ جي ڪيترن ئي حوالن سان پئي خدمت ڪئي. هن هڪ استاد جي حيثيت ۾ ٻارن کي تعليم ڏني. سندس معلميءَ وارو پيشو ئي سندس حصي واري فرض کي پورو ڪري ٿو پر هن ٻيا ہ وڏا ڪم ڪيا. هن سنڌ جي لوڪ گيتن کي امر ڪيو ۽ انهن جي سرواٽي ڪئي. هن جي لوڪ گيتن سنڌي لوڪ گيتن ۾ واقعي ہ نئون ساھ وجهي ڇڏيو هو. وري هن قومي گيت ڳاتا تہ قومي شعور کي هٿي ملي. قومي گيتن کي ہ زرينہ بلوچ جي ڪري هڪ نئون لاڙو مليو. هن جو قومي تحريڪن ۾ ہ وڏو ڪردار رهيو آهي. ڪيترن ئي لاڳ مارچن ۾ هيءَ اتساھ جو عنوان ٻڌي، هن جي

اداڪاري ۽ صداڪاريءَ تي اڇجي ته هن ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي سنڌي عورتن جي نمائندگي ڪئي ۽ باني اداڪارائن ۽ صداڪارن ۾ شامل رهي.

سو جيجي زرينہ بلوچ جو ڪردار سنڌ لاءِ انتهائي لاپائتو هو. ممڪن آهي ته سندس جيئري ان جو اوترو احساس نہ ٿي سگهيو هجي. پر لاڏاڻي کان پوءِ هن جي کوٽ سنڌ ۽ سنڌين کي باقاعدي محسوس ٿيندي.

روزانہ عوامي آواز

27-10-2005



جيجي زرينہ بلوچ


قومي ۽ لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ

قومي ۽ لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ گهڻو عرصو بيمار رهڻ کانپوءِ لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ گذاري وئي. جيجي زرينہ بلوچ جو جنم حيدرآباد جي الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ ٿيو هو. هڪ ئي وقت هوءَ سياستدان، فنڪاره، ڪهاڻيڪار ۽ استاد هئي. لوڪ گيتن ۾ ڪنهن فرد جو نہ پوري لوڪ جو درد هوندو آهي. سنڌ جا لوڪ گيت صدين کان ونهي عذابن ۽ اذيتن جو شڪار رهيا آهن. جنهن جي گونج سنڌ جي صوفي شاعري ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي. هونئن تہ بهراڙي ۾ عام طور لوڪ گيتن کي عورتون ڳائيندڙيون رهنديون آهن. پر اليڪٽرانڪ ميڊيا، جلسن، جلوسن ۽ مظاهرن ۾، جيڪڏهن لوڪ گيتن جي حوالي سان ڪو آواز ٻڌبو آهي تہ اهو جيجي زرينہ بلوچ جو آهي، جنهن کي، سنڌ جي عوام انهن گيتن عيوض "جيجيءَ" جو خطاب ڏنو. جيجي زرينہ صرف لوڪ گيت نہ ڳاتا، پر هن کي اهو بہ اعزاز حاصل رهيو تہ هن اياز جي شعلن جهڙي شاعري کي پنهنجي آواز سهاري سموري سنڌ ۾ ڦهلايو جنهن جي مهڪ هن وقت سڄي سنڌ ۾ موجود آهي. جيڪو انسان فنڪار ٿيڻ جي حيثيت ماڻي، پنهنجي فاني وجود کي امر آواز ۾ تبديل ڪري ٿو. موت برابر تہ ان جي وجود کي پنهنجي مُٺ ۾ پکڙي سگهي ٿو پر هو. سڄي جهان ۾ خوشبوءِ جيان ڦهلجي وڃي ٿو. جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي زندگي ۾ تاريخ جو اهڙو ڪردار آهي، جيڪو ڪڏهن بہ منجي نٿو سگهي. جيجي زرينہ بلوچ انهن ٿن عورتن مان آهي جن متان جدوجهد دوران انتظامي عملدارن لئيون وسايون. هن جي شخصيت سدائين غير تڪراري رهي. هوءَ سنڌ جي هر تنظيم جي پليٽ فارم تي گيت جهونگاريندي ۽ ماروئڙن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندي نظر ايندي هئي. هن ٿي- وي آرٽسٽ طور پنهنجو پاڻ کي مڃايو، جنهن ۾ خاص طور ڊرامو "دنگيءَ منجهہ درياهہ" ۾ سندس ڪيل ڪردار تي ڪيس ايوارڊ سان پڻ نوازيو ويو. هوءَ اهڙي بغاوت ڪندڙ عورت هئي، جنهن نہ رڳو گيتن پر عمل جي ميدان ۾ پڻ بغاوت ڪئي. ضياءُ الحق

جي زماني ۾ هن ان کان صدارتي ايوارڊ ونڻ کان انکار ڪري ڇڏيو. هوءَ پٽو جي آزادي لاءِ ڪيل جدوجهد دوران سندَ جي مختلف جيلن ۾ بن سالن تائين قيدي پڻ رهي چڪي هئي. هن فن جو مظاهرو نہ رڳو سندَ اندر پر ان کان ٻاهر ٻين ملڪن ۾ پڻ ڪيو. جتي ڪيس مختلف ايوارڊن سان نوازيو ويو. هوءَ آخري وقت ۾ ڪامريڊ چام ساقي جي آزاديءَ لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ پريس ڪلب حيدرآباد ۾ تتيءَ اُس ۾ پڻ جاکوڙ ڪندي نظر آئي. هوءَ سندَ جي جيجي هئي ۽ اڄ پنهنجي جيجي جي آغوش ۾ هلي وئي آهي ۽ اڄ انهن سيني ماڻهن جون اکيون آليون آهن جن سدائين معصوم مک واري ان ناريءَ کي دل جي اٿاھ گهرائين سان پنهنجي امڙ سمجهيو ۽ سڏيو. بي شڪ هوءَ اڄ اسان وٽ نہ رهي آهي پر ان جا اهي ڳايل گيت اسان جي ڪَنن ۾ هميشہ گونجندا رهندا.

روزانہ هلچل حيدرآباد

27-10-2005



جيجي زرينہ بلوچ جي ياد ۾ ڪوٽايل تعزيتي اجلاس جو ڪارڊ

جيجي زرينہ جو ويجوڑو ۽ سنڌ جو درد

جيجي زرينہ بلوچ جي ويجوڑي سنڌ کي هڪ درد ڏنو آهي. سندس ويڑڻ سان هڪ خال پيدا ٿي ويو آهي. جنهن جو پرڻ ايندڙ ڪيتري ئي عرصي تائين هڪ خواب رهندو. هوءَ سنڌ جي رڳو فني خدمت ڪندڙ ڪا هڪ شخصيت نہ هئي. هوءَ هڪ لازوال فن جي مالڪياڻي فنڪاره هئڻ سان گڏ قومي سياست ۾ عورتن توڙي مردن لاءِ هڪ مثالي ڪردار بہ هئي. هن پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ جيڪي ڏک ڏٺا هوندا. حقيقت ۾ تہ اهي اسان کان لڪيل رهيا. ڇاڪاڻ تہ جيجي انهن کي ظاهر نہ ڪيو پر هوءَ هميشہ قومي. اجتماعي سوچ رکندڙ ۽ لاڳيتي جاکوڙ ۾ يقين رکندڙ شخصيت هئي. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ پهرين. قيدياڻي بڻي ۽ بہ سال جيل ڪاٽيائين. ون يونٽ ۾ چوٽين مارچ جي تحريڪ ۾ بہ بهرو ورتائين. هن جي شخصيت گهڻ پاسائين هئي. هوءَ استاد. انقلابي فنڪاره. سياسي سڃاڻ ڪارڪن ۽ ليکڪا هئي.

يقينن موت هر ڪنهن جو مقدر آهي پر ڪجهہ شخصيتن جي لاڏاڻي سان سڄي قوم۽ صلاحيتن جو قدر ڪندڙ هر ساڻ سڳوار بڻجي ويندو آهي. اسان سنڌي ماڻهن کي جيجي زرينہ بلوچ جهڙين شخصيتن جي سخت ضرورت آهي. جيڪي هڪ پرپور اتساهہ جو ذريعو هجن. ڇپر ڇانو هجن ۽ انهن کي ڏسي عام ماڻهو جدوجهد جي ميدان ۾ اچن. ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ پنهنجي فن وسيلي جيجي زرينہ سنڌي قوم ۾ موجود آهي ۽ اها سنڌين کان ڪڌهن بہ نہ وچڙندڙ. حقيقت ۾ اهڙيون عظيم شخصيتون ان طرح ئي امر بڻجيون آهن جو سندن فن. سندن صلاحيتون ۽ توانايون قوم ۽ عوام لاءِ ڪتب اچن.

اسين جيجيءَ جي پونيئرن سان سندن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. جيڪي پڻ هڪ پڙهيل لکيل ساجاهہ وند گهراڻي طور ڄاتل سڃاتل آهن.

روزانہ سوپ

27-10-2005

[ايڊيٽوريل]

آڳنڊ

جيئي منڙي ٻولي!

ماهوار "ادب" نومبر 2005ع جو پرچو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اديب جي هن شماري ۾ "جيجي زرين بلوچ ڪارنر" ڏنو ويو آهي. جيجي زرين بلوچ اسان سڀني جي امڙ. لڳ ڀڳ ڏيڍ مهيني جي شديد علالت ڪانپوءِ دم ڏٽيءَ جي حوالي ڪري وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان ملي. جيجيءَ جون سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، سنڌي ماڻهن، سنڌي موسيقيءَ ۽ خاص ڪري سنڌ لاءِ جيڪي خدمتون هيون / آهن، انهن جو واقعي به لفظن ۾ بيان ممڪن ئي ناهي. اسان کي ته سچ پچ پنهنجي هن امڙ ۾ هميشہ خوبيون ۽ پلايون ئي نظر آيون. ٻوءِ پلي ائين ئي چو نہ هجي. جيئن ڊاڪٽر محمود مغل جيجيءَ لاءِ لکيو ته "اڄ موڪلائڻ جي هن سمئي ۾ امڙ، رڳو ائين ناهي ته ماڻهو کو خوبين ئي خوبين جو مجموعو آهي پر ڳالهہ اها آهي ته جنهن جو نالو ئي جيجل هجي. ان ۾ ڪهڙو نقص نظر اچي سگهي ٿو. جنهن جي پيار کي ايتري طاقت هجي جو حياتيءَ جا زخم پري چڏي. جنهن جو پاڇو شفقت هجي ۽ نگاهہ مهر، ان ۾ ڇا غلط نظر ايندو." اسان جي دعا آهي ته الله جل شانہ اسان جي جيجيءَ کي پنهنجي باجهہ جي جهوليءَ ۾ جهلائي ۽ کيس جنت ۾ خاص جاءِ عطا فرمائي. (آمين)

ماهوار ادب
[نومر 2005ع]

هڪ عظيم ڪلاڪار

ازل کان ابد تائين زندگي، حق ۽ موت برحق آهي پر زندگي کان موت تائين جي انهيءَ سفر ۾ ڪي انسان ۽ ڪي هستيون اهڙيون ضرور هونديون آهن، جيڪي پنهنجي فن يا فڪر جا انساني سماج تي اهڙا ته اٽمٽ نقش ڇڏيندیون آهن جو اهڙن انسانن کي موت بہ مات ڏئي نہ سگهندو آهي. سنڌ جي سون ورني سرزمين جي اهڙي ئي هڪ مهان هستيءَ"جيجي زرينہ" جي هئي، اها جيجي جنهن پنهنجي ڏاهپ ذريعي سنڌ جي ڪيترن ئي انسانن جي علم ذريعي ذهني آبياري ڪئي هئي ۽ هي ئي اها جيجي پڻ هئي جنهن پنهنجي ذات ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي روحاني اُڄ پڻ اجهائي هئي، خاص طور تي سنڌ جي رليءَ جي رنگن جهڙي خوبصورت لوڪ موسيقي هجي يا وري سنڌ جي سياسي ارتقا ۾ انقلابي آهنگ جو ڪم ادا ڪندڙ سنڌ جي "سياسي موسيقي" هجي ان ميدان ۾ هوءَ وڪٽر جارا جي تمثيل تي پوري لهندڙ اها ڪلاڪار هئي جنهن سنڌ ڏرتي ۽ سنڌ جي عوام جي آڇپي لاءِ پنهنجي زندگي اربي ڇڏي هئي.

جيتوڻيڪ هوءَ موت جي پيالي کي پي زندگيءَ جي مستيءَ کان ڪوهين ڏور هلي وئي آهي ۽ سنڌ جي ڪلا ۽ سنڌ جي سجاڳيءَ جو هڪ جهان سندس وڇوڙي کي شدت سان محسوس ڪندي اهو ئي چوندو ته: "بي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون" پر جيجي جي ڪلا سان قرب ۽ ڪمٽمينٽ جي گهُر اها ئي آهي ته سنڌ جي سر زمين اهڙين انيڪ جيجين کي جنم ڏئي جيڪي پنهنجي پُرسوز آواز سان سنڌ جي حقيقي آڇپي جي انهن سرن کي آلاپين جنهن سان سنڌ جي مقدر جي سينڌ سنوارجي وڃي!

روزانہ عبرت

27-10-2005

[ايڊيٽوريل]

●

جيجي زرينہ بلوچ!

سنڌي سماج جو هڪ اهڙو خوبصورت ڪردار جيڪو ظاهر ۾ جيترو سڀاجهو ۽ منڙو، اوترو ئي اندر ۾ ارڏو ۽ اڏول، جنهن جي جيتري واکاڻ ڪجي گهٽ آهي. هن کي‌بس اٿي ئي سمجهي سگهن ٿا، جن کيس روبرو ڏٺو هوندو. پر پاڻ آواز جي ڌارا ۾ سڄي سنڌ کي پنهنجو بنائي رکيو هئائين. سندس ڳايل ڪلام "هيرو لعل جواهر، ڏند ته موتي محبوب جا" ۽ "سپ ڪا مومل سپ ڪو راڻو، "پنهنجي پنهجي ڪاڪ سين کي" ۽ سندس آواز ۾ ڳايل سهرن جي ڪري پاڻ عام توڙي خاص ۾ مقبوليت ماڻي. پاڻ نہ صرف سريلي آواز سان پر عملي، ادبي، سياسي، سماجي ڪمن جي حوالي سان پڻ تمام وڏو عملي ڪردار ادا ڪيائين ۽ ذاتي حوالي سان پڻ سنڌي عوام جي وڏي خدمت ڪيائين. وڏا ڪشالا ڪيي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي، پنهنجي هڙئون وڙئون مدد ڪيائين، سندس وفات سان جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، اهو پرجڻ ممڪن ناهي!

ماهوار سرتيون
[نومبر 2005]

●

جيجي زرينہ جو خال ڪير پريندو؟

اڄ اسان خاص ڪري سنڌي عورتن جي دلين تي غم جي فضا ڇانيل آهي. جو هن وقت اسان پنهنجي مشهور گلوڪاره جي وفات جي خبر ٻڌي آهي. هڪ ته اڳ ۾ ئي ڏرتي جي زلزلي جي قهر ڪري اسان جون دليون ڪومائجي ويون آهن. ۽ ٻيو هي وري درد پري خبري ٻڌي هيڪاندي پريشاني وڌي وئي آهي. ائين ڪٽي جيجي تي اسان جي لاءِ اهيو درد هڪ شاڪ جهڙو آهي. آئون زرينہ کي ننڍي هوندي کان ئي سڃاڻندي هئس، جو هوءَ جتي پڙهندي هئي اتي آئون ميوزڪ (راڳ) جي ٽيچر هئس. جيئن ته هن کي ڏٺي تعالىٰ وٽان مني ۽ مڏر آواز جي ذات مليل هئي. ان ڪري آئون ٻہ هن ۾ گهٽو چاهه ونڻ لڳس ۽ راڳ جي لئي، تار، ڏن ۽ ڪلاسيڪي موسيقي جي تربيت سان هوءَ ٽيچر جي عهدي تي فائز ٿي. جتي هن زبردست نالو ڪڍيو. چاڪاڻ جو ان زماني ۾ اسڪولن ۾ وڏيون وڏيون هستيون، مرد توڙي زالون ايندا هئا ۽ شاگردن سان روح رهاڻ ڪندا هئا. ائين هن جي آواز جي واکاڻ چوطرف ڦهلجي وئي ۽ آخر ۾ ريڊيو پاڪستان وٽان ان جي گيتن جو پروگرام اچڻ لڳو. نہ صرف ايترو پر سنڌ جي ڪيترن شهرن مان دعوتون اچڻ لڳيون، جي هن خوشيءَ سان نپايون ۽ پچاڙيءَ ۾ باهرين ملڪن ۾ ٻہ سنڌ جا لوڪ گيت ڳائي سنڌ جو نالو ڪڍيو. حيدرآباد ۾ ڪا ٻہ محفل، مجلس نہ هئي، جتي هن گيت نہ ڳايا. اسان هندن جي ست سنگ ۾ ٻہ مان هن کي سڏائيندي هيس، جتي هوءَ سنڌ جي صوفي شاعرن پٽائي ۽ سچل وغيره جا گيت ڳائي ماٺهن جون دليون وندرائيندي هئي. مطلب ته هن راڳ راڻي جي، عهدي جو توڙ نپايو. جنهن لاءِ اسان سڀني سنڌين کي هن تي فخر آهي ۽ فخر رهندو. هن نہ صرف راڳ وسيلي نالو ڪڍيو پر عوتن ۾ سياسي سجاڳي ٻہ آندي. اسان جي ڏٺي جي در تي پرارٿنا آهي ته سندس روح کي جنت ۾ جاءِ ملي ۽ سندس اولاد ۽ گهر وارن کي صبر ۽ شانتي بخشي. زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي سان سنڌ کان رڳو هڪ فنڪاره يا سياسي ڪارڪن نہ وڇڙي آهي. پر اسين هڪ خوش اخلاق نياڻي، وفادار عورت، نامياري ماءُ ۽ هر دل عزيز دوست کان محروم ٿي ويا آهيون. آئون اميد ٿي ڪريان ته اهڙيون ٻہ چار عورتون نڪري نروار ٿين. جيڪي زرينہ بلوچ جي خالي جاءِ پرين ۽ لوڪ گيتن کي وري جيئارين.

روزانو "ڪاوش" حيدرآباد
1-11-2005

[خط]

جيجي زرينہ جي همت جو هڪ مثال

جنرل ضياءالحق جو مارشل لا وارو دور ماڻهن کان وسريو ناهي. شايد 1985ع يا 1986ع سال جو هڪ ڏهاڙو هو. ڪوئي منگي ذات جو ايس ڊي ايم هو. جنهن سرڪاري طور ضلعي نٽي جي شهر گهارو ۾ پنيور تي هڪ سيمينار سڏايو هو. هن سيمينار ۾ راڳ رنگ جو پروگرام پڻ رکيل هو. جنهن جي شروعات جيجي زرينہ بلوچ جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ جهڙي قومي گيت سان ڪئي. مارشل لا جو ڏهڪاءُ هيو. فنڪشن ۾ سرڪاري هيو. سو اهڙو گيت ٻڌندي ئي گهٽن جي بدن مان سيانتا نڪري ويا. اسين ڪجهہ دوست علي ٹالپر ۽ رب ڈنو نوحاڻي بي ساخته ٿي جهومندا اسٽيج اڳيان اچي نچڻ لڳاسين. رب ڈني نوحاڻي کي بوسڪيءِ جو پٽڪو ٻڌل هو. جنهن ڪري ڪيس هرڪو پيو ڏسي. انظاميہ ۽ خاص ڪري تحريڪ استقلال وارا همراهہ ٽرٽلي ۾ اچي ويا ۽ پنهنجي سيٽن تان اٿي آيا. اسان کي جهمريون پائڻ کان روڪيائون. اها ڳالهہ جيجي کي نہ وٺي ۽ جيجي زرينہ مائيڪ تان ئي انظاميہ وارن کي سخت لهجي ۾ چيو تہ: سنڌي موسيقي آهي. ان تي نوجوان رقص ڪن پيا تہ توهان جو ساهہ چو ٿو وڃي. هنن کي رقص ڪرڻ ڏيو.... ۽ پوءِ اسان ۾ نعرا هٽڻ ۾ مگن ٿي وياسين. ٻئي ڏينهن خبر پئي تہ جيجي جي ان گيت تي جهمريون پائڻ تان سرڪار ڏمرجي پئي آهي ۽ گهاري ٽاٽي تي انن ڏهن ماڻهن مٿان ايف آءِ آر ڪٽي وئي آهي. ان ڪيس ۾ رب ڈنو نوحاڻي گرفتار ٿي ويو ۽ ويچاري کي ٽي مهينا جيل ۾ ڪاٽڻو پيو.

روزانو "ڪاوش" حيدرآباد

10-11-2005

سماعتن تي دستڪ

جيئن غالبؒ جي زندگيءَ جو سڄو سرمايو چند سهڻن جا خط ۽ تصويرون هيون، تيئن سنڌ جي پاڻ جو ڪاٽو ڪندي اسان کي ڪي وڏا سڪ ۽ سوجهرا نه پر ڪجهه بيت، چند قصا ۽ چند مترنم آواز نظر اچن ٿا. انهن مان ويهين صديءِ جي پوئين اڌ ۾ جن منفرد آوازن ستل سنڌ جي سماعتن تي سجاڳي جي نفيس دستڪ ڏني. تن ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو نالو به شامل ڪري سگهجي ٿو. پنهنجي زندگيءَ جي مني صدي جي اجهاڳ سفر دوران عام رواجي انفرادي مسئلن سان منهن ڏيندي، توڙي اجتماعي قومي درد جو درياءُ اکرندي، ايراني بلوچن جي قبيلي سان لاڳاپيل هن شفيق نياڻيءَ انتهائي ڪٺن حالتن ۾ به پنهنجي منفرد مرڪ ۽ اجيت آواز کي جهيڻو ٽيڙ نه ڏنو. هوءِ ڪلاس رومس، ريڊيو جي ڪاريڊريس عوامي مجلسن. ذاتي محفلن ۽ اخباري صفحن تي مسلسل ڳائيندي پنهنجي ڏرتيءَ جي درد کي اندر ۾ سانڍڻ بجاءِ عام ۽ خاص تائين پهچائيندي رهي. ڇاڪاڻ جو ماڻ ڪري ويهڻ سندس اختيار ۾ ئي نه هو.

اختيار راز پوشيدن نداد، گريه بي اختيار من بمن.

(منهنجي اڇهل لڙڪن مون کي پنهنجي پيار جي رازن کي لڪائڻ جي اجازت هرگز نه ڏني)

جيجي زرينہ هر دور فقط ان ڪري ياد نه ڪئي ويندي ته هوءَ سنڌ جي هڪ ذهين سياستدان جي همسفر ۽ غير معمولي خوبيون رکندڙ هڪ مثالي سنڌي ڪٽنب جو جز هئي، پر سنڌ جي اتهاس ۾ هوءَ وطن سان انهيءِ مشروط پيار ۽ زمان ۽ مڪان جي حدبندين کان ٻاهر نڪري سنڌ جي گهٽين ۽ پيچرن ۾ پڌرو ٽيندڙ هڪ آواز هئي، هن ڇا گيت اڄ هوائن ۾ گهلي، لطافتن جي انهن حسين ڇهائن جو حصو بڻجي چڪا آهن، جن ڇهائن ۾ غمن ۽ خوشين جو هڪ عجيب سنگم نظر اچي ٿو. اربع جي ڏينهن ڪچري منجهند ڏاران قاسم آباد جي غلام شاهه قبرستان ۾ سندن قبر مٿان گلاب جا گل اوتيندي مون کي محسوس تي رهيو هو ته هنن گلابن کي ته حالتن جي حدت بن چئن ڏينهن ۾ ساڙي ڇڏيندي، پر مٽي ۽ جي هيٺان پوري آواز جي گلاب کي ته وقت به کجهه نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ جو وقت حسن جي تاب کي ضرورت جهڪو ڪري ٿو. پر عشق جي اڳ تي صديون، جڳ ۽ زمانا به اثر انداز نٿا ٿي سگهن.

روزانو "ڪاوش" حيدرآباد
29-10-2005

جيجي جي ڪوٽ هميشہ محسوس ٿيندي رهندي.

قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ ڪيترائي ڏينهن ڪوما ۾ رهڻ بعد 25 آڪٽوبر جي رات اسان کي هميشہ لاءِ الوداع چئي اکيلو ڇڏي وئي. جيجي زرينہ، آمنہ کان وڏي زرينہ ۽ جيجي تائين جو طويل سفر نهايت همت ۽ بردباري سان ڪيو. گهرن ۾ قرآن شريف پڙهائيندڙ عورتن تي افسانو "جيجي" لکيائين تہ پوءِ جيجي جي نالي سان سڃاپجڻ لڳي. چون ٿا تہ جيجي آخري وقت تائين چوندي رهي تہ پاڻي مسئلي تي جدوجهد جاري رکو. جيجي زرينہ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ تنظيمن اندر غير تڪراري شخصيت تسليم ڪئي ويندي هئي. هوءَ قومي گيت ڳائي سنڌ جي حقن لاءِ وڙهندڙ نوجوانن جا حوصلا بلند ڪندي رهي. ايم - آر - ڊي تحريڪ وارن ڏينهن ۾ ٻہ سال جيل ڪاٽڻ کان وڏي اڄ ڪان ڪجهہ وقت پهرين عوامي تحريڪ جي ڪالاباغ ڊيم خلاف لانگ مارچ توڙي سنڌ جي حقن لاءِ هو اڳيان رهي. تحريڪن دوران نوجوان جذهن ٽڪي پوندا هئا تہ جيجي پنهنجي منڙي آواز سان قومي گيت ڳائي نوجوانن جا حوصلا بلند ڪندي هئي. جيجي زرينہ ادب جي فيلڊ ۾ ٻہ رهي ۽ ريڊيو تي ٻہ ڪم ڪيائين. 36 سالن تائين استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيندي رهي. اڄ جيجي زرينہ اسان جي وچ ۾ ناهي رهي پر سندس منڙو آواز قومي گيتن جي صورت ۾ هميشہ زندهہ رهندو. سندس رڪارڊ ڪيل قومي گيت سنڌ جي حقن لاءِ وڙهندڙ هر پارٽي جي جدوجهد ۾ نوجوانن جا حوصلا بلند ڪندا رهندا. جيجي زرينہ جي هن المناڪ وڇوڙي تہ صرف سندس ور رسول بخش پليجو. نياڻي اختر بلوچ، اياز لطيف يا سندس ڏوهٽي سسئي پليجو . سوڳوار نہ آهن. پر جيجي زرينہ جي هن المناڪ وڇوڙي تي پوري سنڌ سوڳوار آهي. پوري دنيا ۾ سنڌي ٻولي سان پيار ڪندڙ ۽ سندس چاهيندڙ ڏک جي عالم ۾ آهن. جيجي زرينہ جي وڇوڙي سان هڪ اهڙو خال پيدا ٿيو آهي. جيڪو شايد صدين تائين ٻہ نہ پري سگهجي.

روزانو "ڪاوش" حيدرآباد

29- 10-2005

[خط]

جيجي زرينہ بلوچ جي التجا تي ڏيان ڏيو

سنڌ ڏرتي ڪيترين ئي سورمين کي جنم ڏنو آهي.هر سورميءَ جي پنهنجي سڃاڻپ ۽ شخصيت رهي آهي. سنڌ جي گيتن جي راڻي، جنهن نہ رڳو سنڌي لوڪ گيتن کي هڪ نئون رنگ ڏنو ۽ پنهنجي فن جي مڃتا لوڪ خاص ڪري ايم آر ڊي تحريڪ دوران فوجي راج ۾ قومي گيت ڳائي ڪرائي، سنڌي ماڻهن کي متحد ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ڪيو ۽ سنڌ جي عوام سان هر وقت احتجاج ۾ انهن سان گڏ رهي. اڄ جيجي زرينہ بلوچ زندگيءَ ۽ موت جي ٻہ واٽي تي بينل آهي. هر ماڻهو مائٽن کي پوئين جي پارت ڪندو آهي. پر جيجي زرينہ بلوچ کي زندگيءَ ۽ موت جي ٻہ واٽي تي ٻہ سنڌ ڏرتي ۽ سنڌي ماڻهن جي جياپي جو فڪر ۽ اونو آهي. هن جي پوري زندگيءَ ۾ اهڙي ڪا محفل ڪا رهاڻ نہ هوندي، جنهن ۾ هن سنڌي رهڻ جو تاڪيد نہ ڪيو هجي. سلام آهي اهڙي سنڌ جي سورميءَ تي جيڪا پنهنجي زندگيءَ جي آخري پهرن ۾ ٻہ سنڌ جي قومي تحريڪن جي اڳواڻن کي نماڻو عرض ۽ التجا ڪري تہ پنهنجا ذاتي تعصب ۽ پنهنجون انائون ختم ڪري سنڌ جي برندڙ مسئلن ۽ سنڌي ماڻهن جي جياپي لاءِ سڀ ويچا وساري هڪ ٿيو ۽ سنڌ جو نعرو بلند ڪيو. اها خواهش رڳو جيجي زرينہ بلوچ جي ناهي. پر سنڌ ۾ رهندڙ هر پوڙهي. پکي عورت ٻار ۽ نوجوان جي آهي تہ سنڌ جا ليڊر هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿين ۽ سنڌ جي باري ۾ سوچين. خدارا! جيجي زرينہ بلوچ جي انهيءِ خواهش کي مان، بخشيو ۽ پاڻ ۾ اتحاد پيدا ڪريو.

روزانو "ڪاوش" حيدرآباد

27- 9-2005

[خط]

●

مانوارا سائين رسول بخش پليجو صاحب
اسلام عليڪم

گذارش تہ جيجي زرينہ، جيڪا سنڌ جو ورثو هئي، هن پنهنجي سموري ڄمار هڪ سڃاڻ ۽ ذميوار فرد جي حيثيت ۾ هر محاذ تي نوجوان نسل کي باصلاحيت بنائڻ ۽ کين حوصلو ڏيارڻ لاءِ پرپور کوشش ڪئي. سندس شخصيت نہ صرف هڪ فرد بلڪ هڪ اداري جي حيثيت رکندڙ هئي. سندس وڇوڙي سان هڪ اهڙو خال پيدا ٿي پيو آهي، جيڪو پرڻ نهايت مشڪل آهي. اسين سپ ثقافت ۽ سياحت کاتي جا ذميوار عملدار صوبائي وزير قمر منصور، سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي، ڊائريڪٽر جنرل اين ڊي جتوئي ۽ هيڊ صحيح ڪندڙ جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي ڏٽيءَ در دعاگو آهيون تہ رب پاڪ جيجي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا ڪري ۽ اوهان کي اهڙي صدمي سهڻ جي توفيق عطا ڪري. (آمين)

مخلص
منظور احمد ڪناصرو
ڊائريڪٽر ڪلچر سنڌ

عزت مآب،
پيارا پاڻ ايياز لطيف پليجو صاحب
اسلام عليڪم

پيارا پاڻ، هن عاجز گهنگار جي نظر مان اخبار گذري، جنهن ۾ توهان جي امڙ ۽ ساري سنڌ جي جيجي، جيجيءَ زرينہ جي اچانڪ وفات جو پڙهي دل کي انتها ڏاڍو ڏک ٿيو. الله رب العزت کان دعا آهي تہ الله سائين توهان جي پياري امڙ کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ توهان پائرن کي صدمي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين.)

پيارا امڙ ۽ ابي يعني والد جو رشتو تمام محبت پريو ٿيندو آهي، اُن رشتي کي قيامت تائين وساري نہ ٿو سگهجي. پيارا! الله سائين توهان کي خوش رکي، توهان جي ڪٽنب کي آباد ڪري. (آمين.)

والسلام
توهان جو خيراندیش
نصير الدين ميمڻ
نوشهرو فيروز

●

[خط]

جيجيءَ سان انصاف ڪريو

مانواري بهادر پيڙ سسئي پليجو

۽ محترم دلير پاڻ ايازلطيف پليجو صاحب

توهان ڏانهن هي منهنجو ٻيو خط آهي. جيجي زرينہ جي وفات کي لڳ ڀڳ نوَ- ڏهہ مهينا گذري چڪا آهن. پر جيجي جي وفات کانپوءِ ڪيل اڪثر واعدا ايڏا پورا ناهن ٿيا ۽ نہ ئي اوهان جيجي متعلق اعلائيل ڪتاب پڌرو ڪيو آهي. سنڌ جي هن تاريخ ساز نياڻيءَ جي وفات کانپوءِ ثقافتي ڪاتي جي سيڪريٽريءَ ۽ وزير قمر منصور اعلان ڪيو هو هو تہ نہ صرف جيجيءَ جي ياد ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏو ملڪ گير تعزيتي ميڙاکو ڪرائيندا. بلڪ سندس نالي سان لوڪ ميوزڪ جي ايوارڊ جو آغاز پڻ ڪيو ويندو ۽ سندس راڳ جون سي ڊيز سڄي دنيا ۾ عام ڪيون ويندیون. پر سرڪار ۽ ايم ڪيو ايم جي واعدن وانگر ڪابہ ڳالهہ وفا نہ ٿي. سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر مظهرالحق صديقي سنڌ الاجي جي ڊائريڪٽر ۽ ماڊل اسڪول جي پرنسپال اعلان ڪيو هو تہ ماڊل اسڪول ۾ جيجي جي نالي سان پارڪ ناهيو ويندو ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ جيجي زرينہ بلوچ ميوزيڪل چيئر قائم ڪري سنڌ الاجي ۾ ڪارنر ناهيو ويندو پر سنڌي راڳ ۽ جيجي سان محبت رکندڙ ايڏا انهن اعلان تي عمل جا منتظر آهن. ادي سسئي توهان قومپرستي جو نڪ آهيو. توهان ڪالاباغ. ٽل ڪٽنال ۽ ڊارين جي ظلمن خلاف سنڌ اسيمبليءَ جون بيباڪ ۽ بهادر نمائندیون آهيو. توهان هميشہ ناحق کي چئلينج ڪيو آهي. پيپلز پارٽي جي قائد جي شهادت تي جيجي زرينہ جيل وڃي پاڻ ملهايو. پر پ پ پ يا جيئي سنڌ محاذ وارن دوستن. سگا. سنڌياڻي تحريڪ يا ادبي سنگت ايڏا ڪنهن بہ شهر ۾ جيجي جي نالي تي. نہ تہ ڪا گڏجاڻي ڪوئائي آهي ۽ نہ ئي ڪا لائبريري يا راڳ جو اسڪول ڪوليو آهي. پاڻ ايازِ لطيف پليجو توهان سنڌ ۾ انساني حقن لاءِ بلند ٿيندڙ اڪيلا سگهارا آواز آهيو. توهان زهريلي پاڻي خلاف ڪيس لڙو تا. ڪوٽڙي پل جو ٽيڪس ختم ڪرايو

تا، هندو چوڪرين جي اغوا خلاف آواز اٺاريو تا، معذورن کي اسڪول واپس ڏيارڻ تا، ڪولهين، پيلن ۽ مينگهواڙن جا مفت ڪيس لڙڻ تا، ليڊيز ڪلب ۽ برسات جي تباهين تي پٽيشنيون ڪڍڻ تا، دارالامان ۽ جيل انتظاميه خلاف هيومن رائيٽس جا ڪيس لڙڻ تا، پر توهان کي اهو نظر نٿو اچي ته، ڪي ٽي وي چينلز ۽ ايف ايم ريڊيوز جيجي زرينه بلوچ جا ڳايل گيت ٻين فنڪارن جي آوازن ۾ هلائي آخر ۾ جيجيءَ جو نالو ڏيڻ کان ٻه لنوائيو وجن.

"اترڙو ٽو لڳي"

"جبل متي جهڙ ڙي ڇورا"

"اَئي منهنجو چلڙو"

"ٻي خبر ناهي پر مرڻ ڪانپوءِ"

"لوٽو مون کي آٿي ڏي"

"مور ٽو ٽلي راٺا"

جهڙا جيجي جا مشهور گيت، اڇڪلهه ٻي سرن آوازن ۾ سيڪڙات فنڪارن کان جهنڪار سان ٻڌي، اکيون واجهائيندين آهن ته ڪاش آخر ۾ ڪٽي ٻه سٽون لکيل هجن ته هي گيت سنڌ جي مهان فنڪاره جيجي زرينه بلوچ تخليق ڪيو هو. پر هتي ته چوري ڪرڻ وارو منهن جي پڪائيءَ سان سينه زور ٻه آهي. فنڪار، ڊائريڪٽر، ڪمپوزر ۽ پروڊيوسر سڀ لڪايو ڇڏين. ٻيو ته ڇڏيو، پر ڪئي مهينا گذرڻ کانپوءِ ٻه، اوهان جيجي جي ياد ۾، ڪو ڪتاب ٻه ڇپرائي نه سگهيا آهيو. اميد ته ميار تي دل ۾ نه ڪندؤ.

●

[تعزيتي ڪتاب مان]

تعزيت ناما

محترم زرينہ بلوچ جي وفات سان سنڌ هڪ املهہ ماڻڪ موتي کان محرومي ٿئي. هن سنڌ جي ماڻهن لاءِ پنهنجي آواز جي ذريعي درس ڏنو. سچاڳي ڏني، جيڪا وسرڻ جوڳي نہ آهي.جيجي زرينہ ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ هيرو موتي آهي، سندس وچوڙو سنڌ جي هر هڪ ڳوٺ شهر ۾ محسوس ڪيو ويو آهي. الله سائين سندن پونئيرن کي صبر ڏي. اسان اياز لطيف پليجي، سسئي پليجي، رسول بخش پليجي ۽ سندس خاندان جي سڀني سوڳوارن سان برابر جا شريڪ آهيون.

شير شمس الدين سهتو

جيجي زرينہ جي امر گيتن ئي سنڌي قوم ۽ سنڌ ڌرتي کي وڌيڪ امر بنايو. جيجي جي وچوڙي ۾ اسان سندس وارثن محترم رسول بخش پليجي صاحب، اياز لطيف ۽ ادي سسئي پليجي سميت سمورن سان هن ڏکيءَ مهل ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

ڏاڏا آدم پليجو صدر عوامي تحريڪ ٻنون۽ (سنگت)

محترم جيجي زرينہ جو وچوڙو سنڌ لاءِ وڏوسانحو آهي. اسان سندس پونيئرن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. رسول بخش پليجو صاحب، اياز لطيف، سسئي ۽ غلام قادر پليجو سان ڏک ۾ شامل آهيون.

ڪامريڊ صالح پليجو - ٻنون

جيجي زرينہ مون تي خاص مهرباني ڪري منهنجا ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ ڪلام ڳايا، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جو لکيل جئي سنڌ وارو ڪلام پهريون دفعو سکر ۾ اسان جي ڪوناپل ميڙ ۾ ڳايو. جيجي سنڌ کي سدائين جيئارينديرهي، اها وري ڪو نہ ورندي.

فتاح ملڪ-سکر

جيجي زرينہ کي آءُ 1976ع کان سڃاڻان جڏهن آءُ ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ ڇهين درجي ۾ داخل ٿيس. ان کان اڳ بہ سندن ذات منهنجي لاءِ اڻاتل سڃاتل هئي. مون کين سدائين انسانيت جي اعليٰ بلندين تي ڏٺو. مون کي يقين آهي تہ هوءَ هن وقت الله جي

بهترين بانهن ۾ شامل ٿيل آهي. الله سندن درجا مزيد بلندڪري. آمين

فاروق ميمڻ - حيدرآباد

جنم ڏيندڙ امڙ ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪنهن مشفق عورت جو آواز لوري ۽ ڳيچن جي صورت ۾ منهنجي ٻالڪپڻ ۾ منهنجي ڪنن تي پيو. اهو اسان جي امڙ جيجي جو هيو. اڄ آئون پنهنجو پاڻ کي ايراز لطيف واري جاءِ تي بيٺل محسوس ڪري رهيو آهيان. اڄ نه صرف ايراز پر سڄي سنڌ جيجيءَ کان محروم ٿي ويئي آهي.

اڪبر علي ڏيرو - ٽنڈو آدم

27 - 10 - 2005

اڄ ائين محسوس ٿئي ٿو ته ٻيهر منهنجي جيجي هن دنيا مان لاڏاٽو ڪري ويئي آهي. جيجي منهنجي دوست جي ماءُ ۽ منهنجي شفيق استاد به رهي آهي. هي تمام وڏو خال آهي. جيڪو شايد ڪڏهن به پُر نه ٿي سگهي.

عرفان احمد جولي

27 - 10 - 2005

جيجيءَ سان منهنجو واسطو 60ع جي پوئين سالن کان شروع ٿيو. اهو زمانو ون يونٽ ٽوڙڻ واري تحريڪ وارو آهي. جيجي جا ڀائيل قومي گيت شاگردن ۽ قومي ڪارڪنن لاءِ روح پيدا ڪندڙ هئا. جيجي قومي گيت ڳائڻ جو بنياد وڌو. اسان هڪ قومي ڪارڪن ۽ بهترين ليڊرڪان محروم ٿيا آهيون. الله تعالىٰ کيس جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏئي (آمين)

غلام نبي مورائي - حيدرآباد

جيئي سنڌ جيئي لطيف

ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي پوءِ بهار جي.

جيجي زرينه جو وڇوڙو سڄي سنڌ کي يتيم ڪري ويو آهي. جيجيءَ جو وڇوڙي جو خال هميشه رهندو. جيجيءَ سنڌ جي هڪ وڏي تاريخ هئي ۽ رهندي. جيجيءَ جو آواز ۽ جيجيءَ جي سنڌ لاءِ جدوجهد ۽ محنت هميشه ياد رهندي. جيجيءَ رڳو هڪ ايراز جي جيجيءَ نه هئي. پر اسان سڄي سنڌ واسين جي پياري جيجي هئي. جيجي جا گيت ۽ سندس جدوجهد هميشه ياد رهندي. جيجي هڪ ڪليل ڪتاب هئي. جيڪا هميشه امر رهندي. جيجيءَ جو پيار ۽ محبت هميشه منهنجي لاءِ دل ۾ رهندو.

نظير احمد جاڪرو - ايڇ آر سي پي - ٺٽو

27 - 10 - 2005

جيئي سنڌ جيئي حق پرست جدوجهد

جيجي زرينہ اسان سڀ سنڌ وارن جي جيجيءَ هئي. جيجيءَ لاءِ اسان ڪهڙا ڪتاب لکون. بس اسان اهو چونداسين تہ جيجيءَ جو خال پرجڻ مشڪل آهي. جيجي سنڌ جو سرمايو هئي. جيجي اسان کي هميشہ ياد رهندي.

فيض محمد عرف پورو سرڪي - ننڍو

27 - 10 - 2005

امڙ جيجل جون دعائون هيون جن اسان جهڙن ڏٽڙيل، ماٺهن کي قاسم آباد ۾ آباد ڪيو. هن هميشہ ماءُ وانگر پيار ڏنو. اللہ پاڪ کين جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي.

ڊاڪٽر نياز عامر - عاصم ڪلينڪ

جيجي کي مان ان وقت ڏٺو جنهن وقت سنڌي بولي قومي بولي جي تحريڪ هلي. اڄ اها جيجي پوري سنڌي قوم جي هڪ تحريڪ ٿي وئي آهي. رب پاڪ جيجي جي ٻچن کي صبر ڪرڻ جي توفيق ڏي.

ظهير الدين جمالي

27 - 10 - 2005

ان رات ٽي وي تي ڪشمير ۾ آيل زلزلي بابت خبرون ٻڌم پئي تہ اوچتو جيجي زرينہ جي وفات جي خبر ٻڌم. سڄ پيچو تہ ڪشمير واري زلزلي کان هزارين ڀيرا وڌيڪ ڏک ٿيم. چو تہ جيجي نہ صرف اياز جي امڙ هئي. پر جيجي هر انقلابي سپاهي جي امڙ هئي. جيجي سنڌ جي بقا جي جنگ وڙهندڙ هر سپاهي جي امڙ آهي. آئون جيجي زرينہ کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ۽ ڪيس سلام پيش ڪريان ٿو.

ظفر قاضي - وارهہ

28 - 10 - 2005

جيجي سدائين اسان جي جيءَ ۾ زنده رهندي. پنهنجي پياري آواز سان ۽ پنهنجن پيارن نشانين، اياز ۽ سسيءَ جي روپ ۾. سنڌ جي لوڪ گيتن ۽ انهن جي موسيقي تي هميشہ هميشہ ڇايل رهندڙ جيجي کي ڏينهن بہ ڪهڙو نہ اعليٰ نصيب ٿيو. "مولیٰ علي" جي شهادت وارو 21 هين رمضان. شال اياز ۽ سسئي کي جيجي جي بيماري جي حالت ۾ خدمت ڪرڻ جي قبوليت عطا ٿئي. آمين

طارق انصاري - حيدرآباد

جيجي زرين جي وڇوڙي سان دلي صدمو پهتو آهي. سندس سنڌ لاءِ ڪيل خدمتون وساري نه سگهبيون.

يار محمد جلالاڻي جنرل سيڪريٽري پريس ڪلب - ٺٽو

جيجي زرين جي وڇوڙي سان دلي صدمو پهتو. سندس سنڌ لاءِ ڪيل خدمتون وساري نه سگهبيون. اسان ۽ سنڌ جي دلين کي جيجي زرين جي وڇوڙي صدمو ڏيئي ڇڏيو آهي. سندس خدمتون هميشه ياد رهنديون.

محمد عثمان ميمڻ - صدر پريس ڪلب سنڌ

جيجي جا "سنڌي شام" ۾ ڳايل گيت اڄ به ڪنن ۾ گونجن ٿا. جيجي جو وڇوڙو هنن حالتن ۾ سنڌ لاءِ وڏو نقصان وارو آهي. شال سنڌي ماڻهو اهي نقصان برداشت ڪري سگهن.

انجينئر اوپايو خشڪ

جيجي جا سنڌي لوڪ گيت سنڌ جو سرمايو آهن. سندس وفات سان سنڌ ڏرتي کي عظيم نقصان پهتو آهي. سندس تي وي تي هليل گيت اڄ به ماڻهن جي ڪنن ۾ گونجندا رهن ٿا. سنڌي ماڻهو کيس هميشه ياد رکندا.

انجنيئر مڪيش ڪمار

28 - 10 - 2005

جاسين هئي جيئري، ورجي نه وينِي،
وجين پون پينِي، سارينديِ ڪي سڃڻين

جيئي سنڌ جدوجهد ۾ سائٽن جيجي جا گيت وڏي اتساه جو سبب بڻيا هيا. هڪ پاسي انقلابي ساٿين جا ليڪچر ۽ بئي پاسي جيجي زرين جا گيت، اهو يقين ڏيارينديا هيا ته منزل ضرور ملندي. سچ پچ اڄ جيجي جي وفات تي ڏاڍو ڏهني ۽ روحاني صدمو رسيو آهي.

غفار عرف جبل ملڪ

پٽائي ننگر حيدرآباد

28 - 10 - 2005

سنڌ ۽ آئون هڪ شفيق امڙ ۽ هڪ جيجي جي ڇانوءَ کان محروم ٿي وياسين.

سترام مهيشوري سب ايڊيٽر ۽ ڊائريڪٽر
ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين

جيجي زرين جو موت اسان جو قومي ۽ ثقافتي نقصان آهي. جيڪو شايد صدين تائين هر سنڌ واسي محسوس ڪندو.

عزيز سومرو
زونل آرگنائيزر ايم ڪيو ايم ٺٽو زون

جيجي زرينہ جو لاڏاٽو هر زنده انسان جو قومي ۽ ثقافتي نقصان آهي، جيڪو شايد ڪافي وقت تائين سنڌ واسين کي محسوس ٿيندو. جيجي زرينہ سنڌ دشمن منصوبن خلاف هر محاذ تي آخري دم تائين پنهنجي جدوجهد جاري رکي.

گلزار علي اونو صدر

عوامي تحريڪ ضلع ٺرپارکر سنڌ

جيجي زرينہ قومي گيتن ذريعي سنڌ واسين کي ظلم، ڏاڍ، بربريت، ويساهہ گهاتين ۽ ڏهڪاءُ خلاف ويڙهہ لاءِ اتساهہ ڏنو. سندس گيتن ۾ ڏرتيءَ جو درد ۽ ويڙهاند لاءِ اتساهہ آهي. جيجي! جي وڃوڙي قومي تحريڪ ۾ وڏو خال پيدا ڪيو آهي. اسين جيجي جي وڃوڙي تي سموري سنڌي عوام سان گڏ سوڳوار آهيون.

ممتاز نهڙيو

صدر عوامي پريس ڪلب مٺي ٺرپارکر

جيجي تنهنجي پيرن تي منهنجا هٿ!

خالد عمراڻي

جيجي زرينہ بلوچ جو موت لکين انسانن جون جانيون جنجهوڙي ويو آهي. اسان لاءِ سنڌ جي باصلاحيت سورمي جو وڃوڙو ڏاڍو افسوس ناڪ آهي.

ڪرشن لال ميگهواڙ

عوامي تحريڪ - مٺي ٺرپارکر

جيجي زرينہ جي وفات جي موقعي تي جي مان ڪجهہ لکڻ چاهيان تہ مون وٽ اهي لفظ ڪو نہ آهن جيڪي منهنجي جذبات جي ترجماني ڪن. جيجي زرينہ کي ڪهڙي حيثيت سان مان ڏجي. هو هر طرف کان عظيم هئي. هوءَ لوڪ گيتن جي راڻي ۽ هر طرح سان هڪ مڪمل اڪيڈمي هئي. الله کيس جوارِ رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائي، پر جيڪو خال جيجي جي وفات سان پيدا ٿيو آهي اهو صدين تائين ڪو نہ پربو.

نور حسين جوٽيجو

داتا نگر حيدرآباد

مرحومہ جيجي زرينہ بلوچ جي وفات سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ وڏو الميو آهي. سندس وصال سان، سنڌ لوڪ گيتن جي راڻي کان محروم ٿي وئي. اهو خال صدين تائين شايد پرجي نہ سگهي. الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏيندو.

سيد پير غلام رحماني جيلاڻي
حاجي محمد عثمان خان جلباڻي
آفتاب عالم سومرو- علي بحر نٽو

زرينہ بلوچ جھڑيون ڏھ بيباڪ عورتون پيدا ڪيو، سنڌ جا سپ ڏک درد دور ٿي ويندا.

قمر شهباز

سنڌ جي تاريخ جي هڪ دور ۾ زرينہ بلوچ، شعلا شعلا گيت ڏئي، سنڌ جي ستل ضمير کي سڃاڻ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. تاريخ جو اهو دور سنڌ جي ايندڙ تاريخ جو صبح ٿيندو.

محمد خادم

28 - 10 - 2005

جيجي زرينہ بلوچ صاحبہ هڪ عظيم نامياري فنڪار هئي.اڇو تہ سندس نقشِ قدمن تي هلون.

راڻو خان پٽو - ڪراچي

جيجي زرينہ کي سنڌ جو سينگار ٿو سڏيان ۽ هو اسان وٽ موجود آهي ۽ سندس آواز سدائين سنڌ جو نالو روشن ڪندو رهندو.

مشتاق ميراڻي

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي انهيءَ پيڑهيءَ جي نمائنده هئي، جنهن سنڌ جي قومي حقن سان گڏوگڏ طبقاتي قرلٽ خلاف پرپور ويڑهہ وڙهي. افسوس آهي تہ جيڪا پيڑهي سنڌ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي مزاحمتي جنگ ڪئي اها موڪلائي رهي آهي. ان جي جاءِ پرڻ لاءِ نہ تياري آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي آهي. لڳي ائين ٿو تہ هڪ خال پيدا ٿي ويندو. جيجي مظلوم ماڻهن کي هميشہ ياد رهندي، يقيني طور هن جو ڪردار تاريخي آهي.

امداد قاضي

جنرل سيڪريٽري

ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان

28 - 10 - 2005

مون کي جيجيءَ جي وفات جو ٻڌي ڏاڍو صدمو رسيو، هڪ وڏو باب ختم ٿيو. هڪ تاريخ هڪ ادارو بند ٿيو.

ڈاڪٽر سڪندر علي ميمڻ

پروفيسر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

82 - 10 - 2005

اسين ماڻهون لاڙ جا، دريا جي پچاڙ جا، جيجي زرينہ بلوچ جي رحلت سنڌ لاءِ وڏو نقصان آهي، هن ڌرتي کي سجاڻپ ڏيڻ ۾ هونئن تہ گهڻن ماڻهن جو ڪردار آهي. پر زرينہ بلوچ هر حال ۾ پاڻ ملهايو. خاص طرح سان عورتن جي جاڳرتا ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. لوڪ گيت تي سندس خاص دسترڪ هئي. دعا تا ڪريون تہ الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ڏي.

محمد هاشم لغاري
سيڪريٽري حڪومت سنڌ

جيجي زرينہ سنڌي قوم جو هڪ روشن باب هئي. هڪ انقلاب جي اڳواڻ هئي. هن هر وقت ستل نوجوانن کي جاڳايو پئي.

قمر الزمان شاهہ - حيدرآباد

بالاڪوٽ جي بلند ترين علاقي ۾ جيجي زرينہ جي وفات جي خبر پئي. اسان 2005ع جي زلزلي جي متاثرين جي خدمت ۾ بٺگرام، مانسهره، بالاڪوٽ ۾ موجود هئاسين. جتي لکين ماڻهو فوت تي چڪا هئا. پر اتي جيجي زرينہ جي موت جي خبر ٻڌي زمين پيرن جي هيٺان کسڪي وئي. ائين محسوس ٿيو تہ سنڌي قوم جي مٿان وڏو زلزلو اچي ويو آهي. انهي موقعي تي حضرت مولانا فضل الرحمان امير جمعيت علماءِ اسلام خصوصي تعزيت پيغام سنڌ اماڻيو. جيجي زرينہ سنڌ جي ثقافت هئي. ڀڻ ڌرتي کانپوءِ سنڌي قوم جي امڙ هئي. جنهن جواني کان وٺي مرڻ گهڙي تائين سنڌ ۽ سنڌي قوم جي حقيقي جدوجهد ۾ وارثي وارو ڪردار ادا ڪيو. تاريخ ۾ جيجي زرينہ کي سنهري لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو. سموري سنڌي قوم کي اهو پيغام مليو آهي تہ سپ گڏجي. جيجي زرينہ جي نقشِ قدم تي هلي جدوجهد ۾ عملي ڪردار ادا ڪن. انهيءَ موقعي تي جيجي جي ور ۽ سنڌ جي حقن جي عالمي ليڊر محترم رسول بخش پليجي ۽ فرزند ايياز لطيف پليجي سان اسين ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. دعا ڪيون تا تہ الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ عاليشان مقام عطا ڪري، پوري سنڌ کي هي عظيم صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين ثم آمين.

حافظ محمد اعظم جهانگيري
ترجمان جمعيت علماءِ اسلام سنڌ

جيجي زرينہ جھڙيون انقلابي Committtedعورتون دنيا ۾ گھٽ هونديون، سنڌ ۾ سندس جھڙي هڪڙي عورت بہ اهڙي کڏهن ٿي نہ گذري آهي، پنهنجي وطن جي غربت ۽ بيوسيءَ جي ڏک خلاف جدوجهد ۽ خوبصورت رنگن ۽ پهلوئن تي فتح ڪرڻ، جيجي جي زندگي هئي، هن اسان کي سنڌ سان پيار ڪرڻ سيکاريو ۽ سنڌ لاءِ سپ ڪجھ قربان ڪري ڇڏڻ جو اتساھ ڏنو. سندس آواز ۽ عملي جدوجهد سنڌي عورت کي سجاڳ ۽ منظم ڪيو، اهي جيجيءَ جھڙيون عورتون ئي هيون، جن جي پويان پورهيت عوام جو نظريو هو، جن سنڌياڻي تحريڪ جھڙي عظيم انقلابي تنظيم جو بنياد وڌو. جيجي هميشہ اسان جي جدوجهد ۾ زنده رهندي.

مشتاق راجپر- ڪراچي
28 - 10 - 2005

جيجي زرينہ نہ رڳو پنهنجي خاندان جي بلڪ پوري سنڌ جي جيجي هئي، هن جي وچوڙي سڃيءَ سنڌ کي سچ پچ تہ لوڏي ڇڏيو آهي. هڪ سنڌي ماءُ جي شخصيت، شڪل ۽ صورت ڪيئن هئڻ گهرجي، هوءَ ان جو هوبهو عڪس هئي. دعا آهي تہ رب تعالىٰ کيس جنت ۾ جايون عطا ڪري (آمين)

بادل جمالي - ڪراچي

جيجيءَ جو وچوڙو جيءَ کي جهوريندڙ آهي، سنڌ جو امر آواز اسان جي وچ ۾ نہ رهيو، لوڪ موسيقيءَ جي زندگي جيجيءَ جي آواز سان هئي. ڏاڍي کيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق!

حيدر علي انڙ وڪيل- حيدرآباد

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ڏرتي جو آواز هئي، هڪ تحريڪ هئي، جڏهن جيجي زرينہ بلوچ جي فاني دنيا مان لڏاڻي جي خبر پئي تہ منهنجي دل ڏکي وئي، سنڌ ڏرتي هڪ سريلي آواز کان محروم ٿي وئي آهي. اسان هميشہ پارٽي وارا کيس ماءُ سمجهندا هئاسين. جڏهن تہ لاڳ مارچ جو سڏ ڏيندو هو، ڪارڪن جا پنڌ ڪري پيرن پٽون ٿي ويندا هئا. يا جڏهن حيدرآباد قافلو پهچندو هو، جيجي زرينہ بلوچ کي استيج تي ڀڏندا هئاسين. تہ اسان جا حوصلا بلند ٿي ويندا هئا.

ڊاڪٽر راڻو خان ڪنڀاڻي
عوامي تحريڪ سانگهڙ

جيجي زرين بلوچ فقط هڪ فنڪار نہ هئي پر سنڌ جو هڪ وڏي نظرياتي سپاهي به هئي. سنڌ جو عوام ڪيس گهڻو وقت ياد رکندو. آئون ڪيس خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر مسعود طارق

جيڪي منجهه جهان سوتاريءَ تڳي تنهنجي
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪا نہ
عدل چٽان آن نہ، ڦيرو ڪج فضل جو
(شاھ)

سنڌي قوم جي عظيم جيجل اڄ ڏرتي ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿي وئي. سڄي قوم کي جاڳرتا ۽ لوليون ڏيڻ واري جيجل اڄ پاڻ ڏرتيءَ هنج ۾ هلي وئي. صدين تائين، سنڌ ۽ سنڌي قوم جي دلين ۾ سندس ياد ۽ جاڳرتا سدائين قائم رهندي. الله تبارڪ تعالىٰ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. آمين

ڈاتر ڈنو ڈماڇ

ٽنڊو ڇام

جيجي زرين پوري سنڌي عوام جي جيجي هئي. جيڪا اڄ اسان وٽ موجود ناهي، پر جيجي زرين جو سدا بهار آواز هميشہ اسان وٽ رهندو. هن پنهنجي گيتن ۾ اسان لاءِ وڏي جنگ لڙي آهي. جيڪا هميشہ اسان کي اتساھ ڏيندي.

ذوالفقار برهماڻي- واهي پانڌي

وليج شاد آباد ويلفيئر آرگنائيزيشن جوهي

سنڌ ڏرتي هڪ اهڙي ماءُ سان گڏ هڪ اهڙي آواز کان بہ محروم ٿي وئي آهي، جيڪو ڏکيائين ۾، مايوسين ۾ ۽ آزمائشن ۾ همتون ڏيندو هو، حوصلا ڏيندو هو، جيجي جي وچوڑي جو ڏک اسان جي دل مان ڪڍهن بہ ختم نہ ٿو ٿي سگهجي، جڏهن بہ جيجي جي امر گيتن جو آواز اسان جي ڪنن ۾ پوندو، اسان کي سندس وچوڙو ياد اچي ويندو.

اڪبر لاشاري

صدر:وليج شاد آباد ويلفيئر آرگنائيزيشن - جوهي

جيجي زرين بلوچ جو وچوڙو صرف جسماني ٿيو آهي، پر سندس روح ۽ آواز ايستائين سدا حيات ۽ زنده رهندو، جيستائين سنڌ ۽ سنڌي قوم زنده رهندي. منهنجو ذهن هن

جي وچوڙي واري ڀالھ کي مڃي ٿو. پر دل چئي پيئي تہ جيجي زنده آهي. ۽ انهيءَ دل ۽ ذهن جي فيصلي جي ٻڌتر ۾ آهيان. دعا آهي شال جنت ۾ ڪيس جڳھ ملي.

عباس جنگراڻي

وليج شاد آباد - جوهي.

جيجي جي وچوڙي سان قومي تحريڪ جو هڪ باب بند ٿي ويو.

امر گرڙو

ريجنل ٽائمز - حيدرآباد

جيجي زرينہ جو ناگهاني موت سنڌ جي ثقافت لاءِ تمام گهٽو نقصان آهي.

ڊاڪٽر پير روشن شاھ

جيجي زرينہ بلوچ جي موت سان سنڌ جي ثقافت جو هڪڙو باب بند ٿي ويو آهي.

اڪبر اعظم شاھ راشدي

اڄ تائين ڪيترن ئي سنڌ جي عظيم شخصيتن (فنڪارن- دانشورن) جو لاڏاٽو ٿيندو رهيو آهي، جيجي زرينہ جي لاڏاڻي جو ٻڌو تہ جڙ تہ اندر ٽٽي پيو. ٻارن وانگر روئڻ لڳس.جيجي اسان جو تمام وڏو سرمايو هئي، جنهن جي جاءِ پرجڻ ممڪن ناهي.

ڊاڪٽر نور محمد ٻگهيو

22- المصطفيٰ ٽائون قاسم آباد

جيجي زرينہ بلوچ قومي رهبر هئي، سورهيہ سنڌ هئي، جنهن جي اوچتي وچوڙي تي تمام گهٽو ڏک پهتو آهي ۽ قومي هيرو سائين رسول بخش پليجي صاحب سان اسان جو تمام پراڻو واسطو رهيو آهي، سندس قيادت ۾ ڪافي وقت گڏ رهياسين ۽ اڄ بہ سندس لاءِ عزت آهي.

لطف علي خان لنڊ منون خان لنڊ -ٽنڈو الهيار

آئون جيئن 60 جي ڏهاڪي ۾ سياست ۾ آيس. تڏهن کان محترم رسول بخش پليجي صاحب ۽ سندس خاندان جو عقيدتمند آهيان، جيجي زرينہ، سميت سڄي خاندان جي تاريخ، سنڌ ۽ ان لاءِ جدوجهد جو اڻ ٽڪ سلسلو آهي، جيجي زرينہ اياز ۽ لطيف جي ڪلامن جي ذريعي سنڌ کي جاڳايو ۽ بيدار ڪيو. اها ئي sprit سندس اولاد ۾ آهي. هي قدرت جو فيصلو هو، هر ڪنهن کي هلڻو آهي، پر اهو خال

مشڪل سان پري سگهبو. آئون باري تعاليٰ جي حضور ۾ دعاگو آهيان تہ جيجي کي جنت الفردوس ۾ جڳهيون ڏي ۽ پوين کي صبر جميل عطا فرمائي.

قربان علي شاهہ- ايم اين اي

مان پنهنجي سياست جي شروعات سنڌي شاگرد تحريڪ جي پليٽ فارم تان شروع ڪئي ۽ ان حيثيت سان محترم استاد رسول بخش پليجي جي سرپرستي ۾ گهٽو ڪجهہ سکڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو. ان حوالي سان جيجي زرينہ بلوچ سان واسطو رهيو. هن جا گيت اسان جي روح کي جهنجهوڑي ڇڏيندا هيا. هو هڪ شفيق عورت هجڻ سان گڏوگڏ هڪ انقلابي عورت پڻ هئي. هن جو وڇوڙو هڪ وڏو سانحو آهي. جنهن جو پورائو ناممڪن آهي. الله جيجي جي پونئرن کي هن وڇوڙي کي برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڏي.

رڪن الدين ميراڻي

29 - 10 - 2005

جان جان هئي، جيئري، ورجي نہ وينئي.
وجي پونءِ پينئي، سڪندين کي سڃٽين.

سنڌ جيجل جي جهولي خالي ٿيندي پئي وجي ۽ اهڙين هستين جو ڪال ٿيندو پيو وجي. جن کي پنهنجو پاڻ مڃائڻ ۽ هڪ حيثيت ناهڻ ۾ پوري زندگي گذري وئي. جيجي به انهن هستين منجهان هڪ هئي. جنهن جي گذري وڃڻ سان هڪ اهڙو خال ٿي پيو. جنهن جو پرڇڻ ۾ تمام دڳهو وقت لڳندو. سنڌ جي مايہ ناز هستي اسان سيني جي محسن ۽ امڙ جيجي پوري زندگي سادگي ۽ وقار سان گذاري ۽ نسلن کي جيئڻ ۽ ڳاڻ اوچي سان هلڻ جو گس ڏئي وئي. آمرن سان ظالمن سان بربريت ۽ سفاڪيءَ سان جنگ جوٽڻ جو پيغام پنهنجي مڏر آواز ۾. جنگ جنگ تو سان جنگ آ. پير ڪر پليت پري ڏرتي منهنجو ننگ آ. جهڙا گيت بارودسان پري پوري قوم کي ڏئي مقروض ڪري ڇڏيو. سندس ڪهڙيون خوبيون بيان ڪريان. سندس معصوميت سندس وفا. بهادري ۽ ثابت قدمي سڀ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

ڊاڪٽر اصغر عباسي
وڏيرو- لاڙڪاڻو
29 - 10 - 2005

جيجي زرينہ جيڪا سنڌ جو هڪ قيمتي ورثو هئي، اڄ سنڌ پنهنجي قيمتي ورثي کان محروم ٿي وئي. جيجي جي جدائي سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ هڪ اهڙو صدمو آهي، جنهن جي خال پرڻ لاءِ شايد سوين سال لڳي وڃن. پر پوءِ بہ اهو خال ڪڏهن پرجي نہ سگهبو. اسان سنڌين کي جيجي جيڪي گيت ڏنا، انهن تي هلڻ جي رب اسان کي توفيق نصيب ڪري.

انور سومرو- دڙو

جيجي زرينہ موسيقي کي امر گيت ارپيندڙ سنڌ جي وڏي لوڪ فنڪاره هئي، جنهن جي گيتن ۾ عوامي رنگ سمايل هو. سندس وڇوڙي جيءَ کي جهنجهوڙي ڇڏيو آهي. هوءَ اسان جي سنڌي ثقافت جو سرمايو آهي، جنهن جهر جهنگ کي لوڪ گيتن سان شاداب ڪيو. زرينہ بلوچ راڄگيندڙ سان گڏ قومي جدوجهد ۾ ڏهني طور، گفتار سان، اظهار سان سنڌين جي جياپي جي جنگ وڙهڻ ۾ اڳ پري رهي. سندس موت اسان سنڌ واسين لاءِ وڏو سانحو آهي. جيجي جهڙا فنڪار، استاد ۽ ليڪڪ اسان جي دلين ۾ هميشہ ياد رهندا.

پارومل پريمي
مرڪزي چيئرمين سنڌ ثقافتي ڪميٽي
ميرپورخاص

مان هن فيملي خصوصن سندس ور محترم رسول بخش پليجي کي سن 1967 کان سڃاڻا پر هيءَ ديوي سندس (ورثي) کان ٻاهر آهي. بس ايترو ضرور چوندس تہ جيڪڏهن جيوت جو حساب ڪتاب (آخرت) لفظ جو وجود آهي تہ جنت کان سندس روح جو ڳانڌيا پو الڳ نہ هوندو. آمين

پروفيسر اقبال حسين پنهور
ڳوٺ ڪاڙو تعلقہ دادو سنڌ

جيجي جي وڇوڙي سبب پوري سنڌ اداس آهي. جيجي انهن ماڻهن مان هئي، جن جي ڪري سنڌ ڏرتي جي حقن جي حاصلات کي اتساهہ ملندو هو. سندس خال ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهندو.

اسرار چانگ خيرپورميرس

سختيون سهڻ ۽ جيل ڪاٽڻ هر هڪ جو ڪم ناهي، اسين دل جي گهرائين سان اهي سختيون سهندڙ جيجيءَ جي وڇوڙي تي غمگين آهيون ۽ سندس گهر وارن توڙي سڄي سنڌ جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

محمد جمن بگهاڻ- ڪيٽي بندر

جيجي زرينہ جي باري ۾ پهريون خيال ذهن ۾ هي تري ايندو آهي تہ اها لندن جي هڪ شام هئي، مينهن پئي پيو ۽ مان جيجي زرينہ ۽ سندس پياري ڏوهٽي سسئي پليجو سان گڏ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو بش هائوس ڏانهن پئي ويس. هڪ عجيب احساس هو، سنڌ جي ايڏي مهان شخصيت جيڪا نندي هوندي کان منهنجن جذبن جي ترجمان هئي، سا اڄ بذات خود ساڻ هئي. مون ڪوشش پئي ڪئي تہ ساڻس گڏ گڏ هلان، ڇو جو کانئس هڪ قدم اڳتي نڪرڻ مون بي ادبي پئي سمجهي. جيجي سان هلندي هلندي مون کي اهو وسري ويو تہ آءٌ پنهنجي امان سان گڏ هوس يا ان امڙ سان گڏ هوس جيڪا سڄي سنڌ جي جيجي آ. اڄ مون کي جيجي امان جي اسان جي وچ ۾ نہ هجڻ جي تڪليف تہ آهي پر ان حقيقت جي سپ کان وڌي خوشي آهي تہ جيجي سنڌ ۾ جنم ورتو ۽ آئون سندس لکن پٽن مان هڪ آهيان.

جاويد سومرو - بي بي سي

29 - 10 - 2005

جيجي زرينہ تي لکڻ لاءِ لفظن جي چونڊ تہ ڪو اديب ۽ شاعر ڪري، جيجي جو هڪ دؤر جيڪو مون نہ ڏٺو، ان جي هڪ جهلڪ اڄ جي عوامي آواز ۾ ڇپيل سندس تصوير ۾ ڏٺم. باقي جيجي کي جيئن مون ڏٺو، سندس گذريل حياتي هيمنگوي جي Old Man and Seaواري ڪردار وانگر آهي.

ايوب خاصخيلي

29 - 10 - 2005

دنيا ۾ الله تعاليٰ ماڻهوءَ کي پوءِ اهو مرد هجي يا عورت هڪ خاص مقصد لاءِ موڪليندو آهي، انهن جي هٿان ڪيترين ئي بامقصد ڳالهيون ۽ ڪم پورا ٿيندا آهن، جيجي زرينہ جي هٿان بہ آءٌ سمجهان تو تہ هن صدي جو اهم ڪم يعني موسيقي ۽ راڳ جي ذريعي قوم جي سجاڳي وارو پورو ٿيو، جيڪو انشاءَ الله ٻيا سنڌي قوم جا نوان معمار پورو ڪندا ۽ قوم پنهنجو مقصد ماڻيندي، جيجي هن دنيا مان هلي ويئي آهي،

پر سندس پيغام هميشہ جي لاءِ قائمءِ دائم رهندو. جيڪو سيني جي لاءِ مشعلِ راھ هوندو.

ڊاڪٽر فضل الله پيچوهو

ڊاڪٽر عذرا ايم اين اي نوابشاھ (پيٽ آصف زرداري)

29 - 10 - 2005

ماڻهو سپ نہ سهڻا، پکيءَ سپ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

جيجي جي وفات سان آئون ءِ سموري سنڌ اڄ چوريءَ ٿي ويئي آهي. هو اسان سيني جو ءِ سنڌ جو انمول اثاثو هئي. خدا سموري سنڌ کي سندس جدائي جو صدمو سهڻ جي توفيق عطا فرمائي (آمين)

ظفر لغاري وڪيل - ميرپورخاص

اچو تہ جيجيءَ جي ٻاريل مشعل مان مشعل جلايون.

امتياز علي پنهور - ميرپورخاص

جيجي زرينہ جي وفات نہ رڳو سنڌي لوڪ موسيقي پر سنڌي ماڻهن جي جدوجهد لاءِ ب تمام گهٽو نقصان آهي. سنڌي ماڻهن جي جدوجهد ۾ سندس مقام مٿانهون هو. سندس انقلابي گيتن ئي سنڌ جي نوجوانن ۾ جوش ءِ ولولو پيدا ڪيو. جيجي تہ هن دنيا مان موڪلائي وئي آهي پر سنڌ ءِ سنڌي ماڻهن لاءِ پنهنجن لکڻين ءِ گيتن جو وڏو سرمايو پويان ڇڏي ويئي آهي. ءِ جڏهن ب جدوجهد لاءِ سڏ ڏيندو، سندس آواز گونجي اٿندو.

عبدالخالق سومرو

صدر پ پ تعلقہ - ٺٽو

امتياز احمد قريشي

انفارميشن سيڪريٽري ضلعو - ٺٽو

جيجي زرينہ بلوچ نہ صرف هڪ فنڪار هئي، پر هوءَ هڪ جدوجهد ءِ تحريڪ هئي، سندس وچوڙو سنڌ لاءِ هڪ تمام وڏو سانحو آهي. جيجي جي موڪلائي صرف هڪ سڄي فنڪار جي نہ پر هڪ جدوجهد ءِ تحريڪ جي باب جي پڄاڻي آهي. اڄ سنڌ هڪ سڄي استاد، فنڪار ءِ قومي اڳواڻ کان محروم ٿي وئي

آهي، ۽ اهو خال شايد ئي پرجي سگهي.

انعام الله جمالي- نوابشاھ
رياض حسين جمالي - شهدادڪوٽ

رجن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوئل جي ڪوڪ
ولولو ۽ ووڪ، اي تان آهي عشق جي
(شاھ)

جيجي زرينہ سنڌ جي شعورجو نانءُ آهي. هن سڄي سنڌ سان پريت جا پير پريا هئا، اهي ٿورا ته ڪير لاهي نہ سگهندو. پر مون کي يقين آهي ته سڄي سنڌ جيجيءَجا اهي ٿورا صدين ۽ جڳن تائين ڳائيندي رهندي، جيجي اڄ اسان لاءِ سنڌ جي امرتا جو نانءُ آهي.

عبدالحفيظ قريشي
رياض حسن جمالي
29-10-2005

جيئن ميڪسم گورڪي جو ناول ماءُ انقلابي دوستن جي اتساھ جو سبب بڻيل آهي، تيئن جيجي زرينہ بلوچ جي زندگي تي بہ اهڙي قسم جو ناول لکيو وجي، ته سنڌ جي نوجوانن لاءِ مشعل راھ ثابت ٿيندو.

اشتياق انصاري

جيجي اسان سيني سنڌ واسين جي ماءُ آهي. هن نہ رڳو گيتن سان قوم جاڳائي پر هڪ سياسي ڪارڪن ٿي بہ ڪم ڪيو. 1979ع ۾ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي تي چاڙهيو پئي ويو تڏهن جيجي مادل اسڪول ۾ استاد هئي ۽ سرڪاري نوڪري ۾ هئي، پر هن ان سياسي المئي ۽ ظلم خلاف اچو برقعو پائي پاڻ لڪائي گهر گهر وڃي حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي جي گهٽيءَ گهٽي ۾ گهرگهر جو در ڪڙڪائي احتجاج جا سڏ ڏئي، ڀٽي صاحب کي ڦاسي جي خلاف حيدرآباد سيشن ڪورٽ وٽان احتجاج جو پهريون آواز سوين عورتون گڏ ڪري بلند ڪيو. ان وقت سڄي سنڌي قوم تي سڪتو طاري هو. حيدرآباد جي سيني چوڪن ۽ چوسولن تي آرمي جا هٿياربند دستا الرٽ بينل هئا. پر هن اڏول عورت ان ماحول ۾ سوين عورتون سان گڏ حيدرآباد کان احتجاج جو آغاز ڪيو ۽ ثابت ڪيو ته سنڌي قوم کا مرده قوم ناهي ۽ ان کان پوءِ سڄي سنڌ اندر باھ ٻري وئي، عوام روڊن تي نڪري نروار ٿيو ۽ پوءِ چند سالن ۾ سنڌي قوم جي سڀ کان وڏي سياسي ۽ جمهوري جدوجهد ايم آر ڊي جي83ع واري تحريڪ جنم ورتو. آءُ دعويٰ ٿو

ڪريان تہ ايم آر ڊي جي جدوجهد جو آغاز جيجي زرينہ جي هٿن سان ٿيو هو. جيجي هڪ گهڻ پاسائين شخصيت جي مالڪ هئي. ڪيس سنڌ ۾ سنڌي قوم ڪڏهن بہ وساري ڪو نہ سگهندي. سندس نالو دنيا جي عظيم عورتن ۾ شامل ڪيو ويندو،جيجي امر آهي آمر رهندي.

عبدالسلام ميمڻ - بدين

جيجي زرينہ بلوچ جون سنڌ لاءِ تمام گهڻيون خدمتون آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ جي دور ۾ جيجيءَ جا گيت شاگردن کي سنڌي هئڻ جو احساس ڏيارينديا هئا ۽ سنڌ لاءِ محبت پڻ پيدا ڪندا هئا. شال الله سائين جيجيءَ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ پونيئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

ڊاڪٽر انور محمد - ٽي ايم مورو

جيجي زرينہ سنڌ جي سجاڻپ هئي. سنڌ لاءِ هن جيڪا خدمت گيتن ۽ ڪلامن ۾ ڪئي، اها سڄي زندگي وساري نہ ٿي سگهجي. جيجي زرينہ سنڌ جي املهہ ماڻڪ ڪئي. آئون الله پاڪ جي در تي دعاگو آهيان تہ جيجل زرينہ کي جوارِ رحمت ۾ جڳهہ ڏئي

حسيني شهاب الدين شاهہ

اڳوڻو ايم. اين. اي

جيجي زرينہ بلوچ جي ڪردار جي سجاڻپ سنڌ جي نئين ثقافت يعني قومي گيتن جي سفر جي شروعات آهي. جيڪا اڄڪلهي هن وقت ميڊيا يعني ڪي ٽي اين وغيره جي صورت ۾ اڄڪلهي آئي آهي. جيجي زرينہ سنڌ ۽ سنڌي ثقافت جي ميدان ۾ اهڙي روايت وڌي جيڪا پوري تاريخ ۾ نئين روايت جي شروعات آهي. جيجي پنهنجي فن، اخلاق ۽ خدمت جي روپ ۾ امر آهي ۽ زندهہ رهندي.

قادر بخش ڈاهري

سينيئر سول جج

جيجيءَ جي وفات تي منهنجي لاءِ اها تمام وڏي سعادت آهي تہ مان انهيءَ جي ور ۽ پٽ لاءِ صبر جي دعا ڪريان. هيءَ آواز پولارن مان اچي ٿو تہ.

آيو آڏيءَ رات جو، پرينءَ جو پڙلاءُ
ڇڪڻ لڳو چنڊ جو، گهرو گهرو گهاءُ
صدين جو سوداءُ، جاڳي اٿيو جيءَ ۾.

تمام گھٹيون دعائون ۽ اميد ۽ صبح روشن جي تمنا اياز لطيف تنهنجي لاءِ خاص ڪري.

امير ابڙو

29 - 10 - 2005

جرتي قوٽو جيئن، پاڻي لڳي ٻه اڏ ٽئي
تئين پڻ آهين تون، دنيا ۾ ٻه ڏينهڙا!
شاهه

جيجي زرينہ بلوچ سان ستر جي ڏهاڪي ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي شمشير الحيدري جي ڊرامي "علاج" ۾ واقفيت ٿي، جنهن ۾ مون مين رول ادا ڪيو ۽ مرحومہ ٻه مون سان گڏ ڪم ڪيو. جيجي جي وصال وڏو خال پئدا ڪيو آهي، الله ڪندو اهو خال پرجي ويندو. ۽ جيڪو هن ڏيئو باريو آهي، سو ٻرندو رهندو.

سوڀگوار عبدالحڪيم ڪوسو

وڪيل ٽنڈوآدم

30 آڪٽوبر 2005ع

جيجي زرينہ بلوچ جي وفات جو دلي طرح صدمو رسيو آهيان. دنيا فاني آهي. هر ساهه واري کي هڪ نہ هڪ ڏينهن هلڻو آهي. پوءِ ڪو اڳي تہ ڪو پوءِ. هن ڏک جي گهڙي ۾ مان ۽ منهنجي سڄي فيملي اوهان جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. منهنجي ڏٽيءَ در دعا آهي تہ رب پاڪ جيجي زرينہ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پٺ پوين کي هن ڏک جي گهڙي ۾ صبر عطا ڪري.

ميرنادر علي ابڙو
تاج محمد ابڙو

اسان جي امان، جيجي زرينہ، سنڌ ۽ سنڌين جي هلندڙ حق پرست جدوجهد جي ثقافتي مورچي جي جنرل هئي، اسان کي سندس وچوڑي جو بي حد غم آهي. پر اسان کي پڪ آهي تہ ان مورچي ۾ اچي ڪا بي ماءُ ضرور جاءِ پريندي. اسان کي فخر آهي تہ اسان جي هيءَ ماءُ اسان جي عظيم استاد محترم رسول بخش پليجي صاحب جي سيڪاريل عظيم ۽ اعليٰ آدرشن تي مرڻ گهڙيءَ تائين ثابت قدم رهي. اسين سندس اولاد جائز طرح

سندس ثابت قدمي تي فخر ڪريون ٿا ۽ واعدو ڪريون ٿا تہ پنهنجي عظيم استاد جي سيڪاريل تعليم تي مرڻ گهڙيءَ تائين ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ثابت قدم رهنداسين.

رسول بخش بروهي وڪيل

خيرپور ناٿن شاھ دادو

جيجي زرينہ جي وڇوڙي سنڌ ڏرتيءَ ۾ هڪ خال پيدا ڪيو آهي ۽ اهو خال ڪير بہ نہ ٿو پري سگهي، جيجي سنڌ جي انهن نياڻين ۽ پينرن لاءِ هڪ برڪ جي ڇانو هئي، جيڪي پنهنجي قوم لاءِ ۽ پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪن ٿيون.جيجيءَ جهڙن امر هستين لاءِ شاھ پڻائي چوي ٿو تہ،

ماڻهو سيپ نہ سهڻا، پکي سيپ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اڇي بوءِ بهار جي

خدا تعاليٰ جيجيءَ کي پنهنجي جوار رحمت ۾ رکي، شال جنت ۾ جاءِ ڏيس. آمين

فرحين مغل- ايم پي اي سنڌ

جيجي زرينہ هڪ تمام پياري ۽ تمام ڏڻي طبيعت واري شخصيت هئي. مون کي ياد آهي اهو ڏينهن جڏهن سنڌي مهاجرن جي جهيڙي ۾ نسيم ڊيلڪس ۾ گهر ڏسڻ آئي تہ پهرين ئي ملاقات ۾ ائين لڳو جڻ سالن جي سجاڻپ هجي، پوءِ جڏهن گهر ونڊي اتي رهي تہ روڙ شام جو 4 بجي چانهہ جي ڪوپ تي گپ شپ ٿيندي هئي. ڏاڍو سٺو ٽائيم گذاريوسين. الله سائين کيس جنت ۾ جڳهہ ڏي. آمين

پروين وسطڙو

جيجي زرينہ بلوچ هڪ اهڙي شخصيت آهي جنهن لاءِ ڪجهہ سٽون لکڻ سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ جي مترادف آهي. جيجي هڪ سياسي ڪارڪن سريلي فنڪار هئي، جنهن جي آواز جا آلاپ هر وقت سماعتن ۾ گونجندا رهندا. سنڌ جي انقلابي شاعر شيخ ايياز کي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ جيجي صاحبہ جو وڏو ڪردار هو. شيخ ايياز جو وائي کي جڏهن جيجي زرينہ جو آواز مليو تہ اها امر ٿي وئي، زندگي هڪ دفعو هر ڪنهن کي ملي ٿي پر ان کي ڪا معنيٰ ڪو ڪو ئي ڏئي سگهي ٿو. جيجي زرينہ سنڌ جو آواز هئي، سچ جو آواز هئي، اسان جي دعا آهي تہ جيجي جي جاءِ خالي نہ رهجي، اهڙا ڪردار سنڌ ۾ هر دور ۾ پيدا ٿيندا رهن.

رخسانہ پريت

30-10-2005

جيجي کي متيءَ ماءُ سان ملڻ کان اڳ آخري دفعو ملياسين. اتي هر کنهن هڪ ٻئي جون آليون اکيون ڏسي پڇيو. جيجي تنهنجي ڇا ٿئي ۽ مون ڇيو بس جيجي منهنجي جيجي هئي. ان کي آءُ ڇا ٻڌايان ته جيجي اسان لاءِ اتساهه هئي. اسان جي انقلابي راهه هئي. جيجي مون سان ماڊل اسڪول ۾ گڏ هئي. مون کي پنهنجي ڏيءَ سمجهندي هئي. آءُ سمجهان ٿي جيجي منهنجي انقلابي ماءُ هئي. ۽ انقلابي ماءُ ڪڏهن ب جوڻ ناهي متائيندي.اها هر انقلاب ۾ اسان سان گڏ هوندي آهي.

ريحانہ چنڙ

جيجي زرينہ سنڌ لاءِ هڪ ورثو هئي. جيڪا سنڌ ۽ سنڌي قوم کان اڃ جدا ٿي وئي ۽ جنهن جي جدائي سان هڪ وڏو خال رهجي ويو آ. جيڪو پرڻ لاءِ سوين سال ۽ صدين جي ضرورت آهي. جيجي جا ڳايل گيت زنده آهن ۽ هميشہ زنده رهندا.

مشتاق ۽ شمس الدين ٽالپر - حيدرآباد

جيجي زرينہ مرحوم جي وڇوڙي جو ڏک هر سنڌ واسيءَ لاءِ هڪ جيترو آهي... پنهنجي ڳايل غزلن وانگر گهرو ڏک.... سندس گهر ياتين سان شيئر ڪندي دعاگو آهيان. ته الله سائين جيجي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. آمين

قاضي خضر حيات

30-10-2005

جيجي زرينہ جو وڇوڙو سنڌ دوستن لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ مرحلو آهي.

ڊاڪٽر سائين رکيو ميراڻي

اعجاز ملاح

زين انصاري

جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي سان دلي صدمو پهتو آهي. جيجي هڪ امر فنڪاره سان گڏ ۽ڪ تحريڪ هئي.

عبدالستار پالاري - ڪلو کوهر

جيجي زرينہ بلوچ جو اسان کان ڏار ٿيڻ هڪ ڏکوئيندڙ واقعو آهي. اسان پنهنجي جيجي کان ڏار ٿي ويا آهيون. جيجي مادرِ سنڌ هئي. هو اسان کي هميشہ ياد رهندي. اسان ڪڏهن ب پنهنجي جيجي کي وساري نہ سگهنداسين. هن جو سريلو آواز هند. سنڌ ۾ گونجندو رهندو.

لالا بخش حمالاڻي - ٽاٽو بولا خان

30-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ- ماءُ جيان شفقت ۽ پيار ڏيندڙ. جنهن جنريشن گئپ توڙي جديد فڪر ۽ علم جو رستو اختيار ڪيو. هن جديد شاعريءَ کي اڳيان آندو ۽ جيئن اسين سنڌ سان پيار ڪرڻ سکون. هوءَ پنهنجي مڙس جناب رسول بخش پليجي جيان هن ڌرتيءَ لاءِ سوچيندي ۽ ڳائيندي رهي. هن ڳايو "مور ٽوٽلي، چاچن جي ڪلهي، مامن جي ڪلهي...۽ هن ڳايو! جيئي سنڌ... جيئي سنڌ. هوءَ سنڌ جي لوڪ موسيقي کان وٺي لوڪ بهادري جو هڪ حسين روپ هئي، جنهن جا گيت، ڏکايل سنڌ جي اداس ماڻهن لاءِ ڪنهن لولياءَ جيان هئا، جنهن سجاڳي جي هڪ اهڙي لهر پيدا ڪئي، جيڪا ايامن تائين ستل سنڌ جي وجود ۾ حرڪت پئدا ڪندي رهندي. شال سنڌ پنهنجي خوشحال آئيندي جو ڪو حسين خواب ڏسي. ساڃيان لاءِ ڪا وڪ وڏائي ۽ جيجي جي جيون جي آس پوري ٿئي.

ڊاڪٽر سيد نور علي شاهہ -عمرڪوٽ

جيجي زرينہ اسان کان جدا ٿي وئي، اها به رضا رب جي. الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جڳهہ ڏي(آمين) مون وٽ الفاظ نہ آهن ۽ نڪو وري هن گهري صدمي جي ڪري مان اظهار ڪري سگهان ٿو. پر هوءَ اسان سڀني لاءِ هڪ ماءُ، پيڻ ۽ استاد وانگر هئي ۽ اسين سندس شفقت کان محروم ٿي ويا آهيون. الله تعاليٰ سڀني کي صبر عطا فرمائي آمين.

محسن شاهہ راشدي - ڪراچي

جيجي زرينہ اسان کا جدا ٿي وئي، پر هو پنهنجي آواز ۽ گيتن جي سرن سان سدا حسين آهي ۽ تاقيامت زنده رهندي.

رفيق الرحمان شاهاڻي- دادو

مرحومہ سنڌ جو هڪ سرمايو هئي، جيڪا اسان کان پري هلي وئي، خدا وند ڪريم کيس جنت ۾ جاءِ ڏيندو، سندس يادون سڄي سنڌ لاءِ دائم ۽ قائم رهنديون. هوءَ هڪ سڄي استاد به رهي ۽ ان جي رهبري سنڌ جي ننڍي وڏي لاءِ هڪ مثال رهندي.

عبدالغفار لاکو

رٽائرڊ وائيس پرنسپال ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي

جيجي زرينہ ادبي شخصيت استاد، سياستدان، راڳيندڙ هئي، سندس زندگي ڪنهن به تعارف جي محتاج نہ آهي، سندس باري ۾ ڪيترائي تعريفي مضمون ۽ مقالا سندس حياتيءَ ۾ بيماري دوران لکجي ۽ ڇپجي چڪا آهن. کيس ڪيترائي ايوارڊ ملیا، جنهن

۾ لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ ۽ ٻيا به ثقافتي ايوارڊ، پر منهنجي سمجهه ۾ ڪيس جيڪي به اعزاز مليا، انهن ۾ به اعزاز تمام اهم هئا. هڪ قائد انقلاب جناب رسول بخش پليجي جي گهر واريءَ جو اعزاز ۽ ٻيو جيجي جو لقب.

حاجي غلام قادر ماڪوڙاٽي

ڳوٺ پيرل ماڪوڙاٽي تعلقو ٽنڊو آدم

زرينه بلوچ سنڌ جو آواز هئي، سندس وفات ڪانپوءِ لڳي ٿو ته سنڌ جو آواز به چپ ٿي ويو آهي، جڏهن پنهنجو آواز ئي ختم ٿي وڃي ته باقي ڇا ٿو بچي. شايد ڪجهه به نه.

عبدالقادر جوٽيجو

31 - 10 - 2005

جيجي زرينه بلوچ جو وڇوڙو سڄي حياتي وڏو وڇندو رهندو، جيجي سان سڄي سنڌ محبت ڪندي هئي، هلٽو ته هر ڪنهن کي آهي، پر ڪي ڪي موت جهوري ۽ پوري وجهندا آهن. اهڙو موت جيجيءَ جو به آهي، جنهن الوڙي ڇڏيو آهي. رب سائين کين جنت ۾ جايون ڏيندو.

شهيد سومرو - ڪوٽڙي

سنڌ جي جديد قومي تحريڪ جي تاريخ زرينه بلوچ جي ذڪر ڪانسواءِ نامڪمل رهندي، ون يونٽ خلاف جدوجهد ۽ ان ڪانپوءِ لڳاتار سنڌي ماڻهن خاص ڪري نوجوانن ۾ مزاحمت جون مشعلون ٻارينڊ زرينه بلوچ کي ڪير وساري سگهندو، سندس ڳايل گيتن کان متاثر ٿيندڙن منجهان آءٌ به هڪ آهيان.

عبدالخالق جوٽيجو

جسڪر

جيجي زرينه بلوچ پوري سنڌي قوم جي ماءُ هئي، سندس موت قومي المیو آهي، سندس وڇوڙي سبب پيدا ٿيل خال صدين تائين پري نه ٿو سگهجي، جيجي پنهنجي انمول گيتن ذريعي ڌرتي سان محبت جو درس ڏنو، ڌرتي سان محبت ئي ڪيس هميشه لاءِ امر بڻائي ڇڏيو، هوءَ پنهنجي منڙي آواز ذريعي هميشه زنده رهندي، اللهتعاليٰ ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي (آمين)

ڪامريڊ لهڻو خان جمالي

چيئرمين ڪاڇو ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ فورم

جيجي صاحب جو ٻڌي ڪري خاص ڪري اسان سيني سنڌين کي وڏو ڏک رسيو آهي. اهڙي سانئڻ ڪنهن ۾ قوم ۾ صدين کانپوءِ پيدا ٿيندي آهي. جيجي جي قرب ۾ آئون خود نيشنل اسپتال ويس. جتي اسان جي نياڻي سسئي صاحب چيو ته چاچا ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو آهي. ان وقت الله ڄاڻي ته مون کي ڇا منهنجي سڳي ماءُ جهڙو گهاءُ لڳو. الله مرحوم کي جنت نصيب ڪري. اسان سنڌين جي امان جنت ۾ هجي ۽ پويان وارن کي الله صبر ڏي. آمين ثم آمين.

محمد جمن پليجو انسپيڪٽر
ميونسپل ڪميٽي - ٺٽو

جيجي زرينہ سنڌ جو سرمايو هئي. هوءَ نہ فقط هڪ قومي ۽ لوڪ فنڪاره هئي. پر ان سان گڏوگڏ هڪ بهترين. سگهڙ. باشعور عورت پڻ هئي ۽ وڏي ڳالهہ ته سنڌ جي قومپرست لڏي جي هڪ سڄي ورڪر پڻ هئي. سندس سريلو ۽ مڌر آواز دماغ کي ڏاڍو سرور بخشيندو آهي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي قومي ورڪرن لاءِ سندس قومي گيت وڏي اتساهہ جو باعث هوندا هئا. ۽ عام ماڻهن ۾ پڻ جاڳرتا پيدا ڪري قومي حقن واري جدوجهد لاءِ اڪسائيندا هئا.

ممتاز مهر- سکر
صدر. جسقم ضلع سکر
قربان احمد مگريو عرف نثار مگريو

جيجي زرينہ بلوچ جو وچوڙو يقينن سنڌي قوم لئہ ڪنهن سانحي کان گهٽ ناهي. آئون ڪيس نڪوالا واپساروف جي هينئن سڀن سان خراج تحسين پيش ڪندس.
انهي ڏک جي پيڙا جي قيمت نہ تا گهرون.
عيوضي ۾ ڪنهن اجوري شهرت جي گهرج ناهي.
نہ ئي ڪئلينڊر جي تصوير ٻڌجڻ گهرون تا.
بس. جي اسان کانپوءِ اچن. کين ايترو چئجو.
هڪ زندگي. هڪ مورت
هڪ ڪلپنا گهڙيندا رهياسين.
روشنيءَ لئہ اونداهي سان وڙهندا رهياسين.

علي ڈنو جروار
مرڪزي وائيس چيئرمين
اليڪشن ڪميٽي آل سنڌ پ ٽ الف

اسان سنڌين جو وڏو نقصان ٿيو آهي، انهيءَ لاءِ اسين سندن پونيئرن جي لاءِ دعاگو آهيون.

حاجي وارث راهو، مهيسر خان راهو

جيجي زرينہ جو وڇوڙو سنڌ جو نقصان آهي، جيجي سنڌ جو وڏو نالو هو، جنهن جو وڇوڙو سنڌ جي سڃي قوم لاءِ وڏي ۾روڏو نقصان آهي. جيجيءَ سدائين سنڌي قوم لاءِ سڃائي سان ڪم ڪيو.

پ پ اڳواڻ حسين بخش عرف بابو خان ڇچر . شهرسن

جيجي زرينہ سان منهنجي ويجهڙائپ 1980ع ۾ ٿي. مون هن کي هڪ مهربان ماءُ وانگر ڏٺو. جڏهن بہ ملندي هئي، ماءُ جي شفقت سان ٽمڙار هوندي هئي. سنڌ ۾ جيجي زرينہ لاءِ اهو چوندس تہ هن جون سنڌ واسين لاءِ ڪيل جدوجهدون، محبتون ۽ خوشيون ياد رهنديون. جيجي سنڌ هئي ۽ سنڌ جيجي هئي، مان هن جي عظمت کي سلام پيش ڪريان ٿو. هن سدائين سنڌ جي اپوجهہ ۽ غريب ماڻهن لاءِ گيت ڳايا. منهنجي الله سائين کان دعا آهي تہ کيس غريقِ رحمت ڪري. جيجي جهڙيون املهہ شخصيتون ورلي بلڪ صدين ۾ پيدا ٿيندیون آهن.

ڈاڪٽر بدر چنا- او ايس ڊي سنڌ حڪومت

جوائنٽ سيڪريٽري پي ايم ايل سنڌ

اسان جي ننڍڙي لاڏلي پيٽ زرينہ بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي تمام اعليٰ لوڪ فنڪاره ئي نہ بلڪ، ٿي وي پرفارمنس جي حساب سان بہ پاڻ کي "دنگي منجهہ درياهہ" ۾ 97 ملڪن جي بهترين ايڪٽريس ثابت ڪري ڏيکاريو. مون هن کي 1966ع ڈاري لا ڪاليج جي هڪ محفل ۾ سنگيت جي پروگرام ۾ڏٺو. هوءَ بهادر ۽ سهڻي عورت هئي، جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جام محبت پيئي سنڌ ۽ شيخ ايار جا شعر پڙهي مون کي تہ هميشہ لاءِ پنهنجو مداح بڻائي ڇڏيوهو. پوءِ ريڊيو پاڪستان تي ۽ پوءِ پاڪستان ٽيليويزن تي اسين گڏجي ڊراما ڪرڻ لڳاسين. ادي زرينہ لاءِ منهنجا ڊراما بنهہ چئلينج هئا، هڪ روپ بهروپ، ٻالي شاهي ۽ دنگي منجهہ درياهہ. جنهن ۾ غزالا رفيق جهڙي تمام وڏي آرٽسٽ جي مقابلي ۾ ڪم ڪرڻ، ٻاليشاهيءَ ۾ منهنجو ئي گيت "اترڙو ٿو لڳي" ۽ ٻاليشاهڻ جي پرفارمنس نہ فقط پي ٽي وي بلڪ ٽيليويزن جي دنيا جي حيرت انگيز پرفارمنس هئي. ۽ پوءِ "دنگي منجهہ درياهہ" ۾ تہ جرمن ججن، سندس باري ۾ رمارڪس ڏنا. زرينہ بلوچ اداڪار يا گائڪا کان سواءِ ڇا تہ عوامي عورت هئي، سنڌڻ عورت، پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڏوئڻ واري، پرت پرڻ واري، مادل هاءِ اسڪول جي استاد،

هتي گوئٽي جي لفظن ۾ هن لاءِ ائين چوندس ته

If thefleeting hours remain so fair tho art remain then you bind with me

your fatal chains

علي بابا

5-11-2005

موت برحق آهي، هر نفس کي موت جو پيالو پيئڻو آهي، پر هر باضمير باشعور ماڻهو کي جيڪو ڪردار پنهنجي ٻولي، ڪلچر۽ ڌرتي لاءِ ادا ڪرڻ گهرجي، اهو ڪردار زرينہ بلوچ صاحبہ ادا ڪري ڇڪي، جيسين سنڌ ۽ سنڌي ٻولي زنده رهندي، زرينہ بلوچ زنده رهندي. سائين جي ايم سيد جي آخري لفظن جيان ته "سنڌ جي پارت اٿو." زرينہ بلوچ صاحبہ جي آخري اپيل جيان ته سنڌ لاءِڪجهہ ڪيو!. هر باضمير سنڌ واسي جي ضمير کي جنجهوڙيندي رهندي.

اختر رند

5-11-2005

اڄ اسان جي سنڌ جي سماج ۾ محترمہ زرينہ بلوچ نہ آهي، هوءَ سڀني کان موڪلائي راهہ رباني وئي آهي، هوءَ نہ فقط ڊرامہ، موسيقي/ خاص ڪري لوڪ موسيقيءَ جي فنڪاره هئي، پر سنڌ تي ساهہ صدقو ڪندڙ معتقدن مان بہ هڪ هئي، جيسين سنڌس جو فن زنده آهي، هوءَ ماڻهن جي خيال ۽ دلين ۾ زنده رهندي، دعا آهي، خدا تعالي ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ پونئرن کي صبر عطا ڪري. آمين

عبدالڪريم بلوچ

5-11-2005

جيجي سنڌي موسيقي جي دنيا ۾ تمام وڏو نالو آهي، مون جيجي سان گڏ هارمونيم تي سنگت بہ ڪئي آهي. جيجي قومي گيتن جي ڳائڻ جي حوالي سان اسان لاءِ راهہ هموار ڪئي هئي، انهي قافلي ۾ جيجي اسان جي سروان هئي، جنهن جو خال پرڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

استاد سوڊو جوڳي

جيجي زرينہ بلوچ مٺان شال الله سائين جا لک لک ڪرم هجن ۽ کين ڏٺي جنت الفردوس جي مٺانهين جاءِ تي رکي. آمين

عبدالرسول نظاماڻي- ٽنڊو ڇام

ٻي خبر ناهي پر مرڻ کانپوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون. الله تعاليٰ شال جيجي کي جنت الفردوس نصيب فرمائي.

احمد الدين نظاماڻي

6-11-2005

جيجي زرينہ هر فيلڊ ۾ مستقل مزاجي ۽ صبر سان ڪم ڪيو. گيتن جي حوالي سان سنڌ توڙي هند ۾ هن جي منفرد جاءِ آهي. پاڻ حليم ۽ باڃهاري طبيعت جي مالڪ هئي. الله کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ جاءِ ڏي. آمين

سائين بخش خاصخيلي - ٽنڈو سومرو

زرينہ بلوچ پنهنجي شخصيت ۽ ذاتي قرباني کان علاوہ پليجي صاحب جي گهر واري، ڊاڪٽر اسلم، اختر بلوچ ۽ ايياز لطيف جي والده جي شڪل ۾ پنهنجي وت وس ۽ حصي کان وڌيڪ بار کلهن تي کنيو. زرينہ بلوچ حقيقي انداز ۾ هڪ شخصيت نہ پر اهم ادارو هئي. ۽ ادارا شخصي ۽ جسماني وجود کان علاوہ بہ حيثيت رکن ٿا. قومن ۽ قبيلن لاءِ ادارا وڏي حيثيت ۽ ڪردار ادا ڪن ٿا. زرينہ بلوچ هڪ جڏادار ۽ پائدار ادارو هئي ۽ ان شڪل ۾ زنده رهندي. ضروري آهي تہ ان اداري مان ماڻهو سکن ۽ پرائين. زرينہ بلوچ جي حقيقي ياد. ۽ ڪيس خراج تحسين ان شڪل ۾ ملندو تہ هي ادارو وڌ کان وڌ پوئلڳ پيدا ڪري.

تمام الدين نظاماڻي

منهنجي استاد، منهنجي ليڊر جي شريڪ حيات جيجي زرينہ جيڪا ان پيڙا جي دور ۾ گذ رهي ۽ ان مٽان حڪم هلائڻ بدران پارٽي ڪارڪن جيان ڊسيپلين ۾ رهي، جنهن ڪري کيس سلام پيش ڪريان ٿو ۽ دعا ڪريان ٿو تہ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا ٿئي.

مظهر اڃڻ -شڪارپور

سنڌي غيرتمند قوم پرست رهنما جي شريڪ حيات، منهنجي دل واري دوست، پاڻ، جيڪو جان گهري تہ بہ ڪيبائجي نہ، ايياز لطيف صاحب جيڪو منهنجو ڪلاس ميٽ بہ رهيو آهي، جي والده، هن سنڌ ۽ سنڌي قوم جيجي ۽ سچ پچ تہ منهنجي بہ جيجي، هئي. ها جيجي زرينہ جي وڇوڙي جو ڏک مون کي ايياز وانگر دل ۾ آهي. دعا آهي تہ

خدا جيجي کي سدا خوش رکي، هن جي مغفرت فرمائي ۽ هن جي شريڪ حيات پليجي صاحب ۽ اياز صاحب ۽ ان جي پويان سندس خاندان کي صبر ۽ صدمي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ۽ خدا هن قوم جي "جيجي" کي جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين.

امتياز پرڳڙي- ٽنڈو باگو

6 - 11 - 2005

مون کي پاڻ ۾ پتو ناهي ته آئون ثقافتي طور ڪيترو روايتي ۽ ڪيترو غير روايتي آهيان. پر ان خيال کان پاڻ کي بهتر نه ته سمجهان ته جيجي کي جيئري پچي ۾ نه سگهيس ۽ موت تي ترت پهچي ۾ نه سگهيس. سبب ڪهڙا ۾ هجن پر پنهنجن سان ائين نه ڪرڻ گهرجي. ان ۾ خطا تي پر ايمان جي ڳالهه آهي ته مون جيجي کي بيماري کان وٺي وساريو بلڪل ڪو نه. "اندر روح رهيام سڃڻ اوطاقون ڪري"، جيجي انقلابي قافلي جي عورتاڻي ست مان سرواڻ هئي. انقلابي هجڻ جا سڀ ڍنگ منجهس هئا. هو واقعي پنهنجي ماروئڙن جي جيجي هئي.

رشيد راجڙ

7 - 11 - 2005

جديد، خودمختيار سنڌ وطن ۽ جديد سنڌي قوم جي اڏاوت هڪ خواب آهي. پر ان خواب جي ساڀيان لاءِ جدوجهد هڪ حقيقت ۽ ان حقيقت جو روشن ستارو جيجي زرينہ! قومي گيت جدوجهد لاءِ ۽ لوڪ گيت خوشيءَ جي اظهار لاءِ ضروري آهن ۽ زرينہ بلوچ انهن ٻنهي پاسن تي پاڻ ملهايو. ڪيس لڪ سلام.

ارشاد گلاباڻي (صحافي)

جيجي زرينہ سنڌ جي ثقافت جي علامت هئي. سنڌ جي فن ۽ موسقي لاءِ سندن خدمتون تاحيات ياد رهنديون. سندن وچوڙو سڃي سنڌ لاءِ اڻ وسرندڙ واقعو آهي. رب سائين کين جنت نصيب ڪري ۽ سندس خاندان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

قلي بخش رند

چيف سيڪريٽري، بلوچستان

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جو آواز هئي. سندس فن ۽ موسيقي لاءِ ڪيل خدمتون هميشہ ياد رهنديون. جيجي زرينہ هڪ تحريڪ هئي، جيڪا سنڌ جي تاريخ ۾ ياد رهندي. ڏٽي در دعا آهي ته الله کيس جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سندس خاندان کي صبر جي طاقت ڏئي. آمين.

ڊاڪٽر انور علي شاهہ

12 - 11 - 2005

جيجي زرينہ بلوچ هڪ عظيم عورت هئي، جنهن جو ڪڏهن بہ خال پرجي نہ ٿو سگهجي، جيجيءَ جي وچوڙي تي مون کي ڏک پهتو آهي، الله سائين عزوجل کان دعا آهي تہ پنهنجي پياري محبوب نبي حضرت محمد صلي الله عليہ والہ وسلم جي صدقي جيجي کي جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين

عبدالوحيد پليجو

سيناڙجا- ضلعوخيرپورميرس

13-11-2005

مون کي دلي ڏک ٿيو آهي مرحوم جي وفات تي، مرحوم سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي، الله کيس جنت ۾ جاءِ ڏي. محترم رسول بخش پليجي سان هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ شريڪ آهيان، خدا ڪري پليجو صاحب پنهنجي پروگرام کي اڳتي هلائڻ ۾ ڪامياب رهي.

مخدوم محمد امين فهيم

عظيم ڏرتي جي عظيم ماءُ

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي هر هڪ فرد جي ماءُ هئي، جيجي سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي، ان جي لاءِ اسان جيڪي ڪجهہ چئون اهو گهٽ آهي، جيجي صرف ايئر لطيف ۽ اسلم جي ماءُ نہ، پر اسان جي ماءُ هئي، هوءَ عظيم عورت ۽ عظيم ماءُ هئي.

عبدالحڪيم درس- نصرپور

محترم جناب رسول بخش پليجو صاحب

السلام عليڪم- جيئي سنڌ

آءتوهان وٽ آيس، جيجي زرينہ جي تعزيت لاءِ پر اوهان ڪراچي ويل هئا، توهان جو پنهنجو

طارق پٽي -سکر

6-12-2005

جيجي زرينہ بلوچ سڄي سنڌ کي سوگوار ڪري وئي، سندس گيت اڄ بہ ڪنن ۾ پرن پيا، سندس وفات هڪ عظيم سانحو ليکيو ويندي، جيجي زرينہ جي لاڏاڻي جي خير سڃاڻ ماڻهن کي جيڪو ڏڇڪو پهچايو آهي ان جو اثر گهٽو وقت هلندو، شال پليجو صاحب ان صدمي کي برداشت ڪري ۽ ڏٽي کيس بہ صحت عطا ڪري ۽ جيجي زرينہ کي جنت نصيب ڪري، آمين.

خالد چانڊيو- لاڑڪاڻو

09-12-2005

جيجي زرينہ اسان جي ماءُ مثال هئي، جيڪا اسان کان فقط Physicallyپري هلي وئي آهي. باقي ماءُ ڪنهن بہ فرد کان وسري نہ ٿي سگهي. هوءِ امر هئي. آهي ۽ رهندي. ڇو تہ هن جا بول هوائن ۾ پيا گونجندا پيا گونجندا.

پنهل قادري

پنجو ديرو ضلع لاڑڪاڻو.

18 - 12 - 2005

آ مرڻو، هر ڪنهن ماڻهوءَ کي
پر ائين نہ مرنداسين سائي،
ڪو ٻارڻ ٻاري ويندا سين،
ڪا آڳ لڳائي ويندا سين.

جيجي زرينہ جو مرتيو سنڌ جو وڏو سانحو آهي. جيجي آخر تائين موت کان نہ ڊني. آخر تائين سنڌ سان ڪيل وچن تي ثابت قدم رهي. سنڌ لاءِ بيقرار رهي. هن سدائين سنڌ جي سورن جي ڳالهہ ڪئي. سندس آواز ۽ گيت جيستائين سنڌ قائم ۽ دائم آهي. سنڌ واسين جي ڪنن ۾ گونجندا رهندا. شل سيئي سنڌ جا مرد ۽ عورتون جيجي جهڙو حوصلو رکن. تہ جيئن سنڌ جا سيئي ڏک سور جلدي ختم ٿي وڃن.

ابراهيم سارنگ- سکر

18 - 12 - 2005

وڇڙو تہ هر ڪنهن کي هوندو آهي پر اهو مرڻ جيڪو ڪجهہ ڪري پوءِ وڃي. اها ڪا ڳالهہ ئي ٻي آهي. مان 42 سالن کان زرينہ بلوچ جي جدوجهد کي پرکيندو آيس. جڏهن جشنِ روح رهاڻ ۾ ڪيس قومي گيت

جيئي سنڌ، جيئي سنڌ
جام محبت پيئي سنڌ

ڳائيندي ٻڌم تہ ائين لڳو جڻ سنڌ اندران ئي اندران جاڳندي هجي. زرينہ بلوچ کي سنڌ ڪڏهن نہ وسارينديءَ. پر ڪيس ياد رکڻ لاءِ سنڌ جي جياپي لاءِ پاڻ اربيون تہ سندس، صحيح نموني ياد زنده رهندي.

پير مظهر الحق - دادو

27 - 12 - 2005

جيجي! سنڌ جي جيجي، وڪڙ هارا جو روپ هئي، جنهن سنڌ جي سُرکي انقلابي رخ ڏنو، مون سنڌ ۾ اهڙو ڪو ڪردار نہ ڏنو، جنهن سنڌ جي روح جي اهڙي طرح سرن سان، سوز سان آبياري ڪئي هجي...جيجي سنڌ ۾ آرٽ جو خاص Symbolهئي، جيڪا باعمل بہ هئي، هن سنڌ کي ڳاتو. سنڌ کي عمل سان پاتو. هوءَ اسان جي انقلابي پنڌ جي اها مسافر هئي، جنهن کي مون سنڌ جي هر March ۾ اڳئين دستي ۾ ڏٺو.

حفيظ ڪنير

26-10-2005

جيجي زرينہ سنڌ مٽان باجهہ جو چانورو هئي. اڄ سنڌ مٽان شفيق ماءُ جو چانورو هٿي ويو آهي. جيجي وري صدين پڇاڻان پيدا ٿيندي، سنڌ هڪ ماءُ کان محروم ٿي وئي. سنڌ سوگوار آهي، هڪ اهڙي ماءُ جيڪا نہ رڳو ايياز لطيف سان پيار ڪندي هئي پر پوري سنڌ جي سمورن سنڌ واسين سان پيار ڪندي هئي، جيجي جو پيار اڻ کٽ ۽ لازوال هو.

دلشاد پٽو

مرڪزي جنرل سيڪريٽري

سنڌ نيشنل پارٽي

مون کي افسوس آهي تہ سنڌ جا فنڪار ۽ سنڌ جا سياستدان جيجي زرينہ کي نہ بچائي سگهيا.

سجاد يوسف

جيجي جي لقب سان سنڌ طرفان نوازيل جيجي زرينہ سنڌ، سنڌي ماڻهن ۾ انسانيت سان پيار ڪيو، ان جي مرتبي ۾ مان لاءِ جاکوڙ ڪئي، ولولو ۽ جوش، جذبو، ٻڌي، اتساهہ، بي باکي ۽ بهادري پيدا ڪرڻ لاءِ وسان نہ گهٽايو، سنڌ جي ڪوئل ٽيجهر جهنگ، وستي واهڻ ۾ جاڳرتا ۽ همت پيدا ڪئي، اهڙن ئي جشنن، فنڪشنس ۽ پروگرامن وسيلي ڪيس موٽ ملي، سندس قدر ٿيو، پاڻ دنيا جي خوشنصيب انسانن، جن تاريخ سنواري انهن مان هڪ هئي. هوءَ سنڌ جي تاريخ جو هڪ نرالو ۽ انوکو ڪردار هئي. سندس وڇوڙي سنڌي ماڻهن لاءِ اجتماعي خال جو احساس ڏياريو آهي. اسان سڀ سندس خاندان سان هن غم ۾ ڏک جي گهڙيءَ ۾ گڏ آهيون. هوءَ سنڌ جي ڄائي ۽ نوجوان نسل جي جيجي آهي ۽ رهندي ڏٺي، اسان کي بہ سندس راهہ تي هلڻ

جي شال توفيق ڏئي، مون کي سڄ پڄ ته وٽانئس شفقت ملي جيڪا اڄ وسرندڙ آهي.

ڏاڏا سليمان ڏاهري

جيجي کي جديد دور ۾ سندس آمر انقلابي ڪردار سبب هميشہ ياد رکيو ويندو. سندس سڄي زندگي سن جي قافلي ۾ روح پريندي گذري آهي. اسان هن ڏکئي گهڙي محترم رسول بخش پليجي ۽ سندس پٽن، اسلم بلوچ ۽ ايياز لطيف ۽ سنڌ جي سڀني گهٽگهرن سان گڏ دک ۾ شريڪ آهيون.

ڊاڪٽر دودو مهيري

جيجي زرينہ پنهنجي انقلابي گيتن وسيلي سنڌي عام ماڻهوءَ، هاري، مزدور کي پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ پنهنجو نالو سنڌ جي تاريخ جي سونهري باب ۾ روشن ڪيو. ڪيس اسان خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا. الله ڪيس جوارِ رحمت ۾ رکي.

سردار محمد لقمان رکاني

جيجي زرينہ سنڌ جي اها خوشبوءِ ۽ بيحد عزت واري عورت ۽ سورمي هئي، جنهن تي سنڌ ۽ ڌرتي جي مٽي کي فخر رهندو. الله ڪيس جنت الفردوس نصيب ڪري.

ان الله و انا الله راجعون

ڊاڪٽر حسين بخش ڪولاچي

ڳوٺ سڌار سنگت ڳوناڻي عورت تنظيم

ٻانهن ٻيلي ٽنڊو ڪولاچي ضلع ميرپورخاص

ادي زرينہ، جنهن کي جڳ جيجي زرينہ چوي ٿو. سا اسان لاءِ ماءُ، پيڻ ۽ هڪ ساڻي جيان هئي، پنهنجي ٻارن لاءِ ته هوءَ سڀ ڪجهہ هئي، ماءُ، نانيءَ ته دوست ٻ! هن سنڌ کي 70-1965ع ڌاري ننڍ مان جهنجهوڙيو ۽ جڏهن سنڌ کي جنجهوڙڻ لاءِ ان وقت رڳو اسٽيبلشمينٽ، رڳو وڏيرڪي ۽ ملان سسٽم سان وڙهڻو ڪو نہ ٿي پيو، پر پنهنجي عزيزن، قريبن، وڏڙن جي سوچ ۽ رسمن سان منهن اٽڪائڻو ٿي پيو.وک وک تي ڪفر ۽ هندستان پرستيءَ جو الزام ٿي لڳو. سنڌڙي، تنهنجو نانءُ ڳڏو ڇڻ ڪاريهر تي پير پيو. ون يونٽ خلاف ڳالهائڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حق ۾ ڳالهائڻ معنيٰ بيڪار جون ڳالهيون! پر ان وقت،

هڪ هلو او ڏير هلو وو

پنڌ پري، او ڪير ڪري وو
واٽ اواٽي، ڏيل ڏري وو
پوءِ بہ پرين جو پنڌ پلو هو
هڙڪ هلو او ڏيڙ هلو....

جيجي زرينہ پنهنجي جواني قومي جاڳرتا کي ارپي سنڌ کي نند مان جاڳائڻ جا جيڪي جتن ڪيا، پوءِ انهيءَ سڄي پنڌ ۾ واٽ تي گل ڦٽا، گونج نڪتا، سرهاڻ ٿي. سنڌي ماڻهو، لطيف، ايياز، گدائي، تنوير، سرويچ، منشي، مجيدي ۽ استاد بخاري جي للڪارن جي، پهچ ڏني. ون يونٽ ٽٽو، سنڌي ٻولي بحال ٿي، ووٽر لسٽون سنڌيءُ ۾ ڇپيون، سنڌ جي زمينن جا عام نيلام بند ٿيا. اهي هٿا مقصد جنهن لاءِ ادي زرينہ رات ۾ ڏينهن سنڌ جي يونيورسٽين، ادبي ڪانفرنس ۽ جلسن ۾ ڀائي ماڻهن ۾ جوت جاڳائي، هوءَ سورهيہ سنڌياڻي هئي. رڳو ايترو نہ پر هڪ سڃاڻ ليکڪا ۽ شاعره بہ هئي ۽ نہ رڳو ايترو پر اسان جي ٻارن جي ڏاڪن، بہ هئي. اڄ هوءَ اسان کي ويڳاڻو ڪري وئي آهي.

غلام قادر پليجو
26-10-2005

صبح سوير زال سان گڏ بس اسٽاپ تي ٻيٺو هوس، تہ هڪ سڃاڻو مليو، جنهن پڇيو تہ پاڻي ٺيڪ ڪونهي ڇا؟ چيم تہ ٺيڪ آ. پر جيجي زرينہ بلوچ وفات ڪري وئي آهي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهيون تہ چوڻ لڳو جنازي ۾ شرڪت لاءِ زال حيدرآباد وٺي پيو وڃي، ٿورو رنج محسوس ٿيو، پر ڪيس چيم تہ ڪا گٽل مائٽياٽي مري ٿي تہ سمورو لڏو لاهيو وڃيو وهيو پئون، باقي جيجي زرينہ لاءِ زال نہ وٺي وڃان. شهيد فاضل جو نالو تہ گهڻن ٻارن تي رکيو ويو آهي، پر فاضل راهو پيدا ٿي نہ سگهيو آهي ۽ نہ سندس خال پرجي سگهيو آهي، بيشڪ محترم رسول بخش پليجي سڄ چيو هو تہ فاضل سنڌي ماڻهن جي ڳچيءَ ۾ پيل سونو هار آهي، جيڪو لهي وڃڻ ڪانپوءِ وري سنڌي ماڻهن جي ڳچيءَ ۾ پئجي نہ سگهيو آهي. زرينہ نالا بہ گهڻين چوڪري تي رکيا ويندا، پر جيجي زرينہ بلوچ وري پيدا نہ ٿي سگهندي ۽ نہ وري سندس خال پرجي سگهندو.

ايوب انڙ
عوامي تحريڪ ۽ نمائنده جنگ

جيجي زرينہ رڳو ايا لطيف ۽ سسئيءَ جي جيجي نہ هئي، هوءَ تہ مون سميت سموري سنڌ جي جيجي هئي، اڄ هوءَ اسان کان موکلائي وئي آهي پر اهو ويساهہ آهي، تہ سندس امر آواز، سنڌ ديش ۾ جڳن تائين پيو گونجندو.

زبير سومرو

26-10-2005

جيجي زرينہ اسان جي هڪ استاد ۽ هڪ بهترين ماءُ اسان کان جسماني طور تہ جدا ٿي ويئي آهي، پر هڪ آرٽسٽ ۽ سنڌ جي سرير وانگر امر ۽ زنده رهندي.

ڊاڪٽر منير پرڳڙي

توڙي جو هاڻ جيجي اسان جي وچ ۾ جسماني طرح نہ رهي آهي، پر وحدت الوجود جي تقاضا موجب اسان سان گڏ روحاني طرح حيات آهي ۽ حيات رهندي، جنهن جون سنڌ واسين لاءِ کيل اٽڪل محنتون کڌهن بہ وطن واسي وساري نہ سگهندا. يونيورسٽي سنڌ ۾ توٽي اچان تائين "ٽڙي پوندا گل" گيت کٽي نہ بہ گونجندو هجي پر سن جي هر وستي هر ڳوٺ ۽ هر واهڻ ۾ امن جا گيت رهندا، نہ فقط رهندا، پر گونجندا. مون کي ياد آهي ملکاڻي شريف جي گهٽين ۾ پوڙهي ناني اچان بہ جيجي زرينہ کي سڪ ۽ اکير سان ياد کندي رهندي آهي.

ذاکر قائم لغاري

ملکاڻي شريف - بدين

ضياءَ آمر جي بربريت جو دور هيو، ان وقت ۾ جمهوري جدوجهد شروع ڪري، ماڻ ڪک ۾ عوامي تحريڪ چُرو هٽي. ماڻهن مان خوف ختم ڪرڻ واري جدوجهد شروع ڪئي. انهن ڏينهن (جدوجهد دوران) گرفتارين ڏيڻ جي سلسلي ۾ اولڊ ڪئمپس ٻاهران هڪ ڪنڊ وٺيو عوامي تحريڪ جو ڪارڪن ٽيو آءُ بہ بينو هيس تہ اوچتو هڪ پوڙهي مائي پراٽو ڦاتل اڇو برقعو پائي منهنجي پاسي ۾ اچي بيني ۽ مون کان پڇيائين، ابا يونيورسٽي جي بس ڪٽي بيهندي آهي. مون ٻڌايومانس تہ اتي ئي ايندي، پر مون سڃاتو ڪو نہ. مڙئي عام فقيرياڻي سمجهي جواب ڏنم. آهستگيءَ سان ئي چيائين ابا، ڪو نہ سڃاتئي، پوءِ نالو وٺي چيائين تہ پوليس ڪيمپس ۾ وئي آهي متان هڙتال تي ويهڻ کان اڳ ئي همراهہ ٻڌجي وڃن. هڪدم کين اطلاع ڏي. آواز سڃاڻي آءُ ڊوڙندو ويس. ٽاپڙيس، پر مقرره کيل جاءِ تي پهچي سنگت کي اطلاع ڪيم. دشمنن جي گهيري ۾ اچڻ کان اڳ ئي اسان گرفتاري ڏيندڙ ڪارڪن

اتان نڪري ويا ۽ اسان جو اهو گرفتاري ڏيڻ واري هڙتال وسيلي عمل، پنهنجي مقصد ماڻي منزل تي پهتو. اها پوڙهي هئي اسان جي ماسي زرينہ جيڪا جدوجهد دوران ڪئين روپ ڪري بہ اڃي رهنمائي ڪندي هئي.

شاه بيگ سنڌي

عوامي تحريڪ جو ڪارڪن

26-10-2005

جيجي زرينہ بہ آخر اسان کي ڇڏي وڃي رب کي پرتي. پنهنجو فرض سڻو نيائي وئي. جيجي سان سنڌ واسين وانگر مون کي بہ جذباتي لڳاءُ رهيو. مون کانئس روحاني حظ سندس جوانيءَ کان 1966 پرايو. هڪ دفعي ساڻس گڏ لاڙڪاڻي کان ڄامشوري تائين ريل ۾ هڪ بوگيءَ ۾ آمهون سامهون بہ سفر ڪيو.

هيلو ڪو وري آ..

اسين ماڻهو لاڙ جا..

متان ڏرو ڏاڍ کان...

سندس آواز منهنجي ذهن ۾ اڪثر گونجندا آهن. جڏهن بہ جتي بہ ياد ايندي سندس مغفرت لاءِ دعا گهرندس. الله ڪيس جنت ۾ جايون ڏيندو ۽ وري ساڻس رب ميڙا فرمائيندو.

پروفيسر انجنيئر محمد صالح شيخ

26-10-2005

ڏرتي ماءُ لئہ جهيڙيندڙن جي يادگيري ڪجي ٿي، تہ عملي طرح انهن جو هڪ وڏو سلسلو هلندڙ آهي. جنهن ۾ جان جون قربانيون، ڦاسي گهاٽ، جيل ڪوڙا ۽ قيد ملن ٿا ۽ ان سموري جدوجهد ۾ وري اتساهہ بخشيندڙ جيجي زرينہ جي شفقت ۽ انقلابي ساز و آواز کي جيڪڏهن مائينس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اتساهہ جي اها سموري تاريخ ڏڦلاجي ويندي. مان سمجهان ٿو تہ اسان جهڙن سياسي ڪارڪنن لئہ جيجي جو آواز جلا بخشيندڙ هو ۽ اها ڪوٽ شايد آخري فتح تائين بہ نہ پرجي سگهي.

ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ

جنرل سيڪريٽري سنڌ ترقي پسند پارٽي

The departure of Jeji Zarina is a great loss to Sindh at a time when the soil cries for protection. our Jeji will be missed for long

by the brave children of Sindh. May God rest her in peace.

Mumtaz Bhutto

Chairman Sindh National Front

جيجي، امڙ جيان هئي. ماءُ جي رخصت ٿيڻ تي ڇا لکي سگهجي ٿو؟ مُولاءِ کل جل شانہ! کيس جنت ۾ جايون ڏيندو. آمين

محمود مغل

26-10-2005

جيجي نہ صرف پاڻ پر اسان سڀني قومي ورکرن ۾ مسلسل جدوجهد، سنڌ پرستي، پنهنجي پاڻ کي سنڌ لاءِ وقف ڪرڻ، سنڌ خاطر جيئڻ ۽ سنڌ خاطر مرڻ جو سبق سيکاريو. اسان کي اج ب اهي ڏينهن ياد آهن، جڏهن قومي ورکر جي حيثيت ۾ جلسن ۾ ويندا هئاسين، ۽ جيجي زرينہ جا قومي انقلابي گيت ٻڌي هڪ نئون جذبو ۽ جوش سنڌ جو آڇپو، آزادي ۽ ماروئڙن جي خوشحالي وڌيڪ ويجهي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. جيجي جو اسان کان وڇوڙو ائين آهي، جيئن اسان کان هڪ سنڌ الڳ ٿي هجي.

امير پنيرو

چيئرمين سنڌ نيشنل پارٽي

جيجي زرينہ سنڌ جي اها غيرتمند ڌيءَ هئي، جنهن هميشہ سنڌين جي آزادي، خودمختياري ۽ انهن جي لاءِ ئي شاعري، توڙي گيتن ڳائڻ ذريعي انهن کي پنهنجي حقن لاءِ اتساهيو. ان عظيم شخصيت لاءِ مون وٽ اهڙا لفظ ناهن، جو هن تاثراتي ٻڪ تي لکان. جيجي ۾ پوري سنڌ سمايل هئي.

اشرف نوناري

پريس ترجمان سنڌ نيشنل پارٽي

جيجي زرينہ سنڌ جي اها سورمي هئي، جنهن زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي ديس جي ماڻهن جي درد کي پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪيو. جيجيءَ هڪ شفيق ماءُ سان گڏ سنڌ جو هڪ بهادر ڪردار آهي. جا نہ صرف پنهنجن گيتن وسيلي پر عملي طرح ب هر جدوجهد ۾ اڳيري رهي. شل ڏٺي سائين سندس پونئيرن ۾ ب اهو ساڳيو جذبو زنده رکي.

امير بخش عمراڻي

26-10-2005

جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا

جيجي زرينہ بلوچ مون کي تہ هميشہ اولاد وانگر پيار ڏنو. کوڙ سارا ڊراما ريڊيو تان گڏ ڪياسين. منهنجا گيت بہ ريڊيو تان خوشيءَ وچان ٻڌايائين. گذريل ڏينهن اوچتو خبر مليم تہ جيجل امڙ هن فاني دنيا مان موڪلائي وئي. يقين آهي تہ هي ايازجي رڳو امڙ نہ پر اسان جي بہ امڙ هئي. پوري سنڌ جي امان هئي. پوري سنڌ جي جيجي هئي . اڄ جڏهن مون ريڊيو تان شيخ ايازجو ڪلام هلائيندي چيو اچو تہ جيجي زرينہ بلوچ جي سداحيات آواز ۾ شيخ ايازجا ٻول ٻڌون تہ ان وقت بہ لڙڪ لڙي آيا. دعاڳو آهيون. الله سائين جيجل امڙ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا ڪري آمين

ذوالفقار علي هيسباڻي

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد

26-10-2005

پنهنجي سڄي زندگي کي سنڌ جي حقن لاءِ وقف ڪندڙ. جيجي زرينہ آخر تائين سنڌ لاءِ جيئن جو تيئن وڙهندي رهي. مخالفن جي جلسن ۾ مخالفت ۾ ڪيل تقريرن جي باوجود شرڪت ڪندي رهي ۽ کو بہ تاثر مخالفت ۾ پيدا ٿيڻ نہ ڏنائين.

جاويد حسين لغاري - تاجپور

سڀني باوقار ۽ يادگار حيثيتن مان جيجي زرينہ جي. هڪ قومي سورمي واري عظيم حيثيت. سدائين ايندڙ نسلن لاءِ اتساهہ ۽ اعزاز جو باعث رهندي.

نفيس احمد شيخ

26-10-2005

محترمہ جيجي زرينہ بلوچ نہ رڳو سنڌ جي مان ۽ رتبي کي بلند ڪيو پر سنڌي ٻولي، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي‌ماڻهن کي پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ سڌو ۽ صحيح رستو ڏيکاريو. سندن آخري ڏينهن ۾ مون کي ڪافي وقت مليو. ساڻن ڳالهائڻ جو ۽ کين ٻڌڻ جو. يقينن کي اهڙا ماڻهو هوندا آهن جن تي قوم کي هميشہ فخر رهندو ۽ جيجي انهن مان هئي. جيجي، سنڌ جي دل ۾ هيمشہ زنده رهندي.

جميل الزمان

26 آڪٽوبر 2005

جيجي زرينہ بلوچ عورتن ۾ پهريون آواز هئي، جنهن آواز ۽ فن سان عام ماڻهن ۾ سجاڳي ۽ گيت ڳايا. سنڌياڻي تحريڪ جي بهادر عورت هئي. جيئي انسان جيئي انسان ۽ جهان کي ڏيو مبارڪون. اسين پيا ڪاهيندا اچون. سندس نعرو هيو. سندس جدوجهد ۽ فن جو پورائو ڪو نہ ٿي سگهندو .

محمد دائود ڏاهري

ايس ايم ٽي سانگهڙ

جيجي زرينہ بلوچ هڪ سچي انقلابي عورت هئي، جنهن زندگيءَ جي آخري لمحي تائين همت نہ هاري. جيجيءَ جي آواز ۾ هڪ جادو هو. جيجيءَ سان منهنجي ملاقات ڪجهہ مهينا اڳ ايياز صاحب جي گهر جي دروازي وٽ ٿي هئي. ان وقت جيجي مون کان منهنجي گهر جا حال پڇيا هئا. ان وقت مون کي ائين لڳو هو تہ جڻ جيجي زرينہ منهنجي سڳي ماءُ هجي. جيجي هڪ عظيم انسان هئي.

رميش پاٽيہ

26-10-2005

جيجي زرينہ جي وفات جو ٻڌم تہ هڪدم قومي تحريڪ جو اهو جذبن، جوش ۽ ولولي سان پريل دور ياد آيو. جڏهن عوامي تحريڪ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي هڪ ٻئي سامهون هئڻ ۽ مخالفانہ مورچا سنياڻڻ کانپوءِ، جيجي زرينہ جا ڳايل قومي گيت ٻنهي پاسي ٻڌا ويندا هئا، هوءَ سنڌ جي قومي فنڪاره هئي. ان جو موت اسان لاءِ ايياز جيان ڏکوئيندڙ آهي. جيترو ايياز لطيف کي ڏک پهتو آهي، اوترو ئي ڏک اسان کي بہ آهي.

ناز

26-10-2005

جيجي زرينہ جي وفات جو ٻڌي گهڻو ڏک رسيو جيجي زرينہ سنڌ جي سچاڻپ هئي ۽ سنڌ جي عزت هئي. جيجي پنهنجي فن ۾ جيڪو مقام ۽ عزت حاصل ڪئي مان ائين چوندس تہ اها الله پاڪ جي ڪيس خصوصي عطا هئي. سڄي سنڌ ويران نظر اچي ٿي. اهڙا ماڻهو مشڪل سان پيدا ٿيندا آهن. الله تبارڪ و تعالي کان دعا آهي تہ مرحومہ کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام نصيب فرمائي ۽ پونيئرن کي صبر جميل عطا فرمائي

مولانا تاج محمد ناهيون

سيڪريٽري جميعت علماءِ اسلام (ف) صوبہ سنڌ

مولوي شير احمد جمالي حيدرآباد

جا پونءَ پيرين مون، سا پون مٿي سڃڻين
ڏگ لٽيا ڏوڙ ۾، اُپي ڏناسون
ڏينهن مڙوئي ڏون، اٿي لوڃ لطيف ڄئي.
(شاھ)

جيجي زرينہ بلوچ سنڌي قوم لاءِ هڪ املھ سرمايو هئي، جنهن جي وچوڑي کانپوءِ، سنڌ سندس قد بت واري شخصيت کان محروم ٿي وئي آهي. ايازءِ سندس پوئتي ڇڏيل سمورن سوڳوارن سان هن ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهيان.

عزيز گوپانگ

26-10-2005

جيجي زرينہ سنڌ جو آواز هئي، هڪ سريلو ءِ منرو آواز. جيتوڻيڪ هوءَ هاڻ هن دنيا ۾ نہ آهي، پر مون کي يقين آهي تہ سندس انقلابي ءِ لوڪ گيت جيستائين هيءَ دنيا قائم آهي، سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ گونجندا رهندا. افسوس تہ انهيءَ ڳالھ جو آهي جو جيجي جي ڪا بہ Replacment نہ آهي. اهڙي طرح اسان جي سنڌ اهڙن هيرن موتين کان وانجهي ٿيندي پئي وڃي. مون کي هن دکدائڪ موت تي محترم رسول بخش پليجي صاحب ءِ منهنجي پياري دوست ايازلطيف پليجي سان دلي همدردي آهي. مان سمجهان ٿو ءِ منهنجو ايمان آهي تہ هن وقت محترم رسول بخش پليجي جهڙو دانشور، هڏ ڏوکي ءِ سنڌ جو آواز ءِ حقن جي جدوجهد ۾ پاڻ پتوڙيندڙ سنڌ ۾ ڪو بہ ڪو نہ آهي، هو سنڌ جو آواز آهي. منهنجي ڏٺي در دعا آهي تہ هو وڏي ڄمار ماڻي ءِ اهڙي طرح پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪندو رهي ءِ پياري دوست ايازلطيف ۾ اميد آهي تہ هو اڳتي هلي سنڌ جو آواز بڻبو ءِ سنڌ جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

نذير ڪمال ميمڻ

26-10-2005

جيجي زرينہ جو وچوڙو رڳو سندس خاندان لاءِ نہ، پر سڃي سنڌ لاءِ ڏک جي لهر ڇڏي ويو آهي پر خاص ڪري سنڌ جو درد رکندڙ ماڻهو ڪيس وساري نہ سگهندا. جيجي نہ رڳو فني حساب سان سنڌ جو ڪيس وڙهيو پر هر ڏکي وقت ۾ سندس قربانيون هميشہ ياد رهنديون. الله ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي.

ڪمال چانگ ايڊووڪيٽ

26-10-2005

اڄ سڄي سنڌي قوم پنهنجي عظيم جيجي زرينہ بلوچ جي پرلوڪ پڌاري وڃڻ تي رنج ۽ ڏک ۾ مبتلا آهي. جيجي جي وفات سنڌ لاءِ وڏو سانحو ۽ درد آهي. جيجي سنڌ آهي، جيجي ماتر پومي آهي، جيجي تاحيات ياد رهندي، هن قوم کي حوصلو ۽ همت ڏني. کيس صدين تائين نڻو وساري سگهجي.

ڊالو مل موتي لوهاڻو

حيدرآباد

26-10-2005

سدا ملوڪ آواز جي مالڪ اسان کان وڇڙي وئي، پر هن جو آواز سدا امر رهندو. مون کي اهو اعزاز آهي تہ سن 1996ع ۾ منهنجو ۽ جيجي زرينہ جو هڪ گڏيل ڊيوٽ آڊيو سُر سامونڊي مان منهنجو ڪمپوز ڪيل ٽڙ تہ نهاريان ٿي، گڏجي رڪارڊ ڪيوسين. انهيءَ رڪارڊنگ دوران مونکي محسوس ٿيو تہ جيجي زرينہ بلوچ اندران هڪ درويش روح آهي. انهيءَ جو ثبوت جيجي زرينہ کي نزول قرآن واري پاڪ مهيني ۾ حضرت علي عليہ سلام جن جي شهادت وارو ڏينهن 21 روزو نصيب ٿيو. جيجي زرينہ ايندڙ نسلن تائين آواز جي صورت ۾ موجود رهندي.

دعاگو استاد امير علي

چيئرمين سنڌ راڳي فنڪار ويلفيئر ايسوسيئشن حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ جو انتقال هڪ حادثو آهي ۽ سنڌ واسي سندس مڌر آواز، قومي جذبي ۽ شفقت پريي رويي کان محروم ٿي ويا آهن. سندس وجود اسان لاءِ وڏي آڇ هيو. سندس ڪلام ۽ سندس آواز ورهين تائين سنڌين جي قومپرست جذبن جي ترجماني پئي ڪئي. الله مرهيات کي جنت ۾ جايون ڏيندو. هن پرئي موقعي تي مان رسول بخش، ايار لطيف ۽ غلام قادر پليجي سان شريڪ آهيان. الله کين هن وڏي نقصان برداشت ڪرڻ جي همت ڏيندو.

حسين شاهہ راشدي

ايڊووڪيٽ ۽ اڳوڻو سينيٽر

26-10-2005

جيجل منهنجي جيجي اها جيجي آهي، جنهن مون جهڙي حقير شاعر جي شاعري ريڊيو پاڪستان تي ڳائي مون کي اهو اعزاز بہ بخشيو، جو اها شاعري اڄ بہ هن جي

آواز ۾ ڳايل آل انڊيا ريڊيو هر هر پارت مان نشر ڪري ٿو. دعا آهي ته رب پاڪ ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا ڪري- آمين

امين ارباب

ٻي خبر ناهي، پر مرڻ ڪانپوءِ
تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون!
(ايار)

جيجي زرينہ بلوچ، نہ رڳو ايار لطيف جي جيجي هئي، پر اسان سڀني جي جيجي هئي. قومي حوالي سان هوءَ اسان سڀني سان پٽن جهڙو پيار ڪندي هئي، پيار ۾ ڇو نہ ڪري، هن لاءِ هر سنڌي، پٽ وانگر هو. ۽ هوءَ پنهنجن سمورن ٻچن تي ساهہ ڏيندي هئي. قومي تحريڪ جو ڪهڙو بہ مورچو هجي، ڪهڙو بہ محاذ هجي، ڪهڙي بہ ڏر هجي، هوءَ سڀني جي غير متنازعہ جيجي هئي، قومي ڪارڪنن جي جيجي هئي، شاگردن جي جيجي هئي، استادن جي جيجي هئي، نياڻين جي جيجي هئي، اديبن جي جيجي هئي، آءُ نہ ٿو سمجهان، ڪو سنڌ ۾ ڀائو اهڙو نہ هوندو، جو ڪيس جيجي نہ چوندو هجي. اسان جيجيءَ جي قومي گيتن جي سرن وسيلي قومي شعور حاصل ڪيو. ايار جي گيتن ۾ ساهہ جيجيءَ وڏو ۽ اهي گيت قومي تحريڪ جا ترانا بڻجي پيا. هوءَ نہ رڳو سنڌ جي قومي تحريڪ جي علامت هئي، بلوچن جي قومي تحريڪ جو آواز هئي، پر مظلوم قوم جي هلچل جو اُهجاڻ هئي. جيجيءَ جي آواز کي صدين تائين دوام حاصل ٿي چڪو آهي، مستقبل جون صديون هن قومي آواز کان محروم رهجي ويون، اسان هڪ لحاظ کان سپاڻا آهيون، جو جيجيءَ جي دور ۾ پيدا ٿياسون، جيجيءَ جي دور ۾ جياسون ۽ جيجيءَ جي دور ۾ وکون وڌايوسين، پر اسان نپاڻا ۽ نڏڪا بہ آهيون، جو جيجيءَ جي شفقت جو هٿ اسان جي مٿي تان کڄي ويو آهي، اسين ڇورا ڇنا ٿي ويا آهيون. سنڌ کي پنهنجيءَ هن عظيم نياڻيءَ تي ناز رهندو، فخر رهندو، جيجي سنڌ جي تاريخ آهي ۽ تاريخ کي وسارڻ ڏوهہ آهي. جيجي کڏهن بہ نہ وسرندي، اسان جي ساهن ۾ سمايل رهندي.

تاج جويو

جيجي زرينہ جي وفات تي نہ صرف اسان پر سڄي سنڌ ڏکويل آهي، پر مون سان سندن تعلق هڪ آرٽسٽ، ڏاهي ۽ اتساهہ ڏيندڙ بزرگي وارو رهيو آهي. ساٺس جيڪي ملاقاتون

رهيون. ٽي وي جي حوالي سان يا ٽي وي کان ٻاهر دوست جي حوالي سان ۽ ڪي ٻ گهڙيون منهنجي لاءِ وسارڻ جوڳيون ناهين. خدا شال ڪيس جوارِ رحمت ۾ جڳهه ڏئي ۽ سندس پونيئرن خاص طور اسان جي دوست ايار لطيف کي صبر و جميل عطا فرمائي.

آغا رفيق

ادي زرينہ جو وصال سڄيءَ سنڌ لاءِ الميو آهي.

ڇڏيو خاڪ کائي مٽن مٽو
اڃان خاڪ جو پيٽ پرجي نٿو

حاجي عبدالله شاهه - بدين

جيجي زرينہ بلوچ جي وفات هڪ قومي الميو آهي. جيجي خود سنڌ هئي ۽ وفات کانپوءِ سندس منهن مبارڪ جي زيارت ڪرائي وئي. جيڪو عمل صرف ويجهن عزيزن لاءِ هوندو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ جيجي سڀني ماڻهن جي ويجهي عزيز هئي. الله سائين ڪيس جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏئي. رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ وفات ۽ خاص طرح حضرت علي سائين جي شهادت واري ڏهاڙي تي ۽ اهو يقينن مغرفت ۽ بخشش جو سبب ٿيندو. آمين

ڊاڪٽر عابد ٿهيم - حيدرآباد

جيجي زرينہ پنهنجي سڄي حياتي سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري. نوجوانن کي قومي گيتن جي ذريعي سمجهايو ۽ سڌائين قوم جي لاءِ آخر تائين گيت ڳائيندي رهي. جيجي زرينہ جيڪو سنڌ ۾ خال پيدا ڪري ويئي آهي سو پرڻ مشڪل آهي. رب پاڪ ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پونيئرن کي صبر ۽ تحمل جي توفيق عطا فرمائي.

ڊاڪٽر مدن لال، بي تاجواڻي
ٽنڊوالهيار - سنڌ

منهنجي صحافتي ڪيريئر ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو تمام وڏو ڪردار رهيو آهي. جيئن ئي مون صحافت ۾ قدم رکيو. پهرين اسائنمينٽ مون کي جيجي جي انٽرويو جي ملي. پوءِ سوال، شام، تعمير سنڌ ۽ ويندي ڪاوش اخبار جوائن ڪرڻ تائين. ڪنهن هڪ ماڻهو جا مون ايترا انٽرويو ڪيا آهن تہ اها صرف جيجي زرينہ آهي. هوءَ مون کي ايار لطيف جهڙو پٽ سمجهندي هئي. منهنجي هر سڀ صحافتي ڪم ڪرڻ

تي فون ڪري راءِ ڏيندي هئي، آخري پيرو جڏهن مون ميڊم قمر واحد جو ڪاوش لاءِ انٽرويو ڪيو. تڏهن طبيعت ٺيڪ نه هئي، پوءِ به مون کي فون ڪري شاباس ڏنائين. جيجيءَ سان ڪيترائي رشتا هئا. رسول بخش پليجي جي زال، منهنجي جگري يار اياز لطيف پليجو جي ماءُ، سسئي جي ناني هُئڻ سان گڏ منهنجي به ماءُ هئي، اڄ جڏهن سندس لاڏاڻي جون خبرون ٻاهي رهيو آهيان تہ اعتبار ئي نٿو اچي تہ ڪو سنڌ جي جيجي جدا ٿي وئي آهي.

دودو چانڊيو

سينيئر سب ايڊيٽر روزاني ڪاوش حيدرآباد

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي مثالي ڪردار جي ڪري هميشہ زنده رهندي. راڳي سدا حيات آهي. هو مري نہ ٿو سگهي، هيمشہ زنده رهندو. تاريخ هميشہ زنده دل، زنده ضمير ماڻهن ٺاهي آهي. جيجي به اهڙي ئي هڪڙي تاريخ سازهستي هئي.

امين خاناڻي جت

ملڪ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي جيجي، سنڌ جي ڪوئل سنڌ جي امِ ڪلثوم بظاهر جسماني موت مري وئي، پر هو زنده جاودان آهي ۽ هميشہ تا قيامت سنڌ ۽ سنڌ واسين جي دلين ۾ زنده رهندي.

حسن وساڻ سانگهڙ

I am shocked to know the death of great legend.She was also my teacher in Model School Hyderabad.She was realy a great Lady in all respects.

Abdul Rehman Shaikh

Qasimabad

سنڌ جي ام ڪلثوم، جيجي زرينہ بلوچ، جيڪا سنڌ جي عوام کي پنهنجي آواز ۽ سر سان جيڪو سڪون ٿي ڏنو اهو هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو آهي، جيجي زرينہ سنڌ جي عوام جي دلين ۾ هميشہ زنده رهندي. منهنجي دعا آهي، الله هن کي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جڳهہ ڏيئي ۽ پونيئرن کي صبر عطا ڪري آمين

عبدالحليم

27-10-2005

سنڌ جي امڙ جيجي، جيستائين سنڌ جيئري آهي، اوهان بہ امر آهيو. امر رهندوءَ. سنڌ ۽ جيجي هميشہ امر رهندا.

انور بلوچ

27-10-2005

روح کي پنهنجي منطقي انجام تي پهچڻو آهي پر دنيا ۾ ڪجهہ هستيون انساني زندگين تي اڻ مِٽ نقش جوڙيندیون آهن، جيجي زرينہ بلوچ جن زندگي جي گهٽن رُخن سان سنڌ واسين جي متان گهرا نقش چڏيا آهن، جيڪي وساري نٿا سگهجن، رڳو آءٌ ئي نہ پر سنڌ واسي جيجي زرينہ بلوچ جي ڪاوشن ۽ ڪوششن کي جيڪي هن سنڌي ٻولي ۽ ان جي بقا لاءِ ڪيون، ڪڏهن وساري نہ سگهندا.

قادر پٽو - سکر

سنڌ ۾ سڃاڻ ڏهن رکڻ واري سلڇٽي عورت جنهن پنهنجي زندگي جي شروعات استاد جي حيثيت سان ڪئي، هن پنهنجو دائرو وسيع ڪرڻ لاءِ ادب ۽ فن سان لاڳاپو رکيو ۽ وڏندي وڏندي فنڪاره، ڪهاڻيڪار ۽ ٽي وي اداڪاره ٿي، پنهنجو نالو سڃي سنڌ ۾ مشهور ڪري مثال قائم ڪيائين. ايتري قدر جو جنهن فن سان واسطو رکندي ڪنهن بہ عورت کي اهو اعزاز نہ مليو، جيڪو هن کي جيجي زرينہ جو مليو، اهو ايڏو وڏو رتبو آهي، جنهن جي پئماش نہ ٿي ڪري سگهجي. اسان جي لاءِ هڪ وڏي مان ۽ مرتبي واري عورت هئي، سندس جون سنڌ لاءِ خدمتون نہ وسارڻ جوڳيون آهن.

نور محمد ڏاهري

شاهپورچاڪر- سانگهڙ

قومن جي آڇپي، بقا لاءِ پاڻ اربي جدوجهد ڪندڙ انسان تاريخ ۾ سدائين زنده رهندا آهن. جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي سوچ عمل، ڪردار ۽ فن سان ان عظيم آدرش لاءِ سڃي ڄمار جاکوڙي پاڻ امر بنائي وئي. هوءَ ڪڏهن بہ نہ مرندي، سندس ڪردار اسان سمورن سنڌ واسين لاءِ خاص سنڌ جي آڇپي وقار، تاريخي حيثيت جي بحالي ۽ سنڌ تي مسڪينن جي راڄ لاءِ جدوجهد ڪندڙ مڙني ماڻهن لاءِ اتساهہ ۽ جذبات جاڳائڻ جو ذريعو رهندو. امڙ جيجي زرينہ بلوچ کي منهنجو سلام

مظفر ڪلهوڙو

رابطا سيڪريٽري سنڌ ترقي پسند پارٽي

اڄ جيجيءَ جي وڇوڙي جو ٻڌي ائين محسوس ٿيو تہ جيئن سنڌ جي امڙ جو وڇوڙو ٿيو هجي.

ممتاز اڇڻ

جيجي اسان کي ماءُ مثل هئي. اها ماءُ جنهن جي منهن تي اسان ڪڏهن به ڪاوڙ نہ ڏٺي، فقط پيار ۽ شفقت ڏٺي.

سيد زوار نقوي

سنڌ جي تاريخ جو سر موڙ ڪردار جيڪو سنڌ ڌرتي تي روشن مينار جي حيثيت رکندو هو. هوءَ اڄ اسان ۾ نہ آهي پر هو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ اسان سان هيمشہ هميشہ گڏ هوندي. هو آسمان تي چمڪندڙ ڪنهن چوڏهينءَ جي چنڊ وانگ‌جرڪندي رهندي. هن جو مڌر آواز هن جا ڳايل گيت، هن جون لکيل ڪهاڻيون، اسان جي ذهنن کي پنهنجي لفظن جي صورت ۾ معطر ڪنديون رهنديون. هن جي شخصيت اسان لاءِ مشعلِ راهہ آهي. اسان اياز پليجي‌سان ۽ محترم رسول بخش پليجي‌سان گڏ جتي سڃي سنڌ سوگوار آهي،اتي اسين انهن سان گڏ آهيون. انهي دعا سان، تہ الله سائين جيجي جي مڙهہ مبارڪ کي جوارِ رحمت عطا فرمائي- آمين.

قاسم عادل لغاري

جوائنٽ سيڪريٽري سنڌ ادبي سنگت شاخ سانگهڙ

عالم لغاري، مشتاق لغاري ۽ عزيز لغاري

27-10-2005

جيجي جي وفات جو ٻڌڻ ڪانپوءِ عجيب ڪيفيت ۾ رهيس، هڪ دم هڪ هفتو اڳ ملاقات ۾ سندس ٺهڪڙا، ڳالهيون، لنڊن ۽ آمريڪا جون ساروٽيون ۽ سنڌ لاءِ پارتون ياد اچي ويون. جيجي پنهنجي ذات ۾ پاڻ هڪ انجمن هئي، سياسي ورڪر کان وٺي سنڌ جي نوجوانن جي دلين کي جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ واري جيجي ٿيڻ تائين سندس سنڌ لاءِ محبت ۽ جاکوڙ ڪيس هميشہ لاءِ جيئرو ڪري ڇڏيو آهي. جيجي جي سنڌ سان عشق مون کي ۽ جيجي ۽ هزارن ٻين کي هڪ ئي ڏاڳي ۾ پوئي ڇڏيو آ. جيجي هميشہ زندهہ رهندي

ڊاڪٽر صفدر سرڪي

سيڪريٽري جنرل جيئي سنڌ قومي محاذ

27-10-2005

جيجي جي شخصيت جي باري ۾ جيڪو ڪجھ ب لکجي سو گھٽ آھي پر آئون سندس وفات جي موقعي تي اھو ضرور لکندس تہ جڏ منھنجي سڳي ماءُ ھن دنيا مان لاڏاٽو ڪري وئي آھي.

غلام مصطفيٰ پاتولي

27-10-2005

She was noncontrovercial. Sindhi people love Jeeji Zarina with-hearts. God shall give her soul peace.

Rasool Bux Thebo

Vice Chairman

Jeay Sindh Mahaz

27-10-2005

Jeeji gives the ideas. We love Jeji and her messages infuture we believe that for the changes and revolution in Sindhi people her messages will be remembered for practical work for the changes.

Ghulam Ali Jokio

27-10-2005

جيجي زرينہ نہ صرف سنڌي لوڪ گيتن ۽ سنڌ جي راڻي ھئي، پر اسان جي خوشين جي راڻي ھئي، سندس سھرا ۽ گيت اسان جي شادين ۽ خوشين ۾ وڌيڪ خوشيون پريندا ھئا. سنڌ ھڪ عظيم امان کان محروم ٿي وئي، جيجي جي شخصيت سموري سنڌ لاءِ غير تقراري ھئي خدا کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ اسان کي سندس ھر گھڙي يادگيري جي توفيق عطا فرمائي. آمين

غلام قادر چانڊيو ايم پي اي نوابشاھ

علي نواز چانڊيو

راشد علي چانڊيو

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين

ھتي اچي محسوس ٿئي ٿو تہ جڏ سڄي سنڌ جي امڙ گزاري وئي آھي. آءٌ ساٽس سياسي طرح ب وابستہ رھيو آھيان. پاڻ ورلڊ سنڌي ڪانگريس سنڌ جي خزانچي ھئي

جڏهن ته آءٌ سنڌ جو آرگنائيزر آهيان. جيجي جي وڃڻ کان پوءِ آءٌ پاڻ کي يتيم محسوس ڪري رهيو آهيان. جيجي نہ رڳو سنڌ بلڪ هند ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي امڙ هئي. اڄ مون کي اندیا مان وينا شرنگي، ڪرشن راهي ۽ ٻين کوڙ سارن دوستن پنهنجي پاران تڏي تي وڃي تعزيت ڪرڻ لاءِ چيو آهي. دعا آهي ته ته جيجي جي گهرپاتين کي رب صبر جي توفيق عطا فرمائي ۽ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ نصيب ڪري. آمين

عبدالله جيسر
وڪيل
منظور علي جيسر
آ رگنائيزر ورلڊ سنڌي ڪانگريس

مرحومہ جي خودداري ۽ ڪمٽمينٽ ڏرتي واسين سان، ٻئي خوبيون تعريف جوڳيون آهن، جيڪي ورلي ڪن ماڻهن ۾ لين ٿيون. خاص طور ڪنهن عورت ۾.

سريش راجاڻو
- وڪيل

آءٌ تمام گهڻي ڏک جو اظهار ڪيان ٿو ۽توهان سان شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو آهيان.

ڊاڪٽر حاجي خان ٽالپر
شهدادپور
27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ اسان جو عظيم قومي سرمايو ۽ شاهڪار هئي، جن لاءِ لطيف سائين چيو آهي ته:"ڪوڙين ڪن سلام اچيو آسڻ تن جي"

خاڪي جويو
27-10-2005

وڃڙيا ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو،
اُس چمڪي ته اجهامي ويا،
مينهن وساڻن جهڙا ماڻهو!

رسول بخش پليجي سان زرينہ بلوچ جي فاتحہ ڪيم. اڄ پليجو، زرينہ کان سواءِ آهي، اهو سوچي هڪ عجيب ڪيفيت ٿي وڃي ٿي، بلڪ اسين سڀ زرينہ کان سواءِ آهيون! پر ڇا هوءَ اسان کان سڀ پڇ ۽ وڃڙي ڇڪي آهي؟ مان نٿو مڃان! جيستائين هن جا گيت، هن جا سُر اسان سان آهن، هوءَ اسان سان گڏ آهي، ڪالهہ جڏهن سندس جنازي سان مقام ڏانهن وڃي رهيا هئاسين، تڏهن ۽ ايڏي چپ چپات هوندي ۽ سندس گيت

منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا هئا. زرينہ ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. هوءَ بنا ڪنهن شڪ جي سنڌ جي سورمي آهي. KTN تان جڏهن اسان اسپتال مان هن جو ڏنل انٽرويو پئي ٻڌو، تڏهن ٻہ هن سنڌ جي ڳالهہ پئي‌ڪئي. ٻڌيءَ جي ڳالهہ پئي ڪئي، ايڪي جي ڳالهہ پئي ڪئي. ڇا اسان هن جي اها ڳالهہ ٻڌي؟ اهو ئي هڪ بنيادي سوال آهي. سنڌ جي صورتحال ٻہ اسان کي اهو ئي چئي ٿي. جيڪو زرينہ مختصر لفظن ۾ اسان کي چيو آهي. زرينہ سان اسان جا ذاتي لاڳاپا ٻہ رهيا. ان دور جا جيڪي ٻہ قومي ڪارڪن هئا، تن هڪٻئي کي پانئيو، هڪ ٻئي کي مانُ ڏنو. جيڪو اڄ ٻہ آهي ۽ سياڻي ٻہ رهندو. ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويندو! منهنجي لاءِ اها فخر جي ڳالهہ پڻ آهي تہ زرينہ منهنجي گيتن کي ڳايو.

وقت گذري نٿو
چنڊ نڪري نٿو
يار وسري نٿو
هل تہ ڪنهن مٽڪدي ۾ هلون.

امداد حسيني

27-10-2005

Mohtarma Zareena Baloch was a legendary artist of PTV, other artists used to imitate her, may God bless her soul and give courage to her family.

Shahid Iqbal Pasha

PTV

پليجي رسول بخش سان منهنجو پائپيءَ وارو رشتو آهي. سندس سڄو خاندان مون کي ٻہ پنهنجي گهر پاتيءَ جهڙو درجو ۽ مان ڏيندو رهيو آهي. زرينہ ادي مون کي پيار مان شمسو پائي چوندي هئي. ۽ رسول بخش ٻہ انهيءَ ڪري مون کي انهيءَ نالي سان سڏيندو آهي. زرينہ سڄيءَ سنڌ جي جيجي هئي. تنهن ڪري آئون ٻہ سندس وفات کي پنهنجيءَ جيجيءَ جو وڇوڙو ڪري ٿو سمجهان. هوءَ هڪ استاد هڪ قومي ڪارڪن، هڪ قومي فنڪاره، هڪ صداڪاره، اداڪاره ۽ ڪيترين ئي صفتن سان گڏ، دل ۾ مامتا ڏارينڊ هستي هئي. هي جيجي زرينہ جو ئي نہ سڄيءَ سنڌ جو گڏيل موت آهي، ۽ آءٌ سندس مرتئي تي پونئيرن سان گڏ پنهنجي پاڙ سان ٻہ تعزيت پيو ڪريان.

شمشير الحيدري

قاسم آباد، حيدرآباد سنڌ

27-10-2005

هميشہ سپ ڪنهن کي جيجي زرينہ امڙ جهڙو قرب ڏيندي هئي. جيجي تمام شفيق ماءُ جيان محسوس ٿي. انهي جنون سان جيجي زرينا جي زندگي لاءِ دعائن جو ثمر ڪٽي جام شوري کان پيادو ڪراچي لياقت اسپتال پهتس پر افسوس ملي نہ سگهيس. پر منهنجي دعائن ۾ اثر نہ رهيو. مان اياز لطيف ۽ سائنڊ سسئي پليجو سان سوڳوار آهيان. سنڌ سڄي سوڳوار آهي.

فقير ساقي عالم ابڙو

سنڌ يونيورسٽي شهباز قلندر

26-10-2005

تعلق کو نہ سمجھو جاودنی،
یہ آئینہ ہوا سے ٹوٹتا ہے۔

جيجي زرينہ جو وصال اچرج ۾ وجهڻ جهڙي ڳالهہ ناهي جو مرڻ هڪ فطري عمل آهي. آءٌ حيران آهيان جيجيءَ جي آخري ساهن ۾ سنڌ لاءِ موجود درد ۽ سنڌين لاءِ محبت واري ولوڙ تي. هوءَ آخري گهڙي تائين سنڌ جي پارت ڪندي رهي. جيڪڏهن هو ڪا روائتي سياستدان هجي ها تہ هڪ روائتي باقيات ڇڏي وڃي ها پر هوءَ تہ هڪ اهڙي آرٽسٽ هئي. سنڌ جي اهڙي راڻي هئي جنهن پويان سنڌ جو درد، گيت، آزادي ۽ محبتن جا انبار ڇڏيا آهن. اڄ جڏهن صبح جو اخبار ۾ خبر پڙهي جيجي جي تصوير تي نظر پئي تہ هڪ دم پنهنجي منڍي ماءٌ کي فون ڪري چيم تہ امان، مائرن جو وڇوڙو درد ئي درد آهي.

ذوالفقارهاليپوٽو

26-10-2005

ها جڏهن ۽ جتي ديس جي دنگ تي ڪا جونڪي جونجي،
مون کي منهنجي قبر مان بہ کوڪي نجو منهنجو نالو لکو.

جيجي زرينہ جو وڇوڙو ائين ڇڻ تہ سنڌي موسيقي يتيم ٿي وئي آهي. جيجي جي ڪيل جدوجهد جي واٽ تي اسان کي هلڻ ڪپي جيجي جون قربانيون هميشہ ياد رهنديون. اسان جيجي جي قول تي عمل ڪنداسين.

روشن برهماڻي - ڄامشورو

22-10-2005

مرحوم سان 1960ع کان ريڊيو پاڪستان جي حوالي سان واسطو هئو تمام گهٽو عرصو گهرجي پاتين وانگر گڏ گذاريوسين. زرينہ بلوچ انسانيت جي واسطي سان تمام عظيم هئي. حد کان وڌيڪ هر ڪنهن سان همدردي ڪندڙ ۽ نيڪ نيت خاتون هئي. نظرياتي معاملن ۾ بہ بلڪل ڪليل ۽ چٽو موقف رکندي هئي. موسيقي يا شاعري جي لحاظ کان سندس انتخاب بين اکثر فنڪارن کان مختلف هوندو هو.

الهہ بخش شاهہ بخاري

22-10-2005

جيجيءَ جي وفات سڄي ۽ سنڌي عوام لاءِ هڪ تمام وڏو صدمو آهي.

وقار احمد پرڳڙي - وڪيل

22-10-2005

جيجي زرينہ ڪي خراج عقيدت ڏيڻ لاءِ رسول بخش پليجو صاحب جي اڳواڻي هيٺ ايازلطيف پليجو جي گهر اڳيان وينا آهيون. انتظار ۾ آهيون تہ ڪيڏي محل جيجي زرينہ کي ڪراچي مان آڻين ٿا. پليجو صاحب هن سڄي ڏڪ کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عوام کي حوصلو همٿ ڏيڻ لاءِ دوستن کي چيو تہ هن وقت زرينہ هجي ها تہ هن مسئلي ۾ پاڻ ضرور ڳالهائي ها. انهي ڪري اچو تہ انهي مسئلي تي ڳالهايون تہ هن وقت سڄي ۽ سنڌي ماڻهن جي ڪهڙي صورتحال آهي. انهي تي سڀئي دوست ڳالهائي رهيا آهن. سندن ڳالهائڻ سان گڏ سڀئي دوست پنهنجي ڏڪ کي سياسي طرح حصو وٺي ڳالهائي پنهنجي قوتن کي گڏ ڪري رهيا آهن. دوستن جي ڳالهائڻ سان جيجي زرينہ جي زندگي جي هر گهڙي، هر پل ياد اچي رهيو آهي تہ هن قومي گيت ڳائي سنڌي عوام کي ڪيئن گڏ ڪيو. لکن ماڻهن کي قومي طبقاتي جدوجهد جي اڳواڻي هيٺ جدوجهد ڪندي ڪيئن جهومڻ تي مجبور ڪيو. پنهنجي گهر جي هر پاتي کي سياسي انقلابي جدوجهد جو حصو ڪيئن بنايو. رسول بخش پليجو صاحب جي هر خواهش، هر تصور، هر خواب کي ڪيئن عملي شڪل ڏني، جيجي زرينہ ڪيئن سڄي جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو جي دلين جي ڌڙڪن ٿي. مقصد تہ هن وقت جڏهن جيجي زرينہ جي آخري رسمن لاءِ وينا آهيون پر پليجو صاحب انهن رسمن کي بہ عوام جي مفادن لاءِ ڳالهائي جيجي زرينہ کي صحيح خراج عقيدت ڏئي رهيو آهي. جيجي زرينہ تي وڌيڪ آئون لکندس، ضرور لکندس، جنهن ۾ جيجي زرينہ کي ڪيئن ڏنو چا پرايو اهو الڳ لکندس.

محمد عالم مري

عوامي تحريڪ

22-10-2005

جيجي زرينہ سنڌ ۽ سڄي انسانيت جي حق لاءِ جھونگاريندڙ آواز هئي. هن آواز ئي سنڌ جي شاگردن ۽ عوام کي ڏکين حالتن ۾ سنڌ ۾ سجاڳي ۽ للڪار پيدا ڪئي.

گلزار جماڻي

22-10-2005

سنڌي قوم جي قومي عوامي، جمهوري جدوجهد جي ثقافتي مورچي تي جيجي زرينہ بلوچ سپہ سالار جو ڪردار ادا ڪيو. سندس آواز هزارين سنڌي ماڻهن کي قومي، عوامي جمهوري جدوجهد ۾ سرگرم ٿيڻ جو اتساهہ ڏنو. جيجي زرينہ بلوچ کي غير متنازعہ طور سنڌ جي سمورن سياسي ڪارڪنن ۽ ساڃاهہ وند ماڻهن وٽ ماءُ جيترو تقدس حاصل هو. اڄ سنڌ جا سياسي ڪارڪن پنهنجي اهڙي ماءَ کان محروم ٿي ويا آهن جنهن هر لمحي کين قوم جي تقدير سنوارڻ جو اتساهہ ڏنو.

فياض نائچ

22-10-2005

ادي زرينہ نہ فقط پنهنجن ٻچن لاءِ سوچيو پر پنهنجي قوم جي ٻچن لاءِ بہ سوچيندي هئي. هوءَ مثالي عورت هئي. پنهنجي گيتن ذريعي پنهنجي قوم ۾ جوش جذبو قائم ڪيائين ۽ جدوجهد ۾ هميشہ اڳيري رهي. ڪيس سنڌ جي تاريخ ۾ ياد رکيو ويندو. شال سنڌ جون ٻيون عورتون بہ سندس واٽ ونن. الله کيس جنت ۾ جايون ڏئي.

غلام نبي پليجو

26-10-2005

جيجي زرينہ سنڌي لوڪ گيتن کي ۽ خاص ڪري جيڪي سنڌ جا قومي گيت آهن انهن کي جهڙي نموني ادا ڪيائون ان جو مثال يا ان وانگر ادا ڪرڻ لاءِ وري شايد ڪو فنڪار پيدا ٿئي جيڪو روح کي جهنجهوڙي ڇڏي. اڄ صبح جو جڏهن اخبار ۾ جيجي جي وفات جو پڙهيم تہ ان سان گڏ سندس وصيت ۽ پيغام جيڪو جيجي اديبن ۽ سياستدانن ۽ محققن کي ڏنو ان ۾ ڏرتي لاءِ جيڪا محبت آهي اها سندس ان وصيت مان ظاهر آهي، جيجي جي جيڪا سنڌ ڏرتي سنڌ ماتا لاءِ ۽ ان جي اولاد يعني سنڌين لاءِ جيڪا محبت ۽ اون هئي ۽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ جيڪا پارت اسان جي اديبن، سياستدانن ۽ محققن کي ڪري ويئي آهي. اها دل سان سانڊيڻ جهڙي آهي. بهرحال

جيجي سڃي سنڌ کي يتيم ۽ ويڳاٽو ڪري ويئي آهي. الله تعاليٰ کيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جڳهه ڏي. آمين

مخدوم ميان علي محمد ولهاري

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ سرن ۽ گيتن جي دنيا ۾ نہ رڳو سنڌ جو نالو روشن ڪيو، پر سڃي دنيا ۾ سنڌي گيت ڳائي نالو ڪمايو. ان کان سواءِ جيجيءَ پنهنجي سرن ۽ گيتن ذريعي سنڌ ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي ۽ ڪيترن تحريڪن ۾ حصو وٺي پاڻ کي سرهو ڪيو. دعا آهي تہ الله کيس جنت نصيب ڪري.

نظير احمد ميمڻ

26-10-2005

جو سنڌ سنواري،
اهو جيئندو رهندو....
ڏرتيءَ جي لئہ گيتَ ۽ گفتا،
جيجيءَ جو ڪردار عظيم!
سر، آلاپ سدائين جيئندا،
فن امر، فنڪار عظيم!

قاضي منظر حيات

ٽڙي پوندا تاريئين
جڏهن ڳاڙها گل.
تڏهن ملنداسون.

سنڌ جو امر آواز اڄ اسان کان جدا ٿي ويو، ڇڙ تہ سموري سنڌ ڇوري ڇني ٿي وئي. جيجي زرينہ جو وڇوڙو اسان سڀني سنڌ واسين لاءِ ناقابلِ تلافي نقصان آهي.

ڊاڪٽر امان الله جهتيال - گهوٽڪي

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ۾ فن ۽ حب الوطنيءَ جي اهڃاڻ طور سڃاتي ويندي. هوءَ سنڌ جي هڪ اهڙي Unique فنڪاره هئي جنهن جيڪي بہ گيت ڳايا، سي ڏرتي لاءِ ۽ ڏرتي

جي ماڻهن لاءِ ڳايا. جيڪڏهن ائين چئجي تہ هن جي انتقال سبب اڄ اسان کان سر ءِ ساز جي دنيا جو هڪ اهڙو جرنيل جدا ٿي ويو آهي. جنهن آخري پساهه تائين گيتن ءِ راڳ ذريعي سنڌ جي جنگ لڙي تہ ان ڳالهه ۾ ذرو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

جي. اين. مغل

سنڌ ۾ ڪئي سنگيت ڪار، تاريخ ساز ٿي گذريا آهن، پر جيجي زرينہ جيڪو پاڻ ملهايو، تنهنجو مثال شايد سنڌي سماج صدين گذرڻ کان پوءِ بہ پيش نہ ڪري سگهي. اناالله وانا اليہ راجعون.

لکمير ڏاهري - شاهه پور چاڪر

سائنڊ جيجي جي باري ۾ چا لکان، هي سنڌ ءِ سنڌ جي امڙ، اڄ آئون، ائين سمجهان پيو تہ جڏ سنڌ منهنجي سنڌ موڪلائي وئي آهي.

هو ڪاغذ کي آڻين،
لڙڪ لکڻ نہ ڏين جي
ڪريو پون قلم تي.

محمد صديق سائينڈنو خاصخيلي

ٽنڈو آغا حيدر آباد

هر سنڌي ڄاڻي ٿو تہ امڙ زرينہ بلوچ مون کي پنهنجي سڳي ماءُ جيان، پيار ڏنو. جيجل امڙ جي هميشہ هميشہ لاءِ وڇڙي وڃڻ جو جيترو ڏک ٿيڻ کپي، هن وقت مان اهو ئي محسوس ڪري رهيو آهيان. ڏٽي تعاليٰ در دعا اٿر تہ ڪائنات جو مالڪ سندن روح کي هميشہ هميشہ پنهنجي رحمتن جي ڇانوَ ۾ رکي. آمين.

محمد قاسم ماڪا

26-10-2005

جيڪا شخصيت فن جي دنيا ۾ زرينہ بلوچ جي نالي سان ڄاتي سڃاتي وئي ءِ اها ئي سندس سڃاڻپ قدآور شخصيت رسول بخش پليجي جي گهر واري جي باوجود پنهنجي الڳ حيثيت سان سنڌ ۾ ءِ دنيا ۾ پنهنجو ڪردار ميڙايو.

ڊاڪٽر شمس صديقي

26-10-2005

جيجي امر آهي ۽ امر رهندي. اهو سڄي انسانيت جو نقصان آهي، جو اڄ جيجي جسماني طرح اسان ۾ نہ آهي. اسين جيڪي جيجي جي گيتن تي نچندا هئاسين انهن کي بہ جيجي اولاد وارو پيار ڏنو ۽ پيٽ ڄائو اولاد سمجهيو. جيجي تہ موت کي مات ڏيئي ويئي، جو هوءَ هميشہ رهندي، اسان سڀني جي دلين ۾ سندس ياد تازي ۽ دائمي رهندي.

چامر ساقي

26-10-2005

اڄ پاڪستان جو شان ۽ سنڌ جو مان اسان کان رخصت ٿيو. گورڪيءَ تہ امڙ جو هڪ خيالي ڪردار تخليق ڪيو هو تہ جيجي زرينہ اسان جي واسطي "امڙ" جو هڪ جيئرو جاڳندو حقيقي ڪردار هو، جنهن اسان کي هر مشڪل گهڙي ۾ مامتا جي محبت ڏيئي جيئڻ جي قابل ڪيو. امڙ زرينہ، سچ پچ تہ هڪ بين الاقوامي حيثيت واري آفاقي شخصيت هئي. هوءَ امر آهي ۽ رهندي.

محمد علي ڏيپلائي

26-10-2005

اسان جي هر دلعزيز نياڻي جيجي زرينہ بہ اسان کان وڇڙي ويئي، هوءَ سڄي سنڌ جي نياڻي هئي. هن سنڌ جي زبان کي پنهنجي فن وسيلي جيئاريو. سندس تڏي تي هن ماتم ۾ اڄ گڏ ٿيا آهيون. جيجي جي وارثن مان آءٌ پاڻ کي خوشبخت ٿو سمجهان جو اسان جيئري کين ڏٺو.سندس پيار سدائين اسان کي ياد رهندو.

محمد ابراهيم جويو

26-10-2005

جيجي زرينہ باباءِ سنڌ جو گيت جيئي سنڌ، جيئي سنڌ ڳائي جيڪا سنڌ کي دعا ڏني، ان جي گونج سڄي دنيا ۾ هميشہ سنڌي ماڻهن جي دل ۾ گونجندي رهندي، الله سائين کيس جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي.

ڪامريد اظهر جتوئي

26-10-2005

جيجي زرينہ 1960ع واري ڏهاڪي جي تحريڪ جي اها مشعال هئي، جيڪا سندس

وفات کان پوءِ بہ. سندس لکڻين ۽ ڳايل گيتن وسيلي برندي رهندي. ڏٺي کيس جنت ۾ جايون ڏيندو.

حميد سنڌي

26-10-2005

سنڌ جي عظيم فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ اڄ الله جي دربار ۾ 21 رمضان حضرت علي عليہ السلام جي شهادت ڏهاڙي وڃي حاضر ٿي پنجتن پاڪ سندس چوڻڪارو ڪرائيندا. مون سان ڊرامي جنگل ۽ هڪ ريڊيو ڊرامي اب الهالا ۾ يادگار ڪردار ڪيائين. هوءَ ڪڏهن نہ مرندي. جيسين هن ڌرتيءَ تي آلاپ هوندو. آلاپڻ وارا هوندا. هوءَ نہ مرندي.

سيد يار محمد شاهہ

آرٽسٽ، رائيٽر

ادي زرينہ بلوچ فن، تعليم، سياست ۽ ادب جي ميدان ۾ پنهنجي وطن لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جي جديد تاريخ ۾ کيس بن ڳالهين ڪري ضرور ياد ڪيو ويندو. پهرين تہ: سندس سڀ خوبيون ۽ صلاحيتون سنڌ جي شاندار مستقبل اڏڻ واري خواب سان سلهاڙيل رهيون ۽ هوءَ آخري دم تائين انهيءَ سلسلي ۾ اوجھ رهي. بي ڳالهہ تہ: هن ادب ۽ سياست سميت زندگي جي مڙني رخن ۾ رڳو پاڻ نہ. پر سڄي ڪٽنب کي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ اتساهيو. سندس ڪٽنب جا ٻي نسل انتهائي جرئت ۽ همٿ سان سنڌ جي حقن لاءِ ٿيندڙ جدوجهد جو اٽوٽ حصو بڻيل رهيا آهن ۽ اڄ بہ متحرڪ آهن. ان کان علاوه ادي زرينہ هڪ نهايت ئي باجهاري، نماڻي ۽ پيار ڪرڻ جوڳي خاتون هئي. شايد ان ڪري ئي هوءَ بہ زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين، سنڌ ۽ سنڌين سان پيار ڪندي رهي.

انعام شيخ

26-10-2005

مون کي جيجي زرينہ تقريباً 1968ع کان پنهنجي پٽ وانگر پاليندي هئي. سندس قومي ۽ ثقافتي خدمتن جو قدر رکندي، گڏوگڏ آءٌ هن وفات کي ذاتي حيثيت ۾ بہ وڏو سانحو سمجهان ٿو ۽ پاليان ٿو تہ هي منهنجي بي ماءُ هئي جيڪا بہ 2005ع ۾ مون کان ڌار ٿي وئي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر رجب علي ميمڻ

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جو وڇوڙو سنڌي قوم لاءِ وڏي ڏک ۽ افسوس جو مقام آهي. اڄ اسين هڪ درد رکندڙ شفيق ماءُ ۽ قومي شعور ۽ آزادي جو جذبو پئدا کندڙ شخصيت کان محروم ٿي ويا آهيون. سندس جو وڇوڙو سموري قوم جو وڏو نقصان آهي. جيجي پنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌي قوم ۾ شعور پئدا ڪرڻ ۽ آزاديءَ لاءِ قومي غيرت پئدا ڪئي. مون سان آخري وقت ۾ لياقت نيشنل اسپتال ۾ ملاقات ۾ پنهنجي پٽن وارو پيار ڏنائين. جيڪو مرڻ گهڙي تائين مون کي ياد رهندو. سندس وڇوڙو نہ صرف سندس خاندان لاءِ وڏو نقصان آهي پر پوري قوم اڄ هڪ قومي هيري کان محروم ٿي ويئي آهي. خدا تعاليٰ سندس خاندان کي جيجي سان محبت کندڙن کي هن صدمي سهڻ جي توفيق عطا ڪندو. آمين.

بشير خان قريشي چيئرمين جسقم

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ هڪ عظيم فنڪاره هئي، جنهن پنهنجن قومي گيتن ۽ نغمن ذريعي سنڌ جي ثقافت کي جياريو ۽ زندگي بخشي. لوڪ فن جي حوالي سان، سنڌ جي ڪنهن بہ فنڪار يا فنڪاره کي اهو مٿاهون مقام نہ ملي سگهيو جيڪو جيجي جن جي حصي ۾ آيو. سنڌ ۽ سنڌين سان سندن سچو عشق هو ۽ جڏهن آئون اسپتال ۾ بہ ٿي پيرا سندن مزاج پرسي ڪرڻ ويس، تہ اتي بيماري جي حالت ۾ بہ سنڌ ۽ سنڌ وارن جو ٿي مون کان پڇيائين، سنڌ جي سورن جي ڳالهہ ٿي ڪيائين ۽ سنڌين کي سجاڳ ٿيڻ جو سنيهو ڏنائين. جيجي پنهنجن نغمن، گيتن ۽ لوڪ فن جي خدمت ۽ سنڌ سان سچي محبت سبب سدائين زندهہ رهندي.

عنايت بلوچ

26-10-2005

مرحومہ جيجي زرينہ بلوچ کي اسان اکيون کولينديءَ ئي قومي گيت ڳائيندي ڏٺو ۽ آخر تائين سندس جداگانہ شناخت سندس قومي ۽ لوڪ گيتن سبب ئي قائم رهي. اڄ اسان کان اهڙي شخصيت جدا ٿي ويئي آهي جيڪا پنهنجي ذات ۾ هڪ لاٽ هئي. اِها لات اسان جي دلين ۾ سدائين برندي رهندي.

سيد جلال محمود شاهہ

جيجي زرينہ ان وقت قومي گيتن ۽ پنهنجي ذاتي شمرليت ذريعي قومي تحريڪ کي جياريو جڏهن جيئي سنڌ نالو ونڊ گناهہ هوندو هو. جيجي سنڌ جي ام ڪلثوم آهي. خدا تعاليٰ کيس جواهر رحمت نصيب ڪري. آمين

يوسف لغاري

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ !!

نصير مرزا ۽ ان جي خانوادي ۽ مرزا قليچ بيگ جو سلام قبول ڪريو. توهان... سنڌ، جيستائين رهندي اوستائين رهندؤ. سدا امر هجڻ جي مبارڪ هجيوَ.

نصير مرزا

26-10-2005

جيجي جي رحلت دارالبقا پهچي تہ روشني ڪندي رهندي پر هتي سندس رحلت سان وڏو خلا پيدا ٿيو آهي، جو گهڻي عرصي تائين پُر نہ ٿي سگهندو. خدا ڪيس غريقِ رحمت ڪري ۽ سندس پوئيرن کي صبر جي توفيق عطا ڪري. دعا آهي تہ سنڌ اهڙيون ڏيون ۽ مائون پيدا ڪندي رهي.

مظهر الحق صديقي

وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي

جيجي سنڌ جي عظيم فن جي علامت هئي ۽ ڪلاسڪ سنڌ جو ڪلاسڪ ڪردار هئي، هن جا گيت، اسان جي، سنڌ جي نس نس ۾ سدائين ٻهڪندا رهندا، دُنگي منجهہ درياءَ ۾ جيجي عظيم پرفارمنس ڏني هئي، ۽ ڪيس علي مولا مشڪل ڪشا جي رات نصيب ٿي آهي، اها ئي سندس عظمت جي دليل آهي.

سيد فدا حسين شاهہ - مٺياري

جيجي سنڌ جي عزت هئي. هن جيڪي بہ سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪيو اُهو آئيندہ نسلن لاءِ هڪ نياپو آهن تہ هونهنجي مادر وطن لاءِ جدوجهد جاري رکندا.

مير سڪندر علي ٽالپر

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي تمام وڏي ليکڪا، لوڪ گيتن جي راڻي هئي. سندس وچوڙي سان سنڌ جي اندر لوڪ گيتن جي دنيا ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي. اهو ڪڏهن پرجي نہ سگهندو. پ پ پ ڪلچرل ونگ سندس وچوڙي تي سڄي سنڌ ۾ تهذيبي ميڙاڪا ڪندي ۽ 3 ڏينهن سوڳ ملهائيندي.

لياقت شاهاڻي - غلام حسين خاصخيلي

ڊپٽي سيڪريٽري پ پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ

جيجي پچاڻان سنڌ جا گيت چورا چنا ٿي ويا آهن.

منصور ڏاهري

جيجي سنڌ جي ثقافت جي اهجاڻ هئي. هن سنڌ جي حقيقي ڪلچر کي اپاريو.

رئوف چانڊيو صحافي

جيجل جي جدائي جهوري وڏو.

عبدالرزاق چانڊيو

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ لوڪ فنڪاره ئي نہ پر سنڌي قوم پرستيءَ جي هڪ تاريخ هئي. سنڌ ڏرتي ٻولي، سنڌي، سنڌين جي تحريڪ، هاري تحريڪ، يا سنڌ ۾ جمهوري جدوجهد جو بہ اهڙو مرحلو هيو، انهن ۾ جيجي زرينہ جا انقلابي گيت اسان جي چپن تي تہ رهيا بہ اسان جي ڪا بہ تقرير، اسان جو ڪو بہ پروگرام جيجي جي انقلابي گيتن سان شروع ۽ ختم ٿيندو هو. مون کي ڇڪي طرح اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن 1983ع جي ايم آر ڊي جدوجهد ۾ سڄي سنڌ جي جيلن ۾ قيد هئي ۽ باقي سنڌ جا ماڻهو رستن تي قربانيون ڏئي رهيا هئا جيجي زرينہ ۽ اسان کي حيدرآباد جيل مان، ملڪ جي مختلف جيلن لاءِ رات جو پوليس جي گاڏي ۾ ويهاريو ويو، پليجو صاحب، فاضل راهو، مخدوم خليق، غلام مجتبيٰ جتوئي، معراج محمد خان ۽ ٻيا ڪيترا دوست ۽ ساڻي رات جي تاريڪي ۾ حيدرآباد جيل مان ٻين مختلف جيلن ڏانهن سفر ڪري رهيا هئاسين، ٻاهر تيز مينهن پئجي رهيو هو، جيجي کي اسان گذارش ڪئيسين تہ ان موقعي تي هو ڪو انقلابي گيت ٻڌائي. جيجي زرينہ جي آواز، اسان سڀني قيدين جي زنجيرن سان هڪ رشتو پيدا ڪري ڇڏيو هو. سڀئي ماڻهو جوش ۽ جذبات سان پرجي ويا هئا. جيجي جي هنج ۾ شاه جو رسالو هو ۽ جڏهن اسان سکر جيل پهتاسين تہ جيجي کي جيل جي سپرنٽنڈنٽ ڇيو تہ اسان اهو ڪتاب جيل اندر اچڻ نہ ڏيندا سين، جيجي جوش ۽ جذبات ۾ ڇيو تہ اهو ڪتاب نہ پر قرآن آهي. رسالو خود قرآن آهي ۽ آئون قرآن کان سواءِ جيل اندر ڪو نہ ويندس. جيل جي سپرنٽينڈنٽ مجبور ٿي شاه جو رسالو ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏني. جيجي کي اڄ 21 رمضان تي حضرت علي عليہ السلام جي شهادت جو ڏينهن مليو آهي. الله ڪيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي، جيجي زرينہ کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. جڏهن سنڌي قوم پرستيءَ جي تاريخ لکي ويندي جيجي زرينہ جو ڪردار سنهري اکرن سان لکيو ويندو.

غازي صلاح الدين

جيجي زرينہ بلوچ لاءِ لفظ " هُـئي" ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. چو تہ جيجي جهڙا امر ماڻهو پنهنجي فن ۽ فکر سان دنيا جي ظاهري موت کي شکست ڏيئي چڏيندا آهن. منهنجو ساڻس هزارن اهڙن سنڌي اديبن ۽ شاعرن وانگي واسطو هو. جيڪي جيجي جي آواز، انداز ۽ ممتا واري محبت جا مشتاق هئا. هن سدائين اسان کي ماءُ وارو پيار ڏنو. ۽ اسان سدائين گڏجي هن سان گيت جهونگاريا ۽ شاعري توڙي موسيقي تي ڪچهريون ڪيون. توڙي جو جسماني طور جيجي زرينہ اڄ اسان سان گڏ نہ آهي پر سندس يادگيريون، آواز، گيت ۽ اهي لوڪ آلاپ اسان جي ڪنن ۾ ٻرندا رهندا. واقعي هن سدائين سنڌ جي مٽيءَ جو حق ادا ڪيو ۽ پنهنجي ماڻهن جي احساسن، ڏکن توڙي امنگن جي سچي ترجماني ڪئي. هوءَ حقيقي نموني سنڌ جي قومي ڪلاڪاره هئي جيڪا سنڌ جي سيني سڃاڻ، سماجي توڙي سياسي ڏرين لاءِ هڪ جيتري قابلِ قبول ۽ عزت لائق هئي.

حسن درس

جيجي زرينہ بلوچ لاءِ ايترو ئي چوڻ ڪافي آهي تہ هوءَ ڪجهہ فردن جي نہ، پر سڃي سنڌ جي جيجي هئي. سندس سياست، يا ثقافت ڪنهن خصوصي پارٽي لاءِ نہ، پر صرف سنڌ لاءِ هئي. جيجي جهڙيون بهادر عورتون ڪن خوشنصيب قومن ۾ پيدا ٿيندیون آهن.

سرفراز وسطڑو

چيف رپورٽر عبرت

جيجي زرينہ جي وڇوڙي جي خبر پوڻ شرط سمجهيم تہ سنڌ وري وڏي پيڙاءَ ۾ اچي وئي. بهادر امڙ جي لاڏاڻي تہ جيترو سندس خاندان کي ڏک ٿيو آهي اوترو سڃي‌سنڌ بہ ڏک محسوس ڪيو آهي. خدا کيس جنت ۾ جڳهہ عطا ڪري.

غوث جهتيال

قلجي اسٽيشن دادو

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ لاءِ هڪ سرمايو هئي. مرحومہ جي لاڏاڻي سان سنڌي لوڪ گيتن، سُرن ۽ قومي نظمن جو هڪ سنهري دور پورو ٿيو. الله سائين مرحومہ کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏي ۽ پونئرن کي صبر جميل عطا ڪري . آمين.

ڊاڪٽر محمد اصغر شاهد محمود،
محمود اقبال جعفري، محمد حنيف قائمخاني، قمر بيگ

جيجي زرين بلوچ سنڌ جي ميراث آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي پنهنجي وطن ۽ قوم لاءِ وقف ڪئي. جيجي زرين بلوچ سنڌ جي اها بهادر عورت هئي جنهن جي پنهنجي ڌرتيءَ سان ڪميٽمينٽ هئي جيڪا هن آخري وقت تائين نيائي. جيجي زرين بلوچ سنڌ جي اها نياڻي آهي جنهن تي اسان سمورن وطن واسين ۽ ڌرتي ڌڻين کي فخر آهي. جيجي زرين صدين تائين سنڌين جي دلين ۾ قائم رهندي.

غوث جتوئي
26-10-2005

جيجي زرين بلوچ لطيف جي متئين ست جو مڪمل نچوڙ هئي. هن پنهنجي ذاتي زندگي، توڙي خاندان کي پنهنجي وطن، قوم ۽ ڌرتي لاءِ اربي ڇڏيو هو. اڄ سموري سنڌ غمگين آهي، ڇاڪاڻ جو سنڌ ۽ سنڌين کان هڪ قومي سورمي جسماني طور تي جدا ٿي وئي آهي. جيجي زرين جو قومي ڪردار تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو ۽ ايندڙ نسل، سندس ڪردار ۽ عمل مان سبق سکندا رهندا ۽ جيجي جو قومي ڪردار سموري سنڌي قوم لاءِ مشعل راه رهندو.

لال جروار
26-10-2005

سنڌ جي جيجي، جنهن ساهه جي آخري سسڪين ۾ به سنڌ جي ڀالهه ڪئي. سندس سُر ۽ آواز جو جاڳندڙ جادو سنڌ جي سرد هوائن ۾ انقلابي گرمائش پيدا ڪري نئين نسل کي قومي جذبو هميشه اڀيندو رهندو ۽ اتساهيندو رهندو. جيجي، نه وسارڻ جهڙو رشتو هميشه ياد رهندو.

مهراڻ درس - ڏيئي شهر
26-10-2005

جيجي زرين بلوچ سنڌي قوم جو اثاثو هئي. جيجي نه صرف پنهنجي گيتن ۽ آواز وسيلي سنڌ جي قومي جدوجهد کي اتساهه ڏنو پر عملن سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ پڻ پرپور حصو ورتو. سنڌي قومي تاريخ ۾ جيڪي به وڏا نالا آهن جيجي زرين بلوچ انهن منجهان هڪ هئي.

ڊاڪٽر نظير شيخ
26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جي سموري حياتي ۾ قومي جياپي جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي. سنڌ جي جهر جهنگ ۾ سندس جهونگاريل قومي گيتن جي گونج ڪڏهن به ختم ٿي نہ سگهندي. سنڌي مظلوم عوام ۽ قومي جدوجهد جي حوالي سان سندس لاڳ مارچ کان اڳ ۾ روڊن رستن تي جدوجهدون، بک هڙتالون ۽ مظاهرا اڄ به ڪنهن کان وسري نہ سگهيا آهن. سڄي سنڌ خاص طرح حيدرآباد جا روڊ، رستا ۽ ڳليون ۾ سندس ڪهاڻيون بيان ڪن ٿا. ساري سنڌ، پرينءَ جو پاڇي واري ڳالهہ آهي، پر قومي گيتن کي جدوجهد جو روپ ۾ جيجي ئي ڏنو.

هادي پٺ - سکر

مون کي ڪير چئي ۾ سنڌ سان محبت جي انساني شڪل ناهي ڏيکار ۾. آءٌ جيجي زرينہ جي تصوير ناهيان. جيجي منهنجا قومي گيت جبر جي ان دؤر ۾ ڳايا جڏهين سنڌ جو ڪو به فنڪار ائين ڪرڻ جي جرئت نہ پيو ڪري سگهي. اڄ به سندس ڳايل منهنجا گيت، " او امان او امان" " موت نہ تو کي ماري سگهندو"، " جلاوطن"، سانگين تي هاڻي ستر ڪين سهبو، تون ڪهڙو فاضل ماريندين"" اسان جي مٿاسين سفر ۾ او ساڻي" ڪڏهين ٻڌندو آهيان ۾ سنڌ جي ويجهي ماضي ۾ ٽيندڙ جدوجهد جي سموري تاريخ ڇڻ ۾ سُرن جو روپ ڏاري اسان کي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ اتساهيندي هجي.

آڪاش انصاري

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي فن کي سنڌ لاءِ ارپي، پنهنجي سموري فني صلاحيتن کي درست ڏسائن ۾ استعمال ڪري. حقيقي معنيٰ ۾ ڏرتيءَ جو قرض چڪايو. اڄ جي سنڌ ۾ سنڌي عورت سجاڳيءَ جي جنهن منزل تي بيٺل آهي. انهيءَ ۾ جيجي زرينہ جو تمام اهم ڪردار آهي. مون کي جيجيءَ سان ريڊيو تي گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ساٿس ويجهو رهي محسوس ڪيم ۾ هوءَ واقعي اسان جي جيجي آهي.

زيب سنڌي

26-10-2005

جيجي زرينہ، ايياز جي امڙ، منهنجي امڙ، ۽ سڄي سنڌ جي امڙ جي وڇوڙي تي دل جي ڪافي پکي هئڻ باوجود لڙڪ لاڙي ويٺس. جيجيءَ جي لاڏاڻي تي اکين ۾ تري آيل

لڙکن کي مان وڏي وَتَ سمجهان ٿو. ڇو ته پنهنجن جي جدا ٿيڻ تي ئي روئبو آهي.

گل ڪونڊر

"ايڊيٽر ماهوار اديب"

ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ رهندڙ(هاڻ شهر حيدرآباد) ۾ جنم ونڊڙ ۽ قاسم آباد جي آپي ۾ اچي مٽي ماءُ حوالي ٿيندڙ هيءَ عظيم شخصيت، سنڌ جي هڪ قابلِ احترام استاد، مها راڳي ۽ اداڪاره ۽ صداڪاره طور هميشه سنڌ واسين جي دلين ۾ زنده رهندي. خدا شل ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرماءِ.

سليم چنا - حيدرآباد سنڌ

جيجي زرينه سڃي سنڌ جي ماءُ جنهن پنهنجي فن فڪر ۽ علم ذريعي پنهنجو پاڻ کي ماءُ جيجي جو درجو ڏياريو. يومِ مادر وطن ايوارڊ يافته سنڌ جي قومي فنڪاره ۽ سرجٹهار، هميشه سنڌ ۾ ياد ڪئي ويندي. دعاڳو آهيون ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ٿئي.

ڊاڪٽر قادر مگسي

چيئرمين سنڌ ترقي پسند پارٽي

جيجي زرينه بلوچ سنڌ جي سونهن راڻي هئي. جنهن جذبي سان جيجي سنڌ لاءِ گيت ڳايا انهيءَ ۾ اهڙو ته سوز هو، جو جڏهن قومي گيت ڳائيندي هئي ته اسان شاگردي۽ دور ۾ جهومي ويهندا هئاسين. اسان کي سندس لاڏاڻي الاهي ڏک ڏنو آهي ۽ اسان دعا ٿا ڪيون ته الله سائين سندس کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو.

حيدر شاهاڻي

26-10-2005

جيجي زرينه بلوچ جو وڇوڙو يقينن سموري سنڌ لاءِ صدمو آهي. جيجي، جيڪا سنڌ جو آواز هئي، سنڌ جو اتساهه هئي. هن سنڌ، سنڌي قوم خاص طور ڏٹڙيل انسانن لاءِ جيڪو اڻ مٽ خدمتن ۽ جستجو وارو ڪردار ادا ڪيو، اهو تمام وڏو آهي. سندس شفقت محبت سنڌ واسين لاءِ جذبي جو سبب رهي. ڏڪي در دعا آهي ته الله تعالي کيس سندس خدمتن عيوض جنت عطا ڪري سندس ڪٽنب کي صبر عطا ڪري. سندس وڇوڙو يقينن اسان سمورن لاءِ دردناڪ آهي.

هوت خان گاڏهي

26-10-2005

محترمہ جيجي زرينہ کي الله پاڪ 21 رمضان يوم حضرت علي ڪرم الله وجهہ نصيب ڪيو گويا سڏو جنت ۾ وئي. سندس سوڳ ۾ اڄ سڄي سنڌ رني آهي.

عبدالمالڪ يوسفاڻي

الائيڊ بئنڪ

سائڻ جيجي زرينہ بلوچ سنڌي قوم جو هڪ قيمتي اثاثو هئي.هن جو لاڏاڻو سنڌي قوم جو عظيم نقصان آهي. سنڌي قوم اڄ پنهنجي ڌرتي هوندي ۽ بي وطن زندگي گهاري رهي آهي. اهڙي ڏکئي وقت ۾ جيجي جو وڇوڙو سڄي سنڌي قوم جو نقصان آهي. جڏهن ۽ مورخ سنڌي قوم جي جدوجهد جي تاريخ رقم ڪندو تہ ان ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو نالو نمايان هوندو.

آغا خالد، آصف علي، جي. قاضي، لياقت عزيز

26-10-2005

هي هڪ وڏو حادثو آهي. شال اياز کي هي صدمو ڏئي برداشت ڪرڻ جي طاقت ڏئي. هي خال تہ مشڪل پرجي سگهي پر دنيا کي هلڻو آهي. دعا آهي تہ مرحومہ کي الله تعاليٰ جنت عطا ڪري.

عبدالستار قاضي

ائڈووڪيٽ حيدرآباد

جيجي جي وفات جي خبر اخبار ۾ پڙهي رنج ٿيو. جيجي پنهنجي گيتن وسيلي سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪيو. جيجي پنهنجا لکين شاگرد ناهيا ۽انهن جي بهترين تربيت ڪئي. جيجي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو بهترين ذريعو اهو آهي تہ سندس مشعل کي کڻي هلون. الله پاڪ جيجي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ پوين کي صبر جميل عطا فرمائي(آمين)

مجيد قريشي

مئيجنگ ايڈيٽر عوامي امنگ حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ جي وفات هڪ تاريخي واقعو آهي. جيجي نہ صرف اياز لطيف پليجي جي والده بلڪ سنڌ جي امڙ هئي .جيجي سڄيءَ سنڌ جي جيجي هئي. الله تبارڪ و تعاليٰ

کيس حضرت علي عليہ السلام جي شهادت جي ڏينهن دفن ٿيڻ جي صدقي ۾ جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏيڻ فرمائيندو.

شاهہ مردان شاهہ الحسيني

نسيم ڊيلڪس بنگلوز قاسم آباد حيدرآباد

26-10-2005

جيجي سنڌ جي سر زمين جو هڪ دائمي خوشبو ڏيندڙ گل هئي . برابر گل اڄ اسان کان موڪلائي ويو. پر پڪ سان سندس خوشبو هند ۽ سنڌ جي ماڳن تي قائم ۽ دائم رهندي.

شمس الدين شيخ، ثناءُ الله شيخ ۽ پائي خان سولنگي

سنڌ ڌرتيءَ جي جيجي سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن، سنڌ ڌرتي جي سيني ماڻهن سان بي انتها پيار ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ اڄ واقعي توهان جي شفقت ڪان محروم ٿي ويا آهيون. سگا لاءِ جيجي جو تمام گهڻو پيار ۽ پاپوهہ هميشہ ياد رهندو. هلو هلو جيجي سان ڳالهائڻو آهي. پٽ ڳالهايان پئي. جيجي سگا جو پروگرام آهي توهان کي تڪليف ڏيڻي آهي. پٽ مان سگا لاءِ حاضر آهيان. ڪڏهن ڪڏهن شڪايت ته مون کي پلا چو وساري ڇڏيو اٿئو. سچ پچ ته جيجي سگا لاءِ بہ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنيون. 1989ع ۾ سچل ڪانگريس جي قافلي ۾ جيجيءَ سڄي سنڌ ۾ محبتن جو پيغام پهچايو. سگا جي سالگره هجي يا ڪنونشن جيجي هر جاءِ تي پاڻ ملهايو. اڄ سڄي سنڌ سان گڏ سگا بہ جيجيءَ جي پيار کان محروم ٿي وئي آهي. دعا آهي ته باري تعالىٰ کين جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي. آمين

علي حسين بروهي، محمد عثمان پنهور

سيڪريٽري جنرل سگا سيڪريٽري ڪلچر سگا

غلام حسين بلوچ وقار احمد پاٽولي

ميمبر مرڪزي ڪاروباري سيڪريٽري ماليات

ڪاميٽي سگا

ڪرم الله چنہ

سيڪريٽري انفارميشن

يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي سون ته جيجي جو نالو بڌوسون ۽ جيجي کي بہ بڌوسون.

جيجي جا نغما اسان کي هميشہ ياد رهندا.

جاويد جوٽيجو

صدر جيم خانہ حيدرآباد

دلبر هن دنيا ۾ وجي رهندو واس

۽ جيجي زرينہ هن فاني دنيا ۾ پنهنجو واس ۽ خوشبو هميشہ لاءِ ڇڏي راهہ رباني ۽ هلي وئي آهي. جيسين سنڌ ۽ سندس ٻولي ۽ سنڌين جو ڇاهہ پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتي جي ماڻهن جي مسئلن ۽ مامرن ڏانهن رهندو. تيسين سندس ڇڏيل واس مان نئين قوت ۽ جوش حاصل ٿيندو رهندو. مان ابتدا کان اڄ تائين جيجيءَ جا ڳايل انقلابي ۽ لوڪ گيت ٻڌندو رهيو آهيان. جيڪي هميشہ منهنجي ڪنن ۾ ٻرندا رهندا آهن. جيجي اسان جي قومي اثاثي طور هميشہ اسان سان گڏ رهندي.

قاسم بگهيو

26-10-2005

جيجي زرينہ سڄي سنڌ جي جيجي سڄي سنڌ جي امڙ هڪ باعمل جدوجهد ڪندڙ سنڌ جي سڀني ٻرندڙ مسئلن تي عملي طرح آواز اٺاريندڙ ڪردار هئي. سندس وڇوڙو اسان سڀني جو گڏيل نقصان آهي. سندس يادگيريون صدين جي صدائن وانگر سنڌ ۾ پڙاڏو ٿي گونجنديون رهنديون.

عبدالسميع ميمڻ

اسٽيٽ بئنڪ حيدرآباد

ڊاڪٽر فيض محمد

سابق ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ

26-10-2005

موت ڇا ماريندو تن کي

جن ڌرتي کي ڏنو آ دان.

جيجي سنڌ جي قومي عوامي ۽ انقلابي شخصيت آ. جيجي مظلوم عوام لاءِ عملي جدوجهد ۾ هر قدم تي هر محاذ تي جنگ ۾ شريڪ رهي آهي. جيجي هاڻ سنڌ جي عظيم تاريخ ۾، جرڪندڙ سج وانگر روشن رهندي.

خواجہ غلام علي ڪوساڻي

جيجي زرينہ هڪ ادارو هئي، سندس لاڏاڻو سنڌ جي ٿوٿ نڌڪي زمين تي هڪ وڏيڪ اداري جي موت وانگيان آهي. شال رب سائين کين غريق رحمت ڪري.

ڊاڪٽر سليمان شيخ

26-10-2005

مرحومہ جيجي زرينہ بلوچ پاڻ ۾ سندن سمورو ڪٽنب، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو مرڪ آهن. سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ ثقافتي جاڳرتا ۾ سندن ڪردار اڻ مٽ ۽ Uniqueآهي. هن گهراڻي اندر ڪيترائي املهہ ڪردار آهن جن مان هر هڪ پنهنجي ذات ۾ هڪ Institutionآهي. سنڌيءَ ۾ ووٽر لسٽون بحال ڪرائڻ واري تحريڪ جي روح روان اختر بلوچ کان وني MRDتحريڪ جي سرواڻ سائين رسول بخش پليجي تائين هر ڪردار قربانين، حوصلي ۽ جاکوڙ جو عملي مظاهروڪيو آهي. هڪ پاسي جيجي جي نياڻي توڙي سندس گهر وارو سنڌ جو ڏاهو پليجو صاحب، سالن جا سال جيلن جون صعوبتون پيون سهندو هو، تہ ٻئي پاسي جيجي پاڻ ميدان ۾ نڪري سنڌ جي نئين نسل کي اها پڪار ڪندي رهي تہ سات هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي، نوجوان ساٿيو، سنڌ جا وارثو. چا تہ دوڙ هو. سنڌي ماڻهن جي اٿاهہ جذبن ۽ پهاڙ جهڙن حوصلن جو. جيجيءَ جي موڪلاڻ کان پوءِ هاڻ اسان ماڻهن جي اندر ۾ امنگ ڪير جاڳائيندو؟ سندن وڇوڙو اهڙو نقصان آهي جنهن جو پورائو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. سندن ڇڏيل ورثي منجهان اسان کي ايجا بہ اياز لطيف ۾ وڏيون اميدون آهن.

دستگير پٽي

سابق چيف ايڊيٽر هلال پاڪستان ڪراچي

زندگيءَ ۽ موت جي وچ واري سفر ۾ ڪي ماڻهو موت هٿان مات کائي ويندا آهن ۽ ڪي وري زندگي جو جنگ ائين چور ٿيندا آهن جو زندگي انهن کي امرتا ڏئي ڇڏيندي آهي. جيجي بہ سنڌ جي اهڙي انمول هستي مان هڪ هئي جنهن پنهنجي ڏاهپ ۽ ذات جوهر سان هڪ اهڙو ڪردار ادا ڪيو ، جنهن سنڌ جي اندر ٻيجل جي روايتن کي نئين سر جيارڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي سياسي سينڌ سنوارڻ ۾ پڻ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو!

ڳوٺ الهداد چنڊ کان تنڊي ولي محمد ۽ پناڻ ڪالوني کان پرنس ٽائون تائين هن جيڪو ذات ۽ حيات جو انمول ڪردار ادا ڪيو، نہ رڳو اهو ڪردار سنڌ واسين کي ذهني طور تي اتساهيندو رهندو بلڪ انهي سان گڏوگڏ هن پنهنجي گيت، لوڪ گيتن ۽

انقلابي گيتن جي ذريعي سنڌ جي ثقافتي كيتر ۾ جيكو كردار ادا كيو اهو هك اهڙو مثالي كردار رهيو آهي جنهن جي آڏار تي اسان چئي سگهون تا ته هوءَ هك Legend هئي ۽ Legendلاءِ مون ته اهو ئي پڙهيو ته Legend never die!

اي . جي . چانڊيو

صحافي ۽ سماجي ۽ ثقافتي ويڙهاڪ

26-10-2005

مرحوم و مغفوره جيجي زرينہ تاريخ ساز شخصيت هئي. جيجي سنڌ ديس جي وڏي خدمت كئي. پاڻ جسماني طرح اسان كان جدا آهي، ليكن روحاني طرح اسان سان گڏ رهندي. خدا كيس جنت الفردوس ۾ بلند جڳهه ڏئي

ڊاكٽر حيدر علي قادري

26-10-2005

جيجي جي شخصيت سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ائين هئي جيئن هك جان بہ جسم جيجي پنهنجي پوري ڄمار پنهنجي همہ گير صلاحيتن جي آڏار تي سنڌ جي سمورن برندڙ مسئلن پوءِ اهو پاڻي جو مسئلو هجي يا ايم آر ڊي جي مومنٽ، بهارين جي آمد هجي يا لساني جهڳڙا، هن هوش سنيالڻ كان وٺي، قبر ۾ لهڻ تائين، نہ ته سنڌ كي وساريو ۽ نہ سنڌين كي. مون كي الاءِ ڇو؟ اڄ لطيف سائين جو هي شعر ياد پيو اچي.

نہ سي وڻئڻ وٽن ۾ نہ سي كاتاريون

پسيو بازاريون هيون مون لوڻ ٽئي.

شال سنڌ اهو صدموسهي سگهي ۽ صديون اهو خال پري سگهن. اياز لطيف ۽ سندس سموري خاندان كي الله صبر جي توفيق ڏئي.

نصرت منگڻ

مرحوم هك تاريخ ساز شخصيت هئي. الله مرحوم كي جنت نصيب كندو ۽ وارثن كي صبر ڏيندو.

ڊاكٽر شمس الدين شيخ

زندگي ۾ جن چگڻ انسانن سان ملڻ ٿيو، محترمہ پيڻ زرينہ بلوچ انهن مان هك هئي. هو ڳالهائيندي هئي تہ دل سان، لكندي هئي تہ دل سان ڳائيندي هئي تہ بہ دل سان، وڏو

عرصو ساڻس واسطو رهيو. وڏو قرب مليو. عزت ملي. خدا شل کيس جنت ۾ جاءِ ڏي. هوءَ هميشہ زندھ رهندي.

قاضي خادم

26-10-2005

جيجي زرينہ سان ۽ گھڙيون ۽، صديون ساڻ گذارڻ جھڙي حيثيت رکن ٿيون. سندس طرفان ڏنل محبت ۽ اتساھ سندين جي ساڃاھ واري سگھ کي وڌيڪ مجتا ڏيندو. جيجي سندين لاءِ ھڪ Symbolic characterرهي. منهنجون ساڻس لندن ۾ سندن جي ٻولي ثقافت جي ترقي لاءِ جيڪي رايا ۽ ڏاھپ پريون واٽون ڏسيون ان جو شال اڄ برٽش لائبريري ۾ سندي ٻولي جي ڪتابن جو سيڪشن آھي. جيڪو صدين تائين سندي قوم جو ڪنڌ مٿي رکندو.

پروفيسر بدر سومرو

هيومن رائيٽس ايڪٽوسٽ (HRCP)

26-10-2005

آءٌ جيجي زرينہ بلوچ جي وارثن سان ڏک جو اظهار ڪرڻ لاءِ پھتس. جيجي هن دور جي راڻي رهي آهي. چاهي دانشور هجن چاهي تحريڪون هجن، سياسي توڙي سماجي ڏريون، هر هنڌ جيڪڏهن جيجي جو ذڪر هلندو تہ جيجي جو رتبو مٿاهون هوندو. جيجي کي ڪنهن ھڪ شي سان ڳنڍڻ جيجي جي ڪردار سان زيادتي ٿيندي. هو هر ڪردار ۽ هر روپ ۾ امر هستي هئي.

عبدالستار سريوال

27-10-2005

آءٌ الحاج شاهنواز مسافر ڏک جو اظهار ڪندي اهو چوندس تہ جيجي زرينہ ھڪ قومي خزانو هيو جيڪو اسان جي نصيبن مان هليو ويو. جيجي خدمتن ۾ مردن کان ۽ اڳيرو هئي. سندن جون لک عورتون ڪني ٿين تہ پوءِ جيجي جي برابر ٿي سگھن ٿيون. آءٌ سندن نهايت عقيدت رکندڙن مان آهيان. رب العالمين مرحوم کي شال جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ پوئرن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين

الحاج شاهنواز "مسافر"

جيجي زرينہ کي مون 1964ع ۾ مال چاريندي ۽ اسکول ۾ پڙهندي ريڊيو حيدرآباد تان ٻڌو. 1963ع واري ايم آر ڊي جي تحريڪ هلندي 86 جي تحريڪ هلندي. عوامين تحريڪ سان گڏ هلندي. استيج تي جيجي سان گڏجي انقلابي گيت ڳائڻ جو موقعو

مليو. پوءِ ڇا ڇوان ڇا لکان؟ جيجي سڃي تحريڪ جي جيجي سڏبي هئي. جيجي بدين ۾ ايندي هئي ته ڊاڪٽر نجم جوٽيجو کي چوندي هئي ته الهڏني کي گهراءِ ته گڏجي ماءُ پٽ گيت ڳايون. اڄ اسان کان جيجي وڇڙي وئي آهي. ايترين خوبين جي مالڪ اسان جي جيجي توتي ڇا لکان؟ سڃي انقلابي ساٿ کان اسان سڀني کان جدا ٿي وئي آهين.لڙڪ نه ٿا ڪٽن زوري ڪريو پون پيا قلم تي.

الهڏنوجوٽيجو

سنڌ جي حقيقي روائتن جي امين جيجي زرينہ بلوچ جنهن پنهنجي ڪردار وسيلي وطن سان ڪيل وچن زندگي جي آخر ساهن تائين نياهيو. تڪراري سياست جيترو سنڌ کي نقصان پهچايو اوترو ئي جيجي جي سچائي سنڌ کي لافاني فائدو پهچايو آهي. شل ڏٺي تعاليٰ ڪيس پنهنجي جواهرِ رحمت ۾ جاءِ ڏئي. آمين

سڪندر زمان ميمڻ

چيئرمين ڊاڪٽر خان محمد پنهور ٽرسٽ

27-10-2005

جيجي جي سنڌين لاءِ ڪيل جدوجهد هميشہ لاءِ دلين ۾ ياد رهندي.

ڪانديرو خاصخيلي - ميرپوربٹورو

جيجي زرينہ بلوچ جو وڇوڙو وڏو سانحو ۽ قوم جو عظيم نقصان. سنڌ نہ، بلڪ سڃي فن جي دنيا جو وڏو سانحو آهي.

قاضي محمد اعظم

امان ۽ جيجي اهي لفظ اهڙي عظمت رکن ٿا جنهن کان پوءِ انسان جي عظمت جو ڪاٽو ئي ڪونهي.

گل محمد پٺي

رٽائرڊ جج

سنڌ جي جيجي هلي ويئي. سموري سنڌ سندس وچوڙ جي سانحي تي سوگوار آهي. هوءَ استاد، گلوڪارا، ليکڪا ۽ مترجم هئي. سندن اها گهڻ پاسائين شخصيت ئي ڪيس جيجي جو ڏنو آهي. هي تعزيت نامو سندس مڙس مهان ڏاهي رسول بخش پليجي، لائق پٽ اياز لطيف پليجي ۽ ٻين مڙني گهر ياتين لاءِ ضروري آهي، پر سموري سنڌ واسين

لاءِ پڻ آهي. ههڙي شخصيت جيڪا ڪيترن ئي رخن ۾ اتساهه جو ڪارڻ هئي. هميشه تاريخ ۾ ياد رکي ويندي. سندس آتما سکي هجي شال!

ولي رام ولپ
27-10-2005

مرحوم زرينه بلوچ صاحبه جي وفات سنڌ ۽ پاڪستان جو عظيم نقصان آهي. سندس خدمات قوم لاءِ، خاص ڪري مظلوم عوام لاءِ قابل فخر ۽ تحسين لائق آهن. انا الله وانا اليه راجعون. دعا آهي ته الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ڪري ۽ پوين کي صبر ۽ همت عطا ڪري . آمين

ڊاڪٽر نور احمد عباسي

جيجي زرينه جو وڇوڙو وڏو سانحو آهي. جيڪو نه رڳو هن جي گهر وارن لاءِ، پر پوري سنڌ لاءِ آهي. سندس ڪيل قومي خدمتون سنڌين جي دلين ۾ سدائين زنده رهنديون. اسان جو ساٿي رستو هو. شهيد فاضل سندن تمام گهڻي عزت ڪندو هو. مون کي جيجي کان هميشه شفقت ۽ محبت ملندي هئي. الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ سندس پوين ۽ سنڌين کي ڏک سهڻ جي طاقت عطا فرمائي.

اسماعيل راهو
27-10-2005

جيجي زرينه بلوچ نه صرف اسان جي جيجي پر ماءُ وانگر هئي. ايس ايس ٽي جي دور ۾ ڏکين وقتن ۾ جيجي جي ڪيل خدمت ايان تائين وساري نه سگهيا آهيون. پناڻ ڪالوني ۾ گڏ رهندا هئاسين ۽ جهيڙن جي دور ۾ سندس پناهه ڏيڻ اڄ تائين ياد آهي.

خليل پرڳڙي - بدين

آءٌ نه گڏي پرين کي تون ٿو لهين سڄ،
آءٌ جي ڏٺين سنباها سي نيئي پريان کي ڏڄ
وجي ڪيڇ چئج ته ويچاري واٽ هئي.

جيجي زرينه سان هڪ طرفو رشتو ناهي. هوءَ ته اسان سيني سنڌي ماڻهن جي شناخت آهي، جيئن، فلسطين جي زبيده نورش، مصر جي ام ڪلثوم ۽ افغانين جي نغمه منگل، سندس آواز ۾ جيڪا للڪار هئي، اها دلين کي گرمائي ڇڏيندي هئي. جيجي

جو امر آواز اسان جي آئيندہ نسلن لاءِ بہ مشعل راھ رھندو!

شاھنواز راڄپر

خيرپور ميرس

27-10-2005

جيجي جو سنڌ جي سماج ۾ پنھنجو مقام ھيو. رسول بخش پليجي صاحب جي سياسي زندگي لاءِ گھرو سکون ھئي جيجيءَ جنھن جي ڪري سندس ڪردار، ھر سياسي ورڪر، پوري طرح سان محسوس ڪندو ھو. جيجي جي ثقافتي زندگي، سنڌي سماج جي پربور نمائندگي ڪري ٿي.

عثمان بلوچ ۽ محمد خان بلوچ

27-10-2005

اڄ جيجي جي شخصيت اکين کان ڏار ٿي آھي. پر دل ۾ سدائين رھندي جيجي ھڪ تحريڪ ھئي. ھڪ ڪردار ھئي. جيسين سنڌ آھي. جيجي زرينہ بلوچ پنھنجي ۽ سرن سان زندہ رھندي.

محمد علي بلوچ - ملير ڪراچي

27-10-2005

جنھن جو لقب جيجي ھجي، ان کان وڌيڪ ٻيو لقب ڇا ٿي سگھي. ھن ڪائنات ۾ ماءُ کان وڌيڪ پيار ڪندڙ ٻي ھستي ڇا ٿي سگھي. اھڙي ھستي جنھن کي سڃي سنڌ جيجي ڪري سڏي ۽ اھا جيجي جو ڪردر نياڻي. يعني جيجي ڏرتي کي بہ جيجي ماءُ سمجھي ۽ انھي سان اھو ڪردار نياڻي، اھا ھئي منھنجي ۽ سڃي سنڌ جي جيجي زرينہ!

ممتاز پنہور- دادو

27-10-2005

جيجي جا گيت مون لاءِ انقلابي اتساھ جو ذريعو رھيا آھن. سنڌ جيجي کي ڪڏھن بہ وساري نہ سگھندي.

اقبال ملاح

صدر حيدرآباد پريس ڪلب

جيجي جي انقلابي گيتن مان سدائين اسان کي اتساھ مليو.

مھيش ڪمار

ايڊيٽر - روزاني ھلچل حيدرآباد

جيجيءَ جو وڇوڙو سنڌ لاءِ ڪنهن سانحي کان گهٽ ناهي. سندس انقلابي گيت وطن پرستن لاءِ راهه جي مشعل بڻجندا رهندا.

جعفر ميمڻ

ايڊيٽر - روزاني سنڌ - حيدرآباد

27-10-2005

اسان سڀني جي جيجي نيٺ اسان کان وڇڙي وئي. جيجي سنڌ هئي سنڌ جيجي آهي. جيستائين سر ۽ ساز دنيا ۾ رهندا. جيجي به زنده رهندي. اسان اسلم اياز ۽ پليجي صاحب سان هن ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

زنده آهي، زنده رهندي
جيجي جڳ جڳ زنده رهندي.

قطب علي جوڳر

ڏري ميرواهه خيرپور ميرس

جيجي سڃي سنڌي قوم کي پنهنجي گيتن ذريعي جاڳايو ۽ نئون انقلابي ولولو قوم ۾ پيدا ڪيو. پاڻ سنڌ جي جدوجهد ۾ سرواٽي وارو ڪردار ادا ڪيو. اسان جيجي تي فخر محسوس ڪريون ٿا.

استاد محمد چنگل جوڳي

ڏري ميرواهه خيرپور

جيجي زرينه بلوچ سڃي سنڌ جي مظلوم قوم، عوام جي ماءُ هئي. 1984ع 1988ع تائين آڻون جيجي جي گهر ۾ ٿي رهيو هئس، جيئن ڇڻ جي خدمت ماءُ ڪندي آهي هن مون کي نه پاليو ان بابت منهنجي قلم ۾ ايڏي طاقت ناهي جو مان سندس نيڪيون بيان ڪري سگهان. جيجي جي انتقال جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ منهنجي اکين مان پاڻي ڪو نه ٿو سڪي. سڀ ماڻهن کي اڳتي هلڻو آهي اجان اسان کي سندس رهبري جي ضرورت هئي. وڌيڪ اکيون پرجي آيون آهن. قوم جي امڙ اسان کان جدا ٿي وئي. شال رب تعالىٰ کيس جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي.

ڪوٽو رستماڻي

سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينه بلوچ لاءِ اڄ اهي اکر نڙو لکي سگهان ٿو هو

اسان سان گڏ نہ آهي. جيجي اسان سان گڏ آهي،سندس گيت اسان جي دلين ۾ اڄ بہ ڏڙکن پيا ۽ ائين پيو محسوس ڪيان جيئن اڄ 50 سالن کان پوءِ جيجي سان گڏ زبيده ڪاليج ۾ گڏ ڊرامون ڪري رهيو هجان. يا ريڊيو حيدرآباد تي منهنجي لکيل شاهہ جي سورمين ۾ جيجي سان گڏ ڪم ڪري رهيو هجان. الله ڪيس پنهنجي رحمت ۾ جڳهہ ڏئي ۽ سندن پونئرن کي صبر عطا فرمائي.

مشتاق چنگيزي

پياري سين جي پياري جيجي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ الله سائين توهان کي جنت ۾ جڳهہ عطا فرمائي. آمين

قادر بخش منو

سنڌ هڪ عظيم هستي کان محروم ٿي وئي آهي .وڏيڪ ڇا لکان.

مير غلام مصطفيٰ ٽالپور- عمرڪوٽ

جيجي زرينہ بلوچ سڄي سنڌي قوم جي جيجي هئي. هوءَ جيسين جيئري هئي ورجي نہ ويئي. سندس زندگي جا سمورا پل قومي جنگ ۾ عملي ڪردار طور ياد رهندا. جيجي جي قومي گيتن سنڌ جي نوجوانن ۾ آزادي جي ويڑهہ لاءِ رهنمائي پيدا ڪئي . جيجي وڏي بهادر عورت هئي. الله سائين جيجي کي جنت ۾ جايون ڏيندو ۽سندس پونئرن کي صبر عطا فرمائيندو.

علي حسن چانديو

وائيس چيئرمين سنڌ ترقي پسند پارٽي

27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ کي ڪهڙن ۽ ڪيترن لفظن ۽ لقبن سان ياد ڪيون. ايترو تہ لفظن جو ذخيرو ئي ڪونهي. ڪيس هڪ ماءُ جي حيثيت سان ياد ڪيون. استاد جي يا انقلابي رهبري ڪندڙ ليڈر جي حيثيت سان جنهن قوم ۾ پنهنجي انداز سان خودداري جو جذبو جاڳايو. سندس شخصيت جا اڻ ڪٽ پهلو آهن. ڪيترن تي لکي ڪيترن تي لکجي. سندن شخصيت جو سحر لازوال آهي ۽ رهندو.

ڊاڪٽر فيروز ميمڻ

جيجي اسان جي ماءُ هئي ماءُ بہ اهڙي جنهن جي مک تي هر وقت محبت ۽ شفقت جون رکائون هيون.

زوار نقوي

ملڪ ۾ آيل زلزلي جو نقصان اقوام عالم پورو ڪري سگهي ٿي، پر ڪروڙين سنڌين جي هن نقصان جي تلافي ٽيڻ ناممڪن آهي. جيجي پوري سنڌ نہ بلڪ ڪروڙين سنڌين جي دولت هئي. مان پوري سنڌي قوم سان هن ڏک ۾ گڏ آهيان.

قادر بخش طالباڻي

جيجي زرينہ بلوچ عظيم سنڌ جي هڪ عظيم عورت هئي. هوءَ سنڌ جي املهہ ماڻهن مان هڪ املهہ ماڻڪ هئي. سنڌ جي ماڻهن ۾ نوجوانن کي سجاڳ ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ هئو. ون يونٽ جي دور کان وٺي اڄ تائين آڻ پڻ جيجيٰ سان لاڳاپيل رهيس. ان دور ۾ سندس گيت جيڪي اڄ بہ امر آهن. اسان سين کي بلڪ سڄي قوم کي جهومائيندا هئا ۽ ان سڄي تحريڪ ۾ سندس پربور شرڪت هئي. آڻ سمجهان ٿو تہ شيخ اياز ۽ حيدربخش جتوئي جي گيتن ۾ جيجي جان وڏي، جن آخر وجي هنڌ ڪيو ۽ ون يونٽ جو ڪارو ڪوٽ ڏنو. پاڻ هڪ باهمت ۽ باشعور عورت سان گڏ هڪ بهترين ماءُ بہ هئي ۽ پنهنجي اولاد جي پالنا انتهائي عاليشان نموني ڪئي. سنڌ ڪيس سدائين ياد رکندي. هوءَ سنڌ جي هڪ وڏي رهنما پليجي جي شريڪ حيات بہ هئي. دعا آهي تہ الله تعاليٰ ڪيس جنت ۾ جايون ڏئي ۽ سندس پونئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

پروفيسر اعجاز قريشي - حيدرآباد سنڌ

27-10-2005

پاڻ سنڌ جي نڊر ۽ بهادر نياڻي اختر بلوچ ۽ نوجوان دانشور اياز لطيف پليجي کي جنم ڏنائين. هنن ٻنهي جو سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ وڏو ڪم آهي. ادي اختر تہ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ ووٽرن لسٽن جو سنڌي ۾ لکڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

اعجاز

سنڌ جي هنج الاهي تيزي سان پنهنجن املهہ ماڻڪن مان وانجهي ٽيندي وڃي. هاڻي جڏهن سنڌ کي ڏاهپ، دليري سچائي ۽ پنهنجي وطن سان محبت رکندڙ ماڻهن جي اشد ضرورت اڳي کان وڌيڪ آهي. انهي وقت ۾ جيجي زرينہ جو وڇوڙو هڪ خاندان لاءِ ڏک جو باعث نہ، پر سڄي سنڌ جو گڏيل نقصان آهي. شال ڏٹي ڪيس جنت ۾ جايون ڏي ۽ سنڌي مائرون جيجي جو خال پري سگهندڙ اولادون ڇٽين.

انجنيئر غلام مصطفيٰ اڇڻ - ميرپورخاص

جيجي ۽ سنڌ هڪ اهڙي رشتي ۾سمايل آهن جنهن جو ڪو بہ انت ناهي. سنڌ جو وجود جيجي جي هجڻ جي ثابتي طور ايندڙ هزارين صدين تائين سمورن سنڌين جي اڳيان نروار رهندو. سنڌ جي سياسي تحريڪن ۾ ايندڙ اپار ۽ طاقت ۾ جيجي جو اهم ۽ گهرو ڪنٽريبيوشن رهيو آهي. جيجي سنڌ آهي ۽ اسان سمورن جي دلين ۾ سدائين زنده رهندي. ازل تائين.

نظير عيساڻي - حيدرآباد
27-10-2005

جيجي هن وقت ۽ 20 صدي جي هڪ تاريخ آهي. جنهن تي جيترو بہ لکجي اهو تمام ٿورو آهي. سنڌ جي جدوجهد ۾ بي مثال ڪردار ادا ڪندڙن ۾ لطيف کان ويندي شيخ اياز ۽ استاد بخاري جي گيتن جي نئين انداز ۾ سهندو ڪير ميار او يار، سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو. درياھ تي سر ڪير نہ ڏيندو. اهو آواز جسماني طور اسان کان جدا ٿيو آهي. پر روحاني ۽ ذهني طور سدائين امر آهي.

ڪرڙ رٻاري
هاري تحريڪ - ميرپورخاص

جيجي اسان کي سڳين مائن کان وڌيڪ پياري هئي. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ جيجي جي گيتن اسان جي رهنمائي ڪئي ۽ جوش ۽ جذبو ڏياريو. ان دور ۾ جيجي جا گيت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ گونجڻا هئا سچ پچ تہ هوئي هئي جنهن ضيا جي ڪاري دور کي گيتن ذريعي للڪاريو.

حاجي خان سمون.

جيجي زرينہ سان اسان جو هڪڙو رشتو ٻڌندڙ وارو هيو ۽ ان رشتي سان بہ هوءَ اسان جي دل ۾ ڏڙڪن جيان هئي ، پر جيجيءَ سان منهنجو هڪ اهڙو ذاتي رشتو بہ آهي، جنهن جي فقط منهنجي گهر کي ئي خبر آهي. جڏهن کان مون هوش سنياليو آهي. تڏهن کان جيڪي بہ ٻي نالا سپ کان اڳ ۾ منهنجي ڪنن ٻڌا ۽ ذهن دل سان قبول ڪيا. انهن ۾ هڪڙو نالو "زرينہ" بہ هيو. جيڪا اسان پيڙهن ۽ پائرن ۾ سپ کان وڌي پيڙ آهي، ۽ جنهن تي منهنجي ناني اهو نالو رکيو هيو. منهنجو نانو جيجي زرينہ جي آواز کي ايترو تہ پسند ڪندو هيو. جو هن ان کان سواءِ شايد ئي ڪنهن جي گيتن کي ايترو محو ٿي ٻڌو بہ هيو. منهنجيءَ وڏي پيڙ تي اهو نالو بہ جيجي زرينہ جي نالي مٿان

رکيو هئائين ۽ ائين جيجي اسان جي گهر، اسان جي زبان ۽ اسان جي دل جو اڻ ٽٽ حصو آهي ۽ هميشه رهندي.

اسحاق سميجو
27-10-2005

او! امان!
او! امان!
لاڳ بوٽن هٿان
جي لتاڙيو وجان
تون نہ روئجان.
جيجيءَ جا گيت ٻڌي روئي پوندو آهيان.

مخدوم بلاول
اڳواڻ سنڌي عوام فورم

جيجي جي لاڏاڻي کي سنڌي لوڪ ورثي جو موت چئي سگهجي ٿو.

منير احمد ميمڻ
27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي وطن دوست انقلابي تحريڪ ۾ پنهنجي آواز ۽ عملي جدوجهد وسيلي آخري وقت تائين شعور ڏيندي رهي. سنڌ جي انقلابي تحريڪ ۾ اهڙا ڪردار تمام ٿورڙا آهن. جن سنڌي لوڪ موسيقي کان وٺي، قومي گيتن ۽ مزاحمتي تحريڪ ۽ جدوجهد تائين هوندو سنڌ ۾ هڪ لازوال اثر ڇڏيو هوندو سنڌ جي قومي آجپي ۾ روح ڦوڪيو هوندو.

ڊاڪٽر ذوالفقار راهوجو - لاڙڪاڻو
27-10-2005

جيجي زرينہ جهڙيون شخصيتون صدين ۾ پيدا ٿيندیون آهن. جيڪي پنهنجي شخصيت جي سحر سان قومن ۾ نئي جاڳرتا پيدا ڪنديون آهن. جيجي جي تاريخ ساز شخصيت صدين تائين ياد رهندي ۽ سندن خال شايد ڀيو ڪو ب پري نہ سگهي.

نور الحق قريشي

محترمہ جيجي زرينہ جو وڇوڙو سنڌ لاءِ وڏو سانحو آهي. جيجي جهڙي عظيم شخصيت

سنڌ جي فن جي سجاڻپ هئي. اسان سڀ وري هڪ امڙ کان محروم ٿي ويا آهيون. جنهن جي آواز قوم کي سجاڳ ڪيو هو.

عاجز محمد اسماعيل ڪنير

استاد سنڌ زرعي يونيورسٽي تنڊو جام

جيجي زرينہ بلوچ مرحومہ جو وفات جو ٻڌي ائين محسوس ٿيو، جڻ ڪو زلزلي جو جهٽڪو آيو هجي. جيجي جي آواز کان اڄ سنڌ امڙ محروم ٿي وئي. سنڌي قوم جي لاءِ اهو وڏو سانحو آهي پر افسوس جو مالڪ جي اڳيان اسين سڀ بيوس آهيون.

دربار علي شاهہ

ناظم يو سي نصرپور

جيجي هڪ تاريخ ساز باب آهي جيڪو اڄ بند ٿي ويو آهي. ان آئيڊل سنڌياڻي جي نقش قدم تي هلندي اسان پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

مير پرويز دائودپوٽو

نائب صدر عوامي تحريڪ ضلع - حيدرآباد

27-10-2005

جيجي جنهن رستي تي هئي توڙ تائين ان رستي تي هلي، امر بڻجي وئي.

اصغر الدين بروهي - نصرپور

سائين رسول بخش ۽ ايار لطيف پليجو صاحبن سان قرب هجڻ کان علاوہ جيجي اسان لاءِ ماءُ آهي، هن نقصان کي مان پنهنجو نقصان سمجهان ٿو. الله سائين جيجيءَ کي جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين

ڊاڪٽر خليق شيخ

وائيل ليب حيدرآباد

دنيا ۾ سُريلي آواز کي وڏي اهميت آهي. جيجي زرينہ کي اها قدرتي ڏات مليل هئي. اگر کين ابتدا کان ئي رسول بخش پليجي جهڙا انقلابي رهنما رهنمائي لاءِ ملن ها تہ شايد سنڌ جي اڄ هي حالت نہ هجي ها. بهرحال مرحومہ جي ورثا مان اميد ڪجي ٿي تہ خدا کين همت ۽ حوصلو ڏئي تہ انهي مقصدن کي کڻي اڳتي ۽ مرحومہ جي الله مغفرت فرمائي. آمين

عبدالحميد نظاماڻي

جيجي اسان جي لاءِ ڏرتي ماءُ جهڙي حيثيت رکي ٿي. سندس جي سنڌ لاءِ خدمتون لازوال آهن. انهن جو لفظن ۾ بيان ممڪن ناهي. الله سائين کي ٻاڏيان ٿو ته ٽل سندس روح کي جنت ۾ بلند درجا عطا ڪري ۽ پونئيرن کي صبرءِ تحمل ڏي. آمين

عبدالقادر پليجو

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي هر صلاحيت جيڪا قدرت کيس ڏني هئي ان سان پنهنجي وطن سنڌ ۽ ان جي عوام جي خدمت ڪئي، پوءِ چاهي اهو ترنم ۾ريو آواز هجي، لکڻ جي ڏات هجي، سياسي جدوجهد هجي يا پنهنجي خاندان ۽ اولاد جي تربيت هجي. پاڻ هر محاذ تان پاڻ ملهايو ۽ سندس وفات يقينن سنڌ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ڪيو آهي. شال سنڌ وري اهڙيون هستيون پيدا ڪري.

رحمت الله ترڪ

نذير حسين ميمڻ ، الهڏنو سچاروي

مٽياري ايڪشن ڪميٽي

27-10-2005

مون کي ائين محسوس ٿئي ٿو ته جڻ منهنجي ماءُ هن دنيا مان هلي ويئي. خدا کيس جنت نصيب ڪري.

عابد رضا مختيار- ڊگهڙي

اڄ مان جيجي جي وڇوڙي کي ائين ٿو محسوس ڪريان جڻ اسان جي سنڌ سر زمين ماءُ وڇڙي وئي آهي، مون کان.

محمد خان رستماڻي

قاسم آباد حيدرآباد

28-10-2005

جڏهن اها خبر پئي ته جيجي جن ڪوما ۾ آهن ته اسان دعائون گهريون. پر سپ الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. اسان کي تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي. الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جاءِ نصيب فرمائيندو. ۽ اسان سيني کي صبر جي توفيق عطا ڪندا.

فياض شيخ

28-10-2005

جيجي نہ رڳو اياز لطيف جي ماڻ هئي پر سنڌ جو وڏو اثاثو هئي. جيجي زرينہ جو وڇوڙو سنڌ جي ماڻهن لاءِ هڪ درد بنجي ويو آهي. سندس سنڌ لاءِ محبت ۽ پيار، الاپ بنجي هر دل مان لڙڪ بنجي چهرن تي نمودار ٿيو آهي. جيجي سنڌ واسين کي پنهنجي ڪردار ۽ آواز سان موهيو هو. اڄ ڪير آهي جو کيس وساري ٿو سگهي. هوءَ نوجوان نسل جو آئيڊل ۽ اهڙي ماڻ آهي جنهن کي وسارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. آئون سندس مداح آهيان ۽ دعاڳو آهيان تہ رب پاڪ کيس جنت ۾ جايون ڏي.

سرفراز راجڙ

صوبائي صدر پ پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ

جيجي زرينہ بلوچ جو هن دنيا مان موڪلاڻ سنڌ جو هڪ وڏو نقصان آهي. جيجي موسيقي جي راڻي هئي. ڪو بہ راڳي جيجي جو خال پري ڪو نہ سگهندو. جيجي جي راڳ ۾ ايتري مٺاس هوندي هئي، جو، هر ماڻهو ان مان لطف اندوز ٿيندو هو. اسين الله تعاليٰ جي اڳيان دعا ٿا ڪريون تہ جيجي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي.

ڈاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي

صدر پ پ پ ضلعي ٽريڊ يونين

صدر پ پ پ مينارٽي ونگ سنڌ

جيجي زرينہ بلوچ اسان کي اڪيلو ڪري ويئي آهي. اهڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. جيڪوي موت کي ماريندا آهن پر پاڻ هميشہ زنده رهندا آهن. جيجي جهڙي عورت سنڌ ۽ بلوچستان جي لاءِ هڪ پل مثل هئي ۽ سندن لاءِ رسول بخش پليجي صاحب جن جي زال هئڻ اعزاز هو. منهنجو پليجو صاحب سان تمام پراڻو واسطو آهي. آءٌ هن جي ڏک ۾ ساڻس برابر جو شريڪ آهيان. نواب خير بخش مري، جي طرفان بہ حڪم هو تہ منهنجو طرفان تعزيت ڪئي وڃي.

غلام قادر مري صاحب - ٽنڈو الهيار

28-10-2005

جيجي پنهنجي وطن جا گيت جهونگاري وئي، وطن جي دشمنن لاءِ باهہ ٻاري وئي. هوءَ وڏو انسان هئي

ديدار بلوچ

28-10-2005

جيجي پنهنجي وطن جا گيت جهونگاري وئي وطن جي دشمنن لاءِ باهه ٻاري وئي. جدوجهد جي راڻي هئي ۽ پارٽي جي ساٿين لاءِ ماءُ هئي.

جاکرو نوحاڻي

عوام تحريڪ ضلع بدين

28-10-2005

منهنجي جيجي جيڪا مون کي چوندي هئي ته تون منهنجو سمڊي آهين، ڇاڪاڻ ته سندس لائق فرزند ايياز لطيف پليجو جي گهر واري جي ماءُ رياض ميمڻ منهنجي سڳي ۽ وڏي سوٽ هئي. ان جي پيءِ مرحوم حاجي دين محمد ميمڻ مون کي لکايو، پڑهايو ۽ پاليو هو.حسب دستور روزانه عبرت پڑهيم پئي ته جيجي جي وفات جي خبر پڑهيم، بس ڳوڙها ڳڙي پيم، ڏٽي در دعا آهي ته جيجي کي جنت ۾ جاءِ ملي.

حاجي عبدالمجيد ميمڻ

اڳوٽو ايڊيٽر روزانه عبرت

سنڌ جا ائين ته الائي ڪيترا نقصان ٿيا آهن پر جيجي زرينه بلوچ جو هن دنيا مان وڃڻ ڇڻ ته سنڌ جو روح وڃائجي وڃڻ برابر آهي. سندس آواز روح کي گرمائيندو هيو ۽ اتساهه پيدا ڪندو هيو ته جدوجهد کي اڳتي وڌائجي. اڄ . اهو ضروري آهي ته محترمه زرينه بلوچ صاحبه کي ياد ڪندي.

نثار احمد، مير فتح علي ٽالپور، محمد ساجد جوڪيو

28-10-2005

مرحومه جيجي زرينه کي سنڌ جو ساهه چوان، آزادي ۽ پره جو پيغام چوان، ماروئڙن ۽ مليز جي مارن جو مانُ چوان، يا جهانگين جي جان چوان. سنڌ جي جاڳ ۽ جوت چوان، هوءَ حقن لئي جانثار ٽيندڙ، درياءَ جي پاڻي لاءِ پير پٽون ڪندڙ، مئي ۽ جون جي گرمين ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ. مزاحمت کان نه ڏڃندڙ نه هٽندڙ هماليه جبل کان به سخت سنڌين جو ساٿ ڏيندڙ مزاحمتي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ قومي حقن لئي لڙندڙ پليجي صاحب جي بيگم ۽ ايياز لطيف پليجو جي عزت مآب امڙ هئي. هن جي دل ۾ مردن کان مٿي فولادي جذبا هئا. جيجي زرينه جي جدائي ڪنهن زلزلي کان گهٽ نه آهي. هوءَ امر آهي، امر رهندي، سنڌوءَ جي لهرن ۾، عوام جي نعرن ۾ آزادي جي آفتاب جي ڪرڻن ۾.

محمود مهيري

سينئر ايوارڊ يافته صحافي

هي وچوڙو قدرت طرفان آهي. جيڪو هر انسان تي نازل ٿيڻو آهي. صرف اسان ۾ پوين کي ڏٽي صبر جي توفيق عطا فرمائي. الله پاڪ امان جيجي کي بهشت نصيب ڪري . اسان کي ڪجھ تحفا بہ ڏيئي ويئي آهي. جنهن ۾ پاڻ ايار پليجي ۽ پيڙ اختر بلوچ ۽ پيڙ سسئي پليجو ۽ ٻيا. الله ڪندو اهي اسان جا ڏک لاهيندا. ٽڙي پوندا ٽارئين جڏهن ٻگاڙها گل تڏهن ملنداسين.

حاجي آفتاب عرف ڏاڏا

28-10-2005

افسوس جو اڄ هڪ تاريخ پنهنجي پڃاڻي تي پهتي، جيجي زرينہ بلوچ کي سندڙ صدين تائين ياد ڪندي. امر الاهي تہ هر هڪ تي آهي پر ڪي انسان پنهنجون يادون دنيا ۾ زنده رکي ويندا آهن. جيجي جو آواز ۽ انداز هميشہ سندڙ واسي ياد ڪندا. جيجي زرينہ بلوچ سندي لوڪ گيتن جي راڻي هئي. الله سائين جنت ۾ جايون ڏيس.

علي نواز پلي

پٽائي نگر حيدرآباد

مرحومہ جيجي زرينہ جي وفات تي بيحد ڏک ۽ افسوس ٿيو. سندس شخصيت پنهنجو مٽ پاڻ هئي. سندڙ جي ثقافت ۾ سندس نالو رهندو. مرحومہ جا گيت عام فهم ۽ سندڙ جي عوام جي خيالات ۽ جذبات جي عڪاسي ڪن ٿيا. پروردگار عالم کيس جنت ۾ جاءِ ڏي.

سيد قائم علي شاهہ.

ايم پي اي - پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرين

28-10-2005

آءٌ کيس ادي سڏيندو هوس. اهڙي پياري ادي جي وچوڙي جي جهوري وڏو آهي. خدا شل جنتون نصيب ڪريس

سراج الحق ميمڻ

ايڈووڪيٽ ڪراچي.

28-10-2005

جيجي زرينہ جي هن دنيا مان لاڏاڻي سان سنڌ جي عورتن جي آزادي ۽ ترقي واري جدوجهد کي تمام وڏو ڌڪ رسيو آهي ۽ ان نقصان جو ازالو ممڪن نہ آهي. ان سان گڏوگڏ سنڌ جي قومي جدوجهد لاءِ بہ جيجي جو وڇوڙو وڏو المیو آهي. اسان جي دعا آهي تہ سنڌ جون پينرون جيجي جي مشن کي پورو ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندیون اچن. الله جيجي کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ سندس روح کي هميشہ خوش رکي. آمين

عبدالحميد شيخ

28-10-2005

جيجي جي وفات سبب اڄ تڏي تي اچڻ ٿيو. جيجي هڪ قومي فنڪاره ۽ لوڪ گيتن جي راڻي هئي پر ان سان گڏ هن قومي تحريڪ ۾ جيڪو ڪر ڪيو آهي اهو بي انتها آهي. جيجي جي قومي گيتن سنڌ جي نوجوانن جي اندر ۾ جيڪا سنڌ ۽ سنڌ جي مظلوم ماڻهن لاءِ جيڪو جذبو پيدا ڪيو آهي اهو تمام گهڻو آهي. جيجي جسماني طور تي جدا ٿي آهي پر سندس ڪيل خدمتون هميشہ ياد رهنديون. اسان سندس واٽ تي هلندي سنڌ جي مسئلن لاءِ جاکوڙ جاري رکنداسين.

عارف جوٽيجو

مرڪزي صدر سنڌي مزدور تحريڪ

28-10-2005

موت جو ذائقو هر نفس تي اچڻو آهي پر جيجي جي وڇوڙي جيءُ جهوري ڇڏيو آهي. سندس وفات سان لوڪ موسيقي ۽ قومي تحريڪ ۾ وڏو خال پيدا ٿيو آهي. جيجي جا گيت اسان جي دلين ۾ هميشہ گونجندا رهندا.

فاروق اعظم مرياڻي

ڊپلو مني ٽرپارکر

جيجي زرينہ جي وڇوڙي سان سڄي سنڌ جڻ يتيم ٿي ڇڪي آهي. جيجي زرينہ جا گيت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجندا رهن ٿا. جن جي شاهدي اڄ پڻ باهر رهندڙ سنڌي فورمن کان ملي ٿي. جيجي نہ صرف هڪ قومي ۽ لوڪ فنڪاره هئي پر هن سنڌ دشمن منصوبن خلاف جلسن جلوسن بک هڙتالن ۾ ضياءُ جهڙي مارشلا وارو دور هجي يا ڪو بيو هن وڏي ڇڙهي بحصو ورتو . افسوس اڄ اسان کان هڪ سچي سنڌ جي جيجل، استاد ۽ ليکڪا پري ٿي وئي. جنهن ويندي ويندي بيماري جي بستري تي ڊاڪٽرن جي

ڳالهائڻ تي سخت بندش هوندي به عيادت لاءِ ايندڙ هر ننڍي توڙي وڏي سنڌ ڄائي کي سنڌ جي پارت پئي ڪئي. الله جنت نصيب ڪريس.

الهبچايو چارو

جنرل سيڪريٽري عوامي تحريڪ ضلع ٺرپارڪر

28-10-2005

جيجي زرينہ جي وڇوڙي اسان کي جهوري وڌو آهي جڏ تہ اسان پنهنجي ماءُ کان جدا ٿي وينا آهيون. جيجي ماءُجي باري ۾، ڇا لکي ڇا لکان، جيڪي لکان اهو ٿورو آهي.

باقر خان جوکيو

يونين ڪائونسل

نوري آباد تعلقہ ٽاٽو بولا خان

28-10-2005

مون کي اڄ بہ اهي ڏينهن ياد آهن جڏهن اسان مومل راڻو ٽيبلو رکارڊ ڪرائڻ لاءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پهتاسين تہ اسان کي بيت رکارڊ ڪرائڻا هئا جنهن لاءِ اسان مائي عابده سان ڳالهايو جنهن 25000 هزار رپيا ڏيڻ لاءِ چيو جيڪي اسان جي وس کان ٻاهر هئا. اهو ٽيبلو محمد اشرف سيال اڳوڻي ايس ڊي ايم ننڍو جو لکيل هو. جڏهن جيجي زرينہ سان ڳالهايوسين تہ پاڻ وراڻيائين تہ ادا هي قومي ڪم آهي مون کي جنهن وقت حڪم ڪندا تہ مان ايندس. اهو ٽيبلو جيجي ۽ منهنجي آواز ۾ رکارڊ ٿيو. جيئن تہ اڄ جيجي اسان جي وچ ۾ نہ آهي پر سندس يادون اڄ بہ اسان کي ياد آهن.

امام بخش پٽي

جنرل سيڪريٽري

تعلقہ ڪائونسل قاسم آباد

28-10-2005

جيڪا هجي ئي جيجي تنهنجي بي ڪهڙي تعريف ڪجي. شروعات بہ جيءَ سان تہ انتها بہ جيءَ سان. جيجي بي ٿي نہ سگهندي آهي.

انور محمد

ايم پي اي سکر

28-10-2005

جيجي زرينہ سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ جدوجهد ۾ سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ گهٽگهرن لاءِ اتساهہ جي علامت هئي. هن پنهنجي گيتن، سرن ۽ آلاپن وسيلي سنڌ جي ساڃاهہ وند ماڻهن ۾ ولولو پيدا ڪيو. سندس وفات کان پوءِ پيدا ٿيل خال شايد وڏي عرصي تائين نہ پرجي سگهي.

حڪيم زنگيجو

جيجي زرينہ جو وڇوڙو سڄي سنڌ جو قومي نقصان آهي. صدين ۾ اهڙيون شخصيتون پيدا ٿيندیون آهن. سنڌ جو عوام جيجي جي وڇوڙي سبب نهايت غمگين آهي. اسان سڀني کي رب العزت صبر جي توفيق عطا فرمائي. ۽ سائين پليجو صاحب ۽ سندس فرزندن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

سليمان - جيءَ - ابڙو

جيجي جهڙي عظيم هستي جو ڏک هميشہ دل ۾ موجود رهندو. خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏيئي.

محمد ڪوسو

جيجي زرينہ بلوچ، حسين ۽ دلين جي دنيائون کي روشن ڪندڙ نغمن ۽ سدا بهار قومي ۽ عوامي گيتن جي سدا ملوڪ صورت ۾ زنده رهندي. سندس ڳايل گيت، سچا، سونهن ۽ حوصلي جا گلنار پرجر بنجي هميشہ رهنمائي ڪندا رهندا ۽ ان گونج ۾ زرينہ بلوچ سدائين جرڪندي رهندي.

عبدالله ملاح

اسسٹنٹ پروفيسر اسلاميہ ڪاليج بدين

28-10-2005

جيسين سنڌ سنڌي پنهنجي قومي وجود ۽ وقار سان قائم رهندا. زرينہ بلوچ سندن سڃاڻپ جي جنگ وڙهندڙ طور ياد رکي ويندي.

امداد چانڊيو

اسسٹنٹ پروفيسر شعبہ بين الاقوامي تعلقات

شاهہ عبداللطيف يونيورسٹي خيرپور

28-10-2005

فن ادب ۽ سياست هڪ عورت ۾ يڪجا هجي اهو سنڌ ۾ تمام ٿورو آهي، زرينہ ۾ اهو سڀ خوبيون هيون ان ڪري هوءَ هڪ وڏي شخصيت هئي.

رحيم بخش جعفري

28-10-2005

اهو دؤر وسري نٿو سگهي جڏهن زرينہ صرف زرينہ بلوچ هئي ۽ ريڊيو حيدرآباد تي ڊرامي جي آڊيشن ڏيڻ آئي هئي. اسان ڪيترا ڊرامہ ڪيا بعد ۾ موسيقي جي طرف وئي. ان دور ۾ زرينہ، روزينہ ۽ زيب النساءِ خواتين آرٽسٽ هيون. زرينہ شادي کان پوءِ سنڌ جي جيجي ٿي جڏهن سنڌ جي حقن لاءِ موسيقي جي ذريعي آواز بلند ڪيائين. سنڌ ڏرتي جا نغمہ ڳائي زرينہ سنڌين کي سجاڳ ڪيو جيستائين سندس آواز سنڌ جي فضا ۾ آهي تيستائين زرينہ سنڌ جي جيجي ٿي رهندي.

مصطفيٰ قريشي

جيجي زرينہ بلوچ امر هئي، امر رهندي. پوين کي صبر ڏئي ۽ انهي واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

راڻو خان پٽو- ڪراچي

28-10-2005

ادي زرينہ بلوچ سان منهنجو ساڻ ذاتي بہ هو تہ قومي بہ. جڏهن شاگرد هئاسين ۽ سنڌ جي شاگرد تحريڪن جو حصو هئاسين ان وقت کان وٺي ادي زرينہ سان پيار جو رشتو هو. انڊ جي اپوجهہ ماڻهن جي درد جو رشتو. وقت سان گڏ ادي اختر ۽ غلام قادر پليجي جي شادي کان وٺي اديءَ سان گهريلو رشتو بہ قائم ٿي ويو. سندس ٻالهيون، سندس رهاڻيون، اهي نہ درد جا رشتا وسرڻ جا آهن نہ ذاتي لاڳاپا. سنڌ جو تہ عظيم نقصان آهي پر اسان جو ذاتي نقصان بہ آهي. الله تعاليٰ کيس جواحر رحمت ۾ جاءِ ڏيندو. اسين سندس گيتن سان يادون ڏهرائيندا رهنداسين.

اشفاق احمد ميمڻ

سيڪريٽري گورنمينٽ آف سنڌ

28-10-2005

جيجي زرين سنڌ جو هڪ ورثو ۽ قوم جو اهو سرمايو آهي جيڪو سندن لاڏاڻي جي باوجود بہ سندن خدمتن جي شڪل ۾ هميشہ زنده رهندو. سنڌي ثقافت جو هڪ اهڙو ڪردار جنهن هڪ ڏڳهي عرصي تائين پنهنجو پاڻ کي ريڊيو ٽي وي ۽ عام پليٽ فارم تي مڃايو. اسان جون ساٿن ڪيئي ملاقاتون ٿيون ۽ ساٿن اهو رشتو آهي جيڪو سدائين قائم ۽ دائم رهندو. دعا آهي تہ الله تعاليٰ کين جنت ۾ جڳهہ عطا ڪري.

غلام نبي شيخ
حرمين بلڊرز-ڪراچي

مون سي ڏٺا ماڻهو جنين ڏٺو پرين کي
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙيو

جيجيءَ جي جدائي ظاهري آهي، روحاني طور ۽ عملي طور نظرياتي طور جذبي طور ۽ هر لحاظ سان سموري قوم سان گڏ آهي. زنده آهي. زهنده رهندي جيسين هي قوم زنده ۽ جاويد آهي تيسين جيجيءَ جو نالو سرفهرست رهندو. سندن نالو نئين نسل لاءِ هڪ مشعل آهي.

فضل حسين جمالي وڪيل - دادو

جيجي زرين بلوچ خاص طور تي اسان نوجوانن کي چورو ڇنو ڪري وئي آهي. سندس گيت اسان لاءِ اتساهہ آهن. جيڪي نوجوان نسل کي قومي جاڳرتا سان گڏ نوجوانن کي سچي عشق طرف وٺي ويندڙ آهن.

مجيد راجڙ صحافي
اسٽاف رپورٽر روزانو ڪوشش حيدرآباد

"بي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون" جيجي جي مڌر آواز ۾ ڳايل هي گيت بہ جيجي سان گڏ امر ٿي ويو. جيجي جو وڇوڙو سنڌ واسين لاءِ هڪ انقلابي جدوجهد دوران ويڙهہ ڪندڙ سورهيہ جو وڇوڙو آهي. جيڪا هڪ حسين لوڪ فنڪاره ۽ شفيق ماڻهئي.

منير راجڙ صحافي
اسٽاف رپورٽر
روزاني ڪاوش حيدرآباد

جيجي زرينہ جي وفات تي ڏاڍو ڏک رسيو آهي. امان جي وڇوڙي جو خال سنڌ ۾ ڪڏهن بہ پورجي نہ سگهندو. امان جيجي زرينہ مون کي ايئر لطيف پليجي وانگي پٽ ڪيو هو. پر افسوس جو مان ان جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيس. مان پشاور ٽريننگ تي هئس رب ڪريم کان دعا آهي تہ رب پاڪ جيجي زرينہ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ پوئيين کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. امان زرينہ کي سنڌ ۽ سنڌ واسي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا.

منير احمد پٽي

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد

ايئر جو گيت " سکي پيا کي ملين تہ چئجان. چاندني تو سوا نہ ٽيندي. هاڻ ڪير ٻڌائيندو. جيجي زرينہ جهڙو آواز هاڻ ڪير ٻڌائيندو.

منير شيخ، ڪامريڊ رمضان ميمڻ

ڪالهہ پڻ ڪالهہ هئي، اڄ پڻ ڏسين ٻيو
مڙهي ۾ مدن چئي وهي ڪانگ ويو
جنهن ۾ ماڻ پيو سا راهہ رهندي ڪيترو

مدن فقير لطيف سائين جو پر اعتماد هڪ غير مسلم فقير هو. پر لطيفي رنگ ۾ رنگيل هو. دنيا جي فنا هئڻ جي ڳالهہ ڪئي اٿس پر لطيف سان گڏ پاڻ بہ امر آهي. هتي اهڙا نفس هئا جن دنيا سان ڪڏهن موهہ نہ لڳايو. دنيا جي راهہ هڪ ڏينهن ختم ٿيڻ واري آهي. پر خدا جي نيڪ بندن کي خاتمو ڪونهي. محترمہ زرينہ صاحبہ تي رب جي وڏي مهرباني هئي. هڪ سخي وانگر هنن دنيا کي ڏنو. وڏي سخي وانگر هن فن جي دنيا کي عظمت بخشي ان کي عام تائين پهچايو. مهل موقعو نہ آهي. جو محترمہ مرحومہ لاءِ وڌيڪ لکجي. الله پاڪ شل ڪيس جنت ۾ جايون ڏئي. ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

علي محمد چنہ

اڳوڻو ڪائونسلر ايمبيسي آف پاڪستان

ابو ظهبي يو اي ئي

2-11-2005

اها رات ليلتقدر جي رات هئي، محترمہ زرينہ صاحبہ کي اها رات نصيب ٿي. سمجهڻ واري لاءِ اها وڏي ڳالهہ آهي. هن جي ادا الله تعاليٰ کي پسند آئي. ۽ هوءَ هن دنيا مان پي دنيا ۾ وئي. جيڪا هميشہ رهڻ واري دنيا آهي. الله تعاليٰ شل سيني کي اها رات نصيب ڪري.

فيروز علي ولد علي نواز ميمڻ

2-11-2005

ڏرتي جا گيت آلاپيندڙ جيجي جو آواز تيسين سنڌ جي هوائن ۾ ٻرندو رهندو جيسين سنڌ ۾ ڪو هڪ بہ وجود باقي رهندو. سنڌ جنهن جي انقلابي اتساهہ اڄ ڇڻ اڳ کان پوين پساهن ۾ هجي. ويتر هنن گهڙين ۾ جيجي جو هينئن ساڻ ڇڏي وڃڻ ڇڻ قومي تحريڪ ۽ قومي سوچن جي اتساهہ کي ڪاپاري ڏڪ لڳو آهي. ڪير جيجي جيان قومي ڪاروان جي روح کي پنهنجي انقلابي ولولن سان وري گرمائيندو ۽ وري ڏرتي پنهجن حقن جي حاصلات لاءِ انقلابي نعرن سان گرمائيبي. جيجي جي آواز جي ڪمي، جيجي جي لکٽين ۽ سندس بي مثال جذبن جو خال، سنڌ ۾ هميشہ رهندو.

عبدالغفار تبسم- ڪراچي

2-11-2005

جيجي امڙ جو انت ان جي سرير جو انت ٿہ آهي، پر ان جي نظريي جو انت نہ سمجهيو وجي. ڪنهن بہ هڪ شخصيت جي وڇڙي وڃڻ سان هڪ خال ٿہ رهندو آهي، پر ان شخصيت کي هميشہ قائم ڪرڻ لاءِ ان جي نظريئي کي اڳتي وڌائڻ گهرجي.

ادريس

2-11-2005

جيجي سنڌ جي لوڪ گيتن ۾ سياسي ۽ سماجي تحريڪ جي هڪ عظيم شخصيت هئي، جيجي جي وفات سان سنڌ جي لوڪ موسيقي ۽ سماجي حلقن ۾ هڪ وڏو خال پيدا ڪيو آهي. ان ڪري جيجي جي رحلت سياسي ۽ سماجي ڏرين لاءِ ڇڻ هڪ سانحو آهي.

رفيق منگي

2-11-2005

جڏهن صبح جو جيجي جي هن دنيا مان هليو وڃڻ جي خبرون پڙهي تہ ائين لڳو ڇڻ تہ اسان جي دلين مان هڪ نئين آس ۽ امنگ ڇڏائجي وڃي ۽ آءٌ ڪيترن ئي لمحن لاءِ مايوسي جي ساگر ۾ غرق ٿي ويس. جيجي اسان سنڌين لاءِ هڪ آس ۽ امنگ هئي، جيڪا اسان کي پنهنجي حقيقي حقن ۽ سجاڻپ لاءِ سوچڻ لوچڻ ۽ وڙهڻ لاءِ اتساهہ بخشيندي رهندي هئي.

عبدالجبار پٽي

3-11-2005

منهنجي لاءِ اها گهڙي نهايت ڏک پري هئي جڏهن اها بري خبر ٻڌم ته سنڌ جي جيجل زرينہ بلوچ اسان کي اکيلو ڇڏي وئي. زندگي جي مختلف گهڙين ۾ اسين گڏ پاٽي کانفرنس، قومي تحريڪ جي جلسن ۾ ڪجھ گهڙيون هن سان تعلق رهيو. سنڌ جي دردن کي محسوس ڪندڙ هي عظيم شخصيت سنڌ واسين کي سدائين ياد رهندي.

پروانو پٽي

3-11-2005

سنڌي لوڪ گيت ۽ انقلابي گيت ڳائڻ واري جيجي زرينہ بلوچ نہ صرف ايياز لطيف کي ڇڏي ويئي پر سنڌي قوم جي آواز کي هر هنڌ پهچائڻ واري لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ لوڪ موسيقي جي سفر کي اڳ ۾ ڇڏي هلي وئي. ان سفر کي ڪيرہ اڳتي وڌائينڏو سگهي.

نور محمد پٽو

3-11-2005

سنڌ جي جيجي محترمہ زرينہ بلوچ صاحبہ سنڌ جي ڪيس کي جنهن نموني پيش ڪيو ۽ سنڌين تي احسان ڪيو ۽ شاهہ لطيف ۽ ايياز جي ڪلام کي سنڌ لاءِ ڳايو ۽ سنڌين کي ساهہ ۾ سانديو. اهو سنڌ جي تاريخ جو سونهري باب آهي.

سيد خادم علي شاهہ

اڳوڻو ايم . اين . اي - ميرپورخاص

●

ڪوڙين کن سلام

[اخبارن جا مکيہ سِرا ۽ تفصيل]

اي سنڌ تو کي الوداع، تو ۾ هيو سارو جڳ اي جند تو کي الوداع

سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ هزارين آلين اکين،
سڏڪن ۽ سسڪين سان متي ماڻ حوالي

بلوچستان جي چيف سيڪريٽري کي بي رند پاران جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد(بيورو رپورٽر) بلوچستان جي چيف سيڪريٽري کي بي رند سنڌ جي نالياري لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي دلي صدمي جو اظهار ڪندي سوڳوارن سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. چيف سيڪريٽري کي بي رند پنهنجي تعزيتي بيان ۾ مرحومہ جي سوڳوار، ور رسول بخش پليجو، پٽ اياز لطيف پليجو، ڏهٽي ايم پي اي سسئي پليجو ۽ خاندان جي ٻين ميمبرن سان تعزيت جو اظهار ڪندي رب پاڪ کان دعا گهري تہ هو مرحومہ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي ۽ پوئيرن کي صبر عطا فرمائي. ڪي بي رند جيجي زرينہ بلوچ جي لوڪ فنڪاره جي حيثيت ۾ سندس خدمتن جي سراهہ ڪندي چيو تہ سنڌ اڄ هڪ عظيم لوڪفنڪاره کان محروم ٿي وئي آهي ۽ سنڌ واسي کيس صدين تائين ياد رکندا.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

ثقافت کاتي جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي پاران جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار

ڪراچي: ثقافت جي صوبائي وزير قمر منصور ۽ سيڪريٽري ثقافت مهتاب اڪبر راشدي جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. هنن مرحومہ جي مغفرت لاءِ ڏٽي در دعا ڪئي تہ رب تعاليٰ کيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونئيرن کي صبرِ جميل عطا فرمائي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

جيجيءَ جا گيت پارت ۾ بہ وڏي چاهہ سان ٻڌا وجن ٿا: وينا شرنگي

حيدرآباد: سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي ڳايل لوڪ گيتن کي سنڌ ۾ وڏي مڃتا ملڻ کان پوءِ سندس لوڪ گيت پارت ۾ بہ وڏي چاهہ سان ٻڌا وجن ٿا. آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس تي جيجي زرينہ بلوچ جا لوڪ گيت وڄندا رهندا آهن. آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس جي پروڊيوسر وينا شرنگي فون وسيلي عبرت سان ڳالهائيندي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ سنڌ ۽ هند جي سنڌي لوڪ گيت ڳائڻ واري تمام وڏي فنڪاره هئي. سندس وچوڙي جو ٻڌي ڏک پهتو آهي. اسان پارت جا سمورا اديب شاعر جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي سندس پونئيرن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ

آهيون. جيجي زرينہ بلوچ کي لوڪ گيتن ڀڻائڻ جو تمام وڏو فن هو. اهڙو فن ڪنهن ڪنهن فنڪار وٽ قدرت طرفان ڏات جي شڪل ۾ مليل هوندو آهي. سندس ڳايل لوڪ گيتن ۾ عورتن جو درد سمايل آهي. سندس وچوڙي سان لوڪ گيتن جي موسيقي ۾ تمام وڏو خال پيدا ٿيو آهي. ۽ اهو خال پرجڻ مشڪل آهي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي جي لاڏاڻي سان لوڪ گيتن جي دنيا ۾ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي: سنڌ جا فنڪار

جيجي وڏي فنڪاره هئي : صادق فقير

جيجي فن جو سمنڊ هئي : مظهر حسين

جيجي قوم جو درد رکندڙ هئي: شفيع فقير

جيجي جي قومي هيرو وانگر تعزيت ڪرڻ گهرجي : شازيہ خشڪ

جيجي صدين جي صدا هئي: شبانہ پروين / صنم مارئي

جيجي جي وڇڻ سان لوڪ گيتن جي سر زمين سڪي وئي : مينا پروين

جيجي باڪردار فنڪاره هئي: ديبا سحر، ممتاز لاشاري ۽ ٻين جا تاثر

حيدرآباد : سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي کي سنڌ جي فنڪارن لوڪ گيتن جي دنيا ۾ تمام وڏو خال قرار ڏينديِ چيو آهي تہ اهو خال صدين تائين پرجي نہ سگهندو. جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڙي تي سندس تڏي تي آيل مزاحيہ فنڪار قادر بخش منو چيو تہ جيجي جا ڳايل گيت جهر جهنگ ۾ گونجندا رهندا. مشهور فنڪار صادق فقير چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي تمام وڏي فنڪاره هئي، سندس وچوڙو ڏکائيندڙ آهي. فنڪار مظهر حسين چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ فن جو اٿاهہ سمنڊ هئي، جنهن جا گيت جهر جهنگ ۾ گونجي رهيا آهن. فنڪار استاد شفيع فقير چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ سنڌي قوم جو درد رکندڙ هئي. جنهن جو اظهار سندس آواز وسيلي سڄي سنڌ تائين پهچندو هو. فنڪاره صنم مارئي چيو تہ جيجي واقعي جيجي هئي سندس وچوڙي سبب ڏک پهتو آهي. فنڪار استاد امير علي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي هئي. سندس دل ۾ سنڌ لاءِ درد سمايل هو. فنڪار ممتاز لاشاري چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ ڀڻائڻ سان گڏوگڏ قومي ڪارڪن جي حيثيت سان بہ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. مشهور لوڪ فنڪاره شازيہ خشڪ چيو تہ سنڌي قوم، جيجي زرينہ بلوچ جي تعزيت قومي هيرو وانگر ڪري. هن چيو تہ نہ صرف ڏکويل خاندان پر اسان سڀني کي هڪٻئي سان بہ تعزيت

ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ جيجي سجي‌سنڌ جي امڙ هئي. مشهور گلوڪاره شبانا پروين ڇيو تہ جيجي صدين جي صدا هئي. اسان يتيم ٿي ويا آهيون. لوڪ فنڪاره مينا پروين ڇيو تہ اهو صدمو دل جهوريندڙ آهي. لوڪ گيتن جي سر زمين سڪي وئي آهي. مشهور فنڪاره ديبا سحر ڇيو تہ جيجي باڪردار فنڪاره هئي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

الطاف حسين طرفان رسول بخش پليجي سان ٽيليفون تي تعزيت، آصف زرداري وفد موڪليو

جيجي زرينہ بلوچ جو اڇ ٽيجهو، حاڪر زرداري ۽ حميده کهڙو طرفان عذر خواهي لوڪ ۽ قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ جي ٽيجهي جي رسر قاسر آباد ۾ افطاري بعد ٽيندي

اميرعلي شاهہ ڄاموٽ، يوسف مستي خان، مخدوم جميل الزمان ،اسماعيل راهو ۽ ادريس راجپوت بہ تڏي تي پهتا

هادي‌بخش‌جتوئي، انتيا غلام علي، مشتاق‌چنگيزي۽ معراج‌محمد‌خان‌تعزيت ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌي لوڪ ۽ قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو اڇ قاسر آباد ۾ سندس پٽ ايڊووڪيٽ اياز لطيف پليجو جي گهر پرنس ٽائون ۾ ٽيندو، جنهن ۾ افطاريءَ کان پوءِ ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪيو ويندو. جڏهن تہ جيجي جي لاڏاڻي تي ڪالهہ پڻ ڪيترين ئي اهر سياسي سماجي شخصيتن ملڪ جي مختلف حصن مان قاسر آباد پهچي جيجي زرينہ جي ور عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي ۽ سندس پٽن اياز لطيف ۽ اسلر پرويز سان تعزيتون ڪيون. انهن شخصيتن ۾ پ پ پ اڳواڻ حاڪر علي زرداري، تعليم واري صوبائي وزير حميده کهڙو، ايم اين اي امير علي شاهہ ڄاموٽ،ايم پي اي مخدوم جميل الزمان، نيشنل ورڪرز پارٽي جو سربراهہ يوسف مستي خان، عثمان بلوچ، اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوٽيجو، معراج محمد خان، ايم ڪيو ايم جو ايم پي اي ارشد شاهہ، اسماعيل راهو، اڳوڻو آبپاشي سيڪريٽري ادريس راجپوت، ڊاڪٽر هادي بخش جتوئي، انيتا غلام علي، سحر امداد، پروفيسر سعيده بشير چانديو، مشتاق چنگيزي، تاج جويي، قاسر ڀگهيو ۽ ٻيا شامل هئا. ان کان علاوه ايم ڪيو ايم جي سربراهہ الطاف حسين لندن مان ٽيليفون ذريعي عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي سان تعزيت ڪئي. جڏهن تہ پرڏيهہ ۾

موجود بينظير پٽو جي ور آصف علي زرداري جي موڪليل وفد پڻ تڏي تي پهچي رسول بخش پليجي سان آصف زرداري طرفان عذر خواهي ڪئي.

روزاني "خبرون" ڪراچي

28-10-2005

جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي سڄي سنڌ سان تعزيت ڪريان ٿو: آريسر

عمرڪوٽ(رپورٽر) جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي ڪالهہ عمر ڪوٽ ۾ تعزيتي ميڙاکو ڪوناڀو ويو. جنهن ۾جسقم جي مرڪزي اڳواڻ عبدالواحد آريسر، جمن دربدر، چام اقبال انڙ، نوجوان شاعر پورا لال مالهي، محمد صالح آريسر، صحافي پڳوان داس ڪتري، مورچند اوڏ، الهہ بچايو انڙ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عبدالواحد آريسر چيو تہ حقيقت ۾ جيجي زرينہ بلوچ هڪ قومي ڪارڪن هئي. سائين جي ايم سيد جي فڪر، شيخ اياز جي شاعري ۽ آواز جي سندرتا سبب جيجي زرينہ قومي اسٽيج تان اپري شهرت جي بلندين تائين پهتي. هن چيو تہ جيجي زرينہ ڪڏهن بہ پنهنجي ذات کي پئسي ڪمائڻ جو ذريعو نہ بڻايو. جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڙي تي آئون سموري سنڌ سان تعزيت ڪريان ٿو ڇو تہ هوءَ سنڌ لاءِ جاکوڙيندي لاڏاڻو ڪري وئي.ٻئي پاسي عوامي تحريڪ پاران عمرڪوٽ ۾ جيجي زرينہ جي تعزيت لاءِ تڏو وڇايو ويو آهي.

روزاني "خبرون" ڪراچي

28-10-2005

جيجي زرينہ جون خدمتون سدائين ياد رهنديون: مشاهد حسين

مسلم ليگ جي جنرل سيڪريٽري ۽ نالياري دانشور سينيٽر مشاهد حسين سيد جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي گهرو ڏک ۽ رنج ظاهر ڪندي رسول بخش پليجي ۽ مرحوم جي پونئيرن سان تعزيت ڪندي همدردي ظاهر ڪئي آهي. جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ سينيٽر مشاهد حسين چيو آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ جون سماجي ۽ سياسي خدمتون هميشہ ياد رهنديون.

روزاني "خبرون" ڪراچي

28-10-2005

قاضي حسين احمد، اسدالله پٽو ۽ ممتاز ميمڻ طرفان ڏک جو اظهار

ڪراچي (پ ر) جماعت اسلامي جي امير قاضي حسين احمد، نائب امير ايم اين اي

مولانا اسدالله پٹي ، ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ پنهنجي هڪ گڏيل تعزيتي بيان ۾ عوامي تحريڪ جي چيئرمين رسول بخش پليجي جي گهر واريءَ جي وفات تي دلي ڏک جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت ۽ پونئيرن کي صبر عطا ڪرڻ جي دعا ڪئي آهي.

روزاني "خبرون" ڪراچي 28-10-2005

زرينہ بلوچ جا چڏيل قومي گيت سنڌ جو سرمايو آهن: معراج محمد خان

جيجي جي وفات وڏو اميو آهي (اسماعيل راهو) زرينہ پيٽ وانگر هئي: قاضي خادم

حيدرآباد (پ ر) مختلف سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن جيجي زرينہ بلوچ کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. اڳوڻي ترقي پسند اڳواڻ معراج محمد خان چيو تہ زرينہ بلوچ جيڪي قومي گيت چڏي وئي آهي. اهي سنڌ جو سرمايو آهن. اڳوڻي صوبائي وزير اسماعيل راهو چيو تہ جيجي جي وفات اسان لاءِ وڏو اميو آهي. مون کي هن سدائين شفقت ۽ محبت ڏني. پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي عبدالستار سريوال پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ جيجي هن دور جي راڻي هئي. سندس خدمتون سدائين ياد رکيون ويندیون. پروفيسر قاضي خادم چيو تہ زرينہ بلوچ منهنجي پيٽ وانگر هئي، جنهن تي فخر هو. سگا جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر سليمان شيخ، تاج جويو، آغا رفيق، امير بخش عمراڻي ۽ پين پٹ ڏکويل خاندان سان ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

روزاني "خبرون" ڪراچي

28-10-2005

جيجيءَ لاءِ دعائون سهسيڻ..... قاضي منظر حيات

ساري ڄمار سنڌ ڪي تو پيار ارپيو،
جيجي! سندءِ صحت لئہ دعائون گهرون پيا.
ڏرتيءَ جي لاءِ گيت امر گونجبا هتي،
جهونگار ٿي جهڪي آ، جهڄون ۽ جهرون پيا.

روزاني "هلال پاڪستان" ڪراچي

28-10-2005

مهتاب اڪبر راشدي حيدرآباد پهچي رسول بخش پليجي ۽ اياز لطيف سان تعزيت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي ثقافت سياحت ڪاتي جي سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي ڪالهہ قاسم آباد ۾ پرنس ٽائون اياز لطيف پليجي جي رهائش گاهہ تي پهچي سنڌ

جي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي پٽ اياز لطيف پليجي سان تعزيت ڪندي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. مهتاب اڪبر راشدي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جنهن وقت مور ٿو ٽلي ڳائيندي هئي تہ هر ماڻهو جهومي پوندو هو. زرينہ بلوچ هر ماڻهو کي هر وقت ياد رهندي. زرينہ بلوچ کي اسان کڏهن بہ وساري نٿا سگهون. هن چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ لوڪ گيتن جي راڻي هئي. سندس وڇوڙي سبب لوڪ گيتن جي موسيقي ۾ خال پيدا ٿيو آهي. اهو خال کڏهن بہ پرجي نہ سگهندو. زرينہ بلوچ جسماني طور اسان کان ڌار ٿي وئي آهي، پر جيجي لوڪ گيتن وسيلي هميشہ اسان وٽ زنده رهندي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

جسقم پاران جيجيءَ جي لاڏاڻي تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار، جيجي جو ڪردار صدين تائين ياد رکيو ويندو: شفيع برفت

ڄامشورو(ن ۔ ع) جيئي سنڌ متحده محاذ (جسقم) جي چيئرمين شفيع محمد برفت سينئر وائيس چيئرمين خليل احمد خاصخيلي، وائيس چيئرمين روشن علي بوزدار، جنرل سيڪريٽري نواز خان زنئور جوائنٽ سيڪريٽري در محمد ڏاهري، مالياتي سيڪريٽري ڊاڪٽر انور رند، پريس سيڪريٽري حنيف دوداڻي پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي تہ سنڌ چيو تہ قومي فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جو سنڌي ادب، لوڪ موسيقي ۾ تمام وڏو حصو ۽ نرالو انداز رهيو آهي. هن قومي شاعري وسيلي سنڌي ماڻهن ۾ بي پناهہ اتساهہ پيدا ڪري سنڌ جي آزادي جي تحريڪ ۾ روح ڦوڪيو سنڌي ثقافت ۽ ادب ۾ سندس تاريخي ڪردار کي صدين تائين ياد رکيو ويندو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

ڄور ۾ عوامي تحريڪ پاران جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي تڏو وڃايو ويو، 5 ڏينهن سوڳ جو اعلان

ڄور (ن۔ع) ڄور ۾ عوامي تحريڪ پاران جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي تڏو وڃايو ويو. ان موقعي تي مراد مگريي، جلال بجير، غلام رسول پيپي، راجا نهڙيي، ليلا رام سوٿهڙ، لال جي سودر ۽ ٻين اڳواڻن تعزيتون وصول ڪيون. جڏهن تہ 5 ڏينهن سوڳ جو اعلان ٿيڻ ڪيو ويو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

ٽل ۾ جيجي جي وڇوڙي تي 2 ڏينهن سوڳ جو اعلان، گهوٽڪي ۾ ڪوٽڙي ۾ تعزيتي گڏجاڻيون

ڪوٽڙي/ٽل/گهوٽڪي(نمائندن وٽان) لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي تي سنڌ جي نامياري ادیب علي بابا، مشهور شاعرن شهيد سومرو، سرور نواز بگهيي، ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس اختر رند، اڳوڻي پي ٽي وي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ، صحافي دلدار جانوري، بار ايسوسيئيشن جي صدر غلام دستگير اي سلطان، جنرل سيڪريٽري رياضت علي ساهڙ، پريس ڪلب ڪوٽڙي جي صدر مستقيم خان، پروفيسر عبدالرحمان سيال، انفارميشن آفيسر ۽ ادیب غلام رسول، سينئر صحافي محمد شعبان قمبراڻي، راڄي طاهر منو، سرور سخيراڻي ۽ ٻين جيجي زرينہ جي ور رسول بخش پليجي، فرزند ايڊووڪيٽ اياز لطيف پليجي ۽ ٻين پونئيرن سان گهري ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي چيو تہ جيجي زرينہ پنهنجي زندگي فن ۽ فڪر کي اربي ۽ بهترين ماڻ جو ڪردار پڻ ادا ڪيو. ٽل ۾ لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي ايس ٽي پي، جسقم، سنڌي ادبي سنگت ۽ عوامي تحريڪ ٻن ڏينهن جي سوڳ جو اعلان ڪيو. ڏار ڏار پريس بيانن ۾ ماما امير بخش سومري، ڪامريڊ محمد نواز ڪنراڻي، عبدالواحد سرڪي، روشن ڪنراڻي، وفا گولي ۽ ٻين گهري ڏک جو اظهار ڪيو. سنڌ جي ادبي سنگت ضلعي گهوٽڪي پاران هڪ تعزيتي اجلاس عبدالحئي پٽو جي صدارت ۾ ٿي گذريو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي زرينہ صدارتي ايوارڊ سان گڏوگڏ ڪيترائي ملڪي ۽ پرڏيهي ايوارڊ ٻہ ماڻيا

ڪراچي/حيدرآباد:سڃي سنڌ کي سوڳوار ٻڌائيندڙ جيجي زرينہ بلوچ حيدرآباد جي ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ محمد موسيٰ جلالاڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو آمنہ آهي، پر 1962ع ۾ پهريون دفعو هوءَ جڏهن سرن جي ورکا ڪرڻ لاءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پهتي تہ هن بلوچ گهراڻي سان تعلق رکڻ سبب پنهنجو نالو مٽائي زرينہ بلوچ جي نالي سان هي گيت " هير لعل جواهر. ڏند تہ موتي محبوب جا" رڪارڊ ڪرايو. جيجي جي حياتي تي ورتل ڇاڻ موجب جيجي زرينہ بلوچ جو اهو ڪلام جڏهن نشر ٿيو تہ سندس والد اڻ ڄاڻائي ۾ پنهنجي ڏيءَ کي داد ڏنو تہ واهہ جو زرينہ جو آواز

آهي. تڏهن جيجي دل ٻڌي پنهنجي والد کي چيو ته " بابا اهو منهنجو آواز هو. مون کي معاف ڪجو اوهان جي اجازت کان سواءِ مون وڃي ڳايو هو" ان کان پوءِ جيجي کي پنهنجي والد هميشہ لاءِ ڳائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. زرينہ بلوچ هڪ مقابلي ۾ حصو ونڊي ريڊيو تي ڪاميابي حاصل ڪئي. جنهن ۾ سوين گلوڪارن ۾ هوءَ ٽيون نمبر آئي. هن تقريبن 36 سال پڙهايو ۽ 1996ع ۾ رٽائر ٿي. جڏهن ته 20 سال کن ماڊل اسڪول ۾ پڙهائيندي رهي. هن 1964ع ۾ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي سان شادي ڪئي. نذير عباسي جي شهادت تي " او امان او امان" گيت کانسواءِ حيدر بخش جتوئي جي "جيئي سنڌ ، جيئي سنڌ" خاڪي جويو جي " پاڻ کي هاڻي آزاد گهرجي وطن" تنوير عباسي جي " سنڌ هاري جي سنڌ مزدور جي" ۽" موري ميهڙ دادو ۾ ڊاٽيئڙا پٽ ڊول ڪنا" جهڙا گيت پڻ ڳايا. ان کان سواءِ فلسطين جي محمود درويش، شيخ ايار، استاد بخاري ۽ تنوير عباسي کي تمام گهٽو ڳائڻ سان گڏوگڏ بلوچي ترانا ۽ بلوچي شاعر گل خان نصير، اردو ۾ فيض احمد فيض ۽ احمد فراز جا گيت ڳايا. جيجي جون تقريبن 3 درجن آڊيو ڪيسٽون آيون. هوءَ ، "صبح مهراڻ" جي لاءِ ريڊيو تان ڪمپيئرنگ پڻ ڪندي رهي. جڏهن ته سندس " جيجي" نالي افسانو ڇپيو ته هو ان کان پوءِ سڀني جي " جيجي" بڻجي وئي. ميونخ فيسٽيول ۾ سندس سنڌي ڊرامو " دنگي منجهہ دريا" سڄي دنيا ۾ ٽئين نمبر تي آيو. اهو ڊرامو علي بابا جو لکيل هو. جيجي زرينہ بلوچ راڻي جي ڪهاڻي کان سواءِ "انا"، "جنگل" ۽ "ڪاروان" جهڙن ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيو. پ پ دور ۾ صدر فاروق لغاري هٿان ڪيس پرائيڊ آف پرفارمنس مليو. جڏهن ته پي ٽي وي ايوارڊ، لطيف، سچل، سانا، شهباز ۽ ٻيا کوڙ سارا ايوارد حاصل ڪرڻ سان گڏ هن پارت جو سنڌي ۾ وڏو ۾ وڏو ايوارڊ "بابا رام پنجواڻي" ايوارڊ پڻ حاصل ڪيو. جيجي زرينہ بلوچ هڪ ڪتاب "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" کان سواءِ ڪيڏو ڪارونپار، سوڏو ٿي ڊراما ٻہ لکيا ۽ زان پال سارتر جو ڪتاب " ديوار" ترجمو ڪيو. دنيا جا کوڙ سارا ملڪ گهمي ۽ هر ڪنڊ ۾ وئي. ضياءدور ۾" پٽو بچايو تحريڪ" ۾ بڪ هڙتال تي ويني. ٻہ سال اڳ پٽ شاهہ کان ڪراچي تائين عوامي تحريڪ جي ڪالا باغ ڊيم خلاف لانگ مارچ دوران حيدرآباد ۽ ٺٽي ۾ مٿس لٺبازي ٿي. هو سنڌ جي غير تڪراري شخصيت آهي جنهن پٽو بچايو تحريڪ، عوامي تحريڪ، جسٽس جي بهارين خلاف، ايئرپورٽ تي ڏرٽي واري احتجاج ۾ پڻ شامل رهي. اهڙي ريت ڪامريڊ ڄام ساقي جي حمايت ۾ پڻ هن بڪ هڙتال ڪئي. هو ڪجهہ وقت اڳ شگر ۽ السر جي علاج لاءِ لنڊن پڻ وئي هئي. راڳ ۾ هوءَ استاد محمد جمن جي شاگرد رهي. جيجي زرينہ بلوچ آخري گهڙي تائين

سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٺاريندي رهي. جڏهن ته سنڌ جون سموريون قومپرست سياسي پارٽيون ڪيس هڪ غير تڪراري شخصيت تسليم ڪنديون رهيون.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

بيماري کان اٺجاٽائي سبب زرينہ بلوچ کا وصيت نہ ڪري سگهي:

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ کي بيماري کان اٺجاڻ رکڻ سبب هو کا وصيت ته نہ ڪري سگهي آهي پر سندس آخري جملا ۽ ڳالهين بابت جيڪو معلوم ٿيو آهي سو اهو ته هن سسئي پليجو کي بي ايس او جي بک هڙتالي ڪيمپ تي وجي امداد بلوچ سان ملڻ لاءِ چيو هو. سسئي پليجو ڪيمپ تي پهچي سندس اهڙي حڪم بابت بک هڙتالين کي پڻ ٻڌايو. هوڏانهن سسئي پليجو ٻڌايو ته جيجي چيو ته امداد ڏانهن ضرور وڃجان. هن چيو ته جيجي آخر ۾ پاڻي جي مسئلي تي گهڻو پريشان رهندي هئي ۽ اهو ئي چوندي هئي ته پاڻي جي مسئلي ۾ سڀ هٿ ڪڍي وڃن پر توهين هٿ نہ ڪڍجو. هوءَ چوندي هئي ته سنڌي پاڻي لاءِ جدوجهد جاري رکن. هو ان تان هٿ نہ کڻن. زلزلي متاثرين جي مدد لاءِ ٻہ چوندي هئي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-005

جيجي زرينہ کي هڪ ڏيءَ اختر بلوچ ۽ 2 پٽ اسلم پرويز ۽ ايار لطيف، سسئي پليجو، بختاور ۽ پرهہ ڏوهٽيون آهن

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ کي هڪ ڏيءَ اختر بلوچ ۽ ٻہ پٽ ڊاڪٽر اسلم پرويز ۽ ايار لطيف پليجو آهن. پ پ جي ايم پي اي سسئي پليجو، بختاور ۽ پرهہ سندس ڏوهٽيون آهن. سرمد ۽ اسد پليجو ڏوهٽا آهن. جڏهن ته پوٽن ۾ اسلم پرويز جو پٽ ذوالفقار علي ۽ ڏيئرن سونهن، امرتا ۽ آزادي کان سواءِ ايار لطيف جا پٽ ساحر، سرباز ۽ جوش آهن. پرهہ شادي کان پوءِ لندن هلي وئي آهي ۽ اسد لندن ۾ پڙهي رهيو آهي. جڏهن ته سونهن سعودي عرب ۾ رهي ٿي. جنهن جي پٽ جيجي تازو شادي ڪرائي هئي. ٻئي پاسي پرهہ، اسد ۽ سونهن وارا جيجي کي ڏسي پوءِ وري واپس هليا ويا هئا جن کي پٽ جيجي جي طبيعت بابت اٺجاڻ رکيو ويو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-005

جيجي کي آخر تائين بيماري کان اڻجاڻ رکيو ويو

"پاڻي مسئلي تي جدوجهد جاري رکو" جيجي کي آخر تائين سنڌ جو فڪر هو

هوءَ سسئي پليجو کي اسيمبلي ۾ ڳالهائڻ بابت بار بار چوندي رهي

هوءَ اسپتال ۾ گهر وارن کي گيت به ٻڌائيندي هئي. پوٽن ۽ ڏوهٽن کي گهرائي ملي

بشير قريشي جي گهر وارن کي گهرائي ساڻن گڏ ساڳ سان ماني کاڌائين

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ کي آخر تائين سندس اصل بيماري کان اڻجاڻ رکيو ويو. هوءَ اسپتال ۾ اوچتو روئي پوندي هئي ۽ گهر پاتين کي بار بار پاکر پائيندي هئي هن کي گهر پاتين کان وڌيڪ سنڌ جو فڪر رهندو هو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي جو لاڏاٽو رڳو سنڌ نہ پر پوري دنيا لاءِ سانحو آهي،

اسان سندس شفقت کان محروم ٿي ويا آهيون:جام ساقي

حيدرآباد: نالياري سياسي اڳواڻ ڪامريڊ جام ساقي جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ جيجي جي لاڏاڻي وارو سانحو رڳو سنڌ نہ پر پوري دنيا لاءِ آهي، جنهن ڪري سندس ڏک ۾ رڳو سندس گهر پاتي، اسان ۽ سنڌ وارا نہ پر پوري دنيا شامل آهي، هن چيو تہ جيجي اسان لاءِ احترام لائق شخصيت هئي، جنهن جي شفقت کان سڀ محروم ٿي ويا آهيون.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

سسئي پليجو لاءِ گيتو اسپتال ۾ جيجي سان گڏ رهي

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ سان اسپتال ۾ آخري وقت تائين سسئي پليجو ۽ سرمد پليجو گڏ رهيا. جڏهن تہ پ پ اڳواڻ نثار کهڙو، ايم ڪيو ايم جو اڳواڻ فاروق ستار، جسقم اڳواڻ بشير قريشي سوڌو سياسي ڏرين جا اڳواڻ ڪارڪن، اديب، شاعر، فنڪار اسپتال ايندا رهيا ۽ ملاقاتون ڪيون.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ جي لاڏاڻي سان سنڌ هڪ عظيم فنڪاره کان محروم ٿي وئي: قادر مگسي

حيدرآباد (پريس) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي ۽ جڳ مشهور فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي گهري ڏک ۽ غم جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته جيجي زرينہ بلوچ جو موت سنڌ جو وڏو قومي نقصان آهي، جيجي زرينہ بلوچ جي وفات سان سنڌ هڪ عظيم فنڪاره ۽ هڪ اتساهيندڙ ڪردار کان محروم ٿي وئي آهي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ جي زندگي تي ڪتاب ڇپرائڻ جو فيصلو

اڳوڻي گورنر ممنون حسين، اديب ۽ شاعر يوسف شاهين، ڊي پي او لاڑڪاڻي ۽ ٻين، وارثن سان تعزيت ڪئي

جيجي سنڌ جي امڙ هئي، پاڻ گيتن ۽ عملي جدوجهد ذريعي اسان کي حوصلا ڏنا. ممنون حسين

حيدرآباد (پريس) جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي، ڪالهه سنڌ جي اڳوڻي گورنر ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻ ممنون حسين، اڳوڻي سينيٽر اديب ۽ شاعر يوسف شاهين، سکر کان ايڊووڪيٽ پرڻ داس، ڊي پي او لاڑڪاڻو ڊاڪٽر سائين رکيي ميراڻي، ڊي او روينيو بدين محمد صادق راجڙ، سيشن جج محمد اسلم، عبدالخالق سومري، امتياز قريشي، رياض سومري، حفيظ قريشي، اشتياق انصاري، سول جج قادر ڏاهري ۽ ٻين سندس تڏي تي پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي ممنون حسين چيو ته جيجي سنڌ جي امڙ هئي، جنهن گيتن ذريعي آمرن ۽ جابرن کي للڪاريو، شاعر يوسف شاهين چيو ته جيجي گيتن ۽ عملي جدوجهد ذريعي اسان کي حوصلا ڏنا، ٻئي طرف جيجي زرينہ بلوچ جي وارثن پاران جيجي زرينہ بلوچ جي ڪيل خدمتن تي مشتمل ڪتاب ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، هوڏانهن سکرنڊ ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران جيجي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿيو، جنهن ۾ شاعر وسيم سومري چيو ته جيجي سنڌ ۽ سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

31-10-2005

لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ جو ٽيجهو ٿي گذريو، اهم شخصيتون شرڪت

پرنس ٽائون ۾ اياز لطيف جي گهر ۾ جيجي جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن

خواني ڪرائي وئي

رسمن ۾ آفتاب شعبان ميراڻي، قائم علي شاهه، مخدوم جميل الزمان، نثار کهڙو، انعام شيخ، نصيرمرزا ۽ ٻين شرڪت ڪئي

خيرپور، نوابشاهه، لاڙڪاڻو، عمرڪوٽ ۾ تعزيتي ميڙاڪا ٿيا، عورت فائونڊيشن جي اجلاس ۾ ٻه خراج پيش ڪيو ويو

حيدرآباد (رپورٽ: سرفراز وسطڙو / نمائندن وٽان) نامياري لوڪ فنڪاره جيجي زرينه بلوچ جي ٽيجهي سياسي، سماجي، علمي، ادبي شخصيتن، سرڪاري عملدارن ۽ فنڪارن سميت مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نامياري سياستدان ۽ دانشور رسول بخش پليجي جي گهر واري جيجي زرينه بلوچ جو ٽيجهو ۽ قرآن خواني سندس پٽ اياز لطيف پليجي جي رهائشگاهه پرنس ٽائون قاسم آباد ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ پ پ جي مرڪزي اڳواڻ آفتاب شعبان ميراڻي، پ پ سنڌ جي صدر سيد قائم علي شاهه، قومي اسيمبلي جي ميمبر مجيب پيرزادي، سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ نثار احمد کهڙي، سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جي صدر سيد قمر الزمان شاهه، نامياري فلم استار مصطفيٰ قريشي، اڳوڻن صوبائي سيڪريٽرين اشفاق ميمڻ، محمد هاشم لغاري، ايم پي اي مخدوم جميل الزمان، پ پ ڪلچرل ونگ جي صدر سرفراز راڄڙ، سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل تاج جويو، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري انعام شيخ، زرعي ماهر نظير ميمڻ سميت محبوب ابڙي، ڪمال الدين قريشي، آغا تاج محمد، جمال الدين قريشي، پروفيسر مشتاق ميراڻي، امداد قاضي، پرويز قريشي، سيد ميران محمد شاهه، مدد علي قادري، وشنو مل، زوار نقوي، نصير مرزا، علي نواز خاصخيلي، ڪوثر برڙي، ذوالفقار هاليپوٽي، سيد عالم شاهه بخاري، گلزار جماڻي، محمد پرڳڙي، سيد سردار شاهه، قمر شهباز، جسٽس انورظهير جمالي، ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي، مراد علي مرزا، سيد علي نواز شاهه، شمشير الحيدري، مير فتح ٽالپر، ساجد جوڪيو، عاجز ڏامراهه، احسان ابڙي، روشن سولنگي، آفتاب خانزادي، عارف جوٽيجي، سراج ميمڻ، مشرف ٽالپر، صالح مشتاق، ايم پرڪاش، عبدالرسول ميمڻ، محمد صديق جلالاڻي، ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ممتاز جوڪيي، طفيل ڪلهوڙي، فتاح ملڪ، انور خان مهر، ڊاڪٽر سروچي پاٽيا، پروفيسر عزيز احمد، اعجاز راهو، مير ذوالفقار علي، ڪرامت علي، تنوير گل خٽڪ، حڪيم زنگيجو، ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو، امداد چانڊيو، سليمان ابڙي شرڪت ڪئي. جڏهن ته رسول بخش پليجي، اياز لطيف پليجي،

غلام قادر پليجي، سسئي پليجي سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. هوڏانهن سنڌ ثقافتي تنظيم ڳوٺ منڙي پاران هڪ تعزيتي اجلاس حيدري هائوس ۾ ممتاز علي ردّ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ صفدر علي ردّ، اسد علي، عبدالرحيم منگي، استاد نزاکت علي، جيجي زرينہ بلوچ جي مغفرت لاءِ دعا گهري. شاهہ سچل، سامي ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلعي نواب شاهہ جي اڳواڻن لالا ارشد، ذوالفقار خاصخيلي ۽ ٻين پاران تنظيم جي آفيس ۾ قرآن خواني ڪرڻ سان گڏ جيجي زرينہ لاءِ دعا گهري ويئي. جڏهن ته هنن نوجوان وڪيل ايار لطيف پليجي سان پڻ تعزيت جو اظهار ڪندي ڪيس صبر جي تلقين ڪئي آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي پاران ناميارو شاعر سرڪش سنڌي جي صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ اخلاق انصاري، ياسين بلوچ، قدير شيخ، عزيز منگي، مختيار جاگيراڻي ۽ ٻين جيجي زرينہ بلوچ جي زندگي ۽ فن تي روشني وڌي. هوڏانهن آواز گروپ پاران سگهڙن جي هڪ گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ محمد صالح عباسي، گل حسن سومرو، ديدار ڪلهوڙو، بهادر سولنگي، وهاب، منير ڏهوٽ ۽ ٻين جيجي زرينہ بلوچ جي پونئيرن سان سندس وفات تي تعزيت جو اظهار ڪيو. مسيح گروپ پاران پڻ تعزيتي ميڙاکو ڪيو ويو جنهن ۾ ممتاز ابڙو، عبدالهادي بگٽي، قدير شيخ، نذير جلباڻي ۽ ٻين جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي انتهائي ڏک جو اظهار ڪندي پونئرن سان عذر خواهي ڪئي آهي. جڏهن ته مسلم ليگ ق يوٿ جي اڳواڻ مير خداداد بليدي جي صدارت ۾ تعزيتي گڏجاڻي ڪئي وئي جنهن ۾ جيجي زرينہ جي لاڏاڻي کي سنڌ لاءِ نه پرجندڙ خال قرار ڏنو آهي. جيجي زرينہ جو وڇوڙو سنڌي قوم جو ڪڏيل نقصان آهي. جنهن جو پورائو ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. هوءَ نه رڳو قومي حقن جي ويڙهاند ۾ جوشيلا قومي گيت ڳائي عوام ۾ سجاڳي پکيڙيندي هئي پر "ڏنگي منجهہ دريا" جهڙن شاهڪار ڊرامن ۾ ڪم ڪري مهاڻن جي دردن، مسئلن جي نشاندهي ۽ ڪيائين. اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين محمد علي شاهہ، سامي ميمڻ، ذوالفقار شاهہ ۽ ٻين مرڪزي سيڪريٽريٽ ابراهيم حيدري ۽ وڪيل تعزيتي ميڙاکي ۾ ڳالهائيندي ڪيو. عورت فائونڈيشن ڪراچي جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر انيس هارون جي صدارت هيٺ ٿيل تعزيتي اجلاس ۾ جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي چيو ويو تہ جيجي جو خال پرجڻ مشڪل آهي. آخر ۾ ايار لطيف پليجي، رسول بخش پليجي، سسئي پليجي ۽ ٻين سان دلي ڏک جو اظهار ڪندي جيجي کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

29-10-005

جيجي زرينہ جي وفات تي ڏک جو اظهار

سجاول(نمع)يونين ڪائونسل علي بحر جو پهريون گڏيل اجلاس يو سي ناظم ايس نصير شاهہ شيرازي جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌ ڏرتي جي عظيم لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڑي تي دلي صدمي جو اظهار ڪندي فاتحہ خواني ڪئي ويئي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

29-10-2005

زرينہ بلوچ عوام جي دلين ۾ سدائين زندهہ رهندي: سانا

واشنگٽن (اي پي پي) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) سنڌ جي فنڪاره، اديب، لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي سخت ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. جاري ڪيل هڪ بيان ۾ سانا جي صدر عزيز ناريجي چيو تہ لوڪ فنڪاره، اديب، شاعره، سرگرم سياسي ڪارڪن ۽ اداڪاره زرينہ بلوچ جو لاڏاڻو نہ صرف سندس ڪٽنب پر سموري پاڪستان توڙي پرڏيهہ ۾ رهندڙ سندس چاهيندڙن لاءِ نهايت ڏک ۽ صدمي جو باعث آهي. هن چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جيتوڻيڪ جسماني طور هن دنيا مان لڏي ويئي آهي پر سندس ڳائڻ جو انداز، ادبي ۽ سندس سياسي سرگرمين سبب هن جي ياد عوام جي دلين مان ختم نہ ٿيندي.

روزاني "ڪوشش" حيدرآباد

28-10-2005

بينظير ڀٽو، نواز شريف ۽ عمران خان فون ذريعي تعزيت ڪئي

جيجي زرينہ بلوچ جا گيت هميشہ ياد رهندا: حميده کهڙو

عظيم فنڪارا ۽ قومي ڪارڪن هئي، سندس گيت سنڌي قوم جو سرمايو آهن: معراج محمد خان

سندس وچوڑو قومي سانحو آهي(انيتا غلام علي) ڪوٽ پرڻ مشڪل آهي: يوسف مستي خان

حاڪم زرداري، ادريس راجپوت، اسماعيل راهو، نعيم اشتياق ۽ پيا تڏي تي پهتا

هادي بخش جتوئي، اميرعلي قادري، نعيم بلوچ، تاج جويو ۽انعام شيخ تعزيت ڪئي

جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو اڄ شام جو اياز لطيف پليجو جي گهر تي ٿيندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اديبن، سياستدانن، چوندڙ نمائندن ۽ گهٽگهرن جيجي زرينہ بلوچ کي سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي قرار ڏيندي سندس وچوڑي کي نقصان قرار

ڏنو آهي. ٻئي ڏينهن ٻ سنڌ جي قومي فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي تڏي تي سوين ماڻهن پهچي سندس ور ۽ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجو سان تعزيت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير تعليم ڊاڪٽر حميده کهڙو پنهنجي تاثرات ۾ لکيو ته جيجي زرينہ جا گيت هميشہ ياد رهندا. هوءَ سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي هئي. جهوني سياستدان معراج محمد خان چيو ته جيجي زرينہ سنڌ جي عظيم فنڪاره ۽ قومي ڪارڪن هئي. سندس ڳايل گيت سنڌي قوم جو سرمايو آهن. تعليم واري اڳوڻي وزير ۽ تعليمي ماهر انيتا غلام علي چيو ته جيجي جو وڇوڙو وڏو قومي سانحو آهي. اڳوڻي سينيٽر حسين شاهہ راشدي چيو ته جيجي جو موت هڪ سانحو آهي. سنڌ واسي سندس مڏر آواز قومي جذبي ۽ شفقت کان محروم ٿي ويا. سنڌي ادبي سنگت جي جنرل سيڪريٽري جنرل تاج جويي چيو ته قومي حوالي سان هوءَ اسان سڀني سان پٽن جهڙو ورتاءُ ڪندي هئي. اسان جيجي جي گيتن وسيلي قومي شعور حاصل ڪيو. ايم پي اي نعيم اشتياق الطاف حسين جي موڪليل تعزيتي پيغام سميت پهتو. هن چيو ته زرينہ بلوچ سنڌ جو هڪ تمام وڏو نالو هو. جنهن جون خدمتون وساريڻ جهڙيون ناهن. پ پ ايم پي اي عبدالستار سريوال چيو ته جيستائين هيءَ دنيا هوندي، جيجي جون ڏنل قربانيون ۽ ثقافتي خدمتون ياد رهنديون. نيشنل ورڪرز پارٽي جي صدر يوسف مستي خان چيو ته جيجي جو سنڌ جي پوئتي پيل سماج ۾ اوچو مقام آهي. سندس ڪوٽ صدين تائين پرڻ مشڪل آهي. ايم پي اي غلام قادر چانڊئي چيو ته جيجي سنڌي گيتن ۽ سهرن جي راڻي هئي. اڳوڻي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو. اڳوڻي ايم اين اي ۽ مرحوم شاهنواز جوڻيجو جي پٽ محمد خان جوڻيجو، ايم پي اي منظور پنهور، ايم پي اي نعيم کرل، فنڪشنل ليگ جي ايم پي اي گلزار انڙ، امر سنڌو، پروفيسر سعيده بشير چانڊيو، پروفيسر نجم شيخ، رفيع ملاح، ريحانا چنڙ، عبدالحئي پليجو، فنڪار عرس چانڊيو، الهڏنو جوڻيجو، ڊاڪٽر ڪريم راڄپر، اڳوڻي آبپاشي سيڪريٽري ادريس راجپوت، نواز پٽو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، نارا جيل جي سپرنٽينڈنٽ نصرت مگڻ، ڊاڪٽر ڪريم داد پتافي، پروفيسر قاضي خادم، پروفيسر امير علي قادري، پروفيسر ۽ وڪيل احمد علي شيخ، جسقم اڳواڻ صفدر سرڪي، صوبائي صلاحڪار قمر منصور، اڳوڻي ايم پي اي دانيال اشرف، قادر پٽي، پروفيسر زوار نقوي، ايم پي اي مخدوم جميل الزمان، مظفر ڪلهوڙي، علي حسن چانڊيو، پروفيسر آغا رفيق، وليرام ولپ، صحافي جعفر ميمڻ، اقبال ملاح، وڪيل اسحاق جکري، لکاڏني ڀهراڻي، مير غلام

مصطفيٰ ٽالپر، ايم اين اي امير علي شاهه جاموٽ، ڊاڪٽر مصطفيٰ سهاڳ، سحر امداد، محمد قاسم ماڪا، سيد عالم شاهه، سراج سيال، جاويد جوٽيجي، هادي بخش جتوئي، محمود مغل، انعام شيخ، قادر بخش منو، دودو چانديي، حاڪم علي زرداري، پروڊيوسر نعيم بلوچ، پروگرام مئنيجر پي ٽي وي شاهد خان، حاجن خان جوڳي، نجم جوڳي، مير سلمان ٽالپر ۽ ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي. جڏهن ته بينظير پٽو، آصف علي زرداري، نواز شريف، ڪي بي رند، حارث خليق نجيب آدم، تنوير زمان، هدايت بلوچ، عمران خان، محمد ميان سومرو ۽ ٻين فون ذريعي تعزيت ڪئي، جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو اڄ شام پرنس ٽائون قاسم آباد ۾ ايياز لطيف پليجو جي گهر تي ٿيندو.

روزاني "ڪوشش" حيدرآباد

28-10-2005

وڃن ٿا ڏيون ته جيجي جي جدوجهد کي اڳتي ڪٽي هلنداسين: نثار کهڙو

جيجيءَ سنڌ کي روئاڙي ڇڏيو (مصطفيٰ قريشي) سنڌ جي تاريخ وسامي وئي: پير مظهر الحق

ڇورو ڇنو ڪري وئي (شهنيلا علي) مون روئي ڏنو (ليليٰ لطيفي) هوءَ قومي ڪارڪن هئي: راحيلا ٽوانا

جيجي ڪان سواءِ تاريخ اڻ مڪمل آهي (مخدوم جميل) سنڌ جو شان ۽ مان هئي

نصرت لاشاري ۽ ٻين جون عبرت سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: ضياءُ قريشي) سنڌ لاءِ قومي جدوجهد ڪندڙ ۽ قومي گيت اريينڊڙ ادیب، سياستدان، ۽ استاد جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي سبب سڃي سنڌ سوگوار ٻڌيل آهي. جيجي جي وڇوڙي کي سنڌ جي قومي ڪارڪنن، سياستدانن، فنڪارن ۽ هر شعبي سان واڳيل ماڻهن قومي سانحو قرار ڏيندي اهو وڃن ڪيو آهي ته جيجي زرينہ بلوچ جي جدوجهد کي هر صورت ۾ اڳتي کڻي هلنداسين. سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ نثار کهڙي چيو ته جيجي سنڌ جو سرمايو هئي، جنهن سنڌ جي ماڻهن ۾ پنهنجي قومي گيتن ذريعي اتساهه پيدا ڪيو. جيجي جو لافاني آواز زنده رهندو ۽ سنڌ واسين کي بيدار ڪندو رهندو. ناميارو فلم استار ۽ پ پ ڪلچر ونگ جي مرڪزي اڳواڻ مصطفيٰ قريشي چيو ته جيجي جي وڇوڙي سڃي سنڌ کي روئاڙي ڇڏيو آهي. هن سنڌ جي حقن لاءِ توڙي عورتن لاءِ وڏي جدوجهد ۽ خدمت ڪئي. پ پ پ جي اڳواڻ پير مظهر الحق چيو ته جيجي زرينہ جي وڇوڙي سبب تمام وڏو صدمو رسيو آهي. سنڌ جي تاريخ وسامي وئي آهي. سنڌ کي جيجي تي فخر آهي. سنڌ اسيمبلي ۾ ڊپٽي اپوزيشن ليدر مخدوم جميل الزمان چيو ته جيجي کان سواءِ تاريخ اڻ مڪمل آهي. جيجي کي پڙهڻ سان ڪميٽيڊ ٿيڻ جو تصور ملي

ٿو. نوجوانن کي مستقبل لاءِ راهه ملي. نامياري اداکار گلاب چانڊيو چيو تہ جيجي جي جاءِ صدين تائين کير بہ پري نہ سگھندو. جيجي اسان جو آسرو هئي، جيڪا وئي هلي. سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر راحيلہ ٽوانا چيو تہ جيجي زرينہ پنهنجي قومي گيتن ذريعي سنڌ ڏرتي جي خدمت ڪئي. سندس گيت، ڊرامہ پروگرام مقصد رکندا هئا. هوءِ پروفيشنل فنڪاره نہ پر قومي ڪارڪن هئي. نئين ٿهي جي فنڪاره شهنيلا علي چيو تہ تازو منهنجو والد لاڏاڻو ڪري ويو. ايان ان جو ڏک موجود هو تہ اسان جي جيجي سنڌين کي ڇورو ڇنوڪري وئي. جيڪو سنڌين لاءِ اذيتناڪ نقصان آهي. نامياري فنڪاره ليلیٰ لطيفي چيو تہ جيجي جي لاڏاڻي جي خبر رات ٽي وي تي ڏسي مون روئي ڏنو. اسان جو قومي ورثو هليو ويو. اسين جيجي سان وڃن ٿا ڪيون تہ سندس جدوجهد جيڪا ڪالا باغ ڊيم لاءِ هجي، عورتن لاءِ يا سنڌي ماڻهن لاءِ هجي. ان جدوجهد کي ڪٽي جيجي جا گيت ڳائيندا رهنداسين. نامياري ڪمپيئر ۽ اديب نصرت لاشاري، چيو تہ جيجي سنڌ ڏرتي جو شان ۽ مان هئي. سندس وچوڑي، سنڌ کي سوگوار بنائي ڇڏيو آهي. اهڙي جيجي اسان کي صدين ۾ نہ ملي سگھندي. پ پ ڪلچرل ونگ جي اڳواڻ سردار سڪندر علي پيچوهي چيو تہ هاڻ سنڌ جي حقن جي جدوجهد ۾ جيجي جي شديد کوٽ محسوس ٿيندي. جيجي زرينہ بلوچ جي ننڍپڻ جي سهيلي پروفيسر ڊاڪٽر قمر واحد چيو تہ جيجي سان 40، 45 سالن جون ساروٽيون آهن. جيجي خوبصورت ۽ سهڻي شڪل جي هئي. سندس آواز منڙو ۽ من موهيندڙ هو. زرينہ اسان لاءِ نہ پر سڄي سنڌ لاءِ آهي. روبينہ قريشي چيو تہ جيجي جي وچوڑي وڏو هاڃو رسايو آهي. جيجي ۽ مون ريڊيو حيدرآباد تي ڪم ڪيو. جيجي سنڌ کي قومي گيت ارپيا. اڄ هن جو وچوڑو دل کي جنجهوڑي رهيو آهي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

۽ جڏهن جيجي جي ننڍپڻ جي سهيلي ساروٽيون ساريندي روئي پئي

جيجي نہ صرف انسانن پر جانورن سان بہ پيار ڪندي هئي: قمر واحد

هڪ پيري هن پاڻي ۾ ٻڏندڙ ماکوڙن کي هٿ سان ڪڍي بچايو. مون کي پاڃيون رڏڻ سيکاريائين

زخمي ڪتن ۽ ٻلن جا زخم ڏوئي انهن جو علاج ڪرائيندي هئي. اياز جي شاعري جڏهن هن ڳائي تڏهن وٽن لڳي

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ جي ننڍپڻ جي سهيلي ڊاڪٽر قمر واحد جيجي جون ساروٽيون ٻڌائيندي روئي پوي ٿي. هن عبرت سان ڳالهائيندي چيو تہ جيجي انسانيت سان تہ پيار ڪندي هئي پر جانورن سان بہ پيار ڪندي هئي. هڪ پيري زمين تي

ماکوڙا پاڻي ۾ ٻڏي رها هئا تہ هن پنهنجي هٿن سان ماکوڙن کي کڏيو. هن کٽن ۽ بلن سان بہ پيار کيو. هڪ بلي جو نالو پومي ۽ ٻي جو چيڪو رکيو هو. رستي تي زخمي بلڙو يا کٽڙو ڏسندي هئي تہ ان کي ڏوئي علاج ڪرائيندي هئي ۽ سانديندي هئي. هڪ پيري سندس گهر ۾ ڪوئا بال سان کيڏي رهيا هئا تہ جيجي ڇيو تہ ڪوئن کي نہ ماريو. ڏسو ڪرڪيٽ کيڏي رهيا آهن. هن ڇيو تہ جيجي مون کي پاڇيون رڏڻ سيکاريون. للر. لوٽڪ. مريڙو ۽ ساڳ پچائڻ سيکاريو. جيڪو آئون چاهه سان کائيندي هيس. مون کي شيخ اياز جي شاعري اڳ پسند نہ هئي جڏهن جيجيءَ شيخ اياز جي شاعري کي ڳايو تہ مون ۾ اتساهه پيدا ٿيو. ڊاڪٽر قمر واحد جيجي جون ساروٽيون ٻڌائيندي روئندي رهي ۽ اهو ٻڌايو تہ هوءَ مون سان آمريڪا ۾ بہ گڏ هوندي هئي. جتي بہ ٻوٽن وچ ۾، لوٽڪ ۽ پاڇين بابت نشاندهي ڪندي هئي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

بينظير پٽو ۽ آصف زرداري جيجيءَ جي لاڏاڻي کي وڏو سانحو قرار ڏنو

ٻنهي اڳواڻن اختر بلوچ، سسئي ۽ رسول بخش پليجي سان ڏک وندبنديءَ تعزيت جو اظهار ڪيو

جيجيءَ پنهنجي لکڻين ذريعي قومي جذبو ۽ اتساهه پيدا ڪيو: بينظير پٽو جو تعزيتي بيان ۾ اظهار

ڪراچي: پ پ پ چيئرپرسن بينظير پٽو ۽ سندس ور آصف علي زرداري جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي کي وڏو سانحو قرار ڏنو آهي. هنن پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ چيو آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي گيتن، ڊرامن ۽ لکڻين ذريعي سنڌ جي عوام ۾ قومي جذبو ۽ اتساهه پيدا ڪيو. جيجي زرينہ جي لاڏاڻي سان وڏو خال پيدا ٿيو آهي. جيڪو پرڻ مشڪل آهي. اهڙيون شخصيتون سنڌ کي ورلي نصيب ٿيندیون آهن. بينظير پٽو ۽ آصف علي زرداري جيجي زرينہ جي پونئيرن نياڻي اختر بلوچ، ڏوهٽي سسئي پليجو ۽ مرحومہ جي ور رسول بخش پليجو سان تعزيت جو اظهار ڪندي ڪيس تلقين ڪئي آهي تہ هو انهي ڏکئي وقت ۾ صبر جو ساٿ نہ ڇڏين. اسين دعاگو آهيون تہ الله تعاليٰ مرحومہ کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. پ پ پ سنڌ جي صدر سيد قائم علي شاهه پڻ جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي پونئيرن سان تعزيت ڪئي آهي ۽ دعا گهري آهي تہ الله تعاليٰ مرحومہ کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

سنڌ جي ساڃاهه وندن جيجيءَ جي موت کي قومي نقصان قرار ڏنئي ڇڏيو

زرينہ جا گيت قومي گونج هئا (ابراهيم جويو) عظيم عورت هئي (پنهنجو)

جيجي زرينہ بلوچ جون خدمتون هميشہ ياد رهنديون: افضل گجر

وچوڙو ڏکائيندڙ آهي (ادل/ايار گل) ڏکايل آهيون. (تاج جويو)

لوڪ موسيقي لاءِ وڏيون خدمتون ڏنائين: قادر جوٽيجو

سنڌ عظيم قومي فنڪاره کان محروم ٿي وئي (قادر مگسي)

بي بها سرمايو هئي (انعام شيخ) خال نہ پربو: ورلڊ سنڌي ڪانگريس

ضيائي مارشلا کي للڪاريائين (ممتاز پٹو) هوءَ تاريخ هئي (غازي صلاح الدين)

سنڌ جي تصوير هئي: آڪاش انصاري. دلين ۾ زنده رهندي (سليم چنا / زيب سنڌي)

وڏو نالو هئي: عمران خان، حسن درس، پيرل مجيداٹو ءِ بين جا ويچار

حيدرآباد (رپورٽ: علام حسين خاصخيلي) سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي سياستدانن، فنڪارن، شاعرن ءِ اديبن تڏي تي پهچي عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجي ءِ ايار لطيف پليجي سان تعزيت ڪندي ڏک جو اظهار ڪيو. تڏي تي پهچي پنهنجي تاثرات ۾ نامياري اديب دانشور محمد ابراهيم جويي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جي حيثيت هڪ عام فنڪاره جهڙي نہ هئي، بلڪ سندس گيت سنڌ جي حقن لاءِ جهيڙيندڙ گونج هئا. هن چيو تہ سياسي ءِ قومي تحريڪ ۾ جيجي زرينہ بلوچ جو ڪردار سنڌ جي عوام کي اتساهيندڙ هو. سندس موت سنڌ جو قومي نقصان آهي. سنڌ نيشنل پارٽي جي چيئرمين امير پنهري چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ هڪ وڏي فنڪاره هجڻ سان گڏو گڏ سنڌ جي عظيم عورت هئي. هن چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ قومي تحريڪ ۾ اتساهہ جو وسيلو هئي. مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ افضل گجر چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڙي سان جيڪو خال پيدا ٿيو آهي. اهو في الحال پرجهڻ مشڪل آهي. سندس ڪيل خدمتون هميشہ ياد رکيون ويندیون. سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري ادل سومرو چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ لوڪ گيتن وسيلي سنڌ جي پوري دنيا ۾ سڃاڻپ ڪرائي. جيجي سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي جيل ۾ بہ قيد رهي. سندس وچوڙو ڏکائيندڙ آهي. شاعر ايار گل چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جو وچوڙو ڏکائيندڙ آهي. سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جو وچوڙو ڏکائيندڙ آهي. سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل تاج جويي چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڙي سبب اسان سڀ ڏکايل آهيون. پ پ اڳواڻن امان الله سيال، فياض شاهہ، سليم بخاري، مير فتح ٽالپر، ياسين سومري، آفتاب خانزادي، پاشا قاضي، جيئندي

سومري، بدر النساءِ ابڑو پڻ گڏيل بيان ۾ ڏکويل خاندان سان تعزيت ڪئي. سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي چيئرمين عبدالقادر جوٽيجي پڻ ڏکويل خاندان سان تعزيت ڪئي آهي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

سينيٽ چيئرمين محمد ميان سومري پاران زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (پسر) چيئرمين سينيٽ محمد ميان سومري سنڌ جي لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي نهايت ڏک جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي هڪ پريس بيان ۾ سينيٽ جي چيئرمين، زرينہ بلوچ جي پونئيرن سان ڏک وندياندي دعا ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ مرحوم ڪي پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جاءِ ڏيئي ۽ سندس پونئيرن کي صبر، جميل جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي سائڌا ٽي هزار لوڪ گيت، سهرا، ڳيچ ڳايا، جن کي تمام گهٽي مقبوليت ملي

حيدرآباد: سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي حياتي ۾ سائڌا 3 هزار لوڪ گيت، سهرا ۽ ڳيچ آڊيو ڪيسٽن ۾ رڪارڊ ڪرايا. سنڌ جي مختلف ڪيسٽ ڪمپنين طرفان سندس لوڪ گيت، سهرا، ڳيچ رڪارڊ ڪري مارڪيٽ ۾ آندا ويا. سندس آواز ۾ اهڙو جادو سمايل هو. جو سندس سمورين ڪيسٽن کي سڃي سنڌ جي اندر تمام وڏي مڃتا ملي. سندس ڳايل لوڪ گيت" مور ٿو ٽلي"، " هٿين گل ميندي، پيرين گل ميندي"، " پيڻ منهنجو چلڙو ڪري پيو ڪوهہ ۾"، "بي خبر ناهي پر مرڻ کان پوءِ، تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون"، "جيئي سنڌ جيئي سنڌ"، "ٽڙي پوندا تارئين" سميت سندس ڪيترائي سهرا، ڳيچ، لوڪ گيت (اڄ) بہ سڃي سنڌ ۾ وڏي چاهہ سان ٻڌا وڃن ٿا. جيجي زرينہ بلوچ جا لوڪ گيت، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد خيرپور، ڪراچي، لاڙڪاڻي، تائين هر وقت لکين ٻڌڻ وارن جي فرمائش تي وڄندا رهندا آهن.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو سياڻي جمعي نماز کان پوءِ ايياز لطيف پليجو جي رهائشگاهہ تي ٽيندو

حيدرآباد: سومر ڏينهن لاڏاڻو ڪري ويل سنڌ جي نامياري لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو سياڻي جمعي نماز کان پوءِ مرحوم جي پٽ ايياز لطيف پليجو جي رهائشگاهہ تي پرنس ٽائون قاسم آباد ۾ ٽيندو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

27-10-2005

پي خبر ناهي، پر مرڻ کان پوءِ تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون...

قومي گيتن جي راڻي، ليڪڪا ۽ استاد جيجي زرينہ بلوچ لاڏاڻو ڪري وئي

سنڌ موسيقي، گيتن لاءِ سڄي حياتي جدوجهد ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ سوا مهينو اسپتال ۾ حياتي لاءِ جدوجهد ڪئي

ڪراچي نيشنل اسپتال ۾ داخل جيجي زرينہ بلوچ کي برين ٽيومر، هيپاٽائيٽس سي، شگر ۽ هاءِ بلڊ پريشر هو

جيجي هڪ هفتي کان ڪوما ۾ هلي وئي هئي، ڊاڪٽرن به جواب ڏئي ڇڏيو،

رات 10 لڳي 37 منٽن تي زندگي کي الوداع چيائين

ڪراچي(رپورٽ: غلام نبي اداسي) سنڌ ۾ قومي گيتن جي راڻي، ليڪڪا ۽ استاد جيجي زرينہ بلوچ سوا مهينو زندگيءَ لاءِ جدوجهد ڪندي ڪالهہ رات 10 لڳي 37 منٽن تي لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. جيجي زرينہ بلوچ کي برين ٽيومر، شگر ۽ هاءِ بلڊ پريشر سبب لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. جتي گذريل هڪ هفتي کان سندس طبيعت گهٽي خراب ٿي وئي هئي. ڊاڪٽرن جيجي زرينہ بلوچ جي وارثن کي جواب ڏئي ڇڏيو هو. هوءَ 5 ڏينهن کان ڪوما ۾ هئي. ڪالهہ رات ڊاڪٽرن سندس لاڏاڻي جي تصديق ڪئي. جيجي زرينہ بلوچ کي برين ٽيومر ٽيٺ جي ڇاڻ ان وقت پئي، جڏهن ڪيس هيپاٽائيٽس سي ۽ بلڊ پريشر جي ڪري آغا خان اسپتال ڪراچي آندو ويو. جتي ڊاڪٽرن برين ٽيومر جو ٻڌايو. جنهن بعد ڪيس لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. علاج دوران جيجي زرينہ بلوچ شوڪت خانم ميموريل اسپتال لاهور ۾ به داخل هئي. جڏهن ته آمريڪا ۽ لنڊن سوڏو ٻين ڪيترن ئي ملڪن جي ڊاڪٽرن سان رابطا پڻ ڪيا ويا هئا. پر ڊاڪٽرن وارثن کي ٻڌايو ته جيجي زرينہ

بلوچ جو برين ٽيومر خطرناڪ حد تي پهتل آهي. تنهن ڪري سندس حياتي خطري ڪان باهر ناهي. ڪالهه شام جو لاڏاڻي جو اطلاع ملندي ئي پليجو خاندان سوڏو عوامي تحريڪ پ پ جا ڪارڪن. اڳواڻ وڏي تعداد ۾ لياقت نيشنل اسپتال پهتا. جتي سسئي پليجو. سرمد پليجو ۽ غلام قادر پليجو سوڏو. وارث لاش ڪڍائي حيدرآباد اچي رهيا هئا. جتي مڙهه قاسم آباد پرنس ٽائون ۾ ايار لطيف پليجو جي گهر آندو ويو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ جو مڙهه رات جو ڪراچي مان حيدرآباد آندو ويو

اڄ ايار لطيف پليجو جي گهران 11 وڳي صبح مڙهه قبرستان نيو ويندو ٽڏو. قاسم آباد پرنس ٽائون ۾ ايار جي گهر وڃايو ويو

ڪراچي:جيجي زرينہ بلوچ جو مڙهه اڄ صبح ڪراچي مان حيدرآباد آندو ويو. جيڪو قاسم آباد جي پرنس ٽائون واري علاقي ۾ ايار لطيف پليجو جي گهر آڻڻ بعد اڄ صبح جو 11 وڳي قاسم آباد جي قبرستان ۾ تدفين لاءِ نيو ويندو. جڏهن ته ٽڏو پرنس ٽائون ۾ ايار لطيف پليجو جي گهر وڃايو ويو آهي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ جي لاڏاڻي جي خبر نشر ٿيندي ئي سنڌ ۾ ڏڪ جي لهر

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي جي خبر ڪي ٽي اين تان نشر ٿيندي ئي سنڌ ۾ ڏڪ جي لهر ڇانئجي وئي. وڏي تعداد ۾ ماڻهو زرينہ بلوچ جي ور. رسول بخش پليجي ۽ سندس پٽ ايار لطيف پليجي جي گهر آڏو جمع ٿي ويا.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

"پئي ياد آيا فسانہ اوهان جا....." جيجي زرينہ آخري پيرو گيت جهونگاريو

ڪراچي: سنڌ ۾ قومي گيت ڳائي قومي تحريڪ ۾ اتساهه پيدا ڪندڙ جيجي زرينہ بلوچ آخري پيرو گيت جهونگاريو: "پئي ياد آيا فسانہ اوهان جا. نگاهون اوهان جون نشانا اوهان جا" جنهن بعد هن ڪنهن بہ ڪيمرا آڏو ڪو گيت نہ جهونگاريو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو اڇ شام پرنس ٽائون ۾ ٽيندو

حيدرآباد: جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو اڇ شام جو 4 وڳي اياز لطيف پليجو جي پرنس ٽائون واري رهائشگاهہ تي ٽيندو، جتي پهرين قرآن خواني ۽ بعد ۾ خيرات جي ماني ٽيندي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

28-10-2005

سانا پاران سڃي دنيا جي سنڌين کي جيجي جي لاڏاڻي تي 2 منٽ خاموشي اختيار ڪرڻ جي اپيل

حيدرآباد: پنهنجي مڏر آواز ذريعي قومي تحريڪ کي اتساهہ بخشيندڙ لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي سنڌ ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي اڳواڻ، عزيز ناريجي،جيجي جي فرزند اياز لطيف پليجو کي فون ڪري ٻڌايو آهي تہ سانا پاران سڃي دنيا جي سنڌين کي جيجي جي وڇوڙي تي 2 منٽ خاموشي اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي. هن چيو تہ جيجي جو موت، نہ رڳو سنڌ پر سڃي دنيا جي سنڌين لاءِ وڏو سانحو آهي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

28-10-2005

الطاف حسين پيغام اماڻيو: دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان سنڌين فون ڪري رسول بخش پليجو ۽ اياز پليجو سان تعزيت ڪئي

حيدرآباد: لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينا بلوچ جي وفات تي ڪالهہ بہ ڏيهہ توڙي پرڏيهہ مان نالياوارن ماڻهن سندس ور رسول بخش پليجو ۽ پٽ اياز لطيف پليجو کي فون ڪري ڏک جواظهار ڪيو. ڪالهہ صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت قمر منصور، متحده قومي موومينٽ جي قائد الطاف حسين پاران اماڻيل پيغام بابت چيو تہ الطاف جيجي جي وفات کي سنڌ لاءِ وڏو سانحو قرار ڏنو آهي. ۽ ڏک جواظهار ڪيو آهي، ان کان سواءِ سينيٽ جي چيئرمين محمد ميان سومري، دبئي مان بلوچ اڳواڻ امير بلوچ انگلينڊ مان تنوير الزمان، ڊاڪا مان نامياري شاعر هدايت بلوچ، انگلينڊ مان نجيب آدم، لاهور مان حارث خليق ۽ سعودي عرب مان پٽ تعزيتي فون ڪيا ويا آهن.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

28-10-2005

مختلف هنڌن تي ڏڏا وڃايا ويا: ميڙاڪا: گڏجاڻيون

زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي سنڌ ۾ سوڳ: تڏي تي اهم شخصيتون پهتيون

حميده کهڙو، قمر منصور، معراج محمد خان، اسماعيل راهو، يوسف مستي خان تڏي تي پهتا

حڪيم بلوچ، شمشير الحيدري، امير علي ڄاموٽ، محمد خان جوڻيجو عذر خواهي ڪندڙن ۾ شامل

بيگم گلزار انڙ، نعيم کرل، نعيم اشتياق، منظور لغاري ۽ غلام قادر چانڊيو به تعزيت لاءِ پهتا

رسول بخش پليجي ۽ اياز سان ڪمال چانگ، حاڪم زرداري، ڪي بي رند ۽

ادريس راجپوت به تعزيت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر / نمائندن وٽان) سنڌ جي قومي ۽ لوڪ گيتن جي راڻي استاد، ليڪڪا ۽ شفيق ماءُ جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي تي سندس ور رسول بخش پليجي ۽ پٽن سان تعزيتون ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. اياز لطيف پليجو جي پرنس ٽائون واري رهائشگاهہ تي ڪالهہ صبح کان ئي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ سوين ماڻهن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي. جن ۾ تعليم کاتي سنڌ جي صوبائي وزير حميده کهڙو، ثقافتي کاتي جو صوبائي وزير قمر منصور، پ پ اڳواڻ پير مظهر الحق، اڳوڻي وفاقي وزير معراج محمد خان، وليرام ولپ، اڳوڻي صوبائي وزير اسماعيل راهو، عبدالحڪيم بلوچ، شمشير الحيدري، آغا رفيق، امداد حسيني، نيشنل ورڪرس پارٽي جي جنرل سيڪريٽري يوسف مستي خان، ايم اين اي امير علي شاهہ ڄاموٽ، اڳوڻو ايم اين اي محمد خان جوڻيجو، نوجوان راڳي الهڏنو جوڻيجو، عرس چانڊيو، مزاحيہ فنڪار قادر بخش منو، ستار سريوال، شاعر شاهنواز مسافر، خليل پرگڙي، ايم پي ايز نعيم احمد کرل، بيگم گلزار انڙ، ارشد شاهہ، نعيم اشتياق، منظور احمد لغاري، غلام قادر چانڊيو، جيمخانہ حيدرآباد جا جاويد جوڻيجو، پروفيسر محمد حسين لغاري، ڊي جي صحت سنڌ ڊاڪٽر هادي بخش جتوئي ۽ ان کان سواءِ سحر رضوي، سحر امداد، ڊاڪٽر قمر واحد، حسن وساڻ، منصور قادر جوڻيجو، ارباب عبدالحئي پليجو، ايس ٽي پي اڳواڻ علي حسن جتوئي، زوار نقوي، اعجاز قريشي، ڊاڪٽر صفدر سرڪي، رسول بخش ٽيپو، ايڊووڪيٽ پنهون عقيلي، اظهار هاشماڻي، رٽائرڊ جسٽس غلام حيدر لاکو، محمود مغل، منظور ميراڻي، اسحاق سميجو، مشتاق چنگيزي، مولانا عبدالواحد قريشي، انور بلوچ، ايشور داس، اقبال ملاح، مهيش ڪمار، جعفر ميمڻ، خاڪي جويو، انجنيئر گيانچند، امير بخش عمراڻي، اڳوڻي سينيٽر حسين شاهہ راشدي، اڳوڻو ضلعي ناظم ڪمال خان چانگ، تاج جويو، دودو چانڊيو، پ پ اڳواڻ حاڪم علي زرداري، ڪي بي رند، ايڊووڪيٽ مظفر صادق پٽي، اڳوڻي سيڪريٽري آبپاشي ادريس راجپوت،

ڊاڪٽر ڪريم راڄپر، پروفيسر امير علي قادري، پروفيسر قاسم بگهيو، ڊاڪٽر فيروز ميمڻ، ڪنٽرولر سنڌ يونيورسٽي نواز علي پٽو، جيل سپرنٽينڈنٽ نارا جيل نصرت مگسي، اڳوڻي صوبائي وزير انيتا غلام علي، علي مردان شاهه، پروفيسر سعيده بشير چانڊيو، پروفيسر قاضي خادم، منير راڄڙ، امتياز چانڊيو، الطاف ڪوٽي، ڊاڪٽر ڪريم داد پتافي، ريحانه چنڙ، نصرت لاشاري، سميت سوين ماڻهن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي آهي. هوڏانهن مقصودو رند ۽ ٽيل تعزيتي ميڙاکن کي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ڊاڪٽر عبدالرحمان رند، ايشر داس، بهادر رند، وفا سنڌي، انورسنجراڻي ۽ ٻين خطاب ڪيو. نل ۽ ٽيل تعزيتي ميڙاڪي کي اصغر سجاڳ، جاويد ساغر، مير پٽي ۽ ٻين خطاب ڪيو. خيرپور پريس ڪلب ۽ ٽيل ميڙاڪي کي خان محمد، دين محمد ڪلهوڙي، ثناءالله ميمڻ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي پريس ڪلب خيرپور جي صدر خان محمد هر سال جيجي زرينه بلوچ جي ورسي ملهائڻ جو اعلان ڪيو. سکر ڊسٽرڪٽ بار جي امتياز علي سومري جي صدارت ۾ ٽيل اجلاس ۾ جيجي زرينه بلوچ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو ويو. جهڏو ۾ ادب ڪچهري ۽ عوامي تحريڪ پاران تڏو وڃايو ويو. جتي نور محمد ڪوسو، ايار ڪوسو، ڪرم ڪلوئي ۽ ٻين تعزيتون وصول ڪيون، عمرڪوٽ ۾ جيجي زرينه بلوچ جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙاڪا ٿيا. هڪڙي ميڙاڪي ۾ عبدالواحد آريسر، جمن دربدر، ڄام اقبال انڙ، پورا لال مالهي، صالح آريسر ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عبدالواحد آريسر ڇيو ته حقيقت ۾ جيجي زرينه بلوچ هڪ قومي ڪارڪن هئي. هن ڪڏهن به پنهنجي ذات کي پٺسي ڪمائڻ جو ذريعو نه بڻايو. سندس وچوڙي تي آڻون سڄي سنڌ سان تعزيت ٿو ڪريان. هوڏانهن عمرڪوٽ ۾ ٻيو ميڙاڪو عوامي تحريڪ پاران جلال جاني جي گهر ٿيو. جنهن کي جلال جاني. منا خان پنيرو، بلال ڪنڀار، قاسم ڪنڀار،نسيم سرحد ۽ ٻين خطاب ڪيو. هوڏانهن ٽنڈو باگو ويجهو ڳوٺ رشيد چانڊيو ۾ جيجي جي لاڏاڻي تي ميڙاڪو ٿيو. جنهن کي ٽنڈو باگو عوامي اتحاد جي اڳواڻ رشيد چانڊيو، پٽيل احمد چانڊيو ۽ ٻين خطاب ڪيو. هوڏانهن ٽنڈي ڄام ۾ ٽيل ميڙاڪي کي رحيمان بجير، صبا بجير ۽ ٻين خطاب ڪيو. دادو ۾ جيجي زرينه بلوچ جي لاڏاڻي تي تعزيتي ميڙاڪو ٿيو جنهن ۾سنڌي اردو شاعر پروڊيوسر اطهرمنگي، حاڪم علي شاهه بخاري، غلام رسول عرف ارشاد پنهور ۽ ٻين شرڪت ڪئي. درڙو ۾ ميڙاڪي کي اديب، شاعر غلام حسين رنگريز،امين سومري، عرس اوڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي ڇيو ته جيجي سمورين سياسي ڏرين ۾ هڪ اتحاد ۽ امن محبت جي علامت هئي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

28-10-2005

جيجي زرينا 12 ڊسمبر 1935ع تي حيدرآباد جي ڳوٺ الهداد چنڊ ۾ پيدا ٿي

هوءَ جلالاڻي قبيلي سان تعلق رکندڙ هئي، سنڌي ادب ۾ ادیب فاضل جا امتحان پاس کيائين

ڪراچي:جيجي زرينا بلوچ 29 ڊسمبر 1934ع ۾ حيدرآباد جي قديم پاڙي الهداد چنڊ ڳوٺ ۾ پيدا ٿي. پاڻ جلالاڻي قبيلي سان تعلق رکي ٿي. زرينا بلوچ تعليمي لحاظ کان سنڌي ادب ۾ ادیب فاضل جا امتحان پاس ڪرڻ بعد 1960ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿي. ان بعد سنڌ يونيورسٽي جي انتظام هيٺ هلندڙ ماڊل اسڪول گاڏي کاتي ۾ مستقل 36 سال خدمتون انجام ڏيئي 1996ع ۾ رٽائرڊ ڪيو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي 1960ع کان فني سفر جي شروعات ڪئي

جيجي سياسي طور تي پ پ جي ويجهو رهي، 1978ع ۾ جيل کاٽيائين

ڪراچي: جيجي زرينا بلوچ سياسي طور تي پيپلز پارٽي جي تمام ويجهو رهي ۽ ان کري 1978ع ۾ جيل کاٽيائين. جڏهن پٽو کي ضياءَ دور ۾ شهيد ڪرڻ واري وقت تحريڪ شروع ٿي هئي. جڏهن ته سنڌ جي قومپرست اڳواڻ رسول بخش پليجي جي گهر واري هئڻ جو اعزاز به کيس حاصل رهيو ۽ سنڌياڻي تحريڪ ۽ ناري تحريڪ ۾ اڳيري رهي. بينظير پٽو جي پهرين حڪومت ۾ حيدرآباد ۾ لساني جهيڙن ۾ سنڌي نياڻين سان ٿيل زيادتين تي احتجاجي آواز اٺاريندي سرڪٽ هائوس حيدرآباد ۾ ڪرفيو هئڻ جي باوجود ان وقت جي وزيراعظم بينظير پٽو کي نياڻين جي جلوس جي اڳواڻي ڪندي دانهيو هئائين. جنهن بعد پڪو قلعو آپريشن شروع ٿيو هو. جيجي زرينا جي فني زندگي 1960ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان شروع ٿي ۽ پهريون پيرو گلوڪاري جي مقابلي ۾ حصو ورتائين. جنهن ۾ ٽيون نمبر آئي. ان بعد استاد جمن کان باقاعده شاگردي وٺي راڳ سکي. زرينا بلوچ جي مشهوري قومي ۽ لوڪ گيتن کان ٿي. جنهن ۾ " ادیون منهنجو ڇلڙو پاڻي ۾" ۽ "حيدر بخش جتوئي جو مشهور گيت" جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" هئا.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

"ويندي سانءِ مري، ڀائي تنهنجون ڀالهڙيون، چوندين هاءِ چري سچي هيڙي سڪ جي"

سنڌي موسيقي کي امر گيت اربيندڙ مشهور لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ لاڏاڻو ڪري وئي

جيجي کي برين ٽيومر جي بيماريءَ سبب ڪجھ ڏينهن اڳ ڪراچي جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

جتان هوءَ صحتياب نہ ٿي سگھي. هوءَ گذريل 9 ڏينهن کان ڪوما ۾ هئي. جنهن ڪالھ رات سادي ڏهين وڳي دم ڏٽي حوالي ڪيو.

وارثن سميت سڃي سنڌ سوڳوار. لاڏاڻي وقت جيجي جي ڏيءَ اختر بلوچ، ڏوهٽي سسئي، سرمد، غلام قادر پليجو ۽ موجود

اسپتال جو ماحول انتهائي سوڳوار ٿي ويو. جيجي جي وفات جي ڏک ۾ اختر بلوچ جي حالت خراب ٿي وئي

جنهن کي وارث آڻت ڏيندا رهيا. مڙھ ايمبولينس ذريعي حيدرآباد نيو ويو اڄ قاسم آباد جي پرنس ٽائون ۾

11 بجي صبح جو جنازي نماز پڙھڻ بعد جيجيءَ جي مڙھ کي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماڻ حوالي ڪيو ويندو

ڪراچي: (رپورٽ: ضياءُ قريشي) سنڌي موسيقي کي امر گيت اربيندڙ سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ ڪالھ رات جو سادي 10 وڳي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. جيجي زرينہ بلوچ 9 ڏينهن کان ڪوما ۾ هئي ۽ برين ٽيومر جي بيماري ۾ مبتلا هئي. جنهن کي ڪجھ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ جي لياقت نيشنل اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. جيجي زرينہ جي لاڏاڻي وقت سندس ڏيءَ اختر بلوچ جو بلڊ پريشر گھٽجي ويو ۽ سندس دل جي حرڪت پڻ گھٽجي وئي. جيجي زرينہ جو مڙھ ايمبولينس وسيلي حيدرآباد اياز لطيف جي گھر بي-48 پرنس ٽائون قاسم آباد لڳ واڌو واھ آندو ويو. جيجي جي جنازي نماز اڄ 11 وڳي ادا ڪئي ويندي. جيجي جي لاڏاڻي وقت ڊاڪٽر سلمان شريف. ڊاڪٽر ضياءُ پڻ موجود هئا. جڏهن تہ لاڏاڻي بعد اختر بلوچ جي حالت خراب ٿي وئي. جنهن کي وارث آڻت ڏيندا رهيا ۽ ماحول انتهائي سوڳ وارو ٿي ويو. جيجي کي اڄ حيدرآباد ۾ قاسم آباد واري قبرستان ۾ مٽيءَ ماڻ حوالي ڪيو ويندو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

زرينہ بلوچ آخري وقت تائين سنڌ جي پارت کندي رهي

نوجوانن تي هٿ رکو، انهن جي همٿ کان سواءِ کجهہ نہ ٿيندو:
ملاقاتين سان ڳالهہ بولهہ
جيجي زرينہ جيجي لفظ جو مان رکيو ۽ سڄي عوام پڻ کيس مان ڏنو:
سسئي پليجو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) پ پ ايم پي اي سسئي پليجو جيجي زرينا بلوچ جي لاڏاڻي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ جيجي زرينہ جيجي لفظ جو مان رکيو ۽ سڄي عوام بہ کيس مان ڏنو. پوين پساهن تائين بہ هوءَ سنڌ کي سارينديءِ وئي. جيجي آخر ۾ اهو بہ چيو تہ پاڻي ۽ سنڌ جي حقن جي جنگ وڙهندڙ آخري سپاهي منهنجي خاندان جو فرد هوندو. زرينہ بلوچ جي پٽ اياز لطيف پليجو هڪ خانگي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ زرينہ بلوچ آخري وقت ۾ ساٿس ملندڙن کي چيو تہ سنڌ جي پارت اٿو. نوجوانن تي هٿ رکو ۽ انهن جي همت کان سواءِ کجهہ نہ ٿيندو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

اسپتال ۾ قرآن شريف جو ورد کري جيجيءَ کي کن ۾ ٻڌايو ويو، جنهن دوران سندس موت ٿيو

پونئيرن ۾ بہ پٽ ۽ هڪ ڏي شامل، مخدوم جميل الزمان ۽ ٻيا اطلاع تي پهچي ويا

ڪراچي: جيجيءَ جي وفات کان اڳ اسپتال جي آءِ سي يو وارڊ ۾ صورت بقره، سوره ڪوثر ۽ ياسين شريف جو ورد کري جيجي کي کن ۾ ٻڌايو ويو. جنهن دوران سندس ساهہ پرواز ٿيو. جيجيءَ پونئيرن ۾ بہ پٽ اسلم پرويز ۽ اياز لطيف پليجو ۽ هڪ ڏيءَ اختر بلوچ سميت هزارين پرستار ڇڏيا. جيجيءَ جي موت جي اطلاع تي پ پ اڳواڻ جميل الزمان، سارنگ لاشاري، نصرت لاشاري، نور نبي پليجو ۽ ٻيا اسپتال پهچي ويا.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي آمريڪا، برطانيا ۽ ٻين شهرن ۾ فن جو مظاهرو ڪيو

ڪراچي: زرينہ بلوچ فني زندگي دوران پرڏيهہ ۾ جتي فن جو مظاهرو ڪيو. انهن ملڪن ۾ آمريڪا، برطانيا، دبئي، هندستان ۽ ڪئناڊا شامل آهن.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي زبانن ۾ گيت ڳايا، سندس هڪ ڊرامي کي عالمي ايوارڊ ملیو

ڪراچي: جيجي زرينہ بلوچ مختلف ٻولين ۾ گيت ڳايا، انهن ۾ سنڌي، بلوچي، اردو، سرائڪي، پنجابي شامل آهن. جڏهن ته سنڌ يونیورسٽي جي فلسطينين پاران عربي ۾ پڻ هڪ گيت ڳايو هو. جرمن ۾ عالمي ثقافتي ڊرامن جي ميلي ۾ پاڪستان مان واحد سنڌي ڊرامي" دنگي منجهہ درياهہ" کي ايوارڊ ڏنو ويو. جنهن ۾ مرڪزي ڪردار جيجي زرينہ بلوچ جو هو. جيڪو علي بابا جو لکيل آهي. جيجي زرينہ گلوڪاري کان علاوہ ٽي وي، ريڊيو جي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ اداڪاري ۽ صداڪاري پڻ ڪئي. ادبي دنيا ۾ ڪيترائي افسانہ توڙي مضمون لکيا.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

زرينا بلوچ سنڌ جي سچاڻپ هئي: بشير قريشي

سنڌ، لوڪ گيتن جي راڻي کان محروم ٿي وئي: نصير مرزا

هوءَ سنڌ جي وڏي لوڪ فنڪاره هئي: سجاد يوسف

سنڌ ٻون لوڪ گيتن کان محروم ٿي وئي:روبينہ حيدري

سندس وچوڙو ڏکوئيندڙ آهي(تاج مستاني) اسان يتيم ٿي وياسون: ديبا سحر

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي شاعرن، فنڪارن سنڌ جي لوڪ گيتن جي راڻي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي ڏک جواظهار ڪندي سندس وچوڙي کي سنڌي لوڪ گيتن جي ڳائڻ واري ميدان ۾ تمام وڏو خال قرار ڏيندي چيو آهي ته اهو خال في الحال صدين تائين پرجي نہ سگهندو. اهڙو اظهار سروي دوران ڪيو ويو. شاعر نصيرمرزا چيو ته اسان سنڌ وارا هڪ عظيم لوڪ گيتن جي راڻي زرينہ بلوچ کان محروم ٿي وياسين. سندس وچوڙو ڏکائيندڙ آهي. زرينا بلوچ لوڪ گيتن جي ڳائڻ جي شروعات

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪئي، سندس وڇوڙي سبب رسول بخش پليجو، اياز لطيف پليجو ۽ سندس خاندان سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون. فنڪار سجاد يوسف چيو ته زرينہ بلوچ سنڌ جي تمام وڏي لوڪ گيت ڳائڻ واري فنڪاره هئي. سندس وڇوڙو ڏکائيندڙ آهي. فنڪاره روبينہ حيدري چيو ته زرينہ بلوچ جي وڇوڙي سبب سنڌ نون لوڪ گيت ۽ سهرن کان محروم ٿي وئي. فنڪاره تاج مستاني چيو ته زرينہ بلوچ سهرن ڳيچن وسيلي پنهنجي مجتا جيئري ئي حاصل ڪئي. سندس وڇوڙو ڏکائيندڙ آهي. فنڪاره ديبا سحر چيو ته زرينہ بلوچ جي موت سبب اسان سڀ يتيم ٿي وياسين. زرينہ بلوچ لوڪ گيتن وسيلي هميشہ زنده رهندي. شاعره زيب نظاماڻي چيو ته لوڪ گيتن جي راڻي جي وڇوڙي دل کي وڏو صدمو رسايو آهي. سندس ڳايل گيت" هٿين گل ميندي، ٽڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل، تڏهن ملنداسين، " سدائين ياد رهندا. جيئي سنڌ قومي محاذ جي چيئرمين بشير خان قريشيءَ جيجي زرينا بلوچ جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جي سڃاڻپ هئي. سندس ڳايل لوڪ گيت هميشہ زنده رهندا. پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ جي صدر سرفراز راجڙ جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته سندس وڇوڙي سبب ڏک پهتو آهي. ڪلچرل ونگ طرفان 3 ڏينهن سڄي سنڌ ۾ سوڳ ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويوآهي. جيجي زرينہ بلوچ جي پٽ ايار لطيف پليجي چيو ته جيجي آخري وقت ۾ سنڌي نوجوانن کي پاڻ ۾ متحد ٿيڻ لاءِ چوندي رهي. هن چيو ته جيجي زرينہ بلوچ جساف، ايس ايس ٽي، ستاف ۽ ٻين پارٽي جي ڪارڪنن کي هر وقت اهو چوندي رهي ته سنڌ بچائڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي وجو ۽ سمورا ويڇا وساري ڇڏيو. جيجي جي لاڏاڻي تي ڊاڪٽر قمر واحد چيو ته جهڙي سندس سونهن هئي، اهڙو ئي سندس آواز خوبصورت هو. سنڌي نوجوان هڪ انقلابي سوچ رکندڙ فنڪاره کان محروم ٿي ويا آهن.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جي اڄ حيدرآباد ۾ جنازي نماز پڙهي ويندي

حيدرآباد: لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جو مڙهہ ڪراچي کان رات دير سان حيدرآباد جي قاسم آباد واري علاقي پرنس ٽائون سندس پٽ ايار لطيف پليجو جي رهائشگاهہ تي آندو ويو(اڄ) اربع جي ڏينهن صبح جو 11 وڳي پرنس ٽائون، قاسم آباد ۾ جيجي زرينہ بلوچ جي جنازي نماز پڙهي ويندي.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

جيجيءَ کي لوڪ گيتن جي راڻيءَ جو خطاب مليو. لطيف ۽ شهباز ايوارڊ کان سواءِ ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيائين.

ڪراچي: سنڌ حڪومت پاران سندس مجتا طور "شاھ لطيف ايوارڊ"، قلندر لعل شهباز ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي اعزاز ڏنا ويا. جڏهن ته پي ٽي وي ۽ ريڊيو پاڪستان پاران پڻ ڪيس ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو. ان کان علاوه ڪيس " لوڪ گيتن جي راڻي" جو خطاب پڻ ڏنو ويو.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

26-10-2005

قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جوٽيجهو، سڄاڻ شخصيتون تڏي تي پهتيون: ميڙاکا

قاسم آباد پرنس ٽائون ۾ ٽيل ٽيجهي ۾ قائم علي شاھ، نثار کهڙو، قمر الزمان شاھ ۽ فتاح ملڪ شرڪت ڪئي.

مجيب پيرزادو، آفتاب شعبان ميراڻي، مجيد نظاماڻي، مصطفيٰ قريشي، تاج جويو، مخدوم جميل ۽ ٻيا ب تعزيت لاءِ آيا.

مولانا فضل الرحمان، فاروق ستار، وينا شرنگي، قاسم جلالي، جاويد سومرو، آءِ اي رحمان ۽ ٻين فون ڪري تعزيت ڪئي

خيرپور، سڪاول، عمرڪوٽ، لاڙڪاڻو، رتي ديري ۽ دريا خان مري سوڌو ڪيترن ئي شهرن ۾ تعزيتي ميڙاکا ٿيا

حيدرآباد (رپورٽ:منير راجڙ) قومي ۽ لوڪ گيتن جي راڻي،استاد ۽ ليکڪا جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو ڪالهہ سندس پٽ ايار لطيف پليجو جي پرنس ٽائون قاسم آباد واري رهائشگاھ تي ٿي گذريو. جنهن ۾ نالياورين شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تعزيت ڪئي آهي، جن ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ پ پ اڳواڻ نثار کهڙو، پ پ سنڌ جي صدر سيد قائم علي شاھ، پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ جي صدر سرفراز راجڙ، پ پ مينارٽي ونگ سنڌ جي صدر مهيش ڪمار ملاڻي، اڳوڻي وزيراعليٰ آفتاب شعبان ميراڻي، ايوان زراعت سنڌ جي صدر سيد قمر الزمان شاھ، سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر عبدالمجيد نظاماڻي، مير فتح ٽالپر، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي ڊپٽي اٽارني جنرل فتاح ملڪ، نامياري اديب قمر شهباز، نالياري

اداکار مصطفيٰ قريشي، قانوني ماهر عبدالمجيب پيرزادو، پ پ اڳواڻ مخدوم جميل الزمان، نوجوان ليکڪ سردار شاهه، سنڌي ادبي سنگت جي تاج جويو، نصير مرزا، جامي چانديي، ناز سهتي، عنايت بلوچ، مشتاق راڄپر، ايم پي اي رحمان راجپوت، ايس ٽي پي اڳواڻ ڊاڪٽر حميد ميمڻ، سيشن جج جيڪب آباد عبدالرسول ميمڻ، حيدرآباد جي فورٿ ايڊيشنل سيشن جج عبدالوهاب عباسي، نواب يوسف جي فرزند نواب يونس، اڳوڻي ايم پي اي بهادر خان ڏاهري، سميت سوين ناليوارن ماڻهن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي آهي. هوڏانهن جيجي زرينہ بلوچ جي گهر ڪالهه، نور الهدي شاهه، سلطانہ وقاصي، ڊاڪٽر قمر واحد، نذير ناز، فهميده حسين،انيس ميمڻ، حنا دستگير، عطيہ دائود، اختر مظهر صديقي، نور النساء ابڙو، شهناز راهو، روبينہ قريشي ۽ ٻين عورتن اختر بلوچ، سسئي پليجو، مريم پليجو، صنم نوراني سوڏو ٻين گهر جي پاتين سان ڏک ونڊيو. هوڏانهن جيجي زرينہ بلوچ جي سمورين مٽي ڏکر ڪيل عزيز عورتن قبر تي وڃي گلن جي چادر چاڙهي. هوڏانهن ڏيهہ توڙي پرڏيهہ مان تعزيتي فون ۽ پيغامن جو سلسلو پڻ جاري آهي. ڪالهه قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ مولانا فضل الرحمان متحده جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار، ڊاڪامان هدايت بلوچ، آمريڪا مان خالد هاشماڻي، نسرين هاشماڻي، بمبئي مان رميش ڪٻيجا، آسٽريليا مان ڊاڪٽر شهمير ساريو، دهلي مان وينا شرنگي، لنڊن مان جاويد سومري، ڪينيڊا مان منور ٽالپر، آمريڪا مان نادره فيروز، ڪينيڊا مان فياض سومري، پي ٽي وي جي جنرل مينيجر قاسم جلالي، ڊائريڪٽر ڪلچر منظور قناصري، ايڇ آر سي پي جي آءِ اي رحمان، قانون واري اڳوڻي وزير اي ڪيو هاليپوٽي سميت ناليوارين شخصيتن جيجي جي ور ۽ عوامي تحريڪ جي سربراهہ رسول بخش پليجو ۽ پٽ اياز لطيف پليجو سان تعزيت ڪئي آهي. هوڏانهن لاڙڪاڻي ۾ ادبي سنگت جي تعزيتي ڪڏجاڻي سرڪش سنڌي جي صدارت ۾ ٿي، جنهن کي خطاب ڪندي اخلاق انصاري، عنايت ميمڻ، مختيار جاگيراڻي، يامين بلوچ، بقاءُ الله بوزدار ۽ ٻين چيو تہ جيجي جدوجهد جي علامت هئي. عمرڪوٽ ۾ آزاد سنگت سڪيا گهر ۾ تعزيتي ميڙاکو ٿيو. جنهن کي مير حسن آريسر، ڪامريڊ مير محمد جوٽيجو،بنسي لال مالهي ۽ استاد شفيع فقير خطاب ڪندي چيو تہ جيجي سنڌ لاءِ ڏک ڏنا ۽ سنڌ کي نوان گس ڏنا. رتي ديري ۾ استاد گل محمد دايو جي صدارت ۾ ساس جو تعزيتي ميڙاکو ٿيو جنهن کي سميع ساجد جوٽيجو، ڊاڪٽر خالق جوٽيجو، رضا مگسي، مور جلباڻي، ۽ ٻين خطاب ڪيو.

هوڏانهن خيرپور ۾ سنڌ ثقافتي تنظيم منڙي پاران تعزيتي ميڙاڪو ٿيو. جنهن کي ممتاز رڏ، صفدر رڏ، ۽ ٻين خطاب کيو. فنڪارن ۾ شبانہ پروين ڏک جو اظهار کيو آهي. سجاول ۾ ٽيل تعزيتي ميڙاکي کي عبدالرزاق لوهاري، نواز شيخ ۽ ٻين خطاب کيو. دريا خان مري ۾ سگا شاخ پاران تعزيتي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ عبدالرحمان خاصخيلي، غلام مرتضيٰ، عبدالغني ۽ ٻين شرکت کئي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

29-10-2005

کي ٽي اين جي بينکاڪ آفيس ۾ جيجي جي وچوڑي تي قرآن خواني کرائي وئي

حيدرآباد: سنڌي ٻولي جي پهرئين سٽلائيٽ چينل کي ٽي اين پاران جيجي زرينا بلوچ جي وچوڑي تي بينکاڪ ۾ قران خواني کرائي وئي آهي، جنهن ۾ نيوز کاسٽر سڪندر بلوچ، اعجاز پنهور، نازيہ ميمڻ سميت کي ٽي اين بينکاڪ جي عملي حصو ورتو ۽ جيجي لاءِ دعا گهري.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

29-10-005

جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي لنڊن ۽ واشنگٽن ۾ ٻہ تڏا وڃايا ويا

حيدرآباد: لوڪ ۽ قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڑي تي واشنگٽن ۽ لنڊن ۾ ٻہ تڏا وڃايا ويا آهن. جتي سنڌين کان تعزيتون وصول ڪيون پيون وڃن. اهي تڏا سانا ۽ ورلڊ سنڌي ڪانگريس پاران وڃايا ويا آهن.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

29-10-2005

جيجي جا گيت سنڌين جي جذبن جي عڪاسي کن ٿا: قائر علي شاھ

جيجي زرينہ کي قدرتي ڏات مليل هئي: مجيدنظاماڻي
جيجي زرينہ بلوچ سنڌ جو اثاثو هئي: سرفراز راجڙ
جيجي هڪ ادارو ۽ جدوجهد کندڙ بهادر عورت هئي: مصطفيٰ قريشي
زرينہ بلوچ هڪ بهادر سنڌياڻي ۽ مڌر آواز جي مالڪ هئي: قمر زمان شاھ

حيدرآباد: پ پ سنڌ جي صدر سيد قائر علي شاھ چيو آهي تہ جيجي زرينہ بلوچ جي

شخصيت پنهنجو مٽ پاڻ هئي. سندس گيت عام فهم ۽ سنڌ جي عوام جي خيالن ۽ جذبن جي عڪاسي ڪن ٿا. ڪالهه جيجي جي ٽيجهي جي موقعي تي تڏي تي ڳالهائيندي قائم علي شاهه چيو ته جيجي گهڻ رخي شخصيت هئي. سنڌ آبادگار بورڊ جي صدر عبدالمجيد نظاماڻي چيو ته دنيا ۾ آواز کي وڏي اهميت آهي ۽ جيجي کي اها قدرتي ڏات مليل هئي. پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ جي صدر سرفراز راجڙ چيو ته جيجي سنڌ جو اثاثو هئي. هن جو وچوڙو سنڌ واسين لاءِ درد بڻجي ويو آهي، ان کري کيس ڪير به وساري نٿو سگهي. پ پ مينارٽي ونگ سنڌ جي صدر مهيش ملاڻي چيو ته جيجي لوڪ گيتن جي راڻي هئي. نالياري اداڪار مصطفيٰ قريشي چيو ته جيجي هڪ ادارو هئي. هوءَ نه صرف مڌر آواز جي مالڪ پر جدوجهد ڪندڙ بهادر عورت هئي. هن جو وچوڙو سنڌ لاءِ وڏو سانحو آهي. ليڪڪ ۽ استاد امداد چانڊيو چيو ته جيسين سنڌي ۽ سنڌ پنهنجي قومي وجود ۽ وقار سان قائم رهندا. جيجي سندن سجاڻپ جي جنگ وڙهندڙ طور ياد رکي ويندي. سنڌ ايوان زراعت جي صدر سيد قمر الزمان شاه چيو ته زرينه بلوچ هڪ بهادر سنڌياڻي ۽ مڌر آواز جي مالڪ هئي، جنهن پنهنجي آواز ذريعي سنڌين ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

29-10-2005

جيجي زرينه جي لاڏاڻي تي عذر خواهين جو سلسلو جاري: ميڙاڪا

عذرا پيچوهو، قربان شاهه، رفيق صفي ۽ متحده اڳواڻ تڏي تي پهتا

غنوي پٽو ۽ مشاهد حسين فون رستي ۽ خط لکي تعزيتون ڪيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينه بلوچ جي ٽيجهي کان پوءِ ڪالهه چوٽين ڏينهن به سچي سنڌ مان ڪيترن ماڻهن پليجو هائوس پهچي عوامي تحريڪ جي سربراهه رسول بخش پليجو سان عذر خواهيون ڪيون. ان موقعي تي پ پ جي خاتون ايم اين اي عذرا پيچوهو، ايڊووڪيٽ ظفر لغاري، ايم اين اي سيد قربان شاهه، رفيق صفي ۽ بين پنهنجا تاثرات ڏيندي چيو ته جيجي جنهن دور ۾ جدوجهد جي گيتن وسيلي شروعات ڪئي. اهو دور اونداهين ۽ جهالت وارو هو. ماڻهو عورتن جي باهر نڪرڻ ۽ ڳائڻ کي غلط سمجهندا هئا. جيجي سنڌ جي سياست کي راڳ ۽ شاعري وسيلي عوام تائين پهچائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. جيجي سڪ واري ڏاهڪي کان وٺي ميدان ۾ رهي، سندس جدائي تي دليون رت جا ڳوڙها ڳاڙين ٿيون.

جڏهن ته پ پ (شهيد پٽو) جي چيئرپرسن غنوي پٽو ٽيليفون ڪري ۽ مسلم ليگ ق جي جنرل سيڪريٽري مشاهد حسين تعزيتي خط لکي تعزيت ڪئي. ان کان سواءِ ادل سومرو پڻ تعزيتي خط لکيو. جڏهن ته نور محمد انڙ، ڊاڪٽر سعيد ميمڻ، سرور سميجي، قادر بخش پٽي، جاويد سومري، پروفيسر اقبال حسين پنهور، ڊاڪٽر اصغر عباسي، حاجي وزير علي جمالي ۽ ٻين تعزيت ڪئي. هوڏانهن متحده قومي موومينٽ زونل ڪميٽي جي انچارج ۽ ميمبرن پڻ تعزيتي بيان جاري ڪيو آهي. جڏهن ته متحده ايم پي اي ارشد شاهه ۽ نعيم اشتياق اياز لطيف پليجو سان تعزيت ڪئي. هوڏانهن ساس جهڏي پاران ٽيل ميڙاڪي کي سيد پناهه شاهه ڏاڏاهي، ڪرم ڪلوئي، موسيٰ ڏيٽو، لال چند، قادر سيال ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

30-10-2005

لوڪ فنڪاره جيجي زرينه بلوچ جي عيادت ڪندڙ روئيندا رهيا

رضيه جهتيال لڙڪ روڪي نه سگهي، سسئي پليجو ۽ ٻين گهر پاتين جون اکيون آليون

ممتاز پنهور، خالد جتوئي، خادم علي شاهه، مخدوم جميل الزمان به عيادت ڪئي

ڪراچي(رپورٽ: ضياءُ قريشي) سنڌ جي لوڪ فنڪاره جيجي زرينه بلوچ جي لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ عيادت جو سلسلو جاري آهي. جيجي زرينه سان عيادت ڪندڙ رضيه جهتيال روئندي رهي. پ پ حيدرآباد جي ممتاز پنهور به رئندي رهي ۽ چوندي رهي ته جيجي زرينه جيستائين اکيون نه کوليندي مان هتان نه ويندس. شاگرد خالد جتوئي ۽ فهيم شيخ عيادت دوران جيجي زرينه کي چيو ته توهان جو اسان لاءِ ڪو پيغام، ته جيجي زرينه غشيءَ واري حالت ۾ چيو ته " ڪر اڌ ۾ نه ڇڏجو پورو ڪجو سنڌ سورن ۾ آهي" جيئي سنڌ، سپاف ۽ ايس ايس ٽي جي شاگردن پ پ جي عورتن ۽ گهر پاتين سسئي پليجو ۽ ٻين جي اکين ۾ ان وقت ڳوڙها اچي ويا ۽ ماحول ڏکوئيندڙ ٿي ويو. ان موقعي تي پ پ جي عورتن ۽ شاگردن چيو ته جيجي زرينه ۽ رسول بخش پليجو سنڌ لاءِ آسرو آهن. انهن کان پوءِ ڪالا باغ ڊيم ۽ ٻين مسئلن تي اسٽينڊ ونڊ وارو ڪو نه هوندو. ٻئي طرف سسئي پليجو "عبرت" کي ٻڌايو ته آغا خان اسپتال مان لياقت نيشنل اسپتال ۾منتقل ٿيڻ جو اسان جو خاص سبب اهو آهي ته لياقت نيشنل اسپتال ۾ نيورو سرجري بابت ٽيسٽ ٽيڪنالاجي آهي ۽ سموري ملڪ مان فقط لياقت

نيشنل اسپتال دماغ جي ٽيسٽ‌لاءِ خصوصي ٽيڪنالاجي آهي. هوڏانهن جيجي زرينہ جي عيادت ڪندڙن ۾ نامياريو سياسي اڳوان سيد خادم علي شاهہ، مخدوم جميل الزمان، غفار پٽو ۽ ٻيا آيا.

روزاني "عبرت" حيدرآباد

29-10-2005

زرينہ بلوچ ڪردار ۽ عمل ذريعي 4ڪروڙ عوام جي "جيجي" بڻجي وئي، سندس ويجهڙو قومي سانحو آهي: سياستدان ۽ اديب

جيجيءَ، ضيائي مارشلا ڪي گيتن زريعي للڪاريو: ممتاز پٽو

سنڌ قومي درد رکندڙ شخصيت کان محروم ٿي وئي: بشير قريشي

زرينہ بلوچ سنڌ جي ماءُ هئي: قادر مگسي

سنڌ جي ام ڪلثوم هئي: يوسف لغاري

جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويني: امداد حسيني

شال سنڌ سدائين اهڙيون ڌيئرون ڄڻي : مظهر الحق صديقي

قومي هيرو هئي سڃي قوم تعزيتون پئي وصول ڪري: شازيہ خشڪ

اکيون کولينديِ ئي جيجي کي قومي گيت ڳائيندي ڏٺو: جلال محمود شاهہ

جيستائين ڏرتي تي آلاپ هوندا جيجي ياد رهندي: يار محمد شاهہ

حيدرآباد: جيجي زرينہ بلوچ جي ويجهڙي ٿي سنڌ جي نامياري سياستدانن ۽ اديبن تڏي ٿي پهچي ڏک جو اظهار ڪيو آهي. ان موقعي تي سنڌ نيشنل فرنٽ جي سربراهہ متاز علي پٽو چيو تہ جيجي زرينہ قومي گيتن جي ذريعي ضيائي مارشلا کي للڪاري عوام ۾ نئون حوصلو پيدا ڪيو. اهڙي اونداهہ ۾ جيجي جا گيت ايازِ جي هن شعر ٿي تند وڙهي تلوارن سان وارو ڪردار ادا ڪيو. جسقم جي سربراهہ بشير قريشي ۽ ٻين جسقم اڳواڻن چيو تہ اڄ اسين قومي درد رکندڙ ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا ڪندر شخصيت کان محروم ٿي ويا آهن. جيجي جو ويجهڙو سموري سنڌي قوم لاءِ وڏو سانحو ۽ صدمو آهي. ايس ٿي پي جي سربراهہ ۽ پونمر سنڌ جي صدر ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ٻين ايس ٿي پي جي اڳواڻن تڏي تي پهچي عذر خواهي ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو تہ جيجي سنڌ جي ماءُ هئي. هن پنهنجي فن ۽ فڪر ذريعي سنڌ جي 4 ڪروڙ عوام جي ماءُ طور پاڻ کي تسليم ڪرايو آهي. اڄ سنڌ هڪ عظيم قومي فنڪاره کان محروم ٿي وئي آهي.

اسين جيجي جي سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ موسيقي جي ميدان ۾ ڪيل خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهون. ان موقعي تي سنڌ هاري ڪاميٽي جي سربراهه ڪامريڊ اظهر جتوئي چيو ته جيجي جي وڇوڙي بعد به سندس ڳايل قومي گيت جيئي سنڌ سدائين گونجندو رهندو. هن چيو ته قومي تحريڪ ۾ جذبو ايارڻ واري عمل ۾ جيجي جو اهم ڪردار هو. جسقپ جي سربراهه قمر پٽي چيو ته جيجي جي وڇوڙي کان پوءِ، قومي گيتن جو آواز گهٽجي ويو آهي، چو ته هوءَ سنڌ جي سجاڻپ هئي. سنڌ نيشنل پارٽي جي سربراهه امير پنيرو چيو ته جيجي جي هاريل مشعل اسين سدائين زندهه رکنداسين ۽ سندس نقش قدم تي سنڌ اڳتي وڌندي. نالياري اديب عنايت بلوچ چيو ته جيجي پنهنجي گيتن ۽ محبت ڪري هميشه امر ۽ زنده رهندي. نامياري وڪيل ۽ سياستدان يوسف لغاري چيو ته جيجي پنهنجي ذاتي شموليت ذريعي قومي تحريڪ کي جياريو. هوءَ سنڌ جي ام ڪلثوم هئي. نامياري شاعر امداد حسينيءَ چيو ته لطيف: "جان جان هئي جيئري ورجي نه ويئي، وجي پُونءِ پيئي ساريندي کي سڃڻن" جهڙو بيت جيجي جهڙن ماڻهن لاءِ ئي لکيو آهي. سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر مظهر الحق صديقي چيو ته جيجي جي وفات سان وڏو خال پيدا ٿيو. جيڪو ڪير به پري نه سگهندو. شال سنڌ سدائين اهڙيون مائرون ۽ ڌيئرون پيدا ڪندي رهي. نامياري فنڪاره شازيه خشڪ جيجي جي وفات تي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته جيجي ڪا عام عورت نه پر قومي هيرو هئي. جنهن جي تعزيت سموري سنڌي قوم وصول ڪري رهي آهي ۽ مون وٽ نه رڳو سنڌ پر پنجاب جي سرائڪي علاقي جي ڪيترين ئي نالياورين شخصيتن فون ڪري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. آئون ان ڏک جي گهڙي ۾ نه رڳو رسول بخش پليجو. ايياز پليجو، اختر بلوچ، سسئي پليجو. غلام قادر پليجو پر سموري قوم سان تعزيت ڪريان ٿي. نالياري سياستدان ۽ سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر سيد جلال محمود شاهه چيو ته اسان جيجي کي اڪيون ڪوليندي ئي قومي گيتن گائڻ ۾ ڏنو ۽ آخر تائين سندس الڳ سجاڻپ سندس قومي لوڪ گيتن ۾ وارو انداز هيو ۽ اسان کان اهڙي شخصيت وڇڙي وئي آهي پر ٻاڻ ۾ لاڻ برندي رهندي. نامياري اديب حميد سنڌي چيو ته 60 واري ڏهاڪي جي جيجي جي تحريڪ اها مشعل هئي، جيڪا سندس وفات کان پوءِ به جيجي جي لکڻين ۽ گيتن وسيلي برندي رهندي. نالياري اداڪار سيد يار محمد شاهه چيو ته جيسين ڌرتي تي آلاپ هوندو. تيسين جيجي زنده رهندي. نامياري تعليمدان ڊاڪٽر رجب ميمڻ چيو ته جيجي 1968ع کان مون کي پٽن وانگر پيار ڪيو ۽ اڄ آئون سندس وفات کي نه صرف پنهنجي لاءِ وڏو سانحو سمجهان ٿو پر جڏ مون کان پنهنجي ماءُ وڇڙي وئي آهي. ذوالفقار هاليپوٽي، نالياري موسيقار قاسم ماڪا ۽

ڪامريڊ جام ساقي چيو تہ جيجي جي وفات سڄي انسانيت جو نقصان آهي. هو امر آهي ۽ امر رهندي. هوڏانهن پ پ شهيد پٽو سنڌ جي صدر مينهان خان رند، زاهد جوڪيي ۽ ٻين جيجي جي وفات تي بيان ۾ چيو تہ اسان کان لوڪ گيتن جي راڻي جدا ٿي وئي، جنهن آخري پساهن تائين سنڌ جي حقن لاءِ پتوڙيو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-005

جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڑي تي سڄي سنڌ ۾ سوڳ

سنڌي ٻولي اختياري ۽ خيرپور يونيورسٽي ۾ ميڙاڪا

شمن ميرالي، ماسٽر منظور، وحيد هڪڙي، امير علي، صنم مارئي ۽ ٻين پاران ڏڪ جو اظهار

قمبر، عمرڪوٽ، ڇور، واهي پانڌي، سوڌو ڪيترن شهرن ۾ تعزيتي ميڙ ٿيا

حيدرآباد: جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڑي تي سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻن ڪامريڊ اظهر جتوئي، ضمير لاشاري، ايم ايس پرڳڙي، عالم ميمڻ ۽ ٻين پارٽي پاران سڄي سنڌ ۾ ٽن ڏينهن جي سوڳ جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ حيدر بخش جتوئي جي گيت جام محبت پئي سنڌ جهڙا امر گيت ڳائيندڙ جيجي جي وفات تي پوريٰ سنڌ ڏڪ ۾ آهي. هوڏانهن سنڌي ٻولي اختياري پاران چيئرمين عبدالقادر جوٽيجو جي صدارت ۾ جيجي جي وفات تي تعزيتي گڏجاڻي ڪئي وئي. جنهن ۾ اداري جي ملازمن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي عبدالقادر جوٽيجوچيو تہ جيجي جون لوڪ موسيقي توڙي سجاڳي جي شعبي ۾ وڏيون خدمتون آهن جيڪي صدين تائين سنڌ واسين کي ياد رهنديون. هوڏانهن سنڌ جي نامياري فنڪارن شمن ميرالي، وحيد هڪڙي، ماسٽر منظور، جيجي زرينہ جي لاڏاڻي تي ڏڪ جو اظهار ڪيو آهي. ڇور ۾ عوامي تحريڪ پاران تڏو وڇايو ويو. جتي غلام رسول پيپي، لال جي سوڍي، مراد علي ٽڪڙ، راجا نوهڙيي، تعزيتون وصول ڪيون. عمرڪوٽ ۾ سنڌياڻي تحريڪ پاران تعزيتي ميڙاڪو ٿيو، جنهن کي عظمت ڪلوئي، ڪرشنا ڪماري، رضيہ ڪوسو ۽ ٻين خطاب ڪيو. خيرپور يونيورسٽي ۾ شيخ اياز چيئر پاران تعزيتي ميڙاڪو ٿيو، جنهن ۾ مونس اياز، ملڪ نديم، اياز گل، ادل سومري ۽ برڪت بلوچ چيو تہ هوءَ قومي تحريڪ جي سرواڻ سان گڏ سنڌ جي لوڪ فنڪاره بہ هئي، هن هر ميدان ۾ پاڻ مڃرايو. خيرپور پريس ڪلب ۾ خان محمد جي صدارت ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿيو. سنڌي ادبي سنگت خيرپور

پاران بہ سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ راڳي ۽ فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن حيدرآباد جي استاد امير علي خان، صنم مارئي، حيدر علي، ثمينہ گل شاهد علي، پرويز عباس ۽ ٻين جيجي زرينہ جي وڇوڙي تي چيو آهي تہ جيجي جي وفات سان اسين ائين محسوس ڪري رهيا آهيون جڻ هڪ ٻيو برندڙ ڏيئو اجهامي ويو. جنهن جي روشني سان سنڌ ۾ روشني هئي. سنڌياڻي تحريڪ واهي پاندي جي اميرزادي ۽ نورجهان برهماڻي، جيجي زرينہ بلوچ جي لاڏاڻي تي 3 ڏينهن سوڳ ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي. هوڏانهن عوامي ٽحريڪ واهي پاندي جي علي گوهر برهماڻي، امبر پريمي، باغي بشير، قادر لاڙي، عوامي تحريڪ جي اڳواڻ منظور سولنگي، شاعر سڪايل سليم پٽي ۽ ٻين جيجي زرينہ جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي.هوڏانهن قمبر ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿيو، جنهن کي در محمد برڙو، قمر الدين قمر، رياضت برڙو، نور احمد کوسو ۽ ٻين خطاب ڪيو. هنن ٽي ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪندي عيد سادگي سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي تي سڄي سنڌ ۾ سوڳ

نور الهدي شاهہ، مهتاب راشدي، ديبا سحر لڙڪ روڪي نہ سگهيون

حيدرآباد: سنڌ جي قومي تحريڪ کي پنهنجي آواز ذريعي اتساهہ ڏيندڙ قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جي وڇوڙي تي سڄاڻ عورتن جو بہ وڏو انگ قاسم آباد پهتو ۽ جيجي جو آخري ديدار ڪري لڙڪ روڪي نہ سگهيو. جيجي جي ڏکويل خاندان کي آڏت ڏيڻ لاءِ جتي خاندان مان سسئي پليجو،صنم نوراني، اختر بلوچ، مريم پليجو سميت ٻيا گهر پاتي هئا. اتي نامياري ليکڪا نور الهدي شاهہ،نامياري ليکڪا صوبائي سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي، ديبا سحر، تاج مستاني، نظير قريشي ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي عورتن جو وڏو انگ لڙڪ لاڙيندو خاندان جي عورتن کي آڏتون ڏيندو رهيو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-2005

ثقافت کاتي پاران هر سال زرينہ بلوچ ايوارڈ ڈيڻ جو اعلان

حيدرآباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ جي ثقافت کاتي اعلان ڪيو آهي تہ هر سال سنڌ جي لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي نالي سان ايوارڈ ڏنو ويندو. اهڙو اعلان صوبائي وزير قمر منصور ڪي ٽي اين سان ڳالهائيندي ڪيو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي زرينہ جي گيتن نوجوانن کي انقلابي فڪر ڏنو: غنويٰ پٽو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد پٽو) جي چيئرپرسن غنويٰ پٽو، زرينہ بلوچ جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ جيجي زرينہ بلوچ جي وفات کي ملڪ خاص ڪري سنڌ جي لاءِ هڪ ناقابلِ تلافي نقصان قرار ڏنو آهي. ستر ڪلفٽن مان ڪالهہ جاري ڪيل هڪ تعزيتي بيان ۾ غنويٰ پٽو چيو تہ جيجي زرينہ بلوچ جهڙي عظيم فنڪاره جنهن پنهنجي پُراثر آواز سان انقلابي گيت ڳايا تن سنڌ جي نوجوانن ۾ انقلابي فڪر کي جنم ڏنو ۽ هو پاڻ سنڌ جي حقن جي جدوجهد ۾ سرگرم عمل نظر آئي. هن مشهور دانشور رسول بخش پليجو سان ان جي گهر واري جي وفات تي تعزيت ڪئي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-2005

جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو سيائي قاسم آباد پرنس ٽائون ۾ ٽيندو

حيدرآباد: قومي گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ جو ٽيجهو سيائي جمعي ڏينهن شام جو قاسم آباد پرنس ٽائون ۾ سندس پٽ اياز لطيف پليجو جي رهائشگاهہ تي ٽيندو.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-2005

ثقافت کاتي سنڌ جي وزير قمر منصور، سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي، ڊي جي اين ڊي جتوئي ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر منظور احمد قناصري سنڌ جي عظيم لوڪ فنڪاره جي وچوڑي تي ڏک جو اظهار

حيدرآباد: ثقافت کاتي سنڌ جي وزير قمر منصور، سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي، ڊي جي اين ڊي جتوئي ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر منظور احمد قناصري سنڌ جي عظيم لوڪ فنڪاره جيجي زرينہ بلوچ جي وچوڑي تي ڏک جو اظهار ڪندي ڳڌيل بيان ۾ چيو آهي تہ جيجي لوڪ گيتن کي جديد انداز ۾ پيش ڪري انهن کي مقبول بڻايو. هوءَ سنڌ جي

عوام خاص طور نوجوان نسل جي پسنديده فنڪاره هئي. هنن چيو تہ جيجي زندگي جي هر موڙ تي حق ۽ سچ جو علم بلند ڪيو ۽ سچي ڄمار جدوجهد ۾ گذاري.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-005

جيجي زرينہ جو لاڏاڻو سنڌ لاءِ وڏو نقصان آهي: نواز شريف، محمد ميان سومرو، جاويد هاشمي

راجا ظفر الحق ۽ چوڌري نثار پاران پليجي سان تعزيت

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف، سينيٽ جي چيئرمين محمد ميان سومري ۽ سگا اسلام آباد شاخ جي عهديدارن پاران جيجي زرينہ بلوچ جي وفات تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي جيجي جي وفات ڪي سنڌ لاءِ وڏو سانحو قرار ڏنو آهي. نواز شريف، راجا ظفر الحق، جاويد هاشمي، چوڌري نثار علي، اقبال ظفر جهگڑا، صديق الفاروق، محمد ميان سومري، سگا جي عهديدارن ابراهيم نظاماڻي، يوسف ميمڻ، حيدر سنڌيءَ ۽ هاشم ابڙو پنهنجي الڳ الڳ بيانن ۾ رسول بخش پليجي سان تعزيت ڪئي آهي ۽ مرحومہ لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي آهي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

27-10-005

اي سنڌ تو ڪي الوداع، تو ۾ هيو سارو جڳت اي جند تو ڪي الوداع
سنڌي لوڪ گيتن جي راڻي جيجي زرينہ بلوچ هزارين آلين اکين، سڏڪن ۽ سسڪين سان مٽي ماءُ حوالي

رسول بخش پليجي جي ونيءَ نوجوان شاعر ايياز لطيف پليجي جي امڙ ڪي پرنس تائون ۾ جنازي نماز پڙهڻ بعد گرڊ اسٽيشن جي ڀر واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

جيجي زرينہ بلوچ جو مڙهہ گهر مان ٻاهر ڪڍڻ وقت سسئي، اختر بلوچ،
نورالهدي شاهہ ۽ ٻيون عورتون اوچنگارون ڏئي روئيندي ون رهيون، فضا سوڳوار ٿيل

ايياز لطيف جي گهر کان هڪ ڪلوميٽر پري واقع قبرستان تائين جنازي جي جلوس دوران ٻنهي رستن تان گذرندڙ ٽريفڪ معطل ڪئي وئي

جيجي جي آخري سفر ۾ بشير قريشي، مظهرالحق صديقي،

سيد جلال محمود شاهہ، شاهہ محمد شاهہ، اظهر جتوئي، ابراهيم جويو، يوسف

لغاري شريڪ ٿيا

چام ساقي، افضل گجر، فخر الدين بلوچ، خالد ڪوڪر، غازي صلاح الدين، حفيظ ڪنير، دودو مهيري، قاضي عبدالمجيد، ديبا سحر ۽ ٻيا به آخري رسمن ۾ شامل رهيا، تعزيت جاري

